

رسول بخش پلیجي
جا چوند انترویو
ضیا اقتدار چھوڑیں
مرتب
اسماعیل خاصخیلي
لال جروار
پیکاک

رسول بخش پليجي جا چونڊ انٽرويو

مرتب

اسماعيل خاصخيلي / لال جروار

رسول بخش پليجي
جا چوند انٽرويو

مرتب

اسماعيل خاصخيلي / لال جروار

پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي سنڌ

کتاب نمبر 217

کتاب جا حق ۽ واسطا رسول بخش پليجو فائونڈيشن وٽ محفوظ

رسول بخش پليجي جا چونڊ انٽرويو

مرتب: اسماعيل خاصخيلي، لال جروار

چاپو پهريون: نومبر 2021ع

تعداد: 500 ڪاپيون

ڪمپوزر: قمر الدين ڪوسو

ٽائيٽل: سعيد منگي

قيمت: 1300 رُپيا

چپيندڙ

ايڇ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

چپائيندڙ

پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ

peacockpublishers@gmail.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

پيڪاڪ ڪتاب گهر

ڪراچي: رفيق سينٽر، زينب مارڪيٽ صدر قمر آفتاب 0300-2152634

حيدرآباد: عبرت پريس واري گهٽي ديدار شاد گوپانگ فون: 0304-3018400

لاڙڪاڻو: پرڳڙي پلازه جي سامهون: ڪامران شيخ فون: 0315-3578801

خيرپور: تهذيب نيوز ايجنسي: عمران عباس، فون: 0308-3475569

سکر: الفتاح نيوز ايجنسي: اشفاق احمد فون: 0300-3293790

سارنگ بوڪ ورلڊ: فون: 0301-3431537

دادو: مدني ڪتاب گهر: شوڪت ڪوڪر فون: 0300-3556788

انتساب

ملڪ جي باضمير، روشن خيال، ترقي پسند سياسي اڳواڻن،
ڪارڪنن، عورتن، مردن، ٻارن، ٻڌن، نوجوانن، هارين،
آبادگارن، صحافين، اديبن، دانشورن، وڪيلن جي نالي
جيڪي ڊڪٽيٽر ضياءُ الحق ۽ جنرل مشرف جي آمريت خلاف
عوام سان گڏ ثابت قدميءَ سان جدوجهد جي ميدان ۾ رهيا.

لال جروار
اسماعيل خاصخيلي

فهرست

- اداري پاران — ڈاکٹر آفتاب ابڑو — 9
- مرتب پاران — اسماعيل خاصخيلي، لال جروار — 13

نمبر	چاپيندڙ اخبار/رسالو	انٽرويو وٺندڙ	تاريخ	صفحو
1	ماهوار آواز، ڪراچي	پينل انٽرويو	فيبروري 1979ع	16
2	اخبار خواتين، ڪراچي	انيس هارون	مارچ 1985ع	25
3	ماهوار کيل رنگ، لاهور	مزمل بٽ	جولاءِ 1986ع	34
4	هفتيوار ميگ، ڪراچي	مريانہ بابر	17جولاءِ 1986ع	53
5	روزاني دي مسلم، اسلام آباد	يميما منا	4 جولاءِ 1986ع	58
6	روزاني جنگ، ڪراچي	نظير لغاري	30 جولاءِ 1986ع	63
7	ماهوار هيرالڊ، ڪراچي	زاهد حسين	آگسٽ 1986ع	71
8	هفتيوار ٽنڪ، لاهور	الطاف حسين قريشي	آگسٽ 1986ع	88
9	ماهوار زنجير، لاهور	عليم عثمان	سيپٽمبر 1986ع	96
10	ماهور شهر زاد، لاهور	پينل	نومبر 1986ع	107
11	هفتيوار برسات، ڪراچي	يوسف شاهين	اپريل-مئي1987ع	116
12	ماهوار پارس، ڪراچي	پارس پينل	جون- جولاءِ 1987ع	125
13	پندرنهن روزه عبرت مئگزين	مدد علي سنڌي	01 سيپٽمبر 1987ع	131
14	روزاني جنگ، ڪراچي	جنگ پئنل	18 مارچ 1987ع	140
15	پندرنهن روزه اخبارِ جهان، ڪراچي	نذير لغاري	11 - 17 مئي 1987ع	157
16	ماهوار سهٽي، ڪراچي	طارق اشرف	مارچ 1989ع	166
17	روزانہ اوصاف، ڪراچي	اوصاف پينل	1990ع	170
18	ماهوار عبرت مئگزين، حيدرآباد	عبرت پينل	1 سيپٽمبر 1990ع	182
19	جنگ سنڌي مئگزين، ڪراچي	سهيل وڙائچ	20 مارچ 1992ع	184
20	روزاني ڪاوش، حيدرآباد	علي قاضي	28 نومبر 1992ع	193
21	هفتيوار ڪاوش ميگ	ناز سهتو، منظور سولنگي	مارچ 1993ع	196
22	روزاني عبرت، حيدرآباد	عبرت پئنل	سيپٽمبر 1993ع	216
23	ماهوار عبرت مئگزين	جامي چانڊيو	نومبر 1993ع	236
24	ماهوار ساجاهہ	ساجاهہ سٹ	پهريون ۽ ٻيو 1994ع	243

نمبر	چاپيندڙ اخبار/رسالو	انٽرويو ونندڙ	تاريخ	صفحو
25	روزانہ برسات، ڪراچي	منظور ميراڻي	1996ع	286
26	ماهوار سائنس ڊائجيسٽ	پينل انٽرويو	آڪٽوبر 1998ع	296
27	تحريڪ ڪتابي سلسلو نمبر 3	تحريڪ سٽ	2001ع	301
28	روزنامہ خبرين، ڪراچي	يوسف وارثي	2 آگسٽ 2002ع	307
29	روزنامہ جرئت، ڪراچي	تبسم فاروق	6 جولاءِ 2003ع	310
30	روزاني ڊان، ڪراچي	صلاح الدين غازي	19 آگسٽ 2003ع	313
31	جيوَ ٽي- وي پروگرام	سهيل وڙائچ	مئي 2004ع	319
32	پندرنهن روزا اخبارِ جهان	نعيم ابرار	آگسٽ 2004ع	324
33	عوامي جمهوري فورم	پينل انٽرويو	2005ع	331
34	پندرنهن روزه افيئر	علي احمد رند	01 اپريل 2005ع	360
35	روزانہ ايڪسپريس ميگ	شفيع موسىٰ منصوري	آڪٽوبر 2005ع	368
36	ڪي-ٽي-اين نيوز	علي قاضي	مارچ 2006ع	385
37	روزاني ڪاوش، حيدرآباد	آڪاش سنتورائي	10 مئي 2006ع	399
38	پندرنهن روزه اخبار جهان	عارف عزيز پنهور	جنوري 2007ع	406
39	هفتيوار فرائيڊي اسپيشل	پينل انٽرويو	20 - 26 اپريل 2007ع	412
40	روزانہ امت	عبدالحفيظ عابد	نومبر 2007ع	433
41	روزاني عوامي آواز، ڪراچي	ذوالفقار واهوچو	13 جولاءِ 2009ع	444
42	پندرنهن روزه اخبارِ جهان	خورشيد عباسي	سيپٽمبر 2009ع	458
43	ماهوار غازي، ڪراچي (سياسي)	غازي پينل	آڪٽوبر 2009ع	465
44	ماهنامہ غازي، ڪراچي (ذاتي)	غازي پينل	آڪٽوبر 2009ع	479
45	ميگزين پاڪستان	پينل انٽرويو	16 سيپٽمبر 2017ع	483
	حصو ٻيو ادبِ شاعري بابت			
46	ماهوار نئون نياپو	نئون نياپو پئنل	1987ع	495
47	پرهہ ڦٽي پبليڪيشن، سکر	پينل انٽرويو	1988ع	569
48	ماهوار هزار داستان	جامي چانڊيو	1991ع	586
49	روزانہ ڪاوش ايڊيشن	مظهر لغاري/تسليم زنئور	1998ع	593
50	ماهوار پرهہ، ڪراچي	غلام مصطفىٰ سولنگي	آگسٽ 2010ع	629

اداري پاران

ان ست کي، سلام آهي، جنهن اهو ويچاريو تہ ملڪ جي مهان ڏاهي، عظيم دانشور، متحرڪ سياستدان ۽ ارڏي انسان محترم سائين رسول بخش پليجي جا ستر واري ڏهاڪي کان وٺي 2010ع تائين ڪانئس مختلف دورن ۾، وقت جي نالي وارن عالمن، اسڪالرن، صحافين، مداحن توڙي بدخوان پاران ورتل انٽرويو- ۽ سال ڪن سيڙائي- اصل ڪاپيون هٿ ڪري، ڪن جا ترجما ڪري، سهيڙي ترتيب سان شايع ڪرايو آهي. ٻين لفظن ۾؛

"جهڙو ڦنهل پاڻ، تهڙي ستا ساڻ جي."

يعني جيڏي قداور شخصيت آهي، جنهن کي ملڪ توڙي بين الاقوامي سياسي، سماجي، معاشي حالتن جي ڄاڻ آهي، جيڪو تاريخي واقعا سلسليوار ٻڌائي سگهي ٿو، نہ صرف انقلاب جي ميڪينزم کان چڱي طرح واقف آهي، پر دنيا ۾ ڪهڙا انقلاب ڪيئن آيا، انهن بابت پڻ مڪمل مهارت رکي ٿو، سنڌ جون سياسي حالتون ڪهڙيون آهن، ڪهڙو ڪلاس، ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو، ان بابت ۽ ڪيس پوري ڄاڻ آهي. قانون بابت سندس منشي پناهہ جگر پناهہ ٻڌائي ٿو تہ 'هاڻي سائين قانون واران ڪتابن کي هٿ ۽ ڪونہ لائي جو ملڪي قانون پيئرا ۽ فل اسٽاپ سميت ڪيس ياد آهن. سنڌ جا تاريخي واقعا ڪيس ازبر هئا، جيڪي هو موقعي جي نسبت سان مؤثر انداز ۾ ٻڌائي سگهندو هو. اهڙي ريت لطيف سائين کانسواءِ ننڍي کنڊ جي شاعرن جي شاعري ۽ ڪيس ياد هئي، مهل موقعي تي اهڙو تز شعر چوندو هو جو ٻڌندڙن جا واڌ وڃي ويندا هئا. خوداعتمادي ۽ ارڏائي ڪيس ستي ۾ پيل هيون. جو هڪ ننڍي شاگرد جي حيثيت ۾، ڪلاس ۾ اڻي ٻيهي سنڌ مدرسي جي استاد کي چئي ٿو تہ اوهان شاهہ لطيف جو شعر غلط پڙهي رهيا آهيو. استاد سندس ڳالهہ کي نہ ٿو مڃي، پر هو پنهنجي موقف تي اَٽل رهيو. ڪيس ٻين کي قائل ڪرڻ جي خداداد صلاحيت هئي، جنهن کي هن خوب استعمال ڪيو.

منهن تي سچ چَئي ڏيڻ؛ سندس ڪمزوري هئي. هن ڪيئي ڀيرا شيخ ايازَ سراج صاحب کي ست سُريون ٻڌايون. حالانڪ اهي ٻئي سندس ويجها دوست هئا. روزاني عبرت پاران پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ چَئي ٿو تہ: "ڪميونسٽ تحريڪ سنڌ ۾ تمام وڏا ڪم ڪيا، هيءَ جيڪا سڃاڻي آئي آهي. ان ۾ ترقي پسند تحرڪ جو وڏو هٿ هو. جنهن کي هاڻي شيخ ايازَ (Disown) پيو ڪري. اها تحريڪ نہ هجي ها تہ سنڌ اڄا وڌيڪ جهالت ۾ هجي ها. ان کي سمجهڻ گهرجي. ان تحريڪ اسان جو رابطو (Connection) دنيا سان ڪرايو. ڪيفي اعظمي، قرة العين حيدر جا ناول

جوش ملیح آبادي جي شاعري، انهن وڏو ڪردار ادا ڪيو. اياز ٻين جي خوبين مڃڻ ۾ انتهائي قدامت پرست ۽ ڪنجوس آهي. اياز کي رڳو پنهنجي شاعري جي ڄاڻ آهي. الائجي ڪهڙيون ويڙهو ٻگالهيون ڪري. سراج صاحب کي چوندو هو ته: ميمڻ پيسا ميڙڻ ڇڏي ڏي، سنڌي ٻولي ۽ افسانوي ادب تي ڪم ڪر. توکي انهن بابت تمام گهڻي ڄاڻ آهي. سياست ۾ به ڪو دليل ۽ منطق (Logic) جي ابتڙ ٻگالهه ڪندو هو ته ڪيس محفل ۾ ئي لاجواب ڪري ڇڏيندو هو.

منهنجي ڪنن ۾ ايڏا تائين واپڊا جي مشهور چيئرمين شمس الملڪ سان تي وي تي ڪيل مناظري جا ٻول ٻرن پيا. حالانڪ ملڪ صاحب جي سڄي عمر ان پيشي ۾ گذري ۽ پاڻ کي الائي ڇا سمجهندو هو! کائنس پڇي ٿو ته: "بھائی پانی کے بین الاقوامی معاہدے ہوئے ہیں (International Water Accords) آپ نے سنیں ہیں۔" ته هو جواب نٿو ڏئي سگهي پوءِ ڪيس ڇنبي پٽيندي ڇئي ٿو ته توکي ته انهن معاملن جي ڪا ڄاڻ ئي نه آهي ته توسان ڇا ويهي بحث ڪريان!

مون مٿي پليجي صاحب جي ڪن اهم خوبين جو ذڪر ڪيو آهي. ان کان 70 سيڪڙو وڌيڪ خوبيون اوهان هن ڪتاب ۾ پڙهي سگهندا. جيئن اڳ به ذڪر ڪري آيو آهيان ته پليجو صاحب جي پنهون هو ته ڪائنس انتر ونڊڻ به پنهنجي دور جا وڏا اڪابر، معتبر ۽ ساڃاهه وند هئا/آهن. مثلاً يوسف شاهين، الطاف حسين قريشي، زاهد حسين، سهيل وڙائچ، مريانه بابر، علي قاضي، مدد علي سنڌي، فقير محمد لاشاري، عبدالرحمان نقاش، جامي چانڊيو، ناز سهتو، نظير لغاري، انيس هارون ۽ ڪي شخصيتون پينل جي صورت ۾ آهن. هئڻ ته ائين گهربو هو ته انترويو ونڊڻ جو ڏهن/پندرهن ستن جو اڳ ۾ تعارف ڏجي ها، ته جڳ کي خبر پئي ها! ته انهن عالمن، صحافين، اديبن سان گڏ هڇائون به هيون، جن ڄاڻي واڻي پليجي صاحب جي واتان سنڌ ۽ سنڌين خلاف ڪجهه چورائڻ ٿي گهريو ته جيئن اهو رڪارڊ رهي. انهن ۾ ايجنسين جا ماڻهو به شامل هئا. انهن جو مطلب ئي سنڌ جي بدخواهي هئي، ان لاءِ مان هڪ مثال ڏيان ته: مشرف جي دور ۾ هڪ سازش طور سنڌ جي ٻن نالیوارن ڊراما نگارن: کي جهجها پيسا ۽ سهولتون ڏئي، لاهور ۾ 5 استار هوٽل تي ڪمرا، ڪاريون ڏئي، کين هدايتون ڏنيون ويون ته اردو ڊراما لکن، جن ۾ ڏيکاريو ويو ته سنڌي ماڻهو ته قاتل، عورتن جا دشمن، اڻ پڙهيا، جاهل ۽ وڏيرن جا غلام آهن، هنن جون عورتون قرآن سان شاديون ڪنديون آهن. انهن ٻن ڊرامن سنڌي قوم کي ملڪ ۾ اهڙو ته بيڙو ڪيو جو اسان اڄ تائين انهن الزامن مان جان ڇڏائي نه سگهيا آهيون. ساڳئي تناظر ۾ لاهور جي اخبار جي هڪ نمائندي کائنس سوال پڇيو ته محمد بن قاسم کي اوهان ڪيئن ٿا ڏسو- "ملڪي تاريخ ۽ نصاب مطابق ته هو اسلام جو هيرو آهي. جنهن اسلام جو جهنڊو ڦڙڪائي سنڌ کي 'باب الاسلام' جو درجو ڏياريو-" ان جي خلاف ٻگالهائڻ قانوني طور ڏوهه آهي، پر پليجي صاحب واضح موقف رکيو ته بن قاسم ٻين

جي چوڻ تي آيو هو. هو تہ پاڻ مظلوم هو، کيس قيد کيو ويو ۽ آخر ۾ چڇلائي ماريو ويو. راجا ڏاهر جي ڏيئرن، سورج ديوي ۽ پرمل ديوي کي پتين ۾ لنبائي سندن زندگي ختم ڪئي وئي، ان دور تي شاندار ڪتاب 'چچ نامو' آهي، ان جو اردو ۽ انگريزي ۾ ترجمو بہ ٿيو آهي، پنجاب جي ماڻهن کي اهو پڙهڻ گهرجي.

هڪ صحافيءَ کيس چيو تہ اوهان جو بيان آهي تہ: "قائداعظم نماز ڪونہ پڙهندو هو." ان تي پليجي صاحب يڪدم کيس چيو تہ "مون ائين ناهي چيو، بلڪ مون چيو آهي تہ اهو نماز پڙهندو هو." سو اهي سوال واضح ٿا ڪن تہ ڪهڙي ريت ماڻهو هٿراڏو سوال ڪري، پليجي صاحب کي بدنام ڪرڻ گهرن پيا، پر هيڏانهن بہ شير سنڌ هو، هر ڀالهہ جو جواب ڏيئي کين لاجواب ڪري ڇڏيندو هو.

پليجي صاحب مڪاني سياست، قومي سياست، انهن جو ميلاپ پوءِ انهن تضادن کي ايارڻ ۽ معمولي شين کي پڇ ٻڌي مهري ڪرڻ وارين چالاڪين کان چڱي طرح واقف هو. سنڌ ۾ سياسي اتحادن جي آڙ ۾ ٿيندڙ حرامپاين کان چڱي طرح واقف هو. هو پرکي ونندو هو تہ ڦلاڻو ماڻهو سياسي اتحاد ۾ ڇو ٿو اچڻ؟ چاهي ڪڏهن ڪڏهن دوستن ۾ اهڙيون ڀالهيون ڪندو هو پوءِ زماني ڏنو تہ ان ماڻهو جا مقصد پورا نہ ٿيا ۽ هو وچ راند مان اٿي هليو ويو.

'انٽرويو' جي صنف کي سوانحي ادب ۾ شامل ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ انٽرويو مان نہ صرف شخصيت جي مختلف پاسن جي خبر پئي ٿي، تہ هن نندپڻ ۾ ڪهڙا ڪم/شرارتون ڪيون، جيئن پليجي صاحب چيو آهي تہ هن نندپڻ ۾ چوريون ڪيون. مسعود نوراني صاحب کانئس پڇيو تہ "پلا تالا ٻالا بہ ڪڏهن پڳو پتيون ٽپيوَ؟"

پليجو صاحب: وراڻيو ها، تالا ٻالا پڳاسين، پتيون ٽپياسون.

اها آهي ڪردار جي سچائي! اها ڀالهہ آرام سان لکائي پئي سگهيو. سندس خاندان-غربت، تعليم تربيت، نوجواني، عشق، مطالعو سياست ۾ ڪاميابيون، ناڪاميون، سڀ هنن انٽرويوز ۾ شامل آهن ۽ چٽي سچ سان وڏي بيباڪي ۽ جرئت سان چيل آهن. وقت پجاڻا سياستدان ڪافي ڀالهيون اوجهل رکندا آهن. اهڙي طرح سچ چئي نہ سگهندا آهن ۽ پاڻ پڌائڻ ۾ پورا هوندا آهن. انٽرويو ۽ آتم ڪٿا ۾ نهرو، ابوالڪلام آزاد، گانڌي، جمال ابڙي وغيره سچ چيو آهي.

سو انٽرويوز جي آڌار تي شخصيت جو خاڪو (Life Sketch) جوڙڻ بہ ادب جو اهم پهلو آهي. ٻاهرين دنيا ۾ ائين ٿئي پيو. اهڙن خاڪن کي وڏي اهميت حاصل آهي. منهنجي ساڻين کي گذارش آهي تہ جيئن تہ سائين رسول بخش پليجو پاڻ پنهنجي 'آتم ڪٿا' ڪونہ لکي ويو آهي. ان ڪري ٽن چئن دوستن جي حوالي اهو ڪم ڪجي تہ هو پليجي صاحب جي لکڻين، انٽرويوز ۽ تقريرن مان مطلب جو مواد ڪڍي. شاندار ڪتاب جوڙي سگهن ٿا، اهڙي طرح پليجي صاحب بابت تاريخي ڄاڻ-فهم ۽ سياسي بصيرت تي بہ ڪتاب لکي سگهجي ٿو.

ڪي عالم انترويوز ڪي زندهہ تاريخ (Living History) ۾ شامل ڪن ٿا، ان حوالي سان سنڌ جي صحيح ۽ تز تاريخ لکي سگهجي ٿي تہ ڪهڙي ريت پليجي صاحب سنڌ ۾ 'استبدي سينٽرن' جو تصور ڏنو، ان لاءِ نصاب ترتيب ڏنو. ان مٿان سينئر دوستن کي مقرر ڪيو. نتيجي ۾، سڄي سنڌ ۾ هزارن جي انگ ۾ سينٽر قائم ٿي ويا. انهن سينٽرن ۾ نہ صرف سندن سياسي تربيت ٿيندي هئي بلڪ کين جديد سائنسي علم سان ڳنڍيو ويو. ڪن سببن ڪري اها رٿا اڌوري رهجي ويئي ورنہ سڄي سنڌ انقلابي شعور سان ٽمٽار هجي ها.

ان کان اڳ، جڏهن علامہ آءِ آءِ قاضي لنڊن ۾ پڙهائيندو هو تہ سندس خيال ٿيو تہ سنڌ جي ماڻهن کي اصل اسلامي فهم ۽ قرآن شريف جي حڪمت سمجهايان. ان ڏس ۾ هن سائين جي ايم سيد کي خط لکيا، جيڪي پوءِ سنڌي ادبي بورڊ پاران "ساهڙ جا سينگار" جي نالي سان شايع ٿيا. هڪ خط ۾ [22 اولڊ براڊ استريٽ 14 مئي 1931ع] علامہ صاحب سائين کي رٽ ڏني هئي تہ مسلمان قرآن پڙهندا يا نہ؟ ڪاش هنن کي پتو پوي تہ دنيا جي واهيات (حقير) شين لاءِ ڪهڙي وڏي خزاني کي وساري ڇڏيو اٿن. "جيڪڏهن تون 20 (ويهہ) پيار پريا صالح ماڻهو قرآن سکڻ لاءِ گڏ ڪري سگهين تہ آءٌ اتي اچي توڻ رهان. قبول آهي؟ دنياوي آرام ۽ بي آرامي جو مون کي فڪر نہ آهي."

پليجي صاحب وارو پلان جديد ۽ سائنسي اصولن تي مشتمل هو، جنهن ۾ سياست، انقلاب، تاريخ، فلسفو، وطن دوستي، خودشناسي، تقرير ۽ تحرير جو ڪورس پڙهايو ويندو هو. مان خود هڪ سرڪل جو ميمبر هوس.

جيتوڻيڪ عوامي تحريڪ جي مختلف محاذن طرفان استبدي سرڪل هلندا رهن ٿا پر دوستن کي ان سلسلي ۾ ڪو 'ريسرچ انسٽيٽيوٽ' جوڙي رٽابندي سان ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ وس پڄندي، ان فڪر کي ڦهلائڻ گهرجي. استبدي سرڪل جي اهميت کان ڪوبہ انڪار ڪري نٿو سگهي. ڪاش ڪو پاڻ پريو ست اڳي پئي ۽ وري ساڳي پلان هيٺ جديد انداز ۾ اسبدي سرڪل کولي.

اسان جيڪي مقصد آڏو رکي "پيڪاڪ" جو ادارو جوڙيو هو، هي ڪتاب ان نصب العين مطابق آهي. جنهن جو مول مقصد آهي: سنڌي عوام کي سياسي، تاريخي، علمي مواد، مهيا ڪري ڏيڻ تہ جيئن هو لباڙي سياستدانن، اڌ پڙهيل اديبن، تاريخ، فلسفي کان نابلد اڳواڻن کان چوٽڪارو حاصل ڪري پنهنجو دڳ پاڻ ڳاهين. لطيف سائين چيو آهي تہ: "وات وندر جي وڻ پيا ڏسيندا." وڻ ڪيئن وات ڏسيندا؟ هو فلسفو اوهان کي هن ڪتاب ۾ ئي ملندو. سو جيڪڏهن هڪڙي مقصد پريا، تاريخ، فلسفي، خودشناسي بابت ڏهہ شاهڪار ڪتاب بہ شايع ڪياسين تہ اسان جو سفر سڪل ٿيندو.

ڈاڪٽر آفتاب ابڙو
چيئرمين
پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي

مرتب پاران

محترم رسول بخش پليجي صاحب جي گوناگون شخصيت علمي، ادبي سياسي، نظرياتي، فڪري ڪمن، ڪاپي ڏُر جي پورهيت انقلابي ۽ ترقي پسند سياست، عملي جدوجهد، روشن خيالي، ملڪ ۾ حقيقي عوامي جمهوريت لاءِ ڏنل قربانين کان سندّ ۽ ملڪ جو باشعور عوام چگّي ريت باخبر آهي. پليجي صاحب کان انگريزي، اردو ۽ سنڌي اخبارن ۽ رسالن جا نامور صحافي وقت بہ وقت ملڪي ۽ عالمي صورتحال ۽ ٻين مختلف مسئلن تي انترويو ونندا رهيا هئا، جن مان ڪجهہ سنڌي ۽ اردو جا انترويو گڏ ڪري انهن کي ڪتابي صورت ۾ آندو ويو آهي. انترويوز تي مشتمل هن ڪتاب ۾ 1979ع کان وٺي 2017ع تائين جا اڪثر انترويو شامل ڪيا ويا آهن. انهن انترويوز کي هيستائين تقريباً تنهن کان سالن جو عرصو ٿي چڪو آهي. ان عرصي دوران ملڪي ۽ ٻين الاقوامي سياسي منظر نامون تمام گهڻو بدلجي چڪو آهي. سياسي، فڪري، نظرياتي، معاشي، اقتصادي طور تي وڏيون تبديليون آيون، ڇَتَ پٽن سان لڳا، عالمي سامراجي ملڪن ۽ سامراج مخالف ملڪن ۾ نيون صف بنديون ٿيون آهن.

پاڪستان ۾ جنرل ضياءُ الحق، ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ملڪ ۾ سخت مارشل لا هٽي، ملڪ جي هڪڙي چونڊيل وزير اعظم کي ڦاسي ڏني، ملڪ ۾ سياسي سرگرمين تي پابندیون هٽي سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي قيد ڪيو ويو. ملڪ ۾ ڪوڙن ۽ ڦٽڪن جو ظالماڻو، وحشتناڪ ۽ ڀيانڪ دور هو، ملڪ ۾ سياسي مانڌ، خوف ۽ ڊپ وارو ماحول جڙيل هو. پليجي صاحب جي محنت ۽ ڪوششن سان پاڪستان ۾ 1978ع ۾ ملڪگير جمهوري اتحاد "پاڪستان عوامي تحريڪ" جو بنياد وڌو ويو. اخبارن تي سنيئر شپ خلاف صحافين تحريڪ هلائي، جنهن ۾ عوامي تحريڪ ۽ سنڌي هاري تحريڪ جي ڪارڪنن ۽ صحافين سان گڏجي گرفتاريون ڏنيون. 1979ع ۾ راهوڪي ۾ عوامي تحريڪ ۽ سنڌي هاري تحريڪ طرفان ملڪگير هاري ڪانفرنس ڪئي وڃي. ان ڪامياب ڪانفرنس جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي ڪارڪنن کي بدين جي چوراهي تي سرعام ڦٽڪا هنيا ويا. پليجي صاحب ۽ شهيد عوام فاضل راهو کي گرفتار ڪيو ويو. اهڙئي ريت ملڪ ۾ ضياءُ جي سخت مارشل لا جو خوف ۽ ڊپ ختم ٿيڻ ۽ سياسي سرگرميون شروع ڪرڻ جو سلسلو جاري ٿيو، تان جو ملڪ ۾ مارشل لا خلاف ۽ جمهوريت جي بحالي لاءِ ملڪگير اتحاد "ايم. آر. ڊي" جو بنياد پيو. ايم. آر. ڊي جي پليٽ فارم تان 14 آگسٽ 1983ع کان جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا خلاف جيل پريو تحريڪ شروع

ڪئي وئي. ضياءُ الحق جي مارشل لا خلاف مسلسل جدوجهد ڪانپوءِ 1988ع ۾ عام چونڊون ڪرايون ويون. ٻئي پاسي عالمي سطح تي ٻه انتهائي وڏيون تبديليون آيون. دنيا جو پهريون سوشلسٽ ملڪ سوويت يونين عالمي سامراجي سازشن ۽ اندروني گهوٽالن سبب ٽٽي ويو. جنهن ڪري دنيا جو عالمي سياسي منظر نامون بدلجي ويو. آمريڪا سامراج دنيا جو اڪيلو سپر پاور ملڪ بنجي ويو. جنهن سامراج مخالف ملڪن خلاف سازشون ڪري، جمهوري ۽ عوام دوست حڪومتن جا تختا اونڌا ڪرائي مختلف ملڪن ۾ پنهنجا ايجنٽ ۽ دلال حڪمران اقتدار تي ويهاريا ويا. عالمي سامراجي ملڪن ۽ انهن جي ايجنٽن طرفان سويت يونين ٽٽڻ ڪانپوءِ ڪجهه وقت لاءِ سامراج مخالف عالمي تحريڪن کي ڪاپاري ڏڪ لڳو، جنهن جا اثر پاڪستان تي پيا ۽ ترقي پسند تحريڪن ۾ مايوس واري صورتحال پيدا ٿي وئي. ڪيترائي انقلابي اڳواڻ سڏائيندڙ ۽ پورهيت انقلاب جا دعويدار هڪڙا ماڻ ڪري ويهي رهيا. ٻين پنهنجون پارٽيون ختم ڪري، مختلف پارٽين ۾ سياسي پناهه وڃي ورتي ۽ ڪي ته صفا انقلاب دشمن بنجي سامراجي صفن ۾ وڃي شامل ٿيا. اهڙيءَ ٻي يقيني واري سياسي، نظرياتي ۽ فڪري ماحول ۾ محترم رسول بخش پليجي صاحب عالمي انقلابي تحريڪن جي ماوڪسي، لينني، پورهيت انقلابي نظريي جي روشني ۾ چنڊيڇاڻ ڪري تحقيقي مقالو "عالمي انقلابي پورهيت تحريڪ جو بحران عارضي آهي" لکيو. جنهن ۾ پليجي صاحب لکيو ته "جڏهن ٻه سماجي نظام پاڻ ۾ ٽڪريا تڏهن انهن ۾ ڪَٽَ هار جو فيصلو ڪنهن هڪڙيءَ پاڻي پٽ جهڙي لڙائي ذريعي ٿي ويندو ويا وڏ ۾ ڏو پنجاهه سؤ سالن اندر ٿيندو، سو خيال تاريخي حقيقتن کان اڻ واقفيت ۽ اڻ ڄاڻائي تي ٻڌل ٿيندو."

ڪامريڊ مائوز يتنگ چيو آهي ته "سوشلزم ۽ سرمائيداريءَ مان ڪير ڪٿيندو ان فيصلي ۾ صديون لڳي ويندیو."

بهرحال انترويوز تي مشتمل هن ڪتاب ۾ دنيا جي سياسي،نظرياتي، اقتصادي، فڪري صورتحال، برصغير جي صورتحال ۽ ورهاڱو، پاڪستان جو ٺهڻ ۽ ان ڪانپوءِ جي صورتحال جو جائزو، عالمي ادب، شاعري ۽ فن سان گڏ سنڌ سان ٿيندڙ زيادتين، ناانصافين، نڪين، سنڌو درياءَ جي پاڻي تي لڳندڙ ڏاڙن، روزگار، قدرتي ۽ معدني وسيلن جي ڦرلٽ، شهرن تي ڪيل قبضن، لکين ايڪڙ ڦٻايل زمينن، ملڪي سطح تي ڪابي ڏر جي ترقي پسند تحريڪن جي صورتحال سنڌ ۾ هلندڙ قومي تحريڪن جي صورتحال، پليجي صاحب جي ذاتي زندگيءَ جي احوالن، ابتدائي تعليم پرائمري مختلف ادارن ۾ ڪيل نوڪرين، جناح ۽ لياقت علي جي سياسي ٽڪرائن، پليجي صاحب جو سياست ۾ حصو وٺڻ، سنڌ هاري ڪميٽي، نعپ، بزم، صوفياءِ سنڌ، متحده محاذ، چوٽين مارچ، ون يونٽ ٽوڙيو تحريڪ، عوامي تحريڪ جو ٺهڻ، ڪابي ڏر جي سياست، ANP جو ٺهڻ، قومي، طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهدن

جو احوالن، ادب، شاعري، فن ۽ آرٽ جو ترقي پسند تحريڪن ۾ ڪردار، ان جي اهميت ۽ افاديت، سميت سنڌ، ملڪ ۽ بين الاقوامي صورتحال ۽ مسئلن بابت اهم ۽ تاريخي معلومات، ماضي ۽ حال جي صورتحال، مستقبل بابت اڳ ڪٿيون، تجزبا ۽ ٻيو گھڻو ڪجھ مواد شامل آهي.

قومي، طبقاتي ۽ ترقي پسند تحريڪن ۾ ادب، فن، آرٽ ۽ ڪلچر جي اهميت ۽ ضرورت بابت پڇيل سوال جواب ۾ پليجي صاحب چيو تہ، "ادب ۽ فن عوام يا اهي زرھ چڙهيل بکتر بند دستا آهن، جيڪي سڀ کان پهرين اڳتي وڌي ظلم ۽ جبر جو پهريون وار سَهنَ ٿا ۽ پهريون وار ڪندا آهن. ادب ۾ فن پنهنجي ٻولي کي اهو سڀ ڪجھ چوندا ۽ سمجهائيندا آهن، جڏهن ٻئي ڪنهن نموني سان چوڻ ۽ سمجهائڻ ناممڪن هوندو آهي. اڪثر ڪري هر انقلاب کان اول ادب ۽ فن ۾ انقلاب آيو آهي. اڻ ڳڻين صدين جا انڌا ظلم، ڏک، سور ادب ۽ فن جو رُوپ ڌاري عوام جي هٿيار جو روپ اختيار ڪندا آهن. ادب ۽ فن ماضيءَ جي ظلم ۽ حال جي ذلتن کان نفرت سيکارينڊو آهي.... فرانسيسي انقلاب ۾ ادب ۽ فن اڏ صديءَ تائين جاگيرداري سرشتي کي ڪاپاري ڏڪ هڻندو رهيو. روسو، والتيئر ۽ ٻين گھڻن فنڪارن، اديبن ۽ دانشورن جاگيرداريءَ نظام جي کوکلائپ کي اگھاڙو ڪيو."

پليجي صاحب ترقي پسند تحريڪن، قومي ۽ طبقاتي جدوجهد ۾ سڀ کان پهرين ادب، فن، آرٽ ۽ ڪلچر کي شامل ڪري سنڌ ۽ ملڪ جي ترقي پسند تحريڪن ۽ هڪڙي نواڻ ۽ جدت پيدا ڪئي. محترم رسول بخش پليجي صاحب جي انٽرويوز تي مشتمل هن ڪتاب تي وڌيڪ پڙهندڙ تي بهتر راءِ ڏئي سگھن ٿا.

ٽائيٽل ڪور لاءِ سعيد منگي صاحب ۽ پيڪاڪ پبلشرس جا ٿورائتا آهيون جيڪي پليجي صاحب جي ڪتابن کي هميشہ اولیت ڏين ٿا.

اسماعيل خاصخيلي، لال جروار

12 نومبر 2021ع

مُلڪ کي مڪمل طور سامراج جي چنبن ۾ ڏيڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن

ماهوار آواز ڪراچي، فيبروري 1979ع

[7 فيبروري 1979ع تي ملڪ جي اعليٰ ترين عدالت سپريم ڪورٽ جي ستن مان چئن ججن پنجاب هاءِ ڪورٽ طرفان پاڪستان جي اڳوڻي صدر ۽ وزيراعظم ۽ ملڪ جي وڏي ۾ وڏي سياسي پارٽي، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين ذوالفقار علي ڀٽي کي ڏنل موت جي سزا کي بحال رکڻ جو فيصلو ڪيو. ان کان اڳڪل مهينو کن اڳ حڪومت طرفان ملڪ گير پڪماني تي گرفتارين جو هڪ وڏو سلسلو شروع ڪيو ويو هو. ان سلسلي ۾ ڪاڀي ڏر جي اڻن تنظيمن جي اتحاد "پاڪستان عوامي تحريڪ" جي اڳواڻ ۽ سنڌي عوامي تحريڪ جي جنرل سيڪريٽري، سنڌ جي مشهور قانوندان، ليکڪ، نقاد ۽ دانشور جناب رسول بخش پليجي کي 4 فيبروري 1979ع تي مارشل لا حڪم 12 هيٺ گرفتار ڪيو ويو. محترم پليجي ملڪ جي موجوده صورتحال بابت انٽرويو گرفتاريءَ کان پندرهن ڏينهن اڳ، ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ هڪ ماهوار رسالي "آواز" کي ڏنو هو ۽ اهو "آواز" جي فيبروري واري شماري ۾ شايع ٿيو هو.]

سوال: پليجا صاحب، توهان ملڪ جي موجوده صورتحال جو تجزيو ڪري اسان کي ٻڌائيندؤ تہ موجوده برسرِ اقتدار حضرات اسان کي ڪهڙي پاسي وٺي وڃڻ گهرن ٿا؟

پليجو صاحب: ائين پيو ڏسجي تہ اُهي اسان کي فاشزم جي پاسي وٺي وڃڻ ٿا چاهين. جيڪي نظرياتي تياريون ڪيون پيون وڃن، انهن جو مطلب ماڻهن کي ذهني ۽ جذباتي طور صفا ٽڪائي ۽ بي هٿيار بڻائي، هڪ اهڙي نظام لاءِ تيار ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ حاڪم ٽولا بنا ڪنهن عوامي روڪ ٽوڪ جي سولائيءَ سان پنهنجا مفاد حاصل ڪري سگهندا. نظامِ مصطفيٰ جي مقدس نالي جي آڙ ۾ وحشي سزائون ڏيئي دهشت پکيڙڻ، عوام کي تاريخ جي وحشي دور ڏانهن ڌڪڻ، شهنشاهيت ۽ اسلامي اصولن جي انڪاري اموي ۽ عباسي خلافت وارين ڪارروائين کي تازو ڪرڻ، جن جو شمار اسين انسانيت ڪشي واري دور ۾ ڪريون ٿا. اهو سڀ ڪجهه ملڪ کي جاگيرداراڻي فوجي نظام ڏانهن واپس موٽائڻ جون ڪوششون آهن. موجوده حاڪم حضرات جي دور جي سڃاڻپ جو خاص اهجاڻ جيڪو ملڪ جي عوام ۽

سڄي دنيا آڏو ايري آيو آهي، سو اهوئي آهي.

وحشي سزائن جو مقصد، ان کان سواءِ ٻيو ڪجھ آهي تہ عوام جي جمهوري جدوجهد، خاص طور غريب طبقي جي جدوجهد کي ڊپ ۽ هراس جي وسيلي روڪيو ويجي. ڪوشش اها آهي تہ ڪنهن کي بہ چپ چورٽ جي جرئت نہ ٿئي.

هاڻ اچو اسلامي نظام ڏانهن ڏسون تہ هي حضرات آخر ڪهڙي نظام کي سندن چوٽ موجب "اسلامي" چون ٿا. اسين ڏسون ٿا تہ هڪڙو نظام سعودي عرب ۾ رائج آهي، اتي هڪڙي ئي شخص جي حڪومت آهي ۽ هڪڙو ئي خاندان سڄي ملڪ تي آپيشاهي وسيلي حاڪم آهي ۽ ڪنهن کي بہ چپ چورٽ جي جرئت ڪانهي جو اهو ائين چئي سگهي تہ آخر ڪروڙين روپين جي آمدني ڪيڏانهن ٿي ويجي؟ ان کي خرچ ڪير ٿو ڪري؟ قومي ملڪيت رڳو هڪڙي ڪٽنب جي استعمال ۾ ڇو ٿي اچي؟ قومي وسيلا ڇو هڪڙي ننڍڙي ٽوليءَ جي هٿان زيان ٿي رهيا آهن؟ پاڪستاني حاڪمن جي خواهش پٽ ساڻي آهي تہ هتي بہ اهڙو ئي راج مڙهجي. اهڙي قسم جو نظام دنيا جي سامراجي قوتن جي خواهشن پٽاندر آهي. پاڪستان تہ هونئن ئي هڪڙو بينڪي ملڪ آهي ۽ جاگيرداريءَ کان دلال سرمائيداريءَ ڏانهن تمام آهستي آهستي وڌي رهيو آهي، پر ان لاءِ ائين چوٽ بهتر ٿيندو تہ گسڪي رهيو آهي، پر سامراجين کان اها گسڪٽ واري حالت بہ ڏٺي ڪونہ ٿي ٿئي ۽ هو ان کي هڪ ٻيو ٽائي لينڊ، ڏکڻ ڪوريا يا فلپائين بنائڻ جي پنيان پيا آهن. سندن اهي ڪوششون رهيون آهن تہ پاڪستان لاطيني آمريڪا جي ڪيلي وارين رياستن وانگر ٿي رهي، جتي اڄ هڪڙو جنرل حاڪم هجي تہ سياٽي ٻيو جنرل ان کي ماري اچي حاڪم ٻڌجي. ڪو پنجويهن سالن کان حاڪم هجي، اهو مري تہ سندس فرزند ارجمند تاج مٿي تي رکي اچي تخت تي سوار ٿئي. سامراج چاهي ٿو تہ اهو ڪاروبار ائين ئي هلندو رهي. ڪوبہ ماڻهو ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪڍي ۽ ڪنهن قسم جي روڪ ٽوڪ يا جهل پل نہ هجي، مٿان وري ان ڏاڍ ۽ دهشت واري فاشزم تي اسلام جو پوش چاڙهي ڇڏيو ويجي تہ پوءِ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ! هتي وارن حضرتن تہ پنهنجي نيتن کي اُڌندي ئي اگهاڙو ڪري ڇڏيو آهي. اهو ڇيو پيو وجي تہ "جمهوريت جي ڪابہ اهميت ڪانهي." ان هوندي بہ اسان جو خيال آهي تہ ڪجهہ عرصي لاءِ هو مجبوراً جمهوريت جي واعدن جو ڪوڙو ڊونگ رچائيندا رهندا.

ان کان سواءِ هڪ ٻئي نڪتي کي ڪنيو ويو آهي، يعني پاڪستان جي سالميت لاءِ فوج جي مداخلت جو آئيني بندوبست ڪرڻ جون ڳالهيون ڪيون پيون وجن. ان سان اها ڳالهہ چٽيءَ ريت کلي پوي ٿي تہ اهي حضرت پاڪستان جي سياست جي پيچ مان هٿ ڪيڻ جو ڪوبہ ارادو نٿا رکن. سندن اها نيت ئي ڪانهي تہ عوام پنهنجا فيصلا آفيسرشاهيءَ يا فوجي مداخلت کان سواءِ جمهوري طريقي سان حل ڪري سگهن.

هن نظام کي جيئن جو تيئن رکڻ لاءِ هي حضرت گماشتي سرمائيداريءَ جي همت افزائي ڪرڻ چاهين ٿا، جيڪا هن نظام کي اقتصادي پيڙهه مهيا ڪري سگهي. جڏهن کان هي حضرت ڪرسيءَ تي ويٺا آهن تڏهن کان وٺي سندن ڪنيل اقتصادي قدم ويچار وٽان آهن. هونئن ته اسين هرگز ائين نٿا سمجهون ته جيڪڏهن ڪن صنعتن بابت رڳو ايترو چئي چڏجي ته اهي قومي ملڪيت ۾ ورتيون ويون آهن ته ڪو اهي سڀ پڇ قومي ملڪيت ٿي ويون. ان لاءِ اسان جو تجربو آهي ته اهڙي قسم جو قوميائڻ رڳو حاڪم طبقن جي دادلن جي مفادن کي وڌائڻ جو سبب بڻجي ٿو، پر جيڪي قدم هن حڪومت کنيا آهن، اهي واضح طور ٻڌائن ٿا ته دلال سرمائيداريءَ کي علي الاعلان هٿي ڏني پئي وڃي. سندن ڪوشش اهائي آهي ته ملڪ ۾ ڪلهه ڪلا سورهن ئي آنا سامراج جي پڇ لٽڪائو اقتصاديت مڙهي وڃي. ملڪي اقتصاديت کي مڪمل طور ڌارئي سامراج جي هٿن ۾ ڏيڻ لاءِ ميدان تيار ڪيو پيو وڃي.

عوامي پلائيءَ وارن ڪمن کي روڪيو ويو آهي. ناٽي جي گهوٽالي کي روڪڻ جي بهاني وڏي تعداد ۾ بيروزگاري پيدا ڪئي پئي وڃي، ته جيئن خوفناڪ بيروزگاريءَ جي ماحول ۾ پورهيت طبقو هر طرح جي زيادتين کي ماڻ ميڙ ۾ برداشت ڪندو رهي ۽ ٻاڦ به ٻاهر نه ڪڍي سگهي. مزيدار ڳالهه اها آهي ته مڪاني گماشتي سرمائيدار تي ايڏا تائين به ڪو جوڳو اثر ڪونه پيو آهي، ڇاڪاڻ ته سرمائيدار (وڏو سينيو) انهن جو به استاد آهي، ان ڪري ڪيس ڪاب خوشفهمي ڪانهي پر هو عوامي نفرت جي مڇريل طوفان جو وڏي ڏاهپ سان ڪاٽو پيو لڳائي، ان ڪري هو ٻانهن سيراندي ڏيو وڏي ويچار سان اهو پيو ڏسي ته ڪهڙو پاسو ٽو ليڻ ٽئي. هو انهيءَ انتظار ۾ آهي ته اها اقتصاديت جيڪا هينئر سڪرات ۾ آهي، سا ڪڏهن ٽي لاش ٽئي ته پوءِ ڳجهون سندس ٻوٽ پٽڻ لاءِ لهي پون! في الحال اهي رڳو مٽي ئي مٽي پيون اڏامن.

سوال: ايران جي موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي، پاڪستان ۾ سامراج جون نيتون ڪهڙيون آهن ؟

پليجو صاحب: ايڏا ته ايران ۾ ڪيتريون ئي لاهيون چاڙهيون اچي سگهن ٿيون. اتي حالتن کي هڪ هنڌ ٽِڪاءُ ڪونهي. ڪجهه وقت لاءِ ائين به ٿي سگهي ٿو ته عوام جون امنگون پنهنجي منزل نه ماڻين ۽ فوج اقتدار ۾ ٻيهر اچي وڃي. اهو به ممڪن آهي ته ائين نه ٿئي. بهرحال، سامراجي سازشن ۾ افغانستان جي حڪومت جي تختي اٽلائڻ جو پروگرام به شامل آهي. ايران جي جمهوري قوتن ۾ قوت وجهڻ جي ڪوشش به ٿي سگهي ٿي. سامراج انهن سمورين سازشن لاءِ پاڪستان جي سرزمين کي بي ڪتڪو ٿي ڪتب آڻي سگهي ٿو، مثال طور: اهي خبرون زور شور سان پيون پهچن ته افغانستان کان نام نهاد مهاجر پاڪستان پيا اچن ۽ ان ۾ به ڪو شڪ ناهي ته ايران مان پڻ اهڙي قسم جا پناهگير پاڪستان ۾ آندا وڃن. سامراج اسان جي سرزمين کي

بين الاقوامي سازشن جي آماجگاھ بنائڻ گھري ٿو. جتي ويھي ھو جيئن وڻيس تيئن ڪري سگھي. سامراج پاڪستان کان ساڳيو ڪم ونڻ چاھي ٿو. جيڪو وچ اوپر ۾ اسرائيل کان ونندو رھيو آھي. اسرائيل کي پڻ سندس چئني طرفن وارن ملڪن ۾ ايرندڙ عوامي جمھوري تحريڪن جي پٺ ۾ خنجر ٽنبڻ لاءِ استعمال ڪيو پيو ويجي. ايران مان خوار ٿي نڪرڻ کان پوءِ ھاڻ سامراج کي نون اڈن جي ضرورت آھي. ھڪڙي پاسي مصر آھي ۽ ان جو صدر انور سادات آھي ته ٻئي پاسي اسرائيل آھي ۽ ٽئين پاسي پاڪستان آھي. سندس حڪمت عملي اھا آھي ته بظاھر اسلام جا نعرا بلند ڪجن ۽ نظامِ مصطفيٰ جون ڳالھيون ڪجن پر اندر ئي اندر ھن سرزمين ۽ ھتي جي مڪاني ڇاڙتن کي مسلم قومن جي حقيقي مفادن خلاف استعمال ڪجي. ساڳيو خير جو ڪم سامراج ڪيتري عرصي کان ايران ۾ شاھ جي حڪومت دوران ۽ ڪندو رھيو آھي. ھينئر ائين ٿو لڳي ته ان خير جي ڪم جو اھو حصو جيڪو ايران پورو ڪري نه سگھيو، سو پاڪستان کان پورو ڪرائڻ گھري ٿو.

سوال: تازو پندرھين جنوري تي "ٽائيم" ميگزين ۾ بلوچستان بابت ھڪ رپورٽ ڇپي آھي، ان کان اڳ "سليگ ھيريس رپورٽ" نه رڳو شايع تي آھي پر پاڪستاني اخبارن ۾ ته ان کي ھٿ وڻي شايع ڪرايو ويو آھي. ھن صورتحال ۾ ڇا توھين اھو سمجھو ٿا ته آمريڪا بلوچستان ۾ ھاڻ خاص قسم جي دلچسپي وٺي رھيو آھي؟

پليجو صاحب: سامراج جي ته گھٽي وقت کان اھا ڪوشش ۽ حڪمت عملي رھي آھي ته قومي تحريڪن ۾ پنھنجا ماڻھو پرتي ڪرائيندو رھي. ھو ڪميونسٽ پارٽيون ۽ پنھنجي ھٿ سان ڪڙيون ڪري ڇڏيندو آھي. نه رڳو ايترو پر سوشلسٽ ملڪن ۾ ۽ سرنگون ھڻي گھڙي ويندو آھي. محبِ وطن تحريڪن تي قبضي ڪرڻ جون ڪوششون ڪرڻ ۽ کين پنھنجي ھٿ جو باز بنائڻ لاءِ حيلا ھلائڻ ته سندس پراڻو ڏنڏو آھي. بلوچستان بابت سامراج جا ۽ رخ آھن ۽ انھن ئي ٻنھي رخن کان ھو ان تي حملو ڪري ٿو. ھڪ پاسي ھو پنھنجي ڇاڙتن معرفت اھو چورائي ٿو ته اھا تحريڪ "عليحدگي پسند" آھي ۽ ان کي ھلائڻ وارا غدار آھن ۽ پوءِ پنھنجي ڇاڙتن وسيلي ان تي فوج ڪشي ڪرائي ٿو ۽ مظلوم قومن جي عوام خلاف سنگين ڏوھ ڪرائي ٿو. جڏھن ته ٻئي پاسي انھيءَ تاڙ ۾ رھي ٿو ته ان تحريڪ جو ھمدرد بنجي مظلوم قومن جي جدوجھد سندن ھٿن مان ڦري وڃي. ھن جي اھا ڪوشش ۽ ٿي سگھي ٿي ته وقت کان اڳ محبِ وطن قوتن کي ويڙھ تي مجبور ڪري، کين گھيري تباھ ۽ برباد ڪري ڇڏجي. سامراج ته ھر ڪيمپ ۾ پنھنجي ڇڙھيءَ لاءِ چار- پنج گھوڙا رکندو آھي. ڏار ڏار ادارن ۾ ھڪ ئي وقت پنجن- ڇھن ٽولين جو نيپاج ڪندو آھي. اھا سامراجي حڪمت عملي سڄي معاشري سان لاڳو رھندي آھي.

بلوچستان جي عوام خلاف سنگين جرم ڪيا ويا آھن. انھن حق تلفين ۽

مٿانئن ڪيل ظلمن خلاف غيرتمند ۽ دلير بلوچ پائرن جي جدوجهد تہ يقيناً جاري رهندي، پر آئون سمجهان ٿو تہ صورتحال صفا اهڙي ڪانهي، جهڙي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اهو بہ ممڪن آهي تہ تحريڪ کي پنهنجي هٿ جي باز بنائڻ جي ڪوشش بہ رڳو هڪڙو ڏونگ هجي ۽ سامراج جو اصل مقصد اهو هجي تہ صورتحال کي وقت کان اڳ هڪڙو هٿرادو اُڀار ڏيئي، تحريڪ کي ڪچلي ڇڏجي. هو پنهنجي مڪاني ڇاڙتن جي سهوليت خاطر اهو قدم کڻي سگهي ٿو. اهو ان ورن وڪڙن واري اٽانگي راند جو حصو ٿي سگهي ٿو جيڪا سامراج هن زمين تي کيڏڻ چاهي ٿو. جيستائين هن رپورٽ جو واسطو آهي تہ ان ۾ آيل انگن اکرن مان اها ڳالهہ ظاهر ٿيو پوي تہ رپورٽ ڪيتري قدر صحيح آهي. مثال طور: فوج بابت اهو چيل آهي تہ ان ۾ سنڌي ۽ پنجابي آهن، جڏهن تہ هر شخص چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو تہ فوج ۾ سنڌي آهن ئي ڪونہ. اهو اٿو اوهان جو "ٽائيم" مئگزين، جنهن وٽ سڄي جڳ جهان جون خبرون سربستيون موجود آهن! هو ڪيتري قدر باخبر آهن؟ اسين ان کي بي خبري چئون يا بي ايماني؟

اهڙيءَ ريت بلوچستان ۾ سنڌي سيٽلر يا ڪامورا شاهي بہ نہ هئڻ جي برابر آهي. ان هوندي بہ اسين پرزور لفظن ۾ اهو واضح ڪرڻ گهرون ٿا تہ جيڪڏهن ڪنهن هڪڙي سنڌي بہ بلوچستان ۾ هڪ انچ بہ زمين ورتي آهي تہ سنڌ جي عوام جي نظر ۾ هن سنڌي قوم خلاف هڪ سنگين ڏوهہ ڪيو آهي.

سوال: اسين ڏسي رهيا آهيون تہ پاڪستان ۾ صوبائي سطح تي ڪابہ ڏر جون تحريڪون ڪامياب رهيون آهن، جڏهن تہ ملڪي سطح تي ائين نہ ٿيو آهي. هاڻ صورتحال ۾ ڪهڙي نئين تبديلي آئي آهي جو توهان پاڪستان سطح تي ڪابہ ڏر جو اتحاد ناهيو آهي؟

پليجو صاحب: منهنجي خيال ۾ توهان اهو چئي بہ رعايت ڪري رهيا آهيو تہ اسين صوبائي سطح تي موثر يا ڪامياب آهيون. اسين نٿا سمجهون تہ ان سطح تي بہ اسان کي ڪا اهڙي ڪاميابي حاصل ٿي سگهي آهي، جنهن کي اطمينان جوڳو چئي سگهجي، پر اسين اهو سمجهون ٿا تہ اهڙيون اثرائتيون قوتون پيدا ٿي چڪيون آهن جن جو اتحاد هڪ شاندار جدوجهد جي شروعات ٻڌجي سگهي ٿو. لطيف سائينءَ جو هڪ شعر آهي تہ "سچا جوڳي اهي آهن جيڪي ڪک پن چونڊي انهن سان بہ اهڙو پنيٽ ٻاري سگهن ٿا جيڪو ڪڏهن بہ وسامي نٿو سگهي." سو اسين بہ اهو سمجهون ٿا تہ اهڙا ڪک پن موجود آهن جن وسيلي هڪ شاندار عمارت تعمير ڪري سگهجي ٿي. هڪ وڏي تحريڪ لاءِ سيڪ ڪان پهرين نظرياتي ڳانڍاپي جي ضرورت هوندي آهي، ان ڪان پوءِ ئي جدوجهد جي ڳانڍاپي جو سوال پيدا ٿيندو آهي. ٽن مرحلن مان اسين سمجهون ٿا تہ پهريون شرط يعني نظرياتي ڳانڍاپو اسان کي حاصل ٿيو آهي. پاڪستان جي ترقي پسند تنظيمن جي راهہ ۾ سيڪ ڪان وڏي رڪاوٽ اها

هئي تہ اسين هڪ بنيادي نڪتي تي متفق ڪونہ ٿيا سون. اسان جي ترقي پسند قوتن مان ڪن تہ اهو مڃڻ کان بہ انڪار ڪري ڇڏيو هو تہ هن سرزمين تي ڪي سنڌي بہ آهن، بلوچ بہ آهن، پٺاڻ ۽ بنگالي بہ آهن، سندن ڪي تاريخي حق بہ آهن ۽ انهن جي ڪا پنهنجي ڌرتي بہ آهي! معاشري جا تضاد دائمي طور تہ طبقاتي آهن پر ملڪ جي ڪنهن خاص دور ۾ ڪا هي صورت بہ اختيار ڪري سگهن ٿا. اسان جو تجربو آهي تہ پاڪستان جي خاص صورتحال ۾ انهن تضادن ئي قومي اڻ برابريءَ جي شڪل اختيار ڪئي آهي ۽ قوميتن جي حقن جو مسئلو ئي اسان جي سڄي سياسي جدوجهد جو مرڪز بڻيو رهيو آهي. ان ئي تضاد کي ڊهائڻ جي ڇڪتاڻ ۾ پاڪستان ٻہ ٽڪر ٿيو. ايوب خلاف جيڪا تحريڪ هلي هئي، ان جو بنيادي نڪتو قوميتن جي حقن جي جدوجهد هئي، جيڪا ون يونٽ جي پرپور مخالفت جي شڪل ۾ ظاهر ٿي. پٽي صاحب خلاف تحريڪ جو بڻ بنياد بلوچستان ۾ هلندڙ قومي تحريڪ هئي. اهڙيءَ ريت اسين ڏسون پيا تہ اسان جي سياسي تاريخ ۾ اڄ تائين جيڪا بہ اٽل پٽل ٿي آهي اها قومي سوال جي نالي ۾ ٿي آهي. ڪاپي ڏر ان حقيقت کي تسليم نہ ڪري هڪ وڏي غلطي ڪئي هئي. بهرحال هاڻ اسان هڪ اهڙي تاريخي موڙ تي پهتا آهيون، جتي حقيقي ۽ ايماندار وطن دوست ترقي پسند تنظيمن تي اها حقيقت چٽيءَ ريت واضح ٿي ويئي آهي. اڄ جيڪي تنظيمون "پاڪستان عوامي تحريڪ" جي جهنڊي هيٺ متحد ٿيون آهن، اهي غير مشروط طور تي دلي خلوص سان ۽ صاف لفظن ۾ قوميتن جي حمايت ڪن ٿيون، سندن جدوجهد کي انقلاب جي پلائيءَ ۾ سمجهن ٿيون ۽ اهو يقين رکن ٿيون تہ پاڪستان جي سلامتي صرف ان صورت ۾ ممڪن آهي، جڏهن اهو هڪ مڪمل رضاڪارانہ وفاق جي صورت اختيار ڪري. هيءَ آهي اها بنيادي تبديلي، جيڪا موجوده صورتحال ۾ آئي آهي. اهڙيءَ ريت نظرياتي طور تي سڀ کان وڏي رڪاوٽ هٽي ويئي آهي. هاڻ اسان وٽ اڳي جي پيٽ ۾ هڪ ڪليل رستو آهي. ائين بہ ناهي تہ هاڻي کابہ رڪاوٽ ڪانہ رهي آهي، پر هاڻ اسين انهن مان وڌيڪ سولائيءَ سان پار پئجي ويندا سون. اهائي ان اتحاد جي هڪ نرالي خوبي آهي. هاڻ آئون فخر سان اهو چئي سگهان ٿو تہ پاڪستان جي مظلوم قومن جي حقن واري جدوجهد ۾ پاڪستان عوامي تحريڪ ۾ شامل پنجابي ۽ مهاجر ساٿي نہ رڳو اسان کان بہ اڳرا آهن پر جتي اسين ڪنهن لحاظ ڪري يا ڪن تاريخي مجبورين ڪري ڪيڇي نٿا سگهون، اتي بہ اسان جا اهي ساٿي پرپور مضبوطيءَ ۽ حوصلي سان اسان جي موقف کي اڳتي وڌائي رهيا آهن. ان ڳالهہ کي اسين سندن احسان ڪونہ ٿا سمجهون. حقيقت اها آهي تہ حاڪم قومن جي ترقي پسند قوتن جو اهو نندي ۾ ننڍو فرض آهي، پر اسان لاءِ وڏي ڳالهہ اها آهي تہ پنهنجي فرض سڃاڻڻ وارا گهٽ ۾ گهٽ وجود ۾ تہ آيا آهن، ان کي اسان پنهنجي هڪ شاندار فتح ۽ مستقبل ۾ هڪ شاندار جدوجهد جي خوشخبري سمجهون ٿا. سڀ کان وڏي

ڳالهه هيءَ آهي ته پهريون پيرو ڏار ڏار صوبن جي ترقي پسند قوتن جي وچ ۾ سچي پچي اعتماد ۽ پروسي جي فضا قائم ٿي آهي. اها اسان جي هڪڙي قيمتي حاصلات آهي، ايتري قيمتي جو ان کي دشمن کان سوين قسمن جا خطرا آهن. مثال طور: اها تتي به سگهي ٿي، ان ۾ ڏارون به پئجي سگهن ٿيون، ان کي پوئتي به موٽائي سگهجي ٿو. پر جيڪڏهن ائين ٿيو ته اسين ان کي ٻيهر جوڙيندا سون، ٻيهر ناهيندا سون، چاڪاڻ ته اسان وٽ هڪ روشن انقلابي نظريو موجود آهي. ان کان سواءِ هاڻوڪي چين کان اڳ واري دور ۽ ويٽنامي دور ۾ قومي تحريڪن ۽ انقلابي تحريڪن کي هڪٻئي سان ملائي هلائڻ جي مثالن اسان کي علم ۽ جاڻ جو هڪ وڏو سرمايو ڏنو آهي. پاڪستان جي مظلوم عوام سڄو وقت سکڻ ۾ گذاريو آهي. سڄين انقلابي جمهوري وطن دوست تحريڪن، عالمي تحريڪن جي هر عمل مان علم حاصل ڪيو آهي. اهو نظرياتي ڳانڍاپو ان ڪنن عمل جو نتيجو آهي، ان ڪري اسان کي يقين آهي ته هن دور ۾ مڪمل پوئتي موٽائڻ جو عمل ممڪن ڪونهي. جمهوري ۽ انقلابي شعور کي نه پوئتي موٽائي سگهجي ٿو ۽ نه ان کي مڪمل طور تباهه ڪري سگهجي ٿو.

سوال: ڪن ڏرين اهو اعتراض اٿاريو آهي ته پاڪستان عوامي تحريڪ ۾ اهڙيون تنظيمون به شامل ڪيون ويون آهن، جيڪي سياسي نه پر ٽريڊ يونين تنظيمون آهن.

پليجو صاحب: ڏاڍو سٺو ٿيو جو توهان اهو سوال ڪيو. چاڪاڻ ته ان باري ۾ اسين گهڻو ڪجهه چوڻ گهرون ٿا. سڀ کان پهرين ته آئون اهو پڇڻ گهران ٿو ته ٽريڊ يونين جو مطلب ڇا آهي؟

ڇا اهوئي آهي نه، ته اهي طبقاتي تنظيمون آهن، توڙي اهي مزدورن جون هجن يا هارين جون هجن يا ڪن ٻين جون؟ اسين سمجهون ٿا ته پورهيتن جي طبقاتي تنظيمن لاءِ سياست حرام ٽيل ڪونهي. اهو هڪڙو پراڻو ۽ مدي خارج نظريو آهي ته ٽريڊ يونين کي سياست کان ڌيڊ ۽ شودر وانگر پري رکڻ ضروري آهي، نه ته سياست يا ٽريڊ يونين ناپاڪ ٽي پوندي. ٽريڊ يونينن کي ماضيءَ ۾ ان گس تي لڳايو ويو آهي ته رڳو بونس وغيره جي ڳالهه ڪريو ۽ پوءِ گهر ۾ ٻانهن سيراندي ڪري ستا پيا هجو. آئون سمجهان ٿو ته ٽريڊ يونين جو اهو مقصد عالمي انقلابي جدوجهد جي تاريخ ۾ نه رڳو مدي خارج رهيو آهي، پر نهايت ئي خطرناڪ ثابت ٿيو آهي. سڄي دنيا ۾ انقلابي جدوجهدن جو سڀ کان روشن مثال ويٽنام جو آهي، جنهن ڪروڙين ماڻهن ۾ هڪ نئون جوش ۽ ولولو پيدا ڪيو آهي. ويٽنام ۾ انقلابي جدوجهد جي اڳواڻي نيشنل لبريشن فرنٽ ڪئي هئي ۽ اوهان کي اها خبر هوندي ته ان ۾ شامل گهڻي کان گهڻيون تنظيمون طبقاتي هيون، نه رڳو طبقاتي تنظيمون پر پيشيوَر تنظيمون به نيشنل لبريشن فرنٽ ۾ نه رڳو شامل ڪيون ويون هيون، پر ڪين ان ۾ اڳواڻيءَ واري ۽ نهايت ئي احترام ۽ عزت جوڳي جاءِ ڏني ويئي هئي. ويٽنام جي اداڪارن ۽ اديبن

جون تنظيمون ۾ ان فرنٽ ۾ شامل هيون.

اڄ ڪٽي اهي ڳالهيون ماڻهن کي ياد هجن يا نہ، پر اها حقيقت ته ڪڏهن ۾ وساري نہ ٿي سگهجي ته انهيءَ لبريشن فرنٽ، جنهن جي هٿياربند جدوجهد ۽ سامراج کي شرمناڪ شڪست ڏيڻ وارين شاندار سوين جا پڙاڏا تاريخ ۾ ڪنهن زماني تائين گونجندا رهندا، لبريشن فرنٽ جي نائب صدر هڪ اداڪاره هئي. ان کان سواءِ ان ۾ ڏرمي اڳواڻ، مثال طور ٻوڏي ٻاوا ۾ شامل هئا. ان محاذ ۾ شاگرد تنظيمون ۾ شامل هيون. انهن حقيقتن جي روشنيءَ ۾ هڪ اتحاد ۾ شامل ٿيڻ جي شرطن جي صورت ۾ سرگرم ۽ مضبوط تنظيمن جي شرڪت تي واهيات ۽ مشيني قسم جون پابنديون لاڳو ڪرڻ جو ڪهڙو جواز باقي رهي ٿو؟

اصل مسئلو تنظيمن جي قانوني درجي- بندي ته ڪانهي، اصل سوال اهو آهي ته اهي تنظيمون انقلابي جدوجهد ۾ قربانين ڏيڻ لاءِ، سرگرميءَ سان اڳتي وڌڻ لاءِ، انقلابي ۽ جمهوري تحريڪ سان هٿ هٿ ۾ ڏيئي هلڻ لاءِ تيار آهن يا نہ. اڄڪلهه ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي صورتحال ۾ مدي خارج ۽ پراٽيون حدبنديون هرگز لاڳو نٿيون ٿي سگهن.

سوال: ڪابي ڊر جي هڪ سڄار اڳواڻ جي حيثيت ۾ اوهان غير جانبداري ۽ حقيقت پسنديءَ سان اسان کي ٻڌايو ته پيپلز پارٽي ۽ خاص طور ان جي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽي جي شخصيت پاڪستان ۾ ٽلهي ليکي عوامي جمهوري جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي؟

پليجو صاحب: حقيقت ۾ اهو هڪڙو اهڙو نازڪ سوال آهي، جنهن جي جواب جو ٽورڙو توازن ۾ هيٺ مٿي ڪيو وڃي ته جيڪر الائي ڇا مان ڇا ٻڌائي سگهجي ٿو. پر حقيقت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. جيستائين اسان جي روَيي جو واسطو آهي ته اهو سڄو جهان ڄاڻي ٿو ته پيپلز پارٽيءَ جي دور ۾ جيڪي زيادتيون يا ناانصافيون ٿيون هيون، اسان انهن خلاف ۾ آواز اٺاريو هو ۽ ان جي ڏوهه ۾ سزائون ۾ پوڳيونسين، پر جيڪڏهن اسين مجموعي طور نظر وجهنداسون ته ان دور جي شروع کان وٺي آخر تائين رڳو خرابيون ئي خرابيون نظر ڪونہ ايندیون. اسين سمجهون ٿا ته پٽي صاحب هڪ نرالو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ان جو اهو نتيجو آهي جو جيڪي ماڻهو پٽي صاحب جي دور ۾ مٽس شڪ ڪندا هئا، سي ۾ اڄ سندس وجود ختم ڪرڻ جا خواهشمند نہ آهن. مختصر طور اسين اهو چئي سگهون ٿا ته پٽي پاڪستان ۾ ماڻهن کي نوان نعرا ڏنا، پٽي اُڻندي ويهندي عوام جي ڳالهه ڪئي. اها ڳالهه اسان جي سياست ۾ هڪڙي نئين روايت هئي ته هڪڙو مٿئين طبقي جو اڳواڻ پُرزور لفظن ۾ ان ڳالهه جي تقاضا ڪري ته عوام نالي ۾ ڪا شيءِ ٿيندي آهي ۽ عوام کي اهو ۾ حق آهي ته ملڪ جو اقتدار پاڻ وٽ رکي. پٽي عوام کي اهو يقين ڏياريو ۽ ان يقين ڏيارڻ ۾ ڪامياب ۾ ٿيو ته عوام حاڪم ٿي سگهن ٿا. هن ماڻهن جي دلين ۾ اها ڳالهه

ويهاري چڏي تہ جاگيردار ۽ سرمائيدار توهان کان هيچ آهن ۽ اهي هروپرو عوام تي حڪومت ڪرڻ جو خدائي پروانو ڪٽي ڪونہ آيا آهن. پٽي عوام کي يقين ڏياريو ۽ عوام ان تي اعتبار ڪيو. هن اها ڳالهہ هڪ وڏي عزم ۽ حوصلي سان ڪئي، ڏينهن رات هڪ ڪري ڪئي ۽ هڪڙي اهڙي پليٽ فارم تان ڪئي جو هو عوام جي ذهنن ۾ پنهنجي ڳالهہ ويهارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

ٽئين دنيا جي اهڙن اڳواڻن کي سامراج ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪيو آهي. اهو جمال ناصر هجي، سهانوڪ هجي، سوئيڪارنو هجي يا ٽئين دنيا جو ڪوبہ اهڙو سياسي اڳواڻ، جنهن ۾ ٿورڙي بہ خودي هجي، حياءُ هجي، جيڪو ذليل ٻڌجي رهڻ کان انڪار ڪندو هجي ۽ عوام ۾ مقبول هجي تہ سامراج بنا دير ان خلاف محاذ کوليو چڏي. پٽي صاحب جون ڳالهيون سامراج کي تمام خطرناڪ نظر ٿي آيون. ٽئين دنيا کي متحد ڪرڻ، اسرائيل خلاف آواز اٺارڻ ۽ سادات جي حمايت نہ ڪرڻ واريون ڳالهيون سامراج کان برداشت نہ ٿيون. پٽي صاحب هڪ سامراج دشمن ڪردار ادا ڪيو. جيتوڻيڪ هن ڪافي حد تائين توازن برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سامراجي آقائن کي تہ پنهنجي غلامن مان اهڙي رويي جي بہ اميد ڪونہ هوندي آهي ۽ هو ڪنهن شخص جي ذاتي يا قومي يا طبقاتي توڙي هر قسم جي غيرت، خودي ۽ انا کي برداشت نٿا ڪري سگهن، ان ڪري پٽي کي بہ سامراج برداشت نہ ڪري سگهيو.

سوال: پرڏيهي اخبارن ۾ تبصرا ڪيا ٻيا وڃن تہ پٽي صاحب جي وجود ۾ رهڻ يا نہ رهڻ سان ملڪي سياست تي ڪهڙو اثر پوندو، ان باري ۾ توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟

پليجو صاحب: ان سلسلي ۾ اڳواٽ ڪا اڳڪٿي نٿي ڪري سگهجي. اهو ممڪن آهي تہ فوري طور ڪوبہ عوامي ردِعمل نہ ٿئي، ڇوتہ تاريخ ۾ ائين بہ ٿيو آهي، پر آئون اهو ضرور چوندس تہ اهو پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪڙو اهڙو قدم ٿيندو جنهن کي ڪڏهن بہ واپس موٽائي نٿو سگهجي. اهو هاڻ اهڙي صورت اختيار ڪري ويو آهي، جنهن جو مثال اسين يحيٰ خان جي ان تاريخي فيصلي سان ڏيئي سگهون ٿا، جڏهن هن اوير پاڪستان ۾ فوج ڪشيءَ جو اعلان ڪيو هو ۽ ٻئي ڏينهن تي ڪابہ شيءِ پهرين جهڙي ڪانہ رهي هئي. هڪڙو قدم ڪٽي چڏيو ويو هو، جنهن کان پوءِ تاريخي وهڪري جو رخ ڪوبہ موڙي نٿي سگهيو. ردِعمل پلي ڪٽي فوري طور نہ ٿئي، دير سان ئي ٿئي، اهو ممڪن آهي پر ردِعمل وڏو، وسيع ۽ گهرو ٿيندو. قومي سياست ۾ اهڙو خال پيدا ٿي پوندو جنهن کي پوءِ ڪو جبل بہ پري ڪونہ سگهندو. مون اڳ بہ چيو آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي حد تائين تہ پاڪستان اجنبي ٻڌجي سگهي ٿو. سنڌين لاءِ لفظ "پاڪستان" جي معنيٰ تہ ان هڪڙي ساعت ۾ ئي ختم ٿي سگهي ٿي.

صدين کان غلط حقيقتن واري پياريل دوا جو اثر جلد ختم نہ ٿيندو پر ماڻهو سچ ٻڌڻ ۽ جاڻڻ چاهين ٿا

انٽرويو: انيس هارون/ اخبارِ خواتين، مارچ 1985ع

[رسول بخش پليجو پنهنجو ستن سالن جو قيد ڪاٽڻ کان پوءِ آزاديءَ بعد پاڪستان جي سياسي آسمان تي اختلافي شخصيت بڻجي ايريو آفهي. سنڌ ۾ عوامي تحريڪ جي قائد ۽ هڪ مخصوص نظرئي جي طرفدار سنڌي قومپرست جي حيثيت سان ماڻهو کين سڃاڻن ٿا. 1983ع جي جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ ۾ عوامي تحريڪ جيڪو منظم ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪيو، تنهن مان اهو ثابت ٿي ويو ته سندن پاڙون عوام، خاص ڪري هارين ۾ مضبوط ڪُتل آهن، پر رسول بخش پليجي کي پنجاب جي تاريخي دوري هڪ اهم مقام تي پهچائي ڇڏيو. پنجاب واسين جنهن عاشقاڻي انداز سان سندس استقبال ڪيو، ان مان محسوس ڪري سگهجي ٿو ته هو نہ رڳو سنڌ بلڪ پاڪستان جي سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو، پر ان سان گڏ ڪجهه رجعت پرست قوتن، جيڪي کنهن به دؤر ۾ ڪاب تبديلي نہ ٿيون آڻڻ چاهين، پنهنجن بيانن ۽ مظاهرن ذريعي پليجي صاحب کي هڪ اختلافي شخصيت بڻائي ڇڏيو. هڪ طبقي سندن صاف ۽ سچ ڳالهائڻ جي واکاڻ ڪئي ۽ ٻيا شدت سان متن تنقيد ڪرڻ لڳا، ايتري قدر جو کين قاسي ڏيڻ جو مهذب نعرو پڻ لڳايو ويو، ان ڪري مون جڏهن کانئن انٽرويو ڪيو ته نہ رڳو ڪيترائي اختلافي سوال منهنجي ذهن ۾ موجود هئا، بلڪ مون پليجي صاحب جي سياسي پس منظر ۽ ملڪ جي اهم مسئلن تي سندن خيال ٻڌڻ پئي چاهيا. ان سلسلي ۾ ساڻن جيڪا ڳالهه ٻولهه ٿي، اها هيٺ ڏجي ٿي:]

سوال: پليجا صاحب! پنجاب جي دوري بابت توهان جا کڻڙا تاثرات آهن ؟

رسول بخش پليجو: تمام سٺو رهيو. دوستن نهايت خوشيءَ سان پليڪار ڪئي. آئون جتي به ويس، اتي نهايت جوش، جذبو ۽ خلوص نظر آيو. مون کي اهو محسوس ئي نہ ٿيو ته آئون ڪو غير (Out Sider) آهيان. نہ رڳو ايترو، بلڪ مون کي اها به خبر پيئي ته ماڻهو سچ جاڻڻ چاهين ٿا ۽ سچ ٻڌڻ چاهين ٿا، ڪوڙ جي تاڃي پيٽيءَ کان نفرت جي حد تائين بيزار ٿي چڪا آهن.

سوال: سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان توهان تي قومي پريس طرفان جيڪا چٽي تنقيد ڪئي ويئي..... ؟

رسول بخش پليجو: زبردست! (هو مرڪڻ لڳو) توهان جو اشارو محمد بن قاسم

طرف آهي. ڏسو، تاريخ مون تہ ڪونہ لکي آهي. ڇڪتاڻو مون نہ لکيو هو. جيڪڏهن اسان کي سالن کان غلط دوا گهوٽي پياري پئي ويئي تہ ان جو اثر ايترو تڪڙو تہ ختم ڪونہ ٿيندو، پر ڪو تہ هجي، جيڪو چوي تہ سچ ڇا آهي. اسان کي ڪوڙ جو آفيم ڇو پيو کارايو وڃي؟ سچ هميشہ ڪڙو هوندو آهي. جيڪڏهن اڄ چار ماڻهو بہ توهان جي ڳالهہ سمجهي وڃن ٿا تہ اها ڳالهہ اڳتي وڌندي. هڪ صحيح عمل شروع ٿي وڃي تہ اهو پنتي موتي نہ سگهندو، رڳو نشاندهي ڪرڻ جي ضرورت آهي. ماڻهن ۾ ايتري صلاحيت آهي تہ اهي پاڻ ئي پرکي وٺندا تہ سچ ڇا آهي ۽ ڪوڙ ڇا آهي.

هونئن بہ منهنجو هميشہ اهو اصول رهيو آهي تہ ڪنهن بہ ڳالهہ کي ان وقت تائين سچ مڃيان، جيستائين ان جي سچائي نہ پرکيان ۽ ڪنهن جي وڏائيءَ کي ان وقت تائين نہ مڃيان، جيستائين ان جو معقول سبب نظر نہ اچي. منهنجو مطلب آهي تہ هر شيءِ تي سوال (Question) ڪريو، ٻيءَ حالت ۾ ڪوڙ جو ڇار، جيڪو اسان جي چئني پاسي اُٽيو ويو آهي، ان مان ڪڏهن بہ نڪري نہ سگهنداسين. باقي جيستائين قومپرستيءَ جي ڳالهہ آهي تہ توهين ڇاڻو ٿا تہ انهن جي واڳ ڪنهن جي هٿن ۾ آهي. ڪردارڪشي ۽ سچ کي ڪوڙ ثابت ڪرڻ تہ مخصوص گروهہ جو پيشو آهي، پر پوءِ بہ مون کي خوشي آهي تہ صحيح ڳالهہ بہ اخبارن ڇاپي آهي.

سوال: تہ ڇا اهو تڪرار توهان ڇاڻي واڻي شروع ڪيو؟

رسول بخش پليجو: نہ، گفتگوءَ دوران ڳالهہ نڪري پيئي ۽ مفاد پرست، جيڪي اهم قومي مسئلن تان ماڻهن جو ڌيان ڦيرائڻ چاهين ٿا، ان ڳالهہ کي کڻي مٿي تي کنيائون. خير، ڪڏهن تہ ماڻهن کي جذبات کان هٽي ڪري پنهنجن ڏهنن سان سوچڻو پوندو. فتويٰ جاري ڪندڙن کي ڇاهي؟ مون کي نندپٽ جي هڪ ڳالهہ ياد آهي تہ هڪ مُلان هڪ فتويٰ جاري ڪري ڇڏي تہ سنڌي پڙهڻ بي حيائي آهي. اسان عربي ۽ فارسي تہ پڙهندا هئاسين، پوءِ آئون لکي لکي سنڌي ناول بہ پڙهڻ لڳس. ڪيترائي پيرا مار بہ مليم، پر آئون ڪونہ مُڙيس، پر ائين سمجهو تہ نندپٽ کان ئي تنبيهہ ٿيندي رهي آهي.

سوال: عام طور توهان ڪهڙي قسم جا ڪتاب پڙهندا هئا؟

رسول بخش پليجو: مون عرض ڪيو تہ فارسي ۽ عربي مدرسي ۾ پڙهندا هئاسين ۽ پابندي هوندي بہ مون کي سنڌي ناول پڙهڻ جي عادت پئجي چڪي هئي. شايد اتان کان منهنجي ذهن ۾ تضادن جنم ورتو، ڇاڪاڻ تہ ناولن جي دنيا ئي ٻي هئي. انجمن آرا، گل پري زاد، شهزادو جان عالم، خوبصورت محل، شهزادا ۽ شهزاديون آهن. الف ليلىٰ جا داستان پڙهندي انهن ۾ گم ٿي ويندو هئس ۽ جڏهن پنهنجي ماحول تي نظر ڦيرائيندو هوس تہ ڪابہ انجمن آرا نہ هوندي هئي، نہ ئي گل پري زاد. هتي تہ حاجره ۽ فاطمہ آهي. ڪا جوان ڇوڪري آهي، تہ بہ اها پوڙهي لڳندي آهي. جواني تہ سندن پاسي کان مَٽي ويندي هئي، ڇوتہ گهر، گهرن سان مليل

هئا. ڏينهن جو ڪيترائي پيرا روڄ راڄي جا آواز ايندا هئا. ڪڏهن ٻڏبو هو تہ فاطمہ پئي مار ڪائي، حاجرہ کي سندس ننڍو ڏير ڪُٽڪو پيو ڏئي، گهر جو ڪوبہ مرد، ننڍو هجي يا وڏو، عورت کي مار ڏيئي سگهندو هو. منهنجي ذهن ۾ اها ڳالهہ ويهجي ويئي تہ هن معاشري ۾ عورتن ۽ ڪتن کي مارڻ جائز آهي، ان سان مون کي انتهائي سخت ذهني تڪليف ٿيندي هئي ۽ آئون سوچيندو هوس تہ اها ناولن واري دنيا ڪٿي آهي؟ شايد ان کان بہ بهتر زندگيءَ جو نظام ٿي سگهي ٿو. جڏهن ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي هئي تہ وري ناولن جي دنيا ۾ پناهہ ونندو هوس.

اهي تہ غير وهمي خيال (Fantasy) سمجهو. ڪجهہ وڏو ٿيس تہ محمد عثمان ڈيپلائيءَ جا ڪتاب پڙهڻ لڳس. ڈيپلائي صاحب سنڌ جو مشهور اديب آهي، جيڪو پير پرستيءَ جو سخت مخالف هو. آئون هن کان تمام گهڻو متاثر ٿيس. سنڌ مدرسة الاسلام ۾ اسلامي ادب پڙهيم، فقہ پڙهيم ۽ پوءِ وري مودودي صاحب جا ڪتاب پڙهيم ۽ ائين ذهن جي جستجو جاري رهي. وري سوشلسٽ ادب سان جاڙ سجاڻ ٿي ۽ ترقي پسند ادب پڙهڻ شروع ڪيم. منهنجي دوست نبي احمد منهنجي سجاڻپ انجمن ترقي پسند مصنفين سان ڪرائي. نبي احمد سان گڏ چانهہ جي پيالي پيئندي سردار جعفري، ڪيفي عظمي، نياز حيدر، مخدوم محي الدين ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام ڪراچيءَ جي رستن تي جهونگارينندو هوس. مون کي مخدوم جو هي شعر ڏاڍو سٺو لڳندو هو، جيڪو اڄ بہ ياد اٿم:

جانے ان تیرہ گھرندوں میں یہ مریل دہقان،
کیسے شوریدہ نگاہوں کو جنم دیتے ہیں۔

سوال: ڇا اُتان کان توهان جي سنڌي نيشنلزم جي شروعات ٿي؟

رسول بخش پليجو: نہ. انهن ڏينهن ۾ آئون رڳو طبقن جي ڳالهہ ڪندو هوس. سنڌ مظلوم آهي، ان ڳالهہ تي مون سوچيو ئي نہ هو. قوميت جو جذبو تہ هر فرد ۾ هوندو آهي ۽ پنهنجي قوميت جي لحاظ کان آئون سخت Anti Feudal هوس. منهنجي سياست جي شروعات هڪ اردو گهراٽي ۾ ٿي. صلاح الدين صاحب، جيڪو الهہ آباد جو رهواسي هو، منهنجو استاد هو. آئون ڪراچيءَ ۾ سندس گهر ۾ رهندو هوس. مون ان کان انگريزي سکي ۽ ان ئي مون کي سوشلسٽ ادب پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ مدد ڪئي.

سوال: توهان کي ڪٽر سنڌي قومپرست چيو ويندو آهي، اها تبديلي ڪڏهن آئي؟

رسول بخش پليجو: At no point of line. I was a Sindhi nationalist alone. I believed in the right of self determination of Lenin for smaller nationalities. طبقن وانگر قومون بہ مظلوم (Oppressed) هونديون آهن. قومپرست، سوشلسٽ بہ هوندا آهن. قومپرست، سوشلستن سان اتحاد بہ ڪندا آهن. مون نعپ ۾ بہ ڪم ڪيو آهي، آزاد پاڪستان پارٽيءَ ۾ بہ هوس. جيڪا بہ ترقي پسند تحريڪ ٿيندي هئي، آئون ان جو

ساڻ ڏيندو هوس. ايوب خان جي مارشل لا جڏهن سياسي پارٽين ۾ سياسي سرگرمين تي پابندي مڙهي ته جي- ايم سيد سان گڏجي بزمِ صوفياءِ سنڌ ٺاهيم.

سوال: بقول توهان جي، توهان رڳو طبقن جي ڳالهه ڪندا هئا، ته پوءِ سنڌ جي محرومين جو احساس ڪيئن جاڳيو؟

رسول بخش پليجو: جڏهن ايوب خان ون يونٽ مڙهيو ته اسان کي خبر پيئي ته سنڌين سان ناحق ٿي رهيو آهي، نه ته ان کان اڳ اهو احساس ئي نه هو. جماعت اسلامي، ترقي پسند سنڌي اديبن جي خلاف لکيو. اردو پريس تمام گهڻي حمايت ڪئي، جي- ايم سيد تي به تمام گهڻي تنقيد ٿي. ايتري قدر جو انهن سيني (ترقي پسند سنڌي اديبن) خلاف ڪفر جون فتوائون جاري ڪيون ويون. اهو به چيو ويو ته اهي واجب القتل آهن، انهن جي خلاف جهاد ڪيو وڃي.

رجعت پرست اخبارن انتهائي گند ڪيو ۽ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اسان جي اردو اديب دوستن پاڻ کي ان تڪرار کان پاسيرو ڪري ڇڏيو ۽ اسان جي ڪابه حمايت نه ڪيائون.

سوال: توهان جي خيال ۾ انهن ائين ڇو ڪيو؟

رسول بخش پليجو: شايد انهن ان معاملي ۾ دلچسپي نه ورتي، انهن ان مسئلي کي اهميت نه ڏني. ابراهيم جويو، جيڪو سنڌ جو مشهور اديب آهي، ان وقت سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو سيڪريٽري هو. سندس ڊپارٽمينٽ جي رشيد صاحب، جيڪو جماعت اسلامي، جو هو، هن جي خلاف ڪيس ڪرايو. مهم هلايائين. اهڙيءَ طرح سنڌ يونيورسٽيءَ جي نيشنلسٽ وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان ۽ حيدرآباد جي ڪمشنر مسرور احمد جي وچ ۾ ڇڪتاڻ شروع ٿي. اسان جي اردو ڳالهائيندڙ دوستن ان کي "ذاتي تڪرار" سڏيو. شايد سندن "ترقي پسندي" جَهڪي ٿي چڪي هئي. اهي ته ننڍا ننڍا مثال آهن ۽ ڳالهه اتان ئي صاف ٿيڻ شروع ٿي.

سنڌ جي فتوائون وڪرو ڪندڙن کي مون پهريون پيرو چئلينج ڪيو، جي- ايم سيد جي اخبار هئي، ان ۾ مون مضمون لکيو، "انڊا اونڊا ويج." ان ۾ "ادب تي رجعت پرستن جا حملا" جي عنوان سان سنڌ جي ترقي پسند اديبن جو بچاءُ ڪيم. مون Anti One Unit Front جو نالو بدلائي "جيئي سنڌ محاذ" رکيو.

سوال: ته توهين جيئي سنڌ جا باني هئا؟

رسول بخش پليجو: **سڀ کان اڳ ۾ حيدر بخش جتوئي جيئي سنڌ جو نعرو تخليق ڪري چڪو هو ۽** اديب ان کي استعمال ڪري چڪا هئا. آئون جيئي سنڌ محاذ جي باني اڳواڻن مان هڪ آهيان ۽ جي- ايم سيد ان جو سربراهه هو..... ها، ته آئون سنڌ جي ماڻهن ۾ احساسِ محرومي ۽ ان جي سببن بابت ڳالهائي رهيو هوس. 1958ع جي مارشل لا کان پوءِ حالتون خراب ٿيڻ شروع ٿيون. دراصل 1959ع سنڌي قومپرستن لاءِ Triggering Point هو، هڪ Land Utilization Committee ٺاهي ويئي،

پوءِ اهو سلسلو شروع ڪيو ويو تہ (سنڌ کان) ٻاهر فلاٽو ڏيڻ ناهيو، اتان جيڪي ماڻهو ٻيدخل ٿين، تن کي سنڌ اندر ٻئراج جون زمينون ڏيئي ڇڏيو. جنرل ڪرنل قانون کان مٿانهان هئا. اهڙيءَ طرح سنڌ جون زرخيز زمينون انهن ۾ ورهائجڻ لڳيون، مهاجرن جي ڪليمن جا سلسلا شروع ٿيا، اهو الڳ داستان آهي.

1952ع جي ايڪٽ موجب هارين کي ٽيننسي حق حاصل هئا، جيڪي حيدر بخش جتوئي ۽ سندس ساٿين جي سخت جدوجهد کان پوءِ مليا هئا. نوڪرشاهيءَ ڪليمن کي Settle ڪرڻ جو جيڪو طريقيڪار جوڙيو، اُن سموري جدوجهد تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. چيو ويو تہ جيڪڏهن مسلمان ملڪن جا هاري آهن تہ انهن جا ٽيننسي حق آهن، ٻيءَ صورت ۾ نہ- ۽ ائين ٻي حساب زمينون "ڇڏيل ايراضي" (هندن جي لڏپلاڻ سبب ڇڏيل زمينون) قرار ڏيئي، هارين جي ٽيننسي حق کي ختم ڪيو ويو. ان ۾ اهي زمينون بہ شامل هيون، جيڪي هندن جون نہ هيون. حيدر بخش جتوئيءَ جڏهن ان جي خلاف آواز اٺاريو تہ اسان جي هارين سان ظلم ٿي رهيو آهي، مقامي ماڻهو ٻيدخل ڪيا پيا وڃن، تہ سندس ڳالهہ تي ڪنهن بہ ڌيان نہ ڏنو. پوءِ وري سنڌي ٻوليءَ کي نشانو بڻايو ويو، جيئن مون چيو تہ 1959ع هڪ اهم موڙ هو. ايوب خان سنڌ جي اسڪولن مان سنڌي ختم ڪري ڇڏي، جيڪا اڳ ۾ لازمي ٻولي هئي. نوڪرشاهيءَ جي پڪڙ سخت ٿيڻ لڳي. وڏي ۾ وڏو ناحق ون يونٽ مڙهڻ هو. هڪٻئي پٽيان ٽيندڙ انهن حملن سنڌ ۾ قومپرستيءَ کي جاڳايو، پر اسان جا دوست انهن اُڏمن يا جذبن کي سمجهي نہ سگهيا.

حيدر بخش جتوئيءَ جو نعرو "جيئي سنڌ" سڄي سنڌ جو نعرو بڻجي ويو، پوءِ اهو نعرو سياسي طرح استعمال ٿيڻ لڳو ۽ سياسي روايت بڻجي ويو. اديبن کان اها مشعل شاگردن ورتي ۽ پوءِ ثقافتي ڪارڪن بہ ان ۾ شامل ٿي ويا. لطيف سنڌ جي صوفي شاعر منجهان هڪ انقلابي شاعر جي حيثيت اختيار ڪري ورتي. اسان جتي بہ ويندا هئاسون، اتي تقريرون ڪندا هئاسون. مون ماڻهن کي ٻڌايو تہ شاهہ لطيف پير نہ بلڪ انقلابي جدوجهد، تبديلي ۽ انقلاب جو سڏ ڏيندڙ آهي. زرينا بلوچ انقلابي گيت ڳائڻ لڳي، ائين هڪ ثقافتي لهر اُٿي ۽ سياسي لهر ۾ جذب ٿي ويئي. جيئي سنڌ محاذ 67-1966ع ۾ زور پڪڙيو ۽ نيشنلزم جو آواز بڻجي ويو.

سوال: جيئي سنڌ محاذ جي زور پڪڙڻ تي توهان نعپ کان الڳ ٿي ويا، ڇا توهان جي نظر ۾ نعپ جي اهميت ختم ٿي ويئي هئي؟

رسول بخش پليجو: نہ، ان جو سبب هي هو تہ ايوب خان جي خلاف سياسي پارٽين گڏجي ڊيموڪريٽڪ ايڪشن ڪميٽي (DAC) جوڙي، جنهن جو مقصد، ڪجهہ بنيادي نقطن تي هڪ گڏيل پروگرام جوڙي آمريت خلاف جدوجهد ڪرڻ هو. اسان جي طرفان ون يونٽ ٽوڙڻ جو مطالبو رکيو ويو ۽ جماعت اسلاميءَ کي ان تي اعتراض هو، جنهن ڪري اسان جو اهم مطالبو ختم ڪري، ازدواجي قانونن کي ختم

ڪري، يعني چار شاديون بحال رکڻ جو مطالبو شامل ڪري، جماعت اسلاميءَ کي سهولت (Accommodate) ڏني ويئي. اها هڪ وڏي سياسي غلطي هئي ۽ سنڌ جي عوام کي انتهائي وڏو صدمو پهتو. جواب پڇڻ تي اسان جا دوست ناراض ٿي ويا، اهو منهنجو نعپ ۾ آخري ڏينهن هو.

سوال: جي- ايم سيد توهان جو شروع کان ئي ساٿي هو، توهان ان کان ڇو الڳ ٿيا؟

رسول بخش پليجو: جي- ايم سيد سان اسان جا اختلاف جدوجهد جي طريقيڪار تي ٿيا. اسان جو موقف هو ته قومي جدوجهد ۾ هلندي ۽ گڏوگڏ طبقاتي جدوجهد ۾ هلندي. جي- ايم سيد جو چوڻ هو ته في الحال طبقاتي جدوجهد ملتوي ڪريو. اسان جي خيال ۾ ائين ڪرڻ مناسب نه هو. وڏيراشاهيءَ خلاف جدوجهد کان سواءِ قومي جدوجهد ٿي ئي نه ٿي سگهي. طبقاتي جدوجهد، قومي جدوجهد جو لازمي حصو آهي. جيڪي ساٿي ان بنياد تي سوچيندا هئا، اهي جي- ايم سيد کان الڳ ٿي ويا ۽ اسان 1970ع ۾ عوامي تحريڪ جو بنياد رکيو ۽ سائنسي (Scientific) بنيادن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ايجان اسان جي شروعات هئي ته پيپلز پارٽيءَ جي عوامي سياست جو چاڙهه آيو ۽ سيڪجهه لُڙهي ويو.

سوال: پليجا صاحب! توهان جي باري ۾ چيو ويندو آهي ته حالتن کي ڏسي توهان پنهنجو موقف تبديل ڪندا آهيو ۽ توهان عوامي تحريڪ مان "سنڌي" لفظ خارج ڪري ڇڏيو، جڏهن ته توهان ڪٽر قومپرستن ۾ شمار ٿيندا هئا ۽ عوامي تحريڪ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ کان سواءِ ڪنهن جي به گنجائش نه هئي.

رسول بخش پليجو: آئون توهان جي سوال جو جواب ثبوت سان ڏيڻ چاهيان ٿو. "تحريڪ" اسان جي پارٽيءَ جو رسالو آهي، جيڪو پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت اچڻ کان پوءِ ڇپجڻ شروع ٿيو. ان ۾ منهنجا ڪيترائي مضمون قومي ۽ طبقاتي جدوجهد جي حوالي سان ڇپيل آهن. هي ڪتاب انهن مضمونن تي مشتمل آهي، آئون هن مان ڪجهه چوندڙ ٽڪرا توهان کي ٻڌايان ٿو:

"قومي ۽ طبقاتي جدوجهد هڪٻئي جا ساٿي آهن، مخالف ناهن. وڏيراشاهيءَ خلاف جدوجهد هڪٻئي جا ساٿي آهن، مخالف ناهن." (تحريڪ رسالو، 1972ع) هڪ ٻئي آرٽيڪل "قومي جدوجهد جو جاگيرداراڻو نظريو" ۾ مون واضح ڪيو آهي ته جيڪڏهن فيوڊل طبقو قومي جدوجهد جي اڳواڻي ڪندو ته اهي ڇا ڪندا. اهوئي جيڪو هاڻي ٿئي پيو. وڏيرا پنهنجي مفاد خاطر قومي جدوجهد سان ڳُجهي همدردي ڪن ٿا ۽ پنهنجن ايجنٽن ذريعي عوام کي Crash (تباهه ۽ برباد) ڪن ٿا. انهن جو ۽ اسان جو ساٿ ڪيئن هلي سگهي ٿو. هنن جي اصل تنظيم پنهنجي برادريءَ واري هوندي. وچون طبقو پيٽي بورزوا ۽ فراڊ آهي، جيڪو ڳچيءَ ۾ ٽاءِ ٻڌي، جاگيردار طبقي سان پنهنجن مفادن جو بچاءُ ڪري ٿو ۽ اهي ۽ فراڊ آهن، جيڪي پاڻ ڪامريڊ

سڏائين ٿا. ڏسو، هڪ ننڍڙو رعايتون مليل گروپ ۽ ظالم ٿي سگهي ٿو. جيڪو مظلوم قوم جو ڪُلهه ڪُلا سات نه ٿو ڏئي، اهو مارڪس يا استالن جو هيرو نه ٿو ٿي سگهي. جڏهن جرمن فوجون اتليءَ موڪليون ويون هيون تہ مارڪس جرمن هوندي ۽ اتليءَ جي دوستن جي نالي پنهنجي هڪ خط ۾ صاف صاف لکيو تہ، "اسين جرمن ترقي پسند، اتليءَ جي قومپرستن ڏانهن سهڪار جو هٿ وڌايون ٿا ۽ اسان مطالبو ٿا ڪريون تہ اتليءَ مان وحشي آسٽريائي جرمن فوج واپس گهرائي وجي."

چوڻ جو مطلب هي آهي تہ اسين نقلي ترقي پسند نظرين کي قبول نہ ٿا ڪري سگهون. سنڌ کي سمجهڻ لاءِ اسان جا مسئلا سمجهڻ ضروري آهن. اسان جي قومي غلاميءَ جا ۽ روپ آهن: فيوڊل غلامي، يعني اندرين غلامي آهي ۽ ٻي ٻاهرين غلامي آهي. وڏيراشاهيءَ جي لعنت کي ختم ڪرڻ لازمي آهي. شروع کان اڄ تائين منهنجو اهوئي موقف آهي. مون سنڌي قومپرستيءَ جي ڪا نئين وات ڪانہ ناهي آهي. اسان جو فوري مقصد قومي جمهوري انقلاب آهي.

اسين مهاجر، پنجابي ۽ پورهيت عوام جي خلاف ناهيون. ماضيءَ جا ڪي تجربا ضرور آهن، جن جو آئون مٿي ذڪر ڪري چڪو آهيان. ان کان سواءِ ٻيون ڳالهيون ۽ آهن، مثال طور: سنڌ جي خلاف مهاجر- پنجابي- پٺاڻ متحده محاذ جوڙيو ويو، جنهن جو مک نواب مظفر حسين هو، ڇا اهو غلط ناهي؟ انهن ماڻهن سنڌ جي مفادن خلاف مهم هلائي ۽ آمريت جو سات ڏنائون. آئون ان سلسلي ۾ خوشفهميءَ جو شڪار ٿيڻ نہ ٿو چاهيان، پر مون کي اميد آهي تہ مهاجر ۽ پنجابي عوام ۾ ضرور ڪي حق پرست پيدا ٿيندا ۽ سنڌ جي مظلوم ۽ بااصول عوام جو سات ڏيندا. دراصل دنيا جا سمورا پورهيت عوام ۽ انهن جا مفاد ساڳيا آهن. جيڪڏهن انهن ۾ ڪي اختلاف آهن تہ اهي ضرور حل ٿيندا، نہ رڳو پاڪستان بلڪ ايشيائي، آفريقي، لاطيني ۽ سڄي دنيا جي عوام جي وچ ۾ اتحاد قائم ٿي سگهي ٿو.

سوال: پليجا صاحب! هاڻي ڪجهہ ملڪ جي موجوده صورتحال تي ڳالهہ پولهہ ٿي وڃي. توهان جي نظر ۾ ايم. آر. ڊي جي جدوجهد ڪيتري قدر فائديمند ثابت ٿيندي؟

رسول بخش پليجو: هڪ حد تائين برقرار رهندي. جيڪي تحريڪون مٿين طبقن جي ماحول ۾ پلجنديون آهن ۽ حڪمران طبقن جي بندش هوندي آهي، انهن مان ايڏا وڏا فائدا تہ حاصل نہ ٿيندا آهن، پر بهرحال سياسي پارٽين جو هن وقت گڏيل مطالبو جمهوريت جي بحالي آهي ۽ اها هڪ چڱي ڳالهہ آهي تہ پ پ ۽ ايم. آر. ڊي جا اڳ کان بهتر لاڳاپا رهن. سياسي جو فيصلو آهي تہ 14 آگسٽ گڏيل طور ملهائينداسين.

سوال: اي- اين- پي جي مستقبل جي باري ۾ ماڻهن جي ذهنن ۾ وڏا شڪ شبها آهن، اهو الائنس ڪيترو وقت هلندو ۽ عوامي تحريڪ سنڌ ۾ جيڪو ڪم ڪيو آهي، تنهن کي نقصان پهچڻ جو خطرو ناهي؟

رسول بخش پليجو: ڏسو، اسان سچيءَ دل سان محسوس ڪيو ته هن وقت سمورين ترقي پسند قوتن جو اتحاد وقت جي ضرورت آهي ۽ جيترو جلد ٿئي بهتر آهي. عوامي تحريڪ کي نقصان به ٿي سگهي ٿو، پر اسان پنهنجي پارٽيءَ جي حوالي سان نه، بلڪ عوام جي گڏيل مفادن کي اڳيان رکي اهو فيصلو ڪيو آهي. ائين سمجهو ته:

بي خطر ڪود پڑا آتشِ نمرود مين عشق.

اسان ڪنهن عهدي جا اميدوار ڪونه هئاسين. اسان هڪ گڏيل لائحہ عمل تي ڪم ڪنداسين. هاڻي سنڌ ۾ عوامي تحريڪ جو ڪم اي- اين- پي جي حوالي سان ٿيندو. خطرا ته آهن، اخبارون اسان سان ناهن، حڪمران طبقو به اسان کي نشانو بڻائيندو. پاڻ ۾ چئن پارٽين جا ماڻهو به گڏجن ته اها وڏي دل ۽ جگر جي ڳالهہ آهي ۽ اسان کي مفاهمت کان ڪم ونڊو پوندو. سمورن ڪُٽڪن هوندي به اسان اهو سوچيو آهي ته هي اتحاد اسان کي طاقتور بڻائيندو ۽ ڪيترائي نوان گس کولينداو.

سوال: پ پ پ ملڪ جي سڀ کان مشهور پارٽي آهي، انهن جو مطالبو آهي ته مڊ ٽرم اليڪشن ٿيڻ گهرجي، توهان جو ڇا خيال آهي؟ توهان جي پارٽي ان سلسلي ۾ ڪيتري حد تائين سهڪار ڪندي؟

رسول بخش پليجو: ايم. آر. ڊي جي ڪنهن به پارٽيءَ ڪوڙين ۽ بوگس چونڊن کي قبول ناهي ڪيو. اسين ته هر سال چوندا آهيون ته جماعتي بنيادن تي چونڊون ڪرايو. هاڻي جڏهن هڪ ساڻي جماعت چوي ٿي ته سرءُ ۾ چونڊون ٿيڻ گهرجن، ته بلڪل سرءُ ۾ ٿيڻ گهرجن، باقي جيستائين سهڪار ڪرڻ جي ڳالهہ آهي، ته پ پ پ جيستائين جمهوريت جي رستي تي هلندي، اسين ان سفر ۾ ساٿس گڏ آهيون.

سوال: سنڌ جي صورتحال نهايت خطرناڪ آهي، ان ۾ ڪيترائي سياسي عوامل ڪم ڪندڙ آهن. جي- ايم سيد پاڪستان ٽوڙڻ جون ڳالهيون ڪري ٿو، ته ممتاز ڀٽو ڪنفيڊريشن جو مسئلو پيو اٿاري. انهن Parochial نعرن کي ڪيئن منهن ڏيئي سگهجي ٿو؟ ۽ بهرحال، چگي خاصي تعداد ۾ ماڻهو انهن سان گڏ ته آهن.

رسول بخش پليجو: آئون انهن کي Parochial ته نه، البت Agent Provocateurs ضرور چوندس. اصل جدوجهد ته آمريت جي خلاف ٿيڻ گهرجي، سنڌي عوام جي غلاميءَ خلاف ٿيڻ گهرجي، پر هي ماڻهو ته حڪمرانن سان به بهتر لاڳاپا رکيو وينا آهن. انهن جو اصل ڪم آهي حڪومت جي مخالفن کي چيپاڙڻ. جيڪا احساسِ محرومي آهي، هي ان جو فائدو ونڻ ٿا، جذباتي نعري بازيءَ سان Credit حاصل ڪن ٿا، عوام جي مفاد لاءِ اصل ڪم نه ٿا ڪن، چاڪاڻ ته اهو هنن جي مفاد ۾ ناهي هوندو.

ان سان منهن ڏيڻ جو طريقو هي آهي ته چگي خاصي تعداد ۾ ماڻهو صحيح جدوجهد ڪن ۽ اهي مسئلا کڻن، جيڪي انهن اڳ نه کنيا هجن، مثال طور:

وڏيراشاهي ختم ڪئي وڃي، زمينون هارين ۾ ورهايون وڃن، سنڌ جون نوڪريون سنڌين کي ڏنيون وڃن وغيره وغيره. مسئلا اهڙا ڪٿجن جو غير سنڌي ۽ انهن جي مخالفت نه ڪن، حڪمرانن تي دٻاءُ وجهجي ۽ صحيح جدوجهد ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهو شريڪ ٿين ته هن خطرناڪ صورتحال کي سنڀالي سگهجي ٿو.

سوال: عام تاثر اهو آهي ته صرف پيپلز پارٽي ئي پاڪستان دشمن تحريڪن جي خلاف واحد اميد آهي.

رسول بخش پليجو: ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اها تمام اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. پيپلز پارٽي اهو ڏيڪاري سگهي ٿي ته سيني ماڻهن کي پنهنجا حق ملن. مظلوم ماڻهن کي سندن حق ۽ انصاف ڏيارڻ واري جدوجهد ۾، پيپلز پارٽي انهن جو ساٿ ڏئي ته اها ملڪ جي هيڪڙائي ۽ اتحاد لاءِ نهايت اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

سنڌ ۾ سنڌين جي اڪثريت ۽ مالڪي جو حق قبول ڪرڻ سان ئي ملڪي معاملا ٺيڪ ٿيندا

انٽرويو: مزمل بٽ/ ماهوار ڪيل رنگ لاهور، 1986ع

[سنڌ مان ايم. آر. ڊي جو ڪنوينر جناب رسول بخش پليجو جولاءِ جي شروعات ۾ لاهور آيو تہ سياسي ماحول ۾ نئين قسم جي چرپر پيدا ٿي. ماڻهن نهايت شوق ۽ خلوص سان سندس ڳالهيون ٻڌيون، سندس ڳالهيون دلين ۾ سانڍيون ۽ پڙهيل لکيل ماڻهن جي چگي خاصي اڪثريت جڻ سندس مريد ٻڌجي ويئي. ان دوران ڪن ماڻهن پليجي صاحب کي ٻڌڻ کان سواءِ، حقيقت جاڻڻ بنا، جوشيلا بيان پڻ ڏنا، پر عوام جي محبتن پريل سمنڊ جي چولين ۾ نفرت جي جيڪا پت تعمير ڪئي پئي ويئي، اها ذرا ذرا ٿي لڙهي ويئي. پليجي صاحب، پنجاب جي ليڊرن کي سياست جا نوان رخ ڏيکاريا ۽ ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ صوبن جي عوام کي هڪبئي جي ويجهو اچڻ گهرجي، اليڪشنون لڳاتار ۽ جماعتي بنيادن تي ٿيڻ گهرجن. هن نفرتون پيدا ڪندڙ ۽ هڪبئي کان پري ڪندڙ عنصرن جي نشاندهي پڻ ڪئي ۽ سنڌ جي عوام لاءِ پنجاب جي عوام جون محبتون بہ پنهنجي جهول ۾ پري ڪنيون.

رسول بخش پليجو جنگشاهي ضلعي ٺٽي جي ڳوٺ منگر خان پليجو ۾ پيدا ٿيو. ٽئين درجي تائين ڳوٺ جي سرڪاري پرائمري اسڪول ۾ پڙهيو. ان کان پوءِ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو، جتي قائداعظم محمد علي جناح شروعاتي تعليم ورتي هئي. اتي هن 1943ع کان 1947ع تائين تعليم حاصل ڪئي. ايس- ايم ڪاليج مان گريجوئيشن جي ڊگري ورتائين. ان دوران ڪافي ننڍيون ننڍيون ملازمتون ڪيائين. پوءِ حيدر بخش جتوئيءَ جي هاري تحريڪ ۾ شامل ٿيو. پوءِ صحافي ٿيو. رسالي "صداقت" جو ايڊيٽر بڻيو. "ترقي پسند مصنفين" ۾ شامل رهيو. سنڌي ادبي سنگت ۾ ڪافي وقت گذاريائين. ون يونٽ قائم ٿيڻ کان پوءِ هاري ڪميٽيءَ تي پابندي مڙهي ويئي تہ پاڻ نئين واٽ ڳولي لڌائون. مرحوم حيدر بخش جتوئيءَ جو ويجهو ساٿي رهيو، جنهن ڪري جاگيردارن ۽ وڏيرن خلاف ويڙهہ جاري رکيائين. ڪجهہ عرصو جي- ايم سيد سان گڏ گذاريائين، پر جڏهن جي- ايم سيد، ايوب کهڙي جهڙن جاگيردارن جو ساٿ ڏيڻ شروع ڪيو تہ هو ڪانئس الڳ ٿي ويو ۽ پنهنجي عوامي تحريڪ جو بنياد رکيائين. رسول بخش پليجو سياستدان، مفڪر، دانشور، عالم، قانوندان، اديب، نقاد، شاعر ۽ صحافي

پڻ آهي. جام ساقيءَ کان پوءِ هي واحد اڳواڻ هو جيڪو ضياءُ حڪومت جي دؤر ۾ سياسي کان وڌيڪ عرصو جيل ۾ رهيو. هو ڳالهه ٻولهه ۾ تقرير ۾ لفاظي نه ٿو ڪري، صاف ۽ ڪري ڳالهه ڪري ٿو. بهترين مقرر ۽ قابل احترام مفڪر ۽ دانشور آهي. هن وسيع تر اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ عوامي تحريڪ کي عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ گڏائي ڇڏيو ۽ ان جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر بڻجي ويو. "ڪيل رنگ" ميگزين ٽن مختلف وقتن تي ٽيل گڏجاڻين ۾ سندس ڪيل تقريرن جو خلاصو ۽ ڪانئس ورتل خاص انٽرويو جو خلاصو پيش ڪرڻ جو اعزاز ماڻي رهيو آهي. پليجي صاحب جون ڳالهيون غور، فڪر ۽ ڌيان جون گهرجائو آهن ۽ پڻ اختلاف جو حق پنهنجي جاءِ تي موجود رهي ٿو، پر اها حقيقت آهي ته هڪٻئي سان اختلافن جي باوجود ايم. آر. ڊي ۾ شامل پارٽين پليجي صاحب کي پنهنجي پليٽ فارم تان خطاب ڪرڻ جي دعوت ڏني، سندس خيالن جي واکاڻ ڪئي ۽ سندس جدوجهد جي واٽ قبول ڪئي. مزمل بٽ]

سنڌ جي موجوده سياسي، اقتصادي ۽ امن امان جي صورتحال بابت پليجي صاحب چيو:

جيتوڻيڪ اتي (سنڌ ۾) صورتحال انتهائي نازڪ آهي ۽ پاڪستان جي سموري عوام کي ان تي غور ڪرڻ گهرجي. هن وقت پاڪستان جي صوبن ۾ سنڌ اهڙو صوبو آهي، جتي ايترو دٻاءُ آهي جيترو پهرين اولهه پاڪستان (بنگلاديش) تي هو، وري بلوچستان تي هو ۽ انهن (اصل اقتدار ڌڻين) جون مهربانيون اڇڪلهه سنڌ تي وڌيڪ آهن. سنڌ ۾ هن وقت پاڻي ڪونهي، سنڌو درياهه سُڪل ٿوڻ آهي، اُن ۾ واري پيئي اُڏامي. ٻئي پاسي ڏاڙيل راڄ آهي، رات جو بنا وردیءَ وارا ڏاڙيل ۽ ڏينهن جو باوردي ڏاڙيل! پوليس شڪارين جيان عوام جي پٺيان پيل آهي. ڪنهن کي چون ٿا ته تو فلاڻي ڏاڙيل کي پناهه ڏني آهي، ته ڪنهن کي وري چون ٿا ته تنهنجو فلاڻي ڏاڙيل سان واسطو آهي. اهڙيءَ ريت پوليس عوام کي پريشان ڪري رهي آهي. رشوت زبردستيءَ ورتي وڃي ٿي. هوڏانهن ڏاڙيل ماڻهو اغوا ڪري پُنگ پيا اُوگاڙين. هڪ ڪلرڪ کي پڪڑي ويا، ڪنهن ٻئي عام ماڻهوءَ کي کڻي ويا. هو وڏن ماڻهن کي اغوا نٿا ڪن، صرف غريب، مسڪين ۽ بي يارو مددگار ماڻهن کي نشانو بڻائين ٿا.

هن وقت سنڌ ۾ پوليس جا ڪيترائي قسم آهن. وري اُتي وک وک تي فوجي چانوڻيون آهن. سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن. ڪي آدمشماريءَ جا انگ اکر ٻڌائيندي چون ٿا ته سنڌي 40 سيڪڙو آهن. ڪو چوي ٿو ته 30 سيڪڙو آهن ۽ ڪو چوي ٿو ته 50 سيڪڙو آهن. سنڌ تي ٻين ملڪن ۽ صوبن کان اچڻ وارن ماڻهن جو دٻاءُ پاڪستان ٺهڻ کان هڪدم پوءِ پوڻ شروع ٿي ويو، جيڪو دٻاءُ اڃان تائين جاري آهي ۽ اهو انتهائي حد تي پهچي چڪو آهي. هن وقت سڄي ملڪ ۾ صرف سنڌي ئي آهن، جن کي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي اقليت ۾ تبديل

ڪيو پيو وڃي، جنهن ڪري اُتي انتهائي پريشانيءَ وارو ماحول آهي. تعليمي ادارن ۾ هٿياربند سرڪاري غنڊن جو راڄ آهي ۽ انهن غنڊن جي آڙ ۾ تعليمي ادارن کي جيل خانن ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. وري انڊير نگري ڏسو، پاڻ ئي چون ٿا ته اتي غنڊه گردي آهي. جن غنڊه گردي راج قائم ڪيو آهي ته ظاهر آهي اتي غنڊه گردي به ضرور موجود هوندي. انهن، پنهنجن غنڊن کي هٿياربند ڪري ڇڏيو آهي ۽ غنڊه گردي ڪرڻ جي ڇوٽ ڏئي ڇڏي آهي ۽ اهي ڇڙواڳ حرڪتون ڪندا رهن ٿا. معصوم شاگردن کي مارڻ، داداگيري ڪرڻ، دهشت پکيڙڻ سندن روز جو معمول بڻيل آهي. جڏهن ته شاگرد هميشه امن ۽ جمهوريت پسند هوندا آهن، اهي جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪرڻ چاهين ٿا ۽ انهن (حڪمران ڏرين) شاگردن کي بدظن ڪرڻ ۽ دٻائڻ لاءِ پرائيويٽ آرمي مقرر ڪري ڇڏي آهي ۽ انهن کي ڪليل ڇوٽ مليل آهي ته اهي شاگردن کي مارين يا جيڪي وٽين سو ڪري سگهن ٿا. اهڙن ڪڏن ڪرتوتن کي لڪائڻ لاءِ حڪومت چوي ٿي ته اهي اينٽي پنجاب (پنجاب مخالف) آهن. اهڙيءَ طرح ڪارروايون ڪرائي، وري پاڻ ئي گهوڙا گهوڙا ڪن ٿا ته پنجابين سان ظلم ٿي رهيو آهي ۽ وري اهو به راڳ آلاپين ٿا ته سنڌي تباهه ٿي رهيا آهن. اهو سندن پراڻو ڊونگ آهي.

توهين سنڌ ۾ پنجاب خلاف نعرا هڻندؤ ته حڪمران اوهان کي شاباس ڏيندي، زباني نه بلڪ ٻئي طريقي سان. ان عمل تي بي انتها خوش ٿيندا. مون کي شڪ آهي ته اهي (حڪمران) سنڌين کي ميسارڻ لاءِ وڏو قهرام ڪرڻ جا سانباها ڪري رهيا آهن. اهي پنهنجن پالیل غنڊن ۽ دهشتگردن ذريعي اهڙيون حرڪتون ڪرائي، ماڻهن کي ان طرف ڌڪي رهيا آهن جتي جذبات تي قابو رکڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي، ان ڪري بيحد ظلم ٿي رهيو آهي. پاڻي ڪونهي، روزگار اٽلپ، غنڊه گردي عام جام، تعليمي ادارا بند هوندا، غنڊه گردي ڪرائي وري فوج جي چڙهائي ڪرائي ويندي، ڏاڙيلن جون ڪارروايون جاري هونديون، چئني پاسي الامان والحفيظ جا نعرا گونجي رهيا آهن. وري جڏهن انهن کي ڪراچي يا ٻئي ڪنهن هنڌ موقعو نه ٿو ملي ته شيعا سني فساد ڪرائين ٿا. جيڪڏهن ان ۾ ڪامياب نه ٿا ٿين ته "رسول الله" ۽ "يارسول الله" جا فساد ڪرائين ٿا. اهي فساد ڪرائڻ جا ماهر آهن، ڪين ان لاءِ خاص تربيت ڏني ويندي آهي. مون کي ائين ٿو لڳي ته ان طرح جا فساد ڪرائي، سنڌين کي تباهه ڪرڻ يا مورڳو ئي نيست و نابود ڪرڻ جي سازش جوڙي ويئي آهي.

آئون پاڪستان جي سمورن جمهوريت پسندن، حق جي ڳالهه ڪندڙن ۽ محب وطن ماڻهن جو ڏيان سنڌ جي موجوده صورتحال ڏانهن ڇڪائڻ چاهيان ٿو. ته سنڌين خلاف جيڪي سازشون ٿي رهيون آهن اهي ڪامياب ٿيون ٿين ته پوءِ سازشون ڪندڙ ئي ائين ئي چوندا جيئن اولهه پاڪستان جي دردناڪ واقعي کان پوءِ چون ٿا ته، "هي ڇا ٿي ويو!؟ اسان کي ته خبر ئي نه پيئي!" يا وري بلوچستان مسئلي تي

چيائون، ”جيڪڏهن اسان کي خبر هجي ها تہ ائين نہ ڪريون ها.

آئون اڳواٽ خبردار ڪريان ٿو تہ سنڌ کي نيست ۽ نابود ڪرڻ لاءِ گهري سازش سٽي ويئي آهي. (جيڪڏهن اوهين ان صورتحال تي خوش آهيو تہ پوءِ نيڪ آهي، ڪجهہ بہ ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي.) هم وطنن کي ماريو وڃي، برباد ڪيو وڃي، تباهہ ڪيو وڃي ۽ وري چئجي تہ ڪوبہ مسئلو ڪونهي، سڀ خير آهي! پر جيڪڏهن توهين سمجهو ٿا تہ اسان جي پائرن کي پريشان ڪرڻ سان ملڪ ڪمزور ٿيندو تہ پوءِ اوهان کي ان جو نوٽيس ونڊو پوندو.

جڏهن کين چيو ويو تہ سنڌ ۾ صرف پنجابي ناهن، ٻيا بہ غير سنڌي ماڻهو موجود آهن، پوءِ رڳو پنجابي ڇو نفرت جي علامت بڻيل آهن ؟ ان جي وضاحت ڪندي پليجي صاحب چيو تہ:

ان ڪري جو اتي سمورو عملو پنجابي آهي، گورنر کان وٺي هينئين سطح تائين. حالت اها آهي تہ ٽاٽي ۾ ڪنهن کي قيد ڪرڻ واري جيڪا ڪوٺي هوندي آهي، ان جو پهريدار بہ پنجابي هوندو. اڳتي هلو، رعايتون مليل طبقي جون پنهنجون الڳ ڪالونيون آهن، اتي اهي بادشاهہ بڻيل آهن، انهن جو سڌو سي- ايس- پي آفيسرن سان رابطو هوندو آهي. اتي توهان جهڙا عام پنجابي ڪونہ ٿا رهن. ڪوڙا هنيا وڃن ٿا، ماڻهو جيلن ۾ واڙيل آهن ۽ ڪير بہ پڇڻ وارو ڪونہ آهي. توهين ٻيا پنجابي آهيو، هو ٻئي قسم جا پنجابي آهن. اهي رعايتون مليل پنجابي آهن.

جڏهن توهين ڪنهن محڪوم علاقي ۾ ويندؤ تہ اتي توهان جي ٻولي ئي ڳالهائي ويندي، ڇاڪاڻ تہ اها توهان جي آبادي آهي. جيڪو بہ سي- ايس- پي آفيسر هوندو، اهو توهان جي ٻوليءَ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندو، ڇاڪاڻ تہ توهين رعايتون مليل ماڻهو هوندا. جيڪڏهن پٽو صاحب جي دؤر ۾ آئون بلوچستان وڃان ها ۽ اتي سنڌي آفيسر هجي ها تہ منهنجي ٻولي ئي بدلجي وڃي ها. حالت اها آهي تہ چيف سيڪريٽري آهي، اهو منهنجو ”گرائين“ (پنجابي ٻوليءَ جو لفظ، جنهن جي معنيٰ آهي هڪ ئي علاقي ۾ رهندڙ يا تَر جو ماڻهو) آهي. توهان ڏسو، انگريزن جي خلاف نفرت جو سبب ڇا هو؟ اهوئي سبب هو تہ انهن کي بہ رعايتون مليل هيون. هاڻي ڪن خاص پنجابين کي رعايتون مليل آهن. زرخيز زمينون اٽن، وڏا عهدا، سڄو ڪاروبار اٽن، سيڪڙهہ انهن جي قبضي هيٺ آهي، اهي سڄي ملڪ تي قابض آهن. ان حالت ۾ محبت ڪيئن پيدا ٿيندي؟

محترم رسول بخش پليجي صاحب کي ٻڌايو ويو تہ موجوده وزيراعظم جو تعلق سنڌ صوبي سان آهي، اڳوٽي وزيراعظم جو تعلق بہ سنڌ صوبي سان هو، جنهن ساڍا پنج سال حڪومت هئي، ڇا انهن کي سنڌ جي حالتن جي خبر ڪونہ هئي ؟ جنهن تي چيائون:

وزيراعظم کي ڪير ٿو پڇي؟ اصل تہ اهي ماڻهو هوندا آهن جيڪي هر شيءِ

کي ڪنٽرول ڪندا آهن، جيڪي مستقل پنهنجن عهدن تي وينل هوندا آهن. توهين پٽو صاحب جي دؤر جي ڳالهه ڪري رهيا آهيو. جيڪڏهن اتي ڪو صوبيدار (غير سنڌي) ڪو ٻيو هو ته ان کي ڪڏهن به ڳٽتي نه هوندي هئي. ان کي خبر هئي ته پٽو صاحب هن کي ڪجهه به نٿو چئي سگهي. وزيراعظم ته گهيري ۾ وينو آهي، هن کي ڪهڙي خبر ته ڪنهن سان چا ٿيو وهي واپري. هو مرڪز ۾ خاص طبقي جي قبضي ۾ آهي.

(جيتري قدر فوج کي استعمال ڪرڻ جو تعلق آهي) جيڪڏهن پنجاب ۾ منهنجي فوج هوندي ته آئون پنجاب ۾ جهيڙو ڪرائيندس. جيڪڏهن منهنجي فوج سنڌي آهي ته آئون ان کي گهرائيندس، ان کان پوءِ سڄي ملڪ جو مالڪ بڻجي ويندس ۽ چوندس ته يار! فساد ٿي رهيا آهن، پوليس کي گهرائي ورتم، پوليس منهنجي هوندي. جيڪڏهن ان ٽيڪ اوور ڪيو ته منهنجو ڪم ٿي ويو. جيڪڏهن حالتون وڌيڪ خراب ٿيون ته پنهنجي فوج کي گهرائيندس، پوءِ منهنجو معاملو حل ٿي ويندو. فوج ڏڪهو عرصو اقتدار ۾ رهي آهي، ان ۾ ته اهي (فوجي) مالڪ هوندا آهن. ميجر جا اختيار سپريم ڪورٽ جي اختيارن کان وڌيڪ هوندا آهن. جنهن کي وٽي پڪڙين، جنهن کي وٽين پابندي لڳائي ڇڏين. مارشل لا دؤر ۾ انهن ماڻهن ٿورو ظلم ڪيو آهي؟

هتي (پنجاب ۾) هڪ پنجابيءَ کي ٻيو پنجابي گار ڏيندو آهي ته ڪنهن کي به ڪاوڙ نه لڳندي آهي، پر پنجابي اتي (سنڌ ۾) ڪنهن سنڌيءَ کي گار ڏيندو ته ان جو ردعمل ته ضرور نڪرندو. توهين سوچيو ته جيڪڏهن 10-15 فوجي آفيسر سنڌي هجن ۽ اهي سنڌ ۾ ڪنهن پنجابيءَ کي گاريون ڏين ۽ چون ته تون غدار آهين، تون ههڙو تههڙو آهين، ته پوءِ چا ردعمل ٿيندو؟

جيلن ۾ دوست ٻڌائيندا هئا ته ميجر وغيره چوندا هئا ته، "توهين سنڌي ماڻهو مسلمان ناهيو، توهين غدار آهيو، توهين بدمعاش آهيو، توهين حرامي آهيو، توهين پڪا غدار آهيو، اسان توهان کي جوتا هڻي سڌو ڪنداسين، توهان جي صفائي ڪنداسين، توهان کي هيئن ڪنداسين، توهان کي هونئن ڪنداسين.

پليجي صاحب کان پڇيو ويو ته چا موجوده حالتون اولهه پاڪستان جي جدا ٿيڻ کان اڳ پيش آيل واقعن سان ملندڙ جلندڙ آهن؟ جنهن تي چيائون:

"انهن (حڪمران ٽرين) جو رويو ساڳيو آهي، جيڪو اوپر پاڪستان ۾ هو. اُتي اُنهن ۾ کي ايڪڙ ٻيڪڙ شريف ماڻهو هئا، جيڪي چوندا هئا ته اها غلط ڳالهه آهي، ائين نه ڪريو، پر اهي ٿورائيءَ ۾ هئا ۽ تمام ٿلا، نهايت شريف ماڻهو هئا. ان جي باوجود نتيجو ڪهڙو نڪتو؟

تنهن ڪري اسين چئون ٿا ته زندگي گذارڻ لاءِ جنهن به صوبي جي قبضي ۾ جيڪي وسيلا آهن، اهي انهن جا هجڻ گهرجن. جيڪڏهن گهٽ آهن ته انهن کي

وڏائڻ گهرجي. غير ترقياتي ڪمن تي اجايو ڪروڙين روپيا خرچ نه ڪيا وڃن، مثال طور: فوج تي خرچ گهٽايو وڃي، ڪارخانا لڳايا وڃن، جيڪي ماڻهو عرب ملڪن کان واپس اچن ٿا، انهن جي روزگار جو بندوبست ڪريو. هر صوبي جي ماڻهن جو حق آهي ته انهن کي زندگي گذارڻ لاءِ وسيلا مهيا ڪري ڏنا وڃن.

جيڪڏهن پنجاب جي سرسبز زمين ۾ پنهنجن ٻچن، پٽن ۽ ڏيئرن کي پالي نه ٿي سگهي ته پوءِ دنيا ۾ ڪوبه اهڙو علاقو نه هوندو، جيڪو پنهنجي اولاد کي پالي سگهي. هتي ايشيا جو سڀ کان بهترين پاڻيءَ جو نظام آهي. هي سرسبز علاقو آهي. هتي جي زمين سون اپائي ٿي. جيڪڏهن پوءِ به پنجاب جي زمين پنهنجن ماڻهن کي پالي نه ٿي سگهي، ته پوءِ ٻين جو ڪهڙو حال هوندو؟ ٻين وٽ وسيلا نهايت گهٽ آهن، اتي سم ۽ ڪلر جي مصيبت به موجود آهي."

جناب رسول بخش پليجي صاحب کي ويجهڙائيءَ ۾ ڪيل سروي مطابق ٻڌايو ويو ته هن وقت 70 لک جي آباديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ ڪاروبار جهڙوڪ: ٽرانسپورٽ، هوٽل ۽ عام ڪاروبار خيبر پختونخواهه صوبي کان ايندڙ ماڻهن جي قبضي ۾ آهي، ته پوءِ رڳو پنجابين خلاف احتجاج ڇو؟ ان جو جواب ڏيندي پليجي صاحب چيو:

"سنڌ ۾ سڄي دنيا جا ماڻهو اچن ٿا، جنهن ڪري سنڌي اقليت ۾ تبديل ٿي رهيا آهن.

هر بلا ڪه از آسمان مي آيد،
مي پُرسد ڪه خانهء انوري کُجا است.

(آسمان تان جيڪا به مصيبت اچي ٿي، اها رڳو انوريءَ جو گهر پڇي ٿي.)

ان ۾ هر قسم جا غير سنڌي شامل آهن. هر قسم جا، هر ملڪ کان، هر علاقي کان ماڻهو سنڌ ۾ اچن ٿا. آئون جيل ۾ هوس، اتي مون کي ٻڌايو ويو ته هندوستان کان جيڪي اسان جا پائر اچن ٿا، اهي پاسپورٽ قاڻي اچلائي ڇڏين ٿا ۽ اتي (سنڌ ۾) جمي ويهي رهن ٿا.

اسان سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جو الزام پنجابين کي ڪونه ٿا ڏيون. اسين پنجابين جو نالو به نه کڻندا آهيون، ان ڪري اسين مجموعي طرح چوندا آهيون ته سنڌين کي اقليت ۾ تبديل نه ڪيو وڃي. اسين ائين ڪونه ٿا چئون ته فلاڻن کي ڪيو، فلاڻن کي روزگار نه ڏيو يا فلاڻن کان نوڪري کسي وٺو. انهن کي به آباد ڪيو وڃي، پر ان لاءِ ڏاڪي به ڏاڪي پروگرام هئڻ گهرجي، مثال طور: عارضي انتظام هيئن ٿي سگهي ٿو ته جيڪڏهن توهين پنجاب ۾ سنڌي گورنر مقرر ڪريو ٿا ته اتي (سنڌ ۾) پنجابي گورنر موڪليو. اهڙيءَ ريت جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪنهن ٻئي صوبي جو چيف سيڪريٽري موڪلڻو آهي، ته اتي سنڌ جو ڪو چيف سيڪريٽري موڪليو وڃي، پر سنڌ جي صورتحال هيءَ آهي جو ايس- پي ۽ ايس- ايڇ- او ته نهيو

پر پوليس جي سپاهيءَ کان گورنر تائين سڀ هڪ قطار ۾ آهن، جنهن سبب ماڻهن ۾ احساسِ محرومي بلڪ احساسِ مظلومي ۽ احساسِ محڪومي نہ ٿيندو تہ ٻيو ڇا ٿيندو؟ تنهن ڪري اسين چئون ٿا تہ هر صوبي جا وسيلا انهن وٽ ئي هجڻ گهرجن.

اسان جي تجويز آهي تہ برابريءَ جي بڳالهہ ڪريو. هيءَ منافقت ۽ مڪر ختم ٿيڻ گهرجي تہ توهين ماريو ٻہ ٿا ۽ چئو ٿا تہ ياٽر آهيون. نؤنشو هڻي، چئو ٿا تہ منهنجو ياءُ ڇو نٿو ٻڌجين! هو تہ مون کان نفرت ٿو ڪري، ادا! توهين ٻہ پنهنجون شرارتون بند ڪريو نہ!"

ڇا سنڌين جي استحصال جو ذميوار پنجابي آهي؟ ان تي ڳالهائيندي پليجي صاحب چيو:

"اسين پنجابيءَ جي بڳالهہ نہ ٿا ڪريون، اسين رڳو اهو ٿا چئون تہ سنڌ جا وسيلا سنڌي ماڻهن لاءِ هئڻ گهرجن ۽ اتي سنڌين کي ائين اڪثريت ۾ هجڻ گهرجي، جيئن پنجاب ۾ پنجابي آهن. 1947ع کان پوءِ توهان جيڪا آبادڪارن ۽ هجرت ڪندڙن جي ٻوڏ اوڏانهن (سنڌ ڏانهن) موڪلينداً رهيا آهيو، پهريائين اها گهٽايو، ڪنٽرول ڪريو ۽ پوءِ ايڊجسٽ ڪريو. جيئن پنجاب پنجابين جو، خيبر پختونخواهہ پٺاڻن جو ۽ بلوچستان بلوچن جو آهي، تيئن سنڌ ٻہ پنج هزار سالن کان سنڌين جي رهي آهي.

جيڪڏهن 1947ع کان پوءِ پاڪستان ٺهڻ جو هي انعام ملڻو هو تہ سنڌي پنهنجي وطن ۾ ريڊ انڊين بڻجي وڃن، پوءِ توهان انصاف جو ڪهڙي لحاظ کان مطالبو ڪري سگهو ٿا تہ اهي توهان سان پيار ڪن ۽ چون تہ پاڪستان ڏاڍي محبوب شيءِ آهي. اهي ڳالهيون صرف هتي ويهي ڪري سگهجن ٿيون. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ توهين حڪم ڏيو تہ خوش رهو. ادا! ڪيئن خوش رهون؟ ڪنهن ماڻهوءَ کي مٿي ۾ ڏنڊو هڻي چئوس تہ ڪِل! اهو ڪيئن ڪِلندو؟"

ڪين چيو ويو تہ توهين استحصالي طبقي جي ٿوري وضاحت ڪريو، اُن تي پليجي صاحب چيو:

"آئون ان بحث ۾ پوڻ نہ ٿو چاهيان تہ انفرادي طرح استحصال جو ذميوار ڪير آهي. ان جي وضاحت ڪرڻ توهان جو ۽ بين ماڻهن جو ڪم آهي. مون ان ۾ خاص پنجابيءَ جو نالو ناهي ورتو. آئون صرف ايترو چوندس تہ هر صوبي جا وسيلا، ان صوبي جي ملڪيت جو اصول مڃيو وڃي، تہ جيئن هر صوبو پنهنجي گهر ۾ خوش رهي. استحصال ڪرڻ وارن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ مون هڪ اعليٰ اختياراتي بورڊ جوڙڻ جي تجويز ڏني آهي، اتي سمورا دليل ۽ حقيقتون پيش ڪيون ويندیون، اتي سيڪجهہ پڌري پٽ ٿيندو. پنجاب ۾ پنجابين وانگر سنڌ ۾ ٻہ سنڌين جي اڪثريت هجڻ گهرجي، تہ جيئن پاڪستان وڌي ويجهي. اسان جي وچ ۾ بغض ۽ ڪينو پاڪستان کي اڳتي وڌڻ نہ ٿو ڏئي. اهو اعليٰ اختياراتي بورڊ ڏسندو تہ ڪهڙي صوبي جي روزگار جا وسيلا ٻئي صوبي جي قبضي ۾ تہ ناهن. ضرورت ان بڳالهہ جي آهي تہ

اوچ نيچ ۾ اڻ برابري ختم ڪئي وڃي. ڇا ائين بهتر نه ٿيندو ته اسين امن سان پائرن وانگر گڏجي رهون، پيار محبت سان رهون، جهيڙي جهٽي ۾ مصيبت کان سواءِ رهون ۾ گڏجي پنهنجا جمهوري حق حاصل ڪريون. بجاءِ ان جي جو اسان جا ڏهه ماڻهو ٻئي صوبي ۾ ايس- پي هجن، پنجاهه پٽيوالا هجن، ٻه سؤ پوليس وارا هجن ۾ جنهن سبب اسين هر وقت فساد، جهيڙي ۾ خوف خطري ۾ گهيريل هجون. مسئلا حل ڪرڻ ڪا ڏکي ڳالهه ڪانهي، تمام ننڍڙي ڳالهه آهي ته ادا! منهنجي زمين جو ننڍڙو ٽڪرو تو وٺ آهي، اهو واپس ڪر. تو وٽ ته تمام گهڻي زمين آهي، دولت ٻه آهي، تون وڏو شاهوڪار ٻه آهين، خدا توکي گهڻين نعمتن سان نوازيو آهي. نيٺ اسين خدا جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪنداسين!

اسان جا اولهه پاڪستان جا ڪيترائي آفيسر، اوپر پاڪستان ويا، انهن کي اُتي نوڪريون مليون، انهن بنگلا اڏايا، ڪتا ڏاريائون، زالون پاليائون ۾ پٽن جون شاديون ڪرايائون، پر جڏهن پاڪستان ٽڪر ٽڪر پئي ٿيو، اهي ماڻهو ڪٿي هئا؟ ڇا انهن ماڻهن کي فائدو ڏنو؟ جيڪي قبيلا، جيڪي گروهه اوپر پاڪستان ۾ ويهي (ملڪ ۾ عوام جي) ڦرلٽ ڪري رهيا هئا، پئسا آڻي رهيا هئا، بنگلا اڏي رهيا هئا، انهن ماڻهن مان پاڪستان جي عوام کي ڪهڙو فائدو پهتو؟ انهن ڪروڙين روپين مان ڪهڙو فائدو مليو، جيڪي انهن اتي جي ماڻهن جي ڦرلٽ مان گڏ ڪيا هئا؟ ان سان ئي نفرت جا ڪوٽ اڏجي ويا. ان کان پوءِ بيشمار ماڻهو مُئا، رڳو ڪجهه ماڻهو اوپر پاڪستان وڃي، اتي جي ماڻهن کي اذيتون ڏيندا هئا، ان سان پنجاب کي ڪهڙو فائدو پهتو؟ سنڌ، خيبر پختونخواهه، بلوچستان ۾ اولهه پاڪستان کي ڪهڙو فائدو پهتو؟

صرف ڪجهه ماڻهن نفس پرستي ڪئي، ڦرلٽ ڪئي ۾ جاوا ڪيا. اهي ماڻهو وڏ ۾ وڏ ڏهه هزار هوندا. فرض ڪريو، انهن جو تعداد هڪ لک هجي. انهن اوپر پاڪستان وڃي عيش عشرتون ڪيون، (پنجاب جي) باقي ڪروڙين ماڻهن جو نقصان ئي نقصان ٿيو. هڪ لک ماڻهن جي مڪر ۾ فريب جي ڪري اهو سيڪجهه ٿيو ۾ اخبارون انهن ئي ماڻهن جي بچاءَ ۾ قلم جي طاقت استعمال ڪري رهيون آهن.

جيڪڏهن منهنجو پٽ ڪو مڪر ۾ فريب ڪري، پاڙيسريءَ جي گهر ۾ پٿر هڻي ٿو ۾ پاڙيسري مون کي شڪايت ڪري ٿو ته مون کي گهرجي ته آئون پنهنجي پٽ جي مُنهن تي لپاٽ هڻان، ائين نه چوان ته واهه! سبحان الله پُٽ! تو ڏاڍو سنو ڪم ڪيو آهي! ائين چوان، مٿان وري هن جو بچاءُ ٻه ڪريان! ماڻهن جي گهرن ۾ ٽانو رکيل آهن، انهن جو نقصان نه ڪر. توهان جو پنهنجو گهر نهايت وسيع ۾ ڪشادو آهي. صدين کان پنجاب پنهنجن ماڻهن کي پالي رهيو آهي. پنجاب ڪنهن جي علائقي تي قبضو ناهي ڪيو، پنهنجي وطن جي سرحدن اندر خوش رهيو آهي. ڪوبه بکيو موت جو شڪار ناهي ٿيو، ڪو ڏڪار ڪونه آيو آهي، پوءِ ڪهڙي مصيبت اچي پيئي جو هُتي (ٻي جڳهه تي) هٿ چراند پيو ڪري؟ ڇو غريب ماڻهن ۾ معصوم

ہارن کي پريشان پيو ڪري؟ اتي اڃي ئي غربت آهي. جيڪڏهن پنجاب غريب ۽ سنڌ شاهوڪار هجي ها، تہ بہ ڪو فرق نہ پوي ها. پنجاب ۾ زندگيءَ جو معيار ڏسي ائين پيو پائنجي تہ سنڌ جي مقابلي ۾ پنجاب ۾ 500 سيڪڙو دولت وڌيڪ آهي. نيٺ انهن تي ڪهڙي آفت اچي ڪڙڪي آهي جو غريباڻا جهوپڙا پَٽ ڪري، پنهنجين زمينن ۾ واڌارو ڪري رهيا آهن ۽ عوام کي پريشان ڪندڙن جي حمايت پيا ڪن؟

پنجاب جي عوام کي انهن 500 ماڻهن مان ڪهڙو فائدو آهي، جيڪي سنڌ ۾ چڑواڳ گهمي رهيا آهن؟ هتي غريب عيسي، موسي، نظام الدين کي نيٺ ڪهڙو فائدو آهي؟"

ڇا تڪڙيون الڪيشنون ضروري آهن يا اليڪشن کان اڳ اهم مسئلا حل ٿيڻ گهرجن؟ ان سوال تي جناب رسول بخش پليجي چيو:

"ڇا هي ماڻهو (موجوده حڪمران) مسئلا حل ڪندا؟ اهي مسئلا حل ڪرڻ وارا نہ، مسئلا پيدا ڪرڻ وارا آهن. اهي ڪهڙا ۽ ڪيئن مسئلا حل ڪري سگهن ٿا؟ انهن تہ گذريل ستن سالن ۾ ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي آهي. جڏهن مارشل لا ايندي آهي، پوءِ ڪوبہ قانون نہ هوندو آهي. توهان کان قلم کسيو ويندو آهي ۽ چيو ويندو آهي تہ مارشل لا آهي. پهريائين اليڪشن ٿيڻ گهرجي، سا بہ جماعتي بنيادن تي اليڪشن ڪرائي وڃي، تہ جيئن بي اختيار نمائندن کي اختيار ملن، جيڪي هڪٻئي سان ويجهي ڳالهہ ٻولهہ ڪري مسئلا حل ڪن."

موجوده صورتحال ۾ جيڪڏهن قومپرستيءَ جي نالي ۾ ووٽ ورتا ويندا تہ ڇا ساڳي صورتحال پيدا نہ ٿيندي، جيڪا شيخ مجيب الرحمان کي پيش آئي هئي؟ پوءِ ان صورتحال ۾ ناهہ ٿي سگهندو؟ ان سوال جي جواب ۾ پليجي صاحب چيو:

"مجيب الرحمان جي پوزيشن مختلف هئي. هو اڪثريت ۾ اچي سگهيو پئي. اسين سنڌي، پٺاڻ ۽ بلوچ گڏجي بہ پنجاب جي مقابلي ۾ پارليامينٽ اندر اڪثريت ثابت نہ ٿا ڪري سگهون. شيخ مجيب الرحمان کي حق حاصل هو تہ اڪثريت ۾ اچي ۽ پوءِ فائدو حاصل ڪري، جهڙيءَ ريت اسان (اولهہ پاڪستان وارن) فائدو ورتو. هتي اهي ماڻهو 40 سالن تائين اقليت ۾ اچي پنهنجي من ماني ڪونہ ڪندا رهيا؟ اهي مارشل لا وارا پنهنجي من ماني ناهن ڪندا؟

جڏهن انهن جو وارو ايندو آهي تہ چوندا آهن، خبر ناهي تہ اهي (اقتدار ۾ اچي) ڇا ڪندا، اسان کي تحفظ گهرجي. جڏهن ٻين جو وارو ايندو آهي تہ مسئلا پيدا ٿي ويندا آهن ۽ پاڻ 36 سالن تائين چڑواڳ گهمندا رهيا، ان جو ڪو حساب ڪونهي. توهين امڪاني ڳالهہ ٿا ڪريو، هي گذريل 36 سالن کان ڏنڊو هٿ ۾ ڪٽيو ويٺا رهيا آهن، ان جو ڪنهن حساب پڇيو آهي؟ انهن رڙين، دانهن، اذيتن ۽ تڪليفن جو ڇا ٿيو، جيڪي سندن دؤر ۾ ڏنيون ويون؟ انهن زمينن جو ڇا ٿيو، جيڪي هنن ڦٻايون؟ انهن شهرن جو ڇا ٿيو، جن کي ويران ڪيائون؟ انهن جو حساب ڪير ڏيندو؟ ماڻهن

جا گھر برباد ڪيا ويا، انهن تي بم وسايا ويا، جيڪي ايجان تائين قبرن ۾ آهن، ايجان تائين گم آهن، انهن جو حساب ڪير ونندو؟ قومپرستيءَ جي نالي تي ووٽ ونندا، پوءِ چوندجي پارليامينٽ ۾ ايندا ۽ ڳالهيون ڪندا."

جيڪڏهن سڌڪن ۽ روڇ راڄي تي ووٽ ورتا ويندا، تہ پوءِ ڇا بدلي جو جذبو پيدا نہ ٿيندو؟ ان امڪان تي جناب رسول بخش پليجي وراٽيو:

"جيڪڏهن سنڌ اسيمبليءَ ۾ اچي ڪري پنهنجا حق گهرون ٿا تہ اهو بدلو هوندو؟ ڇا پنجابي بدلو نہ ٿو وٺي سگهي؟ جيڪڏهن پنجاب چاهي يا پنجاب جا حڪمران چاهين تہ ڇا اهي بدلو نہ ٿا وٺي سگهن؟ ڇا توهين سمجهو ٿا تہ رڳو سنڌي ئي بدلو ونندا؟ هن وقت جيڪو بدلو ورتو پيو وڃي، اهو ڪجهہ بہ ناهي؟ سنڌي پڳڙن جي مُٺ جيترا آهن، انهن کان ڪين بدلي جو خطرو آهي ۽ جيڪي سڄي پاڪستان ۾ اڪثريت ۾ آهن، انهن کان بدلي جو ڪوبہ خطرو ناهي؟ جيڪو بدلو حقيقي طرح ۽ سچ ۾ ورتو ويو آهي، ان جو حساب ڪير ڪري رهيو آهي؟ مُٺ جيترن ماڻهن مان بدلي جي ڳڻتي ڇو آهي ۽ جيڪي بدلو وٺي چڪا آهن، اهي پاڪستان کي پنهنجي جاگير سمجهي کائي رهيا آهن، ۽نهي هٿن سان ڦرلٽ ڪري رهيا آهن، انهن جو ڇا ڪندؤ؟ ان جو نوٽيس ڪيئن ونندؤ؟ ان سلسلي ۾ ڪهڙا سوال پڇندؤ؟ ڪنهن کان پڇندؤ؟

اهو ڪو ڏکيو مسئلو ناهي، تمام عام ۽ سادو مسئلو آهي. جمهوريت بحال ٿئي تہ پوءِ ڪوبہ مسئلو نہ رهندو. جڏهن بہ اليڪشن جي ڳالهہ ٿئي ٿي، هنن لاءِ ڪونہ ڪو مسئلو نازڪ بڻجي ويندو آهي. پارليامينٽ ۾ تہ پنجاب جي اڪثريت آهي. جيڪڏهن اسان جي اڪثريت هجي، تڏهن اسان کي حق حاصل هجي تہ اسان اڪثريت جو فائدو وٺون. اليڪشن نازڪ مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ ئي هوندي آهي، ۽يو ڇا جي لاءِ اليڪشن ڪرائي ويندي آهي؟

جڏهن اسين نازڪ مسئلا ڏنڊي جي زور تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا تہ مسئلا ويتر وڌن ٿا. برطانيا ۾ بہ جنگِ عظيم دوران اليڪشن ٿي هئي، انهن چرچل کي ڪيڏي ڇڏيو، هو هليو ويو. جيڪڏهن پاڪستان ۾ جمهوري طريقي سان اليڪشنون ٿين ها، نمائندا ڳالهائين ها تہ مسئلا حل ٿي وڃن ها. وري وري اليڪشنون ٿين ها. تڏهن بہ پنجاب وارا اڪثريت ۾ هئڻ باوجود اهو سوچين ٿا تہ ايندڙ اليڪشن بہ ڪٽي آهي- تنهن ڪري مسئلا حل ٿيڻ گهرجن، اليڪشن نہ ٿيڻ سبب گڙبڙ ٿئي ٿي.

اهو آمريت پرست حڪومتن جو منطق آهي تہ اليڪشن ٿيندي تہ ملڪ تباهہ ٿي ويندو. ايران ۾ اليڪشن ٿي، اتي ڪهڙو اليڪشن سبب ملڪ تباهہ ٿيو؟ سڄي دنيا ۾، جتي جتي ماڻهو ڊڪٽيٽرن خلاف لنيون ڪٽيو وينا آهن، اتي اليڪشن ٿيڻ سان ڪهڙا ملڪ تباهہ ٿيا؟ اسان کي اهو منطق رد ڪرڻ گهرجي، اهو غلط آهي، اهو عوام جو منطق ناهي."

جناب پليجي صاحب کي ياد ڏياريو ويو تہ توهان 1953ع ۾ سياست جي شروعات وڏيرن جي مخالفت سان ڪئي هئي، پوءِ حالتون مناسب نہ ڏسي ثقافتي ميدان طرف لاڑو رکيو ۽ هاڻي وري سياست ۾ آيا آهيو، ڇا هاڻي 1953ع کان حالتون بهتر آهن ؟ ان تي ڇيائون:

"ان وقت ڀهراڙيءَ جي عوام جو شعور جنهن سطح تي هو ۽ وري جيڪي حالتون هيون، انهن مطابق ڪٽڻ جي اميد گهٽ هئي. جيتوڻيڪ ان وقت جيڪا اليڪشن ٿي هئي، ان ۾ اسان ڪتيو هو ۽ حڪومت ڏانڊلي ڪري هڪ وڏيري کي ڪامياب قرار ڏنو هو. اسان سنڌ جي سيني کان وڏي وڏيري غيبي خان چانڊيو کي سندس ئي چونڊ تڪ ۾ هارايو هو، پر يوسف هارون ۽ ٻين ماڻهن ڏانڊلي ڪري اسان کي ٻڏي ڇڏيو، ڪن کي ڪمرن ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ ڪنهن کي ڪتن جي حوالي ڪيو ويو. ان وقت سنڌ جو وڏو وزير قاضي فضل الله هو ۽ ايوب کهڙو تي "وڏن" جي ڪڙي نظر هئي. سياست تہ اسان ڪئي ۽ ڪنداسين.

رڳو سنڌ ۾ نہ بلڪ سڄي پاڪستان ۾ وڏيري جي پڪڙ مضبوط آهي. رڳو نالي جو فرق آهي، سنڌ ۾ وڏيرو آهي، هتي پنجاب ۾ مَلڪ ۽ چوڌري وغيره سڏجي ٿو. جاگيردارن ۽ قبائلي سردارن جي پڪڙ نهايت مضبوط آهي."

صوبي جي وسيلن جو تعلق صوبائي خود مختياريءَ سان لاڳاپيل آهي ۽ 1973ع جي آئين ۾ چيو ويو هو تہ ڏهن سالن کان پوءِ ان تي وري ٻيهر غور ويچار ڪيو ويندو، جيڪو اڄان تائين ٿي نہ سگهيو آهي.

ڇا ايم. آر. ڊي ان تي سوچ ويچار ڪندي يا اها رڳو اليڪشن ڪرائڻ تائين محدود هوندي ؟ ان تي ڳالهائيندي پليجي صاحب چيو:

"اهو مسئلو ايم. آر. ڊي جي ايندڙ اجلاس جي ايجنڊا تي آهي تہ سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش کي ڪيئن روڪيو وڃي؟"

کي ماڻهو چون ٿا تہ ڏاڙيل دراصل انهن فوجين پنهنجون زمينون محفوظ ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيا آهن، جن کي ظاهر ظهور سنڌ جي هڪ ڪروڙ ايڪڙ زمين ورهائي ڏني ويئي آهي، ان تي پليجي صاحب چيو:

"آئون نہ ٿو سمجهان تہ جنرل، ڏاڙيلن کي ڇڏيندا. اسين سوچي سمجهي ڳالهائيندا آهيون. ٻين تي خواهہ مخواهہ جا الزام ڪونہ مڙهيندا آهيون. اسان جو نظريو آهي تہ بدترين دشمن جي باري ۾ بہ اهڙي ڳالهہ نہ ڪريو، جيڪا هن نہ ڪئي هجي. سياست جا بہ ڪي اصول هوندا آهن."

رسول بخش پليجو شروع ۾ جي- ايم سيد سان گڏ رهيو، پوءِ هن کان عليحدگي اختيار ڪيائين. ان گڏپ ۽ اختلاف جو ذڪر ڪندي هن ٻڌايو تہ:

"آئون جي- ايم سيد کان ڪڏهن بہ متاثر نہ ٿيس، البت آئون بزمِ صوفياءِ سنڌ جو سيڪريٽري هوس، جنهن جو هو صدر هو. انهن ڏينهن ۾ اسان جو پنهنجو نظريو

هو- جمهوري ترقي پسند نظريو، ۽ هن جو پنهنجو نظريو هو. اسان پورهيتن جي مفادن جي حفاظت ڪندا هئاسين، ان تي اسان جا اختلاف ٿيا. دراصل اسان وٽ اهي وسيلا ڪونہ هئا، جيڪي جي- ايم سيد وٽ هئا ۽ وري جي- ايم سيد وٽ اهي شيون ڪونہ هيون، جيڪي اسان وٽ هيون. توهان ان گڏپ کي ٻن ماڻهن جو گڏيل مفاد چئي سگهو ٿا. اسان جو نقطہء نظر مختلف هو. ڪيتريون ئي ڳالهيون گڏيل ۽ ڪيتريون ئي مختلف هيون، جيئن اڄ اسين ايم. آر. ڊي ۾ آهيون."

ويجهڙائيءَ ۾ جي- ايم سيد يا سنڌي بلوچ پشتون فرنٽ سان ميلاپ ۽ اتحاد جي باري ۾ هن چيو:

"آئون سمجهان ٿو تہ جيڪي سچا وطن دوست، سچا جمهوريت پسند، سچا سامراج دشمن، سچا آمريت دشمن آهن، انهن سڀني جو هڪ وسيع اتحاد ٿيڻ گهرجي. اهي ماڻهو جيڪي شهري وچولي طبقي جي جمهوريت جا قائل آهن ۽ اهي ماڻهو جيڪي جمهوري اقتدار جا قائل آهن. حاصل مطلب تہ اهي ماڻهو جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ سچا ۽ حقيقي جمهوريت جا قائل آهن، انهن جو هڪ بلاڪ هجڻ گهرجي. جيڪڏهن جي- ايم سيد ۽ ٻيا ماڻهو پنهنجي وطن جي حقيقي طرح خدمت ڪرڻ چاهين ٿا تہ ان بلاڪ ۾ اچن، اسان کي ڪوبہ اعتراض نہ هوندو. جيڪڏهن اهڙيون حالتون پيدا ٿين ۽ انهن کي اسان جي سياست تي اعتراض نہ هجي، تہ پوءِ اسان ڇو اعتراض ڪنداسين؟"

سنڌي بلوچ پشتون فرنٽ وارا چون ٿا تہ جيستائين مسئلا حل نہ ٿيندا، تيستائين اسين اليڪشن ۾ حصو نہ وٺنداسين. ان موقف تي تبصرو ڪندي پليجي صاحب چيو:

"انهن چيو هوندو. اهو انهن جو نقطہء نظر آهي. انهن کي ائين چوڻ جو حق آهي. تمام گهٽا ماڻهو سمجهن ٿا تہ اسان جيڪا سياست ڪري رهيا آهيون، سا فضول آهي، بڪواس آهي، ان سان ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. پنجاب جو عوام ڳالهہ ٻڌندو. جيڪي ڪجهہ اهي ماڻهو (منهنجي خلاف) ڪري رهيا آهن. حڪومت بہ اهوئي موقف پيش ڪرڻ گهري ٿي تہ هو (پليجو) آيو ۽ اسان کيس ڇڏائي ڇڏيو. حڪومت چاهي ٿي تہ سنڌ ۾ اهڙو تاثر پيدا ٿئي تہ پنجاب نهايت خطرناڪ صوبو آهي، اوڏانهن ويڙهہ نہ گهرجي، پنجاب وارا ڪچو ڪائي ڇڏيندا."

ڪجهہ وقت اڳ جي- ايم سيد جي جنرل ضياءُ الحق ۽ وزيراعظم محمد خان جوڻيجو سان ملاقاتن جي باري ۾ هن چيو:

"آئون ان وقت جيل ۾ هوس. مون کي خبر ناهي تہ ڪهڙي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ويئي ۽ ڪهڙي نہ ڪئي ويئي."

ملڪ ۾ هر هر سياسي عمل جي بند ٿيڻ، مارشل لا لاڳو ٿيڻ ۽ مستقبل ۾ مارشل لا جي رستا روڪ جي سلسلي ۾ سببن جو تجزيو ڪيائين ۽ پوءِ چوڻ لڳو:

"ان جو سبب اهو آهي تہ عوام ڪمزور آهي ۽ ٻيو تہ قوميتن جو مسئلو ٻہ آهي. هتي جيڪي اسان جا دوست وينا آهن، اهي قوميتن جي مسئلي کي سمجهن ئي نہ ٿا، رڳو "قوم- قوم!" ڪندا ٿا وتن. نيٺ اها قوم ڪهڙي بلا جو نالو آهي؟ جيڪڏهن سنڌ جي ماڻهن جو قومي مسئلو ناهي، ڪياماڻي بندر جو مسئلو قومي مسئلو ناهي، پوءِ مسئلو ڪهڙو آهي؟ قومي ليڊر ڪراچيءَ ۾ وينو آهي ۽ اهو چوي ٿو تہ آئون قومي ليڊر آهيان ۽ قومي ليڊر جو تڪ رڳو ڪراچي ۽ ان جي ڪلفٽن جي گهٽي (Street) آهي ۽ (ٽيليفون تي چوندو آهي) "هيلو، هيلو... فلاڻين اخبارن کي بيان موڪليو." ڏزاڏز بيان هليو ويو، اخبار ۾ ڇپجي ويو، چوتہ هو پڪو قومي ليڊر آهي! اهڙي قسم جي ليڊرن جي موجودگيءَ ۾ ۽ اهڙين حرڪتن سان قسمت آزمائڻ وارن کي موقعو ملي ٿو. اهي اچن ٿا ۽ اچي ملڪ تي قبضو ڪن ٿا. ان جي بدران جيڪڏهن ڪروڙين عوام جي ڀَالهہ ڪرڻ وارن جي هٿ ۾ اڳواڻي هجي ها تہ توهين اسان سان ملو ها، اسين توهان سان ملون ها. قيد نہ هجن ها تہ ڀَالهہ نهي پوي ها.

اهي ماڻهو ٻولين جي واڌ ويجهہ ٻہ نہ ٿا چاهين. جيڪڏهن ميل ملاقات (رابطا) لڳاتار هجي ها تہ ٻوليون واڌ ويجهہ ڪن ها، اسين هڪٻئي جون ٻوليون سمجهون ها، ڀَالهايون ها، شعر پڙهون ها، گيت ڳايون ها، ٻُلهي شاهہ ۽ شاهہ حسين کي پڙهون ها، تہ هي سيڪجهہ ائين نہ هجي ها. اسين سڀ گڏجي انهن کي ڏڪا ڏئي پري ڦٽو ڪريون ها، ڪو مسئلو ئي نہ هو.

آمريڪا ۾ مختلف نسلن جا ماڻهو آيا، هڪٻئي سان ملڻا، هڪٻئي سان ويڙهہ ٻہ ڪيائون، وري گڏجي هڪ قوم بڻجي ويا. قومون بڻڻ ڏهائڻ سان تيار نہ ٿينديون آهن. قوم پيار محبت، ميل ميلاپ جي عمل مان گذري، هڪٻئي جي حقن جو احترام ڪندي جڙندي آهي. ان عمل کي ڪوبہ روڪي نٿو سگهي. هونئن تہ پارليامينٽ کي اهو اختيار آهي تہ قانوني طرح ڪنهن ڇوڪريءَ کي ڇوڪرو قرار ڏئي، پر درحقيقت اها ڇوڪري ئي هوندي نہ! اوهين چئو ٿا تہ قانوني طرح قوم بڻجي ويئي، ائين ممڪن ناهي. هي فوجي، هي بيوروڪريٽس، جاگيردار وغيره سڀ هڪ ئي قبيلي سان تعلق رکن ٿا. اهو گروهہ سازش ڪري انتظار ڪندو آهي ۽ پوءِ اهي ماڻهو فوج جي حڪمرانيءَ واري دؤر ۾ عيش ڪندا آهن."

رسول بخش پليجي پنو عاقل فوجي ڇانوڻي ۽ ٻين علائقن ۾ فوجي ڇانوڻين جي قائم ڪرڻ تي اعتراض واريو هو، ان جي سببن جي وضاحت ڪندي ڇيائين:

"اسان تمام گهڻا اعتراض ڪيا آهن تہ اهي ڇانوڻيون نہ ٺهڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ نہ ئي اهي فتح ڪيل علاقا آهن ۽ نہ ئي گهرو لڙائيءَ جي صورتحال آهي. غريب مسڪين ماڻهو انهن علائقن ۾ آباد آهن، انهن کي هيسائي، جمهوريت گهرڻ جي سزا ڏني پيئي وڃي. توهان وڏيرن جي ڏي تي غنڊا پاليا آهن، انهن کي ڇڙواڳ ڇڏيو ويو آهي. سرڪاري وڏيرن ۽ ڏاڙيلن سنڌ کي ڏار ڏار علاقن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي ۽ حصا

پتيون ڪري ڪائي رهيا آهن. اُهي ماڻهو سرعام اهو ڏنڊو ڪري رهيا آهن، ان ۾ پوليس ۽ ٻيا ماڻهو ب شريڪ آهن. توهان اهو ٻهانو ٻڌائي ماڻهن کي مارڻ چاهيو ٿا. اسين چئون ٿا ته توهان ئي هن ملڪ کي قبضو ڪيل علائقو ٻڌائي ڇڏيو آهي. توهين هڪ ماڻهوءَ کي ڪُک ۾ چاقو هڻو ٿا ۽ وري چئو ٿا ته اهو ماڻهو اسان سان پيار محبت نه ٿو ڪري. توهان ڪنهن کي مُڪ وهائي ڪيو ٿا ۽ چئو ٿا ته اسان سان پيار محبت نه ٿو ڪري. اهو توهان سان ڪيئن پيار محبت ڪندو؟"

هاري تحريڪ ۽ موجوده سياسي جدوجهد دوران وڏيرن پاران قاتلاٽا حملا ڪرڻ جي امڪانن تي ڳالهائيندي پليجي صاحب چيو:

"جڏهن توهين سياست ڪريو ٿا ته توهان کي جان جو جوکم کڻڻو پوي ٿو. جي- ايم سيد ڪتاب لکيا: "مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟" ۽ "جيئن ڏٺو آ مون." ماڻهن چيو ته اسين توکي قتل ڪنداسين، نعرهء تڪبير- الله اڪبر جا نعرا لڳائيندا سين. اخبارن لکيو ته جي- ايم سيد ڪافر آهي، تنهن ڪري مٿس پهرو ويهاريو ويو. اسان جي اديبن تي ب حملا ڪيا ويا ۽ چيو ويو ته انهن جي خلاف جهاد ڪريو. سنڌ ۾ اهو ٿيندو رهندو آهي. اسان جا "دوست" سدائين جهاد لاءِ سڏيندا رهندا آهن. جهاد ته نهيل نُڪيل شيءِ آهي. "جهاد ڪريو!" توهان جي خلاف جهاد، هُن جي خلاف جهاد، هوڏانهن (انڊيا جي خلاف) ته همت ڪونه ٿي ٿئي، هيڏانهن (پنهنجي ملڪ ۾) جهاد ڪريو! اهي جهاد ڪندا رهندا آهن ۽ اهو سياسي زندگيءَ جو هڪ حصو آهي، پر اسين اوڏانهن ڏيان ئي ڪونه ڏريون."

ڪالاباغ ڊيم منصوبي تي سنڌ جو موقف بيان ڪندي پليجي صاحب چيو:

"سنڌ جا ماڻهو ڪالاباغ ڊيم رڻا جا سخت مخالف آهن. اهي چون ٿا ته سنڌو درياهه جو مسئلو 1945ع جي معاهدي موجب حل ڪيو ويجي، جنهن ۾ پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو ب ڏاڍ يا ناجائز طريقي سان استعمال نه ڪيو ويجي. پنجاب جي ماڻهن جو موقف مختلف ٿي سگهي ٿو، اهڙا معاملا ٿيندا رهندا آهن، اها عام ڳالهه آهي. سنڌي، سنڌو درياهه سان پنهنجو رشتو ڳنڊيين ٿا ۽ ان تي پنهنجو حق سمجهن ٿا، اها هڪ رسم آهي. اسان وٽ ماهر انجنيئر موجود آهن. اڳوڻي چيف انجنيئر شير محمد بلوچ ان سلسلي ۾ ڪم ڪيو آهي. آئون ٽيڪنيڪل ماڻهو ناهيان، اسان جا ماهر انجنيئر ٻڌائي سگهن ٿا ته ڇا معاملو آهي، پر بهرحال صوبن جي وچ ۾ هڪ معاهدو موجود آهي ۽ ڪالاباغ ڊيم ان معاهدي جي پيڇڙي آهي."

ڪراچيءَ ۾ پنجابي، بهاري، پٺاڻ آبادڪار- انهن حوالن سان ڪيتريون ئي تنظيمون جڙيل آهن، انهن جا هڪٻئي سان اختلاف آهن. وري شيعا- سني فساد ب ٿيندا رهندا آهن، سياسي پارٽيون ب اتي بيوس ۽ لاچار ٻڌجي ويندیون آهن. ڇا اهڙي قسم جي صورتحال ڪراچيءَ کي نئون بيروت ته نه ٻڌائي ڇڏيندي؟ ان سوال جي جواب ۾ پليجي صاحب چيو:

"مارشل لا اسان کي هيروئن ڏنو، ڏاڙيل ڏنا ۽ جهيڙا جهتا ڏنا. انهن، ماڻهن کي ويڙهائڻ ۾ تمام گهڻي توانائي خرچ ڪئي آهي، (انهن) سڄي ملڪ کي کليل جيل بڻائي ڇڏيو آهي. "تون شيعو، تون سُني، تون فلاڻو." جيڪو ماڻهن کي ويڙهائي، تنهن جي آرام ۽ سکون لاءِ گهارو ريسٽ هائوس موجود آهي. توهين ڏهن ماڻهن جو قتل ڪندؤ تہ توهان کي پڪڙيندا ۽ اهڙي هنڌ رهائيندا، جيڪو توهان جي گهر کان ڏهوڻ تي بهتر سهولتن وارو هوندو، توهان لاءِ خاص بورچي رکيو ويندو، جڏهن توهين کائي پي تازا توانا ٿيندؤ تہ توهان جي ترڻ لاءِ خاص تلاءَ (سوئمنگ پول) ٺهرايا ويندا. جن دهشتگردن ۽ بدمعاشن (ڪراچيءَ ۾) ماڻهو ويڙهايا هئا، اهي پاڻ کي عالم سڏرائين ٿا. اهڙن ماڻهن کي انهن اتي (گهارو ريسٽ هائوس ۾) انعام طور ترسايو. انهن جي ليڈري چمڪائيندا آهن (اخبارن ۾ خبرون ڇپرائي) "فلاڻو خان اچي رهيو آهي! ڳالهيون هلي رهيون آهن!" کي فطري اختلاف بہ ٿيندا آهن، پر گهڻي قدر آشيرواد حڪمران طبقن جو هوندو آهي. 1972ع ۾ جيڪي فساد ٿيا هئا، اهي بہ هٿ وٺي ڪرايا ويا هئا، ائين جيئن شيعا- سني فساد، اهي بہ اهي ئي ڳجها هٿ آهن. حڪومت کنهن جي بہ هجي، اهي هٿ رهندا."

جڏهن پليجو جيل ۾ هو ۽ ماڻهن سندس آزاديءَ جون کوششون پئي ڪيون. ڇا اهي ساڻيا ماڻهو تہ ناهن، جن کي ڏاڙيل ڇيو وڃي ٿو؟ ان جي جواب ۾ پليجي صاحب ڇيو:

"اسان جو اهڙن ماڻهن سان ڪوبہ تعلق ناهي. اهي (ڏاڙيل) تہ اسان جي ماڻهن کي برباد ڪري رهيا هئا. اهي کنهن غريب مسڪين ماڻهوءَ جي پٽ کي اغوا ڪري ويندا هئا، هاڻي اهو غريب ماڻهو پنهنجي پٽ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ تي لک، چار لک يا ڏهہ لک روپيا ڪٿان آڻي؟ انهن ڏاڙيلن جي ڪري ملڪ تباهہ ٿي ويو آهي، معيشت برباد ٿي آهي، ويچارو مسڪين ماڻهو گهر کان ٻاهر نہ ٿو نڪري سگهي. هن وقت ماڻهو وڏي مصيبت ۾ ڦاٿل آهن. اسان جو عقيدو آهي تہ کنهن کان هڪ سُئي يا ڏاڪو ڦر ڪرڻ يا کنهن ڀاڪئي جي اجازت ۽ مرضيءَ بنا ٻکريءَ جي ٽٽن مان کير جو هڪ ڦڙو ڏهڻ بہ عظيم گناهہ آهي، اهو رڳو مذهبي نہ پر سياسي لحاظ کان بہ گناهہ آهي. اسين اهڙن ماڻهن کي ڪيئن قبول ڪنداسين؟"

سنڌ غربت ۾ ڦاٿي پيئي آهي، وڏيرن خلاف نفرت آهي، ترقي پسند خيال پکڙجي رهيا آهن، ان صورتحال ۾ ڪميونسٽ تحريڪ جي امڪانن جي باري ۾ ڳالهائيندي پليجي صاحب ڇيو:

"ترقي پسند تہ هتي (پنجاب ۾) پڻ تيزيءَ سان پکڙجي رهيا آهن بلڪ سنڌ جي ٻيٽ ۾ وڌيڪ بهتر ۽ سنا سنا ترقي پسند خيال پکڙجي رهيا آهن، جيڪي رجعت پسند قوتن کي وڌيڪ خوفناڪ نظر ايندا، البت جاگيرداراڻي نظام ۾ ڪميونزم ڪيئن ٿو اچي سگهي؟ اهو تہ سوشلزم کان پوءِ جو ڏاڪو آهي. اهو تہ ان مثال وانگر

آهي تہ ڪنهن ننڍڙي ٻار کي چئجي تہ توکي ڊاڪٽريءَ جو امتحان ڏيڻو آهي. اسين تہ اڄان تائين قبائلي ۽ جاگيرداراڻي ماحول ۾ نظام ۾ ڦاٽل آهيون. اهڙي وقت ڪميونزم جي ڳالهہ ڪرڻ، آسمان مان تارا لاهڻ واري ڳالهہ آهي يا ٻہرن کان ٻير گهرڻ برابر آهي. اسين تہ جمهوريت لاءِ جدوجهد پيا ڪريون، بلڪ اسين تہ فيوڊل ڊيموڪريسي (جاگيرداراڻي جمهوريت) لاءِ سِڪون پيا. اسين تہ چئون ٿا تہ مهربانو! اسان جا جيڪي آقا (جاگيردار/ وڏيرا) آهن، انهن کي اليڪشن ۾ بيهڻ ڏيو، اليڪشن جو ٿمر اسان کي تہ نہ ملندو، وزيراعظم يا وزير آئون تہ ڪونہ ٿيندس. هي جيڪي اسان جا وڏا وڏا سردار آهن ۽ پئسي وارا پڻ آهن، انهن کي جماعتي بنيادن تي اليڪشن وڙهڻ ڏيو. جماعتي بنيادن تي اليڪشن تہ پير پاڳارو وڙهندو، آئون تہ ڪونہ وڙهندس. وڏ ۾ وڏ هڪ- ٻن سيٽن تي اسين اليڪشن وڙهي سگهنداسين. اسان جو مقصد آهي انهن جي جڳهہ تي اسان جا انعامدار سردار، اسان جا بزرگ حڪمران بڻجن ۽ اقتدار ۾ اچي اسان کي وري جيلن ۾ موڪلين. اسان جو مطالبو ان حد تائين ڇيهہ ڪري ٿو تہ اڳ مارشل لا وارا جيل موڪلينڈا هئا ۽ هاڻي اسان جا محسن اچن ۽ اهي اسان کي جيل اُماڻين."

پاڪستان ۾ اندروني سطح تي قوميتن، افغان مهاجرن، بهارين وغيره جا مسئلا ۽ پرڏيهي سطح تي افغانستان جهڙا مسئلا موجود آهن، اهي ڪيئن حل ٿي سگهن ٿا؟ پليجي صاحب انهن جو حل "اليڪشن" ٻڌايو ۽ چيو:

"اليڪشن ٿيڻ گهرجي ۽ ان کان پوءِ جمهوريت، حقيقي جمهوريت بحال ٿيڻ گهرجي. ائين نہ ٿئي تہ اليڪشن بہ ٿئي ۽ وري بہ جيڪا حڪومت قائم ٿئي، اها ٻين کي (جيلن ۾) بند ڪري ڇڏي. اڪثريتي جماعت ٻين کي ساڻ کڻي هلي، قوم کان پڇيو وڃي، قومي سطح تي بحث ٿئي. اسين گڏجي ويهنداسين، انشاءَ الله سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. فوج کي ان وڏيڪ نازڪ ۽ وڏا مسئلا درپيش ايندا آهن، مثال طور: نازي جرمني ۽ اٽلي، آمريڪا ۾ گهرو ويڑهہ جو مسئلو. ماڻهن مسئلن سان منهن ڏنو، انهن کي حل ڪيائون. اسان وٽ بہ اهڙو ڪو مسئلو ناهي، جيڪو حل نہ ڪري سگهجي. هن وقت سمورو ڪاروهنوار نڪي ۽ فريب تي پيو هلي، اهو فراڊ ڇڏيو، سڪون سان ڳالهيون ميز تي رکو ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڪريو. جيڪي مسئلا 40 سالن کان حل ٿي نہ سگهيا، اهي پنجن- ڏهن سالن بلڪ اڄان بہ ٿورڙي عرصي ۾ حل ٿي سگهن ٿا."

ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ پاڪستان ۾ جڏهن بہ اليڪشن ٿي آهي تہ ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿيو يا مارشل لا لاڳو ڪيو ويو. ايم. آر. ڊي جنهن اليڪشن جو مطالبو ڪري رهي آهي، ان کان پوءِ ڇا ٿيندو؟ ان سوال تي پليجي صاحب چيو:

"اليڪشن ٿيندي ئي ناهي، ان ڪري مارشل لا لاڳو ڪئي ويندي آهي. اليڪشنون ٿيندينون رهن ها تہ مارشل لا ڪونہ لڳي ها."

اردو جي هڪ وڏي اخبار ۾ پليجي صاحب جي حوالي سان هڪ رپورٽ شايع

ٽي، جنهن ۾ چيو ويو تہ قائداعظم نماز نہ پڙهندو هو، محمد بن قاسم غاصب (ڦورو) هو. ڇا اها رپورٽ غلط هئي؟ ان جو جواب "ها" ۾ ڏيندي پليجي صاحب چيو:

"جي ها، مون چيو هو تہ آئون نماز جو حساب ڪونہ رکندو آهيان ۽ نہ ئي مون کي ڪنهن ان لاءِ مقرر ڪيو آهي. اسلام آباد ۾ سردار اقبال آهي، اتي هو محتسب آهي، خبر ناهي سندس اختيار جو دائرو ڪيترو آهي ۽ فرض ڪهڙا آهن، ان جي باري ۾ اهوئي ڄاڻي ٿو، مون کي خبر ناهي. شايد نماز جو حساب ڪتاب ڪو محتسب ڪندو هجي، پڙهڻ ۾، شعر ۽ شاعريءَ ۾، محتسب خيال رکندو هجي تہ ڪير نماز پڙهي ٿو ۽ ڪير نہ ٿو پڙهي. آئون محتسب ڪونہ آهيان، آئون پاڻ نمازون پڙهندو آهيان، آئون ايڏو پرهيزگار يا بهشتي ڪونہ آهيان. مون ذڪر ڪيو تہ قائداعظم اسان وٽ مدرسي ۾ ٻہ ڀيرا آيو (جيڪو خود قائداعظم جو مدرسو پڻ هو) ۽ اسان سان گڏ نماز پڙهيائين. اسين ان وقت ننڍا هئاسين. هو اسان سان گڏ نماز ۾ شريڪ ٿيو. ان ڳالهہ کي اخبار جي صاحب هيئن ڪري لکيو تہ پليجي چيو تہ قائداعظم نماز نہ پڙهندو هو. آئون سنڌ مدرسة الاسلام جي بورڊنگ ۾ رهندو هوس ۽ بورڊنگ هائوس ۾ رهندڙن لاءِ نماز پڙهڻ لازمي هوندو هو. اتي حاضري لڳندي هئي. اسان صبح جو قرآن ۽ تفسير پڙهندا هئاسين. مون هميشہ نماز ڪونہ پڙهي، البت اسلامي تاريخ ۽ فقہ منهنجا خاص مضمون هئا. (اهو ديني مدرسو هو.) قائداعظم جڏهن ٻہ ايندو هو تہ اتي نماز پڙهندو هو. اسان ٻہ نماز پڙهندا هئاسين. ان ڪري پڙهندا هئاسين جو اتان جي قاعدي موجب لازمي هو.

جڏهن قائداعظم سان پهرين ملاقات ٿي، آئون ٻار هوس. ان وقت منهنجي عمر 13 سال هئي. مون 17 سالن جي عمر ۾ ميٽرڪ پاس ڪئي. قائداعظم جڏهن ٻہ ايندو هو، اسين ساٿس چنبڙيل هوندا هئاسين. اسان جي ايس- ايم لا ڪاليج جي هاسٽل جو نالو "جناح هاسٽل" هو ۽ ان جي سامهون قائداعظم جو بنگلو هو. هو جڏهن ٻہ ٻاهر نڪرندو هو، اسان سندس پٺيان هلڻ لڳندا هئاسين. آئون نيشنل گارڊز ۾ ٻہ شامل ٿيس، نعرا هنيم ۽ گارڊ جا فرض سرانجام ڏنم. هارون فيملي، جي- ايم سيد ۽ ٻيا ماڻهو هٿن ۾ تلوارون کڻي نڪرندا هئا، اسان ٻہ قطار ۾ شامل هوندا هئاسين. اسان جي لاءِ قائداعظم سان ملڻ پنهنجي گهر جي ڳالهہ هئي، چوتہ هو اسان جو پاڙيسري هو. هاسٽل جي لڳ ئي سندس بنگلو هو.

آئون اهو پيو چوڻ چاهيان تہ قائداعظم کو شيخ الاسلام ڪونہ هو. هو، توهان ۽ اسان وانگر ڳالهائيندو هو. مولوين سندس خلاف فتوائون جاري ڪيون، جيڪي ڪڏهن "انهن" خلاف ٻہ فتوائون ڏيندا هئا، پر هاڻي انهن جا محافظ آهن.

توهين ڏسو، ان غلط رپورٽنگ تي هڪدم ردعمل ظاهر ٿيو. اهو سيڪجهہ سرڪاري ايجنٽ ڪري رهيا آهن. اهي ماڻهو بدحواس ٿي ويا آهن. جڏهن اسين

جيل ۾ هوندا آهيون، ان وقت بہ ڊڄندا آهن، جڏهن ٻاهر هوندا آهيون، پوءِ تہ ضرور ڊڄڻ گهرجي. هي جيڪو اسين (صوبن وارا) هڪٻئي سان ڳالهيون ڪري رهيا آهيون، اها انهن لاءِ نهايت خطرناڪ ڳالهہ آهي. انهن تہ سازشون پئي ڪيون تہ ماڻهو هڪٻئي سان ملي ئي نہ سگهن. هاڻي جڏهن اسين هڪٻئي سان ملون پيا، وڙهون پيا، جهيڙو بہ ڪريون پيا، هڪٻئي سان بحث مباحثو بہ ڪريون پيا، ان مان اهي خطرو محسوس ڪن ٿا تہ متان جهيڙو جهتو ڪندي، هڪٻئي سان نهي (متفق ٿي) نہ وڃن. مون کي پنجاب ۾ پگڙي پارائي ويئي، ان ڳالهہ تي ڇرڪي ويا آهن ۽ انهن کي ڊڄڻ گهرجي. حقيقت ۾ هو مون کان نہ بلڪ عوام کان ڊڄن ٿا. اهي عوام جي متفق ۽ متحد ٿيڻ کان ڊڄن ٿا."

ڇا ذوالفقار علي ڀٽو سان ڪڏهن ملاقات ٿي؟ صوبائي خود مختياريءَ جي باري ۾ هن جو ڪهڙو موقف هو؟ ان سوال جو جواب ڏيندي پليجي صاحب چيو:

"ذوالفقار علي ڀٽو مرحوم سان ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيون. سنڌ جي حقن بابت ڳالهيون بہ ٿيون، پر خاص ڪري قوميت جي حوالي سان نہ ۽ نہ ئي اسان کانئس ان مسئلي تي ڪي تجويزون گهريون. ان وقت اهو مسئلو ايترو ڳنڀير بہ نہ هو ۽ نہ ئي انتها تي پهتل هو، پر عام طرح ذوالفقار علي ڀٽو چوندو هو تہ سيني سان برابر انصاف ٿيندو."

پنجاب جي دوري دوران جناب رسول بخش پليجو جي خلاف بيان ڏنا ويا تہ انهن تي تبصرو ڪندي چيائون تہ:

"اهڙيون فتوائون سرڪاري فيڪٽرين ۾ تيار ٿي رهيون آهن."

1977ع ۾ پٽي تي ڏاڙهين ڪرائڻ جا الزام لڳايا ويا هئا، ڇا اهي بہ انهن ئي فيڪٽرين ۾ تيار ٿيا هئا؟ ان تي پاڻ ڳالهائڻ کان انڪار ڪيائون. ڪانئس پڇيو ويو تہ موجوده حڪومت جيڪڏهن قومي حڪومت ناهڻ جي آڇ ڪئي تہ توهين ان تي غور ڪندا؟ ان تي بہ تبصرو ڪرڻ کان انڪار ڪيائون.

پنجابي عوام کين تمام گهڻي عزت ۽ مانُ ڏنو ۽ پگڙي پارائي. ڇا رسول بخش پليجو سنڌ وڃي ان پگڙيءَ جي نمائندگي ڪندو؟ ان جي جواب ۾ هن چيو:

"پنجاب ۾ دوستن اسان جو عاليشان استقبال ڪيو ۽ اسان کي پليڪار ڇئي آهي. هن دوري سان اسان جي لاڳاپن ۾ واڌارو ٿيو آهي. تمام گهڻا وطن دوست مليا. پنجاب جي ماڻهن تمام گهڻو پيار ڏنو. هي جيڪي آڳرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو نفرتن جي ڳالهہ ڪندا رهندا آهن، اهي خسيس ڳالهيون آهن. اهي ڳالهيون تہ ڏاڏي آدم جي زماني کان هلنديون پيون اچن. اهڙين ڳالهين کي اسين اهميت ئي ڪونہ ڏيندا آهيون. اهي ويچارا تہ درباري قسم جا ماڻهو آهن. اصل شيءِ تہ عوام آهن- پورهيت، جمهوريت پسند، سامراج دشمن عوام. اسين تہ پنجابي عوام جا دوست آهيون،

پورهيت ماڻهن جا دوست آهيون. اسان پنجابي عوام سان محبت ڪريون ٿا ۽ انهن کي ب محبت هجڻ گهرجي. اسان جي ڪوشش آهي ته سڄي پاڪستان جو عوام، پورهيت، جمهوريت پسند عوام، جيڪي حق ۽ انصاف جي بنياد تي گڏجي رهڻ چاهين ٿا، پنهنجن وسيلن کان سواءِ ٻين جي وسيلن تي ڏاڙا هڻڻ نه ٿا چاهين، انهن مڙني جو وسيع اتحاد ٿئي، پاڪستان ۾ جمهوريت هجي، آمريت ختم ٿئي، ايم. آر. ڊي جو مقصد ڪامياب ٿئي. انهن سڀني مقصدن جي لاءِ اسين پنجاب ۾ آيا آهيون. اسان جا مخالف جيڪو ڪجهه ڪرڻ چاهين، ڪندا رهن، اسان کي پرواهه ناهي. اصل شيءِ پنجاب جو عوام آهي، جن اسان کي مانُ ڏنو آهي، پڳڙي ڏني آهي. انهن تمام گهڻي محبت ڏني آهي، ان لاءِ اسين سندن بيحد ٿورائتا آهيون.

قومون پارليامينٽ جي بل سان ناهن ڏهندیون پر انهن کي صدين جي سچاٽپ ۽ تاريخ هوندي آهي- اسان مضبوط ارادن ۽ فولادي جذبن سان جيلن کي فتح کيو.

انٽرويو ونندڙ: مريانہ بابر/ هفتيوار ميگ 10_17 جولاءِ 1986ع

ميگ: اوهان جو کهڙو ڏوهہ هو جو فوجي حڪومت توهان کي ستن سالن تائين سخت پورهئي سان نظربند رکڻ جي ضرورت محسوس ڪئي؟

پليجو صاحب: منهنجو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ اهو آهي تہ مان ان طبقي مان آهيان، جنهن لاءِ سمجهيو ئي اهو ويندو آهي تہ اهو ڇائو ئي پڇ لٽڪائو ٿي هلڻ لاءِ آهي، نہ ڪي اڳواٽي ڪرڻ لاءِ! مان هارين منجهان آهيان. هن وقت اسان جي سماج ۾ اوهان وڏا ليڊر ٿي سگهو ٿا جي اوهان جو تعلق حڪمران طبقي يا حڪمران قوم سان آهي، پر منهنجو واسطو سنڌي هارين سان ٿي پيو آهي، تنهن ڪري اها ڳالهہ گهٽن کي پسند نہ ٿي اچي. آئون جيڪڏهن اهي ساڳيون ڳالهيون ڪريان، جيڪي ٻيا ٻيا ڪن، تہ اهو گناهہ ڪبيره آهي. اصل ۾ آئون ان گروپ سان واسطو نہ ٿو رکان، جن لاءِ سمجهيو ويندو آهي تہ اهي ئي فقط اهڙين ڳالهين ڪرڻ جي لائق آهن. جي ڪو زميندار، جاگيردار يا ڪنهن وڏي شهر جو اشراف ماڻهو اهڙيون سرگرميون ڪري تہ ڳالهہ سمجهہ ۾ بہ اچي، پر هڪڙو ننڍڙي واهڻ جو ماڻهو حڪمران طبقن کي للڪاري ۽ ساڻن اکيون اکين ۾ ملائي پيش اچي تہ پوءِ امير طبقا فولادي طاقت سان اسان کي هيٺ ڪيرائين ٿا. اهي پنهنجو پاڻ ۾ هڪٻئي کي هر ڳالهہ جي اجازت ڏيئي سگهن ٿا، پر ڪنهن بہ ڏارئي ماڻهوءَ کي نہ!

جي هو مون کي ائين ڪرڻ ڇڏيندا تہ پوءِ هو سوچين ٿا تہ ائين تہ پوءِ هرڪو عيسو موسو ڪندو. منهنجا سؤٽ اڄا تائين پيرين اگهاڙا گهمندا آهن. ڪجهہ ڏينهن اڳ مان پنهنجي وڏيءَ سؤٽ سان مليس تہ هن ٻڌايو تہ غربت جي ڪري سندس مڙس سلهہ ۾ پيو سڙي ۽ سندس مرض جو علاج نہ ٿو ٿي سگهي. هوءَ ڪيس علاج لاءِ ڪنهن پير جي مزار تي ڪٽي ويئي، سو اهو آهي سماجي پس منظر. جي اهڙي پس منظر وارا ماڻهو ملڪي اسٽيج تي ليڊر ٿي اچن ۽ اهي بہ اهڙا، جيڪي حڪمران طبقن آڏو نہ جهڪن، تہ پوءِ تہ ٻيڙي ٻڏي نہ!

ميگ: ڇا اوهان جي ڏڪهي نظربنديءَ مان فوجي جنتا جا مقصد پورا ٿيا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ اوهان جي صحت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي وڃي

ٽي، جو ڊاڪٽر ٻہ اوهان جي مرض آڏو بيوَس آهن ؟

پليجو صاحب: اوهان چا پيا ڏسو؟ چا آئون اوهان کي جهڪيل نظر ٿو اچان؟ ٽُٽل يا هارايل؟ چا منهنجي چهري تي ڊپ ۽ مايوسيءَ جو عنصر آهي؟ اهو ته حاڪمن کي آهي. مون تي ته ڊپ بدترين حالتن ۾ ٻہ اثر نہ وڏو آهي ۽ نہ ئي وجهي سگهي ٿو. گاڏي نڪري ويڙ جو ڊپ ته هر ڪنهن کي هوندو آهي، پر اهڙو خوف جيڪو توهان کي ڪنهن ڪم ڪرڻ کان باز رکي يا توهان اهڙي قسم جا ڪڏا ڪم ڪرڻ لڳو، جيڪي هونئن توهان نہ ڪريو ها، ائين نہ ته ڪڏهن ٽيو آهي ۽ نہ ئي ٽي سگهي ٿو.

ميگ: جيڪو ٻہ قيد مان نڪرندو آهي، ان جي جسم تي ڪي نہ ڪي ظاهري توڙي لکل زخم هوندا آهن. چا توهان محسوس ڪريو ٿا ته ڊگهي نظربنديءَ کان پوءِ توهان جي شخصيت ۾ ڪي نيون تبديليون آيون آهن ؟

پليجو صاحب: پهرين ڳالهہ ته آئون سدائين سوچيندو رهندو هوس ته چا آئون ڊگهي سزا برداشت ڪري سگهندس! مون کي خوشي آهي جو آئون ان مان پار پئجي ويس. توهان مٿان هڪ ڏينهن يا هڪ مهيني تائين ٽارچر ڪيو ويي، پوءِ ته خير آهي، پر مون لاءِ ته هيءَ بيماري مسلسل عذاب آهي، هر ڏينهن، هر ڪلاڪ، هر گهڙي! توهان کي ته مهيني مهيني نہ پر هر ڏينهن ۽ هر ڪلاڪ جيئڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻي آهي ۽ مون کي اها ڄاڻ نہ هئي ته آئون ان مان بچي نڪرندس يا نہ! اها حقيقت آهي ته آئون فولادي جذبي ۽ مضبوط ذهن سان ان مان جيئرو بچي نڪتو آهيان، جيڪا تمام وڏي ڳالهہ آهي ۽ ان تي مون کي ڏاڍي خوشي آهي. ٻي ڳالهہ ته مون کي اهڙين شخصيتن سان ملاقات جو موقعو مليو، جن سان جيڪر هونئن ته آئون ڪڏهن ٻہ نہ ملي سگهان ها، يعني ڪي سياسي شخصيتون، واپاري ۽ ٻيا اهڙي قسم جا ماڻهو.

ڪڙين آزمائشن مان ماڻهن کي بهادريءَ سان پار پوندي ڏسڻ ڏاڍو حيرت انگيز تجربو هو. آئون صرف ان بابت تصور ڪري سگهندو هوس، پر ڪڏهن ٻہ اهڙي اميد نہ هئي ته ڪو آئون اهڙن ماڻهن کي اکين سان ڏسي سگهندس، جيڪي سچا پچا هيرا آهن. مون اهڙا ٻہ ماڻهو ڏٺا، جن کي 25 سال قيد جي سزا مليل هئي، پر هو ڳائيندا، ڪلندا، ٽلندا وتندا هئا. مون سمجهيو هو ته اهڙا ماڻهو چين، روس، فرانس، انگلينڊ يا ٻين زمانن ۾ مختلف تاريخي حالتن ۽ ڪجهہ ٻين هنڌن تي ئي ٽي سگهن ٿا، پر مون اهو ڪڏهن سوچيو ٻہ نہ هو ته ڪو اهڙن سورهيہ ۽ اڻ موٽ عام مردن ۽ عورتن سان ملاقات ٿيندي، سو انهن سان ملاقات سچ پچ ته هڪ وڏو تجربو هئي. آئون پڻ ساڳيءَ ٻيڙيءَ جو سوار هوس، ساڻن ڪچهريون ڪندو هئس ۽ گڏجي ويهي حال اوريندا هئاسين. انهن ڪچهرين مون کي ماڻهن سمجهڻ جي نظرياتي يا جذباتي پهچ ڪونہ ڏني، پر ان ڪئمپ ۾ اسان سان گڏ ٻيا عام ماڻهو ٻہ هئا. ڏکن اسان کي ويجهو آڻي ڇڏيو هو. اسان جون سموريون ذهني بلنديون ۽ نعرا مڪمل طور لڏي ويا

۾ اسان حقيقي ٻٽي دوستي ۾ گڏيل منزل جو احساس حاصل ڪري ورتو. ان بعد مون کي پنجاب اچڻ جو موقعو مليو.

اسان جي نظر ۾ انسان دوستي پهرين شيءِ آهي، پر عمل مختلف آهي، سو جڏهن آئون هتي آيس تہ مون دوستن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ اسان ڪيترن ئي مسئلن کي اکين سان ڏسي سگهياسون. اسان دوستي قائم ڪئي جيڪا اڄا قائم آهي. سو پنجاب هڪ وڏو تجربو هو ۽ جڏهن منهنجي زندگيءَ جون تنگ ۽ طويل راهون ۽ رستا کلندا تہ اهو تجربو منهنجي تجربن مان هڪ وڏو تجربو هوندو. مون سنڌيءَ ۾ هڪ ڪتاب بہ لکيو هو تہ سهپ ۽ ارڏائيءَ جي حقيقت ماڻهوءَ جي دل ۾ گرمجوشي پيدا ڪري حوصلا بلند ڪري ٿي.

ميگ: اها هڪڙي بنيادي شيءِ آهي تہ قيد ۾ بند هر ماڻهو جيئڻ ۽ نئين صبح کي ڏسڻ چاهي ٿو، پر ان جو ڪهڙو سبب آهي جو ماڻهو ٿُڻي پوي ٿو؟

پليجو صاحب: اها انسان ذات جي ان خواهش جو تت آهي، جنهن تحت هو حيوانن وانگر جيئڻ بدران انسانن وانگر جيئڻ چاهي ٿو. سو اهو اسان جو ايمان آهي تہ جي زنده رهجي تہ عزت ۽ آبروءَ سان، نہ تہ ڪابہ ضرورت ناهي. ان ڪري اوهان چاهيندا تہ بهادر ٿجي، مان مرتبي وارو ٿجي، ٻيءَ صورت ۾ هن دنيا ۾ جيئڻ ڪهڙو! جي بزدل ۽ روئڻا هوندا سين تہ پوءِ جيل ۾ رهي نہ سگهندا سين. جي اوهان پاڙيا ۽ مطلبي هوندا تہ پوءِ سورن يا تڪليفن مان نڪري ڪونہ سگهندا. اسان وٽ اهڙن ماڻهن جا مثال موجود آهن، جيڪي سمورن لڪن کي لتاڙي سوپارا ٽپيا ۽ ٻيا جيڪي انهن آڏو ٿُڻي پيا. اها اسان جي بنيادي خواهش آهي تہ اسان جا ڳاٽ اوچا هجن ۽ اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ اسين انسان آهيون ۽ ڪابہ آزمائش اسان کي شڪست ڏيئي نہ ٿي سگهي.

ميگ: ان طويل آزمائش جي دور ۾ ڇا ڪا اهڙي گهڙي آئي، جڏهن اوهان سوچيو هجي تہ ان کي منهن ڏيڻ ڏکيو آهي ۽ اوهان ٿُڻڻ تي آهيو؟

پليجو صاحب: نہ! ڪڏهن بہ نہ! ڪنهن هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ نہ! پر مون بيماريءَ لاءِ اهو محسوس ڪيو تہ اها منهنجي ايمان کي توڙي ڇڏيندي! اهي اهڙيون گهڙيون هيون، جڏهن توهان کي ڪا خبر نہ هجي تہ توهان ڪيستائين زنده رهي سگهندا. مون کي ڪابہ خبر نہ هئي تہ منهنجو ڇا ٿيندو! پاڻ سان لاڳاپيل ساڻين مان بهتريءَ جي تہ ڪابہ اميد ئي نہ هئي، پر اهڙي بہ گهڙي ڪونہ آئي، جڏهن آئون اميد لاهي وينو هجان يا آئون نااميد ٿي ويو هجان، باقي اهڙيون گهڙيون آيون، جڏهن صورتحال غير يقيني هئي.

ميگ: جيلن مان آزاد ٿيل گهٽا سياسي قيدي اهڙا آهن، جيڪي ٻاهر اچي بلند ٽپا ۽ سماج جا سورما ٿي ويا. اوهان جا ڪهڙا تاثر آهن؟

پليجو صاحب: گهٽا ئي آهن. اسان اهڙا ماڻهو آهيون، جن جو ڪم نياز ۽ نوڙت آهي. اسان هر قسم جي شهرت کان لنوائيندا آهيون. شهرت کي هيري ٽپڻ لاءِ

ضروري سمجهيو ويندو آهي. اسان جي تنظيم ۾ هيري ٽيڊ واري واپار تي سخت بندش آهي. اسان هرهڪ جي اهڙي تربيت ڪندا آهيون، جيئن هو پاڻ پڌائڻ جي اڳيان پويان نہ ڏوڙن. اسان وٽ سورمي بازي آهي ئي ڪونہ! اوهين اڄ ڪيئن سورما ٿي سگهو ٿا؟ جي توهان بيڪار ۾ نہ وڙندڙ مقصد کي ڪٽو ۽ اوهان اهڙن مسئلن کي ڪٽو جيڪي عوام کي ناپسند هجن. هيرو تہ اهڙو ماڻهو ٿيندو آهي، جيڪو گهٽائيءَ جي پلائي ۽ وڙڻ جون ڳالهيون ڪري. اسين هر وقت نہ فقط سرڪار خلاف ڳالهايون ٿا، پر ڪيترين اهڙين ڳالهين جي بہ خلاف ڳالهايون ٿا، جيڪي عوام کي پسند آهن. اسين سرگرم ماڻهو آهيون. جي سورمائپ پويان لڳبو تہ پوءِ سست ماڻهو ٿي رهڻو پوندو. اسين هميشہ اهڙا ماڻهو آهيون، جيڪي ڪڏهن مزو ڏيندا تہ ڪڏهن نہ!

منهنجي خواهش آهي تہ آئون هيرو هجان پر بي معنيٰ ۾، منهنجي پنهنجي معنيٰ ۾. اها معنيٰ هيءَ تہ آئون پنهنجو فرض ادا ڪريان، عاجز ۽ فرمانبردار ٿي رهان ۽ آئون ڪنهن بہ شيءِ جي لالچ نہ ڪريان. مون کي شهرت ۾ ڪابہ دلچسپي ڪانهي. اها حقيقي سورهيائپ آهي ۽ اهڙي سورهيائي اسان کي سمورن زمانن ۽ صدين جي ماڻهن ۾ ملندي. پارٽي ضابطي اسان کي سيڪاريو آهي تہ ذاتي معتبريءَ جي پاڙ پٽڻي آهي. جي اسان منجهان ڪوبہ معتبري ڏيکاريندو ۽ سورمي ٽيڊ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ مٽس ڪلندا آهيون.

ميگ: اوهان جي ننڍپڻ وارن سالن ۾، توهان پنهنجي معاشري ۾ ڪڏهن ائين محسوس ڪيو تہ هڪ ڏينهن اوهان ايڏا وڏا ماڻهو ٿيندا جو ملڪي ليول تي عوام کي خطاب ڪري سگهندا، جيئن اڄ ڪلهہ اوهان ڪري رهيا آهيو؟

پليجو صاحب: منهنجي زندگيءَ جي پهرين سالن اهو ثابت ڪيو هو تہ آئون هڪ غير معمولي ماڻهو هئس. آئون جڙ تہ جائو ئي غير معمولي ڪم ڪرڻ لاءِ هئس. جڏهن آئون ڏهن سالن جو هئس تہ منهنجي استاد مون کي پنهنجن ڪلهن تي ڪٽي سڄي اسڪول ۾ گهمايو ۽ چيو تہ، "هيءُ سياڻي جو ليڊر ٿيندو." پاڪستان تحريڪ هلي رهي هئي ۽ ان وقت ليڊر ٿيڊ وڏي ڳالهہ هئي. اسان وٽ ان وقت ڊاڪٽر هئا، انجنيئر هئا، پر ليڊر ٿيڊ سڀ کان وڏي ڳالهہ سمجهيو ويندو هو. هر هنڌ ۽ هر گهڙي مون کي غير رواجي ڪم ڪندڙ سمجهيو ويندو هو. ماڻهو، شيطاني دماغ سڏيندا هئا. آئون ٻالڪپڻي کان ونئي ساندهہ باغي رهيو آهيان. آئون ٻارن ۽ مائٽ عورتن تي ٽيندڙ ڏاڍائين جي مخالفت ڪندو هئس. مون کي ٻاراڻي کان ونئي شين پڙهڻ جي عادت هئي، ان ڪري مون کي هميشہ عام ماڻهن کان مٿانهون سمجهيو ويندو هو.

ميگ: جيئن تہ اوهان جو واسطو هڪ اهڙي صوبي سان آهي، جيڪو اڄ صوبائي خودمختياريءَ جي مهم ۾ سڀني جو سرواڻ آهي، سو اوهان جي خيال ۾ ان شيءِ جي نجات ڇا ۾ آهي؟

پليجو صاحب: وڏي صوبي کي پيدائشي ۽ موروثي طور اهڙيون برابريون مليل

آهن، جي اوهان انهن تي رواجي طور سوچيندا ته پوءِ ته هو ان جي لائق ليکبا. هاڻي جي سماج پاران انهن کي برترين جي اجازت ڏني وڃي ٿي ته پوءِ ته ننڍا صوبا تباهه ٿي ويندا ۽ جي ننڍا صوبا اهڙا قدم کڻن، جن جي اهڙي صورتحال ۾ اميد ٻه رکي سگهجي ٿي ته پاڪستان ڪونه رهندو. اسان کڏهن ٻه ساڳي رياست ۾ ڪونه رهيا آهيون، اها هڪ حقيقت آهي، جنهن کي ڏنڊلايو ويو آهي. منهنجو پناڻن سان کڏهن ٻه واسطو نه پيو آهي. مون بلوچستان ته ڏٺو ئي ڪونهي. هي يورپ ناهي جتي توهان هر وقت گهمندا ڦرندا رهو. هتي ڪوبه کنهن کي نه سڃاڻي. سنڌ ۾ ته اسان شهري ماڻهن کي ٻه نه ٽا سڃاڻون ۽ ان صورتحال ۾ اسان کي اوچتو ٻڌايو ويو ته اسين هڪ قوم آهيون. اسين کڏهن ٻه هڪ قوم ناهيون رهيا. ڇا قوم پارليامينٽ جي بل سان ٺهندي آهي؟ يعني فلاڻي تاريخ کان فلاڻا فلاڻا ماڻهو پاڪستاني قوم ٿي ويندا؟ تنهن ڪري جي هرڪو پنهنجي مرضيءَ موجب ڪم ڪرڻ لڳي وڃي ته باقي ڪجهه نه بچندو. جي مان پنهنجي حقن تي زور ڏيان ۽ توهان پنهنجي حقن تي سندرو ٻڌي ٻينا هجو ته پوءِ پاڻ گڏجي رهي ڪونه سگهنداسون. ڪو چوي ٿو ته مون وٽ سپاهي آهن، مون وٽ فوج آهي، اسين اڪثريت ۾ آهيون، سو حڪمراني اسان ئي ڪنداسون، پوءِ ننڍا صوبا چوندا ته ادا ماشاءَ الله! اوهان جي اڪثريت ۾ آهيو ته پوءِ اسان جي اٿو الله توهار! اسان کي الڳ قسم جو ڏانچو کپي ۽ اسين توهان سان سهڪار ڪرڻ نٽا چاهيون. جڏهن لڙائي لڳندي ته اسان توهان سان ڪونه هونداسين. اسان کي جيڪو وڻندو سو ڪنداسين. اوهان ٻه اڳي وانگر جيئن مرضي پويَو تيئن ڪريو. جي توهان لڙائي ڪرڻ چاهيو ٽا، مارڻ چاهيو ٽا ته پلي اسان جا ڪجهه ماڻهو ماريو. تنهن ڪري جي توهان کي توازن قائم ڪرڻو آهي ته ان لاءِ اوهان کي موجوده روش ۽ نظرين کي ڇڏڻو پوندو.

ميگ: ڇا توهان محسوس نه ٽا ڪريو ته اصل ۾ اهي ننڍا صوبا ئي هئا جن لاشعوري طور وڏي صوبي کي اهڙيون رعايتون ڏنيون جو اڄ ائين ڪري رهيو آهي؟

پليجو صاحب: تاريخ اهڙن قدمن کڻڻ جو موقعو عطا ڪيو آهي، جيڪي ڏگهي عرصي لاءِ سندن واسطي فائديمند ثابت نه ٿيندا. اوهان کي غلطين ڪرڻ جي فقط هڪ دفعو مهلت آهي. اوهين فقط هڪڙي گولي هلائي سگهو ٽا. اسان کي علامہ اقبال ۽ نظريہ پاڪستان وغيره جهڙا پنهنجا انقلاب آهن، پر اهي اوهين فقط هڪ دفعو چئي سگهو ٽا، ويندي قوم ناهڻ ٻه! اهو هڪ ڪمزور ڏانچو آهي، توهان کي معاملو هلائڻو آهي، پر هتي نبيري جي ڪوٽ آهي، قيادت جي ڪوٽ آهي، ڳالهه سمجهڻ جي ڪوٽ آهي، جو هو جاگيردار آهن. جي هو گهٽائيءَ ۾ آهن ته پوءِ هو توهان جي ڳالهه چو ٻڌن؟ توهان پنهنجن فوري انڊن فيصلن جي پويان ته نه پيا هلو؟ سو قيادت ۾ بلوغت جي ڪوٽ آهي. حقيقي انقلابي پارٽين جي ڪوٽ آهي. حڪمران طبقي کي ته اها ٻه خبر ناهي ته ڏميوار ماڻهن وانگر ڪيئن هلجي ۽ جمهوري طور عوام کي ڪيئن ڇڪجي؟

سرڪار عوام جي ٻڌي ۾ طاقت کان ڊنل آهي
اسان عوام جي طاقت کي لڳل تالي کي کوليون پيا.

انٽرويو: يميما منا/ دي مسلم اسلام آباد، 4 جولاءِ 1986ع

[رسول بخش پليجو پاڪستان ۾ طويل ترين قيد ڪاٽيندڙ سياسي قيدي آهي. هو بنا ڪنهن الزام جي 7 سال مسلسل جيل ۾ رهيو.... جڏهن هو 1979ع ۾ گرفتار ڪيو ويو هو، تڏهن هو صوبي جي سياستدان طور مس سجاتو ويندو هو، پر جڏهن جيل مان نڪتو تہ ملڪي پائي جي شخصيت طور نروار ٿيو. حڪومت مخالف اتحاد M.R.D (ايم- آر- ڊي) جو ڪنوينر مقرر ڪيو ويو. پليجي صاحب جي سياسي عمر جو ڪجھ عرصو بند ۾ گذريو آهي. سندس عمر 56 سال آهي، وڪيل آهي، سندس پيءُ تپيدار هو. اهو سندس مختصر تعارف آهي، اصل ۾ هي ماڻهو ڪير آهي؟ ڪٿان آيو آهي؟ سياسي ارتقا جو اهو ڪهڙو عمل آهي جنهن کيس ان منزل تي رسايو آهي؟]

اچو تہ سندس زباني ٻڌون:

"آءٌ ملان مڪتب ۾ پڙهيو آهيان. تنهن زماني ۾ عربي ۽ فارسيءَ کان سواءِ ٻين زبانن ۾ سند يافتہ "مولوين" کان باقاعده فتويٰ ونڊي پوندي هئي.

منهنجي ڏاڏي جي مرضي هئي تہ آئون مولوي ٿيان، پر منهنجي همیشہ اها خواهش هوندي هئي تہ سماج کي بدلائجي. ڏهن سالن جي عمر ۾ مون کي محمد بن قاسم تي لکيل ڪتاب انعام ۾ مليو. مون هڪدم پنهنجي هم ڪلاسين جي فوج منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان کان پوءِ آئون وهابين کان متاثر ٿيس ۽ سمجهيم تہ سماج کي بدلائڻ جو اهوئي رستو آهي. آئون "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ پڙهيس ۽ اتي مسلم نيشنل گارڊ جو ميمبر هوس ۽ پاڪستان تحريڪ ۾ سرگرم هوس. مون شيعن، جماعت اسلامي ۽ قادياني فرقي جو لٽريچر پڙهيو. پوءِ منهنجي واقفيت سوشلسٽ لٽريچر سان ٿي. تنهن وقت کان ونڊي آئون پاڻ کي ترقي پسند سمجهندو آهيان ۽ ان ئي موجب عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.

پر آئون همیشہ اها ڪوشش ڪندو رهيو آهيان تہ "لکير جو فقير" نہ ٿجي، ان ڪري مون ڪجھ عرصي لاءِ سوشلزم جي مخالفت ۾ دنيا اندر جيڪي ڪتاب هئا، اهي پڙهيا، جيئن صحيح پروڙ پئجي سگهي. مون همیشہ اها ڪوشش ڪئي آهي تہ سياسي توڙي ادبي ميدان ۾ آزاد ذهن رکان ۽ نظرين جو قيدي نہ ٿيان.

منهنجو پهريون سياسي تجربو 1953ع ۾ ٿيو. جنهن منهنجي سموري سياسي

سوچ کي متاثر ڪيو. تڏهن آئون وڪالت جي پهرئين سال ۾ پڙهندو هوس. ان سال لاڙڪاڻي ضلعي ۾ قمبر- شهدادڪوٽ تڪ ۾ اليڪشن هئي. ٻن اميدوارن مان هڪ پاسي طاقتور جاگيردار نواب غيبي خان چانڊيو هو، جڏهن ته ٻئي پاسي ان جي مقابلي ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي "سنڌ هاري ڪميٽي" پاران هو. هيءَ اهڙي اليڪشن هئي، جو هڪڙي پاسي سڄي سنڌ جا جاگيردار ۽ نواب گڏ ٿيا هئا ته ٻئي پاسي هاري.

اسان هٽن ۾ جهنڊا کٽي، پيرين پنڌ ڳوٺ ڳوٺ وياسين- گيت ڳائيندا...

هيءَ جنگ آ، جنگِ آزادي- محڪومن جي- مظلومن جي...

هارين ۽ جاگيردارن وچ ۾ مقابلي بابت، اهو منهنجو پهريون سياسي تجربو هو ۽ مون اهڙن ماڻهن جا وحشيت پريا ظلم ڏٺا، جيڪي هن ڌرتيءَ تي سمورن انسانن کان سڌريل سمجهيا ويندا آهن. خود مون کي هڪ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيو ويو. اسان جي هڪڙي ساٿيءَ کي وڻ سان ٻڌي، مٿس ڪتن جي بڇ ڪئي وئي.

اها اسان جي تعليم هئي، اسان اليڪشن بابت ٻڌو هو، پر اسان ڏٺو ته جي ايمانداريءَ سان اليڪشن ڪرائي وڃي ته هي سمورا طاقتور جاگيردار عوام جي ٻڌيءَ سان مقابلو ڪري ڪونہ سگهندا، ڪين وحشياڻا گُر ئي استعمال ڪرڻا پوندا هئا، سو هتي مون عوام جي طاقت بابت سکيو.

اتي ئي مون عورتن جي قوت بابت سکيو. ڳوٺ ٻير (قمبر کان اولهہ طرف 3 ميل) ۾ تقرير ڪندي مون پڇيو ته جيڪي عورتون عوامي جدوجهد جون حامي آهن، اهي پنهنجا هٿ مٿي کڻن- ۽ هڪدم گهرن جي ٽهيل اڌ ڀتين پويان، سوين هٿ اُپا ٿي ويا!

اهي سخت ڏينهن هئا، خوشين ۽ گيتن سان ڀرپور... پوءِ اسان جو ڪم سنڌ ۾ پکڙجڻ لڳو ۽ اسان وڏي ۾ وڏو اهو مطالبو ڪيو ته "ون يونٽ کي ٽوڙيو." پر جڏهن اسان تي سرڪار ڪڙڪي ته اسان پنهنجا طور طريقا تبديل ڪيا.

سو اسان ٻيو دڳ ورتو ۽ اسان پنهنجي مقصد جي ڦهلاءَ لاءِ ثقافت جو رستو اختيار ڪيو. مون سنڌيءَ ۾ ڪتاب، ڪهاڻيون، آتم ڪهاڻيون، مضمون ۽ شاعري لکڻ شروع ڪئي ۽ ڪيترائي ترجما پڻ ڪيا.

پوءِ ٽيوائين ته جن رسالن ۽ ڪتابچن ۾ اسان لکڻ شروع ڪيو، انهن تي بندش پوڻ لڳي، تنهنڪري اسان مختلف ميلن ۾ وڏا عوامي جلسا ڪرڻ شروع ڪيا، جن ۾ اسين پنهنجو پيغام شاهہ لطيف جي ڪلام وسيلي ماڻهن تائين پهچائيندا هئاسون... پوءِ انهن ميڙن تي بہ بندش وڌي ويئي. پوءِ اسان "بزمِ صوفياءِ سنڌ" ٺاهي، جنهن جو صدر جي- ايم سيد هو، آئون سيڪريٽري هوس. اسان صوفين جي مزارن جو دورو ڪندا هئاسون ۽ گڏ ٽيل ماڻهن ۾ انهن صوفين جي پيغام جي تبليغ ڪندا هئاسين، پر ساڳيءَ طرح اسان تي بندش وڌي ويئي ۽ چيو ويو ته اسين اهڙين درگاهن تي وڃڻ ڇڏي ڏيون. مزارن جا گادي نشين اسان جي اچڻ جو ٻڌي هڪدم پوليس کي

اطلاع ڏيندا هئا.

1964ع ۾ آئون نعپ ۾ شامل ٿيس ۽ حيدرآباد جو صدر ٿيس، پر جڏهن D.A.C (ڊيموڪريٽڪ ايڪشن ڪميٽي) اتحاد ٺهيو، تڏهن جماعت اسلامي اتحاد ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اهو شرط وڌو ته ون يونٽ کي ٽوڙڻ جو مطالبو ڪيو، ان جي جڳهه تي اهو مطالبو ڪيو ويو ته هر مسلمان کي چار شاديون ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي، جيڪو مطالبو ايوب جي "خاندان واري قانون" جي خلاف هو. مون ان جي سختيءَ سان مخالفت ڪئي ۽ سنڌ نعپ جي هنگامي گڏجاڻي سڏايم، جنهن ۾ مطالبو ڪيم ته نعپ ان اتحاد مان نڪري اچي. جيئن ته هو مون سان متفق نه ٿيا، ان ڪري مون نعپ تان استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي.

منهنجي نظر ۾ "ون يونٽ" ۽ "خاندان وارو آرڊيننس" ايترا ته اهم مسئلا هئا جو انهن مان ڪنهن به هڪ تان هٽ نه پيو ڪٽي سگهجي. آئون هر ميدان ۾ جنسن جي مڪمل برابريءَ ۾ يقين رکان ٿو. ها، ائين برابر ٿي سگهي ٿو ته هڪ مسلمان ۽ مرد هڻڻ جي ڪري، مون به ڪي فائدا ورتا هجن ۽ عملي طور ائين نه ڪيو هجي جيئن آئون تبليغ ڪريان ٿو. ٿي سگهي ٿو ته حالتن جو شڪار ٿي، مون پڻ غلطيون ڪيون هجن، ڇوتہ آئون پڻ هن سماج جو حصو آهيان، جيڪو مون کي صحيح ڀالهين جي پروڙ ۽ پنهنجن خيالن تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ کان روڪي ٿو.

ڪجهه سوچ ۽ ويچار کان پوءِ آئون جي- ايم سيد سان "سنڌ متحده محاذ" ۾ شامل ٿيس. اسان جي- ايم سيد سان ان ڪري گڏ ٿياسون، ڇوتہ هو پنهنجين لکٽين ۾ پاڻ کي جاگيردار دشمن، روشن خيال ۽ ترقي پسند سڏيندو هو ۽ سماج جي نئين سر جوڙجڪ چاهيندو هو. پر اسان ڏٺو ته سندس سوچ محدود هئي. اسان جي مسئلن جو مرڪز سنڌ هئي، ان ڪري اسان جو ڪم سنڌ سان ئي لاڳاپيل رهيو. پر اسان ڪڏهن به بين صوبن سان لاڳاپن کي نه وساريو ۽ بنگالي عوام ۽ پنجابي ترقي پسندن سميت سمورن صوبن سان لاڳاپا رکيا. اسان بنگالي عوام جي سندن ٻوليءَ لاءِ هلايل جدوجهد جي سختيءَ سان حمايت ڪئي. اسان جي سوچ گهڻ- قومي رهي آهي، ڇوتہ اسان نظرياتي طور بين الاقواميت پسند آهيون.

منهنجو تنهن زماني ۾ توڙي اڄ پڻ ساڳيو ئي ايمان آهي ته طبقاتي ۽ بين ظلمن سان گڏ، جيڪي سمورن صوبن جي عوام مٿان گڏيل طور ٿي رهيا آهن، پاڪستان جي ننڍن صوبن جي عوام مٿان قومي ظلم جو بار پڻ آهي، ان ڪري آئون اهڙن ماڻهن جي ٻولا ۾ هوس جيڪي هڪ ئي وقت انهن ٻنهي ظلمن جي خلاف آواز بلند ڪن ۽ نه ڪي رڳو هڪ ڀالهه تي زور ڏين. جيئن ته جي- ايم سيد انهن ٻنهي جي خلاف ڀالهائيندو توڙي لکندو هو، ان ڪري مون ساٺس گڏ ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. پر 1968ع ۾ جڏهن جي- ايم سيد، کهڙي ۽ بين اهڙن ماڻهن کي شامل ڪيو جيڪي نه فقط وڏيرا هئا پر ون يونٽ ناهڻ لاءِ پڻ ذميوار هئا، تڏهن 1969ع ۾ اسان ڪانئس جدا ٿيڻ جو

فيصلو ڪيو. اسان سمورن وڏيرن نہ، پر فقط ظالم زميندارن جا مخالف هئاسون.

ان عرصي دوران ايوب خان جي خلاف تحريڪ هلائڻ ۾ ون يونٽ خلاف شاگردن جي مظاهرن جي حمايت ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ آئون پهريون پيرو جيل ويس. 5 مارچ 1970ع تي "عوامي تحريڪ" ناهيسون. ڪيترن ماڻهن جو خيال هو تہ اسان هڪ ٻي "ڏيڍ سري مسجد" ناهي رهيا هئاسون، ڪيترائي شامل ٿيندا ويا ۽ ٻيا ان جي حمايت ۾ نہ هئا. فاضل راهو، حفيظ قريشي ۽ آئون ميمبر هئاسون. اسان مزدورن، هارين، وچولي طبقي ۽ دانشورن جي اتحاد جي بنياد تي ڪم ڪيو. جيئن جمهوري انقلاب آڻي سگهجي، جيڪو هڪ عظيم سماجي انقلابي راهہ هموار ڪندو. عوامي تحريڪ محدود لاڳاپن، مالي وسيلن، ميمبرن ۽ ٻين عملي مجبورين سبب سنڌ تائين محدود هئي، پر اسان هڪ ڳهڙيءَ لاءِ بہ پاڻ کي سنڌ تائين محدود نہ رکيو.

عوامي تحريڪ ثقافت ۽ ٻوليءَ لاءِ پڻ جدوجهد ڪئي. سنڌي ٻولي اسان جي پروگرام جو مکيہ حصو هئي. 1972ع جي ٻوليءَ واري تحريڪ ۾ آئون قيد ڪيو ويس ۽ 1976ع ۾ پڻ قيد ٿيس.

ٻوليءَ جي اهم مسئلي تي ضروري آهي تہ پنهنجو موقف واضح ڪجي. اسان واضح طور اردوءَ کي رابطي جي زبان مڃون ٿا، انگريزيءَ کي رابطي جي زبان ڪرڻ جي ڳالهہ غير حقيقي ٿيندي، البت انگريزيءَ جي پڻ همت افزائي ڪجي. اردوءَ جي خوبين ۽ خامين جي تاريخ جي تفصيل ۾ وڃڻ کان سواءِ مڃون ٿا تہ اسان کي اردوءَ جي رابطي واري زبان طور ضرورت آهي.

اسان پڻ ٻولي فارمولا ۾ يقين رکون ٿا، جنهن ۾ مادري ٻولي بنيادي ۽ اهم آهي. منهنجي خيال ۾ سنڌ ۾ سنڌيءَ کي جيڪا حيثيت ملڻ کپندي هئي، اها ڪونهي ملي. سنڌيءَ سان زباني واعدا ڪيا ٻيا وڃن پر 1972ع ۾ ڪيل انهن واعدن جو ڇا ٿيو جن ۾ چيل هو تہ 12 سالن اندر سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ جي برابري هوندي؟ اهڙا ڪي بہ آثار نظر ڪونہ ٿا اچن. حقيقت اها آهي تہ سنڌي رسالن، ڪتابن ۽ شاعريءَ تي بندش وڌي ويئي آهي. اسان جو رسالو "تحريڪ" پڻ ان جو نشانو بڻيل آهي، ڇو تہ سرڪار ڄاڻي ٿي تہ هر ماڻهو تڏهن وڌيڪ پڙهي سگهي ٿو، جڏهن سندن جذبا ۽ خيال سندن ٻوليءَ ۾ بيان ڪيل هجن.

آئون هميشہ ترجمن جي ضرورت ۽ اهميت تي زور ڏيندو رهيو آهيان. هڪ صوبائي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتاب اردو توڙي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪري سگهجن ٿا. اها ڪوشش هڪ گڏيل سوچ ۽ گڏيل ثقافت کي جنم ڏيندي، جيڪا "قومي يڪجهتي" کي حقيقي طور مضبوط ڪندي، جيڪو نعرو اڄ ڏينهن تائين هڪ ظالماڻي اصطلاح طور ڪتب آندو ويو آهي.

مصيبتن سان پريل، منهنجو جيل وارو ڏڪهو عرصو، منهنجي سياسي زندگيءَ جو هڪ اهم باب آهي. ٻين سياسي قيدين سان ملي ۽ ٻين دليرماڻهن ۾ سورهيائپ

ڏسي مون کيئي نيون ڳالهيون پرايون.

سرڪار اسان کان ڊنل ناهي، اها عوام جي ٻڌي ۽ بي پناهه طاقت کان ڊنل آهي. اسان کي ان ڪري خطرناڪ سمجهيو ويو آهي ڇوتہ اسان اهڙيون چاهيون آهيون، جيڪي عوام جي طاقت کي لڳل تالي کي کولي سگهن ٿيون. اسان بنيادي ڪم ڪيو آهي، ان ڪري هر سرڪار اسان کي هڪ خطرو سمجهي ٿي. عوامي تحريڪ جون 4 شاخون آهن، جيڪي هارين، مزدورن، عورتن ۽ شاگردن ۾ ڪم ڪندیون آهن.

اسان بين الاقواميت پسند آهيون، پر اسان جون پاڙون سنڌ ۾ آهن. اها اسان جي پهرين ذميواري آهي. منهنجي خيال ۾ سنڌ، پاڪستان جو مظلوم ترين صوبو رهيو آهي. جيڪو ڪجهه هتي ٿي رهيو آهي، اهو ڪنهن ٻئي صوبي ۾ ناهي ٿيو. سنڌ ۾ سنڌي اقليت ۾ تبديل ڪيا ويا آهن.

ڏارين ماڻهن جون ٻوڏون، لهرون لهرون ٿي، هتي اچي، اسان جي ٻنين ۽ روزگار تي قابض ٿيندیون رهن ٿيون ۽ اسان مٿان حڪمراني ڪندیون رهن ٿيون. سنڌ جو هن وقت وڏي ۾ وڏو مسئلو اهو آهي تہ سنڌين کي سندن ئي ڌرتيءَ تي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ بند ڪيو ويو، اهو اسان برداشت ڪري ئي نٿا سگهون ۽ اسان ان خلاف اُٿنداسون ۽ ان جو ڀرپور بچاءُ ڪرڻ لاءِ ان سان مقابلو ڪنداسين.

پاڪستان جي سياست ۾ جنرلن جي هٿياربند مداخلت جو سلسلو بند ٿيڻ کپي. سنڌ کي هڪ فتح ڪيل علائقي جي حيثيت ڏني وئي آهي.

انٽرويو: نظير لغاري/جنگ ڪراچي، مدوبڪ ۾ چيپل، 30 جولاءِ 1986ع

جنگ: منهنجو پهريون سوال اهو آهي ته اوهان هڪ سياستدان ۽ اديب جي حيثيت سان ملڪي حالتن جو ڪهڙو تجزيو ڪيو آهي ۽ ان صورتحال تي اوهان جو ڪهڙو تبصرو آهي؟

پليجو صاحب: هڪ عرصي کان ملڪ بحراني حالتن ۾ آهي. اها حالت ڏينهون ڏينهن شدت سان وڌندي ٿي وڃي. ماڻهن کي اها خبر ڪونهي ته سياڻي ڇا ٿيڻو آهي. حڪومت جي عوام سان جيڪا 9 سالن کان روش رهي آهي، ان بنياد تي ڪنهن کي خبر ڪانهي ته سياڻي ڪهڙي شيءِ جي اميد ڪجي. سنڌ کي هڪ فتح ڪيل علائقي جي حيثيت ڏني وئي آهي. سنڌ جا ماڻهو ڏاڍيلن جا آزاريل هٿ ۽ هاڻي وري قانون نافذ ڪندڙ بہ عوام جي آزار جو سبب بڻيا آهن. بلوچستان ۾ طوفان اچڻ کان اڳ جيڪا ماڻ ڇانيل هوندي آهي، سا موجود آهي. سرحد ۾ بم پيا ڦاٽن. پاڪ-افغان سرحد تي ڇڪتاڻ وڌي وئي آهي. پارتي لاڳاپن ۾ مونجهارن جي ڪري اتان جي وزيراعظم هتي جو دورو ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي.

بيروزگاريءَ جو نانگ سڄي ملڪ مٿان، خاص ڪري سنڌ ۾ پنهنجو ڦڻ ڪڍيو بيٺو آهي. سنڌ ۾ درياهه خشڪ آهي، ماڻهو گهبرايل آهن، انهن جي دلين ۾ غم آهي، غصو ۽ پريشاني آهي ۽ منجهن بيوسيءَ جو احساس گهرو ٿيندو پيو وڃي. ماڻهو پاڻ کي آفت جي ڇار ۾ ڦاٽل محسوس ڪن ٿا. پهريون دفعو پنهنجي ابن ڏاڏن جي هزارين سالن کان قديم تاريخي وطن ۾ هڪ حقير اقليت ۾ بدلجي وڃڻ جو خوف سندن دماغن تي ڇانيل آهي. ڇڪتاڻ طرفن کان انساني ٻوڏون سنڌ ڏانهن ڏوڪيندیون پيون اچن. ڪوڪرا پار سرحد کلڻ سان ته صورتحال ايڏا وڏيڪ خراب ٿي ويندي. سراسري طور ملڪ جي حالت خراب آهي ۽ ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي.

جنگ: ملڪ جي بچاءَ لاءِ اوهان کهڙيون ڳالهيون ضروري سمجهو ٿا؟

پليجو صاحب: سال جي پچاڙيءَ کان اول جماعتي بنيادن تي چونڊون ڪرائي، اقتدار چونڊيل نمائندن کي ڏنو وڃي. پاڪستان کي افغان انقلاب خلاف بنا اعلان واري جنگ جي ڏاڪ مان ڪڍيو وڃي. افغان انقلاب جي مخالفن کي واپس سندن

ملڪ موڪليو ويجي. سنڌ ۾ آبادي‌ءَ جي وڌندڙ ٻوڏ کي روڪيو ويجي. آئين ۾ ترميم ڪري ايم. آر. ڊي جي سفارش موجب مرڪز کي چار ڪاتا ڏنا ويجن، باقي ڪاتا صوبن وٽ رهڻ ڪپن. پاڪستان جي ڪنهن بہ قوميت کي ٿورائي‌ءَ ۾ تبديل نہ ڪرڻ جي ضمانت ڏني ويجي ۽ ان لاءِ گهربل قدم کنيا ويجن. پنجاب جون زمينون، نوڪريون ۽ وسيلا پنجابي عوام جي ملڪيت سمجهڻ گهرجن. اهڙي نموني سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي وسيلن، زمينن ۽ ملازمتن تي انهن ئي قوميتن جو حق تسليم ڪيو ويجي. پاڪستان جي سيني ٻولين: سنڌي، پنجابي، بلوچي، سرائيڪي، پشتو، براهوي، پوٺهاري وغيره زبانن کي قومي زبان جو درجو ڏنو ويجي. پاڪستان جي سياست ۾ جنرلن جي هٿياربند مداخلت جو سلسلو هميشہ لاءِ بند ڪرڻ گهرجي. پاڪستان جي موجوده ظالماڻي وفاق کي عوامي جمهوري وفاق ۾ بدلايو ويجي، جنهن ۾ سمورن پورهيت طبقن ۽ مظلوم قوميتن جا حق محفوظ هجن ۽ اهڙو معاشرو قائم ڪرڻ لاءِ حالتون سازگار ڪيون ويجن، جتي رڳو جسم نہ پر ذهن ۽ ضمير جي بہ آزادي هجي، جتي دماغ سوچي سگهن ۽ زبان حق جي ڳالهہ ڪري سگهي ۽ هرهڪ کي پنهنجي محنت جو اجورو ملي سگهي.

جنگ: پليجا صاحب! اوهان جو ڳاڻيٽو سنڌ جي اديبن ۾ ٿئي ٿو، اوهان جي خيال ۾ ادب، سياست ۽ سماجي عمل ۾ ڪيتري حد تائين مددگار ٿي سگهي ٿو؟

پليجو صاحب: ادب ۽ فن عوام جا اهي زرهہ چڙهيل بکتر بند دستا آهن، جيڪي سڀ کان پهرين اڳتي وڌي ظلم ۽ جبر جو پهريون وار سهن ٿا ۽ پهريون وار ڪندا آهن. ادب ۽ فن اهڙين حالتن ۾ منزلن تي بيهي سگهن ٿا، جتان عوامي طاقتن وٽ لڙائي‌ءَ جي گنجائش نہ ٿي رهي. ڪڏهن ڪڏهن ادب ۽ فن پنهنجي ٻولي‌ءَ کي اهو سڀ ڪجهہ چوندا ۽ سمجهائيندا آهن، جڏهن ڪنهن ٻئي نموني سان چوڻ ۽ سمجهائڻ ناممڪن هوندو آهي. اڪثر ڪري هر انقلاب کان اول ادب ۽ فن ۾ انقلاب آيو آهي. اڻ ڳڻين صدين جا انڌا ظلم، ڏڪ سور، ادب ۽ فن جو روپ ڌاري، عوام جي هٿيار جو روپ اختيار ڪندا آهن. ڏک ۽ غم طاقت ۾ بدلجي ويندا آهن. ادب ۽ فن ماضي‌ءَ جي ظلم ۽ حال جي ذلتن کان نفرت سيکارينڊو آهي. حال جي جدوجهد ۽ مستقبل جي نين راهن ڏانهن اشارو ڪندو آهي. مرده دلين ۾ ساهہ وجهندو آهي.

ادب ۽ فن معاشري جي جمهوري قوتن کي عمل جو حڪم ڏيندو آهي ۽ خيال ۽ سوچ جي دنيا ۾ انقلاب پيدا ڪندو آهي. هي انقلاب هڪ نئين فڪر کي بنياد فراهم ڪندو آهي. هي فڪر جدوجهد جي ڪوري ۾ پچي جڏهن ڪُندن ٻڌجي ويندو آهي تہ ان سان تاريخ ساز عمل جو هڪ نئون دور جنم ونندو آهي.

فرانسيسي انقلاب ۾ ادب ۽ فن هڪ صدي‌ءَ تائين جاگيرداري سرشتي کي ڪاپاري ضربون هڻندا رهيا ۽ فڪر ۽ جذبن جي سطح تائين ان جي بنياد کي ڪوڪلو ۽ پؤرو ڪري ڇڏيو ۽ سماج کي هڪ نئين دور جي تخليق لاءِ للڪاريو. روسو،

والٽيئر ۽ ٻين گهڻن فنڪارن، اديبن، دانشورن جاگيرداري نظام جي ڪوڪلائپ کي اگهاڙو ڪيو. روسي انقلاب کان ٻه صديون اڳ ادب ۽ فن، فڪر ۽ ڏاهپ ۾ زارشاهي سان جهيڙو جوٽيندا رهيا. آمريڪي انقلاب ۾ ٻه ائين ئي ٿيو. سموري دنيا جي انقلابن ۾ ٻه ائين ٿيندو رهيو آهي.

اسان وٽ ٻه انقلابي جمهوري جدوجهد لاءِ اهو شرط آهي ته ادب ۽ فن اهڙا فاتح لفظ ۽ شاهڪار تخليق ڪن، جيڪي زماني کي لوڏي ڇڏين ۽ ڪروڙين ذهنن ۽ ضميرن جو آواز بڻجي وڃن.

جنگ: ادب ۽ فن جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ٿي آهي ته هڪ سوال اهو آهي ته اسان جي ڪلاسيڪل ادب، سماجي ۽ سياسي ارتقا ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي؟

پليجو صاحب: شروعاتي دور ۾ ڪلاسيڪي ادب دنيا کي تياڳڻ جي نصيحت ڪئي. هڪ خاص خيال کان اها جرئتمند ۽ معنيٰ واري ڳالهه هئي.

دنيا کي ترڪ ڪرڻ جو هڪڙو مقصد اهو هو ته ڳوٺن ۽ شهرن کي ڇڏي، جهنگلن ۾ وڃي آباد ٿجي يا گهٽ ۾ گهٽ شهرن ۽ ڳوٺن ۾ رهجي ته دنيا جي ڪمن سان واسطو نه رکجي، پر ان جي ٻي معنيٰ ٻه هئي، سا اها هئي ته جنهن شيءِ کي اڄ دنيا چيو وڃي ٿو، يعني دولت، اقتدار، شان، شوڪت، رعب، دٻدٻو، هيبت ۽ هشمت تي تنقيد ڪئي وئي. معاشري جو اهو نظام، جنهن ۾ اهي سموريون شيون ٿورن ماڻهن کي حاصل ٿيون آهن ۽ عوام جي گهٽائي ان جو شڪار ٿي آهي، ڪلاسيڪي ادب ۾ ان جي مذمت ڪئي وئي آهي. صوفين ظلم ۽ جبر جي انهن روين کي هيڇ ۽ نفرت وارو سمجهي، انهن تي لعنت ڪئي آهي. انهن جي دنيا تياڳڻ جي سبق جو مطلب اهو هو ته دولت پرستي ۽ شان شوڪت جي مخالفت ڪئي وڃي ۽ ان ساري بيڪار ڏندي کان بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو وڃي. انهن جو اهو طريقو ظالماڻي نظام کان نفرت ڪرڻ ۽ نفرت سيکارڻ جو هو. انهن جو اهو اعلان هو ته، "اي ماڻهؤ! ٻڌو، هي جيڪي نواب بڻيا ڦرندا وتن ۽ هي جيڪي دولتمند هيرن جواهرن تي فخر ڪري ٽپا پيا ڏين ۽ هي جيڪي شان ۽ شوڪت، فوج ۽ درٻارن جا مالڪ، سلطان ۽ ظل الاهي بڻيا ماڻهن جي اکين کي کيرو ڪري ٿا ڇڏين، انهن جو هي نظام، جنهن جي مدد سان اهي ٿورڙا ماڻهو توهان جي محنت ۽ ڪمائيءَ جا مالڪ بڻجي وڃن ٿا، انهن جو اهو قانون ته جنهن جي مدد سان ڦورو عزت وارا ۽ اشراف ماڻهو هيڇ تصور ڪيا وڃن ٿا، اهي سڀ شيون، اهو نظام ڪجهه ٻه ناهي، ڏوڙ آهي ۽ اها ڳالهه جنهن کي پهريون ۽ آخري آئين سمجهيو ويو آهي ته عوام حقير ۽ عوام جا دشمن عزت وارا آهن، اهو سڀ هيڇ آهي، فاني آهي، دنيا مايا آهي، سراءِ آهي، رڄ آهي، ان جي ڪا حقيقت ڪانهي، انهن سيني تي هڪ غلط نگاهه وجهو ۽ اڳتي وڌو ته ڪجهه ٻه نه آهي.

دنيا کي تياڳڻ يا ترڪ ڪرڻ جو هي جيڪو جمهوري عنصر آهي، اهو نه رڳو

پنهنجي زماني جي لحاظ کان پر طبقاتي معاشري جي هر نظام ۾ هر دور ۾ اها ڳالهه پنهنجي حد تائين ترقي پسنداڻي ۽ بهادري واري هئي. اها وڏي ڳالهه آهي، جنهن کي ننڍو نه سمجهڻ گهرجي.

جڏهن سپ ماڻهو، ٽورڙن معتبرن جي پنڌيان ڊوڙندا هجن، تڏهن ڪنهن به هڪ ماڻهوءَ جو ان ڊڪ ڊوڙ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪرڻ هڪ تاريخي ڪم آهي. ڪلاسيڪي ادب جيڪو ٻيو ڪم ڪيو آهي، اهو آهي نه رڳو پنهنجي دور پر هر دور جي خراب ڳالهين کان نفرت ڏيارڻ..... ان ادب اهڙين ڳالهين کان نفرت ڏياري آهي، جيڪي ظالماڻي نظام کي جاري رکڻ ۾ ماڻهن کي اکين هوندي انڌو ۽ ڪنن هوندي ٻوڑو بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون، يعني خدائي فوجداري، دين جي ٺيڪيداري، انسان دشمني، عوام دشمني، نفرت، تعصب، مڪر، ٺڳي، اجائي لٻاڙ، گمراهي، ڪوڙو علم، ڪوڙي تاريخ، ڪوڙو فڪر، ڪوڙي دانائي- انهن ڪوڙن ماڻهن ڇيو آهي ته هن ڪائنات جو مالڪ فلاڻيون ڳالهيون ڪري ٿو، ان جو مطلب فلاڻو ٿيندو، جيڪو اسان ئي سمجهي سگهون ٿا ۽ ان کان سواءِ ڪوبه سمجهي نه ٿو سگهي ۽ اهي مطلب، معنائون ۽ سمجهاڻيون اسان فلاڻن فلاڻن ڪتابن ۾ لکي ڇڏيا آهن، جيڪي ڪڏهن به نه ٿا سگهن، ازلي ۽ ابدي آهن!

اسان جي عمدي ڪلاسيڪي ادب جي باعزت صوفين ڇيو ته، "ڪائنات جو مالڪ ٻئي هنڌ نه پر اسان جي دلين ۾ وسي ٿو، هر هنڌ آهي، ڪائنات جي هر شيءِ ان جي زبان آهي ۽ ڪائنات جي ذري ذري مان ان جا مطلب ۽ سمجهاڻيون ظاهر آهن."

هنن ماڻهن ڇيو ته، "نيڪ ٿي ويجو نه ته سزا ڪائيندؤ!" اسان جي صوفي بزرگن وري ڇيو ته، "هڪٻئي سان محبت ڪريو، ڇوته اها ڳالهه پنهنجو انعام پاڻ آهي."

هنن انسانن کي انسانيت، محبت ۽ رواداريءَ جو سبق ڏنو، انهن ٻي خوفي، دليري ۽ سچائيءَ جو پيغام ڏنو، انهن دلين ۾ اميد پيدا ڪئي، ويڳاڻپ بدران گڏجڻ جي ڳالهه ڪئي. انهن بزرگن ۽ عظيم دانشورن جي بهترين ڪلام کي پڙهندي، ائين ٻيو محسوس ٿئي جڏ ته اسان جي روح ۽ اسان جي ضمير ان پاڪ پاڻيءَ سان غسل ڪيو آهي، جڏ ته اسان جي اندر جون سموريون غلاظتون ۽ معاشري جا ڏنل ڪوڙهه جا داغ ڌوئي ڇڏيا آهن. هڪ عام گنهگار، نفرت جو شڪار، بک ۽ ويڳاڻپ جو ستايل ۽ هڪ ٻلايل انسان ائين محسوس ٿو ڪري ته جڏ سڄي ڪائنات سان گڏ چنڊ ۽ ستارن ڏانهن ٻيو سفر ڪري ۽ بلندين ڏانهن ٻيو وڌي.

سرڪار جي ورديءَ واري پوليس سان گڏ هڪ روحاني پوليس به رهي آهي، جيڪا عوام جي ذهنن ۽ ضميرن کي جسماني عذابن کان گهٽو وڌيڪ اذيتناڪ عذاب ڏيندي آهي ۽ فتوائن جا ڦٽڪا هڻندي آهي. ان روحاني پوليس سان زندگيءَ ۽ موت جي جنگ وڙهندي، اسان جي دانشورن ان جي اثر ۽ طاقت کي گهٽايو آهي ۽ ان خلاف عوام ۾ حوصلو ۽ طاقت وڌائي آهي. اها لڙائي اڄ تائين هلندي اچي ۽ اڄ به

ڪنهن شاهہ ڪريم، ڪنهن لطيف، حسين شاهہ، بلي شاهہ، بابا فريد، خواجہ فريد، ملا باڻل ۽ رحمان بابا جو ڪلام پڙهندي ائين پيو پائنجي ڇڻ تہ انسان جي روح تي صدين کان جمع ٿيل خوف ۽ انديشن جا ڊير دور ٿي ويا، ڇڻ تہ هن جي جسم جي لونءِ لونءِ ۾ ڪا فطرت کان مٿانهين قوت بجليءَ جيان پري وئي هجي، هن کي عوام دشمن هيڻ ۽ حقير نظر ايندا آهن ۽ عام انسان پهاڻن کان وڌيڪ مٿاهان نظر ايندا آهن.

جنگ: سياسي عمل جي ارتقا ۾ ادب جي ڪردار جي مباحثي کان پوءِ هاڻي اسان خالص سياست ڏانهن واپس اچون ٿا. گذريل سال جي آخر ۾ هلندڙ سال جي شروعات ۾ ڪاپي ڏر جي سياسي جماعتن ۾ گروهن جي انضمام لاءِ ڪم ڪرڻ جو بار مير غوث بخش بزنجي پنهنجي سر تي کنيو، پر جڏهن ڇئن پارٽين جي هڪ تي ويڙ جو وقت آيو تہ هن عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان جي ان رويي جا ڪهڙا ڪارڻ آهن ؟

پليجو صاحب: اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ هنن جي نمائندن ڇهن مهينن تائين باقي لاڳاپيل پارٽين جي نمائندن کي مصروف رکيو. اجلاسن ۾ انهن جا نمائندا چوندا هئا تہ جي صدارت واري ڳالهہ وارو مسئلو حل ٿي ويو تہ باقي نبيرا ٿي ويندا، پوءِ وري جڏهن اسان انهن کي اهو چوندا هئاسين تہ آئين، منشور ۽ هڪ ٿي ويڙ جي طريقيڪار تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ويجي، اسان کي ڪنهن بہ عهدي جي ضرورت ناهي، عهدا اوهان ماڻهن لاءِ آهن، ٻيو ڪو ڪٽي نہ ويندو، تہ وري جهڳڙو شروع ٿي ويندو هو. اهي ڊڪشنريون ڪٽي ايندا هئا. آمريڪي ڪانگريس ۾ بہ ائين ٿيندو آهي تہ ڪنهن قانون تي بحث کي روڪڻ لاءِ ڪيترائي ڏينهن تقريرون ڪيون ويندیون آهن.

منهنجي خيال ۾ اِهي اسان کي پوئ ڏياري معاملن کي پنهنجي حق ۾ ڪرڻ جي خيال ۾ هئا ۽ اسان کان زبردستي پنهنجا فيصلا مڃائڻ گهرندا هئا. ان عمل ۾ ڇهہ مهينا گذري ويا، نہ تہ ڳالهہ تہ پنجن ڏينهن جي بہ ڪونہ هئي. صاف صاف ڳالهہ ڪجي ها تہ اسان کي هيءَ شيءِ گهرجي، پوءِ گهٽ ۾ گهٽ اسان کي اعتراض نہ ٿئي ها، بهرحال اصل ڳالهہ پڳ جي هئي.

اسان بزنجي صاحب کي چيو تہ، "قانوني لپاڻون اوهان جو شان ناهن. اوهان حڪم ڪريو تہ اوهان ڇا ٿا چاهيو؟" اسان جڏهن ڪوئيٽا ۾ مليا هئاسين تہ آخري رات هن بلڪل انڪار ڪري چيو هو تہ، "آءٌ ڇا ٿو ڪري سگهان!" مون کيس چيو تہ، "اوهان هڪ ڪم ڪري سگهو ٿا." هن پڇيو تہ، "ڇا ٿو ڪري سگهان؟" مون کيس چيو تہ، "اوهان اسان مصيبت ۾ ماريل ڪارڪنن تي رحم ڪائي سگهو ٿا ۽ هي فني شيون ۽ قانوني پيچيدگيون ڇڏي سگهو ٿا. جيتوڻيڪ اسان چاهيون تہ ان کان ڏهہ پيرا وڌيڪ مسئلا اٿاري سگهون ٿا، اسان جو ڏنڏو وڪالت آهي، پر ان سان ائين ٿيندو تہ پارٽي نہ ڦهندي." مون کيس چيو تہ، "شين کي ڳنڍڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، اوهان رحم ڪريو." پر هو جميو رهيو.

جنگ: ڇا هاڻي ان ڏاکي تي هن جو عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو کو امکان آهي؟

پليجو صاحب: هاڻي هن جي موٽڻ جو کو امکان کونهي. هن اعلان ڪيو آهي ته هن جو فيصلو اٽل آهي. اسان هن کي ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ اپيل ڪئي هئي، پر هن ائين نه ڪيو.

جنگ: ملڪ جي سياسي عمل ۾ مس بينظير پٽو جو ڪردار ڪهڙو هوندو؟

پليجو صاحب: مس بينظير پٽو هڪ وڏي جمهوري اڳواڻ آهي، بيشمار ماڻهو ان جي ڳالهه مڃيندا آهن. ملڪ جي مستقبل لاءِ هن کي نهايت اهم سياسي ڪردار ادا ڪرڻو آهي. ان کي نظرانداز ڪري جيڪا به سياست ڪئي ويندي، سا جٽادار نه هوندي.

جنگ: سنڌ جي ڪجهه انتها پسند ڌرين جو خيال آهي ته اوهان پنجاب جي دوري دوران معذرت وارو رَويو رکيو ۽ پنهنجين تقريرن ۾ پنجاب جي ماڻهن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ان تي اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

پليجو صاحب: ڳوٺن ۾ ڪي مايون اهڙيون هونديون آهن، جيڪي ڳالهه مان ڳالهوڙو ناهي، جهيڙا ڪرائيندڙيون آهن. حڪمران طبقا ۽ ان جي سياسي مشينري انهن عورتن وارو ڪم ڪندي آهي. هڪ گهر وارا ڳالهه هڪڙي ڪندا ته هي چغل خور عورتون ڊوڙي وڃي ٻئي گهر وارن کي ٻڌائيندڙيون ۽ اهو سلسلو ائين جاري رهندو.

اسان سمجهون ٿا ته مظلوم عوام جي محروميءَ کي وڌيڪ تيز ڪرڻ ۾ انهن باهه تي تيل هارڻ وارن جو تاريخي دخل رهيو آهي.

اشراف ماڻهوءَ جو ڪم اهو هوندو آهي ته جتي به شڪايتون پيدا ٿين، اتي انهن کي ڦهلائڻ يا هوا ڏيڻ بدران انهن کي حل ڪرڻ جون ڪوششون ڪري ۽ اهڙين شڪايتن کي خواهمخواهه وڌائي چڙهائي پيش نه ڪري. اسان رڳو مذمت ڪري ماڻهن کي خوش ڪرڻ جا قائل نه آهيون. اسان مسئلن جو حل ڪڍندا آهيون. اسان عوام کي ويجهو ڪرڻ، مظلومن کي هڪٻئي سان ساڻ ڏيڻ تي آماده ڪرڻ جا قائل آهيون. اسان برنديءَ تي تيل وجهڻ جا قائل ناهيون.

مون لاءِ اها ڳالهه اهم نه هئي ته حڪمران طبقا ۽ انهن جا ايجنٽ سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڪهڙيون باهيون ٻيا ٻارين. مون پوز هٽڻ ۽ هيرو بنجڻ بدران مسئلن جي حل تي غور ڪيو آهي ۽ حل اهو آهي ته مظلوم قوميتن جي شڪايتن کي جنهن حد تائين دور ڪرڻ ممڪن هجي ته انهن کي دور ڪرڻ لاءِ واٽ ڪڍي وڃي ۽ سمورن صوبن کي انهيءَ راهه تي هلڻ جي ترغيب ڏني وڃي ۽ آماده ڪيو وڃي.

موجوده حالتن ۾ آئون ان نتيجي تي پهتو آهيان ته ايم. آر. ڊي جي تجويزن کي مڃيو وڃي، مرڪز کي صرف چار ڪاتا ڏنا وڃن، سمورين قوميتن جي قومي ۽ انساني

حقن جو احترام ڪيو وڃي، انهن جي زمينن، روزگار، نوڪرين، پاڻي ۽ ٻين وسيلن سان ڇيڙڇاڙ نه ڪئي وڃي. اسلام ۽ پاڪستان جي نالي تي پاڪستان بابت هٿرادو نظرين جي آڙ ونڊي عوام کي ٻڌين ۽ ٽئين درجي جو شهري قرار نه ڏنو وڃي. سموري عوام تي ڏنڊو ڦيرائڻ جو عمل بند ڪيو وڃي. هڪ عام گڏيل اتفاق جي نتيجي ۾ قوميتن جي حقن کي اعتماد جوڳو تحفظ ڏنو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ جيڪي ڳالهيون ضروري سمجهه ۾ اچن، سي پڻ نيڪ نيتي ۽ خوش دليءَ سان ڪيون وڃن، ته پوءِ ڪوبه سبب نه رهندو جو اسان پائرن جيان گڏ رهي، جدوجهد ڪري، قومن جي قطارن ۾ هڪ احترام جوڳو ۽ نرالو مقام حاصل ڪري نه سگهون.

نامرادن کي اها اميد هئي ته آئون پنجاب ۽ سنڌ جي سرڪاري ايجنٽن جي بيانن کان چڙي، پنهنجي مقصد مان بيزار ۽ ناااميد ٿي سنڌ واپس پڃي ايندس ۽ سنڌ ۾ اچي سرڪاري ايجنٽن سان هڪ زبان ٿي رڳو تبري بازيءَ ۾ لڳي ويندس. مون ائين ڪرڻ مناسب نه سمجهيو. "سا مون هٿان نه ٿئي، جيڪا رسم راج" (شاهه) ۽ قومي مسئلي جي حل جي ڳولا لاءِ سفر جاري رکيو.

مون پنجاب جي مزدورن، هارين، اديبن، دانشورن، عورتن، وڪيلن ۽ فنڪارن سان ملاقاتون ڪيون. مون سيني کان هڪ سوال پڇيو ته ڇا اوهان اهو چاهيو ٿا ته سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جا ماڻهو ۽ اوهان وانگر جيئن ۽ خوش هجن؟ ڇا اوهان اهو چاهيو ٿا ته پنجاب جون زمينون، وسيلا، روزگار ۽ ٻيا قومي ۽ انساني حق سلامت رهن ۽ انهن سان ڪابه ڇيڙڇاڙ نه ڪئي وڃي؟ ڇا اوهان چاهيو ٿا ته اوهان جي ٻولي، ثقافت ۽ سڃاڻپ جو احترام ڪيو وڃي؟ اوهان جو ادب ۽ فن وڌي ويجهي ۽ ترقي ڪري؟

انهن منهنجن سوالن جو جواب "ها" ۾ ڏنو ۽ اهو پڻ چيو ته اسان جي تمنا آهي ته سنڌي، بلوچي، پشتو، سرائيڪي ۽ ٻين ٻولين جي به ترقي ٿئي. انهن سنڌين، بلوچن ۽ پناڻن کي حقن کان محروم ڪرڻ وارين پاليسين کان عليحدگيءَ جو اعلان ڪيو. انهن مون کي محبت ڏني، مون کي ٻڌو، منهنجي ٻڌايل ڳالهين تي غور ڪيو. مون کي پنهنجي راءِ کان واقف ڪيائون، دوستاڻيون ڳالهيون ٿيون، منهنجي همت وڌايائون ۽ مون کي تعاون جو يقين ڏياريائون ۽ اهڙيءَ طرح هنن باهيون ٻاريندڙ سرڪاري دلالن جي سازشن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو.

جنگ: اوهان لاهور ۾ قائداعظم، علامه اقبال ۽ محمد بن قاسم جي باري ۾ ڪي اعتراض جهڙيون ڳالهيون ڪيون هيون يا اوهان تي مڙهيون ويون هيون، ان تي شديد ردِعمل جو اظهار ٿيو. ان سلسلي ۾ اصل صورتحال ڇا آهي؟

پليجو صاحب: مون قائداعظم لاءِ اهو چيو ته اسان هڪ مسجد ۾ گڏجي نماز پڙهي. مون علامه اقبال جو نالو ئي نه ورتو. مون ائين نه چيو ته هو عوامي شاعر ڪونه آهي ۽ نه ئي اهو چيو ته ڪو هو آسماني شاعر هو. منهنجي محمد بن قاسم سان ڪابه ذاتي دشمني ڪانهي. مون ان جي ذات پات بابت ذڪر ئي نه ڪيو. مون هڪ نظام

جي ڳالهه ڪئي هئي- جاگيرداري نظام، جنهن تحت دنيا جي ملڪن، قومن ۽ مذهبن جي دعويداري ڪرڻ وارا استحصالي ۽ ظالم جاگيردار يعني انهن جا سردار ۽ بادشاهه پين قومن جي ماڻهن کي غلام بڻائيندا هئا، انهن کي لتيندا هئا، قيدي بڻائي ونيو ويندا هئا، انهن جي گهرن ۽ شهرن کي تباهه ۽ برباد ڪندا هئا، خون جون ندين وهائيندا هئا، عوام ۽ انسانيت جي خلاف ڏوهه ڪيا ويندا هئا ۽ انهن ڏوهن کي لڪائڻ لاءِ ڪڏهن هندو مذهب، ڪڏهن عيسائيت، ڪڏهن بڌمت، ته ڪڏهن وري اسلام جو نالو ناجائز نموني استعمال ڪيو ويندو هو. محمد بن قاسم پاڻ استعمال ٿي مظلوم ٿيو. قيد ٿيو ۽ ظالماڻي نظام جي جبر جو شڪار ٿيو ۽ تڙپي تڙپي واسط جيل ۾ فوت ٿي ويو. ان سان ڪنهن اهڙي انسان جي پلا ڪهڙي ذاتي دشمني ٿي سگهي ٿي جيڪو سالن جا سال جيل ۾ بند رهيو هجي؟

آئون تاريخ جو شاگرد آهيان، تاريخي واقعن ۽ شخصيتن تي لکڻ ۽ ان جو تجزيو ڪرڻ، معاشري جي شاگردن، دانشورن ۽ عالمن جو اهم فرض هوندو آهي. انهن شخصيتن تي لکڻ جو ٽائيم مليو ته آئون پنهنجو موقف پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. اهو ضروري ناهي ته اهو سورنهن آنا ئي وقت جي حاڪمن ۽ ان جي درٻارين جي موقف جهڙو هجي.

جنگ: اوهان ڪيترا سال جي- ايم سيد سان گڏجي ڪم ڪيو آهي، پوءِ اوهان پنجاب ۾ ڇيو ته جي- ايم سيد جي ڪاب حيثيت ڪانهي، هو ڪلاشنڪوف جي پاڇي ۾ جلسا ڪندو آهي. اوهان جي- ايم سيد جي ڪهڙن عقيدن ۽ نظرين سان متفق آهيو ۽ ڪهڙن نظرين ۽ خيالن سان اختلاف رکو ٿا؟

پليجو صاحب: لاهور ۾ "جنگ فورم" ۾ مون ڪان اهو سوال ڪيو ويو هو، پر مون ان سوال جو جواب ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. اسان سياست ۾ هڪ- هٿيءَ جي خلاف آهيون. عوام دشمن، سرڪاري دلالن جو گندو سياسي مال هڪ- هٿيءَ کان سواءِ نه ٿو وڪامجي. جيستائين هو پين سمورن سياست ڪرڻ وارن کي ڪافر، واجب القتل قرار نه ٿا ڏين، تيستائين انهن جي ڳالهه ٻڌڻ وارو ڪوئي نه هوندو آهي. اسان ان سلسلي ۾ نيڪيداري سسٽم جي خلاف آهيون، ته ڪوبه ماڻهو دين ۽ مذهب، سوشلزم يا قومپرستيءَ جي نالي تي پنهنجي ذاتي نيڪيداري قائم ڪري. اسان ان ڳالهه جا قائل آهيون ته هر هڪ کي ڳالهائڻ ۽ پنهنجو موقف پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي ۽ اهو عوام تي ڇڏيو وڃي ته عوام بنا ڪنهن دٻاءَ ۽ مداخلت جي فيصلو ڪن ته ڪهڙي ڳالهه انهن جي حق ۾ ۽ فائدي واري آهي، ان ڪري حڪومت جا دلال ۽ لانگ بوٽ صاف ڪرڻ وارا پلي اسان کي پنجاب جو ايجنٽ چون يا ڪاغذي تنظيمن وارا فتوائون ڪپائيندڙ اسان کي واجب القتل قرار ڏين پر سنڌي، بلوچ ۽ پشتون قوميتن جا مظلوم عوام ۽ پنجاب جي مظلوم پورهيتن جي دورين ۽ فاصلن کي متائڻ ۽ انهن کي متحد ڪرڻ، انهن جي قومي ۽ طبقاتي جمهوري انساني حقن جي بحاليءَ لاءِ اسان جدوجهد ڪندا رهنداسين.

مارشلائن جي عذاب کي هميشہ روڪڻ لاءِ، موجوده نسل کي پُرامن جمهوري جدوجهد ڪرڻي پوندي.

انٽرويو: زاهد حسين/ ماهوار هيرالڊ ڪراچي، آگسٽ 1986ع

هيرالڊ: اوهان ستن سالن جي نظربنديءَ کان پوءِ آزاد ٿيا آهيو، اوهان جي نظر ۾ موجوده صورتحال ڪيئن آهي؟

پليجو صاحب: جڏهن مون کي جيل اماڙيو ويو هو، تڏهن "اميرالمؤمنين" اعلان ڪيو هو تہ مارشل لا جو عذاب عوام مٿان "احتياطي" نظربندين ۽ پابندين سوڌو مڙهيل رهندو، پر هاڻي "جمهوريت" ۽ "چونڊيل نمائندن" جو چرچو هلي پيو. بنيادي طور مارشل لا جي خطري جو خنجر ايان لٽڪي رهيو آهي. اسين ايا دهشت واري دور ۾ رهون ٿا. ايان تائين بہ ڪو ماڻهو ائين چئي سگهي ٿو تہ آئون اوهان سان هيءَ ڪار ڪندس، آئون اوهان سان هوءَ ڪار ڪندس، آئون وري ٻيهر مارشل لا هڻي ڇڏيندس. تنهن ڪري بظاهر تہ آرام آهي پر اندروني طور اهڙي حالت نہ آهي. اهو سڀ ڪجهہ ٿوري وقت تائين هلندو ۽ پوءِ ڪنهن بہ گهڙي ختم ٿي ويندو. ڪنهن بہ وقت توهان تي عذاب ڪڙڪي سگهي ٿو ۽ اونداهن قيدخانن ڏي ويندڙ رستا ٻيهر کلي سگهن ٿا. وري بہ اسلام آباد کان مارشل لا ۽ نَون حڪمن جو مينهن اوهان مٿان وسي سگهي ٿو.

ايترا سال جيل ۾ گذارڻ کان پوءِ جڏهن ٻاهر آيو آهيان تہ مون کي ملڪ جون داخلي حالتون ڏسي ۽ محسوس ڪري ڪو خاص ۽ حقيقي مزو نظر نہ ٿو اچي. مون کي اميد هئي تہ جڏهن آءٌ (جيل مان) ٻاهر نڪرندس تہ آءٌ هڪ آزاد ۽ منفرد ڏرتيءَ تي هوندس، جتي آزاديءَ سان ۽ بي خوف ٿي ڪجهہ سوچي سگهبو ۽ جتي اسان کي سڀ جمهوري حق پلئہ پوندا.

پر بدقسمتيءَ سان ائين نہ ٿيو. البت هڪ ڳالهہ ضرور آهي تہ عوام هاڻي ڪافي حق شناس ۽ بي خوف ٿيو آهي. مارشل لا جي دهشت ماڻهن کي پنهنجي مقصد تان هٽائي نہ سگهي آهي، اهي نہ جهڪا آهن، نہ هيسيا آهن. انهن جا ڀاٽ اوچا آهن ۽ اهي مانار کي ٽوڙڻ لاءِ وڌيڪ تيار آهن. اهي وڌيڪ ڏاها، عظمت جا مينار ۽ آئيندي ۾ ويساهہ رکندڙ ٿي پيا آهن. منهنجي خيال ۾ ان حساب سان هاڻ ڪافي تبديلي آئي آهي.

هيرالڊ: ڇا اوهان جي نظر ۾ ڪا خاصيتي تبديلي اچي چڪي آهي؟

پليجو صاحب: ماڻهن ڪجهہ وقت اڳ سوچيو هو تہ هاڻي هت ڪجهہ بہ ناهي ٿيڻو. جيڪي ماڻهو جيلن ۾ هئا، اهي مستقبل کان مايوس ٿي چڪا هئا ۽ انهن اهو

محسوس ڪيو هو تہ هاڻي مارشل لا سدائين نافذ رهندو، پر هاڻي گهٽن ماڻهن جو خيال آهي تہ مارشل لا ٻيهر نافذ ڪرڻ سان بہ حقيقي مقصد حاصل ٿي ڪونہ سگهندو. اهو پڻ سمجهندي تہ توهان هڪ ظالماڻي ڪارروائيءَ جو مقابلو ڪري نٿا سگهو، پر پوءِ بہ مقابلو ڪيو آهي ۽ نهايت ڏکين حالتن ۾ ثابت قدم رهيا آهيو. آءٌ سمجهان ٿو تہ اها هڪ خاصيتي تبديلي آهي. جيڪو ڪجهہ عوام سان ٿي رهيو آهي، اهو پنهنجي جاءِ تي هڪ جدا مسئلو آهي. انهن کي ماري، جيل ۾ رکي ۽ عذاب ڏيئي سگهجن ٿا، جيئن لاطيني آمريڪا، ايران ۽ ٻين هنڌن تي ٿي رهيو آهي، پر ماڻهن کي اها پڪ آهي ۽ هو سمجهن ٿا تہ ظلم ۽ ڏاڍ واريون قوتون کين شڪست ڪونہ ڏيندیون. سڀ رجعت پسند طاقتون پنهنجي معتبري، دهشت، دٻدٻو ۽ ڏاکو وڃائي چڪيون آهن ۽ هو هاڻي سڄي دنيا جي اکين اڳيان اگهاڙا آهن. سنڌ ۾ گهٽو ڪجهہ ٿي گذريو آهي پر رجعت پسند قوتون ناڪام ٿي چڪيون آهن. اها هڪ خاصيتي تبديلي آهي.

هيرالڊ: توهان جي چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ فوجي حڪومت کان سول حڪومت ڏانهن تبديلي ٿي چڪي آهي؟

پليجو صاحب: نہ! مقصد هتي سول حڪومت جو نہ آهي، پر مقصد اهو آهي تہ ماڻهو 1983ع واري تحريڪ ۾ وڏي بهادري ۽ همت سان وڙهيا آهن. مقصد، فوج جي دهشتگردي ۽ جيلن هوندي بہ آڻ نہ مڃڻ جو آهي. آءٌ نام نهاد سول حڪومت جو حوالو ڪونہ ڏيئي رهيو آهيان، جيڪا فوجي حڪومت جو ٻيو روپ آهي. آءٌ انهن ماڻهن جو حوالو ڏيئي رهيو آهيان، جيڪي هزارن جي تعداد ۾ جيلن ۾ هئا ۽ جن جي پويان عورتون ۽ انهن جا خاندان انهن سان گڏ هئا. منهنجي مراد عوام سان آهي ۽ نہ ڪي سول حڪومت سان.

هو (حڪومت وارا) هڪ بٽڻ دٻائي سڄي ڳالهہ کي هڪ منٽ اندر ابتو ڪري سگهن ٿا. صبح جو جنهن وقت اوهين ننڊ مان بيدار ٿيندا تہ اوهان ريڊيو تان گڏهن وارين هينگن جي انداز ۾ نوان احڪام ٻڌي سگهو ٿا. هو اوهان کي جيل اماڻي سگهن ٿا، ماري سگهن ٿا، پر رجعت پرست قوتون بنيادي جنگ ۾ عوام جي هٿان شڪست کائي چڪيون آهن. اهي ماڻهن جي ڏکن سورن ۾ واڌارو ڪري سگهن ٿا، هو اهڙي تماشي کي جاري رکي سگهن ٿا. اهو سڄو دوکو ايجان ٿورو وقت هلي سگهي ٿو، پر جيئن جيئن ظلم وڌندو رهندو، اوترو هو وڌيڪ ڪمزور ٿيندا رهندا ۽ انهن جي قوت جو بنياد بہ ڪمزور ٿيندو. ڪي بہ فرد ڪجهہ وقت اقتدار ۾ رهي سگهن ٿا پر ائين ڪرڻ سان اندروني طور عوام وڌيڪ باشعور، متحد، منظم ۽ مضبوط ٿيندو ويندو. نيون قوتون پيدا ٿي رهيون آهن ۽ پيدا ٿيندیون رهنديون. انهيءَ ڪري ئي آءٌ چوان ٿو تہ هڪ خاصيتي تبديلي آئي آهي ۽ رجعت پسند حلقن شڪست کاڌي آهي.

هيرالڊ: جمهوري قوتن گذريل نوَن سالن کان مارشل لا خلاف ۽ حقيقي

جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ ڪوشش پئي ڪئي آهي، پوءِ ڇو انهن هن وقت تائين پنهنجي مقصدن ۾ ڪاميابي حاصل نه ڪئي آهي؟

پليجو صاحب: انهيءَ جا ڪيترائي سبب آهن. هڪ ته اسان وٽ گهٽي وقت تائين "گڏيل سياست" ڪرڻ جو عمل نه رهيو آهي ۽ اسان کي پاڻ ۾ گڏ ٿئي فقط 30 سالن جو عرصو ٿيو آهي. هندوستان يا ايران وانگر قومي وحدتي وجود نه رهيو آهي. هندوستان گذريل 100 سالن کان گڏيل جدوجهدون ڪيون آهن. اسان جو ملڪ هڪ نئين مملڪت آهي ۽ تمام ٿوريون گڏيل جدوجهدون ٿيون آهن، جيڪي هڪ سٺي رفتار ۾ ڳٽي نه ٿيون سگهجن. انهن جو مثال انهيءَ ڳالهه مان وٺو ته خود آڳ به هينئين سطح تائين سرحد جي عوام جي امنگن ۽ خيالن کان باخبر نه آهيان، تنهن ڪري عوام فقط تصوراتي خيالن ۽ گمانن تحت هڪٻئي جي ويجهو رهيو آهي. اسان وٽ گهٽي عرصي لاءِ جمهوري روايتون به نه رهيون آهن، چوته اسان وٽ بورجوا يا سماجي جمهوري پس منظر به نه رهيو آهي. اسان جا گهٽا اڳواڻ جاگيردار طبقي سان واسطو رکن ٿا ۽ ٻيو ته حڪومت خود دخل ڏيندي رهي آهي، جنهن جي ڪري اسان ۾ پاڻ ۾ ڦاٽائڻ، جهڙا ناسمجهيءَ جا لاڙا پيدا ٿيا آهن. عوام ويڙهه ڪرڻ، متحد رهڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ چاهي ٿو، پر انهيءَ لاءِ هڪ سچي قيادت جي ضرورت آهي. حڪومت انتشار، افراتفريءَ جو ڀڄ پوکڻ، جمهوري جدوجهد کي ٻنجو ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهي آهي، انهيءَ ڪري اسان هڪ خاص مقرر حد کان وڌيڪ جمهوري جدوجهد ۾ واڌارو ڪري نه سگهيا آهيون ۽ اها ڪنهن نه ڪنهن هنڌ ڪُٽندي رهي آهي. اهڙي نموني اسان کي ناڪامين سبب وري وري نئين سر شروعات ڪرڻي پئي آهي. ملڪ ۾ ڪابه مضبوط انقلابي، جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند پارٽي ڪونه رهي آهي. اهڙي پارٽيءَ جو نه هجڻ جمهوري ڪئمپ (Camp) جي ڪمزورين مان هڪ وڏي مڪيه ڪمزوري آهي.

انهيءَ کان سواءِ قومي تضاد به موجود آهي. اسان هڪ متفق صورتحال ۾ نه آهيون. ڪيترن ماڻهن جو اهو خيال آهي ته 1973ع جو آئين پنهنجي اصل ۽ نج شڪل ۾ به ننڍن صوبن جي مفادن جو پورائو ڪري نه ٿو سگهي. مون خود اڳ هڪ مضمون لکيو هو، جنهن ۾ اهو اظهار ڪيو هوم ته ننڍن صوبن جي مطالبن مطابق اهو دستور ننڍين قوميتن جي مفادن جو پورائو ڪري نه سگهندو، انهيءَ ڪري اسين قومي تضادن، حڪومتي مداخلت ۽ جمهوري صفن ۾ ڪن ماڻهن جي مشڪوڪ شخصي ڪردار سبب پنهنجي جمهوري صفن ۾ ايترو پاڻ پرا ٿي نه سگهيا آهيون جيترو اسان کي ٿيڻ کپندو هو ۽ اها اسان جي هڪ وڏي ڪمزوري آهي.

هيرالڊ: ڇا توهان اها اميد رکو ٿا ته ايم. آر. ڊي ويجهڙائيءَ ۾ حڪومت تي دٻاءُ وجهي، نين چونڊن ڪرائڻ جو مقصد پورو ڪري سگهي ٿي؟

پليجو صاحب: آڳ انهيءَ کي ٻئي نموني ڏسان ٿو.

درحقيقت ايم. آر. ڊي ئي هڪ اهڙو پليٽ فارم آهي جتي اسين گهٽ ۾ گهٽ ڪن ڳالهين تي ڳالهائي سگهون ٿا ۽ جتان اسين ٻڌيءَ جي دعويٰ ڪري سگهون ٿا ۽ جمهوريت جو سياسي نغارو وڄائي سگهون ٿا. هڪ اهڙي صورتحال يا جاءِ وري ب چڱي آهي، جتي ڪجهه "نه" ڪجهه "ها" ڪري سگهجي ٿي. آءٌ ٻنهي (مثبت يا منفي) پاسن تي زور ڀريان ٿو. اها هڪ حقيقت آهي ته ايم. آر. ڊي جي هجڻ ڪري حڪومت مخالفن جو مڪمل خاتمو ڪري نه سگهي آهي. ماڻهو هميشه اها اميد رکي سگهن ٿا ته جيترو وڌيڪ ايم. آر. ڊي جو ساٿ ڏبو اوترو وڌيڪ ڪجهه حاصل ٿيندو. ايم. آر. ڊي جيترو وڌيڪ ڪوشش ڪندي، اوتري وڌيڪ ٻڌي حاصل ٿيندي. ايم. آر. ڊي ۾ هرهڪ پارٽيءَ کي ويٽو جو حق آهي، تنهن ڪري گهٽ تعاون ڪرڻ واري ماڻهوءَ جي خواهش جو ب خيال ڪرڻو پوي ٿو. جيڪي ڪجهه اڳيرو وڃڻ چاهين ٿا، انهن جي مٿان ب اهو ويٽو جو حق استعمال ڪري سگهجي ٿو. جو پوئتي رهندڙ ۽ ڊرا ماڻهو هر وقت انهن تيز هلندڙن کي ب پٺتي ڇڪين ٿا ۽ چون ٿا ته، "اڳتي نه وڌو، اڳتي نه وڌو! آهستي، آهستي، آهستي هلو!" اهڙن ماڻهن جو قبضو ٿي سگهي ٿو، جيڪي مانار کي ٽوڙڻ ۾ گهٽ دلچسپي وٺن ٿا، جيڪي ڊرا آهن، جيڪي هلڻ ۾ جڏا آهن، ڇوته ڊانچو اهڙو آهي، پر تنهن هوندي ب منهنجي خيال ۾ ايم. آر. ڊي پنهنجي ٻيهڪ ۾ شاندار ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. ايم. آر. ڊي 1983ع جي جمهوري جدوجهد جيان ڪجهه شروعات ڪندي، مرڪز کي رڳو چار ڪاتا ۽ ٻيا سڀ ڪاتا صوبن جي حوالي ڪرڻ وارو فيصلو، هڪ عظيم ڪم ڪيو آهي. ماڻهن ۾ اتفاق راءِ سان گڏ هلڻ ۽ ماڻهن کي مستقبل ۾ ڇا ڇا ڪرڻو آهي واري ڳالهه ٻڌائڻ ۽ انهيءَ ڪري ماڻهن ۾ گڏيل نموني ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۽ تعاون ڪرڻ جو بنياد ٻيو آهي. ان ڳالهه جي ڪري ئي ايم. آر. ڊي جمهوري قوتن ۾ اتحاد آڻي پاڻ کي هڪ مرڪزي حيثيت ۾ ڳٽايو آهي.

هيرالڊ: ايم. آر. ڊي پلي عام بحث مباحثي جو ادارو رهي، پر جيستائين حقيقي سياست جو تعلق آهي ته ڇا ايم. آر. ڊي موجوده حالتن ۾ غير موثر ثابت نه ٿي آهي؟

پليجو صاحب: هر مسئلي جي (حل) لاءِ جدا جدا خيال ۽ طريقا آهن. ماڻهو ايم. آر. ڊي ۾ گڏجي بحث مباحثو ڪن ٿا، اهي گڏجاڻين ۾ هٿيار ڪونه ٿا کڻي اچن، اهي مشين گنون ڪونه ٿا آڻين، اهي اهڙي نموني ڪم ڪونه ٿا ڪن. اهي پاڻ ۾ ڳالهائڻ ۽ صرف ڳالهائڻ وسيلي ئي ڪا گڏيل راءِ قائم ڪن ٿا. اهي سرگرم جدوجهد ۾ ٽپو ڏيڻ ۽ گهٽين جي ويڙهه جهڙي تڪڙ ۾ ب ناهن. اهي انهيءَ معاملي ۾ پنتي پيل آهن، پر (ايم- آر- ڊي) رڳو بحث مباحثي جو ب ادارو نه آهي، سياسي فڪر ۾ اها عوام سان واسطو ۽ ناتو رکندڙ هڪ جاءِ آهي. ڪوڙ ۽ پروپيگنڊا جي وسيلي حڪومت عوام سان جيڪا "نفسياتي جنگ" کيڏي رهي آهي، ان بابت ايم. آر. ڊي عوام کي ٻڌايو

آهي تہ اهو سڀ ڪوڙ ۽ مڪر آهي. (ايم- آر- ڊي) حڪومت اڳيان نہ جهڪي آهي ۽ هر مسئلي تي انهن (حڪومت) جو مقابلو ڪيو آهي. ايم. آر. ڊي عوام کي ڪوڙين چونڊن ۾ حصي وٺڻ کان روڪيو. جيڪڏهن ايم. آر. ڊي جو وجود نہ هجي ها تہ شايد عوام ڪوڙين چونڊن ۾ حصو ونڊي ها ۽ مخالفت ڪچلجي ويجي ها. ايم. آر. ڊي جي ڪري ئي ماڻهن هڪ موقف اختيار ڪيو ۽ پاڻ کي مجبور ڪونہ سمجهيو. جڏهن يارنهن (ايم. آر. ڊي جي پارٽين جو تعداد) ماڻهو پاڻ ۾ ويهندا تہ ڪوبہ انهن مان پاڻ کي بزدل محسوس نہ ڪندو ۽ جهڪي نہ پوندو. جڏهن بہ اهڙي قسم جي صورتحال پيدا ٿئي تہ ڪوبہ ماڻهو بزدلي ۽ فراريت جو مظاهرو ڪونہ ڪندو، پر هرهڪ ماڻهو عوام جي مقصد کي اوليت ڏيندو، پوءِ ڪٽي هو سچي پچي نموني ايترو اڳ دلچسپي نہ رکندو هجي. اهڙي نموني قيادت ميسر ٿئي ٿي ۽ عوام ۾ وبساهہ ۽ سوچ پيدا ٿئي ٿي.

حڪومت ۽ ان جا چاڙٽا تہ عوام کي اهو ٻڌائين ٿا تہ هن ملڪ ۾ جمهوريت غير فائديمند آهي. حڪومت اهو هوڪو ٿي ڏئي تہ "ملڪ جو عوام جمهوريت نہ ٿو چاهي." پر ايم. آر. ڊي چوي ٿي تہ، "عوام بلڪل جمهوريت چاهي ٿو." حڪومت چوي ٿي تہ "ريفرنڊم ڏاڍو سٺو ٿيو." پر ايم- آر- ڊي- جيڪا عوام جي خواهش، خيالن ۽ شعور جو مرڪز آهي- چوي ٿي تہ، "نہ! ريفرنڊم سٺو نہ هو." اهڙي قسم جي فتويٰ ڏيڻ هڪ سياسي عمل آهي. **ڪڏهن ڪڏهن عظيم ڪارنامہ، هنگاما خيز واقعا، لاها چاڙها ۽ انقلاب حقيقت جي رڳو بيان، رڳو هڪ فيصلي تي بيٺل هوندا آهن.** سو اها فتويٰ ڏيڻ تہ موجوده حڪومت غير قانوني آهي، دوکو آهي، نام نهاد صدر کي صدر ٿيڻ جو حق نہ آهي، مارشل لا مسئلن جو حل نہ آهي ۽ اسلام کي پنهنجي عوام دشمن سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪجي ٿو پر اسان وٽ بہ ايم. آر. ڊي ۾ علماءِ ڪرام موجود آهن، جي اهي نہ هجن ها تہ حڪومت چوي ها تہ بس فقط "شوريٰ" ڪافي آهي، اسلام پارٽين کي تسليم نہ ٿو ڪري ۽ اهوئي حڪومت جو سٺو نمونو آهي ۽ لڪين ملان بہ اهو راڳ آلاپين ها تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٺاڪ آهي ۽ اسيمبليون بہ درست آهن، پر ايم. آر. ڊي جي موجودگيءَ سبب ڪنهن کي بہ اها جرئت نہ ٿي تہ هو نظرياتي ويڑهہ ۽ انقلاب جي خلاف اڪيلي پرواز ڪري سگهي. جي ايم. آر. ڊي نہ هجي ها تہ ڪنهن کي جرئت هئي جو سياسي عمل ڪري؟ ايم. آر. ڊي حڪومت جي سيني بندشن کي ٽوڙيو، ان جلسا منعقد ڪيا. قيدخانا ماڻهن سان پرجي ويا، تہ بہ اهو عمل مسلسل چار سال جاري رهيو. جي ايم. آر. ڊي نہ هجي ها تہ ايڏي سطح جي جدوجهد ممڪن نہ هجي ها. درحقيقت حڪومت اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي تہ ايم. آر. ڊي جو سمورو عمل اجايو هو. اهو چوڻ حاڪمن جو شيوو رهيو آهي تہ، "توهان جو ڪجهہ ڪريو ٿا، اهو اجايو آهي، تنهن ڪري اميدون ۽ آسرا پليو، جدوجهدون بند ڪريو، هيٺ جهڪو ۽ فرمانبرداري قبول ڪريو!"

هيرالڊ: ڇا توهان سمجهو ٿا تہ ايم. آر. ڊي ٽُٽڻ جي قريب آهي؟ خاص ڪري پ پ جي اڪيلي سر جدوجهد ڪرڻ واري فيصلي کان پوءِ؟

پليجو صاحب: ايم. آر. ڊي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏٺا آهن. ايم. آر. ڊي جي هر گڏجاڻيءَ کان اڳ اخبارن ۾ اهي اڳڪٿيون ڪيون ويندیون هيون تہ اها (ايم- آر- ڊي) هلي نہ سگهندي ۽ ايندڙ هفتي تائين ٽُٽي ويندي، پر ايم. آر. ڊي اڄ بہ زندهہ آهي. نيڪ آ، اسان ۾ اختلاف آهن، خيالن ۾ سوچ جا مکيہ اختلاف آهن. ايم. آر. ڊي جي ڪردار کي سمجهڻ سان ۽ ان ۾ شامل پارٽين جي هڪبئي ڏانهن رَويي سان، ڪجهہ حلقن جو اهو خيال بہ آهي تہ موجوده حڪومت، اليڪشن جي نتيجي ۾ چونڊجي ايندڙ اُن حڪومت کان سٺي آهي، تنهن ڪري ماضيءَ ۽ مستقبل لاءِ هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا رايا آهن، جيترا وات- اوتريون ڳالهيون. اسان کي ايم. آر. ڊي جي سمورين ڪوتاهين جي ڄاڻ آهي، سنڌي چوٽي مطابق "جتي وڻ نہ آهي اُتي ڪانڌيرو بہ درخت آهي." اسان کي معلوم آهي تہ شين ۾ نواڻ ضرور ايندي آهي. اسان کي اها چڱيءَ ريت خبر آهي تہ هڪ انقلابي جمهوري ترقي پسند پارٽي وجود ۾ اچڻي آهي، جيڪا جدوجهد جي قيادت ڪندي ۽ جنهن جي جهنڊي هيٺ ماڻهن کي گڏ ٿيڻو آهي، پر جيستائين ائين ٿئي..... ان کان اڳ جيڪڏهن ڏهہ هزار ميل ڊگهو سفر ڪرڻو آهي تہ ان لاءِ سڀ کان پهرين هڪ وک کڻڻ ضروري آهي. اسان عالمي سماجي ترقيءَ جي پيٽ ۾ ايترو تہ پنڌتي پيل آهيون جو اسان کي جدوجهد جي شروعاتي ڏاڪن ۽ رفتار ۾ بہ وڏا ڏک ۽ صدما سَهڻا پون ٿا.

ڪڏهن ڪڏهن تبديليون ايترو تہ آهستي ۽ اڻ لکي انداز ۾ ايندیون آهن جو پرکي بہ نہ سگهبو تہ ڪا تبديلي اچي رهي آهي. نظرياتي غلبي جو هت ايترو تہ وڏو بوجهہ آهي جو ان کي هلکي ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪجهہ ڪرڻو پوندو ۽ ڪيترين رندڪن کي دور ڪرڻو پوندو، مثال طور: جيڪي ماڻهو آزاديءَ جي تحريڪن سان لاڳاپيل آهن، اسان انهن جي زندگي ۽ عمل جو تجزيو ڪري نہ ٿا سگهون، ڇاڪاڻ تہ ماڻهن جي هڪ وڏي تعداد تي فاشي سوچ حاوي آهي.

انهن انسانن کي هڪ مقدس ديوتا جي شڪل ڏيئي ڇڏي آهي، جن جي پوڄا ڪئي ويجي ٿي. اهڙن طور طريقن، اسان کي خسيس بڻائي ڇڏيو آهي. اهي اسان کي اڳتي وڌڻ ڪونہ ٿا ڏين، خاص طور پنجاب ۽ ڪراچيءَ ۾ ماڻهن جي ذهن کي صاف ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪرڻو آهي ۽ انهن جو وڏي مقصد ڏانهن ڌيان ڇڪائڻو آهي، ڇوتہ ان کان سواءِ ڪابہ عظيم تحريڪ وجود ۾ نہ ٿي اچي سگهي. ڪوبہ اهڙو نظريو، جيڪو وقت جي جديد گهُرجن سان هم آهنگ نہ آهي، ان تي اسين گهڻو وقت گامزن رهي نہ ٿا سگهون.

پندرهين صديءَ ۾ يورپ جي جهالت واري دور کان پوءِ اتان جي ماڻهن اهو سوچڻ شروع ڪيو تہ جيڪو ڪجهہ اڳ لکيو ويو، اهو هروپرو ضروري نہ آهي تہ سچ ئي

هجي! يونان ۾ سقراط ۽ ان کان اڳ پٿاگورس جي زماني ۾ ۽ هندوستاني تهذيب اندر گوتم ٻڌ ۽ مهاوير جي زماني ۾ هرهڪ شيءِ بابت، آرين جي فلسفي ۽ ڏند ڪٿائن بابت ۽ ويدن متعلق به سوال پڇيا ويا هئا. انسان جي تاريخ ۾ جهالت جا اهڙا دور به گذريا آهن، جن ۾ ماڻهن جي سوچڻ، سوال ڪرڻ، جاچڻ ۽ اختلاف رکڻ جي منع ٿيل هئي. ڪيترين صدين کان عوام کي فقط اهو ٻڌايو ويو آهي ته "مڃتا ڪريو، ڪجهه به نه ڏسو نه وائسو، اکيون بند رکو، ڪنن ۾ ٺوري ڪَپهه وجهو، ڏهنن کي تالا ڏيو، فقط فرمانبرداري ڪندا رهو."

اسان پاڪستان ۾ ويهين صديءَ منجهه به اهڙي ئي حال ۾ آهيون. جيڪو ڪجهه به ريڊيو، ٽي- وي ۽ ڪجهه ڪتابن ۾ لکيل آهي ۽ ان لاءِ حڪم آهي ته "تسليم ڪريو ۽ مڃو."

هاڻي جيڪڏهن اسين اهڙن حڪمن کي مڃون ٿا ته پوءِ نظرياتي ۽ عقلي رندڪن کي- جيڪي اسان جي راهه روڪيو ٻيٺيون آهن- تن کي ڪيئن ختم ڪري سگهنداسين؟ تنهن ڪري اسان جي نسل کي تمام سخت محنت ڪرڻي آهي ۽ صدين جو مفاصلو طئي ڪرڻو آهي؟ مفڪرن لاءِ اهو ممڪن نه رهيو. آهي ته هو فڪر جي آزادي رکي سگهن ۽ آزاد نموني سوچي سگهن. اهو سڀ انهيءَ ڪري آهي جو اسان گهڻو وقت سامراج جي تسلط هيٺ گذاريو آهي. اسان کي فڪر جي آزادي ۽ آسودگي ايتري به نصيب نه آهي جهڙي اڳ اسپين يا وچ اوير ۾ هئي. اسان پنهنجي صفن مان الڪندي، الفارابي، ابن رشد، بو علي سينا، الرازي ۽ البيروني جهڙا انسان پيدا ڪري نه سگهيا آهيون. اسان نظرياتي سطح تي پاڻ مان وڏا مفڪر، فيلسوف ۽ وڏي درجي جا انسان پيدا ڪونه ڪيا آهن، اسان فقط هِتي هُتي ڪجهه تاريخدان ۽ شاعر پيدا ڪيا آهن. هاڻ اهو سڀ ڪم ضرور ڪرڻو پوندو.

موجوده نسل کي ويڙهه ڪرڻي آهي، جيل وڃڻو آهي ۽ پنهنجو رت به وهائڻو آهي. اسان کي پاڻ ۾ سقراط، الرازي، ابن رشد ۽ خيام واريون صلاحيتون پيدا ڪرڻيون آهن. اسان کي عوام مان هڪ نئون "نسل" تخليق ڪرڻو آهي. اهڙو نسل ئي انهيءَ جدوجهد جي راهه هموار ڪندو، جنهن ۾ اسان سيني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو آهي.

هر مڪمل شيءِ، نا مڪمل شيءِ مان پيدا ٿي آهي. هر عظيم واڌاري ۽ ترقيءَ جي پس منظر ۾ لکين اهڙا اڻ ڄاتل، غير مشهور ۽ تڪليف ڏيندڙ عمل ۽ واقعا لکل آهن، جن کي سرانجام ته ڪيترن گمنام ۽ لکل ماڻهن ڏنو آهي. **مڪمل ۽ اڻ مڪمل سوچن جو پاڻ ۾ گهاٽو لاڳاپو رهيو آهي. ڪابه مڪمل شيءِ آسمان مان نه لهندي آهي. دنيا جا سڀ شاندار انقلابي واقعا آهستي آهستي ۽ هلڪي ارتقا جي طريقيڪار مان لنگهي، رونما ٿيا آهن.** سو اسان کي به اهڙين حالتن مان گذرڻو آهي ۽ اسان کي اها سگهه آهي جنهن سان حالتن کي گهٽ- وڌ يا تيز ۽ ٽڏو ڪري سگهون ٿا.

هيرالڊ: بينظير طرفان سرڻ جي موسم دوران چونڊون ڪرائڻ واري مطالبي بابت ايم. آر. ڊي جو ڪهڙو موقف آهي؟ ۽ انهيءَ مسئلي تي اوهان جي پنهنجي راءِ ڪهڙي آهي؟

پليجو صاحب: منهنجي خيال مطابق سال جي گذرڻ کان اڳ چونڊون ٿيڻ کپن. ايم. آر. ڊي پڻ چوندي رهي آهي ته چونڊون جلد ٿيڻ گهرجن. اهو ايم. آر. ڊي جو شروع کان ئي مطالبو رهيو آهي ته چونڊون! چونڊون! چونڊون ڪرايو ۽ جلد ڪرايو. ايم. آر. ڊي ۽ پ پ پ جو چونڊن وارو مطالبو ساڳيو آهي، پوءِ پل حڪومت چونڊون سرڻ ۾ ڪرائي يا بهار ۾!

هيرالڊ: ڇا توهان جي خيال ۾ پ پ پ پنهنجي سر حڪومت تي دٻاءُ وجهي چونڊون ڪرائي سگهي ٿي؟

پليجو صاحب: مون کي اهڙي ڄاڻ نه آهي پر جيڪڏهن اسين گڏجي ڪجهه ڪنداسين ته ضرور ان ۾ ڪامياب وينداسين. جيڪو ڪجهه ڪرڻ گهرجي، اهو گڏيل نموني ڪجي. فرض ڪريو ته اسان گڏجي ۽ ملي ڪجهه ڪرڻ چاهيون ٿا پر ڪي حلقا سات نه ٿا ڏين، ڪجهه ماڻهو ٿوري ٿوري ڳالهه تي جهڳڙو ڪن ٿا ۽ ڪوڙي طريقي سان جدوجهد ۾ رهن ته پوءِ توهان ڇا ڪندا؟ جيڪڏهن ڪو ماڻهو سازش ٿو ڪري ۽ مڪر سان هِتي هُتي ڪي ڪم بہ ڪري ٿو ته توهان ڇا ڪندا؟ اهو ايم. آر. ڊي جي سيني ميمبرن جو مسئلو آهي ته گڏيل راهه تان پري نه هٽجي. اسان ٻين دوستن تي اهڙو تاثر نه ڇڏيون ته اسان اڪيلو ئي ڪوٽ فتح ڪري سگهون ٿا!

هيرالڊ: ڇا پ پ پ طرفان 5 جولاءِ تي ڪارو ڏينهن ملهائڻ وارو سڏ ايم. آر. ڊي جي شريڪ نه ٿيڻ سبب ته ناڪام نه رهيو؟

پليجو صاحب: اهو درست آهي ته گڏجي جدوجهد ڪجي ۽ فقط انهيءَ رستي ئي اسان ڪاميابي ماڻي سگهون ٿا، پر جيڪڏهن درست يا برابر نموني اسان جا ٻيا پائر ڪجهه ڪرڻ نه ٿا چاهين ته پوءِ اسين ٻي راهه تي هلڻ تي مجبور ٿي سوچيندا سين. اهڙي حالت ۾ برابر هڪ پارٽي ٻين پارٽين جي شرڪت کان سواءِ جلسا ڪيا آهن. جدا جلسا ڪرڻ کو خاص مسئلو نه آهي. اسان هر سال 5 جولاءِ تي گڏيل جلسا ڪندا رهيا آهيون، پر هن سال پ پ پ جدا جلسا ڪيا آهن.

آئون اهڙن جلسن کي ناڪام نه چوندس. اهو ڏسڻ ضروري آهي ته بينظير کان سواءِ ڪنهن جلسي ۾ ڪيترا ماڻهو گڏ ٿي سگهن ٿا؟ ائين ڪرڻ سان انهن ڳالهين جو ثبوت ملي ٿو. پهرين ته بينظير صاحبہ کي پنهنجي پارٽيءَ جي ڪم جي ضلعي جي سطح تائين خبر پئي، هوءَ اهو ڄاڻي سگهي هوندي ته پارٽيءَ هيٺئين سطح تي ڪيترو ڪم ڪيو آهي ۽ اها ڄاڻ حاصل ڪرڻ پارٽي قيادت لاءِ ضروري هئي. هر پارٽيءَ ۾ اهڙا بيڙا ماڻهو هوندا آهن، جيڪي چوندا ته هڪڙي ڳالهه آهن ۽ ڪندا ٻي ڳالهه. مون کي خبر آهي ته پ پ پ ۾ اهڙا ڪيترائي ماڻهو آهن جن ڪڪ پيچي ٻيٽو

نہ ڪيو آهي ۽ فقط هر وقت پٽي مرحوم جي قربانين جا گفتا ٻڌائيندا رهيا آهن. اهو فقط پ پ اندر نہ آهي تہ ڪو رڳو ان جا ماڻهو ظاهري طور جمهوريت جي جنگ پيا لڙن پر اندروني طور حڪمرانن جا بوٽ پيا چٽين. اهڙي قسم جا ماڻهو سيني پارٽين ۾ هوندا آهن. ٽي سگهي ٿو تہ منهنجي پارٽيءَ ۾ بہ هجن! پر جيئن تہ پ پ هڪ وڏي پارٽي آهي، تنهن ڪري ٽي سگهي ٿو تہ انهن جي صفن ۾ اهڙي قسم جا ماڻهو گهٽا هجن! اهڙي قسم جا ماڻهو ابتدا بہ دير سان ڪندا آهن ۽ پوءِ وڏا گرو بہ ليکيا ويندا آهن، جڏهن تہ اصل ڪارڪن- جن جون وڏيون قربانيون ڏنل هونديون آهن- پوئتي رهجي ويندا آهن. ڪير ڇا پيو ڪري ۽ عوام ۾ ڪيترو مقبول آهي؟ اها ڄاڻ پ پ سان گڏ سيني لاءِ ضروري آهي.

ڪاري ڏينهن جي ملهائڻ واري "نموني" وسيلي ايم. آر. ڈي جي اڳواڻن کي اهو ثبوت فراهم ٽيو تہ هاڻي جلد هو ڪنهن ڪم جا نہ رهندا. مان تہ چوندس تہ ڪجهہ بہ نہ ڪرڻ کان تہ ناڪام تحريڪ (بقول ڪن جي) بہ سٺي آهي. ڪجهہ ماڻهن جو تہ فقط ڳالهہ ڪرڻ، ٻين لاءِ فتوائون ڏيڻ ۽ اندروني سازشون سٽڻ هڪ قسم جو رجحان بڻجي چڪو آهي. جي پ پ جو سڏ ڪٽي ناڪام بہ ٽيو تہ ڇا ٽيو؟ ماڻهن کي تہ خبر پئي تہ ڪوشش ڪئي ويئي. اها جدا ڳالهہ آهي تہ اها ڪوشش ڪامياب ٽي يا نہ. اڳتي وڌڻ سان اها خبر پئي تہ ڪير اڳتي هلن ٿا يا پوئتي هٽن ٿا. پوءِ اسان وانگر جيڪي ماڻهو پنتي رهجي وڃن ٿا، انهن کي هٽي تہ ملي ٽي، خود جدوجهد لاءِ تيار نہ هوندي بہ اهو چئون تہ پ پ مرده باد، ڇو جو اها جدوجهد ۾ اسان کي شريڪ نہ ٽي ڪري، اها ڳالهہ درست نہ آهي. ايم. آر. ڈي ۾ ڪجهہ ماڻهو اهڙا بہ آهن، جيڪي ڪجهہ ڪرڻ چاهين ٿا تہ وري اهڙا بہ آهن، جيڪي ايم. آر. ڈي ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ پيا ڪن ۽ رڳو ان ۾ جايون والاريو وينا آهن. ڪي ماڻهو ايم. آر. ڈي جا نمائندا ٽيو، روز بيان ڏيو وينا آهن، جيتوڻيڪ انهن ڪوبہ عمل نہ ڪيو آهي. ڪن ايم. آر. ڈي کي پنهنجي مقصدن جو وسيلو بڻائي ڇڏيو آهي.

ايم. آر. ڈي کي هاڻي اهو فيصلو ڪرڻو آهي تہ اڳتي وڌجي يا فقط ويهي تماشو ڏسجي. اسين هاڻي 14 آگسٽ گڏجي ملهائڻ جو بہ سوچيندا سين. آءٌ سمجهان ٿو تہ ايم. آر. ڈي ۾ شامل پارٽيون هڪٻئي جي ويجهو اچي رهيون آهن ۽ انهن ۾ گڏ رهڻ جو رجحان پيدا ٽي رهيو آهي. پهرين اهو احساس گهٽ هو. منهنجي خيال ۾ بينظير کان سواءِ بہ 5 جولاءِ وارا جلسا بہ گهٽ ڪامياب نہ ويا، جيترو حڪومت چاهيو پئي پر ٻئي طرف جي ايم. آر. ڈي بہ شرڪت ڪري ها تہ ايجا بہ وڏيڪ ڪامياب گڏجاڻيون ٽي سگهن ها.

هيرالڈ: ايم. آر. ڈي ۾ پارٽين جي اليڪشن واري اتحاد بابت اوهان جو ڪهڙو رايو آهي؟

پليجو صاحب: ڪو وقت اهڙو هو، جو حڪومت پ پ کي بلڪل اڪيلو

ڪرڻ پئي چاهيو. ان کي ٽوڙي ماڻهن کي اهو ٻڌائڻ پئي چاهيو ته، "ڏسو! اوهان کي پ پ سان واسطو نہ رکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته پ پ اوهان جي خلاف ڪارا قانون پاس ڪيا هئا." حڪومت جي اها پاليسي هئي ته پهريائين پ پ کي سيکٽ ڏجي، پوءِ ٻين جي خبر لهجي. اهي پ پ جي ڪارڪنن لاءِ ڏاڍا ڏکيا ۽ ڪٺور ڏينهن هئا. ڪجهه بزدل ۽ دغاباز ميدان ڇڏي ڀجي ويا. جڏهن ته عوام اڏول ٿي اڳيان آيو ۽ وڙهيو. ڪيترن پاڻ کي باهه ۾ ساڙي پنهنجو انت آندو. اهڙي نموني ڪجهه ٻيون به پارٽيون هيون جيڪي حڪومت جي جڪڑ ۾ نہ ڦاٿيون.

ان کان پوءِ ايم. آر. ڊي وجود ۾ آئي. اهو دور جڏ هڪ اونداهيءَ وارو دور هو. پ پ شايد اڪيلي طور به زندهه رهي ها، پر ايم. آر. ڊي جي گڏيل ڪوششن ان ۾ زندهه رهڻ جو وڏيڪ جوهر پيدا ڪيو. پ پ جي اڪثريتي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي سوچ ۾ هڪ واضح فرق هو. ڪارڪن جمهوريت ڏانهن وڌيڪ مائل هئا ۽ اهي وفادار ۽ مخلص پڻ هئا، جيتوڻيڪ انهن کي لالچ ڏيئي خراب ڪرڻ جي سازش ۽ ڪوشش ڪئي ويئي. مجموعي طور تي هر پارٽيءَ جو هر ڪارڪن وڌيڪ پابند ۽ لاڳاپيل رهيو، پر ڪجهه ماڻهو اڳواڻيءَ واري حيثيت ۾ هوندي به پوئتي رهجي ويا. اهڙيءَ طرح اسان سڀني گڏجي ڪجهه ڪرڻ چاهيو پئي. ان ڳالهه جي حيثيت نااميديءَ جي دور ۾ روشنيءَ جي ڪرڻن واري آهي. موجوده حڪومت جنهن جو اعلان هو ته، "سياسي پارٽين ۽ جمهوريت جي ڪابه ضرورت نہ آهي ۽ فقط هڪ ئي اميرالمؤمنين حڪومت هلائڻ لاءِ ڪافي آهي." اهڙين حالتن کي گڏجي منهن ڏيڻ جو فڪر ۽ روح پيدا ٿيو. اهڙين سنگين حالتن ۾ به پ پ کي اڪيلو نہ ڇڏيو ويو. ايم. آر. ڊي جي ڪارڪنن ۽ سڄي عوام گڏجي جنگ جوٽي، جنهن کان پوءِ موجوده حڪمران ٽوري ٽڪي جمهوريت ڏيڻ لاءِ مجبور ٿي پيا. گڏيل ڪوششن جي نتيجي ۾ هڪ ڏينهن سچي جمهوريت ضرور واپس ايندي.

جمهوريت جو مقصد صرف اهو نہ آهي ته وزارت ۽ قومي اسيمبليءَ جي ميمبري ماڻجي. جمهوريت جي معنيٰ آهي چرپر جي آزادي، قلم جي آزادي ۽ خيالن جي اظهار جي آزادي. جمهوريت جو مقصد آهي باوقار طريقي سان قانوني حڪومت. گذريل ڏينهن ايم. آر. ڊي جي هڪ اڳواڻ هڪ سوال رکيو ته، "اسين پ پ کي اقتدار ۾ آڻڻ لاءِ جنگ ڇو جوٽيون؟ اسان اهڙي پارٽيءَ لاءِ ڇو ويڙهه ڪريون جنهن اڳ ۾ پنهنجي حڪومتي دور ۾ مخالف ڏرين سان همدردي ۽ مهرباني‌ءَ وارو طريقو اختيار نہ ڪيو هو. اسان پنهنجو ڪم ڪيو آهي، هاڻي پ پ کي ڇڏيو ته اها پنهنجو ڪم ڪري. جي اها اقتدار ۾ اچڻ چاهي ٿي ته پاڻ وڙهي ۽ پاڻ حڪومت حاصل ڪري." اسان جو موقف اهو آهي ته ايم. آر. ڊي ۾ شامل پارٽيون هڪ مخصوص ۽ برابريءَ واري حق لاءِ گڏجي ياڳي ڀائيوار ٽيون ۽ هڪ سخت جدوجهد مان حاصل ڪيل ڳالهين جو لاپ ڪٽون. جيڪڏهن ايم. آر. ڊي جي ڪا پارٽي مٿيون مقصد حاصل

ڪرڻ نہ ٿي چاهي تہ پوءِ اهڙي پارٽيءَ کي ڪوبہ اهڙو ڪوڙو عذر نہ ڏيڻ کپي، جيڪو ايم. آر. ڊي جي لاءِ هاجيڪار ثابت ٿئي.

هيرالڊ: اوهان مارڪسوادي آهيو يا قوم پرست؟

پليجو صاحب: آءٌ هڪ وطن دوست جمهوريت پسند انقلابي آهيان. هن مرحلي تي مارڪسزم جي ڳالهہ ڪرڻ جهڙيون حالتون موجود نہ آهن. اسان سماجي ناتي طور وطن دوست جمهوريت پسند انقلابي آهيون. اسان سامراجيت ۽ فاشسٽن جي خلاف قومي ۽ طبقاتي مسئلي کي گڏي جدوجهد ڪريون ٿا.

هيرالڊ: اوهان کي سوشلزم ڏانهن ڳالهين متوجهہ ڪيو؟

پليجو صاحب: 1947ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ لائبريرين ٿيس. لائبريريءَ ۾ اسلامي لٽريچر ۽ انگريزي ناول موجود هئا. مون تيڪري، جارج الئيٽ، والٽر اسڪاٽ ۽ ڊڪنس کي پڙهيو. مون اسلامي فقهہ جا سڀ ڪتاب پڙهيا، جيڪي لازمي طور ان زماني ۾ اسڪولن ۾ پڙهايا ويندا هئا. مئٽرڪ کان پوءِ مون اسلامي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ ضروري سمجهيو. انهيءَ ڪري مون مولانا مودودي مرحوم جا ڪتاب بہ پڙهيا ۽ ان سان گڏ قاديانين ۽ شيعن جا خاص ڪتاب بہ پڙهيا. ان کان پوءِ ڪنهن مون کي سوشلسٽ ادب کان واقف ڪيو. ان کان پوءِ مشهور ٽريڊ يونين ليڈر نبي احمد انقلابي شاعري ۽ سماجوادي ادب پڙهڻ ڏانهن ڇڪايو. مون مخدوم محي الدين، سردار جعفري، جوش ۽ ٻين جو مطالعو ڪيو. اِهو اُهو زمانو هو جڏهن اسان جا ڪيسا خالي رهندا هئا، ايترو بہ پئسو نہ هوندو هو جو ٽرام تي سواري ڪريون. بندر روڊ تي رات جو گهمندا بہ هئاسين ۽ راڳ بہ پيا آلاپيندا هئاسون. پندرهن سالن جي عمر ۾ علامہ اقبال کي پڙهڻ جي ڪري منهنجو اردو شاعريءَ سان واسطو پيو.

ان کان پوءِ مون سوشلسٽ ادب پڙهڻ شروع ڪيو، پر ان کي صحيح نموني ڪو نہ ڄاتو. پوءِ مون اهي ناول پڙهيا جيڪي مون سمجهي سگهيا پئي. منهنجو پسنديده ليکڪ ايليا ايرن برگ هو، پر مون ان سان گڏ لينن، مارڪس ۽ ٻين مفڪرن جو مطالعو پڻ ڪيو. مون ان وقت لينن جي لکڻين ۽ سوشلسٽ نظرياتي ڪتابن کي پورو ذهن نشين نہ ڪيو، پر هڪ ڳالهہ ضرور هئي تہ مون سوشلزم جي عملي پاسي کي سمجهي ورتو هو. اهو فقط ادب جو مطالعو ئي هو جنهن مون کي سوشلزم ڏانهن مائل ڪيو.

ان کان پوءِ آءٌ "سنڌ هاري ڪميٽي" ۾ ويس. اهي زندگيءَ جا ڏاڍا عجيب غريب ڏينهن هئا، جن ۾ اسان کي ڪڏهن ڪڏهن ماني کائڻ بہ نصيب نہ ٿيندي هئي. جڏهن ڪجهہ وڏيرا خيرات ڪندا هئا تہ اسين ان ۾ وڃي انهن خلاف تقريرون بہ ڪندا هئاسون ۽ انهن جو ويٽ بہ کائيندا هئاسين. انهيءَ دور ۾ منهنجو ڪجهہ انقلابي ۽ بهادر عورتن سان بہ واسطو پيو. هر طرف انقلاب جو چرچو هو ۽ ترقي پسند تحريڪ جو اهو هڪ وڏو دور هو.

هيرالڊ: انقلاب جي توهان وٽ کڻڻي سمجهاڻي آهي؟

پليجو صاحب: آئون مزدورن بابت سموري ڳالهه ٻولهه نه ٿي سمجهي سگهيس ۽ هو هارين بابت ڪجهه به نه ڳالهائيندا هئا. بس هر وقت "مزدور! مزدور!" لڳي پئي هوندي هئي. رڳو مزدور ئي انقلابي هئا ۽ ٻيا سڀ پوئتي پيل! آئون رڳو مزدورن تي زور ڏيڻ واري ڳالهه کي سمجهي نه ٿي سگهيس، ان ئي ڳالهه تي منهنجو انهن ماڻهن سان اختلاف پيدا ٿيو. آئون چوان ٿو ته ان روپي سان انقلاب شايد ڪڏهن به نه ايندو. سمورو زور رڳو مزدورن تي، هارين لاءِ ڪا ڳالهه به نه! شاگردن لاءِ ڪجهه به نه! پيار لاءِ ڪجهه به نه! ۽ اسان جي مسئلن تي هڪ اکر به نه!

هيرالڊ: ڇا اوهين غير طبقاتي سماج قائم ڪرڻ ۾ پروسو رکو ٿا؟

پليجو صاحب: بلڪل!

هيرالڊ: اهو ڪيئن قائم ٿي سگهندو؟

پليجو صاحب: قومي عوامي جمهوريت (يا جيئن به اوهان ان کي ڪوٺيو) حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڏاڪي ۽ آهستي آهستي سوشلسٽ رياست اڏي سگهجي ٿي. ان کان پوءِ سڄي دنيا ۾ سوشلسٽ راج قائم ٿيندو ۽ اهڙي طريقي هڪ غير طبقاتي سماج وجود ۾ ايندو.

هيرالڊ: پاڪستان ۾ سوشلزم ڏانهن تبديلي ڪيئن ايندي؟

موجوده مرحلي تي جي جمهوريت آئي ته اها جاگيردارن واري جمهوريت هوندي. اسان جي ملڪ ۾ فقط جاگيردارن واري جمهوريت رهي آهي، عوام واري جمهوريت ڪونه رهي آهي. مزدورن ۽ ٻي پورهيت عوام کي ڪنهن به مرحلي تي آزادي نه ملي آهي. جيڪڏهن ڪا آزادي ملي آهي ته اها فقط حڪمران طبقي کي ملي آهي، پر هاڻي ته حڪمران طبقي کي به جمهوريت ۾ پائيوار نه ٿو ٻڌايو وڃي. درحقيقت اسان جنهن جمهوريت لاءِ ويڙهه ڪري رهيا آهيون، اها نه ته عوامي جمهوريت آهي نه بورجوا جمهوريت، پر اها ته سنئين سڏي جاگيرداراڻي جمهوريت آهي. جيتوڻيڪ دستاويزي طور اها سيني ماڻهن لاءِ جمهوريت هوندي.

اسان جي جدوجهد جو نتيجو بظاهر اهو نڪتو آهي جو چونڊون ٿيون ۽ حڪومت جا گهٽي کان گهٽا تابعدار پيدا ٿيا. جيڪڏهن ايم. آر. ڊي ڪامياب ٿي ته اها به ساڳيو جاگيردارن کي چونڊن ۾ ٻيهڻ جو موقعو فراهم ڪندي، مثال طور: پ پ پ ۾ شامل جاگيردارن کي چونڊن ۾ حصي وٺڻ کان روڪيو ويو، پر جي ايم. آر. ڊي ڪامياب ٿي ته ساڳيا اهي جاگيردار چونڊن ۾ حصو وٺندا ۽ اسان جا نمائندا ٿي ايندا. اسان جي جدوجهد جو ڦل اهي ڪائيندا ۽ اسان کي تمام ٿورو حصو ملندو، پر انهيءَ جو مقصد اهو نه آهي ته اسان جي جدوجهد اجائي آهي. اسين ڄاڻون ٿا ته آهستي آهستي، قدم بقدم اسان مضبوط ٿيندا ويندا سين ۽ آخر هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو سمورين ناانصافين جي پاڙ پٽي ڇڏيندا سين.

هيرالڊ: اوهان 1970ع ۾ سنڌي عوامي تحريڪ ناهي، پر 1977ع ۾ اوهان ان کي پاڪستان عوامي تحريڪ ۾ تبديل ڪيو. ڇا اهو فقط سنڌ تي پَٽل سياست کان ملڪي سياست ڏانهن واڌاري جو اظهار هيو؟

پليجو صاحب: اهو فقط چونڊن ۾ حصي وٺڻ لاءِ ڪيو ويو هو. اهڙين تنظيمن کي علاقائي بنيادن جي ڪري 1977ع ۾ چونڊن ۾ حصي وٺڻ کان روڪيو ويو هو.

هيرالڊ: ڇا ان جو سبب فقط اهو هو؟

پليجو صاحب: ها، فوري سبب اهو هو. اسان کي پنهنجي تنظيم مان "سنڌ" جي لفظ کي ڇڏي ڏيڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه هو، پر ان سان گڏ حقيقي سبب اهو به هو ته اسان شروع کان ونڊي بين الاقواميت پسند هئاسين. اسان ڪڏهن به علاقي پرستيءَ کي پنهنجي شعور ۾ جاءِ نه ڏني آهي. اسان جو پس منظر، اسان جو سماج، اسان جي ثقافت، اسان جي نفسيات سدائين بين الاقواميت پسند نظريي جي تابع رهي آهي.

هيرالڊ: اوهان تي ڪٽر قوم پرست هجڻ جي تنقيد ڪئي ويئي آهي. ڇا توهان ان سان اتفاق ڪريو ٿا؟

پليجو صاحب: فرض ڪريو ته اوهان جو تعلق نائيجيريا سان آهي ۽ ان سان گڏ اوهان بين الاقواميت پسند پڻ آهيو. ظاهر آهي ته اوهان نائيجيريا جي ڳالهه تنهن هوندي به ڪندا. اسان کي خاص کان عام ڏانهن اڇٽو آهي. اوهان پنهنجي ملڪ کان سواءِ دنيا تي ڳالهائي ئي نه ٿا سگهو! اهڙيءَ طرح اسين به سنڌي ماڻهن جي ڳالهه ڪريون ٿا. ان کان سواءِ سنڌي عوام ئي آهي جنهن کي پنهنجي صوبي اندر اقليت ۾ تبديل ڪيو ويڃي ٿو. سنڌي ماڻهن ٻاهران آيل ماڻهن جي ٻوڏ سبب پنهنجا گهر ۽ مال ملڪيتون، زمينون ۽ روزگار جا وسيلا وڃايا آهن. اهوئي واحد صوبو آهي، جنهن جي گاديءَ واري هنڌ ۾ اصلوڪا گهر ڏٽي ماڻهو تمام گهٽ آهن. اڄ ڪراچي مڪمل طور بمبئي جي پارسين کان سواءِ سنڌين جو شهر هو. ڪنهن به صوبي جي گاديءَ جو هنڌ صوبي کان ڇني نَوَن آبادڪارن جي حوالي نه ڪيو ويو آهي. سنڌ، سنڌو درياهه جي پيڙيءَ ۾ آهي ۽ آخر ۾ ان کي پاڻي ملي ٿو. سنڌ هڪ تراکڙي ڌرتي آهي، بلوچستان ۽ سرحد وانگر جبل نه اٿس، جتي ماڻهو پناهه وٺي سگهن. ڪوبه اچي سنڌ کي ٽڪنڪن سان لتاڙي سگهي ٿو. تنهن ڪري اها هن علاقي جي جنگي ڪمزوري آهي. اسان وٽ ڪي به جنرل نه آهن. اسان وٽ گوريلا جنگ جي بلوچن وانگر روايت ڪانهي. اسان پنهنجون قبائلي روايتون تمام پري ڇڏي آيا آهيون، خاص ڪري سنڌ جي هينئين علاقي ۾ ڪوبه قبائلي نظام نه آهي. هي صوبو وڏو مظلوم ۽ گهٽن تضادن جو مرڪز آهي. هڪ پاسي ڪراچيءَ جو بين الاقوامي شهر آهي ته ٻئي پاسي ٿر جو علاقو آهي، جتي پاڻي به نه ٿو ملي، تنهن ڪري اسان کي گهٽا مسئلا درپيش آهن. جيستائين اسان سنڌ ۾ مضبوط نه ٿينداسين، تيستائين پاڪستان جي سياست تي اسان جو ڪو اثر نه پوندو. جيڪڏهن سنڌ ۾ مضبوط

تنظيم نہ هجي ها تہ شايد اسين 1983ع واري تحريڪ ۾ حصو نہ ونڊي سگهون ها. اسان کي پنهنجي اثر ڏيکارڻ لاءِ کي اڏا تہ هجڻ گهرجن. اسان سدائين مقامي ۽ ملکي سياست کي گڏيو آهي. اسان شروع کان ملکي بنيادن تي تنظيم ناهڻ لاءِ کوشان رهيا آهيون، انهيءَ لاءِ اسان کوشش ڪئي آهي پر ڪاميابي ڪونہ ٿي آهي. اها هڪ لانگ مارچ آهي. اسان کي ڪراچيءَ ۾ هن وقت تائين کو اهڙو ماڻهو نہ مليو آهي، جيڪو اسان سان نظرياتي هم آهنگي رکي. اسان کي پاڪستان ۾ (جيتوڻيڪ اسان جا مزدور ڪسان پارٽيءَ سان بہ ناتا آهن) هڪ منفرد انداز سان ڏنو وڃي ٿو، اها اسان جي بدقسمتي آهي. توهان هڪ ملکي تنظيم ڪيئن قائم ڪري سگهو ٿا جڏهن ماڻهو اوهان سان اتفاق نہ ٿا رکن؟

هيرالڊ: اوهان سان ماڻهو متفق ڇو نہ ٿا ٿين ؟

پليجو صاحب: اسان مان ڪجهہ فقط طبقاتي جدوجهد تي زور ڏين ٿا. هو ڪڏهن ڪڏهن قومي مسئلي تي بہ ڳالهائين ٿا پر جڏ تہ "خيرات" سمجهي. ٻيا وري فقط قومن جي ڳالهہ ڪن ٿا، اهي ڪوبہ ڪم پنجابين ۽ مهاجرن سان گڏجي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. ان کان پوءِ ڪي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي قومي ۽ طبقاتي جدوجهد جي ڳالهہ ڪن ٿا، پر جمهوريت جي جدوجهد ۾ شريڪ نہ ٿا ٿين. اهي سمجهن ٿا تہ جمهوري جدوجهد بہ جاگيرداراٽي جمهوريت جو هڪ حصو آهي ۽ نتيجي طور جاگيردارن کي اقتدار ملندو، انهيءَ ڪري ان جدوجهد ۾ شريڪ ٿيڻ اجايو آهي.

اسان جو ايمان آهي تہ جمهوريت جي جدوجهد ۾ شرڪت ڪرڻ سان اسين وڌيڪ مضبوط ٿيندا سين. جي اسين فقط گهر ۾ وينا هوندا سين ۽ ٻين کي فائدن ونڻ جي اجازت ڏيندا سين تہ اسان کي پنهنجو حق ڪيئن پلئہ پوندو؟ اسان جڏهن جدوجهد ۾ حصو ونڊندا سين تہ فولادي قوت ايندي. 1978ع ۾ جڏهن صحافين جدوجهد ڪئي تہ اسان هاري طبقي جا ماڻهو جدوجهد ۾ گرفتارين لاءِ موڪليا، جن صحافين سان گڏجي جدوجهد ڪئي. هاڻي پلا انهن جو صحافين سان ڇا ويو! اسان پنهنجن هارين کي بين الاقواميت پسنديءَ مطابق ڪم ڪرڻ لاءِ چيو. جيڪڏهن جمهوريت جي لاءِ جنگ ڪرڻي آهي تہ پوءِ هر ان ماڻهوءَ سان گڏ ڪرڻي آهي جيڪو انصاف لاءِ وڙهي ٿو، پوءِ ڪٽي اهو ڪير بہ هجي. جيڪڏهن ڪنهن کي (ڪنهن سان) مدد ڪرڻ جي اهليت آهي تہ هو ضرور مدد ڪري ۽ گڏجي جدوجهد ڪري.

هيرالڊ: اوهان نظرياتي اختلافن جي باوجود اين- ڊي- پي ۽ مزدور ڪسان پارٽيءَ وارن سان گڏجي هڪ پارٽي ناهي آهي، ڇا مختلف سياسي نظرئي رکندڙ ماڻهن جو انضمام ڪاميابي حاصل ڪري سگهندو؟

پليجو صاحب: منهنجي خيال مطابق جيڪڏهن اسين بند دروازي واري ۽ پڇ لٽڪائڻ واري سياست (Tailism) جو شڪار نہ ٿياسين تہ پوءِ اهو انضمام ڪارگر ثابت ٿيندو. جڏهن اسين نعپ جي ناڪامين کي ڏسندا سين تہ اسان تي اها حقيقت

واضح ٿيندي ته پارٽيءَ اندر هينئين طبقي جا ترقي پسند ۽ انقلابي بند دروازي واري سياست جو، هيراڪيريءَ جو مظاهرو ڪندا رهيا ۽ پارٽيءَ ۾ حق سچ چوڻ ۽ پارٽيءَ جي اڳواڻي ڪرڻ ۾ شريڪ نه ٿيا، ته اهي نظرياتي طور پوين صفن ۾ رهجي ويا. انهن فقط اجائين ڳالهين ۾ وقت وڃايو. اسان هاڻي برابريءَ واري بنياد تي سياست ۽ اڳواڻي ڪرڻ ۾ شريڪ ٿيا آهيون. اهڙو عمل اڳ نعپ ۾ ڪونہ هو. اسان برابريءَ واري بنياد تي ڪم ڪرڻ لاءِ زور ڏئي رهيا آهيون. سڀ مسئلا ڪليل دل سان هڪبئي جي اڳيان رکڻ گهرجن. جي ائين نہ ڪبو ته اڳواڻي وري بہ حڪمران طبقن جي رهندي.

اسان اها رٽ پيش ڪئي آهي ته سمورا اختيار مرڪزي ڪميٽيءَ کي سونپيا وڃن ۽ مرڪزي عهديدار بہ مرڪزي ڪاميٽيءَ کي چونڊڻ گهرجن، پر افسوس جو اهڙي رٽ کي تسليم نہ ڪيو ويو. بزنجي صاحب جو چوڻ آهي ته سندس تجويزن کي قبول نہ ڪيو ويو، پر حقيقت اها آهي ته خود اسان جي تجويزن کي مڪمل طور ڪونہ قبوليو ويو. اسان هڪ منفرد قسم جي تنظيم ناهڻ چاهي پئي، پر اتحاد کي سامهون رکندي، اسان آخر طئي ٿيل پروگرام قبوليو، جيڪو اسان جي خيالن سان ٿورو بہ هم آهنگ نہ هو. اسان ڪيترين ڳالهين تي اختلاف رکيو آهي.

هيرالڊ: ملڪي سياست تي انهيءَ انضمام جو ڪهڙو اثر پوندو؟

پليجو صاحب: انهيءَ انضمام جي ڪري عوام کي انڌي ويساهہ مان آزادي ملندي ۽ شعور ۾ واڌارو ايندو. اهڙيءَ طرح عوام ۾ وڌيڪ قوت، سمجهہ ۽ واڌارو پيدا ٿيندو، جنهن جو اثر ملڪي سياست تي ٿورو ڪي گهڻو ضرور پوندو.

هيرالڊ: توهان تازو پنجاب جو دورو ڪيو آهي، ڇا توهان کي اتي خاص طور قومي مسئلي تي ڪا تبديلي نظر آئي؟

پليجو صاحب: درحقيقت ڏهہ سال اڳ جڏهن آءٌ پنجاب ويو هوس تہ مون اتي تبديلي محسوس ڪئي هئي، پر هن دفعي مون انهن کي وڌيڪ حقيقت پسنديءَ ڏانهن مائل ڏٺو. ڪجهہ ماڻهو مون کي سندّ جي مسئلي تي وڌيڪ حقيقت پسند نظر آيا. مون اهو ڄاتو ته اهي اسان جي مسئلن بابت ڪجهہ ڳالهائڻ ۽ اظهار ڪرڻ چاهين پيا. پنجاب ۾ ماڻهو هاڻي شعور، جمهوريت، ننڍن صوبن جي پلائي، بهتر مستقبل، پنهنجو پاڻ کي حاڪم نہ سمجهڻ ۽ هر ڳالهہ ۾ پاڻ کي اتم سمجهڻ جي خلاف جاڳي رهيو آهي. مجموعي طور اتي هڪ وڏي تبديلي پيدا ٿي رهي آهي.

جڏهن اخبارن ۾ منهنجي خيالن جي خلاف واويلا مچائي وئي تہ منهنجي بچاءَ ۾ ڪيترائي ماڻهو اڳي ڪڙا ٿيا. انهن مون کي محبت ڏني ۽ منهنجي مسئلي کي پنهنجو مسئلو ڪري ڄاتو. هاءِ ڪورٽ جي بار روم ۾ ۽ ٻين جڳهن تي منهنجو پرپور دفاع ڪيو ويو، جنهن جي مون کي بہ خبر ڪانہ هئي. ڪيترن ماڻهن جن کي آءٌ گهٽ ڄاڻندو هوس تن مون کي پنهنجين دعوتن ۾ شريڪ ڪيو. وڪيل، دانشور، مزدور ۽ عورتون، جن کي مون اڳ ۾ ڏٺو بہ ڪونہ هو، سيئي گڏجي مون کي ٻڌڻ آيا. آءٌ

گجرانوالا، وزيرآباد ۾ ٻين ننڍن شهرن ۾ ويس. هر هنڌ وڃا ۾ ڪليل بحث مباحثا ٿيا. مون کين ٻڌايو ته سندن پوئتي پوڻ سبب مصيبتون اسان کاڻي رهيا آهيون. مون کين ٻڌايو ته اوهين سوچڻ کان سواءِ هر ڳالهه کي قبول ڪري ونو ٿا ۾ اهڙي قسم جي ذهنيت جي ڪري توهان به خود قيد ۾ بند آهيو. مون کين ٻڌايو ته سنڌ جا ماڻهو جسماني طور قيد ۾ بند رهندي به خيالن ۾ آزاد آهن، انهيءَ ڪري اسين وڌيڪ شعوري طور آزاد ۾ طاقتور آهيون. ڪراچيءَ سميت سڄي سنڌ جا ماڻهو ذهني طور ڪنهن جا به غلام نه آهن. تاريخ ۾ ٻين مسئلن تي ماڻهو پنهنجي راءِ رکي سگهن ٿا، تنهن ڪري مان سمجهان ٿو ته اسان جي سمجهه وڌيڪ آزاد آهي. پنجاب ۾ ٿورن ماڻهن کان سواءِ ٻيو عوام گهٽو بهادر ۾ همت پريو آهي، جن کان اسين گهٽو ڪجهه سکي سگهون ٿا. مون اتان جي ماڻهن ۾ ٻين کان سکڻ جي چاهت ڏٺي. اهو منهنجي لاءِ هڪ وڏو تجربو هو ۾ اهو تجربو رجعت پرست ۾ حڪومت جي چاڙڻتن (جيڪي اسان جي ضمير جا هٿ ٽوڪيا ٽيڪيدار هئا) انهن جي اميدن جي ابتڙ هو. اهو منهنجي لاءِ هڪ انوکو تجربو هو. ڪيترائي ماڻهو مون وٽ آيا ۾ اچي چيائون ته، "توهان اسان کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو آهي، اسين سڀ اڳ پاڻ ۾ وڙهندا رهيا آهيون ۾ هڪٻئي جي ڳچي پڪڙيندا رهيا آهيون، پر هاڻي اسين سڀ متحد آهيون ۾ اسين جلد رجعت پرستن کي ٽيڪ ڪنداسين." آءٌ انهن سڀني عورتن ۾ مردن جو شڪرگذار آهيان جن مون ڏانهن مهرباني، محبت ۾ همدرديءَ جا هٿ وڌايا آهن ۾ مون کي صبر سان ٻڌو آهي. پنجاب جي عوام ۾ نئين پنجاب کي اڏڻ جون اميدون اسري رهيون آهن.

هيرالڊ: ڪنفيڊريشن بابت اوهان جو ڪهڙو رايو آهي؟

پليجو صاحب: فرض ڪريو ته ڪنفيڊريشن وجود ۾ اچي ٿي ۾ اسان کي پنهنجي فوج ۾ پنهنجا جنرل آهن. سنڌي جنرل، پنجابي جنرلن کان پوءِ به ته گهٽ طاقتور هوندو. پاڪستان جي گڏيل فوج ۾ پنجابي جنرل، سنڌي ۾ پناڻ جنرلن سان گڏجي سازش ڪري اسان مٿان وري قابض ٿي سگهن ٿا، چاڪاڻ جو مقامي جنرل به پاڪستان آرميءَ جا هوندا. لاهور جي جنرل کي ڪهڙي طاقت، ڪوئيتا ۾ سنڌ جي جنرل کان اقتدار کسڻ کان روڪي سگهي ٿي؟ ڪنهن به ملڪ جو دستور فقط ڪاغذ جو ٽڪرو هوندو آهي ۾ اها فوج نه هوندو آهي. جڏهن ماڻهو اهو چوندا آهن ته دستور اسان جي حقن جي حفاظت نه ٿو ڪري ته آءٌ اهڙن ماڻهن تي کلندو آهيان. هڪ ڪتاب يا ڪاغذ جو ٽڪرو، جيڪو ڪيڏو به ڪٿي مقدس هجي، پنهنجو بچاءُ ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟

ڪابه شيءِ، جنهن کي پنهنجو بچاءُ ڪرڻ نه ٿو اچي، ان جو فوج ڪهڙو دفاع ڪندي؟ **اهو چوڻ بيڪار آهي ته دستور پنهنجي حفاظت پاڻ ڪندو. منهنجي خيال ۾ فقط عوام ئي دستور جو دفاع ڪري سگهي ٿو.** تنهن ڪري ڪنفيڊريشن جي رٽ

ننڍن صوبن جي حقن ۾ مرڪز ۽ صوبن جي وچ ۾ توازن قائم ڪرڻ لاءِ دفاع جو ڪم ڏيئي سگھي ٿي، پر سوال اهو آهي ته اسين اهو سپ ڪجھ ڪيئن حاصل ڪري سگھون ٿا؟ ٽيئي ننڍا صوبا گڏيل صورت ۾ بہ پنجاب کان ڪمزور آهن. اسان کي ڪنفيڊريشن ۾ گھربل طاقت ميسر نہ آهي، جيڪا ايشيا جي ھڪ مضبوط فوج سان مقابلو ڪري سگھي. مون کي ڪنفيڊريشن سان ڪو اختلاف نہ آهي، جيڪڏھن پنجاب ۽ ٻين صوبن جا سپ مظلوم ماڻھو ھن رٽ سان اتفاق رکن ٿا تہ آءٌ بہ ان جي حق ۾ آهيان. جيڪڏھن سپ ماڻھو ان رٽ جي حق ۾ نہ آهن، تہ پوءِ اسان کي ھڪ ٻيو رستو ڳولڻو پوندو، جنھن کي عوام جي حمايت حاصل ھوندي، تنھن ڪري عملي بنيادن کي مدِنظر رکندي، آءٌ ڪنفيڊريشن بدران فيڊريشن جي حمايت ڪريان ٿو.

پاڪستان ٺهڻ جي سزا جيڪڏهن ڪنهن قوم کي ملي آهي تہ اها سنڌي قوم آهي.

انٽرويو: الطاف حسين قريشي/ هفتيوار ڏنڪ لاهور، آگسٽ 1986ع

ڏنڪ: 1983ع جي پاڪستان بچايو تحريڪ بابت ٻہ ڳالهيون آهن: هڪ اهو تہ تمام سوپاري رهي، جنهن جي نتيجي ۾ جنرل ضياءُ الحق کي ڪوڙي ئي سهي، پر چونڊ ڪرائڻي پيئي ۽ هڪڙي نام نهاد ئي سهي پر شهري حڪومت ٺاهڻي پئي. بي راءِ آهي تہ اها تحريڪ بريءَ طرح ناڪام ٿي ۽ هي ان جو نتيجو آهي جو جنرل ضياءُ پنهنجي مرضيءَ مطابق ملڪ ۾ جمهوريت جو چرخو قائم ڪري ڇڏيو آهي. هن تحريڪ جي باري ۾ اوهان جو ڪهڙو تجزيو آهي؟

پليجو صاحب: ٻيئي ڳالهيون آهن. هڪ حد تائين اها ڪامياب رهي، پر جيترو ڪيس اڳتي وڌڻ کپندو هو. اها ايترو اڳتي وڌي نہ سگهي آهي. تڏهن بہ جيتري حد تائين ان سوپ حاصل ڪئي، ان جو اثر اهو ٿيو جو حڪمرانن کي پوئتي هٽڻو پيو ۽ چونڊ ڪرائڻي پيئي، حالانڪ هو چوندا هئا تہ چونڊن جي ڪابہ ضرورت ناهي، ان سان نقصان ٿو ٿئي. آئون اهو نٿو چوان تہ موجوده صورتحال ساڳئي نموني برقرار رهي سگهي ٿي، چوتہ اسان جي صاحب ڏمڪيون ڏيڻ شروع ڪيون آهن، ان ڪري ڪنهن بہ وقت هو ٻيو رستو وٺي سگهن ٿا. اها تحريڪ ڪنهن ڏگهي منصوبابنديءَ وسيلي هلڻ واري تحريڪ نہ هئي. جنهن حد تائين اها تحريڪ هلي، ان ۾ ڪامياب رهي.

ڏنڪ: ايم. آر. ڊي جي 1983ع جي پاڪستان بچايو تحريڪ جي باري ۾ ڇيو ٿو وڃي تہ ان ۾ پنجاب حصو نہ ورتو. جي پنجاب حصو وٺي ها تہ صورتحال ٻي هجي ها. اوهان جو ان بابت ڪهڙو خيال آهي؟

پليجو صاحب: نہ وٺڻ واري ڳالهہ ٻي آهي، پر جيڪڏهن پنجاب پنهنجي پوري طاقت سان ان ۾ حصو وٺي ها تہ ظاهر آهي نتيجو بهتر هجي ها، پر اهو چوڻ تہ پنجاب بلڪل حصو ورتو ئي ڪونہ، سا ڳالهہ غلط آهي. پنجاب هڪ حد تائين حصو ورتو ۽ جيڪڏهن هو حصو نہ وٺي ها تہ سنڌ ۾ جيترو تشدد ٿيو، ان کان گهڻو تشدد ٿئي ها. اسان وٽ اها روايت رهي آهي تہ جڏهن هڪ صوبو مار کائيندو آهي تہ ٻيو ڏسندو رهندو آهي، پر هن ڀيري پهريون دفعو ان تحريڪ ۾ ائين ٿيو تہ سڀ ماڻهو گڏ هئا ۽ پنجاب جو حصو بہ هو.

ڏنڪ: ڪهڙو سبب هو جو پنجاب اهڙي نموني سامهون نہ آيو، جهڙي

نموني سنڌ ۾ عوام حصو ورتو؟ توهان ان جو کهڙو تجزيو ڪيو آهي؟

پليجو صاحب: سنڌ ۾ هڪ ته ايم. آر. ڊي جي تنظيم سڀ هئي، جوته ايم. آر. ڊي هيٺئين سطح تائين تنظيم ڪئي هئي. ٻيو اهو ته سڄي ملڪ ۾ هارين، مزدورن ۽ عوام جي ٻين طبقن تي جيڪو گڏيل جبر آهي، ان کان سواءِ هتي (سنڌ ۾) هڪ واڌو جبر به آهي ۽ اهو آهي قومي جبر. هڪ ته آمريت جو ڏاڍ آهي، طبقاتي جبر آهي ۽ سامراجي جبر به آهي، ان کان سواءِ هڪ ٻيو جبر به هو. اهو قومي جبر هو جنهن جذبن کي وڌيڪ پڙڪايو.

ڏنڪ: قومي جبر مان اوهان جي کهڙي مراد آهي؟

پليجو صاحب: اسان هن ملڪ کي گهڻ- قوميتي ملڪ تسليم ڪريون ٿا. جڏهن هڪ قوميت تي ڪنهن ٻي قوميت يا ٻي قوميت جي حڪمران طبقي جي طرفان جبر ٿئي ٿو ته اهو هڪ واڌو قومي جبر ليکبو آهي. اهو ڪنهن به قوميت جو حڪمران طبقو سڏو سنئون ناهي ڪندو، اهو مقامي ڇاڙتن کي به شامل ڪندو آهي. جيئن ويٽنام ۾ اوهان ڏٺو ته آمريڪا اڪيلو نه هو، اتي "ٿيو" به هو. اها هڪ قدرتي صورتحال آهي ته جابر حڪمران پهرين پنهنجي قوم تي ئي جبر ڪندا آهن. پنجابي عوام تي پنجابي حڪمران طبقي جو جبر آهي. سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد ۾ به ائين آهي، پر ان کان سواءِ هڪ ٻيو به جبر آهي، بالادست طبقي جو جبر ننڍين قومن تي ٿيندو آهي. 1947ع کان ان جبر جو احساس وڌيڪ شدت سان ٿي رهيو آهي. انهيءَ سبب جي ڪري ئي هتي تحريڪ زور ورتو.

ڏنڪ: هن تحريڪ لاءِ اهو پڙ ڇيو وڃي ٿو ته جيڪڏهن سنڌ جا وڏيرا قربانيون نه ڏين ها ته هيءَ تحريڪ منڊ ۾ ئي ختم ٿي وڃي ها. اوهان حقيقتن جي روشنيءَ ۾ اهو ٻڌايو ته اهو خيال ڪيتري حد تائين صحيح آهي؟

پليجو صاحب: ان ٻگالهه ۾ سنڌ جي وڏيرن جو به حصو آهي. اها ٻي ٻگالهه آهي ته ڪيترائي ماڻهو تڪڙو ٻڃي ويا، ڪجهه ماڻهو قائم رهيا ۽ اها به حقيقت آهي ته سنڌ جي وڏيرن جي شرڪت کان سواءِ هيءَ تحريڪ جنهن حالت ۾ هئي، ايتري بااثر نه ٿئي ها، پر ان جي اڳتي نه وڌڻ جو سبب اهو هو جو وڏيرن کي جڏهن سڏ پئي ته وزارتون نه ٿيون نهن ۽ حڪومت ۾ ڪين حصو نه ٿو ملي ته پوءِ هو ٻڃي ويا ۽ انهن مان جيڪي حڪومت سان ملي هڪ ٿي ويا آهن، سي به اوهان جي اڳيان آهن. اها تحريڪ اوچتو جهڙي نموني ختم ٿي، ان ۾ ان ٻگالهه جو دخل هيو ته وڏيرا ساڻ ڇڏي ويا هئا، پر عوام پوءِ به گهڻو مقابلو ڪيو.

ڏنڪ: عام طور ان تحريڪ کان پوءِ ڪابي ڏر جي دانشورن ۽ وڇڙن (Liberals) قسم جي صحافين ۽ دانشورن پنهنجن تجزين ۾ عوامي تحريڪ جي ڪردار کي گهٽو وڌائي چڙهائي پيش ڪيو ۽ اهو تاثر ڏنو ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جو ڪوبه وجود ناهي رهيو ۽ اها تحريڪ صرف عوامي تحريڪ هلائي.

اوهان جي خيال ۾ ان قسم جا تجزيا ان لاءِ ته نه ڪيا ويا ته جيئن پيپلز پارٽيءَ ۽ عوامي تحريڪ جي وچ ۾ جيڪي تعلق ۽ ويجها ڳانڍاپا پيدا ٿيا هئا، تن کي ڪهڙي به نموني ختم ڪيو وڃي؟

پليجو صاحب: عوامي تحريڪ جو پنهنجو حصو هو، پيپلز پارٽيءَ جو پنهنجو حصو هو. عوامي تحريڪ جو ٻيو انداز هو. پيپلز پارٽي تمام وڏي پارٽي آهي. اسان ننڍڙي پارٽي آهيون. سيني ماڻهن گڏجي سڏجي، جن ۾ وڏيرا، هاري ۽ عام ماڻهو هئا، سيني حصو ورتو. اهو چوڻ صحيح ناهي ته فلاڻي تمام گهڻو ڪم ڪيو ۽ فلاڻي گهٽ ڪيو. پيپلز پارٽيءَ جو حصو وڏو هو. اها ٻي ڳالهه آهي ته پنهنجون پنهنجون مجبوريون به ٿين ٿيون، پوءِ به اوهان جي ان ڳالهه سان متفق آهيان ته ماڻهو ٽوڙ ٽوڙ وجهڻ لاءِ اهڙيون ڳالهيون ڪندا آهن. سنڌ ۾ چوندا هئا ته اوهان کي پيپلز پارٽيءَ وارن استعمال ڪيو، اوهان هروپيرو سندن چڪر ۾ اچي ويا، اوهان ته صرف سنڌ جي سياست ڪريو. هاڻي آءُ پنجاب آيو آهيان ته ماڻهو اتي چوندا ته پنجاب وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ حڪومت ته پيپلز پارٽيءَ کي ملندي، تون ايڏانهن ڇو ٿو وڃين؟ سيني کي خبر آهي ته ڪنهن ڪيترو ڪم ڪيو.

ڏنڪ: سنڌي بلوچ پشتون فرنٽ جي منشور ۾ اهو ڇيو ويو آهي ته ڇئني صوبن کي گهٽي ۾ گهٽا اختيار هجڻ کپن ۽ مرڪز وٽ صرف چار کاتا هجن. ايم. آر. ڊي به صوبائي اختيارن جي حوالي سان ساڳي ڳالهه ئي ڇئي. فرنٽ فوج کي گهٽائڻ ٿو چاهي ۽ ان جي تجويز آهي ته هر ڪنهن صوبي کي فوج ۾ برابر حصو هجي. اهڙي نموني فوج جي مرڪزيت ختم ٿي ويندي ۽ آئينده مارشل لا لڳي نه سگهندي.

پليجو صاحب: اسان ايم. آر. ڊي جا ميمبر آهيون. ايم. آر. ڊي چار کاتا مرڪز کي ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. ٻين ڳالهين متعلق ايم. آر. ڊي ۾ ڪابه تجويز پيش نه ڪئي ويئي آهي ۽ نه ئي کو فيصلو ٿيو آهي، ان ڪري اسان ايم. آر. ڊي جي نقطن تائين ئي ڳالهه ڪنداسين. رهي ڳالهه فرنٽ جي، ته اهو انهن جو پنهنجو مسئلو آهي.

ڏنڪ: اسان صرف اهو ٿا چاهيون ته اوهان هڪ سياسي دانشور جي حيثيت سان ان ڳالهه جو تجزيو ڪريو ته فرنٽ جي ان تجويز ۾ ڪو وزن آهي ته فوج کي ورهايو وڃي؟ ڇا ان سان مارشل لا لڳڻ جا امڪان ختم ٿي ويندا ۽ صوبن مٿان مرڪز جو تسلسل ختم ٿي ويندو؟

پليجو صاحب: آئون ايم. آر. ڊي جي حوالي سان ئي ڳالهه ڪندس. ڪيترين ئي ڳالهين تي بحث ڪرڻ جي گهرج آهي. پاڪستان ۾ جيڪا فضا آهي، اها اهڙي ناهي ته علمي بحث مباحثا چيڙيا وڃن. اوهان چئو هڪ ڳالهه ٿا ۽ ماڻهو ان کي ڪجهه ٻي معنيٰ ڏيو ٿا ڇڏين، ان ڪري آئون ايم. آر. ڊي تائين ئي محدود رهڻ چاهيندس. ايم. آر. ڊي جو جيڪو ان بابت موقف آهي، اهو چئو ۽ اوهان جي اڳيان آهي.

ڏنڪ: جي- ايم سيد سان قوميت جي مسئلي تي کڻڻ نقطن تي اوهان متفق آهيو ۽ اوهان جا اختلاف کڻان کان شروع ٿين ٿا؟

پليجو صاحب: جي- ايم سيد سان اسان جي اختلافن جو بنياد اهو آهي ته اسان سمجهون ٿا ته قومي جدوجهد ته لازمي آهي پر ان سان گڏ جيڪڏهن طبقاتي جدوجهد نه ڪئي ويئي ته قومي جدوجهد جو مفهوم ئي ختم ٿي ويندو. ٻيو ته اسان اهو به ايمان رکون ٿا ته هن ملڪ ۾ رهندڙ مظلوم عوام جي وچ ۾ ننڍين وڏن مفادن جو ڳانڍاپو به آهي ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجو پاڻ کي جي اڄ ظاهر نه ٿا ڪري سگهن ته اڳتي هلي ان کي ظاهر ڪرڻو آهي. اسان جي ڪوشش اها هجي ته اسان قوم جي لاءِ جدوجهد ڪريون ۽ ٻين صوبن جو عوام به اسان جي جدوجهد جي حمايت ڪري. **اسان کي قومي حقن جي جدوجهد، پورهيت عوام جي جدوجهد، جمهوريت جي جدوجهد ۽ سامراجي تسلط جي خلاف جدوجهد کي ملائي ملڪ گير سطح تائين ڪم ڪرڻ گهرجي.** سنڌ جي اندر اسان قومي حقن جي جدوجهد ضرور ڪئيسين، پر اهو مسئلو ان وقت تائين حل نه ٿيندو، جيستائين سيني جدوجهدن کي ملايو نٿو ويجي. انهن سيني کي ملائڻ گهرجي. جي- ايم سيد جو خيال آهي ته، "سنڌ کان ٻاهر قدم رکي سياست ڪرڻ سندن مفادن جي خلاف آهي ۽ پنجاب جي ڪنهن به ماڻهوءَ سان ڳالهائڻ سنڌ سان غداري آهي. پنجاب مان ڪوبه آسرو رکڻ نه ڪپي. اهو آمريت جو گڙهه آهي. اتي جمهوريت جي ڳالهه بيڪار آهي. اتي سڀ ماڻهو هڪ ئي موقف رکن ٿا." اسان ان ڳالهه تي ساڻس اختلاف رکون ٿا.

ڏنڪ: هڪ ڳالهه اها به آهي ته جڏهن طبقاتي ويڙهه ڪامياب ٿيندي آهي ته قوميتن جا مسئلا به حل ٿي ويندا آهن.

پليجو صاحب: آئون ان سان اختلاف ڪريان ٿو. لينن به انهيءَ ڳالهه سان اختلاف ڪيو هو. ان چيو هو ته قومي جدوجهد جي لاءِ سوشلزم جي ڪاميابي صرف سازگار حالتون پيدا ڪري ٿي، ان کان پوءِ به اوهان انهن مسئلن کي حل نه ڪيو ته پوءِ اهي ڪڏهن به حل نه ٿيندا. ويٽنام ۽ ڪمپوچيا جو مسئلو اوهان جي سامهون آهي. ويٽنام ۽ چين جو مسئلو اوهان جي اڳيان آهي. چين ۽ روس جو مسئلو اوهان جي سامهون آهي، ان ڪري اسان کي اهو سوچي قوميتن جي جدوجهد ڇڏي ڏيڻ نه ڪپي ته سوشلزم ايندي ته هر مسئلو پنهنجي ليکي حل ٿي ويندو.

ڏنڪ: اوهان قوميتن جي جدوجهد، جمهوريت جي جدوجهد، طبقاتي جدوجهد ۽ سامراجي بالادستيءَ جي خلاف جدوجهد کي گڏ رکڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. اوهان جي خيال ۾ اهي هڪ ئي مهل هلي سگهن ٿيون يا انهن مان ڪهڙين ڳالهين کي اوليت ڏني ويندي؟

پليجو صاحب: سڀ هلي سگهن ٿيون. مقامي سطح تائين اوهان ڏاڪا مقرر ڪري سگهو ٿا، مثال طور: سنڌ ۾ قومي جدوجهد کي اوليت ڏيئي سگهجي ٿي، پر اصل

مقصد اهو هوندو آهي. اسان سان بہ اهوئي ٿئي ٿو تہ ڪڏهن ڪڏهن اسان طبقاتي ويڑهہ تيز ڪري ڇڏيندا آهيون، پر پوءِ اسان کي ان ۾ توازن پيدا ڪرڻو پوندو آهي.

ڏنڪ: قوميتن جي حوالي سان اوهان ٻڌايو تہ سنڌ ۾ آباد اردو ۽ پنجابي آبادڪارن جي باري ۾ اوهان جو رويو ڪهڙو آهي؟

پليجو صاحب: سنڌ اندر سنڌي ماڻهن جي وڏي اڪثريت آهي. پنجاب هڪ پنجابي علائقو آهي، بلوچستان بلوچ علائقو رهيو آهي، سرحد پشتون علائقو رهيو آهي. اها صورتحال قائم رهڻ گهرجي، بس ايتري ڳالهہ آهي.

ڏنڪ: ڪابي ڊر جي چئن پارٽين جي هڪ پارٽي نهڙ جي باري ۾ هڪ شڪ اهو ظاهر ڪيو ٿو وڃي تہ گهٽ ۾ گهٽ ٽي جماعتون اهڙيون آهن، جيڪي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ماڻهن جي قوت کان ڊڄن ٿيون ۽ کين پڪ آهي تہ جڏهن بہ چونڊون ٿيون تہ پيپلز پارٽيءَ کي تمام وڏي ڪاميابي ٿيندي. ان ڪري اهي جماعتون ملي پيپلز پارٽيءَ جي خلاف هڪ محاذ کڑو ڪرڻ چاهين ٿيون. سندن خيال آهي تہ جيڪڏهن اها اتحادي پارٽي وجود ۾ اچي ٿي وڃي تہ پيپلز پارٽيءَ تي حڪمران فوجي ٽولو، جماعت اسلامي ۽ ٻين رجعت پسند سياسي جماعتن سان گڏوگڏ ڪابي ڊر جي پارٽي بہ حملو ڪندڙ هوندي. ان شڪ کي هٽي ڪجهہ اڳواڻن جي انهن بيانن مان ملي ٿي، جن ۾ لڳاتار چيو ويو آهي تہ پيپلز پارٽي سامراجي جماعت آهي. اوهان جو ان باري ۾ ڇا خيال آهي؟

پليجو صاحب: آئون سمجهان ٿو تہ جمهوري قوتن کي گڏ هجڻ کپي. پيپلز پارٽي گهڻ- طبقاتي پارٽي آهي، ان جي اڏاوت طبقاتي ناهي. اسان چاهيون ٿا تہ هڪ اهڙي پارٽي ٺاهي وڃي، جيڪا انهن مڙني ڳالهين تي اعتماد ڪري. اسان پنهنجو توازن رکڻ چاهيون ٿا. جيڪي ماڻهو اهو چاهين ٿا تہ پيپلز پارٽي کان علاوه هڪ سياسي توازن هجڻ گهرجي، اهي اهڙي پارٽي ٺاهڻ چاهين ٿا ۽ اسان جي خواهش آهي تہ پيپلز پارٽيءَ سان اسان جي نئين پارٽي جو لچڪدار ۽ وسيع بنيادن تي اتحاد هجڻ کپي. آئون تہ ذاتي طور اهو سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن پيپلز پارٽي ۽ نعپ جي وچ ۾ اتحاد ٿي وڃي ها تہ اڄ جيڪا صورتحال آهي، اها نہ هجي ها. اسان تہ هاڻي بہ چاهيون ٿا تہ تجويز هيڻ آيل عوامي نيشنل پارٽي ۽ سيني جمهوري قوتن ۽ قومپرستن جي وچ ۾ اتحاد ۽ تعاون هجڻ گهرجي، جيڪي واقعي جمهوري ۽ قومي حقن جي جدوجهد ڪرڻ چاهين ٿا، پر اسان تہ ان حد تائين بہ چئون ٿا تہ جيڪي حلقا ۽ طبقا صرف ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ ملڪ ۾ آمريت نہ هجڻ گهرجي، اسان انهن کي بہ پاڻ سان گڏ شامل ڪرڻ چاهيون ٿا. جيڪڏهن هو اسان سان بين معاملن تي اختلاف بہ رکن ٿا، تڏهن بہ انهن نقطن تي اُهي اسان سان گڏ هلي سگهن ٿا. هڪ اهڙي وسيع بلاڪ ٺاهڻ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ سڀ قوتون شامل هجن. اهو ڪو اتحاد نہ هجي پر بلاڪ هجي ۽ ان کي برقرار رکجي.

ڏنڪ: ان سلسلي ۾ اوهان جي پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن سان ڳالهه ٻولهه ٿي آهي؟ ڇوتہ ايم. آر. ڊي وارن طرفان چيو ٿو وڃي تہ پيپلز پارٽي پنهنجي تحريڪ الڳ هلائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

پليجو صاحب: ان سلسلي ۾ پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن سان تفصيلي ڳالهيون نہ ٿيون آهن پر نوابزاده نصرالله خان مون کي چيو آهي تہ آئون انهن سان ڳالهايان. مون ڊاڪٽر مبشر حسن ۽ ٻين ڪيترن ئي ماڻهن سان بہ ڳالهه ڪئي آهي. مقصد اهو آهي تہ اهو معاملو گڏيل صلاح مصلحت سان اڳتي وڌي.

ڏنڪ: اهو ٻڌايو تہ موجوده آمريت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ ملڪ ۾ جمهوري حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ موجوده عوامي جمهوري جدوجهد يا حڪومت خلاف تحريڪ ڪامياب ٿي سگهي ٿي؟

پليجو صاحب: آئون سمجهان ٿو تہ بلڪل ڪامياب ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن اسان ان کي مسلسل هلائيندا اچون، بي دليا نہ ٿيون ۽ پوئتي نہ هٽون تہ پوءِ ضرور ڪاميابي ٿيندي.

ڏنڪ: قوميتن جي مسئلي تي ڳالهه ڪندي، اسان کي اوپر پاڪستان جو خيال اڇي ٿو. اتي بہ ان مسئلي کي ڪڙو ڪيو ويو هو، پر جڏهن بنگلاديش نهي ويو تہ اسان ڏٺو تہ اتي بہ اهي ئي حالتون ٿي ويون، جيڪي اسان جي اڳيان آهن يا جيڪي بنگلاديش نهڻ کان اڳ ۾ هيون، بلڪ ايڏا بہ وڌيڪ خطرناڪ صورتحال آهي.

پليجو صاحب: اهو اوهان جو تجزيو آهي، منهنجو ناهي. منهنجو چوڻ اهو آهي تہ انهن جي پنهنجي فوج آهي. اها ائين ساڻن سلوڪ ڪري نہ ٿي سگهي، جيئن اسان جي فوج ڪري سگهي پئي. ان ۾ فرق هوندو آهي. اتي موجوده حالتون ان ڪري آهن جو اتي قوميت جي مسئلي تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو. پر طبقاتي مسئلي تي توجهه نہ ڏنو ويو ۽ سامراج دشمن نقطي تي زور نہ ڏنو ويو. ان ڪري اسان چئون ٿا تہ قومي، جمهوري، طبقاتي ۽ سامراج دشمن جدوجهد کي ملائي گڏي هلائڻ کپي. آئون اهو نہ ٿو چوان تہ بنگلاديش نهڻ کان پوءِ اتان جون حالتون بدتر ٿي ويون آهن. منهنجو عقيدو آهي تہ آزادي بهرحال بهتر شيءِ آهي. اسان بالادست حڪمران طبقي سان گڏ پنهنجي اندر موجوده عوام دشمن طاقتن سان بہ لڙي رهيا آهيون.

ڏنڪ: سنڌ ۾ ڏاڙيلن جي سرگرميءَ بابت اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟

پليجو صاحب: ڪجهه ماڻهو ان کي سياسي قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جيڪا ڳالهه بلڪل غلط ۽ گمراهه ڪندڙ آهي. دراصل حڪومت جي سرپرستيءَ هيٺ ڪجهه وڏيرا انهن ڏاڙيلن جي سرپرستي ڪري رهيا آهن. اصل ۾ اهو هڪ ڪاروبار بڻجي پيو آهي. وڏيرن پنهنجا علاقا ورهائي ڇڏيا آهن "فلاڻي هنڌ آئون ماڻهن کي اغوا ڪرائيندس، ان ۾ منهنجو هيترو حصو هوندو. منهنجي پنهنجي

پرائيويٽ (ذاتي) فوج آهي، اها مدد ڪندي." انهن ماڻهن سنڌي ماڻهن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. اصل حقيقت اها آهي تہ ان طريقي سان 1983ع جو انتقام ورتو پيو وڃي

ڏنڪ: اوهان جو خيال آهي تہ اهو بدلو ورتو پيو وڃي؟

پليجو صاحب: ها، ڏاڙيلن جي سرپرستي ڪئي پئي وڃي ۽ پوءِ وري انهن جي ناتي ماڻهن کي ماريو ٿو وڃي. ان جي لاءِ بهانو اهو ٺاهيو ٿو وڃي تہ اتي گڙبڙ ٿي رهي آهي، حالانڪہ ائين ناهي، پر انهن پنهنجا ماڻهو ڇڏيا آهن، جن کي ڪلاشنڪوف ڏني اٿن. ڇوڪرا مسلح ٿي يونيورسٽين جون بسون ڪاهي ڪرن ٿا ۽ قتل و غارت ڪن ٿا ۽ ان بهاني هو جمهوريت پسند نوجوانن جي خلاف ڪارروائي ڪن ٿا. تشدد روڪڻ جي آڙ ۾ انهن سيني تعليمي ادارن کي قيد ڪري ڇڏيو آهي. ڏاڙيلن جي سلسلي ۾ بہ ائين ٿي رهيو آهي. انهن جي پنهنجي سرپرستيءَ ۾ ڏاڙا هنيا وڃن ٿا. جڏهن ڏاڙا لڳن ٿا تہ پوءِ ڏاڙيلن کي پڪڙڻ جي نالي ۾ فوج موڪلين ٿا ۽ ائين اتي ٻيو ڪم شروع ٿي وڃي ٿو. هڪ ٻي ڳالهہ بہ آهي. ڪجهہ ماڻهو ڏاڙيل اهڙي نموني بہ ٿيا آهن جو 1983ع جي تحريڪ دوران انهن علاقن تي زبردست تشدد ڪيو ويو، جتي تحريڪ جو گهٽو اثر هو. گهرن جا گهر ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ تباهہ ڪيا ويا، بلڪل ويتنام جهڙو نمونو هو. جيڪي ماڻهو برباد ٿيا ۽ جن ماڻهن جا گهر ٻار ۽ خاندان تباهہ ٿيا، اهي بهرحال انتقام تہ ضرور ونڊندا. اهي ماڻهو گهر ڇڏي ٻيلن ۾ هليا ويا ۽ ڏاڙيل ٿي ويا. اهڙيءَ طرح حڪومت کين مجبور ڪيو تہ هو ڏاڙيل بڻجي وڃن. ٻيو تہ وڏيرا ۽ حڪومت جا سرڪاري ايجنٽ ان مان فائدو وٺي رهيا آهن. ان ڪري جيڪڏهن هاڻ ڪو پنهنجي حق جي ڳالهہ بہ ڪري ٿو تہ ڪيس ڏاڙيل قرار ڏنو وڃي ٿو ۽ اخبارن ۾ خبر ٿي ڇپجي تہ مشهور ڏاڙيل ماريو ويو. جڏهن تہ ان نالي جو ڪوبہ ڏاڙيل موجود نہ هوندو آهي.

ڏنڪ: ان جي لاءِ سياسي جماعتون ڇا ٿيون ڪن؟

پليجو صاحب: سياسي جماعتون ڪجهہ بہ ڪري نہ ٿيون سگهن. جيڪڏهن اهي ڪجهہ ڪنديون تہ کين ڏاڙيل قرار ڏيئي پڪڙيو ويندو.

ڏنڪ: تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ انهيءَ سان سياسي تحريڪن تي اثر پيو آهي؟

پليجو صاحب: تمام خراب اثر پيو آهي. آئون جڏهن دادو ويس تہ ماڻهن ڇيو تہ رات جو ڏاڙيل اچن ٿا ۽ ڏينهن جو وردي ۾ وارا ڏاڙيل اچن ٿا. جڏهن اوهان انهن ماڻهن کي ائين مجبور ڪندا تہ اهي ئي ماڻهو ڪجهہ وقت کان پوءِ ڏاڙيل بڻجي ويندا. ڏاڙيل تہ اوهان پاڻ ٿا پيدا ڪريو. جڏهن اوهان موري ۾ رهي نہ ٿا سگهو، دادو ۾ رهي نہ ٿا سگهو، تہ پوءِ ظاهر آهي تہ جهنگل جو رستو ئي ونڊندؤ. اهڙيءَ طرح سنڌي عوام جو قتل عام ٿيندو ۽ انهن جي جڳهہ تي پنهنجن ماڻهن کي اتي آباد ڪيو ويندو.

ڏنڪ: اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ ڪنهن بہ قوم کي اهڙي نموني سان ختم

ڪري ڇڏيو وڃي؟

پليجو صاحب: آئون پهرين پنهنجي ڳالهه پوري ڪريان. اسان کي خبر پئي آهي ته سنڌ ۾ 9 لک ايڪڙ ٻيلي جي زمين ڪٽي، اها زمين فوجين ۽ آفيسرن کي الاٽ ڪئي پئي وڃي.

ڏنڪ: 9 لک ايڪڙ؟

پليجو صاحب: مون کي صحيح انگن اکرن جي خبر ناهي، پر ڇهن ۽ نون لکن جي وچ تي آهي. پهريان به ڪافي زمينون الاٽ ڪيون ويون هيون. هاڻي ان الاٽمينٽ کان پوءِ صورتحال ڪهڙي ٿيندي، اها ڇڪتاڻ طرح ڄاڻو ٿا. هاڻي اوهان جيڪو اِهو ٿا چئو ته ڪا قوم ڪيئن تباهه ٿي سگهي ٿي، ته ريڊ انڊين قوم جو حشر اوهان جي اڳيان آهي. اوهان سنڌ ۾ آبادي۽ جو تناسب ڏسو، 1947ع ۾ اهو تناسب ڪهڙو هو ۽ هاڻ ڪهڙو آهي. هاڻ وري ڪوڪرا پار سرحد کولي پئي وڃي. ان کان پوءِ اتان جيڪي ماڻهو اڇڻ شروع ڪندا، ان سان جيڪو اثر پوندو، اهو به اوهان ڄاڻو ٿا. ڪيترا ماڻهو هندوستان کان اچن ٿا ۽ پاسپورٽ ڦاڙي اڇليو ٿا ڇڏين. اهڙن ماڻهن جو تعداد به لکن ۾ آهي. پوءِ وري اسان جا افغان سڳورا آهن، بهاري سڳورا آهن. نهايت پرامن طريقي سان هڪ قوم کي تباهه ڪيو پيو وڃي. پاڪستان ٺهڻ جي سزا جيڪڏهن ڪنهن قوم کي ملي آهي ته اها سنڌي ئي آهي. سنڌ جا جيڪي شهر هئا، اسان سنڌي ڳالهائيندڙن جا شهر هئا، پر سندن رنگ ئي بدلجي ويو آهي. جيڪي شهر اسان جي ثقافت جا نمائندا هئا، اهي هاڻ بلڪل بدلجي ويا آهن. ان ڪري هن وقت گهڻو تضاد جتي موجود آهي، اها سنڌ آهي. هاڻ چيو ٿو وڃي ته سنڌ ۾ هندن جو قبضو آهي، اهي ڪالیجن ۾ پروفيسر آهن، حالانڪ مون کي ڪٽي به هندو پروفيسر ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. بنگال جي باري ۾ جيڪو چيو ويندو هو، اهوئي سنڌ جي باري ۾ چيو وڃي ٿو.

پاڪستان اندر وسندڙ قومن وچ۾ نفرت جا سبب ختم ڪيا وڃن- پٽي کي ڦاسي وارو فيصلو قانون ۽ اختيارين جو بدترين ۽ ناجائز استعمال هو.

انٽرويو: عليم عثمان/ماهوار زنجير لاهور، سيپٽمبر 1986ع

زنجير: پليجا صاحب! صدر ضياءُ تازو جيڪا اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪئي آهي، چا توهان پڙهي آهي؟

پليجو صاحب: مون پڙهي ڪونهي، آئون تمام گهٽو مصروف آهيان. ٻيو ته منهنجون اکيون خراب ٿي ويون آهن.

زنجير: چڱو، هي فرمايو ته اوهان جي خيال ۾ "پاڪستان جي تحريڪ" ۽ ملڪ جو نهڙ ڪهڙن عملن جو نتيجو آهي؟

پليجو صاحب: مون کي معاف ڪريو. آئون ان ڳالهه ۾ نٿو وڃڻ گهران، ڇوته پنجاب ۾ ان قسم جي علمي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جهڙي فضا ڪونهي. ان لاءِ جي مون کي لکٽو ٻيو ته آءٌ پنهنجي مڪمل راءِ ڏيڻ لاءِ ۽ اڇا ڪارا ظاهر ڪرڻ لاءِ لکت ۾ پيش ڪندس. هتي ته اوهان ڏٺو آ ته ڪيڏي گڙٻڙ ٿي آهي.

زنجير: اوهان جا ڪجهه مسلمان ۽ قومي هيرن ۽ اسلامي تاريخ بابت جيڪي خيال اخبارن ۾ شايع ٿيا آهن، انهن تي ڪجهه حلقن طرفان شديد ردِعمل ٿيو آهي. اوهان جو ان تي ڪهڙو ردِعمل آهي؟

پليجو صاحب: مون کي خوشي ٿي آهي ته جن ماڻهن کي حقيقت ۽ اصليت جي خبر هئي، انهن سچائي، جرئت، ايثار ۽ سياسي همت وسيلي اها ڳالهه ڪئي ته، "پليجي اهي ڳالهيون نه ڪيون آهن، ان تي اهو بهتان آهي ۽ اهي ڳالهيون نه ٿيڻ گهرجن. اها عوام دوستي نه پر عوام دشمني آهي. اها پنجاب دوستي ۽ ناهي، پنجاب دشمني آهي. پاڪستان دوستيءَ جو ڍونگ رچائي، پاڪستان دشمني ڪئي وڃي ٿي." ته اهڙن جرئتمند ماڻهن جي ردِعمل تي گهٽو خوش ٿيو آهيان.

زنجير: ته چا غلط فهمي ٿي هئي؟

پليجو صاحب: بلڪل غلط فهمي هئي!

زنجير: چا اها اخبارن ڦهلائي؟

پليجو صاحب: اخبارن نه، پر جنهن صحافيءَ لکيو آهي، ڪوڙ لکيو آهي، چٽو ۽ ڄاڻي واڻي ڪوڙ لکيو آهي، ڇوته مون چيو هو ته قائداعظم ۽ جمهوريت جي ڳالهه

ڪندو هو ۽ هي حضرت جمهوريت جي خلاف آهن، هي جمهوريت جا ڪهڙا دوست ٿي سگهن ٿا! قائداعظم کي اسان ٿورو گهٽو سجاڻيندا هئاسين، ڇوتہ اتفاق سان آءٌ ب ان مدرسي ۾ پڙهندو هوس، جنهن ۾ قائداعظم پڙهيو هو ۽ ان حوالي سان قائداعظم جڏهن ب ڪراچيءَ ايندو هو تہ اسان جي مدرسي ۾ ايندو هو. مون اِهو چيو هو تہ اسان هن سان نمازون ب گڏ پڙهيون هيون. هڪ پيري تہ آئون بلڪل هن جي پر ۾ بينو هوس. منهنجي عمر 15 سال کن هئي. آئون تنهن وقت ننڍو هوس ۽ پڙهندو هوس. ان زماني ۾ آئون مسلم ليگ جو نيشنل گارڊ هوس. اسان مسلم استوڊنٽس فيڊريشن جا ميمبر هئاسين، پوءِ مسلم نيشنل گارڊ ٿهيو تہ اسان ان جا ميمبر ٿياسين. مطلب هيءُ تہ اسان ان جا بادي گارڊ هئاسين، سلامي شلامي ڏيندا هئاسين. جتي هو تقرير ڪندو هو، اتي اسان ويندا هئاسين. جيڪي جلوس نڪرندا هئا تہ اسان ليفٽ- رائيٽ- مارچ ڪندا هئاسين، سلامي ڏيندا هئاسين. مون ذڪر اِهو پئي ڪيو. ان صحافيءَ لکي ڇڏيو تہ، "قائداعظم نماز نہ پڙهندو هو." سڄي حياتيءَ ۾ ان کان وڏيڪ ڪوڙ بياني، بهتان ۽ بيهودگيءَ جو تجربو نہ ٿيو آهي. ماڻهو ڪوڙ ان کان اول ب ڳالهائيندا هئا پر هي تہ صاف ۽ چٽو ڪوڙ هو. آئون نہ ٿو چوان تہ اهو صاحب جنهن اخبار سان لاڳاپيل آهي، ان اخبار جي نيت اها هوندي، پر جنهن اها خبر ڏني آهي، تنهن نہ اسلام جي خدمت ڪئي آهي، نہ وري پاڪستان، جمهوريت ۽ پنجاب جي خدمت ڪئي آهي. ان پنهنجي آقائن جي خدمت ڪئي آهي، عوام دشمنن جي خدمت ڪئي آهي. علامہ اقبال جو تہ مون نالو ب نہ ڪنيو هو. مون ان جا شعر برابر پڙهيا هئا پر نہ اها راءِ ڏني هئي تہ ڪو هو آفاقي شاعر آهي ۽ نہ وري ائين چيو تہ هو جمهوريت پسند نہ هو.

هونئن آئون سنڌي ادب ۾ هڪ نقاد جي حيثيت سان جاتو سجاتو ويندو آهيان. علامہ اقبال بابت ڪا شيءِ لکڻي هوندي تہ لکندس، ڪو ليڪچر ڏيڻو هوندو تہ ڏيندس، پر ذڪر ڪيل گڏجاڻيءَ ۾ مون اقبال جو نالو نہ ورتو هو.

زنجير: اوهان جو محمد بن قاسم جي حوالي سان جيڪو بيان ڇپيو آهي، جنهن تي ڪجهہ حلقن پاران شديد ردِعمل ٿيو آهي، ان ۾ هڪ جملو شامل آهي تہ "اسلام جي تاريخ ۾ هميشہ لٽ مار رهي آهي." ان جي وضاحت فرمايو.

پليجو صاحب: مون ائين نہ چيو هو تہ ڪو "اسلام جي تاريخ ۾ هميشہ لٽ مار رهي آهي." آئون ان جي پرزور ترديد ڪريان ٿو. مون ائين نہ چيو هو ۽ نہ ئي اهو صحيح آهي. مون اهو چيو هو، جيڪو اڄ ب چوان ٿو تہ اسلام جي نالي ۾ هميشہ لٽ مار ڪئي وئي آهي. جيڪا بدمعاشي ڪئي ويئي آهي، سا اسلام جي نالي تي ڪئي ويئي آهي. جي نادر شاهہ اچي لاهور کي لٽيو، دهليءَ کي لٽيو ۽ لکين مسلمانن کي قتل ڪيو تہ هن احسان اسلام تي ڪيو، ٿورو مسلمانن تي ڪيو، جنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن ماڻهوءَ جو سامان چورائڻو هوندو هو يا ڪنهن قوم کي قرٽو هوندو هو، اهو اسلام تي ٿورو ڪندو هو. مون اهو مثال ڏنو تہ جڏهن جناب نادر شاهہ لاهور کي لٽڻ

آيو تہ پشاور جي دروازي تان هن محمد شاهہ کي دهليءَ خط لکيو تہ، "آءٌ اسلام جي حالت ڏسي مجبور ٿي پيو آهيان تہ هتي اچان ۽ اسلام جي خدمت واسطي اچان." مون چيو هو تہ اسلام جي نالي تي لٹ مار ٿي آهي، اهو صحيح آهي، اڄ بہ صحيح آهي.

زنجير: تہ ان ۾ اوهان محمد بن قاسم جو ذکر بہ کيو هو؟

پليجو صاحب: مون ان جو ذکر اتفاقي ۽ اضافي کيو هو تہ ان زماني ۾ جاگيرداري سماج هيو ۽ عيسائيت، ٻڌ، هندو ۽ اسلام مذهبن ۾ ملوکيت پنهنجي طبقي جي لاءِ يا عوام کي ڏهائڻ لاءِ جيڪا بہ ڳالهہ ڪئي، تنهن لاءِ سهارو مذهب جو ورتو. ڇوتہ ان زماني ۾ مذهب جي سهاري کان سواءِ کابہ سازش ڪامياب ٿي ئي نہ سگهندي هئي. جيڪي چڱا ماڻهو هوندا هئا، سي بہ مذهب جو نالو ونندا هئا، ڇوتہ ان زماني ۾ نظريو ئي اهو هو.

مون چيو هو تہ ان زماني ۾ جيڪي بادشاهہ هوندا هئا، سي اهوئي ڪم ڪندا هئا جيڪي بادشاهہ ڪندا آهن. مال غنيمت هٿ ڪرڻ ۽ سڄي دنيا تي حڪومت ڪرڻ جي خواهش ڪندا هئا. ان وقت ٻيو مقصد اڳيان نہ رکندا هئا، مثال طور: "چچ نامو" جيڪو ان سلسلي ۾ هڪ مستند ڪتاب آهي، ان کي اوهان پڙهو. انگريزي، سنڌي ۽ اردوءَ ۾ بہ آهي. اوهان پڙهو تہ ان دور جي تاريخ کهڙي هئي. آئون اوهان جي معرفت پنجاب جي سمورن دوستن کي دعوت ڏيان ٿو تہ "چچ نامو" پڙهن، جيڪو سنڌ جي فتح جي سلسلي ۾ واحد مستند ڪتاب آهي.

زنجير: "چچ نامو"؟

پليجو صاحب: چچ نامو تہ ان کي نالو ڏنو ويو آهي، اصل ۾ ان جو نالو آهي "تاريخ فتح سنڌ." اهو عربن لکيو آهي. هاڻي اهو صحيح آهي، غلط آهي، ان تي اسان جو بحث ڪونهي.

زنجير: ان ۾ پلا چوڪرين جي اغوا وغيره جو ذکر؟

پليجو صاحب: ان جي پڇاڻي بہ ان تي آهي. آخر اهو ٿيو جو ٻن چوڪرين کي پٽين ۾ لنبيو ويو. هاڻي محمد بن قاسم جي ماڻهن اهو ڪيئن لکيو آهي، ان بحث ۾ نہ ٿو وڃان، پر راجا ڏاهر جي ٻن نياڻين- سورج ديوي ۽ پرمل ديوي- انهن ٻنهي کي پٽين ۾ لنبائي سندن زندگي ختم ڪئي وئي ۽ ساڻئي ڏينهن اسلام جو جهنڊو بلند ڪيو ويو!

مطلب تہ اهي ڳالهيون تاريخ ۾ پريون پيون آهن. تقرير دوران مون بحث ڪرڻ نہ پئي گهريو. منهنجو مطلب ملوکيت ڏانهن هو- ملوکيت، جيڪا اسلام کان باغي آهي. ملوکيت ۽ اسلام ۾ زمين آسمان جو فرق ۽ دشمني آهي ۽ مولانا مودوديءَ پنهنجي ڪتاب "خلافت ۽ ملوکيت" ۾ ان تي تفصيل سان روشني وڌي آهي ۽ سڀ مسلمان عالم ان تي متفق آهن.... مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ ٻيا جيڪي آهن، سي سڀ ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ ملوکيت اسلام ناهي. ملوکيت جي تاريخ اهڙي

نموني خونريز آهي، جهڙي نموني سڄي دنيا جي سمورن مذهبن وسيلي ٿيندڙ سياست خونريز آهي. ان ۾ مسلم، هندو، عيسائي وغيره جي (تاريخن) ۾ ڪو فرق ڪونهي! ملوڪيت هميشہ مذهب جو ڪوڙ ڪو چوغو ضرور پاتو آهي.

زنجير: پليجا صاحب! جڏهن ڪان مس بينظير پٽو وطن واپس آئي آهي، تڏهن ڪان پ پ جو ايم. آر. ڊي سان جيڪو رَويو رهيو آهي ۽ پ پ پ جي جيڪا اڪيلي سياسي جدوجهد هلندڙ آهي، اوهان ان کي ايم. آر. ڊي سان ڪيئن ڳنڍيو تا؟

پليجو صاحب: آئون سمجهان ٿو تہ مس بينظير صاحبہ جي اچڻ کان پوءِ، ايم. آر. ڊي جي جدوجهد جيڪا ڊري ٿي هئي، ان ۾ گرمي آئي آهي. هن ماڻهن کي گڏ ڪيو آهي، هڪ جهنڊي هيٺان آندو آهي. ان تي پلي ايم. آر. ڊي جو ٽپو نہ هجي، پر اهو سلسلو ساڳيءَ جدوجهد جو آهي، جنهن جي شروعات ايم. آر. ڊي ڪئي هئي، جنهن جي پيپلز پارٽي ميمبر آهي.

ايم. آر. ڊي هڪ ڪتنب آهي، جيئن سنڌيءَ ۾ چئبو آهي تہ، "گهر ۾ ٻہ ٽکر بہ ٽکرائبا آهن." نَون سالن جو عرصو ڪو ٿورو ڪونهي. جتي ملڪ مٿان آمريت هجي، جيڪا سڄو ڏينهن ماڻهن کي ويڑهائيندي رهي ٿي، جيئن مون چيو تہ ڪجهہ بہ نہ هو، هن ان جي خلاف اخبار ۾ لکي ڇڏيو تہ هو (پليجو صاحب) چوي ٿو تہ علامہ اقبال جمهوري يا عوامي شاعر نہ هو، يا هو (پليجو صاحب) قائداعظم لاءِ چوي ٿو تہ هو نماز نہ پڙهندو هو، حالانڪہ مون چيو هو تہ نماز پڙهندو هو!

پريس انهن جي وس آهي. هو سڄو ڏينهن ويڑهائيندا رهن ٿا، جنهن ڪري ان ۾ ماڻهن جي سوچ هڪجهڙي نہ ٿي رهي؛ تہ بينظير صاحبہ کي ڪيترين ڳالهين متعلق خيال هوندو تہ هي ڳالهيون جي هن نموني ٿين تہ بهتر. ايم. آر. ڊي جون باقي جماعتون ۽ ايم. آر. ڊي اُهي هڪ شيءِ آهن. پ پ پ بہ ايم. آر. ڊي جي ميمبر آهي.

زنجير: اوهان ايم. آر. ڊي جي ڪنوينر جي حيثيت ۾ ٻڌايو تہ ويجهڙائيءَ ۾ ايم. آر. ڊي لاءِ ڪنهن نوس ۽ واڌو ڪم جو ڪو امڪان موجود آهي؟

پليجو صاحب: آئون سمجهان ٿو تہ ايم. آر. ڊي اڳتي وڌي سگهي ٿي، ان سڀ ڪم ڪيا آهن. صوبائي خودمختياريءَ جي حوالي سان جيڪو ڪم ٿيو آهي، ان تي ايڏو فيصلو ٿيڻ هڪ وڏي مسئلي تي تمام وڏو ڪم آهي. جتي پس منظر مختلف، سماجي پس منظر مختلف ۽ رايا مختلف هجن، اتي جيڪڏهن ڪنهن اهڙي حساس ۽ بنيادي مسئلي تي سڀ متفق ٿي وڃن، اها ڪا معمولي ڳالهہ ڪونهي. 1983ع جي جدوجهد بہ ڪا گهٽ ڳالهہ ڪونہ هئي. آئون سمجهان ٿو تہ جي ائين ٿوريون ٿوريون، ننڍيون وڏيون جدوجهدون ٿيون تہ ايم. آر. ڊي جو مستقبل آهي، ان ۾ لاها چاڙها ايندا، مسئلن جي گهٽ- وڌائي بہ ٿيندي، پر مسئلا تہ هر هنڌ ٿين ٿا. ڪهڙي هنڌ مسئلا نہ ٿيندا آهن؟

زنجير: پٽي صاحب چيو هو تہ "مون مارشل لا جو دروازو هميشہ لاءِ بند ڪري ڇڏيو آهي." پر ان جي اها دعويٰ درست ثابت نہ ٿي. اسان جي هٿياربند فوج کي ڪرسيءَ کان پري رکڻ لاءِ اوهان وٽ ڪو حل آهي؟

پليجو صاحب: پٽي صاحب ڇا چيو هو، اها مون کي خبر ڪانهي، ڇوتہ مون اهو انٽرويو نہ پڙهيو آهي، پر مارشل لا کي روکڻ جو هڪ ئي رستو آهي. اهو آهي پاڪستان جي اندر وسندڙ مختلف قوميتن وچ ۾ نفرتن کي ختم ڪيو وڃي، ان جا سبب ختم ڪيا وڃن ۽ اهي سبب هي آهن تہ سمورين قوميتن کي پنهنجي پنهنجي گهر ۾، سمورين پنهنجين شين، پنهنجن قومي وسيلن، پنهنجين نوڪرين، پنهنجي گذر سفر، پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ قوميتي سڃاڻپ- جيڪا ملڪي سڃاڻپ کان پوءِ آهي- سان رهڻ ڏنو وڃي ۽ ان کي وڌايو وڃي. علاقائيت جي آڙ ۾ استحصال نہ ڪيو وڃي. حاڪم طبقا انهن کي تنگ نہ ڪن، پريشان نہ ڪن ۽ انهن مسئلن کي حل ڪجي تہ اسان گڏ ٿي سگهون ٿا. جي اسان گڏ ٿيندا سين تہ مارشل لا نہ اچي سگهندي.

زنجير: قوميتن جي سلسلي ۾ اهو سوال آهي تہ اوهان پاڪستان جي قوميتن کي صوبن سان ڪٽو ٿا، يعني جيترا صوبا، اوتريون قوميتون، يا اوهان جي ذهن ۾ ٻيو ڪو تصور آهي؟

پليجو صاحب: هن وقت تصور اِهو آهي تہ سرائيڪي عوام بہ چوي ٿو تہ اسين قوميت آهيون. (آئون ان تي عالماڻي راءِ نہ ٿو رکان.) ايجا تہ اسين ڳالهہ ڪريون پيا، جيترا صوبا آهن اوتريون قوميتون آهن، پر سرائيڪي جي ڳالهہ ٿئي پئي، تہ ان سلسلي ۾ تاريخي طور قوميتي علائقن ۾ جيڪي عوام رهن ٿا، انهن کي ان ۾ رهڻ، پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ ۽ انهن جي تهذيب ۽ ثقافت کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ڏنو وڃي.

اها ڳالهہ اسان سنڌ لاءِ بہ چئون ٿا تہ پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد لاءِ بہ! ۽ سمجهون ٿا تہ هي مسئلو وچان حل ٿي وڃي. هرهڪ کي پنهنجي گهر ۾ باعزت نموني رهڻ ڏنو وڃي تہ پوءِ مسئلو ئي نہ رهندو ۽ پوءِ جيڪي عوام کي پاڻ ۾ ويڙهائيندا تہ عوام وري گڏ ٿي انهن سان مقابلو ڪري سگهندو.

زنجير: فوج کي روکڻ جو هڪ نسخو حفيظ پيرزادي ۽ ممتاز پٽي پيش ڪيو آهي. پيرزادو چوي ٿو تہ چار صوبا هجن، چئن جڳهن تي فوجي هجن، چار خودمختيار ڪور ڪمانڊر هجن ۽ چئني جي هڪ گڏيل فوج ناهجي، جنهن جو ڪمانڊر ان چيف اسلام آباد ۾ ويهي. هو چوي ٿو تہ اها ڳالهہ رڳو چوڻ جي ناهي پر عملي طور ڪري بہ سگهجي ٿي. ان تي اوهان جو ڪهڙو تبصرو آهي؟

پليجو صاحب: مون اها ڳالهہ اوهان کان ٻڌي آهي!

زنجير: اهو "جنگ" اخبار ۾ آيو آهي.

پليجو صاحب: آيو هوندو. آئون تبصرو ڪرڻ نٿو چاهيان.

زنجير: 5 جولاءِ 1977ع تي هن ملڪ ۾ جيڪو واقعو پيش آيو، فوج حڪومت

تي قبضو ڪري ورتو. سائين! اوهان ان تي انقلابي تاريخي حوالي سان تبصرو ڪريو ته اهو ڪهڙي قسم جو واقعو هو ۽ ڇو ٿيو هو؟

پليجو صاحب: هن ملڪ ۾ هميشہ ڏنڀاشاهي هلي آهي. قائداعظم کان پوءِ ڪامورن جيڪا پڄ ڀاهہ ڪئي، سا بہ ڏنڀاشاهي ۽ انهن جي ڪامورڪي بہ ڏنڀاشاهي! ڏنڀاشاهيءَ جي سياست هن ملڪ تي حاوي رهي آهي. اهو واقعو بہ ان سلسلي جي ڪڙي آهي. ڏنڀو هر وقت تاڙ ۾ رهي ٿو تہ ڪڏهن ٿي شهري حڪومت ڪمزور ٿئي تہ ڏنڀو ڦيرايون.

هاڻي ٽئين دنيا جي ملڪن ۾ ڏسو- جيسين عوام گڏ نہ ٿو ٿئي، عوام جي وچان ٽڪر ۽ تضاد ختم ۽ حل نہ ٿا ٿين، دوستاڻي نموني عوام پنهنجن مسئلن تي پاڻ قابض نہ ٿو ٿئي، جيسين عوامي قيادت اچي اڳواڻي نہ ٿي ڪري، تيستائين عوام ايڏي وڏي طاقت وارا ٿي نہ ٿا سگهن جو اهي منظم فوج کي راهہ تان هٽائي سگهن، تنهن ڪري اهي حرڪتون (مداخلتون) ان وقت تائين ٿيندیون رهنديون.

زنجير: ڇا اهو صحيح آهي تہ عوام سان دشمني ڪرڻ ۽ مسئلن تي قابض ٿيڻ جي حوالي سان مارشل لا آٽائڻ جي ذميوار بنيادي طور پي- اين- اي (پاڪستان قومي اتحاد) آهي؟ جنهن کي مذهبي ڏرين وڏي شدت سان استعمال ڪيو هو؟

پليجو صاحب: آئون هن وقت ايم. آر. ڊي جو ڪنوينر آهيان، قومي اتحاد جون ڪي تنظيمون ايم. آر. ڊي جون ميمبر آهن، جنهن ڪري آئون ڪوبہ تبصرو ڪرڻ نٿو چاهيان.

زنجير: پليجا صاحب! ڪي سڀائيون اهڙيون آهن جن جو واسطو سڌو سنئون تاريخ سان آهي. جي اوهان پنهنجي راءِ محفوظ رکو ٿا تہ پوءِ ايندڙ نسل لاءِ تہ ان مسئلي کي سمجهڻ ۾ گڙٻڙ تي ويندي. سنڌ ۾ اهو تاثر عام آهي تہ جنرل ضياءُ، پير پاڳاري سان گڏجي ڪو ايڪشن ڪرڻ وارو آهي تہ ان اندازي موجب ڪا ڳالهہ؟

پليجو صاحب: ماڻهن ۾ اهي ڳالهيون عام آهن.

زنجير: ايڪشن ڪندو؟

پليجو صاحب: جيئن اوهان چيو تيئن سنڌ ۾ اهي ڳالهيون عام آهن. آئون نہ ٿو چئي سگهان تہ اهي ڪندا يا نہ ڪندا. آئون چوان ٿو تہ سنڌ ۾ اهي ڳالهيون عام آهن، ماڻهن ۾ تاثر اهو آهي. سنڌ جي ماڻهن کي سياسي ايجنٽن ۽ دلالن وسيلي ڊيڄاريو وڃي ٿو. اهي ميدان ۾ اچڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ رستو اختيار نہ ڪن ۽ انهن کي ميدان ۾ آڻي ڪچلي ڇڏجي ۽ انهن کي ختم ڪري سنڌ تي مڪمل قبضو ڪجي، جنرلن ۽ انهن جي ايجنٽن وسيلي سنڌ تي قبضو ڪجي ۽ سنڌي قوم کي ختم ڪري ان جي نسل کي تباهہ ڪيو وڃي، اهو ماڻهن کي خطرو آهي.

زنجير: جيئن اوهان چيو تہ هو سنڌين کي قتل ڪرائڻ چاهي ٿو....

پليجو صاحب: آئون چئي رهيو آهيان تہ جيڪو ڪجهہ هو ڪري رهيو آهي، اهو ان تي تبصرو آهي، ان ڪري وڌيڪ تبصرو ڪرڻ نہ ٿو چاهيان.

زنجير: سنڌين جي ختم ٿيڻ واري ڳالهہ دل سان لڳي. اوهان اهو ٻڌايو تہ جديد دور ۾ هٿين خالي عوام تہ هٿياربند فوج يا هٿياربند خانگي قوتن سان وڙهڻ تياريءَ کان پوءِ ئي مقابلو ڪري سگهي ٿو، يا پلا انهن کي ڪرڻ گهرجي؟

پليجو صاحب: آئون ان تي ليڪچر ڏيڻ نہ ٿو چاهيان. ٿلهي ليکي ڳالهہ اها آهي تہ ماڻهو گڏ ٿيندا تہ رستا پاڻ نڪري ايندا. لڙائي تہ دماغن جي آهي. جي فوج کي سول جي مدد نہ هجي ۽ انهن سول طاقتن کي جي عوام ايترو مجبور ڪري جو هو فوج جي مدد ڪري نہ سگهن ۽ عوام دشمنن سان نہ ملن. جي عوام سان غداري ڪرڻ جي ڪنهن کي توفيق ۽ همت نہ هجي تہ فوجي جنرل چا ٿا ڪري سگهن؟ اهي تہ سول جي مدد سان ئي سپ ڪجهہ ڪن ٿا. اهو ان ڪري ڪن ٿا جيئن عوام متحد نہ ٿي سگهن. جي عوام متحد ٿي وڃي تہ انهن مان تمام گهٽ ماڻهن کي اها مجال ٿيندي جو عوام سان غداري ڪري، ڪو عوام دشمن ڪم ڪري سگهن، پوءِ فوجي شاطرن لاءِ ننگي جارحيت ۽ طاقت سان عوام کي ڪچلڻ ڏکي ڳالهہ ٿي پوندي.

زنجير: ضياءُ الحق وارو ريفرنڈم چٽو آهي، ان ۾ ڪوبہ مونجهارو ڪونهي، باقي اسيمبلين لاءِ هن جو دليل وزنائتو لڳي ٿو تہ 51 سيڪڙو ووٽ مليا آهن، تنهن ڪري جوڻيجو حڪومت عوام جي مڪمل نمائندگي ڪندڙ آهي. اوهان ان کي ڪهڙي خيال کان غير نمائنده اسيمبليون ڪوٺيو ٿا؟

پليجو صاحب: اوهان ان کي مضبوط دليل ڪوٺيو ٿا، جڏهن تہ اهو واريءَ جي ڪوٽ تي جوڙيو ويو آهي، چونڊ ۾ سيني ماڻهن کي حصي وٺڻ جو حق نہ هو. جماعتي بنيادن تي 1973ع جي آئين موجب چونڊ جي طريقن تي ماڻهن کي بيهڻ جو حق حاصل ڪونہ هو. ان ۾ 51 سيڪڙو تہ چا، پر جي 99 سيڪڙو ماڻهو بہ شريڪ هجن تہ بہ اها اليڪشن نہ سڏبي. اهو تہ دوکو آهي. هو (ضياءُ الحق) چوي ٿو تہ قوم مون تي عاشق آهي. پنهنجو صدر چوي ٿو تہ: "سڄي قوم ڦٽڪن سان عشق ٿي ڪري، ڦاهين تي فدا آهي. اهي تہ عاشق آهن، چون ٿا تہ خدا واسطي اجا وڌيڪ ڦٽڪا هڻو، اجا ڦاهيون ڏيو، ماڻهن کي قلعن ۾ اڇليو، اذيت گاهن ۽ ٽارچر سيلن ۾ بند ڪريو، اهي تہ بادشاهہ ماڻهو آهن." اهي تہ چون ٿا تہ، "ماڻهو اسان تي عاشق آهن ۽ پاڪستان نهيو ئي ڦاسي، ڦٽڪن ۽ مارشل لا ڪاڻ آهي."

زنجير: مسلمانن جي تاريخ ۾ مولوي صاحب جي ڪردار جي حوالي سان اوهان جي خيال ۾ جيستائين مولوي صاحب موجود آهن، هن دنيا ۾ مسلمانن کي ڪڏهن ترقي نصيب ٿي سگهي ٿي؟

پليجو صاحب: آئون "مولوي" صاحب جي ڪردار تي ڪوبہ تبصرو ڪرڻ نہ ٿو

چاهيان. مولوي صاحب پلا بہ ٹيندا آهن تہ ڏلا بہ. عوام دوست بہ هوندا آهن تہ عوام دشمن بہ. اوهان ٻين ملڪن ۾ ڏسندؤ تہ اتان جا عيسائي پادري پنهنجي عوام سان ساڻ ڏيندا آهن.

زنجير: پر "ملائيت" جو جيڪو مخصوص رَويو ۽ روش آهي...

پليجو صاحب: ملائيت (ملائپ) تہ اسان عام معنيٰ ۾ چوندا آهيون، انهن معنائن ۾، جنهن ۾ اقبال چيو هو تہ "دين ملا في سبيل الله فساد." انهن معنائن ۾، جن ۾ حسين ع کي شهيد ڪرڻ لاءِ فتويٰ بازي ڪئي وئي هئي. تنهن ڪري جيڪي بہ بدنام ۽ ڏڪاريل عالم (علماءَ سو) آهن، تن لاءِ دنيا ۾ هڪ ئي راءِ آهي.

زنجير: پليجا صاحب! پٽي جي ڦاسيءَ متعلق ٻہ ننڍا سوال آهن: اها سزا قانوني هئي يا سياسي؟ (اصغر خان چيو هو تہ ضياءُ غير جانبدار نہ هو.) ٻيو سوال تہ ان جا سبب ڪهڙا آهن؟

پليجو صاحب: ان لاءِ بہ- ٽي ڳالهيون آهن: پهرين ڳالهہ اها تہ اسان جي ملڪ جي قانوني حلقن ۾ اهو تاثر عام آهي تہ مولوي تميزالدين ڪيس ۾ جسٽس منير جيڪو فيصلو ڏنو هو سو سياسي فيصلو هو. هڪ قانوندان جي حيثيت ۾ آئون ان کي درست نہ ٿو سمجهان ۽ مون کي ان تي اختلاف رکڻ جو پورو پورو حق آهي. ٻي ڳالهہ اها تہ پٽي صاحب تي ڪوبہ قتل ڪرڻ جو الزام نہ هو. سازش جي الزام کي آڏو رکندي بہ تناسب ٽي (3:2) فيصلو ڏنو ويو هو. هي بنيادي طرح عوام دشمن ۽ سياسي انتقامي فيصلو هو.

جنرل ضياءُ اپيلن ۽ پاڪستان جي صورتحال باوجود اها ڳالهہ سوچي تہ ڪيس (پٽي کي) صدارتي معافي نہ ملڻ ڪپي. پنهنجي صدارت جي حوالي سان، ملڪ جي عوام جي حوالي سان، جنرل پنهنجي اختيارن جو ناجائز استعمال ڪيو. هن شرافت ۽ صداقت جو سانگ رچائي هڪ نامتفق فيصلي تحت، ملڪ جي وزيراعظم کي معاف ڪرڻ جو اختيار استعمال ڪرڻ بدران ڪيس ڦاهي چاڙهيو. اهي سڀ ڳالهيون سامهون آهن، جيڪي فيصلي ۾ ڪيون ويون هيون. اهو فيصلو قانون جو ۽ اختيارن جو بدترين ناجائز استعمال هو.

زنجير: اوهان جي خيال ۾ پٽي صاحب جي حڪومت ۽ ان جي ڏڪائتي پڇاڙيءَ جا ڪهڙا سبب آهن؟ اندريان ۽ ٻاهريان؟

پليجو صاحب: ان تي تہ ڊگهي ٿيسس (Thesis) لکڻ ڪپي، ٻن لفظن ۾ بيان ٽي نہ ٿي سگهي. اها تہ ملڪي سطح تي، مٿئين سطح تي هڪ سازش هئي. ان جي سببن ۾، ان دور ۾ جيڪي غلطيون ٿيون ۽ جيڪي ڪمزوريون هيون، سي بہ شامل آهن. غلطين جي ڪري جيڪو جائز ردِعمل ٿيو، سو بہ شامل هو ۽ غلطين کي ٻهانو ٻڌائي، ننڍين غلطين کي وڏائي، آسمان تائين پهچائي، ڳالهہ مان ڳالهوڙو ڪاهي، ناجائز طور سياسي انداز ۾ استعمال ڪرڻ بہ شامل هو. ان ۾ سڀ ڪجهہ هو. ٻاهريان عمل ۽

سبب يقيناً هئا.

زنجير: ذوالفقار علي پٽو ۽ ان جي نياڻيءَ جي سياسي سوچ ۽ ذهني روش ۾ اوهان کهڙيون هڪجهڙائيون ۽ مختلف پاسا ڏسو ٿا؟

پليجو صاحب: آءٌ راءِ ڏيڻ نہ ٿو چاهيان.

زنجير: ڇا اوهان بہ مس بينظير پٽو کي قومي گڏپ ... پاڪستان جي وفاق جي واحد علامت سمجهو ٿا؟

پليجو صاحب: بينظير پٽو صاحبہ اسان جي وڏي جمهوري ليڊر آهي، ان جي پارٽي ايم. آر. ڊي جي ميمبر آهي ۽ پاڻ ايم. آر. ڊي جي مرڪزي ميمبر آهي.

زنجير: اوهان پنهنجي پارٽيءَ جي منشور ۽ پروگرام جي حوالي سان کهڙن عنصرن ۽ جماعتن کي پنهنجي رستي ۾ رڪاوٽ يا مخالف سمجهو ٿا؟

پليجو صاحب: گهٽا ئي آهن، طبقاتي استحصال ۽ جبر، بالادستي، قومي بالادستي ۽ استحصال، آمريت جو دٻاءُ آهي، آمريت جو پليد وجود، سامراجي مداخلتون. اهو سڀ ڪجهہ رڪاوٽ آهي.

زنجير: جيئن اوهان فرمايو تہ پيپلز پارٽي هڪ وڏي جماعت آهي، جنهن جو پروگرام جمهوري ۽ ترقي پسند آهي. ان حوالي سان اوهان پيپلز پارٽيءَ کان پوءِ ڪنهن کي ان جو متبادل سمجهو ٿا يا اپرندو ڏسو ٿا؟

پليجو صاحب: هن وقت پيپلز پارٽي موجود آهي، اسان ان سان پيٽ ڪرڻ نہ ٿا چاهيون. اسان چئون ٿا تہ پ پ پ بہ خوش هجي، وڏي ويجهي ۽ ٻيون پارٽيون بہ خوش هجن، وڏن ويجهن. هتي جمهوري طور هڪ پارٽيءَ جو راج نہ هئڻ کپي، گهڻيون پارٽيون هئڻ گهرجن. جيڪي جمهوريت جون حامي آهن، تن جي وچ ۾ دوستي هئڻ گهرجي ۽ جيڪي قومي جبر، طبقاتي ڏاڍ ۽ سامراجي غلامي نہ ٿيون چاهين، اهڙين سمورين پارٽين کي گڏ رهڻ گهرجي ۽ پيٽ نہ ڪرڻ گهرجي، پيٽ ان حد تائين ڪجي جو وڙهي نہ پئجي، فلاٽي کي ڪيرائي آئون چڙهان، ائين نہ ٿئي.

زنجير: هن ملڪ کي آمريڪي اشڪنجي مان ڪيڏ لاءِ اوهان جي ذهن ۾ ڪا تجويز ڪو طريقو؟

پليجو صاحب: آئون ورجايان ٿو تہ ملڪ مضبوط هجي، عوام طاقتور هجن، ملڪ مان قومي ڏاڍ، طبقاتي استحصال، هيءَ آمريت ۽ هيءَ سامراجي مداخلتون دور ٿي وڃن تہ پوءِ عوام مضبوط ٿي ويندو ۽ سامراج ۾ مستي نہ رهندي.

آئون هن وقت سڀ کان وڏي رڪاوٽ قومي ظلم کي سمجهان ٿو، چوتہ جي اهو ظلم ختم ٿي وڃي تہ عوام گڏ ٿي آمريت خلاف وڙهي بہ سگهن ٿا، طبقاتي ظلم خلاف بہ لڙي سگهن ٿا، سامراج سان ٻڪين پئجي سگهن ٿا. رڪاوٽ آهي ئي قومي جبر ۽ قومي ظلم، جيڪو سموري جدوجهد کي گڏ ٿيڻ ڏئي ئي نہ ٿو. جيڪي جنهن جا وسيلا آهن، سي ان کي ملڻ کپن، انهن جون نوڪريون، زمينون، ڪارخانا، اهو

انهن کي ملڻ گهرجي، جن جو حق آهي. پنجاب ۾ پنجابين جو حق آهي، سنڌ ۾ سنڌين جو.

بنيادي طور اهو ٿيڻ گهرجي، قوميتن وچ ۾ برابريءَ جي ورهاست ٿئي. برابريءَ جي بنياد تي حق ملڻ گهرجن. سرحد جا 10 ماڻهو جي سنڌ ۾ ڪم ڪرڻ گهرن ٿا تہ سنڌ جا 10 ماڻهو وري اوڏانهن وڃن. جي بلوچن کي پنهنجا ايس- پي پنجاب ۾ موڪلڻ جو شوق آهي تہ پنجاب جا ايس- پي وري اوڏانهن وڃن. ونو ٿا تہ ڏيو برابريءَ جي بنياد تي، هر ڳالهہ ۾ مجموعي برابري. مقرر Exact برابري تہ نہ ٿي ٿي سگهي، هڪ هيڏانهن هوڏانهن ٿيو تہ فرق نہ پوندو. جي مجموعي برابريءَ جي بنياد تي هڪجهئي جي وسيلن، قومي ۽ انساني حقن جي احترام جي بنياد تي ملڪ ۾ امن، صلح ۽ جمهوريت جي بنياد تي ائين ڪيو ويو تہ اها رڪاوٽ دور ٿي ويندي.

زنجير: پٽي صاحب سان اوهان جي دوستي رهي آهي؟

پليجو صاحب: گهڻو مليا آهيون. آئون هن سان ڪيئي دفعا مليو آهيان. بنگلاديش نهڻ کان اول اتي ساڻس مليو هوس. اسان 1970ع ۾ "سنڌ جون زمينون نيلام بند ڪريو" تحريڪ هلائي. ان موقعي تي پٽي صاحب مون کي چيو تہ اوهان فيصلو ڪرايو، پوءِ مون فيصلو ڪرايو هو. مسعود ڪدرپوش سيڪريٽري ٿي آيو هو. اها جدوجهد ڪامياب ٿي هئي ۽ اسان جي 6 لک ايڪڙ زمين نيلام ٿيڻ کان بچي وئي هئي.

پوءِ پٽو صاحب شملا ناهہ ڪرڻ کان اڳ ڪيترن ماڻهن سان گڏ مون سان بہ مليو هو. وري جڏهن بنگلاديش، شيخ مجيب سان ڳالهيون لاءِ وڃي رهيو هو تہ بہ پنهنجي پارٽيءَ کان سواءِ تمام گهڻن ماڻهن کي گهرايو هئائين، اتي بہ ڳالهہ ٻولهہ ٿي هئي.

زنجير: ننڍن صوبن ۾ جيڪا احساسِ محرومي آهي...

پليجو صاحب: احساس ڪونهي، محرومي آهي، ظلم آهي، استحصال آهي، ڪلم ڪلا جبر آهي.

زنجير: ان ظلم کي ختم ڪرڻ لاءِ اوهان وٽ ڪهڙو رستو آهي؟

پليجو صاحب: پهريون ڪم اهو ڪجي تہ هر صوبي جي قوميت کي پنهنجن علاقن ۾ اڪثريت سان رهڻ جو حق ڏنو وڃي ۽ انهن کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش بند ڪجي. اهڙو ڪوبہ قدم نہ کڻجي جنهن سان ملڪ جون قوميتون اقليت ۾ تبديل ٿين.

زنجير: پٽي صاحب جيڪي زرعي سڌارا آندا هئا، تن تي ڪيترو عمل ڪرايائين ۽ ان بابت اوهان جو تاثر؟

پليجو صاحب: بنيادي طور ان تي عمل ٿيو ئي ڪونهي. ڪجهہ ماڻهو پاڻ ۾ ويڙهي مليا، ڪجهہ ٿيو، ڪجهہ نہ ٿيو.

زنجير: پٽي صاحب لاءِ اوهان جو ذاتي رايو؟

پليجو صاحب: زبردست ماڻهو هو، متاثر ڪندڙ هو، دلير ماڻهو هو. دل چوندي هئي تہ ويهي هن جون ڳالهيون ٻڌجن. ڪجهہ ڳالهين تي اختلاف هو. هن جو پنهنجو خيال هو، اسان جو پنهنجو موقف هو. ڍڪتو نہ هو. شاندار شخصيت هو. اهڙو ماڻهو پاڪستان ۾ اوهان کي زمانن کان پوءِ ملندو. ملندو تہ ايشيا ۾ وري اهڙو نہ ملندو. سمورين خوبين ءِ خامين سميت هو هڪ وڏو ءِ يگانو اڳواڻ هو. ڪراچيءَ کان خيبر تائين هو ماڻهن جي دلين ۾ آهي. هو هر گهر جو ياتي آهي. هر ماڻهو سمجهي ٿو تہ هو منهنجو ياءُ آهي، پٽ آهي، منهنجو پيءُ آهي. آئون نہ ٿو سمجهان تہ پاڪستان جي تاريخ ۾ جيتري محبت پٽي صاحب سان ڪئي وئي، اوتري ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان ڪئي وئي آهي.

زنجير: پليجا صاحب! اوهان ويجهڙائيءَ ۾ پاڪستان جي سياسي منظر ۾ کي خطرا يا انديشا محسوس ڪريو ٿا؟

پليجو صاحب: آئون في الحال تہ ڪوشش ٿو ڪريان تہ خطرا ٽري وڃن. اوهان متحد ٿي وڃو. اڳتي وڌو.

ايم آر ڊي مارشلا خلاف ملڪي سطح جو پهريون اتحاد هو۔ تڪليفن ۽ لالچن هوندي ماڻهو بهادري سان وڙهيا.

پينل انٽرويو/ماهوار شهرزاد لاهور نومبر 1986ع

شهرزاد: پليجا صاحب! توهان ڪافي عرصي کان پوءِ پنجاب جي دل لاهور ۾ آيا آهيو. ان کان اڳ به اوهان هتي ايندا رهيا آهيو. ان لحاظ کان توهان اڳ ۽ هاڻي جي ڀيٽ ۾ پنجاب جي رهواسين ۽ پنجاب جي رويي ۾ ڪيتري سياسي شعوري تبديلي محسوس ٿا ڪريو؟

پليجو صاحب: مون کي هتي اچي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي. آئون هتي مختلف خيال ۽ نظريا رکندڙ ماڻهن سان مليو آهيان ۽ هتي جي ماڻهن ۾ اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ شعور ۽ وڌيڪ سياسي سرت نظر آئي آهي ۽ خاص ڪري مختلف صوبن جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ ۽ احساس محسوس ٿيو آهي ۽ خوشي ٿي آهي ته هاڻي پنجاب ۾ مختلف علائقن جي باري ۾ اها اڻڄاڻائي ڪانهي جا اڳ هئي. هاڻي سموري ملڪ جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ٿئي ٿي، اڳ رڳو ڪراچي ۽ لاهور کي ئي سڀ ڪجهه سمجهيو ويندو هو. هاڻي ملڪ گير مسئلن ۾ پنجاب جي غيرتمند عوام جي دلچسپي تمام گهڻي وڌيل آهي.

شهرزاد: ايم. آر. ڊي جڏهن مخالف ڌر طور سامهون آئي ته ان جي جدوجهد جو بنيادي مقصد مارشل لا کان ڇوٽڪارو ۽ جمهوريت جي بحالي هو، پر هيڏي جدوجهد جي باوجود غير جماعتي چونڊون ٿيون، اسيمبليون نهيون، آئين ۾ ترميمون ڪيون ويون ۽ مسلم ليگ نهي. ان سڄي عمل ۾ ايم. آر. ڊي جو واضح مقصد ايڏا تائين ظاهر نه ٿيو ته هن ڇا ڪيو ۽ ڇا ڪندي؟

پليجو صاحب: آئون سمجهان ٿو ته ايم. آر. ڊي هڪ قسم جو اتحاد آهي، جنهن ۾ مختلف قسم جا مختلف پس منظر رکندڙ ماڻهو ۽ تنظيمون شامل آهن، ان ڪري هن تنظيم کان تمام وڌيون اميدون رکڻ هروپرو مناسب نه ٿو لڳي. اسان مختلف خيال رکندڙ ماڻهو آهيون، اتي اسان جو رويو مختلف شين جي باري ۾ مختلف آهي ۽ اهڙي اتحاد کي ايترو عرصو هلائڻ، قائم رکڻ، خود ان جو بچڻ ۽ سلامت رهڻ، حڪومت جي هيترين حرفتن ۽ اسان جي اختلافي نظرين جي باوجود ايم. آر. ڊي جو قائم هجڻ، آئون سمجهان ٿو ته اها خود پنهنجي جڳهه تي هڪ سڻي ۽ ساراهڻ جوڳي ڳالهه آهي.

شهرزاد: ڏسو، بنيادي مقصد اتحاد کي قائم رکڻ ته نه هو، بلڪ ان جو

بنياد تہ اها عملي جدوجهد هئي، جنهن کان پوءِ جمهوريت جو سج اپري ها. هاڻي جڏهن تہ مارشل لا ختم ٿي چڪي آهي (جيئن چيو ويجي ٿو) ۽ جمهوريت ڏانهن سفر ڪرڻ جي خوشخبري ٻڌائي پئي وڃي تہ ان ٽيڻ کان پوءِ ايم. آر. ڊي جي باقي هجڻ جو کهڙو دليل آهي؟

پليجو صاحب: ڏسو، هڪ ڳالهہ ياد رکو تہ هن کان اڳ تاريخ ۾ اهڙو ڪوبہ مثال ڪونهي، جو مارشل لا جي دور ۾ ڪو اتحاد قائم ٿيو هجي. مارشل لا دوران سڀ خاموش هوندا هئا، ڇاڪاڻ تہ ائين سمجهيو ويندو هو تہ مارشل لا جي دور ۾ تہ ڪجهہ نہ ٿو ڪري سگهجي. ايوب خان جي دور ۾، يحيٰ خان جي دور ۾ ڪوبہ اهڙو اتحاد ڪونہ ٿيو هو. جڏهن تہ هي اتحاد مارشل لا جي دوران قائم ٿيو. جيتوڻيڪ حڪومت الڳ الڳ لالچون ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪن کي چيو تہ توکي وزيراعظم بڻائيندا سين، ڪن کي چيائون تہ توکي وزير بڻائيندا سين. هن حڪومت هر ڪاتي ۾ پنهنجا ايجنٽ پکيڙي ڇڏيا آهن. ڪنهن کي رشوت ڏئي، ڪنهن کي ٻي لالچ ڏئي، ڪنهن کي ڊپ ۽ دڙڪي وسيلي پنهنجو ايجنٽ بڻائي ڇڏيو آهي. پوءِ بہ هي مثالي اتحاد موجود آهي ۽ ٻيو هي تہ ايم. آر. ڊي چپ ڪري ڪونہ ويني آهي، مثال طور: اڄ پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو صوبائي خودمختياري (Provincial Autonomy) تي اتفاق ٿيو آهي، يعني هڪ آئين ۾ اتفاق ٿيو هو، ٻيو ايم. آر. ڊي جي حوالي سان مرڪز کي صرف چار کاتا ڏنا وڃن ۽ صوبن کي باقي سمورا اختيار ڏيڻ واري بنيادي ڳالهہ تي اتفاق راءِ ٿيو آهي ۽ ان وقت بہ حڪومت اسان جي ڳالهين کي بي اثر لاءِ اهڙي قسم جي ڳالهہ ڪري ٿي تہ فرض ڪريو تہ جي چونڊون ٿي بہ وڃن تہ توهان تہ اقتدار ۾ اچي ڪونہ سگهندؤ. اقتدار ۾ "الف" ايندو، "ب" ايندو تہ پوءِ ائين ئي نيڪ آهي، تہ ڳالهہ هيءَ آهي تہ توهان ان عمل کي مشيني انداز ۾ نہ ڏسو، بلڪ اهو ڏسو تہ جيڪڏهن ايم. آر. ڊي نہ هجي ها تہ هن وقت هيءَ جيڪا صورتحال آهي، جيڪڏهن ايم. آر. ڊي آهستي آهستي سخت ترين دورن ۾ پنهنجو ڪم نہ ڪيو هجي ها تہ هيءَ جيڪا ماڻهن ۾ زندگي نظر اچي ٿي سا آسمان تان ڪانہ لٿي آ، اها حڪومت جي مهرباني بہ ناهي، اها ايم. آر. ڊي جي سخت محنتن جو نتيجو آهي جو هاڻي هجومن جا هجوم جلسن ۽ جلوسن ۾ نظر اچن ٿا. ڪو وقت هو جو چار ماڻهو ڊپ کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا هئا. اهو ايم. آر. ڊي جي قربانين جي ڪري ئي ٿيو آهي.

شهرزاد: 1983ع ۾ ايم. آر. ڊي جي جيڪا تحريڪ هلي هئي، ان بابت سنڌ ۾ اهو تاثر ٿيو تہ پنجاب پنهنجو ڪردار ادا نہ ڪيو ۽ هو اڄ بہ سمجهن ٿا تہ پنجاب قرباني ڏيڻ ۾ پوئتي آهي. جڏهن تہ حقيقت هيءَ آهي تہ جيتريون قربانيون گذريل نوَن سالن ۾ پنجاب ڏنيون آهن، ان جو اڳي ڪوبہ مثال موجود ڪونهي. پنجاب جا اڄ بہ نوجوان جيلن ۾ آهن...

پليجو صاحب: ڏسو جناب، 1983ع واري جدوجهد جيتري بہ هئي، ان ۾ سنڌ جي

جيترن ماڻهن کي قتل ڪيو ويو. جيترو ظلم ۽ تشدد حڪمران ٽولي سنڌ تي ڪيو، ان جو مثال اسان جي ملڪ ۾ ورلي ملندو. ماڻهو جيتري تعداد ۾ شهيد ٿيا، ان جو مثال ڪنهن ٻئي صوبي ۾ نه ٿو ملي. ان وقت ته حڪومت مڪمل چڙهائي ڪئي هئي، پر ائين چوڻ ته سنڌ کان سواءِ ٻئي هنڌ جدوجهد هئي ئي ڪانه، اهو الزام آهي، غلط ٻڌالهه آهي. اها ٻڌالهه برابر آهي ته جيئن سنڌ ۾ رستن تي ماڻهو ماريا ويا يا بمبار جهازن سان بمباري ڪئي ويئي ته اهو ٻين هنڌن تي، سنڌ کان سواءِ نه ٿيو. باقي ٻين صوبن ۾ جدوجهد ۾ حصو ورتو ۽ وري جيتري قدر ظلم هتي پنجاب جي جيلن ۾ سياسي قيدين تي ٿيو، پنجاب جي جيلن جي اندر پنجاب جي ماڻهن جنهن همت ۽ حوصلي سان ظلم ۽ تشدد جو مقابلو ڪيو، اهو به ڪنهن کان گهٽ ناهي. آئون سمجهان ٿو ته سڄي ملڪ ۾رپور حصو ورتو. سنڌي عوام، پنجاب جي عوام، سرحد ۽ بلوچستان جي ماڻهن پنهنجي پنهنجي حالتن ۽ پهچ آهر احتجاج ڪيو آهي، مقابلو ڪيو آهي. هڪ ٻڌالهه آهي ته پاڪستان جي اندر هميشه ائين ٿيندو آيو آهي ته جيڪڏهن هڪ صوبي تي ظلم ٿيندو آهي ته ٻيا صوبا تماشو ڏسندا آهن، جيئن اوير پاڪستان ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو، هتي ماڻهن ڪجهه نه ڪيو، هتي به ماڻهو خاموش رهيا. ان کان پوءِ وري جڏهن بلوچستان تي ظلم ٿي رهيو هو ته اسان ماڻهن تاڙيون پئي وڄايون. اها هڪ روايت ٿي پئي آهي، هاڻ ان روايت کي ٽوڙڻ کپي. آئون سمجهان ٿو ته ماضيءَ ۾ به ۽ اڄ به جيڪڏهن پنجاب جمهوريت ۽ آمريت کان آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ايترو شريڪ نه هجي ها ته سنڌ تي جيڪو ظلم ٿيو يا ٿي رهيو آهي، اهو ڪئين پيرا ايجان وڌيڪ هجي ها. پنجاب جي ان شرڪت ته آمريت کي لغام ڏنو آهي، ڇڪي جهليو آهي ته جيئن ظلم ۽ جبر پنهنجي حد کان اڳتي ٽپي نه وڃي. آئون سمجهان ٿو ته پنجاب جي ان سموري عمل ۾ شرڪت تمام گهڻي اهميت واري آهي. پنجاب جي شرڪت جا اسين ٿورائتا آهيون. هتي جڏهن ماڻهو پاڻ کي جلائي رهيا هئا، ڦٽڪا سهي رهيا هئا، تڏهن ٻين صوبن ۾ ائين نه ٿيو آهي. سڀ حڪومت جون چالاڪيون آهن، اها اهڙيون افواهي خبرون ڦهلائي ڇڏيندي آهي ته، "ڏسو، سنڌ وڙهي رهي آهي ۽ ٻيا تماشو پيا ڏسن!" اهو ته سي- آءِ- ڊي جو، حڪومت جو ڏنڏو آهي. هي سڀ ته حقيقت ۾ گڏجي جدوجهد ڪري رهيا آهن. ڪڏهن ڪٽي وڌيڪ هوندو، ڪڏهن ڪٽي گهٽ.

شهرزاد: توهان ست سال کال ڪوٺڙيءَ ۾ گذاريا آهن. قيدخاني ۾ بند رهڻ جي ان تجربي اوهان جي سياسي عملن کي متاثر ته نه ڪيو آهي؟ ٻيو ته نظربنديءَ دوران حڪومت جو اوهان سان رويو ڪيئن رهيو؟

پليجو صاحب: منهنجو سالن کان ونڊي علاج نه ڪرايو ويو. آئون 76ع ۾ گرفتار ٿيس، 77ع ۾ آزاد ڪيائون. وري هاءِ ڪورٽ مون کي منهنجي اپيل تي آزاد ڪيو. وري پٽي صاحب کي ڦاسيءَ جي وقت، گرفتار ڪيو ويو ۽ وري آزاد ڪيو ويو. وري

مون کي ساڳئي سال آڪٽوبر 79ع ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ ان کان پوءِ ست سال مسلسل قيد ۾ رکيو ويو. دراصل وچ ۾ ٿوري آزاديءَ کي ڇڏي ڪري 1976ع کان اهو معاملو ائين ئي هلي رهيو آهي. مارشل لا کان پوءِ ته مون کي تقريباً مسلسل جيل ۾ بند رکيو ويو ۽ مون کي هر هر اهو چيو ويو هو ته، "جناب! اسان توکي آزاد ڪريون ٿا پر **توهان حلفيہ بيان ڏيو ته توهان مارشل لا دوران بلڪل خاموش رهندا، ڪوبہ سياسي ڪم نہ ڪندا.** توهان آرام ڪريو ۽ پنهنجي صحت سڌاريو." مون کي اهائي اکين جي بيماري هئي، جنهن جو هنن علاج نہ ڪرايو. ڄاڻي واڻي هو علاج کان نٽائيندا رهيا. هو چاهين پيا ته مون کي ايترو پريشان ڪيو وڃي ۽ ايتري قدر تنگ ڪيو وڃي جو آئون خود کائنئن پناھ يا معافي گهران. ٻيءَ صورت ۾ آئون مران ٿو ته پلي مري وڃان. پوءِ هڪ سپرنٽينڈنٽ مون کي چيو ته، "توهان کي پنجاب موڪلي رهيا آهن، اتي شايد توهان مري وڃو." ان وقت هڪ سپرنٽينڈنٽ هو نور الاهي، اُن مون کي نصيحت ڪندي چيو ته، "هاڻي ڪٽي مجو! ٻيءَ صورت ۾ پنجاب ويندين ته مري ويندين. آئون بہ پنجابي آهيان ۽ ڄاڻان ٿو ته پنجاب جا ماڻهو وڏا ظالم ٿيندا آهن." پر آئون خاموش رهيس. وري مون کي چيو ويو ته ڪجھ وڏا ماڻهو اوهان سان ملاقات ڪرڻ چاهين ٿا، شايد جنرل ڪرنل وغيره هئا. هو پڇڻ لڳو ته، "ڇا توهان انهن وڏن ماڻهن سان ملندؤ، انهن سان ڳالهائيندؤ؟" مون چيو، "ضرور ملندس. کين چوندس ته منهنجو علاج وغيره ڪرايو وڃي." چيائين، "ڪابہ سياسي ڳالهہ بولهہ نہ ڪندين؟" مون چيو ته، "مون کي سياسي ڳالهہ بولهہ ڪرڻ جو اختيار ناهي." ٻہ- ٽي ڀيرا چيائين، پر مون سياسي گفتگو ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو.

شهرزاد: توهان جي خيال ۾ سنڌ ۾ جيڪا احساسِ محرومي ڏني وڃي ٿي، ان جا ڪهڙا سبب آهن ؟

پليجو صاحب: آئون ان کي احساسِ محرومي نہ چوندس. حقيقت ۾ سنڌ تي جيڪو ظلم ۽ تشدد ٿي رهيو آهي، ان جا ڪيترائي سبب آهن. 1947ع ۾ جڏهن ورهاڱو ٿيو ته سنڌ ۾ سمورا سنڌي رهندا هئا. ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي. هتي هندو موجود هئا، پر اهي سنڌي ڳالهائيندا هئا. اسين اڪثريت ۾ هئاسين. ان کان پوءِ 1947ع کان وٺي اڄ تائين اسين ماڻهو اقليت ۾ تبديل ٿيندا پيا وڃون. اهو نسورو ظلم آهي. اسان سنڌي جيڪي بي گهر ٿي رهيا آهيون، ان لاءِ ملڪي سطح تي سنجيدگيءَ سان غور ۽ فڪر ڪيو وڃي.

اسان کي پنهنجي ئي گهر ۾ ريڊ انڊين بڻايو پيو وڃي ۽ اسان جون زمينون آهن. ون يونٽ جي زماني ۾ هڪڙا آيا، انهن چيو ته ان زمين کي اسان استعمال ڪنداسين ۽ زمين جو استعمال هيئن ڪيائون جو ڪجھ زمين پنهنجو پاڻ کي ڏنائون، پنج سئو ايڪڙ هڪڙي ٻئي کي ڏني، ڪنهن چاچي کي ۽ ڪنهن مامي کي ڏني. اهڙيءَ طرح سڄي علاقي تي قابض ٿي ويا. اتي رستا، اسان جي پئسن سان ٺهرايائون، واهہ اسان

جي ڏوڪڻ مان کوٽيائون، ائين سمورو خزانو ختم ڪري ڇڏيائون، سمورو پئسو هنن اتي خرچ ڪيو. بئنڪن مان قرض کڻي بهتر زمينن تي قبضو ڪري ويهي رهيا. هاڻي ڳالهه اها آهي ته کسڻ وارا به اهي هئا، ڏيڻ وارا به اهي هئا، اپيل ڪرڻ وارا به اهي هئا ۽ فيصلي ڪرڻ وارا به اهي. سپريم ڪورٽ جي حالت جي باري ۾ مون کي خبر ناهي. مون کي شڪ آهي ته ان حد تائين ڳالهه مڙئي ساڳي آهي. ائين لکين ايڪڙ زمين کي هندن جي زمين چئي ڳڙڪائي ويا، وري سندن حق به هڪجهڙا! ڪارا قانون، جابر قانون، مارشل لا جا خوفناڪ قانون جيڪي ٺاهيا ويا، انهن ۾ هڪ هي به هو ته جيڪڏهن مسلمان هاري هو ته ان جا ٽيننسي حق هوندا، پر ڪو هندو هاري هو ته ان جا ٽيننسي حق نه هوندا. وري اهڙي نموني به لکين ايڪڙ زمين تي قبضو ڪيائون ۽ وري شهرن ۾ هي قانون لاڳو ڪيائون ته ڪوبه سنڌي شهرن ۾ زمين خريد ڪري نه ٿو سگهي ۽ اهڙيءَ طرح کين شهرن مان به بي دخل ڪيو ويو ۽ هي مارشل لا جا ڪرتوت آهن جو اسين وجون ٿا گهٽبا ۽ ننڍا ٽيندا، ته اها احساسِ محرومي ناهي، بلڪ محرومي به ناهي. جبر آهي، ظلم آهي، قرمار آهي.

شهرزاد: پليجا صاحب! سنڌ جي ڳالهه توهان ڪئي، هاڻ وري پنجاب طرف ڪجهه نظر ڊوڙايو ته هتي احساسِ محرومي يا ظلم جي ڪهڙي ڪيفيت ٿي سگهي ٿي. هتي پنجابين جي نه ڪا ٻولي رهي آهي، نه ئي ثقافت جو وجود آهي. ٻيو ته نهيو، ٻين صوبن کي سرڪار جي منظوريءَ سان سندن تهذيب ۽ ثقافت جي حفاظت لاءِ سندن زبان ۾ اخبار وغيره ڪڍڻ جي اجازت آهي، پر پنجاب واحد صوبو آهي، جيڪو سرڪاري يا غير سرڪاري ٻنهي سطحن تي پنهنجي زبان جي اخبارن ۽ رسالن وغيره کان محروم آهي.

پليجو صاحب: ان ڳالهه تي آئون توهان سان بلڪل متفق آهيان، بلڪ ان تي اڳڪل ويهه سال اڳ مون هڪ مقالو لکيو هو، جنهن ۾ مون لکيو هو ته ثقافتي لحاظ کان پنجاب جهڙو مظلوم صوبو هن ملڪ ۾ ته ڇا پر دنيا ۾ شايد ڪو اهڙو ملڪ هوندو، جيڪو پنجاب جهڙو مظلوم هجي. مون احتجاج ڪيو هو ۽ اڄ به احتجاج ڪريان ٿو ته ائين نه هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته پنجاب جو نقصان اسان سيني جو نقصان آهي. پنجابي زبان جي ترقي ۽ واڌاري ۾ اسان سيني کي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. اسان جي چئني صوبن جون زبانون ڪيتريون وڏڻ گهرجن. اهڙيءَ طرح جمهوري ثقافت ۽ جمهوري روايتون جنم وٺي سگهن ٿيون. مون هڪ تجويز پيش ڪئي ته اسان کي نيشنل ٽرانسليشن بيورو (قومي ٻولين جي ترجمي جو ڪاتو) ناهڻ گهرجي، جيڪو هر صوبي جي ڪلاسيڪل ادب کي ٻئي صوبي جي زبان ۾ ترجمو ڪري ۽ پوءِ سيني صوبن جي ادب کي سواءِ ڪنهن ساڻ حسد جي اردو ادب ۾ ترجمو ڪيو وڃي. سڀ هر وقت رڳو وحدت- وحدت جو نعرو هڻن ٿا، پر جيڪو اصل ڪم آهي، اهو اسين پيا ڪريون.

شهرزاد: سنڌ جي باري ۾ چيو وڃي ٿو تہ اتي حالتون خراب آهن، اتي تمام گهٽي بدامني آهي، ڪوبہ تحفظ ناهي، هر وقت ڏاڙيلن ۽ ڦورن جو ڊپ رهي ٿو. توهان ان صورتحال جو تجزيو اڄ ڪهڙيءَ ريت ڪريو ٿا؟

پليجو صاحب: بدامني بي انتها آهي. جيترو اخبارن ۾ اچي ٿو، ان کان وڌيڪ آهي. ماڻهو آرام سان سمهي نہ ٿا سگهن. عذاب آهي، جيئري ئي ماڻهو قبر ۾ آهي ۽ اهي ماڻهو چون ٿا تہ رات جو اسان بنا ورديءَ وارن ڏاڙيلن جي رحم ۽ ڪرم تي آهيون ۽ ڏينهن جو وردي پهريل ڏاڙيلن جي حوالي هوندا آهيون. وڏيرو ڪاوڙجي تہ ڏاڙيل اغوا ڪري وڃن ۽ سرڪار ناراض ٿئي تہ بہ ڏاڙيل اغوا ڪري وڃن. لکين روپيا ڏيون، خوشامد ڪريون تہ وڏيرو بہ خوش ۽ سرڪار بہ خوش! گهٽي قدر ڦرجي ٿو غريب ماڻهو، جيڪو بکئي پيٽ لاءِ وڏي جاکوڙ کان پوءِ ٿورو ڪجهہ ڪمائي سگهي ٿو. اتي امن امان جي صورتحال انتهائي خطرناڪ آهي. هن حڪومت کي تہ پهريان ئي استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي ها.

شهرزاد: ڇا انهن ڪهاڻين ۾ اهو سچ آهي تہ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ پنجاب جي خلاف ايتري قدر نفرت موجود آهي، جو جيڪڏهن ڪو پنجاب جو رهواسي اتي هليو وڃي تہ اڪثر ڪري ان جو جيئرو موٽي اچڻ ناممڪن ٿي پوندو آهي، ان جو لاش بہ گم ڪيو ويندو آهي؟

پليجو صاحب: اهي حڪومت جي چاڙتن جون ڪهاڻيون آهن. جيتري قدر ڏاڙيلن جو تعلق آهي تہ 1983ع کان پوءِ جن ماڻهن تحريڪ ۾ حصو ورتو هو، انهن جمهوريت پسندن کي ڪچلڻ ۽ قتل ڪرڻ لاءِ ڏاڙيلن جي آڙ ۾ حملا ڪيا ويا ۽ انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو ويو آهي. ان ۾ پنجابين جو ڏوهہ ڪونهي. اهي حڪومت جون ڪهاڻيون آهن. اتي پنجابين جو گهٽو گوڙ آهي. اتي آءِ- جي پنجاب جو آهي، ڊي- آءِ- جي پنجابي آهي، اتي چيف سيڪريٽري پنجابي آهي، پنجابين کي تہ وڏي طاقت آهي. اتي سڄي سنڌ ۾ پنجابي پکڙيل آهن. اتي پنجابين جون ڪالونيون آهن. اتي "زندهہ رهو ۽ زندهہ رهڻ ڏيو" جي بنياد تي پوليس ۽ ڏاڙيل موجود آهن. ها جيڪڏهن ڏاڙيل ڪنهن پنجابيءَ کي تنگ ڪن تہ پوءِ ڏچو ضرور ٿئي ٿو، پوءِ پوليس وارا ۽ ٻيا گهر بہ ساڙي ڇڏيندا آهن ۽ ڏاڙيل بہ پکڙيندا آهن.

شهرزاد: پليجا صاحب! توهان اهو ٻڌايو تہ ست سال لاڳيتو قيد ۾ رهڻ ڪري اوهان جي پارٽي "عوامي تحريڪ" جي تنظيمي ڍانچي تي ڪو اثر پيو آهي؟

پليجو صاحب: اسين "عوامي تحريڪ" وارا تہ تمام گهٽو ننڍڙا آهيون. جنهن نموني ڪم ڪندا هئاسين، عام هارين، ٻارن، عورتن، مزدورن وغيره ۾، اسين هر سطح تي ڪم کي اڳتي وڌائيندا پيا هلون. هاڻي عوام ۾ اسين گهٽو سڃاتا وڃون ٿا. ماڻهو اسان جي عزت ڪندا آهن ۽ منهنجو خيال آهي، دعويٰ نہ ٿو ڪري سگهان تہ اتي سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ کان پوءِ ماڻهن وٽ جيڪڏهن ڪا تنظيم آهي تہ اها "عوامي

تحريڪ" آهي. اسان جي "هاري تحريڪ" ۾ پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي ۽ آئون سمجهان ٿو تہ اسان چگي موچاري محنت ڪري رهيا آهيون.

شهرزاد: گذريل ڪافي عرصي کان ڪاپي ڏر جي چئن پارٽين جي گڏجي هڪ ٿي وڃڻ جي چگي پروپيگنڊا هلندڙ هئي، پر ان معاملي تي ڪجهہ ڏينهن کان بلڪل خاموشي آهي. توهان ان جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائيندؤ؟

پليجو صاحب: ڏسو جناب! اهو معاملو ايتري قدر پيچيدو آهي جو ان جو اندازو لڳائڻ ڪجهہ مشڪل آهي. دراصل اڄ تائين ترقي پسند ماڻهن گڏجي ڪم ناهي ڪيو. هيءَ حڪومت گڏجي ڪم ڪرڻ نہ ٿي ڏئي. هر گروپ ٻئي گروپ کان اڻ واقف آهي. ڪو ڏهن سالن کان جيل ۾ آهي تہ ڪو ٻن سالن کان. مثال طور: بزنجو صاحب جڏهن جيل ۾ هو تہ آئون سندس وڪيل هوس. ان دوران منهنجي ساڻس ٿوري واقفيت ٿي، نہ تہ آئون ان سان ڪڏهن مليو ئي ناهيان. ڪا ٻن- ٽن ڏينهن جي ڳالهہ ناهي. اسان جا ڪارڪن ڪيس ڪونہ سجاڻن ۽ سندن ڪارڪن اسان کي ڪونہ سجاڻن، ان ڪري ڪجهہ مسئلا آهن ۽ مون کي اميد آهي تہ اهي مسئلا حل ٿي ويندا.

شهرزاد: ڇا هڪ وڏي پارٽي نهڙ ڪري وڏو مسئلو اڀواڻيءَ جو تہ ناهي؟

پليجو صاحب: آئون عوام ۾ ان تي تبصرو ڪرڻ نہ ٿو گهران پر مسئلا اهڙا ناهن جو اهي حل ٿيڻ جوڳا نہ هجن. ڪي ايڏا وڏا مسئلا ٻہ ناهن ۽ بنيادي مسئلن تي اتفاق راءِ ٿي چڪو آهي، باقي صرف ننڍا ننڍا مسئلا آهن. آئون سمجهان ٿو تہ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ عوامي نيشنل پارٽي ٺهي ويندي.

شهرزاد: پليجا صاحب! ڏنو ويو آهي تہ اسان جي ملڪ ۾ ڪاپي ڏر جي سياست هميشہ چڪتاڻ ۾ رهي آهي. ان جو سبب اهو تہ ناهي تہ اسان ڪي علمي ۽ عملي سطح تي جن ڳالهين کي چٽو ڪرڻ جي ضرورت هئي ۽ انهن مرحلن کان سواءِ سياست ڪئي آهي، جنهن ڪري ماڻهو ان کان پري آهن ۽ ماڻهن وٽ ڪاپي ڏر لاءِ ڪٽي ڏڪار آهي، ڪٽي شرمندگي لڪل آهي يا ڪٽي گهبراهٽ محسوس ڪن ٿا، جنهن جي ڪارڻ ڪاپي ڏر وارا انهن سببن جي ڪري گڏجي نہ سگهيا آهن؟

پليجو صاحب: ٻين ڳالهين سان گڏ اهي ٻہ آهن ۽ مون کي توهان سان اتفاق آهي. ٻيا سبب ٻہ آهن ۽ اهي ٻہ. منهنجي خيال ۾ هتي نظرئي تي ڪم نہ ڪيو ويو آهي. نظرياتي پيڙهہ پختي نہ ٿي سگهي آهي. نظريو هڪ پيچيده معاملو آهي، ان کي سمجهڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ زندگيءَ جي ضرورت آهي. اڳ ڪتاب موجود نہ هئا، هاڻي خير ڪجهہ آهن. ڪنهن زماني ۾ پٽي صاحب سان ڳالهہ ٻولهہ پئي ٿي تہ هن چيو هو تہ، "تون سوشلسٽ آهين تہ پوءِ سنڌ جي ڳالهہ ڇو ٿو ڪرين؟" مون محسوس ڪيو تہ پٽي صاحب جي خيال ۾ ماڻهو يا تہ قوم پرست هوندو آهي يا وري سوشلسٹ. تڏهن مون کيس چيو تہ، "آئون پهريائين قوم جو هڏڙوڪي آهيان ۽ پوءِ سوشلسٹ، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن ٻہ نظرئي جو اهو مطلب ڪٽي ٻہ لڪيل ڪونهي تہ توهان

انقلابي آهيو ان ڪري چونڊن کان سواءِ حڪومت ڪريو." اها غلط سوچ آهي ۽ اڄ ڪلهه انهن وهمن ۽ وسوسن کي ختم ڪرڻ لاءِ آئون هڪ ڪتاب لکي رهيو آهيان.

شهرزاد: پليجا صاحب! پيپلز پارٽي جيڪا ايم. آر. ڊي جو حصو آهي پر جڏهن کاڀي ڌر جو هڪ ٻيو محاذ نهي رهيو آهي تہ پوءِ توهان پيپلز پارٽيءَ کي ڪهڙي حيثيت ڏيو ٿا؟ ان لاءِ توهان جي راءِ ڪهڙي آهي؟

پليجو صاحب: نظرياتي طرح اسان جو نظريو هي آهي تہ آمريت جو رستو روڪڻ لاءِ هڪ ڌر (بلاڪ) هئڻ کپي، ان ۾ ترقي پسند ۽ جمهوريت پسند تنظيمون هئڻ گهرجن ۽ جيڪي حقيقي طرح قوم پرست آهن ۽ حڪومت سان ساز باز ۾ ناهن، اهي بہ هجڻ کپن. جيڪي اڳتي وڌي ڪري قومي حقن جي ڳالهه ڪن ٿا، جيڪي ماڻهو سامراج دشمن آهن، اهي بہ هجڻ کپن. جيڪي حڪومت جي طلب ڪن ٿا پر ظالم حڪومت جي خلاف آهن، اهي بہ هجڻ کپن. ان لحاظ کان پيپلز پارٽيءَ جي وڏي اهميت آهي. اها ترقي پسند تنظيم آهي، اها جمهوريت جي ڳالهه ڪري ٿي، ان جو هجڻ بہ ضروري آهي. هاڻي اها اقتدار ملڻ کان پوءِ جمهوريت پسند رهي ٿي يا نہ، اهو تہ تاريخ ثابت ڪندي.

شهرزاد: ڇا اوهان ان کي خاص ڪري پ پ پ جي چيئرمين جي تازن بيانن جي روشنيءَ ۾، سامراج دشمن سمجهو ٿا؟

پليجو صاحب: اسان جي ذهن ۾ جيڪا ڳالهه هئي، اها هيءَ هئي تہ ڪجهه ماڻهو سامراج دشمن هوندا ۽ ڪجهه نہ هوندا. ڪنهن نہ ڪنهن طرح هو اسان کي مطمئن ڪندا. اسان جي بلاڪ ۾ اچڻ لاءِ هڪ موقف هي آهي تہ چئني ڪمن ۾ پاس هجن، تہ پوءِ اسان جي بلاڪ ۾ اچن. ٻيو هي آهي تہ جيڪڏهن ڪو قوم پرست آهي، سامراج دشمن آهي، طبقاتي ڳالهه نہ ٿا ڪن، اهي ايندا. ٽيون هي آهي تہ اهي طبقاتي ڳالهه ڪن ٿا ۽ سامراج دشمن بہ آهن، انهن کي بہ في الحال اسين شامل ڪنداسين.

شهرزاد: افغانستان جو مسئلو مسلسل متي جو سور بڻجي ويو آهي، ان جي باري ۾ ڪجهه ڳالهائيندؤ؟

پليجو صاحب: افغانستان جي مسئلي تي ائين چوندس تہ انقلاب دشمنن کي واپس ڪيو ويجي. اسان کي فيصلو ڪرڻ کپي. انهن انقلاب دشمنن جي اچڻ ڪري هتي هيروئن جي واپار ۾ تيزيءَ سان واڌارو ٿيو آهي. انهن کي هڪدم واپس ڪيو ويجي. اسان کي ڪنهن جي بہ جهيڙي ۾ پنهنجي ٽنگ اڙائڻ نہ کپي، اها غلط ڳالهه آهي، ائين نہ ٿيڻ گهرجي. افغان انقلاب کي پنهنجو رستو ٺاهڻ ڏنو ويجي. افغان عوام کي پنهنجو سماجي ڍانچو تبديل ڪرڻ جو پورو پورو حق آهي، اها مداخلت آهي ۽ اها بند ٿيڻ گهرجي ۽ پرامن ٺاهه ٿيڻ گهرجي.

شهرزاد: عوامي نيشنل پارٽيءَ جو منشور سامهون آيو آهي. ان ۾ سرائيڪي قوميت جي ڳالهه ڪئي ويئي آهي. ڇا توهان سمجهو ٿا تہ پنجاب

جي ورهاڱي کان پوءِ ڪردار بدلجي سگهي ٿو يا ان مسئلي کي نبيرڻ کان سواءِ پنجاب جي ڪردار ۾ تبديلي ممڪن آهي؟

پليجو صاحب: جناب! ان سلسلي ۾ ائين چوڻ مناسب آهي ته جڏهن اهي معاملا طئي ٿي رهيا هئا، ان وقت مان جيل ۾ بند هئس، انهن تي تبصرو ڪري نه ٿو سگهان ۽ اهي جيڪي مسئلا آهن، اهي نيشنل عوامي پارٽيءَ جي زماني کان ئي قوميتن متعلق هڪ موقف هلندو آيو آهي. آئون سمجهان ٿو ته پنجاب جي نمائندن ان سلسلي جو سنجيدگيءَ سان جائزو ورتو هوندو.

شهرزاد: توهان چيو آهي ته سنڌ جي جاگرافيائي حدن کي تبديل نه ڪيو ويندو. ڇا اهو اصول صرف سنڌ لاءِ هوندو يا ٻين لاءِ ۽ اهوئي اصول لاڳو ڪندؤ؟

پليجو صاحب: آئون اهو چوندس ته اسان جي صوبي يا ڪنهن ۽ صوبي جي ماڻهن کي زوريءَ ڪنهن ٻئي صوبي ۾ شامل نه ٿو ڪري سگهجي. اسين ائين نه چونداسين ته پنجاب جي زمين جو هڪ انچ ۽ زوريءَ سنڌ ۾ شامل ڪيو وڃي. جيڪڏهن سنڌ ۾ اهڙيون حقيقتون هجن ها جيڪي ڪنهن ٻئي صوبي سان تعلق رکندڙ هجن ها، ته انهن کي سندن حق ڏيون ها. جيڪڏهن سنڌ جي اندر اهڙيون تاريخي ڪالونيون هجن ها جيڪي تمام ڊگهي عرصي کان پنهنجو الڳ قومي تشخص رکندڙ هجن ها ۽ سندن حق هجن ها ۽ جي هو چاهين ها ته اسين انهن کي بلڪل ڏيون ها.

شهرزاد: پليجا صاحب! بينظير صاحبہ چوي ٿي ته موجوده اسيمبليون استعيفائون ڏئي ڇڏيندیون ۽ حڪومت ٻيهر چونڊون ڪرائيندي، ته توهان ڇا ٿا سمجهو ته ائين ممڪن آهي؟

پليجو صاحب: بينظير وڏي ليڈر آهي، هوءَ وڏيڪ سياٽي چوڪري آهي. اسين ننڍڙا ماڻهو ايترو جاڻون ٿا ته حڪومت جماعتي بنيادن تي منصفاٽيون چونڊون ڪرائي ۽ ٻيرکن ڏانهن هلي وڃي. هاڻي گهٽو ڪجهہ ٿي چڪو، 9 سال اقتدار جو مزو چکيائون، هاڻي جان ڇڏين ۽ اقتدار چونڊيل پارٽيءَ جي حوالي ڪن ۽ پاڻ موڪلائين.

شهرزاد: پليجا صاحب! پيپلز پارٽي، ايم. آر. ڊي جو حصو آهي پر هاڻي جو پيپلز پارٽيءَ الڳ تحريڪ هلائڻ جي شروعات ڪئي آهي ۽ 14 آگسٽ جي لاءِ ۽ الڳ پروگرام ڏنو آهي، ته ان جي باري ۾ توهان ايم. آر. ڊي جي ڪنوينر جي حيثيت سان ڇا ٿا سوچيو؟ هوڏانهن تحريڪِ استقلال ۽ ڪاوڙيل نظر اچي ٿي.

پليجو صاحب: اسان سنڌيءَ ۾ چوندا آهيون، "نئين ڪنوار نَوَ ڏينهن بيحد پياري لڳندي آهي." هي سالن جو جيڪو رشتو آهي، ان ۾ ضرور ڪجهہ اٽڪٻٽ ٿيٽي آهي. حيرت انگيز ڳالهہ اها ناهي ته اختلاف آهن، اها آهي ته ايترا مختلف خيال رکندڙ ماڻهو ڪافي گهٽي عرصي کان هڪ پليٽ فارم تي ٻيٺا آهيون. اها جمهوريت جي تقاضا آهي ته عوامي طاقت جي بنياد ۽ عوام جي جمهوريت جي خواهش جي ڪري ئي اسين سڀ گڏ آهيون.

اسان دلير قوم جا دلير فرزند آهيون،
موت جي مُرڪندي آجيان ڪنداسين.

انٽرويو: يوسف شاهين/هفتيوار برسات 21 اپريل کان 3 مئي1987ع

[سنڌ جي شاعر شيخ ايار، پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته جيڪڏهن وقت ساڻ ڏنو ته رسول بخش پليجو سنڌ جو هوچي منهن ٿي سگهي ٿو.

ويٽنامي عوام جو عظيم رهنما هوچي منهن، جنهن هن صديءَ جي طاقتور ترين ملڪ "آمريڪا" کي جنگ ۾ ذلت آميز شڪست ڏني- اهڙي شڪست جنهن جو مثال آمريڪي تاريخ ۾ نٿو ملي. هن جو نالو ونڊ سان اڄ به آمريڪين جا لڳ ڪاندارجيو وجن. هوچي منهن لاءِ دنيا جي اڪثريت جي راءِ آهي ته هو ڪميونسٽ هئڻ کان وڌيڪ قوم پرست هو. هو ويٽنامي عوام لاءِ جارج واشنگٽن، ايشيا جو ٽيٽو ۽ سڄي دنيا لاءِ انسان دوست، آزاديءَ جو علمبردار، جهالت ۽ سرمائيداريءَ جو مخالف هو.

بهرحال، پليجو صاحب ڪٽي هڻي هنڌ ڪندو، اهو فيصلو ايندڙ وقت کي ئي ڪرڻو آهي. هن وقت اسان سڀ، سندس صحتيابيءَ لاءِ پريشان ۽ دعاگو آهيون. مسلسل ست سال جيل ۾ رهڻ سبب، پاڻ هڪ نه سمجهه ۾ ايندڙ بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي پيو آهي ۽ ان جي علاج لاءِ لنڊن ويل آهي. هن جي تمام ويجهي ساٿي جناب فاضل راهوءَ کي تازو شهيد ڪيو ويو. اهو نه وسارڻ جهڙو سور به هو پاڻ سان گڏ کڻي ويو آهي. لنڊن روانگيءَ کان ٻه- ٽي ڏينهن اڳ، اسان سندس انٽرويو ورتو، جو پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ پيش ڪريون ٿا. (ادارو)]

برسات: هن وقت سنڌ جا ڪئين نوان مالڪ پيدا ٿي پيا آهن، جن ۾ اهي مهاجر، پنجابي، پٺاڻ، اچي وڃن ٿا، جيڪي سنڌ ۾ پناهه لاءِ يا روزگار حاصل ڪرڻ لاءِ آيا. هنن ڪڏهن به سنڌي ٻولي سکڻ جي ڪوشش نه ڪئي ۽ نه ئي سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت کي پنهنجو ڪيو، پر اڄ هو سنڌ جي مال ملڪيت جا دعويدار ٿي پيا آهن، ايتري قدر جو مالڪ پري ويٺا آهن ۽ هي پاڻ ۾ وڙهي سنڌ جي ورهاست جون رٽائون ڪري رهيا آهن. اها صورتحال سنڌ جي سنڌي عوام کي ڪهڙي نگهوسار ڏانهن گهليو پئي وڃي؟ ان بابت اوهان ڪجهه روشني وجهندا؟

پليجو صاحب: اڄ آئون سنڌ جي ڏاڍي خطرناڪ حالت ڏسان ٿو. سنڌين کي صفحه هستيءَ تان مٽائڻ جون زبردست منظم سازشون ٿي رهيون آهن. آئون ڪڏهن ڪڏهن ننڍ مان ڇرڪ پري اٿي پوندو آهيان. اسين اکين سان ڏسون پيا ته روزانو

سنڌين خلاف باقاعده وڏا گهات گهڙيا وڃن پيا. جيڪڏهن سنڌي بيدار نه ٿيا، متحد نه ٿيا، هڪ هنڌ گڏ نه ٿيا، گهر ۾ ويڙل پنهنجن دشمنن کي نه سڃاتائون، جيڪي چنيسر بڻجيو، دودن جي روپ ۾ سنڌ جا سودا ڪري رهيا آهن، انهن کي بي نقاب نه ڪيائون، ته پوءِ اسين ختم ٿي ويندا سين. هن وقت سنڌي پاڪستان جي، ايشيا جي مظلوم ترين قوم آهي.

اڄ سنڌي نڌڻڪا آهن، ويڳاڻا آهن، يتيم آهن، هنن جا غيباڻا هسوار آهن. هنن خلاف مسلسل هڪڙي سنڌ دشمن مافيا، چاليهن سالن کان ڪم ڪندي رهي ٿي، جن جي هٿن ۾ قلم آهي، پريس آهي، طاقت آهي، نمڪ حرام قلم، عوام دشمن قلم. هنن جون لکڻيون سنڌ لاءِ چنگيز ۽ هلاڪو جي حملن کان بہ وڌيڪ خوفناڪ ڪم ڪري رهيون آهن. جيڪڏهن ڪو سنڌ جي ڀاڪلهه ڪري ٿو ته ان خلاف، سنڌ دشمن مافيا ڪات ڪهاڙا ڪنيو ڪاهيو پوي، جيلن ۾ وجهايو ڇڏي. سنڌ ۾ سنڌ جا ڪوڙا مالڪ، ڪوڙا ٺيڪيدار، ڪوڙا وارث پيدا ڪيا ويا آهن، جيڪي سنڌ جي حقن جي ڀاڪلهه ڪندڙن جو برو حشر ڪريو ڇڏين. جڏهن اسين سنڌ جي حقن جي ڀاڪلهه ڪريون ٿا، چون ٿا ته اوهين اردو دانن جي خلاف آهيو. اسين چئون ٿا ته ڪونہ آهيون خلاف، پنجاهه پيرا ورجائي ورجائي چئون ٿا، پر لکيو ڇڏين ته پليجو اردودانن جي خلاف آهي. هي چون ٿا ته اسان جا پائي ٿيو. اسين لک پيرا پنهنجو پاڻ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، بلڪ پاڻ بڻايو اٿئون، پر پاڻ ٿيڻ جو مطلب اهو ته نہ آهي جو لکن جي تعداد ۾ هندستان کان ماڻهو گهرايا وڃن. هي چون ٿا ته پنجابين کي سنڌ مان ڪڍو ۽ هندستان ۽ بنگلاديش کان ماڻهو گهرايو. اهو ڪهڙو حساب ٿيو؟ اسان جا ڪيترا ڏسٽا وائسٽا پنهنجا ماڻهو چون ٿا ته ڪوڪرا پار باردر ڪوليو ته ڏهه ڪروڙ ٻيا ماڻهو سنڌ ۾ هليا اچن. اسان جا پنهنجا ماڻهو، ڇڳا ڀلا سنڌي بنهہ بي حيائيءَ سان، سنڌ جي قاتل دشمن، ويرين جا ايجنٽ ٿيو وينا آهن. اسين چئون ٿا ته پنجاب کان، ٻين صوبن، ٻين ملڪن کان سنڌ ڏانهن لڏپلاڻ کي روڪيو وڃي. جن ماڻهن کي اڳ ئي پنهنجا گهر آهن، پنهنجا صوبا آهن، انهن کي پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي وڃڻ گهرجي. جيڪڏهن کي سنڌ ۾ سنڌي ٿي رهڻ چاهين ٿا ته پلي رهن، پر هيءَ ڀاڪلهه چگهيءَ ريت واضح ٿيڻ گهرجي ته سنڌ جا فقط سنڌي ئي مالڪ آهن.

برسات: سياسي ميدان ۾، سياسي پارٽيون ۽ وفاداريون بدلائڻ وارو ڪم عام ٿيندو رهيو آهي. اوهان عوامي تحريڪ کي عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ ضم ڪيو، جنهن جون حدون، مفاد ۽ مجبوريون سڄي پاڪستان تائين ڦهليل آهن. جڏهن ته، اوهان سنڌ جي ماڻهوءَ مخصوص سنڌ جي دائري ۾ ڏنو ۽ پسند ڪيو. سنڌ وارن پاڪستان ليول جا سياستدان اڳئي تمام گهٽا پيدا ڪيا آهن. پاڪستان جي بانيءَ کان قائدِ عوام، قائدِ جمهوريت تائين. آخر، ان تبديليءَ ۾ اوهان کي ڪهڙي بهتري نظر آئي؟

پليجو صاحب: مون هڪ مقالو لکيو آهي "ڇا ملڪي سياست ڪرڻ سنڌ جي ماڻهن لاءِ حرام آهي؟" ان ۾ اهو سڄو معاملو بحث هيٺ آندو اٿم. اڄ سنڌ جي نالي ۾ جيڪا سياست ٿي رهي آهي، اها غداريءَ کان سواءِ ڪجهه ناهي. سنڌ جو نالو وٺي، دشمنن جا دلال ٿي، پاڻ کي دودو سڏائي، چنيسر وارا ڪم پيا ٿين. سنڌي ٽوپيون پائي، اجرڪون اوڍي، سنڌين کي قتل ڪرائڻ وارا چون ٿا ته هو سنڌ جي سياست ڪري رهيا آهن. ون يونٽ جا حامي وڏيرا سنڌ جي نالي ۾ دشمن جي مخبري ڪندا رهيا آهن. اوهان مون کي ٻڌايو ته اڄ جيڪا سياست محترم الطاف حسين ايم ڪيو ايم وارو ڪري رهيو آهي، ڇا اها سنڌ جي سياست آهي؟ "لهلهاتي کيت" جو نظريو ڏيڻ وارا پنجابي- پختون محاذ وارا جيڪا سياست ڪري رهيا آهن، ڇا اها سنڌ جي سياست آهي؟ سنڌ جي چوديوارين اندر، سنڌ جي نالي ۾ اها سياست، سنڌ دشمن مافيا وارن جي سياست آهي. اها دودن دلاورن جي سياست ناهي. اسين نه رڳو سنڌ ۾، بلڪ سڄي روءِ زمين تي سياست ڪنداسين. منهنجي سنڌ جي تاريخ سان اها شڪايت آهي ته سنڌ جون حڪومتون اڳتي وڌي بلوچستان ۽ ٻين ٻر وارن علائقن سان تعلقات قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ويون، جنهن سبب اسان مٿان ارغون ۽ ٻيا حملي آور آسانيءَ سان ڪاهي آيا. جيڪڏهن راجا ڏاهر جا تعلقات ٻرپاسي وارين رياستن سان بهتر هجن ها ته عرب شهنشاهيت وارا ايڏو آسانيءَ سان سنڌ تي قابض نه ٿي سگهن ها. اسان کي بين الاقوامي سياست به ڪرڻ گهرجي. اسين هڪ ننڍڙي قوم آهيون. اسان کي دنيا جا سڀ طاقتور دوست کپن. اسين انهن مڪارن ۽ منافقن وانگر ناهيون، جيڪي پاڻ ملڪ گير سياست ڪن، آمريڪي سامراج سان ياريون رکن ۽ اسان جي هاريءَ کي پٽيون پڙهائين ته متان ٻاهر نڪتا آهيو. گهر ۾ وڏيري جا پادر کايو، پوليس جا ٽائوٽ ٿيو وينا هجو!

لطيف سائينءَ چيو آهي ته:

جت نه پکيءَ پير، تت ٽمکي باهڙي،
ٻيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙکي ڪير ري.

هڪ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

سُڪا سنڌ ڪچن ۾، ڪرڪٽا پيرين،
ٽمندي نيٽين، آن کي ڪاهوڙي گڏيا؟

اسين لطيف سائينءَ جا ڪاهوڙي ٿيڻ جي نماڻي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. اسين لطيف جا صحيح پيروڪار آهيون. سنڌ کي اڄ اهڙن ماڻهن جي ضرورت آهي، جن لاءِ شاهه سائينءَ فرمايو آهي:

"ڏکن ڏيل هٽي، جي لڏائون ڇپرين."

سو اڄ سنڌ کي ڇيهه وارا، آسمان جون وسعتون ڳولي لهڻ وارا سنڌي کپن. سنڌ کي هڪ نئون نسل کپي جو وڏيرن جي ننڍڙي چوديواري ٽوڙي، ڳوٺ ٽپي، شهر

ٽپي، دنيا جي ڪنڊن تائين وڃي پهچي. اڄ عالمي معيار جي سياست کان گهٽ سياست نه هلندي.

برسات: ادب ۽ وڪالت کان ٽپي اوهان سياست ۾ آيا، هتي اوهان ڏاڍا ڏک ڏٺا آهن. قيد، بيماريون، دوستن ساٿين جو قتل. اوهان آخر ڇا ٿا حاصل ڪرڻ چاهيو؟ اوهان جو Goal (مقصد) ڪهڙو آهي؟

پليجو صاحب: منهنجو Goal لطيف سائينءَ وارو Goal آهي:

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

دنيا جا سڀ مفڪر، سڀ ڏاها، سڀ دانشور ان ڳالهه تي متفق آهن ته هن ڌرتيءَ تي رهندڙ سڀني انسانن جو مقدر گڏيل آهي. اسين وسيع معنيٰ ۾ سڄي انسان ذات جي نجات چاهيون ٿا. اسان کي علم سيکاري ٿو، شاعر، عالم، دانشور سيکارين ٿا، لطيف سيکاري ٿو، ساري تاريخ سيکاري ٿي، ته انسان ذات جي گڏيل پلائي ٽيڙ گهرجي. ان گڏيل پلائيءَ سان گڏ جيڪي به ماڻهو، فرد، گروهه يا قومون مظلوم هجن ته انهن لاءِ وڙهڻ گهرجي. اتفاق سان، تاريخي حادثي سبب، اڄ اسان جو گهر، اسان جي قوم مظلوم ترين آهي. هاڻي اسين اهو نٿا چئي سگهون ته ڇاڪاڻ جو اسان اسانڊات جا خيرخواهه آهيون، ان ڪري پنهنجي گهر، پنهنجي قوم لاءِ نه وڙهنداسين. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته "خدا ڪري منهنجو ملڪ، منهنجو وطن صحيح راهه تي هجي، پر جي نه هجي ته به منهنجو ملڪ منهنجو آهي." آئون ان فلسفي کي رد ڪريان ٿو. اسين پنهنجي قوم جا فقط ان ڪري ۽ ان حد تائين حامي آهيون جو اها حق تي آهي ۽ حق لاءِ وڙهي رهي آهي. جيڪڏهن اسان ڪنهن جا حق ڦريا، ڪنهن جا گهر لٽيا، ته پوءِ آئون پهريون شخص هوندس جو چوندس ته اها ڳالهه غلط آهي ۽ آئون اوهان سان ناهيان، جيئن رسول ﷺ جن جڏهن مڪي کي فتح ڪيو ته اتي ماڻهن خالد بن وليد لاءِ دانهون ڏنيون، ان تي پاڻ ٻئي هٿ مٿي کڻي چيائون ته، "اي رب پاڪ! جيڪي خالد بن وليد ڪيو، آئون انهن ڪمن کان پري آهيان." اسين به چونداسين ته سنڌ جي نالي ۾ جيڪي ڪجهه ٻين سان ٿيو، ان کان اسان پري آهيون. بلوچستان جو جيڪو مسئلو ٿيو، اسان بلوچن کي چيو ته اسان اوهان سان گڏ آهيون، پوءِ زباني، ڪلامي، اخلاقي جيڪي ڪجهه ڪري سگهياسين سو ڪيوسين. بنگلاديش لاءِ ڏاڍي هاءِ گهوڑا ڪئيسون. پاڻ کي رت مڪي شهيدن ۾ شريڪ نه ڪيوسين.

برسات: اسان هن انٽرويو کي سنڌ تائين محدود رکڻ چاهيون ٿا. مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته هن وقت سنڌ جو سڀ کان وڏو ڪهڙو مسئلو آهي؟

پليجو صاحب: سنڌين کي تمام تيزيءَ سان اقليت ۾ تبديل ڪرڻ وارو عمل سنڌ جو سڀ کان وڏو مسئلو آهي. اڄ اسان جا ڪيترائي بچاءَ جا وڪيل، فريادي ڏر

سان ملي ويا آهن، جيڪي اصل وڪيلن کي ڳالهائڻ بہ نہ ٿا ڏين. ان کان علاوہ سنڌ تي فوجي ڇانوڻين ذريعي باقاعدي قبضو ٿي رهيو آهي. جيڪي نوان ڪارخانا ۽ نوان صنعتي علائقا قائم ڪيا پيا وڃن، انهن ذريعي سنڌ ڏانهن ٻين صوبن ۽ ٻين ملڪن کان هڪ وڏي يلغار جاري آهي. سنڌ جو ڪو ڏٺي ڏوٺي ڪونہ رهيو آهي. ڪي نظريہ پاڪستان تہ ڪي نظريہ اسلام جا نعرا هڻندا سنڌ ڏانهن ڏوڪيندا اچن. هاڻ کوکرا پار وارو باردر کوليو پيو وڃي، جنهن ذريعي لکين بهارين ۽ نون مهاجرن کي هتي آندو ويندو. ٻئي طرف، سنڌين کي پاڻ ۾ ويڙهايو پيو وڃي. اصل مسئلو هي آهي تہ ماڻهن کي ڳالهائڻ نٿو ڏنو وڃي، جڏهن تہ سنڌ دشمن مافيا کي ڪُلي ڇوٽ ڏنل آهي تہ هو سنڌي ماڻهن ۾ اتحاد پيدا ٿيڻ نہ ڏين.

برسات: سنڌ جا اهي مسئلا، جن جو اوهان ذڪر ڪيو، انهن جو توهان وٽ ڪهڙو حل آهي؟

پليجو صاحب: هر شيءِ جو حل ڏاڪي وار ٿيندو آهي. بنيادي ڳالهہ آهي تہ سنڌي ماڻهن کي ڪيئن متحد ڪجي. اهو ڪم اسين ڪريون پيا، ان ۾ دير لڳندي، پر هڪ ڏينهن سڀ سنڌي متحد ٿي ويندا. آئون نٿو سمجهان تہ سنڌي ماڻهو انهن نڪيءَ جي ناهن کي نٿا سمجهن، جيڪي هنن خلاف گهڙيا ويا آهن، يا سنڌي ماڻهو اقليت ۽ غلاميءَ وارو ڄڻ پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهيو هلندا. سنڌ جا دشمن ايڏا طاقتور نہ آهن. انهن جا پاڻ ۾ بہ تضاد آهن، جن کان اسين واقف آهيون. آئون ائين ڪونہ ٿو چوان تہ اسان جا سڀ مسئلا هڪ ڏينهن ۾ حل ٿي ويندا، انهن لاءِ ڪئين لڙايون لڙڻيون پونديون، جيڪي اسان ئي ڪتنداسين ۽ منزل ڏانهن وڌندا ويندا سين. اهو هڪ ڊگهو سلسلو آهي جو سيني انقلابين کي سامهون ايندو آهي. ماڻهو جڏهن گڏ ٿيندا تہ مصيبتون چڙوچڙ ٿي ويندیون. آئون سيني اديبن، شاعرن، صحافين، عالمن ۽ دانشورن کي اپيل ٿو ڪريان تہ هو اڳتي وڌن. سنڌين کي متحد ڪرڻ ۾ هٿ وندائين. جڏهن سڀ گڏ ٿيندا سين تہ منزل آسان ٿي ويندي.

برسات: اوهان سياسي پارٽين کي تہ اتحاد جي دعوت ڏني، ڇا اهو اتحاد سنڌ تائين محدود آهي يا.....؟

پليجو صاحب: اسان جو نظريو آهي تہ سڄي ڌرتيءَ جا ماڻهو متحد ٿين، ظلم خلاف، ناانصافيءَ خلاف. جيئن اڄ هتي سنڌ ۾ قومي قتل ٿي رهيو آهي. سنڌي قوم جو قتل پيو ٿئي، ان ڪري سنڌ جو مسئلو فوري توجهہ گهري ٿو.

برسات: ان سلسلي ۾ مهاجر قومي موومينٽ وارن جو ڪهڙو ردِعمل آهي؟

پليجو صاحب: الطاف حسين بہ اسان جو ڀاءُ آهي، ان سان بہ اسان ڳالهائيندا سين. هو اسان کان پري ناهي، پر سڀ کان اول اسان سنڌين کي ننڍ مان اٿڻ گهرجي. هينئر جنهن سان بہ اتحاد جي ڳالهہ ٿا ڪريون، سو ڪاوڙجيو پوي.

برسات: پنجابي- پٺاڻ اتحاد وارن متعلق اوهان ڇا چوندا؟

پليجو صاحب: انهن سان بہ ڳالهيون ٿيڻ گهرجن، باقي "لهلهاتي ڪيت" وارو نظريو هاڻ ڪونہ هلندو. منهنجي شيءِ منهنجي آهي ۽ هر حال ۾ منهنجي رهندي.

برسات: الطاف حسين چيو آهي تہ مهاجرن کي پنجين قوميت تسليم ڪريو تہ پوءِ هو سنڌ ۽ سنڌين جي حقن لاءِ وڙهندا ۽ جيڪڏهن سنڌ ۾ فوجي آپريشن ٿيو تہ هو ان جي مخالفت ڪندا.

پليجو صاحب: ائين تہ سنڌ ۾ رهندڙ پنجابي بہ چون ٿا تہ اسان کي ڇهين قوميت مڃيو. سنڌ ۾ رهندڙ سيد جيڪي عرب کان آيل هئا يا پيل، ڪولهي، سرائيڪي ڳالهائيندڙ وغيره چون ٿا تہ اسان کي بہ قوميت مڃيو وڃي تہ ڇا انهن سيني کي قوميت مڃيون؟ هي ماڻهو پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد ۾ قوميت جون اهڙيون ڳالهيون ڇو نٿا ڪن؟ اها سازش سنڌ ۾ ڇو ٿي رهي آهي؟

برسات: سنڌ ۾ پيري مريدي ۽ ذات پات جا تمام گهٽا مسئلا موجود آهن، جيڪي صدين کان ماڻهن کي هڪ ٻئي کان جدا رکيو اڇن. پيري مرشديءَ خلاف ڏيپلائي صاحب جيکا تحريڪ هلائي، اها هاڻ پوئين پساهن ۾ آهي، ان بابت اوهان ڪجهہ ڇوڙ ڇاهيندا؟

پليجو صاحب: ڏهري ڏور تي مڇر گهٽا مڙي ايندا آهن. هينئر اسين ڏهرا آهيون. اها هڪ سنڌ دشمن مافيا آهي تہ ماڻهن کي پيرن ميرن جي حوالي ڪيو وڃي ۽ رجعت پرست سردارن کي اڳيان آڻي، تاريخ جي چڪري کي پنج سئو سال پوئتي موٽايو وڃي. جڏهن سنڌ جا ماڻهو ٻڌي ڪندا، تڏهن اهي سمورا جن پوت پڃي ويندا.

برسات: جناب فاضل راهوءَ جي شهادت کان پوءِ توهان جي زندگيءَ لاءِ بہ خطرا پيدا ٿي پيا آهن. اوهان ڪيستائين پهريدار بيهاريندؤ؟ ان معاملي کي منهن ڏيڻ لاءِ اوهان ڇا سوچيو آهي؟

پليجو صاحب: ڇا بہ ڪريون، سنڌ جا ٺيڪيدار روز روز نوان بهانا گهڙي، اسان تي حملا ڪن ٿا، ڏارين کي تہ اسان تي حملو ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي. سڀ خبرون اڻئون، پر ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي. گهر ۾ ماڻ ڪري ويهڻ اسان کان نٿو پڃي. لطيف سائينءَ اهڙو ئي گس ڏسيو اڻئون:

"ڄاڻي سڃاڻي، ويهان ڪيئن ماڻ ڪري؟"

قوم تي ظلم ٿيندو ڏسي، اسان ڪيئن ماڻ ڪري ويهون؟ اسان ڄاڻي سڃاڻي، ڏسي وائسي سودو ڪيو آهي. موت مهمان آهي. اسين دلير قوم جا دلير فرزند آهيون. اسان ڪنهن بہ حالت ۾ ڪنڌ نہ جهڪايو آهي. موت جي اسان ڪنهن بہ حالت ۾ مرڪندي آجيان ڪنداسين. اسان جي اها وڏي آرزو آهي تہ ماڳ ڏانهن ويندڙ گس تي رهون. جيڪڏهن رستي ۾ مري وياسين تہ مڙئي خير آ.

برسات: اوهان پٽ ڏٽي- شاهہ لطيف جو ذڪر ڪيو. چوندا آهن تہ جنهن بہ قوم ۾ عظيم شاعر پيدا ٿئي تہ اهڙي قوم غلام نہ رهي سگهندي آهي.

اسان جي وڏي خوشقسمتي آهي جو شاهہ جهڙو عظيم ترين شاعر اسان ۾ پيدا ٿيو. ان جي باوجود، اسان ٿي سئو سالن کان غلام يا ذهني غلام رهندا آيا آهيون، ان جو سبب ڇا آهي؟

پليجو صاحب: وڏا شاعر گهڻو ڪري ڏکويل قومون پيدا ڪنديون آهن يا اهي قومون جيڪي متحرڪ يا لڙائيءَ ۾ هجن. اسان وٽ لطيف جي شاعري ته ظاهر ئي هاڻ ٿي آهي. ان کان اڳ جاگيرداري نظام جا رجعت پرست، لطيف مان رڳو روحاني معنائون ڪيندا هئا. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو اسان تي اهو ٿورو آهي جو هن لطيف کي سهيڙي، ان مٿان عقل جي ڇالهہ ڪري، اسان اڳيان پيش ڪيو، جنهن کان پوءِ جي- ايم سيد چيو ته لطيف ڏرتيءَ جي ڇالهہ ٿو ڪري. هن لطيف کي سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان پيش ڪيو. اهو جي- ايم سيد جو وڏو ڪارنامو آهي. هونئن ب- جي- ايم سيد ڪيترائي وڏا علمي ڪم سرانجام ڏنا. انهن علمي ڪمن ۾ هو اسان جو استاد آهي. ان کان پوءِ اسان چيو ته لطيف سنڌ جي انقلابي پاسي يعني عوام جو شاعر آهي، ان ڪري لطيف ظاهر ئي هاڻ ٿيو آهي. هو اسان جو روحاني سپهہ سالار ۽ انقلابي رهبر آهي. هو اسان جي ثقافتي ورثي جو امين آهي. هن مختلف ڪردارن ذريعي، اسان کي اهو سبق ڏنو ته، "ڪنڌ ڪپايو، پر ڪنڌ نہ جهڪايو." اسان لاءِ لطيف جو پيغام، لطيف جو فلسفو ڪافي آهي. اسان کي ٻئي ڪنهن ب- فلسفي جي ضرورت ناهي.

برسات: ڇا توهان سمجهو ٿا ته لطيف سنڌ جي سيني ماڻهن تائين پهچي چڪو آهي؟

پليجو صاحب: آئون سمجهان ٿو ته لطيف ايجا ماڻهن جي هڪ ٿوري حصي تائين پهچي سگهيو آهي ۽ اهوئي ٿورو حصو اڄ متحرڪ آهي ۽ ٻين کي متاثر ڪري سگهي ٿو. مسئلو فقط ايترو آهي ته جيڪي ماڻهو لطيف جي پيغام کي عوام تائين پهچائڻ چاهين ٿا، انهن کي هن ملڪ جا نقلي دودا اهڙو ڪم ڪرڻ ئي نٿا ڏين.

برسات: اسان جي هن سڄي ڇالهہ ٻولهہ دوران اوهان مائوزي تنگ جو ذڪر ب- نہ ڪيو، جڏهن ته اڳ اوهان هر ڇالهہ تي مائوءَ جو حوالو ڏيندا هئا.

پليجو صاحب: آئون دنيا جي سيني انقلابين جو شاگرد آهيان. آئون انهن کي پڙهي سگهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. مون وٽ حديث شريف ب- آهي ته جيئن خبر پويم ته حضور جن عرب ۾ ڪيئن انقلاب آندو. ابراهم لنڪن کي ب- پڙهيو اٿم. هٽلر کي ب- پڙهان پيو. مائوءَ کي پڙهڻ کان اڳ مون لينن جي حياتيءَ تي لکيو، جيڪو ڇپجي نہ سگهيو آهي. مون بو علي سينا ۽ رازيءَ کي ب- پڙهيو آهي. آئون ڪارل مارڪس جو ب- شاگرد آهيان، پر اتفاق سان ماڻهن کي رڳو مائو ياد رهجي ويو آهي. هونئن مائو عظيم مفڪر ۽ عظيم انقلابي آهي.

برسات: سنڌي ادب ۾ اوهان جي حيثيت هڪ وڏي تنقيد نگار واري رهي آهي. سياست ۾ اچڻ کان پوءِ اهو سلسلو بند ٿي ويو آهي.

پليجو صاحب: اڄي آئون ادب تي تنقيد ڪندو هوس، هاڻ سياست تي تنقيد ڪريان ٿو. پر اڳتي هلي، شايد وڌي پيماني تي، سنڌي ادب تي تنقيد ڪريان، ان جي سخت ضرورت آهي. ڪوشش ڪندس ته ڪي ابتا سبتا ڦوڙات ٽائيپ جا قادري ڏنڊا هٽان، باقي مون پڙهڻ ۽ لکڻ جو ڪم ڪڏهن به نه ڇڏيو آهي. مون "بختاور" افسانو لکيو، مون ڪيترائي شعر ترجمو ڪيا آهن، پر سياست جو ميدان، جنهن ۾ پير پاتو اٽئون، ڏاڍو اٽانگو ۽ خوفناڪ آهي. اياز چيو آهي ته:

"اي سنڌڙي تنهنجو نانءُ وتو،
جڻ ڪاريهر تي پير پيو."

مسئلن کي سمجهڻ لاءِ سموند جيترو علم کپي، فقط نعرا هڻڻ ۽ گهوڙا گهوڙا ڪرڻ سان ڪي نه ورندو. اصل سازشن ۽ انهن جي پيچيدگين کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. اڄ آئون بيان ڏيندس ته پنجابين کي سنڌ مان ٻاهر ڪيو ته اهو شاندار نمونو ۾ شايع ڪندا، پر جي چوان ته ٻين ملڪن مان به ماڻهو سنڌ ۾ اچڻ نه ڏيو ته اهو بيان نه ڇپيندا. اها سنڌ دشمن مافيا، نمڪ حرام مافيا خوفناڪ نمونو سنڌين خلاف ڪم ڪري رهي آهي. هتي وڏا جگاتري، وڏا سازشي اچي گڏ ٿيا آهن. هنن جو اهوئي چوڻ آهي ته سنڌيو، توهان جو سنڌ سان ڪوبه واسطو ناهي. پاڪستان جي نظريي جو مطلب، اسلام جو مطلب، سوشلزم جو مطلب، جمهوريت جو مطلب- فقط اهو آهي ته سنڌ جو نالو نه ونو.

عقل بنا عذاب، گهٽا سهندي جندڙي.

ليکو ٻڌي لڻ هڻڻ جو اسان کي به سبق مليل آهي. اسان مطالبو ڪريون ٿا ته اسان جي جند ڇڏيو، اسان جي زمين خالي ڪريو، اسان کي به نوڪريون ڪرڻ ڏيو، اوهان کي الله پنجاب ۾ پنهنجي خرچ تي خوش رکي. توهان اتي خوش رهو، اسان هتي خوش رهون، پوءِ دوست پڪا ٿيندا سين. اهي آفتون جيڪي هت موڪليون اٽَوَ، انهن کي ڪٽي وجو. پاڻ جيئو، اسان کي به جيئڻ ڏيو. سنڌ سنڌين جي آهي، اها ڳالهه هنن لاءِ آفت بڻجيو وڃي. هنن جي سڃي سياست، نظريءَ پاڪستان جو مطلب، نظريءَ اسلام جو مقصد، ميان طفيل جو مقصد، هنن جي ٺيڪيدارن جو مقصد اهو آهي ته سنڌ سنڌين جي ناهي، سنڌ يتيم خانو آهي، سنڌ مال غنيمت آهي، باب الاسلام آهي، کهڙو به نالو رکو، پر سنڌين جو سنڌ جي ائڊريس تان نالو ڪٽيو. هي بمبئي بيڪريءَ جو ڪيڪ آهي، جنهن کي سپ ورهائي کائڻ چاهين ٿا. اسين چئون ٿا ته اسان کي فقط ايترو چوڻ ڏيو ته هي گهر اسان جو آهي. هاڻ ان اکر تي جهيڙو آهي، پر جڏهن هي گهر ونڻ جي ڪوشش ڪنداسين، تڏهن کهڙا ڪنام ٿيندا، اهي راڄ ڏسندا.

برسات: توهان اديب به آهيو، ان حساب سان هن وقت سنڌ ۾ تخليق ٿيندڙ ادب تي روشني وجهندا.

پليجو صاحب: وڏي ادب پيدا ٿيڻ لاءِ ضروري آهي تہ وڏو فڪر پيدا ٿئي، جيئن تصوف جھڙي وڏي فڪر مان ابن العربي، سورداس، ڪبير، تلسي داس، ميرا ٻائي ۽ ٻيا ڪيترائي وڏا وڏا شاعر ڦٽي نڪتا. مطلب تہ پھرين فڪر ۽ پوءِ شاعريءَ جو نمبر اچي ٿو. سنڌ جي ادب لاءِ بہ پھرين فڪر کپي. هيستائين فڪر جي جيتري کوٽا اسان جي پلئہ پيئي، اوترو اسان اڳتي هلي آيا آهيون ۽ ان حساب سان عظيم ادب پيدا ڪيو اٿئون، پر هاڻ ڏري گھٽ فڪر جي کوٽا ختم ٿي وئي آهي. اسان کي جي - ايم سيد جيڪا "وطن دوستيءَ" جي فلسفي جي تشريح ڪري ڏني، ان تمام گھڻو ميدان تيار ڪيو. خاص طور شاعرن ۽ اديبن کي هڪ خاص لائين ملي، پر هاڻ فڪر هڪ هنڌ بيهي ويو آهي. ڪنهن نئين فڪر جي جنم لاءِ ولوڙ هلي پئي. نيٺ نئين دور جو نئون ادب پيدا ٿيندو، ڇوتہ روشن خياليءَ وري موٽ کاڌي آهي. اسان وٽ اڄ جي دور ۾ فقط شيخ اياز وڏو شاعر موجود آهي. هو اسان جي موجوده ادبي اوسر جو نقطہء عروج آهي. اسان وٽ ٻيو ڪو وڏو شاعر پيدا نہ ٿي سگھيو آهي. اڄا ڪابہ معياري تبديلي نظر نٿي اچي. تشدد جي هڪ هٿي ۽ ڳالھائڻ ٻولھائڻ تي پابندي، اسان جي ادب جي واڌاري کي ڏڪ هنيو آهي. اسان جا رسالا بند پيا آهن. آئون سمجھان ٿو تہ سنا ڏينھن اچن پيا ۽ اسان ۾ ڪي وڏا فڪر انگيز ماڻھو پيدا ٿيندا.

شاھ لطيف روحاني آمريت خلاف جدوجھد جي قافلي جو سالار آھي- اردو ڪلچر ۾ جاگيرداري ۽ شھنشاھيت جا خيال نفيس ۽ مھذب اندز ۾ پيش ڪيل آھن.

انٽرويو: پارس پينل/ماھوار پارس ڪراچي، جون-جولاءِ 1987ع

[محترم رسول بخش پليجي سان شمشيرالحيدري، نبي بخش کوسو ۽ ھدايت بلوچ جي ڪچھري ٿي، جيڪا ٽيپ ڪئي ويئي ۽ انٽرويو جي صورت ۾ مھربان پڙھندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿي.]

ھدايت: منھنجي خيال ۾ ڳالھيون اڳي ئي جيڪي ھلن پيون، تن کان انٽرويوءَ جي ابتدا ڪجي.

پليجو صاحب: ھي ڳالھيون ته ڪجھ آف دي رڪارڊ آھن ۽ جيئن جو تيئن ڇپجڻ جھڙيون نہ آھن.

ھدايت: اسان کي ٻہ رسمي انٽرويوءَ بدران ڳالھ ٻولھ ئي ڪرڻي آھي. اھي ڳالھيون ڇپجڻ کان اڳ ڇڪاسبيون، پوءِ ڇپبيون.

پليجو صاحب: شمشير جيڪڏھن ڏسي ته پوءِ ٺيڪ آھي.

شمشير: آئون ڏسندس. جيڪي ڳالھيون اڇڻ جھڙيون نہ ھوندیون سي نہ ايندیون. ھونئن توھان ھتي گھٽا ڏينھن رھندؤ؟

پليجو صاحب: آئون علاج لاءِ ٻاھر ھوس ۽ وري ٻہ انھيءَ لاءِ موٽي ويڙھو اٿم. فاضل جي چاليھي تي اڇڻو پيو اٿم. مھينو ڪن ته ھوندس ھِتي.

شمشير: چون ٿا ته توھان کي جيڪا بيماري آھي، تنھن ۾ ڪل ھيڻان سڌي وارو تھ سڌي ويو آھي. ولايت وارن وٽ ان جو ڪھڙو طريقو آھي؟ توھان کي ڪو فائدو لڳي ٿو؟

پليجو صاحب: اڃان ڇڪاسون ھلن پيون، گرمين ۾ ٻہ ڪوٽ، ٽوپي اڃا پايان پيو.

شمشير: ھون- گرمين ۾ ٻہ سردي لڳي ٿي. اڳئين زماني ۾ ماڻھوءَ جي ڪل لاھڻ جون ڳالھيون ٻڌيون اٿئون. ولايت وارا ٻہ ڪٽي توھان جي ڪل لاھي ڇڏين، وري نئين ڪل چاڙھين، ته پوءِ ضرور فائدو ٿيندو.

پليجو صاحب: ھا، اھو طريقو ته پلو آھي، پر اڳين ڪاريگرن جي اِھا واٽ اڃان ولايت وارن کي ڪانہ آئي آھي.

شمشير: پلا اُتي ولايت ۾ توهان کي وقت ڪافي ملندو هوندو، هتي جي سياسي جهڳڙن رڳڙن کان ٻه پري، آجا هوندؤ، پوءِ ڪو لکڻ پڙهڻ جو ڏندو ته ڪندا هوندؤ؟ منهنجو مطلب آهي ادبي ڪم ڪار. توهان ادیب ٻه ته آهيو، اسان لکڻ وارن ۾ ٻه شمار آهيو- ۽ توهان تمام وڏا لکڻ وارا آهيو.

پليجو صاحب: اُتي آرام ٻه ڪرڻو اٿم، علاج ٻه ڪرائڻو اٿم ۽ وري مختلف عالمي سياسي ادارن پاران ٽيندڙ ملاقاتون، گڏجاڻيون، انٽرويو ۽ پنهنجين هِتي جي سياسي ۽ نظرياتي سرگرمين جون سمجهاڻيون ۽ تقريرون ٻه وقت ونڻ ٽيون.

شمشير: توهان کي ياد هوندو، گهڻو زمانو اڳ، جڏهن توهان سياست ۾ ايان نه هئا، ته مون توهان کي چيو هو ته سنڌ جي خاص ثقافتي ۽ روايتي پس منظر ۾ کو ناول لکو. توهان کي هاڻي گهڻو وقت ملي ٿو ته اهو ڪم ڪريو ته ڏاڍو چگو موقعو آهي.

پليجو صاحب: مون کان ڪم فقط ٻه ماڻهو ونڻي سگهندا آهن: هڪڙو جويو صاحب ۽ ٻيو تون. "انڈا اونڈا ويج" لکڻ لاءِ ٻه تو پنڊي ٻاري ڏني هئي ۽ پوءِ اهو تو قسطن ۾ پهرين اخبار ۾ ڇپرايو هو، ڪهڙي اخبار هئي، تنهن ۾؟

شمشير: "خادمِ وطن." ان تان ئي پوءِ ڪتاب ڇپيو هو.

پليجو صاحب: لکڻ جي باري ۾ منهنجو خيال آهي ته هروپرو ماڻهوءَ کي لکڻ خاطر لکڻ نه ڪپي، پر ان کي فطري ٻه هئڻ ڪپي. جيڪڏهن ماڻهو لکي ته ضرور لکڻ ڪپي، پر موقعي سان. ادب کو سياست جو نعم البدل ڪونهي ۽ نه سياست نعم البدل آهي ادب جو. ماڻهو پنهنجيءَ ذات جي اظهار لاءِ گهڻيون ڳالهيون ٿو ڪري. ڪڏهن ناول ۾ هو پاڻ کي ايڪسپريس ڪرڻ چاهي ٿو، ڪڏهن تقرير ڪرڻ ٿو چاهي.... ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ٽڪجي ٿو پوي. جڏهن آئون جيل ۾ هوس، ايڏو ٽڪجي پيو هوس جو... پاليٽڪس پري جي ڳالهه آهي. اڇا، مون ڊائري لکي آهي، ان کي ايڊٽ ڪرڻو آهي، چار- پنج سؤ صفحا آهن. ٻيو منهنجو خيال هو ٽيپ تي لاهڻ جو، هينئر ته طريقو ئي اهو آهي. پوءِ جيڪي پوليٽيڪل مسئلا آهن، تن لاءِ پلي ته پنج سؤ سوالن تي ماڻهو ڳالهائي. ادا هي مسئلو آهي، هو مسئلو آهي- اِهي سڀ مسئلا ماڻهو ٽيپ ڪري ڇڏي ۽ پوءِ ڇپائي ڇڏي. اٺ سال جيل ۾ رهيو آهيان، سو سؤ مسئلا آهن. لطيف تي مون ٻه- ٽي چيپٽر لکيا آهن، اُهي اتي رهجي ويا، اڳتي ڪنٽينيو نه ڪري سگهيس. مون ريسرچ تمام گهڻي ڪئي، پڙهيو ڪيو، پر چاڪاڻ ته پنيان کوبه ماڻهو ڪونه هو پچڻ وارو... ته ڳالهيون گهڻيون آهن. ڪيئي ڪتاب لکياسون، گهڻيون ڳالهيون ڪيونسون، پر هتي کو ته ماڻهو هجي جيڪو انهن ڳالهين جي اهميت کي سمجهي ۽ ڪم ڪري. وري وياسون اڳتي- فلاڻي بيان ڏنو، فلاڻي بيان ڏنو....

شمشير: اهو ڪم ٻه ضروري آهي. هي جيڪي ڪم توهان ڪريو ويٺا، ان جي

پنهنجيءَ جاءِ تي وڏي اهميت آهي، پر ادب جو تہ نتيجو دير سان نڪري ٿو، پر هينئر بہ جيڪا فڪري سجاڳي آئي آهي، سا بهرحال لکتن مان آئي آهي. لکڻ واري جو بہ اهو رکارڊ آهي. اهو ماڻهو حيات آهي جيڪو پنهنجين لکڻين ۾ سمائجي ويو.

پليجو صاحب: اها ڳالهہ ٽي ويئي، هاڻي پهرين آئون وراڻي ڏيان ٿو. جيڪي ڪجهہ مون لکيو آهي سو ڇپجڻ کپي. ڪي شيون اردوءَ ۾ ترجمو ٿيڻ کپن. ترجمو هڪڙي ڪلچر کان ٻئي ڪلچر ۾ پهچي ٿو ۽ هڪڙي کان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ويچي ٿو. اسان جو احوال انگريزيءَ جا ماڻهو يا ٻين اهم ٻولين وارا سمجهي ڪونہ ٿا سگهن.

شمشير: سوال آهي تہ ڪهڙي ڳالهہ آهي جيڪا اسين دنيا کي ٻڌايون ۽ ڪهڙي ڳالهہ آهي جيڪا هتي ئي ٻڌائڻي آهي.

پليجو صاحب: ... انهيءَ ڳالهہ کان انڪار ڪونهي. هڪڙو دور هو جو اسان چيو تہ اردو نہ پڙهو- ۽ انهيءَ دور ۾ اها ڳالهہ ضروري آهي، صحيح هئي، ڇاڪاڻ جو ڪڏهن ڪڏهن "اٺهوند" بہ ڪم اچي ويندي آهي. آئون سمجهان ٿو تہ جيڪي ماڻهو اڙدو ڳالهائين ٿا يا جيڪي ان جي ڪلچر کان تمام گهڻو متاثر آهن، انهن جي ڪري هڪڙو ظلم اهو ٿيو آهي تہ اڙدو ڪلچر ۾ جيڪي جاگيرداريءَ ۽ شهنشاهيت جا خيال هائلي سافٽيڪيٽيڊ نموني، تمام سهڻي نموني سان پيش ڪيل آهن، تن جو زهر سڄي سماج ۾ ڦهليل آهي، پر اسين انهن کان بچي وياسين. ان وٽ جاگيرداري ايڈي هائلي ڊولپڊ ڪانہ هئي، اسين ايڈي ڏاڪي تي ڪونہ پهتا هئاسين. شهنشاهيت هئي ڪانہ. پوءِ تعليم نہ هئڻ ڪري بہ اهي زهريلا اثر نہ ڦهليا، اهي هتي ڦهلجي وڃن ها، مثال طور: ميرن جي زماني ۾ فاعلاتن- فاعلات هئي، جيڪي متاثر ٿيا سي مجرو وينا هٽندا هئا، پر اسين بچي وياسين. اسان کي "اٺهوند" ڪم اچي ويئي. پوءِ اسان وٽ ماڻهن اڙدو ٻولي پڙهي. اسان جي اديبن ان ڳالهہ کي روڪيو، ان جي افاديت انهيءَ حد تائين تہ نيڪ آهي. هاڻي هڪڙي ٻي ڳالهہ اسان جي خلاف وڃي ٿي، اها ڇا آهي تہ اسان جون ڳالهيون بلوچستان پهچن ڪونہ ٿيون، اسان جون ڳالهيون فرنٽيئر پهچن ڪون ٿيون ۽ پنجابي اسان جا هم خيال آهن، انهن تائين پهچن ڪونہ ٿيون. اسان جي ڳالهہ فقط سنڌ تائين پهچي ٿي. نتيجو اهو ٿئي ٿو تہ جيڪي رجعت پرست خيال آهن، اهي بلوچستان تي مارو ڪريو بينا آهن، فرنٽيئر تي مارو پيا ڪن. هاڻي هڪڙو وڏو اِيول (Evil) قسم جو ثقافتي اتحاد اسان جي خلاف ٿيو بيٺو آهي. اسين هڪڙو ننڍڙو جزيرو ٿي وبا آهيون، حالانڪ اسان جا خيال سيني کان ترقي پسند آهن، پر فقط سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي لکڻ جي حدبنديءَ ڪري اسين گهيرجي وبا آهيون. حالانڪ اهي ساڳيا ئي خيال اسين جيڪڏهن ٻاهر پهچايون تہ سنڌي ماڻهن جا وڏا احسان ٿين. منهنجو اهو عقيدو آهي تہ سنڌي ادب، سنڌي شاعري، سنڌي موسيقي ڦهلجي ها تہ سنڌ وتان پاڪستان جي معيار مطابق هڪ

اَلٹرنيٹ ڪلچر ملي ها- بلڪل آرٽ ڪلچر. هڪڙو بادشاهي ڪلچر آهي ۽ ٻيو اسان جو ڪلچر، جنهن جي نمائندگي اسين ڪريون ٿا. رياست جي باري ۾، ثقافت جي باري ۾، ڪلچر جي باري ۾ جيڪو جمهوري تصور آهي، ان جا علمبردار اسين آهيون، تنهن ڪري اسان جو ڪيس ڏار آهي ۽ ان جي ڪري اسان کي نقصان پهتو آهي ۽ انهن صوبن جي اڪثريت کي نقصان پهتو آهي جيڪي اسان جا دوست آهن، جيڪي سڪ ۾ چاهين ٿا. ان ڪري سڀ کان سخت ضرورت اڙدوءَ ۾ لکڻ جي آهي. اڙدو جي ذريعي ماڻهن کي ڪنٽرول ڪريون. ري ائڪشنري ڪلچر جي ڪابه جسٽيفڪيشن ڪانهي. پاور آف بئلنس انهن جي فائدي ۾ آهي ئي ڪونه. پاور آف بئلنس اسان جي فائدي ۾ آهي، پر ڇاڪاڻ ته هوليءَ جو هي سڄو معاملو ٿي پيو آهي تنهن ڪري اسين پاڻ ڪجهه ڪري ڪونه سگهيا آهيون.

هدايت: ته اهو ڪهڙو مڪنزم آهي جو اسان جي ڳالهه نٽي پهچي انهن ٽنهي صوبن ۾، ۽ رجعت پرستن جي پهچي وڃي ٿي؟ انهن وٽ ڪهڙي ڪميونيڪيشن آهي؟

پليجو صاحب: رجعت پرست جيڪي سنڌ ۾ لکندا، سو سنڌيءَ ۾ لکندا. پر سنڌي رجعت پرست اڙدوءَ ۾ به لکن ٿا. اسان جي سجاڳ ماڻهوءَ هن ڳالهه کي نظرانداز ڪيو آهي ته نئرو نيشنلزم جي ڪري تمام گهڻو نقصان ٿيو آهي. هڪڙي بزرگ هڪڙو فرمان جاري ڪيو آهي ته سنڌ جي سياست ڪريو. هن دنيا ۾ ان کان وڌيڪ جهالت وارو، ري ايڪشن ٻيو ڪونهي. اهو ڪم سنڌي ماڻهن کي ننڍ ۾ سمهارڻ، جهالت ۾ رکڻ ۽ ڏيڏر بنائڻ وارو آهي. هو سنڌ جي سياست ڪري ٿو ۽ هن جهڙو ڪو ٻيو خوفناڪ ماڻهو آهي ئي ڪونه. هن سڄو وقت ويهي رڳو سائيڪالاجيڪل هٿيار ٺاهيا آهن. اسان جا دشمن جيڪي غير سنڌي آهن ۽ اسان جا دشمن جيڪي سنڌي آهن، انهن جو هڪڙو ناجائز ۽ ناپاڪ اتحاد آهي. سنڌي ماڻهن جي خيالن کي قيد رکڻ، اهو هڪڙو خوفناڪ بارود آهي، اهو ڦهلجي وڃي ته وڏو خراب اثر ٿي سگهي ٿو. منهنجي خيال ۾ اسان جا بهترين افسانا، بهتر شعر، بهترين مقالا اڙدوءَ ۾ ترجمو ٿين. جيڪڏهن شمشير مڙسي ڪري ته جيڪي به اسان لکيو آهي، اهو اڙدوءَ ۾ ترجمو ڪري. ايياز آهي، ٻيا آهن ۽ مارڪيٽ ۾ لطيف جو ڪو چڱو ترجمو موجود نه آهي. هاڻ هڪڙو فيشن آهي ته ايياز جو ترجمو سنو نه آهي. ايياز قبول ڪرڻ شروع ڪيو آهي ته ادا، مون سنو نه ڪيو آهي، تڪڙ ۾ ڪيو آهي، ان ڪري سيني ۾ اها ڳالهه ڦهلجي ويئي آهي. ڏاڍو سنو آهي ۽ سڀ ماڻهو گهرن ٿا، پر مارڪيٽ ۾ آهي ڪونه. هينئر آغا سليم جو ترجمو آيو آهي، ڏٺو اٿئي؟ آغا سليم تمام سنو ترجمو ڪيو آهي، مون کي تمام وڻي ٿو، پر جيڪي اسان جي ڪم جا شعر آهن، اهي ان ۾ آهن ئي ڪونه. سڄو ترجمو ڪيو اٿس ٻين لاءِ. سو جنهن نموني سان لکيل آهي، سنو آهي، فرسٽ ڪلاس!

شمشير: ترجمو آئون بہ ڪريان پيو بادشاھ جو.

پليجو صاحب: اڇا، تون بہ ڪرين پيو! زبردست ڳالھ آھي، پر معاملو هي آھي تہ سرڪاري ڪامورا جيڪو ترجمو ڪن ٿا، اھو ائين ئي ٿيندو. انھن کي جيڪي شعر نٿا آئڻن، سي ڇڏي ٿا ڏين.

وہ بات سارے فسانے میں جس کا ذکر نہ تھا
وہ بات ان کو بہت ناگوار گذری ہے۔

باقي لطيف سائينءَ جا اھڙا شعر ڪيڊي پيش ڪريو تہ جماعت اسلاميءَ وارو ئي پڙھندو، واھ سائين واھ، ھو بہ ڪندا واھ واھ، سپ ڪندا واھ واھ. اھو ڪاربھر وارو ڏنگ منجھانئس ڪيڊي ڇڏيو، پوءِ سپ نيڪ آھي. شاعرن ۾ مفڪرن کي بہ ماڻھو اڳتي ھلي نيڪ ڪندا آھن. ھڪڙيءَ جاءِ تي ڪنھن تقرير ڪئي تہ ڪير ٿو چوي تہ حيدر بخش جتوئي ھڪ تنگ نظر انسان ھو يا انسانيت دشمن؟ حيدر بخش جتوئي ھرھڪ ماڻھوءَ سان محبت ڪندو ھو. ان وٽ ننڍي وڏي جو ڪوبہ فرق ڪونہ ھو، سينئي جو يار ھو، منھنجو بہ يار ھو، ھميشہ ايندو ھو، قرب ڪري مون وٽ اچي رھندو ھو. غلام حسين سومري بہ تقرير ڪئي، ھن ۾ ھُن بہ تقرير ڪئي. ماڻھو پلو ٿي ويو. جيئن حيدر بخش جتوئي کي پيش ڪيو ويو، ھو ايئين ھوئي ڪونہ. ھو جاگيردارن ۾ ظالمن کان سخت نفرت ڪندو ھو ۾ ھارين ۾ غريبن سان بي انتھا محبت ڪندو ھو. ان حساب سان حيدر بخش جتوئي حقيقت ۾ "خراب ماڻھو" ھو پر اھڙي نموني تقرير ڪيائون جو ھو "شريف ماڻھو" ٿي ويو! ماڻھو ھوندا رجعت پرست، سڃي زندگي ڪتن وانگر انھن جي پنڀان لڳندا، پوءِ جڏھن اھي مري ويندا آھن تہ انھن جا بت ٺاھي، سھڻا ۾ لسا گھڙي، گھرن ۾ رکندا آھن، انھن جو اصل "انقلابي جوھر" ڪيڊي، بي ضرر ٺاھي، سجائي رکندا آھن، اھو پروسيجر ٿئي ٿو. لطيف سائينءَ سان بہ اھو عمل ڪري سگھجي ٿو.

منھنجي نظر ۾ سنڌ ۾ ٻن ماڻھن ايڪسٽرا صحيح ڪم ڪيو آھي، ھڪڙو جويو، جيڪو پاڻ ويھي ڪتاب لکي سگھيو ٿي پر سڃو وقت رڳو ٻين کي وڌائڻ، ٻين کي ٺاھڻ ۾ لڳائي ڇڏيائين. جويي صاحب اھو ڪو ننڍو ڪم ڪونہ ڪيو، جنريشن جي جنريشن ٺاھيائين. ٻيو شمشير. شمشير جي پاڻ لکي ھا- تمام وڏو شاعر، جبل جيڏو، پر ھن ماڻھوءَ تحريڪ ھلائي. جيڪي تحريڪ ھلائين ٿا، انھن جو مانُ مٽانھون آھي. جيڪي انفرادي ڪم ڪن ٿا، اھي لوئر گريڊ جا آھن. ھڪڙي صاحب مون سان بحث ڪيو تہ تون فقط تنقيد ٿو ڪرين. مون چيو تہ ... جھڙو شاعر پاڪستان ۾ آيو آھي. ھن چيو تہ فيض آھي. مون چيو تہ فيض مشھور ڪونھي، ڇاڪاڻ جو فيض اڙدو ٻوليءَ ۾ لکي ٿو ۾ روسين کي اڙدو ٻولي جي خبر ڪانھي. پوليٽيڪلي ھو ويجھو ڪونہ ھو. ھي علائقو امپارٽنٽ ئي ڪونہ ھو، تنھن ڪري ان زماني ۾ جيڪي ڳالھيون ٿيون سي ھاڻ ڪونہ ٿيون ٿين، ٻيا بہ شاعر آھن. چيائين:

حيرت جهڙي ڳالهه آهي. مون چيو: ايڏا حيرت جهڙي ڳالهه ٻڌايائين؟ اها هيءَ ته انهن سيني شاعرن کان وڏو شاعر ايازُ آهي. ماڻهوءَ جي باريءَ ۾ نه پڇ ته ماڻهو ڪيترو ڪمزور آهي، شاعر سيني کان وڏو آهي، ان جي رينج وڏي آهي، ان جي پاپولرتي وڌيڪ آهي ۽ ان جو تصور اوچو آهي. ماڻهن انگريزيءَ ۾ ترجما ڏيڻ شروع ڪيا آهن، سنڌيءَ ۾ آهي، سولیءَ سنڌيءَ ۾. "جنگل ۾ مور ناچا، ڪس ني ديکا." خير، پوءِ پنهنجن شاعرن ۽ لطيف جي ڳالهه نڪتي. مون چيو: شاهه امام آهي، روحاني آمريت جي خلاف جدوجهد جي قافلي جو سالار آهي. برصغير ۾ شاهه کان وڏيڪ ڪو شاعر ڪونهي، روحاني آمريت جي خلاف علي الاعلان جنگ وڙهيو. لطيف وڏو شاعر آهي، هو انقلابي آهي. هنن ڏٺو ته هي انقلابي شاعر آهي، هن کي تبديل ڪيئن ڪجي؟ تنهن لاءِ ڪهڙا گڻ کپن؟ ته ٻيا ٻه- ٽي دوست هئا، پوءِ اها ڳالهه نڪتي، مشهور ٽي، لنڊن ۾ هلي، خاص طور تي اڙدو دوست آهن، پيارا اهل اڙدو، انهن چيو ته پليجو شاونسٽ آهي جو ايازُ ۽ لطيف جي ڳالهه ٽوڪري. تقرير ٽوڪري ته ان ۾ لطيف جا شعر ٽو پڙهي. *"پلیجو نے بدعت شروع کی ہے۔ تقریر اردو میں، شعر ایاز اور لطیف کے پڑھتا ہے۔"* تقرير آئون اڙدوءَ ۾ ڪريان، پر شعر پڙهان لطيف ۽ ايازُ جا، ته چون هي شاونسٹ آهي.

ڪوڙ، نااتڪ ۽ منافقيءَ جو ڏنڏو جيسين بند نہ ٿيندو، تيسين سنڌ جو ڪوبہ مسئلو حل نہ ٿيندو.

انٽرويو: مدد علي سنڌي/پندرنهن روزه عبرت مئگزين، 1 سيپٽمبر 1987ع

عبرت: پليجا صاحب! اڄڪلهہ سنڌ جي اتحاد لاءِ وڏيون ڪوششون هلن پيون ۽ هڪ ڪميٽي پڻ ان سلسلي ۾ ٺهي چڪي آهي. ڇا اوهين ٻڌائيندؤ تہ سنڌ جي مسئلن کي حل ڪرائڻ جي راهہ ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ ڪهڙي آهي؟

پليجو صاحب: مسئلن جي راهہ ۾ جيڪا رڪاوٽ آهي، اها آهي سياسي ماڻهن طرفان سچي ٻالهہ کي جيئن آهي تيئن نہ ڪرڻ ۽ سڏي ٻالهہ ڪرڻ بدران ڪوڙ ڪرڻ، منافقي ۽ مڪاري ڪرڻ، نااتڪ ڪرڻ! سنڌ سان وڏي ۾ وڏو مسئلو ڪوڙ جو آهي. ڇڪا ماڻهو، ڏسڻا وائسڻا ماڻهو، جيڪو واقعو ٿيندو، ان بابت آرام سان ڪوڙ ٻالهائي ويندا، معنيٰ تہ ڪوڙ ٻالهائڻ اسان جي سياست ۾ عيب ڪونهي. اسان جي ٻهراڙيءَ ۾ اسان جو هڪ مائٽ آهي، ان کي سڏيندا آهن يعقوب ڪوڙو. جڏهن ان بابت پڇا ڪئيسين تہ اهو ڪوڙو ڪيئن ٿيو، تہ خبر پئي تہ ڪنهن زماني ۾ فلاڻي ماڻهوءَ جي ٻڪئون چوري ٿي ويئي، جنهن تي جڏهن ويساهہ گهريائون تہ هن ويساهہ ڏنو تہ ٻڪئون سندس پائيٽي وٽ ڪانهي، پر بعد ۾ معلوم ٿيو تہ واقعي سندس پائيٽي چوري ڪئي هئي، ان ڪري ويساهہ جو ڪوڙو ڏنائين تہ سموري حياتي ماڻهن سندس ويساهہ نہ ورتو. ٻهراڙين ۾ اهو دستور آهي تہ ڪنهن بہ هڪڙي ماڻهو ڪڇهري يا راڄ ۾ ڪوڙ ٻالهايو تہ ان جو وري ويساهہ ڪڏهن بہ قبوليو نہ ويندو آهي، پر هتي تمام وڏي پيماني تي، بنيادي اصول آهي تہ ماڻهو عوام سان سياسي ڪوڙ ٿو ٻالهائي. پنهنجو پاڻ ۾ ڪوڙ ٻالهائين تہ خير آهي، پر عوام کي ٿوٿل ڪوڙ ٻڌائبو، ٿوٿل ڊرامو ڪبو، ٿوٿل منافقي ڪبي، ٿوٿل مڪر ڪبو ۽ ان ۾ ذري بہ قسم جو حياءُ ۽ شرم يا فضيلت ناهي، ان ڪري سنڌ ۾ يا پاڪستان ۾ جيڪو سمورو بحران آهي، اُهو آهي سياسي فضيلتن ۽ اخلاقن جو نہ هجڻ، يعني هڪڙو بم هڻي چڏبو، بيحيائيءَ سان بم هڻي چڏبو، ان ۾ ذري بہ فضيلت نہ ڏسبي تہ ماڻهو ڇا چوندا. ٺيڪ آهي، هڪڙا ماڻهو جيڪي اُتي نہ هوندا، تہ اهي متاثر ٿي ويندا، پر جيڪي موجود هوندا، اهي تہ سمجهي ويندا تہ فلاڻو ڪوڙ وينو ٻالهائي، يا آئون جنهن ماڻهوءَ بابت ڪوڙ هڻندس، ان بابت ٿي سگهي ٿو تہ آئون ماڻهن کي برغلائي ويجان، پر جنهن بابت آئون ڪوڙ هڻندس، ان جي نظرن ۾ تہ ڪِري پوندس ۽ ڪيس خبر پئجي ويندي تہ هي ڏسڻو وائسڻو ماڻهو ڪوڙ وينو هڻي، تہ ٻئي پيري آئون ڪٽي ڪيترا بہ قسم ڪٽان، سُنهن

کٹان، سنڌ لاءِ روئان، رڑان، اوچنگارون ڏيان، پر هن ماڻهوءَ کي خبر آهي ته هي ماڻهو منافق، مڪار، بدمعاش ۽ چور آهي، هن ماڻهوءَ سمورو ڊرامو ڪيو آهي. انگريزيءَ ۾ چوندا آهن ته، "هڪڙو ماڻهو گهوڙي کي پاڻيءَ تي ته وٺي وڃي سگهي ٿو، پر سئو ماڻهو به گهوڙي کي پاڻي پيئڻ تي مجبور نٿا ڪري سگهن." ان ڪري سياست ۾ مڪاريءَ جو جيڪو مسئلو آهي، هڪڙي ڀالهه ڪري ٻئي ڏينهن ڦري وڃڻ، هڪڙو اهو بنيادي مسئلو آهي. ڪوڙ، منافقي، مڪر، ڊرامو، ناٽڪ ۽ عوام سان ڪوڙ ڀالهائڻ، عوام سان ڊرامو ڪرڻ، سنڌي عوام سان مڪر ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل هڪ ٻيو به مسئلو آهي ته کو ماڻهو هڪ ڏينهن چگو ڪم ڪري، مثال طور: آئون ست سال جيل ۾ رهيو آهيان، هاڻي ان ست سال جيل جي آڌار کي سَند بڻائي، آئون وري ايندڙ سترهن سال ماڻهن جي مٿي پليت ڪريان ۽ انهن سمورن آدرشن سان غداري ڪريان، جن جي خاطر مون ست سال جيل ڪاٽيو. ان کي سَند طور استعمال ڪريان! ائين ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن جي خلاف برائيءَ کي به استعمال ڪيو ويندو آهي، پر عوام جي خلاف جيڪو خوفناڪ هٿيار آهي، اهو آهي گذريل چگائيءَ کي اڄ جي چگائيءَ خلاف هٿيار طور استعمال ۾ آڻڻ ۽ اڄ جي برائيءَ جي تائيد ۾ استعمال ۾ آڻڻ: اهو به سنڌ جي سياست ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. ڪالهه جي ٿوري چگائيءَ کي اڄ جي وڏي خوفناڪ جرم، سياسي ۽ قومي جرم ڪرڻ لاءِ هڪ لڪ ۽ ڏال طور استعمال ڪرڻ! اهي به بنيادي ڀالهيون آهن. منهنجي خيال ۾ عام سياستدانن ۾ ڪو ورلي سياسي ماڻهو هوندو، جيڪو پيشيَور ڪوڙو نه هوندو ۽ منهن تي ڪوڙ ڪري وڃڻ.... جيڪو سڃو ڏينهن ڪوڙ نه ڪري، ڊراما نه ڪري، ته اهڙا ماڻهو ٿورڙا هوندا. مثال طور: ممتاز علي ڀٽو آهي يا ڀٽي صاحب (ذوالفقار علي ڀٽو) اتفاق سان مون سان ڪڏهن ڪوڙ نه ڀالهايو. ماڻهو چوندا هئا ته ڊپلوميٽڪ آهي. هڪ پيرو مون کيس چيو ته، "سنڌي ٻولي قومي ٻولي ڪريون." ته چيائين، "ڪونه ڪنداسين." مون چيو، "ڇو؟" ته چوڻ لڳو ته، "پنجاب وارا پنجابيءَ کي قومي ٻولي نه ڪندا، بلوچستان وارا ۽ سرحد وارا به ڪونه ڪندا، ان ڪري سنڌي ماڻهو رهجي ويندا، ان ڪري ٿي ڪونه سگهندو." تاريخ ان ڀالهه کي صحيح ثابت ڪيو، پر هو ڪوڙ ڪري سگهيو ٿي ته سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي ڪنداسين، پر هن ائين نه ڪيو. مثال طور: ممتاز ڀٽو آهي، جنهن ۾ وڏيرڪيون، جاگيرداراٽيون فضيلتون مون ڏٺيون آهن. جنهن ماڻهوءَ سولائيءَ سان ڪا اهڙي ڀالهه نه ڪئي هوندي، ڪئي هوندائين ته ڪيس حياءُ پيو هوندو ته مون فلاڻي ڀالهه ڪئي آهي، جنهن تان هو ڦرندو ڪونه. باقي سياستدان جيڪي آهن، انهن ۾ ڪي خراب آهن، ته ڪي چگا آهن، پر مجموعي طرح رڳو ڪوڙ! ڪي ماڻهو ته اهڙا آهن، جن تي ٻڪريءَ جو به ويساهه نٿو ڪري سگهجي، اصل ڪڪڙ جو به ڪوڙو ويساهه ڏيئي ويندا! رڳو ڪوڙ وٺا ڪن. هاڻي اهو جيڪو ڏنڊو آهي، اهو جيستائين بند نٿو ٽٽي، تيستائين اوهين پلي هزارين فلسفا ۽ دليل

ڏيو. مسئلو حل نہ ٿي سگھندو. منھن منھن تي ڪوڙ، روبرو وينا ھونداسين، ڳالھ چوندا، پوءِ چوندا تہ اسان ائين چيو ئي ڪونہ! ان ڪري آءٌ دوستن کي چوندو آھيان تہ خدا ڪري پاڻ وٽ ہ- تي سليماني ٽوپيون ھجن، تہ پوءِ ھي جيڪي اسان جا ڪامريڊ اندر ٿا گڏ ٿين، اھي ڳالھيون اھي ٽوپيون پائي ٻڏو تہ ھو ڇا ٿا چون، مثال طور: ھي جيڪو اتحاد جي اندر ويھي ڳالھ ڪريون ٿا، ان ۾ اندر ويھي ڪي ماڻھو اھڙيون تہ ڳالھيون ٿا ڪن، جو سنڌ جا ماڻھو اھي ٻڌن تہ ٻئي ڏينھن کين ڏڪا ڏيئي ڪيڏي ڇڏين. ٻاھر تہ عالیشان فضيلت، عالیشان ماڻھو، سنڌ، سنڌ، سنڌ، سنڌ، پر اندر جيڪا ڳالھ آھي، اھا تہ ماڻھن کي خبر ئي ڪانھي.

عبرت: اوھان ھينئر سياسي سچ جي سلسلي ۾ ڪجھ نالا وٺي مثال ڏنا، پر سياسي ڪوڙ جا نالا وٺي مثال نہ ڏنا. مھرباني ڪري ڪجھ سياسي ڪوڙن جا نالا ونڊ پسند ڪندؤ؟

پليجو صاحب: مثال طور: ڪي ماڻھو آھن اسان وٽ، "ابا! سنڌي اتحاد ۾ گڏ ٿيندؤ؟" چي: "ھا! شاباس! آفرين! مبارڪون! سنڌي اتحاد ۾ گڏ ٿا ٿيون." پر اندر دروازا بند ڪري وڃ تہ خبر ٿي پوي تہ، "سنڌي اتحاد تہ ڪونہ ٿو ڪپي، پر ان ۾ اڙدو دان وٺي اچو، پنجابي وٺي اچو، فلاڻا وٺي اچو. اتحاد خالص سنڌين جو ڪرڻو ناھي." ٻاھر سنڌي اتحاد جون ڳالھيون پيا ڪندا، علمبردار ٿيو پيا ڦرندا، پنڌيون پيا ٽپرائيندا، جھنڊا ھٿن ۾، ڊوڙندا اچن، اندر اچن تہ "فلاڻي کي وٺي اچو، فلاڻو سياسي اڳواڻ آھي اسان جو، اھو ڪاھي اچو، اھو اچي سنڌي سياست مٿان سوار ڪريو، تڏھن اتحاد ڪنداسين!" پر ٻاھر مڪر، تہ سنڌي سياست لاءِ جدوجھد پيا ڪريون! اندر سنڌي سياست پاڪستان سطح جي ڪپي، فلاڻو منشور ناھيو، پوءِ جيڪو ان تي راضي ٿئي، اھو اچي؛ معنيٰ تہ اتحاد ۾ سنڌين کان سواءِ ٻيا اچن، معنيٰ تہ سڀ کان پھرين سي- آءِ- ڊي جا ۽ ٻيا ماڻھو ايندا. ڪھڙو ناھہ آھي، جنھن تي سي- آءِ- ڊي وارا راضي نہ ٿيندا؟ ٻاھر فقط اتحاد جون ڳالھيون! فيصلي جو ڏينھن ٿيندو تہ ايندا ئي ڪونہ! مثال طور: جيڪڏھن منھنجو جنرل ضياءُ الحق سان ناھہ آھي تہ نيڪ آھي، پوءِ اھا ڳالھہ صاف ٿيڻ گھرجي، پوءِ اھا ڳالھہ چوڻ گھرجي تہ، "ادا ضياءُ الحق صحيح آھي، آئون سرڪار جي مخالفت ڪونہ ڪندس." بھرحال کي ڪي جنرل چڱا ھوندا آھن، جھڙوڪ جنرل ناصر ھو، فوجي ماڻھو ھو، اتاترڪ ھو. فرض ڪريو تہ منھنجي دماغ ۾ اھو ٻہ ڏيڏر ويھي رھي تہ جنرل ضياءُ الحق جھڙو ڪو ٻيو چگو مڙس ڪونھي، تہ پوءِ اھا ڳالھہ چوڻ گھرجي، تہ آئون جنرل جو اتحادي آھيان، پر ان جي بدران يعني، مگر، چونڪ، چنانچہ، فلاڻو تعين ڪريو، فلاڻو نظام، فلاڻي بينڪيت، عربي، فارسي، مڪر، منافقيون، بدمعاشيون، چالاڪيون، عياريون، پر سڌي ڳالھہ نہ ڪرڻ يا اھو نہ چوڻ تہ، "بابا، ضياءُ الحق سنو ماڻھو آھي، اسان جي ڊيوٽي لڳل آھي تہ فلاڻن ماڻھن سان وڙھنداسين، پر حڪومت خلاف آڳر ٻہ نہ ڪٽنداسين." پر ان جي بدلي

سنڌي ماڻهوءَ سان منافقي ڪرڻ!

عبرت: اوهين سنڌي اتحاد جي سلسلي ۾ اڳيرائي ڪرڻ ۾ اڳيان رهيا آهيو، تہ ڇا مهرباني ڪري اهو ٻڌائيندؤ تہ اهو اتحاد ٿي سگهندو يا نہ؟

پليجو صاحب: انهيءَ ڳالهہ جو پهريون جواب اهو آهي تہ ان ۾ تعين اهو ڪرڻو آهي تہ ڪاميابي ڇا کي ٿا چون؟ ڪاميابي ڪن حالتن ۾ چئن- پنجن ماڻهن کي گڏ ڪري ويهارڻ جو نالو ناهي، جيئن مون چيو تہ 10- 15 ماڻهن کي گڏ ڪري تہ ويهارجي، پر اهو اتحاد هلي ڪيئن ٿو، ڇا ٿو ڪري، تہ اهو بعد جو سوال آهي. اهو ائين آهي جو ڪنهن گهوڙي کي پاڻي پيارڻ لاءِ درياهہ تي تہ وڻي وڃجي، پر اهو گهوڙو پاڻي پيئي يا نہ، اها سندس مرضي آهي. منهنجي خيال ۾ اتحاد جو ڪم تمام ڏکيو ۽ پيچيده آهي. سنڌي اتحاد جي راهہ ۾ وڏيون طاقتور رڪاوٽون ۽ پهاڙ آهن، جوتہ سنڌي ماڻهن جي اتحاد سبب ڪيترن ئي پيل پاون جا پيل پاوا پڄي پوندا، وڏن وڏن ماڻهن جون ڪائناتون پرزا پرزا ٿي پونديون. سندن مستقل مفاد اهوئي آهي تہ سنڌي ماڻهن کي ڇڙوچڙ رکجي. سنڌي ماڻهن جي ڇڙوچڙ هئڻ ۾ ڪيترن اشراف ماڻهن جا فائدا آهن. ان سموري ڳالهہ جي سلسلي ۾ جيڪا پيش قدمي ٿي آهي، اها سواءِ چند ماڻهن جي، جن جو مفاد سنڌي ماڻهن جي ڇڙوچڙ هئڻ ۾ آهي يا سندن لاءِ سنڌي ماڻهن جو اتحاد موت جي وارنٽ برابر آهي، يا جيڪي ٻين کي ٻول وچن ڏيو وينا آهن، پنهنجا ننگ وڪڙيو وينا آهن، اتحاد سبب انهن ماڻهن جي تہ نوڪري هلي ويندي، سندن کاڌا پيتا بند ٿي ويندا. بهرحال اسان کي اتحاد جي سلسلي ۾ جوش واري موٽ ملي آهي. سنڌ جو ٻچو ٻچو يا جيڪو بہ ماڻهو جنهن پارٽيءَ ۾ آهي، ان جي اها بنيادي آرزو آهي تہ سڀ گڏ ٿين. بنيادي ڳالهہ اها آهي تہ سنڌ ۾ ڪابہ اهڙي ڏر ڪانهي، جيڪا اڪيلي سر سنڌ جي دشمنن سان وڙهي سگهي، انهيءَ ڪري اها ڳالهہ سڀني سنڌين محسوس ڪئي آهي تہ گڏيل جدوجهد ڪئي وڃي، انهيءَ ڪري ماڻهن جو شاندار ردِعمل مليو آهي. اسان کي اتحاد جي سلسلي ۾ ڪاميابي ملي آهي. لکها ماڻهو هڪ سڀي اميد رکي، هڪ نئين جوت جاڳائڻ لاءِ انتظار ۾ وينا آهن.

عبرت: تازو مڃيءَ ۾ اوهان تي ٽيل حملي بابت خبرون عام ٿيون. هڪڙن جو چوڻ هو تہ اوهان تي قاتلاڻو حملو ٿيو آهي، جڏهن تہ ٻين جو اهو موقف هو تہ خود اوهان جي ماڻهن گوليون هلايون، انهيءَ بابت اصل حقيقت ڪهڙي آهي؟ مهرباني ڪري اسان جي پڙهندڙن کي انهيءَ اصلي صورتحال کان آگاهہ ڪندا. ڇا انهيءَ واقعي سبب اتحاد جي ڳالهين کي نقصان پهچڻ جو تہ انديشو ڪونهي؟

پليجو صاحب: ان سلسلي ۾ وري بہ ڳالهہ سچ ۽ ڪوڙ جي اچي ٿي وڃي. ڏسڻا وائسڻا ماڻهو، بي شرمي ۽ بي حيائيءَ سان، جنهن نموني ڪوڙ وينا ڳالهائين، آئون اهو ڏسيو عبرت ۾ پئجيو وڃان. بهرحال، ڳالهہ هيئن ٿي شروع ٿئي تہ اتحاد جي

سلسلي ۾ مليا سين، وري قمبر ۾ ورسي ٿي، جتي مون چيو ته اسين سنڌ هاري ڪميٽيءَ کي هڪ ڪاغذي جماعت ٿا سمجهون، ڇاڪاڻ ته ڪامريڊ جي مرڻ بعد ان جي ڪا حقيقت ناهي رهي، اها فقط اخبارن تائين زنده آهي. فاضل راهوءَ جو چاليهو ٿيو ته اخبارن ۾ ان جون ٽي ستون مس ڇپيون، پر ان جي مقابلي ۾ سندن هڪ ماڻهوءَ جي نعري جا شاندار پروگرام ڇپيا. استار وغيره ۾ انهن جا ماڻهو وينا آهن. ڪن ماڻهن عوام ۾ ڪم ڪرڻ بدران فقط صحافين تي ڪم ڪيو آهي، سندن ڪل ڪائنات اخبارون آهن، خبرون ڇپرايو، انهن جون ڪٽنگون ڪريو، مٿي موڪليو ڇڏين. سندن ڪارڪردگي اها آهي ته وڏين اخبارن ۾ خبرون شايع ڪرائي، مٿي ڏياري موڪلين، پوءِ الائي ڪين مال ٿا ملن يا ڇا ٿو ملي، بهرحال سندن زور اخبارن تي آهي. سو چمبڙ ۾ چيم ته سنڌ هاري ڪميٽي هن وقت ڪاغذي تنظيم آهي، پر ان جي باوجود اسين ڪين ذميواري ٿا ڏيون ته اها سنڌي ماڻهن جي اتحاد جو سڌ ڏئي، متان ائين نه سمجهو ته رسول بخش پليجو سپ ڪم پاڻ ٿو ڪرڻ گهري. بهرحال ميٽنگ ٽيڻ شرط هنن پنهنجي پراڻي عادت موجب، ڄام ساقي پنهنجي دستوري عادت موجب ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. بيان ڏيارڻ شروع ڪرايائين ته فلاڻي پارٽي پليجي جي ڪري نه ٿي اچي، يا فلاڻي پارٽي نه ايندي ته اتحاد ٿي نه سگهندو. مطلب ته هن جيئي سنڌ ۾ اسان جي اختلافن کي بليڪ ميل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. هاڻ سنڌي اتحاد ڇٽو ۾ هي لڳي ويو پنهنجي ڪم کي! "سنڌ هاري ڪميٽي! سنڌ هاري ڪميٽي! سنڌ هاري ڪميٽي!" مطلب ته ڪنهن کي به پهرين اتحاد ميٽنگ ۾ دعوت ڪونه ڏنائون، بادي ناهڻ، ڪميٽي ناهڻ، هن کي ونڊي اچڻ وغيره، مطلب ته پنهنجي اها اصلي ڪارروائي شروع ڪري ڏنائون ته منهنجي ڪري سموري پاڪستان ۾ انقلابي پارٽي ختم ٿي ويئي آهي، ماڻهن دانهون ڪيون، مثال طور: پيپلز پارٽيءَ کي دعوت نه ڏيڻي هئي، ٻين کي دعوتون ملڻيون هيون، ڪونه مليون. بهرحال، گڏ ٿياسين ته سوال پيدا ٿيو ته هيءَ سنڌي ماڻهن جي گڏجاڻي آهي، ڇاڪاڻ ته اسان طبقاتي ماڻهو آهيون. ڄام ساقي ۾ ڊاڪٽر ارباب صاحب انهن ٻنهي پائرن جو رَويو اهو هو ته سنڌي ماڻهو اڪيلي سر ڪجهه به نٿا ڪري سگهن، انهن جا مخصوص مسئلا آهن، ان ڪري سنڌي ماڻهن جو اتحاد ٿي نٿو سگهي، پوءِ ان جي حمايت ۾ "لينن هيئن ٿو فرمائي، مارڪس زماني خلاف ٿو فرمائي، ڪنهن سبب جي ڪري فلاڻي آيت، فلاڻي آيت." مطلب اهو ته فلاڻي کي ان اتحاد ۾ آڻيو. اصل ميٽنگ ڪرڻ ئي ڪونه ڏنائون، سمورو وقت اِهي ڳالهيون ڪندا رهيا، پوءِ وري دستاويز ناهيوسين، دستاويز ناهي جويو صاحب جي حوالي ڪيوسين، وري ڪميٽي ناهيسين. بهرحال، ارباب ۽ ڄام ساقي فقط "اسين طبقاتي! اسين طبقاتي!" چوندا رهيا! وري گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ ٿر جو به ذڪر نڪتو، ان کان اڳ مون "جنگ" اخبار کي انٽرويو ڏيندي ڏڪار جو ذڪر ڪيو ته چيائون ته علائقائي مسئلا، علائقائي

مسئلا آهن ۽ مرڪزي مسئلا، مرڪزي مسئلا آهن، پهرين قومي مسئلا حل ٿين ته علاقائي مسئلا پاڻمرادو حل ٿي ويندا، ته مون چيو ته علاقائي مسئلا دراصل قومي مسئلا آهن. هي ماڻهو علاقائي مسئلن کي نٿو سمجهي. اها پارٽي قومي پارٽي ناهي. اصل ۾ قومي پارٽي آهي ئي اُها، جيڪا بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب جي مسئلن کي کڻي. ان بعد لاڙڪاڻي ۾ منهنجو جلسو ٿيو. اتي به مون چيو ته سمورين پارٽين کي گڏجي آل پارٽيز ٽر ڪانفرنس ڪوڻائي وڃي. اسان جي شروع کان وٺي اها ڳالهه رهي آهي ته سڀ گڏجي ڪري ڪم ڪريون. هڪ ڄڻو ضد ڪري لٽ ٻڌي بيهي رهيو. اها ليڊريءَ جي جيڪا بک آهي، حوس آهي، مذهبي ملاپڻي وارو سلسلو، "آئون! آئون! آئون!" سنڌي قوم پئي تباهه ٿئي پر "آئون! آئون!" برقرار! اصل ۾ "آئون! آئون!" جڏهن کان اسان جي سياست ۾ پئي آهي، تڏهن کان خرابي شروع ٿي آهي. بهرحال، ٽر ڪانفرنس جي ڳالهه ڪيم ته يڪدم اخبار ۾ خبر ڇپي ته فردِ واحد پارٽي، فردِ واحد جناب معصوم ٽري ٽر ڪانفرنس ڪوڻائي آهي. مون مير ٿيبي کي چيو ته اهو مسئلو ڪنهن هڪ جو نه پر سمورن جو مسئلو آهي، سنڌ جو مسئلو آهي، ان کري ڳالهه ٽرين جي آهي، سندن اذيت مان پنهنجي سياسي دڪانداري چمڪائڻ جو سلسلو نه ٿيڻ گهرجي، پر آل پارٽيز ٽر ڪانفرنس ڪوڻايون ٿا. بهرحال، ڪجهه به نه ٿيو ۽ بعد ۾ هڪڙي ميٽنگ ڪوڻائي، همیشہ وانگر بليڪ ميلنگ ڪري، يعني ڏيڍ سئو ماڻهن جي ميٽنگ ڪوڻائي، پر ان کي هن انٽرنيشنل... ڪراچيءَ ۾ سنڌ بچايو ڪانفرنس ڪوڻايائون، ان ۾ ڏهه ماڻهو وينا هئا. انٽرنيشنل ٽر ڪانفرنس جو اعلان ڪيائون ته بينظير ڀٽو ايندي، رسول بخش پليجو ايندو. هاڻ اها بي ڳالهه ته اسان کي دعوت ملي به ڪانه! همیشہ اهو لڏو ائين ڪندو آهي، ڇاڪاڻ ته دعوت ڏيندا ته ماڻهو پڇندا ته ڳالهه ڇا آهي، ڪير ٿو ڪري، ڪيئن ٿو ڪري، پر ائين ڪونه ڪندا، بليڪ ميلنگ ڪندا: "ملڪ تباهه ٿو ٿئي، سنڌ تباهه پئي ٿئي، پليجو ڊڄي ويو. پليجي ملڪ تباهه ڪري ڇڏيو!" پوءِ سموريون دشمن قوتون، سموريون سنڌ دشمن اخبارون گڏجي سر ملائي انهن جو ساٿ ڏيندیون. بهرحال، اسين جڏهن به ڪنهن ڳالهه ۾ شريڪ ٿيندا آهيون ته گڏجي شريڪ ٿيندا آهيون، پر ڪي ماڻهو اڪيلا ويندا آهن، جوته جيڪڏهن مدد علي سنڌيءَ جي دعوت آهي، ان ۾ اڪيلو ويجبو، ڇاڪاڻ ته مدد علي سنڌيءَ جي دعوت آهي ته ان ۾ 5 ماڻهو وٺي وياسين ته هن جي لئي ٿيندي نه، ۽ ان ڊپ کان ته متان مدد عليءَ جو ٻين سان رابطو ٿئي، شيئر ٿئي، ان کري هٿ نه وڌائيو، پر پنهنجو اهو طريقو ڪونهي. چمبڙ وياسين ته به ماڻهو وٺي وياسين. هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن کي چيوسين ته ان ۾ شرڪت ڪريو. اهوئي ذهن ۾ رکندي جڏهن مٺي پهتاسين ته اتي ڏٺوسين ته سئو ماڻهو وينا هئا، اتي فقط هڪ تنبو لڳو پيو هو، حالانڪ مون کي ڪنهن ماڻهوءَ ٻڌايو ته لکها روپيا چندو ٿيو آهي. ڊي- ايس- ايف وارا لڳا پيا هئا، پنج- پنج سئو جا

ڪارڊ ڇپرايائون، جنهن تي رسيد نمبر ۽ نہ لڳو هو. بهرحال، اتي پهتاسين، وياسين استيج تي تہ ڊي- ايس- ايف وارا ڇوڪرا اُتي بيٺا هئا. ڇيوسين تہ بابا هيءَ ڊي- ايس -ايف وارن جي دعوت تہ ڪونهي، هيءَ تہ معصوم ٹريءَ جي دعوت آهي، هي وري ڪٹان پيدا ٹيا آهن؟ اسان کي ڏسندي پري کان چيائون تہ "ڊسيپلين قائم ڪريو- ڊسيپلين قائم ڪريو!" چا ۾ ڊسيپلين قائم ڪريون! آيا آهيون ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ.... بهرحال، استيج تي آياسين تہ استيج تي زوريءَ قبضو ڪيائون. آئون امداد چانڊئي کان پڇڻ گهران ٿو، جنهن بابت هن وڏي پروپيگنڊا پئي ڪئي آهي تہ هن جهڙو شريف ماڻهو دنيا ۾ ڪونهي. امداد جيڪو ڳالهائي ٿو، اهو وات مان فقط سچ ۽ نور پيو ڳالهائي، اهو امداد چانڊيو اڄي بيان ڏئي تہ آيا اسان واقعي پليجي کي استيج تان لاهي ڪونہ ڇڏيو ۽ ڪيس اهو نہ چيو تہ استيج تان لهي وڃي؟ گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ خبر پئي تہ امداد چانڊيو چا آهي. بهرحال، اسين موٽي وياسين، تہ ٿوريءَ دير کان پوءِ اطلاع آيو تہ معصوم ٹري شراب پيو وينو آهي، جنهن کي ڊي- ايس - ايف وارن مار ۽ ڪڍي آهي. بهرحال، اسان جڏهن ٻڏو تہ معصوم ۽ اتي موجود ڪونهي، تہ چيو تہ بابا هي پنهنجو ڪاڄ آهي، انهيءَ ٽلهي ڳالهہ کي بنياد نہ بڻايو، اڇو تہ موٽي هلون. دوستن چيو تہ ڪيئن هلون. بهرحال، بعد ۾ ڪانفرنس ۾ تقرير ڪندڙن جي لسٹ ناهي وئي. اسين اهو سوال ٹا ڪريون تہ اها ڳالهہ طئي شده هئي، شاهہ محمد شاهہ ٻڌائي تہ تقرير ڪرڻ مهل ڪو جهيڙو هو؟ چا اتي زبردستي ڪارروائي پئي هلي يا ڪو زوريءَ قبضو هو؟ اها بي ڳالهہ آهي تہ معراج محمد خان پنهنجا ماڻهو موڪلي سموري منيءَ ۾ اها چاڪنگ ڪرائي ڇڏي تہ ديهي سنڌين ۽ شهري سنڌين کي ويڙهايو پيو وڃي. اها چاڪنگ ٹي ۽ پمفليٹ لکرائي ورهايائون، "ديهي سنڌيون کو لڙايا جا رها هي." ڇوتہ مون مخالفت ڪئي هئي تہ هاڻ هي سهي سنيري، باقاعدي سازش ڪري اڇي ويٺا هئا. پنڊال ۾ ڏٺوسين تہ اسان جا جيئي سنڌ وارا دوست ۽ ويٺا آهن. جيئي سنڌ وارا جتي ۽ ويندا آهن، اتي فساد ڪندا آهن. ڪراچيءَ ۾ بينظير کي تقرير ڪرڻ نہ ڏنائون. مقصد تہ هنن کي هدايتون مٹان مليل آهن تہ ڪنهن ۽ سنڌيءَ کي تقرير ڪرڻ ناهي ڏيڻي، سنڌ بابت جلسو ڪرڻ ڏيڻو ناهي، سنڌ بابت ڪابہ ڳالهہ ناهي ڪرڻ ڏيڻي، نہ اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٹين ۾ ڪرڻ ڏنائون. سنڌي ماڻهن تي مارشل لا کان پوءِ ۽ مڪمل مارشل لا رهي آهي. ڪنهن کي ڳالهہ ناهي ڪرڻ ڏيڻي، جيڪا ڳالهہ ڪندا، اهي پاڻ ڪندا. سنڌ جي ماڻهوءَ تي ايوب ۽ جيڪا مارشل لا نہ هٹي سگهيو، ايوب پاڻ کي ماٹ ڪرائي سگهيو؟ ايوب جي فوج ۽ پاڻ کي ماٹ نہ ڪرائي سگهي. اهي دوست ۽ موجود هئا. اهي دوست جڏهن هوندا آهن تہ گوڙ ڪندا آهن، ان ڪري مون سان ۽- چار گاڙ گڏ هوندا آهن.

بهرحال، جلسي ۾ امداد چانڊئي تقرير ڪئي تہ ٻاهران ترڪ تان "جيئي پٹو" جا

نعرا لڳا، ته امداد چانڊئي ۽ هنن جو دوبدو مقابلو ٿيو. هو نعرا هڻن ته امداد چانڊيو جواب ڏي. ان ڪري آئون وري به امداد چانڊئي کي چوان ٿو ته اي ايماندار شخص! اي سچا سنڌي! اي پيارا انقلابي! تون بيان ڏيئي حق ڳالهه ڪر ته تنهنجي تقرير دوران اي- اين- پي وارن نعرا هنيا يا "جيئي پٽو" جا نعرا لڳا، ۽ تو هنن کي ڪهڙا جواب ڏنا. جيڪڏهن اهي نعرا اسان جي ماڻهن نه پر پيپلز پارٽيءَ وارن هنيا، ته پوءِ جڏهن هو اخبارن ۾ ڪوڙو بيان ڇپيو ته امداد چانڊئي جي تقرير دوران عوامي نيشنل پارٽيءَ وارن رڪاوٽ وڌي، ته پوءِ تو تقرير ڪرڻ جي زحمت فرمائي، تنهنجي اخلاق ۽ ضمير توکي مجبور ڪيو ته تون ان جي تردید ڪرين، تو پنهنجو اخلاقي فرض سمجهيو. مسئلو اخلاق جو آهي، مسئلو سياسي اخلاق ۽ ايمانداريءَ جو آهي. اهي ماڻهو معمولي فائدن لاءِ ڪوڙ ٿا ڳالهائين. بهرحال، معراج محمد خان آيو، هن تقرير ڪئي ته مهاجرن کي اسلام آباد آڻيو، جنهن تي برابر عوام چيو بهاري نه ڪپن، پر هُئي ڪنهن به مقرر جي تقرير دوران نعرو نه لڳو، فقط امداد چانڊئي جي تقرير دوران "جيئي پٽو" جا نعرا لڳا، ٻيو ڪنهن به تقرير جي دوران نعرا نه لڳا. جڏهن معراج محمد خان پنڊال ۾ داخل ٿيو ته ساڻس جيئي سنڌ وارا به گڏ هئا، جن کي هو پاڻ سان گڏ وٺي آيو هو، بلڪل ائين پئي لڳو ته جتي هنن مقامي سطح تي اهڙو ڪم ڪيو آهي، ڇا نون ڇوڪرن کي برغلائي وٺي آيا آهن، ٿي سگهي ٿو ته جيئي سنڌ وارن جي هاڻ ڪمانڊ کي به خبر نه هجي. مڪمل طور تي مقامي، جتي جام ساقيءَ جو ٽولو، معراج جو ٽولو، ڊاڪٽر ارباب بابت خبر ڪانهي، مون کي ان جي طبيعت جي خبر ڪانهي ته هو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي يا نه، پر هنن جيڪو بيان ڏنو آهي، اهو ڪوڙو آهي. بهرحال، آئون تقرير ڪرڻ ٻيٺس ته طوفان مچائي ڏنائون، اسٽيج طرف به وڌيا، پر انهن کي دوستن روڪيو، منٿون، گيسيون، هٿ ٻڌن، چي: "سنڌي ماڻهن جو جلسو آهي، ٿر وارن جو جلسو آهي." پر ڇوڪرا چون ته ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ ٿي ته اسان وڃي اسٽيج تي قبضو ڪنداسين. بهرحال، ڪجهه دير بعد انهن کي ماڻ ڪرائي ويئي. اڌ ڪلاڪ منهنجي تقرير هلي ته فائرنگ شروع ٿي، پر ان دوران اسٽيج تان ڪابه فائرنگ نه ٿي. اها ڳالهه شاهه محمد شاهه کان پڇيو يا انهن کان پڇو جيڪي پاڻ کي ايماندار سڏائين ٿا. اهي منهنجي اکين ۾ اکيون ملائي چون ته رسول بخش پليجي طرفان اسٽيج تان فائرنگ ٿي. سنڌي عوام سان دوکو ۽ مڪر ڪرڻ پنهنجي جاءِ تي ڏوهه آ، پر مون کي اهو چوڻ ته اسٽيج تان فائرنگ ٿي، گارڊ ڪنهن کي لاٿو ۽ ان هنڌ گارڊ وري ڪهڙا؟ به ماڻهو هئا، سمورو ڪوڙ، افسانو! بهرحال، اسين وياسين ته خبر پئي ته جام ساقي، معراج محمد خان، ارباب کهاوڙ پويان ٽاٽي تي ويا، جتي مون تي فرياد داخل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪيائون. چي: "پليجي خون ڪرايو آهي." پر قاضي محمد بخش ڏامراهه سمجهاين ته ائين نه ڪريو. آئون اها ڳالهه اوهان کي ٻڌائيندو هلان ته جيڪو ماڻهو زخمي ٿيو، اهو به اسان جو هو. هوڏانهن

معراج ويو ڪراچي، جنهن اخبارن ۾ اصل ڪربلا مچائي ڇڏي، ڇاڪاڻ ته هو سنڌين جو نئون "ان داتا" جو ٽيٹ وارو هو. ان کي جو رسول بخش پليجي نہ ٽيٹ ڏنو. يعني ته الطاف جو ڪم آهي ته اڙدودان دوست گڏ ڪرڻ، ته وري معراج تي ڪم آهي ته سنڌي ماڻهن جي اتحاد ۾ زوريءَ شامل ٿي، ان کي ٽوڙيو ويجي، بس پوءِ ته رڳو هن بيان بازي، ڪوڙ جو طوفان کڙو ڪيو ويو. بهرحال، منهنجي اها تجويز آهي ته سنڌي ماڻهن سان ڪوڙ ڳالهائيندڙن، ساڻن فراڊ ڪندڙن خلاف مهم هلائي وجي. مقصد ته:

منهن تي موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس،
اهڙو خام خبيث، ڪيڏي ڪوه نہ چڏيين؟

چگّا پلا ماڻهو به چا وينا ڳالهائين! منهنجي اها تجويز آهي ته هڪ اهڙي "هاءِ پاور اٽارني" قائم ڪجي، جيڪا متس يا جيڪي هن تي الزام هنيا آهن، اهي لکي ۽ پوءِ اها فيصلو ڪري ته ڪنهن ڪوڙ ۽ ڪنهن سچ ڳالهايو آهي. پوءِ ڪوڙن ماڻهن کي هميشہ لاءِ سنڌ ۾ ڪوڙو ڪري ظاهر ڪيو وجي.

”تاريخ ۾ طبقاتي رشتن کان وڌيڪ اُتم ۽ اعلي ٻيو کو رشتو ناهي هوندو“

جنگ پئنل: يونس رياض، مرزا سليم بيگ، جاويد چانڊيو ، نذير لغاري/ روزاني جنگ، 18 مارچ 1987ع

ميزبان: جناب رسول بخش پليجو صاحب! ”جنگ فورم“ ۾ توهان ۽ توهان جي ساٿين کي پليڪار چئون ٿا. توهان جو علاج جي سلسلي ۾ ڪافي عرصو يورپ ۾ گذريو. اسين توهان جا ٿورائتا آهيون جو توهان يورپ کان واپسيءَ تي سڀ کان پهرين ”جنگ“ جي دعوت قبول ڪئي. توهان گذريل سال ڪراچيءَ ۾ ئي ”جنگ“ کي ڏنل هڪ انترويوءَ ۾ چيو هو ته جيڪڏهن 1986ع تائين اليڪشن نه ڪرائي ويئي ته حالتون خراب ٿي سگهن ٿيون. 1986ع اليڪشن ٿيڻ بنا ئي پورو ٿي ويو، هاڻي توهان حالتن ۾ ڪهڙي خرابي ڏسو ٿا؟

رسول بخش پليجو: آئون ٿورائتو آهيان جو توهان مون کي هي موقعو ڏنو آهي ته آئون توهان جي وسيلي ”جنگ“ جي پڙهندڙن لاءِ پنهنجا خيال پيش ڪري سگهان.

حالتن جو بگاڙ ته هڪ صورت ۾ توهان جي سامهون آهي، ته اسين هڪ وڏي پارٽيءَ سان تعلق رکون ٿا. پيپلز پارٽيءَ کان پوءِ بي وڏي پارٽي عوامي نيشنل پارٽي (ANP) آهي. اسان کي ملڪي اخبارن ۾ به ستون به ڪونه ٿيون ڏنيون وڃن. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو اخبارن کي ڏمڪيون ڏين ٿا، اهي پنهنجون خبرون اخبارن ۾ شايع ڪرايو وڃن ٿا. منهنجي خيال ۾ ان کان وڌيڪ خراب صورتحال بي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي.

قانون ۽ انصاف مڪمل طور اپاهج ٻڌجي چڪو آهي. جنهن جي هٿ ۾ ڏنڊو آهي، سو حڪومت ڪري رهيو آهي. سڄو عوام ڏنڊي جي رحم ڪرم تي آهي. اڳي ڏنڊو گهٽو مٿي هلندو هو، هاڻي هيٺ لهي آيو آهي. گهٽي گهٽي، پاڙي پاڙي ۾ ڏنڊي جي سياست پيئي هلي. جيڪڏهن ايس- ايڇ- او جي بدلي ڪرائڻي هجي ته ڏهه هزار ماڻهن جو جلوس ڪڍرائڻو پوي ٿو. ننڍي ايس- ايڇ- او کي بدلي ڪرائڻو هجي ته وري ٻيو جلوس ڪڍو. ملڪ جي سمورن ادارن ۾ لاقانونيت جو راج آهي.

اسان گذريل سال اڳڪٿي ڪئي هئي ته ملڪ کي نقصان پهچندو. توهين ٻڌايو ته ملڪ ۾ ڪيترا ماڻهو ماريا ويا؟ ماڻهو چون ٿا ته ڪراچي، بيروت ٻڌجي ويندو. آئون چوان ٿو ته ڪراچي، بيروت ٻڌجي چڪو آهي.

سنڌ جا ماڻهو چون ٿا تہ هي خطو تہ پنج هزار سالن کان سنڌ آهي ۽ ٻيا ماڻهو وري هڪٻئي سان ان بنياد تي پيا وڙهن تہ هو سنڌ تي پنهنجو حق جتائين. هڪڙو چوي ٿو تہ منهنجي سنڌ آهي، ٻيو چوي ٿو تہ هيءَ منهنجي آهي، ڏرتي ڏاڍين کي خبر ئي کانهي ۽ ٻاهريان ڪلاشنڪوف کڻي هڪٻئي سان پيا وڙهن. ائين پيو لڳي تہ حڪمرانن وٽ ڪجهہ بہ نہ آهي، انهن جا هوش خطا ٿي ويا آهن، انهن کي ڪجهہ بہ نظر نٿو اچي. آئون سمجهان ٿو تہ حڪمران هن وقت اها پاليسي اختيار ڪري رهيا آهن تہ ماڻهو رڙيون ڪري، دانهون ڪري ائين چون تہ اسان جي مٿان هڪ محافظ ٻيهاري ڇڏيو. اها هڪ سوچيل سمجهيل سازش آهي.

اولهہ پاڪستان ۾ ڇا ٿيو هو؟ ماڻهن اسيمبليءَ ۾ اسپيڪر کي قتل ڪري ڇڏيو. حڪمرانن چيو تہ اها لاقانونيت آهي، تنهنڪري هنن وزارت توڙي ڇڏي.

هن وقت ائين پيو نظر اچي تہ مارشل لا مڙهڻ لاءِ ملڪ کي جاڻي واڻي باهہ ۾ اڇلايو پيو وڃي. هڪ انتهائي خطرناڪ ذهن ائين پيو ڪم ڪري، تہ جيئن جمهوريت لاءِ ڪم ڪندڙ غير فعال ٻڌجن. حالتن کي انتهائي چالاڪيءَ ۽ منافقيءَ سان مارشل لا لاءِ تيار ڪيو پيو وڃي.

سوال: مرحوم فاضل راهو جي چاليهي جي موقعي تي راهوڪيءَ ۾ هڪ وڏي ميڙ کي خطاب ڪندي، توهان سنڌ جي سطح تي ڪم ڪندڙ تنظيمن کي اتحاد جي دعوت ڏني آهي. توهان جي خيال ۾ ان قسم جي اتحاد ۾ ڪهڙي نوعيت جون رڪاوٽون آهن ۽ ان سلسلي ۾ ڪهڙين ڳالهين کان پرهيز ڪرڻ ضروري آهي؟

رسول بخش پليجو: اتحاد لاءِ بنيادي شرط اهو آهي تہ ڪوبہ ماڻهو پنهنجي ڏرتيءَ سان محبت ڪرڻ جو ٺيڪيدار نہ ٻڌجي. پاڪستان سان محبت جي ٺيڪيداري، وطن دوستيءَ جي ٺيڪيداري، سنڌ سان محبت جي ٺيڪيداري- اها ٺيڪيداري ۽ قبضو نهايت خطرناڪ ۽ فسطائي شيءِ آهي. اسين سڀ ننڍا ننڍا فسطائي آهيون. اسان جي ذهنن ۾ هڪ وڏيرو ويٺل آهي. اسان مان هرهڪ اهو سوچي ٿو تہ هي سڀڪجهہ منهنجو آهي ۽ آئون ئي هن جو مالڪ آهيان. جيڪڏهن اتحاد قائم ٿي وڃي ٿو تہ اهو منهنجي اڳواڻيءَ ۾ هٿ گهرجي، جيڪڏهن اتحاد برقرار رکڻو آهي تہ اهو ائين برقرار رهندو جيئن آئون چاهيان ۽ منهنجي اڳواڻيءَ ۾ هلڻ گهرجي.

آئون سمجهان ٿو تہ اتحاد ٺهڻو آهي تہ ڪنهن بہ شيءِ تي ڪنهن بہ هڪ جو قبضو نہ هجڻ گهرجي، پروگرام گڏيل هڻڻ گهرجي. ڪنهن بہ شخص کي صرف پنهنجو پروگرام مڙهڻ جو حق نہ هڻڻ گهرجي. سڀ دوست پنهنجو پنهنجو پروگرام ۽ پنهنجا پنهنجا نقطا پيش ڪن، انهن مان جن بہ ڳالهين تي اتفاق ٿئي، صرف انهن ڳالهين تي متفق ٿي ڪري شروعات ڪرڻ گهرجي. مون کي اهو مطالبو نہ ڪرڻ

گھرجي تہ جيڪڏھن منھنجو فلاڻو شرط نہ ٿا مڃو تہ آئون شامل ڪونہ ٿيندس.

اھڙيون ڪيتريون ئي ڀالھيون آھن، جن تي اسين اتفاق ڪري سگھون ٿا. اسان جي روين ۾ اڳتي وڌڻ جي خواھش ھجڻ گھرجي. اسان وٽ تہ ائين ٿيندو رھيو آھي تہ سياسي دوستن گڏجي پروگرام طئي ڪيو، گڏجي ويھڻ جو ٽائيم مقرر ٿيو، پر ٻئي طرف کان ڪوبہ نہ آيو. مختلف بھانن ۽ ٽال مٽول کان ڪم ورتو ويندو آھي. اسين سمجھون ٿا تہ اتحاد لاءِ خلوص ۽ ايمانداري پھريون شرط آھي.

سوال: پليجا صاحب! توھان جي خيالن ۽ عقيدن کي پاسيرو رکندي، اسان اھو معلوم ڪرڻ گھرون ٿا تہ ھر طرف کان علائقائي ۽ قوميت جا نعرا لڳايا پيا وڃن، ڇا اھي ملڪ لاءِ فائديمند آھن ؟ ۽ جيڪڏھن توھان انھن کي فائديمند نٿا سمجھو تہ انھن کي روڪڻ لاءِ توھان جي ذھن ۾ ڪھڙو پروگرام آھي ؟

رسول بخش پليجو: منھنجي خيال ۾ نہ رڳو پاڪستان، بلڪ سڄي دنيا جو سڀ کان وڏو مسئلو ماڻھن جا طبقاتي مفاد آھن. تاريخ ۾ ان کان وڏو مسئلو ٻيو ڪوبہ ناھي. تاريخ ۾ طبقاتي رشتن کان وڌيڪ ڪوبہ رشتو ناھي ھوندو ۽ طبقاتي تعلق سان ئي انساني رشتن جو بنياد جڙندو آھي، پر ان جي دائري اندر تاريخ جي مختلف دؤرن ۾ ٻين شين اولين حقيقت جي شڪل اختيار ڪئي. اھو ضروري ناھي تہ جنھن شيءِ کي ڏگھي عرصي تائين اولين حقيقت جي حيثيت حاصل ھجي، ڪنھن خاص عرصي ۾ بہ ان کي ساڳي حيثيت حاصل ھجي. ان نقطہء نظر موجب پاڪستان جي مخصوص حالتن ۾ سڀ کان وڏو ۽ اھم مسئلو، قومي مسئلو آھي ۽ قومي حوالي سان ڀالھائڻ جي اجازت نہ ھجڻ سبب اھڙا مسئلا پيدا ٿيا آھن. قومي مسئلي کي صحيح طريقي سان حل ڪرڻ بدران غلط نموني پيش ڪرڻ سان مسئلا پيدا ٿيا. قومي مسئلي کي علائقائي چوڻ سان مسئلا حل نہ ٿيندا. ڪنھن بہ بيماريءَ جو علاج اھو ناھي تہ ان جو نالو تبديل ڪيو وڃي، ان جو حل اھو آھي تہ بيماريءَ جي صحيح سڃاڻپ ڪئي وڃي ۽ پوءِ ان جو علاج تجويز ڪيو وڃي.

آئون سمجھان ٿو تہ جيڪڏھن قومي مسئلي تي اسان جو ذھن واضح ھجي ۽ قومي مسئلي جي حوالي سان مڪر، فريب، منافقت، ھٿ چراند ۽ قبضي گيري جي آڏار تي جيڪا سرد جنگ ھلي رھي آھي، جيڪڏھن اسان اھا جنگ ڇڏيون ۽ سڏيون سڏيون ڀالھيون ڪريون تہ اھو مسئلو حل ٿي سگھي ٿو. جيئن تہ اھو مسئلو حل ناھي ڪيو ويو، ان ڪري اھو موجود آھي.

سوال: جيئي سنڌ جي اڳواڻ عبدالواحد آريسر ھڪ انٽرويوءَ ۾ چيو آھي تہ جنھن اتحاد ۾ رسول بخش پليجو ھوندو، اھو اتحاد بدنصيب ھوندو ۽ توھان راھوڪيءَ ۾ سندس موجودگيءَ دوران اتحاد جو سڌ ڏنو. ان باري ۾ توھان ڇا چوندا ؟

رسول بخش پليجو: منھنجي خيال ۾ اتحاد جي ڪوشش ڪرڻ ھر سني ماڻھوءَ

جو ڪم آهي ۽ جڏهن اتحاد جڙندو ته ان ۾ اسان جهڙا گهٽ سنا ماڻهو ۽ ٻيا ماڻهو به شامل هوندا. اتحاد لاءِ سيني کي گڏ ڪرڻو آهي. آئون اهڙين نندڙين ۽ خسيس ڳالهين تي تبصرو نه ڪندو آهيان. اهڙين ڳالهين تي هروپرو ڏيان ڏيڻ ضروري ناهي.

سوال: گذريل سال فيبروريءَ ۾ به ته اهڙو معاهدو ٿيو هو، جنهن ۾ اهو طئي ڪيو ويو هو ته ڪابه تنظيم پنهنجي عمل، هٿيارن ۽ بيان کي ٻيءَ تنظيم خلاف استعمال نه ڪندي. آريسر صاحب جو چوڻ آهي ته توهان گذريل سال جولاءِ ۾ لاهور وڃي اهو چيو ته سنڌ ۾ جي- ايم سيد جي ڪابه حيثيت ڪانهي ۽ هو ڪلاشنڪوف جي ڇانوَ ۾ جلسا ڪندو آهي. ڇا توهان جي انهن ڳالهين سان فيبروري 86ع ۾ ٿيل معاهدي جي پيڪڙي نٽي ٿئي؟

رسول بخش پليجو: مون کي ياد ناهي ته مون ائين چيو هجي. دراصل مون شاهه صاحب جي باري ۾ ڪجهه به چوڻ کان صاف انڪار ڪيو هو. جيتري قدر ڪلاشنڪوف جي ڳالهه آهي ته مون ان بابت ڳالهه ڪئي هئي ۽ ڪلاشنڪوف جا نتيجا سڀني جي سامهون آهن. اسين اڄ به اهو ٿا چئون ته ڪلاشنڪوف جي سياست غلط آهي. مون شاهه صاحب جي باري ۾ ڪابه منفي ڳالهه نه ڪئي هئي ۽ نه ئي ڪرڻ چاهيان ٿو، بلڪ مون ته اتي به شاهه صاحب جي تعريف ڪئي ۽ سندس سڀين ڳالهين جي بار بار تعريف ڪيم. مون ته لنڊن ۾ به سندس ذڪر سڀن لفظن ۾ ڪيو. منجهس هڪ سڀني روايت اها رهي آهي ته هو پنهنجي موقف ۾ "يعني"، "مگر"، "جيئن ته"، "جيتوڻيڪ" وغيره ناهي ڪندو. هو ته سڌن لفظن ۾ ڳالهه ڪري ڇڏيندو آهي. شاهه صاحب سان اسان جا بنيادي اختلاف آهن، پر ان جي توهان کي به خبر آهي ته مون سندس لاءِ ڪڏهن به غير مناسب ڳالهه ناهي ڪئي.

سوال: توهان ڪجهه وقت اڳ يورپ ۽ آمريڪا کان ٿي آيا آهيو، جتي توهان مختلف يونيورسٽين ۾ مختلف موضوعن تي ليڪچر ڪيا. هن وقت ائين پيو پائنجي ته دنيا ۾ ايٽمي هٿيارن جي پکيڙ ۽ جنگ جي صورتحال، ماڻهن ۾ مستقبل کان مايوسي پيدا ڪري ڇڏي آهي. توهان جي خيال ۾ عالمي امن سان ڪهڙا مسئلا درپيش آهن ۽ انهن کي ڪيئن حل ڪيو وڃي؟

رسول بخش پليجو: آئون سمجهان ٿو ته دنيا جو سڀ کان وڏو مسئلو اهوئي آهي، جنهن جي باري ۾ توهان سوال ڪيو، پر پاڪستان ۾ ان جو ڪوبه ذڪر نه ٿو ڪري. ٽئين دنيا جي ملڪن کي جنگ جي صورت ۾ سڀ کان وڏو نقصان اهو ڪٽڻو پوندو ته جنگين ۾ ڪروڙين اربين روپيا خرچ ٿيندا آهن ۽ سڄي دولت هٿيارن جا انبار گڏ ڪرڻ ۾ هلي ويندي. اسان جهڙن غريب ۽ پٺتي پيل ملڪن جا ڪروڙين روپيا خطرناڪ هٿيارن حاصل ڪرڻ ۾ خرچ ٿي رهيا آهن. ماڻهن کي امن جي مسئلي جي ته خبر ئي ڪانهي، انهن جي ڪَن تي جُونءِ ئي ڪانه ٿي سُري.

هن وقت امن جو مسئلو عالمي سطح تي آهي ۽ ان جي باري ۾ اسان وٽ اڻ پوري

معلومات آهي. اسان وٽ ان قسم جي معلومات ڏيڻ وارا ادارا به ڪونهن. جيڪي ماڻهو اهو چاهين ٿا ته انسان ان خوفناڪ ايٽمي جنگ جو شڪار نه ٿين، انهن جو اخلاقي فرض ٿو ٿئي ته ان ڳالهه جو بندوبست ڪن ته دنيا جي سڀ کان وڏي تحريڪ، امن جي تحريڪ هجڻ گهرجي ۽ ان تحريڪ ۾ سڄي دنيا جا ڪارا، گورا، پيلا، مرد، عورتون ۽ ٻار شامل ٿين.

آئون روزاني "جنگ" جي سهڪار سان پاڪستان جي عوام کي اپيل ٿو ڪريان ته اهي ان مسئلي کي هٿ ۾ کڻن. ريگن سرڪار سڄي دنيا تي خلائي جنگ جو جيڪو خطرو مڙهيو آهي، ماڻهن کي ان خلاف آواز اٺارڻ گهرجي. مون يورپ ۽ آمريڪا ۾ هڪ خاص ڳالهه نوٽ ڪئي آهي ته گورباچوف امن لاءِ جيڪي تجويزون پيش ڪيون آهن، ماڻهو انهن جي تعريف ڪري رهيا آهن. مون هڪ عام ٽيڪسي ڊرائيور سان ڳالهه ٻولهه ڪئي، اهو ريگن جي ڏاڍي تعريف ڪري رهيو هو. مون جڏهن ساڻس جنگ بابت ڳالهايو ته هن چيو، "جنگ ته بيوقوفيءَ جي ڳالهه آهي." مون چيو ته، "حڪومتون هٿيار پيون ناهين." چيائين، "هٿيار نه هجڻ گهرجن." مون چيس، "خلا کي جنگي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جا پروگرام جوڙيا پيا وڃن." چوڻ لڳو، "نه، ائين ناهي، اهو رڳو رعب ڪيو پيو وڃي." "جيتوڻيڪ اها رعب ڪرڻ جي ڳالهه ناهي، بلڪ نهايت وڏو مسئلو آهي. توهان صحافي آهيو، توهان جو فرض آهي ته توهان پنهنجن پڙهندڙن کي عالمي امن مسئلي کي پيش ايندڙ تباهين کان آگاهه ڪريو. دنيا جو مستقبل ڏاڍو خوفناڪ آهي. سوچڻو اهو آهي ته دنيا کي ڪيئن بچائجي.

سوال: وري وري ساڳئي قسم جا سوال ڪرڻ تي توهين شايد اهو سمجهو ته اسين توهان کي بيزار پيا ڪريون، پر توهان کان هڪ خاص ڳالهه پڇڻي آهي ته سنڌ سطح تي جيڪي تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن، انهن جا هڪجهڙي سان تمام گهڻا اختلاف آهن، پر انهن اختلافن جي باوجود اهي توهان جي مخالفت ۾ گڏ آهن، ان جو کهڙو سبب آهي؟

رسول بخش پليجو: آئون سمجهان ٿو ته سنڌ جا عوام اسان جو تمام گهڻو قدر ڪن ٿا، جنهن جو ڏيڪ توهان راهوڪيءَ ۾ ڏسي چڪا آهيو. منهنجي طبيعت نيڪ ناهي، پر مون کي سڄي سنڌ مان دعوتون ملن ٿيون، ڪيترن ئي بار ايسوسيئيشنس مون کي خطاب ڪرڻ جون دعوتون ڏنيون آهن. ماڻهو اسان سان تمام گهڻي محبت ڪن ٿا. مون کي گذريل ڏهن سالن کان ماڻهن سان ملڻ جو موقعو ناهي مليو. آئون 1976ع ۾ گرفتار ٿيس ۽ ڪجهه مهينن کان پوءِ آزاد ٿيس. ان کان پوءِ وري مون کي گرفتار ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت "گرفتاري- آزادي" جو سلسلو جاري رهيو. هڪ پيري هيئن ٿيو جو هاءِ ڪورٽ مون کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ وري گرفتار ڪيو ويو. جڏهن ايتري عرصي تائين ماڻهن سان رابطو نه رهي ته ماڻهو به وساري ڇڏيندا آهن ۽ حڪمران به اهوئي چاهين ٿا ته سنڌ جا ماڻهو مون کي وساري

چڏين، پر ماڻهن اسان کي وساريو ناهي، اهي اسان سان تمام گهڻي محبت ڪن ٿا.

هڪ ٻالهه جو خاص طور تي ذڪر ڪرڻ لازمي آهي ته هڪ طرف حڪومت جي اها ڪوشش هئي ته اها اسان کي جيلن ۾ قيد ڪري، ته جيئن اسين ماڻهن سان ملي نه سگهون. ٻئي طرف اسان جي ڪردارڪشيءَ لاءِ پنهنجا ايجنٽ پکيڙي چڏيائون، جن اسان جي خلاف نفسياتي جنگ شروع ڪري ڏني. اسان سان سرڪار سڳوريءَ جي ناراضگيءَ جو سبب اهو آهي ته اسين جمهوري جدوجهد ۾ گڏ هئاسين، اسان صحافين جي جدوجهد ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. هنن نفسياتي طرح ان بنياد تي اسان جي اڏ پارٽي ٽوڙي چڏي ته هارين جو ڪهڙو ڪم هو جو اهي "پنجابي-پناهگير" صحافين سان گڏجي وڙهيا. فاضل راهوءَ جي وڏي پٽ محمد صديق کي حڪومت جيئري، زمين ۾ ڪڏ کوٽائي، ان ۾ دفن ڪري چڏيو، رڳو سسي ٻاهر هُيس. هنن کيس چيو ته، "فقط هڪ ڪوڏر متي وجهڻ جي دير لڳندي، نه ته تون اهو ٻڌاءِ ته توهان کي ايترا ڏوڪڙ ڪٿان ۽ ڪنهن کان مليا جو توهان صحافين جي جدوجهد ۾ شامل ٿيا؟" ان قسم جا ڪيترائي اذيتن جا ڏڳها داستان آهن. اندران پنهنجن ايجنٽن ذريعي پروپيگنڊا ڪرايائون ته پليجو صحافين جي جدوجهد ۾ سنڌي ماڻهو مارائي رهيو آهي. فاضل راهوءَ جي پٽ محمد صديق راهوءَ کي روڊ ايڪسيڊنٽ ڄاڻائي مارايو ويو. اهڙيءَ ريت اسان جمهوري جدوجهد ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون ٿا ته سرڪاري ايجنٽ اسان جي خلاف ڪردارڪشيءَ جي نهايت خوفناڪ مهم هلائين ٿا. انهن هر گهڙيءَ اسان کي تارگيٽ بڻايو. پيپلز پارٽيءَ جي خلاف به ڪردارڪشيءَ جي مهم هلائي ويئي، پر اسان جهڙن مست قلندر ماڻهن تي ته هنن هر طرف ۽ ڏِس کان پروپيگنڊا جا وسڪارا ڪيا، صبح شام جماعت اسلاميءَ جي پريس اها مهم هلائي ته هي ماڻهو انتهائي خطرناڪ آهن ۽ ماڻهو قتل ڪندا آهن، پر اسان جو نقطءِ نظر ڪٿي به شايع نه ڪيو ويو. اسان وٽ تردید ڪرڻ جا ذريعا ڪونهن. جيل ۾ وينل ڪوبه ماڻهو پنهنجي خلاف لڳايل الزامن جي تردید ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟

جماعت ۾ حڪومت جا جيڪي ايجنٽ آهن، انهن جو صبح شام، اُٺندي ويهندي اهوئي ڪم آهي ته اهي اسان تي الزام تراشي ڪندا رهن، پر توهان پهراڙيءَ ۾ وڃو، آئون ماڻهن سان ايجان تائين رابطو ڪري نه سگهيو آهيان، ان جي باوجود ماڻهو اسان سان محبت ڪن ٿا.

سوال: هڪ ڏميوار سنڌي دانشور چيو هو ته جڏهن پليجي صاحب کي ڪوٽ لکپت جيل کان ڪراچي جيل موڪليو ويو ته ڪراچي ايئرپورٽ تي هڪ وڏي شخصيت سندس استقبال ڪيو هو ۽ هن سان گڏ ڇهن- اٺن پيتين ۾ سامان هو، اهو سامان به ساڻس گڏ آندو ويو هو. ان ٻالهه ۾ ڪيتري قدر سچائي آهي؟

رسول بخش پليجو: ڪنهن به اعليٰ شخصيت استقبال نه ڪيو هو، بلڪ

پوليس جو هڪ جٿو ايئرپورٽ تي موجود هو. هڪ ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ مون سان گڏ آيو هو ۽ مون کي سيٻ کان وڌيڪ خراب جيل، لانڊي جيل اندر هڪ ڪوليءَ ۾ بند ڪيو ويو ۽ مون کي بسترو به نه ڏنو ويو. انهن مون کي ميو اسپتال مان ڪڍي ڪراچيءَ موڪليو. هتي اچي آئون وڌيڪ ۽ سخت بيمار ٿي پيس. اسين اندر ڇنگهي رهيا هئاسين ۽ ٻاهر حڪومتي ايجنٽ پروپيگنڊا ڪري رهيا هئا ته هي ماڻهو ڪوڙ پيا ڪن.

پنجاب حڪومت سمورن قيدين کي ٿي- وي مهيا ڪئي هئي، هتي آڻي مون کان اها ٿي- وي به ڪسي ورتائون. مون وٽ ريڊيو به نه ڇڏيائون. سنڌ جي هڪ اڳوڻي گورنر ته ماڻهن کي اهو چوڻ شروع ڪيو ته توهين پليجي جي آزاديءَ جي ڳالهه ٿا ڪريو، هو ته هڪ ڏوهاري آهي، هو سياسي قيدي ناهي! هن اهو به چيو ته جيڪڏهن پليجو آزاد ٿي ويو ته توهان جيڪي ڪپڙا پائي گهمي رهيا آهيو، توهان جا اهي ڪپڙا به لهرائي ڇڏيندو ۽ توهان جي ٻانهن مان گهڙيون به ڦري ونندو!

مرحوم فاضل راهوءَ جو پٽ محمد صديق جيل ۾ هو ته بدين کان ڪجهه ماڻهو آيا ۽ اچي حيدرآباد ۾ ڊي- ايم- ايل- اي سان مليا، جيڪو پوءِ وري سنڌ جو گورنر ٿيو. انهن ماڻهن کيس چيو ته، "محمد صديق راهوءَ کي آزاد ڪريو." ان تي ڊي- ايم- ايل- اي چيو ته، "توهان هڪ ڏوهاريءَ کي آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪري رهيا آهيو، اُٿو، پڇو!"

جيڪڏهن اعليٰ شخصيتون استقبال ڪن ها ته پوءِ اسان کي آزاد ڪرڻ ۾ ڪهڙو نقصان هو؟ مون کي ست سال جيل ۾ ڇو رکيو ويو؟ منهنجو علاج ڇو نه ڪرايو ويو؟ وزارتِ صحت جي بورڊ جڏهن مون کي ٻاهرئين ملڪ علاج ڪرائڻ لاءِ موڪلڻ جي سفارش ڪئي ته مون کي ڇو آزاد نه ڪيو ويو؟ نيٺ منهنجي آزاديءَ جو فيصلو ڪورٽ ذريعي ڪيو ويو. ڪنهن به ماڻهوءَ جي زندگيءَ لاءِ سال غير اهم نه هوندا آهن. مون ستن سالن تائين اذيتون برداشت ڪيون آهن.

اسان جي خلاف پروپيگنڊا ڪندڙن کي اسين بيوقوف سمجهون ٿا. هاڻي منهنجين پيٽين جي ڪهاڻي ٻڌو. مون وٽ هڪ چپل هئي، هڪ هيٽر هو، هڪ پراٽو بوٽ هو. ستن سالن تائين مون ڪتاب گڏ ڪيا هئا، اهي ٻن پيٽين ۾ پريل هئا. هڪ پيٽيءَ ۾ ستن سالن جا پراڻا ڦاٽل ڪپڙا هئا. توهين وڃي رڪارڊ چيڪ ڪريو ته انهن ستن پيٽين جو وزن ڪيترو هو؟

جيڪڏهن حڪمران مون کي پئسا ڏيئي رهيا هئا ته ڇا اهي پيٽيون به مون کي ڏنيون پئي ويون ته آئون اهو سيڪجهه جيل مان کڻي وڃان؟ جيڪڏهن اهي مون تي مهربان هئا ته انهن مون کي آزاد ڇو نه پئي ڪيو؟ منهنجي بيماري لاعلاج ٻڌجي چڪي آهي. منهنجي ساڻي، منهنجي دوست فاضل راهوءَ کي قتل ڪيو ويو آهي. اسان تي ظلمن مان اها ڳالهه پڌري پٽ آهي ته سرڪار ۽ ان جا ايجنٽ اسان کان ڊنل آهن.

سوال: گذريل ڏينهن ۾ افغانستان مسئلي جي سلسلي ۾ جنيوا ۾ ٿيل

ڪانفرنس ٿوري وقت لاءِ ملتوي ڪئي ويئي آهي، توهين ان ڪانفرنس کان ڪيتري قدر پُراميد آهيو؟

رسول بخش پليجو: آئون سمجهان ٿو ته اسان جا حڪمران ان جهنجهٽ ۾ ڦاسي ويا آهن. آمريڪا امداد نہ ڏيڻ لاءِ بهاني طور ايٽم جو مسئلو اٿاريو. آمريڪا ڄاڻي واڻي پاڪستان تي دٻاءُ وڌائڻ لاءِ اهو مسئلو اٿاريو. منهنجي خيال ۾ اسان جا حڪمران طبقا ڪنهن حد تائين سمجهي ويا آهن ته معاملو تمام گهٽو خطرناڪ آهي. اهي پاڪستان جي عوام سان جُوا نٿا کيڏي سگهن ۽ جنگ جي حالت ۾ آهن. ڀارت جي سرحد تي فوجن جا جٿا موجود آهن، افغانستان جو جهيڙو هلندڙ آهي ۽ روس سان پڻ لاڳاپا ڇڪتاڻ واري حالت ۾ آهن.

1965ع ۾ جڏهن پاڪ- ڀارت جنگ لڳي هئي ته ايوب خان جهڙي فيلڊ مارشل جا هوش خطا ٿي ويا هئا، پر هاڻي ته ويتر حالتون خراب ٿي ويون آهن. هاڻي ته زور زور سان ٿهڪ ڏيڻ سان مسئلا حل ڪونہ ٿيندا. هيءَ جيڪا ڪلندي ڪلندي بين الاقوامي جُوا کيڏي پيئي وڃي، ان سان ته بين الاقوامي معاملا طئي ڪونہ ٿيندا. هاڻي حڪمران اهو سمجهن ٿا ته هنن جيڪا جوا کيڏي، جيڪو ايڊونچر حاصل ڪيو هئائون، اهو هاڻي خطرناڪ ٻڌجي ويو آهي. هاڻي آمريڪا به ڪين بليڪ ميل ڪرڻ شروع ڪيو آهي. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي هاڻي حڪمرانن جي وس ۾ ناهي رهي.

سوال: اسان جو سوال اهو آهي ته ان مسئلي جو حل ڪهڙو آهي؟

رسول بخش پليجو: افغان نالي ڪو مسئلو مُنڊ ڪان ئي موجود ناهي. ماٺهو روز انقلاب پيا آڻين. چين ۾ انقلاب آيو هو، توهان کي اوڏانهن به ڪاهي ويڙهو هو. ڏکڻ يمن ۾ انقلاب آيو، انقلاب به ته ايندا پيا، هر هنڌ انقلاب ايندو، پوءِ جتي به انقلاب اچي ته توهان اوڏانهن ڊوڙندا ويندا؟

افغانستان ۾ هزارين سالن کان غلاميءَ جو دؤر رهيو آهي، اتي قبائلي طرز جي حڪمراني هئي. اتان جو عوام انتهائي مظلوم هو. هاڻي اهي اونداهيءَ مان نڪرن پيا. اتي لازمي انقلاب اچڻو هو. اسان (پاڪستان جي حڪمران طبقي) اتي مداخلت ڪئي، اسان سڄي دنيا سان وڙهندا ٿا وتون. مسئلي جو حل هي آهي ته اسين انهن جي جان ڇڏيون، اسين پاڪستان جي ڌرتيءَ کي افغانستان ۾ ڏوهہ ڪندڙن لاءِ استعمال ڪرائڻ بند ڪريون. توهين (پاڪستان جا حڪمران طبقا) چئو ٿا ته سڏيءَ ريت ڳالهيون ٿين، آئون چوان ٿو ته ڳالهيون چو ڪريون؟ توهين اُتي (افغانستان ۾) هٿ چراند بند ڪريو، سڄو جهيڙو ئي نبري ويندو. آئون ٻئي ڪنهن جي گهر ۾ پٿر اڇلايان ٿو، ان مسئلي جو حل اهو آهي ته آئون پٿر اڇلائڻ بند ڪريان. خان عبدالولي خان چوي ٿو ته ڳالهيون ٿيڻ گهرجن، آئون چوان ٿو ته ڳالهين جي ڪابہ ضرورت ڪانهي، توهين شرارت ڪرڻ بند ڪريو، جهيڙو ختم ٿي ويندو.

سوال: توهين چئو ٿا ته افغانستان ۾ انقلاب آيو آهي، انقلاب ۾ ائين ته

ڪونہ ٿيندو آهي تہ هڪ پاڳي 3 آبادي پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي ٻين علائقن ڏانهن لڏي وڃن. ان کان سواءِ اتي غير ملڪي فوجون پڻ موجود آهن. ڇا انقلاب ۾ ان قسم جي صورتحال ٿيندي آهي تہ آبادیءَ جو وڏو حصو لڏپلاڻ ڪري وڃي؟

رسول بخش پليجو: بنگلاديش جا ماڻهو بہ پارت هليا ويا هئا. انهن بہ اهڙو دليل ڏنو هو تہ اسان وٽ هيڏي وڏي تعداد ۾ ماڻهو آيا آهن. اسان جا حڪمران اهڙو دليل قبول ڪونہ ٿا ڪن. افغانستان ۾ ڇا ٿو ٿئي، ڇا نہ ٿو ٿئي، ان سان اسان جو ڪهڙو مطلب آهي؟ ڇا اسان پارت کي اهو حق ڏيئي سگهون ٿا تہ اهي چون تہ پاڪستان جا حڪمران مارشل لا لڳائين ٿا ۽ عوام سان اليڪشن جو واعدو ڪري اليڪشن نہ ٿا ڪرائين، ان ڪري اهي اسان جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ڪن؟ اسان (پاڪستان جا حڪمران طبقا) اسلام جي نالي ۾ دوکو ڪريون ٿا، پارت وارا هندوستان ۾ وحدت جي نالي تي فراڊ ڪري سگهن ٿا، ڇا پارت کي اهو حق ڏيئي سگهجي ٿو تہ اهي چون تہ ڪنهن زماني ۾ اسين هڪ ملڪ هئاسين، تنهنڪري اتي جيڪو وهي واپري پيو، هو برداشت نہ ٿا ڪري سگهن؟ ۽ اسين انهن لاءِ ڪئمپ قائم ڪري رهيا آهيون. آمريڪا، اتر ويٽنام ۾ بم بارود وسائي ٿو، ڇا اسين اهو چاهينداسين تہ افغانستان اسان تي بم بارود وسائي؟ ڇا اها ڳالهہ پاڪستان جي فائدي ۾ آهي تہ اسين ايٽرن ماڻهن جو نيڪو ڪٽيو وينا هجون؟ اسان وٽ پنهنجي ڪائڙ لاءِ ڪجهہ بہ ناهي، اسين ايٽرن ماڻهن کي ڪٽان ڪارائينداسين؟ اسين جنگ لاءِ خرچ ڇو ڪريون؟ اسان کي ايڏي وڏي فوج رکڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اسين پنهنجي چوڪيداريءَ لاءِ ملڪ جي بجيٽ جو ستر سيڪڙو حصو ڇو خرچ ڪريون؟

افغانستان اسان جو پاڙيسري ملڪ آهي، اتي انقلاب آيو آهي، اتي انهن جا پنهنجا مسئلا آهن، نيٽ توهين ڪيترن مسئلن ۾ مداخلت ڪندؤ؟

توهان ويٽنام ۾ ڏٺو، اتي آمريڪا ڇا ڪيو؟ ويٽنام ۾ اڻ ڳڻيا ماڻهو مارائي، نيٽ آمريڪا ڀڄي ويو. جڏهن سامراج ڪٽان ڀڄندو آهي تہ هو پٺتي ڪنڌ ڦيرائي نہ ڏسندو آهي. توهان ويٽنام جي جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ جون تصويرون ڏٺيون هونديون. آمريڪا جو ساٿ ڏيڻ وارا ماڻهو هيلي ڪاپٽرن ۾ چڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا ۽ آمريڪي انهن کي ڏڪا ڏيئي هيٺ ڪيرائي هليا ويا. جتي انقلاب ايندو آهي، اتان جا جنرل آمريڪا ۾ وڃي ويهندا آهن. جنرل ٿيئو بہ اتي عيش ڪري رهيو هو.

آئون ڪيليفورنيا جي يونيورسٽي آف آمريڪا ۾ تقرير ڪري رهيو هوس. اتي هڪ افغان نمائندو آيو. مون کي کنهن ٻڌايو تہ هي افغانستان جو مستقل نمائندو آهي. هن مون سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. مون کانئس پڇيو تہ، "توهين ڇا پيا ڪريو؟" هن ٻڌايو تہ، "آئون هتي پروفيسر آهيان ۽ مون کي افغانستان جي پيٽ ۾ هتي وڏيڪ

پگھار ملي ٿي."

سوال: اي- اين- پي جي باري ۾ توهين ڇا چوندا ٿا اها ملڪ جي پسنديده پارٽي آهي؟ جڏهن ته ماڻهن جو خيال آهي ته اها هڪ علائقائي پارٽي آهي ۽ جيڪي پارٽيون اي- اين- پي ۾ ضم ٿيون آهن، اهي سڀ پنهنجي اصل نالي سان وجود رکن ٿيون، ان بابت توهين ڇا چوندا؟

رسول بخش پليجو: توهان ڏاڍو سٺو سوال ڪيو آهي. پارٽيون علائقائي ڪيئن هونديون آهن؟ علائقي مان ڇا مراد آهي؟ دراصل ائين سمجهيو ويندو آهي ته جيڪا پارٽي ڪراچي يا پنجاب جي نمائندگي نه ٿي ڪري، سا علائقائي پارٽي آهي. ڪراچيءَ جي لالو ڪيت جي ڪنهن گهٽيءَ ۾ رهندڙ ڪو شخص سڄي دنيا جي عالمي تحريڪ جو نمائندو ٿي سگهي ٿو ۽ سموريون اخبارون هن کي عالمي تحريڪ جو نمائندو مڃين ٿيون، پل ته هن سان به ماڻهو به نه هجن، ٽانگي ۾ ويهڻ جيترا ماڻهو قومي پارٽي سڏائين، اهي قومي پارٽيون آهن!؟ اسان جي پارٽيءَ سان لکين ماڻهو گڏ آهن، بلڪ آئون ائين چوندس ته ڪروڙين ماڻهو آهن، اهي پارٽيون علائقائي ٿي وڃن ٿيون، ڇاڪاڻ ته اهي رڳو ڪراچي ۽ لاهور تائين محدود ناهن. اسين ڀهراڙين ۾ رهندڙ پاڪستاني آباديءَ جي اڪثريت جي نمائندگي ڪريون ٿا. اسان کي فخر آهي ته اسان علائقائي پارٽي آهيون ۽ شهري پارٽي ناهيون.

آئون هڪ ٻي ڳالهه چوان ٿو ته جيڪو شخص ٽر جي ڏڪار جي باري ۾ نه ٿو ڳالهائي، تنهن کي قومي ليڊر سڏائڻ جو ڪو حق ناهي. اَٽڪ ۾ ڏڪار آهي، ان جي ڳالهه نه ٿو ڪري. سنڌ جي ماڻهن جمهوريت جهڙي اعليٰ مقصد جي حاصلات لاءِ جانيون ڏنيون، انهن لاءِ ٻن روپين جي مدد ڏيڻ جي تڪليف نه ٿو ڪري. اسين اهڙين پارٽين کي قومي پارٽي نه ٿا مڃون، جيڪي پاڪستان جي اڪثريت واري آباديءَ جي مسئلن کان اڻ واقف آهن. 90 سيڪڙو آباديءَ جي باري ۾ ڳالهه نه ڪندڙن کي اسين ڪيئن قومي پارٽي مڃون؟

سوال: توهان اتحاد جي حوالي سان پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو هو ته ڪنهن به پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ سان پنهنجو تشخص ختم نه ڪرڻ گهرجي.

رسول بخش پليجو: مون ڪنهن به پارٽيءَ ۾ ضم ٿيڻ بابت ائين نه چيو هو، بلڪ مون متحده محاذ جي ڳالهه ڪئي هئي. مون چيو هو ته جڏهن اسين ڪنهن محاذ ۾ شامل هجون ته اسان کي پنهنجو بنياد ختم ڪرڻ نه گهرجي. مون ڪنهن پارٽيءَ جي حوالي سان اها ڳالهه ڪانه ڪئي هئي.

سوال: اي- اين- پي ۾ ضم ٿيندڙ پارٽين منجهان اين- ڊي- پي، پي- اين- پي ۽ مزدور ڪسان پارٽي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان اڃان به پنهنجي اصلوڪي نالي سان سياست ڪري رهيون آهن، رڳو عوامي تحريڪ مڪمل طور ضم ٿي آهي ۽ سينئر سياستدان اي- اين- پي جي ٽنڊ بابت اڳڪٿيون ڪري رهيا آهن، ان جي

باري ۾ توهان جو ڇا نقطہ نظر آهي؟

رسول بخش پليجو: اي- اين- پي کي سدائين مسئلا پيش ايندا رهندا، هر چرپر ڪندڙ ۽ زنده پارٽيءَ کي مسئلا درپيش ايندا رهندا، ان کي هر گهڙيءَ پنهنجا مسئلا حل ڪندو رهڻ گهرجي. اسين اها دعويٰ ڪونہ ٿا ڪري سگهون تہ اسان جا ڪي بہ مسئلا ڪونهن. اسين سمجهون ٿا تہ هر زنده اداري وانگر اسان جا بہ مسئلا آهن، پر آئون سمجهان ٿو تہ پاڪستان جي مختلف خيالن جي طبقن جي نمائندگي ڪندڙ اي- اين- پي کان وڌي ڪابہ تنظيم ڪانهي. اسان جي پارٽيءَ ۾ گڏيل اڳواڻي موجود آهي، جنهن تي ڪنهن بہ هڪ گروهہ يا طبقي جي هڪ هٿي ناهي. ملڪ ۾ ٻيون بہ گهڻ طبقاتي پارٽيون آهن، پر انهن جي اڳواڻي هڪ طبقي يا هڪ فرد جي هٿ ۾ آهي، پر اسان وٽ ائين ناهي. پاڪستان جي هيءَ ئي اڪيلي پارٽي آهي، جنهن جي آئين ۾ هر صوبي کي اختيار ڏنو ويو آهي تہ اهي پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ پاڻ سان ۽ ساڻين سان اتحاد ڪن.

سوال: توهان پنهنجي آئين ۾ لفظ "صوبا" استعمال ڪيو آهي يا "يونٽ؟"

رسول بخش پليجو: اسان "قومي وحدتن" جو لفظ استعمال ڪيو آهي. اسان جي پارٽي سرائيڪي قوميت کي مڃي ٿي. قومون ڪنهن جي مڃڻ سان ناهن ٺهنديون، قومن جو پنهنجو تاريخي علائقو هوندو آهي. جن ماڻهن کي سرائيڪي چيو وڃي ٿو، اهي پنج هزار سالن کان هن خطي ۾ آباد آهن. جيئن تہ تاريخي طرح سرائيڪي عوام کي پنهنجي ڌرتي آهي، تنهنڪري اسان جي پارٽيءَ محسوس ڪيو تہ جن ماڻهن کي پنهنجي ڌرتي آهي، انهن جا پنهنجا مسئلا آهن، انهن کي الڳ "قومي وحدت" مڃڻ گهرجي.

سوال: سنڌ ۾ اردو قوميت جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي؟

رسول بخش پليجو: اردو قوميت نالي ڪا شيءِ ٿي ئي نہ ٿي سگهي.

سوال: توهان ان کي مهاجر قوميت ڪٽي سمجهو يا اردو قوميت.

رسول بخش پليجو: مهاجر قوميت جي سلسلي ۾ مسئلو هي آهي تہ چاليهن سالن کان پوءِ بہ جيڪو مهاجر آهي، ان جو مطلب آهي تہ پاڪستان ان کي اجان ٻانهءِ ناهي ڀيو. هڪڙو ماڻهو اهڙو هوندو آهي، جيڪو هڪ جڳهہ کان ايندو آهي ۽ اتي جذب ٿي ويندو آهي ۽ سڄو معاملو ختم ٿي ويندو آهي. چاليهن سالن کان پوءِ بہ هتي جيڪو مهاجر آهي، ان لاءِ اقوام متحده هڪ ڪميشن جوڙي ڇڏي آهي، انهن کي اقوام متحده کي درخواست ڏيڻ گهرجي. تنهن هوندي بہ انهن کي سمورن مسلم ملڪن ۾ آباد ڪرڻ گهرجي، جيڪي ماڻهو پاڪستان کي پنهنجو وطن نہ ٿا سمجهن، بلڪ پاڻ کي مهاجر سڏين ٿا.

سوال: وطن جي ڳالهہ ڪانہ پيئي ٿئي، اهي پاڻ کي قوميت چون ٿا.

رسول بخش پليجو: مهاجر جي ڳالهہ پيئي ٿئي، قوميت جي ڳالهہ پوءِ ٿيندي.

سوال: مهاجر تہ پاڻ کي قوميت چون ٿا؟

رسول بخش پليجو: قوميت اهي تڏهن بڻبا، جڏهن اهي مهاجر نہ هوندا. چاليهن سالن کان پوءِ بہ جيڪو ماڻهو مهاجر آهي، ان جو مطلب اهو ٿيو تہ هن کي هتان جي ڌرتي يانءِ نہ ٿي پوي.

سوال: الطاف حسين جڏهن "جنگ فورم" ۾ آيو هو تہ اسان کيس چيو هو تہ مکي واري هجرت هڪ عمل جو نالو هو ۽ اهڙي عمل مان گذرڻ وارو قوميت نہ ٿو بڻجي سگهي، تہ ان جي جواب ۾ هن قرآن مجيد جو حوالو ڏنو هو ۽ چيو هو تہ اهي سڃاڻپ جي لحاظ کان "مهاجر" جو لفظ استعمال ڪندا آهن، ان کان سواءِ هن چيو تہ هتي پنجابي، سنڌي، پٺاڻ ۽ بلوچ قوميتن جي ڳالهہ ڪئي ويئي، ان کري انهن قوميتن جي ردعمل ۾ مهاجر قوميت جي ڳالهہ ٿي، ان تي توهان جو ڇا خيال آهي؟

رسول بخش پليجو: هتان پاڪستاني، برطانيا ويندا آهن، ڇا اهي اتي بہ "پاڪستاني برطانوي" جو اصطلاح استعمال ڪندا آهن؟ برطانوي جيڪي بہ آهن، سمورا برطانوي آهن. هتي اچڻ کان پوءِ يا تہ توهين پاڪستاني آهيو يا وري پاڪستاني ناهيو. جيڪڏهن توهين پاڪستاني آهيو تہ مهاجر نہ ٿا ٿي سگهو.

فرض ڪريو، هتان پاڪستاني، عرب ملڪن ۾ وڃن ٿا، قوميت جو نالو وٺڻ سان اسان کي علائقو تہ ملي ڪونہ ويندو، قوميت تہ ڌرتيءَ جي هجڻ سان ڏهندي آهي.

سوال: اسان جي قوميت پاڪستان جي حوالي سان جُڙي ٿي، پر هاڻي علائقي جي حوالي سان قوميت جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي ۽ پاڪستاني قوميت جو تصور پڻتي ڏڪجي وڃي ٿو ۽ اسين اِڪاين ۾ ورهائجي ويا آهيون. اڳ ۾ مهاجر جي حوالي سان قوميت جي ڳالهہ پئي هلي، هاڻي هتي پنجابي-پختون اتحاد جڙيو آهي، اها ڳالهہ تہ ملڪ لاءِ نقصانڪار آهي. ان سلسلي ۾ صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ توهان وٽ ڪهڙيون تجويزون آهن؟

رسول بخش پليجو: ان سلسلي ۾ اسان جي سوچ اها آهي تہ جڏهن پاڪستان قائم ٿيو تہ سيني کان گهٽي تعداد ۾ سنڌي ماڻهن پاڪستان ڏهڻ جي حق ۾ خواهش ظاهر ڪئي هئي. آئون اهو نہ ٿو چوان تہ سنڌين سيني کان وڌيڪ قرباني ڏني، پر پاڪستان ڏهڻ جي سلسلي ۾ سيني کان وڌيڪ خواهش هتان جي مسلمانن ڪئي هئي. سرحد ۾ ريفرينڊم ٿيو هو، بلوچستان ۾ شاهي جرڳي فيصلو ڪيو هو ۽ پنجاب ۾ آخر تائين يونينسٹ حڪومت هئي، انهن اوچتو محب وطن بنجڻ جو فيصلو ڪيو.

قراردادِ پاڪستان ۾ ڪٿي بہ اها ڳالهہ شامل نہ هئي تہ پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن بہ قوم کي پنهنجي وطن ۾ بي وطن ڪيو ويندو، انهن کي اقليت ۾ تبديل ڪيو ويندو يا ڪنهن بہ صوبي جي عوام کي غلام بڻايو ويندو.

پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن جو ڪافي تعداد هتي آيو.

سنڌي ماڻهو محسوس ڪن ٿا تہ اردو ڳالهائيندڙ بيوروڪريسيءَ هتي حملو ڪري ڏنو. هڪ سازش تحت اسان کان ڪراچي کسيو ويو. توهين نعرو هڻي ڪنهن بہ ملڪ کي پنهنجي ملڪيت نہ ٿا بڻائي سگهو.

آئون يورپ جي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچر ڏيئي رهيو هوس تہ اتي هڪ شخص بار بار اسلام جو حوالو ڏيڻ لڳو. نيٺ مون کيس چيو تہ، "تون پنهنجي گهر جي چئن ڪمرن مان هڪڙو ڪمرو اسلام جي نالي تي مون کي ڏيئي چڏ!" هو چپ ٿي ويو. ڪراچي ۾ جهڙيءَ ريت سموريون شيون ورهايون پيون وڃن، ان ۾ اسان جي رضامندي شامل ڪانهي.ون يونٽ مڙهي پنجاب جي بيوروڪريسي هڪ ليند يوٽيلائيزيشن بورڊ جوڙيو ۽ آفيسرن (سنڌ جون) زمينون پاڻ ۾ حصا پتي ڪري ورهائي ڪنيون، ڪراچيءَ مان سنڌين کي تڙيو ويو، ڪراچيءَ جا پنٽي پيل علائقا سنڌين جا آهن، توهين لياريءَ کي ڏسو. اتان جي حالت ڪهڙي آهي؟ وڏيرا ان صورتحال تي ڪجهہ بہ ڪونہ ٿا ڪُڇن. سنڌ جو عوام وڏيرن کي سمجهي چڪو آهي ۽ انهن کي خبر آهي تہ وڏيرا سنڌين جي مفادن سان غداري ڪري رهيا آهن.

پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ آفيسرن ڪارا قانون جوڙي چڏيا آهن، انهن قانونن ذريعي سنڌ جون زمينون نيلام ڪيون ويون، غير قانوني طرح سنڌين جي زمينن جا ڪاتا، هندن جي نالي ناهيا ويا. هيٺ کان مٿي تائين غير سنڌي آفيسر هئا. ڪليم داخل ڪرائيندڙ غير سنڌي، ان جي تصديق ڪندڙ غير سنڌي، ان دعويٰ کي منظور ڪندڙ غير سنڌي، اپيل ٻڌندڙ غير سنڌي، مٿئين اپيل ٻڌندڙ غير سنڌي، سڀ جا سڀ غير سنڌي هئا، ايتري قدر جو وزير بہ غير سنڌي هئا. اهڙيءَ ريت اهي سموري سنڌ کي وکوڙي ويا.

عوام جي يادگيريءَ جي قوت نهايت مضبوط ۽ ڊگهي ٿيندي آهي. انهن اهي ڳالهيون وساريون ناهن. ون يونٽ مڙهڻ وقت پنجاب جي بيوروڪريسي ۽ اردو ڳالهائيندڙ آفيسرن ملي پڳٽ ڪري سنڌين خلاف پنجابي- پٺاڻ- مهاجر محاذ ٺهرايو. اسان جا نوجوان ون يونٽ خلاف وڙهي رهيا هئا ۽ هو وري مٿن پٿر اڇلائيندا هئا، ڪراچيءَ کان گاڏيون پرجيو حيدرآباد ايندیون هيون ۽ اهي پنهنجن حقن لاءِ وڙهندڙ سنڌي نوجوانن کي چُرا پيٽ ۾ هڻندا هئا. اهڙيءَ ريت اسان جي سينن تي مگ ڏرڻ جو عمل جاري رهيو. اهي سنڌ خلاف هر ظلم ۾ شامل رهيا. جڏهن بہ ظلم ٿيندو آهي، اهي تماشائي بڻجي تاڙيون وڄائيندا آهن. پٽي کي ڦاسي آئي، انهن تاڙيون وڄايون، آمريت اچي ٿي، اهي تاڙيون وڄائين ٿا، انهن بنگلاديش ۾ بہ اهڙو ئي ڪردار ادا ڪيو. اتي الشمس ۽ البدر جهڙيون تنظيمون قائم ڪيائون ۽ هر هنڌ عوام دشمن، رجعت پرست ڪردار ادا ڪيائون.

رسول ڪريم صلعم ۽ سندس اصحابن کان پوءِ اهڙو حق ڪنهن کي بہ ناهي تہ اهي "مهاجر" سڏائين. رسول ڪريم صلعم جي اصحابن کان سواءِ ڪنهن لاءِ بہ

"مهاجر" لفظ استعمال ڪرڻ گمراهي ۽ گستاخي آهي. هتي قرآن جي اصطلاح کي غلط استعمال ڪيو ويو. جڏهن به ڪو آمر اچي ٿو، اسان جا پائر ان جا حامي بڻجي وڃن ٿا ۽ جڏهن وري هن جي وڃڻ جو وقت اچي ٿو ته هن جي خلاف پڙڪي اُٿن ٿا. موجوده حڪمرانن جو عرصو ڪجهه مڙئي ڏڪهو ٿي ويو آهي، هاڻي اسان جا دوست انقلابي ٿي ويندا. جڏهن ته مون کي ائين ٿو لڳي ته مارشل لا لاڳو ڪئي ويندي.

هاڻي جيڪي قربانيون ڏنيون پيون وڃن، جيڪڏهن اهي جمهوري تحريڪ ۾ ڏنيون وڃن ها ته ڇا مارشل لا رهي سگهي ها؟ جيڪڏهن پنجاب جي بيوروڪريسيءَ سان ملي پگٽ ڪري، هتان جا دوست ون يونٽ جي پنيرائي نه ڪن ها ته ڇا ون يونٽ برقرار رهي سگهي ها؟ هتي ون يونٽ جي شان ۾ قصيدا چوندڙ هوندا هئا، هاڻي اهي چون ٿا ته رات وچ ۾ اسين قوميت بڻجي ويا آهيون. اهڙيون ڳالهيون سنڌي ماڻهن کي پڙڪائڻ لاءِ ڪيون پيون وڃن.

سوال: نامياروسنڌي اڳواڻ آريسر صاحب چوي ٿو ته آئون مهاجرن جي اڳواڻيءَ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

رسول بخش پليجو: سنڌي عوام سان اردو ڳالهائيندڙن کان وڌيڪ ويڌن سنڌي وڌيرن ڪئي، چاڪاڻ ته اهي حڪمرانن جي وڌيڪ ويجهو هئا. سنڌي وڌيرن جو پهريون فرض هو ته اهي غداري نه ڪن ها، پر انهن ڪئي. سنڌ ۾ پنجين قوميت جو نعرو ماڻهن کي نقصان پهچائڻ لاءِ هنيو پيو وڃي. اسان جا سنڌي دوست جيڪو ڪجهه چئي رهيا آهن، اهي ڳالهيون اسان سان تعلق نه ٿيون رکن. اهي بادشاهه ماڻهو آهن. انهن بادشاهن جو اسان ذڪر نه ٿا ڪريون، اسين انهن تي ڪو ڏوهه به نه ٿا ڏيون. اسين اهو چاهيون ٿا ته پنجاب جو بنيادي ڪردار پنجابي هڻڻ گهرجي، خيبر پختونخواهه جو ڪردار پناڻ هڻڻ گهرجي، بلوچستان جو ڪردار بلوچي هڻڻ گهرجي ۽ سنڌ جو بنيادي ڪردار سنڌي هڻڻ گهرجي. اسان سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ وارين ڪوششن کي ناجائز ۽ قانون جي خلاف سمجهون ٿا.

سوال: ڇا توهين جمهوريت کي نه ٿا مڃو؟

رسول بخش پليجو: جي نه! نه ٿا مڃون. توهان جي زمين تي ست ماڻهو اچي قبضو ڪن، ڇا توهين اها ڳالهه مڃيندا؟ لکين سالن کان منهنجي زمين تي جيڪڏهن ڪروڙين ماڻهو اچي قبضو ڪن، ته ڇا آئون ان ڳالهه کي مڃيندس؟ جيڪي ماڻهو سنڌي عوام جي خلاف ڪم ڪن ٿا، اسين انهن جو حق ڪيئن مڃينداسين؟

جيڪي ماڻهو سنڌي عوام جا وفادار آهن، جيڪي اسان جي دلين تي مگ نه ٿا ڏرين، سنڌ کي سنڌي ماڻهن جي ڌرتي سمجهن ٿا، اسان جا پائر ٿيڻ چاهين ٿا، ته اسين انهن ۾ ۽ پاڻ ۾ ڪوبه فرق نه ٿا سمجهون.

سوال: جن ماڻهن کي قديم سنڌي چيو وڃي ٿو، اهي به ته باهران آيا هئا.

رسول بخش پليجو: آئون جو هتي توهان جي سامهون وينو آهيان، منهنجا ابا

ڏاڏا پنج هزار سالن کان هتان جا رهاڪو آهن. توهان انگريزن کي ڇو تڙي ڪڍيو؟

سوال: توهان قوميت بابت جيڪو نظريو بيان ڪيو آهي، اسين ان متعلق پيا ڳالهايون.

رسول بخش پليجو: اهو نظريو ناهي، سڏي سنئين ڳالهه آهي. هيءَ منهنجي ڏرتي آهي، هيءُ گلاس منهنجو آهي، ان ۾ نظريي جي ڪهڙي ڳالهه آهي! جيڪڏهن آئون اهو چوان ته هي ڪوٺ منهنجو آهي، ته اها ڳالهه توهان کي Theory (نظريو) لڳي ٿي! جيڪڏهن آئون اهو چوان ته هيءَ "جنگ" جي آفيس آهي، اها ڪهڙي Theory آهي؟ اها ته سڏي ۽ سادي ڳالهه آهي.

سوال: توهان راهوڪيءَ واري تقرير ۾ چيو هو ته اردو ڳالهائيندڙ پائرن سان گڏجي ويهڻ لاءِ تيار آهيون. توهان انهن مان ڪهڙي گروهه سان ۽ ڪهڙي نقطي تي ڳالهائڻ چاهيو ٿا؟

رسول بخش پليجو: اهو نقطو هي آهي ته سنڌ کي سنڌين جو سمجهيو ويجي. ٻي ڳالهه هيءَ آهي ته توهين هڪ ڪروڙ ماڻهو گهرايو، اسين اها ڳالهه ڪونه مڃينداسين. توهين ٻهار، بنگلاديش ۽ افغانستان کان ماڻهو گهرائي گڏ ڪريو ۽ پوءِ چئو ته اسان گهٽا ٿي ويا آهيون، هاڻي جمهوريت جي ڳالهه ڪريو! ته ائين نه ٿيندو. آئون اهڙي جمهوريت کي نه ٿو مڃان، جنهن ۾ منهنجي ڏرتي، توهان جي ٿي ويجي.

اسين سچن ۽ وفادار ماڻهن سان ڳالهيون ڪري سگهون ٿا، شرط اهو آهي ته سڀ کان اول ٻاهريان ماڻهو گهرائڻ بند ڪيا وڃن، ٻهارين جو هتي اچڻ بلڪل ۽ ناممڪن بڻايو ويجي، اسين اهڙي قدم کي سنڌ جي خلاف سمجهون ٿا. بنگلاديش جا رهواسي بنگلاديشي آهن. ائين ناهي ٿيندو ته توهان (ٻهارين) کي ملڪ ۾ ملي ۽ توهين ان کي ڇڏي ڏيو. توهان اهو ملڪ قبول ڪيو هو، پوءِ توهان اتان جي اصلوڪن رهواسي ماڻهن جي خلاف ڪم ڪيو ۽ پوءِ وري چئو ٿا ته اسين قاتل آهيون. وري سيالٽي چوندؤ ته اسين سنڌ ۾ قاتل آهيون، وري چئو ته پنجاب ۾ قاتل آهيون، هاڻي عرب وڃي هلو، هاڻي عراق وڃي هلو! بنگلاديش ۾ هڪ ملڪ آهي، توهان اتي رهو. خدا ڪين (ٻهارين کي) موقعو ڏنو هو، انهن کي اتي رهڻ گهرجي ها.

سنڌ جا ماڻهو انهن سنڌي ليڊرن کي معاف ڪونه ڪندا، جيڪي چون ٿا ته جتان ۾ مرضي پوي، ماڻهو وڃي اچي هتي آباد ڪريو.

برما کان ڪنهن کي ۾ هتي اچڻ نه گهرجي. اسين کوکرا پار سرحد کولڻ جي مخالفت ڪريون ٿا. اتان جيڪي ماڻهو اچن ٿا، هتي اچي ڪري پاسپورٽ ڪاڙي ٿا ڇڏين ۽ هتي لڏو لاهي ويهي رهن ٿا. پارت کان ۾ اهڙي قسم جي آمد بند ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ ريت پاڪستان جي ٻين صوبن کان ماڻهن جي هتي اچي رهڻ تي پابندي هجڻ گهرجي. ڪراچيءَ ۾ هاڻي ايتري گنجائش ڪانهي.

سوال: ملڪ جي ٻين صوبن کان هتي اچي آباد ٿيندڙن کي ڪيئن ٿو روڪي

سگھجي؟ ڇوتہ هتي صنعتون (فيڪٽريون) آهن.

رسول بخش پليجو: ڪٿي ويجو صنعتون! اسان کي اهڙين صنعتن جي ضرورت ڪانهي. دفاعي خرچن ۾ گھٽتائي آڻي، پنجاب ۾ صنعتون لڳايون ويون. مرڪز کان وڌيڪ رقم ورتي ويجي ۽ پنجاب ۾ صنعتون لڳايون ويون. اسين پنهنجي بجيٽ مان ڏوڪڙ ڏيڻ لاءِ بہ تيار آهيون. اسين چئون ٿا تہ پنجاب ۽ خيبر پختونخواهہ کي صنعتون لڳائڻ لاءِ ڪروڙين روپيا ملڻ گھرجن. هتي ڪارخانن جي بهاني سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جا سانباها ڪيا پيا ويون. اسان کي اهڙا ڪارخانا نہ گھرجن، جيڪي اسان جي وجود کي ختم ڪري ڇڏين. شاهہ عبداللطيف پٽائيءَ جو هڪ بيت آهي تہ:

"ڪُلهي ڦاٽو، ڪنجرو مٽو اگهاڙو،
منهنجو ڪُجاڙو، پينر هن پنيور ۾."

جن ڪارخانن ۾ هڪ بہ سنڌي ملازم ناهي، اهڙن ڪارخانن هجڻ جو ڪهڙو فائدو؟

سوال: ڪراچيءَ ۾ بندرگاهہ بہ آهي.

رسول بخش پليجو: بندرگاهہ اسان جو آهي. سمنڊ اسان هاڻي پيدا نہ ڪيو آهي. هڪ ڳالهہ آئون واضح ڪندو هلان تہ ٻوليءَ سان اسان جو ڪو تڪرار ناهي. ملڪ ۾ ٻلي پنجاهہ ٻوليون هجن، سيني کي ترقي ڪرڻ گھرجي. ملڪ جي هر فرد کي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم ملڻ گھرجي. هر تهذيب ۽ تمدن کي واڌ ويجهہ جا موقعا ملڻ گھرجن. اردو وڌيڪ سکڻ گھرجي.

سوال: جام ساقيءَ لاهور ۾ "جنگ فورم" ۾ چيو هو تہ جن ادارن کان پنجابي عوام کي شڪايت آهي، سنڌين کي بہ انهن ئي ادارن کان شڪايتون آهن ۽ ڪيس (جام ساقيءَ کي) پنجابي عوام کان ڪابہ شڪايت ناهي. ان جي باري ۾ توهان جو ڪهڙو نقطہء نظر آهي؟

رسول بخش پليجو: آئون ڪنهن ٻئي صاحبِ موصوف جو ذڪر نہ ڪندس، آئون پنهنجي ڳالهہ ڪندس. منهنجي اها عادت رهي آهي تہ پنجابين جي روبرو ڳالهائيندو آهيان تہ پنجابين جي زيادتين جي ڳالهہ ڪندو آهيان. ڪن ماڻهن جو طريقو مختلف هوندو آهي، اهي اردو ڳالهائيندڙن اڳيان پنجابين جو شڪايتون ڪندا آهن ۽ وري پنجابين جي اڳيان اردو ڳالهائيندڙن جون شڪايتون ڪندا آهن.

مون پنجابي دوستن جي خدمت ۾ گذارش ڪئي تہ جيڪڏهن توهين صوبن جي وچ ۾ دوستي ۽ پائيچارو چاهيو ٿا تہ توهان کي قبضاگيريءَ جي حمايت بند ڪرڻ گھرجي. اسان کي پنجاب جو پَنَ بہ نہ گھرجي. اسان کي (پنجاب ۾) هڪ پٽيوالي جي نوڪري بہ نہ گھرجي. اهڙيءَ طرح توهان کي بہ هتي (سنڌ ۾) اسان جي ماڻهن جي روزگار تي قبضو نہ ڪرڻ گھرجي.

مون کي يقين آهي تہ پنجاب جي عوام جي اڪثريت جو فائدو بہ ان ڳالهہ ۾

آهي تہ پاڪستان جي سلامتيءَ لاءِ ٻين صوبن جي حقن تي ڏاڙا هڻڻ بند ڪيا وڃن. پنجاب کان جيڪي ماڻهو هتي اچي آباد ٿيا آهن، اسين انهن کي پنجاب جو نمائندو قطعي طرح نہ ٿا ڄاڻون. انهن ماڻهن جا مفاد پنجاب جي اڪثريتي عوام جي مفادن سان ٽڪراءَ جي ڏمري ۾ اچن ٿا. اردو ڳالهائيندڙ اڪثريتي عوام جو مفاد اهو آهي تہ اهي آمريت جو ساٿ ڏيڻ ڇڏين ۽ سنڌ جي عوام سان پائرن وانگر گڏجي گذارين.

سوال: ڇا توهين اردو ڳالهائيندڙ طبقي کي مظلوم نہ ٿا سمجهو؟

رسول بخش پليجو: هتي طبقاتي مفاد ناهي. پنجاب جو مظلوم عوام، پنجابي جاگيردار جي خلاف مقابلو ڪري رهيو آهي. سنڌ جا مظلوم عوام، سنڌي وڏيري خلاف وڙهي رهيا آهن. توهان ڏنو تہ فاضل راهوءَ کي قتل ڪيو ويو، ڇا اردو ڳالهائيندڙن پنهنجي رجعت پرست قوتن جي خلاف ڪا جدوجهد ڪئي؟ ڇا انهن جي وچ ۾ ڪو اهڙو طبقاتي تضاد آهي، جهڙو سنڌ ۾ آهي؟

سوال: ڇا هتي ساڃي ڌر ۽ ڪابي ڌر جي سياست ڪوبہ پئي ٿئي؟

رسول بخش پليجو: اسان جي جاگيردار ۽ هاريءَ جو جيڪو تضاد آهي، اهو اردو ڳالهائيندڙ آبادي ۾ ڪونهي. هتي (سنڌ ۾) حل نہ ٿيڻ جوڳا تضاد نہ آهن. هتي ائين بہ ڪونهي تہ سرمائيدار بہ يو- پيءَ جو هجي ۽ مزدور بہ يو- پيءَ جو هجي. پنجاب ۾ سرمائيدار پنجابي آهي ۽ مزدور بہ پنجابي آهي. هتي مڪمل طرح پيٽي بورزوا طبقو آهي. ريڙهي واري کان ويندي وڏي کان وڏي آفيسر تائين جي وچ ۾ حل نہ ٿيڻ جوڳا تضاد ناهن. هتي سڏا سنوان رويا آهن تہ اهي (اردو ڳالهائيندڙ) رجعت پرست پارٽين جي حمايت ڪن ٿا، آمريت جي حمايت ڪن ٿا، اهي سنڌ جي مفادن جي خلاف ڪم ڪري رهيا آهن. اهي ون يونٽ جهڙي ڪڏي قدم جي حمايت ڪن ٿا، اهي ڪنهن بہ جمهوري جدوجهد ۾ شريڪ نہ ٿا ٿين، اهي پنهنجو پاڻ کي سنڌ جي ماڻهن کان اعليٰ ۽ الڳ ٿلڳ سمجهن ٿا.

سوال: عبدالحفيظ پيرزادي هڪ انٽرويوءَ ۾ چيو هو تہ سنڌ ۾ صرف پيپلز پارٽي، سنڌي- بلوچ- پشتون فرنٽ، مذهبي پارٽيون ۽ جي- ايم سيد اثر رسوخ رکي ٿو، رسول بخش پليجي جي ڪابہ حيثيت ناهي. ان جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي؟

رسول بخش پليجو: پيرزادي صاحب جي ڳالهين کي اهميت ڏيڻ جي ڪا ضرورت ناهي. هو سياسي طور تي ڪڏهن کو وڏو مسئلو ناهي رهيو. ڪيس پٽي صاحب سياست ۾ آندو. هو سنڌ جي قومي جدوجهد ۾ ڪڏهن بہ شريڪ ناهي رهيو. هن کي اوچتو خبر پيئي تہ قومي اسيمبلي نالي بہ ڪا شيءِ ٿيندي آهي.

اسان کي يورپ کان رڳو سِکڻو نہ، پر سيکارڻو بہ آهي۔ ايم آر ڊي تحريڪ دوران عوامي تحريڪ جدوجهد جي نئين تاريخ تحريز ڪئي۔

انٽرويو: نذير لغاري/ اخبارِ جهان، 11ـ17 مئي 1987ع

[رسول بخش پليجو 20 جنوري 1930ع تي ضلعي نٽي جي شهر جنگشاهيءَ پرسان ڳوٺ مُنگر خان پليجو ۾ پيدا ٿيو. شروعاتي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ هن ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسة الاسلام ۾ داخلا ورتي. اتان فارغ ٿي، ايس- ايم لا ڪاليج (S.M Law College) ڪراچيءَ مان قانون (Law) جي ڊگري ورتائين. پاڻ سنڌي، اردو، انگريزي، فارسي ۽ پنجابي روانيءَ سان ڳالهائي ٿو. ان کان سواءِ کين سرائيڪي، بلوچي، عربي، هندي ۽ بنگالي ٻولين تي ڪافي عبور حاصل اٿس. پاڻ شروع ۾ جي- ايم سيد سان گڏجي بزمِ صوفياءِ سنڌ ۽ سنڌ متحده محاذ ۾ ڪم ڪيائون، تنهن کان پوءِ جي- ايم سيد کان الڳ ٿيا. ڪجهه عرصي کان پوءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ميمبر طور ڪم ڪندا رهيا، پر کين جلد ئي خبر پئجي ويئي تہ پاڪستان ڪميونسٽ پارٽي، هندوستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي هڪ شاخ طور ڪم ڪري رهي آهي. ڪميونسٽ پارٽيءَ پاڪستان جي مسئلن کي، پاڪستان جي معروضي حالتن موجب نہ ٿي سمجهڻ چاهيو ۽ نہ ئي انهن جو حل ڪڍڻ ٿي چاهيو. سندس خيال هو تہ ڪميونسٽ پارٽي يوٽوپيائي طرز جي نصابي پارٽي آهي، جيڪا نسل پرستيءَ جي بنياد تي هٿياربند ويڑهه ذريعي سنڌ سميت سموري ملڪ تي راج ڪرڻ جا خواب ڏسي ٿي. پاڻ ڪميونسٽ پارٽي، جماعت اسلامي ۽ ايم- ڪيو- ايم کي هڪ ئي لساني گروهه جون مختلف سياسي شڪليون قرار ڏين ٿا.

هو ڪارل مارڪس، لينن ۽ مائوزيتنگ جي فڪر ۽ نظرين کي درست مڃي ٿو ۽ پنهنجي فڪر کي مارڪسزم- ليننزم ۽ فڪرِ مائوزيتنگ سان جوڙي ٿو. رسول بخش پليجي پنهنجي زندگيءَ جا يارهن سال سنڌ ۽ پنجاب جي مختلف جيلن ۾ گذاريا. ڪوٽ لکپت جيل ۾ گذاريل ڏينهن جي باري ۾ سندس ڊائري سنڌي ادبي حلقن ۾ نهايت ئي مقبوليت ماڻي. پاڻ سنڌ متحده محاذ کان الڳ ٿيڻ بعد مير علي بخش تالپر ۽ محمد فاضل راهوءَ سان گڏجي سنڌي عوامي تحريڪ جو بنياد رکيائون. ان تنظيم سنڌ ۾ سياسي ادب تخليق ڪيو. رسول بخش پليجي لڳ ڀڳ ٻہ درجن ڪتاب لکيا. ان کان سواءِ هن ٻين ماڻهن کان پڻ ڪيترائي ڪتاب لکرايا. ايم. آر. ڊي جي تحريڪ دوران سنڌ ۾ سنڌي عوامي تحريڪ جدوجهد جي نئين تاريخ لکي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کان پوءِ عوامي تحريڪ اها واحد تنظيم هئي، جنهن هر ضلعي ۽ تعلقي ۾ سيني کان وڌيڪ

گرفتاريون پيش ڪيون. پوءِ سنڌي عوامي تحريڪ جو نالو بدلائي عوامي تحريڪ رکيو ويو.

مون هن انٽرويوءَ کان سواءِ ساٺس ڪيترين ئي ويهڪون ڪيون آهن. آئون ساٺس باندي هجڻ وارن ڏينهن ۾ به ملندو رهيو آهيان. آئون سدائين ساٺس شاگرد وانگر ملندو آهيان. ڪڏهن ته ساٺس ملڻ سان انتهائي خوشي ٿيندي آهي، هو رڳو علم ڳالهائيندو آهي. ڪيس مختلف ٻولين جا هزارين شعر ياد آهن. ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو آهي ته هو پنهنجي رويي ۾ نهايت ئي انتها پسند ٻڌجي ويندو آهي.]

سوال: ملڪ جي مجموعي صورتحال جي باري ۾ توهان جو مجموعي تاثر ڪهڙو آهي؟

رسول بخش پليجو: ملڪ جي موجوده صورتحال انتهائي ڏکوئيندڙ آهي. ڪيترن ئي شهرن ۾ لڳل باهه مان نڪرندڙ دونهان اڃان ختم ئي نه ٿيندا آهن، ته هڪ نئين باهه پڙڪي اُٺندي آهي. انسان کي انسانن جي رت جو پياسو ٻڌايو ويو آهي. ماڻهو رڳو ان ڪري هڪٻئي جا دشمن ٻڌجي ويا آهن جو اهي سندن ٻولي نه ٿا ڳالهائين. ڪنهن به ڏوهه کان سواءِ انسانن جو قتل عام ڪرڻ ظلم آهي.

حڪمران طبقن جي اها ڪوشش آهي ته جمهوري قوتن کي غير اثرائتو ٻڌايو وڃي ۽ ملڪ ۾ نئين سر مارشل لا لاڳو ڪرائجي. اسان اڳ به چيو هو ۽ هاڻي به چئون ٿا ته مظلوم قوميتن جا حق مڃيا وڃن ۽ انهن کي سندن تاريخي حق ڏنا وڃن. ملڪ ۾ بنا دير جماعتي بنيادن تي چونڊون ڪرايون وڃن، ڇاڪاڻ ته حالتون هر گهڙي، هر پل خراب ٿي رهيون آهن. اسين چاهيون ٿا ته صورتحال کي ايترو پري تائين نه گهليو وڃي، جتان واپسي ممڪن نه هجي.

سوال: توهان گذريل ڏينهن ۾ ملڪ کان ٻاهر رهيا آهيو. پرڏيهه ۾ رهڻ دوران توهان ملڪي مسئلن جي باري ۾ ڪهڙا پليٽ فارم استعمال ڪيا؟

رسول بخش پليجو: مون برطانيا ۾ ڪيمبرج، سسيڪس ۽ لنڊن جي ٻين يونيورسٽين ۾ ليڪچر ڏنا. لنڊن ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي تقريرون ڪيم ۽ اتي برطانيا جي عوام سان عوامي نيشنل پارٽيءَ جو تعارف ڪرايم. هالينڊ، ايمسٽرڊم ۽ هيگ جي يونيورسٽين ۾ ليڪچر ڏنم. مانٽريال، ڪنگسٽن، اٽاوا ۽ ٽورنٽو ۾ ريڊيو، ٽيليويزن ۽ اخبارن کي انٽرويوز ڏنم ۽ سمورن هنڌن تي عالمي مسئلن، ٽئين دنيا جي مسئلن، ٽئين دنيا ۾ فوجي حڪومتن جي قائم ٿيڻ جي پس منظر، دنيا جي مظلوم عوام جي جدوجهد، آمريڪا، برطانيا ۽ سڄي يورپ ۾ انقلاب جي موضوع تي ڳالهه ٻولهه ڪيم.

جتي به قومي تحريڪن تي ڳالهه ٻولهه جو بندوبست هوندو هو ته اتي قومي جدوجهد جي تاريخ تي منهنجو ليڪچر رکيو ويندو هو. يورپ ۽ آمريڪا جي يونيورسٽين جي ايشين اسٽڊيز جي شعبي ۾ ماهر پروفيسر هوندا هئا، جيڪي علم ۽

هنر ۾ اعليٰ مقام رکندا هئا، انهن سان منهنجون ڳالهيون ٿيون. مختلف هنڌن تي وڏا بحث ٿيا. ڪٿي ڪٿي اسان جا مهربان هوندا هئا، جيڪي چوندا هئا ته پاڪستان ۾ اڃان تائين مڪمل سرمائيداري قائم نه ٿي آهي. جمهوريت، سرمائيداريءَ سان لاڳاپيل آهي. توهين في الحال چپ ڪري ويهو، جڏهن پاڪستان ۾ چاليهن-پنجاهه سالن ۾ سرمائيداراٽي نظام جون پاڙون مضبوط ٿيندیون، پوءِ بيشڪ جمهوريت جي ڳالهه ڪجو. هاڻي جمهوريت جي ڳالهه چو ٿا ڪريو؟ ڪهڙي ڳالهه جي تڪڙ آٿئو! مون انهن دوستن سان جمهوري جدوجهد جي تاريخي پسمنظر ۽ پاڪستان ۾ جمهوريت جي امڪانن جي باري ۾ ڳالهيون ڪيون.

منهنجي ان عرصي ۾ ڪافي ذهني واڌ ويجهه ٿي، پر مون اها ڳالهه پڌ محسوس ڪئي ته اسان کي يورپ کان رڳو سکڻو ناهي، بلڪ انهن کي سيکارڻو پڻ آهي. مون هڪ هنڌ انقلابي جدوجهد ۾ هارين جي ڪردار جي باري ۾ ليڪچر ڏنو. اتي مون کي خبر پيئي ته مسئلو صرف ٻڌڻ جو ناهي، بلڪ ٻڌائڻ جو به آهي. اسين ايشيائي ان احساسِ ڪمتريءَ ۾ مبتلا رهياسين ته اسان يورپ کان سکنداسين، پر اتي معلوم ٿيو ته اتي به ڏيئي جي هينيان اونداهه آهي.

سوال: گذريل ڏينهن ۾ جماعت اسلاميءَ جي امير ميان طفيل احمد هڪ انٽرويوءَ ۾ چيو آهي ته جڏهن به ملٽريءَ جو ايڪشن ٿئي ته ماڻهن کي پنهنجا گهر ڇڏي هليو وڃڻ گهرجي. ان باري ۾ توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟

رسول بخش پليجو: ميان طفيل احمد ۽ سندس جماعت سنڌ تي تمام گهڻو مهربان آهن. اهي اسان جا محتسبِ اعليٰ بڻيل آهن. هاڻي اهي پاڪستان جا خالق به بڻجي ويا آهن. اهي الشمس ۽ البدر ناهيندا آهن. اسين ماڻهو ملٽري ايڪشن جي صورت ۾ گهر ڇڏي ويون ته ڪيڏانهن ويون؟ ميان صاحب ٻڌائي ته اسين سنڌ ڇڏي ڪيڏانهن ويون؟

سوال: جناب جي- ايم سيد چيو آهي ته جنهن ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪيو وڃي، اتان جي پڙهيل لکيل ماڻهن کي گهرجي ته گهر جي ڪوڙيءَ ۾ ويهي ڪتابن لکڻ جو ڪم شروع ڪن، ڇا توهين ان خيال سان متفق آهيو؟

رسول بخش پليجو: سائين جي- ايم سيد جي باري ۾ عام تاثر اهو آهي ته جڏهن به ملڪ ۾ انڌي، ڪاڻي، لولي لنگڙي جمهوريت هجي ته ان جي خلاف جنگ جو اعلان ڪندو آهي ۽ جڏهن ملڪ ۾ فوجي حڪومت هجي ته هو حڪمرانن سان نياز نوڙت وارا لاڳاپا قائم ڪري ونندو آهي ۽ ماڻهن کي گهرن ۾ بند ٿي وڃڻ جون هدايتون ڪندو آهي. سائين اسان جو بزرگ آهي، سيد آهي، سادات آهي، بادشاهه آهي، بادشاهن کي هر ڪم ڪرڻ جو اختيار هوندو آهي. هن ماضيءَ ۾ ڪي سڀ ڪم به ڪيا، سڀ ڪتاب به لکيائين، پر ڪتابن ۾ هو جيڪو ڪجهه لکندو آهي، سندن عمل ان جي ابتڙ هوندو آهي، پر هو اسان جو وڏڙو آهي، عزيز آهي. اسان جي

لاءِ هو ڇپر ڇانوَ جي حيثيت رکي ٿو. خدا کيس هزار ورهين جي ڄمار بخشي ڏئي.

سوال: سنڌ جي بئراج واريون زمينون ڏارين ماڻهن کي الاٽمينٽ ڪري ڏيڻ جي باري ۾ اسان ملڪ جي سمورين پارٽين جي سربراهن کان سوال ڪيو آهي. ان باري ۾ توهان جو نقطءِ نظر ڇا آهي؟

رسول بخش پليجو: ان سلسلي ۾ هڪ ڪميشن جوڙڻي وڃي، جيڪا ان ڳالهه جو جائزو وٺي ته سنڌ جي 28 لک ايڪڙ ايراضي ڏارين ماڻهن کيئن حاصل ڪئي. سنڌ جي زمين، سنڌ جي عوام جي ملڪيت آهي. اسين حڪومت ۾ اچي وياسين ته پنجن ڏينهن جي اندر اندر اهڙو آرڊيننس لاڳو ڪنداسين جو ڏارين ماڻهن کي اها زمين ڇڏڻي پوندي. اسان جو چوڻ هي آهي ته هڪ ڪميشن جوڙڻي وڃي، جيڪا غلط ڪليمن ذريعي حاصل ڪيل ايراضيءَ جو جائزو وٺي ۽ اهي انگ اکر گڏ ڪري ته ون يونٽ مڙهجڻ کان پوءِ سنڌ جي ڪيتري زمين ڏارين ماڻهن کي ڏني ويئي. اسين انهن عملدارن کي سزائون ڏيڻ جو مطالبو ڪريون ٿا، جن پنهنجن اختيارن جو ناجائز استعمال ڪري، سنڌ جي عوام جي حقن تي راتاها هنيا. جن ماڻهن يوٽيلائيزيشن بورڊ جوڙڻي، سنڌ جي زمينن کي قرلٽ ۽ غنيمت جو مال سمجهي ورهاست ڪئي، انهن کي سزائون ڏنيون وڃن.

هاڻي اسين ان ڳالهه تي زور ڏيون ٿا ته سنڌ ۾ وڏيڪ هڪ شخص جي به گنجائش ناهي، سنڌ ۾ ٻين صوبن ۽ ملڪن کان ماڻهن جون مسلسل لوڏون آڏ بند ڪيون وڃن. ان سلسلي ۾ رڳو ورڪ پرمٽ سان ڪم نه هلندو، بلڪ هر طرفي پاليسي لازمي جوڙڻي وڃي.

سوال: هڪ تجويز اها به آهي ته سنڌ ۾ ڪنهن به غير سنڌيءَ کي ووٽ ڏيڻ جو حق نه هجڻ گهرجي. ان تجويز جي باري ۾ توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟

رسول بخش پليجو: ڇا غير سنڌين ۾ الشمس ۽ البدر وارا به شامل آهن يا نه؟ ٻين صوبن کان هڪ لک ماڻهن جي آمد بند ڪري، ٻين ملڪن کان 8 لک ماڻهو گهرائي، انهن کي هتي (سنڌ ۾) آباد ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي وڃي ته منهنجو ردعمل ڪهڙو هوندو؟ آئون ٻين صوبن ۽ ٻين ملڪن کان سنڌ ۾ ماڻهو گهرائڻ جي خلاف آهيان.

سوال: ٿر ۾ ڏڪار سبب جيڪا ڏکائيندڙ صورتحال پيدا ٿي، ان سلسلي ۾ توهان جي پارٽي ڇا پئي ڪري ۽ ان مسئلي جو مستقل حل ڪهڙو آهي؟

رسول بخش پليجو: ٿر ۾ هن وقت بک ۽ اُڄ سبب ماڻهو مرن پيا، ڏور ڏڳا اجل جو شڪار ٻڌجي چڪا آهن، گهر برباد ٿي ويا آهن. ٿر جي تباهه حال علاقن ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن صورتحال کي وڏيڪ منجهائي ڇڏيو آهي ۽ ائين ٿو لڳي جڙ ٿر مقامي وڏيرن جي جاگير هجي. ٿر مارئيءَ جو ديس آهي. ٿر شاهه لطيف جي شاعريءَ جو اهم ترين جاگرافيائي پسمنظر آهي. ان علاقي ۾ جيڪو ظلم جاري رکيو ويو

آهي، اهو نهايت افسوسناڪ آهي.

اسان ان سلسلي ۾ عام ماڻهن جو ڏيان ڇڪايو آهي. اسان جي پارٽيءَ جو سينئر نائب صدر سيد عالم شاهہ گذريل ڏينهن ۾ ٽر جو دورو ڪري آيو آهي. هن اتان جي ڏڪار ۾ آفيسرشاهيءَ جي ظلمن جا انگ اکر گڏ ڪيا آهن. اتي غريب ماڻهن کي مهيني ۾ ٽي سير اَن ملي ٿو. اسان جي پارٽيءَ مطالبو ڪيو آهي تہ ٽر جي لاءِ هنگامي بنيادن تي هڪ ارب روپيا امداد طور منظور ڪيا وڃن.

اسان هڪ تجويز پيش ڪئي هئي تہ ٽر کي بچائڻ لاءِ سمورين سياسي پارٽين ۾ سنڌ جي خير خواهن جي هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي وڃي. جيڪڏهن اسان جي تجويز تي اتفاق راءِ پيدا نہ ٿيو تہ اسان مجبور ٿي پنهنجي ٻَل تي ڪانفرنس ڪوٺائينداسين.

سوال: ان ڪانفرنس جي ايجنڈا ڪهڙي هوندي ۽ ان ۾ ڪهڙيون ڳالهيون بحث هيٺ آنديون ويندیون ؟

رسول بخش پليجو: ان ڪانفرنس ۾ ان ڳالهہ تي غور وبچار ڪيو ويندو تہ ٽر جي مسئلي کي مستقل طور ڪيئن حل ڪري سگهجي ٿو. سمورا مسئلا حل ڪرڻ نهايت ڏکي ڳالهہ آهي، پر مسئلن جي حل لاءِ ايمانداراٹي ۽ نيڪ نيتيءَ سان ڪوشش ڪرڻ ممڪن آهي، تہ جيئن مسئلن کي ڏاکي بہ ڏاکي گهٽائي سگهجي. ان سلسلي ۾ هڪدم ڏيان ڏيڻ جهڙا مسئلا هي آهن تہ ٽر ۾ پاڻيءَ جو بندوبست ڪيو وڃي. ان مسئلي کان عوام کي ڪيئن ڇوٽڪارو ڏيارجي؟ آڻون هي مطالبو ڪريان ٿو تہ هاءِ ڪورٽ جي ججن جي نگرانيءَ هيٺ هڪ ڪميشن قائم ڪئي وڃي، جيڪا ان ڳالهہ جو جائزو وٺي تہ ٽر ۾ امن جي نالي ۾ ٽيندڙ زيادتين جي نوعيت ڪهڙي آهي ۽ انهن زيادتين کي ڪهڙيءَ ريت ختم ڪرڻ ممڪن آهي.

سوال: سنڌ اندر اڇلهہ شاگرد تنظيمن وچ ۾ ويڙهاند ٿي رهي آهي، ان ويڙهاند جا ڪهڙا سبب آهن ؟ ان ويڙهاند کي ڪيئن ختم ڪري سگهجي ٿو ۽ توهان جي پارٽي ان سلسلي ۾ ڪهڙيون ڪوششون ڪري رهي آهي ؟

رسول بخش پليجو: سنڌي شاگردن، سنڌي عوام جي حقن جي جدوجهد ۾ هر اول دستي جو ڪردار ادا ڪيو آهي. اديبن، شاعرن ۽ هارين بہ ان جدوجهد ۾ حصو ورتو آهي. شروع شروع ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي اڳواٽيءَ ۾ هاري ڪميٽي عوام جي مسئلن کي مٿي اياريو ۽ عوام کي پنهنجن مسئلن جي باري ۾ سجاڳ ڪيو. ون يونٽ قائم ٿيڻ کان پوءِ هاري ڪميٽيءَ تي پابندي مڙهي ويئي تہ سنڌي اديب، دانشور ۽ شاعر ان مسئلي تي اٿي بيٺا. اديبن ۽ دانشورن جي جدوجهد جي نتيجي ۾ سنڌي شاگردن ۾ سجاڳي پيدا ٿي. اسان سنڌي شاگردن کي منظم ڪيو. ان ڪم ۾ مون بذاتِ خود حصو ورتو. اسان سان گڏ ٻيا دوست بہ هوندا هئا. اسان حيدرآباد ۾ هجڻ ڪري روزانو ان ڪم ۾ حصو وٺندا هئاسين. سنڌي ادبي سنگت نوجوانن جي فڪري رهنمائي ڪئي.

جڏهن نوجوانن جي جدوجهد اڳتي وڌي تہ سرڪاري عملدارن پنهنجا ڏند ڏيکارڻ شروع ڪيا. نوجوانن جو اتحاد ٽوڙيو ويو. حڪمرانن، نوجوانن تي "مهربانيون" ڪرڻ شروع ڪيون. اهڙيءَ ريت سنڌ جو هڪ مضبوط محاذ ٽٽي ويو ۽ هر شيءِ وڪري ويئي ۽ ائين ون يونٽ خلاف ۽ عوام جي حقن لاءِ هلايل جدوجهد تي جاگيردارن جو قبضو ٿي ويو. جن ماڻهن ڏهه ڏهه- ويهه ويهه سال نوجوانن جي جدوجهد جي مخالفت ڪئي هئي، جن ماڻهن چيو هو تہ نوجوان سنڌ جي حقن لاءِ بک هڙتال نہ ڪن، اسان سڀ مسئلا مارشل لا عملدارن کان حل ڪرائينداسين، اڳتي هلي اهي ئي ماڻهو ان جدوجهد جا هيرو ۽ اڳواڻ سڏائڻ لڳا. انهن جو طريقيڪار هي هوندو آهي تہ جڏهن ملڪ تي آمريت مڙهيل هجي تہ اهي ماڻهو اهنسا، شانتي، امن امان، سڪون ۽ تارڪ الدنيا جا درس ۽ نصيحتون ڏيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ دنيا کان پاسيرا ٿي وڃو. دنيا ۾ گندگي آهي، غلاظت آهي. ان جو صاف ۽ سڌو مطلب هي هوندو آهي تہ مارشل لا جي مخالفت نہ ڪريو.

جڏهن بہ سنڌ جي مفادن لاءِ ڪو قدم اڳتي وڌايو ويندو آهي تہ اهي ماڻهو اتي پهچي ويندا آهن. خان عبدالغفار خان گذريل ڪجهہ ڏينهن ۾ جڏهن بہ ڪراچي آيو، انهن ماڻهن نهايت خوفناڪ نعرا لڳايا. غفار خان چيو، "بابا، آئون اهڙا نعرا هڻڻ نہ ٿو چاهيان، انهن نعرن سان منهنجو ڪوبہ واسطو ناهي." پر اهي لڳاتار نعرا هڻندا رهيا. اهي هر شيءِ کي مخصوص رنگ ڏيڻ چاهين ٿا. اڇڪلهہ اهي ئي ماڻهو سنڌي شاگردن سان وڙهي رهيا آهن، پر هاڻي سنڌي ماڻهو انهن کي سچاڻي ويا آهن.

سوال: توهان جو جي- ايم سيد سان ڪيتري حد تائين تعاون ممڪن آهي؟

رسول بخش پليجو: سنڌي عوام پنهنجن حقن لاءِ ڏڪهي جدوجهد ڪئي آهي، انهن جيل ڪاٽيا، ڪوڙا ڪاڌا، سزائون پوڳيون، مارشل لا خلاف لڳاتار وڙهندا رهيا، هاڻي جيڪڏهن سندن جدوجهد ۾ جي- ايم سيد صاحب انهن سان گڏ رهندو تہ ظاهر آهي تہ هو اسان کي سهارو ڏيندو ۽ جيڪڏهن اسان سندس مخالفت ڪنداسين تہ ظاهر آهي تہ هو اسان جي ڳالهہ نہ مڃيندو. عوام آمريت خلاف اٽي بيهي ۽ اسان حڪمرانن سان بغلگير ٿيون، سندن هر عمل جي حامي پريون، تہ ظاهر آهي تہ ماڻهو انهن ڳالهين کي وساري نہ ڇڏيندا.

جي- ايم سيد ڪيترائي سڀ کان بہ ڪيا آهن. سندس شخصيت جو سڀ پاسو بہ آهي. اسين سندس چپر چانوَ ۾ رهيا آهيون. سندس موجوده رويو اسان کي پسند ناهي، پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ اسين ساڻس گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون. اسين دل جي سچائيءَ سان، نيڪ نيتيءَ سان سنڌ جي هر حقيقي خير خواهہ جا زر خريد غلام آهيون.

جي- ايم سيد تہ وڏي ڳالهہ آهي، هو عمر رسيده آهي، اسين وڏڙن جو تمام گهڻو ادب ۽ احترام ڪندا آهيون. وڏڙا اسان جي ڳالهہ ٻڌن يا نہ ٻڌن، سڀ کان ڪم کن يا

خراب، پر جيئن تہ اهي عمر ۾ وڌا هوندا آهن، تنهنڪري اسين سندن ادب ڪندا آهيون. اهڙيءَ ريت اسين جي- ايم سيد جو بہ احترام ڪندا آهيون. جيئن مون چيو تہ جي- ايم سيد وڏي ڄمار وارو ماڻهو آهي، پر جيڪڏهن ڪو بار يا اسان کان ننڍي عمر وارو بہ سنڌ جي عوام جي حقن لاءِ آواز اٺاريندو تہ اسين هٿ ٻڌي سندس خدمت ۾ حاضر ٿي وينداسين ۽ سندس هر حڪم جي پيروي ڪنداسين. ساڳيءَ ريت ڪنهن بہ شخص کي سنڌ جي وراثت جو اڪيلو دعويدار نہ مڃيو ويندو.

سوال: توهان پنهنجي راهوڪيءَ واري تقرير ۾ سنڌ سطح تي ڪم ڪندڙ تنظيمن کي اتحاد جي دعوت ڏني هئي. توهان ان سلسلي ۾ ڪهڙين تنظيمن سان ڳالهايو آهي ۽ انهن تنظيمن جو اتحاد جي حوالي سان ڪهڙو رويو آهي؟

رسول بخش پليجو: مون راهوڪيءَ ۾ چيو هو تہ عوامي نيشنل پارٽيءَ جي منشور ۾ اها ڳالهہ شامل آهي تہ ڪنهن بہ وحدت جي تنظيم جيڪڏهن اهو محسوس ڪري تہ ان کي پنهنجن حقن لاءِ ڪنهن ٻي تنظيم سان اتحاد ڪرڻ لازمي آهي، تہ پارٽي (اي- اين- پي) ان سلسلي ۾ رندڪ نہ ٻڌجندي.

منهنجي لاءِ اهو ممڪن هو تہ آئون تيزيءَ سان ماڻهن سان رابطو ڪري، ڳالهہ ٻولهہ ڪري پئي سگهيس، پر ان سلسلي ۾ ڪيترائي مسئلا درپيش آهن ۽ مون چاهيو ٿي تہ ڪو غير جانبدار مهربان ان ڪم کي سرانجام ڏئي. اسان اهو ٿي چاهيو تہ اديب ۽ دانشور ان سلسلي ۾ نگراني ڪن. اسان پنهنجي طرفان محمد ابراهيم جويو جو نالو پيش ڪيو هو، ٻيا نالا ايجان اچڻا آهن.

اتحاد جي سلسلي ۾ ڪي قدر بہ وڪون اڳتي وڌيا آهيون. مون ڪن دوستن سان ملاقاتون ڪيون آهن. آئون علاج جي سلسلي ۾ پرڏيهہ وڃي رهيو آهيان، پنڌيان اسان جي دوستن کي مڪمل اختيار حاصل آهن تہ اهي منهنجي غير موجودگيءَ ۾ بااختيار ٿي ڳالهہ ٻولهہ ڪن ۽ جيڪو بہ گڏيل فيصلو ٿئي، ان تي عمل ڪرڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي لاپرواهي نہ ڪئي وڃي.

سوال: سماج ۾ اديب ۽ فنڪار جي اهميت ڪيتري آهي ۽ ان جون ڪهڙيون ذميواريون آهن؟

رسول بخش پليجو: ماضيءَ ۾ فنڪارن جو ڪم ماڻهن جي دل وندرائڻ هوندو هو يا وري انهن جو ڪم سماج جي باري ۾ خبرون ڏيڻ هوندو هو. اهي سماجي صورتحال کي سمجهڻ لاءِ ماڻهن کي شعور ڏيندا هئا، تہ سماج ڪيترو خراب يا ڪيتري قدر خوبصورت ۽ سهڻو آهي. فنڪار جو ڪم احساسن ۽ جذبن جي ذريعي خبر ڏيڻ هوندو هو. ان وقت اهو وڏو ڪم هو، پر هاڻي فنڪار جي فرضن ۾ واڌارو ٿيو آهي.

آڳاٽي زماني ۾ تيز رفتاريءَ جو مطلب اهو هو تہ ٽپال موڪلڻ لاءِ تازا توانا گهوڙا هر گهڙيءَ تيار هجن ۽ جڏهن ٽپال پهچائڻ جو حڪم اچي تہ ان ڪم لاءِ مقرر شخص هڪدم گهوڙي تي سوار ٿي وڃي ۽ پنهنجي ڪم کي انجام ڏيڻ لاءِ روانو ٿي وڃي.

انن- ڏهن ڏينهن ۾ بلوچستان کان دهليءَ تائين سفر طئي ڪري ۽ ٽپال اصل ٺڪاڻي تي پهچائي.

موجوده دؤر ۾ هوائي جهاز تيار هجي، انجڻ گرم هجي ۽ بن ڪلاڪن ۾ دهليءَ جو سفر طئي ڪري. ان جو مطلب هي ٿيو ته تيز رفتاري ته لازمي آهي، پر تيز رفتاريءَ جو مفهوم هر دؤر ۾ تبديل ٿيندو رهي ٿو.

اڄوڪي دؤر ۾ فنڪار جو رڳو اهو فرض ناهي ته هو مظلوم طبقن جي مظلوميت واري حالت ڏانهن اشارو ڪري يا رڳو انهن طبقن جي بيبسي ۽ لاچاريءَ واري حالت تي ڳوڙها ڳاڙي. اڄ جي فنڪار جو فرض آهي ته هو ظلم جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏ اهو به ٻڌائي ته سماج کي ڪيئن بدلائجي ۽ نئين دؤر جي اڏاوت ڪيئن ڪئي وڃي، ماڻهن جا سماجي رشتا ڪيئن هڻڻ گهرجن، ماڻهن ۾ دوستي، محبت، پيار ۽ نفرت جو انداز ۽ معيار ڪهڙو هجڻ گهرجي.

سوال: پاڪستان جي مختلف ٻولين ۾ جيڪو ادب تخليق ٿي رهيو آهي، ڇا توهان ان کان مطمئن آهيو؟

رسول بخش پليجو: آئون مطمئن ناهيان، پوءِ به چڱو لکيو پيو وڃي.

سوال: فڪشن جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي؟

رسول بخش پليجو: فڪشن مان به مطمئن ناهيان. منهنجي خيال ۾ فڪشن کي صرف افسانا سمجهڻ نه گهرجي. وڏو ادب ناول هوندو آهي. "اينا ڪرنينا"، "وار اينڊ پيس"، "ماءُ" افسانو مجموعي طور زندگيءَ جي عڪاسي نه ٿو ڪري. وسيع تناظر، وسيع پس منظر، وڏو ڪينواس ۽ وڏو ماحول ته ناول ۾ ئي ممڪن آهي.

اسان جو مسئلو هي آهي ته اسان وٽ انقلابي ناول جي آڙ ۾ رجعت پرست ادب ڏنو ويو. مثال طور: "آخر شب ڪي هم سفر" جيڪڏهن ڪو پڙهي ته پڙهندڙ انقلاب کان بيزار ٿي ويندو. نام نهاد ترقي پسند انتهائي خوفناڪ هوندا آهن.

سوال: جيئي سنڌ جي اڳواڻن کي اعتراض آهي ته توهان سنڌ سطح تي ٿيندڙ سياست کان پوءِ ملڪي سطح تي سياست شروع ڪري ڏني آهي. اهي سمجهن ٿا ته ملڪ گير سياست سان سنڌ جا مسئلا حل ٿي نه سگهندا. ان جي باري ۾ توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟

رسول بخش پليجو: منهنجو هي چوڻ آهي ته خالص سنڌي سياست جو نعرو هڪ دوکو ڏيندڙ جاگيرداراڻو نعرو آهي. مون ان موضوع تي هڪ مقالو لکيو آهي، جيڪو جلد ئي شايع ٿيندو. اها ڳالهه جهالت جي نشاني آهي ته سنڌ جي ڪا الڳ سياست به ٿيندي آهي. ڇا سڄي ملڪ جي سياست سنڌ تي اثر انداز ڪونه ٿي ٿئي؟ ڇا ملڪ ۾ ٿيندڙ واقعن جو سنڌ تي اثر ڪونه ٿو ٿئي؟

اسين ان ڪري ملڪي سياست ڪري رهيا آهيون ته سنڌ جي ماڻهن کي اڳتي وڌي پاڪستان ۾ پنهنجن دوستن ۽ دشمنن جي سڃاڻپ ڪرڻ گهرجي. اسان کي ته

سڄي دنيا ۾ پنهنجن دوستن ۽ دشمنن جي خبر هئڻ گهرجي.

مون پنهنجي هڪ مضمون ۾ دليل ڏنو آهي ته جيڪڏهن سورهين صديءَ ۾ سنڌ جا اڳواڻ اڳتي وڌي بلوچستان جي معاملن ۾ دوستيءَ وارا لاڳاپا قائم ڪن ها ۽ جيڪڏهن سنڌ ڊپلوميسيءَ ۾ ترقي يافته هجي ها، ته رند ۽ لاشاري قبيلن جي 30 سالن کان هلندڙ خونريز لڙائيءَ کي روڪي سگهجي پيو. ان ڪري ارغونن کي موقعو نه ملي ها ته اهي سنڌ تي ڪاهه ڪري سگهن ها.

سوال: ڪي سنڌي سياستدان اهو چئي رهيا آهن ته توهان جي پارٽيءَ جي اڳواڻ محمد فاضل راهوءَ کي ذاتي دشمنيءَ جي بنياد تي قتل ڪيو ويو آهي. توهان ان باري ۾ ڇا چوندا؟

رسول بخش پليجو: محمد فاضل راهوءَ جي قتل سان سنڌ هڪ بهادر ۽ جرئتمند سياستدان کان محروم ٿي ويئي آهي. حڪمرانن جا پالتو ۽ انهن کان گلدستا ونندڙ محمد فاضل راهوءَ جي قتل کي ذاتي دشمنيءَ جو تڪرار قرار ڏيئي رهيا آهن. ان واقعي سان سنڌ کي زبردست سياسي جهٽڪو لڳو آهي. محمد فاضل راهو پنهنجي ان ڪردار جي شروعات ڪئي هئي، جنهن جي بنياد تي هو پاڪستان جي مظلوم قوميتن جي لاءِ زبردست جدوجهد ڪرڻ وارو هو ۽ پاڪستان جي جديد تاريخ جو مرڪزي ڪردار بڻجڻ وارو هو. هاڻي محمد فاضل راهوءَ جي شخصيت اسان جي لاءِ عزم ۽ مستقل مزاجيءَ جو اهڃاڻ بڻجي ويئي آهي. لڪين ماڻهن جي ميڙاڪي ۾ سنڌ جي هارين، مزدورن ۽ نوجوانن وچن ڪيو آهي ته اهي هن نظام کان بدلو ونندا، جنهن نظام ڪائنڪ سندن ساڻي ڪسيو آهي.

سوال: گذريل ڏينهن ۾ جيوڻي جي ماڳ وٽ اڻ وٽندڙ واقعو پيش آيو. ڇا توهان جي پارٽي ان واقعي جي حقيقي صورتحال ڄاڻڻ لاءِ ڪي اُپاءَ ورتا آهن ۽ ان مسئلي جي حل بابت توهان وٽ ڪهڙيون تجويزون آهن؟

رسول بخش پليجو: جيوڻي واقعي تي اسان کي تمام گهڻو رنج ٿيو آهي. اسان جي پارٽيءَ جو سينئر نائب صدر سيد عالم شاهه هڪ وفد سان گڏ جيوڻي ويو آهي. اسان جي پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر پروفيسر عزيزالدين خاص طور ان سلسلي ۾ لاهور کان سيڙجي آيو هو. اسين مڪمل طرح بلوچ عوام جا غلام ۽ ادنيٰ سپاهي آهيون. جتي بلوچ عوام جو پگهر وهندو، اتي اسين رت وهائينداسين. حق پرست جدوجهد لاءِ اسان کي جتان به سڏ ٿيندو، اسين حاضر ٿي وينداسين، اسين بنا سڏ به حاضر ٿي ويندا سين.

پ پ- ايم ڪيو ايم ناهه ۾، اصل حڪومت ايم ڪيو ايم جي هوندي. پناهگير قيامت تائين متعمن ڪونہ ٿيندا، هنن کي سڃي سنڌ ڪپي.

انٽرويو: طارق اشرف/سهڻي مارچ 1989ع

[پروگرام مطابق اي- اين- پي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ليڊرن کان علاوه پيپلز پارٽي ۽ جيئي سنڌ جي ليڊرن جا بہ انٽرويو ڏيڻا هئا، پر پوين ٻنهي پارٽين جي ليڊرن سان ملاقات نہ ٿي سگهي. ايندڙ پرچي ۾ انهن ۽ ٻين پارٽين جي ليڊرن جا انٽرويو ڏيڻ جي ڪوشش ڪبي- ادارو]

سوال: پ- پ- پ ۽ ايم- ڪيو- ايم جي وچ ۾ ٿيل ناهه سان سنڌ ۽ سنڌي عوام کي فائدو رسندو يا نقصان؟ انهيءَ ناهه ۾ کي اهڙا نقطا آهن، جن مان سنڌ يا سنڌي عوام کي نقصان رسي سگهي ٿو؟

پليجو صاحب: منهنجي خيال ۾ اهو ناهه انتهائي نقصانڪار آهي ۽ هي ناهه سنڌي ماڻهن جي غير موجودگيءَ ۾ ڪيو ويو آهي. هي ناهه سنڌ جي نمائندن ڪونہ ڪيو آهي، بلڪ پ پ پ جي حد تائين سنڌي نمائندن بہ ڪونہ ڪيو. ٻنهي طرف ايم- ڪيو- ايم هئي ۽ انهن جي وچ ۾ غريب، مظلوم هندو، اقليت جو ماڻهو، ويچارو پي- ڪي شاهاڻي هو. انهيءَ ڳالهہ جي لاءِ ڏاڍي ڏام ڏوم ڪئي وئي، پر هو ويچارو ڪري ڪجهہ ڪونہ سگهيو، رڳو اُتي ڳالهائيندو هو.

هن ناهه ۾ سنڌين کي اقليت ۾ آڻڻ ۽ حڪومت مستقل طور ايم- ڪيو- ايم کي ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي. هن ناهه ۾ سنڌي شاگردن جون داخلائون گهٽائڻ، سنڌي ماڻهن جون نوڪريون ۽ اليڪشن ۾ ووٽ گهٽائڻ، ڪوڪرا پار جو باردر کولڻ، بهارين کي آڻڻ، اهي سيئي بندوبست ڪيا ويا آهن، تہ جيئن پنجن کان ڏهن سالن اندر اصل حڪومت ايم- ڪيو- ايم جي هجي ۽ انهيءَ جي مٿان نقاب چڙهيل هجي. نقاب ڪنهن بہ تنظيم جو ٿي سگهي ٿو، پ پ پ جو بہ ٿي سگهي ٿو، ڪنهن قوم پرست قسم جي بوگس تنظيم جو بہ ٿي سگهي ٿو. هن عهدنامي تي جهڙيءَ طرح عمل ٿئي پيو، عملي طور هينئر يا هن کان پوءِ حڪومت ايم- ڪيو- ايم جي هوندي.

سوال: پ پ پ ۽ ايم- ڪيو- ايم جي ناهه ٽُٽڻ جي صورت ۾ کهڙا نتيجا نڪرندا؟

پليجو صاحب: جيئن هينئر ايم- ڪيو- ايم وارا پ پ پ کي بليڪ ميل

ڪري رهيا آهن، پوءِ رفتار ايجا بہ وڌي ويندي، تمام گھٽو گوڙ ۽ فساد ٿيندو، زمين آسمان هڪ ٿي ويندو.

سوال: ايم- ڪيو- ايم ۽ ڪن ٻين پارٽين جو اسرار آهي تہ بھاري هر حالت ۾ اچن ۽ پارٽ مان ريلن ذريعي انهن جا ٽولا اچي بہ رهيا آهن. انهن جي روڪ ڪيئن ڪري سگھجي ٿي؟

پليجو صاحب: هنن کي روڪڻ جو هڪڙو ئي طريقو آهي تہ سڄي سنڌ متحد ٿئي، سنڌي هڪڙي منظم پاليسي سکن ۽ جدوجهد ڪن. دنيا جي ڪابہ طاقت سنڌي ماڻهن جي اڳيان ٻيهي نٽي سگھي، پر ٻيون طاقتون سنڌي ماڻهن جي طاقت ٽوڙين ٿيون، نہ تہ اڳي جيئن ضياءُ سنڌين جي خلاف ڪراچيءَ ۾ مظاهرا ڪرايا يا سازش ڪري سنڌ قومي اتحاد کي ٽوڙائي ڇڏيو، خاص ڪري ايم- ڪيو- ايم جي ايجنٽن، جيڪي هاڻ سنڌ قومي اتحاد کي ڇڏي ڇجي ويا، اهي ايجنٽ هڻا ۽ رڳو سنڌ قومي اتحاد کي، جيڪا سنڌي ماڻهن جي زبردست قوت هئي، ٽوڙائي ڇڏيائون.

سوال: سنڌ ۾ سنڌي ۽ مهاجر رهن ٿا. ڪهڙي واٽ ونڊ سان ٻئي ڏريون مطمئن ٿي سگھن ٿيون؟

پليجو صاحب: مهاجر قيامت تائين مطمئن ڪونہ ٿيندا. هنن کي سموري سنڌ کپي. انهن کي جيترو ملندو، وڌيڪ گھرندا، خاص ڪري اهڙيءَ حالت ۾، جڏهن هنن جا ايجنٽ اوهان ۾ ئي داخل هجن، يلي ڪٽي اُهي انقلاب جي نالي ۾ هجن يا قوم پرستيءَ جي نالي ۾. انهن ايجنٽن کي جمال نقوي، جيڪو ڪامريڊ آهي، پاليل ۽ سيڪاريل آهي، هن چاليهن سالن کان وات ۾ اِها ڳالھ ڏيئي ڇڏي آهي تہ، "بيچاري مهاجرون ڪا ڪيا هوگا!" ٻئي پاسي جيڪي قوم پرست آهن، اُهي بہ چاليهن سالن کان پيا چون تہ، "ويچارن سنڌين جو ڇا ٿيندو!"

هاڻ جام ساقي ايس- اين- اي ڇڏي ڇجي ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ ايم- ڪيو- ايم سان ناهہ ٿيو آهي، انهيءَ کي سپورٽ ڪرڻي آهي. ايم- ڪيو- ايم پرست پارٽيءَ جو مفاد انهيءَ ۾ آهي. مٽان آڻائن وٺان ڪيس حڪم مليو آهي.

سوال: سنڌ قومي اتحاد مان اڳ اوهان، هاڻ جام ساقي نڪتا. موجوده قومي اتحاد جو آئيندو ڇا آهي؟ ڪهڙا اُپاءَ ونجن جو سنڌي عوام ۾ وسيع تر ۽ مستقل اتحاد ٿئي؟ يا انهيءَ بابت اوهان جو ڪهڙو خيال آهي تہ سنڌ جي عوام جو متحده محاذ پيپلز پارٽي آهي، جيئن چونڊن مان ظاهر ٿيو؟

پليجو صاحب: سنڌ متحده محاذ مان انهيءَ ڪري نڪتاسين تہ حڪومت ايم- ڪيو- ايم کي نہ ڏبي، باقي ايس- اين- اي جو ڪو مستقبل ڪونهي. ايم- ڪيو- ايم کي آندو ئي انهن آهي. ايس- اين- اي هاڻ هڪ بوتو آهي، هن کي ختم ڪري هن جو اصلي روح ڪڍيو ويو آهي. هاڻ هي خالي پيجرو آهي. ايس- اين- اي ۾ ڪا ليڊرشپ ڪانهي، نہ انهيءَ ۾ صلاحيت آهي، نہ ايمانداري. انهن کي صرف پنهنجي

ليڊرشپ جو فڪر آهي، صرف پنهنجي ليڊرشپ بچائڻي آهي. هي گهر ۾ پيا آرام ڪندا، سنڌي ماڻهو پيا موچڑا کائيندا. حيدرآباد ۾ جيڪي ڪجهه ٿيو، اُتي جي سنڌي ماڻهن لاءِ هنن چا ڪيو؟

باقي اهو صحيح آهي ته سنڌي ماڻهن جو متحده محاذ هن وقت پيپلز پارٽي آهي. هر متحده محاذ جا بنياد هوندا آهن. "اچو ته گڏجي چگيءَ طرح چرس پيئون!" اهڙو متحده محاذ به ٺهي سگهي ٿو. "اچو ته گڏجي وزيرن کي ڏوکڙ ڏيئي ڪم وٺون!" اهڙو متحده محاذ به ٺهي سگهي ٿو، پر هيءُ سنڌي ماڻهن جي تاريخي حقن کي حاصل ڪرڻ وارو متحده محاذ ڪونهي. هي سنڌي ماڻهن جو عارضي ۽ تائيم پاس ڪرڻ جو متحده محاذ آهي. هي ننڍڙين ڳالهين، نوڪرين وٺڻ لاءِ متحده محاذ آهي، پر بنيادي مقصد ۽ قوم لاءِ ويڙهه وارو متحده محاذ ڪونهي.

سوال: آئين جي انين ترميم ختم ٿيڻ گهرجي؟

پليجو صاحب: بلڪل ٿيڻ گهرجي.

سوال: قومي اسيمبليءَ ۾ پ پ کي قطعي اڪثريت حاصل ڪانهي. سينيٽ ۾ ته اڪثريت ئي ڪانهي، پوءِ آئين ۾ ترميم ڪهڙيءَ ريت ختم ڪري سگهجي ٿي؟

پليجو صاحب: انين ترميم خود آئيني طور تي غلط آهي. انهيءَ ۾ ووٽنگ جي ڳالهه ڪانهي. اهو مسئلو ڪورٽ ۾ ڪٽي ويڙ گهرجي. قانون جي شعبي جي ڪارڪن جي حيثيت ۾ چوندس ته انهيءَ جي قانوني حيثيت، آئيني حيثيت ڪانهي. سپريم ڪورٽ ۾ ويجي ته اها بلڪل ٽُڪجي ويندي.

سوال: چا مارشل لا جو ڪو خطرو آهي يا هيءُ جمهوري دور ايندڙ مارشل لا لاءِ Stop gap arrangement آهي؟

پليجو صاحب: مارشل لا جو خطرو چوويهه ڪلاڪ آهي. جيڪي ماڻهو مارشل لا لڳائي سگهن ٿا، انهن جي آڏو انهيءَ جي ڊوڙ پئي پوي جيڪي مارشل لا لڳرائڻ چاهين ٿا. هڪڙي سول حڪومت ۾ فوج وارن جي ايڏي پبلسٽي، ايڏا فوٽا ڪونه ڇپيا آهن، جڙ ته بينظير جو جانشين اڳ ۾ ئي ڊوڙي پيو. ضياءُ اڳ ۾ ائين ٿيڻ ڪونه ڏيندو هو. ضياءُ ڪڙ ٿيو ته پوءِ ٿيو، جڏهن ڇُرن جي هينان هو. باقي Stop gap arrangement به ٿي سگهي ٿو. بينظير کي انهن ڳالهين جي خبر هوندي، پر پيپلز پارٽيءَ جو هيئيون لڏو رڳو سنڌي ماڻهن سان وڙهڻ، انهن جون بدليون ڪرائڻ، ماڻهن کي ٺلهيون ڳالهيون ٻڌائي تنگ ڪرڻ ۾ مصروف آهي.

سوال: سنڌي عوامي تحريڪ، اي- اين- پي ۾ چو شامل ٿي؟

پليجو صاحب: سنڌي عوامي تحريڪ هڪ عارضي دور هو. اسان کي خبر هئي ته جيستائين ملڪ گير پارٽي نه هوندي، تيستائين ماڻهن کي پوريءَ طرح فائدو رسائي نه سگهبو. ماڻهو پيپلز پارٽيءَ کي چو اچي لڳا آهن؟ چاڪاڻ ته هنن کي خبر آهي ته پ پ سڄي ملڪ ۾ آهي، تنهن ڪري اُها سڄي ملڪ جي رجعت پرستن کي

منهن ڏيئي سگهي ٿي. جيڪڏهن بئوري ۾ هجان تہ رڳو اُتي جي وڏيري ۽ پوليس واري کي منهن ڏئي سگهان ها، پر نٿي وارن لاءِ ڪُڇي نہ سگهان ها. اسان عوامي تحريڪ ناهي نٿي ضلعي ۾ هئي، پر انهيءَ جي اها معنيٰ ڪانهي تہ سڄي عمر فقط نٿي وارا رهون.

هينئر ايشيا پيسفڪ امن ۽ ترقيءَ جي ڪانفرنس ۾ منيلا ويو هوس. ان جي مستقل ڪميٽيءَ جو ميمبر آهيان، استينڊنگ ڪميٽيءَ جو بہ ميمبر آهيان، اُتي بہ اسان سنڌي ماڻهن جي، پاڪستان جي عوام جي نمائندگي ڪئي. تنهن ڪري عالمگير ليول تي جيستائين سنڌي ماڻهو نہ ويو آهي، آپريٽ نہ ڪيو آهي تہ چوندا تہ اهي بزرگ ڪمرن ۾ رهڻ لاءِ آيا آهن.

سوال: سنڌ ۽ سنڌين لاءِ هن وقت سڀ کان اهم مسئلو ڪهڙو آهي؟

پليجو صاحب: سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ کان روڪڻ ۽ سنڌ کي ايم-ڪيو- ايم دهشتگرد جي قبضي کان بچائڻ.

اقتصادي تباهيءَ جو بنيادي سبب صوبائي خودمختياري نہ هجڻ ۽ برادر ملڪن سان خراب لاڳاپا آهن.

روزانہ اوصاف 1990ع

[مشهور دانشور، قانوني ماهر، انقلابي نظريي دان ۽ عوامي تحريڪ جو اڳواڻ رسول بخش پليجو گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ آهي. پاڻ جمهوري، عوامي ۽ قومي حقن جي جدوجهد جو تمام وڏو ركارڊ ركن ٿا ۽ مختلف موضوعن تي هڪ ڊزن كان وڌيڪ كتاب لكيا اٿن. اهم ملكي ۽ بين الاقوامي معاملن تي سندن نرالو نقطهء نظر پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو:]

اوصاف: صوبائي خودمختياريءَ جو مسئلو كافي ڳنڀير ٿي ويو آهي، ان سلسلي ۾ قومپرست اڳواڻن جو پروگرام ۽ پڌرو ٿي چڪو آهي، توهان جي خيال ۾ هي مسئلو كهڙيءَ طرح حل ٿي سگهي ٿو؟

پليجو صاحب: "اوصاف" اهڙي اخبار آهي جنهن منهنجون چيل ڳالهيون وڏي ذميواريءَ سان صحيح نمونو پيش ڪيون آهن ۽ مون كي خوشي آهي تہ هتي كا اهڙي اخبار آهي جيكا ديانتداريءَ سان پنهنجو ڪم پئي ڪري. هيءَ اكيلي اخبار آهي جيكا سڄي ملڪ جو نقطهء نظر شايع پئي ڪري، پر بدقسمتيءَ سان پنجابي پريس بدنام ٿي وئي آهي. "اوصاف" لاءِ اسان جون دليون ۽ دروازا كليل آهن. افسوس اهو آهي تہ اسان جي هتي (پنجاب ۾) ايندي شرط اسان جي خلاف اهڙن ماڻهن جو لشكر كاهي پوندو آهي، جيكي دراصل پاكستان جي تباهيءَ جو ذميوار آهن، جيكي غلط بياني كن ٿا، كوڙ، بهتان ۽ الزام تراشين وسيلي كروڙين اربين روپيا كمائن ٿا، ان كان سواءِ ٻيو كوبہ هٿيار انهن وٽ كونهي. مان هڪڙي اڳوڻي صحافيءَ جي حيثيت ۾ اهو سمجهان ٿو تہ غلط بياني ڪندڙ اخبارون پنجاب جي عوام جون سڀ كان وڏيون دشمن آهن. پنجاب جي عوام سان سڀ كان وڏو ظلم اهو آهي تہ اسان جي اصل ڳالهہ انهن تائين نٿي پهچائي وجي ۽ ان كي مسخ كري پيش ڪيو وجي ٿو. مال كمائڻ جا ٻيا ٻہ كوڙ طريقا ٿي سگهن ٿا. ملڪ ۽ قوم كي داءَ تي لڳائي پئسا كمائڻ ڏوهہ آهي. اهڙا ماڻهو پاكستان مخالف، عوام مخالف ۽ اسلام مخالف آهن. انهن كي عوامي عدالت جي ڪٺهڙي ۾ بيهارڻ گهرجي.

اوصاف: پر جڏهن قومپرست اڳواڻ اخبارن ۾ شايع ٿيندڙ غلط خبرن جي بنياد تي سڄي پنجاب كي ڏوهاري سمجهن ٿا تہ ڇا اهي ٻہ ان پروپيگنڊا هٿان

استعمال نٿا ٿين ؟

پليجو صاحب: جيڪڏهن اخبارن ۾ چپجندڙ مواد ۽ خبرن جي بنياد تي سياست ڪبي ته پوءِ اسان ڪٽان جا بہ نہ رهنداسون. ڪوبہ شخص توڙي ان جو واسطو ننڍن صوبن سان هجي يا وڏي صوبي سان، جيڪڏهن هو رڳو ڪجهہ اخبارن ۾ چپجندڙ مواد جي بنياد تي ملڪي حالتن جي باري ۾ پنهنجي سمجهہ جو بنياد رکندو ته اهو ڪڏهن بہ حالتن کي چڱيءَ طرح سمجهي نہ سگهندو ۽ ان جي راءِ درست نہ هوندي.

اوصاف: توهان جو هڪڙو مخصوص نظرياتي پس منظر ۽ ڊگهي جدوجهد آهي، توهان ڇا ٿا سمجهو ته موجوده معاشي ڍانچي ۾ عوام جي مفاد واري ڪنهن بہ قسم جي صوبائي خودمختياري ممڪن آهي ؟

پليجو صاحب: شين جو هڪ ٻئي تي دارومدار هوندو آهي. اهي هڪٻئي سان ڳنڍيل هوندیون آهن، هڪٻئي تي اثرانداز ٿيندیون آهن. دراصل شيون ۽ سبب هڪٻئي ۾ سمايل آهن. منهنجي خيال ۾ موجوده اقتصادي صورتحال جي خرابيءَ جو هڪ وڏو سبب صوبائي خودمختياريءَ جو مسئلو بہ آهي. پاڪستان جي برادر قومن جي وچ ۾ خراب لاڳاپن جي ڪري اسان جون اقتصادي حالتون خراب تر ٿيندیون ويون ۽ جيڪڏهن اسان جا لاڳاپا پائپيءَ وارا ۽ درست رهڻ ڏنا ويون ها ته اقتصادي صورتحال ايڏي خراب نہ هجي ها. مثال طور: جيڪڏهن بنگالي قوم سان اسان جي دوستي ۽ برادراڻا تعلقات هجن ها، جيڪي اربين روپيا خرچ ٿيا، پاڪستان تباهہ ٿيو، پاڪستان ڪنگال ٿي ويو، سو نہ ٿئي ها. پاڪستان ڪنگال اڄ ته ڪونهي ٿيو، اسان اوپر پاڪستان تي فوجي چڙهائي ڪئي، بلوچستان تي فوجي چڙهائي ڪئي، جنهن تي بي انداز خرچ ٿيو. اڄ بہ سنڌ ۾ دهشتگردي ڪرائڻ لاءِ اوهان جا پئسا، اسان جا پئسا، عوام جي رت ۽ پگهر جي ڪمائيءَ جا پئسا خرچ ڪيا پيا وڃن. اسان جي استيبلشمينٽ اڄ بہ پاڪستان کي ڪمزور ڪرڻ تي ڪروڙين روپيا خرچ ڪري رهي آهي ته اوهان کي ۽ اسان کي پاڻ ۾ ويڙهايو وڃي. پنجاب جي باري ۾ اسان تائين ۽ اسان جي باري ۾ پنجاب جي عوام تائين غلط ڳالهيون پهچائڻ تي بہ ته خرچ ٿئي ٿو. حڪومت ۽ ملڪ کي ڪنگال ڪرڻ ۾ اهڙن خرچن بہ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن جو بنيادي ڪم پاڪستان کي بچائڻ نہ پر پاڪستان جي عوام کي ويڙهائڻ آهي. هي ڪوڙا ليڊر تيار ڪندا آهن، ليڊر ناهڻ جي صنعت قائم ڪئي اٿن. هي دهشتگردن کي عظيم ليڊر بنائڻ تي عوام جو پئسو خرچ ڪندا رهيا. شيعہ- سني فسادن تي بہ پئسو خرچ ٿو ٿئي، ان لاءِ آمريڪا بہ پئسا ڏئي ٿو، يهودين جون بئنڪون بہ پئسا خرچ ڪن ٿيون، اسان جو بہ خرچ ٿئي ٿو. آءِ ايس آءِ جي بجيٽ جو وڏو حصو پاڪستان کي لولو لنگڙو بنائڻ تي خرچ ٿئي ٿو. اڌ صديءَ ۾ اربين روپيا هن ملڪ کي ڪمزور ڪرڻ تي خرچ ڪيا ويا. ريلوي استيشنن تي عجيب ماجرا آهي، اتي مخصوص مافيا کي ويهاريو ويو آهي، جيڪا ماڻهن کي

ٽڪيٽ نہ ونڻ جي ترغيب ڏئي ٿي، تہ جيئن ريلوي کي خساري ۾ ڌيکاري، ان کي خريد ڪيو وڃي. ان مقصد لاءِ ٽڪيٽ گھر ئي بند ڪرايا ويندا آھن. اھڙيءَ طرح ڪارخانن کي ڇاٽي واٽي ڪنگال قرار ڏنو ويندو آھي. مون کي گڏو جي جنريٽرن تي ڪم ڪندڙن ٻڌايو تہ گڏوءَ جا جنريٽر بند ڪرايا ويا آھن تہ جيئن بجليءَ جي هٽرادو کوٽ پيدا ڪري ڪالاباغ ڊيم ناھڻ لاءِ جواز پيدا ڪري سگھجي ۽ آئي ڊي بي کان ماڻھو مار ڳرن وياجن ۽ شرطن تي وڌيڪ پئسا ونڻي سگھجن. پاڪستان جي اقتصادي صورتحال قدرتي لقاءُ آھي. ھڪڙي صوبي جي حڪمران ٽولي ننڍن صوبن جي دلالن کي استعمال ڪري، سامراج جي دلالي ڪندي، ملڪ کي تباھ ڪري ڇڏيو آھي. انھن پاڪستان جو حڪمران ٻڌجي ھتي حڪومت ڪئي ئي ناھي، ھي پاڻ کي پاڪستان جا حاڪم، ان جا وارث ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ جا ذميوار نٿا سمجھن، انھن کي ڪابہ پرواھ ڪانھي، جيڪڏھن برباد ٿو ٿئي تہ ٿي وڃي. ھي سمجھن ٿا تہ ٻڌي ٿو تہ ٻڌي وڃي، اسان جو ڪھڙو نقصان آھي، اسان آمريڪا ھليا ويناسون، ڏکڻ ڪوريا ھليا ويناسون، اتي وڃي عياشيون ڪناسون، تہ جيڪا اقتصادي صورتحال اڄ اسين ڏسي رھيا آھيون، اھا قدرتي لقاءُ ناھي ۽ پاڪستان جي برادر قومن جي وچ ۾ لاڳاپن کي زھريلو بنائڻ جي عمل ۾ ان ۾ اھم ڪردار ادا ڪيو آھي.

اوصاف: ڇا اھو مناسب ناھي تہ اسان صوبائي خودمختياريءَ بدران طبقاتي حوالي سان تحريڪ ھلايون؟

پليجو صاحب: مان سمجھان ٿو تہ جدوجھد کي ورھائڻ نہ گھرجي. ڪن ماڻھن جو اھو خيال غلط آھي تہ جدوجھدن کي ورھائي سگھجي ٿو. ڪي ماڻھو طبقاتي جدوجھد جا حامي آھن، اھي چون ٿا تہ جيڪڏھن ملڪ ۾ آمريت آھي تہ پوءِ گھر ويھي رھو. جيڪڏھن ڪو نام نھاد جمھوري حڪمران ھوندو تہ توھان جو ڪھڙو فائدو ٿيندو، توھان مزدور آھيو، پنھنجو ڪم ڪريو ۽ پنھنجن حقن لاءِ سرمائيدار خلاف جدوجھد ڪريو، آمريت ۽ وڏين ڳالھين سان اوھان جو ڪھڙو ڪم! اسان سمجھون ٿا تہ ھڪ قوم، ملڪ يا سڄي دنيا جي عوام جون جدوجھدون ھڪ ٻئي تي دارومدار رکن ٿيون، تنھن ڪري ھن ملڪ ۾ جمھوري، طبقاتي، قومي، ثقافتي، روحاني ۽ نظرياتي جدوجھدن کي گڏي سڏي، يڪي ھڪڙي گڏيل جدوجھد ڪري ھلائڻو پوندو، ان کان سواءِ ڪاميابي حاصل نہ ٿي سگھندي. قومي حقن جي گھر ڪندي پاڪستان جي عوام جي وچ ۾ جيڪي طبقاتي رشتا ناتا آھن، تن کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آھي، ڪمزور ڪرڻ جي نہ. اسان پاڪستان جي سموري مظلوم عوام جي پاڻ ۾ طبقاتي رشتن کي مضبوط ڪرڻ گھرون ٿا. جڏھن سنڌ، بلوچستان، پختونخواھ ۽ سرائيڪستان جي حقن جون جدوجھدون ھلايون ٿا تہ ان وقت ايجا ۾ وڌيڪ ضروري ٻڌجي ٿو تہ پنجاب جي مظلوم عوام سان پنھنجي طبقاتي ۽ عوامي لاڳاپن کي ايجان ۾ وڌيڪ مضبوط ٻڌايون. جدوجھد جي انھن سمورن پاسن

کي الڳ الڳ ڪرڻ سان ڪم نہ هلندو. پنجاب ۾ توهان جا فرض هي آهن تہ اسان پنهنجن علاقن ۾ ماڻهن کي سمجهايون تہ جيئن اسان جا حڪمران طبقا غدار ۽ بدمعاش آهن، تيئن پنجاب جا حڪمران طبقا بہ غدار ۽ بدمعاش آهن، جيڪي ٻين صوبن جا دشمن آهن، البتہ جيئن تہ اهي وڌيڪ طاقتور آهن، تنهن ڪري اهي وڌيڪ نقصان پهچائين ٿا ۽ اسان جا حڪمران طبقا ڪمزور آهن، تنهن ڪري اهي دلالي ڪري سگهن ٿا. پنجاب جا حاڪم طبقا دلالن کان ڪم ونڻ ٿا، جڏهن تہ اهي پاڻ سامراج جا دلال آهن. ان سڃيءَ ڳالهہ کي چڱيءَ طرح سمجهڻ کان سواءِ جيڪا بہ ڳالهہ ڪبي، اها دشمن جا هٿ مضبوط ڪندي، ان ڪري اها هڪڙي گڏيل جدوجهد آهي.

اوصاف: توهان کي خبر آهي تہ پنجاب ۾ بہ ڪوڙ اهڙا ماڻهو موجود آهن، جيڪي پوري ديانتداريءَ سان پنجابي حڪمران طبقن خلاف جمهوري ۽ طبقاتي جدوجهد ۾ شامل رهيا آهن ۽ جن سڃي زندگي پنهنجن نظرين تي قائم رهڻ ڪري تڪليفون سٺيون، پر ڪڏهن بہ پنهنجن اصولن تان ڪونہ ڦريا، تنهن هوندي بہ جيڪڏهن ڪو سڃي پنجاب کي ڏوهاري سمجهي تہ ڇا اها ڳالهہ صحيح ٿيندي؟

پليجو صاحب: پنجاب جا اهي هزارين مرد ۽ عورتون، دانشور ۽ عام ماڻهو، جيڪي اسان سان جدوجهدن ۾ شامل هئا، جيڪي اسان سان گڏ جيلن ۾ رهيا، جن جمهوري جدوجهد ۾ حصو ورتو ۽ قربانيون ڏنيون، اسان انهن کي سلام ڪريون ٿا، انهن جي ڳالهين مان اسان کي بي پناهہ سگهہ ملندي آهي، اسان کي انهن تي فخر آهي، اسان انهن کي پنهنجو پاءُ ۽ ساٿي سمجهون ٿا، اسان انهن کي پنهنجي جدوجهد ۾ شامل سمجهون ٿا. مختلف معاملن تي اسان جي نقطہء نظر ۾ اختلاف بہ ٿي سگهي ٿو، پر اسان انهن کي عزت واري نظر سان ڏسندا آهيون. پنجاب جي سموري باغي، انقلابي ۽ عوام دوست صوفي شاعري اسان جي جدوجهد جو ثقافتي ۽ روحاني سرچشمو آهي. اسان سدائين بلي شاهہ، شاهہ حسين، سلطان باهو ۽ پنجاب جي صوفي شاعرن کان روحاني سگهہ حاصل ڪندا آهيون. فيض احمد فيض تہ اسان وٽ صبح شام پڙهيو ويندو آهي. هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ وري اهڙي نئين لهر ايري جو ثقافتي ۽ روحاني طور اسان هڪٻئي جي ويجهو اچون، هڪٻئي جي سڻي طرح مدد ڪريون، قومي حقن جي جدوجهد ۾ پنجاب جو مظلوم عوام اسان جي مدد ڪري، اڳتي وڌي، پنهنجين صلاحيتن مان ڪم ونڻي ۽ پاڪستان جي سموري مظلوم عوام جي حڪمرانيءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري، ڇاڪاڻ تہ اسان جو ڪم پئسا ونڻ نہ پر اسان جو مقصد عوام جي حڪمرانيءَ جو حق آهي، ان لاءِ گڏيل جدوجهد جي ضرورت آهي ۽ گڏجي فتح ماڻيندا سون.

اوصاف: ڇا معاشي ڍانچو تبديل ڪرڻ بنا عوام جا ڪنهن بہ قسم جا حق

بحال ٿي سگھن ٿا؟

پليجو صاحب: ڪنهن هڪڙي مسئلي جي حل لاءِ هزارين ڪم ڪرڻا پوندا آهن. قومي حقن جي جدوجهد ۽ وڏي جدوجهد جو حصو آهي. گهٽ طرفي جدوجهد جي نتيجي ۾ اقتصادي ڍانچو ۾ تبديل ٿيندو. اقتصادي ڍانچو پنهنجو پاڻ هڪدم تبديل ناهي ٿيندو، هوريان هوريان تبديل ٿيندو آهي ۽ غير اقتصادي ڍانچي جو جيڪو سٽاءُ آهي، اهو به اقتصادي ڍانچي تي اثرانداز ٿيندو آهي، نظريو به اقتصادي ڍانچي تي اثرانداز ٿيندو آهي، لکڻ ۾، پڙهڻ ۾، اخبار ۾. فرينچ انقلاب ۾ جن ماڻهن لکيو هو، والٽيئر هو، ٻيا ماڻهو هئا، انهن اقتصادي ڍانچو تبديل ڪرڻ ٿي ڪيو پر انهن جي لکڻين اهڙيون حالتون تيار ڪيون جيڪي اقتصادي ڍانچي جي تبديليءَ ۾ مددگار ثابت ٿيون.

اوصاف: سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ سرمائيداري جڳ ڪان آمريڪا تائين ۽ سڄي ايشيا ۾ هڪڙي خوفناڪ بحران جو شڪار آهي، روس ۾ به سرمائيداري نظام مضبوط ٿي نه سگھيو، ته ڇا ڪنهن نئين نظام جي گھرج آهي يا پراڻو نظام وري اڇي رهيو آهي؟

پليجو صاحب: 1980ع ۾ جڏهن خيرپور جيل ۾ هئس، تڏهن مون هڪڙو مقالو لکيو هو، "عالمي انقلابي تحريڪ جا ڪجهه بنيادي مسئلا." هاڻي اهو ترجمو ٿي انگلينڊ به ويو آهي، منهنجي هڪڙي ڪتاب "مارن مونجهه مياس" ۾ ڇپيل آهي. مون لکيو هو ته، "سوشلسٽ نظام معيشيت، سياسي نظام ۽ سوشلسٽ ملڪن جي هڪ ٻئي سان لاڳاپن ۾ بنيادي غلط ڪاريون موجود آهن. مون ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي هئي ته "ڪنهن جي راءِ صحيح هجڻ لاءِ ضروري ناهي ته اهو ڏسجي ته هن وٽ فوج ڪيتري آهي ۽ راکيٽ ڪيترا آهن، مارڪس وٽ ته ڪابه فوج ڪونه هئي، پوءِ به ان جي راءِ جو قدر هيو." مون لکيو هو ته ممڪن آهي ته اسپين ۾ جيڪو انقلابي جيل ۾ سڙي رهيو هجي، تنهن جي راهه برزنيف جي راهه کان بهتر هجي. روس ۾ سوشلزم جي تعبير کان اڳ راءِ بابت جيڪو معيار هو، سو واپس آڻڻو پوندو. انقلابي ۽ نظرياتي جدوجهد مملڪتن جي حوالي سان رياستن جي ملڪيت بڻجي وئي آهي، تنهن ڪري خطري ۾ آهي ۽ جيڪڏهن ان سڄي معاملي کي درست نه ڪبو ته سڄو نظام انتهائي حد تائين متاثر ٿيندو.

جنهن ڏينهن گورباچوف خلاف بغاوت ٿي، انگلينڊ جي Sussex يونيورسٽي ۾ ان ڏينهن منهنجو "عالمي انقلابي تحريڪ" تي ليڪچر هيو. مون چيو، "نظامن جي ويڑهه صدين تائين هلندي آهي، هڪ- بن ڏينهن ۾ فيصلو ناهي ٿيندو، غلامداري نظام ۽ جاگيرداري نظام وچ ۾ گهٽ ۾ گهٽ اٺ صديون ويڑهه ٿيندي رهي، هڪڙي صديءَ ۾ فيصلو ڪونه ٿيو. اهڙيءَ طرح جاگيرداريءَ مان سرمائيداريءَ ۾ تبديلي صدين ۾ ٿي. انگلينڊ ۾ به ائين ئي ٿيو، تنهن ڪري ويڑهه هاڻي به هلي پئي، سوشلسٽ نظام جاري

آهي، سوشلزم ۾ سرمائيداريءَ جي وچ ۾ ڇڪتاڻ صدين تائين هلندي. سوشلزم ختم هرگز نه ٿيو آهي. ان جو بنيادي فلسلفو پنهنجي جاءِ تي آهي ۽ ان جي ضرورت تاريخي آهي، ڇاڪاڻ ته سوشلزم سموري انسان ذات جي سڄي ترقيءَ جي عمل جي حقيقي ضرورت آهي. سرمائيداريءَ جي حق ۾ جيڪا حد کان وڌيڪ پروپيگنڊا ٿي رهي آهي، اها احمقاڻي آهي. پڙهيل لکيل باشعور ماڻهن کي خبر آهي ته سڀ کوڙا آهن. اسان جا اڙ پڙهيل دانشور هڪدم رٽ لڳائيندا آهن ته سوشلزم ختم ٿي ويو!"

اوصاف: اسان وٽ ڪجهه ماڻهو قومي جمهوري انقلاب جو پرچار ڪن ٿا، ڇا اهو نقطهء نظر ڪابي ڏر جي تحريڪ لاءِ تباهه ڪندڙ ناهي؟

پليجو صاحب: آڳ ان کي Instant Revolution (هٽ جي تريءَ جو انقلاب) جو نظريو به چوندو آهيان. اهي ماڻهو جن اهڙو پرچار ڪيو، سي ايڏي انتها تي ويا جو چيائون ته صنعتي مزدورن کان سواءِ ٻيو ڪوئي انقلابي آهي ئي ڪونه! انهن انتشار پيدا ڪيو، ڪنهن به تنظيم کي هلڻ نه ڏنائون. گانڌيءَ بابت لينن جو موقف ايم اين راءِ کان مختلف هيو، ڇاڪاڻ ته گانڌيءَ هندستان جي مخصوص حالتن ۾ ماڻهن کي سامراج خلاف سجاڳ ڪيو. شڪارين (ڪولهين، ٻيلن وغيره) ۽ غريبن کي جدوجهد جي ميدان ۾ آندائين ۽ هڪڙو مخصوص طريقو اختيار ڪيائين. لينن چيو ته هر ملڪ کي پنهنجي معروضي حالت مطابق جدوجهد جا رستا ناهٽا پوندا. هن ٽئين دنيا ۾ ڪميونسٽ سازيءَ کان منع ڪئي هئي. هي هتي ايم اين راءِ وارا ڪميونسٽ پارٽيون ناهيندا رهيا. ايم اين راءِ پنهنجي فوج ناهي هئي ۽ فوج ذريعي انقلاب جو فلسفو پيش ڪيو هئائين ته "چٽ منگني- پٽ بياهه" ٿي ويجي! ڪجهه ماڻهو اسان وٽ بالشويڪ انقلاب جو پرچار ڪري رهيا هئا. ان کان گهٽ ڳالهه ڪرڻ واري کي ممنون قرار ڏيندا هئا. اسان کي چولين بڦجي اڃڪتي وڌڻو آهي. جمهوري، طبقاتي، قومي جدوجهد کي گڏائي هلائڻو آهي. نيٽ هي سموريون لهرون ۽ سموريون چولين پاڻ ۾ گڏجي ويندين، جيئن پنجند وٽ سڀ درياهه گڏجي ويندا آهن.

اوصاف: توهان جي خيال ۾ عوامي نيشنل پارٽي، جنهن جا توهان جنرل سيڪريٽري هئا، ان جي پڇ ڌاهه جا ڪهڙا سبب هئا ۽ هاڻي توهان قومي حقن جي جدوجهد لاءِ جيڪو پليٽ فارم ناهيو پيا، تنهن جو مستقبل ڇا آهي؟

پليجو صاحب: انقلابي فلسفي ۾ هڪڙو تصور ترقيءَ جو آهي. ان ترقيءَ جو مطلب معاشي ترقي ناهي. اهو فلسفياڻو تصور آهي، جنهن جو مطلب آهي وڌاءُ، شين جو وڌڻ، شين ۾ اندروني تضاد جي ڪري آهي، تضاد دوران چرپر جي ڪري ماڻهن ۾ تبديلي اچي ٿي. تبديليءَ جي ڪري شيون وڌن ٿيون. اهڙيءَ طرح حالتن ۽ لڪائن ۾ به وڌاءُ ٿيندو آهي. ترقي ڪڏهن به سڌي لائين ۾ ناهي ٿيندي. بهرحال، اسان لهرون لهرون بڦجي اڃڪتي وڌندا رهنداسون ۽ پڇ ڌاهه جو عمل به گڏوگڏ هلندو رهندو. جدوجهد جو مورچو بار بار اسان کان کسجندو، اسان وري وري ان تي قبضو

ڪنداسون.

اوصاف: Mass Mobilization لاءِ قومي حقن جي تحريڪ کي معاشي پروگرام سان گڏائڻ ضروري ناهي؟

پليجو صاحب: آئون توهان سان مڪمل طور متفق آهيان. اها وقت جي اهم ترين ضرورت آهي ته ان کي معاشي پروگرام سان گڏ ڪيو وڃي.

اوصاف: ڇا سرمائيداري نظام جي موجوده بحران مان اهو ظاهر نٿو ٿئي ته تاريخ هن نظام کي رد ڪري ڇڏيو آهي؟

پليجو صاحب: سرمائيداري ڪيترن ئي امتحانن ۾ بحرانن مان لنگهي آهي. 1930ع ۽ 1980ع جي ڏهاڪن ۾ سرمائيداري بحران مان گذري، هاڻي ٽئين وڏي بحران مان لنگهي رهي آهي، جيڪو عالمي بحران آهي. ايڏا ان جي شروعات آهي ۽ اڳتي وڏي رهيو آهي، پر سرمائيداريءَ ۾ ايڏا الاهي سگهه آهي. سرمائيدارن ۾ ايڊجسٽ ڪرڻ جي وڏي صلاحيت آهي. سرمائيداري جيڪڏهن پنهنجو نفعو گهٽائي ڇڏي ته ايڊجسٽ ڪري سگهندي، پر قرلٽ سان گڏ نه هلي سگهندي. سرمائيدار اسان وارن جاگيردارن وانگر ناهن جن وٽ عقل ڪونهي، جيئن اسان جي وزيراعظم لاءِ سمجهيو ويو ته اهو سرمائيدار آهي، وڏو عقلمند هوندو پر هي ته پراڻن رجعت پرست قدرن جو حامي آهي ۽ صفا جاهل آهي. سرمائيدارن ۾ وڏي لچڪ آهي، تنهن ڪري اسان کي ان ڳالهه لاءِ تيار رهڻ گهرجي ته سرمائيداري ايڏا ڪافي وقت هلندي ۽ فتحون حاصل ڪندي، پر ان کي پنهنجو نفعو گهٽائڻو پوندو، هوريان هوريان اڳتي وڌڻو پوندو.

مارڪس چيو هو ته، "سرمائيداريءَ جي ڪک مان سوشلزم پيدا ٿيندي." روسي سوشلزم سرمائيداريءَ جي ڪک مان پيدا نه ٿي هئي. اها ته پهرين ۽ ٻي جنگِ عظيم جي مخصوص حالتن جي پيدائش هئي، جنهن ۾ هڪڙو موقعو مليو ته توهان Out of turn سوشلسٽ نظام قائم ڪريو. جڏهن سرمائيداري پنهنجون سموريون صلاحيتون استعمال ڪري کوکلي ٿي ويندي، تنهن کان پوءِ جيڪا سوشلزم پيدا ٿيندي، اها قدرتي سوشلزم هوندي. ان قدرتي سوشلزم لاءِ حالتون پيدا ٿي رهيون آهن. اوپر ايشيا ۾ سرمائيداريءَ جي ڪوکلائپ جي نتيجي ۾ سوشلزم جا عنصر اپري رهيا آهن. جڏهن نظام وڌهندا آهن ته پاڻي پت جي لڙائيءَ وانگر فيصلو هڪدم ناهي ٿيندو. اوپر ايشيا ۾ سوشلزم جي عنصرن کان سواءِ سرمائيداري نه هلندي. مهاتير محمد ڪو انقلابي ناهي، سرمائيداريءَ جو حامي آهي، پر ان جا پنهنجا تضاد آهن ته هو سامراج خلاف اٿي بينو آهي. اهو آهي حقيقي اصل تضاد سوشلزم ۽ سرمائيداريءَ ۾. ان مان جيڪا ڦڙو ڦڙو ڪري سوشلزم پيدا ٿيندي، اها حقيقي هوندي. روس ۾ ته هڪڙو اتفاق هيو. بهرحال روس ۾ سوشلزم جون حاصلاتون ۽ فتحون به الاهي ٿيون، جن تي اسان وٽ جيترو ڪم ٿيڻ گهربو هو، اهو ڪونه ٿيو. مارڪس شرط هنيو هو ته سڄي يورپ ۾ هڪ ئي وقت سوشلزم ايندو ته بچي ۽ وڏي ويجهي سگهندو.

عالمي سرمائيداريءَ کي جپان، سائوٿ ڪوريا ۽ ملائيشيا جهڙن ملڪن جا سرمائيدار شڪست ڏيندا، جهڙيءَ طرح انگريزن کي پڄائڻ ۾ انهن جا مخالف نه پر حامي ڪامياب ٿيا هئا. انگريز جا مخالف ته ٽيپو سلطان، مرهٽا، سراج الدوله جهڙا ماڻهو هئا، جن پراڻو نظام آڻڻ ٿي چاهيو پر ناڪام ٿيا. بنگالي بابو ان جا حامي هئا، مرزا غالب جهڙا جوان ان جا حامي هئا. سر سيد احمد خان جهڙو ماڻهو ۽ جيڪي علي ڳڙهه جا چوڪرا هئا، جيڪي آڪسفورڊ مان پڙهي آيا هئا، جيڪي لبرل هئا، انهن انگريزن کي پڄايو.

اوصاف: سرمائيداريءَ جو موجوده بحران اڳين بحرانن کان وڌيڪ گهرو آهي، پر ايا ۽ جيڪڏهن انتظار جي ڪيفيت ۾ رهنداسون ته پوءِ تاريخ ۾ ٻيو ڪهڙو موقعو ايندو؟

پليجو صاحب: هر وقت هڪڙو نئو موقعو هوندو آهي، پر سوال هي آهي ته اهو نئو موقعو ڪهڙي ڪم لاءِ هوندو آهي ۽ جدوجهد هر وقت ڪري سگهجي ٿي، قاسيءَ جي تختي تي به، پر سوال هي آهي ته جدوجهد ڪهڙي قسم جي؟ هن وقت ڪهڙي جدوجهد جا موقعا آهن؟ قوتن جي توازن ۽ سڄي دنيا جي حقيقي حالتن کي سمجهندي، پنهنجي دشمن جي ڪمزورين ۽ طاقتن کي سمجهندي، ڪهڙي قسم جي جتادار جدوجهد ڪري سگهجي ٿي؟ اهو آهي جدوجهد جي جتاءَ واري واڌاري (Sustainable Development of the Struggle) جو نظريو. هي وقت نئين صف بندي، نظرياتي جدوجهد ۽ علم حاصل ڪرڻ جو آهي. سڀ کان اڳ پاڻ کي نظرياتي طور هٿياربند ڪرڻ جو وقت آهي، پنهنجي نظرياتي صف بنديءَ جو وقت آهي. اسان پڙهون ڪونه ٿا. لينن جا 52 جلد آهن، اسان مان گهڻن پڙهيا آهن؟ گهڻن مارڪس پڙهيو آهي؟ گهڻن روسي انقلاب کي پڙهيو آهي؟ جيڪو رڳو 70 سال هليو، پر اهي 70 سال 70 صدين تي حاوي آهن. اهو هڪڙو تيزيءَ سان سفر ڪندڙ تجليدار ستارو هو، جنهن جي اندر اونداهان پاسا به هئا. ته عالمي انقلابي تحريڪ جو نقطه نظر ايا ناهي جڙيو، نئين نظرياتي جوڙجڪ جي ضرورت آهي، جيئن اقبال اسلامڪ فڪر ۽ خودشناسيءَ جي نئين اڌاوت جي ڳالهه ڪئي هئي.

اوصاف: پاڪستان ۾ اين جي اوز جي ڪردار بابت توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

پليجو صاحب: اين جي اوز جي ڪردار ۾ به تضاد آهن. هڪ طرف اهي ماڻهن ۾ سرمائيداراڻو نقطه نظر پيدا ڪن ٿا، اهو سرمائيداريءَ جو خاموش پرچار آهي ۽ توهان کي خبر آهي ته سرمائيداري جاگيرداريءَ جي مقابلي ۾ ترقي پسند آهي. ته سرمائيدار پنهنجي نقطه نظر سان ترقي ڪري رهيو آهي، اهو ماڻهو خريد ڪري رهيو آهي. ساڳئي وقت اين جي اوز جو ڪردار مثبت به آهي ته منفي به. ڳوٺاڻين عورتن کي وڌين وڌين هوٽلن ۾ وڃي اچن ٿا، اُتي اُهي تقريرون به ڪن ٿيون، ته جيئن ماڻهو ان طرف اچن، بهترين صلاحيتن وارا ماڻهو جدوجهد مان نڪري ان طرف اچن،

پر اهو بہ المیو آهي تہ جیکي بهترین ماڻهو این جي اوز ۾ کونهن، اُهي بہ کجهہ نٹا کن، گهر ۾ وينا آهن. بهرحال اسان کي هر هنڌان سکڻو آهي، هر کنهن کان سکڻو آهي، مثال طور: ملان عوام جي هوليءَ ۾ ڳالهائيندا آهن، عام ملون زمين تي ويهي ڳالهائيندو آهي، پر اسان جا پڙهيل لکيل ماڻهو (مون سميت) هيٹ چو نہ ٹا ويهن؟

اوصاف: چين ۾ هلندڙ اقتصادي سڌارن جي حوالي سان هڪڙو نقطہ نظر اهو آهي تہ اهي سرمائيداريءَ جي حاصلاتن مان فائدو وٺندي، پنهنجي پيداواري وسيلن کي ترقي ڏيڻ ڇاهين ٹا ۽ سوشلزم کي خطرو کونهي، ٻيو نقطہ نظر اهو آهي تہ اتي سرمائيداري اچي رهي آهي، توهان ڇا ٹا سمجهو؟

پليجو صاحب: پنهي ڳالهين جا هڪ جيترا امکان آهن. هو چون ٹا تہ اسان سوشلزم جي پهرئين ڏاکي تي آهيون. جڏهن تہ روس وارن بہ ائين چيو هو تہ اسان کميونزم ڏانهن وڌي رهيا آهيون، تہ انهن جي ڳالهين ۾ وڏاءُ هيو. چين ۾ پنهي قسمن جا لاڙا آهن، پنهي ۾ ڇڪتاڻ هلندڙ آهي، ڏسون تہ کهڙو فيصلو ٹو ٹئي. منهنجو خيال آهي تہ چين مجموعي طرح اڳتي وڌي رهيو آهي. جيستائين نئون انسان پيدا نہ ٹيندو، سوشلزم نہ هلي سگهندي، ڇاکاڻ تہ اها ذاتي مفاد بدران گڏيل مفاد جي ڳالهہ کري ٹي ۽ سوين سال پراڻو قدر هڪڙي ڏينهن ۾ تبديل نہ ٹيندو.

اوصاف: قائداعظم محمد علي جناح جي باري ۾ گذريل کجهہ وقت کان توهان جنهن مثبت راءِ جو اظهار کندا رهيا آهيو، ان تي کجهہ ڳالهايو.

پليجو صاحب: اسان وٹ مسٹر جناح بابت پاکستان کان هڪدم پوءِ وڌي مخالفاڻي پروپيگنڊا کئي وئي، ماڻهن کتاب لکيا، اسان کي اهي ڳالهيون صحيح لڳيون، اسان ايمانداريءَ سان سمجهيو تہ هي ماڻهو سڻو نہ پر خراب هيو، سو اسان کي هن کان نفرت ٹي وئي هئي. سخت نفرت وارو ماحول هيو. ان ماحول ۾ آءٌ بہ قائداعظم کي سڻو ماڻهو نہ سمجهندو هوس، پر پوءِ جڏهن مون 1857ع کان وٹي هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ جو سنجيدگيءَ سان مطالعو کيو تہ آئون ان نتيجي تي پهتس تہ هندستان ۾ جيڪڏهن کو صحيح معنيٰ ۾ نيشنلسٹ ۽ سيڪيولرسٹ اڳواڻ هيو تہ اهو محمد علي جناح ئي هو. سيڪيولرسٹ انهيءَ معنيٰ ۾ تہ هو مذهبي رواداري ۽ سيني کي پنهنجي مذهب ۽ عقيدي مطابق هلڻ جي مڪمل آزادي ڏيڻ ۽ ان کي برداشت ڪرڻ تي يقين رکندو هو. جڏهن تہ مهاتما گانڌيءَ تي بہ مذهبي اثر کجهہ وڌيڪ هو ۽ پنڊت جواهر لال نهروءَ تي ثقافتي خيال کان هڪڙو خاص قسم جو تعصب حاوي هو. سنڌ ۾ مون کي چوندا آهن تہ توهان گانڌيءَ ۽ نهروءَ تي غلط اعتراض ٹا کريو ۽ هتي پنجاب ۾ مون تي کوڙو الزام لڳندو آهي تہ مان قائداعظم کان نفرت ٹو کريان. مسٹر جناح کي قتل کري، رستي تي اڇلائي، ان جي صحيح نظرين جا بدترين مخالف ۽ دشمن ان جي لاش جا وارث بڻجي وينا. نواز شريف جيکو ضياءُ جو جاءِ نشين آهي، اهو مسلم ليگ جو صدر آهي. ان کان وڌيڪ

پاڪستانين ۾ پاڪستان جي مسلمانن جي بدقسمتي ٻي ڪهڙي هوندي جو نواز شريف قائداعظم جو جاءِ نشين بڻجي ويجي. جيڪڏهن هي جاءِ نشين آهي ته پوءِ ضياءُ الحق به جاءِ نشين هو. آءٌ جناح کي نه انقلابي سمجهندو هوس، نه مارڪس ۽ لينن جو پوئلڳ ۽ نه وري نعوذبالله ڪيس اصحابين سڳورن سان گڏيان ٿو. پر هي جيڪي ماڻهو رتوڇاڻ ڪن ٿا، مسجدن ۾ نماز به پڙهڻ ڪونه ٿا ڏين، محمد علي جناح انهن مان ڪونه هو، هو گهڻو مختلف هو ۽ جيڪو ٿولو ان جو نالو استعمال ڪري رهيو آهي، اهو ته هن جي رت جو پياسو هو. اهو ٿولو اڄ به جناح جي انسان دوستي، عقيدن بابت رواداري، خودمختياريءَ واري نقطءِ نظر ۽ ان جي اصولن جا بخيا اديڙي رهيو آهي. محمد علي جناح ڪرپٽ ڪونه هو. هو پرائيويٽائيزيشن جي نالي ۾ ڪروڙن جي ملڪيت ڪونه ٺاهيندو هو. هو انهن ڪوڙن جاءِ نشينن وانگر ڪِريل ۽ بازاري ماڻهو نه هيو. جيڪڏهن پاڪستان کي محمد علي جناح جي اصولن ۽ نظرين پٽاندڙ هلايو ويجي ها ته اڄ پاڪستان جا 60 سيڪڙو مسئلا حل ٿي چڪا هجن ها، پر قائداعظم جي نالي تي ان جي قاتلن پاڪستان تي قبضو ڪيو، رجعت پرست ٿولو قابض ٿي ويو، پاڪستان دشمن، اسلام دشمن ۽ عوام دشمن ماڻهن تي ٻڌل ڏوهاري ٿولي جناح جي نالي ۾ پاڪستان تي قبضو ڪري ورتو. آءٌ انهن ڏوهارين جي پرواهه ڪونه ٿو ڪريان، پر مون کي افسوس آهي ته خورشيد محمود قصوري ۽ مهناز رفيع جهڙن جمهوري جدوجهد جي دوستن به سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ منهنجي خلاف بيان ڏئي ڇڏيا ته آءٌ جناح کان نفرت ٿو ڪريان.

قائداعظم اتفاق سان سنڌي هيو ۽ اسان مطالبو ٿا ڪريون ته ان جي قتل جي جاچ ڪرائي وڃي. هن ملڪ ۾ جناح جي نظرين جو سپ کان وڏو پرچارڪ آءٌ آهيان. هن پاڪستان ٺهڻ کان هڪدم پوءِ به قومي نظريي جي نئين سر اڏاوت ڪندي "هڪ قومي نظريو" ٺاهيو ته پاڪستان جي سرحدن اندر هندو ۽ مسلمان به قومون ناهن. اهڙيءَ طرح سمورن مذهبن جا پوئلڳ، جيڪي پاڪستان ۾ رهن ٿا، اهي به هڪڙي قوم آهن.

اوصاف: اڄ ڪلهه اسان وٽ (اسلامي نشاة ثانيه) اسلام جي نئين سڃاڻپيءَ جو ڏاڍو ذڪر آهي ۽ جيڪي ماڻهو ماضيءَ ۾ سامراج جي خدمت ڪندا رهيا آهن، اهي اڄ ڪلهه اسلام جي نئين سڃاڻپيءَ جا علمبردار بڻجي ويا آهن، ان صورتحال تي اوهان جو ڪهڙو تبصرو آهي؟

پليجو صاحب: آءٌ اسلام جي نئين سڃاڻپيءَ جو حامي آهيان. اسان جا ترقي پسند دوست پريشان ٿي ويندا ته پليجو ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪري! مان چاهيندس ته يارهين ۽ بارهين صديءَ ۾ جيڪو فڪري انقلاب آيو هيو، ان کي نئين سر جيئارڻ گهرجي. بوعلي سينا، البيروني، ذڪريا الرازي، ابن الهيثم ۽ ابن الرشد جي حوالي سان انسان دوستيءَ جو جيڪو دور آيو هيو، اهو اڇڻ گهرجي ۽ انسان دوستي ۽ نئين

سجاڳيءَ جو پهريون دور يورپ ۾ ڪونہ آيو هو، پهرين مسلمان ملڪن ۾ آيو هو. قديم يوناني ۽ رومي تهذيبن جي انسان دوست پاسن کي جنهن نموني مسلمانن ۾ اجاگر ڪيو، ان جو سبب مذهب نہ هيو. قسطنطنيہ مان فلسفين کي ڪڍيو ويو، اهي اول ايران آيا، اتي دارالحڪمت قائم ڪيائون ۽ پوءِ منصور جڏهن بغداد جوڙايو تہ اتي انهن دارالحڪمت قائم ڪيو. يوناني انسان دوست لکٹين جو ترجمو ڪيو ويو، ان ۾ غلطيون بہ ٿيون. ارسطوءَ تي گهٹ زور ڏنو ويو، افلاطون تي وڌيڪ.

بهرحال، مجموعي طور نئين سجاڳيءَ جي شروعات اتان ٿي، جنهن مان يورپ جي نئين سجاڳيءَ لاءِ مواد تيار ٿيو. جن ماڻهن اهو ڪم ڪيو، انهن ۾ پهريون ماڻهو ابن الرشد هيو. انسائيڪلوپيڈسٹ (سمورو علم گڏ ڪندڙ) جي تحريڪ فرانس ۾ پوءِ شروع ٿي، مسلمانن وٽ پهرين سائنسي تحريڪ جي شروعات مسلمان علائقن ۾ ٿي، پر پوءِ الميو هي ٿيو جو رجعت پرست قوتون مسلمانن وٽ حاوي ٿي ويون، تنهن ڪري اسان چاهيون ٿا تہ هتي اسلام جي نئين سجاڳيءَ جي شروعات ٿئي، عقليت پسندي، انسان دوستي، تشڪيڪ پسندي (شڪ ڪرڻ)، رواداري ۽ روشن خياليءَ تي مشتمل وڏو خزانو آهي، جيڪو مسلمانن تخليق ڪيو ۽ اڄتي وڌايو آهي، پر مون کي شڪايت آهي تہ يونيسڪو ان عظيم ورثي کي نظرانداز ڪيو. يونيسڪو اوپر جي تخليق تي پورو ڌيان ڪونہ ڏنو، پر يورپ ۾ انهن ڏينهن ۾ اها ڄاڻ ۽ سمجهہ ئي ڪانہ هئي، اها گهرائي ئي ڪانہ هئي، يورپ ۾ اهو علم ئي ڪونہ هو جيڪو اسان وٽ هو. جيڪڏهن توهان عالمي ثقافت جا شاگرد آهيو تہ توهان کي خبر هوندي تہ يورپ صدين جون صديون بلڪل خالي ۽ اونداهون هيو، چمڪندڙ ۽ روشن علائقا تہ اسان جا هئا.

اهڙيءَ طرح صوفين جي حوالي سان جيڪو انسان دوستيءَ جو دور هو، اڄ پنجاب کي ان جي سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي. پنجاب تي هڪڙي ڪاري رات ڇانئجي وئي آهي. هي پنجاب جو روشن دور ڪونهي. پنجاب کي اسلام جي نئين سجاڳيءَ جي سڀني کان وڌيڪ ضرورت آهي، روشن فڪريءَ جي ضرورت آهي. ائٽلانٽڪ سمنڊ کان هيستائين سمورن مسلمان ملڪن کي نئين سجاڳيءَ جي ضرورت آهي، تہ جيئن سامراجي غلاميءَ جو طوق لاهي ڦٽي ڪن. بدقسمتيءَ سان مسلمان ملڪ سامراج جا ڳڙهہ بڻيل آهن. مسلمان ملڪن تي رجعت پرست سامراج دلال حاڪم مسلط آهن، بادشاهہ وينا آهن، حالانڪ اسلام ۾ ملوڪيت جو تصور ئي ڪونهي. سامراج ۽ يهودين جا دلال عالمِ اسلام تي حڪمراني ڪري رهيا آهن. اسان وٽ بہ ائين پيو ٿئي. سوئٹ نديءَ واري لڙائي ۾ پاڪستان ڪنهن سان گڏ هيو؟ يهودين سان گڏ هيو. عراق تي حملو ٿيو، پاڪستان جون فوجون ڪنهن سان گڏ هيون؟ يهودين سان گڏ هيون. هي سڄو وقت يهودين خلاف ڳالهائين ٿا، اسان جي سڄي اسٽيبلشمينٹ يهودين خلاف ڳالهائيندي رهي ٿي، پر عملي طور سدائين انهن

جو ساڻ ڏيندي آهي. اسان اسلام جا حامي آهيون، پر ڪنهن جو اسلام؟

جيڪڏهن اسلام تي هلو ٿا، مان تيار آهيان. توهان هيئن ڪريو، مون ضياءُ جي دور ۾ چيو هو ته هڪڙو گهوڙو تيار ڪريو، ان تي جنرل ضياءُ کي ويهاريو، ٻئي گهوڙي تي جنرل عارف کي ويهاريو، انهن جي پٺيان آءٌ به پنهنجي گهوڙي تي چڙهي نڪرندس. اسلام ۾ جهاد فرض آهي، سڄي دنيا فتح ڪنداسون، سپر پاورن کي فتح ڪنداسون، آمريڪا تي حملو ڪنداسون، توهان اڳواڻي ڪريو، اسان توهان سان گڏ آهيون، پر سيني کي خبر آهي ته هي ائين نه ڪندا. هي ته انهن جا ايجنٽ آهن، انهن جو اسلام سان ڪهڙو واسطو؟ هي ته مال ٺاهڻ وارا آهن. مان جرنيلن جي اسلام کي نٿو مڃان. آءٌ الله ۽ ان جي رسولن جي اسلام کي مڃان ٿو. آءٌ بلي شاهه ۽ شاهه لطيف جي اسلام کي مڃان ٿو. هي ڏنڊي واري اسلام جي ڳالهه ڪن ٿا، ماڻهن کي ماني ڏيڻ جي ڳالهه نٿا ڪن. ساڳيو حال نواز شريف جي شريعت جو به آهي، جيڪو شريعت جي نالي تي مطلق العنان شهنشاهيت قائم ڪرڻ گهري ٿو. اسان اهڙي اسلام ۽ اهڙي شريعت کي نٿا مڃون.

بينظير جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ، ضياءُ طرفان جوٽيجي جي حڪومت ختم ڪرڻ جو تسلسل آهي- ان مان اصل حڪمران جي خبر پوي ٿي.

پينل انٽرويو/عبرت مئگزين، 1 سيپٽمبر 1990ع

عبرت: توهان جي خيال ۾ صدر غلام اسحاق خان جي اسيمبلي ٽوڙڻ ۽ نگران وزيراعظم غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي مقرر ٿيڻ سان ملڪ جي آئيندي تي ڪي منفي اثر پئجي سگهن ٿا؟ جيڪڏهن ها، ته جمهوريت پسند ماڻهن جو ڪردار ڇا هئڻ گهرجي؟

پليجو صاحب: منهنجي خيال ۾ ته هيءَ سڄي ڳالهه غلط ٿي آهي، ائين نه ٿيڻ کپي! ائين تمام بري ڳالهه ٿيندي! ڇاڪاڻ ته آئون نٿو سمجهان ته نگران حڪومت کي خاص ان لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي ته باقاعدي چونڊون ڪرايون وڃن! جتوئي صاحب لاءِ مون کي تمام گهڻي عزت آهي. ملڪ جا جيڪي به شريف ماڻهو آهن، پلا ماڻهو آهن، سڀ ماڻهو آهن، انهن مان سڀيون اميدون رکڻ گهرجن. آئون ٻه- ٽي مهينا پهرين جتوئي صاحب سان مليو به هوس، ته ذاتي طور تي ته منهنجا جتوئي صاحب سان تمام بهترين تعلقات آهن... پر آئون سمجهان ٿو ته هيءُ جيڪو بينظير جي حڪومت جي تختي اونڌي ڪرڻ جو مسئلو آهي، اهو ضياءُ طرفان جوٽيجي حڪومت کي ختم ڪرڻ واري يادگيري ڏياري ٿو. اسان ان جي (ضياءُ جي ان قدم جي) به مخالفت ڪئي هئي. اسان سمجهيو هو ته هيءُ سڄو معاملو گڙٻڙ ٿيندو ۽ ٿي رهيو آهي.

باقي جيتري قدر جمهوريت پسند ماڻهن جي ڪردار بابت سوال آهي ته آئون سمجهان ٿو ته هنن کي ڪوشش اها ڪرڻ کپي ته چونڊون بلڪل صحيح ٽائيم تي ڪرايون وڃن ۽ اهو به ڏسڻ گهرجي ته هي حالتون مارشل لا ڏانهن نه وڃي وڃن، ڇاڪاڻ ته اهو وڏو انديشو آهي، خطرو آهي.

اڃڪلهه سنڌ ۾ فائرنگون عام جام پيون ٿين. انهن کي ڏسي ائين ٿو محسوس ٿئي جڙ ته دهشتگردن جو من ويتر وڌي ويو آهي ۽ وزيراعظم صاحب ۽ وزيراعليٰ جام صادق علي صاحب (جنهن سان ته منهنجا بلڪل ذاتي تعلقات آهن، ذاتي نيازمندي آهي ۽ ان لاءِ تمام گهڻي عزت آهي) انهن کي گهرجي ته سندن حڪومت کي دهشتگردن جو آلهء ڪار بنجڻ نه ڏين. سنڌي ماڻهو زندگي ۽ موت جي ڇڪتاڻ ۾ آهن، تنهن ڪري انهن جو بچاءُ ڪن ۽ جمهوريت پسند ماڻهن کي به ان ڳالهه تي زور ڏيڻ کپي.

عبرت: ذاتي تعلقات جي حوالي سان، ڇا توهان کي اهو يقين آهي ته نگران حڪومت ۾ شامل ماڻهو امن امان قائم ڪرڻ ۾ ڪو مؤثر ڪردار ادا

ڪري سگھن ٿا؟

پليجو صاحب: مون کي خبر نہ آهي تہ ماڻهو ڇا نٿو ڪري سگھي! پر جيڪي قوتون هينئر ڪارفرما آهن، آئون نٿو سمجهان تہ اهي ڪي امن چاهين ٿيون ۽ جيڪڏهن اهي امن نہ چاهيندیون تہ هي ويچارا اسان جا شريف ماڻهو ڇا ڪري سگھندا؟ ڏسو نہ، چوندڀيل حڪومت کي بہ ڪيڏو نہ سخت گھيراءُ ڪري ويا هئا! هي تہ ويچارا درويش آهن! هنن کي تہ وچ ۾ اهڙو موقعو بہ نہ مليو آهي جو وچ ۾ چوندڙن ذريعي اچن. هنن ويچارن اسان جن محترمن کي، آئون نٿو سمجهان تہ ڪو صحيح معنيٰ ۾ تڳڙ ڏيندا يا سندن منصبي فرض ادا ڪرڻ ڏيندا، ڇاڪاڻ تہ وڏيون جابر قوتون آهن، وڏيون ظالم قوتون آهن، اهي هن سڄي ڀگالھ کي قبضي ۾ ڪريو ويٺيون آهن، انهن جي اڳيان ملڪ جا چوندڀيل وزيراعظم بہ مجبور ٿيو پون.

صدر صاحب جي فرمان جي مهرباني ۽ سبب هي ۽ سڄي تبديلي آئي آهي، تہ ان صورتحال ۾ هنن کي ايتري قوت هجي جو دهشتگردن سان اکيون اکين ۾ ملائي ڀگالهائي سگھن يا وري انهن کي وزارتن ۾ شامل ٿيڻ جون دعوتون پيا ڏين، تہ ائين ڪرڻ غلط آهي. ان صورتحال ۾ آئون سمجهان ٿو تہ امن برقرار رکڻ ناممڪن نہ، تہ بہ مشڪل ضرور ٿيندو.

عبرت: اصل قوت اڄا ڪا پي آهي؟

پليجو صاحب: اصل قوتون ظاهر آهي تہ پيون آهن، جيڪي پس پرده آهن ۽ پاڻ انهن کي سڃاڻون ٿا.

عبرت: ڇا چوويهہ آڪٽوبر تي چوندڙون ٿيندیون؟ جيڪڏهن نہ، تہ ملڪ جي صورتحال ڪهڙي وڃي بيهندي؟

پليجو صاحب: چوويهہ آڪٽوبر تي چوندڙون ٿيڻ ڪين! منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن پريشر (دباءُ) پوريءَ طرح وڌو ويو تہ چوندڙون ٿي ويندیون. سوال آهي تہ پاڻ ڪيترو پريشر ٿا وجهون؟ جمهوري قوتون ڪيترو دباءُ ٿيون وجهن؟ بين الاقوامي دباءُ ڪهڙو ٿو پوي؟ پ پ پنهنجو ڪردار ڪهڙو ادا ڪري ٿي؟ سيني ڀگالهين تي دارومدار آهي، پر آئون نٿو سمجهان تہ ڇو چوندڙون نہ ٿين؟ ڇوتہ چوندڙون نہ ڪرائڻ ڪري، جيڪا اڳي ڦشري ٿي هئي يا جيڪو ضياءُ جو حشر ٿيو هو، ان جي مدِنظر چوندڙون نہ ڪرائڻ غلطي ٿيندي، بدگمانيون ٿيندیون ۽ ڏاڍو برو اثر پوندو. هنن شريف ماڻهن تي، جيڪي هينئر وزيراعظم ۽ وزيراعليٰ ٿيو وينا آهن، اسان جي انهن مهربان ۽ محترم شخصيتن بابت ڏاڍو منفي اثر پوندو.

عبرت: ڇا ايم- ڪيو- ايم موجوده حڪومت جي ذريعي پنهنجا ناجائز مطالبا مڃرائي وٺندي؟

پليجو صاحب: خبر نہ آهي! پر هنن جي پريشر کي پ پ بہ برداشت نہ ڪري سگھي هئي. هي ۽ (موجوده حڪومت) ڪيترو برداشت ڪري سگھندي، اهو مسئلو آهي. ڇئي نٿو سگھجي.

پنجاب ۾ هيروز جي عزت ناهي، ڦورو ۽ لٽيرن کي هيرو بڻايو ويو- جهاد جو مقصد اهو ناهي ته مسلمان ٿي نه ته مرڻ لاءِ تيار ٿيءُ- اسلام ۾ مُلان جو کو تصور ئي کونهي.

انٽرويو: سهيل وڙائچ/ جنگ سنڊي مئگزين، 20 مارچ 1992ع

[رسول بخش پليجي جو نالو هاڻي سياست ۾ دلچسپي رکندڙن لاءِ ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي رهيو. 1983ع ۾ سنڌ اندر ايم. آر. ڊي جي جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ سبب سندس نالو قومي سياست ۾ ڳٽجڻ لڳو. ان کان سواءِ مارشل لا دؤر ۾ ڏگهي عرصي تائين باندي رهڻ کان پوءِ آزادي ملڻ بعد تاريخ، ادب ۽ سياست جي حوالي سان ڇرڪائيندڙ بيان ڏيئي هلچل مچائي ڇڏيائين. سندس خيالن سان اختلاف ڪري سگهجي ٿو. پر سندس وسيع ڄاڻ ۽ ڏاهپ جو بهرحال قائل ٿيڻو پوندو.

رسول بخش پليجو عوامي تحريڪ جو سربراهه آهي. قومپرست سياست جي حوالي سان سياستدانن جو ذڪر ٿيندو ته اتي فلسفي ۽ تاريخي نقطهء نظر سان رسول بخش پليجي جي ڏاهپ جو ذڪر ضرور ٿيندو. رسول بخش پاڪستاني کان رسول بخش پليجو بڻجڻ لاءِ ڪيترن ئي سالن تي ٻڌل سفر سنڌ جي بدلجندڙ اندروني سوچ کي پڌ ظاهر ڪري ٿو. سنڌ، پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جي موقعي تي مهاجرن کي آباد ڪرڻ لاءِ دل جي گهراين سان پليڪار ڪئي، پر وقت گذرڻ سان مهمانن ۽ ميزبانن جي لاڳاپن ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي ۽ سنڌ جي اصل رهواسين سمجهيو ته مهاجر، سنڌين کي ريڍ اندين بڻائڻ چاهين ٿا. ٻيو ته مهاجرن ۾ ڪوٽا سسٽم جي خلاف احساس محرومي پيدا ٿي ۽ انهن مهاجر قومي موومينٽ جو بنياد رکيو. وقت جي گردش کالهوڪن مهمانن ۽ ميزبانن کي هڪٻئي جي دوبدو آڻي بيهاريو ۽ ڳالهه ويڃي ٻوليءَ جي فسادن ۽ نسلي جهيڙن تائين پهتي. سنڌي قومپرستي ٻه جي- ايم سيد جي فلسفاڻي سوچ مان ڦُٽي عملي ميدان ۾ آئي. پليجو سنڌي ماڻهن جي حقن لاءِ هڪ طاقتور فلسفياڻي آواز جي حيثيت رکي ٿو.

رسول بخش پليجو تاريخ ۽ سياست تي اُونهو عبور رکي ٿو. اسلامي تاريخ جي حوالي سان سندس خيال غير روايتي ۽ ڇرڪائيندڙ هوندا آهن. پليجو 1992ع ۾ لاهور جي دوري تي آيو ته لاهور ڪينٽ سان لڳ هڪ آبادي‌ءَ جي هڪ گهر جي ڊائننگ روم ۾ ساڻس ملاقات ٿي. اهو شام جو وقت هو. پليجو پنهنجي پارٽيءَ جي ٻن انقلابي عورتن سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو هو. ته آڻون اتي پهتس ۽ پوءِ سياست، ادب ۽ ثقافت جهڙن قسمين قسمين موضوعن تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي. اچو ته رسول بخش پليجي جون دلچسپ ڳالهيون ٻڌون.]

سوال: توهان اڪثر تاريخ جي حوالي سان پنجاب جي باري ۾ شڪ ۽ گمان جو اظهار ڪندا رهندا آهيو، ڇا توهان جي خيال ۾ پنجاب پنهنجي تاريخ جي فاتحن ۽ هيروز کان بي خبر آهي؟

رسول بخش پليجو: اصل ۾ اسين هندو مان مسلمان ٿياسين ۽ ڪاهون ڪندڙن جي هندوستان تي ڪاهن کي غلط قرار ڏيندا آهيون، جيتوڻيڪ انهن ۾نهي جو هڪٻئي سان ڪوبه تعلق ناهي. جيتري قدر مسلمان هجڻ جو تعلق آهي، اسان کي خوشي آهي الحمدالله اسين مسلمان آهيون. اسلام تلوار جي زور تي ڪونه پکڙيو هو. اسلام پکڙجڻ جو سبب رسول پاڪ ﷺ جي تعليم هئي. اهڙيءَ طرح هندوستان جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين جتي به ماڻهو مسلمان ٿيا، ان جو سبب اسان جا صوفي بزرگ هئا. ٻئي طرف جڏهن محمود غزنوي ۽ غوري آيا تہ انهن پهريون ڪم اهو ڪيو تہ پنجاب، سنڌ ۽ پختون علائقن کي تباهہ ۽ برباد ڪيو. محمود غزنويءَ جو پهريون ڪم هي هو تہ هن اسلامي تهذيب جي بن بنيادي درسگاهن ملتان ۽ منصوره کي نيست ۽ نابود ڪيو ۽ جيترو هن هندن کي تباهہ ڪيو، اوترو ئي مسلمانن کي به نقصان ڏنائين. جڏهن تہ اسين سمجهون ٿا تہ هندن کي برباد ڪرڻ ناجائز هو، ڇاڪاڻ تہ اسلام اهڙي اجازت نہ ٿو ڏئي. جيئن تہ حق پرست عالم ۽ مؤرخ چون ٿا تہ اڪثر بادشاهن جو ڪردار اسلام جي بلڪل خلاف هو ۽ انهن جو سمورو ڪردار اسلامي قدرن جي ابتڙ هو. مولانا مودوديءَ به لکيو آهي تہ بادشاهت ۽ اسلام هڪٻئي جا ضد آهن، پر انهن ڪوڙن فاتحن کي، جيڪي اصل ۾ وڏا ظالم هئا ۽ انهن بادشاهن جي عادت موجب مسلمان ۽ هندو عورتن ۽ دولت کي لٽيو ۽ ڦريو، پر بدقسمتيءَ سان انهن کي هيرو بڻايو ويو آهي. حقيقت ۾ اهي ڦورو هئا ۽ اهڙن ماڻهن کي پنجاب ۾ نهايت زبردست عزت حاصل آهي ۽ جيڪي سنا ماڻهو هئا، مثال طور: شاهہ حسين، سلطان باهو ۽ ڊُلا ڀٽي، انهن جو تہ ذڪر ئي نہ ٿو ڪيو ويجي. شاعر، اديب، اهل دل ۽ صوفي بزرگ، جيڪي جنگ ۾ وڙهي رهيا هئا، سندن ڪردار جو مثال تاريخ ۾ ڪٿي به ڪونہ ٿو ملي.

سوال: جيڪڏهن توهين سمجهو ٿا تہ هندوستان تي ڪيل ڪاهون، جهاد جي زمري ۾ نہ ٿيون اچن، تہ توهان جي خيال ۾ جهاد جي وصف ڪهڙي آهي؟

رسول بخش پليجو: جهاد جو مقصد اهو ناهي تہ ماڻهن کي چيو ويجي تہ مسلمان ٿيو نہ تہ توهان کي قتل ڪيو ويندو. جيتري قدر عرب لڙاين جو تعلق آهي تہ اهي غير عرب ماڻهن سان وڙهيون ويون. ايران ۽ روم هر وقت ان ڪوشش ۾ رهندا هئا تہ عرب سلطنت کي نيست ۽ نابود ڪيو ويجي. ٻنهي جي تاريخ عرب ملڪن کي غلام بنائڻ واري هئي. ٻي ڳالهہ هيءَ به هئي تہ انهن ٻنهي ملڪن جي هوندي عربن جي اسلامي تاريخ قائم رهي، اهو ممڪن نہ هو، ان ڪري اها انهن جي سياسي ضرورت هئي ۽ توهان کي ڄاڻ هوندي تہ ان وقت حضرت عمر رضی اللہ عنہ پنهنجن سپاهين کي روڪي چڏيو هو تہ زمين تي قبضو ناهي ڪرڻو، پر ان جي باوجود هندوستان تي ڪاهون ڪندڙن

هتي ڪاب شيءِ نہ ڇڏي ۽ سمورن شهرن کي تباهہ ۽ برباد ڪيائون. جڏهن حضرت عمرؓ بيت المقدس ۾ ويو تہ اُٹ تي سوار هو ۽ جڏهن غلام جو وارو آيو تہ غلام کي اُٹ تي ويهاريائين ۽ پاڻ پيادل هليو. حضرت عمرؓ پنهنجن ماڻهن سان سڀي طريقي سان ملندو هو ۽ انهن ماڻهن ۽ حضرت عمرؓ ۾ زمين آسمان جو فرق هو. هندوستان تي ڪاهون ڪندڙن جي حرڪتن کي اسلامي جهاد سان ڳنڍڻ سراسر غلط آهي. اهي ماڻهو تہ ان وقت سنڌ ۽ ملتان کي فتح ڪري رهيا هئا. جڏهن مغل آيا هئا، ان وقت هندوستان تي مسلمانن جي حڪمراني هئي. چگهڙ، اهو بہ مجون تہ محمد بن قاسم تہ هندن کي فتح ڪيو، پر پوءِ تيمور يا بابر کنهن کي فتح ڪرڻ آيا هئا؟ ان وقت تہ مسلمانن جي حڪومت هئي. انهن سڄي ملڪ کي برباد ڪري ڇڏيو. وري نادر شاهہ آيو، ان جو مقصد بہ ڦرلٽ ڪرڻ هو.

سوال: پليجا صاحب! هڪ ٻيو سوال جيڪو اڄ بہ نهايت اهميت وارو آهي، اهو آهي اسلامي شريعت ۽ ان جي تشريح. ان جي باري ۾ بہ رايا آهن، جن جي وڏي اهميت آهي. هڪ راءِ آهي تہ فقہ جو مواد گڏ ڪري ترتيب ڏنو ويو هو، جنهن ڪري ان جي ٻيهر تشريح ٿيڻ گهرجي. جيئن تہ توهين اسلام جي باري ۾ پنهنجو جيڪو نقطہء نظر پيش ڪري رهيا آهيو، اهو پڪ سان ٻين کان مختلف آهي، تہ ڇا توهين سمجهو ٿا تہ فقہ کي بہ ٻيهر ترتيب ڏيڻ گهرجي؟

رسول بخش پليجو: جيتري قدر تشريح جو معاملو آهي، اهو الڳ آهي. اسلام هڪ زنده شيءِ آهي ۽ ان ۾ زندگيءَ کي نواڻ ۾ سمائجي، ان کي چرپر ۾ نہ سمجهڻ سراسر غلط آهي.

سوال: توهان جي خيال موجب اسلام ۾ ڪهڙين ڳالهين جي ٻيهر تشريح ضروري آهي ۽ هن وقت فوري طور ڪهڙين ڳالهين جي تشريح جي ضرورت آهي؟

رسول بخش پليجو: ڳالهہ هيءَ آهي تہ ان زماني ۾ هر شيءِ جي سزا مقرر هئي، مثال طور: ان وقت جيئري ساڙڻ جي سزا مقرر هئي، پر اڄ جي دؤر ۾ اهي سزائون انتهائي سخت آهن، پر جيڪڏهن انسانيت جي حوالي سان اسلام جي برتري رکڻي آهي تہ انهن ۾ تبديلي آڻڻي پوندي ۽ جيڪڏهن اسلام تي ان حوالي سان سڄو زور وڏو وڃي تہ سزائون ڏيو، اهو بہ غلط آهي. ٻي اهم ڳالهہ تہ اسلام جي حوالي سان جيڪي حق آهن، اهي بہ تہ ماڻهن کي ملڻ گهرجن، پر ائين ناهي. جيڪا بہ شيءِ حڪمران طبقي کي سڀي لڳندي، اها ڪندو ۽ جتي عوام جا حق ناجائز ڦٻايا ويندا، ان طرف ڪوبہ ڏيان نہ ڏيندو. مثال طور: جهڙيءَ ريت حضرت عمرؓ فرمايو آهي تہ رعيت مان ڪوبہ شخص مون کان پڇا ڳاڇا ڪري سگهي ٿو ۽ مون کان حساب ونڊي سگهي ٿو، پر هاڻي اهو ممڪن ڪونهي. ان ريت تہ اهو ظلم آهي تہ توهين سزائن جو اختيار حاصل ڪريو ۽ جزائن کي ڇڏي ڏيو. اهڙيءَ طرح اهي ڳالهيون غير اسلامي

بڊجي وڃن ٿيون. ها، البت جيڪڏهن توهان سيني شين کي اختيار حاصل ڪريو ٿا ته پوءِ اهو جائز آهي ۽ اهائي منهنجي اسلام جي باري ۾ تشريح آهي. اسين اهو چئون ٿا ته هر دؤر ۾ ان جي تشريح ٿيڻ گهرجي.

سوال: ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته پاڪستان کي سيڪيولر رياست هجڻ گهرجي، بلڪ هر ماڊرن رياست کي سيڪيولر رياست هجڻ گهرجي ۽ ان جي باري ۾ ماڻهو قائداعظم محمد علي جناح جي 11 آگسٽ 1947ع واري تقرير جو پڻ ذڪر ڪن ٿا. توهان ان باري ۾ ڇا چوندا؟

رسول بخش پليجو: سيڪيولرازم جو مطلب آهي ته هڪ شهري هجڻ جي حيثيت ۾ توهان جا جيڪي حق آهن، اهي توهان کي ملن ۽ ان کي ئي حقيقي معنيٰ ۾ سڪيولرازم چوندا آهن. آئون ان ڳالهه جي حق ۾ آهيان ته مذهب ۽ عقيدي جي بنياد تي ڪنهن کي به نقصان پهچائڻ نه گهرجي. بي ڳالهه هيءَ آهي ته مذهب جي معاملي ۾ ماڻهن کي پنهنجي ضمير مطابق هلڻ گهرجي، انهن کي ساڙ/ حسد نه هڻڻ گهرجي ته ڪنهن خاص عقيدي جي بنياد تي ڪنهن کي به برتري حاصل هجي.

سوال: ان سڄي معاملي ۾ توهين قائداعظم جي ڪردار کي ڪيئن ٿا ڏسو ۽ ان وقت جي حالتن موجب هن جو تاريخي ڪردار توهان جي نظر ۾ ڪيئن آهي؟

رسول بخش پليجو: جيتري قدر قائداعظم جي ڳالهه آهي، آئون اهوئي چوندس ته هو انهن سيني ماڻهن ۾ بااصول شخصيت هو.

سوال: علامه اقبال جي شخصيت ۾ به رويا نظر اچن ٿا: هڪ ته مسئلن کي سائنسي انداز ۾ حل ڪرڻ وارو ۽ پيو اسلام جو روايتي تصور. توهان هڪ اديب جي حيثيت ۾ اقبال جي ڪهڙي تصور کي مڃو ٿا؟

رسول بخش پليجو: اقبال جي باري ۾ منهنجو مطالعو انتهائي محدود آهي ۽ مون کي افسوس آهي ته وقت نه ملڻ جي ڪري هن جي باري ۾ گهڻو ڪجهه ڄاڻي نه سگهيو آهيان. پيو ته اسلام ۾ جيڪو فلاسافرن جو سلسلو آهي، هن جي خيالن ڪان مختلف آهي. فلاسافر ڪيترين ئي شين ۽ معاملن تي اختلاف ڪندا رهيا آهن. رازي ته ايترو به چيو آهي ته بهشت ۽ جهنم نالي ڪا شيءِ ٿي ئي نه ٿي سگهي. بوعلي سينا ۽ ذڪريا وغيره سپ پاڻ ۾ هڪ هئا. انهن جي راءِ، مُلن جي راءِ ڪان مختلف هئي.

سوال: توهان هاڻي ئي مُلن جو ذڪر ڪيو ته آئون چاهيان ٿو ته توهان مُلن جي ڪردار جي وڌيڪ وضاحت ڪريو. ڇاڪاڻ ته هتي اهو عام طور چيو وڃي ٿو ته مُلن اسلام کي سهارو ڏنو آهي، ان کان سواءِ مُلان ڪن ماڻهن جون پسنديده شخصيتون به آهن.

رسول بخش پليجو: آئون پهريائين علامه اقبال جي ڳالهه ڪندس. هن جي شاعريءَ ۾ هڪ خاص ڳالهه هيءَ به آهي ته هن شاعريءَ کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو. جيتوڻيڪ ان کان اڳ جو هڪ پورو دؤر، جنهن ۾ مومن، داغ وغيره

گذريا آهن، انهن جي شاعريءَ ۾ سياسي مقصد نظر ڪونہ ٿا اچن. جيستائين علامہ اقبال جي شاعريءَ جو تعلق آهي تہ نہ رڳو سندس نظمن ۾ تضاد آهي، بلڪ سندس هڪ شعر ۾ بہ تضاد نظر اچي ٿو ۽ اهو تضاد قدرتي آهي، ڇاڪاڻ تہ وڏن شاعرن ۽ مفڪرن جي وچ ۾ تضاد تہ هوندو آهي. ائين اقبال جي شاعري نهايت روايتي بہ آهي، اسلام جي ويجهو بہ آهي، سندس شاعريءَ ۾ بادشاهہ پرستي بہ آهي ۽ اقبال اڏان ڏينڊڙ جي شان ۾ قصيدا بہ چوي ٿو. اها شاعرن جي مجبوري هوندي آهي. ويچاري حافظ بہ بادشاهن جي شان ۾ شعر چيا آهن.

جيستائين مُلن جي ڪردار جو تعلق آهي تہ اسلام ۾ تہ مُلن جو ڪو تصور ئي ڪونهي. مُلان تہ هر دؤر ۾ بادشاهن جو سهولتڪار/ ٻانهن ٻيلي بڻيل رهيو آهي. ڪنهن بہ دؤر ۾ مُلان جو اسلام جي حوالي سان ڪو تصور نظر نہ ٿو اچي، پر ڪن حالتن ۾ مُلن جو ڪردار ترقي پسند بہ هوندو آهي. اهو مڃڻو پوندو تہ هڪ دؤر ۾ مُلان انگريزن جي خلاف وڙهيا آهن. هاڻي ان جا سياسي اثر ڪهڙا پيا، ان جو فائدو يا نقصان ڪنهن کي ٿيو، اهو انتهائي گهرو مسئلو آهي. مُلن ڪن وقتن تي انتهائي وڏا ڪارناما ڪيا آهن. بهرحال، عام طور تي انهن جو جيڪو ڪردار رهيو آهي، اهو منفي آهي.

سوال: ڪلچر (ثقافت) جي باري ۾ اسان وٽ نهايت متضاد رايا آهن. هڪ راءِ هيءَ آهي تہ جيئن تہ اسان مسلمان آهيون، تنهنڪري اسان جو ڪلچر اسلامي هجڻ گهرجي. ٻيو نظريو هي آهي تہ ڪلچر جو رشتو ڌرتيءَ سان ڳنڍيل هوندو آهي. توهان جنهن ڌرتيءَ تي رهو ٿا، اهوئي توهان جو ڪلچر هوندو آهي. ان جي باري ۾ توهان ٿوري وضاحت ڪريو.

رسول بخش پليجو: اسلام جي حوالي سان جيڪا تشريح ڪئي ويئي آهي، اها صرف عراق يا ان علائقي جي ڪئي ويئي آهي، جنهن کي مشرق وسطيٰ يعني وچ اوير چيو وڃي ٿو ۽ اهو بہ اسلام کان ڪجهہ صديون پوءِ. ڪلچر جي معنيٰ ٻولي، لباس، اجتماعي نفسيات يا ڪلچر، شعر، موسيقي ۽ راڳ آهي. جيڪڏهن توهين چين ۾ عرب ڪلچر پيش ڪندؤ تہ اهو عرب ڪلچر هوندو، اسلامي نہ. اسلام جو مطلب سڄي دنيا جو مذهب ٿيندو، تہ پوءِ ان ۾ چين کي بہ شامل ڪرڻو پوندو تہ روم کي بہ. جيڪڏهن توهين چوندا تہ اسلامي موسيقي گهرجي ۽ پوءِ ايشيائي ۽ عرب ميوزڪ بہ آهي، تہ پوءِ انگريزي ميوزڪ غير اسلامي ٿيندي- ۽ جيڪڏهن اها غير اسلامي آهي، تہ پوءِ ان جي معنيٰ آهي تہ اسلام يورپ لاءِ ناهي. ان ۾ تضاد آهي، ان ڪري سڄي عالمي ڪلچر جي جزن کي اسلامي ڪلچر چوڻو پوندو. جيڪڏهن ائين ناهي تہ پوءِ اسلام جي تشريح جاهلاڻي آهي. سڄي دنيا جو جيڪو ڪلچر آهي، ان ۾ انهن جون ٻوليون، انهن جي تهذيب ۽ تمدن کي اسلامي ڪلچر ۾ جذب ڪرڻو پوندو.

سوال: مختصر طور توهان جي ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا ته توهان جو ننڍپڻ ڪٿي ۽ ڪهڙين حالتن ۾ گذريو؟

رسول بخش پليجو: سنڌ جي هڪ نهايت ئي پنڌتي پيل علاقي ۾، جيڪو هڪ جابلو علاقو آهي، اتي اسان جو ڳوٺ آهي. منهنجو والد صاحب غريب تپيدار هو. جيئن ته اهو غريب علاقو آهي، ان ڪري تپيدار به غريب هئا. مون شروعاتي تعليم سنڌيءَ ۾ حاصل ڪئي. اسان وٽ اردو ميڊيم به هو. اسين اسڪول جي زماني ۾ سِٽيءَ مان ٽهيل فراسيءَ تي ويهندا هئاسين. اتي شاگرد وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهندا هئا، پر جڏهن اُس ايندي هئي ته اتان اٿي وري ڇانوَ جو پاسو ونڊندا هئاسين، ڇاڪاڻ ته ان دؤر ۾ ڇت کان سواءِ اسڪول هوندا هئا. ان کان پوءِ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتم. قائداعظم محمد علي جناح اسان وٽ مسجد ۾ نماز پڙهڻ ايندو رهندو هو. قائداعظم هڪ نماز منهنجي روبرو پڙهي هئي. ان وقت اسان هڪ "نيوز ليٽر" ڪڍندا هئاسين، مون ان ۾ هڪ مضمون لکيو ۽ ان ۾ قائداعظم جي نماز پڙهڻ بابت لکيم ته آئون به قائداعظم سان گڏ نماز پڙهي رهيو هوس.

جڏهن انڊيا جي نيوي (ساموندي فوج) سپ ڪان پهرين بغاوت ڪئي هئي، ان وقت اسين پڙهندا هئاسين. ان وقت اسان پهريون پيرو هڙتال ڪئي ۽ اها هڙتال به مون ڪرائي هئي. مون سورهن سالن جي ڄمار ۾ سپ ڪان پهرين جلوس ڪڍرايو. مون ان وقت چيو ته اسين سپ مسلم ليگي آهيون، اسان کي حق حاصل آهي ته اسان پنهنجا حق مڃرايون. اسان جلوس ۾ انگريزن جي خلاف نعرا هنيا.

اها 1946ع جي ڳالهه هئي، جڏهن اسان بغاوت ڪئي ۽ سڄي تاريخ ۾ اسان ئي پهريون جلوس ڪڍيو. ٻئي طرف هندو جلوس ڪڍندا هئا. انهن جي اڳواڻي چوڪريون ڪنديون هيون. اسان وٽ ته مسلمانن ۾ اهڙو رواج ڪونه هو. ان وقت جڏهن اسان جلوس ڪڍڻ لاءِ وڃي رهيا هئاسون ته اسان جون ٽنگون ڏڪي رهيون هيون. اسان ته فوج ڏٺي به نه هئي. اسان ڊپ ۾ نعرا پئي هنيا ۽ ان سان گڏ شرمساري به ٿي پئي ته هوڏانهن هندو چوڪريو نهايت دليريءَ سان اڇي رهيون آهن ۽ اسين ڏڪي رهيا آهيون. ان باوجود اسان پُٹ ڏئي ڀڳاسين ڪونه، بلڪ اڳتي وڌندا رهياسين. جيتوڻيڪ پنڌيان آواز پئي آيا ته، "ڀڄو! ڀڄو!" پر اسين هلندا رهياسين. آئون ننڍپڻ کان ئي ضدي هوس، سو مون چيو ته هلو، جيڪو ٿيو ڏٺو ويندو.

آئون ننڍپڻ ۾ واقعي انتهائي ضدي هوس ۽ ڪنهن به شيءِ/ ڳالهه جي باري ۾ انڪار ڪندو هوس ته پوءِ ڪوبه مون کان "ها" نه ڪرائي سگهندو هو. مثال طور: ننڍپڻ ۾ منهنجن هٿن مان ڪير جي چؤٿري زمين تي ڪري پيئي ۽ ڪير هارجي ويو، ته منهنجي والد چيو ته ان ۾ تنهنجو ڏوهه آهي، ان ڪري پنهنجي ماءُ کان معافي وٺ، پر مون چيو ته ان ۾ منهنجو ڪوبه ڏوهه ڪونهي، تنهنڪري آئون معافي ڪونه ونڊندس. ان ڳالهه تي بابا مون کي ماري مار رتورت ڪري ڇڏيو، پر مون چيو ته منهنجو ڪو

ڏوهہ ڪونهي ۽ آئون معافي نہ ونڊندس. هونئن بہ مون کي لَٽ سان ماريو ويندو هو يا مون کي مٿي ڪٽي زمين تي اڇلائيندا هئا يا زمين تي دسي ماريندا هئا. منهنجو والد ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ مون کي وڏيڪ ماريندا هئا. ان دؤر ۾ ماڻهو پنهنجي ڪاوڙ تن شين مان ڪيندا هئا: عورت کي مارڻ، ٻار کي مارڻ يا جانور کي مارڻ. اهو تقريباً روزانو ٿيندو هو. صبح شام مرد عورتن کي ماريندا هئا، انهن جا مٿا ڦاٽل هوندا هئا، سندن مٿي مان رت وهندو رهندو هو، ڪڏهن منهنجي ماءُ جو مٿو ڦاٽل هوندو هو تہ ڪڏهن چاچيءَ جو ۽ اهو سلسلو صبح شام هلندو هو. اسان جي گهرن ۾ اها عام ڳالهہ هئي تہ ڪوبہ شخص پنهنجي ياڃائي يا پنهنجي سؤٽ کي ماري سگهندو هو ۽ عورتن جو اهو حال هوندو هو تہ اهي ڪنهن بہ ڳالهہ تي احتجاج نہ ڪنديون هيون.

سوال: پليجا صاحب! هيءَ جيڪا "غيرت" جي سوچ ڏني وڃي تي، اهو ڇاهي؟

رسول بخش پليجو: غيرت جي تشريح هندوستان ۾ عالم سڳورن ڪئي هئي. اسان وٽ سنڌ ۾ عورت بابت چيو ويندو آهي تہ عورت کي هر حال ۾ ايترو ذليل ڪرڻو آهي جو اها ڪنهن ٻئي سان محبت لائق نہ رهي. اُتي گهر ۾ جيڪڏهن ڪنهن مرد جي دل چاهي تہ اڄ مڃي کائجي، تہ مڃي ئي رڌبي، پر ٻئي ڏينهن جيڪڏهن زال اهو چوي تہ مڃي گهرائي ڏي تہ مڃي نہ ايندي، چوتہ ائين ڪرڻ سان زال جو مٿو "خراب" ٿي ويندو ۽ هوءَ ائين چوندي تہ منهنجي چوڻ تي ونڃي آيو آهي! ٻي ڳالهہ هيءَ آهي تہ مرد جڏهن گهر ۾ گهڙندو آهي تہ سامهون جيڪا بہ شيءِ نظر ايندس، ان کي ڇاڪي واڪي پيرن سان ٽُڏا هڻندو آهي.

سوال: توهان جي چوڻ جو مطلب آهي تہ غيرت فضول شيءِ آهي؟

رسول بخش پليجو: منهنجي چوڻ جو مطلب هي آهي تہ غيرت جو جيڪو مفهوم ورتو وڃي ٿو، اهو رڳو فضول نہ بلڪ ظالماڻو ۽ ڪميڻي شيءِ آهي، يعني ان جو جيڪو تصور پيش ڪيو ويو آهي، اهو غلط آهي، نہ تہ غيرت کي جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ ورتو وڃي تہ سڀني ڳالهہ آهي، مثال طور: غيرت هيءَ بہ ٿيندي آهي تہ منهنجي قوم تي ڪو ماڻهو ظلم ڪري رهيو آهي تہ مون کي غيرت اچڻ گهرجي. انسان ذات تي ظلم ٿيندو هجي تہ غيرت اچڻ گهرجي.

سوال: پر پليجا صاحب! سنڌ جي تہ ٻي ڳالهہ آهي جيئن توهان ٻڌايو آهي، پر پنجاب ۾ اڪثر ڪري قتل غيرت جي بنياد تي ٿيندا آهن. ڇا اها غيرت ئي هوندي آهي جو جيئن ماءُ، پيڻ يا ڀاءُ وغيره، بلڪ اسين تہ چوندا آهيون تہ غيرت پنجاب جو شان آهي.

رسول بخش پليجو: سڀني ڳالهہ آهي جو غيرت پنجاب جو شان آهي ۽ هجڻ بہ گهرجي، پر غيرت اها بہ نہ هجڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ڪا پيڻ، ڀاءُ کي ڪو غلط ڪم ڪندي ڏسي تہ ان کي گولي هڻي ماري ڇڏي. اهو مثال پنجاب ۾ ڇو ناهي؟ سنڌ ۾ بہ ناهي. پنجاب ۾ اڃ غيرت آهي ۽ اڃ ناهي. سنڌ ۾ بہ ساڳي صورتحال آهي، يعني

سنڌ ۾ پنجاب، ٻنهي ۾ هڪجهڙي غيرت آهي، پر اها ٻي سڄي دنيا ۾ ناهي. يورپ ۾ عورتون جيڪڏهن ائين ٿيندي ڏسن تہ گوليءَ سان اُڏائي ڇڏين، مجال آهي جو ڪير ٻہ ڪُڇي پُڇي.

سوال: توهان سياست ۾ ڪڏهن آيا؟

رسول بخش پليجو: مئٽرڪ کان پوءِ مون جماعت اسلاميءَ جا ڪتاب پڙهيا. مولانا مودوديءَ جي ڪتابن جو مطالعو پڻ ڪيم. ان کان سواءِ مذهب جي حوالي سان ٻيا ڪتاب ٻہ پڙهيم. جيئن تہ سنڌ مدرسة الاسلام ۾ پڙهندو هوس، ان ڪري اسلام جي حوالي سان سڄو شهر منهنجون تقريرون ٻڌڻ ايندو هو ۽ آئون ان وقت مدرسي جو سپ کان ذهين شاگرد سمجهيو ويندو هوس، ان وقت "پاڪستاني" منهنجو لقب هو ۽ آئون "رسول بخش پاڪستاني" سڏائيندو هوس. سنڌ مدرسي ۾ اسين چار "پاڪستاني" هئاسين ۽ اسان کي "پاڪستاني مجاهد" سڏيو ويندو هو.

آئون انهن ڪتابن جو مطالعو ڪندو هوس، جيڪي مجاهدن لاءِ هئا. ٽي- ايس ايليٽ منهنجي پسند جو ليکڪ هو. آئون ڪيس انتهائي شوق سان پڙهندو هوس. شيڪسپيئر اڳ نہ پر هاڻي ڏاڍو سٺو ليکڪ لڳندو آهي. اردو ادب ۾ ميرتقي ميز تمام سٺو لڳندو آهي، ڇاڪاڻ تہ زندگيءَ ۾ ڏک وڌيڪ آهن، خوشيون ٿورڙيون آهن ۽ ميز انهن جي تمام خوبصورت ۽ واضح ترجماني ڪئي آهي. غالب ٻہ زبردست آهي. اردو ٻوليءَ جي مِناڻ مون کي بهزاد لکنويءَ جي مضمونن ۾ نظر ايندي آهي. ائين تہ مولانا محمد حسين آزاد ٻہ منهنجي پسند جي شخصيت آهي ۽ آئون "آبِ حيات" کان تمام گهڻو متاثر آهيان. شاعرن ۾ ڪيترائي مون کي تمام گهڻا پسند آهن. جديد شاعريءَ ۾ نياز حيدر جي شاعري سڀني لڳندي آهي يا جيترا ٻہ ترقي پسند شاعر آهن، انهن جي شاعري ٻہ متاثر ڪندڙ آهي. جيئن تہ اردو منهنجو مضمون رهيو آهي، ان ڪري آئون انهن سمورن ماڻهن کي پڙهندو رهندو آهيان. مون تمام گهڻا روسي ناول ٻہ شوق سان پڙهيا آهن.

سوال: اسلامي معاشرن مان ڊرامو (ناٽڪ) ڇو گم آهي؟ جڏهن تہ دنيا ۾ ادب جو سپ کان بهتر فارم ڊرامو آهي.

رسول بخش پليجو: چين ۾ ڪلاسيڪل ڊرامو ناهي آيو. اتي ٻہ ناٽڪ ٻارهين صديءَ ۾ آيو. ناٽڪ يونان ۽ هندوستان ۾ آهي. مذهب جو رويو جڏهن ٻہ انهن شين بابت آيو، ان ۾ تبديلي آئي، پر ناٽڪ ۾ تبديلي ناهي آئي.

سوال: جڏهن توهان وڪالت ڪري رهيا هئا، سياست کي ايترو وقت ڪيئن ڏنوَ؟

رسول بخش پليجو: سياست ۾ اچڻ کي آئون ائين چوندس تہ ان جو ٻہ وڪالت جي حوالي سان تعلق هو. ان وقت ٻڈمر تہ سنڌ جو سپ کان وڏو جاگيردار سلطان علي چانڊيو اليڪشن ۾ بينو آهي، جيڪو نواب غيبي خان جو پوٽو هو. اهو اڃان ٻہ

جيئرو آهي. ان وقت هاري ڪميٽيءَ جو صدر حيدر بخش جتوئي هو، جنهن سلطان علي چانڊيو جي مخالفت ڪئي. ان وقت آئون ڪراچيءَ ۾ لا ڪاليج ۾ پڙهندو هوس. آئون امتحان جي تياري ڪري رهيو هوس، پر منهنجي والد چيو ته تياري ڇڏي هليو اچ ۽ آئون هليو آيس.

آئون حيدر بخش جتوئيءَ جي حمايت ۽ سلطان چانڊيو جي مخالفت ڪرڻ لاءِ لاڙڪاڻي هليو ويس. اسان هٽن ۾ ڳاڙها جهنڊا کنيا. ان وقت آئون جي- ايم سيد سان گڏ هوس. اسين جتي به ويندا هئاسين ته اڳيان پوليس وارا وينا هوندا هئا. اهڙيءَ طرح سياست ۾ تعلق پيدا ٿيو.

سوال: توهان جي ذاتي زندگيءَ جي حوالي سان هڪ ٻيو سوال پڇڻ چاهيان ٿو ته توهان جون ڪيتريون شاديون آهن ۽ ڪيترا ٻار آهن؟

رسول بخش پليجو: ها، منهنجون هڪ کان وڌيڪ شاديون آهن. منهنجي پهرين شادي تيرهن سالن جي عمر ۾ ٿي. منهنجو هڪ پٽ نوڪري ڪندو آهي، باقي ان معاملي کي اتي ئي ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته اهو معاملو صرف منهنجي ذات تائين محدود ناهي ۽ اهو ٻين جو به معاملو آهي، ان ڪري ان جو تفصيل بيان ڪرڻ فائديمند ناهي.

سوال: توهان کي ڪهڙا گل پسند آهن ۽ رنگ ڪهڙو سڀ کان لڳندو آهي؟ ان کان سواءِ موسم، ڳائڻو ۽ موسيقار ڪهڙو پسند آهي؟

رسول بخش پليجو: مون کي چنبيليءَ جا گل سڀ کان لڳندا آهن ۽ رنگن جي باري ۾ مون کي ايتري ڄاڻ ڪانهي. ڪيترين شين جي باري ۾ مون کي خبر ڪانهي، مثال طور: ڪاڏي جي حوالي سان ان جي ذائقي جي خبر نه پوندي اٿم. ڪيتري وقت تائين سوچيندو رهندو آهيان ته مون کي ڪاڏو چو پسند ناهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته خبر ئي نه پوندي آهي ته ڇا کائي رهيو آهيان. مون کي گرميءَ ۾ به ٽڏ لڳندي آهي. مون کي بهار جي موسم سڀ کان لڳندي آهي، گرميون بلڪل پسند نه اٿم. لوڪ گيت سڀ کان لڳندا اٿم ۽ خاص ڪري مون کي مسرت نذير جا لوڪ گيت وڌيڪ پسند آهن. ان کان سواءِ عابده پروين ۽ زرينا بلوچ جا لوڪ گيت به سڀ کان لڳندا اٿم.

سوال: توهان کي ناچ (رقص) ڪيئن لڳندو آهي؟

رسول بخش پليجو: زبردست! آئون ان کي تمام گهڻو پسند ڪندو آهيان ۽ جڏهن به انديا ويندو آهيان ته ڊانس ضرور ڏسندو آهيان. ثقافتي ۽ ڪلاسيڪل ڊانس سڀ کان لڳندو اٿم.

سنڌين جي فائدي واري تبديلي اچڻ گهرجي، باقي هتي اڪثر تبديليون غيب کان اچن ٿيون. ان جو سنڌي ماڻهن کي ڪوبه فائدو ڪونهي.

انٽرويو: علي قاضي/روزاني ڪاوش حيدر آباد، 28 نومبر 1992ع

ڪاوش: لانگ مارچ جي حوالي سان سنڌ کي نظرانداز ڪرڻ مان ڇا اهو مطلب اخذ ڪري سگهجي ٿو ته اپوزيشن ۾ فوج وچ ۾ سنڌ جي حوالي سان ڪا ذهني هم آهنگي پيدا ٿي وئي آهي؟

پليجو صاحب: تحريڪ کان ٻاهر ويٺل هڪ شخص جي حيثيت سان آئون اهو چوندس ته مون کي اها ڳالهه سئو سيڪڙو صحيح معلوم نٿي ٿئي ۾ ضرور اپوزيشن جو اهو خيال رهيو هوندو ته سنڌ مان جيڪڏهن معاملو شروع ٿيو ته ٿي سگهي ٿو ته هتي کا مزاحمت ٿئي ۾ مارچ هتي ئي رکجي پوي، پر سوال مارچ جو سنڌ يا پنجاب مان شروع ڪرڻ جو ڪونهي، سوال هي آهي ته اقتدار جي تبديليءَ سان سنڌين کي ڪهڙو فائدو پهچندو ۾ هن تبديليءَ جا سنڌ تي ڪهڙا اثر پوندا، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن تبديليءَ کان پوءِ به اڳوٽو ايڊهاڪ ازم برقرار رهندو ته پوءِ سنڌ جي صورتحال ۾ ڪهڙي تبديليءَ جي توقع ڪري سگهجي ٿي؟ پر جيستائين تبديليءَ جو معاملو آهي ته اهي (تبديليون) مٿان "غيبي اشارن" کان پوءِ ئي ٿيندڙ آهن، جنهن کي چئجي ته اها اقتدار جي Arrange Marriage آهي ۾ هينئر به ڪجهه حلقن ۾ اها سوچ موجود آهي ته "مٿي" معاملو نٿي ويو آهي تنهنڪري تبديلي ايندي، جيئن جرمنيءَ جي هٽلر ناروي جي وزيراعظم کي ٽيليفون ڪري چيو هو ته اقتدار ٻئي کي منتقل ڪري ڇڏ. ساڳيءَ طرح 1983ع جي تحريڪ مهل به هڪ نقطه نظر اهو هو ته مٿي جو اشارو مليو هو ته تحريڪ هلايو، توهان کي اقتدار ملي ويندو، پر پوءِ اهي ئي "مٿيان" ۾ ضياءُ الحق پاڻ ۾ نٿي ويا، تنهنڪري تبديلي نه آئي، جيئن پهرين عراق کي ڪويت تي حملي جو اشارو مليو، پر پوءِ ڇا ٿيو، سيني کي خبر آهي، تنهنڪري اهو پڪ سان نٿو چئي سگهجي ته ڪو اشارو آهي به يا نه ۾ جيڪڏهن آهي ته اشارو ڏيندڙ سياٽي وري حڪومت سان نٿي ويندا يا نه، پر بهرحال پس منظر ۾ "ڪجهه ته آهي، جنهن جي پردي داري آهي." اسان تبديليءَ جي حق ۾ آهيون، پر ان تبديليءَ سان هاڻ سنڌين کي به فائدو رسڻ کپي.

ڪاوش: توهان تحريڪ جي حوالي سان فوج جي ڪردار کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

پليجو صاحب: فوج هن مهل زيادتي نہ پئي ڪري، جيڪا خود هڪ سوالیہ نشان آهي. فوج ظاهري طور تي حڪومت سان گڏيل نظر نٿي اچي.

ڪاوش: مارشل لا جي امڪان کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

پليجو صاحب: فوج جي معاملن تي اڳڪٿي نٿي ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ تہ فوج جا پنهنجا منطق ۽ دليل هوندا آهن ۽ هونئن بہ فوج هر معاملي ۾ "سرپرائيز" ڏيندي آهي ۽ سويلين ماڻهوءَ لاءِ پنهنجا دليل ڏئي اها اڳڪٿي ڪرڻ ڏکي آهي تہ "مجاهد" ڇا پيا سوچين ۽ ڇا ڪندا.

ڪاوش: توهان پاڻ آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ هُيؤ، پوءِ هاڻ ملڪي سياست کان ڇو ڌار ٿي ويا آهيو؟

پليجو صاحب: آئون ڌار نہ ٿيو هئس پر اسان کي ڌار ڪيو ويو هو. جڏهن اي- پي- سي ۾ اسان سندڙ جو خالص ۽ مضبوط ڪيس پيش ڪرڻ چاهيو تہ هتي موجود ڪجهہ سندڙي سياستدانن اسان کان جند ڇڏائڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪري ڇڏيون ۽ سندڙ جي مسئلن تي هڪ ڪميٽي ٺاهي وئي جنهن جي لاءِ چيو ويو تہ اها ڳُجهيون ميٽنگون ڪندي. ان ڪميٽيءَ کان اسان کي الڳ رکيو ويو ۽ چيو ويو تہ سندڙ ۾ عليحدگي پسندگيءَ جي رجحان خلاف ڪم ڪجي، پر مون اها ڳالهہ زور رکي چئي تہ سندڙ ۾ ڪابہ عليحدگيءَ جي تحريڪ ڪانهي ۽ اهڙي ڳالهہ ڪري سندڙ لاءِ ڏڇو نہ پيدا ڪيو وڃي. مون اي- پي- سي ۾ چيو تہ ملڪي سطح جا معاملا بہ اڌارجن پر سندڙ جي مسئلن جي حل لاءِ بہ آواز اڌارڻ گهرجي، پر ائين نہ ٿيو ۽ آئون- جنهن اي- اين- پي جي جنرل سيڪريٽري شپ تان بہ ان مهل استعيفيٰ ڏئي ڇڏي هئي جڏهن انهن ايم- ڪيو- ايم سان ناهہ جون ڳالهيون ڪيون هيون- تہ پوءِ اي- پي- سي ۾ ڪيئن پيو رهي سگهان، جتي رڳو اقتدار جي حاصلات کان سواءِ سندڙ جي مسئلن لاءِ ڪوبہ مضبوط موقف نہ پيو اختيار ڪيو وڃي. اي- پي- سي ۾ غلام مصطفیٰ کر، حفيظ پيرزادو ۽ نويد ملڪ جهڙن فردن تي ٻڌل ڪميٽي جوڙي وئي ۽ عوامي تحريڪ جهڙي سگهاري پارٽيءَ کي غريب عوام پارٽي، مهاجر رابطا ڪائونسل ۽ زهري صاحب سان گڏائي الڳ ڪيو ويو، يعني اسان کي زوريءَ وڏيرن اي- پي- سي کان الڳ ڪيو، جيئن اسين اُتي رهي سندڙ جي ڳالهہ نہ ڪري سگهون.

ڪاوش: پ پ جي هوندي ڇا توهان سندڙ جي مفادن خلاف...؟

پليجو صاحب: اسان ماضيءَ ۾ بہ ڏٺو آهي تہ جڏهن سندڙين ۽ بنگالين جي اتحاد جي ضرورت هئي تہ ڇا ٿيو، بلوچن سان سندڙين جي روايتي تعلقات جي باوجود بلوچستان ۾ آپريشن ٿيو. اسين سمجهون ٿا تہ پ پ پاڪستان جي نمائندا هجڻ گهرجي پر ساٺس گڏ اقتدار ۾ سندڙ ۽ سندڙين جو ڪيس مضبوطيءَ سان رکندڙ ماڻهو بہ شامل هجڻ گهرجن، تہ جيئن ڪالاباغ ڊيم، بهارين جي آبادڪاري، ناٽي ۽ پاٽي جي معاهدن جهڙن معاملن تي اهي ئي جاڙو ۽ سجاڳ سندڙي اڳواڻ مؤثر انداز سان

پنهنجي ڀَالهه ڪري سگهن، جيڪا پ پ سڄي پاڪستان جي پارٽي هئڻ سبب نٽي ڪري سگهي ۽ هن جون پنهنجون مجبوريون آهن، پر آئون وري ٿو چوان ته پ پ وچ جي مُني آهي، جيڪا جيڪڏهن ٻين صوبن کان هتان جا ڏاها ۽ نظرياتي ماڻهو اسيمبلين ۾ اچڻ ڏئي ٿي ته پوءِ سنڌ جي موقف جي مضبوطيءَ سان ڀَالهه ڪندڙن کي چو اڳتي اچڻ کان روڪي ٿي ۽ جيڪڏهن پ پ جاڻو سنڌي ماڻهو اسيمبلين ۾ اچڻ ڏئي ها ته ظاهر آهي صورتحال مختلف هجي ها، پر هاڻوڪي صورتحال ۾ جيڪڏهن حڪومت ملي تڏهن به اها اڳ وانگر ڪمزور حڪومت هوندي، جيئن اڳ ۾ به سنڌ جو چيف منسٽر يا باٺ روم ۾ هوندو يا عزيزآباد ۾. اسين چاهيون ٿا ته سنڌ ۾ سنڌين جي هڪ مضبوط حڪومت هجي، جيڪا ڪنهن جي محتاج نه هجي، ڇاڪاڻ ته پ پ جو سنڌ ۾ عوام جو "بيس" ته موجود آهي پر دانشورن ۾ جدوجهد جي سگهه نه هجڻ جي برابر آهي، تنهن ڪري پ پ کي گهرجي ته اهڙن وطن دوست ۽ سنڌ دوست ماڻهن کي پاڻ سان ملائي، ته جيئن هو بهارين، ڪالاباغ ڊيم ۽ سنڌ جي ٻين اهڙن معاملن تي، جن تي پ پ ملڪ گير پارٽي هجڻ سبب مضبوط موقف اختيار نٽي ڪري سگهي، اهي ئي سنڌ دوست ڪري سگهن، ڇاڪاڻ ته پ پ جي سڄي جدوجهد ته اقتدار جي حاصلات لاءِ هوندي آهي، پوءِ ٻين سنڌ جي معاملن تي جدوجهد ڪير ڪري؟

ڪاوش: ان ڏس ۾ محترمہ بينظير ڀٽو کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

پليجو صاحب: اسين سمجهون ٿا ته محترمہ بينظير ڀٽو تنگ نظر، جاهل ۽ مفاد پرست وڏيرن وٽ قيدي بڻيل آهي. سندس پيءُ ڀٽي مرحوم تي به ساڻيا وڏيرا چوڪيدار بڻيل هئا. اهي ئي جاهل وڏيرا پ پ ۽ سنڌ دوست قوتن ۾ ناهه نٽا ٽيڻ ڏيڻ چاهين، ڇاڪاڻ ته ائين ٿيو ته پوءِ اهي ئي وڏيرا ڪيڏانهن ويندا، جيڪي وات ڦاڙيو اقتدار جا مزا وٺن پيا ۽ انهن کي پرواهه ڪانهي ته پ پ جو انجام ڇا ٿيندو. اهي رڳو پنهنجو پيٽ ڀرڻ ۾ مصروف آهن. اهي ئي وڏيرا رات جو ٻارهين وڳي تائين شراب پي ۽ پوءِ رڳو "جيئي ڀٽو" جا نعرا هڻن ٿا. انهن کي پرواهه ڪانهي ته سنڌ جو ڇا ٿيندو ۽ پ پ جو ڇا. آئون اڳ ۾ به چئي چڪو آهيان ته جيڪڏهن سپاٽي ضياءُ الحق به جيئرو ٿي اچي هنن وڏيرن سان سازباز ڪري ته اهي ئي وڏيرا ڪيس وزيرِ خارجہ بنائڻ جي سفارش ڪندا. اسين چاهيون ٿا ته محترمہ هنن وڏيرن جو گهيرو ٽوڙي، سنڌ جي باشعور ۽ نظرياتي ماڻهن سان اتحاد جوڙي ۽ آئون قومپرستن کي به اها صلاح ڏيندس ته هو سنڌ جي مؤثر قوتن جي اتحاد ۾ رڪاوٽ نه ٿين، ته جيئن سنڌ ۾ نهندڙ حڪومت کي سيني جي تائيد هجي. اسين ڪرسين جي جوڙ توڙ کي نٽا مجيون پر بهرحال سنڌين جي اتحاد جي راهه ۾ ايندڙ کي سنڌ دوست نٽو چئي سگهجي. آئون هن ڏس ۾ پنهنجو رول ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان پر اخبارون به ريفريءَ جو رول ادا ڪن ۽ ڏسن ته ڪهڙي ڏر واقعي هن ڏس ۾ سچي آهي.

ادب ۾ ڪلچر ڪانسواءِ سياست وڌيري جي ڪرسي واري سياست آهي- سڄي سنڌ ۾ لطيف جا ڏينهن ملهائڻ جو سلسلو اسان شروع ڪيو ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ شاگرد تحريڪ متحرڪ ڪرڻ منهنجو ڪم هو.

انٽرويو: ناز سهتو، اعجاز منگي ۽ منظور سولنگي
هفتيوار ڪاوش ميگ مارچ 1993ع ۾ ڇپيل

[لاڙ جي علائقي جنگشاهيءَ پرسان، پٽريلي پٽ جي ڳوٺ منگر خان پليجي ۾ جاول رسول بخش پليجي کي ڏسڻ کان پوءِ سنڌيءَ جو اهو پهاڪو ڪوڙ لڳندو آهي ته "اتر جو ڍڳو لاڙ جو ماڻهو هڪ آچار." پنهنجي سياسي تنظيم ۾ بي انتها نظم و ضبط رکڻ جي قائل رسول بخش پليجي جي ڳالهائڻ جي انداز تي سندس هڪ نقاد جو چوڻ آهي ته هڪ چنگ وانگر وڄي ٿو ۽ اهو چنگ پنهنجي زندگيءَ بابت اڄ "ڪاوش" ميگزين جي هنن صفحن جي چپن تي ٻُري ٿو. منگر خان پليجي جي تپيدار علي محمد پليجي اهو ڪونہ سوچيو هوندو ته سندس نينگرو ڪڍهن وجي آڪسفورڊ ۾ ليڪچر ڏيندو. شايد سنڌ جي سياست جي سپ کان تڪراري هن اڳواڻ جي انهيڪ صلاحيتن جو اعتراف هن جا مخالف بہ ڪندا آهن. سنڌي ڳجهارتن جهڙو هي پراسرار ماڻهو گهڻ طرفي جاڻ رکي ٿو ۽ سندس ڳالهين ۾ اهڙو رڏم آهي، جو اعجاز منگيءَ جو چوڻ آهي ته رسول بخش پليجو اهڙو عجيب ماڻهو آهي، جو دل چوندي آهي ته سنگيت ڇڏي، هن جون ڳالهيون ٻڌجن. هن کي پنهنجي ڏاهپ تي ڪوئي ناز ناهي، ته پوءِ وڌيون ڳالهيون ڪهڙيون آهن؟ اهي ڳالهيون، اهي حقيقتون آهن، جيڪي هي سوالن جي جوابن جي صورت ۾ پيش ڪري ٿو.]

سوال: توهان کي پنهنجي ٻالڪپڻي جي پهرين يادگيري ڪهڙي آهي؟ تمام ننڍڙو رسول بخش پليجو اوهان کي ڪهڙو ياد آهي؟

پليجو صاحب: ماڻهو سمجهندو آهي ته حافظو اڪيلو يڪو ۽ نجو منهنجو آهي، پر هيئن بہ ٿيندو آهي ته ماڻهوءَ کي ٻيا ماڻهو يادگيرو ڏياريندا آهن ته تو هيئن ڪيو. اهو پنهنجي اميجينيشن (Imagination) جي مدد سان سمجهي ٿو ته مون هيئن ڪيو هو. اها يادگيري هن جي پنهنجي نجي ناهي، ٻين جي مدد سان آهي ۽ ڪڍهن ڪڍهن سراسر ٻين جي ياد ڏياريل هوندي آهي ۽ هو تصور ڪري ونڊندو آهي ته مون هيئن ڪيو هو. ان ڳالهہ ۾ ٻئي ڳالهيون داخل هونديون آهن. منهنجي پهرين ڳالهہ هيءَ

هئي تہ بابا تپيدار هو، منگهي پير (ڪراچي) واري ڪشتيءَ کان ٿورو اڳتي رهندو هو. ٽڪريءَ تي بابا جي چائڙي هئي. الهندي پاسي ابو مڪرانيءَ جي هوٽل هئي. آڱ ننڍڙو هوس، ستڻ ٻڙڻ ڪونہ پائيندو هيس. مون کي جيڪا پهرين يادگيري آهي، آڱ سمجهان ٿو تہ ضرور ٻين جي مدد سان هوندي، چاکاڻ تہ ٻين ٻارن وانگر منهنجي باري ۾ بہ روايتون گهڙيون آهن. منهنجي باري ۾ ڳوڻ ۾ تمام گهڻا داستان آهن. آڱ ننڍڙو هوس، ابوءَ جي هوٽل تي موڙيون، بسڪوٽ برنين ۾ رکيا هئا، ان کي مون روئي وڃي دانهن ڏني تہ امان مون کي کير ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو آهي، ۽ پوءِ مون کي سيني ٻڌايو تہ آڱ اتان ئي امان کي الرون ڪندو هوس، نؤنشا ڏيکاريندو هوس. گهر فرلانگ تي پري هو، پوءِ وري اهي ماڻهو مون کي پرچائيندا ۽ چوندا هئا تہ ٻيلي توسان وڏي زيادتي ٿي آهي. پوءِ هو مون کي چانهہ پياري واپس ونڊي ويندا هئا. ٻي يادگيري اها هئي تہ امان مون کي پئسا نہ ڏيندي هئي تہ آڱ منگهي پير تي اچي سمهي پوندو هوس ۽ پوءِ بسون اچي منهنجي مٽان بيهنديون هيون. هو مون کان پڇندا هئا تہ تون ڇو سُتو پيو آهين؟ آڱ هنن کي پنهنجو مطالبو ٻڌائيندو هوس، هو مطالبو پورو ڪندا هئا تہ آڱ اٿي هليو ويندو هوس، پر آڱ سمهڻ وقت ڊڄندو هس، پر سڀ کان وڏيڪ ڊپ اهو هوندو هو تہ ماڻهو کلندا، امان کٽي ويندي. آڱ دل ۾ ڊڄندو هوس، پر ستو پيو هوندو هوس، پوءِ امان کي پئسا ڏيکاري، ڇڻ تہ امان کي ٻڌائيندو هوس تہ مان کٽي ويس. اهو بہ مون کي ياد آهي تہ ان زماني وارو پئسو ڪٽي، دڪاندار چينچل واڻيي وٽ ويندو هوس، ان کي چوندو هوس تہ مون کي ننڍڙا پئسا ڏي. اهي ننڍڙا پئسا هوندا هئا ڇؤ آني. هو جيڪڏهن نہ ڏيندو هو تہ مان ڇوڪرن جو وڏو گروهہ وني، ان خلاف چوندو هوس تہ:

"چينچل چڑهيو ماڑيءَ تي،
ڪانءُ مک هٽي ويس ڏاڑهيءَ تي."

پوءِ هو ننڍا پئسا ڏيندو هيو. پوءِ بابا هن کي حساب ڏيندو هو. ٻيو مون کي ياد آهي تہ هندن جي اتي مڑهي هوندي هئي، ان ۾ سَها هوندا هيا. آڱ ۽ منهنجي ٻيڻ اتي ويندا هياسين. مون کي ڊپ ٿيندو هيو تہ هندو مون کي کائي ڇڏيندا پر ويندا هئڏاسين. اتي ٻائو اسان کي ماکيءَ جهڙي هڪ مٺي شيءِ کارائيندو هو ۽ اسين سرکي پريندا هئاسين، پر ڊپ جي باوجود آڱ مڑهيءَ ۾ ويندو ضرور هوس. ٻي يادگيري اها آهي تہ هڪ بلوچ چوڪري بالغ هئي، نالو هوس "وشي." وشي بلوچيءَ ۾ چوندا آهن سهڻيءَ کي. هوءَ بہ ڏاڍي سهڻي هئي. مون اچي مطالبو ڪيو تہ منهنجي ان سان شادي ڪرايو. ماڻهو سڀ پريشان ٿي ويا، راڄ گڏ ٿيا، پر آڱ ضد ٻڌيو ٻينو آهيان تہ منهنجي ان سان شادي ڪرايو ۽ جڏهن وڃي چيائون تہ شادي ڪرايون ٿا تہ پوءِ مون جان ڇڏي. ان وقت منهنجي عمر 3 يا 4 سال هئي ۽ اها ٻين جي روايت آهي. اهو ضد منهنجي بابا ۾ حد کان وڏيڪ هو.

سوال: توهان شاديءَ لاءِ زور ڇو پريو هو؟ راوي ان جي ڪا وضاحت ڪن

ٿا تہ ان ڇوڪريءَ سان اوهان جو ملڻ گهٽو ٿيندو هو يا ملڻ ئي نہ ٿيندو هو جو اوهان ايڏي ننڍي عمر ۾ اهڙو شاديءَ جهڙو ضد ڪيو؟

پليجو صاحب: اسين انهن جي گهر ويندا هئاسين. آڻ ۾ منهنجي پيٽ سڄي عمر گڏ رهيا آهيون. اسين پڙهڻ ويندا هئاسين تہ انهن جي گهر ۾ ويندا هئاسين. بابا تپيدار هو، اهو مڪاني طرح وڏي ۾ وڏو آفيسر هوندو آهي ۽ اهو Privileged ڪلاس هوندو آهي. اسين ماڻهن جي گهرن ۾ ويندا هئاسين تہ ماڻهو اڪيون ويڇائيندا هئا تہ تپيدار جا ٻار آيا آهن. اسين غريب ٿي ويندا هئاسين، فاقا ڪٽيندا هياسين، اسين شڪستون ڪائيندا هئاسين، پر بابا ڪڏهن نہ مڃيندو هو تہ اسان شڪست ڪاڏي آهي.

سوال: توهان ڪنهن ڪڇهريءَ ۾ پنهنجي راڄ بابت چيو هو تہ ان زماني ۾ اتي "ڪتو، ٻار ۽ رن" ٽئي هڪ آچار هئا، ٽنهي کي ڏڪ هٽندي ڪا دير نہ ٿيندي هئي. ان ماحول بابت ڪجهہ ٻڌايو.

پليجو صاحب: منهنجي روبرو ماڻهو نہ وٽندڙ ڳئون، گابي، ڍڳي کي لٽين سان ماريندا ها. ڪتن ۽ عورتن کي رتورت ڪري ڇڏيندا هئا. منهنجي روبرو ماين مان رت پيو وهندو هيو. اها رواجي ڳالهہ هئي تہ اڄ فلاڻيءَ کي موچڑا پيا. ان کي بظاهر ڪير دل ۾ نہ ڪندو هو. مرد زالن جي ڇاتين تي چڙهي ڪٽيندا هئا. مڙسيءَ جو معيار اهو هو تہ هو زال کي ماري. ٻارن کي بيدرديءَ سان ماريو ويندو هو. مون کي ڪيترا ڀيرا منهنجي وڏي ڀاءُ ڪاوڙ مان ڪٽي پٽ تي اڇلايو. بابا، امان کي ماريندو هو. امان جو مٿو سدائين ڦاٽو پيو هوندو هو.

سوال: ان ماحول ۾ اوهان جو ردِعمل ڪهڙو هوندو هو؟

پليجو صاحب: مون کي ٻوستہ ٽيندي هئي، منهنجو ساهہ منجهندو هو. آڻ ڇائو ئي نفرتن ۾ آهيان. منگهي پير واري دور مان سڀيون يادگيريون آهن، باقي ڳوٺ (منگر خان پليجي) جي وجود جي ذري ذري ۾ مڪر، نفرت سمايل هئي. راڄوٽي شريعت ۽ سرڪار معرفت فيصلا ٽيندا هيا. جتي ڏسندا هيا تہ ڪيس مضبوط آهي، اتي ويندا هيا. چونڊ واري اها ڏر هوندي هئي، جيڪا مضبوط هوندي هئي. توهان کي سڄي سنڌ ۾ ماڻهو زميندارن، وڏيرن، پيرن، ملن، فقيرن جي خلاف ملندا، هڪڙي شيءِ جي خلاف ماڻهو نہ ملندا، اهو فقط آڻ آهيان جيڪو راڄوٽي نظام جي خلاف آهيان. اسين لوئر مڊل ڪلاس هڪ آزاد علائقي جا اهڙا ماڻهو هياسين، جيڪو وقت کان اڳ پيدا ٽيو هيو. جنهن جي گهر ۾ چار روپيا هوندا هيا. ماهير پليجا سڏبا هيا. ڪير وڪٽيو ۽ روپيا ملندا. ان زماني ۾ ڪيش پئسا عام طور تي نہ هوندا هيا. پليجا غريب هيا پر هنن وٽ ڪيش پئسا هوندا هيا. انهن وٽ ظالم راڄ هو. انهن مان جيڪي ماڻهو زبان دراز ٽيا، اهي ٽيا چڱا مڙس! بابا، تنهنجي ڇوڪري فلاڻو ماڻهو ڇڄائي ويو، ڇوڪري جوان ٽي وئي هئي پر تو شادي نہ ڪرائي، ڇو نہ ڪرايَئي؟ ڏوهہ ڪنهن جو ٽيو؟ ڇوڪري جو ويهاريو وينا هوندؤ تہ ڇڄي ويندَو. وري

ڳئون چورائجي وڃي تہ چوندا: ڳئون ٻڌائون ٿي ڪونہ، رات جو معتبر ٿيو، رنن کي پاڪر وجهيو ستا پيا هوندؤ تہ ڳئون تہ چورائجي ويندي نہ! هاڻ اهو ٿيو ماحول!

سوال: ان سڃي ماحول ۾ کهڙو واقعو هيو، جنهن تي اوهان سڀ کان پهريان کو ردِعمل ڪيو؟

پليجو صاحب: اسان جو وڏو چاچو هيو، ان لاءِ مون کي بي پناهہ عزت ۽ محبت آهي. آءٌ هن کي پيءُ وانگر سمجهان ٿو. هڪ ڏينهن چاچي امان کي ماريو پئي. آءٌ ڏوڙندو پنڌيان ويس. چاچي کي چنبڙي وڃي پنڌيان چڪ هنيومانس. سنسني پکڙجي وئي. منهنجي چاچي کي خبر نہ پئي تہ هو مون سان ڏيل ڪيئن ڪري. بابا اهڙي جرئت نہ ڪري ها. چاچا جي چهري تي حيرت جو آثار هيو ۽....

سوال: توهان کي کهڙن محرڪن هڪ انقلابي ماڻهو بڻايو؟

پليجو صاحب: جبر، مڪر، انساني بي وسي، محبت، نفرت اهڙا محرڪ هيا، جن مون کي انقلابي بڻايو. ٻار جي حيثيت ۾ آءٌ ڪڏهن بہ "محفوظ" نہ هوس تہ کهڙو بہ چاچو اچي مون کي ماريندو. ڪو ماڻهو چار ڏينهن وڏو ٿيو تہ هن کي حق هيو تہ هو ڪنهن کي بہ ماري. مون ۾ عزتِ نفس ننڍي هوندي کان هئي. مون کي ڪير چمات هڻندو هيو تہ آءٌ ٻيو ڪجهہ نہ ڪري سگهندو هوس تہ ان کي گار ڏئي ڪيندو هوس. بس مون ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي (بابا سميت) ڪڏهن بہ اجازت نہ ڏني تہ هو منهنجي توهين ڪري. ظلم خلاف منهنجي اندر هڪ غيرت هئي. اسان جي ڳوٺ ۾ منافقي بہ انتها جي هئي. اسان جي ڳوٺ ۾ ماڻهو چوندا هيا تہ منهنجو ڏوهہ ڪونہ هيو، چوڪري مون وٽ آئي، مون کي چيائين تہ توسان ڳالهائڻ ۾ مزو ٿو اچي. سڄو ڪيس بي حيائيءَ سان چوڪريءَ خلاف ناهيندا هيا. مون ڪڏهن بہ عورت جي معاملي ۾ "جوابي ڪارروائي" نہ ڪئي. آءٌ عورت جي معاملي ۾ سڀ کان وڌيڪ مظلوم ماڻهو آهيان. ڳوٺ ۾ منافقي آسمان جي بلندين تي هئي.

سوال: اوهان سڀ کان پهرين کهڙن ڪتابن کان متاثر ٿيا؟

پليجو صاحب: مون ٽئين درجي جو امتحان ڏنو، مون کي انعام ۾ محمد بن قاسم جو ڪتاب ڏنائون. پهريون ڪتاب اهو پڙهيم. آءٌ محمد بن قاسم جو هڪ هيرو جي حيثيت ۾ پوئلڳ ٿيس. منهنجو پهريون آئيڊيل محمد بن قاسم هيو. پوءِ مون عبدالحليم شرر جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب پڙهيو "عروسِ ڪربلا." آءٌ ان ۾ غش هوس. اهو پڙهي امان کي ڊرامائي انداز ۾ ٻڌائيندو هوس. ماڻهو گڏ ٿيندا هيا. مون کي سڀ کان پهريان ٻڌڻ واري امان هئي. اها اڻ پڙهيل هئي پر ٻڌندي هئي، پر ٻڌندي ئي وچ ۾ هوءَ ڳئن، مينهن ڏانهن نهارندي هئي، ناس ڏيندي هئي. آءٌ چوندو هيومانس تہ خالد بن وليد ٿو اچي، تون ناس پئي ٿي ڏئين! ڳالهہ تہ ٻڌ! ڊرامائي انداز ۾ پڙهندو هوس، ان ڪري مون کي ضرورت پئي تہ آءٌ استائيل سان پڙهان، جيئن امان جو توجهہ پاڻ ڏانهن ڇڪايان. ان کان پوءِ مون جاسوسي ڪتاب پڙهيا. ان کان بہ اڳ

۾ ممتاز دمساز، انجمن آرا پڙهيم. ڪتاب مون وٽ ڪونہ هيا. سيءَ ۾ ڏکندي پڙهڻ ويندو هوس. ڳوٺ جي وحشي ماحول ۾ ڪتاب جو تصور مون لاءِ محبوب وارو هو. مون کي پاڳل ٽيڻ کان ڪتابن بچايو، نہ تہ ڳوٺ جي ڪميٽي ۾ نيچ ماحول ۾ آءٌ پاڳل ٿي ويجان ها.

سوال: اوهان جي زندگيءَ ۾ انقلابي موڙ ڪڏهن آيو؟

پليجو صاحب: انقلابي موڙ تڏهن آيو، جڏهن مون امان خلاف ابو مڪرانيءَ وٽ دانهن ڏني ۽ امان خلاف سڄي ملڪ ۾ پروپيگنڊا ڪئي.

سوال: شاگرد زندگيءَ ۾ اوهان کيئن هيؤ؟

پليجو صاحب: اسين پڙهندا هياسين مسجد مڪتب ۾. خميس واري ڏينهن پاسي واري جوڪين جي ڳوٺ ۾ "خمس پنڙ" ويندا هياسين. پاسي ۾ بگري پيل هوندي هئي. آءٌ تپيدار جو پٽ هيس. بابا کي گهٽا سجاڻندا هيا. مون کي وڏيڪ اَنُ ڏيندا هيا. اتي مسئلو ڪتن جو هو. منهنجي ريپوٽيشن اها هئي تہ اهو ڪتن کان نہ ٿو ڊڄي، حالانڪ سڀ کان وڏيڪ ڪتن کان آءٌ ڊڄندو هيس، پر تڏهن بہ آءٌ منهن جهليو سڏو ٿيو ٻيڻو هوندو هيس. هڪڙي پيري ڪتو واقعي ڪو حرامي هيو، سو مون تي حملو ڪري آيو ۽ گهٽو ڪري ڪتا منهنجي رعب ۾ اچي ويندا هيا. هي رعب ۾ آيو ئي ڪونہ. سڏو مون کي اچي ٻڪين پيو. مون کي ياد آهي تہ ڪتي مون کي چڪ وڏو، مون ڪتي جي مٿي تي چڪ هنيو ۽ ڪتو رڙيون ڪري وڻي جو پڳو تہ ماڻهن کي سمجهہ ۾ نہ آيو. ڪتو ڪئون ڪئون ڪري وڃي ڪٽ جي هيڻيان لڪو. اها ماجرا ڪنهن بہ ڪتي کڏهن ڏٺي ڪانہ هئي. انهن ڏينهن ۾ راندين ٽيندين هيون. اسان جي پاسي ۾ مساڻ آهي. ماڻهو چوندا هيا تہ رات جو انهن ۾ موگها (ديوَ) ٿا رهن. اسين لڪڻ راند ڪندا هياسين. آءٌ وڃي ان مسڻ ۾ موجود ڪنڊيءَ جي وڏن وڻن تي چڙهي ويندو هيس. سڄو وقت ڊڄندو هيس تہ اجهو ديو آيو، مون کي ماريندو، پر (چوندو هيس تہ) چڙهبو ضرور، موگهي کان مار کائبي پر هنن حرامين کي ضرور هارائبو. منهنجي زندگيءَ جو راز هي آهي تہ آءٌ ڏکندي ڏکندي موت جي منهن ۾ هليو ويو آهيان. آءٌ سمجهندو آهيان تہ رسول بخش! پڪ مري وئين، تباهہ ٿي وئين، پر هٽڻو ناهي. سڄي ڳالهہ جو تت اهو تہ منهنجي زندگيءَ جو مشن اهو هيو تہ پاڙيو نہ ٽٻو. اسڪولن ۾ ٻين جي پاران ڪوڙا امتحان ڏنم. نٽي ۾ بہ ماستر کي مون چيو تہ روز پئسو ڏيندين تہ اسڪول ايندس. هڪ پيري هن پئسو نہ ڏنو، آءٌ ٿي ڏينهن نہ ويس. ماستر پڇيو: ڇو نہ آئين؟ چيومانس: پئسو نہ ڏنئي، ڪونہ آيس. پوءِ اهو پئسو ڏيندو هو ۽ حساب بابو برابر ڪندو هو. اسڪول ۾ داخل ڪرڻ لاءِ منهنجي ڏاڏي ڳالهہ ڪئي. مون چيو: مان اسڪول ڇو ويجان؟ هن چيو: نوڪري ملندئي، پڙهين پڙهيو تہ نوڪري مليس. هن کي ماکيءَ جا شيشا ملن ٿا، گهوڙيون ملن ٿيون. آءٌ هفتو ڪن اسڪول ويس، پوءِ وري اسڪول نہ ويس. بابا کي چيم: نوڪري نہ ملي آهي، گهوڙي

نہ ملي آهي. پوءِ ڏاڏو گهوڙيءَ تي مختيارڪار وٽ وڃي هليو. مختيارڪار کي چيائين تہ منهنجو پوٽو پڙهي ٽوڙ ڏهہ- پندرهن ڏينهن ٽي ويا آهن نوڪري نہ ملي اٿس. مختيارڪار چيو تہ مون لکپڙهہ ڪئي آهي، هن کي نوڪري ملندي.

سوال: گهر ۾ مذهب بابت ڪهڙو رويو هو؟

پليجو صاحب: بابا جڏهن نوڪريءَ مان لهندو هو تہ اسان کي ڪن مان جهلي اوچتو مسجد ۾ وڃي ويندو هو ۽ چوندو هو تہ توهان نماز نہ ٿا پڙهو، ان ڪري مان نوڪريءَ تان لٿو آهيان. پوءِ اسين سڄو ڏينهن موچڑا ڪايو نمازون پيا پڙهندا هياسين، تلاوتون ڪندا هياسين، وري بابا کي نوڪري ملندي هئي تہ اسين نماز پڙهڻ بند ڪري ڇڏيندا هياسين.

سوال: توهان ڳوٺ ۾ پيار ۽ بهادري ٻنهي جا قصا ٻڌا، توهان کي ڪهڙن قصن وڌيڪ متاثر ڪيو؟

پليجو صاحب: اسان جي ڳوٺ جي ماحول ۾ پيار ۽ بهادري ٻئي هڪڙيون شيون هيون. بهاديريءَ کان سواءِ پيار ڪونہ هيو ۽ پيار کان سواءِ بهادري ڪانہ هئي. ٻهراڙيءَ ۾ پيار ڪرڻ جو مطلب ڪارو ڪاري ٿيڻ. اتي ماحول اهو هيو تہ پيار اهو ڪندو، جيڪو سِر تريءَ تي رکندو. داستان اهي هئا تہ فلاڻو جهلجي پيو. ان سان جيڪي عقوبتون ٿيندیون هيون، اهي ٻڌبيون هيون. پيار ڪرڻ واري جو تصور اهو هيو تہ رات جو ويندو، ڪهڙا هن سان لقاءَ ٿيندا. وڏي ۾ وڏي سورهيائي ۽ چوريءَ کان وڌيڪ خطرناڪ تصور پيار ڪرڻ جو هيو. ان ڪري بهادري پيار ڪرڻ ۾ سمايل هئي. اسان جيڪي ناول پڙهيا هيا، انهن ۾ جيڪي بهادر ماڻهو هيا، اهي ڪنهن نہ ڪنهن سهڻي چوکريءَ جي پڻيان هيا ۽ جيڪي مجاهد هيا، انهن تي ڪانہ ڪا چوکري عاشق ٿيندي هئي. ڪتابي علم توڙي زندگيءَ ۾ بہ ائين هيو.

سوال: معاملن کي ڪجهہ ميڇوئر انداز ۾ سمجهڻ جي شروعات اوهان ڪهڙي دور ۾ ڪئي؟

پليجو صاحب: آءٌ 1943ع ۾ مدرسي (سنڌ مدرسة الاسلام) ڪراچيءَ ۾ آيس تہ اتي ٽوٽل ٻي دنيا هئي. آءٌ ٽئين درجي ۾ ڏري گهٽ ناپاس ٿيو هيس. حسابن ۾ 11 يا 13 مارڪون ڪنيم. ڪئين سبجيڪٽن ۾ ناپاس ٿي، بچڙو ٿي، چوريون ٻوريون ڪري پوءِ آيس. 13 سالن جي عمر ۾ آءٌ اهڙو مستند چور ٿي ويو هيس جو ماڻهو منهنجي ڊپ کان سمهندا نہ هيا. آءٌ حيدرآباد ۾ بہ چوري ڪرڻ آيو هيس. سنڌ مدرسي ۾ ٻي دنيا هئي. مسلم ليگ جا ڏينهن هيا. ماڻهو پڙهيل لکيل هيا، ڪتاب هيا، ماستر هيا، ڪلاس باقاعدي ٿيندا هيا. هي تمام وڏو ماحول هيو، هيءَ ٽوٽل ٻي دنيا هئي. رڳو ٿيوشن پئي ٿئي، پڙهائي پئي ٿئي، راند پئي ٿئي. مون کي پنجين درجي ۾ لائبريرين ڪيائون، 5 روپيا پگهار ڏيندا هئا ۽ 5 روپيا گهران خرچي ملندي هئي. منهنجي 100 سيڪڙو آمدني وڏي وئي تہ مون 14 سالن جي عمر ۾ انگريزي ناول پڙهڻ شروع ڪيا.

پهرين پئرا تي مون کي رات جا 12 ٽي ويا هيا. شروع ۾ انگريزيءَ جا رڳو به لفظ "از" ۽ "واز" آيا ٿي. ڊڪشنريءَ جي مدد سان مون پڙهڻ شروع ڪيو. مون اسلامي ڪتاب پڙهيا هيا، تفسير ۽ فقہ باقاعدي پڙهيا هئم.

سوال: چوريون اوهان شوق ۾ ڪيون، مجبوريءَ کان يا ڪنهن ٻئي سبب کان؟

پليجو صاحب: اسان وٽ مڙسيءَ جون علامتون اهي هيون تہ عشق ڪير ٿو ڪري. پوءِ عشق هجي نہ هجي، ريهرسل پئي ڪبي هئي تہ فلاڻي جي انتظار ۾ وينا آهيون. رڳو ڪوڙ هوندو هو، پر وقت جي تقاضا اها هئي تہ ماڻهو عاشق تسليم ڪيو ويجي. پنجين ڪلاس ۾ جيڪي چوڪريون اسان سان پڙهنديون هيون، انهن جي ورهاست ٿيندي هئي. چوڪرين کي خبر ئي ڪانہ هوندي هئي پر اسين پاڻ ۾ وڙهيا پيا هوندا هياسين تہ منهنجي چوڪريءَ جي باري ۾ تو نالو چو ورتو! چوري ۽ مڙسيءَ جي علامت هئي. چوريءَ جي مون شروعات ائين ڪئي تہ منهنجو هڪ دوست چوريءَ ۾ ٻڌجي پيو، ان تي تشدد ڪيائون. هن مون کي چيو تہ مون کي پئسا ڪپن. مان ويس، امان جي دهري ڪٽي آيس. رات جو آڏيءَ تاڻي 13 سالن جي ڄمار ۾ پنج- اٺ ميل پنڌ ڪري، پهاڙي علاقي مان ڏڪندي، ڊڄندي ان دوست جي گهر ويس، جنهن اها دهري موٽائي ڏني تہ اها ماءُ جي دهري موٽائي ڪٽي وڃ. منهنجي سڄي زندگيءَ جو جوهر اهو آهي تہ تمام گهٽو ڊپ ۽ ان سان وڏي بهادريءَ سان ويڙهاند. مون کي جيترو ڊپ اينڊو، اوترو وڙهندس. جيترو وڏيڪ ڊپ هوندو، آءٌ اوتري وڏيڪ طاقت سان ردِعمل ڪندس. گدرا چورائڻ سان بہ مون شروعات ڪئي. رڳو گدرا چورائڻ جو ذڪر ڪجي تہ بہ ڪتاب پورو ٿي وڃي. آءٌ چوريون بہ ڪتابن وانگر ڪندو هيس. آءٌ هر ڪتاب پڙهي، ان تي عمل ڪندو هيس.

سوال: پري ميچوئر عمر وارو اوهان جو عشق ڪهڙو هيو؟

پليجو صاحب: پنجين ۾ اسين جنگشاهيءَ ۾ پڙهندا هياسين. ٻہ- ٽي چوڪريون بہ پڙهنديون هيون. سڀ چوڪرا انهن تي عاشق هيا. چوڪرين تي عاشق ٿيڻ جڻ تہ انتهائي لازمي فريضو ۽ ڪمپلسري سبجيڪٽ هوندو هيو. پلي گهر ۾ مار کائي اچي، پر عشق وقار جو معاملو هيو، چاڪاڻ تہ ان وقت سخت پابنديءَ جو ماحول هو. سؤٽ، سؤٽ جي گهر نہ وڃي، نهاري ڪونہ سگهبو هو. چنيءَ جو پلاند لڳي وڃي تہ بہ اعتراض ٿي وڃي. اتي عشق جو اڪر آسمانن جي ڳالهہ ۽ وڏي بغاوت هئي. چوڪريون اسان ورهائي ڪنيون. ان اديءَ کي خبر بہ نہ هئي. اسان جي ڪوشش هئي تہ ان تائين خبر پهچي. ڪجهہ ماين کي سڀ چوڪرا سامان سڙا ڏيندا هياسين تہ چوڪرين تائين پهچائين، پر ماين جي مرضي تہ پهچائين نہ پهچائين.

سوال: عشق جي سوڪڙيءَ طور سامان ڪهڙو ڏيندا هيؤ؟

پليجو صاحب: ڪجور! ان زماني ۾ ڪجور سڀ کان اهم شيءِ هئي. چٽيل رومال ۽ چٽيل سوپاري. ميچوئر عاشق چٽيل سوپاري ڏيندا هيا.

سوال: توهان ٻڌايو تہ توهان ننڍي لاکون چوريون ڪندا هيؤ، پوءِ شاعري اوهان جي مزاج ۾ ڪيئن آئي؟

پليجو صاحب: شاعري سڏو سنئون نہ، پر شاعراٽي طبيعت هئي. ان جا سبب آهن. امان جو چاچو ڳائيندو هيو، (ان ماحول ۾) اهو عيب هيو. اسان جا وڏا وهابي هيا. انهن کي خبر نہ هئي تہ ڪو هو وهابي آهن، پر عملي طور وهابي هيا. امان جي چاچي، سڀ قانون ٽوڙي ڳائڻ شروع ڪيو. امان بہ ڳائيندي هئي. اسان جي گهر ۾ ڳائڻ کي محترم سمجهڻ جو رواج امان وڏو. اسان جي گهر ۾ ڳائڻ وارا جوڳي وينا هوندا هيا. مون کي جيڪا خرچي ملندي هئي، اها آءٌ انهن کي ڏيندو هيس. آءٌ پنهنجي خرچي فقيرن کي ڏيندو هيس. امان، منهنجي پيٽ، پڻي ڳائيندي هئي. منهنجي پڻي تمام سٺو ڳائيندي هئي. موڪل ملندي هئي تہ آءٌ ان کي ونڊي ايندو هيس. ان جا بول زبردست هيا. توهان کي خبر آهي، راڳ جي بولي زبردست بولي آهي. لاڙ جي بولي تہ وري شاندار بولي آهي. بول هوندا هيا:

"تـــارن ارڙي پـــرڙي رات ..."

اهي جيڪي راڳ ڳائيندا هيا. ننڍي لاکون لفظن جي خوبصورتيءَ سان پيار ٿيو. رات جي وقت جڏهن سمات جا ڳيچ لڳن ٿا، اداس اداس ڏُنون لاڙ وٺ آهن، اتر جي راڳن ۾ اهو تاثير ناهي. سمات جي گيتن ۾ درد آهي. منهنجين پينرن صوفيا ۽ ياسمين جا اجا تائين ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان گيت هلندا آهن. اهي ٻڌبا آهن تہ انهن ۾ اداسي محسوس ٿيندي آهي. انهن گيتن ۾ سڄي سنڌي سماج جي اداسي آهي. ان ئي ماٽهوءَ ۾ شاعري پيدا ڪئي. ننڍي هوندي منهنجو پهريون ڪم هو گابا چارڻ. گابا اڪيلا ڪاهي ويندو هوم، ماٽهو ڪوبہ نہ، صبح جي ماڪ، پرهہ ۾ وڃون پيا گابا ڪاهيو. سامهون جوار جا ڪيت بينا آهن، آبادي ٿوري علائقا وڏا، ڪليل ميدان ۽ پهاڙ، پوءِ پهاڙن مٿان ماڪ، برساتن جي موسم ۾ ننڍا ننڍا پاٽيءَ جا جهرٽا، اهي مون کي ڏاڍا وٽندا هيا. ٽڏي متيءَ تي اگهاڙا پير رکون تہ اتي تمام وڏي آزادگيءَ جو احساس ٿيندو هو. ڳوٺ ايندو هيس تہ دٻجي ويندو هيس. ٻاهر نڪرندو هيس تہ سڄي ڪائنات ڪليل ملندي هئي. راڳ سان پيار مون کي ماءُ کان ورثي ۾ مليو هيو. امان کي عشقيہ ۽ عمر ماروئ جون ڪافيون ڏاڍيون ياد هيون.

سوال: اوهان کي ننڍي لاکون ڳوٺ ۾ ڪهڙي نالي سان سڏيندا هيا؟

پليجو صاحب: رسول بخش تہ چوندا ئي ڪونہ هيا. عطو يا اتولي ڪو زنانو نالو هيو، جيڪو چوندا هيا.

سوال: وهنجندا هيؤ؟

پليجو صاحب: ڪافي وقفن کان پوءِ وهنجندو هيس، پاٽي ڪونہ هوندو هيو.

سوال: جڏهن سنڌ مدرسي ۾ پهتؤ تہ ڳوٺ جي زندگي، جنهن ۾ اوهان ڄمو ٿا تہ نفرت هئي، ان کي ڪيئن پئي ڏٺوَ؟

پليجو صاحب: منهنجي ذهن ۾ به آئيڊيل هيا: هڪ ته پهراڙيءَ جي مڙس ماڻهوءَ وارو آئيڊيل، اهو مون لاءِ تمام گهڻو قيمتي هيو. ٻيو آئيڊيل هيو ته جديد علمن جي روشنيءَ ۾ به بهادر سڏجان، ان ڪري ڳوٺ وڃڻ وقت آءٌ شهر مان ئي بوٽ لاهي ويندو هيس. پير اگهاڙا ڪري، سڌندو، پچندو ڳوٺ ويندو هيس، جيئن هو ڳوٺ وارا مون کي پاڙيو نه سمجهن. شهرين کي حقارت سان ڏسندا هيا. شهري معنيٰ سمجهيو ويندو هيو پاڙيو. آبادي ۾ن قسمن جي سمجهي ويندي هئي: هڪڙا مڙس ماڻهو، ٻيا پاڙيا. مڙس ماڻهو هوندا هيا پهراڙين وارا، جيڪي شهرين کي پاڙيو سمجهندا هيا. شهرن ۾ هوندا هيا هندو، جن وٽ پئسا هيا ۽ پئسي واري کي پاڙيو سمجهيو ويندو هو. جيڪي اڇا ڪپڑا پائيندا هيا، اهي پاڙيا سمجهيا ويندا هيا. جيڪي صبح جو اٿي، منهن ڌوئي، ڪپڑا پائي نڪرن معنيٰ پڪ پاڙيا، مڙس ماڻهو منهن کي نه ڌوئيندا هيا!

سوال: توهان پنهنجي چورين جي ڳالهه ڪئي آهي، توهان پنگ تي ڪا چوري موٽائي؟

پليجو صاحب: نه! مون چوري ان قسم جي نه ڪئي. اسان موٽر سائيڪل چورائي پر اها هلائڻ نه پئي اچي، ان ڪري سڄي رات هلائي هلائي ڇڏي ڏنيسين. اسان سمجهيو هو ته موٽر سائيڪل، عام سائيڪل وانگر هلندي، پر معاملو ڳچيءَ ۾ پئجي ويو.

سوال: جڏهن توهان ڪراچيءَ ۾ آيؤ ته اوهان ۾ تبديليون ڪيئن آيون؟ ڪهڙا ماڻهو هيا؟ ڪهڙي سنگت هئي؟

پليجو صاحب: آءٌ سنڌ مدرسي ويس ته مون کي احساس ڪمتري هئي. مون کي 5 روپيا ملندا هيا. فلمون ڏسڻ مون لاءِ ضروري هونديون هيون. ڇهه آنا ٽڪيٽ هئي. چار- ڇهه فلمون ڏٺيون ته به- ٽي روپيا ضروري سامان وٺڻ ٽي خرچ ٿي ويندو هو. منهنجا افعال بچڑا هيا. منهنجي ضلعي جو ڪو ماڻهو نه هوندو هيو. عرب رياستن کان ويندي ٻين علاقن جا ماڻهو اتي پڙهندا هيا. انهن ۾ عطاءُ الله مينگل وارا به هيا. ڪرسچن پرنسپال هيو. اسڪول ۾ انگريزي ڳالهائبي هئي. منهنجي لاءِ اهو عجيب غريب ماحول هيو. سيٽي تي ماني کائون، پڙهون، راند ڪريون، سپ ڪم سيٽيءَ تي ٿئي. اها فوجي زندگي هئي. ان هوندي به آءٌ چوان ٿو ته اهو منهنجي زندگيءَ جو يادگار دور هيو. ان ۾ هوشياري ۽ پڙهائيءَ جو قدر هيو. مون سنڌ مدرسي اسڪول ۾ سياست داخل ڪئي، اتي اسان استرائيڪ ڪئي. مون مدرسي جا قانون تبديل ڪيا. منهنجون تقريرون ٻڌڻ شهرن جا ماڻهو ايندا هيا، اها مون کي خبر نه هئي. هندستان جي جهازين جي بغاوت سان اسان يڪجهتي ڪئي. منهنجي زندگيءَ جو اهو يادگار دور آهي. آءٌ رڳو سنڌ مدرسي وارن ڏينهن ۾ پڙهيس.

سوال: رسول بخش پليجي وٽ اڳ ۾ ادب ٿو اچي يا سياست؟

پليجو صاحب: سياست اڳ ۾ اچي ٿي. آئون امان خلاف ابو شيديءَ کي ڏنل

دانهن کي بہ سياست سڏيان ٿو. سڄي زندگي مون سياست ڪئي آهي. ڳوٺ ۾ ظالم چوڪرن خلاف مون ماٺهن کي گڏ ڪيو. مون ڇهين درجي پڙهڻ کان پوءِ ڳوٺ ۾ باقاعدي سياست ڪئي ۽ آڳ ڳوٺ جو "ٽاپ پاليٽيشن" هيس. مون سياست وسيلي وڏن وڏن ماٺهن کي شڪست ڏني. مون کي راج کان هڪ تمام وڏو ڪم ونڊو هيو. مون مخالف ڏر کي بلڪل ڪاٽا ڪري اهو ڪم ورتو. جهڙو ٽيڙ جهڙو ئي نہ هو.

سوال: اهو ڪهڙو ڪم هيو؟

پليجو صاحب: منهنجي پيڙ جو نڪاح هنن هڪ اهڙي شخص سان وجهي چڏيو، جيڪو درويش ماڻهو هو. اسان جو عزيز آهي. ناموزون قسم جو ڪم ٿيو هو. اسان جي ڳوٺ ۾ طلاق نہ ٿيندي آهي. مان 12 سالن جي ڄمار جو هيس، تڏهن ڇيو هيم تہ هيءَ طلاق ٽيڙ کپي، هي بي جوڙ قسم جو جوڙ آهي، منهنجي پيڙ سان ظلم آهي. مون کي ڇمات هنيائون. مون کي ياد آهي، آڳ ڀُرنس پئي. مون 4 سال لڙائي ڪري 16 سالن جي عمر ۾ مون هن جي جان ڇڏائي ۽ هن جي مرضيءَ تي شادي ڪرائي. مون ڇيو هو تہ هن جي شادي اتي ٿيندي، جتي هيءَ چوندي. ننڍي هوندي ئي مون ڇيو هو تہ ظلم برداشت نہ ڪندس.

سوال: "پسي ڳاڙهو گل" ۾ ڪهاڻي اتان تہ نہ ڦٽي نڪتي آهي؟

پليجو صاحب: "پسي ڳاڙهو گل" ۾ تمام گهڻيون ڳالهيون منهنجي زندگيءَ جون آهن. منهنجون سڀ ڪهاڻيون حقيقتن تي ٻڌل آهن. انهن کي مون افسانوي رنگ ڏنو آهي.

سوال: ان ڪهاڻيءَ ۾ جن اکين جو ذڪر آهي، جن اکين جي اوهان تمام گهڻي واکاڻ ڪئي آهي، انهن اکين جي چوندڙ اوهان ڪٿان ڪئي؟

پليجو صاحب: جيڪي ماڻهو مون کي پسند هيا، انهن جي "ڪمپوزڊ پڪچر" اها آهي. ڪمپوزڊ معنيٰ بہ- تي شيون ڪٽي، انهن ۾ ڪامن شيون وجهي چڏيون.

سوال: سائين! توهان جي پهرين شادي ڪهڙي عمر ۾ تي هئي؟

پليجو صاحب: يانيان ٿو تہ 13 سالن جي عمر ۾ منهنجي سؤٽ سان ٿي هئي. ماڻهو شاديءَ لاءِ وينا هيا، آڳ پڄي ويس. بابا جڏهن ڪن کي مهڙو ڏنو، تڏهن وڃي منهنجو ڪنڊ هليو. اها منهنجي سؤٽ مون کان بهتر هئي، عمر جو فرق بہ نہ هيو، پر آڳ تہ ممتاز دمساز جي پارٽيءَ ۾ هيس نہ!

سوال: زرينہ بلوچ سان اوهان جي شادي ڪيئن ٿي؟

پليجو صاحب: ريڊيو تي ايندا هياسين، ان زماني ۾ تعلق پيدا ٿيو ۽ شادي بہ ان ئي زماني ۾ ٿي.

سوال: سائين! توهان جون ٿي شاديون ٿيون نہ؟

پليجو صاحب: نہ، چار.

سوال: ڇوٽين ڪهڙي شادي؟

پليجو صاحب: اها ڪشميرڙ سان ٿي.

سوال: اوهان وٽ سياست جو تصور ڇا هيو ۽ اوهان سياست ڪڏهن شروع ڪئي؟

پليجو صاحب: ظلم ۽ جبر خلاف مقابلو مون وٽ سياست هيو. مون ٻار جي حيثيت ۾ ان وقت سياست شروع ڪئي، جڏهن مون پنهنجي ماءُ سان احتجاج ڪيو.

سوال: ننڍي کنڊ جي ورهاڱي وقت اوهان سنڌ مدرسي ۾ هيؤ، ان وقت اوهان کهڙو ڪردار ادا ڪيو؟

پليجو صاحب: ان وقت آءٌ "خون ڪي آنسو" ۽ ٻيا ڪتاب پڙهي چڪو هيس. آءٌ ان وقت مجموعي طور تي پاڪستاني هيس. پاڪستان نيشنل گارڊ جو ميمبر هيس. مون قائداعظم جي باڊي گارڊ جي حيثيت ۾ 1944ع ۾ ڪم ڪيو. مون گارڊ جي حيثيت ۾ قائداعظم سان هٿ ملايو هو. ان وقت قائداعظم جو جلوس نڪتو هو، ان ۾ جي- ايم سيد هيو، يوسف هارون هيو، اسين انهن جي پٺيان وياسين. اسان جو اڳواڻ محمود هارون جو پاءُ سعيد هارون هيو. محمود هارون اسان جو ڪجهه وقت اڳواڻ رهيو، پوءِ سعيد هارون ٿيو. يوسف هارون ٽانگي ۾ اڳيان وينو هو، جي- ايم سيد پٺيان وينو هو. مون نواب بهادر يار جنگ جي تاريخي تقرير ٻڌي هئي، جنهن کان پوءِ هو گذاري ويو هو. 1946ع ۾ جهازن جي هڙتال خلاف اسين مظاهرو ڪري چڪا هياسين. مان بنگالي ناول تمام گهڻا پڙهندو هيس. مان ننڍي عمر ۾ ئي بنگالي، انگريزي ناول پڙهي چڪو هيس. آءٌ پاڪستاني هيس. مون پهريون سياسي ڪتاب "خون ڪي آنسو" پڙهيو، جنهن ۾ هندستاني مسلمانن تي فلم لکيل هئي. ان کان اڳ آءٌ ڊيپلائيءَ کي پڙهندو هيس. ڊيپلائيءَ جي تعليم اها هئي ته علامہ اقبال ترقي پسند شاعر آهي، شاهہ لطيف رجعت پرست شاعر آهي. منهنجو ڊيپلائيءَ تي ايمان هيو. مون ۾ ڪتابن تي ويساهہ ڪرڻ جي عادت آهي، ان ڪري مون اقبال جي حق ۾ مضمون لکيا. اقبال جا ڪيترائي شعر مون کي ياد هيا. اقبال جي شعرن مون ۾ جان وجهي ڇڏي هئي.

سوال: توهان جي ڳالهائڻ جو هڪ انداز آهي، اهو اوهان ڪيئن سکيؤ؟

پليجو صاحب: بابا کان ورتو. بابا ڳالهہ تمام وضاحت سان پيش ڪندو هو. ان کان سواءِ امان کي مون جيڪي ناول پڙهي ٻڌايا، امان نہ ٻڌندي هئي، ان ڪري منهنجي ضرورت هئي تہ آءٌ استائيل سان پڙهي ٻڌايان. وري آءٌ ڊراڙ بہ هيس. ڊراڙ مون کي چوندا هيا تہ ڪهاڻي ٻڌاءِ، پوءِ ڪهاڻي شروع ڪندو هيس تہ هو ٻڌندا نہ هيا، ان ڪري ڪهاڻي استائيل سان پڙهي ٻڌائيندو هيس. ائين اهو استائيل ٺهيو.

سوال: اوهان مسلم ليگ واري چانوَ مان ڪڏهن نڪتؤ؟

پليجو صاحب: مون ان دور ۾ ڪافي مطالعو ڪيو هو. مون سوشلزم پڙهيو، انگريزي پڙهي، قاديانين سان مليس، مولانا مودوديءَ جا ڪتاب پڙهيم. سوشلزم

بابت مون کي هڪ دوست صلاح الدين پهريان سمجهايو. پوءِ هاڻوڪي مزدور ليڊر نبي احمد مون کي ادب بابت آگاهه ڪيو. نبي احمد جو هڪ استائيل هوندو هيو. هو اکيون بند ڪري ڇڏيندو هو. هو شعر ڏاڍو پُراثر نموني پڙهندو هو. مون تي هڪ پيري ملٽريءَ جو هڪ عملدار خنجر کڻي آيو ته تون ڏهريو آهين. نبي احمد هن سان ڳالهايو. مون پنهنجو موقف پيش ڪيو. مون لاءِ ڪنهن اردو ڳالهائيندڙ جو هيئن موقف اختيار ڪرڻ ڏاڍو اهم هيو. مون ماستري ڪئي، آبادڪاريءَ واري کاتي ۾ ڪم ڪيو. هاءِ ڪورٽ ۾ چيف ٽرانسليٽر ٿيس، جتي اردو، گجراتي ۽ سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجما ڪندو هئس. "صداقت" اخبار ۾ ڪم ڪيم، اتي نورالدين سرڪي، قادر بخش نظاماڻيءَ وارا هيا. "نئين سنڌ" اخبار ۾ ڪم ڪيم، ان ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿيس. زندگيءَ جا مقصد بدلبا رهيا. پهريان مقصد هيو ته پاڪستان آزاد ڪريان، پوءِ هيو اسلامي حڪومت آڻيان، پوءِ وري اهو مقصد هيو ته سوشلزم آڻيون.

سوال: "انڌا اونڌا ويڇ" ڪتاب اوهان ادبي جهيڙي جي پس منظر ۾ لکيو، ان بابت ڪجهه ٻڌايو.

پليجو صاحب: اسين حيدرآباد ۾ آياسين ته ون يونٽ لڳي چڪو هيو. سنڌي هوليءَ خلاف شريف ڪميشن جي رپورٽ اچي چڪي هئي ۽ ان خلاف سنڌي ادبي سنگت جو جهاد شروع ٿي چڪو هيو. ان جهاد خلاف جماعت اسلامي ڪفر جون فتوائون جاري ڪيون هيون. "مهراڻ" اخبار ۾، خاص مڪتبهء فڪر جي ماڻهن کي گڏ ڪري، انهن کان لکرايو ويو.

سوال: ڪئمپون ڪيئن هيون؟

پليجو صاحب: اسان واري ڪئمپ ۾ ابراهيم جويو، شيخ اياز هيو، آڻ هيس، جمال ابڙو، شمشيرالحيدري، سراج، الطاف عباسي، حميد سنڌي، جمال رند، حفيظ ميمڻ ۽ تمام گهٽا هيا. شمشيرالحيدري ادبي سنگت جو سرواڻ هيو.

سوال: هُن ڪئمپ ۾ ڪير هيا؟

پليجو صاحب: رشيد لاشاري، قربان بگٽي، ڊاڪٽر ابراهيم خليل، محمد موسىٰ پٽو، فيض بخشاپوري، حافظ ابن سبيل، سردار علي شاهه ذاڪر ۽ ٻيا، جيڪي پاڻ کي اسلام پسند چوندا هيا. اها ڦشري جماعت اسلامي ڪرائي هئي.

سوال: جڏهن اوهان لکيو پئي، تڏهن توهان کهڙي پارٽيءَ جا ميمبر هيؤ؟

پليجو صاحب: آڻ پنهنجي ترقي پسند پارٽيءَ جو همدرد هيس.

سوال: توهان ان جا باقاعدي ميمبر نه رهيا هيؤ؟

پليجو صاحب: نه! چوندا هيا ته تون ميمبر آهين، ميمبر ڪنهن کي به ڪونه ڪندا هيا. ميمبر ٿيڻ جي لائق صرف هندستان جي هڪ مخصوص علائقي کان آيل هوندا هيا. حيدر بخش جتوئيءَ جهڙي ماڻهوءَ کي ميمبر نه ڪيو هيائون. جام ساقيءَ جي باري ۾ به مون وڏي ڦشري مچائي، تڏهن وڃي ميمبر ڪيائونس. آڻ جام کي چوندو

آهيان تہ توکي ميمبرشپ مون ونرائي ڏني آهي.

سوال: حيدرآباد ۾ جڏهن اوهان آيؤ تہ هتي هڪ نئين دنيا هئي، ان وقت اوهان جو ڇا ڪردار هيو؟ پهرين صفن ۾ ڪير هيا؟

پليجو صاحب: آڻ پهرين صفن ۾ ڪونہ هيس. پهرين صفن ۾ جويو (ابراهيم) صاحب، رباني (آگرو) وارا هيا، پرواني پٽي وارا هيا، شمشير سپ کان وڌيڪ سرگرم هو. اهي مون کي اتساهيندا هيا. "انڈا اونڈا ويج" ۾ مون کان شمشيرالحيدريءَ لکرايو. جويو صاحب اسان سيني کي اتساهيندو هيو. اسان جو آئيڊيل جويو صاحب هوندو هيو. ايجا تائين منهنجو آئيڊيل ڪيترين ئي ڳالهين ۾ جويو صاحب آهي. هن پاڻ کي چمڪائڻ بدران ماڻهو پيدا ڪيا. ماڻهوءَ ۾ انساني ڪمزوريون ٽين ٽيون، هن ۾ بہ هونديون، پر جويي صاحب جي اها وڏي خوبي هئي تہ هن پاڻ چمڪائڻ بدران جنرل ماڻهن جي واڌاري لاءِ ڪم ڪيو. ان ڪري آڻ ان ماڻهوءَ جون وڏيون زيادتيون ۽ بيوقوفيون برداشت ڪندو آهيان.

سوال: ان دور ۾ جويي صاحب کان بہ وڏي شخصيت جي- ايم سيد هيو، ان کي توهان ڪيئن سمجهو ٿا؟

پليجو صاحب: آڻ جي- ايم سيد جو وڏو معتقد هيس. جڏهن جي- ايم سيد خلاف مولانا خير محمد نظاماڻيءَ "نئين سنڌ" ۾ مضمون لکيو، مان جي- ايم سيد سان مليو بہ نہ هيس، پر مون هڪ آرٽيڪل لکيو. ان زماني ۾ مولانا خير محمد وڏي شيءِ هيو. "نئين سنڌ" جو ايڊيٽر سويو گيانچنداڻي هيو، هن نہ ڇپيو. مون وجي مولانا سان ڳالهايو. مولانا مون کي چيو تہ مضمون شايع ڪريون ٿا، پر اڳ ڇڪي ٻڌو اٿئي؟ مون مولانا کي چيو تہ اسين هيٺا ماڻهو آهيون، مضمون لکيو اٿم، ڇاپيندا تہ مهرباني. مون مضمون جو عنوان لکيو، "ميان جي خيرو ۽ جي- ايم سيد." مون مولانا خير محمد کي "ميان جي خيرو" لکيو. اهو مضمون ڇپيو، پوءِ وري حفيظ قريشي مليو، چيائين مضمون پلو لکيو اٿئي، جي- ايم سيد سان ڪڏهن مليو آهين؟ مون چيو نہ. هو مون کي جي- ايم سيد وٽ وٺي هليو، ٻڌايائينس تہ هي رسول بخش پليجو آهي، جنهن مضمون لکيو هو. جي- ايم سيد مضمون جي اڳواڻ ئي ڏاڍي تعريف ڪئي هئي. جي- ايم سيد وٽ وياسين تہ هنن ڏاڍي عزت ڪئي. پوءِ آڻ هن جي شخصي فضيلت ۽ اخلاق تي فدا ٿي پيس ۽ سالن جا سال فدا رهيس. ان زماني ۾ وڏيرا هوندا هيا ظالم، اکڙ، روٽ، اسين غريب مسڪين ماڻهو، انهن سان وري هڪڙو وڏيرو علمي ڳالهيون ڪري، محبت ڪري، آڻ تہ فدا ٿي ويس. 53-52ع کان پوءِ اهو سلسلو هلندو رهيو، پوءِ اسان بزمِ صوفياءِ سنڌ ناهي، آڻ ان جو سيڪريٽري جنرل هيس، ڪتاب ڇپرايا سون، اهو هليو 1969ع تائين. مون کي 1969ع ۾ سيد لاهور ڏياري موڪليو تہ گول ميز ڪانفرنس ۾ وجي نمائندگي ڪريان. شيخ مجيب سان مليس.

سوال: ان ئي دور ۾ ادب واري لهر اچي ٿي، اوهان تي ادبي ماڻهن جو اثر

ٿو ٽئي يا ڪو ٻيو طريقو؟

پليجو صاحب: مون ۾ ننڍي هوندي کان شين ۾ تبديلي ڪرڻ جو لاڙو موجود آهي. ٻيو ته آءٌ ماڻهن سان پيار ڪندو آهيان. ماڻهن جي معاملي ۾ ائين آهي ته يا ته وڙندا آهن يا نه وڙندا آهن. رسالو "مهراڻ" جويي صاحب ڪڍيو، مون کي ڏاڍو وڻيو، مون ليٽر لکيو ۽ اهو ليٽر منهنجي ادبي ڪاوش هيو. ان کان اڳ مون اخبارن ۾ لکيو هو. هڪ پيرو افسانو لکڻ جي ڪوشش ڪئي هيم، افسانو هو ته يوسف ويو، شينهن سان وڙهيو، ڇهه مهينا پئي لکيم، ڳالهه اڳتي ئي نه وڌي! "مهراڻ" کي جيڪو خط لکيو هيم، اهو ميرپور خاص ۾ غلام محمد لغاريءَ جي "سچائي منزل" ۾ هفتو ڪن ان جي ڊرافٽنگ تي لڳايو هيم.

سوال: حيدرآباد ۾ اوهان جو اچڻ ڪيئن ٿو ٽئي؟

پليجو صاحب: نٽي ۾ وڪالت هلي ڪانه پئي. اتي منهنجي راج وارا، منهنجا اتحادي، مون کي چڏي، وڃي اهڙي شادي ڪاڏائون، جيڪا اسان کي ڪائڻي نه هئي. آءٌ پاڙيو ته ٽيو ٻينو هيس، پر ظاهر ڪيئن ٽيان؟ اتحادي چڏي ويا ته هتي هليو آيس. حيدرآباد ۾ آءٌ خدائي فوجدار هيس. يا ته ماڻهن جي همت افزائي ڪندو هيس يا وري انهن تي لعنت ملامت ڪندو هيس. ماڻهو ڏسندا هيا ۽ چوندا هيا: مري وياسين، رسول بخش اچي ويو! آءٌ چانهه به هنن جي پيئندو هيس ۽ چوندو هومان ته هي چا پيو ڪرين! ڪتاب ۾ پروف جون غلطيون آهن، طبريٰ شروع، ريڊيو تي ويندو هيس.

سوال: اوهان ريڊيو تي ڪم به ڪيو هو نه؟

پليجو صاحب: ها، مون ريڊيو تي ٽاڪس (تقريرون) ڪيون. مون ريڊيو تي ڊراما به لکيا. منهنجو ريڊيو تي ڊرامو نشر ٽيو "ياسمين." ان ۾ روبينه، صالح محمد شاهه هيا. تقريرون مون ادب تي ڪيون. ڪتابن تي تبصرا به ڪيا.

سوال: ان زماني ۾ ريڊيو تي ڪهڙا ماڻهو هئا؟

پليجو صاحب: خواجه امداد هيو، الله بخش شاهه بخاري هيو، سجاد هوندو هيو، منظور نقوي هيو، جوش ۽ زيب عاقلي هيو، آغا سليم هيو، مهتاب (راشدي)، صالح محمد شاهه، مصطفيٰ قريشي ۽ روبينه قريشي هيا.

سوال: اها ڪهڙي ڳالهه هئي، جنهن سبب ون يونٽ خلاف سنڌي اديبن جي ڪيل جدوجهد شاندار نتيجا ڏنا؟

پليجو صاحب: جدوجهدون ڪامياب ڪيئن ٽين، عالمي صورتحال چا آهي، تنهن ۾ آءٌ پاڪستان جي چوٽيءَ جي جاڙو ماڻهن مان ٽي چڪو هيس. مون کي هاري تحريڪ جو عملي تجربو هيو، پر آءٌ تمام هاڻِ ليول جو ٽيوريٽشن به هيس. 60ع واري ڏهاڪي ۾ اسان ثقافتي انقلاب آڻڻ ٽي چاهيو. 65ع تائين سخت ڊپريشن هيو. 66ع ۾ منهنجا دوستن سان اختلاف ٽي چڪا هيا. قومي مسئلن تي هي واضح نه هيا. هارين جون زمينون ڦرجيو وڃن، چون ڪجهه نه ڪريو. مسرور (ڪمشنر حيدرآباد)

ماڻهو ماري، چون انهيءَ تي نہ ڳالهايو. مون کي ٻن سالن بعد هنن جواب ڏنو تہ تون چوين ٿو تہ قومي مسئلو ائين ناهي، پلا صحيح چا آهي؟ منهنجو مسئلو اهو هو تہ اها مون کي خبر نہ هئي تہ صحيح چا آهي، بهرحال مون کين چيو تہ مون کي اها خبر آهي تہ اوهين جيڪي چئو ٿا، اهو غلط آهي. ان ڳالهہ مون کي ضرورت محسوس ڪرائي، پوءِ مون "صبح ٿيندو" لکيو. اهي اصل ۾ مضمون ناهن، اها وڏي تحقيق هئي. ان وچ ۾ منهنجا سي آر اسلم، ميجر الطاف وارن سان ٽڪراءَ ٿي چڪا هيا. مون کي هڪڙي پيري پروفيسر جمال نقويءَ گهرايو ۽ چيائين تہ "تم ڪهتي هو سنڌيون کي لئي نوڪريون مين شيئر مخصوص ڪرو" تہ اهو ڪڏهن بہ نہ ٿيندو. مون چيو تہ چا اهو ڏوهہ آهي تہ سنڌين لاءِ نوڪرين ۾ يقيني شيئر هجي؟ هڪڙو بہ ڊي سي سنڌي ناهي، آفيسر ناهي، تہ هن وراٹيو تہ اهو تہ مڊل ڪلاس بورجوا ٿيندو آهي. مون چيو تہ آءٌ پڙهيو ويٺو آهيان، تون مون کي بورجوا پڙهائيندين چا؟ هنن لاءِ وڏو مسئلو اهو هو تہ ڪو سنڌي ماڻهو نظريي دان ٿي وڃي، چاڪاڻ تہ نظريا تہ هنن جا غلام هيا.

سوال: ذاتي طور تي اوهان پنهنجي ذات کي ڪيئن ٿا ڏسو؟ مظلوم ماڻهو، ڏاهو ماڻهو يا ڪنهن نئين ڳالهہ کي شروع ڪندڙ ماڻهو؟

پليجو صاحب: آءٌ پاڻ کي هميشہ دنيا جي فرسٽ ڪيٽيگريءَ سان پيٽيندو آهيان. آءٌ پاڻ کي گهڻ طرفي شخصيت سمجهان ٿو. حضرت محمد ﷺ جن جي شخصيت کي آءٌ چيني هجان ها تہ بہ مجان ها. ارسطو، هوچي منهہ، لينن، مارڪس، شيڪسپيئر، هومر، لطيف گهڻ پاسائيون شخصيتون آهن، جن کان آءٌ متاثر آهيان. سنڌ ۾ لطيف ۽ پٽي کان آءٌ متاثر آهيان. پٽي جي حڪمت عملين جي ڪمزورين جي باوجود هو ٽيڪنيڪلي ڏاڍو مضبوط هيو. آءٌ ان ڪيٽيگريءَ ۾ پاڻ کي ان پنڌ جو پانڊيئڙو سمجهان ٿو، انهن جو ساٿاري، انهن جي ڪچهريءَ جو ماڻهو سمجهان ٿو، تمام انڪساريءَ جي خيال کان انهن کان تمام گهٽ. ڄاڻ جي سڀ طرفائين هئڻ جي خيال کان آءٌ پاڪستان ۽ دنيا جي ٽاپ ماڻهن ۾ سمجهان ٿو. مضمونن کي الڳ الڳ ڪبو تہ آءٌ ڪمزور آهيان، پر ٽوٽل مارڪون ڪبيون تہ جيڪي ٽاپ ماڻهو ڄاڻايا ويندا، انهن ۾ آءٌ بہ هوندس.

سوال: ادب ۽ سياست، پاڪستان ۾ مروج لاڙن مطابق بہ متضاد رويا آهن، انهن ٻنهي لاڙن کي ڪيئن ٿا برقرار رکو؟

پليجو صاحب: آءٌ ٿيوريٽيڪل تہ سياست جو ماڻهو آهيان، جنهن جي وسيع معنيٰ آهي. پراسپسفيڪلي آءٌ آرٽ جو ماڻهو آهيان. آءٌ انهن ٻنهي کي الڳ نہ ٿو ڪريان. اسين ادب جي حوالي سان جهيڙي ۾ آياسين. سنڌي ٻوليءَ تي بندش نہ وجهن ها تہ شايد عملي طور تي هاري تحريڪ تائين محدود هجان ها. هڪڙو وڏو محرڪ ٻولي، ثقافت تي بندش رهيو آهي. منهنجي ادب مون کي سياست تي مجبور ڪيو آهي. منهنجي سياست وري مون کي چوي ٿي تہ ادب ۽ ڪلچر کان سواءِ

سياست تہ وڏيري جي ڪرسيءَ واري سياست آهي.

سوال: اوهان لطيف تي تمام گهڻو ڳالهايو آهي، توهان جي تنظيم تمام گهڻا "جشنِ لطيف" ڪيا آهن، انهن ۾ اوهان خاص دلچسپي ورتي، ان جو ڪو خاص سبب آهي؟

پليجو صاحب: ڏسو، ماڻهو تہ ڏگهيون خبرون پيا ڪن. ون يونٽ خلاف تحريڪ کي حيدرآباد ۾ رسول بخش پليجي منظم ڪيو. يوسف لغاريءَ جو پهريون پمفليٽ، يوسف جي نالي ۾ مون لکيو. چوٽين مارچ بابت يوسف چيو تہ سياڻي مارجي ويندا سين، ڪرڻ کپي نہ کپي. مون چيومانس تہ ڪر، مڙس ماڻهو ٿي ٻيهي رهي، نہ هٽ! محمد ميمڻ چيو، شاگرد معافي ونڻ. مون چيو نہ ونندا. هن چيو تہ معافي نہ ونندا تہ تباهہ ٿي ويندا. مون چيو تہ بلڪل صحيح ٿو چوين، تباهہ ٿي ويندا، تاريخ معاف نہ ڪندي. جيڪڏهن محمد ميمڻ جي آڏ مزاحمت نہ ڪريان ها تہ اڄ چوٽين مارچ جي ڪهاڻي نہ هجي ها ۽ ان زماني ۾ منهنجي وڪالت بہ نہ هئي، آڏ ڪجهہ بہ نہ هيس. هڪ ٻيو ماڻهو، جيڪو هينئر وڏو ماڻهو آهي، ان چيو تہ اوهان کي ڇا آهي، اوهان کي تہ پنهنجو نالو ڪيرائڻو آهي، سياست ڪرڻي آهي، اسان جا ڇوڪرا مري ويندا. مون چيو تہ بلڪل اسان کي سياست ڪرڻي آهي. چوٽين مارچ تي جيڪو ماڻهو سپ کان اڳ جيل ۾ داخل ٿيو اهو آڏ هيس. "ڪاوش" ۾ منظور سولنگيءَ لکيو آهي تہ چوٽين مارچ سان رسول بخش پليجي جو ڪو سڏو تعلق نہ هيو، اهو غلط آهي. هيو ئي رسول بخش پليجي جو تعلق. چوٽين مارچ تي ڇوڪرا ويا ئي رسول بخش پليجي جي ڪري. چيائون تہ ڪنفرنٽيشن ٿيندي. مون چيو تہ زندگيءَ ۾ ڪي فيصلا ٿيندا آهن، پلي ٿئي. چيائون تہ سياڻي ڏنڀا ڪائينداسين. مون چيو تہ پلي ڪائون. پهريون پمفليٽ هن (يوسف لغاري) جي نالي مون لکيو، ان جو شاهد جويو صاحب آهي. اسان فيصلو ڪيو هو تہ شاگردن کي آرگنائيز ڪجي. شاگرد پاڻهي آرگنائيز نہ ٿيا هيا. هن ڳالهہ جي حڪمت عمليءَ واري لائين کي اڳتي ونڻي وڃڻ وارو رسول بخش پليجو هيو. سڄي جنرل حڪمت عملي رسول بخش پليجي پئي ناهي. جويو صاحب سان بہ گڏ هياسين، هو بہ هيو پر بنيادي حڪمت عملي مون پئي ناهي. شاگردن کي جيل ۾ تربيت ڪنهن پئي ڏني؟ "هڻڪ هلو، ڏيما هلو" ڪنهن ڏنو؟ ٿوٽل مون ڏني. سنڌي شام ۾ پهرين تقرير ڪري شاگردن کي ڊائريڪشن ڏنم. توهان اقبال ترين کان پڇو تہ اها لائين ڪنهن ڏني؟ ڪراچيءَ ۾ لطيف جي انقلاب واري تشريح رسول بخش پليجي ڪئي. جي- ايم سيد چيو تہ لطيف معنيٰ وطن دوستي. رسول بخش چيو تہ لطيف معنيٰ عوام دوستي، انقلاب، دنيا کي تبديل ڪرڻ- سڄي شيءِ کي پنيان ٻيهي آرگنائيز اسان ڪيو هو. اسان سيل ناهيا، جيلن ۾ تربيت ڏني سين، ليڪچر ڏناسين، تقريرون ڪرڻ سيکاريون سين. يوسف ٽالپر اچي انگريزيءَ ۾ تقرير ڪندو هيو، سنڌي تقرير مون سيکاري مانس. هن کي "جي تو بيت پانيا" ڪونہ

پئي آيو. مون کي ياد آهي تہ جيل ۾ بي ڪلاس جي سامهون 3 ڪلاڪ يوسف ٽالپر کي اها ست درست ڪرڻ لاءِ ٻيهاريم. شاگرد تحريڪ، ون يونٽ تحريڪ آرگنائيز ڪرڻ رسول بخش جو ڪم هيو. حيدرآباد ۾، جيڪا سنڌ جي دل هئي، ان جي مقابلي ۾ ڪوبہ نہ هيو. ڇاڪاڻ تہ مون کي خبر هئي تہ ڪم ڪيئن ڪجي. هنن شيخ ايياز جو ڪتاب بند ڪري ڇڏيو. ميٽنگون بند ڪري ڇڏيون، هاڻي رستو ڪيئن ڪڍجي، ڇا ڪجي؟ پوءِ رسول بخش پليجي فتويٰ ڏني تہ لطيف جو ڏينهن رڳو هڪڙو ناهي. لطيف جي ڏينهن تي سرڪاري قبضو هو. اتي صدر ايوب ايندو هو. مون چيو تہ سڄي سنڌ ۾ لطيف جا ڏينهن ملهائبا. پوءِ زرينہ بلوچ لطيف کي ڳائيندي هئي، رسول بخش پليجو تقرير ڪندو هيو. گهٽا ماڻهو ۽ طبقا گڏ ڪبا هيا. اها خبر فقط رسول بخش پليجي کي هئي، ڇاڪاڻ تہ هو هاري تحريڪ، ادبي تحريڪ ۾ ڪم ڪري آيو هو. هو وڪيل هيو، صحافي هيو، مقرر هيو، دانشورن سان ڪم ڪيو هو. ائين اسان لطيف جي ڏينهن جو سلسلو شروع ڪيو، پوءِ اسان لطيف جا اهڙا پهلو اجاگر ڪيا، جن تي هونئن اسين ڳالهائي نہ پئي سگهياسين. هينئر تہ سڀ "شير" ٿيو وينا آهن، اهي سڀ ڪٽي هيا؟ "ون شاٽ" هيا. انهن هڪڙي ڏينهن ۾ هڪ ڪم ڪيو، ٻئي ڏينهن تي هيا ئي ڪونہ. ون شاٽ ماڻهو هيا. هڪڙي ڪوڙي اخباري پروپيگنڊا هلائي ويئي. جيڪي ماڻهو 4 مارچ جي جدوجهد جا مخالف هيا، جن چيو تہ هيءَ شائونسٽ جدوجهد آهي ۽ ون يونٽ جي حامي جدوجهد آهي، سي بي حياييءَ سان، بي شرمائيءَ سان هيڏا ڦوٽا ڪڍايو ڦرندا وتن. رات مون مسعود نوراني‌ءَ سان ڳالهايو، چيومانس: بابا، هيءُ هيو؟ چياٿين، بابا، هيءُ تہ مخالف هيو! سڄي دنيا کي خبر آهي تہ ڪهڙا جدوجهد جا مخالف هيا ۽ انهن جدوجهد کي تاريخ‌ ۾ پئي ڪيو. اڄ اهي هيرا ٿيو وينا آهن، يا وري جن جو ڪو مارجنل رول هيو، اهي هڪڙو ڏينهن آيا، پيو سڄو وقت هنن مخالفت ڪئي، مخالف قوتن سان گڏ هيا، مٿو کائي وڌائون. بهرحال، راڳ اسان پيدا ڪيا، ڏنون ناهيوسين، "هڙڪ هلو، ڏيما هلو"، اسان لطيفي راڳ کي آندو، حڪومت ايياز تي بندش پئي وڌي، ان کي ناڪام بڻايوسين، سياسي حڪمت عمليءَ تحت لطيف جا ڏينهن ملهاياسين، هاڻ سرڪار لطيف تي بندش ڪيئن ٿي وجهي سگهي؟ هاڻ وقت جي ضرورت آهي تہ ڳالهيون چٽيون ڪجن. جيڪي ڦوٽو ڪڍرايو پيا هلن، اهي ڪٽي هيا؟ جڏهن يوسف لغاريءَ کي خنجر لڳو، اسپتال مان ڪڍي ڇڏيائون، حيدرآباد ۾ ڪربلا هئي، ڪير هيو جنهن معاملن کي منهن پئي ڏنو؟ رسول بخش پليجو! ون يونٽ جي دور ۾ ڪمشنر مسرور تي فرياد ڪنهن داخل ڪيو؟ رسول بخش پليجي ڪيو. هڪ سئو وڪيل ونې سيشن جج حيدرآباد جو گهيراءُ ڪنهن ڪيو تہ هنن جو ضامن ڏيو؟ رسول بخش پليجي! ضامن ڪنهن ٿي فراهم ڪيا؟ جنهن نٽي جي عرس وارن ۽ مير رسول بخش ٽالپر وارن کي آندو.

سوال: لطيف مختلف جدوجهدن ۾ اوهان جي مدد ڪئي، سچل يا بين صوفي شاعرن ۾ اها وٺ نہ هئي ڇا؟

پليجو صاحب: اهو درست ناهي تہ ڪو لطيف اسان جي مدد ڪئي. هو تہ اسان جي مڪ فورس هيو. هن اسان جي ٽوٽل رهبري ڪئي. لطيف نہ هجي ها تہ اسين اهي ڪم نہ ڪري سگهون ها. چاڪاڻ تہ اسين بولي ڪهڙي ڳالهايون ها؟ ڇا چئون ها تہ ون يونٽ ٽوڙيون ٿا؟ بغاوت جي ڳالهہ ڪريون ها؟ سپ قلم موجود هيا. لطيف وڏو اجگر هيو، توپ تہ ٻيني هئي پر هلائي ڪير؟ مڪ طيارو هلائي ڪير؟ رسول بخش پليجو! ان ڪري ٽوٽل اسان جي ڳالهہ لطيف جي زباني ٽيندي هئي:

مـتـو آهـيـن مـچ، ٽـلـهـا! ٽـو ٽـونـا هـٽـيـن،
تو جا پانـئـيـن اڇ، تـنـهـن پـاڻـيءَ پـنـا ڏيـنـهـڙا.

نالو ڪوبہ نہ وٺبو، ڳالهہ پنهنجي ڪبي. رسول بخش پليجو ڳالهائيندو هو، ماڻهو سمجهندا هيا تہ ڇا ٿو ڳالهائي. مون شاهہ لطيف جي بيتن جي الڳ سليڪشن ڪئي. هونئن ماڻهو عجيب شعر پڙهندا هيا:

"پـائـي مـنـهـن مـونـن ۾، غـربـت سـاڻ گـذار."

مون سليڪشن بدلائي ڇڏي. لطيف جي زبان ۾ اسين ڏمڪيون ڏيون، لڙايون ڪيون، ڪرائي ويندا هياسين. سچل جزوي ضرورتون پوريون ڪري ٿو، لطيف مڪمل ضرورتون پوريون ڪري ٿو.

سوال: سنڌي قوم جي ڪهڙي خوبي اوهان کي وڻندي آهي؟ مثال طور: جي- ايم سيد چوي ٿو تہ سنڌي قوم جي ڪرندڙ گهرندڙ طبيعت ڪيس وڻي ٿي.

پليجو صاحب: منهنجي هر ڳالهہ جا بہ پاسا ڏسجو. سنڌي قوم جي خوبي اها ٿي وڻي تہ احسانمند رهي ٿي. اها خوبي اڃڪلهہ اسان جي ڳچيءَ ۾ پئي. بدمعاش ماڻهو ان جو ناجائز فائدو وٺيو ويڃ ۾ هو احسانمنديءَ جي روپ ۾ بزدلي ڪيو، حق کي سجاڻ کان انڪار ڪيو ويڃ. ميزباني هاڻ گڻ مان ڪري اوگڻ ۾ بدلجي وئي آهي.

سوال: ڇا اهو درست آهي تہ جنهن کي اڪثريت جي حمايت حاصل ٿئي، اهو صحيح آهي؟

پليجو صاحب: نہ! اڪثريت هٽلر سان گڏ هئي، اڪثريت عملي طور تي يزيد سان گڏ هئي. مختلف دورن ۾ هندستان جي وڏي اڪثريت انگريزن سان رهي. اڪثريتون وڏي عرصي تائين ظلم ۽ ناحق سان گڏ رهيون. اڪثريت ان ڳالهہ جي حق ۾ هئي تہ ڏرتي گول ناهي. هر دور ۾ ماڻهن جي وڏي اڪثريت اڻ ڄاڻ رهي آهي.

سوال: پر سائين! جمهوريت جو تہ بنياد ئي اڪثريت جي راءِ تي آهي.

پليجو صاحب: جمهوريت تہ انهن سيني ڪمزورين کي مڃي ٿي. جمهوريت تہ ماڻهن جي تربيت بہ ڪري ٿي. ڪابہ شيءِ قطعي ناهي، آخري ناهي، هر شيءِ حرڪت ۾ آهي، ان ڪري عوام جي پسماندگي بہ ڪا جامد ۽ ساڪت ناهي، علم

ذريعي ان کي بدلائي سگھجي ٿو ۾ جمهوريت سيني ڪمزورين جي باوجود بهتر نظام آهي. حڪومتي نظامن جي سلسلي ۾ اهو سمجھڻ گھرجي ته اڪثريتي راءِ ناقص آهي، پر ٻين جي صحيح راءِ جي پيٽ ۾ هيءَ ناقص راءِ وري بہ بهتر ٿيندي، پر ان ڳالھ جي ڪابہ گارنٽي ناهي ته ڪا اڪثريت جي راءِ صحيح راءِ آهي.

سوال: توهان چوندا رهيا آهيو ته اوهان ماڻهن جي تڪليفن کي سمجھڻ لاءِ فلسفي، تاريخ، جنگ ۽ زندگيءَ جي ٻين موضوعن جي تعليم نوجوانن کي ڏيڻ جي حق ۾ آهيو، پر جيڪڏهن اوهان کان سوال ڪجي ته هونئن تعليم پڙهي نوڪري ونجي، اتي مزو آ، عياشي آ، ته توهان ڇا چوندؤ؟

پليجو صاحب: ڳالھ سڄي آهي مزي جي. جيڪڏهن ماڻهوءَ کي هتي جي زندگي مزو ڏئي ته پلي وجي. توهان جي قوم مٿان حاڪم ٻيا هجن، توهان جي ڳوٺ جون عورتون کڄي وڃن، اوهان جي ٻيٽ جي زوريءَ شادي ٿي وڃي، توهان کي غلام بڻايو وڃي، ماڻھو اوهان جي آڏو ٽنگو ٽالي ٽين، اوهان وٽ مزيدار کاڌا هجن، پر ٻئي پاسي ۾ ماڻھو بکيا هجن. اوهان کي مزو اچي ته پلي وڃو. جام صادق علي ٿي مزو اچي ته پوءِ وڃڻ کپي. جيڪڏهن ڪنڊ هيٺ ڪري، پاڙيو ٿي، بينظير جي اڳيان وينو هجي ۽ چوي ته توهان صحيح ٽا چئو، پلي بيظير ملڪ جي ٻيڙي ٻوڙي، پٽو ملڪ کي تباهہ ڪري، بنگالين کي مارائي ۽ ماڻھو وينو ڪنڊ هٽي. مزو اچي ته ماڻھو وينو هجي، پر مزو نہ اچي ۽ رت ٽھڪي ته پوءِ جي- ايم سيد ضياءُ الحق سان مليو، سڄي ملڪ جي ٻيڙي ٻوڙيو، سنڌ کي جهنم ۾ وجهي، اهو هيرو ٿيو وينو آ ۽ پاڻ کي چوٽڪارو ڏيارينڊ پيو سڏائي. سڄي دنيا ۾ چگا ڪم ڪندڙن تي الزام وينو هٽي. پٽي کي مارائي ڇڏيائين. توهان سڀ علم، عرفان، صوفي مت ضياءُ الحق جي قدمن ۾ وڃايو. تعليم ختم ڪرايو، ان ڏنڊي ۾ اوهان کي مزو اچي ته ويهو، پر تاريخ کي ڪير اُلوبٽائي نہ ٿو سگھي. روءِ زمين جي تاريخ سان غداري ڪجي ته مزو اچي ته پوءِ پلي ويهجي.

سوال: هڪ راءِ اها بہ آهي ته شاگرد سياست قومي طور تي نقصان ڏنو آهي، اوهان جو ڇا خيال آهي؟

پليجو صاحب: چگين شين کي بدنام ڪرڻ، حڪمرانن جو ڏنڊو آهي. جنهن سان پهچي نہ سگھندا آهن، ان کي خوار ڪندا آهن. جنهن کي قتل ڪرڻ چاهيندا آهن، ان کي خوار ڪندا آهن. شاگرد سياست جيستائين صحيح رستي تي هئي، تيستائين ان سان ڏنڊو استعمال ڪيائون، ان کي خوار ڪيائون: توهان کي شاگرد سياست ڪپي! هيءَ اٽو ڪلاشنڪوف، هيءُ اٽو ڪشميرو خان، هيءُ اٽو لائق چانڊيو، هيءُ پستول، توهان کي بهادري ڪپي ته هيءُ ڊيپيراٽي اٽو، آزادي ڪپي ته هيءُ سنڌو ديش اٽو. ائين شاگرد سياست کي خوار ڪيو ويو آهي.

سوال: سنڌ جي سياست ۾ آيل ڪيفيتي تبديلي، پارٽين ۾ ٽوڙ ڦوڙ ٿي آهي، مثبت سياست جي همت شڪني ٿي آهي، ان جا ڪھڙا سبب آهن؟

پليجو صاحب: ايجنسين جو نظريو آهي تہ اسان افغانستان ۾ روس جهڙي طاقت کي نڪ ۾ دم ڪيو. هندستان کي رُڪ جا چٽا چٻايا آهن. ڪشمير ۾، پنجاب ۾، انهن جا وسيلا سنڌ جي قومي جدوجهد کي تارپيڊو ڪرڻ ۾ لڳايا ويا آهن. اوهان ڏسندؤ تہ سنڌ ۾ هر هفتي ٻہ نيون تنظيمون ٺهن ٿيون. هتي ڏسندؤ تہ ٽي حصا نيون تنظيمون آهن، ٽي حصا نيون اخبارون آهن. بجيٽ جيڪا عوام وٽ وڃڻ کپي، اها بجيٽ ايجنسين ڏانهن وڃي ٿي. اهي ڪوڙا نعرا، ڪوڙا هيرا، ڪوڙا چوٽڪارو ڏيارينڊ پيدا ڪن ٿيون. چوويهہ ئي ڪلاڪ جبر ۽ مڪر جي جنگ هلي پئي. ماڻهن کي خبر نہ ٿي پوي تہ چا ڪريون. پنهنجن ماڻهن ناهڻ جي سلسلي ۾ هنن ايڏو تہ فرق متائي ڇڏيو جو چؤطرف ايجنٽ ايجنٽ ٿي وئي، جو اصل ايجنٽ بچي ويجن. ايجنسين پارٽين ۾ ٽوڙ ڦوڙ ڪرائي تہ جيئن ماڻهو چپ ڪري ويهن. پارٽين کان نعرا هٽايائون، جيڪي ٽين ئي ڪونہ. جيئن 8 آني ۾ اخبار ڪيرائبي، ظاهر آ تہ بند ٿيندي، پوءِ "ڪاوش" ڪيڊجي، اها ٻہ 8 آني ۾ نہ هلندي ۽ پوءِ ماڻهو چوندا: ابا! اخبار هلندي ئي ڪانہ! بلڪل ائين سياسي پارٽين سان ڪيو ويو.

سوال: جي- ايم سيد چيو آهي تہ اسان جا چوڪرا سادا هيا، جو اهي سنڌو ديش کي ڇڏي بهاري روڪيو ڪميٽي ۾ شامل ٿيا، اسان کي ڪنفيڊريشن ويجهو آهي.

پليجو صاحب: صحيح ٿو چوي، ڪنفيڊريشن سنڌو ديش کي ويجهو نعرو آهي. ٻئي هوائي ۽ فراڊي نعرا آهن. اهي حڪمران طبقن کي مدد ڏين ٿا. وڏو نعرو ڏئي، نوس ڪم ڪان پڄڻ.... وڏي نعري جي آسري ۾ ضروري روزمره جا ڪم نہ ڪبا.

سوال: بهاري روڪيو ڪميٽي عملي طور تي ختم ٿي چڪي آهي؟

پليجو صاحب: ايجنسين تارپيڊو ڪري، ممتاز پٽي وارو ڪوڙو شوشو ڇڏايو، جيڪو ڪجهہ ٻہ نہ ٿو ڪرائي. ممتاز جو شوشو انهيءَ لاءِ هيو، جنهن ۾ جي- ايم سيد فطري طور تي شريڪ آهي، تہ ڪا جدوجهد نہ هلي. بهارين جي باري ۾ هيءُ حڪومت سان شريڪ آهن. هنن اندر ٽيڪنگ ڪئي آهي تہ هي رسول بخش پليجو جيڪا رڪاوٽ وجهي پيو، اها هتائينداسين. هنن جي سرڪار سان بنيادي ايڪوئيشن ان سان آهي تہ سنڌ جي بنيادي مسئلن تي جدوجهد هلڻ نہ ڏينداسين. هي تہ نيڪو ڪٽي آيا آهن تہ اسين ويٺا آهيون، جدوجهد چا جي، بهاري روڪيو ڪميٽي چا جي، ميان، سنڌ ۾ ماڻهو پنجاب مان پيا اچن، ڏاڙيل پيا هلن، انهن کي نہ ٿا چئو!

سوال: سنڌ جي سياست ۾ هن وقت اوهان کهڙو نعرو تجويز ڪندا؟

پليجو صاحب: "سنڌ جي وجود کي بچايو!" ٻي جنگِ عظيم ۾ روس جو نعرو هيو:

Death to the Nazi invaders saves the patriotic land.

هيءَ بچائڻ جي جنگ آهي. 1934ع ۾ ويٽنام جو نعرو هيو:

Face famine save people from hunger.

سنڌ اندر ماضي ۾ لطيف ڪانسواءِ ڪو وڏو ماڻهو پيدا ناهي ٿيو- پُٽي جي سياست پاڪستان اندر سنڌي ماڻهن کي اقليت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

عبرت پٽنل: جامي چانڊيو، مسعود لوهار
روزاني عبرت حيدرآباد، سيپٽمبر 1993ع

[سنڌ ويجهي ماضيءَ ۾ جيڪي چند وڏا ڪردار پيدا ڪيا آهن، رسول بخش پليجو به انهن مان هڪ آهي. هو نه فقط هڪ سٺو قلمڪار، ذهين سياستدان ۽ پلوڙ دانشور آهي، پر پنهنجين انيڪ صلاحيتن سبب هڪ غير معمولي شخص به آهي. هو پنهنجن ويچارن ۽ مخصوص مزاج سبب سياسي حلقن ۾ سخت تڪراري شخصيت ضرور آهي پر بقول سراج ۽ ايازجي ان سان هن جي عظمت ۽ انفراديت گهٽجي نٿي سگهي. هن سان ويچارڪ سطح تي اختلاف ڪري سگهجن ٿا، سندس شخصي ڪمزورين کي تسليم ڪري سگهجي ٿو، پر ان سان هن جي ذات ۽ شخصيت جي ڪارج ۽ غير معمولي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.

رسول بخش پليجي سان "عبرت" فورم ۾ اسان جي هيءَ ڳالهه ٻولهه ان ڪري به اهم آهي جو هن تمام گهڻن قومي معاملن متعلق نهايت ڪُلي ڳالهايو آهي. رسول بخش پليجو سنڌ ۾ فڪري ۽ سياسي لحاظ کان هڪ ڏارا جو نالو آهي. سنڌي سماج جي بچاءَ ۽ نئين سر اڏاوت لاءِ هن کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ نهايت ضروري آهي. هن وٽ حالتن جو پنهنجو ڇيد ۽ اپياس آهي. هن فورم ۾ اسان اهائي ڪوشش ڪئي آهي ته اهم ۽ حساس قومي معاملن متعلق سندس ويچارن کي سامهون آڻجي ۽ سنڌ جي شڪار ٿيل سياسي ماحول کي اڳتي وڌڻ لاءِ فڪري بنياد ڏنا وڃن.]

عبرت: سڀ کان پهرين اسين توهان کي اداري طرفان هن "عبرت" فورم ۾ اچڻ تي پليڪار چئون ٿا. اسان کي يقين آهي ته اوهان جهڙي عالم ۽ مدبر سياستدان سان اڃوڪي ڳالهه ٻولهه يقيناً سياسي ۽ فڪري طرح نه رڳو اهم هوندي پر پنهنجي ڪارج جي لحاظ کان لاڀائتي پڻ ٿيندي. اوهان جيئن ته بنيادي طور دانشور آهيو، ان ڪري سڀ کان پهرين هڪ دانشور توڙي سياستدان طور سنڌ توڙي ملڪ جي سياسي حالتن متعلق پنهنجا ويچار پيش ڪريو.

پليجو صاحب: مون کي في الحال ائين ٿو نظر اچي ته سنڌي قوم ڪڏهن تڪڙي ته ڪڏهن آهستي آهستي، ڏاکي به ڏاکي زوال طرف پئي وڃي. اها ڪٿي دنگ

ڪندي، سائنسي ۽ عملي طرح مون کي في الحال ان جي ڪابہ حد نظر نٿي اچي. هاڻي حالتن ۾ ڪجھ ڦيرو آيو آهي، ٻيو نہ تہ بہ سنڌي ماڻھن جي زوال جي رفتار ۾ گھٽتائيءَ جي لحاظ کان ڪجھ ڦيرو آيو آهي. هاڻي اها ساڳي رفتار شايد نہ رهي، ڇوتہ ان ۾ اڳتي سرڻ جا ڪجھ امڪان پيدا ٿيا آهن، پر جيڪي قوتون انهن نون امڪانن سان لھ وچڙ ۾ اچي سگھن ٿيون، اهي نہ اها اهليت رکن ٿيون، نہ اها خواهش رکن ٿيون ۽ نہ اهو انهن جو ڪردار آهي تہ اهي انهن امڪانن جو سنڌي ماڻھن جي حوالي سان ڪو فائدو ونڻ. ان ڪري اهي موقعا بہ ضايع وڃن تہ مون کي ان جو افسوس ضرور ٿيندو، پر تاريخ جي هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ مون کي ان جو شاڪ (Shock) نہ لڳندو، ڇوتہ مون کي خبر آهي تہ ائين ئي ٿيڻو هو، جيتوڻيڪ بهترين جا امڪان بہ آهن، پر امڪان اهي بہ آهن تہ حالتون ويتر بدتر ٿي وڃن. صورتحال اها آهي تہ هڪ پاسي سنڌ آهي، ٻئي پاسي سڄي پاڪستان جون قوتون آهن. سنڌ جي مخالف قوتن وٽ پاڪستان جا سمورا وسيلا آهن ۽ جيڪي حقيقي سنڌ دوست قوتون آهن، انهن وٽ وسيلن جي تناسب جي لحاظ کان پائي بہ ڪونهي ۽ رڳو سنڌ مخالف قوتن جي بدنيتيءَ واري ارادي جي ڳالھ ناهي، اهي هڪ اهڙي نظام ۾ هلن ٿيون جو اهي سنڌ جي خلاف استعمال ٿين ٿيون. ان ڪري صورتحال تمام خراب آهي، ان ڪري ڏسڻو هي آهي تہ آخر اهي ڪهڙيون قوتون آهن يا اهي ڪهڙا بنيادي سبب آهن جن سبب ڄڻ سنڌي ماڻھو ڪنهن اهڙي جانور سان ٻڌا پيا آهن جو جيڏانهن ٿو اهو جانور وڃي، تيڏانهن سنڌي ماڻھو بہ پيا گھلجن. تاريخي طور تہ ان جا گھڻا سبب آهن، پر اسين اهو سمجهي سگھون ٿا تہ ويجھڙائيءَ واري ماضي ۾ اهي ڪهڙا فرد، گروهہ يا قوتون آهن، جن سنڌي ماڻھن کي هن حال تي رسايو آهي. ان کي ايمانداريءَ سان سمجھڻ ۽ قبول ڪرڻ کان سواءِ موجوده صورتحال کي سمجھڻ تمام ڏکيو آهي. سنڌي ماڻھن کي ان تي ويچار ڪرڻ گھرجي.

عبرت: ڪجھ عرصو اڳ توهان نٿي ۾ پنهنجي هڪ تقرير ۾ سنڌي ماڻھن جي نفسيات متعلق ڪجھ ويچار پيش ڪيا هئا، جيڪي سياسي حلقن ۾ تمام گھڻو تکراري ٻڌيا هئا. اصل ۾ سنڌي ماڻھن جي مجموعي پسماندگي يا زوال پذيريت هڪ وڏو اهم موضوع آهي ۽ ان متعلق علمي ۽ دانشوراڻي سطح تي يقيناً گھڻا بحث ٿيڻ گھرجن، پر اسان وٽ ائين گھٽ ٿيو آهي. سنڌي ماڻھن جي هن تباهہ حاليءَ جا هڪڙا تہ خارجي سبب آهن، جن ۾ ٻاهريون سڀ قورو قوتون اچي وڃن ٿيون، پر ٻيا سبب داخلي ۽ معروضي بہ آهن. توهان هڪ دانشور جي حيثيت ۾ انهن داخلي سببن ۽ قوتن تي ڳالهايو، خاص طور تي سنڌي ماڻھن جي نفسيات ۽ سماجي حالتن جي حوالي سان.

پليجو صاحب: سنڌ جون اهي تاريخي حالتون، جن هن ڳالھ ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيو آهي، انهن مان هڪ نهايت اهم آهي ۽ اها هيءَ آهي تہ سنڌي ماڻھو پنهنجي

تاريخ ۾ ڪڏهن به سنڌ سپاهي نه رهيا آهن. اها ڳالهه عام معنائن ۾ چڱي به هجي پر ان جا نتيجا خراب نڪتا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جو سڀني نيت سان ڪيل ڪم جا نتيجا خراب نڪرندا آهن ۽ خراب نيت سان ڪيل غلط ڪم جا نتيجا وري سڀا نڪري پوندا آهن. برا ڪم برا نتيجا به آڻين ٿا پر اهو هر حالت ۾ لازمي ناهي. اهي سڀا نتيجا به آڻي سگهن ٿا. ائين سڀا ڪم به غلط ۽ نقصانڪار نتيجا ڏئي سگهن ٿا. مثال طور: سنڌي ماڻهو امن پسند رهيا آهن، جارحيت پسند نه رهيا آهن، ڪڏهن ڪنهن تي حملو نه ڪيائون، ڳالهه سڀني پر نتيجو؟ نتيجو اهو ته سنڌي ماڻهو پنهنجي وطن کان ٻاهر نڪتا ئي ڪونہ، ڪي به وڏا ڪم ڪڏجي نه ڪيائون، ڪڏجي دربدر نه ٿيا، ڪڏجي هڪٻئي جي ڏکن سکن ۾ پائيوار نه ٿيا، نتيجي طور سنڌي ماڻهن ۾ قوميت جو احساس ئي ڪونهي. سنڌ ۾ زندگيءَ جي ڪنهن به شعبي ۾ ڪڏهن جو احساس آهي ئي ڪونہ! سنڌي ماڻهو پرديس ڪونہ ويا، سنڌ ۾ ڪي ايڏا وڏا ڏڪار ڪونہ پيا جو ماڻهو دربدر ٿين، رلن، خوار ٿين، سخت جان ٿين، ائين به نہ ٿيو. تاريخي طرح سنڌ ۾ ڪي وڏيون علمي تحريڪون به نہ هليون آهن. ماضيءَ ۾ سواءِ لطيف جي ڪو سچ پچ وڏو ماڻهو پيدا ئي نہ ٿيو. اهو هن سڄي صورتحال جو پس منظر آهي، باقي گذريل ڪجهه عرصي ۾ ته سنڌ انگريزن جي رحم ڪرم تي رهي آهي، نہ ته رنجيت سنگهه سنڌ تي قبضو ڪري ويجي ها. انگريزن فيصلو ڪيو ته سنڌ ڪي پنجاب جي حوالي ٿيڻ نہ ڏنبو. سنڌ جو اهو وڏو تاريخي المیو رهيو آهي ته پنهنجي قوت جي بنياد تي مزاحمت نہ ڪئي آهي يا پاڻ نہ بچايو آهي. جي انگريز نہ هجن ها ته پنجاب سنڌ کي ڦٻائي ويجي ها. رنجيت سنگهه سنڌ تي يقيناً قبضو ڪري ويجي ها. باقي جيستائين ويجهڙائيءَ وارين حالتن کي سمجهڻ جو تعلق آهي ته ان جا به ڪافي بنيادي سبب آهن. ان ۾ بنيادي ڳالهه سنڌي ماڻهن جي نفسيات آهي. گذريل تاريخي حالتن مان سنڌي ماڻهن جي جيڪا نفسيات جڙي آهي، اها ته سنڌي ماڻهن جو وڏيرن کان سواءِ ڪنهن تي ايمان ناهي. وچئين طبقي جي ماڻهن کي هو ايجان قبول نڻا ڪن. مثال طور: جي پٽو وڏيرو نہ هجي ها ۽ وچئين طبقي مان هجي ها ته ماڻهو ان پنيان ڪڏهن به نہ هجن ها. اها ڪا نئين ڳالهه ناهي، سيني فيوڊل (جاگيردار) سماجن ۾ ائين ٿيو آهي. بينظير جي مڊل ڪلاس (وچئين طبقي) جي هجي ها، پوءِ پلي ڪٽي ڪيڏي به سڀني يا بهادر ڇو نہ هجي ها، ماڻهو ان پويان نہ لڳن ها. وري جيڪي ماڻهو بينظير جي مخالفت ۾ آهن، ماڻهو انهن سان به بيٺا آهن. پٽي صاحب جون هزار تقريرون ۽ چڱائيون پر ماڻهو پير پاڳاري سان به ويٺا آهن، جيڪي دراصل انهن جا ماڻهو آهن. جيڪي ماڻهو حيدر بخش جتوئيءَ سان گڏ هئا، اهي منتشر ٿي ويا. جيڪي رسول بخش پليجي سان گڏ هئا، اهي به منتشر ٿي ويا، پر جيڪي ممتاز سان گڏ آهن، اهي اڄ به ساڻس گڏ آهن. وڏيري سان گڏ رهڻو آهي، اها هڪ روايت آهي، باقي مڊل ڪلاس جي ماڻهوءَ سان گڏ هلڻ لاءِ قائد ٿيڻ

ضروري آهي. سنڌي ماڻهن ۾ علم نہ هجڻ ڪري سنڌ ۾ حقيقتن کي حقيقت ڪري وٺڻ جي روايت ناهي، علميت ۽ سائنس نہ هجڻ ڪري! پٽي صاحب جون هزارين چگّائيون آهن، اهي ويهہ لک دفعا دهرائجن ٿيون، پر آيا پاڻ وٽ اها روايت آهي تہ پٽي صاحب جيڪي منفي ڪم ڪيا يا سندس جن ڪمن ڪري سنڌ کي سخت نقصان رسيو، پٽي جي ڪيترن ڪمن ڪري سنڌ کي ناقابل تلافي نقصان ٿيو، جيئن ڪنهن ماڻهوءَ جي چيلهہ ڪُٽي پوي، ان جو ڪو علاج ئي ناهي. ان جو ذڪر ٿيندو، اهي ماڻهو ڪندا؟ منهنجي خيال ۾ ماڻهو ڪندا ئي ڪونہ! سچي ڳالهہ ٻڌڻ ۽ مڃڻ جي تربيت علم ڏئي ٿو. سائنس ڏئي ٿي. اها علم واري اخلاق جي روايت ڪانهي، وڏيرڪي روايت آهي. مثال طور: پٽي صاحب بنگالين کي الڳ ڪري ڇڏيو، بنگالين کان پوءِ اسين مستقل اقليت ۾ آهيون. جيئن جناح چيو تہ اسين هندوستان ۾ هڪ مستقل اقليت ۾ هونداسين ۽ اسين ڪڏهن بہ ان پوزيشن ۾ نہ اينداسون جو برابريءَ جي بنياد تي ڳالهائي سگهون. بنگال کان پوءِ اسان جي صورتحال ساڳي آهي. هاڻي اسين مستقل اقليت آهيون ۽ ڪڏهن بہ ان پوزيشن ۾ نڻا اچي سگهون جو پنهنجي مخالف قوتن سان برابريءَ جي بنياد تي ڳالهائي سگهون. پٽي صاحب جي قلم جي هڪ جنبش بنگال کي اسان کي الڳ ڪري ڇڏيو، پر ڇا ماڻهو اهو قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهن؟ ڇوتہ سنڌي ماڻهن جي نفسيات تمام ڪمزور آهي. انهن جي مجموعي سطح هڪ هار واري آهي. سنڌين کي اڪين ۾ نهارڻ جي طاقت پيدا ڪانہ ٿي، جو علم نہ آيو آهي. پٽي صاحب آئين ۾ اجايون ترميمون ڪري هڪ آئيني ڊڪٽيٽرشپ قائم ڪري ڇڏي، ان جو سمورو رڪارڊ موجود آهي، مان ان کي ورجائڻ نٿو چاهيان. پٽي صاحب مستقل طور بلوچن ۽ پناڻن کي سنڌين کان الڳ ۽ جدا ڪري ڇڏيو، يعني سنڌ کي اڪيلو ڪري ڇڏيو. ان ۾ ڪٽي هن جي نيڪ نيتي ئي هجي، ان لاءِ هن وٽ ڪٽي هزار دليل هجن تہ ٽئين دنيا جي قوت ٿا ٻڌجون، برٽراندرسل کي گڏ ٿا ڪٽون ۽ آمريڪا کي شڪست ٿا ڏيون، پر ڳالهہ نتيجي جي آهي. مثال طور: پٽي صاحب جي جيڪا ترقي پسندي هئي، ان ۾ قومن جي حقن ۽ ڪردار جي ڳالهہ هئي؟ قومن جي باري ۾ پٽي صاحب کي ڄاڻ ئي ڪانہ هئي! هن جي نفسياتي سانت جي اها وڏي ڪمزوري هئي تہ هن کي مملڪتن اندر قومن جي ترقي پسند ڪردار جي خبر ئي نہ هئي. قومي حوالي سان پٽي صاحب جو علم ناقص هو. علم تہ ڪنهن جو بہ مڪمل ناهي، نہ توهان جو، نہ منهنجو. پلا شاهہ لطيف کي الجبرا ايندي هئي چا؟ بو علي سينا کي آئن استائن جي نظريي جي خبر هئي چا؟ سنڌي ماڻهو سمجهندا آهن تہ سڀ عقل ڪل آهن. هاڻي اهو تہ تصور ئي غلط ۽ جاهلاڻو آهي. نظرياتي طرح پٽي صاحب ۾ ڪيتريون بنيادي خاميون هيون. هن جو سڄو زور هو تہ هڪڙي مضبوط رياست (State) ڪيئن ناهجي. مضبوط استيٽ لاءِ اندروني طرح ستاءُ ۽ توازن ڪيڏو ضروري آهي، اهو هينئر يوگوسلاويہ ۾ ظاهر ٿيو

ٿئي. پٽي صاحب کڏهن بہ سنڌين، بلوچن ۽ پناٽن جي صورتحال کي اهميت ئي نہ ڏني، قوميتن خلاف قدم کنيائين، ون يونٽ جي حمايت کيائين. پلا سنڌي ماڻهو اها ڳالهہ ہڌڻ ۾ مڃڻ لاءِ تيار آهي تہ پٽي صاحب ون يونٽ جي حمايت ڪئي هئي؟ هاڻي بدقسمتي اها آهي تہ هڪ تہ ماڻهو اهو سوچڻ لاءِ تيار ناهن، ٻيو جيڪي ٻڌائي ٿو، ان خلاف ڏنڊا کنيو ٻيهو رهن ۽ مڊل ڪلاس ان ۾ شامل آهي. ائين ناهي تہ ڄاڻن نہ ٿا، مثال طور: پيپلز پارٽيءَ جو ڪهڙو پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو آهي، جنهن کي اهي سڀ خبرون نہ هجن، پر ايمانداريءَ سان مڃيندا؟ روايت ڪانهي سچ قبول ڪرڻ جي. ها، جي سچ پچ پڙهيل هجن ها، يورپ واري نشاط ثانيہ رينيسانس واري اقليت واري تحريڪ مان لنگهيل هجن ها يا عرب دنيا جي اخوان الصفا جي تحريڪ مان گذريل هجن ها، رازي، الڪندي، ابن طفيل يا بيروني جهڙو ماڻهو هجي تہ ڪو مسئلو ئي نہ هجي ها، ڇوتہ علم معنيٰ سچ... سچ... سچ جي سمجهہ جو اهو معيار هجي ها تہ نہ رڳو ماڻهو حقيقتون قبول ڪن ها، پر پٽو صاحب زنده هجي ها، پٽي صاحب کي اهي ڳالهيون ٻڌائجن ها، هن تي تنقيد ٿئي ها ۽ هو سمجهي ها، تہ اهو ڪجهہ نہ ٿئي ها يا مثال طور: بينظير صاحبہ آهي، ماڻهن کي ويهہ دفعا ٽڪيٽون ڏئي ٿي، اهي پڄي وڃن ٿا، پر جي ڪو ائين چويس تہ تو اهي بشني بشني ڪٽي گڏ ڪيا آهن، اهي وري پڄي ويندا، تنهنجي پاليسي فيل آهي، جي اهڙين حالتن ۾ وري حڪومت ملي تہ ڏهي پوندي، پر ڪو اها ڳالهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهي؟ سو هتي بنيادي ستاءَ ۾ مرض آهي، ان جو علاج ٽيڻ گهرجي. پيپلز پارٽيءَ جو اهو وڏو الميو آهي تہ اها وطن دوست ماڻهن کي پنهنجو دشمن سمجهي ٿي. ٻيو تضاد هي آهي تہ اهي اليڪشن ۽ جدوجهد ۾ Understanding پيدا نٿا ڪن. ماڻهو سمجهن ٿا تہ سڀ ڪم ڪرسي ڪندي. ون يونٽ جي دور ۾ اسان وٽ تہ ڪابہ ڪرسي ڪانہ هئي، پر اسٽريٽ پاور (Street Power) اسان وٽ هو، ماڻهو اسان وٽ هئا، هي حيدرآباد جو شهر اسان جو هو، جدوجهد هئي، پيپلز پارٽي اچي عوامي جدوجهد ختم ڪري ڇڏي، يعني عوامي جدوجهد براءِ اليڪشن. عوامي جدوجهد جو مطلب عوامي حق حاصل ڪرڻ، نہ اليڪشن ڪٽڻ؛ تہ جدوجهد ۽ اليڪشن ۾ توازن هجڻ گهرجي. تنهن ڪري پٽي صاحب جي تحريڪ اسان کي ڪٽمنڊا ڏنا. مون کي پٽي صاحب لاءِ بيحد احترام آهي. هن جون لک ڇڳائيون آهن، پر اهو پاسو ڳرو آهي ۽ ان جو ذڪر ئي نہ ٿيو آهي. پٽي صاحب جي تحريڪ يعني پيپلز پارٽيءَ جي نتيجي ۾ سنڌي ماڻهو زوال طرف وڌيا آهن. بينظير مون کان وڌيڪ ڪم ڪري ٿي، ان لاءِ هن کي سلام آهي. مان سندس ويڑهہ جي قوت تي عاشق آهيان. جي آءٌ ويڑهہ جي لحاظ کان ڪنهن کي سلام ڪريان ٿو تہ اهو پٽو ۽ ان جي ڏيءَ آهي، پر ويڑهہ ڇا لاءِ؟ تہ جيئن راڪاسن کي مضبوط ڪجي. اهي ڏاڙيل ۽ رهزن سياٽي چونڊجي ايندا، جيئي جيئي ڪري نچندا ۽ اهي سڀ ٽپڙ وري ڦرائي ايندا. اهي حڪومت ڪرڻ جي لائق ئي نہ آهن، اهي نااهل

آهن. اها ڳالهه ماڻهو اڳتي هلي سمجهندا ته پٽي صاحب جي سڃي تحريڪ جو ماحاصل سنڌي ماڻهن کي ڪٽمنڊا ڪارائي سندن تڏو وڪڙڻ هو. پٽي صاحب جي دور ۾ جيترو وڏيرو طاقتور ٿيو، اهو پنهنجي سڃي تاريخ ۾ نه ٿيو. اهو هن سڃي صورتحال جو هڪ پاسو آهي، ٻيو پاسو آهي سنڌو ديش جي تحريڪ. مون سڃي دنيا جي تاريخ پڙهي آهي، ڪنهن به ماڻهو سڃي تاريخ ۾ ان اعليٰ درجي جي قابليت، فنڪاري ۽ لياقت سان پنهنجي قوم کي تباهه نه ڪيو آهي جيترو جي- ايم سيد صاحب ڪيو آهي. مون اٺينس جي تاريخ پڙهي آ، يونان جي تاريخ پڙهي آهي، مون کي اهڙو ڪوبه قابل ماڻهو نه سجهي جيڪو جي- ايم سيد وانگر مسڪين ٿيو، اولياءُ به ٿيو ويٺو هجي ۽ پنهنجي قوم کي تباهه ڪرايو ويٺو هجي. پنهنجي قوم کي بهترين دماغن خلاف ڦريون ٻاريو، ماڻهو مارايو، ايڏو معصوم ٿيو ويٺو هجي. ايياز خلاف پنڊي ٻارايائين، منهنجي خلاف وٽ پڪڙ، يعني جنهن ماڻهو سسي ڪنئي، تنهن جي نڙيءَ تي لت ڏيو، ڪنڊ پيجيو، هيرو ۽ بزرگ ٿيو ويٺو هجي، اهو تاريخ جو وڏي ۾ وڏو معجزو آهي. پيٽان مارشل رڳو به- تي ڊينهن جرمنن سان گڏيو، تنهن کي گولي هڻي ڇڏيائون، پر هن کي سلام آهي، پنهنجي قوم کي تباهه ڪيائين ۽ روز تباهه ٿو ڪري. آڻ ٿو چوان ته قبلي سائينءَ جي اداڪاريءَ اڳيان دليپ ڪمار به ٻار آهي. جيئن شاعر چيو آهي:

دامن پہ کوئی داغ، نہ خنجر پہ کوئی چھینٹ،
تم قتل کرو ہو کہ کرامات کرو ہو۔

ته پنهنجي قوم کي نيست ۽ نابود ڪري، قدم قدم تي ان کي زخمي ڪري، پنهنجي سموري جاهه ۽ جلال سان ماڻهو مارايو، قتل ڪرايو، معصوم ٿيو ويٺو آهي. اڄ سائينءَ کي آڻ ڏسان ٿو ته منهنجي به دل ۾ عقيدت پيدا ٿيو وڃي. اها ڳالهه مون روءِ زمين جي تاريخ ۾ نه ڏٺي آهي. اها ڳالهه آڻ هن فورم ذريعي رڪارڊ تي آڻڻ چاهيان ٿو ته اسان جي هن تباهيءَ لاءِ جيڪو ذميوار آهي، اهو سائين جي- ايم سيد آهي. ممڪن آهي ته مان مري وڃان، پر اها ڳالهه مان رڪارڊ تي آڻڻ چاهيان ٿو. اها ڳالهه ٻيو سنڌ ۾ ڪو ڪندو ڪونه، ڇوته هتي اخلاقي جرئت ٿوري گهٽ آهي. جيڪڏهن سنڌ جي هن تباهيءَ جو بار ڪنهن هڪ شخص تي وجهجي ته اهو بار قبلي سائين جي- ايم سيد تي پوندو. برصغير ۾ اهڙو ڪو مثال ڪونهي ته ڪنهن قوم کي ائين تباهه ڪيو ويو هجي.

عبرت: توهان جي نظر ۾ ڇا سيد ائين شعوري طور ڪيو آهي؟

پليجو صاحب: شعور، لاشعور، تحت الشعور، جهالت يا ارادو، انهن جون ڏارائون پاڻ ۾ ملي وڃن ٿيون. ماڻهو جيڪو قتل ڪري ٿو، ڇا اهو ان وقت هوش ۾ هوندو آهي؟ دراصل اهو ان وقت هوش ۾ نه هوندو آهي. جڏهن ماڻهو ڪو ڪم ڪري

ٿو ته اها خبر نٿي پوي ته هن جو شعور کي پيو ڪري، هن جو لاشعور يا تحت الشعور کي پيو ڪري يا سندس ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ مليل جبلتون کي پيون ڪن، پر جي مون کان ڪو پڇي ته آءٌ اهو جواب ڏيان ته سائين اهو سڀ ڪجهه شعوري طور پيو ڪري. ان جي نفسيات هيءَ آهي ته "مون کي جيئن وٽي، تيئن ڪري ڇڏيان، پوءِ نتيجو ڪجهه به نڪري. فلاڻو مون کي ڪونه مجيندو؟ نه مجيندو ته سيکت ڏبس." ڏاهپ ڪري، هوشياري ڪري، دانائي ڪري، عياري ڪري، جڏهن ڪنهن کي ڪو پاور ملي وڃي ٿو ۽ ان کي خبر آ ته ان جي مون کي سزا ملندي ڪانه، ان حالت ۾ ان پاور جو جڏهن هو استعمال ڪري ٿو، تڏهن قدرتي طرح منجهس کي لياقتون پيدا ٿين ٿيون، ته جيئن کپي تيئن ڪري ڇڏجي. "جيڪو آءٌ چوان ٿو، بس اهو صحيح آهي. هن کي جرئت ڪيئن ٿي ته منهنجي انحرافي ٿو ڪري!" منهنجي خيال ۾ بنيادي محرڪ انتقام آهي. "پٽي جو دماغ خراب آهي! مون کي ليکين نٿا، انهن کي مان نيڪ ٿو ڪريان." هن کي خبر آهي ته سنڌي ماڻهن کي خبر پوندي ڪانه. ڪنهن مهل گانڌيءَ جو حوالو پيو ڏئي، صوفي ٽيو وينو آهي. هوڏانهن تعليمي ادارن ۾ ڪلاشنڪوف جا ڪڙڪا هئا، جانو آرائين سنڌو ديشي سورمو ٽيو وينو آهي. سائين اهنسائي ٽيو وينو آهي. اهڙو ڪو توهان ماڻهو ڏٺو جو گانڌيءَ جو به پوئلڳ آهي ۽ ڪلاشنڪوفون به هلن پيون. غالب چيو آهي:

اس سادگی پہ کیوں نہ مر جائے اسد،
کہ لڑتے ہیں اور ہاتھوں میں تلوار بھی نہیں۔

هيءَ ته سنڌ آهي نه! سائينءَ کي خبر آهي ته هتي ڪوبه حساب ڪتاب ڪونهي، ڪابه جزا سزا ناهي. ٻي مڪيه ڳالهه سنڌ جو وڏيرو آهي. سنڌ جي وڏيري جهڙو رهزن، قاتل ۽ پنهنجي وجود جو ويري، خود پنهنجي طبقاتي وجود جو ويري، مون ان جي استدڀي ڪئي آهي. توهان بلوچ ۽ پٺاڻ فيوڊل ڏسو، پر هي عجيب شيءِ آهي. هن جي دنيا ئي پنهنجي آهي. هن جو اوهان سان ڪوبه واسطو ناهي. وڏيرو ڪير به هجي، پيپلو هوندو ته به ناڪ وينو ڪندو، پ پ ٿوروئي ڇڏيندو. مون نصرت پٽو صاحبه وٽ ڏٺو ته راج ماڻهن جا وينا هئا ته ٽڪيٽ ڏئي، جڙ واپار پئي هليو. بينظير پٽو صاحبه به پهرين ته جاگيردار آهي نه! پوءِ سڀ ڪجهه آهي. مڊل ڪلاس جو ڪو ماڻهو ڪا ڳالهه چوندو ته ست سال ڪيس ناهيو وينو هوندي ته فلاڻي دفعي تو هيئن چو چيو؟ برهمڻن سان هڪڙا قانون آهن ۽ شودرن سان ٻيا قانون آهن. غريب کي پيار ڏبو ۽ ان تي حڪم هلائبو. وڏيري کي جيڪا رهزني ۽ سفاڪي من ۾ ايندي، هو ڪري ڇڏيندو. هو ان جي ڪابه پرواهه نه ڪندو. هن کي تاريخ جو شعور ته آهي ڪونه! ان ڪري هن کي سياڻي جي ڪابه پرواهه ڪانهي.

عبرت: جيئن توهان چيو ته سنڌي سماج مجموعي طرح زوال ڏانهن مائل

آهي، ان جا توهان ڪيترائي سبب ڄاڻايا آهن، خاص طور تي سنڌي سماج جي مروج قدرن ۽ نفسيات جي حوالي سان، جيڪا خود ان زوال جو بنيادي سبب آهي. توهان جي نظر ۾ ابتدائي طرح ڇا ٿو ڪري سگهجي؟

پليجو صاحب: سڀ کان پهرين ۽ بنيادي ڳالهه هيءَ آهي ته هر شيءِ کي واضح (Expose) ڪيو وڃي. سڄي دنيا جي جدوجهد جو هڪ مڃيل اصول آهي ته شين کي واضح ۽ چٽو (Expose) ڪيو وڃي. مثال طور: مڊل ڪلاس آهي. آءٌ چوان ٿو ته مڊل ڪلاس بلڪل وڏيري پڻيان آهي، ترقي پسندي ۽ قوم پرستيءَ جي ڳالهه ڪندي به هو بليڪ ميل ڪري ٿو. ٽڪي جي ڪسر نه آيس ته هو به جي- ايم سيد وانگر قوم کي تباهه ڪندي دير نه ڪندو. احتساب جو دور شروع ٿيڻ گهرجي. آءٌ توهان جو محاسبو ڪريان، توهان منهنجو احتساب ڪريو. اها روايت وجهڻ گهرجي. مثال طور: خود اسان جو عوام انتهائي رجعت پسندي ۽ جهالت جي حالت ۾ آهي. عوام بابت اهو غلط تصور جوڙيو ئي ان ڪري ويو آهي جو هو عوام کي ان جهالت واري حالت ۾ ئي ڏسڻ ۽ رکڻ چاهين ٿا. عوام... عوام... عوام... معنيٰ هو جاهل عوام گهرن ٿا، سوال پڇندڙ عوام نه کپي، عقل ۽ سمجهه وارو عوام نه گهرجي. هنن کي فقط ووٽ ڏيندڙ عوام گهرجي، ڍمي ۽ بيڪار ماڻهن کي تقريرن ۽ فوٽن محابي ووٽ ڏيندڙ عوام! هڪ حديث آهي ته مومن ساڳيءَ ٻر مان ڏهه ڀيرا نه ڏنگبو آهي. هنن کي عوام اهو گهرجي جنهن کي جي هي پنجاهه دفعا ڏنگين ته به اهو هنن جي پويان هجي. ان ڪري عوام قابل رحم به آهي ۽ قابل اصلاح به آهي. عوام ٻين وڏيرن کي ته ڪيرايو، پر جي ڪنهن ٽڪيٽي غدار وڏيري کي به عوام ڪيرائي ها ته ڳالهه ٻي ها، پر عوام مجرماڻي روش اختيار ڪري، ساڳين غدار وڏيرن کي ٽڪيٽ جي بنياد تي چونڊي، پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو. ان ڪري عوام ۽ مڊل ڪلاس جي صورتحال ۾ به ڦيرو اچڻ گهرجي، باقي جيستائين پٽي ۽ سيد جو تعلق آهي ته پٽي صاحب بابت منهنجي اها راءِ آهي ته هو بنيادي طرح ايماندار ماڻهو هو. جڏهن ته سيد اها سڄي تباهي ڄاڻي واڻي ڪئي آهي.

هن پنهنجي تڪبر، غرور، انتقامي طرح پاڻ کي مطلق العنان سمجهي، پنهنجين قوتن تي ناز ڪري، اهو سڄو ٻيڙو ٻوڙيو آهي. هن کي خبر آهي ته ماڻهو جاهل ۽ گڏهه آهن، آءٌ صوفين ۽ دانائن جا قول ٻول ماڻهن کي ٻڌائي، سندن جهالت ۽ سادگيءَ جو فائدو وٺي، انهن کي چرس ۽ ڀنگ پياري، بيوقوف بڻائي ويندس. پٽي صاحب ۽ بينظير صاحبه کي به خبر آهي ته تقريرون ڪبيون، نعرا هڻبا، نچبو، ماڻهن جي جذبن سان کيڏبو ۽ ساڻن ويساهه گهاتي ڪبي، پر ان جو ڪوبه حساب ڪتاب نه ٿيندو- ته وڏيرن جا اِهي به ڏڙا آهن. آءٌ چوان ٿو ته ڳالهايو وڃي، شين ۽ ڳالهين کي ظاهر (Expose) ڪيو وڃي، مصلحتن جا پردا چاڪ ڪيا وڃن، حقيقتون رڪارڊ تي آنديون وڃن. اها هڪ سياسي مافيا آهي، جنهن اصل ۾ هن مافيا کي جنم ڏنو آهي،

هٿي ڏني آهي. جي هيءَ مافيا سنڌ کي اندران کينسر وانگر کائي نہ ويني هجي ها تہ سنڌ جا هي حال نہ ٿين ها.

عبرت: پلا سنڌ ۾ ويجهي ماضيءَ ۾ جيڪا سياسي انارڪي ۽ ٽوڙ ڦوڙ (Disintegration) ٿي آهي، توهان ان کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

پليجو صاحب: هتي تي قوتون آهن: هڪ وڏيراشاهي هئي يا آهي، ان خلاف سياسي ميدان تي مڊل ڪلاس آيو، پر ان تي ڪميونسٽ پارٽي قبضو ڪري وئي. هاري تحريڪ تي ان جو اثر هو. سنڌي ادبي سنگت تي ان جو اثر هو. ڪميونسٽ پارٽي تمام وڏا مثبت (Positive) ڪم ڪيا. هيءَ جيڪا سجاڳي آئي آهي، ان ۾ ترقي پسند تحريڪ جو وڏو هٿ هو، جنهن کي هاڻي ايازِ دِس اون (Disown) پيو ڪري. اها تحريڪ نہ هجي ها تہ سنڌ وڏيڪ جهالت ۾ هجي ها. ترقي پسند تحريڪ جو سنڌ ۾ تمام وڏو ڪردار آهي، ان کي سمجهڻ گهرجي. ان اسان جو رابطو (Connection) دنيا سان ڪرايو. ڪيفي اعظمي، قرة العين حيدر جا ناول، جوش مليح آبادي جي شاعري، انهن وڏو ڪردار ادا ڪيو. ايازِ ٻين جي خوبين مڃڻ جي باري ۾ انتهائي قدامت پرست ۽ ڪنجوس آهي. جوش کي گهٽ ڏيکارڻ جهالت جي نشاني آهي.

بی خبر! تو ان خیالی دیوتاؤں کو نہ پوج!

غالب کان پوءِ اردو شاعريءَ ۾ پهريون انقلاب آڻيندڙ Break Through اقبال هو. هن غزل کي سياسي پيغام (Political Message) ڏنو ۽ اقبال کان پوءِ اردو شاعريءَ جو پيو وڏو Break Through جوش هو. جوش غزل ۾ ان سياسي پيغام (Political Message) کي ساڃي کان ڪاپي طرف آندو، تہ ان طرح سان جوش جهڙي ماڻهوءَ کي Reject ڪرڻ مناسب نہ ٿيندو. ان لاءِ ڄاڻ ضروري آهي، جيڪا ايازِ کي ڪانهي. ايازِ کي رڳو پنهنجي شاعريءَ جي ڄاڻ آهي، الائجي ڪهڙيون فضول ڳالهيون پيو ڪري. شين ۾ پنهنجي ابتڙ ۾ تبديل ٿيڻ جو رجحان فطري آهي، جيئن جي- ايم سيد چالاڪ ماڻهو هو، استاد ماڻهو هو ۽ وڏو پڙهيل هو، پر هن پنهنجي سموري قابليت ناجائز مقصدن لاءِ استعمال ڪئي. الاهي ڇگا ڪم ڪري، پوءِ ان جو غلط استعمال. جي- ايم سيد نهايت سٺا ۽ وڏا ڪم ٻہ ڪيا، جيئن "مسلم ليگ جي مخالفت ڇو" جهڙو ڪتاب يا "پيغامِ لطيف" جهڙو شاندار ڪتاب آهي. گربخشاڻيءَ کان پوءِ لطيف جي شرح جي سلسلي ۾ وڏي ۾ وڏو ڪردار جي- ايم سيد جو آهي. ان دور ۾ ڪنهن کي اهڙي جرئت هئي جو اهڙو ڪتاب لکي تہ "مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟" ان کي پوءِ Disown ڪيائين، جيئن هينئر ايازِ پيو پاڻ کي Disown ڪري، تہ اهي سڀ چگائيون هيون، پر انهن کي غلط ڪمن لاءِ ڪَور (Cover) طور استعمال ڪيو ويو، جيئن ڪو ماڻهو پنج سال جيل ڪاٽي، پوءِ پوليس جو ٽائوٽ ٿي وڃي. ڪجهہ چگن ڪمن ڪري سندن وڏيرپ کي ٻہ جسٽيفاءِ (Justify) ڪبو ڇا؟ تہ مون ڳالهہ پئي ڪئي ترقي پسند تحريڪ جي، پوءِ ان کي هڪ مافيا ۾ تبديل ڪيو ويو. سنڌ جي مڊل ڪلاس تي ڦري

ٽيو قبضو يو- پي (U.P) جي ماڻهن جو. حالت اهائي جو جڏ اهو طئي ٿي ويو ته ڪم جا ماڻهو نه ڪٽبا، حيدر بخش جتوئيءَ کي نه ڪٽبو. ٽائوٽ ٽائوٽ ۽ بي مغز ماڻهو ڪٽبا. هاڻي جيڪي درگاهن تي پيا آهن، اهي ڏمي ماڻهو ڪنيا ويا. جيئن انگريز بهادر اڳ باز ماڻهن کي ڪٽندو هو. پوليس جي ٽائوٽ خسيس وڏيري کي خان بهادر جو لقب ڏيندو هو. مغلن وٽ صوبيدار گورنر هوندو هو، هنن صوبيدار جو نالو رکيو اي- ايس- آءِ. ائين لفظن ۽ نالن کي بي قدر (Devalue) ڪيو ويو، تيئن هنن به بازاري ۽ ردي ماڻهن ۾ هوا ڀري، کين پڇ ٻڌي مهري بڻايو. لفظن ۽ نالن جو تقدس، احترام ۽ معيار ئي وڃائي ڇڏيائون. ترقي پسند تحريڪ کي تارپيڊو انهن ڪيو. اهي نظرياتي دهشتگرد هئا. اها مافيا ايجاد ٿي. جنهن به ماڻهوءَ علم جي ڳالهه ٿي ڪئي، ان خلاف آمريڪا سامراج جي ايجنٽ هئڻ جا الزام هڻي، ڦشري ڀاريائون. اهي ڀهريان نظرياتي دهشتگرد هئا. هيءَ جيڪا ايم- ڪيو- ايم جي دهشتگردي آهي، ان جا نظرياتي بنياد وجهندڙ ڀهريان دهشتگرد هي هئا. هنن به وڏيرن جي پالتو غنڊن وانگر زبان دراز پالتو غنڊن جي فوج رکي، ته جيڪو به علم جي ڳالهه ڪري، ان جي ڏاڙهي پٽيو، ان کي خوار ڪريو. جي جامي ڪا ڪم جي ڳالهه ڪري ته هن خلاف ڦشري ڀاري ڏجي ته جامي ايجنٽ آهي، جامي بدمعاش آهي، ونوس... ونوس! سڄو ڏينهن ماسڪو، ماسڪو ۽ ماسڪو جي ٻيڙي به هنن ٻوڙي. آڳ ماسڪو ويو آهيان، سڄو فراڊ ڪري ڪوڙيون رپورٽون موڪليائون ته انقلاب پيو اچي. ترقي پسند تحريڪ جهڙي شاندار تحريڪ ۾ ائين زهر ملائي، ان تي ناجائز قبضو ڪري، ان کي مظلوم قومن خلاف استعمال ڪيائون. پوءِ وري قومپرستي آئي. قوم پرستيءَ جي ڳالهه جويي صاحب به ڪئي. جي- ايم سيد جو بنيادي طرح ان ۾ وڏو ڪردار (Contribution) آهي، پر ان کي سائنسي انداز ۾، جديد دور ۽ عالمي جمهوري تحريڪ سان هم آهنگ مون ڪيو. ان جا جديد سائنسي بنياد مون رکيا، پر جي- ايم سيد صاحب ون يونٽ جي تحريڪ ۽ جدوجهد جا سڄا ثمر ۽ ميوا وڏيرن جي جهوليءَ ۾ اڇلي ڇڏيا. هينئر ظلم ته اهو آهي ته جن ماڻهن چوٽين مارچ جي تحريڪ کي تارپيڊو ڪيو، اهي ان جا هيرا ٽيا پيا هلن. مسعود نوراني تازو ان بابت ڳالهايو آهي، پر سيني کي ڳالهائڻ گهرجي ۽ حقيقتون رڪارڊ تي آڻڻ گهرجن. جن ون يونٽ جي تحريڪ جي پٺ ۾ خنجر هنيا، اهي هيرا ٽيو پيا هلن. آڳ بار بار اهو ٽو چوان ته سچ ڳالهائڻ جي روايت وڏي وڃي ۽ حقيقتن کي جرئت ۽ ايمانداريءَ سان پڌرو ڪيو وڃي. چوٽين مارچ جي تحريڪ جي حمايت سبب مون تي ڪامريڊ ڪيس ناهي آيا. آڳ تنهن وقت حيدرآباد نعپ جو صدر هئس. محمود الحق عثماني جنرل سيڪريٽري هو، تنهن جي سامهون مون خلاف به جڏا شاهد ڪري ٻيهاريائون، اهي اڄ به جيئرا آهن ۽ سورما ٽيو پيا هلن. محمود الحق عثماني مون کي چيو ته تو تي هي الزام آهن، مون اتي جو اتي پنو ڪٽي استعيفيٰ لکي ڏني ۽ چيو ته چوٽين مارچ جي تحريڪ صحيح

آهي ۽ اها جاري رهڻ گهرجي. اوهان وڏيرا ڏٺا هوندا، منهنجو نالو رسول بخش پليجو آهي. مون کي توهان جو عهدو نه گهرجي. ڳالهيون رڪارڊ تي ته آڻيو ته ڪنهن ڇا ڇا ڪيو، ڪنهن قوم سان وفاداري ۽ ڪنهن غداري ڪئي. ٻوليءَ واري تحريڪ ۾ مون کي ممتاز پٽي جيل ۾ وجهي ڇڏيو. يوسف ٽالپر کي ڪوهه مريءَ جي سير لاءِ ڏياري موڪلياٽين. آءٌ بيمار هئس، مون کي اسپتال نه موڪلياٽين. نواب مظفر کي ٽاٽي ٻولا خان جي ريسٽ هائوس ۾ ڏياري موڪلياٽين. هاٽي اهو ٽيو ڏهيسر. اسان سنڌي ٻولي ۽ ماڻهن جي ڳالهه ڪئي، ان ڏوهه ۾ ڏهيسر صاحب مون کي چار مهينا بند ڪري ڇڏيو ۽ هي سيپ ريسٽ هائوس ۾ وينا هئا. اهو قومي ڪردار هو انهن ڏهيسرن جو! وڏيرا سڄو ڏينهن فراڊ ٽا ڪن، ان فراڊ ۽ نڪيءَ تي لکڻ گهرجي. جيسين اهو ڪوڙ ۽ فراڊ بند نه ٿيندو، تيسين ڪو چاڙهو نه ٿيندو. جيڪو بچائي اهو به گڏ ۽ جيڪو ماري اهو به گڏ. ڇا نه ڪيو انهن ماڻهن پنهنجي دور حڪومت ۾! سندن دور ۾ سنڌي ماڻهن مٿان ڪهڙيون ڪربلائون ڪيرايون ويون، ڪو حساب ڪتاب ته ونئي! گذريل هنگامن ۾ پيپلز پارٽيءَ جي وزيرن جو ڪردار ڇا هو؟ ڇا نه ڪيو انهن دهشتگردن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ! ايم- ڪيو- ايم سان سازباز ڪري سمورو سياسي اقتدار دهشتگردن حوالي ڪري ڇڏيائون. ان تي ڪنهن ماڻهوءَ لکيو آهي؟ ڪو ڳالهه ڪرڻ لاءِ تيار آهي؟

عبرت: توهان سنڌي وڏيري جي طبقاتي ڪردار تي ڳالهايو آهي، پر سنڌ جي مڊل ڪلاس جي سياسي ڪردار جي چنڊچاڻ ۾ ٿيڻ گهرجي، خاص طور تي گذريل ٽن ڏهاڪن جي سياسي پس منظر ۾.

پليجو صاحب: مڊل ڪلاس کي ڪرپٽ ڪيو ويو، يو- پي جي جاگيردار وٽ جيڪو سياسي طرح سازشي مال هو، هڪڙي لکنوي، دهلوي، سازشي، فتنه گر مافيا هئي، جنهن اهو ڪم ڪيو، يعني پاڻ پاڻ جي خلاف سازش ۾ مصروف- اسهپ. جيڪڏهن جامي ۽ سنا مضمون لکيا ته ان تي سڙي وڃبو، پوءِ ان خلاف سازشون ڪبيون. "وڏيرو ۽ جاگيردار ته پنهنجو آقا آهي، اهو جيڪي وٽيس سو ڪري، پر جاميءَ کي برداشت نه ڪبو. اهو اسان جي ڪلاس جو آهي، پوءِ ۽ معتبر ٿيو مٽي ڇو وينو آهي؟" مڊل ڪلاس جي اها نفسيات پيدا ٿي، جنهن خود مڊل ڪلاس کي اُسرڻ نه ڏنو.

عبرت: اِهي ته ان جا سياسي پاسا ٿيا، پر سماجي ۽ اقتصادي سبب؟

پليجو صاحب: مڊل ڪلاس ڀهراڙين ۾ گهٽ ٿيندو آهي، اهو شهرن مان اُسرندو آهي. هتي اسان جا شهر ورهاڱي کان اڳ هندن وٽ هئا، پر ورهاڱي کان پوءِ اهي پناهگيرن حوالي ٿي ويا. انهن سنڌي مڊل ڪلاس کي شهرن ۾ اچڻ ئي نه ڏنو. وڏيرن ۽ مختيارڪارن معرفت قانوني دهشتگردي ذريعي هنن مڊل ڪلاس کي سنڌ ۾ اُسرڻ نه ڏنو. ٻيو ته سنڌي ماڻهو محنت نٿو ڪرڻ چاهي، اهو مفت جي مال تي هريل آهي. اچو ته پنهنجي اها ڪمزوري قبول ڪريون. هڪڙيون خارجي حالتون هيون، ٻيو ته اسان ۾

اندروني طرح حال ڪونہ هو. اسان جي ڪم جي اخلاقيات آهي؟ اسان جو شاگرد پڙهڻ چاهي ٿو؟ پاڻ ڪوڙيون مارڪون ونڻي اڳتي وڌڻ ٿا چاهيون ۽ اها ڪوڙين مارڪن واري فلم اسان جي ڳچيءَ ۾ قبلي سائين جي- ايم سيد پنهنجن نام نهاد سورمن هٿان وجهرائي. جي- ايم سيد تاريخ جو وڏو مجرم ئي ان ڪري آهي جو هن هڪ بوگس نعري جي آڙ ۾ پنهنجن غندن جي فوج هٿان سنڌ جي تعليم جو قتل ڪرايو. هڪڙو پاسو اِهو آهي، پر شاگرد خود بہ ڪرپٽ ٿيل آهي. اهو محنت نٿو ڪرڻ چاهي، ان ۾ اها خامي ناهي تہ ڪوڙين مارڪن تي پاس ٿجي؟ اخلاقي طرح اڌ مارڪ بہ ڪوڙي ونڻ بي غيرتي آهي. هڪڙو ذهني طرح ڪرپٽ نسل پيدا ٿيو. ٻيو تہ مون کي جي جاميءَ سان دشمني آهي تہ هن خلاف ڪوڙ لکان، اها قلم جي توهين ۽ ڪرپشن ناهي؟ قلم جي بہ هڪ غيرت ٿيندي آهي. ايازهينئر ڪيتريون ڳالهيون اهڙيون ڪيون آهن جو مون کي تہ پڙهي شرم ٿو اچي. ايازجهڙو ماڻهو هينئر ڇا وينو ڳالهائي؟ اسان جي وڏن وڏن ماڻهن نقصان ڏنو آهي. پٽو صاحب آيو. اسان کي اڪيلو ڪري ڇڏيائين، جي- ايم سيد صاحب، خدا پناهہ ڏي! باقي رهيو ايازاهو بہ الائجي ڪهڙيون خبرون پيو ڪري. "پيو آهين پٽن ۾ عالمن جا ابا! تو جي ٽنگون ٽيڙيون تہ بندا ڪيئن ڪندا!" پٽي صاحب جي تہ سياست ئي غلط هئي. قومي مسئلي کي نظرانداز ڪرڻ، استيٽ کي سپ ڪجهہ سمجهڻ ۽ عوام کي ڪجهہ بہ نہ سمجهڻ، اها نظرياتي طرح ڳالهہ ئي غلط هئي. هاڻي هنن تن وڏن ماڻهن اسان کي اڪيلو ڪري مارايو. قبلي سائينءَ جون مهربانيون وساريو جوڳيون ناهن ۽ هاڻي وري هي ايازپيدا ٿيو آ. پلا جي اهي سپ ڳالهيون ڪندي اسان پٽي صاحب ۽ جي- ايم سيد جي چگاڻين ۽ وڏائين کي نہ مڃون تہ اها بي ايماني نہ ٿيندي؟ ايازجهڙي چگي شاعر لاءِ چئون تہ سندس شاعري گهٽ آهي تہ اهو مناسب ٿيندو؟ پوئين دور جي شاعريءَ بابت آءٌ نٿو چوان، اها تمام ناقص آهي، اها تمام چسي آهي ۽ ان ۾ تمام خطرناڪ لاڙا آهن، پڙهي لڳي ئي نٿو تہ اها ڪو ايازجي شاعري آهي. ايازشاندار آهي، فخر آهي، عظمت آهي، يعني ماڻهو ويهہ جنم ونڻي اچي تہ بہ (جيڪر) ايازنہ ٿئي. ان ڪري شين جي صحيح تور ٿيڻ گهرجي، اها ذهني ڪرپشن ختم ٿيڻ گهرجي، قلم جي وڏيرپ، تقرير جي وڏيرپ، پنهنجن سنن علمن جي وڏيرپ، اها نہ ٿيڻ گهرجي؟ ڪهڙي بہ چگي شيءِ جو استعمال غلط آهي؟

عبرت: سنڌ ۾ نظرياتي حوالي سان اوهان هڪ مڪير ڏارا رهيا آهيو. اوهان اڳ سياسي حوالي سان نظرياتي طرح سنڌ ۾ قومي عوامي جمهوري انقلاب جي ڳالهہ ڪندا هئا، هينئر عالمي سياسي ۽ نظرياتي تبديلين جي پس منظر ۾ اوهان سنڌ اندر ڪهڙي نظرياتي ڳالهہ ڪريو ٿا؟

پليجو صاحب: مون اڳي هڪڙي هنڌ لکيو آهي تہ جي ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي زندگيءَ جي آخري گهڙين ۾ خبر پوي تہ هن جن مقصدن ۽ ويچارن تحت

پنهنجي زندگي گذاري، اهي سڀ فضول ۽ بکواس هئا. جي اهو اهل علم ۽ سچ جو پرستار آهي تہ هن کي اهو اعلان ڪري مرڻ گهرجي تہ مون جيڪا زندگي گذاري، اها سڀ بکواس هئي. فرض ڪريو تہ جي آڻ سمجهان ٿو تہ سوشلزم ۽ قومي عوامي جمهوري جدوجهد سڀ بکواس هئي ۽ اهو اعلان نٿو ڪريان تہ آڻ پنهنجين نظرن ۾ ڪِري پوندس. جي هاڻي آڻ نٿو چوان تہ ظاهر آهي تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ آڻ ائين نٿو سمجهان. آڻ پنهنجن آدرشن تي ايجان بہ ساڳيءَ طرح قائم آهيان ۽ اها ڪا جاهلاڻي ۽ جٽاڻي هوڏ ناهي، پر علمي طرح بہ آڻ ائين سمجهان ٿو. اها تہ ايراڻ جي ڪمزوري آهي تہ وقتي وهڪرن ۾ لڙهي وڃجي. ايراڻ ۾ شروع کان اها عادت رهي آهي. جڏهن ضياءُ هو تہ ضياءَ جي پوڄا ڪندو هو. مون کي چوندو هو تہ پٽي کي ڦاسي ضرور ملندي. فاتحانہ انداز ۾ پيو خبرون ڪندو هو. هاڻي وري پٽي جو پرستار ٿيو وينو آهي. جي- ايم سيد جي ڀگالهہ آهي تہ پٽي جي ڦاسيءَ ڏيري آڻ وٽس ويس تہ سائين! مون مينگل سان ڀگالهايو آهي، بگٽي ۽ مريءَ سان ڀگالهايون ٿا، اوهان بہ گڏجو تہ پٽي کي بچائجي، پر سيد سڳوري سخت انتقامي جذبي سان مون کي چيو تہ پٽي کي ڦاسي ايندي ۽ اچڻ گهرجي، مون پاڻ جنرلن سان ڀگالهايو آهي. سنڌين جي ازلي بدقسمتي آهي تہ اهڙا ماڻهو وينا آهن، تہ هن سڄي ڀگالهہ کي ان Context ۾ ڏسڻ گهرجي. اسان جا آدرش بي معنيٰ نہ ٿيا آهن. هي تاريخ جو معاملو آهي. اسان جي آدرشن جي عمر هزارين سال آهي. اهي وقتي برائين سان بي معنيٰ ٿي نہ ٿا سگهن. ائين سمجهڻ جهالت آهي. آڻ اڄ بہ پنهنجن آدرشن سان بي انتها پيار ڪريان ٿو. منهنجو اڄ قومي عوامي جمهوري جدوجهد تي ويساهہ آهي. آڻ اڄ بہ هر قسم جي ظلم، ڏاڍ ۽ سامراجيت کي غلط سمجهان ٿو ۽ ان خلاف اورچ ويڙهہ کي ايمان سڏيان ٿو. مان تاريخ جو شاگرد آهيان. مون کي اهي وقتي هوائون نہ ٿيون لوڏي سگهن. حالتون اهڙيون آهن جو آڻ سنڌ کي وڏائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ جي ڀگالهہ بہ نہ ٿو ڪريان. آڻ سنڌ کي بچائڻ جي ڀگالهہ ڪريان ٿو. جيئن ويتنامين ڏڪار کان بچڻ جي ڀگالهہ ڪئي. هينئر سنڌ کي بچائڻ جي نعري ڏيڻ جي ضرورت آهي، پر هينئر اسان جا ڪجهہ ماڻهو اردوداڻن سان جيڪو معاهدو ڪري آيا آهن، ان ۾ تہ سنڌين کي پٽيوالي بہ ڪانہ ملندي. هي تہ سڀ ٽپڙ ڦٻائي ويندا. جويي صاحب وارا الاڻجي ڇا ڇا لکي ڏئي آيا آهن، هي تہ ويچارا سادا آهن. اهو تہ ائين ٿيو جو جيئن آڻ وڃي ڀگالهايان تہ سکر جي پل ڪيئن ٽهندي! اهو تہ منهنجو سبجيڪٽ ناهي. تيئن هنن کي Politics (سياست) جي ڪهڙي خبر؟ هنن جو واسطو ڪهڙو انهن نازڪ معاملن ۾ ٽنگ اڙائڻ جو؟ ان تي لکڻ گهرجي.

عبرت: توهان هينئر تازو سنڌي ۽ اردو دانشورن پاران ظاهر ڪيل پڌرنامي جي حوالي سان ڀگالهہ ڪئي، ان تي توهان جو ڇا رايو آهي؟

پليجو صاحب: مون اصل تہ پڙهيو ڪونهي، پنجاهہ دفعا چيم تہ اصل ڊرافٽ ڏيو

پر مليو ڪونہ. سنڌ ۾ وري انگريزيءَ جو جيڪو ترجمو ڪن ٿا، ان کان تہ خدا پناھ ڏي. اھا انگريزن جي دل ۽ جان آھي جو ھڻڻا ترجما برداشت ڪريو وڃن. مان اصل ڊرافٽ پڙھان، پوءِ ان تي لکندس، باقي جيڪي بہ- تي ڳالھيون ڪري آيا آھن، سي تہ بلڪل نقصانڪار آھن. ڪجھ ڳالھيون چڱيون آھن. اڳي تہ سٽڻ لاھيو ڏيو ايندا ھئا، ھن پيري ڪجھ محتاط ٻولي آھي، پر ھن پيري اڳ جي پيٽ ۾ ڪجھ مثبت عنصر آھن. جويو صاحب يا نورالھدىٰ شاھ اسان جي اجتماعي ضمير جي ترجماني ڪن ٿا، ان جو احترام پنھنجي جاءِ تي، پر اھو ھتي جو موضوع ناھي. ھن موقعي تي ھڪ بي ڳالھ جي وضاحت ڪندس تہ ڪٽي منھنجي حوالي سان جويي صاحب جي باري ۾ اھو ڇپجي ويو آھي تہ جويو صاحب بيوقوف ماڻھو آھي. آڱ اھي لفظ واپس ٿو ونان. جويو صاحب مون لاءِ نھايت محترم آھي. مان "عبرت" فورم جي توسط سان ان جي تصحيح ڪرڻ چاھيان ٿو. ان لاءِ جويي صاحب سان انتھائي معذرت ڪريان ٿو. باقي ان ڊرافٽ کي آڱ پڙھي پوءِ ڳالھائيندس.

عبرت: يعني توھان جو چوڻ آھي تہ اھي بنيادي طور ادبي دانشور ماڻھو آھن ۽ انھن جو ھنن حساس سياسي معاملن بابت ائين ڪردار ادا ڪرڻ مناسب ناھي؟

پليجو صاحب: منھنجو خيال آھي تہ نورالھدىٰ شاھ جھڻڻا ماڻھو پاڻ وٽ سنڌ ۾ تمام ٿورا آھن. جيڪڏھن عورتون مون سان جھيڙو نہ ڪن تہ آڱ جيڪر ائين چوان تہ ھوءَ مڙس ماڻھو آھي. مون ڏٺو آھي تہ ھن ۾ سھپ آھي ۽ شين کي بحث ھيٺ آڻڻ چاھي ٿي، پوءِ ان ۾ ڪيترو ڪامياب وڃي ٿي، اھا بي ڳالھ آھي، پر اھا خوبي منجھس آھي. ھن کي توھان چئو تہ تون ھن ڳالھ ۾ غلط آھين تہ ان کي مائينڊ نہ ڪندي. اھا وڏي ڳالھ آھي. اھا روايت اڳي ادبي سنگت ۾ ھوندي ھئي. ڪنھن کي چئبو ھو تہ تنھنجي ڪھاڻيءَ ۾ ڪجھ ڪونھي، ٽڪو نہ لھي، تہ ھو دل ۾ نہ ڪندو ھو. آڱ ايياز کي چوندو ھوس تہ تون اجايو ھنديءَ جو استعمال گھٽو ٿو ڪرين، اھو غلط آھي، تہ ھو ڪڏھن بہ دل ۾ نہ ڪندو ھو. ھاڻي اھا روايت نہ رھي آھي. ھاڻي جيڪي اھڻا ماڻھو آھن، جيڪي نيڪ نيتيءَ سان چاھين ٿا تہ شين کي بحث ھيٺ آندو وڃي، انھن ۾ سرِفھرست نورالھدىٰ شاھ آھي، باقي توھان جي ڳالھ صحيح آھي. نورالھدىٰ شاھ ۽ ٻيا انھن مسئلن جي سمورن پاسن کي ان گھرائيءَ سان سمجھن، ائين ناھي. ھر ڪنھن جو پنھنجو سبجيڪٽ آھي، ھر شيءِ کي رومانوي ۽ خيالي طرح نہ ڏسڻ گھرجي. ھاڻي حالت اھا آھي جو توھان چئو تہ آلجبرا جو وڏو ماھر اھو آھي جيڪو رات جي اونداھن تارن ھيٺ وينو آھي ۽ ٽڏڙي ھير پئي گھُلي ۽ الجبرا پئي لکجي. شاعري ۽ ادب لطيف تي تنقيد لاءِ ناجائز طرح استعمال ڪرڻ زھرِ قاتل آھي. ھر شيءِ جا پنھنجا بنياد آھن ۽ پنھنجون حدبنديون آھن. ھاڻي جيئن ايياز آھي، شاعر وڏو آھي، ان جو مطلب اھو ٿيو ڇا تہ ھو سوشلزم جو ماھر ٿيو ان بابت

فتوائون وينو ڏئي؟ ايازجيڪي ان حوالي سان مضمون لکيا آهن ("ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" ۾) اهي تہ بلڪل ٻاراڻا آهن. جيئن اڳي لکبو هو: "چانڊوڪيءَ رات ۾ باغ جو سير." هاڻي هو اهڙي قسم جا ٻاراڻا مضمون لکي، پاڻ کي سوشلزم جو وڏو ماهر ٿو ثابت ڪري، اها تہ کل جهڙي ڳالهہ آهي. شاعر زبردست آهي، ان ۾ ڪو شڪ ناهي. باقي هاڻي تہ شاعري بہ بيڪار پيو ڪري، مون کي پڙهي سخت حيرت ٿي. ڪٽي ڪٽي تہ ان ۾ شعريت ئي ڪانهي. پنهنجي نفي وينو ڪري. الائي ڪنهن هن کي اهو ٻڌايو آهي تہ جيترو گهٽو لکندين اوترو وڌو ماڻهو ٿيندين. پنهنجي سڃي اميج جي ٻيڙي وينو ٻوڙي.

عبرت: وري سياسي معاملن تي ٿا اچون. عوامي تحريڪ پاڪستان ۾ قومي سياست جي حوالي سان هڪ تجربو ڪيو، جو ان کي ملڪ جي جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند قوتن سان سلهاڙيو. ان جا سياسي طرح ڪيترا فائدا بہ ٿيا پر هينئر اها Equation **ٽُٽي چڪي آهي. اوهان وري عملي طور سنڌ سطح جي سياست ڪري رهيا آهيو. اهو تجربو سياسي طرح ڪيئن رهيو ۽ ان جي** Equation **ٽُٽڻ جا مکيہ سبب ڪهڙا آهن؟**

پليجو صاحب: ترقي پسند جي نالي ۾ هيءَ جيڪا مافيا هئي، ان ۾ هڪ گروهہ هو، جنهن کي آءٌ هٿوڙا گروپ سڏيندو آهيان، جنهن سياسي پارٽين ۾ ٽوڙ ڦوڙ پيدا ڪئي. لينن چيو آهي تہ هڪڙا دور ايندا آهن، جڏهن تجربا ٿيندا آهن ۽ پوءِ هڪڙو دؤر ايندو آهي انهن تجربن کي هضم ڪرڻ جو. هي پنهنجو جيڪو Post Soviet دور آهي، جيڪو سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ آيو آهي، ان کي سنڌي قوم توڙي سڃي پاڪستان جون ترقي پسند قوتون اڃا هضم نہ ڪري سگهيون آهن. چهاڙڻ جي ڪوشش ڪن پيون پر اڃا هضم نہ ڪري سگهيون آهن. توهان ڏٺو تہ منٽو ۽ معراج هڪڙي پارٽيءَ ۾ گڏ هئا. منٽو بنيادي طرح هڪڙو ايماندار ماڻهو آهي، منافق قسم جو ماڻهو ناهي، سڏي ڳالهہ ڪرڻ وارو ماڻهو آهي، ان کي هيءَ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ وينی. هاڻي هو الڳ ٿي ويا آهن. ڳالهہ آهي تجربي کي هضم ڪرڻ جي، شين کي في الحال ڇڏي ڏيو، هن دور کي في الحال ڇڏي ڏيو تہ اهو پنهنجا نتيجا ڏيي، اسان پنهنجو موقف رکي ڇڏيو آهي، اسان سڃي پاڪستان جي جمهوريت پسند قوتن کي چئي ڇڏيو آهي تہ بابا جيڪا سياست توهان پيا ڪريو، تنهن ۾ توهان اڪيلائيءَ جو شڪار ٿيندا. اڳي تہ هنن جا رَويا ئي غلط هئا.

لفظن ۾ سنڌ مٽان سئو پيرا قربان ۽ عملي طور پاليسيون اهڙيون اختيار ڪبيون جيڪي سنڌ خلاف هجن. ايم- ڪيو- ايم وارا جسماني دهشتگردي ڪن ٿا، هي نظرياتي دهشتگرد آهن. ايم- ڪيو- ايم وارا بہ هنن نظرياتي دهشتگردن جو اولاد آهن. اسان اڄ بہ پنهنجي موقف تي قائم ۽ واضح آهيون، پلي هي دور پنهنجا نتيجا ڏيي ۽ ماڻهو ڳالهہ هضم ڪري سگهن. اسان پوئتي نہ هٽيا آهيون. هڪڙي

چوڪري کي چيائون تہ "تون اڳ روئين پيو، هاڻي روئي روئي ٽڪجي پئين نہ." چوڪري چيو، "بس ڪٽي ڪئي اٿم! سنگھ ڪيان، ٿورو ساھ پَٽيان، پوءِ وري ٿو روئڻ شروع ڪريان!" اسين بہ ٿورا تازا توانا ٿيون، پوءِ وري شروع ڪبو. رڳو پاڪستان ڇو، پاڻ ايجا ٻاھر ويندا سون ايشيا سطح تي. هينئر ڪجھ ڏينھن ۾ آمريڪا، برطانيا ويندس، شايد فرانس بہ وڃجي، اتي ھمراھن کان حال احوال ونبا، ڇا پيو سوچجي ۽ ٿئي، ان جي خبرچار ونبي. آءٌ ڏکڻ ايشيا جي دوري تي بہ ويندس، بنگلاديش، سريلنڪا، انڊيا وغيره. منيلا ۽ جاپان وڃڻ جو بہ خيال اٿم. اڳي ٿائيليند ۾ وڳوڙن سبب ويتنام ويندي ويندي رهجي ويس، هاڻي اوڏانھن وڃبو. سڃي سنگت سان ملبو ۽ حال احوال ونبا. پاڻ بيھوش ناھيون ٿيا. جھالت ماڻھن کي بيھوش ڪري ٿي.

عبرت: ھڪڙي ترقي پسند دانشور جي حيثيت ۾ توھان عالمي طور سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ سوشلزم جي حوالي سان آيل تبديلين کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

پليجو صاحب: مان ككر ۾ ڪڙو ھڻان!؟

عبرت: ضرور!

پليجو صاحب: حضور ﷺ جن جي جيڪا سياست آھي، ان جو ھڪڙو پاسو تہ ديني آھي، پر ٻيو پاسو سياسي آھي. حضور صلعم جن رڳو رحمت المسلمين ڪونہ ھئا پر رحمت العالمين ھئا. خدا بہ رڳو مسلمانن جو خدا نہ آھي، پر سڃي جھان جو الله آھي. ٻلا ڪارلائل يا ٻيا ڪيترائي ماڻھو حضور جن جا مداح ھئا پر اھي مسلمان تہ ڪونہ ھئا، پوءِ ائين ڇو ھو؟ ڪارلائل تہ عيسائي ھو ۽ ھو جي حضور جن کي پيغمبر سمجھي ھا تہ مسلمان ٿي وڃي ھا. جي ائين ھجي ھا تہ ھو يڪدم مسلمان ٿي وڃي ھا. پوءِ ڪھڙي ڳالھ ھئي جنھن کان ھو متاثر ھو؟ حضور جن جي جيڪا عالمي تاريخ ۾ حيثيت آھي يا انسانذات جي مجموعي ترقيءَ واري تحريڪ ۾ جيڪو سندن ڪردار ھو، ان کان متاثر ھو ۽ اسلام تي ايمان نہ آڻيندي بہ حضور جن جو زبردست مداح ھو. ٻلا پاڻ گانڌيءَ کان ڇو متاثر آھيون؟ ھو تہ ھندو ھو ۽ سڃو ڏينھن "ھندو! ھندو!" وينو ڪندو ھو. ٻلا آئن استائن مسلمان ھو ڇا؟ ان ڪري حضور جن جي جيڪا جمھوري تحريڪ ھئي، ماڻھو تاريخي طور ان کان متاثر آھن. ٻلا ھڪڙو ٻيو سوال آھي تہ سندن اھا تحريڪ گھڻو وقت ھلي؟

عبرت: لڳ ڀڳ مني صدي.

پليجو صاحب: مني صدي ڪٽي! عمر بن عبدالعزيز تائين اھو لڳ ڀڳ چاليھن سالن جو دور آھي ۽ گذريل چوڏھن سئو سالن ۾ حضور جن جي جمھوري تحريڪ جي اصل عمر اھا چاليھ سال رھي، پوءِ جيڪي مسلمان بادشاھ ۽ حاڪم آيا آھن، اھي حضور جن جي سياسي رستي تي ھليا ڇا؟ اھو نظام ھاڻي آھي؟ ظاھر آھي تہ ڪونھي. تاريخ ۾ ان جي اڄ بہ حيثيت آھي، ان جي خوشبو نہ وئي آھي ۽ ان جا فڪر

ڪونہ مڻا آهن. تيئن جيڪي وڏيون تحريڪون هيون، هڪڙي دور کان پوءِ انهن جو زوال اچڻ شروع ٿيو. فرينچ انقلاب جا آدرش گهڻا ڏينهن زنده رهيا؟ 1689ع ۾ فرانس ۾ جيڪو سرمائيدار جمهوري انقلاب آيو، تيهن سالن اندر اهو وري ناڪام ٿيو ۽ فيوڊل ازم آئي. اڌ صدي اندر ٽي پيرا سياسي نظام تبديل ٿيو آهي. توهان انگلينڊ جي تاريخ پڙهو، توهان کي مزو ايندو. مارڪس چيو ته سرمائيدار سئو سالن ۾ پيداواري قوتن کي ايترو مضبوط ڪيو آهي جو اهي گذريل سموري انساني تاريخ ۾ نه ٽي سگهيون. ائين سوشلزم به ستر سالن ۾ اهي معجزا ڪري ڏيکاريا جو گذريل ستر صدين ۾ ائين نه ٿيو. روءِ زمين جي تاريخ ۾ بي علمي مڪمل طور ختم ڪئي وئي ۽ عرصو گهڻو؟ سٺ سال! ۽ اهو به يورپ جي بدترين ملڪ ۾، جنهن جي حالت لڳ ڀڳ چين جهڙي هئي.

بجھے بجھے سی جو پڑے تھے راہ گذاروں میں،
بنا دیا انہیں ذروں کو کہکشاں تو نے۔

سوشلزم برطانيا ۽ جرمنيءَ ۾ اچي ها، پوءِ خبر پوي ها. سوشلزم وئي هڪڙي سڄي ۽ ٻُکئي ملڪ ۾، جيڪو پوريءَ طرح ايڄا جاگيردار به ڪونہ هو. يورپ جو رجعت پرست ترين ۽ نهايت پسمانده ملڪ، جنهن ۾ انقلاب آيو. سوشلزم جي فلاسافي ئي اها هئي ته جڏهن سرمائيداري پنهنجون سڀ تخليقي توانائيون صَرف ڪري ڇڏيندي ۽ اها پنهنجي طبعي عمر پوري ڪري ونندي، تڏهن ان جي جاءِ تي سوشلزم ايندو. پر هي ته وچان حادثو ٿي پيو. هي ته پهرين جنگِ عظيم اهڙيون حالتون پيدا ڪري ڇڏيون جو وقت کان اڳ روس ۾ انقلاب اچي ويو. جيڪو تاريخي طرح ڪچي ٻار وانگر هو. هي جيڪي ڪجهہ اخبارن ۾ سطحي مواد اچي پيو، اهو سڄو غير سائنسي، بيڪار ۽ جاهلاڻو آهي، جنهن کان اياز جهڙا درويش متاثر ٿي ويا آهن. اخباري مضمون پڙهي ايياز به سوشلزم جو "ماهر" ٿي ويو آهي. اهو سڀ سائنسي طرح جهالت ڪري آهي. پلا آڻُ جي چوان ته آڻُ باٽني ۽ بايو ڪيمسٽريءَ جو ماهر آهيان ته جاهل نه سڏبس؟ پلا مون فلڪيات تي سوين مضمون پڙهيا آهن، پوءِ ان جو ماهر ٿي ويس ڇا؟ اها ته جاهلاڻي روش آهي. به- ٽي شاعريءَ جا ڪتاب لکي ايياز سماجي سائنس جو "ماهر" ٿي ويو آهي. هن ڳالهہ تي علمي طرح گهٽي لکڻ جي ضرورت آهي. هتي ته آهي جهالت. پلا ماڻهن سندّ ۾ ٻڌو آهي ته ڪا اقتصادي تاريخ به ٿيندي آهي؟ پلا سرمائيداريءَ سوشلزم کان نه سکيو آهي ڇا؟ اٽ ڪلاڪ ڪم (ڪرڻ وارو تصور) ڪٿان آيو آهي؟ فلاحي رياست جو تصور ڪنهن جو آهي؟ دراصل مون کي شڪ آهي ته سوشلزم جي وقتي ناڪاميءَ جو هڪ سبب اهو به آهي ته سوشلزم کي سرمائيداريءَ کان جيڪو سکڻ گهربو هو، ان اهو نه سکيو. نظام، نظامن کان سکن ٿا ۽ سکڻ گهرجي. چين جي Survive (بچڻ) جو هڪ سبب اهو به

آهي تہ اهو ڪجھ پوئتي هٽيو. جيئن لينن ڪجھ پوئتي هٽي نئين معاشي پاليسي آندي، سرمائيداريءَ کي ڪجھ اُسرڻ ڏنائين. هينئر دنيا جي سڀ کان متحرڪ ايڪانامي چين آهي، جنهن جو 12 سيڪڙو سالياني واڌارو ٿئي ٿو. گڏيل قومن جي ماهرن چيو آهي تہ جي چين جي اها صورتحال برقرار رهي ۽ 20 سال ترقيءَ جي شرح اها رهي تہ چين اقتصادي طرح آمريڪا کان اڳتي نڪري ويندو ۽ چين اقتصادي طرح دنيا جو سپر پاور هوندو. توهان ڏسو تہ سرمائيداريءَ ۾ مڪمل بحران آهي. جرمنيءَ ۾ 8 سيڪڙو سالياني واڌارو هوندو هو، اهو هاڻي هڪ سيڪڙو بہ ڪونهي، ان کري اسپين سخت بحران جو شڪار آهي. انگلينڊ تہ ويهي رهيو. جپان ۾ سخت مالي بحران آهي. سرمائيداريءَ جو جيڪو نابرابريءَ وارو واڌارو آهي، اهو جپان ۾ آپريٽ پيو ڪري. ڇت اڇي پٽن سان لڳا آهن. اوپر ۾ طوفان پيو اڇي. جي آمريڪا، ڏکڻ ڪوريا کي تنگ نہ ڪيو. ڏکڻ ڪوريا، هانگ ڪانگ، تائپي، سنگاپور اهي سڀ چيني آهن. ڪوريا تہ چين جو ثقافتي ۽ ذيلي ادارو ٿي ويو آهي ۽ اهي سڀ چين ۾ سيڙپ پيا ڪن. اهو سڄو علائقو نئين سر جاڳي پيو آهي. ڪنهن ٿي چيو تہ اهو علائقو ائين جاڳي اُٿندو؟ آمريڪا فقط امپورٽ جي اجازت ڏني ۽ هاڻي انهن جو سڄو ڪچو مال آمريڪا ۾ وڪامجي پيو. يلسٽن هينئر چيو آهي تہ چين، روس ۽ هندوستان جي پاڻ ۾ دوستي هئڻ گهرجي. جي جپان ساڻن گڏيو تہ يورپ ڪيئن مقابلو ڪري سگهندو؟

ڦرن ٽا چرخ جا ڦيرا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

ان ڪري شين کي گهرائيءَ سان ۽ علمي طرح ڏسڻ گهرجي. توهان ڏسو تہ پندرهين صديءَ تائين ايشيا اوج تي هو ۽ يورپ وارا ويچارا مسڪين هئا. انگلينڊ جو جيڪو پهريون سفير سر ٽامس هتي آيو هو، ان جيڪي خط لکيا آهن، اهي پڙهي ڏسو. هن لکيو آهي تہ هتي وڏي ۾ وڏو مسئلو ڪپڙن جو آهي، منهنجي بن سالن جي پگهار جيترا ڪپڙا تہ هتي جي سردار ۽ نواب جا ڪمدار پائين ٿا. هن شڪايت ڪندي لکيو آهي تہ مون کي ڪنهن غريب ملڪ ۾ موڪليو وڃي ها، هي تہ تمام امير ملڪ آهي ۽ اسين غريب ماڻهو آهيون، هنن سان پاڻ ڪيئن ٿا ٽڪر کائي سگهون؟ جرمني تہ ڪنهن ليکي ۾ نہ هو، پر برطانيہ سورهين صديءَ ۾ بلڪل بکيو ملڪ هو، فرانس وري بہ ڪجھ نيڪ هو. سرمائيداريءَ انهن کي آسمان تي پُڄائي ڇڏيو، ان ڪري بيهوشيءَ جي ڪابہ ضرورت ناهي. هي تاريخ جا معاملا آهن، ان ۾ ائين ٿيندو آهي.

عبرت: ٽئين دنيا جي ملڪن جو سياسي مستقبل توهان کي ڪيئن ٿو لڳي؟

پليجو صاحب: اڳ صورتحال بي هئي، هاڻي بي آهي. هاڻي اهي ملڪ سرمائيداريءَ ۾ رهندي، سرمائيداري بنيادن تي، سرمائيدار معيارن ۽ قدرن سان سامراج خلاف وڙهندا. اڳي ٽئين دنيا سوشلسٹ دوست هئي ۽ هاڻي سرمائيداريءَ جو

حصو ٿي ان جي بالادستيءَ خلاف وڙهندي. عمر خيام کان پڇيائون، "تضاد ڪٿان ٿا اچن؟" چيائين، "شين جي اندران." ان ڪري هاڻي سرمائيداريءَ جا اندروني تضاد وڌيڪ ايرندا. اڳ مقابلو سوشلزم سان هو، هاڻي مقابلو اندر سان آهي.

عبرت: آخر ۾ وري توهان جي شخصيت جي حوالي سان هڪ ضروري ڳالهه ٿا ڪريون. توهان هن فورم ۾ سنڌ جي حوالي سان گهٽن معاملن تي ڳالهايو آهي ۽ خاص طور حقيقتن کي رکارڊ تي آڻڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. توهان خود هن دور جا نهايت اهم ڪردار آهيو. سڀ شيون توهان جي اکين اڳيان ٿيون آهن. ليڪڪ ۽ دانشور ٻه آهيو. توهان سياست کان وقت ڪڍي انهن شين کي تفصيل سان لکو ڇو نه ٿا؟

پليجو صاحب: غالب ڇيو آهي:

ہزاروں خواہشیں ایسی کہ ہر خواہش پہ دم نکلے!

هاڻي آءٌ ته ساڳئي وقت ويهه ماڻهو ٿيڻ چاهيان ٿو، جو ويهه جايون خالي آهن. آءٌ گهٽن معاملن ۾ ورهايو پيو آهيان. آءٌ چاهيان ٿو ته سنڌيءَ ۾ سائنس جي تاريخ لکڻ گهرجي. سنڌين کي جي افعال ۾ آڻڻو آهي ته انهن کي علم ۽ سائنس ته ڏجي! سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي. پٽائي نگر جو مسئلو ٿيو، مون کي ته اتي به وڃڻو پوي ٿو. منهنجي وس ۾ هجي ته آءٌ جيڪر ويهي رهگو لکان. مون سان مسئلو هي آهي ته مون سان ڪي ساٿي ناهن. هاري، مزدور ۽ شاگرد دوست آهن پر عالم ناهن. مون کي علمي دوست ڪپن. هيءَ جيڪا ڳالهه جامي ٿو چوي، ان لاءِ ته سنڌ ۾ هڪ علمي تحريڪ گهرجي، مختلف علمن جا ماهر ڪپن، جيڪي ويهي پنهنجن پنهنجن شعبن تي لکن. مان اڪيلو ته اهو سڀ ڪجهه نه ٿو ڪري سگهان. پنجاهه ڪمن ۾ مصروف آهيان. هاڻي فرصت ۾ ويهي لکان ڪيئن؟ اوچتو مٿان اهڙيون آفتون ٿيون ڪرن جو لکڻ کان وڌيڪ ٻين ڪمن کي اهميت ڏيڻي ٿي پوي. ٻيو ته علمي ماحول پيدا ٿيڻ گهرجي. ڪم ڪرڻ لاءِ ڪو اتساهه ڪونهي. اسان ته انسان آهيون، اسان کي به ماحول ڪپي، ترغيب ڪپي، ذهني ۽ روحاني خوشي ڪپي، اهو ماحول هتي ڪٿي آهي؟ هتي ته جنهن کي ٿا به اکر لکڻ اچن، اهو وينو تباهي ڪري. توهان هڪڙو ماحول ناهيو، علمي ماحول، ادبي ماحول، لکڻ ۽ پڙهڻ جو ماحول. ڊالتن کان پڇيائون ته، "قومن جي عظيم ٿيڻ لاءِ ڪهڙي ڳالهه گهرجي؟" چيائين، "جرئت- جرئت- جرئت!" هتي ته سچ چوڻ جي جرئت ناهي. بينظير کي سچ ڪير چوندو؟ سيد سڳوري کي سچ ڪير چوندو؟ ايائ کي ڪير چوندو ته تون هيءَ تباهي وينو ڪرين! ممتاز پٺي کي ڪير چوندو ته تون جڏهن حاڪم هئين ته تو سنڌين سان ڇا پئي ڪيو؟ مان توهان جي طبقي جو آهيان نه! مون کي ته چوڻ سولو آهي. (ڪنهن کي) چئبو ته بينظير لاءِ سچ ڳالهاءِ، ته ڪنڊ هيٺ هوندو. "سيد صاحب ۽ ممتاز لاءِ سچ ڳالهاءِ." ته ڪنڊ هيٺ هوندو ۽ چئبو ته "رسول بخش پليجي لاءِ ڪوڙ نه ڳالهاءِ."

تہ همراهہ جهلبو ئي ڪونہ! سچ چوڻ جو ماحول ناهيو. مان سچ پچ لکڻ چاهيان ٿو، هيءُ تہ تمام ڏکيو ڪم آهي، ان لاءِ عقيدت گهرجي. سنڌ ۾ ايجا اهو دور ڪٿي آيو آهي تہ ماڻهو علم سان، سمجهہ سان، سچ سان، فن سان، ادب ۽ شاعريءَ سان چريائپ جي حد تائين پيار ڪري، ان کي پاڻ ارپي. هيءَ تہ حق ۽ سچ سان عشق جي ڳالهہ آهي. سچ سان سونهن کان بہ وڌيڪ پيار! لطيف واري ڳالهہ:

چورين ڏنا چال، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا.

هن دور جو سچ آهي تہ مظلوم جو ڏٺي ٿجي، ان پاران وڙهجي، سنڌ جي مظلوميت پاران لٽ کٽي بيهجي، پوءِ اها لٽ علم جي هجي، ادب جي هجي، قلم ۽ ڪتاب سان، زبان سان، عقل سان، علم سان، دماغ سان وڙهو، وڙهڻ سکو، هن جهالت جي گند کي صاف ڪريو. ٻيو تہ علم جو اخلاق پيدا ٿيڻ گهرجي. ڪا سٺي شيءِ پڙهي منهنجي تہ دل خوش ٿي ويندي آهي، مثال طور: جامي لکندو آ، اعجاز لکندو آهي، پڙهي منهنجي دل خوش ٿيندي آهي، مان کانئن متاثر ٿيندو آهيان. هڪڙا ماڻهو آهن جيڪي پنهنجين لکڻين کان سواءِ ٻين کي انجواءِ ئي نہ ڪندا آهن. جيڪو ٻين کان متاثر نہ ٿو ٿئي، اهو تہ مئل ماڻهو چئبو. آءٌ تہ ٻين کان تمام گهڻو متاثر ٿيندو آهيان، مثال طور: جاميءَ ايياز تي لکيو آهي، منهنجي بہ دل چوي ٿي تہ ايياز تي لکان، اوهان جو هيءُ فورم بہ مون کي اتساهہ ڏياري ٿو، اوهان جون ڳالهيون مون کي اتساهين ٿيون. ڳچ پاڻ ۾ سپ ڏهيو وينا آهن. پاڻ کي، جيڪي علم ۽ ادب سان پيار ڪريون ٿا، انهن کي بہ گڏجڻ گهرجي نہ! اچو تہ سنڌ ۾ هڪ تحريڪ جو آغاز ڪريون. هن سڄي پستيءَ جو بنيادي سبب اسان جي جهالت آهي. علم آيو تہ هي سپ ڳچ پڄي ويندا. اچو تہ سنڌ کي علم، سائنس، فن ۽ ادب جي عالمي قدرن سان سلهاڙيون ۽ هڪ نئين دور جي شروعات ڪريون.

سنڌ ۾ فضيلت پريو سياسي ڪلچر اڃا پيدا ئي نہ ٿيو آهي. دهشتگردن جي پنيرائي ۽ وڏيرن ۾ آڪسيجن پرڻ بند ٿيڻ کپي.

انترويو ونندڙ: جامي چانڊيو/عبرت مئگزين حيدرآباد، نومبر 1993ع

عبرت: چونڊن کان پوءِ جي سياسي ماحول کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

پليجو صاحب: اليڪشن کان پوءِ جي سياسي صورتحال جا مکيہ پاسا هي آهن تہ چونڊون هن پيري بنيادي طرح آزاد ۽ غير جانبدار ٿيون آهن. ان کان علاوه بہ وڏيون سياسي پارٽيون اپري آيون آهن. ٿيون تہ جيڪي ماڻهو آزاد اميدوار طور چونڊجي آيا آهن، اهي ايجا بہ فيصلي ڪن ڪردار ادا ڪيا ڪن. چوٽون پهلو صدر جي اختيارن جي حوالي سان آهي. جيتوڻيڪ هينئر سپريم ڪورٽ صدر جا بہ وڏا اختيار لڳ پڳ ختم ڪري ڇڏيا آهن: هڪ چونڊيل اسيمبلين کي ائين ڌاهڻ ۽ ٻيو چيف آف آرمي اسٽاف وغيره کي مقرر ڪرڻ، پر تنهن هوندي بہ صدر کي ڪافي اختيار آهن ۽ صدر ڪير ٿئي، ان تي جيڪا لٽ لڳي پئي آهي، ان جو اڃا ڪو فيصلو ڪونہ ٿيو آهي. دهشتگرد جيڪي بہ- تي ڏينهن آپريشن ڪري ڏهجي ويا هئا، اهي هينئر اليڪشن سبب ڪافي اُپري آيا آهن. ٻي اهم ڳالهہ تہ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي سامهون سياسي طرح سندس ڀاءُ آيو آهي ۽ لڳي ائين ٿو تہ سندس والده محترمہ بہ ڪائنس ڪجهہ پري آهي. هاڻي اها خبر ناهي تہ ان جو پ پ تي ڪهڙو وڏو اثر پوندو، پر بهرحال اها ڳالهہ يقيني آهي تہ ان جو ڪو ايڏو مثبت اثر نہ پوندو. اهو جيڪو سمجهيو پئي ويو تہ مرتضيٰ ڀٽي جي ڪري پ پ تي ڪو وڏو اثر پوندو ۽ سنڌ ۾ مسلم ليگ وغيره کي ان جو سياسي فائدو ملندو، اها ڳالهہ عملي طور غلط ثابت ٿي آهي. پ پ ۾ موقعي پرست عنصر بہ ڪافي تعداد ۾ اچي ويا آهن. اهي جيڪي بنيادي طرح جمهوريت جي خلاف هئا يا ضياءُ سان گڏ هئا، اهي بہ پ پ ۾ اچي گڏ ٿيا آهن. سو صورتحال گهڻي پيچيده آهي، جيئن انگريزيءَ ۾ چوندا آهن تہ Flood Situation آهي، تہ صورتحال اهڙي آهي جنهن جي ڪابہ واضح ۽ ٺوس شڪل ناهي.

عبرت: ملڪ جي موجوده آئيني ۽ سياسي سيٽ اپ ۾ جمهوريت جي مستحڪم ٿيڻ جا ڪيترا امڪان آهن؟

پليجو صاحب: منهنجي خيال ۾ اليڪشن کان اڳ جيڪو گهوٽالو ٿيو، ان ۾ جمهوريت جي فائدي ۾ ڪيترين ڳالهيون ٿيون. هڪڙو تہ اڳوڻو چيف آف آرمي اسٽاف جنرل اسلم بيگ سپريم ڪورٽ جي اڳيان پيش ٿيو ۽ ان حوالي سان جنرل

بيگ ۽ سپريم ڪورٽ وچ ۾ جيڪي ڊائيلاگ ٿيا، ان عوام جي وڏي تربيت ڪئي آهي. اها ڳالهه واضح ٿي ته چيف آف آرمي اسٽاف به قانون جي ماتحت آهي. اها ڳالهه بهتر ٿي. ان جا نفسياتي طور تي عوام تي بهتر اثر پوندا ۽ عوام جو قانون ۽ جمهوريت ۾ ويساهه پختو ٿيندو. صدر خود ان سڄي گهوٽالي ۾ تمام گهٽو متاثر ٿيو. صدر جي اجاين اختيارن کي جزوي ڪرڻ ئي صحيح پر سپريم ڪورٽ Balance ڪري ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ دهشتگرد ايجا به معتبر ٿيو وينا آهن پر پوءِ به گذريل آپريشن دوران فوج پاران سندن ڪرتوتن تان پردو کنيو ويو. ان سان سندن اخلاقي حيثيت ۾ بهرحال فرق پيو آهي، گهٽو اگهاڙا ٿيا آهن، جيتوڻيڪ بي ضمير صحافت کين گهٽو ئي مٿي کنيو، پر پوءِ به سندن وقعت ۽ اخلاقي حيثيت ۾ وڏو فرق پيو آهي. اها ڳالهه بهرحال جمهوريت جي فائدي ۾ ويندي. اڳ ڏاڙيلن جو به وڏو جاهه جلال هو. اڳ جيڪو هو سمجهندا هئا ته سندن سرپرست کين هر حالت ۾ بچايو وينا هوندا، اها ڳالهه به ٿوري وائکي ٿي آهي ۽ هاڻي ڏاڙيلن جي به اها مستي ناهي. پ پ به اڳ جيڪو سمجهندي هئي ته ماڻهو انڊا، ٻوڙا ۽ گونگا آهن ۽ اهي هر حالت ۾ سندن ئي پويان هوندا، اها ڳالهه به ٿوري گهٽي آهي. ماڻهن کٽي ووٽ ته ڏنا آهن پر جنهن روش ۽ طريقي سان ڏنا آهن ۽ ميمبر صاحبان سان جيڪي حال احوال ڪيا اٿن، ان مان لڳي ٿو ته صورتحال ڪجهه ڦيرو کاڌو آهي. هاڻي گهٽ ۾ گهٽ ائين نه ٿي سگهندو ته ماڻهن جا ڪم به نه ڪجن ۽ ساڻن من مستيون به ڪجن ۽ سندن ووٽ بٿنڪ به برقرار رهي. اها به هڪ چڱي تبديلي آهي. پ پ جا ماڻهو خود چئي رهيا آهن ته هيءَ هاڻي سندن آخري اليڪشن آهي. هاڻي Walk Over ڪرڻ واري صورتحال نه رهندي، حالانڪه هن پيري به پ پ کي سياسي بازار جا بدڪردار ماڻهو پاڻ ڪٽڻا پيا آهن ۽ کين ٽڪيٽون ڏيڻيون پيون آهن پر ان هوندي به صورتحال اڳ جهڙي ناهي. هاڻي عوام سان سراسر ٺڳي نه ڪري سگهبي. انهن سمورين ڳالهين سبب جمهوري عمل ۾ بهتريءَ جا امڪان آهن. ٻئي پاسي آمريڪا بهادر پاران به جيڪڏهن ساڳي اڳوٽي روش برقرار رکي وڃي ته پوءِ ڳالهه بهتر نه ٿيندي، ويتر خراب ٿيندي، يعني اهو ته پاڪستان کي بلڪل پنهنجي ڏيلي رياست ڪري هلائجي، باقي جي ائين نه رهيو ته پوءِ يقيناً حالتون جمهوريت جي حق ۾ آهن.

عبرت: هن دفعي به عوام جو مينڈيٽ مجموعي طرح پ پ کي مليو آهي، ان نسبت سان پ پ مٿان جيڪي ذميواريون عائد ٿين ٿيون، ان حوالي سان توهان جي نظر ۾ هن حڪومت کي ڪهڙا بنيادي چئلينج سامهون آهن؟

پليجو صاحب: منهنجي نظر ۾ پ پ جي موجوده حڪومت لاءِ وڏي ۾ وڏو چئلينج اهو آهي ته آيا اها ملڪ ۾ امن امان قائم رکي سگهي ٿي يا نه؟ آيا اها دهشتگردن جي بليڪ ميلنگ کي منهن ڏيندي يا ساڳي غوث علي شاهه، قائم علي شاهه ۽ جام صادق واري روش اختيار ڪندي؟ جيئن اڳ دهشتگردن کي ڇڏيو ويندو

هو تہ وٹين تہ سنڌين کي ماري ڇڏين، وٹين تہ ملڪ ڀيلي ڇڏين، پر کين ڇئبو ڪجھ ڪونہ، هاڻي اهڙن ماڻهن سان ڪهڙا ليکا! هاڻي ڏسجي تہ اها روش برقرار رهي ٿي يا ان ۾ تبديلي ٿي اچي. اهو هڪ وڏو چئلينج ۽ امتحان آهي. ماڻهو ڏسن پيا تہ هو دهشتگردن ۽ ڏاڙيلن سان ڪيئن ٿا منهن ڏين. ٻيو چئلينج لياقت ۽ سچائيءَ جو آهي، تہ ڇا منجهن لياقت آهي؟ پ پ پ جيڪي ماڻهو اڳتي آندا آهن، ڇا اهي خود پارٽيءَ جي وجود جي بچاءَ ۽ مقصد سان سچا آهن؟ ڇا اهي عوام جي توقعات تي پورا لهندا؟ گذريل دفعي جيڪو گهوڙن جو واپار ٿيو ڏسجي تہ هن دفعي انهن جي ڪردار ۾ ڪو ڦيرو آيو آهي؟ ٻيو تہ ڇهيو پر پ پ جي پنهنجن تنظيمي ۽ سياسي مفادن خاطر هو ذاتي مفاد قربان ڪري سگهندا؟ ٻيو وڏو مسئلو لوٽن جو آهي، جيڪي پارٽيءَ منجهہ گهڙي آيا آهن. ڏسون تہ پ پ پ انهن کي ڪيئن ٿي ضابطي ۾ آڻي، ڇوتہ جيڪو بہ ماڻهو لوٽو آهي، ان جو ڪو سياسي دين ايمان ناهي. اهو سياسي بازار جي وڪامجندڙ هڪ جنس آهي. اهي سڀ مکيہ چئلينج آهن. ٻيو اهم مسئلو پ پ جي اتحادين جو آهي. ڏسون تہ ڇا اهي ساڻس مستقل سانڍ ڏئي سگهندا؟ پاڪستان ۾ ڏنو اهو ويو آهي تہ هتي اتحاد ڪري ڪجھ مهينن کان پوءِ وري بليڪ ميلنگ واري روش اختيار ڪئي ويندي آهي. هتي فضيلت پريو سياسي ڪلچر ايجا پيدا ئي نہ ٿيو آهي. هتي "ڪم لٽو ڪاغذ ڦاٽو" وارو ڪلچر آهي. ڏگهي نظر ۾ سياسي ادراڪ آهي ڪونہ ۽ ڇا پ پ پ "ڪم لٽو ڪاغذ ڦاٽو" واري ڪلچر کي ڇڏي، پنهنجا ڪي ذاتي دوست ناهڻ ۾ ڪامياب ويندي؟ ٻيو تہ تنگ نظريءَ کي ختم ڪرڻ جي ڀڳالهہ آهي. هتي روايت اها آهي تہ چونڊيل حڪومتون عوام جي نمائندگيءَ بدران چند موقعي پرستن ۽ لوٽن جي مفادن جي گرد گهمنديون رهن ٿيون. اهي پاڻ کي سڄي قوم ۽ ملڪ بدران چند چمچن ۽ غلط ماڻهن ڏانهن ذميوار سمجهن ٿيون. ان ڪري ڏسڻو اهو آهي تہ پ پ پ پاڻ کي ڪيترو بالغ نظر ثابت ڪري ٿي.

عبرت: جمهوريت جي استحڪام جي ڀڳالهہ ٿي، ڇا ان لاءِ توهان وٽ ڪي نوس تجويزون آهن ؟ سياسي توڙي آئيني حوالي سان.

پليجو صاحب: سڀ کان پهريون معاملو ۽ سوال هي آهي تہ سياسي پارٽيون هن ملڪ ۾ باعزت ۽ باوقار پارٽي قائم ڪرڻ لاءِ تيار آهن يا نہ؟ مثال طور: ڪانگريس 1860ع ڌاري قائم ٿي، 1919ع کان پوءِ ڪجھ سڌارن کان پوءِ اها ڪجھ صوبن ۾ اقتدار ۾ آئي. جڏهن گورنر سڀ اختيار پاڻ وٽ رکي ڇڏيا تہ ڪانگريس سيني صوبن ۾ استعيفيٰ ڏئي ڇڏي ۽ سالن جا سال پارٽي اقتدار کان محروم رهي. اهي وڙهندا رهيا، تان جو 1925ع جو ايڪٽ آيو ۽ انهن کي وري اقتدار مليو. سو وري جڏهن اقتدار ۾ آيا تہ بي پناهہ عزت ۽ Discipline سان آيا. ڪوبہ ماڻهو لوٽو نہ ٿيو، وڪاڻو ڪونہ، ڪا بازاري ۽ پئسي پرست سياست ڪانہ ٿي. اهو ڏکڻ ايشيا جي سياسي ڪلچر جو هڪ اعليٰ نمونو آهي ۽ اسان لاءِ هڪ درخشان مثال آهي. اهو تہ

گهٽ ۾ گهٽ مثال آهي. محمد علي جناح خود هڪ تمام قابل ۽ باضابطه ماڻهو هو، ان لاءِ ماڻهن جا رايا مختلف آهن، پر هو بازاري نه هو. لوٽا نوازيءَ جو هي جيڪو هاڻي ڪلچر پيدا ٿيو آهي، اڳ ائين نه هو. خود مسلم ليگ ۾ به نه هو. توهان ڏٺو ته هندستان جي اڳوڻي وزيراعظم ڊيسائي صاحب ان وقت جي صدر کي هڪ لسٽ ڏني هئي ته مون سان هي ماڻهو گڏ آهن. بعد ۾ جڏهن معلوم ٿيو ته ان لسٽ مان هڪڙي ماڻهو ٻئي پاسي به ووٽ ڏئي ڇڏيو، هاڻي ان ۾ ڏوهه ته ان جو هو، ڊيسائيءَ کي ته خبر نه هئي ته هو ائين ڪندو، پر هن ان ڳالهه ڪري استعيفيٰ ڏئي ڇڏي ته مون اهڙي ماڻهوءَ جو نالو ڇو ڏنو جنهن جو سياسي اخلاق ڪمزور هو ۽ ائين هن هميشه لاءِ استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. سو پهريون پهريون سوال هي آهي ته آيا سياستدانن ۾ سياسي غيرت آهي؟ غيرت رڳو اها نه ٿيندي آهي جنهن کي اسان وٽ غيرت سمجهيو ويڄي ٿو. سياست ۾ جمهوري غيرت به ٿيندي آهي. سو پ پ سميت پاڪستان جي سڄي سياست لاءِ اهو هڪ وڏو چئلينج آهي. منهنجي خيال ۾ پاڪستان ۾ هڪ اهڙي جمهوري سياسي پارٽي نهڙ گهرجي جو جيڪڏهن ان کي خبر هجي ته ان کي قيامت تائين اقتدار نه ملندو، ته به اها جمهوريت جي اصولن ۽ قدرن جي گهٽ ۾ گهٽ پاسباني ڪري. جمهوريت ۽ سياسي اخلاق جا جيڪي گهٽ ۾ گهٽ معيار آهن، انهن تي اها پوري لهي. سو موقعي پرست، ابن الوقت ۽ لوٽي جي ته شڪل به نه ڏسڻ گهرجي. سياست کي سڀ کان پهرين پاڪ صاف ڪرڻ جي ضرورت آهي، تنهن کان پوءِ دهشتگردن ۽ ڏاڙيلن آڏو سر بسجود نه ٿيڻ جي ڳالهه آهي. جي اهو ڏنڊو هلندو ته جمهوريت نه اُسري سگهندي. ٻيو ته حڪومت فقط پارٽيءَ جي جيالن لاءِ نه هوندي آهي، اها سڄي عوام جي هوندي آهي ۽ ان کي سڄي عوام جي رکوالي ڪرڻ گهرجي. ٽيون ته ميمبر صاحبان جيڪي فيل مست ٿيا وينا آهن، انهن کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسان وٽ ڪو ماڻهو ميمبر ٿيو جڻ نعوذ بالله خدا ٿي ويو. اها جيڪا ضلعي سطح جي گورنر مقرر ڪرڻ جي ڳالهه آهي، اها ڪنهن طور به جائز ناهي. اها وري نئون ڪرپٽ جاگيردار ۽ وڏيرو ڪلاس پيدا ڪندي. هر ضلعي ۾ نوان احمد شاهه ابدالي پيدا ڪندي. اها اختيارن جي ورڇ نه پر وڏيرن جي خدمتين کي هٿي ڏيڻ جي ڳالهه آهي. اهو سلسلو نه ٿيڻ گهرجي. ڪرپشن کي هر سطح تي ختم ڪرڻ جي ڳالهه آهي. ڪرپشن هن ملڪ ۽ معاشري کي مرٽينگ بڻائي ڇڏيو آهي.

عبرت، اهو ته ڳالهه جو سياسي پاسو ٿيو، پر آئيني حوالي سان...؟

پليجو صاحب: هڪڙو ته آئين جو پورو پورو فائدو ونڻ گهرجي. ماڻهو چاڪاڻ ته قانون ۽ آئين جا واقف ناهن، ان ڪري سڄو معاملو گڙٻڙ ٿي ويو آهي. پاڪستان جي قانون ۽ آئين موجب ڪابه ڪورٽ قانون کان بالاتر ناهي. مثال طور: سپريم ڪورٽ کابه ججمينٽ (فيصلو) ڏئي ته ان مٿان ڪوبه ماڻهو پنهنجي ججمينٽ لکي سگهي ٿو. هتي ماڻهن کي ان جي خبر ناهي. هڪ دفعي مرحوم حيدر بخش جتوئي،

جسٽس منير جي نظريءَ ضرورت واري ججمينٽ تي پنهنجي ججمينٽ لکي مون کي چيو تہ، "هي موڪلي ڇڏ." مون کيس چيو تہ، "سپ ٽِيپ ڪائي ويندا سين." چيائين تہ، "نہ، پوسٽ ڪري ڇڏ." اسان تہ اها موڪلي ڇڏي، پر سمجهيوسين ٿي تہ جاڻ ڪاڻ ۾ پياسين. مون کي ان وقت قانون جي گهٽي خبر هئي ڪانہ، تہ ان جي گنجائش آهي. ان ڪري عدالتن جي باري ۾ هڪ مهذب ۽ علمي چنڀڻاڻ ٿيڻ گهرجي ۽ هي جيڪو نظريءَ ضرورت وارو فتنو آهي، ان خلاف بہ وڏي ويڙهہ ڪرڻ گهرجي. رڳو آئين ۽ قانون جو مسئلو بہ ناهي، آئين ۽ قانون ۾ بہ خرابيون آهن، پر بنيادي خرابيون اسان جي سياسي ۽ سماجي نظام ۾ آهن. عوام هتي ٻتي عذاب ۾ آهي. اقبال چيو آهي:

خداوند! یہ تیرے سادہ دل بندے کدھر جائیں،
کہ درویشی بھی عیاری ہے، سلطانی بھی عیاری۔

ضياءُ جي خلاف ماڻهو وڙهيا تہ چونڊون ڪرايو. ماڻهن جدوجهدون ڪيون، وڙهيا، دربدر ٿيا، قربانيون ڏنيون، جيلن ۾ پيا ۽ وري جنرل صاحب چونڊون اهڙيون ڪرايون جو جدوجهد ڪندڙ ساڻگيا جيل ۾ ئي هيا ۽ سپ نڱ ۽ چور چور اسيمبلين ۾ پهچي ويا. جيڪي ضياءُ شاهيءَ جا مُک ٽنيا هئا، اُهي ئي چونڊجي آيا. ان ڪري بنيادي مسئلو هتي جي سياسي ۽ سماجي نظام جو آهي. هن سيٽ اپ ۾ اهي موقعي پرست لوٽا ۽ ابن الوقت وڏيرا هر حال ۾ ڦٻيو وڃن. ويل ۾ عام ۽ ايماندار ماڻهو آهن. هڪڙو ماڻهو سرڪاري نوڪر هو، ان کي نوڪريءَ مان ڪيڊي ڇڏيائون. هن کي چيائون تہ، "تون حرامي ماڻهو آهين، ان ڪري توکي ڪوبہ ڪم نٿو ڏئي سگهجي." چيائين، "پلا مون کي اهڙو ڪم ڏيو جتي حرامپائيءَ جي ڪابہ گنجائش نہ هجي." چيائونس، "ڇا ڪندين؟" چي: "مون کي رڳو اجازت ڏيو تہ آءٌ سمنڊ جي ڪناري تي ويهي لهرون ڳڻيان." اجازت مليس. ڪيائين ڇا تہ جيڪو جهاز اچي، ان کي اچڻ نہ ڏئي. چي: "منهنجي لهرن ڳڻڻ ۾ خلل ٿو پوي." پوءِ ڇا ڪجي؟ چي: "مون کي هيترا پئسا ڏيو تہ پوءِ اجازت ڏيان." هي وڏيرا ۽ لوٽا اهي لهرون ڳڻيندڙ نڱ آهن. جهڙو بہ ڪم ڪندؤ، اتي هي ويٺا هوندا، ان ڪري خرابي رڳو قانون ۽ آئين ۾ ناهي، هي سڄو سياسي ۽ سماجي سرشتو فرسوده ۽ عوام دشمن آهي. اهوئي آهي جيڪو جمهوريت کي اڳتي وڌڻ نٿو ڏئي ۽ مڊل ڪلاس ۾ ايتري طاقت ناهي جو اهو هنن کي Disturb ڪري سگهي، جيئن بنگالين ڪيو، جيئن ڏکڻ هندوستان ۾ ٿيو يا جيئن يورپ ۾ ٿيو، مڊل ڪلاس هيٺان ويهي ويهي انهن کي سوڙهو ڪيو. جارج هيٽسن آيو، چي: "آئون هيءَ ڏِل نہ ڏيندس." ڪاڻ ۾ وڌو ويو، سزائون ڪاڌائين، پر پنهنجي ڳالهہ تي ٻيٺو رهيو. هڪڙو ماڻهو هو، علي الاعلان اتي ٻيهي رهيو. تاريخ ۾ هڪڙن فردن بہ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي، وڏا معرڪا فتح ڪيا ئي اڪيلن ماڻهن آهن.

هڪڙي ماڻهو چيو ته ڌرتي گول آهي. هڪڙي ماڻهو اتي نعرو هنيو ته سج آسمانن جو محور ناهي. سڄو يورپ ائين اڳتي وڌيو آهي. جڏهن هتي به اهڙا ماڻهو ايندا ته ڳالهه ٻهندي. عدليه کي جدا ڪرڻ جي گهرج آهي. صوبائي خودمختياري ضروري آهي. مرڪز وٽ فقط چار کاتا رهڻ گهرجن، باقي معاملا صوبن جي حوالي ڪرڻ گهرجن. جي ائين ٿئي ته قصو ٻهي سگهي ٿو.

عبرت: سنڌ جا جيڪي بنيادي قومي جمهوري حق آهن، ان لحاظ کان موجوده سنڌ حڪومت کي کهڙا اُپاءَ وٺڻ گهرجن؟ خاص طور تي اقتصادي حوالي سان.

پليجو صاحب: سنڌ جو وڏو مسئلو ته دهشتگردي ۽ ڏاڙيل آهي، تنهن ڪري نه سنڌ جي زراعت ترقي ٿي ڪري، نه ڪارخانا ٿا لڳن ۽ نه ڪا وڏي سيڙپ ٿي ٿئي. بيروزگاريءَ جو مسئلو تمام اهم آهي. سنڌ جي ڪارخانن ۾ سنڌي مزدورن جي پرتي يقيني بنائڻ گهرجي. پٽي صاحب جي دور ۾ مون هن سان اها ڳالهه ڪئي ته هن چيو ته ڪو اهڙو ماڻهو ڏي جنهن کي مان ڪارخانن جو انچارج ڪريان ۽ هو اهو يقيني بڻائي ته سنڌ جي ڪارخانن ۾ پنهنجي تناسب جي حساب سان سنڌي مزدورن کي پرتي ڪيو وڃي. مون کيس هڪ ماڻهوءَ جو نالو ڏنو، پٽي صاحب هن کي وزير به بڻايو ۽ ڪارخانن جو انچارج ٻه، پر هن صاحب کي پوءِ شرابن ۽ شبابن مان فرصت ئي نه ٿي ملي جو هو ڪو ڪم ڪري سگهي. اهو وڏو المیو آهي. پلي محترمه بينظير صاحبه نيڪ نيتيءَ سان ڪم ڪندي هجي، پر هو هيڻيان به ته ڪم ڪن نه! ان تي ڏيان ڏيڻ گهرجي. سمورن وفاقي ۽ صوبائي ادارن ۾ سنڌين جي ڪُٽل ڪوٽا کي پورو ڪيو وڃي. تعليم جو مسئلو تمام اهم آهي. ڪاپي ڪلچر جو خاتمو اچڻ گهرجي. يونيورسٽين ۾ تعليم جي معيار کي گهٽو بلند ڪرڻ جي ضرورت آهي. هر شعبي تان نااهل ۽ بدعنوان وڏيرن جي بالادستي ختم ٿيڻ گهرجي. وڏيرڪي نظام کي ڪمزور ڪرڻ جي ضرورت آهي. منهنجي تجويز آهي ته جسٽس ناصر اسلم زاهد جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ انڪوائري ڪميشن ويهارڻ گهرجي، جيڪا هن سڄي معاملي کي جاچي ۽ سفارشون مرتب ڪري.

عبرت: توهان اڳ چيو ته هتي ايماندار سياسي قوتن کي اڳتي اچڻ گهرجي ۽ نئون جمهوري سياسي ڪلچر قائم ٿيڻ گهرجي، ان حوالي سان ٻن پهلوئن تي ڳالهه ٻولهه ٿيڻ گهرجي: هڪ ته جيڪي جمهوريت پسند قوم دوست ڌريون اسيمبلين کان ٻاهر ويٺيون آهن، انهن کي هينئر ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ۽ ٻيو خود توهان پنهنجو ڪهڙو سياسي ڪردار متعين ڪندا؟

پليجو صاحب: ڏسو، توهان هڪڙي ڳالهه سمجهو ته برصغير هند، پاڪستان ۾ جيڪي وڏيون تبديليون آيون آهن، اهي ڪو اليڪشن ذريعي ڪونه آيون آهن.

اليڪشن جي گهٽي اهميت آهي پر اها عملي سياسي جمهوري جدوجهد جي پيٽ ۾ تمام گهٽ اهميت رکي ٿي. تاريخ ۾ وڏو ڪردار اليڪشن ادا نه ڪيو آهي. عملي عوامي جدوجهد جي بنيادي اهميت آهي. اليڪشن ۾ حاوي ڪير آهي؟ هڪڙي پاسي آهي پئسو، ٻئي پاسي آهي ڏنڊو، وڏيرو ۽ ڪامورو. ووٽ جي اهميت ۽ وزن ڪيترو آهي؟ باشعور ماڻهن جو تناسب گهٽو آهي يا بي شعور ماڻهن جو؟ چونڊون عوام جي پسماندگيءَ جي عڪاسي ڪن ٿيون. عوام کي ڪهڙي خبر ته تاريخ جا وڏا مفاد ڪهڙا آهن . هي وڏيرا ته عوام جي جهالت ۽ پسماندگيءَ جو فائدو وٺن ٿا. ٻئي پاسي عملي جمهوري جدوجهدون باشعور ماڻهو هلائين ٿا، تنهن ڪري اهي عوام جي شعوري جدوجهد جو مظهر آهن. تعداد ۾ هو ضرور گهٽ آهن پر هو ترجماني ڪن ٿا عوام جي پسماندگيءَ جي. تنهنڪري جيتوڻيڪ اليڪشن تمام ضروري آهي پر اها هينئين درجي جي شيءِ آهي. مٿئين درجي ۽ Quality جي شيءِ عوام جي منظم شعوري جدوجهد آهي. عوام تاريخي مفادن وچان، عالمي شعور تحت ۽ پنهنجي سموري ذهني طاقت ۽ بي لوث پيار سان جيڪا جدوجهد ڪري ٿو، اوليت ان کي آهي، تاريخ ۾ بلند مقام ان جو آهي ۽ بنيادي تبديليون به اهائي آڻي سگهي ٿي. اسان کڏهن به ميمبرن کي هڪ خاص حد کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ لاءِ تيار ناهيون. ميمبر ته ٽڪي جا ٽيهه پيا آهن. چونڊجڻ کان ڇڳ مڙسيءَ جي نشاني ٿوروئي آهي. چونڊجن ته غدار ۽ لوٽا به ٿا، پوءِ اهي پاڪ صاف ٿي پيا ڇا؟ تنهنڪري اسيمبليون اسان جي بهترين امنگن ۽ آرزوئن جون آئيني دار ناهن. اسان جون اسيمبليون عوامي اوطاقون ۽ ڪچهريون آهن، جتان تاريخ سرجي ٿي. گليلو ڪهڙو ميمبر هو؟ ڪاپرنڪس ڪهڙو وزير هو؟ اسين ته انهن جا وارث آهيون. اسان ته ٽئگور جي ساڻ جا ماڻهو آهيون. اسان جو اڄ به جدوجهد ۾ ويساهه آهي. اسان اڄ به ان خيال جا آهيون ته دنيا ۾ تبديليون ۽ انقلاب تڏهن آيا آهن، جڏهن ماڻهن سچائين ۽ مظلومن جي حقن ۽ تاريخ جي گهرجن سان عشق وچان جدوجهدون ڪيون آهن ۽ سِرَ ڏئي سوڀارا ٿيا آهن.

جيئن گڏيل هندستان انگريزن سان وڙهيو تيئن هتان جا جمهوريت پسند بہ انگريزن جي ايجنٽن سان وڙهن۔ گورباچوف جو ڪردار انتهائي رجعت پرست، انتهائي عوام ۽ انقلاب دشمن هو۔

انٽرويو: ساجاهہ ست/ماهوار ساجاهہ، شمارو پهريون ۽ ٻيو، 1994ع

ساجاهہ: توهان کان اسان جو پهريون سوال سوويت يونين جي باري ۾ آهي۔ سوويت يونين جي ڊهڻ کانپوءِ دنيا ۾ توڙي اسان وٽ ڪيترائي ماڻهو نظرياتي طور ڊهي پيا آهن ۽ انهن جو توڙي سوشلزم جي مخالفن جو خيال آهي تہ سوشلزم، ڪميونزم ۽ مارڪسزم ختم ٿي چڪو آهي۔ توهان انهيءَ معاملي کي ڪيئن ٿا سمجهو ۽ ان جو ڪيئن بچاءُ ڪندا؟

پليجو صاحب: سوشلسٽ نظريو ارڙهين صديءَ کان وٺي باقاعدي صورت ۾ پيش ٿيندو رهيو آهي ۽ هاڻي انهيءَ کي ڪافي ٽائيم ٿي چڪو آهي. اهو هڪڙي سائنسي نظريي جي هجڻ جو دعويدار آهي، تنهن ڪري انهيءَ نظريي ۾ حالتن جي تبديليءَ سان ارتقائي ۽ انقلابي تبديليون ٿيندڙيون رهن ٿيون ۽ اهو لازمي آهي. جيئن پهريان پهريان جهازن اڏامڻ کان بہ پهرين ڪن ماڻهن جي ذهن ۾ اڏامڻ جو تصور پيدا ٿيو ۽ انهن پاڻ کي پک ٻڌي جبلن تان ڪٽي هيٺ ڇڏيو تہ اهي پکين وانگر اڏامي ويندا، پوءِ Balloons (ڦوڪڙا) آيا، ائرشپ آيا ۽ پوءِ ٻيا هزارين طريقا ٿيا. هاڻي بہ اهو ارتقائي ۽ انقلابي عمل جاري آهي. ساڳيو عمل سائنس جي ميدان ۾ آهي ۽ سماجي سائنس ۾ بہ ائين آهي، تنهن ڪري اهو عمل وڌندڙ ۽ ترقي ڪندڙ آهي. جيئن "Trails Errer" چيو آهي تہ، "ڪوشش ڪرڻ، آزمائش ڪرڻ ۽ غلطيون ڪرڻ، تاريخ جي هر عمل ۾ شامل آهي." هتي بہ ائين ٿيندو، ڪوششون ڪبيون، وري غلطيون ٿيندڙيون، وري انهن کي درست ڪبو. وري غلطيون ٿيندڙيون ۽ وري درست ڪبو. اهڙيءَ طرح سان اهو عمل ڊگهو ۽ طويل آهي ۽ بظاهر اٽڪت آهي.

اڳ ماڻهو سمجهندا هئا تہ هر ڪا شيءِ قدرت جي طرفان فطري طرح ٺئي ٿي. مثال طور: اڳي ماڻهو فطري طرح ڪپڙا ڪونہ پائيندا هئا، ماڻهن جو خيال هو تہ جيئن فطرت (جاوا) ۾ آهيون، تيئن ٿي رهڻ کپي، پر پوءِ ماڻهن فطرت جي ان صورتحال کي بدلائي ڇڏيو. اڳي ماڻهو گاهہ ۽ ٻيون ان جهڙيون شيون کائيندا هئا، ڪڪ ڪانہ ٿيندي هئي، فصل ڪونہ ٿيندا هئا، پوءِ ماڻهو زراعت سکيا. اهڙيءَ طرح سماج بہ

آهي. پهرين ماڻهو ائين سمجهندا هئا ته سڀ شيون جڙ ته قدرتي طرح ٿين پيون. پوءِ سوال پيدا ٿيو ته ماڻهو پنهنجي ارادي ۽ رٿابنديءَ سان ۽ پلاننگ سان هن سماج کي بدلائي سگهي ٿو. مارڪس جا مشهور لفظ آهن ته، "هرڪو سوچي ٿو ته دنيا ڇا آهي، پر اصل مسئلو اهو آهي ته دنيا کي تبديل ڪيئن ڪجي."

اهڙيءَ طرح جاگيردار نظريو، جيڪو غلامدار نظريي کان پوءِ آيو، اهو به دنيا کي تبديل ڪرڻ جو هڪڙو طريقو هو ۽ سرمائيدار نظام، جاگيردار نظام کي تبديل ڪرڻ جي وڏيڪ باشعور نموني ڪوشش آهي، ۽ سوشلسٽ نظريو ايڏو وڏيڪ باشعور نموني عوام جي وڏيءَ اڪثريت جي تائيد سان ۽ انهن جي پاران ۽ انهن جي پلائيءَ لاءِ دنيا کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش آهي. اهو نظريو آهستي آهستي اڳتي وڌي رهيو آهي.

توهان ڏٺو هوندو ته جنهن جاءِ تي موجوده سرمائيداري نظام پهتو آهي، انهيءَ تي سوشلسٽ نظام ڪيڏو اثر وڌو آهي. مثال طور: ماڻهوءَ کي اڻ ڪلاڪن کان مٿي ڪم نه ڪرڻ گهرجي. اها ڳالهه ارڙهين ۽ اٽويهين صديءَ جي سرمائيدارن ڪٿي قبول ڪئي هئي؟ سرمائيداريءَ ۾ اهي جيڪي سڀ شرافتون آهن، اهي ڪٿان آيون آهن؟ اهو سوشلسٽ نظريي، عمل، پلاننگ، جدوجهد ۽ ڪاميابين جو نتيجو آهي جو سامراج ڏٺو آهي ۽ ڪالونيون آزاد ٿيون آهن. پاڪستان، هندوستان آزاد ٿيو آهي ۽ آفريڪا آزاد ٿيو آهي. انساني حقن جو تصور آيو آهي. انسان ۽ انسانيت جو تصور آيو آهي. هي سڀ اڳ سرمائيداريءَ ۾ ڪٿي هئا؟ انساني حقن جو نالو ڪٿي هو؟ عوام جو نالو ڪٿي هو ۽ عوامي جدوجهد جو نالو ڪٿي هو؟ لبرل سرمائيداريءَ ۾ عوام کي ووٽ جو حق ڪٿي هو؟ انگلينڊ جهڙي سرمائيداريءَ جي ڳڙهه ملڪ ۾ به عورتن کي ووٽ ڏيڻ جو حق ڪٿي هو؟ تنهن ڪري هي جيڪو دنيا جي اڳتي وڌڻ وارو عمل آهي، اهو جاري آهي ۽ جاري رهندو. نالا مختلف ٿي سگهن ٿا، انهن جو استائيل تبديل ٿي سگهي ٿو، پر بنيادي محرڪ پنهنجي جاءِ تي قائم آهن ۽ قائم رهندا.

سوشلسٽ نظام ته هڪڙي هنڌ ختم ٿيو آهي، بيءَ سڃيءَ دنيا ۾ ڪٿي ختم ٿيو آهي؟ مثال طور: مڪو هو، جنهن تي اموي خاندان جو قبضو هو، پهرين مڪو (اسلام جو) هيڊ ڪوارٽر هو، پوءِ مدينو ٿيو، پوءِ دمشق ٿيو، پوءِ عراق ٿيو، پوءِ ته سڄو عرب ئي نه رهيو. ان کان پوءِ اهو ايرندي پاسي آيو. پوءِ غزنوي ٿيو، پوءِ مغل شهنشاهيت ٿي، پوءِ ٿيندو ٿيندو انڊونيشيا ۾ مرڪز پهچي ويو. تيئن انقلاب جا بنياد به تبديل ٿين ٿا، هو پنهنجون صورتون بدلائي ٿو. سوشلزم به صورت بدلائي سگهي ٿي، بهتر به ٿي سگهي ٿي ۽ پوئتي به هٽي سگهي ٿي. انسان ذات جي واڌاري کي انگريزيءَ ۾ ائين چئبو:

"It is never in straight line. It is never on same plain. It is never only forward but it goes back ward also. It never maintains same speed."

يعني ان جي واڌاري جي ساڳي رفتار نه هوندي آهي، تيئن پوئتي هٽڻ به واڌاري

۾ شامل آهي، اڳتي وڌڻ ۾ واڌاري ۾ شامل آهي. ساڳي رفتار، تبديل ٿيل رفتار، مٿي وڃڻ، هيٺ اچڻ، واڌارو ۽ چال ڏيڻ، تباهيون اچڻ، بربادیون ٿيڻ، اهو سائنسي ترقيءَ جو تصور آهي. تاريخ ورن وڪڙن ۾ وڌي ٿي، پنهنجو پاڻ کي دهرائي ٿي، هر دفعي نه پر مجموعي طرح وڌا وڌا چال ڏئي اڳتي ۾ وڌي ٿي ۽ جوڻ جي رفتار سان سُري ۾ ٿي، تنهن کري جيڪي ماڻهو واڌاري ۽ کائنات جي تبديل ٿيڻ جي سائنس کان واقف آهن، تن لاءِ هيءُ تمام معمولي، ننڍڙو ۽ هڪڙو وقتي واقعو آهي.

هونئن سوشلزم جا بنيادي حدف حاصل ٿين پيا، انهن وڏيون شاندار کاميابيون حاصل کيون آهن. اڃوکي جيڪا دنيا ڏسو پيا، اها سوشلزم جي کري آهي. ان جو نہ رڳو ماضي پر حال ۾ سوشلزم جي کري آهي. سوشلزم دنيا کي جيڪا دين ڏني آهي، انهيءَ جي کري ته هيءَ دنيا توازن ۾ آهي، نہ ته هيءَ دنيا وحشي هجي ها.

ساڃاهه: ان مان لڳي ٿو ته توهان سوشلزم کي ختم ٿيل نظريو نٿا سمجهو، ان کري اسان کي ٻڌائيندا ته سوويت يونين جي ڀڃڻ ۽ سوشلزم جي ناڪام ٿيڻ جا کهڙا سبب آهن ؟

پليجو صاحب: ڪڏهن ڪڏهن کي شيون انهيءَ کري ناڪام ٿيندیون آهن، جو انهن لاءِ حالتون ايجا سازگار نہ هوندیون آهن. پاڻ سيني کي خبر آهي ته جيڪي سوشلزم ۽ مارڪسزم جا باني هئا، انهن جو خيال هو ته سرمائيداري نظام جڏهن پنهنجين سمورين لياقتن کي پيش کري، استعمال کري ۽ پاڻ کي خلاص کري چڏيندي، يعني ان ۾ وڌيڪ واڌاري جي گنجائش نہ هوندي ته ان جي گرپ مان ۽ ان جي اندر مان سوشلزم جنم وٺندي، جنهن ۾ اهي سڀ وصفون هوندیون، جيڪي بهتر ۽ پازيٽو هوندیون. سوشلزم انهن سان ليس ۽ هٿياربند هوندي. تنهن کان سواءِ سوشلزم اهي شيون پريندي، جيڪي سرمائيداري نٿي ڏئي سگهي.

هتي ته (سوشلزم کي) اوچتو هڪڙو موقعو مليو هو. مارکس ۽ اينگلس جو چوڻ هو ته، جيئن ته سڄي يورپ جي سيني ملکن ۾ سرمائيداري آهي، ان کري سوشلزم به جيڪڏهن سيني ملکن ۾ نہ آيو ته ان کي ائين ئي نيست ۽ نابود کيو ويندو، جيئن فرينچ انقلاب کي نيست ۽ نابود کيو ويو هو ۽ ان جي مٿان سڄو يورپ چڙهي ويو هو. اهو جيڪو نيپولياني جنگي تجربو هو، تنهن هنن کي سيکاريو ته سڄي يورپ ۾ سوشلزم ڳڌجي اچي ته هلي به سگهندي، نہ ته اهي هن کي ماري چڏيندا. ان لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻيو نہ ته جرمني، فرانس ۽ انگلينڊ ۾ سوشلزم کي ضرور ڳڌجي هڪ ئي وقت اچڻ کپي. هتي روس ۾ عملي طرح هڪڙو موقعو مليو هو. جيڪو پهرين جنگ عظيم جي حوالي سان هڪڙو اتفاق هو، جنهن لاءِ لينن چيو ته هيءَ اُها سوشلزم ته کانہ ٿهندي، جيڪا سرمائيداريءَ جي خاتمي کان پوءِ هوندي، جنهن تي ٽراٽسکائي وارن اعتراض به کيا هئا، جنهن جو "Left wing Communism and infantile disorder" نالي کتاب ۾ وڏو بحث هليو آهي ۽ اهو "بوس لٽووسڪ معاهدي" جرمنيءَ سان

معاهدي جي باري ۾ آهي، جنهن ۾ تمام وڏو ۽ تفصيلي بحث آهي ته آيا هڪڙي ملڪ ۾ سوشلزم اچي سگهي ٿي ڇا؟ ۽ هڪ اهڙي ملڪ ۾ به سوشلزم اچي سگهي ٿي ڇا، جيڪو ملڪ ايڏا جاگيرداري دور مان مس نڪري رهيو هجي؟ جنهن لاءِ لينن چيو آهي ته اها آئيڊيل ۽ ماڊل سوشلزم ته ڪانه ٿيندي، هيءُ ته هڪ ڪساٽو ٻار ڄمندو، جيڪو ننڍو ۽ ٿورن مهينن جو هوندو.

ماڊل سوشلزم ته اها هوندي، جيڪا سرمائيداريءَ جي پرپور اظهار ٿيڻ ۽ ان جي پوڻهي ۽ مدي خارج ٿيڻ کان پوءِ ان جي پيٽ مان سرمائيداريءَ واريون سموريون صلاحيتون ڪٽي ايندي، پر هيءُ اسان کي تاريخ ۾ هڪڙو اتفاقي موقعو مليو آهي ۽ اسان کي انهيءَ اتفاق جو فائدو وٺڻ گهرجي. ان اتفاق مان جيڪو سوشلزم جو ٻار ڄمندو، اهو ڏاڍو ڪمزور هوندو. ان کي قائم رکڻ ڏاڍو مشڪل ٻه هوندو، پر هُن جي اڳڪٿي هئي ته اڇوڪين مخصوص حالتن ۾ ان کي قائم رکي سگهجي ٿو. ان ڪري انهيءَ ڳالهه کي ذهن ۾ رکڻ کپي ته سوشلزم لاءِ جيڪي گهربل ۽ ضروري حالتون هونديون آهن، سي روس ۾ ڪونه هيون. ان کان سواءِ پوري سرمائيدار دنيا روس کي گهيرو ڪري ڇڏيو هو ۽ اهو گهيرو ٽوٽل هو ۽ آخر تائين موجود هو. تنهن ڪري ان تي ڏاڍو خرچ پئجي ويو. روس لاءِ نون ملڪن کي آزاد ڪرائڻ جي ضرورت هئي. اهي جڏهن آزاد ٿي ٿيا ته انهن جو خرچ ٻه ڪيس پرٽو ٿي پيو. ان ڪري انهن تي ڏاڍو لوڊ پئجي ويو.

اهڙيءَ طرح دنيا جي ملڪن کي رڳو آزاد ڪرائڻ جو مسئلو ٻه نه هو، پر ٽئين دنيا جي ملڪن کي ترقيءَ جو غير سرمائيداراٽو رستو ڏيڪارڻ لاءِ سندن مدد ٻه ڪرڻي پئجي وئي. هنن ملڪن جا جيڪي حڪمران هئا، سي سرمائيدار ۽ جاگيردار هئا، تن روس کي سامراج سان بارگيننگ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ۽ ان کان مدد وٺڻ کان پوءِ ڦري وڃي سامراج وٽ ويهندا هئا. جيئن مصر جو مثال آهي. مصر سوئيز ڪئنال جي موقعي تي (روس کان) تمام وڏي مدد ورتي پر جڏهن ڪم لٽو، ڪاغذ ڦاڙو، وري وڃي "ڪتي سان ڪارا ٽيا گلر ٻه ويا پنهنجي گهر." هندوستان ٻه بار بار ائين ڪيو، پاڪستان ائين ڪيو. ايوب جي زماني ۾ پاڪستان کي استيل ملون مليون، پوءِ "ڪم لٽو، ڪاغذ ڦاڙو" ۽ هيءُ وڃي آمريڪا سان گڏيا، ايوب کي لاهي ڇڏيائون ۽ ان جي جاءِ تي يحيٰ کي آندائون، جنهن جي پاليسي آمريڪا واري هئي، تنهن ڪري اهي جيڪي مڊل ڪلاس جا ملڪ هئا، تن ٻه روس کي پٺيو ۽ ڪاڌو. روس وري جيڪي نه ٿيڻ جهڙا ڪم هئا، سي ڪيا، پر جيڪي ننڍڙا ڪم هئا، سي هو ڪري نه سگهيو. مثال طور: جيئن سستو ڪپڙو هو، لپ استڪ هئي يعني ٽڪي جهڙا ڪم ڪري نه سگهيو، پر جبل جيڏا ڪم هنن ڪري ڇڏيا. سرمائيداريءَ کي شڪست ڏنائون، نازي ازم کي شڪست ڏنائون، هٽلر کي ماري ڇڄايائون، پر چڀيون ۽ بريزر سڻا ناهي ڪونه سگهيا. اهي ٻه هاٿي هو پيدا ڪن ها پر مڙس ليٽي پيا. جيئن پلو

مَلهه هوندو آهي، پر ڪڏهن اوچتو ويهي رهندو آهي، تيئن هي طاقت جي گهٽ هجڻ ڪري ويهي رهيا.

انٽيليجنس به وڏو ڪم ڪري ڏيکاريو. يلسن جهڙا ماڻهو اندر ويهاريو وينا هئا. دنيا ۾ روس جي خلاف وڏي پروپيگنڊا ڪيائون، تنهن ڪري اهو جوش ۽ جلال نه رهيو. انٽيليجنس سرمائيدارن لاءِ وڏو ڪم ڪيو. هٿيارن جي ڊوڙ روس کي کٽائي وڌو. اندر ماڻهن آزادي چاهي ٿي. روس جو ڊانچو اهڙو هو، جو هنن پنهنجي پوري طاقت مرڪزيت تي لڳائي ڇڏي. ماڻهن جا ننڍا مسئلا، ماڻهن جا ڪنزيومر گُڊس جا مسئلا، ماڻهن جي خوش رهڻ جي خواهش ۽ ماڻهن جي آزادي، اهي مسئلا حل ٿي نه سگهيا.

انهيءَ جو مطلب اهو ڪونه آهي ته انهن ڳالهين جو هنن کي احساس نه هو، ڪن کي نه به هو پر ڪن کي هو. هنن سمجهيو ته اڄ ٽا ڪريون، سيانڻ ٽا ڪريون، تان جو مڙس ڊهي پيا. هن ۾ گورباچوف جهڙن ماڻهن جو وڏو ڪردار آهي. گورباچوف اها پل هئي، جنهن تان چڙهي سرمائيداري روس ۾ داخل ٿي. گورباچوف، يلسن لاءِ رستو صاف ڪيو. گورباچوف ڪميونسٽ پارٽيءَ جي خلاف ته گوڙ ڪيو ٿي ۽ انهيءَ نظام جي خلاف ڳالهايو ٿي، پر يلسن جي نظام تي چپن کي چونو لائي، چپ ٿي ويهي رهيو.

گورباچوف جو ڪردار انتهائي رجعت پرست، انتهائي عوام دشمن ۽ انتهائي انقلاب دشمن هو. هُن کي جيڪڏهن تبديليون ڪرڻيون هيون ته پهرين اقتصادي تبديليون ڪري ها، جيئن ڊينگ شائو پنگ ڪيو آهي. ڊينگ شائو پنگ سان اسان کي تمام گهڻا اختلاف هئا ۽ اهي هاڻي به ڪيترن معاملن تي آهن، پر اهي سياسي طرح جا آهن، پر هن پهرين اقتصادي تبديليون آنديون ۽ حالتون تبديل ڪيون ۽ پوءِ هاڻي جيڪڏهن آزاديون ڏيندا ته اهي نيڪ ٿيندیون. هن (گورباچوف) قصو الٽو ڪيو، هن پنهنجون سموريون قوتون سوويت يونين ۽ سوشلسٽ نظام کي ڊاهڻ تي لائي ڇڏيون ۽ اهو سهرو گورباچوف ۽ هن جي هم خيال ماڻهن جي سر تي آهي. يلسن ته اهو غندو آهي، جيڪو هن کان پوءِ آيو. دراصل ساڳي شيءِ جا به روپ آهن: هڪڙو روپ منڙو ۽ مرڪندڙ ۽ معصوم گورباچوف جو آهي، گورباچوف هڪ اهڙو نقاب آهي، جنهن جي هيٺان يلسن وينو آهي، جيڪو بلڪل آمريڪا جو ايجنٽ آهي ۽ اهڙيءَ طرح جڏ ته آمريڪا جي سي- آءِ- اي روس ۾ ٽيڪ اور ڪيو آهي.

ساڃاهه: سوويت يونين جي ڊهڻ کان پوءِ اڄڪلهه باقاعدي هڪڙو رجحان پيدا ڪيو پيو وڃي ته اديبن، شاعرن، دانشورن، پروفيسرن، شاگردن، ڊاڪٽرن، وڪيلن ۽ سماج جي ٻئي باشعور طبقي کي سياست نه ڪرڻ گهرجي. توهان اسان کي ٻڌائيندا ته ان جي پٺيان ڪهڙا عمل سرگرم عمل آهن ؟

پليجو صاحب: جيتري قدر ان سوال جو تعلق آهي، توهان ڏٺو ته بنگلاديش ۾ پاڪستاني فوجين پهرئين ڏينهن حملو ڪٽي ڪيو هو؟ هنن پهريون حملو يونيورسٽين تي ڪيو هو. سياستدانن تي حملو ڪونه ڪيائون، مجيب تي حملو

ڪونہ ڪيائون، ٻٽيهہ ڏان منڊي تي حملو ڪونہ ڪيائون، پر يونيورسٽين تي ڪيائون، ڇاڪاڻ جو هي جيڪي اولهہ پاڪستان جا غنڊا هئا، جيڪي هتان اتي موڪليا ويا هئا، سي عوام دشمن هئا. مون پنهنجي تقرير ۾ ٻہ چيو تہ اسان کي هن ملڪ جو سڀ کان وڏيڪ دشمن نمبر ون ڳولڻو آهي ۽ اها پاڪستان جي استيبلشمينٽ آهي، جيڪي ئي پاڪستان جا ڪرتا ڌرتا آهن، اهي پهرئين ڏينهن کان ونڊي پاڪستان جا مالڪ ۽ عوام جا دشمن آهن ۽ اهي غدار آهن. غدارن جا سلسليوار تولا آهن: ايوب تولو، اسڪندر مرزا تولو، يحيٰ تولو، غلام محمد تولو، چوڌري محمد علي تولو، ٻيو بيوروڪريسي، ملٽري ۽ سياستدانن جي غدار ۽ عوام دشمن تولي سان گڏ جج ٻہ شامل آهن. مثال طور: اوير پاڪستان جي سڃي سانحي (Debacles) ۾ اڳوڻي چيف جسٽس ڪارنيليس جو شرمناڪ ترين ڪردار آهي. انهن ماڻهن ۽ استيبلشمينٽ جي اک ۾ ڪنڊو دانشور آهي، پڙهيل لکيل اديب ۽ شاعر آهن.

توهان ڏٺو تہ ڏهين ڊسمبر 1971ع تي ڇا ٿيو؟ يعني پاڪستان جي فوجين 16 ڊسمبر تي هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ 17 ڊسمبر تي ٽي سئو سائنسدانن، اديبن ۽ فنڪارن جا لاش مليا. جيڪي (آپريشن جي دوران) رهجي ويا هئا، تن کي ڏهين ڊسمبر تي گرفتار ڪيو ويو ۽ 17 تاريخ انهن جا لاش بازار ۾ اڇلايا ويا، جنهن لاءِ جنرل فرمان عليءَ فرمايو تہ انهن کي هندستان قتل ڪري اسان کي بدنام ۽ خوار ڪيو آهي. جيتوڻيڪ هو گرفتاريون قبول ڪن ٿا تہ ڏهين تاريخ ڪرفيو لڳائي، کين بسن مان لاهي گرفتار ڪيو ويو ۽ پوءِ وري چيائون تہ البدر وارا ماري ويا ۽ اسان کي خبر ڪانہ آهي، ڇو جو هنن جو خيال آهي تہ دانشور ٽيهن- چاليهن ۽ پنجاهہ سالن ۾ ٿهندو آهي، جن مان ٻہ گهٽا تہ پاڙيتو هوندا آهن، ڪرائي جا دانشور هوندا آهن. جن ماڻهن جو ايمان ننڍڙو آهي، ٻہ- تي ڏينهن ڦٽ ڦٽ ڪن ٿا، پوءِ وڪامي وڃن ٿا. بقول پٽائيءَ جي تہ:

ڦريا پسي ڦيٽ، ڪرين ڪير نہ چڪيو،
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٽيا.

اهي جيڪي بازاري ماڻهو آهن، سي تہ ٿهيو پر جيڪو سڇو پڇو ماڻهو آهي، اهو تہ نسلن لاءِ ٽٽي ٿو، صدين تائين ٽٽي ٿو. هنن جو خيال هو تہ انهن کي ماري ڇڏيو تہ ٻيا پيدا ئي ڪونہ ٿيندا. هاڻي هتي ٻہ اهوئي ٽي رهيو آهي، اهو سڇو پاڪستان جي استيبلشمينٽ باقاعدي منظم نموني سان ڪري رهي آهي.

اسان جي ملڪ جي بجيٽ جو سٺ- ستر سيڪڙو فوج کائي ويجي ٽي، ان جو ٽيهہ سيڪڙو پاڪستان جي عوام جي خلاف جنگ ۾ خرچ ٽٽي ٿو، ان ۾ جمهوري حڪومتون ٻہ اڇي وڃن ٿيون. پاڪستان جي جيڪا پگهاردار استيبلشمينٽ آهي، تنهن کان ٽيٽي پگهاردار استيبلشمينٽ ملڪ جي اندر تخريبڪاري ڪري ٽي. بظاهر حڪومت جو هڪڙو معاملو آهي، اندر ٻي حڪومت ويني آهي، جيڪا سيني کي ڪلٽي ڪندي آهي. انهيءَ تي ڪروڙين روپيا خرچ ٽين ٿا. توهان ڏسو پيا تہ

ماڻهو رات وچ ۾ ڪروڙپتي ٿي ويا آهن، جيڪي هونئن ٽڪو ڀاڙهو ڪونہ لهن. مون وٽ جيڪڏهن هي بنگلو آهي تہ اسان جي هڪ گڏيل فيملي آهي ۽ اهو اسان جو گهر آهي، نيڪ آهي، اسان جو ڏنڏو آهي، آئون وڪيل بہ آهيان، مون کان وڏا بنگلا ٻين جا آهن. آفتاب آخوند جا گهٽا بنگلا آهن؟ آئون جي وڪالت ڪريان تہ اهڙا ڏهوٽا بنگلا ناهيان، پر جن جي گهر ۾ اٽو بہ ڪونہ هو، جيڪي رڳو تغاريون پيا کڻندا هئا، اهي ڪروڙپتي ۽ ارب پتي ڪيئن ٿي ويا آهن؟ ڇا انهن کي اهڙو ڪم ڪيو آهي يا سائنسدان آهن يا انهن کا ايجاد ڪئي آهي؟ ڪي زمين مان تيل جا کوهہ لڌا اٿن؟ پئسا ڪٿان آندا اٿن؟ هي جيڪي ڏسو پيا تہ رات وچ ۾ ڪروڙپتي ٿي ويا آهن.

اوچتو ئي اوچتو هڪڙو ماڻهو ميدان ۾ اچي لٿو آهي تہ هو هاري اڳواڻ ٿي ويو آهي. ڪو چوي ٿو تہ آئون دهشتگرديءَ کي ختم ٿو ڪريان. مون کي اچي دعوت ڏيندا تہ سائين! اسان جي توهان کي دعوت آهي. "ڪٿي آهي؟" چي: "ايواري تاور ۾ آهي." اسان پريس ڪلب جي پئسن ۾ قرضي ٽيا پيا آهيون، اسان هلي هلي ڇتا ٿي پيا آهيون، آئون وڪيل آهيان، تون جو مصيبت پوئي ايواري تاور ۾ ڪانفرنس ٿو ڪرين تہ پئسا ڪٿان هٿ ڪيا اٿئي؟

اهڙيءَ طرح تعليمي ادارن ۽ يونيورسٽيءَ ۾ ڪشميري خان کي آندو ويو، آزاديءَ جا نعرا هٽايا ويا ۽ يونيورسٽيون ۽ ڪاليج سڀ غنڊن ۽ بدمعاشن جي حوالي ڪيا ويا. ون يونٽ دانشورن ٿوڙيو هو. اديبن، دانشورن ۽ اسان يونيورسٽين ۾ وجي تقريرون ڪيون هيون. شاگردن کي ٻڌايوسون تہ شاگرد آڳ ٿي ويا، تنهن ڪري هي چون ٿا تہ شاگرد، دانشور، مزدور ۽ هاري گڏ نہ ٿين. دانشور کي قتل ڪريو، تعليم کي ختم ڪريو، علم کي تباهہ ڪريو، ڏور هجن، ڏوندڙ هجن ۽ ٻيا مردا هجن، انهن جي وات ۾ هڪڙا ڪيسٽ وجهي ڇڏجن تہ هو "انقلاب! انقلاب!" وينا ڪن. ڪيستون پيون وڃن، جاهل، گڏهہ، بيوقوف ۽ نااهل ماڻهو وينا "انقلاب! انقلاب!" ڪن، جن کي انقلاب جي خبر ئي نہ هجي. اهڙيون هڪڙيون بوگس انقلابي تحريڪون هجن، سڀ کا تحريڪ، ويندي هاري تحريڪ بہ ايجنسيون چون ٿيون تہ اسين هلائيندا سون، مزدورن جي تحريڪ بہ اسين هلائينداسون، آزاديءَ جي تحريڪ بہ ايجنسيون پيون هلائين. جيڪڏهن لينن جي ورسي ڪرٽي هجي تہ بہ اهي ٿا ڪرڻ چاهين، مارڪس جي ورسي ڪرٽي هجي تہ بہ اهي ڪرڻ ٿا چاهين. جيڪڏهن مارڪس جو ڏينهن ملهائڻو آهي تہ هو چوندا تہ اسان ٿا پئسا خرچ ڪريون. ٽوٽل ڪم هي ٿا ڪرڻ چاهين، دين بہ هنن جي حوالي آهي. ٽوٽل ايجنسين جو قبضو آهي. انهن کي قوم جا هڏڙوکي دانشور اصل نہ ڪپن، تنهن ڪري اهڙي پروپيگنڊا وينا ڪن تہ توهين وڃي گهر ويهو، جنرل فلاڻو ۽ ڪرنل فلاڻو ۽ ميجر فلاڻو توهان جي پاران پاڻهي علم، عرفان ۽ دانش سڀ اهي ڪندا.

ساڃاهہ: ايجنسين جي حوالي سان ئي سوال آهي تہ چيو ٿو وڃي تہ سنڌ

جي سياست ۽ صحافت ۾ ايجنسين جي مداخلت وڌي وئي آهي. توهان جو ان لاءِ ڇا چوڻ آهي ؟

پليجو صاحب: اهو هاڻي سيني ڪتابن ۽ پريس ۾ اچي چڪو آهي ته ٽوٽل حڪومت ايجنسيون پيون هلائين، صحافت ۽ سياست ته ڇا، ڪهڙو شعبو آهي جنهن ۾ انهن جو عمل دخل ڪونہ آهي؟ زندگيءَ جي هر شعبي ۾، اي ڪان زيڊ تائين، ٽوٽلي ايجنسين ٽيڪ اوور ڪري ڇڏيو آهي. ڪو ڪو ماڻهو بچيو آهي، ٻيا ماڻهو جيڪي آهن، تن کي هي مارائي ڇڏين ٿا. فاضل کي ڪنهن مارايو؟ ايجنسين ئي مارايو هو. آئون چوان ٿو ته هيءَ جيڪا نذير جي باري ۾ انڪوائري ٿئي پئي، جيڪڏهن حڪومت سيريس آهي ته فاضل جي باري ۾ بہ انڪوائري ٿيڻ کپي.

بہ وڳي پريس ۾ آيو ته هن ۾ سياست جو هٿ ڪونهي ۽ بن ڪلاڪن کان پوءِ ريڊيو پاڪستان کي ڪيئن خبر پئي ته هو ذاتي دشمنيءَ جي ڪري ماريو ويو آهي؟ اِهي ايجنسيون هاڻي مون کي بہ مارائڻ گهرن ٿيون، بلڪل آئون ڏسان پيو. هاڻي جيڪا منهنجي چوري ٿي آهي، سا ائين ڪانہ ٿي آهي. بلڪل اهڙا آثار ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اڳي مون کڏهن ائين ڪونہ چيو آهي. آئون هيءُ پهريون دفعو چوان ٿو ته ايجنسيون مون کي قتل ڪرائڻ چاهين ٿيون. مون کي اهڙي منصوبي بندي نظر پئي اچي.

اهو دانشورن سان بہ لاڳاپيل سوال آهي ته جيڪي دانشور هجن، تن کي مارائي ڇڏيو. پٽي کي مارائي ڇڏيو، فاضل کي مارائي ڇڏيو، ٻين کي جيل ۾ وجهي ڇڏيو. جيڪي پاڻ مرادو ڪرائي جا ٽٽو آهن، انهن کي ڇڏي، باقي جيڪي ڇگا ٻلا آهن، تن کي Wipe off (ختم) ڪري ڇڏجي. پاڪستان جي عوام جي خلاف اهو هڪڙو وڏو پلان آهي. 14 آگسٽ 1947ع کان اڳ جيڪي جنگِ آزاديءَ ۾ ڪونہ هئا، جيڪي مسلم ليگ ۾ بہ ڪونہ هئا، جيڪي سامراج دشمن نہ هئا، جيڪي برطانيا جا ٽٽو هئا، سڄو وقت انهن سان گڏ هئا، انهن جي طرفان پاڪستان جي هر حساس دل کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪڙو وڏو پلان آهي. اها اسان جي پٺسن سان اسان جي خلاف جنگ ڪئي پئي ويجي ۽ اها اسٽيبلشمينٽ جي طرفان اسان جي خلاف جنگ هلي رهي آهي ۽ انهن جي ايجنسين جي طرفان 14 آگسٽ کان ونڊي اها جنگ پاڪستان جي عوام جي خلاف جاري آهي.

پاڪستان جي جمهوري قوتن جو فرض آهي ته جيئن اهي انگريزن سان بہ وڙهيا هئا، تيئن انگريزن جي هنن ايجنٽن سان بہ وڙهن. هنن کي ناڪام بنائين. هنن جا جيڪي خوني چنبا سماج جي اندر کتل آهن، جيسين اهي ڪڍيا نہ ويندا، تيسين اسان غلام رهنداسون.

جيئن هاڻي سنڌ جي صوبائي خودمختياريءَ کي ختم ڪيو ويو آهي. "آزادي! آزادي!" پيا ڪن. توهان ته بادشاهہ ماڻهو آهيو، جيڪي رڙيون پيا ڪريو. آئون چوان ٿو ته سنڌ جي 1936ع واري صوبائي خودمختياري ڪٿي آهي؟ سنڌ ۾ هينئر بہ چون ٿا

تہ اڏ ڏيو دهشتگردن کي، جيڪي اوهان کي قتل ڪن ٿا، ٻيو ڏيو فوج کي، باقي وڏيرا ڪرائي جا تڏو وينا هجن، جن وٽ پاور ئي ڪونہ آهن. سو سوال صوبائي خودمختياريءَ جو آهي. توهان چئو ٿا تہ پي- ايڇ- ڊي پاس ڪريو، پي- ايڇ- ڊي ڇا؟ هي مئٽرڪ ۾ ئي فيل ڪريو ٿا ڇڏين. هي تہ مئٽرڪ ٻہ پڙهڻ ڪونہ ٿا ڏين، تہ پهرين مئٽرڪ جي ڀگالهہ ڪريو. آئون مئٽرڪ جي ڀگالهہ ٿو ڪريان. اسان کي صوبائي خودمختياري موٽائي ڏيو، اسان کي اقتدار اهو ڏيو، جيڪو 1936ع ۾ اسان کي مليو هو. اهو ڪٽي آهي؟ آزادي تہ وڏي ڀگالهہ آهي.

ساڃاهہ: ڪجهہ وقت اڳ قادر مگسيءَ پنهنجي گهر، توهان جي دعوت جهلي هئي، ان دعوت کان پوءِ سندن پارٽيءَ جي پاران توهان ۽ ترقي پسند پارٽيءَ جي وچ ۾ اتحاد جو بيان آيو، پر پوءِ سگهو ئي توهان پاران ان جي تردید اچي وئي. ڇا توهان ترقي پسند پارٽيءَ وارن سان گڏجي اتحاد ڪرڻ ئي نٿا چاهيو يا ڪا ٻي ڀگالهہ هئي؟

پليجو صاحب: اسان هر ڪنهن سان گڏجي جدوجهد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، پوءِ ترقي پسند پارٽي هجي يا ٻيو ڪوبہ هجي. ڪيترن ئي هنڌن تي ترقي پسند وارا ايندا آهن ۽ اسان هڪٻئي سان ملندا آهيون ۽ سياڻ ڪوبہ سڌ ٿيو، ڪا ڪم جي ڀگالهہ ٿي يا اسان سمجهي تہ هيءَ ڪارآمد ڀگالهہ آهي، تہ ان ۾ شريڪ ٿيندا سون، باقي ان وقت جيڪا ڀگالهہ ٿي هئي تہ گڏجي، متحد ٿي، هڪڙو اتحاد ٺاهي ڪم ڪريون، ان لاءِ اسان معذرت ڪئي هئي. مون کي دعوت ڏنائون، جنهن لاءِ مون کين چئي ڇڏيو هو تہ سياسي ڀگالهہ ٻولهہ نہ ڪندا سون، چيائون تہ رڳو ماني اچي کائو. مون کي توهان ٻہ سياڻ جيڪڏهن دعوت ڏيندا تہ مان سياڻ ئي هلي کائيندس. آئون سمجهان ٿو تہ سنڌي ماڻهن ۾ وڏو نقص ئي اهو آهي جو هو هڪٻئي سان ملن نٿا، ان ڪري ملڪ تباهہ ٿي ويو آهي. ٻيا ماڻهو پاڻ ۾ ملن ٿا، مانيون کائين ٿا، اردوءَ وارا ڀگالهائين ٿا، پنجابي ملن ٿا، سڄو ڏينهن پيا هڪٻئي جون مانيون کائين. اسان رُکي سُکي دال تي تہ هڪٻئي کي دعوت ڏئي سگهون ٿا. منهنجو اصول آهي تہ جيڪو چوندو آهي تہ ماني کاءُ ۽ کاراءِ تہ آئون ماني کائيندو ٻہ آهيان ۽ کارائيندو ٻہ آهيان. آئون سمجهان ٿو تہ اهو ضروري آهي تہ اسان پاڻ ۾ برابريءَ جي بنياد تي دوستن وانگر گڏجي ويهون، سو مون کي سڌ ڪيائون ۽ مون چيو حاضر، جڏهن چئو، ماني ڇڏڻ وارا اسان مڙس ئي ناهيون. سو وياسون تہ اتي حسين بخش ٻہ وينو هو. ڀگالهيون ٻولهيون ٿيون. مون کين چيو تہ هيستائين پاڻ ماڻهو هڪٻئي لاءِ قابل اعتماد ٿي نہ سگهيا آهيون، پاڻ هڪ ڏينهن ميٽنگ ڪريون ٿا، ٻئي ڏينهن ڀڄي وڃون ٿا. اسان هڪٻئي کي ٻڌايون ٻہ ڪونہ ٿا، تہ اسان ڀڄي ٿا وڃون ۽ رات وچ ۾ ٻيو اتحاد ٺهيو وڃي.

هتان بهارين جي خلاف لطيف جي درگاهہ تي وياسون، ايجان اتي پهتاسون ئي ڪونہ، تہ همراهن جا ٻانهن ۾ هٿ پئجي ويا! چگّا ٻلا ماڻهو، صفا انقلابي، بنهہ ٽاندا

تانبا، ٻانهن ۾ هٿ ته اڇتي نه وڌو! چيوسون ته لطيف جي درگاهه تي دانهن ڏيڻ ٿا ويون، ته ٻهاري نه اچن، ته چي: "نه! سنڌياڻي تحريڪ گڏ نه هجي!" چيوسون، عورتن کي پاڻ کان جدا ڪندا؟ ترقي پسند ٿيا آهيو، تقريرون ڪريو ٿا، لڙيون ناهيو ٿا. ايڏو ته تارچر ڪيو ويو، جو جيڪو ماڻهو سنڌي ماڻهن جي اتحاد جي ٻالهه ٿو ڪري، اهو ته هنن وٽ بليڪ ميلنگ لاءِ بلڪل تيار ٿي وڃي. توهان اتحاد ڪريو، پوءِ گهوٽ جي ماءُ وانگر جنيون سهڻ لاءِ به تيار ٿي ويهو. اتحاد ڪريو يا "سنڌ جو نانءُ ورتو ڇڻ ڪاريهر تي پير پيو." تنهن ڪري اسان ۾ جيسين مضبوط ۽ ثابت قدميءَ سان بيهڻ جي اخلاقيات نه آئي آهي، تيسين اڇتي هلي نٿو سگهجي. آئون اها ٻالهه رڳو هڪ خاص ترقي پسند جي باري ۾ نٿو چوان، پر اسان سيني جو روَيو اهڙو آهي، جنهن ڪري مون کانئن معذرت ڪئي ته ائين ڪونه ٿيندو، باقي پاڻ گڏ آهيون، هڪٻئي جو اعتماد حاصل ڪريون، ته اسان رات وچ ۾ پڇي ڪونه ويندا سون، ان ۾ عربيون، فارسيون ڪونه ڪنداسون، باقي اصولي طرح اسان اتحاد جي اهميت کي محسوس ڪريون ٿا. پوءِ بيان اڇي ويو، جيڪو اجايو، غلط ۽ توڙل بي بنياد هو. اسان ان جي ترديد ڪئي ته ائين ٿيڻ نه ڪپي ته ڪوڙا بيان ڏئي ڇڏجن، ڇوته اسان اها وضاحت ڪري ڇڏي هئي. اتي حسين بخش به هو ۽ قادر به هو ۽ اسان مان، آءٌ ۽ عالم شاهه هئاسون، جتي مون واضح نموني سان ڏهه دفعا چيو هو ته هن وقت اتحاد لاءِ مناسب وقت ڪونه آهي. جڏهن ٿيو ته سڀ کان اڳ اسان حاضر ٿيندا سون. ان لاءِ مون سندن شڪريو ادا ڪيو ته توهان اها چڱي ٻالهه ڪئي آهي. جيڪو به ماڻهو سنڌي ماڻهن جي گڏجڻ جي ٻالهه ٿو ڪري، اهو شاباس جي لائق آهي، باقي اسان جي راءِ آهي ته ان لاءِ وقت لڳندو، غور فڪر ڪبو، حالتون سازگار ٿين، بس ايتري ٻالهه ٿي هئي.

ساڃاهه: 30 سيپٽمبر جي واقعي جو الزام قادر مگسيءَ مٿان لڳندو رهيو آهي، ان لاءِ توهان جو ڪهڙو موقف آهي؟

پليجو صاحب: اهو الزام ناهي پر انهن جي پنهنجي دعويٰ رهي آهي ته اهو اسان ڪيو آهي ۽ اهو اسان سنڌي قوم جي فائدي وٽان ڪيو آهي. ان ۾ الزام جي ٻالهه ئي ڪانهي ۽ نه اهو الزام آهي، پر انهن جي پنهنجي دعويٰ آهي ته اهو اسان سنڌي قوم جي پلائي ۽ بهتريءَ جي واسطي ائين ڪيو آهي، تنهن ڪري آئون ان کي الزام جي معاملي جي حوالي سان نٿو ڏسان. آئون نٿو سمجهان ته هو دوست ڪو اهو چوندا هوندا ته اهو اسان تي الزام آهي.

ساڃاهه: ڪجهه وقت اڳ، سنڌ جي سياسي تنظيمن جي طرفان ڪالاباغ ڊيم جي خلاف جدوجهد هلندڙ هئي، جنهن لاءِ توهان جي طرفان به حيدرآباد کان بدين ۽ ننڍي کان ڪراچيءَ تائين لانگ مارچ ڪيو ويو هو، پر هاڻي جدوجهد مائي ٿي وئي آهي. ڇا حڪومت ڪالاباغ ڊيم جي منصوبي کي في الحال روڪي

چڏيو آهي، انهيءَ ڪري اها جدوجهد مائي ٽي وئي آهي يا ڪا ٻي ڳالهه آهي؟

پليجو صاحب: ڪالاباغ ڊيم جو مسئلو سنڌي ماڻهن جي زندگيءَ ۽ موت جو سوال آهي ۽ پاڪستان جي ظالم ۽ ڦورو طبقن جي به زندگيءَ ۽ موت جو سوال آهي. پاڪستان جو Final Solution (آخري حل) ٽي ڳوليائون. بنگالين جو آخري Solution (حل) ڪهڙو ڪيو هئائون؟ انهن مان ڪن ماڻهن چيو ته سندن نسل بدلايو. ٻين چيو ته دانشور قتل ڪريو. هٽلر جڏهن روس تي حملو ڪيو هو ته چيو هئائين ته روسين کي شهرن جي ضرورت ڪانهي، ماسڪو ۽ لينن گراڊ سڀ فضول شهر آهن، اتي ڦڏا ٽين ٿا، شهر ڊاهي چڏيو، فقط ٻهراڙيون رکو. يونيورسٽيون ۽ ڪاليج ڪم جا ڪونه آهن. جيڪڏهن روس تي قبضو ٽي ويو ته انهن کي رڳو جوڙ ۽ ڪٽ سيکاربي، ته جيئن اهي جرمنن جي واسطي ڪم ڪن ۽ اَن ۽ ليبر پيدا ڪن. جرمني مرڪز رهي، پر هتي اڻ پڙهيل ماڻهو ڪپن.

هتي اسان جي سنڌ جي باري ۾ به ائين آهي. چون ٿا ته تعليم ختم ڪريو، نُش نُش ڪري تعليم ختم ڪري چڏيائون، سي وري سورما ٽيو وتن. "سنڌي مار سورما" وري قوم جا نجات ڏيارينڊڙ ٽي ويا! هيءُ هن ملڪ ۾ ٽئي ٽو، ڇڙا سادا ۽ اڻوجهه ماڻهو هن ملڪ ۾ آهن، جتي ماڻهو قتل ڪرائي، ٻيڙي ٻوڙي، تعليم جي چيلهه ڇيڪي، ماڻهن کي تعليم ۽ تهذيب جو رڻ پٽ ڏيڻ وارا مجرم قوم جا نجات ڏيارينڊڙ به ٽي ويا، سي وري نچن ڇپا، ٽپن ڇپا، پٽڪا ڇپا ٻڌن، ۽ هڪڙا وڏا سورما ۽ دودا ٽيا وينا آهن. اها ڪربلا هن ملڪ سان آهي ۽ اسان جي سنڌ سان آهي. هاڻي انهيءَ صورتحال ۾ هنن اسان لاءِ اهو تپ ڪڍيو آهي ته هنن جو پاڻي بند ڪيو وڃي. پهرين تعليم بند ڪئي وئي، مٿان وري هاڻي پاڻي ڇپا بند ڪن. اسان انهيءَ لاءِ جدوجهد ڪريون ٿا.

لڙائيءَ جي رفتار سدائين ساڳي نه هوندي آهي. چوويهه ڪلاڪ ڪاب فوج وڙهي نه سگهندي آهي. هٽلر به ڪونه وڙهي سگهيو هو. توهان جنگ جي جيڪا به تاريخ پڙهو، ورلڊ وار جي تاريخ پڙهو، ڇا سڄو وقت سيئي فوجون حرڪت ۾ هيون؟ ممڪن ئي ناهي. ڇا ڪانگريس جي تحريڪ سڄو وقت ساڳيءَ رفتار سان وڌندڙ هئي؟ نه! توهان هڪڙي تارگيٽ تي ايندا ۽ وري ٻيهر ٻئي حملي لاءِ تياري ڪندؤ، تنهن ڪري اسان پهرين مارچ ڪيو، تنهن کان پوءِ فرنٽيئر کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ دوستن کي چوڻ وياسون، پوءِ بلوچستان وياسون. وري هڪ نئون شوشو اٿيو. ان شوشي جي خلاف ماڻهن کي آگاهه ڪيوسون. ڇيائون ٿرين جي رڻ پٽ کي پاڻي ٿا ڏيون. مون وڃي ٿر جو دورو ڪيو ۽ ٿري ماڻهن کي ٻڌايو ته هيءَ رڳي حرام پائي آهي، ڇا جو ٿر، ڇا جو پاڻي، هيءَ سڄي بدمعاشي آهي. وري ڏنائون ته متان ڪو فتنو پيدا ٿئي ۽ ڇيائون ته ٿرين کي پاڻي ڏيو، ٿر کي پاڻي ڏيو، ٿرين سان پليجو ناحق ٿو ڪري، پليجو ظلم ٿو ڪري! فاضل کي قتل ڪيائون ۽ منهنجي خلاف وري ڪردار ڪُشيءَ جي مهم هلائي وئي. منهنجي خلاف پنجاهه ڪتاب ته لکيا ويا آهن، هر مهيني

هڪڙو ڪتاب ٿو لکجي. انهيءَ ڳشريءَ کي ب منهن ڏنوسون.

هاڻي وري انبس ڊيم جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ٿئي. ان جي خلاف ب جدوجهد پيا ڪريون. مون کالهه ٽيون ڏينهن ٽنڊي محمد خان ۾ تقرير ڪئي آهي ۽ چيو ته اسان جو خيال آهي ته سيني صوبن جي عوام جي باري ۾ گڏيل اجلاس ڪوڻائجي، پر پئسن جو مسئلو آهي، اسان وٽ پئسا ڪونه آهن. اسان وٽ پڙهيل ماڻهو ڪونه آهن، سنڌ جو مڊل ڪلاس گڏ ڪونه آهي، اهو چڑوچڑ آهي، اهو گڏ هجي ته اسان هنن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيون. هي جيڪي ننڍڙا ننڍڙا ٽڪرا آهن ۽ ننڍڙا ننڍڙا ماڻهو آهن، تن کي ايجنسين پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي. ڪنهن کي ڪهڙو ته ڪنهن کي ڪهڙو راندیڪو هٿ ۾ ڏئي ڇڏيو اٿن ته اهو وينو تون ڇُوس. هر ڪنهن کي چوسڻي ڏئي ڇڏي اٿن: ابا! تون ڪميونزم کي ڇُوس ڇُوسان، ڇُوس ڇُوسان لڳي پئي آهي. ابا! تون آزاد سنڌو ديش ٺاهه. ابا! تون سوشلسٽ محاذ ٺاهه. ڇُوس ڇُوسان، ڇُوس ڇُوسان لڳي پئي آهي. ڇوڪرا آهن، ننڍڙا ٻار آهن، آڳوٺا وات ۾ پيا آهن، ڇُوس ڇُوسان، ڇُوس ڇُوسان لايو وينا آهن.

جيئن بنگال ۾ مڊل ڪلاس گڏ ٿيو هو يا جيئن هندوستان ۾ گڏ ٿيو هو، تيئن جيڪڏهن مڊل ڪلاس گڏ ٿئي ته هنن جا دروازا بند ٿين ۽ هنن جي بولتي بند ٿي وڃي. پوءِ ڏسو ته اسان ڪالاباغ ڊيم تي ڪيئن ٿا جدوجهد ڪريون. اسان آهيون: "آڻين ۽ چاڑهين، ڏٺ ڏهاڙي سومرا!"

ب- تي ڏينهن پني سني، ب- تي ڏوڪڙ گڏ ڪندا آهيون، وري هڪڙي ڳشري ڪندا آهيون، وري ب- تي ڏينهن گذرندا ته بي ڳشري ڪندا آهيون، پر اها مهم جاري آهي، توڙ تائين جاري رهندي. "سج ڪٽي يا ٻج ڪٽي." ڪالاباغ ڊيم جي جند ڪانه ڇڏبي. جهڙي پهچ آهي، تهڙا لڳا پيا آهيون.

جان جان هئي جيئري، ورچي نه وينی،
وڃي يونءِ پينی، سڪندي کي سڃٽين.

ساڃاهه: توهان لاءِ اهو چوڻ آهي ته توهان رڳو ڪالاباغ ڊيم جي خلاف زور شور سان جدوجهد ڪندا آهيو پر سنڌ جي ٻين مسئلن کي ايتري اهميت نه ڏيندا آهيو.

پليجو صاحب: اسان ان لاءِ "سنڌ جا مسئلا ڪانفرنس" گهرائي هئي، ته جيئن هڪڙي ڪالاباغ ڊيم نه پر سنڌ جي سيني مسئلن جي نشاندهي ٿئي. اسان ان ڪانفرنس لاءِ سنڌ جي سيني برندڙ مسئلن لاءِ تجويزون گڏ ڪيون هيون، اهي اسان وٽ رکيون آهن. اهو اسان جو وڏو علمي سرمايو آهي. اسان انهن تي هوم ورڪ ڪيو آهي، پر اسان وٽ وسيلن جي ڪوٽ آهي. تازو سنڌ سرڪار "هاري ڪورٽون" ٺاهڻ جي باري ۾ ڪانفرنس گهرائي هئي، آئون اتي ب ويو هوس. اسان ان مسئلي کي ڪنيو هو. اسان تجويزون پيش ڪيون هيون ته هاري ڪورٽون قائم ڪيون وڃن ۽ ان لاءِ

سول ججن کي پاور ڏنا ويڄن.

اسان اها ڳالهه ان جي روشنيءَ ۾ ڪئي هئي، جنهن لاءِ اسان "مسئلا ڪانفرنس" گهرائي هئي. هاڻي اسان هاري مسئلي کي ڪٽون پيا. سرڪار به ان ۾ دلچسپي ورتي آهي. اسان ان ۾ اهو سوال ڪونه ڪيو آهي ته اسان اپوزيشن جا ماڻهو آهيون، تنهن ڪري اسان جو شان گهٽجي پوندو، نه نه. مون کي هڪڙو مختيارڪار گهرائي چوندو هو ته هارين جو مسئلو آهي، تون صلاح ڏي ته آئون صلاح ڏيندس.

اسان جي سيني مسئلن تي نظر آهي، جيئن ايريگيشن جي ڪاتي آهي ته اسان ان تي به غور ڪيو آهي. ورڪ آئوٽ ڪريون پيا، يا جيئن تعليم جو مسئلو آهي، آئون سڀ پڙهان پيو، جيڪي ڪارروائيون ٽين پيون يا جيڪي مجاهد باهيون ٻاريو ٻيٺا آهن، اهي سڀ خبرون پڙهون پيا ۽ سمجهون پيا ته ڇا پيو ٿئي. اسان تعليم جي معاملي تي وڏي مهم هلائڻ وارا آهيون، سڄيءَ سنڌ کي سڏيندا سون، پر پهرين ڏسون ته ڇا پيو ٿئي. مان ڪالاباغ ڊيم تي به دير سان آيو هوس، پهرين ٻين دوستن بيان ڏنا هئا. مون چيو ته ٻيا به اٿن، جي آئون ڪنهن ڳالهه کي کڻندس ته ٻيا سمهي پوندا، منهنجي دشمنيءَ ۾ سڀ سمهي رهندا، ان ڪري هي ته پاڻ کي ڪمينٽ ڪن، شير ميدان ۾ اچن، نه ته شير ڀڄي ويندا ۽ آئون اڪيلو ٻيٺو هوندس، ڇوته هي ڪوڙ ڪندا، فراڊ ڪندا، پاڻ ماڻهو هونئن به فراڊي گهٽا آهيون. هاڻي به پهرين پلي شير ميدان ۾ اچن، پاڻ کي ڪمينٽ ڪن، ڳالهيون ڪن، پوءِ پاڻ سڄيءَ ڳالهه کي سهيڙي ڇڏيندا سون. چي: "پليجو پوءِ ٿو اچي." جيڪڏهن توهان گڏجي ساڻ ڏيو ها ته اسان ائين ڇو ڪريون ها؟ اسان کي خبر آهي ته توهان ڀڄي ويندا. هِتان منهنجو نالو ونڻ ۽ هُتان توهان گولي ٿي ويندا.

توهان کي خبر آهي ته اڳئين پيري ڇا پيا چون؟ چون پيا ته ڪالاباغ ڊيم مان سنڌ کي الاهي فائدو آهي. ان کان اڳ منهنجو هڪ وڏو ۽ پيارو دوست آهي، تنهن چيو ته پهرين سنڌ کي آزاد ڪرايو، پوءِ ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪريو. پهرين هڪڙي ڏينهن سنڌو ديش آزاد ٿئي، ٻئي ڏينهن سڀ مسئلا ڪٽنداسون، تيسين ماڻ ڪري وڃي ويهي رهو. پڙهيل ڳڙهيل ۽ سمجهو ماڻهو، ان ليول تي لهي ۽ ڪِري پيا آهن. اهو رڳو پارٽي دشمنيءَ ۾ ننڍڙن گروپن جي ڪري آهي، پاڻ ۾ افعال ڪٽي آهي؟ پاڻ ڪهڙي حال ۾ آهيون، اها ڳالهه ئي نه پڇو. تنهن ڪري سڀئي مسئلا ڪٽبا ۽ پنهنجي پنهنجي پڇ آهر ڪٽبا. اسان جي پڇ پلا ڪهڙي آهي ۽ اسان وٽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ڪٽي آهن؟ اسان وٽ دانشور ڪير آهن؟ اسان وٽ ته توهان جهڙو به هڪڙو ماڻهو ڪونه آهي، پوءِ ايرا سيرا جهڙا آهيون، غريب ماڻهو آهيون، جهڙو مسڪيني حال آهي، ڳالهه کي جاري رکيو وينا آهيون.

عوامي تحريڪ سنڌ جو هڪ اهڙو اسپيشل دستو آهي، جيڪو ڪڏهن به نه جهڪندو، ڪڏهن به نه هٽندو.

"جھڙي تھڙي حال سان، پُري پنھونءَ ڏي."

باقي نظرياتي بحث سڄي عمر پيا ٿيندا، پر ڪنھن بہ سنڌ جي مسئلي کي ڇڏڻو ناھي، سيني کي ڪٽنداسون. جيئن جيئن صورتحال اجازت ڏيندي، تيئن تيئن ون باءِ ون ڪٽبو. پھرين جيڪي اھم معاملا آھن، تن کي ڪٽبو. منھنجي نظر ۾ ٻيو نمبر مسئلو تعليم، ٻني ءِ ھارين جو آھي، جوتہ ھاري مسئلي تي سنڌ جون ڪجھ ڪوڙيون پارٽيون بہ ڪُھيون آھن. ڪالھ ٻڌم تہ ھڪڙي ڪوڙي پارٽي ڪُھي آھي، رات وچ ۾ بيان بہ اچي ويو آھي، تہ ھو ھاري اڳواڻ ٿي ويا آھن. ھاري پارٽيون ڪٿي آھن؟ ھارين جا حق ڪٿي آھن؟ اسان ايندسون، پوءِ اسان جي دشمنيءَ ۾، اسان کي ڪٽڻ لاءِ، اسان کي رد ڪيڻ لاءِ ھاري اڳواڻ اچي ويندا ءِ ڪشريون مچائيندا. جيئن مون ڪالاباغ ڊيم جي مسئلي کي ڪنيو تہ ڪشري باز اچي ويا، "عوامي آواز" ءِ ٻين اخبارن ۾ ڪشري بازن جا بيان شروع ٿي ويا. اسان ڪالاباغ ڊيم تي وڙھيا ويٺا آھيون ءِ اسان ٻين صوبن ۾ بہ ھلون پيا. ھي ڪشري باز لڏو چوي ٿو تہ پليجي ادا پنجاھ سال اڳي فلاڻو بيان ڏنو ھو، وو... پليجي ملڪ جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي.

ايجنسين کي خوش ڪرڻو آھي تہ ايجنسين جا پھلوان تيل ٻيل ھڻيو، ڪشتيون ٻشتيون ڪريو، ميدان ۾ اچن ٿا. جڏھن آئون ڪنھن جنگ ۾ مشغول ھوندو آھيان تہ ايجنسين جا پھلوان بہ ميدان ۾ اچي ويندا آھن ءِ چوندا آھن تہ وو... فلاڻي سال پليجي ھيئن ڪيو ھو وو... ڪوڙ، نسورو ڪوڙ ءِ بکواس، انھيءَ بکواس کي ماڻھو ڪھڙو جواب ڏي؟ تنھن ڪري سنڌ جي ھر مسئلي تي وڙھبو، گڏ ڪبو، پنھنجي پھچ ڏسي، جيئن مناسب ھوندو، تيئن ڪبو.

ساڃاھہ: چيو وڃي ٿو تہ ڪالاباغ ڊيم ھڪ اھڙو اشو آھي، جيڪو سنڌي ۽ سرائيڪي تضاد کي وڌائڻ لاءِ پنجاب جي حڪمرانن جو پيدا ڪيل آھي، ڇا واقعي ائين آھي؟

پليجو صاحب: توھان سنڌ يا ماڻھن جي فائدي جي ڪھڙي بہ ڳالھہ ڪندا، تہ ايجنسين جا ماڻھو ان کي غير شرعي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. رڳو ڪالاباغ ڊيم نہ آھي پر توھان ڪھڙو بہ ڪم ڪريو، توھان چوندا تہ دھشتگردي بند ڪريو، تہ چوندا تہ توھان پناھگيرن ءِ سنڌين کي ويڙھايو ٿا. توھان کو پٽ تي پيل لاش ڪٽي ٽاٽي تي پھچايو تہ چوندا تہ اھا سازش آھي. اڳي ائين جيڪا بہ ڳالھہ ڪبي ھئي تہ واشنگٽن کي گاريون ڏيندا ھئا، چوندا جانسن حرامي آھي. اڙي جانسن تہ حرامي آھي پر ھي جي حرامي ويٺا آھن! رڳو ڪھاڙي حرامي آھي، ڳن جيڪو ڏڪ ٿو ھڻي، ان جي ڳالھہ ڪرٽي ئي ناھي، تنھن ڪري اھا ٻاراٽي آکاٽي آھي. اوھان جيڪو بہ چگو ڪم ڪندا، ان جي الٽ وٽن پنجاھہ ھزار تاويلون آھن، جيڪي توھان کي غير شرعي ءِ ڪافر قرار ڏيندیون. مثال طور: توھان ھارين جي ڳالھہ ڪريو ٿا، تہ چوندا تہ توھان سنڌي وڏيرن ءِ ھارين کي ويڙھائي، سنڌ کي ڪمزور ڪريو ٿا ءِ سنڌو ديش

جي جدوجهد کي نقصان رسايو ٿا. ڪيترن دوستن اسان کي چيو هوندو ته توهان هاري ۽ مزدور کي ويڑهائي آزاديءَ جي تحريڪ جي ٻيڙي ٿا ٻوڙيو. يا چئبو ته ابا پنجابيو! ملڪ ۾ مصيبت نه ٻاريو. ته چوندا ته انقلاب کي ڪمزور ٿا ڪريو ۽ سوشلزم جي گڏيل جدوجهد جي خلاف چئو ٿا ته پنجابي آبادڪار بدمعاشي ٿا ڪن. اسان جا جان ۽ جگر آهن، پر ماڻهن کي ته جيلن ۾ نه وجهو!

مون چيو ته اخبارون گرامر غلط ٿيون لکن، ته چيائون ته توهان سنڌي پريس جي مخالفت ٿا ڪريو. جيڪا به ڳالهه ڪريو، اها گناهه آهي. جيڪي بندو ڪم ڪري، سي مڙئي آهن ڏوهه!

ساڃاهه: چيو ويجي ٿو ته پ پ جاگيردار طبقي جي هڪ منظم جماعت آهي، جي ائين آهي ته پوءِ اهڙي جاگيردار طبقي جي پارٽيءَ مان سنڌ ۽ سنڌي عوام کي ڪهڙي هڙ حاصل ٿي سگهي ٿي؟

پليجو صاحب: طبقن جي وچ ۾ ڪي به چين جون ديوارون نه هونديون آهن. مختلف طبقا گڏجي به اتحاد ڪندا آهن، مثال طور: اورنگزيب جا سپ ماڻهو مسلمان ۽ سني ڪونه هئا، ان جي فوج ۾ جتي ڪٽر رجعت پرست وڙهيا پئي، اتي راجپوت به وڙهيا پئي. تنهن ڪري اها جاگيردارن جي پارٽي آهي پر مڊل ڪلاس کي پاڻ سان گڏ ڪڍي به ٿي. اهڙو مڊل ڪلاس، جيڪو فرمانبردار ۽ تابعدار آهي. جيڪو "صم بكم عمي، فهم لا يرجعون" (اهي انڌا، ٻوڙا ۽ گونگا آهن ۽ اُهي ڪونه سمجهندا) وانگر فرمانبردار هوندو، سو جيڪڏهن بغاوت ڪندو ته به پنهنجي مطلب لاءِ ڪندو ۽ پنهنجي مطلب لاءِ پٽي کي به مارائي ڇڏيندو، پر هونئن چوندو ته مان پارٽيءَ جي ڊسيپلين ۾ آهيان. هو اهڙو مڊل ڪلاس ڪٽندا، جيڪو ايندو ئي ان لاءِ ته ڪروڙ روپيا گڏ ڪجن، به- ٽي ڏينهن جيل ۾ رهبو، سرٽيفڪيٽ ونبي، نيو هٽائي، پوءِ سڄي عمر ڦورن ۽ ڏاڙيلن جو ايجنٽ ٿي ڪم ڪبو. وزارتون ماڻبيون، ڏوکڙ گڏ ڪبا ۽ پٽي تان سر ڏيڻ جو زباني جمع خرچ ڪبو. پٽي جي سيني آدرشن کي چڏبو، پٽي جي هارين کي مارائي چڏبو، پٽي جي هر شيءِ کي تباهه ۽ برباد ڪري چڏبو. اهڙا مڊل ڪلاس جا ماڻهو (پارٽي) ڪٽي ٿي. ان کان سواءِ ٻي جيڪا غريبن جي مخلوق وينبي آهي، اها پٽي کان سواءِ ڪيڏانهن وڃي؟ چوتڙ ٻئي پاسي ته پير پاڳارو وينو آهي، جيڪو علي الاعلان چوي ٿو ته آئون جي- ايڇ- ڪيو جو ايجنٽ آهيان. اهڙيءَ طرح مسلم ليگ آهي، جنهن جو نواز شريف چوي ٿو ته پنج ڪروڙ ڪٽو، ٻيا هٿيار خريد ڪريو. رات ڏينهن دهشتگردن کي سجدا پيو ڪري. هن پاسي وري پيپلز پارٽي به سجدي ۾ آهي. هوڏانهن وري ولي خان آهي، جيڪو باچا خان جا ترا ٻڌي اچي ٿو ۽ سو به دهشتگردن جي اڳيان سجده ريز آهي. پاڪستان ۾ مقابلو پيو هلي ته سنڌ کي تباهه ڪرڻ لاءِ دهشتگردن کي ڪڙو ڪيئن ڪجي ۽ سنڌ مٿان چنگيزيت، بربريت، وحشانيت ۽ هٽلريت جو ڏنبو ڪيئن اُيو رکجي، چوتڙ هي جيڪي فيوڊل ڪلاس جا

ماڻهو آهن، جنهن ۾ پنجاب جو فيوڊل ڪلاس، سرحد جو فيوڊل ڪلاس ۽ بلوچستان جي فيوڊل ڪلاس جا ڪجھ عنصر آهن، سي سپ سنڌ سان شديد نفرت ڪن ٿا، ان ڪري جو سنڌي غريب، مسڪين، مهاڻا، بي يار و مددگار ماڻهو ٿي ڪري ڪنڌ مٿي ڪٽي هلن ٿا، قوميت قوميت ۽ ٽين ٽين ڪن ٿا، ڳالهائين ٿا، دانشور ٽين ٿا، سرمائيدارن ۽ سردارن جي اڳيان جهڪن نٿا، بکيا ۽ پيرين اگهاڙا ماڻهو، وڏيون ڳالهيون ڪن ٿا، آزاد آهن، مذهبي جنون ۾ ڪونہ آهن، سندن دماغ خراب آهي، 1983ع جھڙيون لڙايون ڪن ٿا، بادشاهن سان وڙهن ٿا، ان ڪري سنڌي ماڻهو بليڪ لسٽ تي آهن، تنهن ڪري هنن سيني کي اندر ئي اندر ۾ سنڌي ماڻهن سان ساڙ آهي.

پاڳارو صاحب رڳو اهو چوي تہ آئون سنڌين جي پاسي آهيان، تہ بہ هتان جي صورتحال تبديل ٿي وڃي ۽ مسلم ليگ جو ڪو ماڻهو يا نواز شريف رڳو دهشتگردن جي چمپي ڪرڻ چڏي ڏي ۽ پنڪا لاهڻ ۽ ڪين ايارڻ چڏي ڏي تہ ماڻهن جا راڄ وڃي نواز شريف سان گڏ ٽين، پر هو تہ ڪات ڪٽيو بيٺا آهن، ان ڪري ماڻهن جي واهہ ڪهڙي آهي؟ ٻيا توهان ۽ اسان آهيون، اسان جي گهر ۾ اتو ڪونہ آهي، اسان لاءِ تہ چوندا تہ هي تہ الترنيٽ ڪونہ آهن، تنهن ڪري ويچارا (پ پ ڪي) چهٽيا پيا آهن، ٻي جو واهہ ڪانهي.

ساڃاهہ: توهان ستر جي ڏهاڪي کان قومي سياست ڪريو پيا، پر ان مان اڄ سوڌو گهربل نتيجا وٺي نہ سگهيا آهيو، ائين ڇو آهي؟

پليجو صاحب: آئون بنيادي طور سياست سنڌ ۾ پيو ڪريان ۽ سنڌ جي هڪڙي غريب ترين طبقي سان واسطو رکان ٿو، جيڪي صفا تحت الثرعا ۾ پيل آهن. اسان تہ خير ماني ٽڪر کائون ٿا پر اسان اصل ۾ انهن ماڻهن مان آهيون، "اسين تتان آئيون، جتي کهنبو ناهہ." کهنبو تہ ڇا، ڪپڙي جي ليڑ بہ ڪانهي! منهنجا ڪيترا مائٽ آهن، جيڪي اتي جي سير ۾ هلاڪ آهن. صفا غريب ۽ مسڪين آهن. منهنجي دشمنيءَ ۾ منهنجي ڳوٺ جي ڪنهن ماڻهوءَ کي نوڪري بہ نٿا ڏين. منهنجي ڳوٺ ۾ ٻيو تہ ڪهيو نياڻيون وينيون آهن، تن کي بہ ماستريءَ جي نوڪري ڪانهي.

قربان وڃان، صدقي سائين پليجا صاحب عظيم آهين، قوم لاءِ وڏو ڪم پيو ڪرين، پر وارو ايندو تہ غندن کي ڏبو، ضياءَ جي ماڻهن کي ڏبو، پليجي جي ڳوٺ جي ڪنهن غريب مسڪين نياڻيءَ کي ماستري بہ ڪونہ ڏبي. اهو آهي اصول عوامي جدوجهد جو. عوامي ماڻهو آهن، جمهوري قوتون آهن، سو ويچارا عوام جي ڪم ۾ لڳا پيا آهن. منهنجو ان طبقي مان هجڻ ئي گار آهي. اسان جهڙو ماڻهو ڦشري ڪريو، بيان ٻيان ڪيو وينو آهي، سيني کي گاريون ڏيو وينو آهي. جيڪا ڳالهہ آئون ٿو ڪريان، سا خطرناڪ آهي، تنهن ڪري سپ قوتون منهنجي خلاف آهن ۽ سپ ڪان وڌيڪ مڊل ڪلاس منهنجي خلاف آهي. مون سان گڏ جيڪي وڪيل آهن، سي چون ٿا تہ هي اسان وانگر ماٺ ڪري نٿو ويهي؟ اسان عزت وارا ماڻهو ڪونہ آهيون؟

مون گرامر تي مضمون لکيو آهي، هي بہ گرامر تي مضمون لکي ويهي نٿو رهي؟ مون افسانا لکيا آهن ۽ هن بہ لکيا آهن. مون گهٽا لکيا آهن، هن ٿورا لکيا آهن، هي ٻيا افسانا نٿو لکي؟ افسانا لکي ڪونہ ٿو، باقي رڳو ٽِين ٽِين پيو ڪري! جيڪو ماڻهو غريب جي همدرديءَ ڪري افسانو لکي ٿو، اهو عظيم آهي. جيڪو عوام جي همدرديءَ ۾ شاعري لکي ٿو، اهو عظيم آهي، پر جيڪڏهن ڪو غريب ماڻهن سان سچي پچي همدردي ڪري ٿو تہ اهو سياسي غنڊو آهي، بدمعاش آهي، حرامي آهي ۽ اهو اديبن جي لسٽ مان خارج آهي.

آئون پنجاهہ ڪم ڪريان ٿو، عالمي تجزيو ڪريان ٿو، شعر ٿو لکان، پنجابي شاعري ترجمو ٿو ڪريان، ادب پيو لکان، سائنس پيو لکان، ٽيڪنالاجي پيو لکان، تاريخ ٿو لکان، جهنگلن ۾ وينو آهي، رات ڏينهن ٽرن برن ۾ پيو هلان، اهڙو ماڻهو هنن کان برداشت نٿو ٿئي. منهنجو هجڻ ئي هنن لاءِ گار آهي. هي وينو آهي، هر ڪو ماڻهو تقاضائون ٿو ڪري، توهان نٿا ڪريو ۽ توهان تي افسانا لکي پوءِ ڦان ٿيو گهرن ۾ لڪا وينا آهيو، توهان ايڏا ۽ ايترا دانشور آهيو، سنڌي ماڻهن جي خلاف ڪالاباغ ڊيم پيو نهي، نياٽيون لانگ مارچ ڪري آيون، ڪراچيءَ جي يا حيدرآباد جي دانشور ٻاهر نڪري انهن جي استقبال لاءِ رڳو هٿ ملايو؟ نياٽيون هيون، پوءِ ڪهڙيءَ بہ پارٽيءَ جون هيون، جنگ هلي پئي، تن کي رڳو شاباس تہ ڏجي. ڪو ڪونہ آيو، ساڻ ۾ پچ، جلن، خسيس پتڪڙا ماڻهو، ڪوڙا ماڻهو، بہ آڪاٽيون، بہ مضمون لکي عظيم دانشور ٿي ويا! رڳو ٻاراٽيون ڳالهيون آهن. ڪهڙو ادب پيو لکجي؟ ۽ توهان ڏسو پيا تہ ادب جي ڪهڙي قسم جي ليول آهي، تنهن ڪري آئون تہ سيني لاءِ ٽريٽ آهيان، وڏي مصيبت آهيان، منهنجو وجود ۽ مون جهڙو ماڻهو سنڌ لاءِ هن صديءَ ۾ وڏو عذاب آهي، جو آئون اديب بہ آهيان، پر مون کي ڪهڙو چوندو تہ آئون وڏو اديب آهيان، ڪير چوندو تہ آئون شاعري وڏيڪ ڄاڻان ٿو. ڪهڙو سياستدان آهي، جيڪو چوي تہ مون کي خبر آهي؟ ڪهڙو ماڻهو آهي جيڪو بين الاقوامي آهي؟ بہ- تي افسانا لکن ٿا تہ چون ٿا تہ هي بين الاقوامي افسانا آهن. مون چيو تہ مون توهان کان پنجاهہ دفعا وڏيڪ پڙهيو آهي، تون ڪنهن کي وينو ٻڌائين تہ هي بين الاقوامي افسانا آهن؟ تون اهو بند ڪر، اهو سڀ پڙهيو وينو آهيان، ان ڪري آئون هن سڄي معاملي ۾ هڪڙو تخريبڪار آهيان، تنهن ڪري ماڻهو خوش ناهن، پر آئون خوش آهيان.

منهنجو مرشد لطيف آهي ۽ منهنجو سياسي رهنما محمد عربي آهي. مذهبي حيثيت جدا آهي. جيڪڏهن مان ٻڌ ڌرم جو هجان ها، تہ بہ اهو مجان ها، چوتہ مان ان جو شاگرد آهيان ۽ مون ان جي سڄي هستري پڙهي آهي. مون جيترو حضور جن کي پڙهيو آهي. گهٽ ماڻهن پڙهيو هوندو، مون جيترو اسلام جو مطالعو ڪيو آهي گهٽ ماڻهن ڪيو هوندو.

منهنجي نظر ۾ سنڌي مئل ماڻهن جو ڪيس آهي. آئون هڪ مئل قوم جو وڪيل

آهيان، بي همت قوم جو، ڪڙ ٽيل قوم جو، سلام عليڪم ڪري، ماني کارائي، ڪم ڪيڙ واري قوم جو وڪيل آهيان، جيڪي صوبيدار کي ماني کارائي، پيرن تي هٿ رکي چوندا تہ مڙئي بابو آهين، قرب ڪجانءِ، ان ٽائيپ جي قوم پاران هيترو ڪم ڪرڻ ۾ وڏو ءِ ڏکيو ڪم آهي. لينن اچي ملڪ اسد جي تڪ جي پالارين ۾ تہ ڪم ڪري ڏيکاري، آڻون سلام ڪندوسانس. مائوزي تونگ اچي ماهيڙ پليجا، جيڪي لسي وڪڻيو، پيرن تي هٿ رکيو وينا آهن، تن کي پلا اُٽاري ڏيکاري! روسي قزاق خطرناڪ هئا، زارن سان وڙهيو وينا هئا، روءِ زمين سان وڙهيو وينا هئا، انهن قومن ۾ ڪم ڪيو هئائون. چيني خطرناڪ قوم جي رهنمائي ڪرڻ ۾ ڀگالهہ آهي. ويٽنامي ۾ هزارن سالن کان وڙهندا رهيا هئا، انهن جي ۾ ڀگالهہ آهي. هي جنگشاهيءَ جي پليجن سان تہ ڀگالهائين، جاکرن ءِ جوکين کي تہ گڏ ڪن! چوندا تہ "او..... اسان جو ڪجهہ ڪونہ وڃي، پاٽهي جاٽن، پاٽهي ڏيرا پاڻ ئي جاڙيندا، باڃاهي پيا ڪندا، آفيسرين سان اسين ڪونہ وڙهنداسون." پلا انهن کي تہ ڪو اُٽاري ڏيکاري! تنهن ڪري هيءَ ڏکي ڀگالهہ آهي، هيءَ پيڙي ڀگري آهي. آڻون انتهائي مطمئن آهيان، منهنجي مطمئن ٽيڻ جو سبب اهو آهي جو آڻون سنڌ جي هينئين ۾ هينئين شڪاري ماڻهوءَ سان ۾ رابطي ۾ آهيان. آڻون پيل سان ۾ رابطي ۾ آهيان، آڻون پيلن سان گڏجي چانهہ پيئندو آهيان. هينئر دوري تي ويو هوس، اتي مون چيو تہ آڻون سنڌي مسلي جي چانهہ ڪونہ پيئندس، آڻون پيل جي چانهہ پيئندس، متان مون کي مسلي جي چانهہ آڻي پياريو. مون کي پلي ملان ڪافر چئي دوزخ ۾ موڪلي ڇڏين، پر اهي اسان جا پائر آهن ءِ اسان گڏجي چانهہ پيئنداسون.

ٻئي پاسي آڻون ٽاپ جي بين الاقوامي انٽيليڪچوئل سان ۾ رابطي ۾ آهيان. آڻون هڪ پل آهيان. هينان کان آڻون هڪڙي پيل ءِ شڪاريءَ جو ۾ نقطہء نظر پيش ڪريان ٿو ءِ جيڪو ٻاهر ايڊوانس ترين ٽئي ٿو، انهيءَ سان ۾ رابطي ۾ آهيان. آڻون سنڌ جو سچو پچو اڪيلو ماڻهو آهيان. آڻون عملي طرح ۾ ءِ سياسي طرح ۾ ءِ سماجي طرح ۾ ورلڊ سٽيزن آهيان. آڻون جهان ويندس، تہ منهنجي جهان جي هستري ۾ پڙهيل آهي. آڻون آفريڪا پڙهيل آهيان، آمريڪا منهنجو گهر آهي، انگلينڈ جي تاريخ جيتري مون پڙهي هوندي، ايتري ٻئي نہ پڙهي هوندي.

مون کي شيخ اياز پنهنجي گهر گهرائي ڪچهري ۾ وينل انگريز کي چيو تہ هيءُ ماڻهو شيڪسپيئر جي اٿارٽي آهي. مون هن سان ڀگالهايو. هن مون کان سوال ڪيو، مون ڪيس چيو تہ شيڪسپيئر ائين ڪونہ چيو آهي، چيائين توکي ڪهڙي خبر؟ مون چيس تہ، "تون انگريز آهين تنهن جي معنيٰ تہ توکي شيڪسپيئر جي وڌيڪ خبر هوندي؟" مون چيو تہ مان سنڌي آهيان پر شاهہ جو سنڌي رسالو سڀ کان اڳ ترمپ چپايو هو. تنهن جي ڪري آڻون پنهنجي زندگيءَ مان انتهائي مطمئن آهيان پر پنهنجي ڪمن مان ايترو مطمئن ڪونہ آهيان، توڙي جو اهي ۾ ٽيڻ ڪپن.

آئون سڃيءَ سنڌ جي نوجوان طبقي کي چوڻ گهران ٿو تہ اهي اچن ۽ گڏ ٿين ۽ مون سان هٿ ونڊائين. اهڙيءَ طرح آئون سنڌي ماڻهن کي ب چوان ٿو تہ اهي عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿين، جو اهائي متحرڪ آهي. ننڍا ننڍا ٽولا ب ٺيڪ آهن پر جي توهان چاهيو ٿا تہ وڏن سان ٻک پئون ۽ وڏا ڪم ڪريون تہ پوءِ اچو ۽ منهنجا هٿ مضبوط ڪريو. تہ جيئن پاڪستان ليول تي جيڪي قوتون پاڪستان جي جمهوري قوتن سان وڙهن ٿيون، تن کي ٻيو نہ تہ هڪڙو ناهوڪو رانيوتو وجهون، تہ اها فقط عوامي تحريڪ آهي ۽ رسول بخش پليجو آهي، جيڪو ان ليول تي معاملا فهمي ڪري سگهي ٿو. هينئين ليول تي ٻيا ڪندا، پر رجعت پرست قوتن جي ڳچيءَ مان جهلڻ وارو فقط رسول بخش پليجو آهي. ورلڊ ليول تي آپريٽ ڪرڻ جي اهليت رکندڙ ماڻهو رسول بخش پليجو آهي، سو ب غريبن لاءِ نہ شاهوڪارن لاءِ. سڀ نور آهن ۽ اسان کي منا آهن، پر جيڪو غريب ماڻهو واشنگٽن ۾ ويهي ڳالهائي سگهندو ۽ واشنگٽن جي پاليسيءَ کي سمجهندو، جهان کي سمجهندو، سائوٿ ايشيا کي سمجهندو، جيڪو هندوستان ۾ آپريٽ ڪري سگهندو، فقط ئي فقط رسول بخش پليجو آهي، ان سان گڏجي ڪم ڪريو، ڦر ديک مزا."

ساڃاهہ: سنڌي ماڻهن کي موجوده غلاميءَ کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙي قسم جي سياسي جدوجهد ڪرڻ گهرجي؟

پليجو صاحب: اها جدوجهد ڪرڻ ڪپي، جيڪا رسول بخش پليجو ۽ عوامي تحريڪ ڪن ٿا. اڄي مون ڪڏهن اهڙي ڳالهہ نہ چئي آهي، هاڻي آئون چوان ٿو. هينئر منهنجي عمر چوهٽ سال آهي. حضور جن چاليهن سالن جي عمر ۾ ڳالهہ ڪئي هئي. مائوزي تونگ ٽيهن- پنجٽيهن سالن ۾ جيڪا ڪانفرنس ٽي هئي، تنهن ۾ چيو تہ هاڻي آئون صدر ٽيڙ جي لائق آهيان. مان ب هاڻي جڏهن سنڌ جي مخصوص حالتن ۾، جتي واڌاري جي رفتار تمام سلو آهي، چوان ٿو تہ لائين اها صحيح آهي، جيڪا ثابت ٿي ڏيکاري.

مون چيو هو تہ روس جي پويان ميائو ميائو ڪندا تہ توهان ڀڄي ويندا، جيڪي ب روسي ڳاڙها سرخ ٽيو، ويندا سڄو ڏينهن "روس! روس!" ڪندا وتندا هئا، سي هاڻي پٽن ۾ پيا آهن.

"عالمن جا ابا! تو جي ٽنگون ٽيڙيون تہ بندا ڪيئن ڪندا!"

ٻين وري "چين! چين!" پئي ڪيو، تڏهن ب مون چيو تہ اسان اوپر پاڪستان جي فائدي ۾ آهيون، چين هجي، ڪير ب هجي، اسان مذهبي ماڻهو ڪونہ آهيون. جيتوڻيڪ اسان مسلمان آهيون، سني آهيون، پنهنجي گهر ۾ الله الله وينا ڪريون. اسان جو مرشد درس وريو لاکاڻي ب آهي ۽ لطيف اسان جو روحاني مرشد آهي. اهو دين جو معاملو اوڏانهن رهيو، باقي چين يا روس کي دين کري ونون، انهن ماڻهن مان اسان ڪونہ آهيون. ان ڪري مون چيو تہ اوپر پاڪستان بابت اها هنن جي پاليسي

آهي، اسان جي پاليسي آهي تہ اسان هنن جي پاسي آهيون، بلڪل جدا آهيون، تنهن ڪري هينئر جيڪا عوامي تحريڪ آهي، ان ۾ سڀ ماڻهو هٿ وندائين تہ آئون ضمانت ڏيان ٿو تہ سنڌ جي جيڪا وڏي ۾ وڏي تبديلي اچي سگهي ٿي، سا پاڻ سڀ سنڌي ماڻهو گڏجي ڪري سگهون ٿا، يعني ڪن دوستن جو ارادو هجي تہ سنڌ آزاد ٿئي تہ بلڪل پنهنجي منهن ڪن. توهان چئو تہ پُلاءُ ڪائو، ڪير چوندو تہ پلاءُ نہ ڪائيندس، پر سوال آهي تہ هينئر اٽو گهٽو آهي؟ آئون هينئر جي ڳالهہ ٿو ڪريان، ايندڙ پنجن- ڏهن سالن جي ڳالهہ ٿو ڪريان، تنهن کان پوءِ پلاءُ مليو تہ آئون تيار آهيان. پلاءُ کائڻ لاءِ، مٽي ۾ مکڙ پوڙ لاءِ ڪنهن کي تڪليف ٿيندي؟ توهان منهنجي ڳالهہ سمجهو تہ پيا نہ؟ پلاءُ کائيندي ڪنهن کي بہ تڪليف ڪانہ ٿيندي، توهان چوندا تہ گوشت جون بہ- ٽي ٻوٽيون ٻيون بہ وجهوس، آئون چوندس ادا ماشاءَ الله. توهان چوندا تہ ٿورو مکڙ ۾ ماکي وجهي ڏا کائون، تہ بہ چونداسون، ادا حاضر، بسم الله. پر سوال آهي تہ في الحال اڄ جو لولو ڪيئن ملي؟ وڏين ڳالهين ۾ لولو بہ ڪسي ورتو اٿن. تنهن جي ڪري اليڪشن بہ ٺيڪ آهي.

"روزا ۾ نمازون، ايءُ پڙ چگو ڪم"

پر مڪيہ ڪم اليڪشني ماڻهن تبديل نہ ڪيا آهن ۾ نہ ڪري سگهندا.

"نہ خنجر اُٺي گا، نہ تلوار اِن سي،
يہ بازو ميري آزمائي هوئي هين."

جن کي سڄي پاڪستان جا ووٽ ڪپن، سي سنڌ جي ڪيس کي ڪيئن بچائي سگهندا؟ ممڪن ئي ناهي. آئون نٿو چوان تہ پاڪستان جي سياست نہ ڪجي. آئون بہ پاڪستان جي سياست ٿو ڪريان پر آئون چوان ٿو تہ تضاد اچي ٻيهي سنڌ جي سوال ۾ پنجاب جي ڪرسيءَ تي، تہ ڪرسي ڇڏي ڏيڙ ڪپي. چگو پلا جي ائين نٿو ٿئي تہ ٺيڪ آهي، ڪرسي بہ اسان جو ڪم آهي، پر جيڪو هتي بچاءَ جي جنگ ۾ آهي، ان جي تائيد ڪرڻ ڪپي. پلي ڪرسيءَ تي وينا هجو، پر جيڪي ماڻهو هتي جي ماڻهن جي حقن جو بچاءُ ڪن ٿا ۾ انهن جي حقن جا وڪيل آهن، تن ۾ رڪاوٽ نہ وجهو ۾ سنڌ جا حق تين وال ڪري ۾ سنڌ کي ڪاريون ضربون لڳائي ڪرسيءَ تي نہ ويهو، هونئن ڪرسي ونو، پر هن خرچ تي مهانگي آهي.

جيڪڏهن آئون قومي اسيمبليءَ ۾ ميمبر هجان ها، تہ هنن دهشتگردن کي چپ ڪرايو ڪونہ وينو هجان ها؟ هي جيڪي ڪوڙا انگ اکر پيا ڏيکارين، انهن کي جواب ڏيڙ لاءِ پ پ ۾ ڪو ڳالهائڻ وارو ڪونہ آهي، نہ انهن وٽ کي انگ اکر آهن ۾ نہ حساب آهي، نہ وري انهن جو وات کلي ٿو، ڳالهائيندا تہ ڪيئن ڳالهائيندا؟ هنن جا وات پئسن سان ڀريا پيا آهن، ڪاڏي سان ڀريا پيا آهن، ڳالهائڻ تہ چا، ڪم ڪرڻ وارو ڪو ڪونہ آهي. هي مظاهرا ڪندا، وڙهندا ۾ گوليون کائيندا؟ نہ! 1983ع جي ڳالهہ ٻي آهي، هينئر تہ ڏوکڙ کائڻا آهن، تنهن ڪري جيڪڏهن پ پ ۾ عقل هجي

ها، تہ ڪجھ اسان جھڑا ماڻھو اسيمبلين ۾ اچڻ ڏين ها، تہ هنن کي هيئن ذليل ٿيڻ جي ضرورت ئي نہ پوي ها. هو هنن جو هر وقت پٺڪو پيا لاهين، ڌوڙيو دهشتگردن جي اڳيان هٿ ٻڌيو بيٺا آهن. اها هنن کي سزا آهي جو مڊل ڪلاس جي طاقتور ماڻھن کي هنن اسيمبلين ۾ اچڻ ڪونہ ڏنو آهي. وڏيرن سازش ڪري انهن جي اچڻ جا دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن. هاڻي اتي هنن کي پادر هڻيو گيسيون پيا ڪرائين. سڄو ڏينهن هنن کي ذليل پيا ڪن. آئون هجان ها تہ هنن کي اسيمبلين جي اندر ٽيڪ ڪري ڇڏيان ها ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ جيڪو ڏمچر لايو بيٺا آهن، آئون هنن کي ٽيڪ ڪري ڳالهائڻ ئي ڪونہ ڏيان ها.

دهشتگرد، رسول بخش پليجي جي هوندي، ڳالهائي نہ سگھندو. اسان انگ اکر ڏينداسون، اسان تہ وڪيل آهيون، ڪم ڪندڙ آهيون ۽ اقتصاديات جا ماهر آهيون. اسان هنن کي چپ ڪرائي ڇڏينداسون. هي جاهل وڏيرا ونڊي ويهاريا اٿن، جاهل ڇا ڪندا؟ تنهن ڪري انهن مان ايترو ڪم ٽيندو، ٽيڪ آهي، پر سنڌ جا ڪجھ اهڙا ماڻھو اسيمبلين ۾ ويڙھ ڪپن، جي ويڙھ نٽا ڏين تہ پنهنجي پير تي ڪهاڙو ٽا هڻن. هاڻي ڪيترا ذليل پيا ٿين، دهشتگرد روزانو سندن پٺڪا پيا لاهين، ان کان وڌيڪ ذلت ڪهڙي ٽيندي؟ توهان پاڪستان جا حاڪم آهيو، پوءِ بہ هنن قاتلن ۽ جلادن جي اڳيان گيسيون پيا ڪريو، انهن جا پير پيا چُمو، انهن جي اڳيان ذليل پيا ٿيو. پٺڪي واري سنڌي ماڻھوءَ سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ڪونہ آهيو ۽ جيڪي دهشتگرد توهان کي موچڑا پيا هڻن، تن جي اڳيان پيرن ۾ پيا آهيو. هنن جي اڃوڪي صورتحال اها آهي، تنهن ڪري سنڌي عوام کي بنيادي طرح جدوجهد تي پاڙڻ ڪپي. اليڪشن ٽئي تہ جنهن کي وٽيوَ، تنهن کي چونڊيو. جنهن بہ خنزير وڏيري کي پگ ٻڌائي، سرگس ڪيائي، وڃي موڪليو پر ان کان پوءِ بس ڪري نہ ويهو، پر سنڌ جي مسئلن تي گڏ ٿيو. گڏ ائين نہ ٿيو جو رات وچ ۾ پڃي ويو ۽ ڪنهن ٻئي اتحاد جو ٻهانو ٻڌائي هٿ ۾ ڪنيل ڪم اڌ ۾ ڇڏي وڃو، جيئن "ٻهاري روڪيو ڪميٽي" مان پڃي ويا، جيئن سنڌي عوام جي قومي اتحاد مان ٻئي اتحاد (قومي اتحاد) ٺاهڻ جي ٻهاني سپ پڃي ويا. اهو ڏنڈو نہ ڪرڻ ڪپي. توهان ثابت قدميءَ سان بيٺا رهو، جيئن آئون بينو آهيان. هڪڙيءَ ڳالھ تي بيهو، وار تي وار ڪريو، پوئتي هٽو، آرام ڪريو، ڏڪ ڏسو، پر وري وار ڪريو، وري وار ڪريو، وري وار ڪريو، ٽڪٽو ناهي، تنهن ڪري بنيادي زور جدوجهد تي ڏجي. اليڪشن وقت جو کيل آهي، اهو بہ ڪائو، اها پدنگ آهي، جنهن کي ملي، سو ڪائي مڇون ونڊي تيار ٽئي. اصل ڳالھ سنڌ جي ماڻھن جي حقن جي بچاءَ جي جدوجهد ڪرڻ آهي ۽ اها گھڻ طرفي ڪرٽي آهي، علمي، ثقافتي ۽ راڳ ۽ رنگن ۾ ڪرٽي آهي، شاعريءَ کي درست ڪرٽو آهي. هينئر اسان جي شاعري لٻلٻي ۽ لڳڙي ٿي پئي آهي، ان ۾ اُهو جوهر ناهي، ان ۾ سور ناهي، اسان جي تنقيد ڪوڙي ۽ فراڊي ٿي رهي آهي، اها ماڻھن کي گمراهہ ڪري رهي آهي،

ٽوٽل رجعت پرستيءَ جو قبضو ٿي ويو آهي.

هي رڳو روس جي زوال جو سوال ڪونہ آهي، پر ادب تي وڏي ۾ وڏو وار ٿيو آهي، دانش تي وار ٿيو آهي. راڳ ڳالهائين، ادب ڳالهائين، تحريڪون ڳالهائين، ماڻهو ڳالهائين، سنڌ جي پاران وڙهن، سنڌي ماڻهو گڏ ٿين، سنڌ جي صحافت جي بي پناهہ قوت گڏ ڪن.

ساڃاهہ: سنڌ جي سياست تي اڄ تائين جاگيردار طبقو قابض آهي. سياسي جدوجهد جو اهو کهڙو طريقو آهي، جنهن جي ذريعي سنڌ جي سياست وچولي طبقي ڏانهن منتقل ٿي سگهي؟

پليجو صاحب: هتي ڪافي تعداد ۾ (سياست تي) ايجنسين جو قبضو آهي، ماڻهو رڳو ڪوڙ ڪيو وينا آهن. توهان کي ان جو منظر ڏسڻو هجي تہ ڪوبہ قومي جدوجهد جو ڪم شروع ڪريو، تہ ويهہ ڇڻا ان ئي وقت توهان جي خلاف مضمون لکندا. انهن جا نالا نوٽ ڪريو، اهي ڪير ماڻهو آهن؟ جڏهن توهان جنگ ۾ ويجو ٿا تہ اهي توهان جي پٺيءَ ۾ خنجر هڻن ٿا. ڪالاباغ ڊيم جي خلاف هلندڙ جدوجهد جي زماني ۾، جن ماڻهن منهنجي خلاف مضمون لکيا، انهن جا نالا نوٽ ڪريو. ٻيا جيڪي دانشور آهن ۽ پڙهيل ماڻهو آهن، چوندا آهن تہ: "Give a dog bad name and hang him." "ڪُتي کي پهرين بدنام ڪريو، خوار ڪري، پوءِ ڦاهيءَ تي چاڙهي ڇڏيو." هو اسان کي بدنام ٿا ڪن ۽ اندروني طور ڪمزور ٿا ڪن. علم اسان کان کسي ورتو اٿن، ماستر ڪوڙيون مارڪون پيا ڏين. تعليم کي بچائڻ جي نالي ۾ سڀ واپاري ۽ ڪرپٽ آهن، سي وڏي ۾ وڏا علمبردار ٿي پيا آهن، شرم ناهي. اسان کين ذاتي طور سڃاڻون، سي وري سنڌ جا علمبردار ۽ معتبر ٿيو پيا هلن ۽ پڳڙ ٻڌي سنڌ جي پاران ٿا ڳالهائين. جڏهن تہ سڃو ڏينهن بليڪ ميل پيا ڪن. ماستر سيد آهن ڇا؟ ماستر الله جا پٽ آهن ڇا؟ سياستدانن کي گاريون ملن ٿيون، اديبن کي ملن ٿيون. اسان کي خبر آهي تہ غنڊاگردين ۽ بدمعاشين ڪريو، سڃي سماج کي دٻايو وينا آهن. پڙهائڻو ڪونهي، ماستر ڏنڊا پيا ڪن. ڇا اها ماڻهن کي خبر ڪانهي تہ تنظيمون ناهي سڃي سماج کي بليڪ ميل ڪريو وينا آهن، تنهن ڪري تعليم کي بچائڻو آهي، ثقافت کي بچائڻو آهي، شاعري نئين کپي، طبقاتي ۽ قومي شاعري هاڻي ٿئي ئي ڪانہ ٿي، انقلابي شاعري ٿئي ئي ڪانہ ٿي. ڪوڙن ماڻهن ۽ فراڊي، بدمعاش ۽ بوگس قسم جي اديبن ۽ دانشورن ادب تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي. ڪوڙي تنقيد ملڪ تي حاوي ٿي وئي آهي. ماڻهن کي گمراهہ ڪيو پيو وڃي.

سياست عوام جي ڪرڻ کپي، جيئن تعليم آهي تہ ان تي اسان جدوجهد ڪري سگهون ٿا. هن وقت سڀ کان وڏو مسئلو هارين ۽ مزدورن جي مسئلن کڻڻ جو آهي. هاري- مزدور سياست ختم ٿي وئي آهي. جڏهن کان اها ڪمزور ٿي آهي، تڏهن کان سنڌي ماڻهن جو هٿ ڪمزور ٿي ويو آهي.

اڳي ته سائين جي- ايم سيد اسيمبلين ۾ رٿون پيش ڪندو هو ته ون يونٽ ڀاهيو، انهن کي ڪير ٿو پُڇي؟ اصل ڳالهه اها آهي ته اسان جڏهن عوام کي ميدان ۾ آندو، جڏهن مزدورن، هارين ۽ شاگردن کي آندو، جڏهن راڳ آندوسون، جڏهن ثقافت آنديسون ته لکين ماڻهو گڏ ٿي ويا، اديب به اڳي ويا، جڏهن اهي سڀ گڏ ٿيا، تڏهن هڪڙي طاقت ٻڌجي ويا. اها سياست وري رائج ڪرڻ کپي. جيڪي ڪوڙا اديب آهن، سي چٽا، سچي اديب کي سڏ ٿئي ته امداد حسينيءَ جو شعر آهي، ان کي رهنما اصول ڪرڻو آهي: "سنڌ جي سڏ تي، سڏ جيڪو نه ڏئي، ڪوڙهيو ٿي مري"

يا جيئن توهان جو شعر آهي:

"پــاڻ کــي هــاڻ آزاد گــهــرجــي وطــن"

اسان وڪيل آهيون، ان ڪري اسان کي حق آهي ته ان جي تشريح پنهنجي مرضيءَ موجب ڪريون. ان آزاديءَ جي معنيٰ آئون سماجي نجات ٿو وٺان. سياسي عليحدگيءَ جي ڳالهه آئون نٿو ڪريان، ماڻهو ڪن ٿا، اهي شير آهن، آئون ڪمزور آهيان ۽ ڊڄڻو ماڻهو آهيان، منهنجو بدن پريل به ڪونهي، تنهن ڪري آئون چوان ٿو ته اسان کي صوبائي خودمختياري ملڻ کپي، ملڪيءَ جو قبضو ختم ٿيڻ کپي، دهشتگردن جو راج ختم ٿيڻ کپي، امن بحال ٿيڻ کپي، وڏيرن ڊڪٽيٽرشپ قائم ڪئي آهي، اها لهڻ کپي، طبقاتي ۽ جاگيرداري جبر ختم ٿيڻ کپي. سيئي نوڪريون ميمبريءَ جي حوالي سان جاگيردار طبقو ڪٽي ويو آهي، اسان جو هيءُ ملڪ ٽوٽل ميرن جي وارثيءَ ڏانهن وڃي رهيو آهي. مون ڪالهه به پنهنجيءَ تقرير ۾ چيو ته ميرن، ڪلهوڙن ۽ انگريزن هن ملڪ کي جيڪي ڏنو، ان کي ختم ٿيڻ کپي. هي سنڌ کي واپس ميرن، ڪلهوڙن ۽ مغلن جي دور ڏانهن وڌيو پيا وڃن. ان زوال کي روڪڻو آهي، ان ڪري سيني سچن ماڻهن کي، جنگ جو طبل وڄو آهي، آئون انهن کي ڪال ٿو ڏيان، سنڌي عوامي تحريڪ سڏ ڏئي ٿي، جيڪڏهن ٻئي به ڪنهن ڪال ڏني ته اسان وينداسون، سڀ کان پهرين وينداسون، ماڻهو پيرن سان ويندا، اسان اڪين سان وينداسون، پر هينئر اسان ڪال ڏيون، طبل وڄو آهي، سڀ سنڌي ماڻهو سنڌ جي نجات لاءِ گڏ ٿيو!

ساڃاهه: توهان جي نظر ۾ سنڌ ۾ پناهگير مسئلي جو حل ڪهڙو آهي؟

پليجو صاحب: پناهگير مسئلي جي حل لاءِ پهرين ڳالهه آهي ته مسئلي کي سمجهيو وڃي. توهان جيسين مسئلي کي سمجهندا ڪونه، تيسين مسئلي جو بنياد نه سمجهي سگهندا. حقيقتون ئي معلوم نه هونديون ته پوءِ ماڻهو جيڪو حل ڳوليندو، سو غلط هوندو، ته پهرين ڳالهه بلڪل واضح هجي.

اسان نٽا چاهيون ته پناهگير هن معنيٰ ۾ سنڌي ٿي وڃن ته هُو اردو نه ڳالهائين، اردو ثقافت جا بهتر پاسا پاڻ وٽ نه رکن ۽ هو بلڪل (اسان جهڙا) سنڌي ٿي وڃن ۽ رڳو سنڌي ڳالهائين، رڳو سنڌي شعر پڙهن، پنهنجي ٻولي نه پڙهن يا هروپرو سنڌيءَ

جا ماهر ٿي وڃن. اهو اسان کوڻ ٿا چاهيون.

اسان جو سنڌي ٽيڊ جو مطلب آهي ته هُو روحاني طرح سنڌي ٽين ۾ سنڌ ۾ قائم رهن. پنهنجو ثقافتي ورثو قائم رکندي، پنهنجي ٻولي قائم رکندي ۽ پنهنجو طبقاتي اقليت جو وجود رکندي، گهر (سنڌ) جو پاتي ٿي رهن، جيئن ڪچي پنهنجو طبقاتي وجود رکن ٿا، جيئن بلوچ پنهنجون بلوچيون وينا ڳالهائين. هي به پنهنجو ائين حصو رکن. اسان کين قطعي کوڻ ٿا چئون ۽ آئون انهن ماڻهن سان متفق نه آهيان، جيڪي چون ٿا ته سنڌي ٽيڊ لاءِ سنڌي ڳالهائين، ائين کوڻ آهي.

هڪڙو پاسو اِهو آهي ۽ ٻيو پاسو اِهو آهي ته پاڪستان جي ٺهراءَ ۾ ڪٿي به اها ڳالهه ٽيل ڪانه آهي ته سنڌ تي ٻاهران آيل ماڻهن مان ڪنهن هڪڙي به ماڻهوءَ جو بار وڌو ويندو. اها ڳالهه ٻيا ماڻهو پلي وساري ڇڏين، اهي جاهل آهن، آئون جاهل ٿورو ئي آهيان! پاڪستان جي ٺهراءَ ۾ اها ڳالهه ڪانه هئي ته هڪڙي صوبي جا ماڻهو اچي ٻئي هنڌ وسندا يا انهن جي صوبائي خودمختياريءَ تي قبضو ڪندا يا انهن کي اقليت ۾ تبديل ڪندا يا اهو هڪڙو چراگاهه هوندو، جتي جتان جي ماڻهن کي وٽندو ته مسلمانيءَ جو نعرو هڻي انهن جي ملڪ تي قبضو ڪري ويندا. جي ائين آهي ته پوءِ افغانستان جي ماڻهن کي به پاڪستان ۾ اچڻ ڏنو وڃي، ترڪن کي به اچڻ ڏنو وڃي، ازبڪن کي به اچڻ ڏنو وڃي، بلڪ هاڻي سڄو سينٽرل ايشيا دربدر آهي، انهن کي به اچڻ ڏنو وڃي، پوءِ ته پاڪستان جا سڀ ماڻهو اقليت ۾ اچي ويندا، ويندي پنجابي به اقليت ۾ اچي ويندا.

اهڙيءَ طرح هندوستان ۾ ڏهه ڪروڙ مسلمان وينا آهن، انهن کي به اچڻ ڏنو وڃي، يو- پي ۽ سي- پي وارا پاڻهي قبضو ڪري ويندا، پنجابي ٿُڪون پيا جهليندا. بنگالين کي اچڻ ڏين، سڄو بنگال لڏي اچڻ لاءِ تيار آهي. آئون ٿو بنگالين کي ونيو اچان، مسلمان آهن، ڪلمه توحيد پڙهندڙ آهن، سڄو ڏينهن مسيتن ۾ قرآن پڙهندا آهن، انهن کي اچڻ ڏين. اهي مسلمان کوڻ آهن چا؟ اهي ته پاڻ پاڪستاني به رهيا آهن. هو چون ٿا ته اسان پاڪستاني آهيون، هتي (پاڪستان ۾) رهڻ لاءِ تيار آهيون. پنجابي چا جا پاڪستاني آهن؟ چوته بنگالين ته سڀ کان پهرين پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ڪيو هو. پنجابين ته ٺهراءَ پاس ئي کوڻ ڪيو هو، اُهي ته هئا ئي کوڻ، اُهي ته ڪالهه پيدا ٿيا آهن، پاڪستاني (اصلي) کوڻ آهن، اهي ڪوڙا آهن. هو (بنگالي) سچا پچا پاڪستاني آهن، اهي اچن ته پوءِ هي پنجابي ته اقليت ۾ اچي ويندا ۽ پوءِ هتي به انهن (بنگالين) جي حڪومت هوندي. هتي به هُو اڪثريت ۾ ٿي ويندا. ڪروڙها ماڻهو هتان ايندا، ٻيا هُتان ايندا، ازبڪ ايندا، تاجڪ ايندا، ٻيا ايندا، تنهن ڪري انهن مان هڪڙي کي به هتي اچڻ جو بين الاقوامي لا (قانون) ۾ حق ناهي، (حق تي زور ڏئي) آئون حق تي زور ٿو ڏيان.

"There is absolutely nothing. No body has a right as a grace."

ڪنهن کي به حق نہ آهي. جيئن سينٽرل ايشيا آهي يا ٻيا ماڻهو آهن، ڪنهن حد تائين، هڪڙي حد تائين، سعودي عرب به ماڻهن کي اچڻ ڪونہ ڏئي. ٻيو ته پاڪستان جي نھڻ کان وٺي سنڌ جي خلاف ڪانسپرينسي ڪئي وئي آهي. چوڌري محمد عليءَ پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته، "اسان سنڌين کي نيڪ ڪرڻ لاءِ سنڌ جي نازڪ هنڌن تي ٻيا ماڻهو گهرائي ويهاري ڇڏيا آهن، ته جيئن سنڌين کي نيڪ ڪري سگهجي." هن اِها ڳالهہ پنهنجي هڪ انٽرويوءَ ۾ ڪئي آهي. ان کان سواءِ "ايوب خان" جي نالي، ايوب خان جي سيڪريٽري الطاف گوهر به ڪتاب ۾ لکيو آهي ته، "سنڌين کي نيڪ ڪرڻ لاءِ پهرئين ڏينهن کان اسان پلاننگ ڪئي آهي." ان کان سواءِ جڏهن لياقت علي خان هو ته ان سنڌ ۾ سنڌين جي خلاف سرڪاري مشينري کي استعمال ڪيو.

هي دهشتگرد ته هاڻي پيدا ٿيا آهن، پر پهريون دهشتگرد لياقت علي خان هو. سڀ کان پهريان دهشتگرد اهي هئا، جن آئين جي نالي ۾ ۽ پاڪستان جي نالي ۾ سنڌ کي بليڪ ميل ڪري، سنڌ جي ملڪيت تي ۽ سنڌ جي وڏن شهرن تي قبضو جمايو. ڪراچيءَ کي ته آئوٽ سائيڊرس کي ڏئي ڇڏيائون ۽ ٻيا شهر هنن (پناهگيرن) کي ڏئي ڇڏيائون. بلڪل ڪوڙا قانون ٺاهي، جيڪي دنيا جي انسان ذات جي سمورن قانونن جي خلاف هئا. دراصل اهي قانون ئي ڪونہ هئا. "اويڪيو قانون" Evacuees Laws اهي ڪارا قانون هئا، وحشي قانون هئا، ڏاڙن جي برابر هئا. It was a dacoity

مون هڪڙي هاريءَ جو ڪيس ڪنيو هو، آئون توهان کي ان جو مثال ٿو ڏيان، هي ماڻهو ڪيئن Terrorist هئا. هندوستان کان جيڪي پهريان ڪامورا هت آيا هئا ۽ جيڪي پوءِ (هن ملڪ تي) چانئجي ويا، جيڪي سيڪريٽريٽ ۾ اڪثريت ۾ ٽي ويا هئا، جيڪي اتان جي آفيسرشاهي هئي، سا بلڪل ٽئريرسٽ هئي، اهي غندا، بدمعاش ۽ ڏاڙيل هئا. ڪشمير خان انهن کان گهٽ ڏاڙيل آهي، پرو چانڊيو انهن کان گهٽ ڏاڙيل هو، هو ان کان وڏا ڏاڙيل هئا، غندا ۽ دهشتگرد هئا.

حيدرآباد ۾ هڪڙو اهڙو ڪامورو هو، آئون انهيءَ وٽ هڪڙي هاريءَ جو ڪيس کڻي ويس. آئون ان وقت وڪيل هوس. هن مون کي چيو ته، "تنهنجو نالو ڇا آهي؟" مون چيو ته، "رسول بخش پليجو آهي." چيائين، "ڪنهن جو ڪيس آهي؟" چيم، "هڪڙي هاريءَ جو آهي." چيائين ته، "اپيل ڊسمس آهي." مون چيو ته، "سائين! حضور جن منهنجي ڳالهہ ٻڌي ڪانہ آهي." چيائين، "اپيل ڊسمس آهي." مون چيو ته، "توهان کي ٻڌاڻو پوندو. اپيل ڊسمس ڪانہ آهي. آئون هاءِ ڪورٽ ۾ قسم نامو ڏيندس ته توهان منهنجي اپيل ڪانہ ٻڌي آهي ۽ آئون ان لاءِ توهان کي اڳواٽ آگاهہ ٿو ڪريان ته آئون هاءِ ڪورٽ ۾ ويندس ته توهان منهنجي ڪابہ اپيل ٻڌڻ کان سواءِ ڪيس کي ڪوڙو ڪيو آهي." تنهن کان پوءِ هن مون کان اها (اپيل) هٽ ۾ وٺي، مون ڏي هيئن نهاري، مٽان لکيائين ته، "Heard a advocate." "ايڊووڪيٽ/ وڪيل جي

دليل بازي ٻڌم. "۽ پوءِ ڏسمس ڪري ٽوڪريءَ ۾ وڌائين. اهڙيءَ طرح مون ڪراچيءَ ۾ هڪڙي هاريءَ جو ڪيس داخل ڪيو، جنهن لاءِ مون چيو ته، "فلاڻو قانون، فلاڻو قانون..." هن منهنجي مُنهن ۾ نهاري چيو ته، "نالو ڇا اٿئي؟" مون چيو ته، "فلاڻو." هو سمجهي ويو ته نالو سنڌي اٿس. مون کي چيائين، "Do you see a wall?" "هيءَ ٽٻ ڏسين ٿو؟" مون چيو، "ها!" چيائين، "Strike your head against it." "ان سان وڃي مٿو ٽڪراءِ." ڪوبہ قانون ڪونہ آهي، ته اهي اهڙي قسم جا بدمعاش ۽ دهشتگرد هئا، جن کي لياقت علي خان هتي وٺي آيو هو. ان وقت سنڌي آفيسر ڪونہ هئا، ان ڪري هنن پنهنجا قانون ناهيا هئا. هنن پاڪستان ۾ پهرئين ڏينهن کان وٺي، هڪڙو ڊڪٽيٽوريٽ راج قائم ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تحت اسان کان شهر ڪسيا ويا، ٻولي ڪسي وئي، توهان کي خبر آهي ته هندو- مسلمان فسادن جي اصل جڙ ڪهڙي هئي؟ اُها جڙ اِها هئي ته 1930ع کان اڳ ۾ (مون کي پوري تاريخ ياد ڪانہ آهي) يو- پي جي هندن چيو ته يو- پيءَ ۾ اسان کي پنهنجي هندي زبان ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ جي اجازت ڏني وڃي، مسلمانن انهن جي خلاف مظاهرا ڪيا، يعني هندوستان ۾ هندو ماڻهو پنهنجي ٻولي ڳالهائين، تنهن ۾ اردو کي تڪليف ٿي رهي هئي، جنهن لاءِ هنن هندو- مسلمان فساد شروع ڪرايا، رڳو ان هڪڙيءَ ڳالهہ تان ته توهان پنهنجون درخواستون هنديءَ ۾ نہ ڏيو. (اها آئون توهان کي تاريخ ٻڌائي سگهان ٿو، في الحال توهان تاريخ نہ لکو.) ته هي اُهي ڪرمي پٽ آهن.

پاڪستان ٻہ اڏ ڪيئن ٿيو؟ سليمان ندويءَ جهڙو ماڻهو اتي ويو. اها 1948ع جي ڳالهہ آهي. هنن اتي ايڊيوڪيشن ڪانفرنس ڪئي هئي، اتي هن چيو ته هن ملڪ جي صرف اردو ئي قومي زبان ٿيندي، ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ جو سوال ئي ڪونہ آهي. بنگالين چيو ته اسان اردوءَ سان گڏ بنگالي ٻہ ڳالهائينداسون، جنهن تي لياقت علي خان چيو ته اردو، اسلام ۽ پاڪستان ٽئي هڪڙي شيءِ آهن، جنهن تي 27 فيبروري هئي يا 21 فيبروري هئي، جو فساد ٿيا هئا. ان ڏينهن کان وٺي پاڪستان ويو هليو. هنن اوپر پاڪستان رڳو اردو جي ڪري ڏئي ڇڏيو، يعني هي جيڪي اسان جا پائر (پناهگير) آهن، انتهائي تنگ نظر، تعصبي، ڪٽر ۽ بيوقوف آهن. هي هڪڙيءَ مخصوص دنيا مان اچن ٿا. هنن کي دنيا جي هوا لڳي ڪانہ هئي. يو- پي ۾ وينا هئا، اتي وينِ هنن رڙِن رڙِن پئي ڪئي. مٽن هزار سالن جو هڪڙو نشو هو، اهو اڃا تائين لٿو ڪونہ آهي. هي اڃا تائين مغلن جي حڪومتن جي طرف وڃن ٿا پيا. دنيا بدلجي وئي، روس آيا، چين آيا، سوشلسٽ ٿيا، ته بہ هي اهي ساڳيون نوابن واريون خبرون وينا ڪندا هئا. هي آئوٽ آف ڊيٽ آهن، هنن جا تصور آئوٽ آف ڊيٽ آهن. هي اڃا ڪپڑا پائين ٿا، شاعريون پڙهن ٿا، هنن جا بهترين شاعر بہ آئوٽ آف ڊيٽ آهن. هنن جو بهترين دانشور بہ آئوٽ آف ڊيٽ آهي، منافق آهي ۽ ڪري ٿو. هنن کي هاڻي مس مس وڃي سنڌين سمجهيو آهي. اسان ته جي- ايم سيد جي بہ خلاف ڳالهايون ٿا.

رسول بخش پليجي کي ماڻهو سڃو ڏينهن گاريون ٿا ڏين. پٽي جي خلاف جيڪا سنڌ ۾ مخالفت آهي، ٻئي هنڌ ڪانه آهي، پر هنن جي دهشتگردن جي خلاف ڪنهن هڪڙي دانشور به مضمون نه لکيو آهي، ان ڪري هي آئوٽ آف ڊيٽ آهن. انگريزن جي خلاف، انگريز لکي سگهي ٿو، آمريڪا جي خلاف آمريڪا ڳالهائي ٿي، جيڪي مهذب ملڪ آهن ۽ جيڪي تهذيب يافته ملڪ آهن، پر هي ماڻهو آئوٽ آف ڊيٽ آهن ۽ غير مهذب (Un cultured) آهن، ڪلچرليس آهن. پنهنجي ماڻهوءَ کي پاڻ چئبو آهي، جي نه چئبو ته دنيا ڪيئن هلندي؟ تهذيب ۽ شائستگيءَ جي تقاضا آهي ته پنهنجي بدمعاش کي توهان پاڻ چئو. هي "جي، ايسا نهين هي، بلڪ، حالانڪ، چونڪ، چنانچه.... "هي ته چونڪ چنانچه ۾ ئي رهجي ويا آهن، معنيٰ جاهل مطلق آهن. اڄ جي ورلڊ (دنيا) جون جيڪي تقاضائون آهن، ان ۾ هي "آئوٽ آف ڊيٽ" آهن. ڳالهائين گهٽو ٿا. جيڪو گهٽو ڳالهائي، سو قابل به آهي چا؟ ڀهراڙيءَ ۾ الاهي ماڻهو وينا آهن، داناءَ ماڻهو! اڪر به ڳالهائيندا، ڳالهه منڊيءَ تي ٽڪ هوندي! پڙهيل ماڻهو هروپرو داناءَ به ٿيندو آهي چا؟ هيءَ ته اها آهي:

اين زور بازو نيست، تانه بخشند خداءِ بخشنده.

هنن جو ڪلچر بيڪ ورڊ ۽ آئوٽ آف ڊيٽ آهي. هنن جي پاڙي ۾ جيڪو ماڻهو هوندو، هي ان کي ڪُهي ڇڏيندا. جيڪي مهذب قومون آهن، سي ته پاڙي ۾ پناهه ڏيندیون آهن. توهان هنن جي پاڙي ۾ ويندا ته هي ڪُهي ڇڏيندا.

اڃ پڙهيل ۽ غير مهذب ماڻهوءَ جي سچاڻپ اها آهي ته جهنگ جي مرونءَ جي اڳيان جيڪي شيءِ ڏيندا ته هو اُها کائي ڇڏيندو، پر انسان هزارين ميلن جي نظر رکندو آهي، ته ان مان مون کي فائدو يا نقصان آهي. هي ڪوتاهه نظر، ان ڪلچرڊ، آئوٽ آف ڊيٽ ۽ پوليٽيڪل جاهل آهن، جن کي ٿوري برتري ٿي ملي ته ان جو فائدو ٿا وٺن. تن ڏينهن جي صوبيداري ملندي ته سيني کي جيل ۾ وجهرائي ڇڏيندا. هنن کي به ڏينهن بادشاهي ملندي ته ماڻهن کي مارائي ڇڏيندا. سنڌي ماڻهو وسيع نظر آهي.

"اهو کي ڪجي، جو مينهن وسندي ڪم اچي."

"ننهين نياڻي، ڏرَ تڪاڻي."

نظر ٿوري وڌيڪ ڏرجي. ماڻهو ٿورو خيال ڪري هلي. سنڌي ماڻهن جي مهذب تهذيب آهي، شائسته تهذيب آهي، ڇوته سنڌين هڪ هزار سال پنهنجي حڪومت ڏٺي آهي. هي ماڻهو ته سينٽرل ايشيا جي ماڻهن کي ڳوليندا رهندا آهن. هتي ته اسان جون پنهنجون حڪومتون هوندیون هيون. اسان سما هٿاسون، سومرا هٿاسون، اسان جو راج راجا ڏاهر جي حڪومت ۾ به هو. برصغير ۾ سڀ کان (Earliest) پهريون جيڪي حڪومتون هيون، سي اسان وٽ هيون. پنجاب ۾ حڪومت ڪٽي هئي؟ پنجاب ۾ بادشاهت ڪانه هئي، بلوچستان ۾ بادشاهت ڪانه هئي. بلوچستان ارتقا ڪري ان منزل تائين پهتو ئي ڪونه هو، پر اسان پهتا هٿاسون، جنهن تي پنجاب به ڪونه پهتو

هو. سرحد تہ هونئن بہ ڪونہ پهتو هو، نہ بلوچستان ئي پهتو هو. جيڪي بہ (Earliest) پهريون حڪومتون هيون، سي اسان جون ۽ هندوستان جون هيون. مگڏ جي حڪومت بہ پوءِ اُتي آئي هئي. ان صورتحال جي هنن کي خبر ئي ڪانہ آهي.

اسان هندن جي خلاف ڇو ٿيا هئاسون؟ هندو بہ ائين ئي ڪندا هئا، تنگ نظر هئا. جيئن هي چون ٿا تہ سنڌين جي يونيورسٽي بہ نہ نهي، جي نهي تہ ان سان پنهنجا ڪاليج الحاق نہ ڪنداسون. تنگ نظر آهن، ان ڪري ٿورڙي برتريءَ تي سيٽ ۾ پرجي ٿا ويڃن. اهي ماڻهو بہ ائين دربدر ٿيا، جيئن هي ٿيو ويندا آهن. حاڪم ٿيو ويندا آهن، فاتح ٿيو ويندا آهن. پنجابين ۽ پناڻن سان تہ وڙهندا، پر سنڌي ماڻهو چري بلا آهن، انهن کي ڳالهہ دير سان سمجهہ ۾ ايندي آهي، تمام پري، الائي ڪيتري زماني کان پوءِ سمجهہ ۾ ايندي آهي. هي اُهي آهن، جيڪي هڻي هڻي ڇتا ٿي پنهنجي حڪومت قائم ڪري چوندا تہ هاڻي ملڪ فتح ڪري وياسون، تنهن کان پوءِ وڃي سنڌي اُٽندا. جيئن ايوب حڪومت ڪري هڻي هڻي ٻيهي رهيو، پر پوءِ جڏهن دير سان ماڻهو اٿيا، ڇٽ دير سان اٿيو، اٿيو تہ وينو ڪونہ. تان جو ايوب کي ڪيرائي پوءِ دم پٽيائون. هاڻي هي بہ سمجهن ٿا تہ هي چريون بلائون آهن، تن کي جهٽ ڪري فتح ڪري ٿا ونون.

اصل ۾ ڇا آهي تہ سنڌين کي پنهنجي مڊل ڪلاس جي ضرورت هئي. وڏيرن مان تہ بيزار ٿيو ويندا هئا، انهن جي جاءِ تي جيڪڏهن ڪو بنگالي مڊل ڪلاس جو ماڻهو اچي ها، پاڻ ٿي گڏجي پوي ها تہ سڀ سنڌي ماڻهو ان جي پٺيان لڳي پون ها. سنڌي ماڻهو تہ چريا آهن ئي. نواز شريف ماڻهن کي رڳو پيليون ٽيڪسيون ڏنيون تہ ماڻهو ان جي پٺيان لڳي پيا.

پاڳارو يا مظفر شاهہ جهڙا ماڻهو رڳو سنڌين جي مٿي تي سکڻو هٿ گهمائين ۽ جيڪي پ پ وارا مسڪا پالش پيا ڪن، سي مسڪا پالش جي هي بہ شروع ڪن تہ ماڻهو هنن جي بہ پٺيان لڳي پوندا. اهو ڪم مظفر شاهہ جهڙو ماڻهو ڪري سگهي ٿو. پاڳارو تہ بادشاهہ ماڻهو آهي. اهڙو ماڻهو هجي، جيڪو رڳو منيون منيون ڳالهيون ڪري. ڏينداتہ ڪجهہ بہ ڪونہ، وڏيرا ڇا ڏينداتہ؟ سڀ ٽپڙ ڪائي ويندا، رڳو منيون منيون ڳالهيون ڪن تہ بہ اڌ ووٽن جو ڪٽي ويندا. هي بہ جيڪڏهن رڳو منيون منيون ڳالهيون ڪن ها تہ سڀ سنڌي هنن جي پٺيان هجن ها. توهان ڏنو ڪونہ تہ پهرين جڏهن هنن مِٽ مِٽ پئي ڪئي تہ سڀ سنڌي بغل پيا وڃائيندا هئا، ڪميونسٽ ٿيا ويندا هئا، ترقي پسند اديب ٿيو ويندا هئا، هنن جي پٺيان ڪٽا نٽي ماپيا.

هاڻي جڏهن هنن غنڊاگردي ڪئي آهي تہ ظاهر ٿي پيا آهن، تنهن ڪري هي آيا آهن تہ برابريءَ جي بنياد تي رهن. جيتوڻيڪ هنن کي هتي اچڻ جو ڪو حق ڪونہ آهي ۽ اهو اسان کي پنجاهہ هزار دفعا دهرائڻ کپي ۽ روزانو دهرائڻ کپي. They have no right to live here. جيڪي ماڻهو هتي ايجا مهاجر آهن، انهن کي پنهنجي

وطن موڪلڻ ڪپي. جيڪي ويچارا مهاجرين آهن، سي ته واپس وڃن نہ! تنهن ڪري جيڪو پاڻ کي هتي مهاجر سمجهي ٿو ۽ چوي ٿو ته سنڌ جي ورهاست ڪريو. ان لاءِ مان مطالبو ٿو ڪريان ته جيڪي ماڻهو مهاجر آهن، تن کي في الحال ڪئمپن ۾ رهايو وڃي. انهن جي کاڌي پيتي جو انتظام ڪيو وڃي. سندن ٻارن ٻچن جو بندوبست ڪيو وڃي. کين ڪئمپ جي اندر رکو ته جيئن ٻاهر ڦهلجي نہ وڃن. پرائي ملڪ ۾ وينا آهن. اقوام متحده جي رفيوجي هاءِ ڪمشنر کي اپيل ڪئي وڃي ته هنن کي پنهنجي وطن پهچايو وڃي. اها پهرين ڳالهه آهي، باقي جيڪي ماڻهو هتي پاڻ کي مهاجر نٿا سمجهن ۽ سمجهن ٿا ته هيءُ اسان جو وطن آهي، مهاجر هئاسون ۽ هاڻي ڪونہ آهيون، اهي بلڪل اسان جي برابر آهن، اهي پنهنجي ٻولي ڳالهائين، اردوءَ جا اسان بہ عاشق آهيون. هو جيڪڏهن اردوءَ جي کوڙي دعويداري ڪندا ته اها ڳالهه ڪانہ هلندي. ڪابہ برتري، نہ ته سنڌين جي برتري ۽ نہ هنن جي برتري. اسان برتريءَ جي خلاف آهيون، سڀ پائر آهيون، سڀ انسان آهيون. اقبال بہ اسان جو آهي ۽ غالب بہ اسان جو آهي.

غالب ته ڊپٽي ڪمشنر جي تعريف ۾ قصيده لکندو هو. بلڪ ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ پوليس جي شان ۾ بہ قصيده لکندو هو ۽ انگريزن جي پاران مغلن کي گاريون ڏيندو هو. اسان وٽ ته ڪچو چنو آهي. غالب تي اٿارٽي آئون آهيان يا هي آهن؟ هي ته غالب پڙهن ئي ڪونہ ٿا. هنن کي ته خبر ئي ڪانہ آهي. آئون هنن کي پڙهيو وينو آهيان. ان جو هڪ هڪ لفظ مون پڙهيو آهي، مون کي خبر آهي ۽ هو منهنجو يار آهي.... ته سڀ برابر آهيون ۽ اسان کي برابري ڪپي. پر هي وڏا بدنصيب آهن، جن کي سنڌي نٿي اچي. جنهن لطيف نہ پڙهيو آهي، اهو وڏو بدنصيب آهي ۽ اهو جاهل آهي ۽ جاهلانہ مطلق آهي. اهو اردوءَ جو دانشور، جنهن لطيف نہ پڙهيو آهي. ٻئي پاسي اسان آهيون، جيڪي اردوءَ جا انڊا منڊا شاعر بہ پڙهيو وينا آهيون. غالب بہ انڊو منڊو شاعر هو. ڪو ايڈو وڏو Giant (ديو) ڪونہ هو. آئون (دعويٰ سان) چوان ٿو ته هو جائنٽ ڪونہ هو، نيڪ آهي.

انتا نہ بڑھا پاکی، داماں کی حکایت،
دامن کو ذرا دیکھ، ذرا بند قبا دیکھ،
کھل جائے بھرم ظالم، تیری قامت کی درازی کا،
اگر اس طرے پر پیچ کا ہر پیچ وَ خم نکلے۔

ان ڪري اردو ادب تي اسان کان نہ ڳالهرايو. اسان کي خبر آهي ته توهان ڇا آهيو؟ پر اسان سڀ پائر آهيون. اردو بہ اسان جي آهي، فارسي بہ اسان جي آهي، پنجابي بہ ٽيڙ ڪپي، سيني ٻولين کي هلڻ ڪپي، هڪٻئي سان ملڻ ڪپي، شاديون ٽيڙ ڪپن، پاڻ ۾ گڏجي رهڻ ڪپي، امن امان قائم ڪرڻ ڪپي. اردوءَ ۾ سنڌ کي ڏيڙ لاءِ تمام

گھٽو سرمايو آهي. سنڌي ماڻهن ۾ هنن جي گڏجڻ سان وڏي هڪڙي شاندار تهذيب پيدا ٿيندي. هي جنگ جو دور ڪونہ آهي، هي امن جو دور آهي، پائر ٽي رهڻ جو دور آهي. سنڌ ۾ الاهي پاڻي آهي، الاهي وسيلا آهن، الاهي ٽپڑ آهن، گڏجي ويهي ڪائي ۽ ڪپائي سگهون ٿا.

پر هي غدار آهن، ايوب جي خلاف اسان سان گڏجي ڪونہ وڙهيا. اسان ون يونٽ جي خلاف وڙهياسون، هي چغليون هڻندا هئا. هي بشني هوندا هئا، هي بشنيءَ جو ڪردار ادا ڪندا هئا. اسان مصيبت ۾ هوندا آهيون، هي اسان جا ماڻهو ٿا مارين. اسان ڪالاباغ ڊيم جي خلاف وڙهون پيا، هي چون ٿا تہ "اس سي همارا ڪوئي تعلق نهين هي." تاريخ ۾ ان جو اجورو اِهو آهي. هنن پاڪستان ۾ بنگالين سان ظلم ڪيا ۽ ڪين ان جو اجورو اِهو ڏنو. هنن وڏيون وڏيون حرامپايون ڪيون. هنن جو حشر برو ٿيندو، دهشتگردن جو حشر ڏاڍو برو ٿيندو، ڏاڍو برو ٿيندو، پر هنن مان جيڪي دهشتگردن جي مخالفت ڪندا ۽ علي الاعلان ڪندا، انهن کان پاڻ کي لاتعلق ڪندا ۽ پرامن ٽي رهندا، اهي اسان جا پائر آهن. اسان کي انهن کان گهٽو سکڻو آهي، هو هوشيار هوندا. آخر ڪار سڄي ميريٽ (Merit) ٽيڻ کپي. سڀ گڏجون، هڪ ٽيون، سنڌ جي هڪڙي وڏي قوت ٽيون. آڻ پنجاب جي خلاف نہ آهيان، نڪو بلوچستان جي، نڪو پناڻن جي خلاف آهيان. اسان تہ چئون ٿا تہ سڄيءَ ايشيا جو اتحاد ٽيڻ کپي، بلڪ روءِ زمين جي ماڻهن جو اتحاد ٽيڻ کپي، پر في الحال ايشيا جي ماڻهن جو تہ ٿئي! آئون هاڻي سارڪ جي ملڪن جي دوري تي وڃان پيو. بنگلاديش وڃان پيو، سري لنڪا وڃان پيو، هندوستان ويس. اسان چئون ٿا تہ هنن سيني ملڪن جي جمهوريت پسندن جو اتحاد ٽيڻ کپي. مون ڪيترن سان ڳالهايو آهي. اسان تہ هتي ننڍڙا ننڍڙا ادائي جڙيا آهيون. اسان تہ هن سڄي خطي جي ڪروڙها ماڻهن جو هڪڙو وسيع اتحاد ڪرڻ ٿا چاهيون. هو اسان جا پائر آهن. اسان پنهنجن سنڌي بدمعاشن کي بہ برداشت ڪونہ ٿا ڪريون تہ هنن کي ڪيئن ڪنداسون؟ اسان پنهنجا دهشتگرد برداشت ڪونہ ڪنداسون تہ هنن غنڊن کي ڪيئن برداشت ڪنداسون؟ Death to the terrorist. پوءِ اهو سنڌي هجي، پناهگير هجي يا پنجابي ۽ پناڻ هجي. Love and protection to every body irrespective of cast, color and creed.

ساڃاهہ: توهان سڪر ڪان ڪراچيءَ تائين لانگ مارچ ڇو ڪيو؟

پليجو صاحب: اسان سنڌي قومي اتحاد جي جنرل ڪائونسل ۾ ئي لانگ مارچ جو فيصلو ڪيو هو، جيڪا ڪافي ٽائيم اڳ جنگشاهيءَ ۾ ٽي هئي، پر سُٽت ئي پوءِ ٻيءَ هڪڙيءَ تنظيم اعلان ڪيو تہ اسان ٿا لانگ مارچ ڪريون، تنهن ڪري اسان لانگ مارچ ملتوي ڪري ڇڏيو. تنهن کان پوءِ هڪ ڏينهن آبپاشيءَ ۽ بجليءَ جي وفاقي وزير جام آف لس ٻيلا جو بيان آيو تہ ڪالاباغ ڊيم ناهيون ٿا ۽ بلڪل هاڻ ٿا ناهيون. سوچيوسون تہ پوءِ هي (ڊيم) تہ ناهي ٿا وڃن، پر سنڌي ماڻهن جي طرفان سواءِ

اخباري بيانن جي ٻي کا ايڏي وڏي موت کانه ٿي ڏني ويچي، جيڪا ڳالهه ماڻهن جو، پاڪستان ۾ ورلڊ بئنڪ جو ڏيان ڇڪائي ۽ بي بي سيءَ وغيره تان اچي ۽ ماڻهن کي خبر پئي ته هيءُ تمام وڏو خطرناڪ مسئلو آهي، ان کري ئي اسان فيصلو ڪيو ته لانگ مارچ ٽيڙ ڪپي، حالانڪ ان جي تياريءَ لاءِ ٽائيم بلڪل ٿورو هو، پر سوچيوسون ته جي دير ٿي وئي ته جهڙيءَ طرح هي ضد ڪريو ٻيئا آهن ته ڊيم ته ناهي ڇڏيندا!

اسان جو مقصد هو ته ماڻهن سان ملجي ۽ کين ٻڌائجي. رستي سان اينداسون ته سنڌي ماڻهو، عورتون ۽ مرد ملندا، جن مان کي ماڻهو اخبارون پڙهن ٿا ته کي نٿا پڙهن، انهن سيني کي خبر پوندي. اهڙيءَ طرح ماڻهن جو رايو معلوم ڪنداسون، ماڻهن کي ان مسئلي تي سرگرم ڪنداسون ۽ ماڻهن کان سکنداسون ته اهي چون ٿا. هي جيڪو سناتو ۽ گهُٽ آهي، ان کي کيئن توڙجي ۽ جيڪا سرڪاري ۽ غير سرڪاري دهشتگردي هئي، ڏاڙيل هئا، انهن سيني ڳالهين بابت ماڻهن جي اندر هڪڙو وڏو مونجهارو هو ۽ منجهن هڪ وڏو اذيت جو احساس هو، اسان ان سڄي عذاب ۽ احساس ۾ ماڻهن سان شريڪ ٽيڙ چاهيو ٿي ۽ ڪائنٽ معلوم ڪرڻ ۽ کين ٻڌائڻ چاهيو ٿي ته هروپرو بلڪل مايوس ٿي، هٿ هٽ تي رکي ويهڻ جي ضرورت نه آهي. دراصل اسان هڪ ڏگهي عمل جو آغاز ۽ شروعات ڪرڻ چاهي آهي. اسان کي خبر آهي ته اسان جڏهن شروعات ڪنداسون ته پوءِ ماڻهو به ان ۾ شامل ٿيندا، جيئن هاڻي لانگ مارچ جي هڪڙي روايت پئجي وئي آهي. خود اي- پي- سيءَ وارا لانگ مارچ ڪرڻ وارا آهن. اسان سدائين شروعات ڪندا آهيون ۽ پوءِ قوم ان کي کڻندي آهي. اسان خود مسئلا ته حل ڪري نٿا سگهون، پر جڏهن ڪنهن چڱي ڪم جي شروعات ڪبي ته پوءِ ٻيا به ان ۾ هٿ وجهندا.

ساڃاهه: توهان جي خيال ۾ لانگ مارچ مان گهربل نتيجا نڪتا آهن ؟

پليجو صاحب: اسان لانگ مارچ ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ ۽ چرپر ۾ آڻڻ لاءِ ڪئي هئي ۽ اهو ٿيو آهي، ان ۾ هزارين ماڻهو شريڪ ٿيا هئا. بي- بي- سيءَ تان آيو آهي. سوين هزارين ماڻهن سان ملياسون ۽ ماڻهو ان بابت سجاڳ ٿيا آهن، جڏهن ته اڳ ائين ڪونه هو.

ساڃاهه: توهان ڄام ساقيءَ جي لانگ مارچ کان اڳ ۽ ان کان الڳ لانگ مارچ ڪيو. ان جا ڪهڙا ڪارڻ هئا ؟

پليجو صاحب: ڄام ساقيءَ جي لانگ مارچ جي اعلان کان گهڻو اڳ سنڌي قومي اتحاد جي جنرل ڪائونسل ۾ لانگ مارچ جو فيصلو ٿيل هو. هيءُ لانگ مارچ جو فيصلو اسان ان کري ڪيو هو ته ماڻهن جو ڏيان ڇڪائجي، راءِ عامه تيار ڪجي ۽ ملڪ ۽ ٻاهر جي ماڻهن کي ٻڌائجي ته ملڪ جي اندر ڇا پيو وهي ۽ واپري، پر پوءِ ٻئي چوٽين ڏينهن الائجي ڪهڙي سبب جي ڪري هڪڙي ٻيءَ تنظيم اعلان ڪيو ته اسان ٿا لانگ مارچ ڪريون، تنهن جي ڪري اسان اها ڳالهه ملتوي ڪري ڇڏي، جو

جو ان تنظيم وارن پنهنجيءَ لانگ مارچ ۾ ب اهي ساڻيا مسئلا ڪنيا هئا، جيڪي تقريباً اسان ب ڪٽڻ وارا هئاسون، جنهن ڪان پوءِ سگهو ئي ڄام صاحب ب اعلان ڪيو ت آئون لانگ مارچ ٽو ڪريان، پر جيئن ت هن جيڪو مسئلو ڪنيو هو، سو هيءُ هو ت هو شاهب، سچل، سامي ۽ غالب جا رسالا ۽ گيتا، انجيل ۽ قرآن ڪٽي ڏاڙيلن ۽ دهشتگردن کي واسطا وجهندو ت اهي ڏاڙا ۽ دهشتگردي بند ڪن ۽ بنهي ڏرين کي اپيل ڪندو ت امن امان قائم ڪن، پر اسان جي اڳيان فوري مسئلو وفاقي وزير جي ڪالاباغ ڊيم ناهڻ وارو هو، چوت مون جڏهن اهو بيان اخبارن ۾ پڙهيو ت هڪدم دوستن کي ٻڌايم ت هيءَ ت وڏي مصيبت ٽي وئي. هي چون ٿا ت ڪالاباغ ڊيم ناهيون ٿا، ان ڪري اسان کي هن مسئلي کي پنهنجيءَ ڪائونسل ۾ ڪٽڻ کپي ۽ فوري طور اعلان ڪرڻ کپي ت اسان ٿا ڪالاباغ ڊيم جي خلاف لانگ مارچ ڪريون، جڏهن ت ڄام رڳو هڪ امن امان جو مسئلو ڪنيو هو، پر اسان جي لانگ مارچ جا چار- پنج مسئلا هئا، جنهن ۾ ڪالاباغ ڊيم نه ٺهڻ کپي، ڀهاري نه اچڻ کپن، سنڌ ۾ انساني حقن جون پيڪڙيون نه ٽيڻ کپن، سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ کپي ۽ سرڪاري توڙي غير سرڪاري دهشتگردي بند ٽيڻ کپي، پر اهي سڀ مسئلا ڄام جي لانگ مارچ ۾ شامل ڪونه هئا، ان ڪري ڄام جي لانگ مارچ ۽ اسان جي لانگ مارچ جا مسئلا ئي الڳ الڳ هئا، پر تڏهن ب ڄام ساقيءَ جو بيان آيو ت پليجي وارا بن مهينن لاءِ لانگ مارچ ملتوي ڪن. اسان جيتوڻيڪ ائين ب ڪريون ها، جيڪڏهن ڪالاباغ ڊيم وارو مسئلو فوري ايري نه اچي ها. اسان چيو ت جيسين "نَو مڙ تيل گڏ ٿئي، تڏهن وڄي راڌا نچي." تنهن ڪري اسان مجبور هئاسون، جنهن لاءِ اسان بيان ڏئي ڇڏيو ت لانگ مارچ جي پروگرام کي ملتوي ڪري نٿو سگهجي، پر جي ڪو ٻيو ب لانگ مارچ ڪري ٿو ت اسان ارها ڪونه ٽيندا سون، چوت لانگ مارچ ڪيترا ب ٽين ت ان ۾ ڪوب ڏوهه ڪونه آهي، بلڪ اڄ سڄيءَ سنڌ کي لانگ مارچ ڪرڻ کپي. جڏهن ڏڙي ڏڙي گڏ ڪبي، تڏهن تلاءُ پربو ۽ هٽ هٽ ڪبو، تڏهن ڇپر ڪڇندو.

ائين ب ڪونه آهي ت هڪ ڏر هڙتال جو سڏ ڏئي ٽي ت اسان جي موٽ ۾ سيني ڏرين کي هڙتال ڪرڻ گهرجي. جڏهن ت هرڪا سياسي ڏر پنهنجي پنهنجي منهن سان هڙتال ڪرائيندي آهي. جيڪڏهن اها هڙتال گڏجي ڪجي ت سڀني ڀالهه آهي پر لازمي ب ناهي. اهوئي سبب آهي ت اسان چيو ت جيتوڻيڪ اسان توهان جي لانگ مارچ جي آجيان ڪنداسون پر پنهنجي لانگ مارچ ب ڪنداسون. جتي توهان ۽ اسان گڏباسون، اتي هڪبئي جو ساٿ ڏينداسون. مون کي ڄام ساقيءَ جي طبيعت جي ٿوري گهڻي خبر هئي، ان ڪري جرڳي واري ڏينهن مون ڄام ساقيءَ کي سڏي پاسيرو ونڻ وڃي پروفيسر اعجاز قريشي، پروفيسر عزيز ۽ تاج جويي جي سامهون چيو ت توهان سڀ شاهد رهجو، تنهن کان پوءِ مون کيس (ڄام کي) چيو ت توهان جي لانگ مارچ ۾ اسان ارها نه آهيون پر ب مهينا اسان ترسي نٿا سگهون، چوت تنهنجو

مسئلو الڳ آهي ۽ اسان جا مسئلا الڳ آهن، پاڻ هڪٻئي سان لاڳاپيل ڪونہ آهيون، باقي توهان ۽ اسان جتي گڏباسون، اتي توهان اسان جو ۽ اسان توهان جو استقبال ڪنداسون، جنهن کان پوءِ جام مون کي چيو تہ هاڻي بلڪل منهنجيءَ دل تان بار لهي ويو آهي، پر پوءِ وڃي بيان بازي ڪيائين تہ منهنجا تہ وائسر ئي ڦري ويا! چي: "پليجو مون کي چئي ويو آهي تہ منهنجي لانگ مارچ ۾ شريڪ ٿيندو ۽ هاڻي ان تان ڦري ويو آهي." جڏهن تہ اسان اخبارن ۾ واضح طور بيان ڏنو هو تہ اسان لانگ مارچ ملتوي ڪري نٿا سگهون، جنهن کان پوءِ بہ اهڙي تہ ڪوڙي ۽ بوگس بيان بازي ڪئي وئي جو اسان جي انهن جو جواب ڏيون ها تہ ٿئي ها ڦشري، جيڪا اسان جي مخالفن ۽ دشمنن چاهي ٿي، تنهن ڪري اسان سور پي وياسون ۽ سنڌي عوام جي مفادن خاطر انهيءَ اشتعال انگيزيءَ جو جواب نہ ڏنوسون، جنهن جو اسان پاڻ وٽ اڄ بہ حق محفوظ رکون ٿا تہ اسان ان جو جواب سياڻ ضرور ڏيندا سون.

ساڃاهہ: هن وقت سنڌي ماڻهو جنهن سرڪاري ۽ غير سرڪاري دهشتگرديءَ جي ور چڙهيل آهن، توهان جي نظر ۾ ان مان ڇوٽڪارو ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿو؟

پليجو صاحب: منهنجي خيال ۾ ان لاءِ واحد وسيلو سنڌي ماڻهن جو اتحاد آهي. جيڪڏهن سنڌي ماڻهو گڏجي اتي بيهن تہ هي سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويندو. جيڪي ماڻهو سست آهن، اهي سستي نہ ڪن. جيڪي چون ٿا تہ سنڌي ماڻهن جي حالت تي اسان کي ڏک آهي، اهي هڪٻئي سان ملي ۽ گڏجي هڪڙيءَ لڙهيءَ ۾ پوئجي جدوجهد ڪن، تہ سڀني مسئلن جو حل ممڪن آهي، پر اها ٻڌي ۽ اتحاد پرخلوص هجي.

ساڃاهہ: توهان تي الزام آهي تہ توهان اتحاد ڪرائيندا بہ جلد آهيو ۽ انهن کي ٽوڙيندا بہ جلد آهيو.

پليجو صاحب: اهڙا الزام چند مفاد پرست ۽ ڪوڙن ماڻهن جي طرفان لڳل آهن، جيڪي اصل ۾ پاڻ ڪوڙا ۽ ننگ آهن. اهي پاڻ اتحاد ڇڏيو ڇڏيو وڃن ۽ موت ۾ الزام مون تي هڻن ٿا. توهان کي ياد هوندو تہ جڏهن سنڌي ماڻهن جو قومي اتحاد نهيو هو تہ ان ۾ مون واضح طور چيو هو تہ ان ۾ سنڌي ماڻهن کان سوءِ ٻئي ڪنهن کي بہ نہ آندو ويندو، چوتہ ائين اهو اتحاد هلي نہ سگهندو ۽ پوءِ واقعي اهو اتحاد ڪونہ هليو. جنهن لاءِ جرڳو ويهڻ کپي ۽ جاچ ڪئي وڃي تہ ان اتحاد کي ڪنهن سبوتاز ڪيو؟ هاڻي جيڪا قومي ايڪشن ڪميٽي نهي آهي، ان ۾ باقاعدگيءَ سان هر دفعي اسان ئي ويندا آهيون. آئون وڌيڪ تبصرو ڪرڻ نٿو چاهيان پر مون اڳئين قومي اتحاد ۾ جيڪي ڳالهيون ڪيون هيون، اهي سڀ تاريخ ۾ صحيح ثابت ٿيون آهن. مون چيو تہ توهان اهي ڳالهيون رڳو ان ڪري ڪريو پيا تہ جيئن عوامي تحريڪ کي اتحاد مان ڪڍجي. جڏهن تہ اسان هن اتحاد ۾ ان بنياد تي شامل ٿيا آهيون تہ هي سنڌي ماڻهن جو اتحاد هوندو. سنڌي ماڻهن کان سواءِ ٻين ماڻهن کي اتحاد ۾ آندو ويو تہ

عوامي تحريڪ ان ۾ شامل نہ ٿيندي، ڇوتہ هي خالص سنڌي ماڻهن جو اتحاد آهي. جيتوڻيڪ اسان اي- اين- پيءَ ۾ بہ وينا آهيون، اسان پنجابين ۽ پناڻن سان بہ وينا آهيون، اردو ڳالهائيندڙ پائرن سان بہ وينا آهيون، جيڪي اسان جا جگر ۽ جاني آهن ۽ ٻين هزارين فورمن ۾ وينا آهيون. ملهہ ايسوسيئيشن جي ميٽنگ هجي تہ اتي رڳو ملهن کي ويهڻ ڪپي. شاعرن جي مشاعري ۾ شاعرن کي شامل ٿيڻ ڪپي. شاعرن جي مشاعري ۾ ملهن کان بيان ڪيرائبا تہ اهو ٿي ڪونہ سگهندو.

ساڳيءَ طرح ان کان اڳ "سنڌي عوام جي قومي اتحاد" ۾ بہ ساقيءَ وٽي بيان بازي ڪئي. هو اهڙا ڏنڏا همیشہ ڪندو آهي ۽ عجيب ۽ غريب بيان ڏيندو آهي. نتيجي ۾ "سپنا" کي ٽوڙي وڌائون. ان کان پوءِ سنڌ قومي اتحاد جي اندر جيڪي سازشون ڪيون ويون ۽ ان ۾ پناهگيرن کي گهلي آندو ويو ۽ معراج کي آندو ويو ۽ اسان کي رڳو ان ڪري ان اتحاد مان ڪڍيو ويو جو اسان معراج کي اچڻ نٿي ڏنو. نيٺ معراج بہ آيو ۽ ٻيا بہ آيا، پوءِ اتحاد هلي ڪونہ سگهيو. عوامي تحريڪ جنهن بہ سنڌ جي اتحاد ۾ نہ هوندي، اهو اتحاد هلي ڪونہ سگهندو. عوامي تحريڪ سنڌي ماڻهن جي اتحاد جي ڳر آهي، پٽ جو ڪنڊو آهي، عوامي تحريڪ ثابت قدميءَ سان وڙهي ٿي. مون جي- ايم سيد کي روبرو چيو هو تہ توهان اسان کي اتحاد مان ڪڍيو ٿا پر هي اتحاد هلي ڪونہ سگهندو. ان کان سواءِ هن اتحاد کي ڌاهڻ ۾ ان جي پويان ٻيا بہ تمام گهڻا محرڪ هئا، جن تي گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي، تنهن ڪري آئون نٿو ڳالهائڻ چاهيان.

ساڃاهہ: سنڌ جي اندر جاگيردار طبقو بہ سياست ڪري ٿو ۽ وچولو طبقو بہ سياست ڪري ٿو، ٻنهي وٽ گهٽ وڌ سنڌ جي سياست جي قيادت آهي. توهان سنڌي ماڻهن جي ڇوٽڪاري لاءِ ڪهڙي طبقي جي اتحاد کي اوليت ڏيندا؟

پليجو صاحب: آئون نٿو سمجهان تہ سواءِ عوامي تحريڪ جي سنڌي ماڻهن جي ٻي ڪا وچولي طبقي جي سياسي قيادت آهي، ڇوتہ ان طبقي جي ٻي سياست، جاگيردار طبقي جي ٻنيان ٽئي ٿي. اهي نالي ۾ وچولي طبقي جي سياست ڪن ٿا پر بنياد جاگيردار طبقي جي مفادن تي ٻڌل آهي.

ساڃاهہ: سنڌ جي قومي سياست اندر ترقي پسند پارٽي وچولي طبقي جي سياسي قوت طور ايري رهي آهي، ان لاءِ توهان جو ڇا چوڻ آهي؟

پليجو صاحب: ترقي پسند پارٽي جيڪو ڪجهہ ڪري پئي، اها سنڌ کي نقصان وڌيڪ ڏئي پئي ۽ فائدو ٿورو ٿي ڏئي. منهنجي خيال ۾ اها سنڌ لاءِ وڏا ڏڇا پيدا ڪري ٿي. سنڌ جي باري ۾ هڪڙو غلط تاثر ڏئي ٿي. اهو هيءُ ٿي ڏئي تہ جيڪڏهن سنڌ تي فوجي ڪارروائي نہ ڪئي وئي تہ سنڌي جنگيون ڪري، پاڪستان کي تباهہ ڪري ڇڏيندا، اهڙيءَ طرح اها سنڌي ماڻهن جي بچاءَ جي حڪمت عمليءَ کي خطري ۾ وجهي ٿي.

ساڃاهہ: سنڌ جي سياست اندر ترقي پسند پارٽي، ڄام ساقيءَ جي جمهوري

تحريڪ، گل محمد جڪراڻيءَ جي جيئي سنڌ تحريڪ، غلام شاهہ جو جيئي سنڌ محاذ ۽ توهان جي عوامي تحريڪ کي گڏي، سنڌ جي وچولي طبقي جي سياسي قوت ڇو نٿو چئي سگهجي؟ ان جي وضاحت ڪندا.

پليجو صاحب: سوال آهي تہ اهڙي اتحاد جو ڪو امڪان آهي؟ هڪڙو ماڻهو آهي، جيڪو رڳو "پاڪستان توڙينگي، توڙينگي" وينو چوي ۽ اهو بہ چئي ٿو تہ جيڪو "توڙينگي" چوي، سو ئي مون سان گڏ ٿئي ۽ ٻيو نہ ٿئي. جڏهن تہ اتحاد جي معنيٰ آهي تہ هرهڪ ڌر جون ڳالهيون پل الڳ الڳ هجن، پر ڪنهن هڪ نقطي تي گڏجن، جيڪو سيني جو گڏيل هجي، پر هتي جيڪڏهن مون وٽ ڏهہ نقطا آهن تہ آئون چاهيان ٿو تہ اهي سڀ نقطا ٻيا بہ ڪٽن. سنڌ جي اندر جيڪي بہ ماڻهو "سنڌ-سنڌ" ڪن ٿا ۽ چون ٿا تہ اهي سنڌ جا خيرخواهہ آهن، سي واقعي سنڌ جا خيرخواهہ آهن بہ يا نہ؟ يا انهن ماڻهن جي زندگيءَ جو مقصد اهو آهي تہ سنڌ جي خدمت ڪجي؟ بدقسمتيءَ سان منهنجي راءِ ان باري ۾ نہ آهي، ڇوتہ منهنجو خيال آهي تہ انهيءَ ۾ استيبلشمينٽ جو وڏو دخل آهي. جيڪڏهن خلوص هجي ها ۽ ماڻهو واقعي اتحاد ڪرڻ چاهين ها تہ ڪڏهوڪو اتحاد ٿي وڃي ها، پر مون ڏٺو آهي تہ ڪيترن ماڻهن کي انهيءَ لاءِ رکيو ويو آهي تہ اهي سنڌ جي مفادن ۾ ڪابہ ڳالهہ ٿيڻ نہ ڏين، بلڪ کين چيو ويو آهي تہ توهان رڳو وينا نعرا هڻو ۽ سنڌي ماڻهن جو اتحاد نہ ڏيو. ڪيترائي سنڌ جي سياست اندر اهڙا ماڻهو موجود آهن.

بهرحال توهان گڏجي هڪ قومي جرڳو جوڙيو ۽ اهو انڪوائري ڪري تہ سنڌ قومي اتحاد کي ٽوڙڻ جي ذميواري ڪنهن تي آهي؟ ايياز هجي، رباني هجي يا نورالهدیٰ شاهہ هجي، اهي سڀ گڏجي هڪ انڪوائري ڪميٽي ويهارين، جيڪا اها تحقيق ڪري تہ "سپنا" جيڪو هليو پئي ان کي ڏاهي سنڌ قومي اتحاد ڇو ناهيو ويو ۽ آئون اهو توهان (ساجاهہ) جي معرفت مطالبو ٿو ڪريان تہ بلڪل ان جي انڪوائري ڪرائي وڃي تہ اهو ڪنهن چيو تہ فلاڻي يا فلاڻي ڪان سواءِ هيءُ اتحاد هلي نہ سگهندو؟ اصل ۾ اها ڳالهہ ايمانداريءَ واري هئي يا اها ڳالهہ اتحاد کي ٽوڙڻ واري هئي؟ يا سنڌ قومي اتحاد واقعي سنڌي قوم جي اتحاد لاءِ جوڙيو ويو هو يا ٻين ڪن خاص مقصدن کي آڏو رکي ناهيو ويو هو؟ عوامي تحريڪ جو ان ۾ جيڪو موقف هو، سو صحيح هو يا غلط هو؟ ۽ ٻين جو جيڪو موقف هو سو صحيح هو يا غلط هو؟ هي جيڪي بہ دوست توهان چيا آهن، سي جيڪڏهن اتحاد ڪرڻ چاهين ها تہ اهو هڪ وڏو سوال آهي تہ اهي واقعي اهي ماڻهو آهن، جيڪي اسان چاهيون ٿا؟ جيڪڏهن اسان سڀ واقعي ائين آهيون ۽ انهن ماڻهن کي جيڪو ڪجهہ ڪرڻ گهرجي، سو ڪرڻ لاءِ تيار هجن تہ اتحاد ڇو نٿو ٿي سگهي؟ پر هي وڏا سوال آهن، پهريان انهن جا جواب ملڻ گهرجن.

ساجاهہ: سنڌ ۽ سنڌي قوم هن وقت جنهن مصيبت ۾ گهيريل آهن يا

سنڌي قوم جي مخالف ماڻهن جو جيڪو سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جو پروگرام آهي، ان حوالي سان سنڌ ۾ سنڌي قوم جو مڪمل ڇوٽڪارو پاڪستان جي اندر ممڪن آهي يا سنڌ جي مڪمل قومي آزاديءَ ۾ آهي؟

پليجو صاحب: اهو هڪ گمراهه ڪندڙ سوال آهي. اهو سوال ائين آهي جيئن هڪ ننڍڙي ٻار کان سوال ڪجي ته ماڻهوءَ کي شادي شده هجڻ کپي يا نه کپي؟ هو وڏو ٿيندو ته شادي ٻه ڪندو پر هينئر ته ان کي اسڪول وڃڻ کپي، پنهنجيءَ زال جي پنڀان نه وڃڻ کپي. آزادي ٻه هڪ اهڙي ٻگالهه آهي. اهو هڪ وڏو نعرو آهي، جنهن جو ڪو بنياد ڪونه آهي. اهو اصل جدوجهد کان نتائڻ آهي، دشمن کي موقعو ڏيڻ آهي ۽ ڪمزور تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ دشمن کي بهانا ناهي ڏيڻ آهي، وقت کان اڳ ڪنهن شيءِ کي خوار خراب ڪرڻ جو هڪڙو طريقو آهي. جڏهن ته هن وقت سنڌي ماڻهن لاءِ سڀ کان وڌيڪ اهي مسئلا ضروري آهن جن کي ڪٽي وڙهجي، جدوجهد ڪجي، تيار ٿجي ۽ طاقتور ٿجي. جيسين طاقتور نه ٿبو، تيسين وڙهي نه سگهبو، رڳو ويڙهه کي پيو ڏسبو. مثال طور: فين گهٽائڻ لاءِ ڇئن شاگردن کي گڏ ڪجي. غنڊاگرديءَ جي خلاف جدوجهد ڪجي ته ايجا وڌيڪ ماڻهو ملندا. ٽئين ڏينهن مطالبو ڪجي ته هي ڪورس بدلايو وڃي. ماڻهو هوندا ته ڪورس ٻه بدلبو، پر اٽندي ڇڏبو ته سڀ شيون بند ڪريو، ته ائين ڪونه ٿيندو. تنهن جي ڪري جيڪي ٻه ڪم ڪجن، سي ڏاڪي ٻه ڏاڪي ڪجن. جيڪڏهن پهريون درجو پاس ڪبو ته ٻيو ٻه ٽي ويندو. مڙس ماڻهو ٽي ٻيو پاس ڪبو ته ٽئين ۾ ٻه اڇبو. اهڙيءَ طرح پي- ايڇ- ڊي ٻه ڪري ونڊبي، پر جنهن کي الف ب ٻه نه ايندو هجي ۽ هو چوي ته مان پي- ايڇ- ڊي ڪندس ته اهو ٽي ڪونه سگهندو. ان ڪري جيڪو ٻار کي الف ب سيکارڻ جي بدران ان کي پي- ايڇ- ڊي لاءِ ٽو چوي، اهو دراصل ان ڇوڪر جي پڙهائيءَ ۾ رڪاوٽ ٽو وجهي. اينگلس چيو آهي ته، "ڪائنات ۾ شيون يا نه هوندیون آهن يا تمام ورلي ٽيندي آهي." ڪائنات ۾ هيئن ٻه ٽيندو آهي ۽ هونئن ٻه ٽيندو آهي.

اسان جيڪا وڏي نجات چاهيون ٿا ته ان لاءِ اسان کي پهرين تعليم ۽ تربيت ونڊي پوندي، سکيا ونڊي پوندي. جي هيئن نه ڪنداسون ته هونئن ٻه نه ڪري سگهنداسون. سڀ شيون پاڻ ۾ جڙيل ٽين ٽيون. ڪائنات ۾ شيون هڪبئي سان لاڳاپيل آهن ۽ هڪبئي تي دارومدار رکن ٽيون، هڪبئي ۾ سمايل آهن. جدوجهد ۾ نجات جو راز ٻه سمايل آهي. اسان کي پنهنجون ٻگالهيون پنهنجي وس ۽ ڏاڪي مطابق رکڻ کپن. جي اسان ڪالاباغ ڊيم جي خلاف ٻه جدوجهد ڪريون ۽ ٻهارين جي خلاف ٻه جدوجهد ڪريون ته اسان وڏا طاقتور ٿي سگهون ٿا. جڏهن ته هي جيڪي دهشتگرد آهن، سي اسان کي سنڌ اندر غلام بنائڻ گهرن ٿا، پر ڇا هو ائين چون ٿا ته اهي اسان کي غلام بنائڻ گهرن ٿا؟ پاڪستان جو حڪمران طبقو سنڌين کي نيست ۽ نابود ڪرڻ چاهي ٿو، پر ڇا هو ائين چوي ٿو؟ هندستانين هندستان جي آزادي حاصل ڪرڻ گهري ٿي پر

ڪڏهن انهن اهو چيو ته اسان سوراج حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا، پر اهي ڏاڪي بہ ڏاڪي جدوجهدون ڪري جڏهن مٿي چڙهيا، تڏهن چيائون ته هائو، اسان آزاد ٿيڻ چاهيون ٿا. خود ويٽنامين پنهنجي پهرين ڏاڪي تي چيو ته هو جنيوا معاهدي تي هلڻ نٿا چاهين. جيڪو ڏاڪي بہ ڏاڪي ڀالهه ڪري ٿو، اهو سچو ۽ سنجيدو آهي. جيڪو ڏاڪي کان ٽپي مٿي ڀالهه ٿو ڪري، اهو سچو ڪونہ آهي.

ساڃاهہ: سنڌ جون جاگيردار سياسي قوتون، جيئن پ پ آهي، جي- ايم سيد آهي يا ڄام صادق ۽ پيو جاگيردار طبقو آهي، سو سنڌ اندر وقت بوقت ايم ڪيو ايم سان اتحاد ڪندو رهي ٿو، جڏهن ته اها حقيقت ثابت ٿيل آهي ته ايم ڪيو ايم هڪ دهشتگرد تنظيم آهي ۽ سنڌي ماڻهن جي قاتل آهي، پر پوءِ جاگيردار طبقي جي اها ڪهڙي مجبوري آهي، جو اهو ان جو اتحادي رهندو اچي ٿو؟

پليجو صاحب: اهو انهيءَ ڪري، جو جاگيردار طبقو پاڻ ۾ مڪمل طور تي وڙهيل آهي ۽ ان جو هڪڙو حصو مڪمل طور تي استيبلشمينٽ جي حوالي آهي ۽ ٻئي حصي تي استيبلشمينٽ جو تمام گهٽو عمل دخل آهي. ساڳيءَ طرح سنڌ جي ڪامورن ۽ سياسي پارٽين جي اندر بہ استيبلشمينٽ ۽ سنڌ دشمن قوتن جو مڪمل طور تي عمل دخل آهي، جنهن جي ڪري نالي ۾ هو ڇا بہ هجن، پر اصل ۾ انهن جي اندر وينل قوتون سندن آهن. جيئن اڳي هندو سينيون سنڌ جي مختلف وڏيرن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، کين استعمال ڪندا هئا. سنڌ جو وڏيرو پيدائشي طور غدار آهي. جڏهن غدار پاڻ ۾ وڙهن ٿا ته هو بہ کين ويڙهائين ٿا. هي جيڪڏهن بااصول جدوجهد ڪن، سنڌي ماڻهن کي گڏ ڪن ۽ ائين وڏيءَ اڪثريت سان ڪن ۽ ماڻهو بہ ثابت قدم هجن، ويڪائو نہ ٿين، ڦرٽا گهرٽا نہ هجن ۽ پير کوڙي وڙهن ته ڪابہ طاقت سنڌي ماڻهن جي اڳيان بيهي نٿي سگهي. ٻيءَ صورت ۾ هنن (دهشتگردن) جي رحم ۽ ڪرم تي رهندا ايندا سون. ڪوڙا تڪ ناهي، کين طاقت ۾ آندو ويو آهي. اهڙيءَ طرح دهشتگردن کي ڪوڙيءَ اڪثريت ۾ آندو ويو آهي. اهو سڀ ڪجهہ مٿان کان ايجنسين ڪيو آهي.

ساڃاهہ: توهان جي چوڻ مطابق ته جاگيردار طبقو پاڻ ۾ وڙهيل آهي، ان ڪري پنهنجن پنهنجن مفادن خاطر ايم ڪيو ايم سان ناهہ ٿو ڪري، جڏهن ته جاگيردار طبقي جو متبادل وچولي طبقي جي سياسي قوت آهي، جنهن لاءِ توهان جو خيال آهي ته عوامي تحريڪ کان سواءِ پي ڪابہ وچولي طبقي جي سياسي قوت ڪانہ آهي. اهو صحيح آهي يا ناهي پر اسان جو خيال آهي ته سنڌ جي اندر وچولي طبقي جي سياسي قوت ايري رهي آهي، جنهن کان توهان ڪهڙن سببن جي ڪري انڪار ٿا ڪريو؟

پليجو صاحب: جن وچولي طبقي جي تنظيمن جي توهان ڀالهہ ٿا ڪريو، اهي چوويهہ ئي ڪلاڪ دهشتگردن سان گڏ وينا آهن ۽ چوندا رهندا آهن ته فلاڻو

دهشتگرد جيڪڏهن هيئن سنڌ جي ڀالهه ڪري ته نٿي سگهجي ٿو. هي سڀ (تنظيمون) دراصل استيبلشمينٽ کان آڇيون ڪونه آهن. هي جيڪو به راڳ ڳائجي ٿو، سو به استيبلشمينٽ جي چوڻ مطابق ڳاتو وڃي ٿو.

اخباري بيان پڙهو ته معلوم ٿي ويندو. اهي سياڻ دهشتگردن سان گڏجي وڃڻ لاءِ رڳو ميدان تيار ڪيون ڪن. اهي اڳ به دهشتگردن سان گڏ هئا ۽ هاڻ به انهن سان گڏ آهن. هتي رڳو "سو هي، سو هو، سو اجل، سو الله، سو پرين، سو پساهه" واري ڀالهه آهي، رڳو هڪ ناٽڪ ۽ ڊرامو آهي. توهان انهن جي سياسي لائين پڙهو، اها به ساڳي دهشتگردن واري آهي. چوويهه ئي ڪلاڪ رينگٽ آهي ته اصل دشمن پنجاب آهي، پر هي (دهشتگرد) ڪونه آهن. اهو سڀ ڪجهه استيبلشمينٽ جي چوڻ تي ميدان تيار ڪيو پيو وڃي ته بابا سنڌي پنجابين جا قاتل دشمن آهن، تنهن ڪري سنڌين جو جڙ ٻڇو رلائجي ۽ کين نيست ۽ نابود ڪجي ۽ حڪمران جڏهن کين ڏيين ته جمهوريت يا پ پ جي حوالي سان سنڌين جو پاسو وڻڻ نه گهرجي، ڇوته پنجاب جي اندر هڪڙو ترقي پسند گروپ آهي، جيڪو اها ڀالهه پسند نه ٿو ڪري، ڇوته اهي پنهنجن مفادن ۾ سمجهن ٿا ته جيڪڏهن سنڌين تي تشدد ڪبو ته بنگالين وانگر صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي، جن کي چپ ڪرائڻ لاءِ حڪمران پنهنجن ايجنٽن جي هٿان پنجاب دشمنيءَ جون ڀالهيون غير سياسي ٻوليءَ ۾ ڪرائين ٿا، ته جيئن کين پروپيگنڊا جو موقعو ملي ته اهي چئي سگهن ته ڏسو! ڏسو! سنڌي ههڙا حرامي ٿي ويا آهن، پنجاب جا دشمن ٿي پيا آهن، بينظير سنڌياڻي آهي، پ پ سنڌياڻي آهي، ان ڪري توهان پنجابي پنهنجن پنجابي پائرن کي ووٽ ڏيو، ته جيئن نواز شريف جي مفادن کي اڳتي ڪري سگهجي. سنڌ ۾ پنجاب جي خلاف جيڪي به غير سياسي ڀالهيون ڪيون ٿيون وڃن، سي سنڌ دوستيءَ جون ڀالهيون نه آهن پر پنجاب جي حڪمران طبقي جي خدمت جون ڀالهيون آهن.

ساڃاهه: توهان جي چوڻ مطابق جاگيردار طبقو غدار ۽ وچولو طبقو مختلف ايجنسين جو ٽائوٽ آهي، ته پوءِ سنڌ کي هي جيڪي مصيبت ۾ گهيريندڙ حالتون آهن، انهن جي حل لاءِ ڪهڙي سياسي قوت کي اڳتي وڌڻ گهرجي؟ چوڻ جو مطلب آهي ته باقي تاريخي طور ڪهڙي سياسي قوت بچي ٿي، جيڪا سنڌ جي چوٽڪاري جو ڪيس وڙهي سگهي؟ مهرباني ڪري ان تي روشني وجهو.

پليجو صاحب: ڇانيل ڏريون هڪڙيون هونديون آهن، پر سياسي پارٽين جي اندر ماڻهن جي وڏي اڪثريت بي سمجهه هوندي آهي. آئون پنهنجي طرفان نٿو چوان پر ترقي پسند پارٽيءَ وارا محترم سائين جي- ايم سيد سان گڏ هئا، پر هاڻي ڪونه آهن. اهي اڳ جيڪي ڀالهيون ڪندا هئا، اهي ٻيون ۽ هاڻي نقطه نظر ٻيو ٿا پيش ڪن. آئون چوان ٿو ته انهن جو نقطه نظر ڪونه بدليو. هنن جو موقف اڳ به ساڳيو هو ۽ هاڻي به ساڳيو آهي، پر عوام جي اڳيان جي- ايم سيد وٽ جيڪو پنهنجي پاڻ

کي فنا ڪرڻ وارو موقف هو، سو هاڻي ڪونهي. ته ماڻهو تبديل ٿين ٿا. اڳواڻ هڪڙي شيءِ هوندا آهن ۽ هيٺ ماڻهو ٻيا هوندا آهن. ان کان هيٺ وري ايجا ئي ٽيان ماڻهو هوندا آهن. هر پارٽيءَ جي اندر ٽن قسمن جا ماڻهو هوندا آهن: هڪڙي ليڊرشپ هوندي آهي، ٻيا ليڊرشپ جي پويان هوندا آهن ۽ ٽيان ڪجهه نه ڪجهه سوچيندا آهن. پنهنجو دارومدار اهڙن ماڻهن تي هجڻ گهرجي.

ساڃاهه: بهارين جي آمد کي روڪڻ ۽ ڪالاباغ ڊيم جي رٽا جي خلاف سنڌي ماڻهن کي گهڙي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي؟

پليجو صاحب: منهنجي وس ۾ هجي ۽ سنڌي ماڻهو جي منهنجو چوڻ ڪن ته آئون حڪومت کي ڇهن مهينن جي اندر ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيان، پر اسان جي چوڻ تي نٿا هلن. جيڪو اتحاد ڪريون ٿا، ڌاهيو ڇڏين ۽ پڇيو وڃن ٿا. جنهن کي ٿا گڏ ڪريون، سو ڪوڙا بهانا ڪريو ۽ غلط بيان بازيون ڪريو پگو ٿو وڃي، نه ته پاڻ چا نٿا ڪري سگهون؟ پاڻ سڃيءَ سنڌ کي سراپا احتجاج ڪري سگهون ٿا. جيڪا به حڪومت ڪالاباغ ڊيم ناهيندي، سا هلي ڪانه سگهندي يا بهارين جي باري ۾ جيڪا حڪومت واضح موقف نه اختيار ڪندي، سا به هلي ڪانه سگهندي. پاڻ سنڌي ماڻهو جيڪڏهن چاهيون ۽ گڏ هجون ته حڪومت هڪڙو ڏينهن به هلي ڪانه سگهندي، نه روڊ هلندا، نه رستا هلندا، نه ٽرينون هلنديون، نه گاڏيون هلنديون، نه ماڻهو هلندا، نه ادارا هلندا، ٿوٽل حڪومت مفلوج ٿي ويندي، جيڪا به حڪومت سنڌي ماڻهن جي نڙيءَ تي لت ڏيندي، پر اسان جي ٻڌي ڪير؟

ساڃاهه: توهان سنڌ جي اندر پراڻا جاکوڙي سياستدان آهيو، بهترين اديب ۽ دانشور به آهيو، پر پوءِ به توهان جي پارٽي سنڌ جي اندر اڪثريتي پارٽيءَ جي شڪل وٺي نه سگهي آهي. ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

پليجو صاحب: ان جو ڪارڻ اهو آهي ته ملڪ جون سموريون رجعت پرست قوتون لڻ ڪٽي اسان جي پنڌيان پيل آهن. منهنجي خلاف هر مهيني تمام بهترين، سٽي ۽ چلڪٽي پني تي ڪونه ڪو ڪتاب ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي ٿو. باقاعده هڪ ادارو قائم ڪيو ويو آهي، جيڪو رڳو منهنجي خلاف پروپيگنڊا ڪري ٿو. سنڌ جي اندر ڪوبه اهڙو لکندڙ ۽ چرندڙ پرندڙ ماڻهو ڪونهي، جنهن منهنجي باري ۾ ڪوڙ، بهتان، اختراع ۽ ڪردار ڪُشيءَ جو فريضو ادا نه ڪيو هجي، پر مون وٽ ايترو ٽائيم ڪونه آهي جو ويٺو انهن جي باري ۾ جواب ڏيان ۽ ڪتاب لکان ۽ پنهنجو ٻيو ڪم بند ڪري ڇڏيان. هو چاهين به اهو ٿا ته مان سڃو ڏينهن ويٺو پنهنجون صفايون پيش ڪريان.

ٻيو ته هيءُ ڪم تمام ڏکيو آهي، هن ڪم ۾ ثابت قدمي کپي. ملي ڪجهه ڪونه ٿو، رڳو نقصان آهي. هن ڪم ۾ ماڻهو جوڳي ٿي هلي ٿو. فنا ٿي هلي ٿو ۽ سڀ آرام ڇڏڻا پون ٿا. سنڌي ماڻهن ۾ ثابت قدميءَ جو گڻ گهٽ آهي. سنڌي ماڻهو سالن

کان پوءِ هڪ ڏينهن روماني طرح سان جدوجهد ۾ اچن ٿا. جڏهن ٻ- ٽي سال گذرن ٿا ته چون ٿا ته "ٽئي ته ڪجهه ڪونہ ٿو- ٽئي ڪجهه ڪونہ ٿو!" جيئن هن وقت روسي ٽڪجي پيا آهن، "ابا آهي ته ڪجهه ڪونہ! ابا نهيو ته نهيو نهيو." ماڻهو پائين ٿا ته توهان هڪڙي ڪوڙي پارٽي ناهيو وينا هجو. مڙئي هڪڙي ڏنڊي سان سيڙيا وينا هجو. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪم جو ٿو چئجي ته هو هڪدم نظريا ٿو پيش ڪري. هڪ ته ماڻهو هلندي هلندي ٽڪجي ٿا پون، ٻيو ته اسان چوويهه ئي ڪلاڪ سخت گهيري ۾ آهيون، مالي مشڪلاتون آهن. ٻيو ته اسان مڊل ڪلاس جي واحد پارٽي آهيون. آئون ٿو چوان ته واحد مڊل ڪلاس جي پارٽي رڳو اسان آهيون، جيڪي جاگيردار طبقي جي سهاري کان سواءِ سنڌ اندر پنهنجن پيرن تي بيهڻ جي گستاخي ٿا ڪريون. هي بنگلاديش نہ آهي، جتي مجيب کي قبول ڪيو ويو هو. هيءَ سنڌ آهي، جتي سڃي جو سڃي جاگيردار سياست آهي. جيڪو جاگيردار سياست ۾ ناهي، سو مون وانگر مڊل ڪلاس جو ماڻهو آهي. آئون لکندڙ ٻہ آهيان، اديب ٻہ آهيان ته سياستدان ٻہ آهيان، اهو ٻين لاءِ عذاب آهي. مثال طور: هڪڙو ماڻهو آهي، جيڪو ايڊيٽوريل پيو لکي. هن لاءِ مان عذاب ان ڪري آهيان جو آئون هڪ لکندڙ ٽي ڪري روز بيان پيو ڏيان. اهڙيءَ طرح دانشورن لاءِ منهنجو وجود هڪ وڏو عذاب آهي. هو چون ٿا ته مضمون ته اسان ٻہ لکون ٿا پر هيءُ ته روز بيان ٻہ ڏئي ٿو. هيءَ ته وڏي مصيبت ٽي، جنهن مان چڱو ڦاٽاسون! ٻئي پاسي وري سياستدان مون مان بيزار آهن ۽ چون ٿا ته هيءُ ته لکي ٻہ ٿو، ليڪچر پيو ڏئي، هيءَ ته وڏي فلم ٽي. مطلب ته هر سنڌي ماڻهوءَ جي جيڪا ڪميٽي، خسيس ۽ ٽردِ ڪلاس سوچ آهي، جنهن ۾ ساڙ ۽ حسد آهي، سا منهنجي خلاف استعمال ٿئي ٽي. مثال طور: توهان "پاڻ کي هاڻ آزاد گهرجي وطن" لکيو آهي، پر جي توهان ان آزاد وطن لاءِ عملي جدوجهد ٻہ ڪريو ٿا ته ٻين شاعرن کي توهان سان ساڙ ٿيندو. اهي چوندا ته هيءُ ته شاعريءَ کان سواءِ سياسي ۽ عملي جدوجهد پيو ڪري. اهڙيءَ طرح جيڪي ڪالم نويس هڪ هٽي ڪريو، ڪالمن جا وڏيرا ٽيو وينا آهن يا وري ايڊيٽوريلن جا وڏيرا ٽي وينا آهن، وڏيرن جي هڪ وڏي گينگ آهي. وڏيرو ماڻهو پنهنجي علم کي ٻہ وڏيرپ لاءِ ڪتب آڻي سگهي ٿو. ايڊيٽوريل نوٽ کي ٻہ وڏيرپ لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿو. جنهن کي جتي هڪ هٽي ملي ٽي، اهو جيڪا بدمعاشي ڪرڻ چاهي، ڪري سگهي ٿو. اهڙن سيني ماڻهن لاءِ منهنجو وجود عذاب آهي، چوتہ آئون اديب ٻہ آهيان، آئون اهل قلم ٻہ آهيان، آئون صحافي ٻہ آهيان، آئون شاعري ٻائري ٻہ ٿوري گهڻي سوجهان ٿو. ترجما ٻہ ڪريان ٿو. پنجيتاليهن هنڊن تي منهنجون ٽنگون اٽڪيل آهن، جنهن لاءِ هرهڪ ماڻهو منهنجي خلاف هڪ ساڙ جي ڪيفيت رکي ٿو ۽ چوي ٿو ته هي ماڻهو، جنهن جي گهر ۾ اٽو ڪونهي ۽ تپيدار جو پٽ آهي، سو نواب ٽيو پيو هلي، چوتہ آئون ٻاهرين ملڪن ۾ وڃان ٿو، لنڊن وڃان ٿو، آمريڪا ۾ وڃي تقريرون ڪريان ٿو، دهليءَ ۾ تقريرون

ڪريان ٿو، سو ماڻهن کي ساڻ ٽئي ٿو ته هي دهليءَ ۾ تقريرون چو ٿو ڪري- هي منيلا چو ٿو وڃي- لنڊن چو ٿو وڃي- پڪ هي ڪو حرامي ماڻهو هوندو- وڏو ڪو بدمعاش قسم جو ماڻهو هوندو- نه ته جيڪر آئون ڪونہ وينو آهيان- آئون بہ ائين ڪري سگهان ٿو.

هڪڙو ماڻهو آهي، جيڪو ورائي ورائي ساڳيو ايڊيٽوريل وينو لکي. پنجاهہ دفعا روز ساڳي ڳالهہ ٿو لکي. ان کي ساڻ آهي ته هيءُ جيڪو مون جهڙو لکندو آهي، سو وري تقريرون بہ پيو ڪري، پر آئون ته ائين نٿو ڪري سگهان ۽ منهنجي پڻيان ته ڪتو بہ ڪونہ آهي ۽ نہ چار ماڻهو آهن.

هڪ وڏو المیو آهي. اسان کي وسيلا ۽ ڪتاب ڪونہ آهن. ٻيو ته اسان سان گڏ وڃي غريب رهيا آهن ۽ اڻ پڙهيل رهيا آهن. مون سان ماڻهو ۽ ساٿي ڪونہ آهن. ساٿي جيڪي ملن ٿا، سي يا ته نوڪرين ۾ آهن يا ٽڪجيو پون ٿا. جڏهن ته مون کي جاکوڙي ٽيم کپي. اها ٽيم سنڌي ماڻهن مان جڏهن بہ ٿي ته اسان سنڌ جي تقدير بدلائي سگهون ٿا. جيڪا بہ ٽيم اچي، اها مون وانگر رات ڏينهن ڪم ڪندڙ هجي. اهڙا ماڻهو سنڌ ايجا پيدا ڪري نہ سگهي آهي، باقي جاگيردار طبقي کي اسان لاءِ جيڪا محبت هوندي، سا توهان سمجهي سگهو ٿا.

ساڃاهہ: سنڌ ۽ ملڪ جي سياست اندر توهان جي پارٽيءَ جي مستقبل جو پروگرام ڪهڙو آهي؟

پليجو صاحب: صرف جدوجهد کپي، پوءِ اها سماجي بہ هجي، سياسي بہ هجي، جيئن هندوستان جي اندر سرسيد احمد ۽ راجا رام موهن پارن ڪيون هيون. سنڌ ۾ بہ- جئن انقلابن کي گڏوگڏ هلڻو پوندو. روس ۾ سماجي ۽ فڪري انقلاب پهرين آندو ويو هو، جيڪو اديبن ۽ لکندڙن آندو هو. لينن وارا پوءِ آيا هئا، سياسي تحريڪ پوءِ آئي هئي، پهرين سماجي ۽ فڪري انقلاب اچي چڪو هو. هندوستان ۾ ٽئگور ۽ رام موهن وارن گانڌيءَ کان تمام گهڻو اڳي سماجي تبديليون آنديون هيون. سنڌ ۾ اهي سڀ ڪم ساڳئي وقت ڪرڻا پوندا. سنڌ ۾ ادبي ۽ سماجي تبديلي ساڳئي وقت آڻڻي پوندي. جيئن عورتن جو مسئلو آهي، مردن جو مسئلو آهي، عورتن بابت ماڻهن جو جيڪو رَويو آهي، ماڻهن جو هڪجهڙي ڏاڻهن جيڪو حقارت جو رَويو آهي- "هي وري معتبر ٿي ويو ۽ آئون پوئتي رهجي ويس." اهو جيڪو ساڻ جو رَويو آهي، غير علمي رَويو آهي، ان جي خلاف، اڻ پڙهائيءَ جي خلاف ۽ جهالت جي خلاف جيڪا تحريڪ آهي، سا بہ گڏوگڏ هلائڻي پوندي. ڪاپي ڪلچر ۽ ڪلاشن ڪلچر کي ختم ڪرڻو پوندو، تعليم گاهون صاف ڪرڻيون پونديون، سياست ڪرڻي پوندي، لکڻو پوندو، شاعري ڪرڻي پوندي، ڳيچ ڳائڻا پوندا، ڊپلوميسي ڪرڻي پوندي، باهرين ملڪن ۾ وڃڻو پوندو، مطلب ته پنجاهہ ڪم ساڳئي وقت ڪرڻا پوندا. ٿورو ٿورو هر مسئلي تي جدوجهد ڪرڻي پوندي، اخبارون ۽ رسالا ڪڍڻا پوندا، سنڌي

هوليءَ ۾ تبديلي آڻڻي پوندي، افساني ۽ ناول ۾ تبديلي آڻڻي پوندي. انهن سمورن ڪمن ۾ اسان شريڪ هونداسون، ڪڏهن راڳ ۾ شريڪ هونداسون، توهان شاعري ڪندا ته اها وينا ٻڌنداسون، تقرير به ڪنداسون، مضمون ۽ رسالا به لکنداسون، مارچون به ڪنداسون، جهيڙا به ڪنداسون، فساد به ڪنداسون، اي- پي- سيءَ ۾ به شامل هونداسون، لنڊن ۽ آمريڪا به ويندا سون، مطلب ته گهڻ طرفو ڪم ڪنداسون.

ساڃاهه: پاڪستاني حڪمرانن جو موجوده بحران، توهان جي خيال ۾ ڪٿي وڃي دنگ ڪندو؟

پليجو صاحب: مون کي ڊپ آهي ته ملڪ جي استيبلشمينٽ هي سڄو ڊرامو پئي ڪري ۽ پاڪستان جي باري ۾ جوا پئي کيڏي. پهريون ڊپ ته مون کي پنهنجي وطن جي باري ۾ آهي ته جڏهن هنن جي هولي ختم ٿيندي ته ٻيو ڊرامو رچائيندا، جنهن لاءِ هن وقت کان ئي چيو پيو وڃي ته "سنڌ ۾ آگ پئي ٻري- سنڌ ۾ "را" جون به سئو چوڪريون آنديون ويون آهن- سنڌ ۾ تربيت جون ڪئمپون آهن- سنڌ ۾ مزاحمتي جنگ پئي هلي- سنڌ، سنڌو ديش پئي ناهي." ۽ ٻيون ويهه هزار قسم جون هنن جيڪي سنڌي ماڻهن جي باري ۾ ڳالهيون ۽ آکاڻيون ناهيون آهن، اهي سڀ آکاڻيون پيش خيمو آهن ڪنهن خطرناڪ بنگال جهڙي فوجي آپريشن جو، جنهن لاءِ هي سڀ رڳو بهانا جوڙيا پيا وڃن. هن وقت پنجاب جي اخبارن ۾ سنڌ جي خلاف جيڪا خوفناڪ پروپيگنڊا ٿي رهي آهي ۽ اها صبح ۽ شام ٿي رهي آهي، جيڪو هڪ تمام خوفناڪ منصوبو آهي سنڌ جي خلاف اڳواٽ هڪ خطرناڪ سازش جو، ته جيئن هو جڏهن به چاهين ته سنڌ تي چڙهائي ڪري، سنڌي ماڻهن کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏين. مون کي وڏو ڊپ آهي ته حڪمران سنڌ جي خلاف اهو ڪارڊ استعمال ڪرڻ وارا آهن. هو سنڌ جي خلاف اهو ڪارڊ ان ڪري به استعمال ڪرڻ گهرن ٿا ته جيئن جڏهن چاهين، تڏهن مارشل لا به هڻي سگهن، ڇوته هنن اهوئي ڪارڊ استعمال ڪري جهڙي تهڙيءَ جمهوري حڪومت کي به ڌاهي وڏو، ڇوته بهانو وٽن اڳ ئي آهي ته سنڌ ۾ جنگ پئي هلي- سنڌ، سنڌو ديش پئي ناهي ۽ هندوستاني به اچي وبا آهن. اهي سڀ بهانا انهن اڳ ۾ ئي گهڙي ناهي ڇڏيا آهن. منهنجو هيءُ خيال آهي ته پاڪستان جو حڪمران طبقو خود پنهنجن طبقاتي مفادن جي به خلاف جوا پيو کيڏي ۽ انهن سان به سڄو ڪونه آهي، جيڪا جوا هي هن کان اڳ اوپر پاڪستان ۾ کيڏي چڪا آهن.

ساڃاهه: نئين عالمي نظام کي توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

پليجو صاحب: نئين عالمي نظام ۾ هڪ مثبت پهلو به آهي. هو پنهنجن مقصدن جي حاصلات لاءِ جمهوريت تي زور ڏيندو، انساني حقن تي زور ڏيندو، جنگ تي زور گهٽ ڏيندو، هٿيارن تي زور گهٽ ڏيندو، سرحدون متبيون، ٽيڪنالاجي وڌندي، سرمائيداريءَ کي پنهنجا جلوا ڏيکارڻ لاءِ جيڪي رڪاوٽون آهن، سي دور

ٿيندیون. سرمائیداري صحیح معنیٰ ۾ سڄيءَ دنیا تي حڪومت ڪرڻ جي پوزیشن ۾ اچي ویندي. ان جا فائدا اهي ٿیندا تہ سرمائیداريءَ جي واڌ ویجهہ ۾ جیڪي هٿرادو رڪاوٽون هوندیون، سي ختم ٿي ویندیون. ٻئي طرف انساني تاریخ ۾ پهریون ڀیرو هڪڙي گوري ماڻهوءَ جي آمریڪي- یورپي سامراجي سلطنت پیدا ٿیندي، جهڙي هن کان اڳ سڄي روءِ زمین تي ڪڏهن بہ ڪانہ ٿي آهي. روءِ زمین تي ڪڏهن بہ اهڙو دور نہ آیو آهي، جو سڄيءَ دنیا تي فقط رڳو هڪڙي سلطنت قائم هجي. ائین سڪندر جي زماني ۾ بہ ڪوبہ ٿیو آهي ۽ نہ ٻئي ڪنهن دنیا جي فاتح جي وقت ۾ ٿیو آهي. اهي رڳو ٻن- چئن ملڪن تي حڪمراني ڪندا هئا. ایراني سلطنت بہ ٻن- چئن ملڪن تي هوندي هئي، مغلن جي حڪمراني بہ ڪن چند ملڪن تي هوندي هئي. پوري روءِ زمین تي، جتي بہ ماڻهوءَ جو ٻچڙو رهي ٿو، اتي هڪڙيءَ قوت جي حڪمراني هجي، اهڙو دور هن کان اڳ ڪونہ آیو آهي. هي جي چاهین تہ ماڻهوءَ جو ساهہ ڪڍي ڇڏین. هي جي چاهین تہ ڪوبہ ٽئنڪون ۽ هٿیار رکي نٿو سگهي، پر اهو سڀ ڪجهہ هو آهستي آهستي ڪندا. اڄ ڪونہ ڪندا، پر سیاڻ هو ضرور ڪندا. هن وقت هو فوجون راشن تي رکن ٿیا. تنهنجي لاءِ هیتریون تہ هن لاءِ هیتریون فوج جون ڊویزنون هجن ۽ هیتریون ٺیڪ ڪونہ آهن، ان جي معنیٰ تہ هي اسان وارا ملڪ تہ وڃي ان وڏيءَ سلطنت جا ڄڻ تہ صوبا ٿیا. آمریڪا ۽ یورپ جي ملڪن کان سواءِ باقي ٽئین دنیا جا سڀ ملڪ سندن ننڍڙا صوبا بڻجي ویندا. جیئن اڳوڻي زماني ۾ نظام دکن هوندو هو یا جیئن اڳوڻا وڏیرا ۽ جاگیردار اندروني طور خودمختیار هوندا هئا یا جیئن بلوچستان جا سردار اندروني طور خودمختیار هوندا هئا، پر سیني جي مٿان بادشاهہ وٺو هوندو هو. تیئن هي ملڪ هڪڙیون ننڍڙیون سرداریون هوندیون. نالو وڏو هوندو پر ریاست جي خودمختیاري ختم ٿي ویندي. هيءَ هڪ وڏو خطرو بہ آهي تہ هو ان کي ڪیئن ٿا استعمال ڪن. هیڏي وڏي اجگر جي سامهون ٽئین دنیا جا ملڪ پاڻ ۾ ڪیئن اتحاد ٿا ڪن، پنهنجن پیرن تي ڪیئن ٿا بیهن، اقتصادي لڙائي ڪیئن ٿا ڪن، پنهنجي ڪچي مال کي ڪیئن ٿا استعمال ڪن، فوجي مسئلن کي ڪیئن ٿا حل ڪن. هي جیڪو پریشر پوندو تہ ائٽم بم رڳو اسان وٽ هجي، ٺیڪنالاجي بہ اسان وٽ هجي، نیوڪلیئر پلانٽ بہ اسان وٽ هجن ۽ اوهین سڀ بي هٿیار ٿي وڃي گهر ویهي رهو. آڻون هيءَ ٻن- چئن ڏینهن جي ڳالهہ نٿو ڪریان، پر ٺیهن سالن کان پوءِ جي ڳالهہ ٿو ڪریان، ڇوتہ ٺیهن سالن تائین هي ٽئین دنیا جي ملڪن کي نپوڙي بي هٿیار ڪري ڇڏیندا ۽ سڀ مال سندن هٿن ۾ هوندو. هو جیڪڏهن اسان کي چوندا تہ توهان گوڏیون ٻڏي وڃي ٻڪریون چاریو، تہ هو ائین بہ ڪري سگهن ٿا.

سنڌ جي ترقي ۾ وسيلن جو دارومدار صحيح آدمشماري تي آهي ۽ آدمشماري صحيح نه ٿي ٿئي.

ڳالهه ٻولهه: منظور ميراڻي/ روزانه برسات، 1996ع

سوال: اڳ ۾ ٽيل آدمشماريءَ کي مڪمل رد ڪيو ويو. ان کان پوءِ آدمشماريءَ لاءِ مختلف شيڊول ٺهندا رهيا ۽ هاڻي تازو اعلانيل آدمشماري به ملتوي ڪئي وئي. توهان انهيءَ سموري صورتحال کي ڪهڙي رخ ۾ ٿا ڏسو؟

پليجو صاحب: شروع کان وٺي انهن سڀني جو خيال آهي ته پناڻ ته پناڻ آهن، اهي فوج ۾ به آهن، بلوچ به هڪڙي ويڙهو قوم آهي ۽ پنجابي ته ملڪ جا والي آهن، باقي سنڌي خواهمخواهه زمين والاريو وينا آهن، تنهن ڪري انهن کان زمين خالي ڪرائجي. شروع کان لياقت علي ۽ ٻين محمد علي جناح کي پٽيون پڙهائي (هو ته ويچارو ٽي بي جو مريض هو)، ڪهاڻيون ٻڌائي، هڪڙي سازش سٽي ورتائون، جيئن چوڌري محمد علي پنهنجي انٽرويوءَ ۾ چيو ته، "سنڌين سان اسان جيڪي زيادتيون ڪريون پيا، انهن جي خلاف سنڌي هونئن ئي اٿندا، انهيءَ ڪري اسان اڳواٽ ئي هندستان مان ماڻهو گهرائي هتان جي وڻن شهرن ۾ آباد ڪرايا آهن." ته توهان ڏسندؤ ته پاڪستان جي پهرئين ڏينهن کان وٺي ئي هر ڳالهه سنڌين جي خلاف ڪئي پئي ويجي. انهيءَ جي شروعات Evacuate Law جهڙي ڪاري قانون سان ٿي آهي، جيڪو دهشتگرديءَ جو پهريون هٿيار آهي. اها دهشتگردي آهي. انهيءَ کان سواءِ Revenue-Act, Registration Act ۽ Property Act سڀني کي ڏٺو آهي، جن تحت مسلمانن جون زمينون به زوريءَ هندن جون ڏيکاري، اهي پناهگيرن کي ڪليم ۾ ڏنيون ويون آهن. 14 آگسٽ 1947ع کان وٺي سنڌين کي اقليت ۾ آڻڻ، بي دخل ڪرڻ ۽ دهشتگرديءَ جي ذريعي هيسائڻ جي مهم شروع ٿي. آدمشماريءَ کي وڌائڻ جي لاءِ ٻاهران ماڻهو آندائون. اسان جا وڏيرا بي لچڻا، بي ايمان ۽ غدار هئا. انهن هر ڳالهه تي "آمنا صدقنا" چيو، انهن ملڪ ڀيلايو، انهن ڪراچيءَ ۾ ويهي ڪارن قانونن کي ووٽ ڪيو. جيتري قدر آدمشماريءَ جو تعلق آهي ته پنجاب جي آدمشماريءَ جو انگ ايترو آهي ڪوٺ جيترو ڏسيو پيو وجي ۽ انهيءَ آڌار تي پنجاب وڌيڪ شيئر وٺيو پيو وجي ۽ سنڌ جي آدمشماري جيتري آهي، اوتري ظاهر نه ٿي ڪئي وجي. سنڌ ۾ تمام گهڻي آبادي آهي. سنڌ کي انهيءَ لحاظ کان تمام گهٽ شيئر ٿو ملي. سنڌ ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو رهن ٿا: هڪڙا اهڙا آهن، جن کي بظاهر سنڌ ۾ رهڻ جي Entitlement آهي، جنهن کي اسان قبول ڪوٺ ٿا ڪريون. اسان جو موقف اهو آ ته پاڪستان جي

1940ع واري نهراءَ ۾ اها ڳالهه واضح ٿيل آهي ته ڪنهن به صوبي جي آبادي‌ءَ جي پوزيشن کي تبديل نٿو ڪري سگهجي. آدمشماري اهائي رهندي، ڇاڪاڻ ته توهان هندستان مان 40 ڪروڙ ماڻهن جي فوج وٺي، آباديءَ جي ٻوڏ آڻي، اصل ماڻهن کي اقليت ۾ تبديل ڪري نٿا سگهو، جنهن کي Demographic aggression چئجي ٿو. هاڻي ٻه ڳالهيون آهن، سنڌ ۾ هڪڙا اهڙا ماڻهو آهن، جن کي Entitlement جو Cover آهي ۽ ٻيا اهڙا آهن جن کي Entitlement جو Cover ڪونهي، جنهن جي خبر ايجنسين کي پڻ آهي ۽ اهڙا ماڻهو سنڌ جي وسيلن تي بار آهن، تنهن ڪري اهڙن ماڻهن کي سنڌ مان واپس ڪرڻ گهرجي ۽ ٻيا اهڙا ماڻهو آهن جيڪي صرف دهشتگرد آهن، جن جا دهشتگرديءَ کان سواءِ ٻيا ڪي مقصد ڪونهن ۽ جيڪي پاڻ کي هتي خوش نٿا سمجهن ۽ پاڻ کي "مهاجر" سڏائين ٿا، انهن کي واپس وڃڻ گهرجي، ڇوتہ مهاجرن جي آدمشماري ڇا جي ٿيندي؟ جيڪي سنڌ ۾ رهڻ چاهين ٿا ۽ هتان جا ٿي ويا آهن، انهن جي آدمشماري جلد کان جلد ٿيڻ کپي. جيڪو آدمشماريءَ کي ملتوي ڪيو ويو آهي، آءٌ ان جي حمايت ۾ آهيان، پر چالاڪي هيءَ ڪئي وئي آهي ته جيڪو مرحلو اسان چاهيو پئي ته ملتوي ٿيڻ گهرجي يعني "گهر شماري" ته اهو هنن هن مهل ڪيو آهي ۽ رڳو آدمشماري ملتوي ڪئي اٿن. ماڻهو انهيءَ مان اهو تاثر پيا وٺن ته مورڳو آدمشماريءَ جو سمورو عمل ملتوي ٿي ويو آهي. اسان انهيءَ طريقيڪار کي بلڪل تسليم ئي نٿا ڪريون. اهو هڪڙو مذاق آهي، انهيءَ لاءِ تياري هجڻ گهرجي، ماڻهن کي خبر هجڻ گهرجي. هنن (وڏيرن) پئسن ڪمائڻ خاطر سنڌ جي خودمختياري وڪٽي ڇڏي آهي ۽ هر فيصلي تي "ها" ڪيون ويٺا آهن. انهيءَ ڪري اسان سميت سيني تنظيمن جو فرض آهي ته سر ڏڙ جي بازي لڳائي، صحيح آدمشماري ڪرايون، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي ترقي ۽ وسيلن جو دارومدار صحيح آدمشماريءَ تي آهي.

سوال: جهڙيءَ طرح اڳ ۾ ٿيل آدمشماريءَ دوران اسان جون سياسي تنظيمون تمام گهٽو سرگرم هيون، پر هن پيري انهن ڪنهن به قسم جي سرگرمي ناهي ڏيکاري سواءِ سنڌ ڊيموڪريٽس گروپ جي، انهيءَ جو ڇا سبب آهي؟

پليجو صاحب: اسان به سنڌ ڊيموڪريٽس گروپ سان گڏ هئاسين، اسان به انهن جي پٽيرائي ڪئي آهي، سياسي تنظيمون به انهن سان گڏ آهن، پر سياسي تنظيمن ڊيموڪريٽس گروپ کي اڳواڻ ڪيو ۽ هن مهل اها هن جي ذميواري هئي ته پنهنجو فرض چڳي نموني نيائي، پر جهڙي نموني ڊيموڪريٽس گروپ اڳي پنهنجو پاڻ ملهايو، هن مهل هو اهڙي نموني سرگرم ناهي رهيو.

سوال: هن مهل ڪجهه اخبارن ۾ اهو به آيو آهي ته هاڻوڪي آدمشماري Test طور ڪرائي پئي وڃي ته جيڪڏهن انگ اکر پنجاب کي قبول پيا ته نيڪ آ، نه ته هو انهن کي رد به ڪري سگهن ٿا، ڇا ائين آهي؟

پليجو صاحب: بلڪل ائين آهي. مٿي وڌا بي ايمان وينا آهن. هو ته چاهن ٿا ته انگن اکرن سان اسان جو ڪو واسطو ڪونهي. اهي ڪيترا به اچن پر بجيٽ جو جيترو حصو اسان کي ڏيو ٿا، اوترو ئي ڏيندا رهو. اسان وٽ Coalition گورنمينٽ آهي، انهيءَ ڪري اسان کي بليڪ ميل ڪيو ٿو وڃي ۽ سنڌي وڏيرا Coalition قائم رکڻ لاءِ سنڌ جي هر بنيادي حق کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار وينا آهن. هو رڳو پنهنجي ڪرسيءَ کي بچائڻ لاءِ سموري سنڌ جي هر فائدي کي ڇڏڻ لاءِ آتا وينا آهن.

سوال: سنڌ جي اندر جڏهن به ڪو Issue ٿيندو آهي ته توهان سميت سڀئي سياسي ڏريون اتحاد جو سڏ ڏيندیون آهن، جيئن تازو سنڌ جي ورهاڱي واري مسئلي تي سڀني گڏ ٿيڻ جي ڳالهه ڪئي، پر گڏجي ڪو هڪڙو اتحاد نه ناهي سگهيا، ڇو؟

پليجو صاحب: انهيءَ سلسلي ۾ اسان جا تلخ تجربا آهن. اسان انهيءَ مسئلي تي انگن اکرن ۾ شاهدين سان هڪڙو ڪتاب لکيو آهي، جيڪو جلدي شايع ڪنداسين ته هتي کابه ڏر گڏجي هلڻ لاءِ تيار ناهي. سڀ جون سڀ ڏريون "مٿين" جي اشارن تي پيون هلن. SNA نهيو فقط انهيءَ لاءِ ته جيئن جوڙيجي کي چٽي ڪرائجي ۽ اهو ضياءُ پئي چاهيو ۽ انهيءَ جي ئي دلچسپي هئي ۽ انهيءَ جي اشاري تي ئي SNA ناهيو ويو، جنهن ۾ ضياءُ جا ماڻهو ويهاريا ويا، جنهن ۾ محمود هارون به هو ۽ اهي ئي SNA جا اڳواڻ هئا جيڪي هن مهل نواز شريف سان گڏ وينا آهن. دراصل SNA جا وارث اهي ماڻهو هئا، جن ضياءُ سان هم ڪلام ٿي، ايجنسين سان هم ڪلام ٿي، سنڌي عوام جي قومي اتحاد جي جدوجهد کي بي اثر بڻائي چڏيو، جيئن اسان "بهاري روڪيو ڪاميتي" ناهي، بهارين خلاف جدوجهد ڪئي ته ان کي سبوتاز ڪرڻ لاءِ UNA (يونائيٽيڊ نيشنل الائنس) ناهيو ويو. اسان انهن ڳالهين جا تجربا ڪيا آهن. اسان ڪالاباغ ڊيم جي خلاف جدوجهد شروع ڪئي، اسان جدوجهد جي ميدان ۾ هئاسين ته سنڌ جي هڪڙي وڏي انقلابي منهنجي خلاف اخبارن ۾ مضمون لکيا ته پليجي فلاڻي دور ۾ منهي ۾ جهيڙو ڪيو، توهان انهن جي وقت جو انتخاب ڏسو ته ڪيئن نه ايجنسين سان هم ڪلام ٿي، انهن سان سُر ۾ سُر ملائي ڪم ڪندڙ ماڻهن جا ڪيئن ٿا ترا ڪڍن. اها باقاعدي هڪڙي منظم تربيت آهي، جنهن تحت نر جا پٽ ميدان ۾ لهي جدوجهدن کي تارپيڊو ڪندا رهن ٿا. تنهن ڪري انهن مان ڪوبه ڪونه ٿو ڏسجي جيڪو اتحاد ڪرڻ سان سيريس هجي. هاڻي تازو سنڌ جي ورهاست وارو معاملو ٿيو، انهيءَ ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ته اصل ۾ اها ڳالهه آهي ڇا؟ هن مهل الطاف جي ڪئمپ ۾ اختلاف آهن. هڪڙا ماڻهو آهن جيڪي پيپلز پارٽيءَ سان نهڻ گهرن ٿا. اهي سمجهن ٿا ته الطاف جا سمورا ڊراما فضول آهن ۽ الطاف ڏڏا پيو ڪري ته جيئن هي پ پ سان نه نهن ۽ پ پ هتان وارن همراهن کي پاڻ سان ناهڻ ٿي گهري ۽ هن مهل جيڪو سنڌ جي ورهاست جو Issue

آهي، اهو بہ الطاف لنڊن مان ويهي انهيءَ ڪري اڻاريو آهي تہ جيئن پ پ ۾ هتان وارن همراهن جي وچ ۾ ناهہ نہ ٿئي، معنيٰ اهو Issue الطاف جي فائدي ۾ آهي ۽ هو چاهي ٿو تہ اهو Issue ايري ۾ اهو ساڳيو Issue نواز شريف جي فائدي ۾ بہ آهي، معنيٰ تہ انهيءَ Issue کي مٿي کڻي اڇڻ سان، انهيءَ کي ايارڻ سان رڳو نواز شريف ۽ الطاف کي فائدو رسندو ۽ انهيءَ کي Non Issue بنائڻ سان پيپلز پارٽيءَ کي فائدو رسندو ۽ هن مهل يونائيٽيڊ نيشنل الائنس (UNA) انهيءَ Issue تي سندرو ہڏيو ٻيڻو آهي ۽ هو انهيءَ Issue کي ايارڻ جي ڪوشش پيو ڪري جنهن مان نواز شريف ۽ الطاف کي فائدو پهچندو ۽ پيپلز پارٽيءَ کي نقصان پهچندو. هن مهل ممتاز ٻٽو جيڪو مهاجر مسئلي تي اڻي ٻيڻو آهي، اهو سڏو سنئون الطاف ۽ نواز شريف جي Game پيو ڪري، تہ جيئن Issue تازو رهي ۽ الطاف جا ماڻهو الطاف کان نہ ڇڄن ۽ حڪومت جي مٿي ۾ بہ سور هجي. هي تہ ڪوڙو اتحاد ٺاهي ويٺا آهن، جيڪڏهن سچا هجن تہ اسان کي سڏ ڇو نہ ڏين، پر انهن کي پنهنجي خبر آهي تہ UNA الطاف، نواز شريف ۽ ڪجهہ ايجنسين جي Game پيو ڪري، انهيءَ ڪري هو رسول بخش پليجي کي نہ گهرائيندا، نہ سڏيندا، پر رسول بخش پليجو تہ سيني کي سڏي پيو تہ بابا اچو تہ گڏجون، پوءِ ڪير اچي يا نہ اچي، اها الڳ ڳالهہ آهي.

سوال: مهاجر مسئلي جو توهان وٽ ڪهڙو حل آهي؟

پليجو صاحب: اسان چئون ٿا تہ بابا ماڻ ڪري ويهو، امن ڪري ويهو، پر هي چون ٿا تہ اسان مهاجر آهيون، اسان کي حق ڏيو. جيڪي ماڻهو چون تہ اسان مهاجر آهيون، پناهگير آهيون، تہ پوءِ وڃو، وڃي ڪئمپن ۾ ويهو، گهرايو UNO وارن کي، پوءِ جيڪي هتي رهي نٿا سگهن، جيڪي ڪرمستيون پيا ڪن، انهن کي واپس پنهنجي گهر موڪليو. باقي جيڪي چون ٿا تہ هي اسان جو وطن آ، گهر آ، اهي ويٺا هجن، ڪير ٿو انهن کي ڪڍي؟ ڪير ٿو انهن کي قتل ڪري؟ هي تہ ڪوڙيون ڳالهيون پيا هلائين تہ "ڀائي آپ مجهي قتل نهين ڪر سڪتي!" توهان کي ائين ڪير ٿو چوي؟ ڪڏهن مون هنن کي قتل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني آ؟ ڪڏهن جي-ايم سيد اهڙي ڌمڪي ڏني آ؟ هي تہ پاڻ اهڙي قسم جا شوشا پيا ڇڏين. اهو پراڻو پناهگير Tact آ تہ ڪوڙيون ڳالهيون اسان سان منسوب ڪري، پوءِ انهن جو بچاءُ ٿا ڪن. سيني وڏن شهرن تي قبضو ڪري، سيني شين تي قبضو ڪري، نوڪرين تي قبضو ڪري پوءِ ٿا سوال پڇن تہ "آپ همين ڪهان ڪرين گي؟" انهيءَ کان وڌيڪ ظالماڻو ۽ بي شرماڻو مذاق ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ اهو سوال ئي هڪڙو انتهائي Provocative آهي تہ توهان اسان کي ڪيڏانهن ڪندؤ!؟ پر هي اسان جي مال ۽ ملڪيت تي قبضو ڪري، امن ڦٽائي، ٽيڙ ڦهائي، ان کان پوءِ بہ بضد آهن تہ اسان کي حق ڏيو. ڀائي اسان جي حق تي، اسان جي مارو ماڻهن جي حق تي تہ توهان پاڻ ڏاڙو هنيو ويٺا آهيو! اسان اها ڳالهہ بہ ڇڏي، پر اسان کي رڳو پٽ تي ويهڻ ڏيو! پر هي ويهڻ

ڪونہ ٿا ڏين. توهان پاڻ سوچيو، اسان کي آزاديءَ سان هلڻ ڏين ٿا؟ گهمڻ ڏين ٿا؟ سنڌين کي حڪومت ڪرڻ ڏين ٿا؟ پيپلز پارٽيءَ کي حڪومت ڪرڻ ڏين ٿا؟ حالانڪ هوءَ ميجارٽي واري پارٽي آ، مان پ پ سان اختلاف ٿو رکان، پر هنن جي بدمعاشي تہ ڏسو، اڪثريت واري پارٽيءَ کي حڪومت نٿا ڪرڻ ڏين. مان جي- ايم سيد جي سياست جي سراسر خلاف آهيان، پر جي- ايم سيد جا ماڻهو ائين ماڻهو مارين ها تہ هي انهيءَ کي ويهڻ ڏين ها؟ قطعي نہ ويهڻ ڏين ها. جي- ايم سيد جيڪو دل جان سان ضياءُ تان قربان ٿيو، انهيءَ کي ڇڏيائون؟ نواز شريف سان گهور گهور ٿئي ويو، نواز شريف وري ڇڪي اندر ڪري ڇڏيس. سنڌي ماڻهو جيڪڏهن انهن جي تابعيداري ڪري ٿو تہ اهو نٿو ڪپي، باقي هو جيڪو غنڊو آ، بدمعاش آ، جيڪو وڙهي ٿيو، اهو هُنن کي منو آ، وٽي ٿو. انهيءَ ڪري پناهگير مسئلي لاءِ ڪوبہ ٿڪيج ڪونهي. بس ايترو آ تہ اسان کي ڇڏين، اسان کي پنهنجي وطن ۾، پنهنجي گهر ۾ ويهڻ ڏين، غنڊہ گردي بند ڪن، دهشتگردي بند ڪن، حرامزدگي بند ڪن، ماڻهن کي هلڻ ڏين، پڙهڻ ڏين. هيءُ تہ اڙدو اخبارن تي قبضو ڪريو ويٺا آهن ۽ انهن جي زور تي دنيا کي اسان خلاف ويٺا ڪن، پنڊي مچايو ويٺا آهن. اسان کي پنهنجو موقف پيش نٿا ڪرڻ ڏين. آمريڪا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملايو ويٺا آهن. ڪڏهن اتي سنڌ پيا وڪڻن، ڪڏهن هندستان سان سنڌ پيا وڪڻن. هي تہ ڪرمنل آهن، بس رڳو ڪرمنل جند ڇڏين.

سوال: هن مهل پ پ جي اها دعويٰ آهي تہ اسان سنڌ جي نمائندہ پارٽي آهيون ۽ ساڳيءَ طرح ايم ڪيو ايم جي اها دعويٰ آهي تہ اها اڙدو آباديءَ جي نمائندہ پارٽي آهي ۽ اهي ٻئي ڏريون اتحاد لاءِ جيڪي ڪوششون پيون ڪن، انهيءَ مان ڇا فائدو ٿيندو؟

پليجو صاحب: ٿوري عرصي کان پوءِ ايم ڪيو ايم اها دعويٰ ڪندي تہ اسان سڄي جو سڄي سنڌ جا نمائندا آهيون ۽ انهيءَ کان پوءِ بہ هي اسان جا سپ وڏيرا وري بہ انهن وٽ نوڪري ڪندا، چوندا تہ اسان کي ڊپٽي، وزارت ۽ ايڊوائيزري ڏيو ۽ سيني پناهگيرن ۽ پنجابين کي خبر آ تہ هي وڏيرا ايڊوائيزريءَ تي بہ خوش ٿي ويندا، جيئن ايوب جي ڏينهن ۾ اسان جا وڏيرا ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۾ ويٺا هئا. تنهن ڪري هي جنهن کي "ناهہ" جو نالو ڏين ٿا، اهو اڳي بہ سنڌ وڪڙ جي برابر هو ۽ هاڻي بہ. پوءِ انهيءَ کي جام صادق علي وڪيو يا هي وڪڻن. اصل ۾ اهي سپ وڏيرا آهن، پوءِ انهن جا بہ ڏڙا آهن: هڪڙو ليگ جو ڏڙو ۽ ٻيو پ جو ڏڙو. اهي پنهنجي ابن ڏاڏن جي ميراث وڪڻي، سنڌ وڪڻي، پنهنجي نوڪري ڪندا پيا اچن. پنجاهہ سالن کان ائين ڪندا پيا اچن. اهو وڏيرن جو ڏنڏو آ. سنڌ جي وڏيراشاهي ظالم آ. سدائين مٿين ادارن ۾ ويني آ، پئي ماڻهن کي ڏنگي، پئي انهن جو خون پيئي. هيءَ وڏيرا شاهي گهٽي کان گهٽو جنهن ڳالهہ کان ڊنل آهي، اهو آهي سنڌي عوام. انهيءَ

ڪري اڙدو ڳالهائيندڙن سان، جرمني ڳالهائيندڙن سان، جاپاني ڳالهائيندڙن سان نهندا ته رڳو انهيءَ نقطي تي ته اهو ناهه سنڌي عوام جي خلاف هجي. انهن سيني پارٽين جي عوام سان دشمني آهي، پوءِ اها ليگ هجي يا پي ڪا پارٽي. سپ وڏيرا ڦورو لڳا وينا آهن، ڏاڙيل آهن، لٽيرا آهن، چنگيز خان ۽ هلاڪو لڳا وينا آهن، انهيءَ ڪري وڏيرن جو ناهه ۽ ايم ڪيو ايم جو ناهه سنڌ وڪڙ جي برابر آهي.

سوال: مارشل لا واري دور ۾ توهان پ پ جي تمام ويجهو هيؤ. سنڌ جي اندر ايم آر ڊي واري دور ۾ ب ان جا مضبوط اتحادي رهيا آهيو، پر جڏهن ڪان مارشل لا ختم ٿي آهي، تڏهن ڪان توهان جي ۽ پ پ جي وچ ۾ ويچا وڌي ويا آهن. انهيءَ جو سبب ڪهڙو آ؟

پليجو صاحب: پيپلز پارٽيءَ جي ليڊرشپ انتهائي موقعي پرست ۽ ڪم ڪيائو آهي ۽ انهيءَ کان شديد نفرت ٿيندي آ. پڙهيل ماڻهوءَ کان، سمجهو ماڻهوءَ کان وڏيري جي فطرت ۾ جيڪا شديد نفرت ٿيندي آ، غريب جي ٻار جي پڙهائيءَ کان ته هو قلم ۽ ڪتاب کڻي لکي، ڳالهائي، تقرير ڪري ۽ انهن سان گڏ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي ۽ جيڪڏهن رسول بخش پليجو بينظير سان، جي- ايم سيد سان، ممتاز ڀٽي سان گڏ هڪڙي ٽيبل تي ويهي، اها ڳالهه مٿيون طبقو برداشت ئي نٿو ڪري. هو نٿو چاهي ته مڊل ڪلاس جو ڪو ماڻهو مٿي ايري اچي سياست ڪري. فاضل راهوءَ جو مثال توهان جي آڏو آ، انهيءَ کي به وڏيرن مارائي ڇڏيو. انهيءَ ۾ ضياءُ به ملوث هو ۽ ان دور جي سويلين حڪومت کي به انهيءَ کان آجو نٿو ڪري سگهجي. باقي جيستائين مارشل لا ختم ٿيڻ جو سوال آ، ته هتان مارشل لا ايجا ختم ناهي ٿي، ڇوته 1947ع ۾ هندستان کي ته سامراج جي طرفان اقتدار منتقل ٿيو پر پاڪستان کي اقتدار منتقل نه ٿيو، انهيءَ ڪري پاڪستان جي اندر اقتدار جي منتقليءَ جو ڪم ايجا تائين رهيو پيو آ، جيڪو سامراج جي ايجنٽن جي هٿ ۾ آهي. پاور ته ماڻهن کي مليا ئي ناهن. ووٽ ڏيڻ ۽ ونڻ وارن ووٽ پاور آهن ڪٿي؟ جيڪي ماڻهو ووٽ تي چونڊجي ٿا اچن، انهن کي پڇي ڪير ٿو؟ انهيءَ ڪري جمهوريت هتي ايجا آئي ڪانهي، پاور سامراج کان ايجا منتقل ٿيا ئي ڪونهن، هتي ته فوجي لٽ ڪنيو وينا آهن. هيءُ هندستان ٿورئي آ جتي فوج عوام جي تابع هجي، هتي ته عوام فوج جي تابع لڳو پيو آ!

سوال: مرتضيٰ ڀٽو جي سياست بابت اوهان جي ڇا راءِ آهي؟

پليجو صاحب: مان ايجا مرتضيٰ بابت ڪنهن سوال جو جواب ڏيڻ نٿو چاهيان. مان پنهنجي راءِ محفوظ رکان ٿو.

سوال: ڪالاباغ ڊيم ناهڻ لاءِ توانائيءَ جي ڪوٽ جو جواز ٻڌايو ٿو وڃي، پر هن مهل ان ڪوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ تازو آمريڪا امداد ڪئي آ ۽ ٿر جي ڪوئلي کي به توانائيءَ جي پيداوار لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي، پر ان جي باوجود پنجاب ڪالاباغ ڊيم جي تعمير لاءِ بضد آهي، ڇو؟

پليجو صاحب: پنجاب جا پنهنجا مفاد آهن. هو سنڌ کي بنجر بنائڻ ٿو چاهي ۽ هي اسان جا وڏيرا، جيڪي ڪرسين تي وينا آهن، انهن کي رڳو پنهنجون ڪرسيون بچائڻيون آهن. اهي جڏهن مخالف ڏر ۾ آهن تہ ڏاڍا خطرناڪ آهن، پر جڏهن ڪرسين تي چڙهيو ٿا ويهن تہ پوءِ ناجائز ڪمن ۾ بہ پنجاب سان گڏ آهن، چوتہ هنن کي پنهنجي حڪومت بچائڻي آهي. بس هنن کي اهو هوندو آهي تہ اڄ جهت هٽي وڃان. سياٽي سنڌوءَ جو ڇا ٿيندو، سنڌي ماڻهن انهيءَ ڳالهہ جو جيڪڏهن سيريس نوٽيس نہ ورتو تہ پوءِ ٿي سگهي ٿو تہ ڪالاباغ ڊيم نهي ويجي. هاڻي شايد انهيءَ تي بہ ارب روپيا خرچ ڪيا اٿن.

سوال: بلاڪ پالينڪس ختم ٿيڻ کان پوءِ اسان وٽ جيڪي ليفٽ جون پارٽيون ختم ٿي ويون آهن، توهان سمجهو ٿا تہ مستقبل ۾ وري اهي ڪو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون؟

پليجو صاحب: انهن ۾ جيڪو Ultra Left هيو، سو تہ هو ايجنٽ. ISI جو ڪم ڪندو هو. اُهي اسان وٽ آيا، چون هاري تہ رجعت پرست آهن، هارين کي چڏيو ۽ مزدور بہ اهي ناهيو جيڪي فيڪٽرين ۾ ڪم ٿا ڪن. ڪي خاص ماڻهو آيا مون وٽ، مان انهن کي چوندو هوس تہ ماڻهو قاتل ٿين ٿا ماڻهن جا ۽ توهين قاتل آهيو تنظيمن جا. هڪڙي ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ تنظيمون قتل ڪيون. هن مهل بہ وينو آهي، منهنجو يار آ. بلوچستان ۾ وقت کان اڳ بغاوت ڪرائي، ماڻهو مارائي، تباهہ ڪري چڏيائون بروچن کي. 30 سيپٽمبر ۾ ماڻهو مارائي چڏيائون. اهي سڀ ڪم ايجنسين جي ايجنٽن جا آهن، جنهن کي توهان ليفٽ ٿا چئو، جنهن کي انقلاب ٿا چئو، جنهن کي مزاحمت ٿا چئو، جيڪي تريءَ تي بهشت ڪنيو بينا آهن، جيڪي وڏو پٽڪو ٻڌيو بينا نچن، اهو سڀ ايجنسين جو ڪم آهي. باقي ليفٽ جو ٻيو جيڪو حصو آهي، اُها آهي "پناهگير ليفٽ" جن روس کان ڏوڪڙ پئي ورتا، مڙئي پنهنجو ڪم پئي هلايائون. ٻيون جايون پريل هيون. هي ٽڪي جا ماڻهو هئا، روس جا ماڻهو ٽي ويهي رهيا. آڳ ماسڪو ويس، اتي جيڪو ايشيا آفريڪن ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري آ، ان سان ڪچهري ٿي. ان چيو تہ توهان جي ملڪ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جيڪي انقلاب جا نعرا بحال ڪري اسان ڏي موڪلي ٿي، ان سان اسان جا گودام پريا پيا آهن ۽ اهڙا ٻيا الائي ڪيترا ملڪ، جن ۾ ان کان بہ بدتر پارٽيون آهن. بس رڳو ڪاغذ ۾ چنا ٿا موڪلين ۽ چون تہ اسان کي ڏوڪڙ ڏيو. روس کي پنائي چڏيو اٿن. سو گهٽا تہ ايجنسين جا ماڻهو ۽ ٻيا روس جا، ٻنهي پئسا ونڻي هُنن کي پنائي چڏيو.

سوال: هن مهل دنيا جي اندر جيڪا مسلم بنياد پرستيءَ جي لهر هلي آ ۽ خاص طور تي ان جو جيڪو آمريڪا دشمن رويو آ، انهيءَ کي توهان ڪيئن ٿا سمجهو؟

پليجو صاحب: جدليات کي ڪڏهن بہ نہ وسارجي. روس رهي نہ رهي، چين رهي نہ رهي، پر جدليات هڪ فلسفو آهي ۽ جدليات ۾ شڪل ۽ ماهيت (Form and

(Content ۾ تضاد هوندو آ. معنيٰ شڪل هڪڙي ۽ اصل خيال ٻيو. هن مهل جيڪا شيءِ توهان کي بنياد پرستي (Fundamentalism) ۾ نظر اچي ٿي، ان لاءِ ضروري ناهي ته ان جي ماهيت يا Content ب ساڳيو هجي. هيءُ مسلمان ملڪن ۾ جيڪو آمريڪا جي خلاف اظهار آهي، اهو مذهبي اظهار ناهي. اهو اظهار آ سامراج جي اڳيان مسلمان ملڪن کي زوريءَ گوڏا کوڙائڻ جي خلاف. اهو اظهار آ ماڻهن جي غصي جو. هو پنهنجا ٽپڙ ٻين جي حوالي نٽا ڪرڻ چاهين، انهيءَ ڪري اها تمام وڏي History آهي. Fundamentalism جو هڪڙو حصو تمام گهٽو رجعت پرست ۽ هڪڙو حصو تمام گهٽو غور طلب آ، جنهن کي هن مهل مان ڪوب نالو نٿو ڏيان.

سوال: هاڻي ادب جي حوالي سان ڳالهايون ٿا ته توهان پنهنجي سفر جي شروعات ادب کان ڪئي، ان کان پوءِ سياست ۾ هليا ويؤ ۽ هاڻي وري توهان گهٽو ڪري ادبي ميڙن ۾ نظر ايندا آهيو. ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته اها رسول بخش پليجي جي سياسي Frustration **آ، توهان جو ڇا خيال آ؟**

پليجو صاحب: جڏهن آءٌ ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هوس، تڏهن ادبي سنگت جو ميمبر هوندو هوس ۽ انهيءَ سان گڏ حيدر بخش جتوئيءَ جي هاري ڪاميٽيءَ ۾ پڻ ڪم ڪندو هوس ۽ انهن ٻنهي ڪمن کان سواءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اخبار "صداقت" ۾ سب ايڊيٽر طور پڻ ڪم ڪندو هوس. معنيٰ ته آءٌ هڪڙي ئي وقت شاگرد ب هوس، ادبي سنگت ۾ ب ڪم ڪندو هوس، هاري ڪاميٽيءَ ۾ سياست ب ڪندو هئس ۽ صحافي ب هئس. "صداقت" کان پوءِ "نواءِ سنڌ" جو ايڊيٽر ٿيس. مون ساڳئي وقت سمورا ڪم پئي ڪيا. ائين ڪڏهن ب ناهي رهيو ته آءٌ ڪنهن دور ۾ ادب ۾ هئس ۽ سياست ۾ نه هئس. آءٌ هڪڙو سياسي ادبي ڪارڪن هئس، اهڙو ڪارڪن جيڪو سمجهي ٿو ته سياست کان سواءِ ادب کي پنهنجا پورا حق نه ملندا. مان ساڳئي وقت اهڙو اديب هئس، جنهن جي سياست ۾ گهري ۽ عملي دلچسپي هجي. اسان وٽ ادب کي ڪرپٽ ڪيو ويو آهي، انهيءَ ڪري اهو سياسي معاملو آهي ته ادب کي ڪرپشن مان ڪڍجي. ٽرڊ ورلڊ جي ملڪن ۾ سياست همه گير ٿيندي آ، ادبي، سماجي، اقتصادي، فڪري. توهان کي سموري سماج ۾ تبديلي آڻڻي پوندي. هيءَ ڪا Specialized سوسائٽي ڪانهي جتي توهان رڳو هڪڙو ڪم ڪري چپ ڪري ويهي سگهو. هتي سياست ب توهان کي ڪرڻي پوندي، صحافي ب توهان کي ٽيڙو پوندو، اديب ب توهان کي ٽيڙو پوندو. سماج سڌارڪ ب توهان کي ٽيڙو پوندو، انهيءَ ڪري اهي سڀ شيون پنهنجو پاڻ ۾ لازم ۽ ملزوم آهن. باقي ادب جي ڳالهه آهي ته هتي ادب جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي اٿن. ادبي ماحول ڪرپٽ ڪري ڇڏيو اٿن، تڏهن منهنجو اهو فرض ٿو ٽئي ته آءٌ جيڪو عالمي سطح جو نقاد آهيان، اديب آهيان، دانشور آهيان، اهو ڏسان ته هي جيڪو ادب ۾ گند لڳو پيو آهي، ڏهن گند پيا ڪن، ملڪ جي ٻيڙي پيا ٻوڙين، آءٌ اهو ڪم نه ڪندس ته پوءِ مطمئن ڪيئن رهي

سگھندس؟ دنيا ۾ جيڪي ب وڏا وڏا انقلاب آيا آهن، انهن جو بنياد ادبي تحريڪن رکيو آهي، فڪري تحريڪن رکيو آهي، سياست بعد ۾ آئي آ. فرينچ انقلاب جا بنياد سورهين صديءَ کان ئي مفڪرن والتيئر ۽ روسو رکڻ شروع ڪيا، تنهن کان پوءِ اهو ماحول پيدا ٿيو جو سياست شروع ٿي. روسي انقلاب جي شروعات اتان جي ادیب پُشڪن کان ٿي، جنهن پهريون پيرو روسي ادب ۾ اهڙيون شيون ڏنيون، جن جي نه رڳو پولي روسي پر انهن جو اندازِ فڪر ۽ اندازِ بيان ب روسي ٿيو. ان کان اڳ ۾ ڳالهه روسي زبان ۾ هوندي هئي پر اندازِ بيان يا ت جرمن هوندو هو يا وري فرينچ هوندو هو ۽ اسان وٽ ب جيڪڏهن فڪري بنياد غلط هوندا ت پوءِ سياست ڪيئن هلندي!؟ ٻيو ت مان کو سياستدان ڪونه آهيان يا آڳ کو اديب ٿورئي آهيان، آڳ آهيان انقلابي، سو منهنجو ڪم آهي هن سموري معاملي کي تبديل ڪرڻ، اونڌو ڪرڻ.

سوال: اسان جي ادب ۾ تنقيد جي کوٽ ڇا جي ڪري آهي؟

پليجو صاحب: جديد تنقيد جو بنياد مون وڌو. سنڌي ادب کي ترقي پسند يورپي ادب بنائڻ ۾ منهنجون محنتون آهن. هن مهل ب ڪو ٻار ٿو لکي، تڏهن ب آڳ پڙهان ٿو. نندي کان نندي شيءِ ب پڙهان ٿو ت ڏسان ادب ۾ ڇا پيو ٿئي. نندين نندين محفلن ۾ ب آڳ وڃان ٿو، انهيءَ لاءِ ت ڏسان ت اسان جا اديب ڪن ڇا پيا. انهن کي ڪهڙي خبر ت تنقيد ڇا ٿيندي آ! بس هڪ ٻئي جي تعريف وينا ڪن، ناني ويڙهو ناهيو وينا آهن، ت پوءِ ادب ڪيئن پيدا ٿيندو؟ نقاد ڪيئن پيدا ٿيندا؟ انهيءَ ڪري سنڌي ادب ۾ ايجا تنقيدي جدوجهد جي ضرورت آهي.

سوال: سنڌ جي اندر جيڪو تخليقي ادب آ، اهو 70ع ۽ 80ع واري ڏهاڪي کان اڳ جو ليکيو وڃي ٿو ۽ هاڻي دنيا جي اندر يا سنڌ جي اندر ڪميونيڪيشن سسٽم جيڪا ترقي ڪئي آ، ان جي باوجود اسان جو ادب اخبارن ۽ رسالن تائين محدود ٿي ويو آ، جڏهن ت اهو تخليق، مزاحمت ۽ معلومات جي لحاظ کان هم گير هجڻ گهرجي، ائين ڇو ٿيو آ؟

پليجو صاحب: انهيءَ جو سبب ايجنسيون آهن. ايجنسين ادب کي علم کان ڪاٽڻ جي لاءِ هڪڙي هم گير مهم شروع ڪئي آ. پاڪستان جي استيبلشمينٽ، جيڪا عوام دشمن ۽ غدار آهي، جيڪا پاڪستان جي پهرئين ڏينهن کان ونڊي سامراج جي ايجنٽ آ، انهيءَ بنگال کان پوءِ سنڌ کي پنهنجو نشانو بڻايو آ، اُها ادب کي پنهنجو دشمن سمجهي ٿي، شعور کي پنهنجو دشمن سمجهي ٿي. توهان نه سمجهو ت ادب جدا آهي، تنهن ڪري ادب ۾ تخريبڪاري جدا آهي، اقتصادي تخريبڪاري جدا آهي يا ڏاڙيل جدا آهن، نه ائين ناهي پر ڏاڙيل، ادبي ميدان ۾ دهشتگردي ڪندڙ، فڪري ميدان ۾ دهشتگردي ڪندڙ، اهو سمورو گڏيل مسئلو آهي. ادبي گمراهي، ايجنسين جي آندل گڏيل گمراهيءَ جو نتيجو آهي.

سوال: اسان جي جيڪا نئين ٿهي آ، انهيءَ ٿهيءَ جي ادب کي توهان ڪيئن

ٿا ڏسو؟

پليجو صاحب: انهن جو موضوع محبت ۽ پيار آهي، جيڪو ادب جو ازلي ۽ ابدي موضوع آهي ۽ انهن جي تمام گهڻي شاعري ٿي آهي، انهن جي شاعريءَ ۾ وڏو نقص اهو آهي ته انهن وٽ لفظ ته آهن پر Sense ڪونهي. انهن ۾ جدت ۽ جذبات ڪونهي. نمائش گهڻي آ، حقيقي ۽ سچا احساس گهٽ آهن. ڪڏهن ڪڏهن لفظن کي ورجايو ٿو وڃي. هڪڙي ٽڪسالي ٻولي ناهي وئي آهي. توهان انهن جي هڪڙي ست ڪٽندؤ ته انهيءَ ست جي لفظ ۾ توهان کي تضاد ملندو. هڪڙي سڃي تخليق ڪٽندؤ ته انهيءَ سڃي تخليق ۾ توهان کي پنجاهه ڪن Contradictions ملندا، Sense نه ملندو. ڪنهن قادرالڪلام شاعر جو ڪو بند ڪٽندؤ ته انهن جا سڀ بند پاڻ ۾ ملندا، پر هنن جو هڪڙو لفظ ٻئي لفظ کي ڪٽيندو. ٽيلنٽ آهي پر انهيءَ ٽيلنٽ کي استعمال ڪيئن ڪرڻو آ، اهو نٿو اچي. انهيءَ جو سبب اهو آ ته تنقيد گائيڊ نٿي ڪري، تنقيد مس گائيڊ ٿي ڪري، ڪوڙي تنقيد آ.

سوال: معنيٰ ته تنقيد بيلنس ناهي، رڳو تعريف آ؟

پليجو صاحب: نه، تعريف ڪونهي، بي ايمان پائي آ، تنقيد آهي ئي ڪونه! ڪو سيريس تنقيدنگار پيدا ئي ڪونه ٿيو آ.

سوال: ڪو دور هيو جڏهن توهان جي حلقي اياز جي تمام گهڻي تعريف ڪئي هئي ۽ اهو چيو پئي ويو ته لطيف کان پوءِ وڏي ۾ وڏو شاعر اياز آهي، پر هاڻي تازو توهان جي حوالي سان اخبارن ۾ آيو آهي ته لطيف کان پوءِ وڏي ۾ وڏو شاعر استاد بخاري آهي. خيالن ۾ ايڏي تبديليءَ جو سبب؟

پليجو صاحب: پهرين ڳالهه ته اسان اياز جي تعريف ڪونه ڪئي ۽ نه ئي وري اسان اياز کي آسمان تي چاڙهيو. اياز جي تعريف ان جي شاعريءَ ڪرائي ۽ ان کي آسمان تي به ان جي شاعريءَ پهچايو. اسان کي اياز جي جيڪا شاعري وٽي، ان جي تعريف ڪئيسين. مان پهريون ماڻهو هئس جنهن اها جرئت ڪئي ته اياز وڏو شاعر آهي. واقعي به اياز لاجواب شاعر آهي ۽ هن جي ايجا ڪيتري ئي شاعري آ جيڪا رهيل آ، اُها اسان کي پڙهڻي آ، ان جي تعريف ڪرڻي آ. باقي جيستائين استاد بخاريءَ جي ڳالهه آهي ته مون انهيءَ تي ڏاڍو غور ڪيو ته لطيف جي جيڪا سڃي روايت آ، انهيءَ کي ڪنهن ماڻهوءَ پنهنجو ڪيو آ، ان جي عظمت جي حوالي سان، ٻوليءَ جي صحت جي حوالي سان، عوام جي ويجهو وڃڻ جي حوالي سان، عوام جي گهرن جذبن کڻڻ جي حوالي سان، اولهه ۽ اوپر کي هڪ ڪرڻ جي حوالي سان، روايت ۽ جدت کي پاڻ ۾ ملائڻ جي حوالي سان، اهي سڀ روايتون لطيف جون آهن ۽ انهن سمورين روايتن کي جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪو ماڻهو پنهنجي شاندار ڪلام ۾ پنهنجو ڪري ٿو ته اهو آهي استاد بخاري- ۽ منهنجي هڪڙي نقاد جي حيثيت ۾ راءِ آ ۽ اهو سيني کي حق آهي ته پنهنجي پنهنجي راءِ ڏين.

ڪالاباغ ڊيم ملڪ خلاف سازشي منصوبو آهي
پنجاب جا حڪمران طبقا 1851ع کان سنڌ جو پاڻي چورائي رهيا آهن- سنڌو تي ڪوبہ ڊيم نہ ڪپي.

پينل انترويو/ماهوار سائين ڊائجيسٽ آڪتوبر 1998ع

سوال: توهان جي خيال ۾ ڪالاباغ ڊيم نھڙ سان سنڌ کي وڏو نقصان ڪھڙو ٿيندو؟

جواب: آئون ڪجھ پس منظر بيان ڪرڻ ٿو چاهيان. 1851ع کان پنجاب جا حڪمران طبقا سنڌ جو پاڻي چورائيندا رهيا آهن. هي مختلف انگن اکرن جي ذريعي، جيڪي ڪوڙا آهن، ثابت ڪن ٿا تہ سسٽم ۾ وڌيڪ پاڻي آهي. جيئن تہ درياھ ۾ وڌيڪ پاڻي آهي ئي ڪونہ جو وڌيڪ ڊيم ناهيو وڃي، شرعي حساب سان، بين الاقوامي قانون جي لحاظ کان ۽ گورنمينٽ آف انڊيا جي اصول سان بہ درياھ تي لوئر ريپرن (پوڇڙ وارن) جو اپر ريپرن (موهڙ وارن) جي مقابلي ۾ وڌيڪ حصو آهي. پنجاب جو حڪمران طبقو مشرقي ۽ مغربي درياهن جو پاڻي بہ اسان جي مرضيءَ کان سواءِ استعمال ڪندو رهيو آهي. اسان کي انهن جو ڪوبہ معاوضو نہ ڏنو ويو آهي. هاڻي هي رهيل پاڻي بہ استعمال ڪري اسان کي بکيو مارڻ چاهين ٿا. جيڪڏهن سنڌ ۾ پاڻي نہ هوندو تہ هي سڄو علائقو ويران ۽ بنجر ٿي ويندو.

سوال: توهان اڪثر چوندا آهيو تہ سنڌين سان ناانصافي جو سلسلو 1858ع يا 1859ع کان جاري آهي. جڏهن تہ ان وقت هندستان تي انگريزن جي حڪومت جي شروعات هئي. ڇا انگريز بہ سنڌ سان ناانصافي ۾ شريڪ هئا؟

جواب: انگريزن هندستان ۾ قدم جمائڻ لاءِ پنجاب جي حڪمران طبقي ۽ جاگيردارن جو تعاون حاصل ڪيو. ان لاءِ هن علائقي مان سپ کان گھٽا فوجي جوان پرتي ڪيا ويا. ان جي مقابلي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان انهن سان تعاون نہ ڪيو. 1938ع ۾ رنجيت سنگھ ڪابل تي حملو ڪيو تہ حڪمران طبقي انهن سان تعاون ڪيو. ان جي سلسلي ۾ انگريزن انهن کي گھٽيون رعايتون ڏنيون ۽ سنڌين جي حق تلفي ٿي. ان جي شروعات هن طرح سان ٿي تہ 1859ع ۾ اپر بار دوآب ڪئنال ناهيو ويو. 1859ع ۾ لوئر چناب ڪئنال، جهلم ڪئنال، 1908ع ۾ پھاڑپور ڪئنال، 1914ع ۾ اپر سوات ڪئنال، 1915ع ۾ ٽرپل ڪئنال پروجيڪٽ، اپر جهلم، لوئر جهلم، لوئر باري دوآب ناهيا ويا. ان وقت سنڌ بمبئي جو حصو هئي ۽ ڪمشنر جي ماتحت هئي. هن احتجاج ڪيو. هو ويچارو بي وس هو ۽ ڪجھ بہ نہ ڪري سگھيو. هي نهري نظام

سنڌ بدران سڄي پنجاب ۾ ناهيو ويو. 1939ع ۾ باکڙا ڊيم پروجيڪٽ ناهيو ويو، پوءِ اينڊرسن ڪميشن ناهي، سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ پاڻيءَ جي تقسيم جو معاهدو ٿيو.

سوال: 1945ع ۾ پاڻيءَ جي ورهاست جو معاهدو ٿيو، توهان جي حساب ۾ اهو ٺيڪ ۽ انصاف وارو هو؟

جواب: بلڪل ٺيڪ ۽ منصفانہ نہ هو پر انگريز اسان جي دل تي هٿ رکڻ لاءِ ڪجھ قدر انصاف پسنديءَ کان ڪم ورتو، پر انهيءَ معاهدي تي صحيح طرح سان عمل نہ ٿيو. اسان کي معاهدي مطابق معاوضي جي رقم جا ٻہ ڪروڙ روپيا نہ ڏنا ويا. پوءِ وري 1960ع ۾ سنڌ طاس جو معاهدو ٿيو، ان ۾ سنڌ جي مفادن جو خيال بلڪل نہ رکيو ويو. اسان جا ٽي درياهہ هندستان کي وڪڻي ڏنا ويا. انهيءَ پاڻيءَ ۾ اسان جو ٻہ حصو هو. اسان احتجاج ڪيو پر ان کي اهميت نہ ڏني ويئي. انهن ٽن درياهن جي عيوض 13 لنڪ ڪئنال ڪڍي اسان جي حصي جو پاڻي چورائڻ شروع ڪيو ويو. تونسہ ۽ چشمہ جهلم لنڪ ڪئنال جي باري ۾ سنڌ ۽ پنجاب جو معاهدو ٿيو تہ جڏهن سنڌو درياهہ ۾ وڌيڪ پاڻي هوندو تہ انهن لنڪ ڪئنالن کي کوليو ويندو، پر پاڻيءَ جي گهٽتائيءَ واري زماني ۾ ٻہ لنڪ ڪئنال کي کولي معاهدي جي سراسر پيڇڙي ڪئي وئي. اهي سڀ ناانصافيون رڪارڊ تي موجود آهن. پاڻيءَ جي معاملي ۾ اصل پنجاب وارن ناانصافي ۽ غير قانوني واري رويي جو مظاهرو ڪيو آهي.

سوال: توهان سان گفتگو ڪرڻ جو مقصد هي آهي تہ توهان جي نقطہ نظر جي قومي سطح تي ترجماني ٿيڻ ڪپي ۽ ماڻهن کي اهو ضرور معلوم ٿئي تہ توهان کي ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين تي اعتراض آهي.

جواب: 1991ع ۾ جيڪو معاهدو ڄام صادق علي ڪيو، جيڪو سنڌ جي نمائندگي ۽ مفادن جو تحفظ نہ ڪندو هو، اسان ان کي رد ڪري ڇڏيو هو، پر انهن جي نقطن تي ٻہ عمل نہ ڪيو ويو. انهيءَ ڪري اسين چئون ٿا تہ ڪالاباغ ڊيم جي سلسلي ۾ هو جيتري دعويٰ ۽ واعدا ڪندا، انهن مان ڪنهن تي ٻہ عمل نہ ڪندا. صرف خوش ڪرڻ لاءِ تسلي ڏيئي رهيا آهن.

سوال: ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ۾ سڀني اهو ذڪر ڪيو آهي تہ اسان کي پنجاب جي واعدن تي اعتبار نہ آهي، ان ڪري جو انهن جيڪي واعدا ڪيا آهن، اهي پورا نہ ڪيا آهن، ان لاءِ توهان ڇا چوڻ چاهيندا؟

جواب: اسان جو تجربو رهيو آهي تہ پنجاب جا حڪمران طبقا جيڪي واعدا ڪندا آهن اهي پورا نہ ڪندا آهن، تہ اسين اهو ڪيئن تسليم ڪريون تہ ڪالاباغ ڊيم ناهڻ وقت جيڪي واعدا ڪيا وڃن ٿا اهي پورا ڪيا ويندا يا هاڻي ٻہ واعدا خلافي ڪئي وئي تہ اسان ڇا ڪنداسين؟ آئون هاڻي انهيءَ طرف اچان ٿو تہ سنڌو درياهہ ۾ جيترو پاڻي وهي رهيو آهي، ان جي صورتحال ڇا آهي. پهريائين اِها ڳالهہ پنهنجي ذهن مان ختم ڪري ڇڏيو تہ سنڌو درياهہ ۾ جيترو ٻہ پاڻي وهي رهيو آهي،

اهو سڀ جو سڀ پاڪستان جو آهي. 1960ع ۾ جيڪو معاهدو ڪيو ويو آهي، ان مطابق مغربي درياهن جي پاڻيءَ مان هندوستان کي 4.8 MAF پاڻي ڏنو ويندو. جيڪو ايجا تائين هن نہ ورتو آهي. صوبن کي جيترو پاڻي ڏنو ويندو، ان جو مقدار 114 ملين ايڪڙ فوٽ مان ڪوٽڙي کان هيٺ وڃڻ وارو مقدار، هندستان جو حصو ۽ ٻيا مقدار جوڙ ڪيا وڃن تہ سڀ پاڻي 143.9 MAF ٿيندو. هاڻي جيڪي نوان ڪئنال ناهيا ويندا ۽ پاڻيءَ جي زيان وارن مقدارن کي ملايو وڃي تہ اهو مقدار 18.9 MAF ٿيندو. اهڙيءَ طرح ڪالاباغ ڊيم ناهڻ لاءِ سنڌو درياهہ ۾ 162 MAF پاڻيءَ جي ضرورت هوندي تڏهن ڊيم ٺهي سگهندو. 1922ع کان وٺي 1990ع تائين ڪل 68 سالن ۾ پاڻيءَ جو هي مقدار صرف 6 سالن تائين رهيو آهي. انهيءَ ڪري اضافي پاڻي عملاً آهي ئي ڪونہ. 1922ع کان 1942ع تائين 20 سالن مان هڪ سال بہ اضافي پاڻي موجود نہ رهيو آهي. ڪيترن سالن جي وقفي کان پوءِ ڪڏهن ڪڏهن اهو مقدار رهيو آهي. جيئن تہ اضافي پاڻي موجود نہ هوندو، ان حالت ۾ توهان سنڌ جو پاڻي استعمال ڪندا. 68 سالن جي دوران ڇهہ دفعا جيڪي غير معمولي سيلاب آيا آهن، صرف ان وقت اضافي پاڻي موجود رهيو آهي. جيڪڏهن سيني سالن جو سراسري ڪڍيو وڃي تہ 69ع ۾ 123 MAF ٿئي ٿو. بلڪ گذريل نَون سالن جي دوران سراسري کان بہ گهٽ رهيو آهي. جڏهن تہ ڊيم ناهڻ لاءِ 162 MAF هجڻ گهرجي. واپڊا جيڪي انگ اکر پيش ڪيا آهن، ان جي حساب مطابق سراسري پاڻي 138 MAF هوندو آهي، جڏهن تہ معاهدي ۾ هنن 140 MAF ظاهر ڪيا آهن. هلو، انهن جي 140 MAF پاڻيءَ جي مقدار کي مجون ٿا تہ بہ ڪالاباغ ڊيم ناهڻ کان سواءِ پاڻيءَ جي ورهاست جي موجوده معاهدي تي عمل ڪرڻ لاءِ 13 MAF پاڻيءَ جي ڪوٽ آهي، جڏهن تہ پهريائين پاڻي گهٽ آهي تہ ڊيم لاءِ ايترو پاڻي ڪٿان ايندو؟ جڏهن تہ اڄ جون ڏميواريون پوريون ڪرڻ لاءِ پاڻي گهٽ آهي.

سوال: واپڊا وارا چون ٿا تہ ڪالاباغ ڊيم ۾ سنڌو درياهہ جو عام رواجي پاڻي نہ بلڪ برساتن جو وڌيڪ پاڻي ذخيرو ڪيو ويندو. ان تي توهان کي ڪهڙو اعتراض آهي؟

جواب: هي بلڪل غلط چئي رهيا آهن. سرڪاري طور تي اِها ڳالهہ باقاعده نہ چئي ويئي آهي ۽ نہ وري چئي سگهن ٿا. اهڙي قسم جي پاڻيءَ کي ذخيرو ڪرڻ لاءِ جنهن قسم جا ڊيم ناهڻ ڪپن، ان کي Carry Over ڊيم چيو ويندو آهي. ڪالاباغ ڊيم ۾ اهڙي قسم جي ڪابہ صلاحيت شروع کان موجود نہ آهي. سيلاب جو پاڻي ان کي ٽوڙي ڇڏيندو. ان لاءِ ڇئلينج سان چوان ٿو تہ اهڙي قسم جي ڳالهہ ماهر انجنيئر پريس جي سامهون ڪڏهن بہ ڪونہ ڪندا. توهان سڄو رڪارڊ ڪٽي ڏسو، اهو بيان ڪٽي بہ ڪونہ ملندو. مون انهن کي چيو آهي تہ توهان پنهنجا ماهر گهرايو ۽ اسان پنهنجا ماهر گهرايون ٿا. آمهون سامهون ڳالهہ ٻولهہ ٿئي، اها سڌو ٽيلي ڪاسٽ ڪئي وڃي. صحيح صورتحال دنيا جي سامهون واضح ٿي ويندي. انهيءَ ڳالهہ کان

چو ٿا گهبرائين؟ ڪالاباغ ڊيم تي اسان جيڪو مذاڪرو ڪيو، ان ۾ شمس الملڪ صاحب چو نه آيو؟

سوال: پاڻيءَ جي گهٽتائيءَ جا ماحوليات ۽ سامونڊي حياتيءَ تي جيڪي اثر ٿيندا، ان لاءِ ڪجهه ٻڌائيندا؟

جواب: توهان زباني ڳالهين کي ڇڏي مون سان گڏ انهن علائقن ۾ هلو، جتي ڪنهن زماني ۾ لکين مڙ اناج پيدا ٿيندو هو. اڄ سمنڊ جي کاري پاڻي جي ڪري اهي سڀ علائقا ويران ٿي ويا آهن. ڪيٽي بندر جيڪو هڪ وڏو شهر هو، هاڻي هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي. حد اها آهي ته ماڻهن کي پيئڻ جو پاڻي نٿو ملي. مون ڊپٽي ڪمشنر کي چيو ته خدا جي واسطي پيئڻ جي پاڻيءَ جو بندوبست ته ڪريو. ايڏا ڪالاباغ ڊيم ڪهيو نه آهي ته هي حال آهي، جيڪڏهن ڪهي ويو ته ڇا ٿيندو! چشمه لنڪ ڪئنال جي ڪولڙ سان اسان جو سڄو علائقو برباد ٿي ويو. نٿو، بدين ۽ حيدرآباد جا ضلعا سمنڊ جي پاڻي چڙهي اچڻ جي ڪري برباد ٿي رهيا آهن. هاڻي هي سياسي ۽ ٽيڪنيڪل مسئلي کان وڌي انساني مسئلو ٿي ويو آهي. ان کي اسين بين الاقوامي فورمن تي کڻي سگهنداسين. جڏهن توهان انسانن جي هڪ پوري نسل کي تباهه ڪري رهيا آهيو ته هي معاملو اقوام متحده ۾ به وڃي سگهي ٿو. اسان سان هڪ ٻيو مسئلو به آهي. هڪ طرف اسان کي پاڻي گهٽ ملي رهيو آهي، ٻئي طرف کان LBOD يعني ليفٽ بينڪ آئوٽ فال ڊرين ڪاهي ويئي آهي، ان جي ذريعي سڄو گندو ۽ خراب پاڻي سنڌ ۾ اچي رهيو آهي، جنهن ۾ سکر، خيرپور، نواب شاهه، سانگهڙ، ميرپور خاص ۽ بدين جي زرعي زمين خراب ٿي رهي آهي. انهن جو چوڻ آهي ته آخر هي پاڻي ڪيڏانهن ويندو، ان کي سمنڊ ۾ ته وڃڻو آهي پر اسان جي زرعي ايراضي جو نقصان ٿي رهيو آهي، ان جي کاٻ پرواهه نه آهي. ڳالهه ننڍي آهي پر غور طلب آهي. توهان ڏسندا ته روزانو چيو پيو وڃي ته ڊيم اتفاق راءِ سان ڪاهيندا سين، يعني سڄو زور ڪاهڻ تي آهي. اهو نٿو چيو وڃي ته اتفاق راءِ سان ڪاهڻ يا نه ڪاهڻ جو فيصلو ڪنداسين. فيصلو اتفاق راءِ نه ٿيندو پر ڪاهڻ لاءِ اتفاق راءِ حاصل ڪيو ويندو. هي ڪهڙي قسم جو اتفاق راءِ هوندو؟ ان جو هڪ مظاهرو اسان ون يونٽ ڪاهڻ وقت ڏسي چڪا آهيون، جيڪو اسان تي زوريءَ مڙهيو ويو.

سوال: ڇا چين وانگر ننڍا ننڍا ڊيم ڪاهي بجلي جي کوٽ ختم نٿي ڪري سگهجي؟

جواب: بجليءَ جو مسئلو شروع کان نه آهي، خود وزيراعظم اعلان ڪيو آهي ته اسان وٽ ايتري وڌيڪ بجلي موجود آهي جنهن جي کپت نه هئي. 1800 ميگاواٽ انڊيا کي ڏيڻ لاءِ پريشان هئا. ٻئي طرف چون ٿا ته بجلي جي کوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪالاباغ ڊيم ڪاهيندا سين. تربيلا کي صاف ڪرڻ لاءِ ڪوبه پروگرام نه آهي. ان جي صفائي ڪري ان جي گنجائش ٻيڻي ڪري سگهجي ٿي. انهيءَ حالت ۾ ڪالاباغ

ڊيم ناهڻ جي ضرورت نہ پوندي. پارليامينٽ ۾ ان لاءِ بيان ڇو نہ ٿا ڏين؟ اسين وري بہ اها ڳالھ ڇئون ٿا تہ توهان ۽ اسان هڪٻئي جي آمهون سامهون ويهي مناظرو ڪريون. ان کي سڄي دنيا جي سامهون سڌو سنئون ٽيلي ڪاسٽ ڪريو. ماڻهن کي خود اندازو ٿي ويندو تہ ڪنهن جي ڳالھ ۾ وزن آهي ۽ ڪير ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي. جيڪڏهن اسان ڪوڙا آهيون تہ ماڻهو خود ڏسي ونندا. انهيءَ سڌي گفتگوءَ لاءِ ڇو تيار نہ آهن؟ انهن جي دليلن ۾ انهيءَ ڳالھ تي زور ڏنو وجي ٿو تہ پاڻيءَ جي سراسري مقدار جي حساب سان ڊيم ٺهي سگهي ٿو. سراسري مقدار ڪاغذن جي حد تائين تہ صحيح آهي، جيڪڏهن توهان کي سراسري حساب سان پيئڻ جو پاڻي ملي، پر عملاً پنج ڏينهن نہ ملي تہ توهان زندهہ رهي سگهندا؟ توهان تہ مري ويندا! اسان هر قسم جي ماهرن سان بحث مباحثي لاءِ تيار آهيون. شرط اِهو آهي تہ اهو ريڊيو ۽ ٽي- وي تي سڌو سنئون نشر ڪيو وجي ۽ ڪاٽ پيٽ نہ ڪئي وجي، ان کان پوءِ فائدو ٿئي يا نقصان ٿئي، ان لاءِ خوشيءَ سان تيار آهيون.

پاڪستان برطانيہ جي اعلانيہ ڪالوني مان بدلجي آمريڪا جي اڻ اعلانيہ ڪالوني بڻجي ويو آهي

انٽرويو/تحريڪ ڪتابي سلسلو نمبر 3 ۾ چپيل/ 2001ع

[11 سيپٽمبر 2001ع تي آمريڪا جي وڏي واپاري مرڪز ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۽ پينٽاگون تي ٽيل خودڪش هوائي حملن جي نتيجي ۾ هونئن ته سڄي دنيا متاثر ٿي پر پاڪستان ۽ خاص طور سنڌ تي ان واقعي جا جيڪي اثر پيا، سي سيني کان سوايا آهن.

سنڌ گذريل ڪجھ وقت کان جن نين مصيبتن جو شڪار ٿي آهي، ان جو سڀ کان وڏو سبب پاڪستان جي حڪمران ٽولن کي آمريڪا پاران مليل ڊگھي ڇڏ-ڇوٽ آهي. مشرف حڪومت آمريڪا جو مڪمل آشيرواد حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ سان جيڪي ناانصافيون جاري رکيون آهن، سي ڪا ڳجھي ڳالھ ڪانھي، پر ان ڳالھ کي پنھنجي وسيع پس منظر ۾ واضح ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ان تي مختلف نقطہ نظر سامھون اچن.

هر باشعور فرد يا اداري کي ڇاڪاڻ ته ايترو وڏيڪ ذميوار ۽ هجڻ گھرجي. ان ڳالھ جي پيش نظر "تحريڪ" پبليڪيشن ھڪ اداري جي صورت ۾ ڪنھن ۽ قومي، نظرياتي ۽ عوامي قسم جي ذميواريءَ کي پوريءَ ريت محسوس ڪندي، ان کي نپائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ "تحريڪ" اهو ۽ سمجھي ٿي ته علاقائي سياسي صورتحال تي عالمي حالتن جي تبديليءَ جا اثر پوندا آهن، تنھن ڪري "تحريڪ" هميشہ نت نئين طريقي سان بدلجندڙ عالمي صورتحال تي تجزيا شايع ڪندي، پنھنجي وطن واسين کي آگاهي ڏيڻ جو فرض نپايو آهي.]

تحريڪ: جناب رسول بخش پليجو جن کان سوال آهي ته يارهين سيپٽمبر واري واقعي کي مختلف رخن کان ڏسندڙ ماڻھن جو خيال آهي ته اهو واقعو مختلف سببن جو نتيجو هو، اوهان جي خيال ۾ ان واقعي جي پس منظر ۾ ڪھڙا سبب ڪارفرما هئا؟

پليجو صاحب: دنيا ۾ جڏھن کان طبقا ۽ حڪومتون قائم ٿيون آهن، تڏھن کان عام ماڻھن کي منجھائي، گمراھ ۽ ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته دنيا جي ڪابہ حڪومت فقط دٻاءَ ۽ ڏنڊي جي زور تي هلي نٿي سگھي، تنھن ڪري جبر سان گڏ ڪوڙ ۽ مڪر انتھائي ضروري آهي. ان ريت طبقاتي نظام کي طاقتور ڪيو ويندو رهيو آهي، جڏ ته روز اول کان وٺي مذهبي نفرت

ڦهلائڻ جي هٿيار کي ب عوام جي خلاف استعمال ڪيو ويندو رهيو آهي. برطانوي سلطنت جڏهن هتي هئي، تڏهن انهن ب ائين ڪيو. هندن ۽ مسلمانن کي ويڙهايائون، جيتوڻيڪ ان جا سبب اڳي ئي موجود هئا پر انگريزن شعوري طور تي ائين ڪيو. پاڪستان قائم ٿيو پر عملي طور پاڪستان آزاد ٿيو ئي ڪونهي. برطانيا جي اعلانيہ ڪالونيءَ مان بدلجي پاڪستان اڙ اعلانيہ طور آمريڪا جي ڪالوني بڻجي ويو. ان جو نظام سڌو آمريڪا سرڪار جي بدران ان جا ڏوهاري ادارا، مثال طور: سي- آءِ- اي وغيره ڳجهہ ۾ هلائيندا رهيا آهن. انهن پاڪستان سميت ٽئين دنيا جي سمورن ملڪن جي عوام خلاف مذهبي دهشتگردن، نسلي دهشتگردن، طبقاتي دهشتگردن ۽ بين هزارين قسم جي دهشتگردن جا ٽولا ناهي استعمال پئي ڪيا آهن ۽ ڪن پيا. هندوستان ۾ هينئر گجرات ۾ هندو مذهبي دهشتگرد ب مذهب جي نالي ۾ استعمال پيا ٿين. اڄ ب آمريڪا ۾ سڄي دنيا مان پرتي ڪيل رجعت پرست دهشتگرد رهن پيا، جن کي آمريڪا ٽريننگ پيو ڏئي. افغانستان جي جنگ ۾ هنن ڍالرن جي برسات وسائي، مولوي سڳورن کي آمريڪا پاران روس سان "جهاد" جي ڏنڊي سان لڳايو ويو. جڏهن روس جو زوال آيو، تڏهن آمريڪا دنيا جو واحد سپر پاور بڻجي ويو. آمريڪا جي جان نثار جهادي مولوي سڳورن سمجهيو تہ اسين سچ پچ ڪا آمريڪا بهادر جي منظور نظر وڏي آسامي بڻجي ويا آهيون، پر آمريڪا بهادر ڪم ڪيڙ کان پوءِ ڪين چيو، "بابا! توهان جو ڪم ختم ٿيو، پڇو! جاءِ خالي ڪريو يا چپ ڪري وڃي گهر ويهي رهو." پر هي درويش هريل هئا. جيڪا سون جي ندي پيئي وهي، سا جو اوچتو بند ٿي ويئي تہ هنن بزرگن کي تڪليف ٿي پيئي، تان جو طالبان حضرات وارو قصو شروع ٿي ويو. اهي بزرگ بنهہ حد کان وڌي ويا. هنن اهو نہ سمجهيو تہ آمريڪي سامراجي آقائن جي حساب ۾ اسين سندن حريف روس خلاف ڪرائي جا قاتل ٿيو استعمال پيا ٿيون ۽ جيڪڏهن بغاوت ڪنداسون تہ اسان جو حشر ڪهڙو ٿيندو. هينئر تہ روس ب ڪونهي جيڪو آمريڪا جي مٿان روڪ هو. ان غلط فهميءَ ڪري هنن ٻڌڏرم جي مندرن کي ڍانو، پيا اچرج جهڙا ڪارناما ڪيائون، اصل ڪڪڙ ڪاٽ ۾ وجهي ڇڏيائون، پوءِ هيءُ واقعو ٿيو. گهٽن ماڻهن جو خيال آهي تہ هي واقعو ڪرايو ئي خود آمريڪا هو. آمريڪا کي ڀانو ڪيندو هو تہ هي مسلمان مذهبي ٽولا، جن ۾ هاڻ سندس ڪوب ڪم باقي نہ رهيو هو، تن مان ڪيئن جان ڇڏائجي، تنهن ڪري خود آمريڪا پنهنجن ڇاڙتن کي استعمال ڪري اهو ڏنڊو ڪرايو، تہ جيئن کو ڀانو بڻائي سڄي دنيا جي مسلمان ملڪن تي حملو ڪجي. پوءِ دنيا ڏٺو تہ آمريڪا افغانستان ۾ هيڏيون ڪارروائيون ڪيون، پر اسامہ بن لادن ۽ ملا عمر اڃان گرفتار ناهن ٿيا. ايران جي اخبار "تهران ٽائيمز" اشارن ۾ لکيو آهي تہ آمريڪا هنن ماڻهن کي ان ڪري گرفتار نٿو ڪري جو هنن ماڻهن جو ڀانو بڻائي، آمريڪا کي اڃان ڪجهہ مسلمان ملڪن تي ايٽمي حملا ڪرڻا آهن. سو ڪن ماڻهن جو خيال

آهي تہ ان واقعي جي پس منظر ۾ آمريڪي سازش ڪارفرما هئي. هن واقعي جا اثر سڄي مسلم دنيا سميت ٽئين دنيا جي ملڪن تي ڏاڍا خطرناڪ پيا آهن ۽ آمريڪا کي ائين سمجهو تہ هڪڙو ڪروڙن جو ٻهانو ملي ويو آهي، جنهن ڪري اها ڳالهہ قطعي ناممڪن ناهي تہ ان سڄي ڪارروائيءَ جي رڦابندي آمريڪي سي- آءِ- اي ڪئي هجي.

جناب رسول بخش پليجي جي اڳيان سوال رکنداسين تہ 7 آڪٽوبر 2001ع تي مذهبي بنياد پرستيءَ جي آڙ ۾ اولهہ جي اتحادي ملڪن افغانستان تي پهريون حملو ڪيو ۽ اڄ تقريباً 11 مهينا گذري وڃڻ کان پوءِ بہ آمريڪي انتظاميا کي بظاهر گهربل ماڻهو، يعني اسامہ بن لادن ۽ ملا عمر ملي ناهن سگهيا، هزارين ماڻهن جي قتلام کان پوءِ اسامہ بن لادن ۽ ملا عمر جي ظاهر نہ ٿيڻ متعلق هڪڙو خيال هي بہ آهي تہ آمريڪا هن ڊرامي جا مکيہ ڪردار زندهہ ڏسڻ چاهي ٿو. اوهان جي خيال ۾ اها راءِ ڪيتري وزندار آهي؟

پليجو صاحب: صحيح ڳالهہ آهي. دراصل آمريڪا جي ان ڳالهہ ۾ دلچسپي ئي ڪانهي تہ ڪي ان کي اهي ماڻهو ملن. هنن جو مطلب آهي تہ هيءَ فلم جيڪا نهي آهي، سا سڄي دنيا جي ڳڇيءَ ۾ سدائين پيئي هجي، تہ جيئن مسلمان ملڪن کي دٻايون، ڊيڄاريون، گولو غلام بڻايون، چين کي ڌمڪايون، روس کي ڌمڪايون، سڄي دنيا تي قبضو ڪريون. هنن کي وڏو موقعو، وڏو ٻُل مليوآهي. روس جي زوال کان پوءِ انهن جي ٻي چاندي ٿي آهي. ان کان گهڻو اڳ 1930ع واري ڏهاڪي ۾ هنن فاشزم کي تيار ڪيو. هاڻي اها سڄي ڳالهہ رڪارڊ تي اچي وئي آهي تہ فاشزم ۽ نازي ازم جو سفاڪ ۽ جلاد صفت خوني ڊرامو هنن تيار ڪيو هو. جرمنيءَ ۾ انتقام جي آڳ هئي پر ٻرندي باهہ تي تيل هنن اوتيو هو. اهي سڀ ڪم آمريڪا، انگلينڊ ۽ فرانس گڏجي ڪيا. ٻي جنگِ عظيم ڪرايائون، پر گهڻو ڪونہ ڦٻيا. هاڻ هي وجهہ ونئي سڄي دنيا تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا.

الميو اهو آهي تہ جڏهن مولوي سڳورا آمريڪي سي- آءِ- اي، آءِ- ايس- آءِ ۽ جنرل ضياءُ الحق جي "حق پرست" قيادت ۾ ان دور جي اسلام جي سرپرستِ اعليٰ آمريڪا بهادر پاران ڪافر روس سان "جهاد" ۾ مصروف هئا، تڏهن بہ مٿيان سمورا حق پرست مزن ۾ هئا ۽ ڪروڙين مسڪين، مظلوم مسلمان عوام ويل جي منهن ۾ هئا. طالبان جي دور ۾ بہ طالبان سڳورا مزن ۾ هئا ۽ غريب مسلمان عوام عذاب ۾ هئا. 11 سيپٽمبر کان پوءِ وري بہ "اتر" وارا پلارا بزرگ مولوي سڳورا آمريڪي آقائن جي ڪلهي تي چڙهيو، ٻاڪارڪتو وجهيو وينا آهن ۽ جاوا پيا ڪن ۽ غريب مسلمان عوام اهي ئي ڇڻ تہ دوزخ جي باهہ ۾ پيا سڙن. پر مسئلو رڳو مولوي سڳورن جي پلاري ٽولي جي نيڪ نيتي، عقل، فهم، فراست، تدبر ۽ حڪمت جو ناهي، مسئلو عام انسانن جي مجموعي ڄاڻ، سمجهہ ۽ عقل جو بہ آهي.

دراصل هن باري ۾ هڪ انتهائي بنيادي مسئلو آهي، جنهن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. اهو هي آهي ته ڇا ماڻهن، گروهن، قومن ۽ تهذيبن جو ماضي وري جيئن جو تيئن واپس اچي سگهي ٿو؟ مارڪس چيو آهي ته، "ماضي پاڻ کي دهرائي ٿو، پر ساڳي سطح تي نه." دنيا ۾ لاها چاڙها آهن، ماڻهو، طبقا ۽ قومون ڪڏهن ڀريءَ ۾ آهن، ڪڏهن ياڪر ۾. هر قوم يا تهذيب جا ڪي بلنديءَ جا ته ڪي زوال جا دور ٿين ٿا، پر جيئن پوڙهو ماڻهو وري ساڳيو اڳي جهڙو نوجوان ٿي نه ٿو سگهي، تيئن قومون ۽ تهذيبون وري پنهنجي ماضيءَ جي ڪنهن سونهري گهڙيءَ کي هوبهو اڳي وانگر ماڻي سگهن، سو ممڪن ڪونهي. يوناني وري سڪندر جي دور واري رومي شهنشاهيت، عرب وري وليد بن عبدالملڪ واري شهنشاهيت، جرمن وري شارليمن واري سلطنت، منگول وري چنگيز ۽ هلاڪو واري شهنشاهيت، فرينچ وري نيپولين جي ڪامياب دور واري شهنشاهيت، روسي وري لينن ۽ استالن جي دور واري ساڳي سپر پاوري جيئن جو تيئن ماڻي سگهن، سا ڳالهه ممڪن ڪانهي.

سبب؟ سبب سولو پيو آهي. انهن قومن جا اهي اڳوڻا دور جن حالتن ۽ جنهن ماحول جي پيداوار هئا، تن حالتن ۽ تنهن ماحول جا نالا نشان به ڪڏهوڪا بدلجي ويا. وري نوان مينهن، نوان نينهن، باقي ماضيءَ جا خيالي پور پچائيندي، پورالن ماڻهن ۽ ٽولن کي ڪئين صديون گذري ويون آهن ۽ ايان به گذري ويندیون. ماڻهن وانگر قومن ۽ طبقن جو جوڀن ۽ جواني به اڇٽيون ويڇٽيون شيون آهن. انهن جو جيئن جو تيئن موٽڻ محال آهي. عيسائي پادرين پندرهين صديءَ تائين عيسائي رومي شهنشاهيت کي وري بحال ڪرڻ جا خواب ڏيکاريا، آخر هٿيار ڦٽا ڪري، ويجي ديولين ۾ آرامي ٽيا آهن. هندو هزارين سالن کان رام راج وري قائم ڪرڻ جون خبرون پيا ڪن، ايان تائين لڳا پيا آهن. اسان وارا بزرگ مولوي سڳورا به صدين کان ساڳي ڪرت کي لڳا پيا آهن. به صديون اڳ شاهه اسماعيل واري اسلامي حڪومت هندستان ۾ قائم ڪيائون پر نه هلي. وري خوشخبري ڏنائون ته سعودي عرب ۾ اسلامي راج قائم ٿيو آهي، پر اهو راج به اصل ۾ اسلاميءَ کان وڌيڪ آمريڪي راج نڪتو آهي. ماضيءَ کي وري موٽائي آڻڻ جو تازي ۾ تازو شاهڪار طالبان حضرات جي راج وارو ڪارنامو آهي، جنهن مسلمان دنيا لاءِ جيڪي برڪتون ۽ پلايون آنديون آهن، تن کان سموري دنيا واقف آهي. ڪٿي مان جند ڇڏائڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه ٿي پيئي آهي. رڳو مذهبي حضرات جي ڳالهه ڪانهي، ڪيترا "انقلابي" يار ساڳي سوويت يونين جيئن جو تيئن وري قائم ڪرڻ جون هوائي خبرون پيا ڪن. ماضيءَ جي منفي ڳالهين کان پاڻ بچائيندي، ان جي ڪن مثبت ڳالهين مان سبق حاصل ڪري، عقل ۽ حقيقت پسنديءَ کان ڪم وٺندي، پنهنجي حال ۽ مستقبل کي بهتر بنائڻ صحيح ۽ عوام دوست ڳالهه آهي. قطعي طرح بدلجي ويل سماجي ۽ عالمي حالتن ۾ حال کي پٺ ڏيئي، اکيون پوري ڇڏڻ ۽ ماضيءَ بابت

سبز باغ ڏسڻ ۽ ڏيکارڻ غلط ۽ عوام لاءِ نقصانڪار ڪم آهي.

علامہ اقبال دين اسلام جو وڏو علمبردار هو. پر مولوي صاحبان جي فهم ۽ فراست، عقل ۽ تدبر، قائدانہ صلاحيتن جو ڪو گهٽو قائل نہ ٿو ڏسجي:

عجب نہیں کہ خدا تک تیری رسائی ہو،
تیری نگاہ سے ہے پوشیدہ آدمی کا مقام۔

*

نہ فلسفی سے، نہ ملا سے ہے غرض مجھ کو،
یہ دل کی موت، وہ اندیشہ و نظر کا فساد۔

*

اٹھائیں مدرسہ و خانقاہ سے غمناک،
نہ زندگی، نہ محبت، نہ معرفت، نہ نگاہ،
شیر مردوں سے ہوا بیشہ تحقیق تھی،
رہ گئی صوفی و ملا کی غلام ای ساقی!

*

فقیہ شہر کی تحقیر! کیا مجال ہے میری،
مگر یہ بات کہ ڈھونڈھتا ہوں میں دل کی کشاد۔
عجب واعظ کی دینداری ہے یا رب!
عداوت ہے اُسے ساری جہاں سے۔

*

میں جانتا ہوں انجام اس کا،
جس معرکے میں مُلا ہوں غازی۔

11 سيپٽمبر جي سنڌ مٿان اٽرن بابت هي چوٽ ٿو چاهيان تہ اڳوڻن فوجي حڪمرانن مان ايوب خان جو بار ۽ عذاب سڄي پاڪستان تي نازل ٿيو. يحيٰ خان جو عذاب گهٽي ياڳي اوپر پاڪستان تي ۽ جنرل ضياءُ جو گهٽي ياڳي سنڌ تي نازل ٿيو. اڄوڪن جنرلن صاحبن جو سڄي جو سڄو عذاب سنڌ تي نازل ٿيو آهي. سنڌ جو پاڻي بند ڪري ڇڏيائون، اقتصاديات تباهہ ڪري ڇڏيائون، سنڌ مان ماڻهو نوڪرين مان ڪڍي ڇڏيائون، انهن کي نااهل ڇئي سرڪاري معاملن مان خارج ڪري ڇڏيائون، هڪ- بہ ڏمي ماڻهو نالي ماتر ويهاري ڇڏيا اٽن، سنڌي قوم جو 5 هزار سالن کان وڌي جيڪو سنڌ تي مالڪيءَ ۽ راج جو حق هو، سو کسي ويا آهن. هاڻ سڄي استيت مشينريءَ ۾ سنڌين جي لاءِ ڪاري رات لڳي پيئي آهي. بہ- ٽي ڏمي سنڌي اڳيان ڪري، سنڌ جو توٽل اقتدار، سنڌ جا وسيلا، ان جي ملڪيت، مال، ان

جون دولتون دهشتگرد کٹي ويندا. ملڪ جا مالڪ هاٿي اهي ٿيندا. چيف منسٽر ۽ حاڪم هاٿي اهي ٿيندا. بينظير ۽ وڏيرن جا مجرماٽا ڏنڊا اسان جي سامهون ڪريو. سنڌي ماٺهو کي بليڪ ميل ڪندا. هڪ طرف ڏاڙيل، ٻئي پاسي سياست باز مافيائون، ٽئين پاسي قبائلي دهشتگرد. گذريل دورن ۾ فرادي ماٺهن کي مسواڻن تي کٹي، ڪوڙا آڇپ جا نعرا هٹائي، تعليم جو قتل ڪرائي ڇڏيائون. آخري سين هاٿي هي آهي تہ سنڌي ماٺهو ڇٽ آهن، نوڪرين جي لائق ناهن، سنڌي ماٺهو ڪرپٽ آهن، تنهن ڪري اليڪشن ۾ نہ ٻيهندا، سنڌ تي حڪومت نہ ڪندا. سنڌ جا صحيح ۽ جائز مالڪ دهشتگرد وڃي ٿيا. هاٿي هي اوڏ جي رياست وڃي ٻڌبي، ان جي لاءِ فل پاور هلائي سنڌي ماٺهن کي اپاهج، جڏو، بکيو ۽ لنگهٹ ڪيو ويو آهي. ڪنهن زماني ۾ علامہ آءِ- آءِ قاضي سنڌ جي حالتن تي رڙيون ڪندي چيو هو تہ، "بابا! سنڌين جي حالت ڏسو ٿا! هاٿي هي سڀ سنڌي ٻهراڙيءَ ۾ هليا ويندا، اتان کير، لسي ۽ مکڻ کٹي شهرن جي ماٺهن کي ڏيئي پيٹ پارينداً." قبائلي دهشتگرد هڪڙي پاسي ويهاريا اٿن، شهري دهشتگرد ٻئي پاسي وينا آهن. هڪڙا سنڌ جا هٹرادو نوان نجات ڏيارينڊ ماٺهو پيدا ڪيا اٿن. هي سڄو بندوبست جيڪو توهان ڏسو ٿا، ان طريقي سان هنن سنڌ جي مسئلي جو "آخري حل" نافذ ڪيو آهي 11 سيپٹمبر جي واقعي کان پوءِ تہ "سنڌ هاٿي سنڌين جي نہ رهندي."

پاڪستاني حڪمرانن ۾ نالي ماتر بہ غيرت ناهي، ذهني طور غلام آهن- سنڌ جا وڏيرا، پنجاب جا چوڌري، بلوچستان جا سردار ۽ خيبرپختونخواه جا خان عوام جا ترجمان ناهن.

انٽرويو: يوسف وارثي/روزنامہ خبرين ڪراچي، 2 آگسٽ 2002ع

سنڌ جي عظيم دانشور، قومپرست اڳواڻ، اديب، عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجي، روزاني اردو اخبار "خبرين" کي هڪ خاص انٽرويو ۾ هاڻوڪين آئيني ترميمن تي تبصرو ڪندي چيو تہ، "پاڪستان اڳي ئي هڪ صوبي جي قبضي هيٺ آهي. عملي طرح پاڪستان هن وقت ون يونٽ بڻجي چڪو آهي. هي قائداعظم وارو پاڪستان ناهي. ائين ئي عدم توازن سبب هندوستان جي آبادي ۽ جي ورهاست ٿي هئي." هن چيو تہ، "انهن ترميمن جي ڪارڻ عوام کي سڌو سنئون فائدو رسڻ جي اميد گهٽ آهي، تڏهن بہ اهي ترميمون بهتر آهن. هڪ عورتن جي سيٽ جي حوالي سان ۽ بي سينيٽ ۾ سيٽون وڌائڻ جي حوالي سان تمام سٺيون ترميمون آهن." هن چيو تہ، "وزيراعظم جي نامزدگيءَ جو پراڻو طريقو بهتر هو. نئين طريقي تي شڪ پيدا ٿيندا." گريجوئيٽ واري شرط جي حوالي سان پليجي صاحب چيو تہ، "اهو شرط ختم ٿيڻ سان عوام کي فائدو ٿيندو. ان سان فقط ايترو ٿيندو تہ ڪجهہ فرد، جيڪي موجوده حڪومت کي پسند ناهن، اهي سياست مان خارج ٿيندا، ڇاڪاڻ تہ اسان جي ملڪ ۾ ذهني بلوغت ڪانهي، هتي تہ ڏگريون وڪرو ٿين ٿيون."

رسول بخش پليجي ترميمن جي حوالي سان چيو تہ، "اهي ڪي نيون ترميمون ناهن. اهڙيون ترميمون گذريل 50 سالن کان ٿي رهيون آهن، جيڪي ڏاڪي بہ ڏاڪي ملڪ کي محتاج ۽ لولو لنگڙو ڪري رهيون آهن. ملڪ هڪدم نہ ٽٽندا آهن، پر ملڪ جي بنيادن کي کوکلو ڪرڻ جو عمل لڳاتار ڪيو پيو وڃي." هن چيو تہ، "اسين هن ملڪ سان سچا آهيون تہ پوءِ سينيٽ کي بااختيار بڻايون ۽ ان کي آمريڪي سينيٽ جهڙا اختيار ڏيون. سپريم ڪورٽ جي ججن جي مقرري بہ سينيٽ مان ٿيڻ گهرجي، انهن جي مقرري ملڪ جو صدر ڪري، پر آخري منظوري سينيٽ مان لازمي ڪرائي وڃي. سينيٽ ۾ چئني صوبن کي برابريءَ جي بنياد تي نمائندگي هجي ۽ بااختيار اعليٰ ادارو قومي اسيمبلي نہ، سينيٽ هجڻ گهرجي ۽ فقط اهوئي رستو آهي، جيڪو پاڪستان جي تحفظ ۽ صوبن جي حقن لاءِ صحيح رستو هوندو." پليجي صاحب چيو تہ، "هاڻوڪين ترميمن سان سنڌ تي خاص اثر نہ پوندو. انهن ترميمن جا اثر باقي ملڪ تي جيترا پوندا، اوترا ئي سنڌ تي بہ پوندا، ڇاڪاڻ تہ هن ملڪ ۾ سول

حڪومت ڪڏهن بہ آزاد رهي ئي ناهي. اسان جا سياستدان استعمال ڪيا وڃن ٿا، پر موجوده ترميمن کان پوءِ پاڪستان مسلسل هڪ فوجي رياست رهندو."

عوامي تحريڪ جي سربراهہ سنڌ ۾ تعليم جي حوالي سان چيو تہ، "سنڌ ۾ سڀ کان وڏو ڏوهہ شاگردن کي تعليم کان پري رکڻ آهي. ان ۾ جي- ايم سيد ۽ ٻيا برابر جا حصيدار آهن، جن نوجوانن کي تعليم بدران ٻين سرگرمين ۾ رڌل رکيو." پليجي صاحب چيو تہ، "جي- ايم سيد، هندن جو رفيق هو. جي- ايم سيد اڳ ۾ سنڌ جي لاءِ سٺو ڪم ڪيو، پر پوءِ ان جي تباهيءَ لاءِ استعمال ٿيو."

سنڌ جي سياستدانن جي حوالي سان پليجي صاحب چيو تہ، "اسين سنڌي سياسي ماڻهو ٻنهڑن تائين پنهنجي مقصد جي باري ۾ ڳالهيون ڪندا آهيون ۽ ٻنهڑن کان پوءِ انهن کي Cash ڪرائيندا آهيون." هن چيو تہ، "آئون انقلابي آهيان پر عمر جي هڪ عرصي کان پوءِ انقلابي بہ ان کي Cash ڪرائيندا آهن."

ايم- ڪيو- ايم (الطاف گروپ) ۽ جيئي سنڌ جي سنڌ جي حقن بابت گڏيل جدوجهد جي باري ۾ هڪ سوال جي جواب ۾ پليجي صاحب چيو تہ، "جيئي سنڌ ۽ ايم- ڪيو- ايم، ٻئي جنرل ضياءُ الحق جي پيداوار آهن. انهن جي ذميواري هئي تہ اهي ٻئي سنڌين کي پڑهڻ نہ ڏين ۽ سنڌ ۾ تباهي پکيڙين. اهي ٻئي فوج جا هٿيار آهن، ٻنهي عوام خلاف ڪم ڪيو."

قومپرست اڳواڻ قادر مگسيءَ جي باري ۾ پليجي صاحب چيو تہ، "هن جي نعرن ۾ تبديلي آئي آهي، پر سندس سياست ۾ ڪابہ تبديلي نہ آئي آهي. اهي سڀ فوج جي پاليسين کي اڳتي وڌائي رهيا آهن." پليجي صاحب چيو تہ، "ايم- ڪيو- ايم خلاف ڳالهہ ڪرڻ، مهاجرن خلاف ڳالهائڻ ناهي. اردو، سنڌي، پنجابي، پشتو، بلوچي ڳالهائڻ وارا سڀ اسان جا ڀائر آهن. جهڙيءَ ريت سنڌي وڏيرو سنڌين جو ترجمان ناهي، اهڙيءَ ريت پنجاب جو چوڌري، خيبر پختونخواهہ جو خان ۽ بلوچستان جو سردار اتان جي عوام جو ترجمان ناهي. اهي سڀ ڦورو آهن."

پليجي صاحب چيو تہ، "جيڪو بہ سنڌ سان محبت ڪري ٿو، ان سان اسان جو ڪوبہ اختلاف ناهي، پر سنڌ سان محبت جو عملي ثبوت بہ ڏيڻ گهرجي." رسول بخش پليجي سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ جي حوالي سان چيو تہ، "اهو سنڌ جي وڏيري جو مسئلو ناهي، ڇاڪاڻ تہ وڏيرن جي زمينن کي پاڻي ملي رهيو آهي. اصل مسئلو تہ سنڌي عوام جو آهي. اهوئي سبب آهي جو پاڻيءَ جي مسئلي تي وڏيرا احتجاج ۾ شريڪ ناهن." پليجي صاحب الزام لڳايو تہ، "سنڌ جو پاڻي بند ڪري پنجاب کي رشوت ڏني پيئي وڃي." گريٽر ٿل ڪئنال جو ذڪر ڪندي پليجي صاحب چيو تہ، "اهو سڌو سنئون سنڌ جي ساڄا تي ڪروڙ عوام جو معاشي قتل آهي." سنڌ جي قومپرست سياست تي تبصرو ڪندي پليجي صاحب چيو تہ، "جن ماڻهن سنڌين کي پڑهڻ نہ ڏنو، جيڪي جي- ايم سيد جو هٿيار بڻيا رهيا، اهي اڄ سنڌ جا ليڈر بڻجي

سياست ڪري رهيا آهن."

سنڌ جي سياست جي حوالي سان پير پاڳاري ۽ مخدوم خاندان جي باري ۾ پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ پليجي صاحب چيو ته، "اهي سڀ پيري مريدي ۽ گادي نشيني جاگيرداري سياست جو حصو آهن. بنيادي طرح جاگيرداري نظام ۽ حقيقي جمهوريت، ٻئي هڪٻئي جو ضد آهن. جاگيرداري ختم ڪرڻ بنا حقيقي جمهوريت جو تصور به نه ٿو ڪري سگهجي ۽ جيستائين حقيقي جمهوريت نه ايندي، ملڪ ترقي ڪري نه سگهندو." پليجي صاحب چيو ته، "بلهي شاهه ۽ سرسيد جو پيروڪار آهيان ۽ انهن کي بهادر ۽ دلير سمجهان ٿو، جن تبديليءَ جون ڳالهيون ڪيون."

سنڌ ۾ بلدياتي نظام جو ذڪر ڪندي پليجي صاحب چيو ته، "ان سان وڏيرو مضبوط ٿيو آهي، پوليس ته اڳي ئي انهن سان ڳنڍ جوڙ ڪريو ويٺي آهي، هاڻي اها انهن جي ماتحت ٿي ويئي آهي. هي نظام عوام جا مسئلا حل ڪرڻ بدران وڏيراشاهي ۽ جاگيرداري نظام کي مضبوط ترين ڪرڻ جو ڪارڻ بڻجي رهيو آهي." پاڪستان جي دانشورن جي عوام تي پوندڙ اثرن تي ڳالهائيندي رسول بخش پليجي صاحب چيو ته، "هاڻي پاڪستان جو دانشور طبقو عوام تي پنهنجو اثر وجائي چڪو آهي، چاڪاڻ ته انهن به پاڻ کي Cash ڪرايو آهي، جنهن ڪري عوام هاڻي سندن ڳالهين جو اثر قبولڻ لاءِ تيار ناهي."پاڪستان تي آمريڪي اثر جو ذڪر ڪندي پليجي صاحب چيو ته، "پاڪستان جي حڪمرانن جي ذهنيت غلاميءَ واري آهي، انهن ۾ نالي ماتر به سياسي غيرت ڪانه هئي، تنهن هوندي به جيتري قدر افغانستان جي ڳالهه آهي ته انهن وٽ ٻيو ڪو رستو ئي نه هو." پليجي صاحب وڌيڪ چيو ته، "پاڪستان جون پاليسيون هميشه آمريڪي مفادن جي تابع رهيون آهن."

اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جي حوالي سان رسول بخش پليجي صاحب چيو ته، "اسان سنڌ جي وڏن مسئلن تي ڪم ڪري رهيا آهيون، جنهن ڪري بلدياتي چونڊن ۾ حصو نه ورتوسين، پر جيڪڏهن وقت مليو ته ايندڙ بلدياتي چونڊن جي تياري ڪنداسين." سنڌي عورتن جي پسماندگيءَ جو ذڪر ڪندي پليجي صاحب چيو ته، "اهي جهالت جو شڪار آهن، انهن ۾ تعليم جي ڪوٽ آهي، جنهن ڪري منجهن سياسي شعور نه هئڻ برابر آهي، تنهن ڪري اسين سنڌ ۾ تعليمي ادارن ۽ عورتن جي تعليم لاءِ اٽڪ ڪوششون ڪري رهيا آهيون. ان سلسلي ۾ اسان جي پارٽي جا برادر محاذ ڪم ڪري رهيا آهن. اسين عورتن جي سياسي تعليم ۽ تربيت ڪندا آهيون، انهن کي حقن جي ڄاڻ ڏيڻ ۽ انهن ۾ حق حاصل ڪرڻ جو شعور پيدا ڪري رهيا آهيون. اسان کين ٻڌائيندا آهيون ته اهي تڏهن ئي حقيقي آزادي حاصل ڪرڻ لائق ٿي سگهنديون، جڏهن اهي تعليم حاصل ڪنديون." پليجي صاحب وڌيڪ چيو ته، "ماضيءَ ۾ سنڌ تعليم جي حوالي سان نهايت شاهوڪار هئي، جيڪا هاڻي پنٽي رهجي ويئي آهي. هاڻي ته ڏگرين جي ڪابه اهميت ناهي رهي."

سنڌ اندر بدامني منظم سازش جو حصو آهي، دهشتگرد ۽ ڌاڑيل حڪومت جي پيداوار آهن سنڌ بيوسيءَ جي بدترين دؤر مان گذري رهي آهي

انترويو: تبسم فاروق/روزنامہ جرئت ڪراچي، 6 جولاءِ 2003ع

[پاڪستان جي مختلف سياسي پارٽين ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ ۽ سياست ۾ ڏگهي تاريخ رکندڙ سياستدان ۽ عوامي تحريڪ جي قائد ۽ سربراهہ محترم رسول بخش پليجي کان گريٽر ٽل ڪئنال سميت سنڌ جي ٻين اهم مسئلن ۽ ملڪي معاملن جي باري ۾ سندن قاسم آباد واري رهائشگاهہ تي ڪيل ڳالهہ ٻولهہ پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿي.]

سوال: سنڌ جي موجوده صورتحال کي توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

رسول بخش پليجو: پاڪستان جي تاريخ ۾ سنڌ جا ماڻهو جيترا هن دؤر ۾ پريشان آهن، ايترا اڳ ڪڏهن بہ نہ هئا. سنڌ جو عوام ڏاڍ، دهشتگردي ۽ زور زبردستيءَ جي ڇار ۾ ڇڪڙيل آهي. ائين پيپو پائنجي تہ حڪمرانن سنڌ جي ماڻهن جو وجود ئي ميسارڻ جو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن ماڻهن جي ديده دليري ڏسو تہ اهي سنڌ تي لڳاتار اقتصادي حملا ڪري رهيا آهن. پراٽي چين جهڙيون حالتون پيدا ڪرڻ لاءِ منشيات جا ڊير لڳائي ڇڏيا اٿن، تعليمي ادارا تباهہ ڪري ڇڏيا اٿن، جاهل استاد پرتي ڪيا پيا وڃن، شاگردن جا اخلاقي قدر نيست ۽ نابود ڪيا پيا وڃن، بک، بدحالي ۽ بيروزگاريءَ ۾ واڌارو ڪيو پيو وڃي، سنڌي ماڻهن کي نوڪرين مان نيڪالي ڏني پيئي وڃي، سنڌ ۾ بدامني پکيڙي وري امن امان لاءِ پنجاب مان رينجرز کي گهرايو پيو وڃي، انهن تي ڪروڙين روپيا خرچ ڪري، سنڌ جي عوام جا حق زبردستيءَ ڦٻايا پيا وڃن، سنڌ جا شاگرد بندوق جي ڇانوَ ۾ نفسياتي مريضن جيان تعليم ونڊ تي مجبور آهن، تعليمي ادارن ۾ دهشتگردي ۽ غنڊاگرديءَ جو راڄ قائم ڪري، وقت سر امتحان نہ ٿا ورتا وڃن.

سوال: اينٽي گريٽر ٽل ڪئنال ايڪشن ڪاميٽيءَ ۾ جسقم، متحده ۽ سنڌ نيشنل پارٽيءَ کي ڇو شامل نہ ڪيو ويو آهي؟

رسول بخش پليجو: اسان اينٽي گريٽر ٽل ڪئنال ايڪشن ڪاميٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ جسقم سميت سمورين پارٽين کي دعوت ڏني هئي، جن کي سنڌ سان زيادتين جو درد هو ۽ اهي جدوجهد ڪرڻ چاهين پيا. اهي پارٽيون اسان وٽ آيون ۽ ڪاميٽيءَ

۾ شامل ٿيون. متحده جي آفتاب شيخ کي مون پاڻ فون ڪيو، تڏهن ٻه نه آيو. ائين جسقم وارن ٻه دلچسپي نه ڏيکاري. هاڻي جيڪڏهن اهي اسان سان گڏجي جدوجهد ڪرڻ نه ٿا چاهين ته اسين چا ٿا ڪري سگهون؟

سوال: اينٽي گريٽر ٽل ڪئنال ايڪشن ڪاميٽيءَ ۾ پيپلز پارٽي، مسلم ليگ (ن) ۽ جماعت اسلامي ٻين صوبن ۾ جدا موقف رکن ٿيون.

رسول بخش پليجو: اهي وفاقي پارٽيون آهن ۽ انهن چيو آهي ته هر صوبي جي پاليسي مختلف آهي، ان ڪري في الحال هر صوبي ۾ انهن جو موقف جدا آهي. جڏهن ته سمورين پارٽين کي سمورن صوبن ۾ هڪجهڙو موقف اختيار ڪرڻ گهرجي.

سوال: وفاق سنڌ حڪومت جي منظور ڪيل ٽل ڪئنال خلاف قرارداد کي ڪابه اهميت نه ڏني، هاڻي سنڌ کي ڪهڙي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي؟

رسول بخش پليجو: سنڌ حڪومت کي جمي ٻيهڻ گهرجي ۽ انهن جي سامهون اڻي ٻيهي اکين ۾ اکيون وجهي چوڻ گهرجي ته اهو ناتڪ بند ڪريو. ٽل ڪئنال نه نهڻ گهرجي، پر اهي سڀ وفاق جا غلام آهن، اهي ڇالاءِ ان جي مخالفت ڪندا؟ جيڪڏهن اهي ايمانداري ڏيکارين ته ٽل ڪئنال نهڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. وفاق سنڌ جي قرارداد کي ردي‌ءَ جي ٽوڪري ۾ ڦٽو ڪري، سنڌ حڪومت جي مُنهن تي لپاٽ هنئي آهي، پوءِ ٻه اهي چپ آهن.

سوال: پنجاب تي سنڌ جو پاڻي چورائڻ جو الزام ڪيتري قدر درست آهي؟

رسول بخش پليجو: سنڌ جي پاڻي‌ءَ تي 1858ع کان ڏاڙا هنيا پيا وڃن. سنڌ سان زيادتين جو سلسلو صدين کان هلندو پيو اچي. پنجاب، سنڌ جي پاڻي‌ءَ تي قبضي ۽ سنڌ کي پاڻي‌ءَ جي ڦڙي ڦڙي لاءِ محتاج ڪرڻ خاطر سازشون ستيندو رهي ٿو. تاريخ شاهد آهي ته پنجاب سنڌ جي پاڻي‌ءَ متعلق ڪيترائي معاهدا ڪيا ۽ وري پاڻ ئي معاهدن تان ڦري ويو. هاڻي پنجاب جي ايجنٽن پاڻي‌ءَ کي غلام بنائڻ لاءِ سنڌ ۾ هڪ نئون ڪاتو سيٽرا قائم ڪيو آهي، جنهن موجب فصل تيار ٿيندي ئي پنجاب سميت ٻين علاقن کان هڪ ڪيپ گهرائي وڃي ٿي، جنهن کان پوءِ سنڌ جي آبادگارن کي مناسب اگهه نه ملڻ ڪري، اهي قرضي ۽ ڪنگال ٿي ويا آهن.

سوال: سنڌ سان زيادتين جي شروعات ڪهڙي دؤر کان ٿي؟

رسول بخش پليجو: قائداعظم محمد علي جناح کان پوءِ لياقت علي خان جي دؤر کان ئي سنڌ خلاف سازشن جي شروعات ڪئي ويئي. ان کان پوءِ هر حڪمران جناح جي پاڪستان کي ٽوڙڻ ۽ مهاراجا رنجيت سنگهه جي پنجاب جي جوڙجڪ جي منصوبي تي ڪم ڪيو ۽ پنجاب جي مفادن لاءِ سنڌ سان سينازوري ڪري زيادتيون جاري رکيون ويون ۽ سمورا حڪمران آمريڪا جا ٻڌا ٻانها رهيا.

سوال: ڪهڙو سبب آهي جو 56 سال گذرڻ باوجود پاڪستان ۾ جمهوري روايتون مضبوط ٿي نه سگهيون آهن؟

رسول بخش پليجو: پاڪستان اندر هر دؤر ۾ مارشل لا لڳندي رهي آهي. هن جو نالو ته اسلامي جمهوريہ پاڪستان آهي، پر هتي جمهوريت ناهي. اسان کي خبر ئي ناهي ته جمهوريت ڪيئن ٿيندي آهي؟ پاڪستان ۾ جيڪي بہ حڪمران آيا، اهي فوج جي ذريعي آيا ۽ انهن جي ناراضگيءَ تي هليا ويا. يٽو صاحب بہ جيڪڏهن فوج سان گڏ نہ هجي ها ته حڪومت ۾ ڪونہ اچي ها. ميان نواز شريف اميرالمؤمنين بنجڻ پئي چاهيو. هن کي قيدي بڻايو ويو. پاڪستان ۾ هر حڪمران، اسان جي ووٽن تي حڪمران نہ بڻيو آهي بلڪ فوج جي سليڪشن سان ٿيندا آهن. اهڙي صورتحال ۾ جمهوريت ڪيئن ۽ ڪٿان ايندي؟

سوال: سنڌ اندر بدامني، بدحالي ۽ قبائلي جهيڙن جا ڪهڙا سبب آهن ؟

رسول بخش پليجو: سنڌ اندر بدامني منظم سازش جو حصو آهي. ڏاڙيل حڪومتن جي پيداوار آهن. حڪومت پاڻ دهشتگردي ڪرائڻ لاءِ ڏاڙيل پيدا ڪندي آهي. سنڌ ۾ آبادگارن کي ڦريو وڃي ٿو، شهرن ۾ ٻورين ۾ بند لاش ۽ يتاخور مافيا سرگرم آهي. حڪمرانن جا ايجنٽ، جاگيردارن سان گڏجي، غريب سنڌي عوام کي ويڙهائي، ساڻن رت جي راند کيڏي رهيا آهن ۽ قبائلي جهيڙا سنڌين جي نسل ڪُشيءَ جي سازش جو حصو آهن. سنڌ جي عوام کي ماني ڳيپي لاءِ محتاج بنائڻ جي سازش تحت سنڌين کي بيروزگار بڻايو وڃي ٿو ۽ اهي وڏيرا ۽ جاگيردار، حڪمرانن جي در جي دربان جو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

سوال: سنڌ ۾ قومپرست پارٽيون اختلافن ۽ ڏاڙابنديءَ جو شڪار آهن، انهن جو گڏجڻ ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو؟

رسول بخش پليجو: قومپرست آهي ڇا؟ قومپرست ڪهڙي بلا جو نالو آهي؟ اسان ته اڄ تائين قومپرست ڏٺا ئي ناهن ۽ جيڪي پاڻ کي قومپرست سڏائين ٿا، اهي قومپرستيءَ جو ناٽڪ ڪري رهيا آهن، سنڌين جي حقن جو ناٽڪ ڪري رهيا آهن.

سوال: ايل- ايف- او جي باري ۾ اوهان جي پارٽيءَ جو ڪهڙو موقف آهي ؟

رسول بخش پليجو: سڀ کان پهرين فوج جو رستو روڪيو وڃي، فوج جي ماتحت بوگس حڪومت ختم ڪئي وڃي، سمورن صوبن ۾ هڪجهڙو نظام لاڳو ڪيو وڃي، انساني حق سمورن صوبن ۾ هڪجهڙا ڏنا وڃن، هڪ نئون، روشن خيال ۽ اسلام دوست پاڪستان ناهيو وڃي، جنهن جي دوستي يورپ، آمريڪا، آفريقا سميت سمورن ملڪن سان هجي.

سوال: پاڪ- پارت ڳالهين تي تبصرو ڪريو.

رسول بخش پليجو: پاڪستان ۽ هندوستان جا حڪمران، آمريڪا جي ڪيسي ۾ گڏ رهن ٿا ۽ اهي جيئن چاهيندا، ڳالهيون ڪرائيندا. آمريڪا، پارت کي چين سان ويڙهائڻ لاءِ پاڪ- پارت چڪتاڻ ختم ڪرائڻ چاهي ٿو، جڏهن ته پارت، ڪشميرين سان زيادتي ڪري رهيو آهي.

وفاق تہ 1971ع ۾ ختم ٿي ويو ملڪ ۾ ڏيڪاءَ جي لاءِ بہ وفاقي ڍانچو ناهي بچيو. جمهوريت بدران فوجي حڪومتن قائداعظم جي پاڪستان جي شڪل ئي مٽائي ڇڏي آهي. وفاقي ڍانچو ختم ٿي چڪو آهي.

انٽرويو: صلاح الدين غازي/ روزاني روزاني ڊان 19 آگسٽ 2003ع

سوال: توهان جي خيال ۾ پاڪستان کي سڀ کان وڏو مسئلو ڪهڙو درپيش آهي؟

رسول بخش پليجو: منهنجي راءِ موجب سڀ کان وڏو مسئلو پاڪستان جي جوڙجڪ جو آهي. هي هڪ ڪالوني بڻايل ملڪ آهي، جنهن ۾ ان جا حڪمران ٻاهران مقرر ڪيا ويڻ ٿا. ٽئين دنيا جي هر ملڪ جي اهڙي ئي صورتحال آهي. 1940ع جي لاهور واري قرارداد ۾ جنهن وفاق جو تصور پيش ڪيو ويو هو، اهو 1971ع ۾ ختم ٿي ويو. آزاد رياست حاصل ڪرڻ جي اها قرارداد ان ڪري منظور ڪئي ويئي هئي تہ هڪ صوبي جي هڪ هٿي (اعليٰ اختيار) ۽ ناجائز قبضو قابل قبول نہ هوندو. سنڌ تي پنجاب جي اعليٰ اختياري (هڪ هٿي) رنجيت سنگھ جي زماني کان مڃيل حقيقت هئي ۽ ڪوبہ عظيم تر پنجاب جو حصو، يعني اجائي پوئلڳي ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. اهوئي سبب آهي جو قرارداد ۾ بنگال ۽ سنڌ جي ضد ڪرڻ تي "آزاد رياستن" جي ترغيب استعمال ڪئي ويئي هئي. اسان 1971ع ۾ بنگالين تي "غدار" سميت طرحين طرحين جا الزام مڙهي، بنگال کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ورتو. موجوده پاڪستان ون يونٽ آهي، جنهن جي جوڙجڪ ۾ غير ملڪين جي سوچ ۽ تصور شامل آهي. ملڪ ۾ ڏيڪاءَ لاءِ بہ وفاقي ڍانچو ناهي رهيو.

سوال: جڏهن توهان پنجاب جي اعليٰ اختياري (هڪ هٿي) جي ڳالهہ ڪريو ٿا تہ ان مان توهان جي ڪهڙي مراد هوندي آهي؟ ڇاڪاڻ تہ پنجاب جي اڪثر ماڻهن کي بين صوبن تي اعليٰ اختياري حاصل ڪرڻ سان ڪو تعلق ڪونهي.

رسول بخش پليجو: مون کي خوشي ٿي جو توهان انتهائي ڪم جي ڳالهہ ڪئي آهي. توهان جو اهو چوڻ پنهنجي جاءِ تي بلڪل درست آهي تہ عوام جو ان سان ڪو واسطو ناهي. آئون ڪو عام رواجي قومپرست ناهيان، بلڪ بين الاقوامي پرولتاري (پورهيتن جو حامي) آهيان. هينئر آئون سنڌ واسين جي Cause جو حامي آهيان. گذريل وقت ۾ بنگالين جي حمايت ۾ سرگرم هوس. جڏهن سنڌي ليڊر ذوالفقار علي

پٽي جي دؤر ۾ بلوچستان تي فوجي چڙهائي ڪئي ويئي ته مون باغين جو ساٿ ڏنو ته مون کي به جيل ۾ واڙيو ويو.

پنجاب مان منهنجي مراد آهي ته هتان جو حڪمران طبقو. پنجاب جا رهواسي، آمريڪي عوام ۽ يورپ جا ماڻهو به اسان جا پائر آهن.

سوال: توهان جيئي سنڌ تحريڪ کي ڪيئن ٿا سمجهو؟

رسول بخش پليجو: سڀ کان پهرين ته هن ملڪ کي آزاد ۽ خود مختيار هجڻ گهرجي، ملڪ ۾ صحيح آئين هجڻ گهرجي، سينيٽ ۽ ايوان جي خود مختياري هجڻ گهرجي، ملڪ ۾ جمهوريت هجي، انتها پسندي ختم ڪرڻ گهرجي. اسين پاڪستان کي آزاد ڏسڻ گهرون ٿا، جنهن تي ڪنهن به پرڏيهي قوت جي بالادستي نه هجي.

سوال: توهان جي نظر ۾ انهن مسئلن جو ڪهڙو حل آهي؟

رسول بخش پليجو: ماضيءَ ۾ سالن تائين سامراجي قوتن جي حڪمت عملي اها رهي آهي ته پنهنجي ملڪ ۾ جمهوريت قائم ڪريو ۽ انصاف پسنديءَ موجب ڪم ڪريو، باقي سڄي دنيا کي راند جو ميدان سمجهو. اهي سڄي دنيا ۾ غير جمهوري حڪومتون ڏسڻ چاهين ٿا، ته جيئن انهن کي پنهنجن مفادن لاءِ نهايت اٽڪل يا چالاڪيءَ سان استعمال ڪري سگهن. پنجاب جي سائيز جو ڪوبه مسئلو ناهي، اصل مسئلو آهي ته پنجاب جي حڪمران طبقن، سامراجي قوتن کان من ماني ڪرڻ جو لائسنس حاصل ڪري ورتو آهي.

آئين ۾ ترميمون ٿيڻ گهرجن، ملڪ ۾ حقيقي وفاقيت (فيڊريشن) قائم ٿيڻ گهرجي. هتي پاڻيءَ جي مسئلي تي ڪيترائي ڏوهه ڪيا ويا آهن. آئون پاڪستان ۾ ٿيندڙ سياسي ڏوهن جي تاريخ لکڻ جو ارادو رکان ٿو. آئون سدائين چوندو رهيو آهيان ته محمد علي جناح کي قتل ڪيو ويو هو. انهن جناح کي ان حالت ۾ رستي تي لاوارث ۽ نڌڻڪو ڪري ڇڏيو ڪيو، جو هن جي سار سنڀال ۽ تيمارداري ڪرڻ وارو ڪوبه ڏڻي سائين ڪونه هو. هاڻي چيو وڃي ٿو ته فاطمه جناح کي پڻ قتل ڪيو ويو هو.

موجوده حڪومت، گذريل حڪومتن جي پيٽ ۾ وڏيڪ ناانصافيون ڪري رهي آهي. جڏهن سنڌ جا آبادگار ڪمند جي وڏيڪ پوکي ڪن ٿا ته اهي اڳهه ڪيرائڻ لاءِ ٻاهران (پرڏيهه مان) ڪنڊ گهرائين ٿا. اهي ماڻهو جنهن غلط طريقي سان فوج کي استعمال ڪري رهيا آهن، ان جي انتهائي خراب شڪل هيءَ آهي ته يونين ڪائونسل جي سطح تائين ناظمن جي چونڊ جو ڪم به فوجين جي حوالي ڪيو ويو آهي. اڄ ڪلهه سموري انتظاميا کي پڻ اهي هلائي رهيا آهن. اهي ان ڪري ائين ڪري رهيا آهن جو ڪين آمريڪا جي پنيرائي ۽ آشيرواد حاصل آهي.

سوال: جڏهن توهان اها دعويٰ ڪريو ٿا ته توهين قومپرست ناهيو، بلڪ بين الاقوامي پرولتاري آهيو ته اهڙي صورت ۾ قومپرست سياست کي ڪهڙي نظر سان ڏسو ٿا؟

رسول بخش پليجو: آئون لفظي معنيٰ ۾ قومپرست ناهيان ۽ اهڙي نيشنلزم کي قبول نہ ٿو ڪري سگهان، جنهن ۾ چيو ويندو آهي تہ منهنجي قوم پلي ڪٽي غلط رستي تي هجي يا سڌي رستي تي، بس منهنجي قوم آهي. مون کي قوم جي اهڙي Defination (وصف) سان اتفاق ناهي. آئون ان تي ويساهہ رکندڙ ناهيان. آئون اها دعوىٰ نہ ٿو ڪريان تہ سنڌي ٻين قومن کان بهتر آهن. آئون ٻين علائقن کي فتح ڪرڻ جو ڪوبہ ارادو نہ ٿو رکان.

سوال: ايل- ايف- او ۽ صدر جي وردىءَ جي باري ۾ توهان جو کهڙو موقف آهي؟

رسول بخش پليجو: ايل- ايف- او آئين جي روح ۽ مزاج جي خلاف آهي. آئون نهايت ادب ۽ احترام سان چوندس تہ سپريم ڪورٽ، جنرل پرويز مشرف کي آئين ۾ ترميم ڪرڻ جو اختيار ڏيڻ وارو فيصلو درست نہ ڪيو هو. هندوستان جي مسلمانن اهڙي پاڪستان لاءِ جدوجهد نہ ڪئي هئي، جنهن تي جنرلن جو راج هجي. قائداعظم کي اها ڳالهہ بلڪل بہ پسند نہ هئي تہ فوج جو ملڪ تي حڪمرانيءَ سان ڪو تعلق هجي. بدقسمتي اها ٿي جو ورهاڱي وقت هو انتهائي بيماريءَ جي حالت ۾ هو. هن کي غير ملڪي قوتن جي اشارن تي نچندڙ سول ۽ فوجي بيوروڪريٽس ۽ سياستدانن گهيري ۾ آڻي ڇڏيو. اهي قائداعظم جي هوندي ئي اڇي ڪاري جا مالڪ بڻجي ويا. ان کان پوءِ ڪيترن ڏهاڪن کان غير ملڪي اشارن تي هلندڙ جرنيل سڌي ۽ اڻ سڌي ريت حڪمراني ڪري رهيا آهن. انهن اولهہ بنگال کي ڪاٽي الڳ ڪري ڇڏيو. ان عمل سبب جناح جي پاڪستان جي وفاقي حيثيت ختم ٿي ويئي. هاڻي هي ون يونٽ آهي، جنهن ۾ هڪ صوبي ۽ جرنيلن جي سائيز آهي. اسين پنجابي جرنيلن کي سنڌ تي گورنر جنرل جي حيثيت سان حڪمراني ڪندي ڏسي رهيا آهيون، جيڪي ننڍن ننڍن صوبائي عملدارن کي حڪم ڏين ٿا. پاڪستان هر لحاظ کان پرشين طرز جي فوجي رياست بڻجي چڪو آهي، رڳو نالي بدلائڻ جي دير آهي. جيئن مون پهرين عرض ڪيو تہ ٽئين دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ پاڪستان وانگر جيڪي اولهہ جي طاقتن جي ڪالوني رهيا آهن، آزاد ٿيڻ کان پوءِ بہ انهن ئي قوتن جي ڪالوني بڻجي ويا آهن، جن تي اهي سڌو سنئون راج ڪري رهيا آهن. ماضيءَ ۾ حڪمرانن جي چونڊ پارليامينٽ ڪندي هئي ۽ سندن سنن توڙي خراب عملن جي ذميواري قبول ڪندي هئي. جڏهن تہ دنيا جا نوان سامراجي آقا ريموٽ ڪنٽرول ذريعي حڪومت هلائيندا آهن ۽ ڪنهن بہ قسم جي ذميواري قبولڻ لاءِ تيار ناهن، تنهنڪري اهڙن ملڪن تي نهايت خبرداريءَ سان چونڊ ڪري حڪمران مڙهيا ويندا آهن. انهن جي باري ۾ اهو ظاهر ڪيو ويندو آهي تہ اهي چونڊ عمل، فوجي انقلاب يا ٻين سازشن ذريعي حڪمران بڻجي ويا آهن.

اسان جي چوڌاري نظر ايندڙ اڪثر سياستدان، جرنيلن ۽ سندن ايجنسين جي

پيداوار آهن. جيستائين جرنيل ۽ سندن سياسي مخلوق غير ملڪي قوتن جي پنيرائيءَ سان عوام جي مٿان مڙهيل هوندا تيستائين حقيقي جمهوريت نه ٿي اچي سگهي ۽ نه ئي عوام کي ڪو فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو. محمد علي جناح ملڪ کي حقيقي قومي آزادي ۽ سول جمهوري حڪومت جي لبرل ۽ ترقي پسند واٽ تي هلايو هو. جيستائين اسين اها واٽ نه وٺنداسين، تيستائين نه ئي منزل تي پهچي سگهنداسين ۽ نه ئي موجوده مسئلن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهنداسين. هي اهو پاڪستان ناهي، جنهن جو خواب محمد علي جناح ڏٺو هو.

سوال هي آهي ته ڇا ڪروڙين پاڪستانين کي سندن مائرن ان لاءِ ڇٽيو هو ته اهي پنهنجون زندگيون جرنيلن جي ڏاڍ ۽ ڏمر هيٺ ڇڪجندي ۽ سُڏڪندي گذارين؟ هتي هڪ جرنيل اوچتو انقلاب آڻي اقتدار تي قبضو ڪري ورتو آهي، جنهن سمورن حق کسيندڙ آمرن جي آزمايل تاريخي سبب، يعني نظريءَ ضرورت جو سهارو ورتو آهي. اهو جرنيل صاحب، عدالت کان حق کسڻ جي عمل جي اجازت وٺي ٿو. ملڪ جي آئين کي ويسر جي غار ۾ اڇلائي ڇڏي ٿو. پنهنجا مقصد پورا ڪرڻ وارو عارضي آئين لاڳو ڪندي پنهنجو ڪم هلائي ٿو. ريفرينڊم جو ڪوڙو ناٽڪ کيڏي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح چونڊيل صدر بڻجي وڃي ٿو. ان کان پوءِ چونڊون ٽين ٽيون، جن ۾ سندس مرضيءَ موجب وَڌ ٽُڪ ڪئي وڃي ٿي. پوءِ هو گهربل نتيجا حاصل ڪري، هلڪيون ڦُلڪيون رعايتون ڏيئي، سازش ڪري ۽ ڏيتي ليتي شروع ڪري ٿو. ڇا اهو سلسلو ختم ٻه ٽيندو يا نه؟

سوال: اڇڪلهه حڪومت، اي- آر- ڊي ۽ ايم- ڪيو- ايم وچ ۾ جن مسئلن تي ڳالهيون هلي رهيون آهن، توهان جي خيال ۾ ڇا اهي اهميت واريون ناهن ؟

رسول بخش پليجو: نه، اهي نهايت ئي اهم مسئلا آهن. اسان جو مسئلو هي آهي ته پاڪستان هڪ ڪالوني آهي، جنهن تي فوج جي ذريعي حڪمراني ڪئي پيئي وڃي ۽ فوج سياستدان تخليق ڪري رهي آهي.

سوال: جيئن ته سياسي پارٽيون ايتري قدر غير منظم آهن، ته پوءِ عوامي دٻاءُ ڪيئن جُڙندو؟ توهان جي پارٽي ٻه منظم ناهي. ان جو مطلب هي ٿيو ته سياسي پارٽين جون پاڙون عوام ۾ موجود ناهن ؟

رسول بخش پليجو: ملڪ ۾ اهڙا ڪيترائي فرد ۽ گروپ موجود آهن ۽ هجڻ گهرجن، جيڪي عام رواجي سياست جي گنل پينل رستي تي هلڻ پسند نه ڪن، جيڪڏهن انهن معاملن تي تڏيءَ دل سان سوچ وبچار ڪن ته ان نتيجي تي پهچندا ته نالي ماتر جمهوريت ۽ حالتن کي جيئن جو تيئن رکڻ واري سياست سان صورتحال ۾ ڪابه مثبت تبديلي نه ٿي اچي سگهي. صرف حوصلي سان ۽ لڳاتار ۽ پرامن جمهوري جدوجهد سان ئي اهڙيون حالتون پيدا ڪري سگهجن ٿيون، جن ذريعي بنيادي ۽ جڏار تبديليون آڻي سگهجن ٿيون.

عوامي تحريڪ گذريل 30 سالن کان ان رخ ۾ ڪم ڪري رهي آهي. اها ملڪ ۾ هلندڙ هر عوام دوست جمهوري جدوجهد ۾ عام طرح ۽ صوبي سنڌ ۾ خاص طرح هر اول دستي طور شامل رهي آهي. اڄڪلهه اسان ستن ٻين پارٽين جي گڏپ سان گريٽر ٽل ڪئنال پراجيڪٽ جي خلاف آواز اٺاري رهيا آهيون. اسان حڪمران پارٽين، جن ۾ (ق) ليگ ۽ ايم- ڪيو- ايم پڻ شامل آهي، انهن سميت سمورين پارٽين کي ان جدوجهد ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني آهي. اسان جو سڄي ملڪ ۾ دوستن سان رابطو آهي. تازو ئي عابد حسن منٽو ۽ ٻين ڪيترن ئي دوستن سان ڳالهيون ٿيون آهن. اميد آهي ته جمهوري عمل لاءِ اسان جي هيءَ جدوجهد تمام جلد ڪاميابي ماڻيندي.

سوال: توهان جي خيال ۾، ڇا 1973ع وارو آئين ايجان ۽ ڪارائتو ۽ اثر رکندڙ آهي؟

رسول بخش پليجو: سچي ڳالهه هيءَ آهي ته 1971ع کان پوءِ پاڪستان پنهنجي وفاقي حيثيت وڃائي چڪو آهي ۽ هاڻي ٻن صوبن طور ننڍين صوبن تي حاوي آهي. پارليامينٽ ۽ سينيٽ کي ڪو اختيار حاصل ناهي. پاڪستان جي نالي ماتر وفاقي حڪومت، رڳو نالي جي حد تائين آهي، عملي طرح سيني کان وڏي صوبي جي استيبلشمينٽ ملڪ تي حڪمراني ڪري رهي آهي. ٽن ننڍين صوبن سان اهڙو سلوڪ روا رکيو ويو آهي، جهڙوڪر اهي وڏي صوبي جون ڊويزنون هجن، انهن جي وسيلن کي بي رحميءَ سان ڦريو وڃي ٿو. آئين جي آرٽيڪل 6 موجب آئين ٽوڙيندڙن کي سزا ڏيئي سگهجي ٿي، پر اهو آرٽيڪل ڪڏهوڪو بي اثر ٻڌجي چڪو آهي، جنهن ڪري آئين ۾ مناسب ترميمن جي ضرورت آهي.

سوال: سياستدان ڪارو ڪاري ۽ قرآن سان شاديءَ جهڙين رسمن جي خاتمي ۽ تعليم جي واڌاري جي باري ۾ ڪوبه ٺا ڳالهائين، اهي رڳو حڪمراني حاصل ڪرڻ جون رٽائون جوڙين ٿا. ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

رسول بخش پليجو: آئون توهان جي ڳالهه سان سهمت آهيان ۽ عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ بيوس، لاچار ۽ بي پهچ عورتن جي لائسنس ورتل ظالماڻي قتل خلاف جدوجهد ڪري رهيون آهن، پر اسان وٽ ايترا وسيلا ڪونهن. جيڪڏهن ڪي اين- جي- اوز اسان جو ساٿ ڏين ته اميد آهي ته بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا.

سوال: اڄڪلهه توهان ماڻهن کي پاڻيءَ جي مسئلي تي پڙڪائي رهيا آهيو، ڇا توهان ان مسئلي جي سلسلي ۾ پنجاب سان ڳالهيون ڪرڻ پسند ڪندؤ؟

رسول بخش پليجو: ها، اسان تمام جلد ڳالهيون ڪنداسين. اسان صوبي پختونخواهه ۽ بلوچستان ۽ وينداسين. پنجاب ۾ پهراڙيءَ جا ماڻهو اسان کي چڱيءَ ريت سڃاڻن ٿا.

سوال: اهي ڪهڙا ٽي يا چار ڪم آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان موجوده

مسئلن تي ڪنٽرول حاصل ڪري سگھجي ٿو؟

رسول بخش پليجو: ٽل ڪئنال ۽ ڪالاباغ ڊيم اڏڻ واريون ڳالهيون ۽ سنڌي ماڻهن جي قرلٽ ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي ڏرتيءَ تان ميسارڻ وارا قدم کڻڻ بند ڪيا ويڻ، سياستدانن جي بي حرمتي نه ڪئي ويڻ، عدليا بابت مايوس ٿيڻ بند ڪيو ويڻ، فوج کي ضرورت کان وڌيڪ استعمال نه ڪيو ويڻ، ماڻهن جا اقتصادي وسيلا قرڻ بند ڪيا ويڻ، فوج کي ڪرپشن ۾ ملوث نه ڪيو ويڻ ۽ ڏوهاري قسم جي ماڻهن کي سياست ۾ اچڻ نه ڏنو ويڻ.

سوال: اڄڪلهه پاڪستان ۽ پارٽ وچ ۾ لاڳاپن کي بهتر بنائڻ جون ڳالهيون هلي رهيون آهن، ڇا ان سان ملڪي سياست ۾ ڪا بهتر تبديلي اچي سگهي ٿي؟

رسول بخش پليجو: منهنجو خيال آهي ته ائين ٿيندو. هندوستان ۾ صرف هڪ ئي نيشنلسٽ محمد علي جناح هو، جنهن کي هنن قتل ڪري ڇڏيو. پارٽ ڪڏهن به فراخدليءَ جو ثبوت ناهي ڏنو، ان جو ڪردار سدائين واڌيئي وارو رهيو آهي. مسلمانن جي خلاف انهن جي نفرت ختم نه ٿيندي، ان جي باوجود لاڳاپا دستور موجب ٽڏا رکڻ سان سياست تي سڌا اثر پوڻ جي اميد ڪري سگھجي ٿي.

اسان جا مذهبي اڳواڻ، دهلي ۽ لکنؤ ۾ هندوستانين سان ڳالهيون ڪندا ته پوءِ ماڻهن کي پڙڪائڻ لائق نه رهندا. اسان جي ٻولي ۽ ثقافت هڪ آهي. توهين انهن سان احمقن وانگر ۽ ظالماڻي انداز ۾ ڪيئن نفرت ڪري سگھو ٿا؟ ميل ميلاپ سان رواداريءَ ۾ واڌ ويجهه ٿيندي ۽ اهائي نهايت خوشي ڏيندڙ تبديلي هوندي.

هندوستان جي ورهاست گانڌي ۽ نهروءَ جو ڪارنامو هو، جناح مسلمانن جي تاريخ ۾ عظيم ترين شخصيت هو پاڪستان ٺاهڻ جي پهرين تجويز سنڌ ڏني- پاڻيءَ کي پنجاب ۾ بند ٻَڌڻ جا اسين مخالف آهيون

انٽرويو: سهيل وڙائچ/ هڪ ڏينهن جيئو سان گڏ 17 مئي 2004ع

[جناب رسول بخش پليجي جو هيءُ انٽرويو "هڪ ڏينهن جيئو سان گڏ" جي سلسلي ۾ ورتو ويو. جنهن ۾ سندس سياسي ۽ ذاتي زندگيءَ جي جهلڪ نظر اچي ٿي.]

سوال: توهان هيڏي ساري گهر ۾ اڪيلا رهو ٿا، ان جو کڻو سبب آهي؟

رسول بخش پليجو: منهنجي گهرواري هتي ڪونہ ٿي رهي، چاڪاڻ تہ آئون گهڻي قدر پارٽيءَ جي ڪمن ڪارن ۾ مصروف رهان ٿو. منهنجو گهر جنگشاهيءَ ۾ آهي، منهنجو ٻيو گهر ڪراچيءَ ۾ بہ آهي. هتي ئي ويجهو منهنجو پٽ ۽ منهنجي گهرواري رهندا آهن. هي گهر منهنجو سياسي هيڊ ڪوارٽر بہ آهي ۽ هتي منهنجي لائبريري بہ آهي.

سوال: ائين تہ ناهي تہ توهان کي اڪيلائيءَ ۾ مزو ٿو اچي؟

رسول بخش پليجو: بلڪل نہ. آئون تہ هر وقت هجوم ۾ رهان ٿو.

سوال: توهان جي سمهڻ واري ڪمري ۾ هر پاسي ڪتاب ئي ڪتاب پکڙيل آهن، تمام گهڻا ڪتاب پڙهندڙ اڪيلائي پسند هوندا آهن، ڇا توهان بہ؟

رسول بخش پليجو: آئون توهان جي ڳالهہ سان سهمت آهيان، پر آئون ڪن شين ۾ روايتي انٽيليڪچوئل ماڻهن کان ٿورو مختلف آهيان. آئون هڪ طرف توهان کي ٿورو کي گهڻو انٽيليڪچوئل نظر ايندس تہ ٻئي طرف توهان مون کي هڪ "ڪارڪن" وانگر ڏسندا. آئون راتين جو جاڳندو آهيان ۽ صبح جو ستين وڄي بستر و ڇڏي چڪو هوندو آهيان.

سوال: توهان پنجاهہ سالن کان وڪالت جي شعبي سان لاڳاپيل آهيو، ماضيءَ ۾ بہ ڪيترائي سياستدان ان شعبي سان لاڳاپيل رهيا آهن. وڪالت ۽ سياست ۾ ڪهڙي هڪجهڙائي آهي؟

رسول بخش پليجو: هڪ وڪيل گهڻي حد تائين ٻين جي ٻيٽ ۾ حڪمرانن کان گهٽ ڏڃندو آهي. وڪيل جي نفسيات هيءَ آهي تہ هو اڪيون ٻوٽي، جيئن جو

تيئن اٽارٽي ميڙ جو عادي نہ هوندو آهي.

سوال: توهان ماهوار کيترو کمائي ونندا آهيو؟

رسول بخش پليجو: وڏائچ صاحب! توهان اسان کي قيد ڪرائڻ چاهيو ٿا چا؟ انڪم ٽيڪس وارا جيڪڏهن سڀ ڪجهه کڻي وڃن تہ اسين توهان کي چانهه جي پيالي بہ پياري نہ سگهنداسين. بهرحال، گذارو ٿي وڃي ٿو.

سوال: کيترائي مخالف الزام لڳائيندا آهن تہ سنڌي عوامي تحريڪ ۽ سنڌي قومپرستن کي پارٽ کان امداد ملندي آهي، اهو الزام کيتري قدر درست آهي؟

رسول بخش پليجو: پارٽ چا پيو ڪري؟ ان کي ڪجهه نہ ڪجهه تہ گهرجي، پارٽ جي ايتري نيڪي ڪئي پيئي وڃي.

سوال: جيڪڏهن پارٽ امداد ڏئي تہ چا توهان ونندؤ؟

رسول بخش پليجو: امداد ملڻ جي هتي ڪا کوٽ آهي؟ جيڪڏهن هتي جيڪي وڏيرا وينا آهن، اهي گڏجي وڃن تہ پوءِ پارٽ وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ پاڪستان ۾ الله جي فضل ۽ ڪرم سان جيڪڏهن ڪو صاحب پنهنجي سياست وڪڻڻ چاهي تہ هتي بهترين مارڪيٽ موجود آهي.

(پردي پٺيان آواز): گهر کان روانگي- سنڌ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد پهتاسين. پليجي صاحب کي وقت مليو تہ بار روم ۾ دوستن سان گپ شپ ڪيائين. پليجي صاحب کي مطالعي سان تمام گهڻي دلچسپي آهي، نوان ڪتاب خريد ڪيائون. سنڌي لينگويج اٽارٽيءَ جي آفيس پهتاسين.

سوال: تاريخي حوالي سان توهان سنڌ جي پاڪستان کان عليحدگيءَ جي تحريڪ کي ڪهڙي نظر سان ڏسو ٿا؟

رسول بخش پليجو: پاڪستان ٺاهڻ ۾ ان ڳالهه کي بنيادي دخل هو تہ سنڌي ماڻهو سمجهندا هئا تہ کين حق ڪونہ پيا ملن، ان ڪري پاڪستان ٺاهڻ لاءِ پهريون پرپوزل سنڌ مان آيو. هاڻي جيڪا عليحدگيءَ جي ڳالهه آهي تہ ان جو بنياد ٻن ڳالهين رکيو. سنڌين کي پنهنجن حقن کان محروم رکيو ويو، پهريائين ڪراچي کسيو ويو، وري ون يونٽ مڙهيو ويو، پاڻي کسيو ويو. اها هڪ ڏگهي لسٽ آهي. وري استيبلشمينٽ پنهنجن ئي ماڻهن کان عليحدگيءَ جون ڳالهيون ڪرايون. انگريزيءَ ۾ هڪ چوٽي آهي تہ: "ڪتي کي بدنام ڪريو، پوءِ ان کي ڦاهيءَ تي ٽنگي چڏيو." سنڌ جي وڏي اڪثريت هتي جمهوريت ڏسڻ چاهي ٿي، وفاق کان حق چاهي ٿي. سنڌ جي وڏي اڪثريت، قائداعظم جنهن پاڪستان جو تصور پيش ڪيو هو، اهو پاڪستان چاهي ٿي.

سوال: ڪنهن زماني ۾ توهان قائداعظم کان تمام گهڻو متاثر هئا. تاريخي حوالي سان گانڌي ۽ جناح جي پيٽ ڪجي تہ توهان قائداعظم کي کهڙو مقام ڏينداً؟

رسول بخش پليجو: آئون گھٽو ڪري حمد ۽ ثنا جو قائل ناهيان. سڄو ڏينهن قائداعظم جا ڳُڻ ڳائڻ، ملڪ کي تباهه ڪرڻ، "قائداعظم زنده باد- اسلام زنده باد!" جا نعرا لڳائڻ.... ملڪ جي پيئنگ ڪري کائي پي ڇڏڻ جو آئون قائل ناهيان. آئون سمجهان ٿو ته محمد علي جناح مسلمانن جي تاريخي شخصيتن مان هڪ آهي. جيڪڏهن سندس مقام جيڏي پي ڪا شخصيت آهي ته اها آئون غازي صلاح الدين کي سمجهان ٿو. جيستائين گانڌي ۽ نهرو صاحب جي ڳالهه آهي ته انهن هندوستان کي اهڙيءَ ريت تباهه ڪيو جو مسلمان اقليت کي جاهل ۽ بيوقوف سمجهي، پاڻ کي فاتح لشڪر سمجهي، مسلمانن کي برابريءَ جا حق ڏيڻ کان نهايت چالاڪيءَ سان انڪار ڪيو، جيڪا سندن سياسي غلطي هئي.

(پردي پٺيان آواز): پاڻ پنهنجي پٽ ايياز پليجو جي گهر آيا.

ڊاڪٽر صنم (نُنهن): پليجو صاحب اڪثر اسان جي گهر ايندا رهندا آهن. سندن رويو تمام سٺو هوندو آهي. جيئن کي سخت رويو رکندڙ سهرا هوندا آهن، سندن رويو بلڪل به اهڙو ناهي هوندو. سدائين حوصلو ڏيارينداآهن، خاص ڪري منهنجي نهايت گهٽي حوصلي افزائي ڪندا آهن ته مون کي ٻاهر نڪرڻ گهرجي. ان کان سواءِ پاڻ عورتن جي آزادي ۽ سندن حقن لاءِ تمام گهٽو ڪم ڪري رهيا آهن.

ايياز پليجو (پٽ): ٻالڪپڻ ۾ جڏهن اسان جي دل چوندي هئي ته اسان "نونهال" پڙهون يا وري "ٻارن جي دنيا" جهڙا رسالا پڙهون، تڏهن اسان کي جدوجهد جي حوالي سان ڪهاڻيون پڙهايون ويون. ان کان سواءِ ٻالڪپڻ ۾ مون کي ابن صفي جي جاسوسي دنيا ۽ عمران سيريز پڙهڻ جو شوق هو. بابا چوندو هو ته اهي فضول شيون آهن. مون کي لکي پڙهڻو پوندو هو. مون کي وهنجڻ ۽ پاڻيءَ ۾ ٽُبيون هڻڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. بابا چوندو هو ته ٻنيهرن جو نه وجو، بلڪ اسڪول وجو يا فلاڻو ڪم ڪريو. انهن سيني شين اسان کي اڳتي وڌڻ ۾ تمام گهٽو فائدو ڏنو.

(پردي پٺيان آواز): ٻارن ثقافتي رقص ڪيو.

سوال: سياست کي تمام گهو سنجيده عمل سمجهيو وڃي ٿو، توهان جي سياسي پارٽيءَ ۾ ناچ ۽ گيت ڳائڻ پيا، ان جو ڪارڻ؟

رسول بخش پليجو: موسيقي، فن، آرٽ انساني تهذيب جا بنياد آهن. اڄ جي عالمي جدوجهد دنيا کي بدلائڻ لاءِ آهي، ان ۾ ان فن، ان رس، ان تهذيبي حصي کي بنيادي، اهم ۽ فعال ڪردار ادا ڪرڻو پئجي رهيو آهي. توهان سڄي تاريخ ۾ جتي به وجو، توهان هندوستان جي تاريخ کي ڏسو، آزاديءَ جي جدوجهد هئي، ويتنام کي ڏسو، روس کي ڏسو، اوپر ايشيا کي ڏسو، سڄي جهان کي ڏسو، موسيقي، شاعري، آرٽ، ادب ۽ فن کان سواءِ هيءَ دنيا ان ريت ڪاميابيون حاصل ڪري نه سگهي آهي، جهڙيءَ ريت هاڻي حاصل ڪري رهي آهي.

سوال: اسلام ۾ ناچ گاني جي اجازت آهي؟

رسول بخش پليجو: ڏسو، آئون ڪو مفتي ناهيان. زمانا تبديل ٿيندا آهن. جهاد جي سلسلي ۾ سڄي دنيا ڇاٽي ٿي. جيڪي قومون پاڻ کي خدا جون نمائنده سمجهن، ڏرتيءَ جون نمائنده سمجهن، ديوتائن جون نمائنده سمجهن، جيڪي وٽين سو سمجهن، جيڪڏهن وقت ۽ دؤر (زماني) جو احترام نه ڪندیون، انسان کي سڃاڻ ڪرڻ لاءِ سڀ کان بهترين ۽ طاقتور وسيلا استعمال ڪرڻ کان انڪار ڪندیون، اهي قومون پنڌتي رهجي ويندیون.

(پردي پٺيان آواز): سنڌو درياهه جي ڪپ تي واقع دڙي مياڻ ڳوٺ پهتاسين. پليجي صاحب وانا آپريشن ۾ شهيد فوجي جي وارثن سان عذر خواهي ڪئي. حيدرآباد جي تاريخي نالي نيرون ڪوٽ جي ياد ۾ قائم ڪيل هوٽل تي آياسين.

سوال: پنجاب جي تمام گهڻن ماڻهن جو خيال آهي ته ڪالاباغ ڊيم نهڙ سان سندن صوبي ۽ ٻين صوبن کي فائدو ٿيندو. توهان ان جي مخالفت ڇو ٿا ڪريو؟

رسول بخش پليجو: پاڻيءَ کي پنجاب ۾ بند ڏئي روڪڻ ۽ سنڌ لاءِ پاڻيءَ کي روانو ڪرڻ ۾ جيڪي وچ ۾ رڪاوٽون پيش ايندیون، اسين انهن جا مخالف آهيون. توهان ڇاڪو ٿا ته سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون پيرو اتي جي ڪوٽ ٿي آهي. سنڌ ۾ ماڻهو فاقا ڪاٽي رهيا آهن، اتو ڪونهي. سکر ۾ پيئڻ جو پاڻي ڪونهي، ڪراچيءَ ۾ ڪونهي، حيدرآباد ۾ ڪونهي.

(پردي پٺيان آواز): پليجي صاحب، ابرار قاضيءَ جي رات واري ڪاڏي/ ڊنر ۾ شرڪت ڪئي.

سوال: توهان کي ڪاڏي جي ذائقي جي خبر ڪانه ٿي پوي، توهين گرميءَ ۾ به سوئيٽر پائيندا آهيو، توهين ايترا مختلف ڇو آهيو؟

رسول بخش پليجو: بلڪل آئون مختلف آهيان. هر ماڻهو، ٻئي ماڻهوءَ کان مختلف آهي. ڪاڏي جي سڃاڻپ ان ڪري ناهي جو مون ننڊپڻ ۾ ايترا مختلف ڪاڏا ڪونه ڪاڏا آهن. اسين نهايت غريب هئاسين. گرميءَ ۾ سوئيٽر ان ڪري پائيندو آهيان جو آئون ڏهه سال جيل ۾ هوس، اتي علاج جي سهولت ڪانه هئي. منهنجي خيال ۾ ان وقت ڊاڪٽر مون کي ٻڌايو هو ته شايد مون کي ٽرائڊ هائيپو ٿراڊازم جي بيماري هئي، جنهن ڪري ٿڌ مون تي تمام گهڻو اثر ڪندي آهي.

سوال: ائين پيو پائنجي ته اڌ صدي گذرڻ باوجود قومپرست، سنڌي عوام جي نبض ڇولي نه سگهيا آهن ۽ اهي ايجان تائين ڪا خاص ڪاميابي حاصل ناهن ڪري سگهيا. توهان جي خيال ۾ ان جا ڪهڙا سبب آهن؟

رسول بخش پليجو: قومپرست ڪامياب ناهن ٿيا ته پلا جمهوريت پسند ڪيترا ڪامياب ٿيا آهن؟ جيڪڏهن جمهوريت پسند نه سهي ته دين پرست، ڏرم پرست ڪيترا ڪامياب ٿيا آهن پنهنجي ملڪ جي عوام جي تقدير بدلائڻ ۾؟ اها ساڃي ڳالهه آهي جيئن هاڻيءَ جا ڏند ڪائڻ جا هڪڙا ته ڏيکارڻ جا ٻيا هوندا آهن. اسان

جھڙن ملڪن ۾ گھٽي قدر سياست ڏيکاءِ ۾ دوکيبازي هوندي آهي، جتي مذهب کي به استعمال ڪيو ويندو آهي، قومپرستيءَ کي به، انقلاب کي به، هر شيءِ کي سامراج ۽ عوام دشمن قوتون پنهنجا ناپاڪ ارادا ۽ ناپاڪ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪنديون آهن.

سوال: توهان ڪيترن ئي سياسي اتحادن ۾ رهيا، پر هر ڀيري ناراض ٿي اتحاد ڇڏيندا رهيا. پوئم ڪان ڌار ڇو ٿيا؟

رسول بخش پليجو: ٽئين دنيا جي ملڪن ۾، اسان وٽ حالتون اهڙيون آهن جو توهان کي گاڏيءَ ۾ ويهاريو ويندو ۽ هڪ ڇڪر ڏياري توهان کي آبائوت ٽرن ڪرائيندا. جيڪڏهن اهڙي حالت ۾ توهين گاڏيءَ تان نه لهندا ته You are completely destroyed. (توهين مڪمل طرح تباهه ٿي ويندا.) جيستائين اسين پاڻ کي محفوظ سمجهندا آهيون، اڳتي وڌندا آهيون، پر جڏهن ڏسندا آهيون ته هتي منزل جي ڀالهه ئي ڪونه ٿئي، هتي ته رڳو گاڏي هلندي رهي ٿي، ته اسين ان گاڏيءَ مان لهي پوندا آهيون ۽ پوءِ اها گاڏي ڇڏڻي پوندي آهي. پوئم جي تمام گھڻن نظرياتي نقطن سان آئون اڄ به متفق آهيان. هتي آئيني اسيمبلي هجڻ گهرجي، هتي وفاق نه، پر هيءَ شيءِ هجڻ گهرجي، آئيني ترميمون ٿيڻ گهرجن، پر عملي طرح سنڌ جي مسئلن جي سلسلي ۾ هنن اسان سان ڪوبه عملي سهڪار نه ڪيو.

سوال: توهان هميشه امن ۽ پائيچاري جي ڀالهه ڪندا آهيو، پر مهاجرن خلاف توهان جو رويو نفرت جي زمري ۾ نه ٿو اچي؟

رسول بخش پليجو: مهاجر مان مراد جيڪڏهن اردو ڀالهائيڻ وارا آهن، ته اسان جا پهريان استاد اردو ڀالهائيندڙ هئا. اهو بلڪل غلط آهي، بي بنياد الزام آهي ته آئون انهن کان نفرت ڪريان ٿو. جڏهن ته آئون انهن سان تمام گھڻي محبت ڪندو آهيان.

سوال: توهان پنهنجي فلسفياڻي زندگيءَ ۾ هر معاملي تي روشن خيال آهيو، پر ٻئي طرف توهان روايتي سنڌي جاگيردارن وانگر چار شاديون ڪيون. ڇا اها ڀالهه توهان ۾ شخصي تضاد ناهي؟

رسول بخش پليجو: اها ڪنهن طبقي جي ڀالهه ناهي، البت مون کي اهو شرف حاصل آهي ته آئون ڇئن عورتن سان سماجي بنڌڻ ۾ بڌل آهيان. آئون بنيادي طرح هڪ شاديءَ جو حامي آهيان، پر ماڻهوءَ جون حالتون سدائين سندس وس ۾ ناهن هونديون.

سوال: دنيا جي خوبصورت ترين عورت ڪٿي ڏٺي؟

رسول بخش پليجو: اهو ائين آهي جيئن توهان ڪڪرن کي پنهنجي مُٺ ۾ بند ڪريو. هزارين عورتون آهن، خوبصورت آهن، فلمن ۾ آهن، روزمره جي ڪمن ڪارن ۾ نظر اچن ٿيون، فقيرياڻيون آهن. حقيقت هيءَ آهي ته توهان جي دل ۾ ڪيترو حسن آهي، اهو به ان تي اثر انداز ٿيندو آهي.

وڏن قومي اشوز تي عوام اسان سان گڏ آهي،
ان کري اسان جا احتجاج کامياب ٿين ٿا.
خيالن ۾ تصورن جو تبديل ٿيڻ ضروري آهي دنيا ۾
نوان خواب، نوان ماڻهو ۽ نوان موڙ ايندا.

ملاقات: نعيم ابرار / اخبارِ جهان آگست 2004ع

[عوامي تحريڪ جو رسول بخش پليجو اسان جي ملڪ ۾ مختلف انداز جو سياستدان آهي. ڪيس منفرد ۽ الڳ ٽلڳ چئي سگهجي ٿو. هن ننڍپڻ کان پنهنجي ڳوٺ کان ئي پاڻ تي ۽ پنهنجي ڳوٺ وارن تي زيادتي خلاف عملي احتجاج سان سياست جي شروعات ڪئي. هو پاڻ ان کي پنهنجي فطرت ثانيہ سڏي ٿو. هو پاڻ کي قوم پرست سياستدان نٿو سمجهي. سندس چوڻ آهي تہ "قوم پرست سياست نالي جي ڪا شيءِ آهي ئي ڪانہ. ڪابہ سياست صرف ان بنياد تي قومي ڌارا جي سياست نٿي ٿي وڃي تہ اها پوري پاڪستان ۾ ڪئي وڃي ٿي. جيڪڏهن ڪابہ سياست سڄي قوم جي پلائيءَ لاءِ آهي تہ اها قومي آهي، پر جيڪڏهن چند مفاد پرست گروهن لاءِ آهي تہ اها قومي سياست نہ آهي، پر آئون اصطلاحن جي چڪر ۾ نہ ٿو پوان. آئون سنڌ جي سياست ڪريان ٿو، پر بنگالين، بلوچن ۽ پختونن جي خلاف جيڪي ڪجهہ ٿيو، مون ان جي سخت مخالفت ڪئي. پنجابي زبان جي معاملي ۾ مون پنجابين جو ساٿ ڏنو تہ هن زبان کي ترقي ناهي ملي. جڏهن تہ آئون ڏهني طرح اردو وارن کان متاثر رهيو آهيان ۽ منهنجي ذهني اوسر جو سرچشمو اردو ڳالهائڻ وارا آهن. مان قومي سياست ان کي چوندو آهيان تہ جتي بہ ۽ جنهن تي بہ ظلم ٿئي، ان ظلم خلاف احتجاج ڪيو وڃي. قوم پرستيءَ جو مطلب تہ ٿيو "پوڄا" يعني جنهن جي تعريف ڪيل هجي پوءِ چاهي اهو غلط ئي چو نہ هجي، توهان ان جي حمايت ڪريو ۽ هٽلر وانگر ٿي وڃو."

پليجي صاحب جو چوڻ آهي تہ سندس سياست عالمي سطح جي سياست آهي. ان جو فوڪس ڪو هڪ ٿي سگهي ٿو. مثال طور آئون گذريل ڏينهن ۾ سڄي دنيا ۾ جتي بہ ڪانفرنسز ۾ ويو آهيان، مون فلسطين ۽ هاٽي عراق کي سڀ کان وڌيڪ فوڪس ڪيو آهي، مون آمريڪا ۽ برطانيا ۾ هي بحث ڪيا آهن تہ سڀ کان وڏا بنياد پرست تہ آمريڪي آهن. آمريڪا تہ هندستان ۾ بہ بنياد پرست پيدا ڪري ڇڏيا آهن. گجرات ۾ جيڪي ڪجهہ ٿئي پيو، ان کي آمريڪا نيشنلزم جي سياست چوي پيو. خود هندستان وارا ان کي هندوتوا سڏين ٿا. بش جي انتهائي سخت انتها پسند مذهبي سياست کي آمريڪي

سياست سڌين ٿا پر پاڪستان ۾ جيڪي ڪجھ ٿئي پيو، ان کي اسلامي انتھا پسند سياست چئي چڌيندا آھن. ھيءَ صرف لفظن جي راند آھي. آئون پاڻ قومپرست سياستدان سڏائڻ پسند نہ ڪندو آھيان. منھنجي سياست عوام جي سياست آھي، جنھن جو دائرو پورو ملڪ ۾ پوري دنيا جو عوام آھي، پر اسان وٽ ايترا وسيلا نہ آھن جو آئون آمريڪا ۾ ويھي سياست ڪريان. سُڌ سماءَ جي ذريعن مون کي قومپرست مشھور ڪري چڌيو آھي. منھنجي پنھنجي لاءِ اھڙي قسم جي راءِ ناھي.

پليجي صاحب چيو تہ آئون پاڪستاني عوام کي چوڻ چاھيان ٿو تہ ھي جيڪو ماڻھو سندن جي ڏکن دردن کي ختم ڪرڻ جي ڳالھ ڪري ٿو، سو تنگ نظر نہ آھي. پنجاب يا اردو ڳالھائيندڙن کان نفرت نہ ٿو ڪري. اھا رڳو پروپئگنڈا آھي. اسان سيئي ھوليون ڳالھائيندڙن سان بي پناھ محبت ڪريون ٿا. مان جيڪڏھن رڳو سنڌي ٿي وڃان تہ سڄي دنيا ۾ اڪيلو ٿي ويندس. اسان ھڪ ئي خاندان جا آھيون. ھڪ ٻئي جي ڏکن ڏولاون کي محسوس ڪرڻ وارا آھيون.

بڑا ہے درد کا رشتہ، یہ دل غریب سہی
تمہاری نام پہ آئیں گے غمگسار چلے۔

اسان سيني کي ھڪ ٻئي جو سھڪار گھربل آھي، دوستيءَ جي ضرورت آھي، متحد ٿيڻ گھرجي، ھڪٻئي کي سمجھڻ گھرجي، زبردست پرامن جمھوري جدوجھد لاءِ صف بندي ڪرڻ گھرجي، تہ جيئن پاڪستان، سامراج کان آزاد ٿي سگھي، جمھوريت حاصل ڪري سگھي ۽ صحيح معنيٰ ۾ وفاق ٿي سگھي، ون يونٽ ختم ٿي وڃي ۽ فوج کي اقتدار حاصل ڪرڻ جي تڪليف نہ ڪرڻي پوي. ھن چيو تہ ڪراچي جو عوام اسان سان ملي وڃي ۽ اسان انھن سان ملي وڃون تہ سنڌ، پاڪستان ۽ ھن علاقي جي حالت ۾ نقشو تبديل ڪري چڌيناسين. صلاحيتون، ھٿ ۽ ذھن وڏي پوندا ۽ اسان سڀ ڪم ڪري سگھنداسين.]

سوال: پر توھان جي سياست يا طرزِ عمل تہ اھو ٻڌائي ٿو تہ توھان صرف سنڌ جي حقن جي ڳالھ ڪندا آھيو.

جواب: مان سنڌو ديش جي حق ۾ نہ ھئس تہ جي ايم سيد چوندو ھو تہ ھي سنڌ دشمن آھي. مون کي آمريڪي ايجنٽ چيو ويندو ھو، پوءِ پٽي جو ايجنٽ بہ بڻائي چڌيائون (ڪلندي) ھن وقت منھنجي تازہ ترين حيثيت ڪھڑي آھي، سا مون کي خبر ڪانھي، پر منھنجي ڪا نہ ڪا تہ پوزيشن ضرور آھي. آئون ڪنھن نسل ۽ ٻولي ڳالھائيندڙ گروھ جي خلاف نہ آھيان. آئون نھايت وسيع الخيال ماڻھو آھيان. جيڪڏھن ڪوبہ منھنجي ڳوٽ، مُنگر خان پليجو تي ظلم ڪندو تہ آئون ان جي خلاف آواز اٺاريندس. ھاڻي جيڪڏھن ڪو چوي تہ تون پليجو نوازي پيو ڪرين تہ آئون چوندس تہ جيڪڏھن پليجن تي ظلم ٿيو تہ آئون پليجو نواز ٿي ويندس. لنڊن ۾ مون کي چيو ويو تہ مسلمان نواز آھين. مون چيو تہ آئون ڪيترو مسلمان آھيان، اھو يا تہ الله تعالىٰ ڄاڻي ٿو يا آئون پاڻ ڄاڻان ٿو. پر مسلمان ٿيڻ ڪائي برائي يا

گناھ ناھي. ھا، ڪروڙين انسانن کي مسلمان ڇئي انھن جي سيني وسيلن تي قبضو ڪيو وڃي تہ پوءِ انھن جي طرفداريءَ لاءِ ضرور ڳالھائيندس. ان ڳالھ جي ڪري مون تي ملان جو ليبل نٿو لڳائي سگھجي يا مان ملان عمر جو چيلو ٿي پيس؟ منھنجي چوڻ جو مقصد آھي تہ سنڌ لاءِ يا سنڌ پاران ڳالھائڻ جو مطلب سنڌو ديش ناھڻ يا ڪفر ڪرڻ ناھي. منھنجي چوڻ جو مطلب ھي آھي تہ سنڌ ۾ پاڪستان ۾ جيستائين ھندو ڪنڌ مٿي کڻي نہ سگھندو تيستائين اھا اسان سيني تي لعنت ۽ اسان لاءِ شرم جھڙي ڳالھ ھوندي تہ اسان جي پائرن جا ڪنڌ ھيٺ آھن ۽ اسين آڪڙ ڪيو پيا ھلون. جڏھن سنڌ ۾ مندرن تي حملا ٿيا تہ اسان اتي وڃي وڙھياسون. اسان کي چيو ويو تہ توھان ڪافر آھيو، اسان چيو تہ اسان توھان جي حساب ۾ پھرئين ڏينھن کان ئي ڪافر آھيون. جيڪڏھن توھان مندرن تي حملا ڪندؤ تہ اسان وڙھنداسون. اڪيلن پنجابين تي حملا ڪندؤ تہ اسان وڙھنداسون. اڪيلن ۽ ڪمزور اردو ڳالھائيندڙ سان وڙھندؤ تہ اسان مقابلو ڪنداسون. ان تان جيڪڏھن ڪير چوي تہ توھان پنجابين جا ايجنٽ آھيو تہ مون کي خوشي ٿيندي. آئون سڀن پنجابين جو، بابا بلي شاھ، بابا فريد، سلطان باھو ۽ گرو نانڪ جي سرزمين جي سڀن ماڻھن جو ايجنٽ ٿي سگھان تہ ان کان وڌيڪ ٻي ڪھڙي سعادت ٿيندي. ھڪ سنڌي نوجوان مون کان پڇيو تہ توھان اتر سنڌ وارن جي خلاف ڇو آھيو؟ مون جواب ڏنو تہ آئون رڳو اتر سنڌ وارن جي خلاف نہ آھيان پر انھن کي ڳڙڪائيندو آھيان، نيرن ۾ ٻہ، مانجھاندي ۾ ٽي ۽ ھاڻي تون مون کي مليو آھين تہ ھل تہ توکي ڪائي ناشتو ڪريان. ڪوئي چوندو آھي تہ آئون اردو ڳالھائيندڙن جو دشمن آھيان. آئون ڪنھن جي ٻہ ترديد نہ ڪندو آھيان.

سوال: پر توھان تي *تعصبي* رويي جو الزام تہ آھي.

جواب: آئون ان جي ٻہ ترديد نہ ڪندس. آئون چوندو آھيان تہ سنڌ سان زيادتي ڪرڻ خلاف ڳالھائڻ تعصب آھي تہ پوءِ آئون متعصب آھيان. اسان وٽ جيترو ٻہ عقل آھي، ان آڌار تي جيڪو صحيح سمجھندا آھيون ڪندا آھيون. منھنجي خلاف ڪنھن ٻہ دليل کان ڪم نہ ورتو ويندو آھي. سُڌ سماءَ جي ذريعن وسيلي جيڪو دل ۾ ايندو اٽن چئي ڏيندا آھن. طعنہ خوري ڪئي ويندي آھي. ھاڻي وقت اچي ويو آھي، عوام اسان سان گڏ آھي ۽ سُڌ سماءَ جا ذريعا ھنن سان گڏ آھن.

سوال: پر ڪير تہ آھي جنھن جي خلاف توھان آھيو ۽ جيڪو استحصال ڪري ٿو، اھو ڪير آھي؟

جواب: استحصال ڪرڻ وارو وقت جو سامراج ھوندو آھي. انگريز آيو تہ انھن راجائن ۽ نوابن کي برقرار رکيو. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ سردار ۽ وڏيرا ۽ پنجاب ۾ چوڌرين کي ھٿي ڏنائون ۽ مڊل ڪلاس پيدا ڪيائون. بلوچستان کي غير علاققو بڻايو ويو تہ جيئن مسلمان باشعور نہ ٿين. مسلمانن کي جاگيرداري، سرمائيداري ۽

مذهب جي غلط سلط تشريحن ۾ لڳايو ويو ۽ استحصال ڪندڙ طبقو پيدا ٿيو ۽ پوءِ جيڪا بالادست قوميت هوندي آهي، ان جو مٿيون طبقو استحصال ڪندو آهي. مظلوم قومن اندر جيڪو مٿيون طبقو هوندو آهي، اهو انهن سان ملي ويندو آهي ۽ پوءِ پنڌتي پيل طبقو جيڪو انهن جي پويان هوندو آهي، سو لاشعوري طور تي انهن سان ملي ويندو آهي.

سوال: مڊل ڪلاس جي ڳالهه ڪئي آهي.

جواب: اهو ته تمام خطرناڪ طبقو آهي. فقط هڪ طبقو قرار ڏيڻ سان ان جي سماجي ڪارڪردگي جو تعين نه ٿيندو.

سوال: پر توهان چوندا آهيو ته قرلٽ پنجاب ٿو ڪري.

جواب: آئون لفظ "پنجاب" استعمال نه ڪندو آهيان پر انهن جي حڪمران طبقي تي الزام ڏيندو آهيان. پنجاب پنهنجو پاڻ ناهي ٿيو. انگريز ان کي استعمال ڪيو. اردو ڳالهائيندڙن لياقت علي خان جي دؤر کان وٺي پنجاب سان ملي پاڪستان جي خلاف اتحاد ڪري ڇڏيائون. پنجابي حڪمران طبقو پاڪستان ناهڻ جي جدوجهد ۾ هئو ئي ڪونه. ان تي الزام ڪهڙو ڏيون؟

سوال: توهان پاڻيءَ جي لاءِ تحريڪ هلائي رهيا آهيو. ڪالاباغ ڊيم ۽ ٽل ڪئنال خلاف مهم ۾ ڇا عوام توهان سان گڏ آهي؟

جواب: اسان جي ملڪ ۾ سياسي جماعتون مافيا ۽ فراڊ آهن. عوام ان ڳالهه کي سمجهي ويو آهي. هاڻي ميدان تيار آهي، جتان کان علاقائي جمهوري تحريڪ جو ڏانچو ٺهندو. هاڻي اوهان ڏسو ته پاڻيءَ جي لاءِ جيڪا تحريڪ هلي آهي، ان ۾ مافيا جماعتن سان گڏ ماڻهو نه ٿا هلن، اسان سان گڏ هلن ٿا. وڏن وڏن اشوز تي ماڻهو اسان سان گڏ هلن ٿا. ووٽ مافيا کي ڏيندا آهن. آئون ووٽ وٺڻ کي اهميت نه ڏيندو آهيان. جڏهن پٽي صاحب لاءِ سياست ۾ "آوي ئي آوي" جا نعرا لڳا ته آئون سمجهي ويو هئس ته معاملو ختم ٿي رهيو آهي. ميان اقتدار ۾ اچڻ جي ايتري تڪڙ ڇو آهي؟ عوام جو اعتماد حاصل ڪرڻ لاءِ تڪليف جو دؤر برداشت ڪرڻو پوي ٿو ته جيئن ماڻهن کي تبديل ڪيو وڃي. هاڻي هتي نئون ماڻهو پيدا ٿي رهيو آهي. مثال طور آئون گذريل ڏينهن ۾ لاهور ويس ته هڪ ڊرائيور مون کي سمجهائي رهيو هو ته مانيون ڏهه آهن، نَو ڪائي ٿا وڃن جرنيل ۽ باقي هڪ تي اسان سپ وڙهون پيا.

سوال: ڇا توهان ان کي ڪنهن تبديليءَ جي نشاني سمجهو ٿا؟

جواب: آئون سمجهان ٿو ته هاڻي عوامي تحريڪ اٽٽر آهي. اها شروع ٿيندي. هاڻي ڪوڙ ۽ فراڊ ختم ٿيڻ وارو آهي ۽ نئين قسم جي سياست شروع ٿيندي، جيڪا اسان شروع ڪان ئي ڪري رهيا آهيون.

سوال: ڪٿي ڪري رهيا آهيو؟

جواب: توهان اسان سان گڏ هلو. سڄي سنڌ ۾ عوام کي ڏسو. عورتن ۽ ٻارن سان

ڪچهريون ڪريو. توهان کي نئون انسان ملندو. سنڌ سڄي ملڪ ۾ سياسي لحاظ کان سڀني کان وڌيڪ ترقي يافته آهي ۽ اهو ڪم اسان جي پارٽيءَ ڪيو آهي. اسان سندن گهر وڃي ٻارن، ٻڍن ۽ عورتن کي پڙهائيندا آهيون. جنهن حد تائين اسان جا وسيلا آهن، اسان اهو ڪم ڪندا آهيون. اسان وٽ وسيلا هجن ها ته توهان اسان جا لکين ماڻهو ڪراچيءَ ۾ ڏسو ها. مافيا جماعتن وٽ وسيلا گهٽا آهن ۽ ماڻهو ڪونہ آهن. اسان وٽ ماڻهو گهٽا آهن.

سوال: توهان چوندا آهيون ته پاڪستان تي آمريڪا حڪمران آهي، اهوئي سڀ ڪجهہ ڪرائي ٿو. جڏهن ته هاڻي سڄي دنيا ۾ آمريڪا ئي سڀ ڪجهہ ڪرائي رهيو آهي.

جواب: هندستان ۾ انگريزن سڀني رياستن، صوبن ۽ نسلي گروهن جي ماڻهن کي ڦريو، انهن تي هڪ جيترا ظلم ڪيا. جيڪي ماڻهو هڪ ٻئي لاءِ اجنبي ۽ لاتعلق هئا، اهي انگريزن جي ان رويي جي ڪري متحد ٿي ويا. انگريزن سڀني کي احساس ڏياريو ته توهان سڀني جو گڏيل دشمن آئون آهيان. آمريڪا به ساڳيو ئي ڪم ڪري رهيو آهي. مغرور ۽ آڪڙبازي ڪرڻ وارا تعصبي، پنهنجي خلاف ماڻهن کي سگهو ئي متحد ڪري ڇڏيندا آهن. "جليان والا باغ" جي واقعي هندستان کي متحد ڪري ڇڏيو. آمريڪا کي وڌيڪ حدون اورانگهڻ (Over Extension) ۾ سندس ڳچي ڦاسي آهي. هٽلر به حدون اورانگهي ويو هو. آمريڪا به فوجي ۽ سياسي لحاظ کان حدون اورانگهي چڪو آهي. ٻئي طرف عام آمريڪي ايترا ته روشن ۽ آزاد خيال آهن جو اهي وائٽ هائوس جي جنگ وڙهڻ ئي نٿا چاهين. آمريڪي پريس پنهنجي حڪومتي پاليسي کي تمام بهتر نموني اگهاڙو ڪيو آهي. برطانيا وارا ائين نٿي ڪري سگهيا، جيڪو آمريڪي سُڌ سماءَ جي ادارن ۽ عوام سڄي سسٽم کي چٽو ڪرڻ جو ڪم ڪيو آهي.

سوال: سُڌ سماءَ جي ادارن جي رپورٽن يا ڪجهہ آمريڪين جي احتجاج سان آمريڪا جي پاليسين تي ڪوبہ اثر نٿو پوي.

جواب: ڦهريان آمريڪا ماڻهن کي چوندو هو ته توهان ڪميونسٽ آهيو. سوويت يونين سان گڏ ڇو آهيو. هو فرانس، جرمني ۽ سڀني کي چوندو هو ته ميان اسان ڪميونسٽن جي خلاف وڙهي رهيا آهيون، اسان سان گڏ ٿيو. بلي شاهہ چيو هو:

ٻلا هويا ميرا چرخہ ٽوٽيا
ميري جند عذاب تون چٽي

سوويت يونين جو عذر ته ختم ٿي ويو. هاڻي آمريڪا عالمي طوفان جي گهيري ۾ آهي. هاڻي سوويت يونين نہ آهي. هاڻي ان کي دشمن ايجاد ڪرڻو آهي. ان صدام ايجاد ڪيو. اتان کان هٿيار نہ مليا. آمريڪا جي سڀ کان وڏي مصيبت اها هوندي آهي ته هن کي ان جي مقابلي جهڙو دشمن نٿو ملي. هاڻي هڪ عالمي انقلاب اچي

رهيو آهي. سوويت يونين جو ڀانو ختم ٿيڻ کان پوءِ هو اگهاڙو ٿي پيو آهي. طبقاتي جنگ تہ آمريڪا ۾ هاڻي شروع ٿي آهي. حقيقت ۾ سامراج خلاف جنگ هن دؤر ۾ شروع ٿي آهي. ايڪويهين صديءَ ۾ جنگ جو سپ کان وڏو مرڪز لاطيني آمريڪا آهي جيڪو ان جو اڳڻ آهي. هتي ننڍيون ننڍيون رياستون بغاوتون ڪري رهيون آهن ۽ آمريڪي مخالف جذبا سپ کان وڌيڪ شديد ۽ گهرا ٿي رهيا آهن. ان کان پوءِ يورپ ۾ ۽ تنهن کانپوءِ مسلم دنيا ۾ جتي سندس هٿ ٺوکيون حڪومتون هيون، انهن سيني ۾ هن لاءِ مخالف جذبا موجود آهن.

سوال: اسلامي ملڪن ۾ جيڪو بنياد پرستيءَ جو رجحان پيو آهي، ڇا اهو حقيقت ۾ آمريڪا مخالف آهي؟

جواب: اسلامي بنياد پرستيءَ جي ظاهري نعرن تي نہ وڃو. ان جي تري تائين جيڪي عوامي جذبا آهن، جيڪي سامراج جي خلاف آهن. مسلمانن جا وسيلا سامراج کائي رهيو آهي. آمريڪا مسلمانن جا وسيلا ختم ڪري رهيو آهي. آمريڪا پنهنجو تيل نہ ڪڍي رهيو آهي. جڏهن مسلمانن جا وسيلا ختم ٿي ويندا تہ پوري دنيا کي بليڪ ميل ڪندو. وچ اوپر (Middle East) ۾ ماڻهو سپ ڪجهہ سمجهي رهيا آهن.

سوال: نوان آبي ذخيرا نہ ٺهيا تہ ملڪ ۾ هر هنڌ پاڻيءَ جي گهٽتائي ٿيندي. توهان ان جي مخالفت ڪريو ٿا تہ مسئلو ڪيئن حل ٿيندو؟

جواب: پاڻي تہ هن وقت بہ ڪونہ آهي. سڄو پنجاب ڪٽي ويو. مثال طور نلڪا لڳا پيا آهن. جيترو بہ پاڻي گڏ ٿئي ٿو هو ڪٽي وڃن ٿا ۽ چون ٿا تہ پاڻي آهي ئي ڪونہ. اڙي ميان! توهان سپ درياهہ پاڻ ۾ ڳنڍي (Inter Connect) ڪري ڇڏيا آهن. جيڪو پاڻي اڇي ٿو توهان ڪٽي وڃو ٿا ۽ چئو ٿا تہ پاڻي آهي ئي ڪونہ. پنجاب جو حڪمران طبقو ۽ جرنيل سڳورا سنڌ کي ڪهڙو نياپو ڏئي رهيا آهن؟ پاڻي بند ڪرڻ جو مطلب ٿيندو تہ توهان پاڪستان جي قسمت تي مهر لڳائي ڇڏي.

سوال: پاڻي بند ٿيڻ جي ڳالهہ تہ ڪوبہ نٿو ڪري.

جواب: ڪالاغ ڊيم هوندو تہ ائين ئي ٿيندو. پنجاب تہ هڪ تولو بہ نہ ڇڏيندو. جيڪو پاڻي اڇي ٿو پنجاب ڪٽي وڃي ٿو. جيڪو بہ معاهدو ٿيو ان جي پڇڙي ڪئي وئي. منگلا ڇا پنجاب جو ئي ڊيم آهي؟ هي گڏيل ڊيم آهي. پاڻيءَ جو مسئلو تہ ڪوئي ڄاڻي ئي ڪونہ ٿو. هيءَ سازش آهي. جيڪڏهن سمورو پاڻي اتي رکندا ۽ هتي نہ ايندو تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ پوءِ مسئلي جو حل اهوئي نظر ايندو تہ ڪائي وڏي طاقت وچ ۾ پوي. هي ماڻهو مار (Genocide) آهي. ڪراچيءَ کي بہ پاڻي نہ ملندو.

سوال: سنڌ ۾ پيپلز پارٽي مقبول آهي پر بينظير ٻاهر آهي. اهڙي حالت ۾ سندس ڪهڙو ڪردار نظر اچي ٿو؟

جواب: بينظير پٽو سوچ ۽ سمجهہ سان پاليسيون ترتيب ڏئي ۽ جيڪڏهن ان

جا ماڻهو منظم هجن ته صوبي جي لاءِ ڪجهه ڪري سگهي ٿي. پر هي ڪم تمام وڏو آهي. مثال طور شوڪت عزيز صاحب جو مقابلو هڪ انتهائي ڪمزور ماڻهوءَ سان ڪرايو پيو وڃي. ايڏا وڏا ليڊر آهن پر اهي مقابلي ۾ نه اچي رهيا آهن يا انهن کي نٽو اڇڻ ڏنو وڃي. حقيقت ۾ مقابلو ڪرڻو ئي ناهي. هو عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي رهيا آهن ته اسان مقابلو ڪري رهيا آهيون. پر ان جي باوجود به بينظير ۽ پيپلز پارٽيءَ جو جوڙ نه آهي. اهڙيءَ طرح پنجاب ۾ به نواز شريف جو جوڙ نه آهي.

سوال: عوام جي حالت ۾ تبديلي محسوس ٿي آهي؟

جواب: هينئر تاريخ نئون موڙ ونڻي رهي آهي. نئين تاريخ لکجي رهي آهي. هن وقت جيڪا تحريڪ شروع ٿي رهي آهي، سا اڳتي هلي عالمگير ٿي ويندي. دنيا ۾ زبردست قسم جا نوان خواب، نوان ماڻهو، نوان موڙ ايندا. اسان ۽ توهان ڏسنداسين ته هڪ دؤر ختم ٿيو ۽ هڪ نئون دؤر شروع ٿيو. عوام جي لاءِ اڳي پوڻ ۽ ممڻ مڃائڻ ضروري ناهي. خيالن ۽ تصورن جو تبديل ٿيڻ ضروري آهي ۽ اهو ٿي رهيو آهي. عوام غاصبن ۽ جابرن جي طريقن کي سمجهي چڪو آهي ۽ انهن جا خيال قيامت پيدا ڪري ڇڏيندا. سوويت يونين ۾ به ماڻهو هڪ جهڙي صورتحال ۾ ويڻي ويڻي تنگ ٿي چڪا هئا. هاڻي هتي به ائين ئي ٿي رهيو آهي. ظالمن جي خدائيءَ جا ڏينهن ڳڻجي چڪا آهن.

مرڪزي حڪومت ۾ پنجاب هڪ ئي آهن۔ پنجاب جا حڪمران ظالمن سان گڏ آهن ۽ سنڌ جا وڏيرا انهن جا دلال آهن۔ مشرف، الطاف ذريعي آمريڪا ۽ انڊيا کي خوش ڪري رهيو آهي۔

پيئنل: پرويز مجيد، محبوب خان، منظورالحسن، خالد محمود، سهيل مجيد ۽ عامر رياض/ عوامي جمهوري فورم/ 2005ع

[75 ورهين جي پليجي کي بيشڪ لفظن جو جادوگر قرار ڏئي سگهجي ٿو. ادب، شاعري، سياست ۽ تاريخ سندس خاص ميدان آهن. صوفين جي شاعريءَ کي هاڻوڪي سياست سان جوڙڻ جي منفرد فن جي بہ بنياد رکندڙن منجهان آهي. ايوب، يڻو ۽ ضياءُ الحق سان سندس مخالفت جو زمانو شاهد آهي. جي-ايم سيد کان پ پ پ تائين سڀني جي سياست تي چوهه چنڊيندي نظر ايندو آهي. هن انٽرويوءَ ۾ پليجي صاحب جي ڪاوڙ سندس سياست تي غالب رهي آهي. هيءُ انٽرويو رسول بخش پليجي جي سياست کي سمجهڻ جي هڪ ڪوشش آهي. عبدالحئي بلوچ وانگر سندس شمار بہ وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ قوم پرستن ۾ ٿئي ٿو. سندس ڪيس ڪيتري قدر جاندار آهي، ان جو اندازو تہ توهان کي هيءُ انٽرويو پڙهڻ کان پوءِ ئي ٿي سگهندو.]

پرويز مجيد: توهان هڪ وڏي عرصي کان سياست سان لاڳاپيل آهيو. ماڻهو توهان جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهين ٿا. اڄڪلهہ توهان سياسي حوالي سان ڇا سوچي رهيا آهيو؟

پليجو صاحب: اڄ پاڪستان پنهنجي زندگيءَ جي نازڪ ترين دور مان گذري رهيو آهي. 1858ع کان سنڌ جي حصي جو پاڻي پنجاب روڪي رکيو آهي. پاڻيءَ جي ورهاست جي حوالي سان تي ڪميشنون ٺهيون هيون. انهن تنهي ڪميشنن جون رپورٽون پنجاب نہ مڃيون. پوءِ پاڪستان ٺهيو تہ سنڌ کي سندس پاڻيءَ کان محروم ڪيو ويو. سنڌ جو 80 سيڪڙو پاڻي روڪيو ويو. مرڪزي حڪومت ۾ پنجاب هڪ ئي شيءِ آهن. هي پاڻي انهن ملي ڪري روڪيو آهي. ٻنهي پاڻيءَ جي معاملي ۾ وڏيون زيادتيون ڪيون آهن، ٻئي سنڌ جا ملزم آهن. سنڌي فيصلا ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ناهن. ايوب، يحيٰ، يڻو، ضياءُ الحق سميت اڄ تائين سڀني سنڌ سان زيادتيون ڪيون آهن. مشرف صاحب سمجهي ٿو تہ تمام گهڻن سببن ڪري پنجاب منجهانئس خوش ڪونهي. ڪشمير تي مشرف صاحب جو موقف بہ پنجاب جي ناراض ٿيڻ جو هڪ سبب آهي. هاڻ رشوت ۾ پنجاب کي سنڌ جو پاڻي ڏئي رهيو

آهي. مشرف صاحب چوي ٿو ته "ڏسو ايترو پاڻي ته توهان کي ايوب، يحيٰ، يٽي، ضياءُ، نواز شريف سوڏو ڪنهن به نه ڏنو پر آئون ڏئي رهيو آهيان."

پرويز مجيد: ته توهان اهو چئي رهيا آهيو ته ڪالاباغ ڊيم رشوت طور پنجاب کي خوش ڪرڻ لاءِ ناهيو پيو وڃي؟ پنجاب توهان جي بقول پرويز مشرف کان ناراض آهي؟

پليجو صاحب: هونئن ته رڳو پنجاب چا، سڄو پاڪستان مشرف کان ناراض آهي. سندس پير ٽڙي رهيا آهن. پاڪستاني عوام جي وڏي اڪثريت ان کان ناراض آهي. توهان ميڊيا کي چڏيو، ميڊيا جي حقيقت کي ته توهان ڄاڻو ٿا. سنڌ، سرحد، پنجاب، بلوچستان، وانا، مطلب ته مسلمان بيزار آهن. جيڪي ماڻهو قبائلي علاقن مان اچي ڪشمير ۾ وڙهندا هئا، اهي به بيزار آهن. ڪشميري سمجهن ٿا ته ساڻن دوکو ڪيو ويو آهي. افغانستان وارا سمجهن ٿا ته انهن جي پُنيءَ ۾ خنجر هنيو ويو آهي. انهن کي تيار ڪيو ويو پاڪستان جي Indepth (جاگرافيائي گهرائي) جي لاءِ. اوچتو خبر پئي ته هو "ڪافر" ٿي ويا آهن. اهڙن ڪمن جي ڪري پاڪستان ٽٽي ويندو.

پرويز مجيد: پاڪستان ٽٽي ويندو؟

پليجو صاحب: جي ها! ان سان پاڪستان ٽٽي ويندو، چوته پنجاب پاڻي نه ٿو ڏئي. 1991ع ۾ ناهه ڪيو ويو. ان ناهه ۾ چيو ويو ته پاڻي اسان تڏهن ڏينداسين جڏهن نندا صوبا سمورو پاڻي پهريان ڏيمن ۾ گڏ ڪرائين. اسين سمجهون ٿا ته اهو پنجاب نه پيو چوي بلڪ مشرف چئي رهيو آهي. الطاف حسين هندستان وڃي جيڪا گفتگو ڪئي، اها الطاف نه بلڪ مشرف ڪئي آهي. الطاف حسين ته هڪ پتلو آهي. اهو سڀ ڪجهه مشرف چئي رهيو آهي. ورهاست نه ٿيڻ کپندي هئي وغيره، اهي سڀ ڳالهيون مشرف، الطاف جي ذريعي آمريڪا ۽ انديا کي خوش ڪرڻ لاءِ چئي رهيو آهي. اسين سڀ هندستان سان بهتر لاڳاپن جا حامي آهيون پر جهڙيءَ ريت مشرف ڪري رهيو آهي ۽ جن مقصدن جي لاءِ ڪري رهيو آهي، اسان کي ان سان اتفاق ڪونهي. نندا صوبا هميشه کان ظلم برداشت ڪندا آيا آهن. هي سمجهن ٿا ته ائين ئي پاڻيءَ جي بنديءَ کي به اسان سهي وٺنداسين ته اهو غلط خيال آهي. پاڻيءَ جي بندي برداشت نه ڪرڻ جوڳي آهي. Technicality of Law کي چڏي ڪري، انهن جي به اڄ اهائي پوزيشن آهي جيڪا ويجهڙ ۾ آمريڪا جي عراق ۾ آهي، جيڪا ايريل شيرون جي فلسطين ۾ آهي. هاڻ قائداعظم جو پاڪستان ناهي رهيو. هنن غريبن جي چيلهه ڀيڄي چڏي آهي. آئون ان بحث ۾ نٿو پوان ته "به قومي نظريو" صحيح هو يا غلط، يا وري هو به يا نه، پر ان وقت هڪ توازن ضرور هيو. جيڪڏهن پنجاب وٽ طاقت هئي ته بنگال وٽ افرادي قوت هئي، پر اهو توازن به ان ڪري ختم ٿي ويو جڏهن اوپر پاڪستان بنگلاديش ٿيو. هاڻ هنن جي مڪمل هڪ هٿي آهي. وردي لاهڻ يا پائڻ اصل ڳالهه ناهي. اصل ڳالهه اها آهي ته اها نادرشاهي، جرنيل شاهي

آهي. سنڌ ۾ هنن دهشتگرديءَ لاءِ ڏاڙيل تيار ڪيا آهن، ته جيئن ماڻهو پنهنجو پاڻي نه گهرن، پنهنجا حق نه گهرن، پنهنجي صوبي تي حڪمرانيءَ جو حق نه گهرن.

پرويز مجيد: جيڪا ڳالهه بولهه توهان هينئر تائين ڪئي آهي، ان کي سمجهڻ ۾ اسان کي ڏکيائي ٿي رهي آهي. توهان اسان کي اهو ٻڌايو ته تاريخ ۽ جاگرافيءَ منجهان ڇا جي چونڊ ڪري رهيا آهيو؟ توهان تاريخ جي حوالي سان ڳالهائي رهيا آهيو يا جاگرافيءَ جي؟ توهان جا Options **ڇا آهن ؟**

پليجو صاحب: اهو ڪو سوال ئي ناهي.

پرويز مجيد: سوال سڌو آهي. توهان پنهنجي ڳالهه جي شروعات 1858ع کان ڪئي آهي. ان کيس کي توهان اڄ 2004ع تائين کڻي آيا آهيو. اهو هن ڳالهه بولهه جو هڪ حصو آهي. توهان هڪ کيس ناهيو آهي. اهو کيس کيترو صحيح آهي، کيترو غلط آهي ۽ پرويز مشرف کيترو صحيح آهي کيترو غلط، اهو الڳ مسئلو آهي. توهان جي ڳالهه بولهه جو ٻيو حصو اهو آهي ته پاڪستان ٽٽي ويندو. اهو جاگرافيءَ جو سوال آهي ته توهان جا Options **ڇا آهن ؟ تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي ان عمل ۾ توهان ڪٿي بيٺا آهيو؟**

پليجو صاحب: اهو سوال ئي ڪونهي. ان ۾ تاريخ ۽ جاگرافيءَ جو ڪهڙو مسئلو آهي؟ توهان سڌو سوال پڇو، مان جواب ڏينداس. اهو سوال ائين آهي ته هن گهر جي قيمت 17 روپيا آهي ته ٻڌايو ته هن گهر کان آسمان کيترو بلند آهي. ان سوال جي ڪا پاڙ ئي ڪانهي.

پرويز مجيد: ڏسو، ڳالهه سڌي آهي، توهان جيڪو سڄو ڪيس ناهيو آهي....

پليجو صاحب: (ڪيس ٽوڪيندي) سڄو نه، مون ته اڃان هڪڙو ننڍڙو حصو به ڪيس جو بيان ناهي ڪيو. اڃان ته مون ڪجهه اشارا ڏنا آهن. مان ان جي تفصيل ۾ نٿو وڃڻ چاهيان، صرف تصحيح ڪري رهيو آهيان ته مون سڄو ڪيس پيش ناهي ڪيو. ڪيس ته تمام وڏو آهي. مون ڪتاب لکيو آهي ان سڄي مسئلي تي. توهان ڳالهيون پڇو.

پرويز مجيد: ڇڏو، ان کي ٿورو Light **ڪريون ٿا....**

پليجو صاحب: توهان ان کي جيترو به ڳرو ڪرڻ چاهيو پلي ڪريو، پر لاڳاپيل ڳالهه ته ڪريو!

پرويز مجيد: لاڳاپيل ڳالهه به ڪنداسين. توهان کي اسان هڪ وڏي عرصي کان سڃاڻون ٿا. توهان اديب به آهيو ۽ سياستدان به. توهان کهڙي پاسي کي وڌيڪ نمايان رکڻ چاهيو ٿا؟

پليجو صاحب: اهو سوال ئي ناهي. توهان چوندؤ ته توهان مسلمان آهيو يا انسان آهيو؟

پرويز مجيد: توهان جو ڪميونسٽ تحريڪ سان گهرو تعلق رهيو آهي. اڄ توهان ڪميونسٽ تحريڪ کي ڪهڙي نظر سان ڏسو ٿا؟

پليجو صاحب: مان پاڻيءَ جي حوالي سان ڳالهائي رهيو هوس ته پهريان اها ڳالهه مڪمل ٿي وڃي ته پوءِ ان تي به ڳالهائيندا سين. توهان جيڪو تاريخ ۾ جاگرافيءَ وارو سوال ڪري رهيا هئا، ان جي وضاحت ڪريو ته آئون ڳالهه ڪريان ٿو.

پرويز مجيد: 1849ع کان 1947ع تائين تقريباً 98 سالن ۾ گيترن ئي قسمن جون جاگرافيائي تبديليون ظاهر ٿيون، سمورا معاهدا تبديل ٿيا، انهن معاهدن جي قانوني پوزيشن بدلجي وئي. 1971ع ۾ هڪ پيرو ٻيهر جاگرافيءَ ۾ تبديلي آئي. هاڻ توهان چيو ته جيڪڏهن حالتون اهي ئي رهيون ته پاڪستان ٽٽي ويندو. جڏهن توهان ڪيس ناهي رهيا آهيو ته ان ۾ توهان تاريخي حوالي سان جاگرافيءَ کي ڪيئن ڏسو ٿا؟

پليجو صاحب: جاگرافي ان ۾ ڪٿان اچي وئي؟

پرويز مجيد: جاگرافيءَ جو ان ۾ سوال آهي. جيڪڏهن پاڪستان جي بقا جو مسئلو درپيش ٿي پيو آهي ته اهوئي جاگرافيءَ جو سوال آهي.

پليجو صاحب: ڪيئن؟ توهان اهو سوال ڪريو ته پاڻي جي ملڻ يا نه ملڻ جي ڪري پاڪستان ڪيئن ٽٽي سگهي ٿو. اهو سوال ته سمجهه ۾ اچي ٿو.

پرويز مجيد: چڱو، توهان ان جو جواب ڏيو.

پليجو صاحب: هي جيڪو 80 سيڪڙو پاڻي ڪٽي ويا آهن، اهو غير آئيني آهي، ماضيءَ ۾ جيڪي سمورا معاهدا ڪيا ويا، انهن ۾ سنڌ جو ڪوبه نمائندو شامل نه هو. هڪ ڌر جي غير موجودگيءَ ۾ جيڪو به فيصلو ڪيو ويو، اهو غير آئيني آهي. غنڊاگرديءَ جي ذريعي، پاڪستان جي وجود کي ناجائز استعمال ڪري، هڪ قابض يا هٿلر وانگر سنڌ جو پاڻي کنيو ويو آهي. جيڪي واعدا ڪيا ويا، هي انهن کان ڦري ويا. هاڻ هي جيڪڏهن باقي ماڻهن جو پاڻي بند ڪري ڇڏيندا ته ڇا سنڌ جو عوام انهن سان گڏ رهندو؟ ڇا صرف ڏنڊي سان، هي ناجائز قبضو برقرار رهي سگهي ٿو؟

پرويز مجيد: توهان فرمايو ته پرويز مشرف ڪالاباغ ڊيم ناهي پنجاب کي خوش ڪرڻ چاهي ٿو. توهان ڇا ٿا سمجهو ته پنجاب جي ان سان الڳ ڪا پوزيشن ٿي سگهي ٿي؟ جيڪڏهن ڪالاباغ ڊيم نهي ويو ته پنجاب مشرف سان گڏ ٿي ويندو؟

پليجو صاحب: اها سندس خام خيالي آهي. هنن ماضيءَ ۾ به غلط فيصلا ڪيا هئا. سمورا معاهدا اهي ڪائي ويا، ون يونٽ مڙهيائون، اوپر پاڪستانين کي پڄائي ڇڏيائون، فيڊريشن کي ختم ڪيائون، صوبن جا حق غصب ڪيائون، ته توهان ٻڌايو جڏهن سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان خوش ناهن ته پاڪستان ڪيئن هلندو؟ آئون اها اڳڪٿي ڪريان ٿو ته جيڪڏهن هي سنڌ جو پاڻي بند ڪندا ته پاڪستان نه رهندو.

پرويز مجيد: توهان جي اها دعويٰ يا اڳڪٿي عوامي جمهوري فورم جي ذريعي ماڻهن تائين پهچي ويندي. توهان اهو ٻڌايو ته توهان وٽ ان جو متبادل ڇا آهي؟

پليجو صاحب: مون جنرل مشرف، جنرل ذوالفقار، جنرل شامي ۽ انهن جي نمائندن کي ڪيترائي ڀيرا چيو آهي ته توهان پنهنجا ماهر، انجنيئر ونڊي اچو، اسان به آٽيون ٿا، غير جانبدار مبصرن جي حيثيت سان سارڪ يا مسلمان ملڪن جا ماهر آڻيو، پوءِ فيصلو ٿيندو. اسان سان برابريءَ جي بنياد تي فيصلو ڪريو. جيڪڏهن توهان رياستي طاقت سان اسان کي مجائڻ چاهيو ٿا ته اسان ڪڏهن به نه مجيندا سون.

پرويز مجيد: توهان جي جنرلن سان آمهون سامهون ڳالهه ٻولهه ٿي هئي؟

پليجو صاحب: جي ها! جنرل ذوالفقار سان، پوءِ جنرل شامي سان آئون لاهور ۾ مليو هوس. مون کيس Presentation ڏني هئي، پنهنجو ڪتاب به ڏنو هومانس. مون چيو ته توهان برابريءَ جي بنياد تي فيصلو ڪريو. قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي ته سچا آهيو ته سامهون ويهي ڳالهايو.

پرويز مجيد: پوءِ ان جي جواب ۾ فوج توهان کي ڇا چيو؟

پليجو صاحب: آئون فوج کي ڪونه ٿو سڃاڻان. آئون جرنيلن کي سڃاڻان ٿو. انهن جو رويو منفي هو.

پرويز مجيد: توهان ان کي آئيني طور تي حل ڪرڻ چاهيو ٿا يا جرنيلن سان ملاقاتن ۾ طئي ڪرڻ چاهيو ٿا؟

پليجو صاحب: توهان ان کي "يا" ۾ آڻيو ٿا ته اهو درست ناهي. ڪنهن مفڪر جو قول آهي: "دنيا ۾ تمام گهٽ موقعا اهڙا ايندا آهن جڏهن "يا" جو سوال اٿندو آهي." گهٽي قدر سوال ائين نهندو آهي ته هيئن به ٿي سگهي ٿو ۽ هونئن به ٿي سگهي ٿو. ڪائنات ۾ "يا" هڪ غلط شيءِ آهي. اهو ناهي ٿيندو ته توهان مسلمان آهيو يا انسان! اسان جرنيلن سان ڳالهيون به ڪنداسين ۽ پنهنجي جدوجهد به جاري رکنداسين. اها جدوجهد پرامن، جمهوري ۽ عوامي آهي. اسان مرڪز ۽ پنجاب سان ڳالهين لاءِ هر وقت تيار آهيون. دوستاڻي ۽ برابريءَ جي ماحول ۾ هو جنهن به سطح تي چاهين، اسين حاضر آهيون.

پرويز مجيد: ڇا 1973ع جو آئين ان مسئلي جو حل پيش ڪري ٿو؟

پليجو صاحب: بلڪل نه!

پرويز مجيد: توهان پاڪستان ۾ نئون آئيني انتظام چاهيو ٿا؟

پليجو صاحب: ها!

پرويز مجيد: صرف پاڻيءَ لاءِ يا صوبن جي ٻين معاملن لاءِ به؟

پليجو صاحب: صوبن جي سمورن معاملن جي لاءِ. سينيٽ کي اختيار ڏيڻ گهرجن ته جيئن سينيٽ حقيقي طور تي اعليٰ ايوان بڻجي. سينيٽ جون چونڊون سڌيون ٿيڻ

گھرجن. بجيٽ سينيٽ وٽ هئڻ گھرجي. قومي اسيمبليءَ جا سمورا اختيار سينيٽ کي ملڻ گھرجن. چيف آف آرمي اسٽاف سميت سمورن اهم عهدن جي منظوري سينيٽ کان وٺڻ گھرجي، ته جيئن عدم توازن ختم ٿئي ۽ هڪ صوبو فوج سان ملي آمريت نه هلائي سگھي.

پرويز مجيد: توهان 1973ع جي آئين ۾ ترميمون چاهيو ٿا يا مڪمل طور تي نئون آئيني انتظام؟

پليجو صاحب: توهان وري "يا" تي اچي ويا آهيو.

پرويز مجيد: جي ها! آئون ان کي ائين ئي سمجهان ٿو.

پليجو صاحب: "يا" کي چڏيو. اسان مسئلي جو حل چاهيون ٿا، مڪمل نئين آئيني انتظام سان يا ترميمن سان.

پرويز مجيد: سنڌ جون ٻيون قوم پرست پارٽيون توهان جي خيالن سان ڪيتري قدر متفق آهن؟

پليجو صاحب: منهنجي خيال ۾ سڀ متفق آهن.

پرويز مجيد: اهو توهان جو خيال آهي، پر اسان جو خيال آهي ته ائين ناهي. توهان سنڌ جي گهٽن قوم پرست گروهن منجهان هڪ گروهه جا نمائندا آهيو. اسان سنڌ جي ٻين قوم پرستن جا خيال به ڄاڻون ٿا. انهن جي ۽ توهان جي وچ ۾ ڇا کو اتفاق جو نقطو آهي؟ جيڪڏهن آهي ته ان جي کڙي شڪل آهي؟ اهي کڙا نڪتا آهن جن تي توهان سڀ متفق آهيو؟

پليجو صاحب: توهان هڪڙو سوال پڇو. کڙو سوال پڇڻ چاهيو ٿا؟

پرويز مجيد: چڱو، اهو ٻڌايو ته.....

پليجو صاحب: ٻيهر پنهنجن سوالن کي ترتيب ڏيو. توهان سوال بدلائي چڏيو آهي. پهريون سوال اهو هو ته توهان جي ۽ ٻين قوم پرستن جي وچ ۾ اتفاق آهي يا نه.

پرويز مجيد: چڱو، ان تي ڳالهايو.

پليجو صاحب: بنيادي طور تي پاڻيءَ جي مسئلي تي سڀ متفق آهن.

پرويز مجيد: ڪراچيءَ جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟ ڇا ڪراچي توهان سان گڏ آهي ان مسئلي تي؟

پليجو صاحب: ڪراچيءَ مان ڇا مراد آهي؟ توهان دهشتگردن جي ڳالهه ڪري رهيا آهيو، دهشتگردن کي چڏيو. سڄي جو سڄو عوام ان تي متفق آهي. هو (دهشتگرد) ته پتلا آهن جيڪي اسان تي انهن مڙهي چڏيا آهن. اهي عوام جا نمائندا ناهن. اهي غنڊا آهن، بدمعاش آهن.

پرويز مجيد: توهان هينئر تائين جي سياست ۾ اڻ ڳڻيون پارٽيون بدلايون آهن، موقف بدلايا آهن. هاڻ اڄ توهان هڪ لفظ "دهشتگرد" کي پاڻيءَ جي پوري مسئلي تي چنبڙائي رهيا آهيو. توهان دانشور آهيو. تمام

سڌي ڳالهه آهي، اندرين سنڌ ۾ ڪراچي پاڻيءَ جي مسئلي تي پنهنجو پنهنجو مخصوص نقطءِ نظر رکي ٿي.

پليجو صاحب: توهان کي سوال پڇڻ جو حق آهي، مون کي جواب ڏيڻ جو حق آهي. توهان کي انٽرويوءَ جا آداب اڇڻ گهرجن. توهان صرف سوال ڪريو، مان جواب ڏينداس.

پرويز مجيد: منهنجي خيال ۾ پيا دوست ڳالهائين تہ مناسب ٿيندو.

پليجو صاحب: اهوئي مناسب ٿيندو.

عامر رياض: ڇا توهان سمجهو ٿا تہ پنجاب هڪ ظالم صوبو آهي؟

پليجو صاحب: پنجاب جا حڪمران ظالمن سان گڏ آهن. مان عوام جي ڳالهه نہ پيو ڪريان. پنجاب جو عوام اسان جو پاءُ آهي. پنجاب جا حڪمران دهشتگردي ڪن ٿا.

عامر رياض: پاڻيءَ جي حوالي سان توهان اهو ٻڌايو تہ هميشہ پوري دنيا ۾ اپ اسٽريم (مٿي جتان پاڻي اچي ٿو) ۽ ڊائون اسٽريم (هيٺئين طرف) رهندڙن جا حق ۽ فرض الڳ الڳ هوندا آهن. ڇا اهو مسئلو اپ ۽ ڊائون اسٽريم تي رهندڙن جو آهي يا وري قوميتي تضاد جي ڪا شڪل آهي؟

پليجو صاحب: بنيادي ڳالهه اها آهي تہ اپ ۽ ڊائون اسٽريم ۾ پائپي هوندي آهي. جڏهن تہ هتي ڦرمار پئي ٿئي. اهو غير آئيني آهي. پنجاب جو حڪمران طبقو مرڪز سان ملي ڪري اهو سڀ ڪجهه ڪري رهيو آهي.

عامر رياض: ان ۾ سنڌي وڏيرن جو ڪو هٿ آهي؟

پليجو صاحب: سنڌي وڏيرا انهن جا دلال آهن. اهي مرڪز ۽ پنجاب جي حڪمران طبقن جا دلال آهن، اهي غدار آهن. ان غداريءَ جي عيوض رشوت ۾ وڏيرا وڏيڪ پاڻي وٺي رهيا آهن. سنڌ جو سمورو حڪمران طبقو وڏيڪ پاڻي استعمال ڪري رهيو آهي. جيڪي نهرون انهن جي زمينن وٽان نڪرن ٿيون، اتي وڏيڪ پاڻي موجود آهي. سنڌ کي جيڪو پاڻيءَ جو 20 سيڪڙو ملي ٿو، ان مان اڌ پاڻي وڏيرا کنيو وڃن ٿا، باقي حصو آفيسرن کي ڏنو وڃي ٿو تہ جيئن اهي غريبن کي اهو پاڻي وڪڻن.

عامر رياض: ڇا آڪٽوبر 1999ع جي عملن جو توهان آڏرياءُ ڪيو هو؟

پليجو صاحب: مون کي ياد ڪونهي تہ مون پرويز مشرف جي حڪومت جي حق ۾ ڪو بيان ڏنو هجي، پر هن وڏا واعدا ڪيا هئا، صوبن جي حوالي سان ۽ جمهوريت جي حوالي سان ۽. مان ساڻس مليو ۽ آهيان. مان ساڻس ٽي ڀيرا مليو هوس. هن بار بار اهوئي چيو تہ اسان انصاف ڪنداسين. پر ثابت ٿيو تہ اهو سڀ ڪوڙ هو. هن کان وڏيڪ سنڌ دشمن حڪومتي ٽولو اڄ تائين پاڪستان جي تاريخ ۾ آيو ئي ڪونهي. هن دهشتگردن ۽ سردارن کي اختيار ڏئي چڏيو آهي تہ اهي ماڻهن کي قتل ڪن. ضياءُ الحق ۽ ائين ڪونہ ڪيو. هُن رڳو يٽي کي قاسيءَ تي چاڙهيو ۽

ڪجھ ماڻھن کي ماريو ھو. ھي ضياءُ الحق کان بدتر حڪمران آھن.

عامر رياض: اھو ٻڌايو تہ جڏھن ب سنڌ ۾ چونڊون ٿين ٿيون تہ توھان سوڌو قوم پرستن کي ڪڏھن ب ووٽ ناھن مليا. ميڊيا ۾ قوم پرستن جي سياست گھٽي نظر اچي ٿي. ڪتاب ب لکيا وڃن ٿا. توھان ب گھٽو ڪجھ لکيو، پوءِ ماڻھو توھان کي ووٽ ڇو نہ ٿا ڏين ؟

پليجو صاحب: پاڪستان آمريڪا جي ڪالوني آھي. آمريڪا "انھن" کي اڳيان رکيو آھي. انھن نظام اھڙو ناھيو آھي جو ھتي آزادانہ چونڊون ٿي سگھن ئي ڪونہ ٿيون. ڪراچيءَ ۾ ماڻھن کي ڏينھن ڏني جو قتل ڪيو وڃي ٿو. شڪارپور ۾ مخالفن جا لاش وچ رستي تي اڇلايا وڃن ٿا. ان دھشت واري ماحول ۾ چونڊون ڪرايون وڃن ٿيون، تہ انھن جي خلاف ڪير ووٽ ڏيندو؟ ڪراچيءَ جي دھشتگردن ۽ سنڌ جي وڏيرن جي خلاف ڪير ووٽ ڏئي سگھي ٿو؟ اھو تہ سڀ فراڊ آھي.

عامر رياض: اھو تہ اسان جھڙن تمام پوئتي پيل ملڪن ۾ ٿئي ٿو. سائوٿ آفريقا ۾ ڪارن جي خلاف سفيد پوشن چا چا نہ ڪيو، اتي وري نيلسن منڊيلا ماڻھن جي طاقت جو امين بڻجي اڳيان آيو، تہ ھتي اھو سڀ ڪجھ ڇو ناھي ٿيو ؟

پليجو صاحب: اسان سان زبردست عوامي حمايت موجود آھي.

عامر رياض: پوءِ توھان ان کي ووٽ جي طاقت ۾ ڇو بدلائي ناھيو سگھيا ؟

پليجو صاحب: ووٽنگ ڪھڙي؟ جتي وزيراعظم قتل ڪيو وڃي ٿو. وزيراعظم ڦاسيءَ تي چاڙھيا وڃن ٿا. وزيراعظم کي غير ملڪي دوري تان واپسيءَ کان پھرين فارغ ڪيو وڃي ٿو. سپريم ڪورٽ تي حملو ڪيو وڃي ٿو، تہ اھڙين حالتن ۾ چا جون چونڊون؟ اھو سڀ فراڊ آھي. جڏھن دل چاھي ۽ جيڪو انھن کي پنھنجي مفاد ۾ ڏسڻ ۾ اچي، اھوئي ڪن ٿا. اڄ چون ٿا تہ آصف زرداريءَ تي ڪيس ئي غلط ھو، پلا توھان کي اڄ خبر پئي؟

عامر رياض: توھان جي خيال ۾ آصف زرداريءَ کي ڇو ڇڏيو ويو؟ چا اھا ب گا چال آھي يا سمجھوتو ؟

پليجو صاحب: پاڪستاني سياست ھڪ عجيب گورک ڌندو آھي. ان ۾ ڪابہ قياس آرائي نٿي ڪري سگھجي.

عامر رياض: چا توھان جو خيال آھي تہ ايندڙ اليڪشن ۾ پ پ پ کي سنڌ ۾ وڏيڪ ووٽ ملندا ؟

پليجو صاحب: جيڪڏھن ھي فراڊ نہ ڪن تہ. نہ تہ ھڪ سيٽ ب ڪانہ ملندي. لياقت علي کان وٺي اڄ تائين ھي فراڊ ڪندا رھيا آھن. ھاڻ ھي ايندڙ اليڪشن ۾ فراڊ جو ڪھڙو طريقو اختيار ڪندا، ان جي تہ ڪين ئي خبر ھوندي.

عامر رياض: توھان پ پ پ کي سنڌي پارٽي سمجھو ٿا؟

پليجو صاحب: پ پ پ سنڌي وڏيرن جي پارٽي آھي. سنڌي عوام ب ان ۾

شامل آهي. سجو پاڪستان ان ۾ شامل آهي؟

عامر رياض: پ پ پ ڪي هميشہ سنڌ ۾ وڏي اڪثريت حاصل رهي آهي، تہ ڇا پ پ پ سنڌين جي حقن جي ترجماني ڪري ٿي؟

پليجو صاحب: جي نہ! جيئن تہ سنڌي وڏي تعداد ۾ ان کي ووٽ ڏين ٿا، ان ڪري پ پ پ تي دٻاءُ وڌي وڃي ٿو. پ پ پ صرف مڃيون ڳالهيون ڪري ٿي پر سنڌين جي حقن جي ترجمان ناهي. مون کي تہ پٽي صاحب خود چيو هو تہ پ پ پ ۾ شامل ٿي وڃ، مون انڪار ڪري ڇڏيو. توهان اليڪشن ۾ پارٽين جي چڪر مان نڪرو. انهن کي جيڪو پسند ناهي، اهي ان کي ان ۾ گهڙڻ نہ ڏيندا. جيڪڏهن اهي چاهين تہ ڪنهن بہ ريڙهي واري کي وزيراعظم ڪرائي سگهن ٿا.

عامر رياض: اهو تہ هڪ مايوس ڪندڙ تجزيو آهي. اهڙين حالتن ۾ ماڻهو ڪيئن پنهنجن حقن لاءِ وڙهن؟ ڇا توهان هٿياربند جدوجهد جي حمايت ڪري رهيا آهيو؟

پليجو صاحب: عوام وڙهندا، پرامن جمهوري جدوجهد جي ذريعي.

عامر رياض: جيڪڏهن توهان پرامن رهندؤ تہ هو توهان کي مارينداً رهندا.

پليجو صاحب: نہ نہ! يورپ وارن جمهوريت لاءِ پنج سئو سالن تائين جنگ وڙهي. اسان کي تہ ايڏا ڪجهہ سال ٿيا آهن. ايجان تہ شروعات آهي. هيءَ هڪ ڏگهي جدوجهد آهي، جمهوري، روشن خيال، آزاد ۽ خود مختيار پاڪستان طرف.

عامر رياض: هندوستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ هلندڙ سرد جنگ پڃاڻيءَ طرف وڌي رهي آهي. توهان ان عمل کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

پليجو صاحب: سڀ ڪجهہ آمريڪي دٻاءَ جي ڪري ٿي رهيو آهي. آمريڪا جو دٻاءُ ڪيستائين برقرار رهندو، ان جي خبر ڪانهي. آمريڪا، هندوستان کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪيس چين سان ويڙهايو. هاڻ پاڪستان کي چين جي خلاف استعمال ڪيو ويو.... تہ جيڪو آمريڪا چوندو اهو هي ڪندا. پاڪستان جو مسئلو پيچيدو ضرور آهي پر باعزت ۽ باوقار طريقي سان ۽ سڀني ڌرين جي حقن جو خيال رکندي حل ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪو ناهہ ٿيندو تہ ڇگو آهي.

عامر رياض: توهان پاڻ بہ ان سلسلي ۾ ڪو ڪردار ادا ڪيو آهي؟

پليجو صاحب: مان هڪ پيرو هندوستان ويو هوس، پر هتي تہ ڏنڊا هلن ٿا. ڪجهہ خاندان هِتي آهن، ڪجهہ خاندان هُتي آهن. هِتان کان ڪجهہ عورتون هلن ٿيون، ڪتب هلن ٿا، هُتان کان بہ ڪجهہ بيبيون هلن ٿيون، سڀ ماڻهو ويهن ٿا، تاڙي وڄائين ٿا، ماني پاڻي کائين ٿا، گپ شپ ڪن ٿا، ڪانفرنس ٿي وڃي ٿي، پر جنهن کي سنجيده ڪوشش چون ٿا، ايجان تائين اها ناهي ٿي سگهي.

عامر رياض: توهان پاڻ بہ ان سرد جنگ جي خلاف آهيو ۽ ان کي ختم ڪرڻ جي لاءِ آمريڪي دٻاءُ بہ آهي، تہ پوءِ توهان ان عمل جي خلاف ڇو آهيو؟

پليجو صاحب: مون ڪڏهن به مخالفت ناهي ڪئي. مان عزت واري ناهه جي حق ۾ آهيان، پر حڪمرانن جو انداز ٻيو آهي ۽ اسان جو ٻيو.

عامر رياض: توهان ان جي وضاحت ڪريو. توهان جو انداز ڪهڙو آهي؟

پليجو صاحب: مون کي حڪمرانن جي ڳجهن مقصدن جي خبر ڪانهي. ٻنهي حڪومتن ٻاهر وارن جي مفادن خاطر ان سرد جنگ کي بنا سبب جي مجرمانه طور تي وڌي ڏيگهه ڏني آهي. اڄ اهي ٻئي حڪمران ٽولا ان دوستيءَ لاءِ ڪيتري قدر سنجيده آهن، مون کي خبر ڪانهي.

عامر رياض: اسان ڪجهه توهان جي ذات جي حوالي سان ڳالهائينداسين. اسان پڙهندڙن کي انٽرويو ڏينڌڙ جي ذاتي حالتن کان به آگاهه ڪريون ٿا. توهان ٻڌايو ته پليجو قبيلو آهي يا ذات؟

پليجو صاحب: "سما" قبيلي جي هڪ شاخ آهي.

عامر رياض: ڇا اهي صرف سنڌ ۾ آهن؟

پليجو صاحب: جيڪي "سما" آهن، انهن ڪڇ ۾ حڪومت ڪئي آهي. سڄي سنڌ جا به حاڪم رهيا آهن. هي پاڻ کي چندر ونشي راجپوت سڏائيندا آهن.

محبوب خان: جيستائين مون کي ياد ٿو اچي ته "سما" ته پنجاب ۾ به آهن. وزير به رهيا آهن.

خالد محمود: اهي "سما" کا ذات نه بلڪ علائقي جو نالو آهي. ماڻهو علائقي جي ڪري پنهنجي نالي سان "سما" لکائين ٿا. اصل ۾ اهي ماڻهو وڙائچ آهن.

پليجو صاحب: "سما" تمام وڏو قبيلو آهي. ان ۾ سئو سال ڪڇ ۽ ٽي سئو سال سنڌ تي حڪومت ڪئي آهي.

عامر رياض: توهان جي پيدائش جي تاريخ؟

پليجو صاحب: 20 جنوري 1930ع تي ضلعي نٽي جي هڪ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيس. اهو ڳوٺ هڪ برساتي نالي تي قائم آهي.

عامر رياض: تعليم ڪٽي حاصل ڪئي؟

پليجو صاحب: آئون "ملا مڪتب" جو شاگرد هوس. پوءِ پرائمري اسڪول جنگشاهيءَ ۾ پڙهيس. ٽي درجا نٽي ۾ پڙهيس، پوءِ سنڌ مدرسة الاسلام مان پڙهندو، سنڌ مسلم لا ڪاليج ڪراچيءَ مان قانون جي ڊگري حاصل ڪيم.

عامر رياض: توهان پنهنجي خاندان جي باري ۾ ٻڌايو.

پليجو صاحب: منهنجي پيءُ جو نالو علي محمد هو. منهنجا پنج ڀائر آهن. سڀ کان وڏو زميندار ۽ رٽائرڊ ٽپيدار آهي، ٻيو آئون، ٽيون عبدالرحمان، جيڪو وڪيل آهي، چوٿون محمد حسن ۽ پنجون غلام قادر آهي. اهو صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو آهي. هاڻ سندس ڏيءَ سسئي پليجو پ پ طرفان سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر آهي. منهنجون ٽي ڀينرون آهن.

عامر رياض: سياست سان واسطو ڪيئن ٿيو؟

پليجو صاحب: آئون ننڍپڻ ۾ ئي سياست سان وابستہ ٿي ويو هوس. اسان جو ڳوٺ وهابي هو، اتي راند ڪيڏڻ گناهہ هو. سماجي طور تي هر ڪنهن سان ميل ميلاپ وڌائڻ بدعت هو. سنڌي پڙهڻ هونئن ئي غير اسلامي هو. جيڪو سنڌي پڙهندو، اهو ستن جهنمن ۾ ويندو. جيڪو انگريزي پڙهندو، اهو چوڏنهن جهنمن ۾ ويندو... تہ اها منهنجي پهرين بغاوت ڳوٺ جي نظام کان هئي.

عامر رياض: سياست ۾ باقاعدي شموليت ڪڏهن اختيار ڪئي؟

پليجو صاحب: مون ترقي پسند سنڌي ادب کان شروعات ڪئي. سنڌي ادبي سنگت منهنجي پهرين منزل هئي. اها 1953ع جي ڳالهہ آهي. حيدر بخش جتوئي هاري ڪميٽيءَ جو صدر هو. هن صوبائي اليڪشن ۾ سنڌ جي سڀ کان وڏي وڏيري کي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ چئلينج ڪيو. انهن ڏينهن ۾ اسان کي ڪو گهٽو شعور ڪونہ هو. اسين سمجهندا هئاسين تہ جيڪو اليڪشن کٽي ويندو، اهو سمورا مسئلا حل بہ ڪرائي ونڊندو. پوءِ آئون هاري ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿي ويس.

عامر رياض: توهان ڪيستائين رهيا هاري ڪميٽيءَ سان گڏ؟

پليجو صاحب: جيستائين اها ختم نہ ٿي وئي. حيدر بخش جتوئي جي وفات کان پوءِ اها نالي ماتر رهجي ويئي هئي. پوءِ غالباً اها بہ ختم ٿي ويئي. پوءِ مان نعپ ۾ هليو آيس. ان دوران مان سائين جي- ايم سيد سان گڏ "بزمِ صوفياءِ سنڌ" ۾ پڻ رهيس.

عامر رياض: توهان کي جي- ايم سيد جي سياست سان اتفاق هو؟

پليجو صاحب: جي ها! ان وقت مون کي سندس سياست سان اتفاق هو. مان "بزمِ صوفياءِ سنڌ" جو ڪيترن ئي سالن تائين سيڪريٽري رهيس. پوءِ منهنجا سائڊس اختلاف ٿي پيا.

عامر رياض: ان جو بنياد ڪهڙو هو؟ شخصي يا فڪري؟

پليجو صاحب: جي- ايم سيد سڀ فيصلا اسان کان لڪي ۽ وڏيرن سان ملي ڪندو هو. تمام گهٽا سياسي سبب هئا. مان ان جي تفصيل ۾ نہ ويندس. ڪيس عوام جي سياست سان ڪابہ دلچسپي نہ هئي. مان ان نتيجي تي پهتس تہ سندس سياست نہ تہ سنڌ جي حق ۾ ئي، نہ پاڪستان جي ۽ نہ ئي عوام جي حق ۾.

محبوب خان: ٿوري وضاحت ڪري ڇڏيو، تہ جيئن اسان کي بہ ڪجهہ ڄاڻ ملي سگهي.

پليجو صاحب: هُن جيڪو "سنڌو ديش" جو نعرو ڏنو، مان ان جي خلاف هوس. مون کي جڏهن پهريون پيرو خبر پئي تہ هُن "سنڌو ديش" جو نعرو ڏنو آهي تہ مون هڪ بالٽي اوندي ڪئي ۽ ان تي بيهي چيم، "اها سنڌ جي مفاد جي ڳالهہ ناهي. ان سان سنڌ کي گهٽو نقصان پهچندو." مون تفصيل سان ان مسئلي تي مضمون ۽ ڪتاب لکيا آهن.

عامر رياض: ان کان پوءِ توهان نعپ سان گڏ سياست ڪندا رهيا؟

پليجو صاحب: جي ها! نعپ ۽ بن حصن ۾ ورهائجي وئي: نعپ ولي خان گروپ ۽ نعپ پاشاني گروپ. خان عبدالولي خان ون يونٽ جي پرپور مخالفت نہ ڪئي تہ مون کي اُتان کان بہ ڏار ٽيڙو پيو. اسان جا اردو ڳالهائيندڙ ڪامريڊ بہ ڪُليل طور ون يونٽ جي خلاف نہ هئا. مان نعپ سنڌ جو صدر هوس. مون استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. اهو غالباً 1966ع يا 1967ع جو زمانو هو.

عامر رياض: توهان ست يا اٺ سال نعپ جي سياست سان لاڳاپيل رهيا. توهان کي نعپ جي سياست صحيح لڳندي هئي؟

پليجو صاحب: مسلم ليگ ۽ وڏيرن جي سياست کان تہ بهتر هئي.

عامر رياض: نعپ جي سياست کان الڳ ٽيڙ کان پوءِ توهان ڇا ڪيو؟

پليجو صاحب: مون عوامي تحريڪ ٺاهي، غالباً 1968ع يا 1970ع ۾. ان کان پوءِ 1986ع ۾ اسان ترقي پسندن ۽ قوم پرستن سان گڏجي عوامي نيشنل پارٽي ٺاهي هئي، مان ان جو پيو سيڪريٽري جنرل هوس. جڏهن عوامي نيشنل پارٽي، اسلامي جمهوري اتحاد ۾ شامل ٿي وئي تہ اسان ان کان ڌار ٿي وياسين.

عامر رياض: نعپ کان پوءِ توهان سنڌي بنياد تي سياست جو آغاز ڪيو؟

پليجو صاحب: نہ! اسان پنهنجي تحريڪ جو نالو "سنڌي عوامي تحريڪ" بدران "عوامي تحريڪ" رکيو. البت اسان جو اهو خيال ضرور هو تہ پهرين اسين سنڌ ۾ عوامي حمايت حاصل ڪنداسين، پوءِ پنجاب ۽ بين صوبن ۾ بہ پارٽيءَ کي پکيڙيندا سين. اسان پاڪستان جي فيڊريشن کي پنهنجي ايمان جو جُز سمجهون ٿا. قائد جو بہ اهوئي مدعا هو، پر ائين اڄ تائين هتي ناهي ٿي سگهيو. مان پاڻ کي ڪنهن هڪ قوميت تائين محدود ڪرڻ جو مخالف آهيان. مان انسان دوستيءَ جو دم پريان ٿو. اسان ويٽنام کان وٺي فلسطين تائين سڀني جي حمايت ڪئي آهي. مان رواجي طور تي قوم پرست ناهيان سڏائيندو. قوم پرست تہ اهو هوندو آهي جيڪو اهو چوي تہ منهنجي قوم کو غلط ڪم بہ ڪندي تہ مان ان جي حمايت ڪندس. مان اهڙو قوم پرست ناهيان. جيڪڏهن سنڌي قوم ڪنهن جو حق غصب ڪندي تہ مان سڀ کان پهرين ان جي مخالفت ڪندس. پٽي صاحب جو اوپر پاڪستان ۾ جيڪو ڪردار هو، مان ان جو مخالف هوس. مون ڪتاب بہ لکيو "جيڪي بنگال سان ٿيو." پوءِ پٽي صاحب حيدرآباد بغاوت ڪيس ۾ پنهنجي مخالفن کي جيل ۾ وڌو تہ مان انهن ماڻهن جو وڪيل ٿيس. پٽي صاحب مون کي بہ جيل موڪلي ڇڏيو. جڏهن آزاد ٿيس تہ هُن چيو، هنن جي مدد کان پاسو ڪر، پر مون نہ مڃيو. ان دور ۾ جيل ۾ نجم سيٺي، معراج محمد خان، حبيب جالب وغيره سڀ هئا. جيڪڏهن مون ۾ ڪو تعصب هجي ها تہ منهنجا انهن دوستن سان ايترا سٺا تعلقات نہ هجن ها.

عامر رياض: توهان شادي ڪڏهن ڪئي؟

پليجو صاحب: مان تمام ننڍو هوس، غالباً 12 يا 13 سالن جو. اسان وٽ ڪَن کان جهلي شاديءَ جو تہ رواج آهي ئي.

عامر رياض: توهان گهٽيون شاديون ڪيون ؟

پليجو صاحب: منهنجون چار شاديون آهن.

عامر رياض: ڪجهہ تفصيل ٻڌائيندؤ ؟

پليجو صاحب: 13 سالن جي عمر ۾ منهنجي شادي شريفان بي بي سان ٿي. ذڪيہ بي بي سان بي شادي ٿي، سندس تعلق سيالڪوٽ سان آهي ۽ هوءَ ڪشميرڻ آهي. منهنجي ٽئين زال زرينہ بلوچ فنڪاره آهي ۽ چوٿين هڪ پروفيسر آهي. ان جو نالو مسعوده آهي ۽ اها سنڌياڻي آهي.

عامر رياض: توهان ترقي پسند سياست جا دعويدار آهيو، توهان چار شاديون ڪيون، تہ ڇا اهو عمل توهان جي سياست ۽ ذاتي زندگيءَ ۾ تضاد جي نشاندهي نٿو ڪري ؟

پليجو صاحب: مان ٻين ڳالهين ۾ تہ "مسلمان" ناهيان، سوچيم ان ڳالهہ ۾ "مسلمان" ٿي وڃان. (ٽهڪ)

عامر رياض: تہ پورا مسلمان ٿي وڃو. توهان کي لڳي نٿو تہ توهان ان معاملي ۾ رواجي مرد هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي ؟

پليجو صاحب: اسان سوچيو تہ شايد الله اسان جي طرفان هي حقير "تحفو" قبول ڪري ونڻي.

عامر رياض: پر توهان سياسي اڳواڻ آهيو، عورتن جي حقن جا علمبردار آهيو، توهان تي انهن شادين سبب عورتن جي آزاديءَ جا حمايتي سخت تنقيد ڪندا آهن.

پليجو صاحب: انهن کي تنقيد ڪرڻ ڪپي. .I am with them also آءٌ پڻ انهن سان گڏ آهيان.

عامر رياض: تہ توهان بہ انهن سان گڏ آهيو؟ منهنجو خيال آهي تہ محبوب خان صاحب! توهان بہ هاڻ ڪجهہ ڳالهايو.

محبوب خان: هاڻ تہ هن (پليجي صاحب ڏانهن اشارو) ايتري قدر وضاحت ڪري ڇڏي آهي جو ڪا گنجائش ئي ناهي رهي.

پرويز مجيد: توهان جو ڪاپي ڏر جي تحريڪ سان پراڻو رشتو آهي. سنڌ ۾ ڪميونسٽ قيادت هئي، جيئن سوپو گيانچنداڻي، جمال بخاري وغيره، تہ انهن جي حوالي سان ڪجهہ ٻڌايو.

پليجو صاحب: سوپو گيانچنداڻي سان مان ٿورو گهڻو مليو آهيان. جمال بخاريءَ جي تہ اسان سڀ عزت ڪندا هئاسين پر ان سان ملاقات تمام گهٽ رهي. اسان جو گهڻو ڪري واسطو ڪامريڊ پوهو مل سان رهيو. هو تمام سخت آفيسر هو. پوءِ جڏهن

هتي اردو ڳالهائيندڙ ڪميونسٽ قيادت هئي، ان سان منهنجو گهڻو بحث رهيو. جڏهن ڪراچيءَ ۾ اردو ڳالهائيندڙن جي آمد شروع ٿي ته مون چيو ته توهان ان جي مخالفت ڪريو. پنجابين وٽ لاهور، سرحد وارن وٽ پشاور ۽ بلوچن وٽ ڪوئيٽا آهي، پر اسان جي شهر کي هڪ نئون دهلي ڇو پيو بڻايو ويجي؟ ته هن چيو ته نه، ائين ڪونهي، اهو جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي، سو صحيح آهي. مون ڪيس مارڪسي حوالي سان مضمون لکي ڏنو، پر هن نه مڃيو. پوءِ مان ان کان ڌار ٿي ويس.

عامر رياض: ڇا توهان جو اختلاف صرف قومي مسئلي تي هو؟

پليجو صاحب: نه! تمام گهڻا ٻيا به اختلافي مسئلا هئا. دراصل هندوستان کان هجرت ڪري آيل قيادت ۾ ثقافتي برتريءَ جو نظريو گهڻي قدر موجود هو. پولٽ بيورو ۾ به پختون، بلوچ، سنڌي، پنجابي نه هئڻ جي برابر هئا. ڪنهن کي ڳالهائڻ ئي نه ڏيندا هئا، اڳيان اچڻ نه ڏيندا هئا. ٻيو المیو اهو هو ته اهي پڙهيل لکيل به ڪونه هئا. مان پڙهڻ لکڻ جو عادي آهيان. مان انهن کان پڇندو رهندو هوس ته توهان مارڪس، اينگلز، لينن پڙهيو آهي؟ اولهه جا علم پڙهو ٿا؟ قرآن مجيد پڙهيو اٿو؟ مون کي ته عادت هئي، ان ڪري مون سڀ ڪجهه پڙهيو هو.... ته اهي به عام مُلان وانگر مارڪسي مُلان ٿي هيا، يعني فڪري لحاظ کان پختا نه هئا. ٻيو ته ايماندار به ڪونه هئا. توهان ڏنو ڪونه ته ٽورو حالتون بدليون ته هي پڇي ويا آهن. اسان جيڪي ڪافر، زنديق، جاهل هئاسين، اڄ به سوشلزم جي ڳالهه ڪريون ٿا. هُو جيڪي "مفتي اعظم" هئا، انهن جي خبر به نه پئي ته ڪيڏانهن هليا ويا. هاڻ چون ٿا ته سوشلزم وغيره سڀ غلط هو.

عامر رياض: هاڻ اهي ڪيڏانهن هليا ويا آهن؟

پليجو صاحب: انهن ٽيسس گهڙي ته نواز شريف مڊل ڪلاس جو نمائندو آهي، قومي سرمائيدار آهي، ان جو ساٿ ڏيڻ کپي. انهن تي سوويت يونين ٽٽڻ کان پوءِ وڌا وڌا انڪشاف ٿيا.

عامر رياض: پاڪستان نهڻ کان پوءِ جيڪا ڪميونسٽ پارٽي نهي، ان ۾ ڪراچيءَ جي ماڻهن جو تمام موثر ڪردار رهيو آهي. سجاد ظهير کان حسن ناصر تائين جيڪو ڪجهه ٿيو، ان کي توهان اڄ ڪهڙي نظر سان ڏسو ٿا؟

پليجو صاحب: ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته اسان جي اردو ڳالهائيندڙ ڪامريڊن گهڻو ڪم ڪيو هو. انهن نيٽ ورڪنگ ڪئي، رابطا ڪيا، مون کي انهن جي خدمت کان انڪار ناهي. بنا شڪ شبهي جي هن ملڪ جي ترقي پسنديءَ جي ڳالهه ڪرڻ ۾ انهن جو وڏو هٿ رهيو آهي، پر انهن جو اهو سمجهڻ غلط هو ته هو اعليٰ ۽ افضل آهن ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ سيئي قوميتون جاهل آهن.

پرويز مجيد: توهان ۽ احمد بشير صاحب وچ ۾ ان ڳالهه تي اتفاق آهي. توهان ٻئي چئي رهيا آهيو ته پاڪستان ۾ 50ع ۽ 60ع جي ڏهاڪي ۾ جدوجهد

ڪندڙ اردو ڳالهائيندڙ قيادت پڙهيل لکيل نه هئي. ٻيو سوال اهو آهي ته ان تحريڪ لاءِ پئسو ڪٿان ايندو هو؟

پليجو صاحب: احمد بشير صاحب اسان جو دوست آهي. مان اهو سمجهان ٿو ته هن قيادت مارڪسزم جا اصل مول متا ئي نه پڙهيا هئا. جيستائين پئسن جو تعلق آهي ته اهي چندو گڏ ڪندا هئا. ٻيو ته پاڪستان جي ڪميونسٽ تحريڪ بين الاقوامي طور تي هڪ مرڪز سان جڙيل هئي، اتان به ڪين مدد ملندي هئي.

پرويز مجيد: انهن تي الزام آهي ته انهن لاءِ هندوستان مان پئسا ايندا هئا.

پليجو صاحب: اهو الزام مون اڄ ٻڌو آهي. مان اهو نٿو چئي سگهان ته اهو الزام غلط آهي يا صحيح. مون کي ان باري ۾ خبر ڪانهي.

پرويز مجيد: هاڻ ڪجهه الطاف صاحب جي سياست تي ڳالهايون. سنڌ جي سياست ۾، خاص ڪري ڪراچيءَ ۾ جيڪا الطاف حسين کي مقبوليت ملي، ان جا ڪهڙا سبب هئا؟

پليجو صاحب: ايم ڪيو ايم جيڪو ڪجهه به آهي، اهو ضياءُ الحق جي مهربانين جو نتيجو آهي. ضياءُ الحق ڪيترن ئي ادارن کي ان راند ۾ استعمال ڪيو. هڪ پاسي مذهبي سياست کي ايارپو ته ٻئي طرف هنن کي سپورٽ ڪيو.

محبوب خان: مان اهو پڇڻ چاهيندس ته ڪميونسٽ تحريڪ ۾ جيڪا ورهاست چيني ۽ روسي جي نالي تي ٿي هئي، ان ۾ توهان ڪنهن سان گڏ رهيا؟

پليجو صاحب: ڪلاسيڪل مارڪسزم جي مطابق سماج جاگيرداريءَ کان سرمائيداريءَ طرف وڌي ٿو ۽ پوءِ سرمائيداريءَ جي اندران ئي نئون انسان پيدا ٿئي ٿو، جيڪو سوشلزم جي طرف سماج کي اُن وقت ونڊي وڇڻ ۾ ڪامياب ٿيندو، جڏهن سرمائيداري پنهنجي سڀ کان بلند سطح تي پهچي ويندي. ائين ته ڪونه ٿيو. اتفاق سان روس ۾ انقلاب اچي ويو. تاريخ ڪڏهن به سڌي لائين ۾ نٿي هلي. جيڪو ڪجهه ٿيوريءَ ۾ لکيل هو، اهو ڏگهو سفر هو. ٿيوريءَ مطابق سوشلزم کان پهرين سرمائيداريءَ جو پنهنجون سموريون صلاحيتون آزمائيندي بي وس ٿيڻ ضروري هو، پر سوويت روس جو تجربو ان کان مختلف هو. هاڻ ان روسي انقلاب مان اها اميد ڪرڻ غلط هئي ته هاڻي روسي معاشرو سوشلزم ۾ ڏلجي ويندو، يعني جيئن جو تيئن آئيڊيل سوشلسٽ سماج ته ان تجربي جي ذريعي پيدا ٿي ئي نٿي سگهيو. البت سوشلسٽ سماج جا ڪجهه عنصر پيدا ڪري سگهيا ٿي. پهرين عظيم جنگ کان پوءِ جي حالتن انهن کي هڪ موقعو ڏنو ۽ انهن 1917ع وارو انقلاب برپا ڪيو. لينن روسي انقلاب جي باري ۾ پاڻ چيو، "هي انقلاب هڪ اهڙي ٻار وانگر آهي جيڪو وقت کان اڳ پيدا ٿيو." جڏهن انقلاب اچي ويو ته خوشيون ملهايون ويون. ٽراٽسڪيءَ چيو، "توهان گهٽو خوش نه ٿيو، هي انقلاب گهٽي دير نه هلندو. اسان کي جرمنيءَ ۾ انقلاب آڻڻو پوندو. جڏهن جرمنيءَ ۾ انقلاب ايندو ته اسان روسي انقلاب کي بچائي

سگھنداسين." جڏهن ته لينن ائين نه سمجهندو هو. هو سموري قوت روسي انقلاب کي بچائڻ تي صرف ڪرڻ چاهيندو هو. هن جو خيال هو ته جرمنيءَ ۾ انقلاب آڻڻ ممڪن ناهي. روس ۾ نه رڳو مالي وسيلن جي کوٽ هئي بلڪ انساني وسيلا ۽ تجربو به ڪجهه گهٽ هو. پر ان انقلاب کي 60 سالن تائين هلايو ويو. ان تي ايجان به گهٽو ڪجهه لکڻ جي ضرورت آهي. ان تجربي دنيا جي تاريخ بدلائي ڇڏي. هي جيڪي ٽئين دنيا جا لاتعداد ملڪ آزاد ٿيا آهن، ان جو سبب به روسي انقلاب ئي هو. روسي انقلاب پنهنجي سمورين پسماندگين جي باوجود هڪڙو ٻئي قسم جو تجربو هو. روس ۾ ته سول سوسائٽي انتهائي پوئتي پيل هئي. جاگيرداري ۽ قبائلي سماج منجهان سوشلسٽ سماج ۾ يڪدم ٽپو نه ٿو ڏئي سگهجي. سنڌيءَ ۾ هڪ چوٽي آهي، "پليٽ ۾ اهوئي ٻوڙ پوندو آهي جيڪو ديڳڙيءَ ۾ هوندو آهي." ته روس جي ديڳڙيءَ ۾ جمهوريت، برابري، سول ۽ معاشي حق، شخصي آزادي وغيره هئا ئي ڪونه ته پوءِ اهو سڀ ان سماج ۾ ڪٿان اچي ها؟ اهو استالن ئي هيو جيڪو ان تجربي کي هلائيندو رهيو. گورباچوف منيون منيون ڳالهيون ڪيون ته آمريڪا ان جا ترا ڪڍي ڇڏيا. اينگلز چيو هو، "جڏهن توهان وٽ طاقت نه هجي ته اقتدار ۾ نه اچو. توهان کي اهڙيون ڳالهيون ڪرڻيون پونديون جيڪي توهان کي نه ڪرڻ ڪپن. اهڙيءَ ريت توهان اقتدار کان به محروم ٿي ويندؤ ۽ بدنام به ٿي ويندؤ." هاڻ پوري دنيا ان انقلاب جي خلاف گڏ ٿي رهي هئي، گهيرو سوڙهو ٿيندو پئي ويو. انهن کي ايترو تشدد ڪرڻو پيو جو خدا جي پناهه. جيڪڏهن هو تشدد نه ڪن ها ته پاڻ ختم ٿي وڃن ها. هاڻ جيڪي ڪتاب ڇپجن پيا، انهن مان خبر پئجي رهي آهي ته ان تجربي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪهڙي ڪهڙي سطح تي ڳجهيون ڪارروائيون ڪيون ويون. گذريل ڏينهن ۾ برٽش انٽيليجنس جي دستاويزن تي مشتمل هڪ ڪتاب پڙهي رهيو هوس. ان لکيو آهي ته ٽراٽسڪي اسان جو ماڻهو هو. لينن جي جاءِ تي ٽراٽسڪي اچڻ ڪپندو هو. استالن جي دور جو جڏهن به تجزيو ڪيو وڃي ته انهن حالتن کي نظر ۾ رکڻو پوندو، البت اهو ضرور ٿيو ته آهستي آهستي سوويت يونين مان سوشلزم جي خوشبو ختم ٿيندي وئي. ننڍڙن صوبن سان روس جو رويو جابراڻو هو. چين جي خلاف ته هو ايٽمي طاقت جو استعمال چاهيندو هو. هينئر مون کي صحيح ياد ڪونهي، ان دور ۾ 34 ڊويزن فوج روسين چين جي سرحد تي ٻيهاري ڇڏي هئي. ان ۾ مان سمجهان ٿو ته روسي غلط هئا ۽ اسان چينين سان گڏ هئاسين. چينين کي جلدي جلدي ترقي ڪرڻي هئي. اهائي استالن واري صورتحال هئي انهن جي. جيڪڏهن جلد کان جلد ڪو صنعتي بنياد نه ٺاهين ها ته چيني انقلاب ختم ڪيو وڃي ها. ان لاءِ انهن کي گهٽو ڪجهه ڪرڻو پيو. ثقافتي انقلاب ۾ به انهن کي گهٽيون زيادتيون ڪرڻيون پيون. پوءِ مائوزيتنگ ثقافتي انقلاب جي خلاف ٿي ويو. لن پيائو صاحب تمام اڳتي وڌي ويو ۽ انهن انقلابن ۾ تضاد به وڌي ويا هئا. اڄ به چين کي خطرو آهي. جڏهن

انقلابي تبديليون اچن ٿيون ته خطرا وڌي وڃن ٿا. جيڪو انقلاب اڄ کان 1400 سال پهرين آيو هو، اهو چئن خليفن جي دور تائين بچيل رهيو. بعد ۾ ملوڪيت، بادشاهت ۽ قبائلي نظام ٻيهر ڇانئجي ويو. خود مولانا مودودي ان کي ملوڪيت چيو ۽ ان تي زبردست تنقيد ڪئي. گذريل 1300 سالن ۾ اسان اهو نظام بحال ناهيون ڪري سگهيا جيڪو حضور صلعم آندو هو. سعودي عرب ۾ حرمين شريفين جا خادم آهن، اهي به ملوڪيت قائم ڪريو وينا آهن. سعودي عرب ۾ اهوئي نظام قائم آهي، جنهن جي خلاف حضور صلعم انقلاب آندو هو.... ته جتي جتي سياسي انقلاب ايندا آهن، اتي نوان نوان رستا کلندا آهن. سوشلزم جي نالي تي جيتري قدر به تجزيا ٿيا، انهن مان اسان کي سبق سکڻ گهرجن. اڄ اهو دور آهي، جنهن ۾ سڀني سوالن تي ٻيهر غور ڪرڻ اشد ضروري ٿي پيو آهي. دنيا بدلجي رهي آهي. لاطيني آمريڪا ۾ انقلاب لاءِ ڪنهن ٻئي نموني سوچڻو پوندو، يورپ لاءِ ڪنهن ٻئي نموني، آفريقا ۾ ڪنهن ٻئي نموني. اڄ انقلاب لاءِ اسان کي جديد گهرجن کي نظر ۾ رکڻو پوندو.

پرويز مجيد: پراڻي ڪميونسٽ قيادت منجهان توهان ڪنهن ڪنهن سان مليا؟

پليجو صاحب: مان پراڻي ڪميونسٽ قيادت جو گهڻو احترام ڪريان ٿو. ان ۾ اردو ڳالهائيندڙن جي اڪثريت هئي. پوئتي پيل هجڻ ۽ گهٽ علم هجڻ جي باوجود اسان انهن کان گهڻو ڪجهه سکيو آهي. اسان حيدر بخش جتوئيءَ جي جلسن ۾ ويندا هئاسين ته انهن جلسن جي قيادت اڪثر ڪو نه ڪو اردو ڳالهائيندڙ پيو ڪندو هو، اهو نعرا به هڻائيندو هو. اسان ته ٻهراڙيءَ کان آيل هئاسين، اسان ان سياست کان بلڪل بي خبر هئاسين، اسان کي لڳندو هو ته هيءَ نئين دور جي ڳالهه ٿي رهي آهي، اسان ان کان بي انتها متاثر ٿياسين. مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ هڪڙي جدوجهد ۾ گڏ هئا، پر پوءِ اهي ئي رويا ڏٺاسين ته انهن هتان جون قومي ٻوليون ڳالهائيندڙن کي حقير سمجهيو.

پرويز مجيد: اسان توهان جو هڪ مضمون پڙهيو هو ميجر اسحاق جي باري ۾. اهو هڪ ڪتاب "ميجر اسحاق معاصرين جي نظر ۾" ۾ ڇپيو هو. ان ۾ توهان بلڪل ٻئي قسم جا ماڻهو لڳو ٿا.

پليجو صاحب: مان بلڪل ان قسم جو انسان آهيان. مان جيڪو چوندو يا لکندو آهيان، ان جي لفظ لفظ تي قائم آهيان. مان ان تي ڳالهائڻ وارو هوس. اسان جا جيڪي اردو ڳالهائيندڙ ڪامريڊ هئا، انهن ئي اسان کي گهڻ طرفي سجاڻپ ڪرائي هئي جو اسان ٻهراڙيءَ واري مشرقيت کان ٻاهر نڪري سگهياسين. مون کي ته شاعريءَ جو به شوق هو. اختر الايمان، علي سردار جعفري، جوش، انهن سڀني کان مان متاثر هوس. منهنجو هڪ دوست هو محمد ابراهيم جويو. سوشلزم جو پهريون ڪتاب اسان کي اُن پڙهايو. منهنجو هڪ ٻيو دوست هو اردو ڳالهائيندڙ مزدور اڳواڻ

نبي احمد. اهو مون کي مخدوم محي الدين پڑهي ٻڌائيندو هو. ان زماني ۾ سندس شادي ٿيڻ واري هئي. هو اڄ به منهنجو دوست آهي. ميجر اسحاق صاحب سان به منهنجي ملاقات رهي. پروفيسر عزيزالدين صاحب سان به مان ملندو رهيس. مون ان کان گهڻو ڪجهه سکيو. ان جي دوستن سان به اسان جون ڏگهيون ملاقاتون رهيون. انهن جي جدوجهد ۽ قربانيون اسان لاءِ مشعل راهه آهن. پنجاب جي ڪامريڊن سان منهنجي سڀ کان وڌيڪ دوستي رهي آهي. مان جڏهن جيل ۾ هوس، تڏهن به ائين ئي هو. مان سنڌين کان وڌيڪ پنجابي ترقي پسندن کان متاثر آهيان، ڇوتہ اهي ڪرا ماڻهو آهن. جيڪڏهن اهي توهان جا دشمن آهن تہ دشمن آهن، دوست آهن تہ دوست آهن. غلطيون ڪري سگهن ٿا، اها بي ڳالهه آهي. مان تنگ نظر ۽ رجعت پسند قوم پرست ناهيان. جڏهن مان هندوستان ويس تہ مون انهن جي خلاف تقريرون ڪيون. مون چيو تہ پاڪستان توهان جي تنگ نظريءَ جي ڪري نهيو آهي. گانڌي ۽ نهروءَ جي سبب پاڪستان نهيو هو. توهان مسلمانن کي انهن جو ٿورڙو حصو به نہ ڏنو. چوڻ جو مطلب هي آهي تہ اسان تمام گهڻا دور ڏنا آهن. اسان ميجر اسحاق صاحب سان گڏ ستلج جي ڪناري ناچ به ڪندا رهيا آهيون. اسان شاعر ماڻهو آهيون.

پرويز مجيد: شاعريءَ جي حوالي سان ڪا ڳالهه ٿي وڃي. جديد سنڌي ادب ۾ شيخ ايياز ۽ پراڻي دور ۾ شاهه لطيف کان سواءِ سنڌي ادب تي ڳالهه نٿي ٿي سگهي. توهان ان شاعريءَ کي سياست سان ڳنڍيو، تہ توهان جي ذهن ۾ ڪهڙو خيال هو ۽ توهان ان ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ٿيا؟

پليجو صاحب: شاهه لطيف ٻن شخصيتن کان متاثر هو: هڪ جلال الدين رومي ۽ ٻيو شاهه حسين لاهوري جنهن کي "ماڌو لال حسين" به چوندا آهن. "شاهه جو رسالو" ۾ شاهه حسين تي لطيف رباعي لکي آهي. لطيف وٽ محبوب جو تصور تمام جامع آهي. هو اهو نہ چوندو هو تہ، "رانجهن رانجهن ڪردي ني مين آپي رانجهن هوئي" بلڪ هو سمجهندو هو تہ محبوب جو سڃو ڪٽنب، سمورو ماحول، هر شيءِ جيڪا محبوب جي آسپاس آهي، اها سڀ محبوب آهي. اهو تصور اُن وقت تائين فرانسيسي شاعريءَ ۾ به ڪونہ هو. پشڪن کي پڑهو، همعصر چيني شاعري پڑهو، مون سڀ پڑهيو آهي، اهو تصور لطيف وٽ ئي ملي ٿو. ٻيو تہ هي اهو زمانو آهي جڏهن غريبن تي رحم ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي ويندي هئي. غريبن تي رحم ڪرڻ جي حوالي سان لطيف وٽ هڪ سٽ به ناهي. هو رڳو رحم جي جذبي تحت غريبن سان همدرديءَ جو قائل نہ هو بلڪ هو تہ بنيادي طور تي غربت جي ئي خلاف هو. لطيف جي شاعريءَ ۾ توهان کي انقلاب جي ڳالهه نظر ايندي. انقلاب شين کي هيڻان کان مٿي ڪرڻ جو نالو آهي، مڪمل طور تي ابتو ڪرڻ جو نالو آهي. ڏکن کي گهٽائڻ جو نالو انقلاب ناهي بلڪ ڏکن جي جاءِ تي خوشيون آڻڻ جو نالو انقلاب آهي. ٻيو تہ لطيف جتي سنڌ جي خوشحاليءَ جي ڳالهه ڪئي آهي، اتي پوري دنيا جي خوشحاليءَ لاءِ به

دعاگو آهي. اها ڳالهه اُن دور جي بين شاعرن ۾ گهٽ ئي ڏسڻ ۾ اچي ٿي:

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست منا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

پرويز مجيد: ڇا لطيف جي شاعري پڳتي رس ۽ پراڻي فارسي شاعريءَ جو ميلاپ آهي؟

پليجو صاحب: لطيف جي شاعريءَ ۾ اهي عنصر ضرور آهن، پر لطيف جي شاعريءَ ۾ جيڪو حاوي عنصر آهي، جيڪو ڪيس ممتاز ڪري ٿو، اهو آهي جدوجهد تي سندس ايمان، دنيا کي بدلائڻ جي آرزو، ڪمزورن کي طاقتورن تي غالب ڪرڻ.

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پڇن،
ريس ريڍاليون تن سين، ڪڇاڙي لئه ڪن؟
مارڳ جي مرن، وڏا طالع تن جا.

مقصد ته منزل تي پهچڻ اصل ڪم ناهي. اصل ڪم آهي منزل جي طرف ويندڙ رستي تي مستقل مزاجيءَ سان هلندو رهڻ ۽ ان راهه کي منزل حاصل ڪرڻ کان پوءِ به نه ڇڏڻ. هو سمجهي ٿو ته هر منزل هڪ نئين جدوجهد جو رستو ڪيڏي ٿي.

پرويز مجيد: جديد شاعريءَ ۾ توهان شيخ ايياز کان متاثر آهيو، ڪجهه ان باري ۾ ٻڌايو.

پليجو صاحب: شيخ ايياز جديد شاعري به پڙهي هئي پر ڪيس پراڻي شاعريءَ تي به عبور حاصل هو. مون وٽس پنجابي صوفين جي شاعريءَ تي ڪيترائي ڪتاب ڏنا. هن سيني کان سکيو، پر ايياز ۾ هڪ نواڻ هئي، البت ان ۾ اردو شاعريءَ واري مواد کان عاري روايتي شوخي ناهي. هو تمام گهرو شاعر آهي. مون ماضيءَ ۾ تعليم جي وزير کي لکيو هو ته کين گهرجي ته پنجابي، سنڌي، بلوچي ۽ پختون قديم ۽ جديد شاعريءَ کي اردوءَ ۾ ترجمو ڪرائين. هاڻ اهو ڪم شروع ٿيو آهي اسان جي ملڪ ۾.

پرويز مجيد: هاڻ ته ٽيڪنيڪل ڪاليج لاهور ۾ سنڌيءَ جا ڪلاس به شروع ٿي رهيا آهن.

پليجو صاحب: تمام سٺو. مان ته سمجهان ٿو ته اهو تمام ساراهه جوڳو قدم آهي. مون سنڌ ۾ چيو هو ته سنڌين کي پنجابي ادب، تاريخ ۽ فلسفي ۾ پي ايڇ ڊي ڪرائڻ گهرجي. انهن کي توهان اسڪالرشپ ڏيو. اهڙيءَ ريت باقي صوبن ۾ به ڪريو. جڏهن ماڻهو هڪ ٻئي کي سڃاڻڻ لڳندا آهن ته نفرتون گهٽجي ويندیون آهن. پهرين چوندا هئا ته ٻارنهن ميلن کان پوءِ نئين ٻولي، نئون ڪلچر اچي وڃي ٿو. هاڻ ماڻهو سمجهڻ لڳا آهن ته هڪ مجموعي ڪلچر هوندو آهي، پوءِ ان جي هيٺان ڪيترائي ڪلچر هوندا آهن. اهي سڀ مجموعي ڪلچر ۾ پنهنجو پنهنجو حصو وجهندا آهن.

پرويز مجيد: بلهي شاهه جي شاعريءَ کي توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

پليجو صاحب: اسان وٽ سنڌ ۾ ماڻهو سمجهن ٿا ته بلهي شاهه سنڌي آهي.

سنڌ ۾ هونئن ئي سيد پکڙيا پيا آهن.... ته اهي سمجهن ٿا ته بلهي شاهه صاحب به سنڌي ئي هوندو. هونئن ته شاهه لطيف، سچل، شاهه حسين وڌا شاعر آهن پر مستن يا ملنگن ۾ سڀ کان گهڻي تحريڪ پيدا ڪندڙ شاعر بابا بلهي شاهه ئي آهي. اهل شوق لاءِ شاهه حسين آهي.

پرويز مجيد: شاهه حسين وڏيڪ گهرو شاعر آهي، بلهي شاهه هر ڳالهه سڌي ۽ ڪلي عام ڪري ٿو. سنڌ ۾ ماڻهو شاهه حسين يا بلهي شاهه جي پنجابي ڪيئن سمجهي ونڻ ٿا؟

پليجو صاحب: سنڌ ۾ سچل ڪُلي ڳالهه ڪرڻ وارو هو ۽ لطيف گهرائيءَ ۾ وڃي باريڪ ڳالهه ڪندو هو. سچل اگهاڙي ترار هو. اهڙيءَ طرح بلهي شاهه به اگهاڙي ترار آهي. جڏهن ته شاهه حسين ٿورو ٻئي انداز ۾ پنهنجي ڳالهه چوي ٿو.

پرويز مجيد: "بزمِ صوفياءِ سنڌ" جي باري ۾ ٻڌايو، ان تجربي سان توهان کي جدوجهد ۾ ڪيتري قدر مدد ملي؟

پليجو صاحب: هر نسل کي ماضيءَ جي ادب کي نئين سر ڏسڻ گهرجي، ان جون تفسيرون لکڻ گهرجن. مان سڀني کي چوان ٿو ته فارسي شاعريءَ تي اسان کي لکڻ گهرجي. جيڪي پهريان واريون ترجيحون آهن، انهن ۾ اُن دور جا تعصب ۽ سڃ ٻئي شامل هئا. اڄ اسان مولانا حاليءَ جي دور ۾ ناهيون. اهڙيءَ ريت اردو شاعريءَ تي صرف لکنوي ۽ دهلوي حضرات جي هڪ هٿي نه هئڻ گهرجي. اها سموري شاعري عوامي ملڪيت آهي. انهن سمورين شين تي ڳالهائڻ ضروري آهي. اسان وٽ وقت سان گڏوگڏ سرڪاري سرپرستي مذهب جي اصل روح کي چيپاٽي ڇڏيو آهي، ان ڪري ماڻهن ۾ متبادل مذهبي روح پيدا ڪرڻ جي ضرورت وڏيڪ وڌي وڃي ٿي. تصوف مسلمانن کان اڳ به موجود هو. "ٻڌمت تحريڪ" ۽ هِتان ئي شروع ٿي. هڪ طرف "شيو" جا پوڄاري هئا، ٻئي پاسي "وشنو" جا پوڄاري هئا. پوءِ اتي اُهي يهودي ۽ وبا جن کي اولهه يورپ مان ڏيهه نيڪالي ملي هئي، انهن عربي زبان اختيار ڪئي. انهن تصوف تي گهڻا ڪتاب لکيا. جوزف بن عبط بن قبوچه چيو آهي، "مذهب جا ڪجهه جسماني فرض آهن، انهن کي ڇڏيو ويو آهي." سچائي، وفاداري، انسان دوستي، روح کي پاڪ ڪرڻ، اهي سڀ دل جا فرض آهن. عيسائيت ۾ وڏا وڏا صوفي اسلام کان اڳ گذريا آهن. "ابن العربي" تصوف ۾ وڏو نالو آهي پر "شنڪر آچاريه" ان کان ٿي سئو سال پهرين "وحدت الوجود" جو فلسفو پيش ڪيو هو. مسلمانن ۾ "وحدت شهود" جو شروع ڪندڙ 17هين صديءَ جو مجدد الف ثاني آهي. جڏهن ته 15هين صديءَ ۾ هندو صوفي "راماروچ" ان باري ۾ ڳالهائي ڇڏيو هو. مسلمانن تصوف ته انهن ماڻهن کان سکيو آهي. جتي جتي مذهب طاقت سان ملي ڪري انسانن کي چيپاٽڻ شروع ڪيو، اتي اتي تصوف مذهب جي متبادل طور پيدا ٿيو. برهمڻن جيڪا بربريت اسلام کان اڳ برپا ڪئي هئي، ان جي ردِعمل ۾ تصوف اسان جي

معاشري ۾ تمام پهريان کان اڳي چڪو هو.

شاهه لطيف جهڙن شاعرن ان تصوف جي روايت کي انقلابي جدوجهد سان ملائي، ان ۾ هڪ جدت پيدا ڪئي. اسان "بزمِ صوفياءِ سنڌ" ۾ ان تاريخي ورثي کي موجوده دور سان ڳنڍيڻ جو ڪم ڪيو ۽ ان ۾ هڪ حد تائين ڪامياب به رهياسين.

محبوب خان: اسين توهان سان گڏجي هڪ عرصي کان سياست کي سمجهڻ جي کوشش ڪري رهيا آهيون. ڪابي ڏر ۾ اتحاد جون ڳالهيون ڪيترائي ڀيرا ٿي چڪيون آهن. توهان جڏهن پنجاب اڇڻ شروع ڪيو هو تہ ان وقت پنجاب مان "پروفيسر گروپ" سان ڳالهه هلي رهي هئي. ڪراچيءَ مان علي ياور وغيره به ان ڳالهه ٻولهه ۾ شامل هئا. توهان لاهور جي هڪ هوٽل 786 ۾ پاڪستان عوامي تحريڪ جو اعلان ڪيو. مان به اتي موجود هوس. ان کان پوءِ به گهٽن ئي اتحادن جي ڳالهه هلندي رهي، پر ڪابي ڏر ۾ نہ تہ اتحاد قائم ٿيو ۽ نہ ئي ملڪي سطح تي ڪا موثر پارٽي نهي سگهي، تہ توهان ان جو ذميوار ڪنهن کي سمجهو ٿا؟

پليجو صاحب: پاڪستان ۾ ڪابي ڏر جا ڪيترائي گروهه آهن: استالنست، لېننست، ڪميونست، ٽراٽسڪائيٽ، مائوست، چين نواز، روس نواز، البانيه نواز، سوشلسٽ وغيره وغيره. هاڻ توهان هڪ تازو مثال ٻڌو. اسان "پونم" ناهي. هڪ ڏينهن لنڊن مان "وحي" آئي تہ ايم ڪيو ايم کي مظلوم قوم قرار ڏيڻو آهي. جڏهن تہ ووٽنگ ٿي تہ 16 ماڻهن ان جي حمايت، جڏهن تہ ٻن مخالفت ڪئي. حمايت ڪندڙ اُهي ئي هئا جيڪي سپ کان وڌيڪ ايم ڪيو ايم تي تنقيد ڪندا رهيا هئا. انهن ۾ ڏينهن پهرين پريس ڪانفرنس ۾ ايم ڪيو ايم کي "دهشتگرد" ۽ "بدمعاش" وغيره چيو هو. تہ ڪجهه ماڻهو تہ اهڙا آهن جن کي اشارو ملي ٿو تہ اهي پنهنجو نقطهء نظر بدلائي چڏين ٿا. ان کان پوءِ ٻيو قسم نظرياتي ماڻهن جو آهي. هاڻ اسين سمجهون ٿا تہ پاڪستان کي فيڊرل بنيادن تي ئي هلائي سگهجي ٿو. ڪجهه دوست اها ڳالهه نٿا سمجهن. ٻيو تہ اسان جي ڪامريڊن ۾ مطالعي جو رجحان ناهي. اهڙا به "دانشور" آهن جيڪي شهرن ۾ ويهي تجزيا ڪندا رهندا آهن. اهڙا "دانشور" عوام کان ڪٽيل هوندا آهن. لطيف جو شعر آهي: ترجمو: "اهي وڻ جن کي وڍيو ويو هو، هاڻ جڏهن ملير ۾ برسات وُٺي آهي ۽ گاهه موريو آهي تہ انهن کي خبر ئي ناهي پئي."

ڇوتہ اهي وڍيل آهن، برسات سان انهن تي ڪوبہ فرق نہ ٿو پوي. عوام گڙٻڙ ڪن ٿا، روڍن تي اچن ٿا، پهراڙين ۾ انتظاميا سان جهيڙا ڪن ٿا، پر هي چون ٿا تہ ڪجهه به نہ پيو ٿئي! مان هر وقت دوستن کي تنگ ڪندو رهندو آهيان. پروفيسر صاحب کي فون ڪندو آهيان، منٽو صاحب سان ملندو آهيان، پٽڻ جي دوستن کان پڇندو آهيان، جميل عمر سان ملندو آهيان، سيني کي چوندو آهيان تہ ڪجهه تہ ڪريو! سيئي گڏجي ويهون. مان گذريل ڏينهن ۾ يورپ ويو هوس، نوان ڪتاب آندا اٿم روس

جي زوال تي، پڑهڻ تمام ضروري آهي. سنڌ ۾ اسان گهٽو ڪم ڪري رهيا آهيون. اڄ آئون سکر آهيان ته سياڻي گهوٽڪي، پرينهن حيدرآباد، وري ڪراچي. مان ته تيار آهيان. مون کي جتي سڏيو، مان اچي ويندس.

محبوب خان: چا توهان سمجهو ٿا ته پاڪستان جي فيڊريشن کي حقيقي طور تي هلائڻ لاءِ موجوده آئين ڪافي ٿيندو؟

پليجو صاحب: قطعي نه! سينيٽ بوگس آهي. هتي ته جن سپريم ڪورٽ تي حملو ڪيو هو، انهن کي هڪ لپاٽ به ناهي لڳي، ته چا وقار وڃي رهيو عدليه جو؟ جرنيلن گهٽي محنت ڪئي آهي هن ملڪ کي "ناهڻ" جي، هاڻ کين آرام ڪرڻ گهرجي، ماڻهن تي چڙي ڏين، سياسي پارٽين جو ڪم آهي ته اهي آئين تي بحث ڪن، پر اهي ته سيٽن جي ورهاست ۾ لڳا پيا هوندا آهن. طاقتور ادارن جي مرضيءَ کان سواءِ اليڪشن ڪٽڻ ته پري جي ڳالهه، ڪنهن وڏي پارٽيءَ جي ٽڪيٽ به نٿي ملي سگهي. موجوده سيٽ اپ ۾ ڪجهه به نٿو ٿي سگهي.

محبوب خان: جيڪڏهن نئون آئين توهان جي تجويزن تي نهي وڃي ته ان ڳالهه جي ڪهڙي ضمانت آهي ته طاقتور ادارا ماضيءَ وانگر سياست ۾ مداخلت نه ڪندا؟

پليجو صاحب: اهو آئين تڏهن ئي ٺهندو جڏهن عوام کي طاقت حاصل ٿي چڪي هوندي. ضمانت عوامي طاقت آهي. سنڌ ۾ اسان ماڻهن کي گڏ ڪري سگهون ٿا، جڏهن چاهيون. 20 هزار ماڻهو اسان آڻي سگهون ٿا. ڪرايو هجي ته هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو اسين آڻي سگهون ٿا. جيڪڏهن اسان وٽ اين جي اوز جيترو پئسو هجي ته اسان حڪمرانن کي چُرڻ به نه ڏيون. ايتري قدر طاقت اسان وٽ پنجاب ۾ به هئڻ گهرجي. اسان وڏيرن جي خلاف اهو سڀ ڪجهه ڪيو. اسان تيار آهيون، پر پنجاب وارا اُٺن ئي نٿا.

محبوب خان: توهان هڪ ڊگهي عرصي کان هتي پنجاب ۾ اچو پيا. مون کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته مون پنجاب ۾ توهان جو پهريون عوامي جلسو آرگنائيز ڪيو هو. چا توهان کي پنجاب ۾ کي اهڙا ماڻهو ڪونه ملیا جيکي قومي حقن، جمهوريت ۽ روشن خياليءَ جي ان جدوجهد ۾ توهان سان گڏ هلڻ لاءِ تيار هجن؟ جيکي پنجاب تي لڳندڙ روايتي الزامن جي ابتڙ جدوجهد ڪري رهيا هجن؟

پليجو صاحب: مان سمجهان ٿو ته يقيناً اهڙا ماڻهو هوندا، پر مون کي ناهن ملیا. منهنجي انهن تائين رسائي ناهي ٿي سگهي.

عامر رياض: ڪٿي ائين ته ناهي ته قوم پرست سياست ۾ حاوي رجحان هميشه کان پنجاب جي مخالفت ڪندو رهيو آهي. قوم پرست هر غلط عمل کي پنجاب سان ڳنڍين ٿا. توهان کان اڳ بلوچ قوم پرست اڳواڻ ڊاڪٽر حئي

بلوچ پنهنجي انٽرويوءَ ۾ مڃيو هو تہ نعپ پنجاب ۾ قومي مسئلي جي سياست ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ۽ پنجاب ۾ نعپ جا ماڻهو پاڻ ۾ پنجابي زبان ۽ ڪلچر جي حق ۾ نہ هئا. اهي هر ان پاليسيءَ جي حق ۾ هئا جيڪا پنجاب جي خلاف هجي. ڪالاباغ ڊيم جو مسئلو هجي يا پنجاب کي ورهائڻ جو، توهان ماڻهن پنجاب ۾ هميشہ اهڙا دوست ڳوليا آهن جيڪي پنجابي هجڻ تي شرمسار هئا. اهڙن ماڻهن مان توهان اها اميد ڪيئن رکي سگهو ٿا تہ انهن کي پنجابي عوام جي حمايت ملندي؟

پليجو صاحب: پنجاب کي اسين مرڪز جو اتحادي سمجهون ٿا. سنڌ جي وزيراعظم ڪهڑي، علامہ اقبال کي خط لکيو تہ، "هاڻ سنڌ بمبئي کان الڳ ٿي وئي آهي، اسان کي آفيسرن جي ضرورت آهي، توهان آفيسرن جي نشاندهي ڪريو." خط ڇپجي چڪو آهي. هن ڇيو تہ فلاڻي علامہ کي مون توهان جو خط موڪليو آهي، اهو جواب ڏيندو. جواب هي هو، "پنجابي آفيسر نہ ونو، اهي لارنس جو اولاد آهن. هي توهان کي تباهہ ڪري ڇڏيندا. بمبئي وارا سڏا آهن." پر اسان پنجابي عوام جي خلاف ناهيون. ڄاڻي واڻي اسان وٽ اهڙن ماڻهن کي نمايان ڪيو وڃي ٿو جيڪي پنجاب مخالف نعرا هڻن ٿا. اسين آفيسر شاهيءَ جي خلاف آهيون. اسان جا ماڻهو تہ انهن ادارن ۾ ڪونهن، تہ اسان ڪنهن جو نالو ونون؟ هڪڑي سنڌي وزيراعظم کي ڦاسي ڏني وئي. هڪ سنڌي جج جي آڏو نواز شريف جو ڪيس آيو هو، تہ اسان جي ڪيترن دوستن ان صورتحال تي پنهنجن پنهنجن خدشن جو اظهار ڪيو تہ مون ڇيو، "گهبرايو نہ، سنڌي ان معاملي ۾ مختلف روايتون رکندڙ آهن. سنڌي ڪيترو بہ ڪِريل ڇونہ هجي، اهو پاڙيسريءَ کي ڦاسيءَ جي سزا نہ ڏيندو." اها حقيقت آهي، اسان ان کي ڇا ڇئون؟ هاڻ هٽلر جرمن هو تہ اسان جرمنن کي ٻُرو تہ نہ چونداسين.

محبوب خان: هتي مان ڪجهہ وضاحت چاهيندس. توهان جيڪو ڪيس ناهي رهيا آهيو، ان ۾ توهان پنجاب جي حڪمرانن ۽ عوام کي هڪڑي ئي لٺ سان هڪلي رهيا آهيو، اهو تہ مناسب ڪونهي، خاص ڪري جڏهن توهان پنجاب ۾ سياست بہ ڪرڻ چاهيو ٿا.

پليجو صاحب: جي بلڪل. اسان چئون ٿا تہ اهي سڀ آمريڪا جا پٺو آهن. انهن کي سامراج پيدا ڪيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ اهي سڀ وڏيرا ۽ اعليٰ آفيسر، پلي ڪٽي اهي ڪهڑي بہ لساني يا قوميتي گروهہ جا هجن، آمريڪي پٺو آهن. ان کي لڪائڻ نہ ڪپي. مان توهان سان گڏ آهيان، پر ان سان گڏوگڏ ٻين عملن جي بہ ڀَالهہ ڪرٽي پوندي. سردار بدمعاش آهن، وڏيرا ظالم آهن. جيڪڏهن سنڌي بيوروڪريسيءَ کي "بدمعاشي" جو موقعو ملندو تہ ڇا اها نہ ڪندي؟ پٽي صاحب ماڻهن سان ڇا ڪيو؟ اسان تہ روز پٽي صاحب جي خلاف ڀَالهايون ٿا. اسان پٽي جي خلاف آهيون، سنڌين جي خلاف ناهيون.

عامر رياض: پٽي جي مخالفت ۾ تہ توهان چئو ٿا تہ هي پٽو ڪري رهيو آهي، پر جڏهن غلام محمد ڪجهہ ڪري ٿو تہ توهان ان کي پنجابين جي ڪاتي ۾ وجهو ٿا. ڇا اهو تضاد ناهي؟

پليجو صاحب: توهان ڪنهن بہ ترقي پسند سنڌيءَ جو هڪ جملو پيش ڪريو، جنهن ۾ چيو ويو هجي تہ جيڪو ڪجهہ غلام محمد ڪري ويو آهي، اهو پنجاب ڪيو آهي، تہ جيڪا چور جي سزا، اها منهنجي. جڏهن مان پونم ۾ هوس تہ مينگل صاحب چوندو هو تہ هاڻ پليجو ايندو ۽ پنجاب جي حمايت ڪندو. آئون ڇا پچندو هوس؟ اسان بلهي شاهہ، فيض ۽ جالب جي حمايت نہ ڪريون؟ توهان بلوچستان جي جبلن کان پڇو، مون چٽيءَ ريت چيو هو تہ اسان پنجاب جي سٽن ماڻهن جا ايجنٽ آهيون. اسان پنجاب جي عوام جا ايجنٽ آهيون. اهي اسان کي پنهنجي غلاميءَ ۾ قبول ڪن، مون کي منظور آهي. توهان اسان جي علائقن ۾ اچو، پهراڙين ۾ اچو، اُتي توهان کي اهو تصور نہ ملندو تہ پنجاب بطور پنجاب ظالم آهي. هڪڙو وقت اهڙو ضرور هو، جڏهن سپ جرمن هٽلر جي چوٽ ۾ اچي ويا هئا، پر هيءَ اهائي قوم هئي جنهن مارڪس، اينگلز پيدا ڪيا. عوام کي پٽڪائي سگهجي ٿو. سنڌي ماڻهن کي پٽي بيوقوف بڻايو. سنڌي پاڻڪاري سميت وڏيرن جي پويان ناهن؟ جڏهن سنڌي ائين ڪن ٿا تہ اسان انهن تي بہ تنقيد ڪريون ٿا. اها دوستاڻي تنقيد هوندي آهي، ان ۾ ڪنهن قسم جو ڪوبہ تضاد ناهي.

محبوب خان: هڪڙو زمانو هو جڏهن ماڻهو پاڻ کي سياسي پارٽين سان وابستہ ڪندا هئا، هاڻي سياسي بي حسي چئني پاسي پکڙيل آهي. سرڪار ان ۾ ڪامياب آهي تہ ماڻهو سياست ۽ سياسي پارٽين کان پري رهن، پر سياسي پارٽين ان سلسلي ۾ ڪا پيش بندي ناهي ڪئي.

پليجو صاحب: اهڙيون سموريون سياسي پارٽيون سرڪار جو حصو آهن. انهن کي شڪايت صرف اها آهي تہ هُن کي وارو مليو آهي، مون کي ڇو نہ مليو!

محبوب خان: مان سمورين سياسي پارٽين جي ڳالهہ پيو ڪريان. سياست پليجي جي هجي يا چوڏرين جي، ماڻهو سڀني کان ڌار ٿيندا پيا وڃن.

پليجو صاحب: اها بي حسي دور ٿي سگهي ٿي. اسان وٽ توهان کي سئو مان پنج ماڻهو ضرور اهڙا ملندا جيڪي چوندا تہ پليجي جي سياست درست آهي. توهان هتي بہ جيڪڏهن ڪنهن مسئلي تي استينڊ ونو تہ ماڻهو توهان سان گڏ هليا ايندا. مسئلو استينڊ ونڊ جو آهي، اعتبار جو آهي. هاڻ عوام جو انهن تي اعتبار ناهي رهيو تہ اها سياسي بي حسي ناهي. اها سياست، جيڪا ٿي رهي آهي، ان جو عوام سان واسطو ئي ناهي. ان ڪري عوام جو انهن تي اعتبار بہ ناهي. جيتري توهان جي ڳالهہ اڄ ٻڌي ويندي، ويهہ سال پهرين ائين ممڪن ئي ڪونہ هو تہ توهان جي ڳالهہ ايترا ماڻهو ٻڌن ها. معيشت جو فارمولا آهي تہ جنهن شيءِ جي ڪوٽ هجي، ان جو اڳهہ وڌي

ويندو آهي. اڄ اسان جي سياست ۾ بهادري، دليري، ايمانداريءَ جي سخت کوٽ آهي. اڄ توهان جيڪڏهن ماڻهن ۾ پنهنجو اعتماد پيدا ڪريو ته حالتون بدلجي سگهن ٿيون. اهو موقعو اڄ اسان کي مليو آهي. مان ته چوان ٿو ته جيترو بي وس، جيترو بي ڪس يا جيترو بيڪار مان اڄ آهيان، ايتري جيڪڏهن بينظير پٽو هجي ته پوءِ ڳٽجو ته ان سان گڏ گهٽا ماڻهو آهن. مان ڪنهن کي ڪلرڪ جي نوڪري يا پرمٽ ڏيارڻ نٿو سگهان. جيڪڏهن اهي شرطون پاڪستاني سياست جي وڏن راندينگرن تي لڳايون ۽ پوءِ چئون ته ڪنهن وٽ گهٽا ماڻهو آهن، ته اسان وٽ سيني کان گهٽا ماڻهو هوندا. جيڪڏهن اڄ ماڻهن کي يقين ٿي وڃي ته بينظير ڪڏهن به حڪومت ۾ نه ايندي ته ان سان گڏ هڪڙو به ماڻهو نه رهندو.

سهيل مجيد: توهان اليڪشن جي سڃي طريقيڪار تي عدم اعتماد ظاهر ڪيو آهي، ته ڇا ان جو متبادل به آهي توهان جي ذهن ۾؟

پليجو صاحب: گڏيل هندوستان ۾ ڇا ٿيو هو؟ 1890ع ۾ اُتي چوندڙون ٿيڻ شروع ٿي ويون هيون. ڪانگريس انهن چوندڙن تي لعنت وڌي، انهن ماڻهن کي منظم ڪيو، تحريڪون هلايون. 1937ع ۾ چوندڙون ٿيون، هُو 11 منجهان 7 صوبن ۾ حڪومتون ناهڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

توهان پهرين ڪم ڪريو. هاڻ اسين آهيون، سنڌ ۾ لاتعداد ماڻهو اسان وٽ آيا ته اسان جي مدد ڪريو. اسان شرطون رکيون ته فلاڻي مسئلي تي توهان ڇا ٿا سوچيو وغيره. سنڌ جي حد تائين اسين هر حلقي ۾ موجود آهيون. اسان جن کي غدار سمجهون ٿا، انهن کي هارائڻ ۾ اسان ڪردار ادا ڪيو. اسان وڌي رهيا آهيون. اسان جنهن کي چاهيندا سين کترائيندا سين، جنهن کي چاهيندا سين هارائيندا سين. انهن وزيرن ۽ اسيمبلي ميمبرن جي ڳالهه ڪير ٿو ٻڌي؟ جيڪڏهن اسان کو اعلان ڪريون ته سيني کي خبر آهي ته اهو ٿي ويندو. هاڻ هي جيڪي دهشتگرد آهن، اسان انهن جي خلاف آهيون. وڌي دهشتگرد هندستان ۾ جيڪي بيان ڏنا پاڪستان جي تشڪيل جي باري ۾، اهي ڇا هئا؟ اسان صرف قومي مفاد خاطر خاموش آهيون. اسان ان عمل جي حق ۾ آهيون، هلائڻ وارا ڪير به هجن. هن چيو ته نظريه پاڪستان ناهي رهيو وغيره. اسان انهن جي خلاف به آهيون پر اسان ذميواريءَ جو مظاهرو ڪيو، موقعي مان فائدو نه ورتو. اسان کوکرا پار- مونا باڻو سرحد کلڻ جي سخت مخالفت ڪئي، پر ٿوري ڇڏي ڏني آهي. ڏسون ته هي ڇا ٿا ڪن. اسان جڏهن ڪا لائين وٺي ڇڏيون، ته ان کي سيني کي مڃڻو پوندو آهي. اسان روز بيان ڏيندا سين ۽ ڏسندا سين ته ڪير ڇا ٿو ڪري سگهي. سنن ڪمن جي اسان تائيد به ڪريون ٿا. آصف کي ڇڏيائون ته اسان مبارڪباد ڏني. آصف چيو ته اسان ڊيل (معاهدو) ناهي ڪئي. اسان چيو شاباس. اسان ان ڳالهه تي ڪليئر (چٽا) آهيون ته سنڌ جي سياست اسان کان سواءِ ٿي سگهي ئي نٿي.

عامر رياض: توهان کوکرا پار رستو ڪلڻ جا مخالف ڇو آهيو؟

پليجو صاحب: اسان سخت خلاف آهيون. سپ هِتي اچي ويندا. سنڌين کي ريڊ انڊين بڻائي ڇڏيندا. اهي سپ ڏوهاري آهن. هندوستان جا ڏوهاري هتي اچي وڃن ٿا، اُتي "ڏوهاري" ماڻهن جو ڏڪار ٿي ويو آهي.

عامر رياض: پوري ڪميونٽيءَ کي اهڙيءَ ريت ٽارگيٽ ڪرڻ سياسي ۽ انساني لحاظ کان ڪيتري قدر درست آهي؟

پليجو صاحب: مان پوري ڪميونٽيءَ کي ٽارگيٽ نه پيو ڪريان. مان ڪڏهن به اجازت نه ڏيندس ته توهان ٻيا لفظ منهنجي زبان تي آڻيو. مان ڏوهاري ماڻهن جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان.

محبوب خان: هاڻ توهان ڪجهه ڏوهاري ماڻهن جي ڪري هزارين ماڻهن کي ملڻ کان روڪي ڇڏيو ته اها ڪا صحيح حڪمت عملي ته نه هوندي، ٻين ماڻهن جو ته ان ۾ ڪوبه ڏوهه نه ٿيو!

پليجو صاحب: توهان ڪو ٻيو باربر ڪولي ڇڏيو.

عامر رياض: هي ويجهو آهي.

پليجو صاحب: ڪوبه ويجهو ڪونهي. ڪٽي "دلي" ڪٽي هي باربر! اها بوگس ڳالهه آهي.

عامر رياض: اُتي سنڌي هندو به رهن ٿا، تمام گهٽا ماڻهو رهن ٿا اُتي.

پليجو صاحب: سنڌي هندو انهيءَ پاسي ناهن. سنڌي هندو ممبئي ۾ رهن ٿا. اُهي پُونا، دهلي، آسٽريليا ۾ رهن ٿا.

محبوب خان: هڪ طرف توهان جو دليل آهي ته اسان وڏي عمل خاطر (الطاف حسين جي) مخالفت نه ڪئي، ٻئي پاسي ڪجهه ڏوهاري ماڻهن جي لاءِ توهان هي باربر ڪولڻ جي مخالفت ڪري رهيا آهيو.

پليجو صاحب: اهو هڪ غلط قدم آهي. اهو هڪ صوبي کي ڪائي وڃڻ جي برابر آهي، ان ۾ فائدو گهٽ ۽ نقصان وڌيڪ آهي.

عامر رياض: پاڪ- انڊيا فورم پنهنجي آخري اجلاس ۾ ورهايل خاندانن جي ميلاپ جي حوالي سان جيڪي نهراءَ منظور ڪيا، انهن ۾ هن باربر ڪولڻ جي حمايت موجود آهي، ان تي توهان ڪهڙو تبصرو ڪندؤ؟

پليجو صاحب: پاڪ- انڊيا فورم ۾ جيڪي وينا آهن، مون کي انهن جو شرفِ نياز حاصل آهي. مان انهن کي چگهيءَ ريت سجاڻان ٿو. مان انهن کان ڪيئي ڀيرا فيضياب ٿي چڪو آهيان.

عامر رياض: توهان اسان کي ٻڌايو، پڙهندڙ به ڄاڻڻ چاهيندا.

پليجو صاحب: مان سمجهان ٿو ته توهان مون کان بهتر ڄاڻو ٿا. اُتي خاندان وينا آهن، اُهي روز هيڏانهن کان هوڏانهن وڃن ٿا ۽ هوڏانهن کان هيڏانهن اچن ٿا.

محبوب خان: مان بہ سياڻي پرينهن ان جو ميمبر ٿيڻ وارو آهيان.

پليجو صاحب: ادا! ميمبر تہ مان بہ آهيان. ان ۾ بلوچ، پختون ڪيترا آهن؟ بهراڙين جا ماڻهو گهٽا آهن؟

عامر رياض: ڇا ان ۾ سنڌي شامل ناهن ؟

پليجو صاحب: ڪٿي آهن؟ توهان ٻڌايو مون کي.

محبوب خان: توهان ان سان اتفاق ڪريو ٿا تہ ٻنهي ملڪن جي ماڻهن کي هڪٻئي سان ملڻ گهرجي، پر... ؟

پليجو صاحب: مان اتفاق ڪريان ٿو پر هي نمائندا ڪونهن. هي ڪهڙا پهلوان آهن جو انهن کي قائل ڪري ونندا! هي وڃن ٿا، اُتي ڪنهن شهر ۾ گپ شپ ڪن ٿا، ڳائڻ وڄائڻ ٻڌيو، واپس اچيو وڃن. هي ڪن ڇا ٿا؟ هي اُتان جي عوام سان ڪٿي ٿا ملن؟

محبوب خان: انهن جي اها دعويٰ ناهي. اهي چون ٿا تہ اڄا اسان ان قابل ناهيون تہ اُتي وڃي ڪري ڪا پبلڪ ميٽنگ ڪريون. هو صرف عام راءِ پيا ناهين.

پليجو صاحب: اها عام راءِ ناهيندڙن جي جيڪا مافيا آهي، جيڪا سڄو مال ڪايو وڃي عام راءِ ناهيندي. ڇا اهي ئي وڃي رهيا آهن عام راءِ ناهڻ وارا پاڪستان ۾؟ توهان انهن سان ملڻ جڏهن بہ ويندؤ تہ اهي ئي ڳاڻ ڳٽيا ماڻهو وينا هوندا. انهن جي زال هوندي، ياڄائي هوندي، توهان انهن جي لست ونو. جيڪي ڪميٽيءَ جا ميمبر وڃن ٿا، انهن جون فهرستون ڏسو. ڇا پاڪستان ۾ پاڪ- پارت لاڳاپن جي بهتريءَ جا خيرخواهہ صرف اهي ئي ماڻهو وڃي رهيا آهن؟ صرف هڪڙو ئي گروهہ آهي؟ ڪٿي مڙس آهي تہ ڪٿي زال آهي، ايستائين جو انهن جون طلاق ورتل زالون بہ ان ۾ شامل آهن. .It's too much, it's a bad taste (اهو ڪافي آهي، اهو خراب ذائقو آهي.)

محبوب خان: جيڪڏهن اهي ماڻهو نہ ڪن تہ ڪير ڪندو؟

پليجو صاحب: هزارين ماڻهو آهن.

محبوب خان: توهان ڇو نہ ٿا ڪريو؟

پليجو صاحب: هي اسان کي ڪرڻ ئي نٿا ڏين. هاڻ توهان ماسڪو ويڙ بہ چاهيو ٿي، پر هي قبضو ڪريو وينا هئا. اُتي چوندا هئا تہ اسان ۽ توهان آمريڪا جا ايجنٽ آهيون. اسان اُتي ويندا سين تہ هي چوندا، آڏواٽيءَ جو ماڻهو آهي. اسان ڇا ڪندا سين؟ اجهو هينئر "را" تان رٽائرڊ ٿيو آهي. هاڻ ڇا اهي جاچ ڪندا!

عامر رياض: توهان جي هن سڄي ڳالهہ ۾ سڀ کان وڌيڪ حاوي عنصر، سازش جو نظريو (Conspiracy Theory) آهي. توهان هر ڳالهہ ۾ ان کي استعمال ڪريو ٿا. ان سازش جي نظريي جي تند سدائين آمريڪا تي ٽُٽي ٿي، تہ ڇا توهان ان صورتحال کي ڪجهہ وڌيڪ سادي انداز ۾ نٿا ڏسو؟

پليجو صاحب: هاڻ افغانستان جو اسلامي جهاد اسرائيل جي سرپرستيءَ ۾ هلي

رهيو آهي، اهو رڪارڊ تي آهي. هي ٻئي ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ پشاور ۾ هڪ صحافيءَ اسرائيلين کي ڏنو. ڪيس بعد ۾ مارايو ويو. سڄو رڪارڊ موجود آهي. اسان کي خبر آهي تہ ڇا ٿيندو آهي. مان وڪيل آهيان، مان جاڻان ٿو تہ صرف سڌي سنئين شاهدي (Direct Evidence) تي سڄي ڪائنات نٿي هلي. حالتن جي شاهدي (Circumstantial Evidence) ان کان بہ وڌيڪ مضبوط هوندي آهي. توهان کي آسپاس جي حالتن جو جائزو ونڊو پوندو.

عامر رياض: هاڻ توهان حالتن جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيو، جڏهن پاڪستان نهيو تہ اُن وقت آسپاس جون حالتون ڪهڙيون هيون ؟ اُن وقت هڪ سرد جنگ جي شروعات ٿي چڪي هئي. هڪ طرف سوويت يونين ۽ ٻئي پاسي آمريڪا هو. ظاهر آهي پاڪستان کي انهن ٻنهي ڪيمپن مان ڪنهن هڪ جو ساٿ ڏيڻو هو.

پليجو صاحب: اها "ظاهر آهي" واري توهان جي ڳالهہ صحيح ڪانهي.

عامر رياض: مان ٻڌايان ٿو. اُن وقت طاقت جا جيڪي مرڪز هئا، انهن کي حالتون طئي ڪرٽيون هيون. چوڻ لاءِ هڪ غير جانبدار ملڪن جو اتحاد بہ هو، پر اهو ڪهڙي ڪيمپ جو مددگار هو، اهو اسين سڀ ڄاڻون ٿا. هونئن بہ غير جانبداري ڪانہ هئي. سڀ ملڪ ڪنهن نہ ڪنهن ڪيمپ سان گڏ هئا. هندوستان اڳواڻ بہ هو ۽ غير جانبدار تحريڪ جو ۽ سوويت يونين جو اتحادي بہ. انهن غير جانبدار ملڪن بہ ان سرد جنگ کي اڳتي وڌائڻ ۾ پرپور ڪردار ادا ڪيو. توهان جي چاهڻ يا نہ چاهڻ جي باوجود توهان کي ان سرد جنگ ۾ ملوث ٽيڻو هو. ٻيو تہ توهان جون زميني حقيقتون بہ تہ اهي ئي هيون. توهان جيڪڏهن روس سان هليا وڃو ها تہ انڊيا آمريڪا سان هليو وڃي ها. هاڻ اهو بہ تہ Circumstantial Evidence آهي تہ توهان سرد جنگ ۾ ئي پيدا ٿيا هئا. لڳي ٿو تہ توهان رڳو اهي حقيقتون بيان ڪندا آهيو جيڪي توهان جي نقطہء نظر جي حمايت ۾ هجن، ٻيون حقيقتون توهان ڇڏي ڏيو ٿا.

پليجو صاحب: اهي سڀ ڳالهيون بي بنياد آهن. اهو تجزيو ئي غلط آهي. اها ڳالهہ ئي غلط آهي تہ توهان کي ڪنهن نہ ڪنهن جو ساٿ ڏيڻو ئي هو. توهان کي هِن بدمعاش جو ساٿ ڏيڻو هو يا هُن بدمعاش جو. ڪيترائي ملڪ هئا جيڪي ڪنهن بہ ڪيمپ سان گڏ نہ هئا، توهان انهن ۾ شامل ٿي وڃو ها. سوويت يونين توهان کي دعوت ڏني، توهان پڃي آمريڪا هليا ويا. توهان ٻين کي دشمن ٻڌائي ورتو. ڇا توهان انهن غير ذميوار ماڻهن جو دفاع ڪري رهيا آهيو؟ مان وڪيل آهيان، مان اصل رڪارڊ پڙهان ٿو. لياقت علي خان خيرات پني پني ايران جي ذريعي سوويت يونين وڃڻ جو دعوت نامو حاصل ڪيو هو، پوءِ بليڪ ميلنگ ڪري آمريڪا هليو ويو. اهڙو ماڻهو هو جنهن جو نالو لياقت علي خان آهي. توهان کي لڙائين جي پاليسين کان

بچڻ کپندو هو. توهان هر لڙائيءَ ۾ ٽنگ اڙائي پنهنجو ئي نقصان ڪيو. توهان کي سرد جنگ ۾ آڪڙجي هلڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ توهان پنهنجو پاڻ کي ڇا ٿي سمجهيو؟ انهن ملڪ جي پرڏيهي پاليسي وڪٽي ڇڏي، توهان ڇئو ٿا مجبوري هئي! اسان فارين آفيس (پرڏيهي آفيس) وارن کي ڪليل ڇٽليننج ٿا ڏيون تہ اهي اچن ۽ اسان سان بحث ڪن ٿي- وي ٿي.

عامر رياض: پاليسي جوڙيندڙن جو چوڻ آهي تہ جڏهن کان اسان آمريڪا سان لاڳاپا ناهيا آهن تہ پاڪستان ۾ ڪروڙين ڊالر آيا آهن. ان پئسي سان نہ رڳو مڊل ڪلاس نهيو آهي بلڪ وڏي پيماني تي ڪاروبار بہ وڌيو آهي. توهان ان باري ۾ ڇا ٿا ڇئو؟

پليجو صاحب: پئسو آيو ضرور آهي، پر پيانڪ بُڪ بہ آهي. جيڪو ملڪ قائداعظم وٽي ڏنو هو. هِنن تہ اهو بہ اڏ وڃائي ڇڏيو. پئسا انهن پنهنجن ڪيسن ۾ وڌا آهن.

جدوجهد هڪ آرٽ آهي ۽ ان جا ڪيئي رنگ هوندا آهن.
اسان پُر امن سياسي جدوجهد وسيلي حق وٺڻ جا قائل آهيون.

انٽرويو: علي احمد رند، همسفر گاڏهي/ افيئر، 01 اپريل 2005ع

افيئر: توهان لانگ مارچ ذريعي وڏو پنڌ ڪري ڪراچي پهتا، لانگ مارچ جي پڄاڻي تي توهان جون Feelings ڇا هيون ؟

پليجو صاحب: مون کي انتهائي خوشي ٿي. ماڻهن جو انگ بہ وڏو هو. ان وچ ۾ ڪجهہ گڙبڙ بہ ٿي پر مسئلن کي بہ حل ڪيوسين.

افيئر: مارچ دوران ڪهڙي قسم جا مسئلا اوهان کي درپيش آيا ؟

پليجو صاحب: جيئن روايتي ٿيندو آهي تہ سڄي سنڌ هڪڙا جهاڳين، پوءِ آخر ۾ ڪي گروهہ پنجاهہ ڪن ماڻهو ونڊي ان سڄي محنت جو ڪتيو ڪائڻ چاهيندا آهن، اسان سان بہ ائين ٿيو، پر مجموعي طرح مون کي ڏاڍي خوشي ٿي.

افيئر: اوهان جي لانگ مارچ کي هائيجيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ؟

پليجو صاحب: بلڪل اها ڪوشش ڪئي ويئي، ڪجهہ ماڻهن ائين ڪيو بہ، پر اسان ان کي ثانوي سمجهون ٿا.

افيئر: اوهان 1988ع ڌاري سنڌي عوام جي قومي اتحاد جي پليٽ فارم تان بہ ڪراچيءَ جي روڊن تي احتجاجي مارچ ڪيو هو، هاڻي واري مارچ ۽ ماضيءَ ۾ ڪيل جدوجهد وچ ۾ اوهان کي ڪهڙو فرق محسوس ٿيو ؟

پليجو صاحب: ماضيءَ ۾ سنڌي عوام جي قومي اتحاد جي پليٽ فارم تان احتجاج ڪرڻ وقت اسان عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ هياسين. هن وقت جلوس ڪڍڻ واري پارٽي يعني عوامي تحريڪ اڪيلي هئي، باقي شريڪ ٿيندڙ گهٽا هئا. هن پيري اسان جي احتجاجي مارچ ۾ پينرن جو تعداد تمام وڌيڪ هو، ماڻهو بہ وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيا، ماڻهن ۾ جوش ۽ جذبو ڏسڻ ۾ آيو. منهنجي خيال ۾ 88ع واري دور کان هي احتجاج وڌيڪ سگهارو هو.

افيئر: توهان بہ ايڊائي سال اڳ پٽ شاهہ کان ڪراچيءَ تائين لانگ مارچ ڪيو هو، جنهن جي پڄاڻي پرتشدد ٿي هئي، ان کان پوءِ واري عرصي ۾ ڪا گهٽي چڙپر نظر نہ آئي، ان جو ڪو سبب ؟

پليجو صاحب: اسان هميشہ جدوجهد ۾ مصروف رهيا آهيون. هڪ ڪلاڪ لاءِ بہ خاموش ناهيون رهيا، نڪي رهنداسين.

افيئر: هڪ راءِ اِها آهي تہ مارچ تي لائي چارج کان پوءِ جيڪو ٽيمپو نهيو

هو، اهو اوهان برقرار نہ رکي سگھيا؟

پليجو صاحب: ائين ڪونهي. اها صفا ٻاراٽي ڳالهه آهي. اسان پنهنجي رفتار سان هلندا اچون. توهان کي جدوجهد بابت تاريخ پڙهڻي پوندي، خاص طور تي ويٽنام بابت تاريخ پڙهو. ان کان پوءِ اهڙيون ٻاراٽيون ڳالهيون نہ ڪندا. قومي جدوجهد بابت جديد ڄاڻ ۽ علم حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسان وٽ رٽيل پٽي کي وري رٽيو پيو وڃي، جيڪا جهالت آهي.

افيئر: توهان لانگ مارچ ڪري ڪراچي تہ پهچي ويا، هاڻي توهان جو هن کان اڳيون قدم ڪهڙو هوندو؟

پليجو صاحب: اسان جو اڳيون قدم ڪوبہ ناهي. اسان حالتن کي مدنظر رکي سياست ڪرڻ جا قائل آهيون. اهو ڏسندا آهيون تہ هن وقت ڪهڙا تضاد اُپري آيا آهن ۽ پنهنجي نقطہ نظر لچڪدار ۽ صورتحال کي پيش ڪرڻ جو بهترين طريقو ڪهڙو آهي، ان کان پوءِ ڪا راهہ اختيار ڪريون ٿا. ساهي بہ پٽڻ گهرجي. پنهنجي Direction بہ تبديل ڪرڻي پوي ٿي، باقي Straight وڃڻ بيوقوفي ۽ جهالت آهي.

افيئر: گذريل ويهن ورهين کان وطن دوست ۽ قومپرست ڌريون ڪالاباغ ڊيم ۽ ٻين سنڌ دشمن رٿائن خلاف مسلسل ڌرٽا، احتجاج ۽ جدوجهد ڪنديون پيون اچن، پر ان جو ڪو نتيجو چو نڪو نڪري؟

پليجو صاحب: اهو گهٽ نتيجو آهي تہ ڪالاباغ ڊيم ايجا تائين ناهي ٺهيو.

افيئر: پر ٽل ڪئنال تہ ٺهي ويو آهي.

پليجو صاحب: ٽل ڪئنال کي ڇڏيو، ڪالاباغ ڊيم جي ڳالهه ڪريو. ٽل ڪئنال تہ ان فوجي حڪمران ٺهرايو آهي جيڪو سنڌ جو علمبردار آهي. اهو تہ اسان جي همراهن جي ان نعري جو نتيجو آهي تہ جيڪڏهن ڪير سنڌي سڏائي تہ اسان ان کي پنهنجو ميجر لاءِ تيار آهيون ۽ پوءِ اهو سنڌ جو وارث آهي. هاڻي سنڌ جا وسيلا ڦٻائڻ لاءِ هر ڪو سنڌي سڏائڻ لاءِ تيار آهي. ايجنسين اهو شوشو ڇڏرايو هو. هاڻي جنرل صاحب اهو اختيار ڪيو آهي ۽ اسان جا ئي ماڻهو ان جا اتحادي بڻيل آهن. رڳو نعري هڻڻ، ٽپا ڏيڻ سان ماڻهو قومپرست نٿو بڻجي وڃي. ان لاءِ حقيقي جدوجهد ۾ ثابت قدم رهڻو پوي ٿو. آئون تہ قومپرستيءَ جي ئي خلاف آهيان. قومپرستي جو اکر هٽلر رواج ۾ آندو. نازي لفظ جي شروعات نيشنل سوشلزم سان ٿئي ٿي. نيشنلزم انتهائي رجعت پسند نظريو آهي. روس ۾ بہ ايجنسين هٿرادو نعرا گهڙي قومپرستي کي هٿي ڏني، جنهن جو فائدو ٽيڻ بدران نقصان ٽيو.

افيئر: پاڻ ٻين ڌرين کي پاسيرو رکون ٿا، چوتہ انهن جي ايتري سطح ناهي پر اوهان ڏاها ۽ مدبر سياستدان آهيو، پوءِ بہ گذريل ٽيهن ورهين کان اوهان جي جدوجهد کي نتيجا ڏيندي چو نٿي نظر اچي؟

پليجو صاحب: ائين ناهي. توهان دنيا جي انقلابن کي ڏسو، روس جو انقلاب ڏسو،

چين ۾ مائوزيتنگ انقلاب آندو، پر ان ۾ تمام وڏو عرصو لڳو. جهت پٽ ۾ انقلاب ڪونہ ايندو آهي. ويٽنام ۾ انقلاب اتان جي وڏي پارٽي آندو. اسان وٽ صورتحال مختلف آهي. پٽاڻ اقتدار ۾ شيئر هولڊر آهن. بلوچ سردار ايجنسين جا ماڻهو آهن. اهي وڙهندا آهن، وري حصو پتي ونڻي هڪٻئي سان پاڪر پائي ڇڏيندا آهن. جدوجهد رڳو فتح لاءِ نہ ڪبي آهي پر ان لاءِ بہ ڪبي آهي تہ جيئن ايندڙ وڏي تباهيءَ کي روڪي سگهجي. اسان دشمن کي منهن ڏيڻ لاءِ "ريزرو" فورس پيا ناهيون. فتح اهم ڳالهہ ناهي. سڪندر اعظم جڏهن حملو ڪيو هو تہ سندس اصل ٽارگيٽ ايران هو، پر هن يوگوسلاويہ تي حملو ڪيو هو. ان کان پوءِ مصر ۽ يونان جي علائقن تي حملو ڪيائين. اهو ان ڪري جو جنگي حڪمت عمليون تبديل ٿيندیون رهنديون آهن. دنيا جا سمورا جنگي ڪمانڊر ان راءِ جا آهن تہ ٽارگيٽ تي ڪڏهن بہ سڌو نہ ويجهي، بلڪ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي تبديليون ضروري هجن، اهي آڻڻ گهرجن. سن زو جنگ ۾ همیشہ رهڻ جي مخالفت ڪئي آهي. سندس خيال ۾ لڙائيءَ دوران ساهي پٽڻ ضروري آهي. ان دوران پاڻ کي منظم ڪرڻ گهرجي.

افيئر: اهو علم پنهنجي جاءِ تي پر سنڌ ۾ ڏگهي جدوجهد کان پوءِ بہ ڪا ڪاميابي نظر نہ پئي اچي؟

پليجو صاحب: توهان ڪاميابيءَ جي معنیٰ ئي نہ سمجهي آهي. دشمن کي گهيري ۾ رکڻ، جنگ ۾ مبتلا رکڻ بہ ڪاميابي آهي. چيني قوم کي سئو سال تائين ڪاميابي نظر نٿي آئي. توهان جي نقطہء نظر موجب تہ پوءِ فلسطيني بہ ناڪام آهن. حالانڪہ ائين ناهي. جيڪڏهن اها لڙائي رڳو سنڌ جي اندر هجي ها تہ بي ڳالهہ هئي، پر هاڻي لڙائي مٿين سطح تي آهي. ان ڪري ڪاميابي سولي ملڻ تہ مشڪل آهي. فتح جي معيار ماپڻ کي سمجهڻ جو فرق آهي. اسان جا ماڻهو تيار پيا ٿين، عورتون تيار پيون ٿين، اها بہ فتح آهي. جدوجهد جي ڪري ئي سنڌي ماڻهو بچيل آهن، نہ تہ هينئر تائين هضم ٿي وڃن ها. ڇا اها فتح ناهي؟ ان ڪري اسان کي فتح جي نئين دور موجب معنیٰ سمجهڻي پوندي.

افيئر: توهان وٽ اٿاهہ علم، عقل ۽ دانائي آهي، پوءِ بہ سنڌ اندر ڪٽي بہ اثرانداز ٿيندي نظر نہ پيا اچو.

پليجو صاحب: وري بہ فتح ۽ اثرانداز ٿيڻ جي ڳالهہ پيا ڪريو، پهرين ان کي سمجهو تہ سهي! اسان سنڌ جي تقدير بدلائي ڇڏي آهي. اسان نوان ماڻهو ناهيا آهن. ايجنسين پنهنجن ايجنٽن ذريعي سنڌين کي اقتدار ماري لاش ڏيڻ جو رٽيو، اسان اهڙيون اسڪيمون ناڪام بڻايون. انهن اسان کي ايم ڪيو ايم سان ويڙهائڻ ٿي چاهيو، جيڪو اسان نہ ڪرڻ ڏنو. اسان پرامن سياسي جدوجهد وسيلي حق ونڻ جا قائل آهيون. نُڻ نُڻ ڪري قوم مارائڻ نٿا چاهيون.

افيئر: توهان پرامن سياسي جدوجهد جي ڳالهہ پيا ڪريو، 88-90ع ۾

توهان جا جيڪي جلسا ٿيا، انهن ۾ "وومين گارڊز" توهان کي سلامي پيش ڪئي، پوءِ اهو ڇا هيو؟

پليجو صاحب: اها ان وقت جي ضرورت هئي. جدوجهد ۾ هڪ آرٽ آهي، جنهن ۾ مختلف رنگ پربا آهن. اهو ۾ هڪ رنگ آهي، ۽ جدوجهد لاءِ جنگ ڪبي آهي ۽ جنگ هڪ آرٽ آهي، جنهن جو هڪ رنگ ناهي هوندو. انهن ڏينهن ۾ اسان کي چيو ويو هيو ته توهان مارجي ويا آهيو، ختم آهيو، تڏهن مون جنرل کي چيو ته اسان جون عورتون ۾ مرڻ مارڻ ڇاڻن ٿيون، باقي هاڻ گهوڙا ڪري ماٺهو مارائڻ ۽ نُڻش نُڻش ڪرڻ وارو ڪم اسان جو ناهي. اهڙا همراهه ماٺهو مارائڻ کان پوءِ هاڻ گهوڙا ۽ يا حسين يا حسين ڪندا آهن. اسان جنگي حڪمت عملي هيٺ وڙهڻ جا قائل آهيون، بيوقوفي ڪرڻ نٿا چاهيون.

افيئر: سنڌ جا سڀ مسئلا اوهان اڳيان آهن، انهن کي حل ڪرڻ جو اوهان وٽ ڪهڙو فارمولا آهي؟

پليجو صاحب: مون وٽ ڪو فارمولا ڪونهي. اسان چئون ٿا ته سنڌي ماٺهو دشمن سان وڙهڻ جي پوري تياري ڪن. ويڙهه مسلسل آهي جيڪا هلڻي آهي. اسين ريزڪي واپاري آهيون، سگريٽ هلندا ته سگريٽن جا بنڊل وڻي رکنداسين. جيڪر ڪو ٻيو وکر هلندو ته اهو ۾ رکنداسين. هيءَ لڙائي ڊگهي آهي، جنهن ۾ دشمن جي رفتار جهڪي ڪرڻي آهي ۽ پاڻ کي منظم ڪرڻو آهي.

افيئر: مجموعي طرح نظر اهو ٿو اچي ته اوهان جي سياسي سگهه گهٽجي رهي آهي، وڌي ناهي.

پليجو صاحب: اها اوهان جي غلط فهمي آهي. توهان طاقت جي معنيٰ ۽ مطلب کان باخبر ناهيو. لينن هر سال ڪميونسٽ پارٽيءَ مان ماٺهو ڪڍندو هو ۽ اها ڳالهه ڏني ويندي هئي ته اهو ماٺهو تنظيم ۾ رهڻ جي لائق آهي ۾ يا نه؟ اسان وٽ ۾ گند ڪچرو گڏ ٿي ويو هو، جيڪي نڪري ويا ته پارٽي کي ايجان ۾ تقويت ملي آهي. چين جي لانگ مارچ ۾ 75 هزار ماٺهن مان 70 هزار مارجي ويا هئا. باقي پنج هزار بچيا، تن پوءِ ڪارناما سرانجام ڏنا. ائين هلندڙ سفر ۾ ماٺهو ايندا ۽ ويندا رهندا آهن. بيڪار ماٺهو گهٽا هوندا ته ڇا ڪندا؟ ايجنسين جا ماٺهو هوندا ته ڇا ڪندا؟ اڃ مغزين جي فوج هوندي ته ڪهڙا ڦاڙها ماريندي؟ جن کي اها ۾ خبر نه هجي ته ڪهڙي تباهي ڏي ويون پيا!

افيئر: توهان جو مطلب اهو آهي ته اوهان سان سياسي سفر ۾ جيڪي ماٺهو ڪالهه تائين گڏ هئا، انهن جو چڏڻ سنو سنؤڻ هو؟

پليجو صاحب: مجموعي طرح بهتري ٿي آهي. اسان وٽ علم وڌيو آهي. ماٺهو کوريءَ مان پچي نڪتا آهن.

افيئر: توهان اينٽي ٽل ڪئنال ڪميٽي جو حصو هجڻ باوجود اڪيلي سر

مارچ ڪيو، ان جو ڪو سبب؟

پليجو صاحب: اهو ڪو آسماني صحيفو ناهي ته ڪنهن سان اتحاد ۾ گڏ هججي ته الڳ احتجاج نه ڪجي. الڳ احتجاج ڪري سگهجي ٿو ۽ اسان ڪيو.

افيئر: اوهان جو لانگ مارچ ڪٽي ڪالاباغ ڊيم ۽ ٽل ڪئنال خلاف مطالبو مڃائڻ بدران ڪارڪنن کي موبلائيز ڪرڻ لاءِ ته نه هيو؟

پليجو صاحب: اينجلز چيو آهي ته ڪائنات ۾ يا ٿيندي ناهي. اهي فلسفي جون ڳالهيون آهن. اسان اهو ٿوروئي ٿا چئون ته ڪالاباغ ڊيم يا ٽل ڪئنال جي فيصلي کي روڪي ڇڏيندا سين. چريا ته ناهيون جو ائين چئون. اسان پهرئين ڏينهن ئي چيو هو ته حڪمران ڊيمن جو اعلان بہ ڪري سگهن ٿا، ناهي بہ سگهن ٿا. اسان ته اهو ٿا چئون ته ايتري تياري هجي جو سياٽي نهيل ڊيم بہ ڌاهي سگهون.

افيئر: اوهان جو مارچ دوران اهو نعرو هو ته "ڊيم کپي يا پاڪستان؟" جيڪڏهن ڪالاباغ ڊيم جو اعلان ٿيو ته توهان پاڪستان کان عليحدگيءَ جو اعلان ڪندا؟

پليجو صاحب: اهڙا چريا ڪونہ آهيون. آئون ڪو نعري باز ۽ ايجنسين جو ماڻهو ناهيان جو ائين ڪندس. مان ته سنڌي ماڻهو آهيان، ڊپلوميٽڪ انداز اختيار ڪندس ته غريب ماڻهو آهيون، نٽا پهچي سگهون، توهان جو پٽ گهاٽو! ايجنسين جا تيار ڪيل ماڻهو ڪاوڙواري پولي ڳالهائيندا آهن. اسان احتياط وارو رستو ونڊنداسين. اسان اهو ٿا چئون ته توهان ڊيم ناهي پاڪستان تي وار پيا ڪريو ۽ ائين پاڪستان بچي ڪونہ سگهندو، ۽ سنڌ کي تباهہ ڪري ڪوبہ پاڪستان هلائي نٽو سگهي.

افيئر: توهان هميشہ محمد علي جناح جي پاڪستان کي وري اڏڻ جي ڳالهہ پيا ڪريو، ڇا توهان جي خيال ۾ جناح جي مختصر عرصي ۾ سنڌ سان زيادتيون ڪونہ ٿيون هيون؟

پليجو صاحب: جناح جي مختصر دور ۾ سنڌ جي خلاف ڪيترائي فيصلا ٿيا. مان انهيءَ راءِ جو آهيان ته هندستان فقط هڪڙو نيشنلسٽ پيدا ڪيو ۽ اهو محمد علي جناح هو. گانڌي وغيره سخت شائونسٹ هئا. محمد علي جناح سيڪيولر ۽ اعتدال پسند ليڊر هو.

افيئر: پوءِ سيڪيولر ته پرويز مشرف بہ آهي.

پليجو صاحب: اڪرن ۾ نہ اڙجو، اڪرن کي چڏيو! آئون چوان ٿو ته ڪتي جو پُڇ نڙ ۾ پلي ڏهہ سال رهي پر سڌو نہ ٿيندو، ان ڪري اڪرن ۾ نہ قاسڻ گهرجي. محمد علي جناح ته سخت بيمار هو، اصل اقتدار ته لياقت علي خان وٽ هو، هو هتي ڏلهو ڏکر، قيدي ٿي آيو هو. هن کي ته ڪشمير تي حملي جو بہ نہ ٻڌايو هئائون. لياقت علي خان سدائين لارڊ مائونٽ بيٽن وٽ وينو هوندو هو. اهي بزرگان انگريزن جا ماڻهو هئا. نواب آف ڀوپال ته جناح کي مسلم ليگ جي صدارت تان ئي معطل ڪري چڏيو هو.

لياقت علي وارا جناح جي نالي تي ڪوڙا آردر جاري ڪندا هئا. هن کي خبر پوڻ ئي نہ ڏيندا هئا. اوهان ڪهڙي ٿا ڳالهہ ڪريو! هڪڙي سال ۾ جناح لاءِ سپ حق ڏيڻ ممڪن ئي نہ هو. هُو تہ بي اختيار ۽ بيوس هيو. جناح کي تہ آئين ئي نہ ٿي ناهڻ ڏنائون، باقي حق ڪيئن ٿي ڏيئي سگهيو؟ اهي سپ بدمعاش هئا، انگريزن سان ملي پاڪستان کائي ويا. هو غريب (جناح) تہ سندن قيدي هيو. هن کي بہ بيماري بهاني قتل ڪري ڇڏيائون. سندس پيٽ کي بہ قتل ڪيو ويو. چون ٿا تہ ان جو لاش رت ۾ ٻڏل هو. محمد علي جناح لاءِ ايمبولينس ڪونہ هئي، جيڪا ڪيس ڪٽي اچي. هينئر تائين اها ڳالهہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ ان گاڏيءَ ۾ پيٽرول ئي ڪونہ هو. سندس وزيراعظم ۽ ڪمانڊر ان چيف استقبال ڪرڻ ئي ڪونہ ويا هئا.

افيئر: برصغير جي تاريخ ۾ مهاتما گانڌيءَ جو ڊانڊي لانگ مارچ ڏاڍو موثر ثابت ٿيو، انگريز سرڪار لڏي وئي ۽ سول نافرماني جي تحريڪ شروع ٿي. ان پس منظر ۾ توهان کي پنهنجو ڪيل لانگ مارچ ڪيترو موثر ٿو لڳي؟

پليجو صاحب: گانڌيءَ جو مارچ نتيجہ خيز ڇا جو هو؟ هو تہ انگريزن جو امپورٽيڊ ايجنٽ هو. هن کي اهي ئي ڏکڻ آفريڪا مان کٽي آيا هئا. اها غلط تاريخ آهي تہ گانڌي جي ڊانڊي مارچ ڪاميابي ماڻي هئي. اهو سپ ڪجهہ انگريزن جو ڪرايل هو ۽ گانڌي سندن نقش قدم تي هليو. گانڌيءَ جيڪي بہ تحريڪون هلايون، اهي انگريزن جي مرضي ۽ منشا موجب هلايون هيون.

افيئر: اوهان جي راءِ ۾ مهاتما گانڌي صفا ردي ماڻهو هو؟

پليجو صاحب: آئون تہ ائين چوان ئي ڪونہ ٿو. هو زبردست ماڻهو هو. باقي هو ايجنٽ هو. ائين تہ آمريڪي سي آءِ اي جي رڪارڊ ۾ هوچي منهہ لاءِ بہ لکيل آهي تہ هو ايجنٽ هو. گانڌي وائسراءِ سميت سيني ايجنسين سان ٺهيو ويٺو هو. هن تمام گهٽا خراب ڪم ڪيا، باوجود ان جي هن اٽ صديون غلام رهندڙ هندستان جي ماڻهن کي بيدار ڪرڻ ۾ پنهنجو هڪ ڪردار ادا ضرور ڪيو.

افيئر: توهان صوبائي خودمختياريءَ جي ڳالهہ ڪريو ٿا، اهو پاڪستان جناح جي Vision ۾ هو؟

پليجو صاحب: جناح تہ نقطہء نظر جو بادشاهہ ماڻهو هو. هن کي خبر هوندي هئي تہ ڪهڙو معاملو ڪهڙي وقت اُٺارجي. 46ع ۾ هن پاڪستان ٺهڻ جي ئي مخالفت ڪئي هئي. ان کان پوءِ تہ هو بنهہ قيدي هو ۽ کو قيدي ڇا ٿو ڪري سگهي. هو تہ وڏو هوشيار ماڻهو هو. انگريزن توڙي ٻين سان منهن ڏيندو هو. مهاتما گانڌي ڪڏهن بہ آزاديءَ جي ڳالهہ نہ ڪئي هئي. 1930ع ۾ پاڻ وارن پهريون پيرو آزاديءَ جي ڳالهہ ڪئي هئي. سڄي ملڪ ۾ هاءِ هاءِ پئجي ويئي. گانڌي هاءِ هاءِ ڪرڻ لڳو تہ انگريز ملڪ مان هليو وڃي. گانڌي مختلف مطالبا پيش ڪري انگريزن کي هتي رهائڻ لاءِ ٽڪسات ٿي ڪيا. هو آزاديءَ جو نالو وٺڻ لاءِ تيار نہ هو. شين جي ارتقا

ٿيندي آهي، ان ڪري تبديليءَ واري عمل کي تسليم ڪرڻ گهرجي.

آئون چوان ٿو ته هينئر هي دهليءَ وارو جيڪو وينو آهي، اهو چوويهه ئي ڪلاڪ سنڌ دشمن آهي. هن کي غرور آهي ته سنڌ جو پاڻي بند ڪري سنڌ کي پڙپاڻگ ڪري ڇڏيندو.

افيئر: مهاتما گانڌي ۽ جناح کي تاريخ جي ڪٺهڙي ۾ بيهارجي ته اوهان ووٽ ڪنهن کي ڏيندا؟

پليجو صاحب: جناح کي. جناح، گانڌيءَ جي پيٽ ۾ وڌيڪ اعتدال پسند ۽ وسيع نظر هو ۽ گانڌي ڪٽر رجعت پرست هو. ان ڪري سندس حمايت ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

افيئر: اوهان مشرف سان ملاقات ڪئي، ايجنڊا ڇا هئي؟

پليجو صاحب: بلڪل مليو هئس، ڪا ايجنڊا نه هئي. غنويٰ پٽو، شير باز مزاري ۽ ٻيا سياستدان به هئا. مون سان اڪيلي سر ڪونه مليو هو. آئون ته هاڻ به ساڻس ملڻ لاءِ تيار آهيان. هو سنڌ کي زندهه درگور ڪرڻ کان هٽ ڪٽي، اسان ساڻس گڏ آهيون.

افيئر: توهان لاءِ عام راءِ اِها آهي ته ڪنهن به اتحاد ۾ جڏاءُ نه ڪري سگهندا آهيو؟

پليجو صاحب: اسان ڪڏهن به جڏاءُ نه ڪنداسين. مون کي ويڙهو هجي ميرپور خاص ۽ گاڏي وڻي ويجي لاڙڪاڻي، ته پوءِ ڪيئن ويجبو؟ جيتريون اسٽيشنون ڏسندس، ڪير گڏ هلي پيو ته هلندس ۽ جنهن ڏينهن رڻ ڏي منهن ڪيائين ته آئون به ڇڏي ويندس.

افيئر: اوهان "پونم" مان ڇو الڳ ٿيا؟

پليجو صاحب: پونم اسان نه ڇڏيو، بلڪ پونم وارن اسان کي ڇڏي ڏنو. هڪ ته اهي ايم ڪيو ايم کي پونم ۾ مظلوم قوم طور شامل ڪرائڻ پيا گهرن. پاڻي تڪرار ۾ اهي اسان جي خلاف هئا. اسان چيو ته سنڌ جو پاڻي غضب ڪيو پيو وڃي، ان جو سنڌ کي معاوضو ملڻ گهرجي. هنن چيو ته پوءِ ان جو معاوضو پنجاب کي ملڻ گهرجي. اهي ڳالهيون هيون، ان ڪري بس ڪئي سين. پونم جو ته آئين ئي مون ناهيو هو، ان کي دوا ڪري پيئندس ڇا؟ اسان ايم ڪيو ايم کي ننگو ڪيو ته اهي قاتل آهن، جيڪي ماڻهو دهشتگردن کي گڏ ويهارڻ وڻي پئي آيا، انهن سان ڪهڙو هلون ها؟ پاڻي ڪميٽيءَ ۾ به صرف اسان قادر مگسيءَ کي گڏ ڪنيو، پين کي ڇڏي ڏنوسين.

افيئر: 30 سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر جي واقعي سنڌ ۾ لساني نفرت ۾ نه رڳو واڌارو آندو بلڪ برنديءَ تي تيل هاريو، انهن واقعن ۾ ملوث ماڻهن کي اوهان دهشتگرد چوندا رهيا آهيو، انهن مان هڪ ڏر هن وقت اوهان سان پاڻي ڪميٽيءَ ۾ گڏ آهي، ان لاءِ ڇا چوندا؟

پليجو صاحب: اسان پاڻيءَ جي هڪ مسئلي تي انهن دهشتگردن کي به گڏ ويهڻ لاءِ چيو هو ۽ هنن کي به چيو. هو پڄي ويا ۽ هي اسان سان وينا آهن.

افيئر: دهشتگردن کي گڏ ويهارڻ کيترو درست آهي؟

پليجو صاحب: اسان هڪ مسئلي تي دهشتگردن کي گڏ ويهارڻ لاءِ تيار آهيون. پلي سياٽي ئي ونڊي اچو تہ اسين صرف پاڻيءَ جي مسئلي تي کين گڏ ويهاري سگهون ٿا. الطاف بہ پلي پاڻي ڪميٽيءَ جو اڃي ميمبر ٿئي، اسان سان گڏ ويهي، اسان کي ڪو اعتراض نہ هوندو.

افيئر: سنڌ قومي اتحاد ۾ تہ اوهان اردو ڳالهائيندڙن جي سخت خلاف هئا، پوءِ هاڻي انهن سان ڇو ٿا ويهڻ چاهيو؟

پليجو صاحب: پاڻي هڪڙو اشو آهي. اتحاد ۾ ويهارڻ معنيٰ انهن کي سنڌ جو وارث تسليم ڪرڻ آهي.

افيئر: دنيا اندر انقلابي ڏهي ويا آهن ۽ قوم نهي وئي آهي. سنڌ اندر قوم ڏهندي ٽي وڃي ۽ انقلابي نهي ويا آهن. ائين ڇو آهي؟

پليجو صاحب: ڪهڙا انقلابي مارجي ڪپي ويا؟ لينن، مائوزيتنگ چگا پلا وينا هئا. اها سوچ فقري باز سوچ آهي. سنڌ اندر ائين ڪونهي، جيئن توهان چئو پيا. اهو هوائي فارمولا آهي، باقي اهو ضرور آهي تہ ايجنسين سنڌ اندر ماڻهو پرتي ڪري انهن کي قومپرستيءَ جو نپو هڻي امير ڪيو آهي.

افيئر: توهان پنهنجي لاءِ ڇا چوندا؟

پليجو صاحب: آئون پنهنجي لاءِ ڪجهہ ڪونہ ٿو چوان. آئون انهيءَ سوال تي ڳالهائڻ نہ چاهيندس.

افيئر: توهان پنهنجي جدوجهد مان مطمئن آهيو؟

پليجو صاحب: بلڪل مطمئن آهيان. وسيلن آهر بهتر ڪم ڪريون پيا. سنڌ جي پسماندگي صدين جي آهي، جيڪا جلدي ختم ڪانہ ٿيندي، ان ۾ وڏو وقت لڳندو. ارغونن ۽ ترخانن سنڌ کي تباهہ ڪيو، واٽين بہ سنڌ جو ڪارو منهن ڪيو، پاڪستان نهيو تہ بزرگان آيا ۽ انهن اڃي ڦرلٽ ڪئي. ائين اهو سلسلو هلندڙ آهي.

افيئر: اوهان جو پارلياماني جدوجهد ۾ ڪيترو يقين آهي؟

پليجو صاحب: پارلياماني جدوجهد بہ هڪ فارمولو آهي، پر رڳو ان تي ٿو پاڙي سگهجي. "يا" جي اسان وٽ گنجائش ناهي. 24 ڪلاڪ حالتن مطابق هلنداسين. ويڑهہ جي ضرورت پئي تہ اهو گس ونڊنداسين. جيڪڏهن ٻيو رستو بهتر لڳو تہ اهو بہ نہ ڇڏبو. لکيل ڪتابي ڳالهين ۾ يقين ناهي.

افيئر: بلوچستان مسئلي کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

پليجو صاحب: بلوچ سردار عوام ۾ ويندا ئي ناهن. انهن جي سنڌ سان بہ لفظي همدردي آهي. عملي طرح سنڌ مخالف آهن. اهي جهيڙو ڪري وري نهي ويندا آهن. ان ڪري اهو معاملو رڳو سردارن تائين نہ هجڻ گهرجي، بلڪ عوام کي رليف ڏنو وڃي ۽ جنرل شاهي طرفان بلوچستان ۾ عوام کي ايڏائڻ وارو سلسلو بند ٿيڻ گهرجي.

قاسم، غزنوي، نادر شاهہ ۽ ٻيا سڀ نام نهاد فاتح، غنڊا ۽ دهشتگرد هئا جيئن ايم ڪيو ايم وارا آهن. آئون ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي حيثيت ۽ دؤر کان اڳيان هلندو رهيو آهيان.

انٽرويو: شفيع موسيٰ منصوري/ روزانہ ايڪسپريس ميگ آڪٽوبر 2005ع

[رسول بخش پليجو هڪ گهڻ پاسائين شخصيت آهي: دانشور، اديب، ڪالم نگار، نقاد، وڪيل ۽ سياستدان. هن سڄي دنيا جو ادب پڙهيو آهي. ان حوالي سان هو پاڻ کي ادب جو ماڻهو چوي ٿو. هن پاڻ کي رڳو علم جي حد تائين محدود ناهي رکيو، پر عمل جي لحاظ کان بہ هن جو گهڻو ڪم نظر اچي ٿو. پاڪستان ٺهڻ کان ڪجهہ وقت اڳ ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ پڙهندي، انڊين نيويءَ جي بغاوت ۾ هن باغين جي حمايت ۾ شاگردن جو جلوس ڪڍيو. پاڪستان ٺهڻ وقت هُو شاگرد هو. مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ هن ڏاڍي سرگرميءَ سان ڪم ڪيو. هن جو ڪم ڏسي ماڻهو هن کي پاڪستاني چوڻ لڳا هئا. پليجو صاحب اهڙو سنڌي دانشور آهي، جيڪو سنڌي قوم جي خراب ماڻهن جو نہ رڳو بنا هڪ اعتراف ڪري ٿو، پر ان جي اظهار ۾ ڪا گهٽتائي نہ ٿو محسوس ڪري. هو پين قومن، باشعور ۽ ايماندار ماڻهن مان بہ اها توقع رکي ٿو تہ هو بہ پنهنجين پنهنجين قومن جي خراب ماڻهن جي سرِعام مذمت ڪن. هو مسئلن کي عالمي تناظر ۾ ڏسڻ جو قائل آهي. اهوئي سبب آهي جو هن جي ڳالهين ۾ سڄي دنيا جي ادب، ثقافت، سياست ۽ مذهب جي جهلڪ ملي ٿي، پر اها بہ حقيقت آهي تہ عملي لحاظ کان هن جي سياست علاقائي سطح تائين محدود آهي. ان سلسلي ۾ هو ان مسئلي جو قائل آهي تہ انسان جيڪڏهن پنهنجي زندگيءَ ۾، پنهنجي محدود وسيلن کي آڏو رکندي، ڪجهہ انسانن جي زندگيءَ جو سماجي ۽ ذهني معيار بهتر بنائڻ ۽ انهن کي شعور ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي تہ اها بہ وڏي خوش نصيبي آهي. ان سلسلي ۾ هن جيڪو بہ ڪم ڪيو آهي، ان تي هن کي ڪوبہ پڇتاءُ نہ آهي. هن جنرل ضياءُ جي آمريت خلاف سنڌ جي عوام ۾ تحريڪ پيدا ڪئي، جنهن جي ڪري هن جو نالو ملڪي سطح تي اپريو. هن جو چوڻ آهي تہ هو ڪنهن مخصوص قوم جي خلاف نہ آهي، تنهن هوندي بہ ڪا قوم، ڪنهن بي قوم جا حق ڇني تہ هن کي اهو پسند نہ آهي. ڪالاباغ ڊيم، گريٽر ٽل ڪئنال، سنڌ جي حقن جي ڦرلٽ وغيره جهڙن مامرن تي هو مرڪزي حڪومت، خاص طور پنجاب جي حڪمران طبقي سان ناراضگي رکي ٿو.

رسول بخش پليجو کان هن جي زندگيءَ جون لاهيون چاڑهيون ڄاڻڻ لاءِ اسان قاسم آباد (حيدرآباد) ۾ هن جي گهر پهتاسين. اسان جي اتي پهچڻ کان هڪ ڏينهن اڳ هن جي زال زرينہ بلوچ عرف جيجي، جيڪا گهڻي وقت کان برين ٽيومر جهڙي خطرناڪ بيماريءَ ۾ ورتل هئي، ڪوما ۾ هلي ويئي هئي. ان ڪري هن جي ڄاڻ اسان کي قاسم آباد ۾ پهچي پئي. هن جي گهر جو سڄو ماحول سوڳوار هو. اسان هن کي انٽرويو ملتوي ڪرڻ لاءِ چيو ته هن سختيءَ سان چيو ته، "اسان جنهن کي وقت ڏيندا آهيون، پوءِ پلي ڪجهہ بہ ٿي پوي، ان سان ملاقات ضرور ڪريون ٿا، تنهن ڪري انٽرويو اڄ ئي ٿيندو." اهو جملو ٻڌي اسان کي هن جي هڪ ٻي بہ خوبيءَ کي تسليم ڪرڻو پيو. (انٽرويو ڏيڻ کان رڳو ڪجهہ ڏينهن پوءِ هن جي زال زرينہ بلوچ وفات ڪري ويئي.) رسول بخش پليجو سان ان سوڳوار ماحول ۾ ادب، سياست، مذهب ۽ تاريخ جي حوالي سان جيڪي ڳالهيون ٿيون، اهي پيش ڪجن ٿيون.]

سوال: شروعاتي تعليم توهان ڪٿي حاصل ڪئي؟ ٻالڪپڻ ڪٿي گذريو؟

پليجو صاحب: منهنجو ٻالڪپڻ ننڍي ضلعي ۾ گذريو. جنگشاهي ننڍي ريلوي استيشن آهي، ان کان ٻہ- ٽي ميل اتر طرف هڪ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيس. ڳوٺ جي مدرسي ۾ ٽي سال پڙهيس. هڪ سال پرائمريءَ ۾ پڙهيس. ننڍي هاءِ اسڪول ۾ ٽي سال تعليم حاصل ڪيم. ان کان پوءِ سنڌ مدرسي مان 1947ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيم. ايس- ايم ڪاليج مان انٽر ڪيم. ايس- ايم لا ڪاليج مان قانون جي ڊگري ورتم. ان وچ ۾ سنڌي ادبي سنگت جو ميمبر ٿيس. "هاري ڪميٽي" ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي اليڪشن ۾ ڪم ڪيم. ان جي مرڪزي ڪميٽيءَ ۾ آيس. ننڍيون ننڍيون نوڪريون ڪيم، ان ۾ ڪڏهن ڪڏهن حادثا ٽي ويندا هئا.

سوال: ملازمت دوران کو خاص واقعو، جيڪو توهان کي ياد هجي؟

پليجو صاحب: گهڻائي واقعا آهن. آئون ادبي قسم جو ماڻهو هئس. غائب دماغيءَ سبب ماڻهو گهڻو ڪري مون کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيندا هئا. ننڍيون ننڍيون شيون مون کان رهجي ويندیون هيون، مثال طور: هڪ پيري استادن هڙتال ڪئي، آئون سنڌ سيڪريٽريٽ جو ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ ڪلرڪ هئس. هڙتال جي نتيجي ۾ حڪومت استادن کي رعايت ڏني. حڪومت جو آرڊر نڪتو، جنهن سبب هڪ قهرام مچي ويو. خبر پئي ته مون جيڪو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو هو، ان ۾ استادن جون پگهارون وڌڻ بدران گهٽجي ويون هيون. مون کي گورنر دين محمد جي آڏو پيش ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح جڏهن آئون هڪ ٻئي ڪاتي ۾ هئس ته مختيارڪار جي خلاف شڪايت آئي ته هو هڪ عورت کي ورغلائي ٿو ته مون سان لاڳاپا رک. مون ان بدمعاش کي ٽيليگرام ذريعي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ماڻهو مون کان ناراض ٿي پوندا هئا.

سوال: توهان پاڪستان جي تحريڪ ۾ حصو ورتو؟

پليجو صاحب: ان وقت آئون شاگرد هئس. ان ۾ اسان ڏاڍا سرگرم هوندا هئاسين. جيئن ته قائداعظم سنڌ مدرسي مان پڙهيل هو، تنهن ڪري هن کي مسلم ليگ جو اڳواڻ سيد علي اڪبر شاهه اسان وٽ ونڊي ايندو هو. قائداعظم اتي نماز به پڙهندو هو. معلوم ٿيو ته هن کي نماز صحيح پڙهڻ ڪانه ايندي هئي. هڪ ڀيري آئون هن سان بلڪل گڏ بيهي جماعت سان نماز پڙهي رهيو هئس. هن پنهنجو مٿو سجدي مان مٿي کنيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ته ماڻهو اڃا سجدي مان نه اٿيا هئا ته هن جي وات مان بيساخته نڪتو، "Oh, I am sorry, Allah Akbar!" اسان جو هڪ وال پيپر نڪرندو هو، جنهن ۾ ان جملي جي حوالي سان مون هڪ مضمون لکيو هو. جيئن ته اسان نيشنل گارڊ ۾ هئاسين، اسان جي ڊيوٽي هوندي هئي، قائداعظم جتي به ويندو هو، اسان اتي ويندا هئاسون. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جتي هو تقريرون ڪندو هو، اسان اتي به ويندا هئاسون.

سوال: ان وقت جي مسلم ليگ ۽ اڄ جي مسلم ليگ ۾ توهان ڪهڙو فرق محسوس ڪريو ٿا؟

پليجو صاحب: ان مسلم ليگ ۾ ماڻهو ته اهي ئي هئا، پر اهو دور ٻيو هو. ان دور ۾ جيڪو ولولو هو، اهو اڄ نه آهي. محمد علي جناح نج سون هو. پنهنجي سڃي انفرادیت سان هو هڪ انگلش جينٽل مين هو، مطلب ته هو واعدي خلافي نه ڪندو هو، جي حضوري ان ۾ بلڪل نه هئي. ان معنيٰ ۾ هو انگريز هو. نوابن سان به سڏو ٻيهي هٿ ملائيندو هو. هن جي شخصيت ۾ هڪ خاص قسم جي خوداعتمادي ۽ جادو هو. پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ آئون سدائين هن جي خلاف رهيس. هندوستاني قوم پرستيءَ بابت قائداعظم جي پاليسي لڳ ڀڳ ڪانگريس جي اعلانيل پاليسين جهڙي هئي، اها خبر مون کي پوءِ پئي. اسان جو تعلق ڪاپي ڏر سان هو. تاريخ ۾ محمد علي جناح اهو اڪيلو اڳواڻ هو، جنهن جون انگريزي تقريرون ٻڌي، انگريزيءَ کان اڻ ڄاڻ ماڻهن جو ميڙ تاڙيون وڄائيندو هو. ماڻهو چوندا هئا ته ماڻهو پلو آهي، ان ڪري ڳالهه اسان جي ڪندو هوندو. هو پنهنجي مسلمانيت کي ظاهر ڪرڻ جو شوقين نه هو. اڄ جا اسان جا بزرگان دين سڃو ڏينهن قرآن پڙهندا آهن، پر ماڻهن تي انهن جي ڳالهه جو ڪو اثر نه ٿو ٿئي.

سوال: اڄ جي سياستدانن کي اهڙي مقبوليت ڇو نه ملي سگهي، جيڪا قائداعظم کي حاصل هئي؟

پليجو صاحب: سياستدانن ۾ اهو ڪردار ناهي رهيو، جيڪو محمد علي جناح جي سڃاڻپ هو. هر وڏي ماڻهوءَ سان سامراج جو ماڻهو گڏ هوندو آهي، جيڪو نيٺ هن تي حملو ڪندو آهي. قائداعظم سان به ائين ٿيو. جمال عبدالناصر سان سادات ويٺو هو، جيڪو هن جو دشمن هو. چوڌري محمد علي، غلام محمد، ايوب خان وغيره

برٽش ايجنٽ هئا، جيڪي قائداعظم جي هڪ ڀالهه جي رپورٽ انگريزن کي ڏيندا هئا.

سوال: لياقت علي خان کي قتل ڪرڻ ڏوهه ۾ ڪيو ويو؟

پليجو صاحب: جنهن ڏوهه ۾ ضياءُ الحق کي ماريو ويو، نيگوڊين کي ماريو ويو، ايوب کي ذليل ڪيو ويو، يحيٰ خان کي لاٿو ويو، اسامه بن لادن کي دهشتگرد قرار ڏنو ويو. جڏهن آمريڪا بهادر جو ڪم نڪري ويندو آهي تہ اهڙن ماڻهن جي ضرورت ناهي رهندي.

سوال: ڪابي ڏر ڏانهن توهان جو لاڙو ڪيئن ٿيو؟ ڪهڙن ماڻهن جي صحبت جو اثر هو؟

پليجو صاحب: آئون ٻالڪپڻ کان ئي نظرياتي ماڻهو هئس. شروع شروع ۾ منهنجي اندر نظريو پراڻن داستانن مان آيو. امير حمزه، گل بڪاولي ۽ حاتم طائي وغيره پڙهندو هئس. اسان هڪ بربريت جي ماحول ۾ رهندا هئاسين. اتي ڪجهه بہ نہ هوندو هو. عورتن کي جانورن جيان ماريو ويندو هو. عورتن ۽ ٻارن جي توهين ڪئي ويندي هئي. ماڻهو وحشي هئا. آئون هندي ۽ بنگالي ناول ترجمن جي صورت ۾ پڙهندو هئس، پوءِ اسلامي ناول بہ پڙهيم. ان زماني ۾ ديوبندي نقطهء نظر جي ماڻهن جا لکيل ڪتاب بہ پڙهيم. منهنجي اندر ۾ هڪ جنگ هوندي هئي تہ جيڪو ڪجهه معاشري ۾ ٿي رهيو آهي، ان خلاف وڙهڻ گهرجي، جهاد ڪرڻ گهرجي. مدرسي ۾ آئون لائبريرين هئس، تنهن ڪري جيڪي بہ اسلامي ڪتاب ۽ انگريزي ناول هئا، اهي مون پڙهيا. آئون ان زماني کان ئي پنهنجي حيثيت ۽ پنهنجي دور کان اڳيان هلندو رهيس. منهنجا پير ذري گهٽ اگهاڙا هئا، ڪاڏو مون کي گهٽ ملندو هو، منهنجي صحت ڪمزور هئي، ان باوجود آئون مطالعو ڪندو هئس. مون رڳو انگريزيءَ جا ناول پڙهڻ تي بس نہ ڪئي، پر جرمن، جاپاني، آمريڪي ۽ اولهه جو ادب، خاص طور ڪلاسيڪل ادب گهٽو پڙهيم. مطالعي مان اها ڀالهه چٽي ٿي تہ سڄي ڪائنات هڪ آهي، سڄو جهان هڪ آهي ۽ سڄي انساني تاريخ اسان جي تاريخ آهي. مئٽرڪ کان پوءِ محمد ابراهيم جويو صاحب کان ڪابي ڏر جون ڀالهيون سکيم. منهنجو هڪ جيڏو دوست صلاح الدين هو، جيڪو ڪابي ڏر جي خيالن جو هو. انهن ماڻهن جي صحبت ۾ ڪابي ڏر ڏانهن متوجهه ٿيس.

سوال: مذهب ۽ ڪابي ڏر بہ هڪٻئي جو ضد شيون سمجهيون وڃن ٿيون، توهان ان سلسلي ۾ ڪهڙي راءِ رکو ٿا؟

پليجو صاحب: آئون مذهب، ڪابي ڏر ۽ حاتم طائيءَ ۾ هڪ ئي رشتو ڏسان ٿو. مون انهن کي هڪٻئي کان ڌار نہ سمجهيو. حاتم کي ڏسان ٿو تہ اهو رڳو پنهنجي لاءِ ڀالهه نہ ڪري رهيو آهي، پر ٻين جي فائدي جي ڀالهه ڪري رهيو آهي. منهنجو اسلام حلوي ۽ سيري وارو اسلام نہ آهي. آئون تصور ۾ خالد بن وليد سان جنگ جي

ميدان تي وڙهان ٿو. پوءِ اسلام ملوڪيت ۾ بدلجي ويو. حضرت محمد ص جيڪو سياسي نظام ڏنو هو، اهو ڪڏهن آيو ئي ڪونہ. جيڪو بہ آيو، لٽڻ آيو. محمود غزنوي هجي يا نادر شاهہ، سڀ غنبا ۽ دهشتگرد هئا. آئون مُلن جي تقريرن تي نہ ٿو هلان پر اصل شيون پڙهان ٿو. سليمان ندويءَ جو "فاروق اعظم" پڙهيم. ان وقت جا ماڻهو سوچيندا هئا تہ دنيا بهتر ڪيئن بڻائجي. ڪابہ ڏر جون بہ مون کي انسان دوست ڳالهيون پليون لڳيون.

سوال: توهان جي پسنديده شخصيت ؟

پليجو صاحب: سڀ کان پهرين حضرت محمد ص جن جي شخصيت آهي. ڪارل مارڪس، لينن، مائو، هوچي منهہ، گانڌي، جناح وغيره بہ مون کي گهڻو متاثر ڪيو. سنڌ ۾ مون کي شاهہ لطيف، غلام محمد پرڳڙي، مير علي بخش ٽالپر، ڏيپلائي، حيدر بخش جتوئي ۽ حفيظ قريشي متاثر ڪيو.

سوال: پاڪستان جي حوالي سان ڪهڙي شخصيت توهان کي متاثر ڪيو ؟

پليجو صاحب: (ٿوري ساهيءَ کان پوءِ) محمد علي جناح کان پوءِ پٺتو مون کي نظر اچي ٿو پر ان جي سياسي حڪمت عملي ۽ واٽ غلط هئي، هن جو مطالعو اڻ پورو هو. هو صحيح معنيٰ ۾ جديد عوامي جمهوري دور جو باقاعدي پڙهيل لکيل ماڻهو نہ هو. ٻين طبعي ۽ سماجي علمن وانگر طبقن، قومن، ملڪن جي غربت، پسماندگي، ڏرلٽ، محڪوميت ۽ مظلوميت کان ڇوٽڪاري جي جدوجهد جو بہ هڪڙو سماجي علم، هڪڙي سائنس ۽ هڪڙي ٽيڪنالاجي آهي. سمورا علم ۽ سموريون سائنسون هڪ ئي وقت پيدا نہ ٿيون آهن. ڪي گهڻو اڳ پيدا ڪيل آهن تہ ڪي پوءِ جا آهن. سماجي ڇوٽڪاري جو علم، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي فقط ٻن صدين کان اسري نسري رهيا آهن. هاڻ انهن بابت اٿاهہ علمي ۽ سائنسي ذخيرو پيدا ٿي چڪو آهي، ٻيو تمام گهڻو پيدا ٿي رهيو آهي. ڪو ماڻهو ڪٽي عام طرح ڪيترو بہ عالم، دانا ۽ ماهر هجي پر جيڪي خاص علم ۽ سائنسون آهن، جهڙوڪ: انجنيئرنگ، ڊاڪٽري، فلسفو، تاريخ وغيره تن جو ڪو ماڻهو جيڪڏهن باقاعدي نصابي ۽ غير نصابي مطالعو ۽ تحقيقات نہ ڪندو، حاصل ڄاڻ ۽ سمجهہ مطابق عمل ۽ تجربو نہ ڪندو تہ پوءِ ان کي ان علم جو ڄاڻو نہ سمجهبو. پوءِ پلي ڪٽي ڪيس ان علم بابت ڪيتري بہ گهڻي عام ۽ چالو قسم جي معلومات ڇو نہ هجي. پٽي صاحب کي جديد دور ۾ عوامي ۽ انقلابي جدوجهدن بابت ٻئين ٽئين دنيا جي سياستدانن جي پيٽ ۾ ڳچ ڄاڻ ۽ معلومات هئي پر اها بلڪل سطحي ۽ عام قسم جي هئي. هو ان زبردست علم، سائنس ۽ عوامي انقلابي جدوجهدن، تنظيم ڪاري ۽ انهن ذريعي آڻجندڙ انقلابي تبديلين جي پڪي پختي ڄاڻ رکندڙ ماڻهو نہ هو، ان ڪري هن جي عالمي انقلابن بابت سوچ ۽ عمل جي دنيا، نعريبازي ۽ جوشيلين تقريرن تائين محدود هئي. اها ڪنهن بااصول، جتادار ۽ ثابت قدم حقيقي عوامي جدوجهد جي پيڙهہ رکي، ان کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪم اچڻ

جهڙي نه هئي. ڊپلوميسيءَ ۾ هو بادشاهه هو. هن جا ارادا زبردست هئا پر هن جي طبيعت ۾ تضاد هو، ته ڳالهيون عوام جون ڪريو پر ڪم فوجي جنرلن سان ملي ڪريو. هن جي پرورش جيئن ته عوامي جمهوري سياسي بنيادن تي نه پر وڏيراشاهيءَ واري هئي، ان ڪري هن جي دل ننڊي هئي. هن جي خيال ۾ فوج کان سواءِ توهان سياست نٿا ڪري سگهو. ڪنهن نه ڪنهن جي سهاري توهان کي اڳتي وڌڻو آهي. جڏهن ته آئون سمجهندو آهيان ته انسان کي فقط ايترو ڪم ڪرڻ گهرجي، جيترو هو ڪري سگهي. ڪنهن عوام دشمن قوت جي ڪلهن جو سهارو ونڊ ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو؟

سوال: اهي پٽي صاحب جا لفظ هئا يا توهان هن جي خيالن جو تجزيو ڪري رهيا آهيو؟

پليجو صاحب: اهو منهنجو تجزيو آهي. مون هن کي تمام ويجهي کان ڏٺو. اسان جا واسطا سٺا هئا. جيڪڏهن ڪو بهترين ماڻهو ٿي سگهيو ٿي ته اهو پٽو هو، پر هن جو مطالعو نه هو، ڪارڪنن جي سکيا نه ڪندو هو، هن جي دل خالي هئي. اسان جي دل خالي ناهي. اسان ٿورا به هونداسين ته به ڪم هلائي ويندا سين.

سوال: پٽي ۽ بينظير پٽي ۾ توهان ڪهڙو فرق ڏسو ٿا؟

پليجو صاحب: وڏيرن کي پنهنجو پاڻ تي پروسو نه آهي. هي ويچارا انهن جا غلام آهن جيڪي هنن سان آهن. اهي سياستدان غلام ٿيندا آهن. ٻين جي کل پائي، انهن جي ئي پيرن ۾ ويهندا آهن. اهي عوام دشمن انهن کي استعمال ڪندا آهن. "چڙهه جا بيٽا سولي پر، رام پلا ڪري گا." هندن مهاتما گانڌيءَ کي استعمال ڪيو، ڪم ڪڍيو ۽ پوءِ گوليءَ سان اڏائي ڇڏيو. پوءِ جنرل ضياءُ الحق ڇا ڪيو؟ فوج پنهنجي وفادار ماڻهو پٽي کي استعمال ڪري، ذبح ڪري ڇڏيو.

سوال: جڏ توهان هي چوڻ چاهيو ٿا ته بينظير به آمريڪا جي هٿن ۾ استعمال ٿي رهي آهي؟

پليجو صاحب: هن ويچاريءَ وٽ ڇا آهي؟ هن جي وس ۾ ڪجهه ناهي. هتي ته ماڻهو سياست کان سواءِ ئي اقتدار ۾ وينل آهن. جيئن ايوب خان انگريزن جو پٽو هو، ان کي اڳيان آندائين ۽ پوءِ هن لياقت علي خان جي قتل تي مجرماڻي خاموشي اختيار ڪئي. پاڪستان ۾ حڪمراني هڪ مجرماڻو ڏنڊو آهي. مجرمن جو ڪم ڪهڙو هوندو آهي؟ هڪٻئي کي قتل ڪرڻ.

سوال: پٽي جي ڦاسيءَ تي توهان جا ڪهڙا تاثر هئا؟

پليجو صاحب: مون کي سخت ڏڪ ۽ ڪاوڙ هئي، اڄ به آهي.

سوال: ڇا پٽي جي ڦاسي عدالتي قتل هو؟

پليجو صاحب: ڪتاب ڇپيا آهن، ججن جا بيان آڏو آيا آهن. لکين ماڻهن کي ماريندڙ کان ڪير نه ٿو پڇي. ايوب کي ڇو نه ماريو ويو؟ اهي سياستدان، جيڪي سازشون ڪري رهيا هئا ۽ پٺ پٽيان تاڙيون وڄائيندا هئا، انهن کي ڦاسيءَ تي ڇو نه

چاڑهيو ويو؟ "البدر" ۽ "الشمس" جو ڪهڙو ڪردار هو؟ انهن کي ڪنهن پرتي ڪيو هو؟ هي اخباري صحافي، جيڪي ڪوڙ ڦالهائي، جنگيون ڪرائين ٿا، اسان وٽ عدالتن ۾ سيڪشن 34 لاڳو ٿئي ٿو. ان موجب انهن کي بہ ڦاسيءَ تي لٽڪائجي. آئون ڪنهن جو نالو نہ ٿو ونان پر اهي منهنجي ذهن ۾ محفوظ آهن. انهن سيني کي ڇڏي پٽي کي آمريڪا جي چوٽ تي ڦاسيءَ تي چاڑهي ڇڏيائون، ڇوتہ هو ايتم بم ناهي رهيو هو. پٽو نہ هجي ها تہ ڪجهہ نہ ٿئي ها. هيءَ تہ اها ڦالهہ ٿي تہ:

ہم نے تم کو دل دیا،
تم نے دل لیا اور دکھ دیا،
ہم یے کیا، تم وہ کیا،
یہ پریت کی کیا ریت ہے؟

پٽو سڄي دنيا مان هنن بدمعاشن لاءِ پنندو رهيو ۽ هيءَ جنرل شاهي سامراج سان ملي پڳت ڪري، پاڪستان کي وڪڻندي رهي. افغان جنگ ۾ هنن خوب دولت ڪمائي. محمد علي جناح پاڻ کي تڪليفون ڏنيون ۽ هنن بدمعاشن ان کي بي وس بڻائي، ماري، پاڪستان کي يرغمال بڻائي ڇڏيو. انهن سيني ماڻهن کي بہ ڦاسيءَ تي لٽڪائڻ گهرجي، پلي اهي وردیءَ وارا هجن يا بغير وردیءَ وارا هجن. وردیءَ وارن باغين ۽ مجرمن کي تہ پهريان اڳيان ڪرڻ گهرجي. توهان ڏٺو تہ فرانس جي جنرل جوزف ڊارلان (Joseph Darlan) تي مقدمو هليو ۽ هن کي گولين سان اڏايو ويو تہ تون هٽلر سان ڇو ملي ويو هئين. هو هڪ وڏو جنرل هو پر هنن ان کي بہ نہ ڇڏيو. برازيل ۽ چليءَ جي ڊڪٽيٽرن تي بہ مقدما هليا آهن تہ پوءِ اسان جي جنرلن تي ڇو نہ ٿا هلن؟ حضرت عمر فاروق جڏهن هڪ ڊگهو ڪرتو پاتو تہ هن کان سوال ٿيو تہ توهان هي ڪٽان آندو؟ پاڪستان ۾ اسلام جي نالي تي اربين روپيا کاڄي چڪا آهن، پر پڇڻ وارو ڪير نہ آهي.

سوال: مير مرتضيٰ پٽو جي قتل بابت توهان جا ڪهڙا تاثر آهن؟

پليجو صاحب: مير مرتضيٰ بابت آئون اڳي ئي چوندو هئس تہ جيڪڏهن هو پاڪستان ايندو تہ ايجنسيون هن کي نہ ڇڏينديون. هو سادو ماڻهو هو. ڪنهن مون کي چيو، "توهان مير مرتضيٰ سان مليا آهيو؟" مون چيو، "آئون مئلن سان ناهيان ملندو." چيو ويو تہ، "هو تہ جيئرو آهي ۽ تقريرون ڪري رهيو آهي." مون چيو، "مون هن کي مئل تصور ڪري ورتو آهي." هن جي پرپاسي جيڪي ماڻهو هئا، اهي اڪثر دشمن جا ايجنٽ هئا. ٺيڪ آهي هو مجاهد ۽ زبردست ماڻهو هو پر عقل بہ ڪا شيءِ آهي.

سوال: ننڍا صوبا پاڻي جي مامري تي پنجاب تي ناراض آهن، ان ناراضگيءَ کي ڪيئن ختم ڪري سگهجي ٿو؟

پليجو صاحب: پاڪستان جا لٽ بردار حڪمران پرڏيهي آقائن جي زور تي

1859ع کان سنڌ خلاف سازشون ڪري رهيا آهن. جيئن چيو ويندو آهي تہ "سيان بني ڪوتوال، اب ڈر ڪاهي ڪا؟" تيئن هنن جا "سيان" واشنگٽن ۾ لنڊن ۾ ويٺل آهن، جن هتان جي حڪمرانن کي لٽيون هٽن ۾ ڏيئي ڇڏيون آهن ۽ اهي لٽيون ننڍن صوبن جي حقن تي وسايون پيون وجن. اها مرڪزي حڪومت جي ڏاڍائي آهي، جو صوبن سان مشورو ڪرڻ کان سواءِ اٽ- اٽ ڪٽنال ڪيڊي ٽي، جيتوٽيڪ ماڻهو درياهن ۾ پائيوار هوندا آهن، قومي پارٽنر هوندا آهن، انهن کان پڇڻ ۽ اجازت وٺڻ ضروري آهي. هي عالمي قانون بہ آهي تہ درياهہ جي مٿئين حصي وارا هيٺئين حصي جي مرضيءَ کان سواءِ پاڻي بند نہ ٽا ڪري سگهن. جيڪڏهن ماڻهو ائين پنهنجون من مستيون ڪندا رهيا تہ دنيا ڪيئن هلندي؟ عالمي قانونن جي هوندي بہ اهي ماڻهو دهشتگردي ۽ فراڊ ڪن ٽا. اسان گهٽائي پيرا انهن کي چيو تہ اچو تہ فيصلو ڪريون، اسان جو پاڻي توهان وٽ ڪيترو آهي ۽ توهان جو پاڻي اسان وٽ ڪيترو آهي، پر اهي ماڻهو ڳالهيون نہ ٽا ڪن ۽ بازاري وڏيرن کي پاڻ سان ملائين ٽا، جيڪي ريڙهي تي رکيل شين جيان ٻن- ٻن روپين ۾ وڪامي وجن ٽا. ڪنهن کي يونين ڪائونسل جو ليڊر بڻائين ٽا تہ ڪنهن کي وزارت ڏين ٽا، پوءِ هي انهن کان نعرا هڻائين ٽا "ڪالاباغ ڊيم زنده باد!" اسان چئون ٽا تہ اسان سڀ پاڪستاني پائر آهيون، اچو تہ گڏجي ويهون ۽ اڻ ڏريا نمائندا گهرايون ٽا، پلي ملائيشيا مان گهرايو يا بنگلاديش مان گهرايو، يو- اين- او جا نمائندا بہ ويهڻ گهرجن. اسان پنهنجو ڪيس انهن جي آڏو رکون ٽا، پر هو ان ڳالهہ کي بہ نٿا مڃين. مرڪزي سرڪار جا وزيراعظم ۽ صدر بہ پنجاب جي حڪمرانن جي ئي طرفداري ڪن ٽا، ڇوتہ پنجاب جي حڪمران طبقن جي ڪري ئي انهن کي ڪرسي ملي ٽي. جنرل مشرف چيو تہ واپڊا جو جنرل ذوالفقار توهان سان ڳالهائيندو. هو آيو، وقت طئي ڪيائين پر پوءِ پڇي ويو، جيئن مهاتما گانڌي مولانا حضرات کان اسلام جو سبق پڙهڻ چاهيو ٽي ۽ هو قرآني آيتون بہ پڙهندو هو پر محمد علي جناح سان ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪندو هو، ڇوتہ هو وڪيل هو، هو ڪم جي ڳالهہ ڪندو هو. قائداعظم رڳو آيتون نہ پڙهندو هو. هو پڇندو هو تہ اسان جو ڪيترو حساب توهان وٽ آهي ۽ ڪيترو حساب اسان کي گهرجي، تنهن ڪري اهڙا ماڻهو جناح جهڙن ماڻهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪيئن ڪن؟ انهن کي تہ بيوقوف قسم جا ماڻهو گهربل هوندا آهن. هو اسان وٽ نٿا اچن، ڇوتہ انهن کي خبر آهي تہ هي ماڻهو وزارتن جا بکيا نہ آهن.

سوال: سنڌي قوم ٽوڙ ڦوڙ جي عمل مان گذري رهي آهي، ان جا ڪهڙا سبب آهن؟ هڪ مارچ توهان ضياءُ دور ۾ ڪيو هو ۽ هڪ مارچ ڪالاباغ ڊيم خلاف جنرل مشرف جي دور ۾ ڪيو، جنهن ۾ ماڻهو تعداد ۾ پهرين کان گهٽ هئا.

پليجو صاحب: هي مارچ ان کان گهڻو وڏو هو. هن ۾ جيڪو جوش ۽ ولولو هو، اهو پنهنجو مٽ پاڻ هو. جيتري قدر سنڌي قوم جي ٽوڙ ڦوڙ جي ڳالهہ آهي تہ هي معاملو هر

قوم سان ٿيندو آيو آهي. عرب به ان عمل مان گذريا آهن. پنجابي ۽ بلوچن جا سردار به پاڻ ۾ وڙهندا آهن. عالمي سطح تي ڏسجي ته اها ڏڙابندي هر ملڪ ۾ نظر اچي ٿي. هندوستان ۾ گانڌيءَ جو قتل ٿيو. اختلاف راءِ، لڙائي ۽ جهيڙو هر هنڌ موجود آهي.

سوال: شاهه عبداللطيف ڀٽائي، غالب ۽ اقبال مان وڏو شاعر توهان کنهن کي سمجهو ٿا؟

پليجو صاحب: شاعرن کي توهان ائين بيان نه ٿا ڪري سگهو. اها پنهنجي پنهنجي دور جي ڀَالهه هوندي آهي. مون کي غالب کان وڌيڪ ميرتقي ميرجي شاعريءَ متاثر ڪيو آهي. غالب جي شوخيءَ جي پيٽ ۾ ميرجو جيڪو دردیلو اسلوب آهي، اهو ڏاڍو ليائيندڙ آهي. اقبال جو پنهنجو هڪ مخصوص دور هو، اهو بلڪل عام اصطلاح ۾ هڪ انقلاب هو. اقبال جا شعر ڏسي ماڻهو چون ٿا ته هو رڳو بنياد پرست هو، پر اقبال ان کان سواءِ به گهڻو ڪجهه هو. اقبال جي شاعري رڳو ليفٽ ۽ رائيٽ جي شاعري ناهي، ته اڳتي وڌو، تلوار کڻو ۽ ماريو. هن مذهبيت کان هٽي به گهڻو ڪجهه چيو آهي، انهن پاسن تي ڀَالهه ٻولهه نه ٿي ٿئي. اڄ جي دور ۾ اقبال تي وڌيڪ ريسرچ جي ضرورت آهي. شاهه لطيف پراڻي دور جو شاعر آهي، پر هو پنهنجي دور ۾ نظرياتي حوالي سان مٿين سيني کان اڳيان هو.

سوال: ڪاپيءَ ڏر وارا گهڻو ڪري عالم حضرات ۽ صوفين کي پسند ڪن ٿا، ان جو ڪهڙو سبب آهي؟

پليجو صاحب: جيڪڏهن بدمعاشي ڪرڻي آهي ته توهان عالم ۽ صوفي، ٻنهي جي نالي تي ڪري سگهو ٿا. اهي صوفي به ڪجهه گهٽ ناهن هوندا. جيڪڏهن هو سڳورا استاد آهن ته هي به استاد آهن. جيڪڏهن اسان جي ڪاپيءَ ڏر وارا حضرات آهن، ته اهي به گهٽ نه آهن. جڏهن ماڻهو بدمعاشيءَ تي لهي اچي ته پنهنجي مفاد ۾ ڪاپيءَ ڏر واري نظريي کي به استعمال ڪري ٿو ۽ اسلام ۾ به پنهنجو مفاد ڀَولي ٿو. ائين ڪونهي ته سڀ عالم خراب آهن، انهن ۾ گهٽا سٺا ماڻهو ٿي گذريا آهن. هر مذهب ۾ تصوف نالي جو هڪ متبادل عقيدو ايجاد ٿيو آهي. تصوف سڀ کان پهرين هندو مذهب ۾ آيو. شنڪر آچاريا ان زماني ۾، جڏهن محمد ﷺ جي پيدائش ٿي، وحدت الوجود جو تمام وڏو صوفي هو، يعني اها لڳ ڀڳ 570ع واري زماني جي ڀَالهه آهي. اهڙيءَ طرح رامانج "وحدت الشهود" جو پرچارڪ هو. ان جو زمانو مجدد الف ثاني کان به ٻه صديون اڳ جو آهي. يهوديت ۽ عيسائيت ۾ به تمام وڏا وڏا صوفي ٿي گذريا آهن، سو صوفي ازم جي پنهنجي عالمي حيثيت آهي، ان کي رڳو اسلام جي نقطهء نظر سان ڏسڻ صحيح نه آهي. جڏهن پهرين عالم سڳورا آيا، تڏهن حڪمران طبقي انهن تي قبضو ڪري ورتو، پوءِ صوفي آيا، حڪمرانن انهن کي به ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيو، پوءِ ڪاپيءَ ڏر وارا آيا ته انهن کي به ڪيسي ۾ وڏو ويو. سامراج مختلف طبقن کي استعمال ڪري ٿو، جيڪو بچي ويهي، سو بچي ويو. پاڪستان ۾ به اهڙي

ئي هلي چلي آهي. اڄ آئون توهان سان وينو ڳالهيون ڪري رهيو آهيان، ممڪن آهي ته سياڻي منهنجو اڳهه ٽئي ته آئون بہ هليو وڃان.

سوال: سوويت يونين جي خاتمي ۽ چين جي اوپن مارڪيٽ پاليسي اپنائڻ کان پوءِ توهان سوشلزم جو مستقبل ڪهڙو ڏسو ٿا؟

پليجو صاحب: ڏسو، شيون پنهنجي شروعاتي دور ۾ گهڻو اڳتي نڪري ويندیون آهن. حضرت محمد صہ عورتن جي حقن ۽ غلامن جي معاملي ۾ پنهنجي دور کان گهڻو گهڻو اڳتي نڪري ويا هئا. ان کان پوءِ اڇڻ وارن بريڪ هنئي ۽ ابائوٽ ٽرن ورتو. اهڙيءَ طرح هندو مت جهڙو رام ۽ سيتا جي زماني ۾ هو، اڄ هو ان دور کي آڻڻ چاهين ته دنيا ان کي هلڻ نہ ڏيندي. هڪ دور ۾ توهان جيڪي ڳالهيون ڪري سگهيا ٿي، اڄ ماڻهو اهي ڪرڻ نہ ڏيندا. هندو مذهب جي نظر ۾ اسان سڀ ملیچ، راکشس ۽ پليت آهيون، اسان کي هڪ پل لاءِ بہ جيئري رهڻ جو حق نہ آهي، ڇا هندو هاڻي اڇوکي دور ۾ ائين ڪري سگهن ٿا؟ علاؤالدين خلجيءَ وٽ عالم سڳورا آيا ۽ اچي چيائونس ته اسلام اهل ڪتاب کي غير مسلم هڻڻ باوجود پنهنجي مذهب تي قائم رهڻ جو حق ڏنو آهي، پر هي هندو ڪهڙا اهل ڪتاب آهن؟ انهن سان ته رڳو بہ ڳالهيون ٽيڻ گهرجن: ڪتاب يا وري تلوار. هندوءَ کي اها جازت نہ آهي ته هو مسلمان ملڪ ۾ هندو ٿي رهن. علاؤالدين کين چيو ته مون کي پنهنجين زمينن ۾ هر هلائڻ ۽ ٻين پورهئي جي ڪمن لاءِ هندن جي ضرورت پوي ٿي، جيڪڏهن انهن جي جاءِ تي توهان اهي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٽيو ته آئون هاڻي ئي انهن کي قتل ڪرائي ڇڏيندس. عالمن چيو، اهي ڪم اسان کان نہ ٿي سگهندا. علاؤالدين چيو، پوءِ آئون هيئن ٿو ڪريان جو اهي ماڻهو نہ جيئرا رهندا ۽ نہ مئل. هن اعلان ڪري ڇڏيو ته کوبہ هندو جائيداد نہ ٿو رکي سگهي، نہ ئي ذخيرو ڪري سگهي ٿو. اهو تاريخ ۾ لکيل آهي. ڇا اڄ کو بادشاهہ يا حڪمران اهڙي ڳالهہ ڪري سگهي ٿو؟ اڄ جي دور ۾ پراٽيون شريعتون جيئن جو تيئن هلي نہ ٽيون سگهن. اڄ جو هندو جيڪڏهن رام راج جي زماني ۾ هجي ها ته اهو رام رام ڪندي، اسان سيني مليچن کي قتل ڪرائي ڇڏي ها. طالبان جي خلاف مصيبت ڇو ٿي؟ هنن باميان جا ٻڈ مجسما ڊاهي ڇڏيا هئا، تنهن ڪري چين، جاپان ۽ ٻيا ٻڈ گهٽائيءَ وارا ملڪ بہ انهن جي خلاف ٿي ويا.

سوال: يعني توهان اهو چوڻ چاهيو ٿا ته وقت ۽ حالتن تحت ڪارل مارڪس جا نظريا بہ تبديل ٽيڻ گهرجن، اڄ جي دور ۾ ان کي بہ جيئن جو تيئن لاڳو نہ ٿو ڪري سگهجي؟

پليجو صاحب: ڏسو، ڪارل مارڪس جو جيڪو نظريو آهي، اهو سائنسي نظريو آهي. سائنس ۽ عقيدو هڪٻئي جي ابتڙ آهن. سائنس ۾ عقيدت پرستيءَ جي اجازت نہ آهي، يعني جيڪڏهن چيو وجي ته رسول بخش پليجو ڪجهہ بہ چوندو اهو صحيح آهي، ته اهو عقيدو آهي. ان سان ڪجهہ ماڻهن جو ته پلو ٿي سگهي ٿو، پر اها

سائنس نہ آهي. مارڪس ۽ اينجلز پنهنجو پاڻ تي ڪلندا هئا. انهن جي خط و ڪتابت توهان پڙهو، گهٽو مزو ايندو. اينجلز لکي ٿو، "مارڪس! اسان ڪيڏا چريا هئاسين! اسين سمجهندا هئاسين ته انقلاب چائنڊ تي بينو آهي! ڪيڏيون خواب ۽ خيال جون ڳالهيون هيون." تمام گهڻيون شيون جيڪي انهن چيون، اڄ نه ٿيون ٿي سگهن. لينن چيو ته مارڪسزم بابت اسان جو رايو ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ وري پاڻ ئي ان جو جواب ڏيندي چوي ٿو ته، "جيڪي شيون ان وقت غلط هيون ۽ اڄ به غلط آهن، اهي مٽايو. جيڪي شيون ان وقت صحيح هيون، اڄ به صحيح آهن، اهي عام ڪريو. جيڪي شيون ان وقت نه هيون، اڄ آهن، اهي پنهنجون ڪريون. جيڪي شيون ان وقت جهڙيءَ طرح رائج هيون، اڄ اهي اهڙيءَ طرح رائج نه ٿيون ٿي سگهن ته انهن ۾ تبديلي ڪريو." جيڪي شيون ان زماني ۾ نه هيون ۽ هجڻ گهرجن، انهن کي تخليق ڪريو." ملا صاحب جي نظر ۾ مذهب ۾ ته نين شين جي گنجائش ئي نه آهي، يعني اهي بدعت هوندیون آهن. نئين شيءِ جو نالو ونڻ به گناهه آهي، جڏهن ته زندگيءَ جي تقاضا آهي ته حالتن موجب لاڳيتو تبديليون ٿيندیون رهڻ گهرجن. جيئن اقبال چيو:

سکون محال ہے قدرت کے کارخانے میں،
ثبات ایک تغیر کو ہے زمانے میں۔

سوال: توهان جي نظر ۾ سوويت يونين جي ٽُٽڻ جا ڪهڙا سبب هئا؟

پليجو صاحب: سوشلزم جا ماڊل مختلف آهن. حڪمرانيءَ جو، جيڪو پهريون تصور هو، پرٿوي راج جي زماني ۾، مهابارت جي زماني ۾ يا خلفاءِ راشدين جي دور ۾، اهو مختلف هو. اهو پراڻو زمانو اڄ وري اچي ويجي ته اڄوڪي دور جا هي ماڻهو پڄي ويجن. روس ۾ جيڪو سوشلزم هو، اهو هڪ ماڊل هو. اهو اهڙو هو، جو جنهن ٻار کي نَون مهينن کان پوءِ پيدا ٿيڻو هو، اهو ڇهين- ستين مهيني پيدا ٿي پيو. مارڪس چوندو هو ته جڏهن چار- پنج ملڪ يعني انگلينڊ، فرانس ۽ جرمني وغيره ۾ سرمائيداري عروج تي هجي، تڏهن انهن ملڪن ۾ هڪ ئي وقت انقلاب اچڻ گهرجي. جڏهن سرمائيداري انهن ملڪن ۾ پنهنجون سيئي خوبيون وڃائي چڏي، ان ۾ ڪا سنائي باقي نه بچي ۽ نئون انسان پيدا ٿي چڪو هجي، جيڪو قبائلي جاگيرداريت جو خاتمو ڪري چڪو هجي، جيڪو پنهنجي رَوين ۽ پنهنجين جبلتن ۾ مادرن انسان هجي، جيڪو مادرن رياست جون گهرجون سکي چڪو هجي، تڏهن سوشلزم اچي ٿو. لينن چيو ته اسان کي موقعو مليو آهي ته ڇو نه ان جو فائدو ونجي. سرمائيداري نئون انسان پيدا ڪندي رهندي، ڇو نه اسان اڄ جي حالتن جو فائدو وني اڄ ئي نئون انسان پيدا ڪري ونون، اهو سوشلزم نه هوندو، پر پري سوشلزم (Pre-Socialism) هوندو. اسان تاريخ ۾ ان کي هلائي ڏسون ٿا. پوءِ اهو نظام 70 سالن تائين هليو. سڄيءَ دنيا ۾ پنج سئو سالن کان سامراج جن ملڪن کي غلام بڻايو وينو هو،

اهي ڏهن سالن ۾ آزاد ڪرڻا پيس. هندوستان آزاد ٿيو، چين آزاد ٿيو. جيڪڏهن سوشلزم نہ هجي ها تہ ڇا اهي آزاد ٿين ها؟ اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ جيترو بہ وڏو ماڻهو هجي يا جيتري بہ وڏي تحريڪ هجي، پر هلي هلي نيٺ ان جو پيٽرول ختم ٿي ويو ٿو. ان کي نئين شڪل ۾ اچڻ گهرجي. پهريان ان ۾ جيڪي خرابيون هيون، اهي ختم ڪجن. هاڻ بيٽري وري چارج ٿي رهي آهي، تبديليون اچي رهيون آهن. پلي توهان انهن بيٽرين کي سوشلزم جو نالو ڏيو يا نہ ڏيو. هن وقت سامراج خلاف جيڪي قوتون وڙهي رهيون آهن، اهي اڳ سوشلزم لاءِ وڙهندڙ قوتن کان هڪ هزار پيرا وڌيڪ سگهاريون آهن. سوشلزم کي تہ هنن سوويت يونين ۾ قيد ڪري ڇڏيو هو، ان جي چوڌاري هڪ سامراجي گهيرو هو. سڄي دنيا هڪ طرف ۽ سوويت يونين اڪيلي ٻئي طرف. سوويت يونين ٽئين دنيا جي ملڪن کي مدد ڏيندو هو. ڪڏهن هِتي جهيڙو، ڪڏهن هُتي جهيڙو، سڄو سال جهيڙا نبيرڻ ۾ گذري ويندو هوس. هن اهي ستر سال الائي ڪيئن ڪڍيا. بهرحال اهو بہ هڪ وڏو سماجي چال هو، جيئن مائوزي تنگ چيو تہ، "لهر لهر ٿي اڳتي وڌو." اها هڪ لهر هئي. ان کان اڳ 1917ع ۾ آڪٽوبر انقلاب آيو، اها بہ هڪ لهر هئي. ان کان اڳ 1905ع ۾ هڪ انقلاب آيو هو، ان کان اڳ پئرس ڪميون هو. ان کان بہ اڳ 1848ع ۾ سڄي يورپ ۾ جمهوري سوچ جو انقلاب آيو هو. روز روز نيون نيون تبديليون اچن ٿيون. نوان ماڊل آيا، وري چين جو ماڊل آيو. اڄي عام طرح چيو ويو ٿي تہ ڪامريڊ جي معنيٰ بکيا، اگهاڙا، فقير ۽ ملنگ. انهن وٽ صبح جي ماني نہ هوندي. هاڻ چين ۾ انهن ثابت ڪري ڇڏيو تہ جيڪڏهن اسان پنهنجي پاليسيءَ کي نئين سر حالتن آهر تبديل ڪنداسين تہ حالتون بهتر ٿيندیون، ۽ پوءِ انهن جي اقتصادي حالت بهتر بلڪ بهترين ٿي ويئي آهي. دنيا ۾ تبديليون اچي رهيون آهن. آمريڪا عراق تي حملو ڪيو، عراقي هٿيار لڪائي يڇي ويا ۽ چيائون تہ اسان جي جنگ پوءِ شروع ٿيندي. آمريڪا هاڻي عراق جي ڏهڙ ۾ ڦاسي چڪو آهي. ايران ۾ ويندو تہ اڃان وڌيڪ ڦاسندو.

سوال: ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي تباهيءَ ۾ ڪهڙين قوتن جو هٿ هو؟

پليجو صاحب: آئون تہ هي ٿو سمجهان تہ اهو ڪم اسرائيلي ايجنسي موساد جي معرفت ٿيو آهي ۽ جن ماڻهن اهو ڪم ڪيو آهي، اهي اسرائيلي ايجنٽ نہ هوندا. انهن نيڪ نيتيءَ سان دين جي خاطر اهو ڪم ڪيو هوندو. انهن کي اها خبر نہ هوندي تہ جيڪو ماڻهو اسان کي هلائي رهيو آهي، اهو موساد جو ايجنٽ آهي. موساد ۾ عرب بہ ڪافي آهن. عربن وٽ ايڏي وڏي ٽيڪنيڪل قابليت شايد مشڪل هجي، جيئن طالبان ٻڌ جا مجسما ڊاڪا، جيڪڏهن هو هڪ سال وڌيڪ حڪومت ۾ رهن ها تہ اتي جو عوام پاڻ انهن کي ڏنڊا هٿي ٻاهر ڪيري ڇڏين ها.

سوال: پاڪستان صحيح معنيٰ ۾ ڪيئن ترقي پسند ۽ خوشحال ملڪ بڻجي سگهي ٿو؟ توهان ان سلسلي ۾ ڪهڙو پروگرام رکو ٿا؟

پليجو صاحب: سڀ ماڻهو صحيح انقلابي طريقي سان هڪ ٿي وڃن ۽ سچي ڀَالهه ڪن. ان سڀ چوڻ جي قيمت ادا ڪن. پهريان جي- ايم سيد هوندو هو، جنهن کي اسان سنو سمجهندا هئاسين. آئون ڪافي عرصو هن جو سيڪريٽري به رهيو آهيان، پر جڏهن هن سنڌو ديش جي ڀَالهه ڪئي ته مون ان کي سنو نه سمجهيو. اصل مسئلو اهو ناهي ته سنڌ کي پاڪستان کان الڳ ٿيڻ گهرجي يا نه، پر سوچڻ جي ڀَالهه اها آهي ته ڇا اهو موجوده حالتن ۾ قومي نجات جو واقعي ڪارائتو طريقو آهي؟ اهڙي قسم جي ڀَالهين سان عوام دشمن قوتن کي فائدو پهچي ٿو، تنهن ڪري اسان هن جي خلاف ڀَالهايو. اسان پٽي صاحب جي خلاف به ڀَالهايو. هي دهشتگرد جيڪي ڪم ڪري رهيا آهن، انهن جي خلاف ڪو اردو ڀَالهائيندڙ دانشور، اديب ۽ عالم هڪ لفظ به نه ٿو ڀَالهائي. پنجابي پنهنجي عوام دشمن چوڌرين خلاف ۽ بلوچ پنهنجي رجعت پرست سردارن خلاف نه ٿا ڀَالهائين. اسان جي سنڌ ۾ غلام شاهه ڪلهوڙو حڪمران ٿي گذريو آهي، هن ڪچ جي ماڻهن جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو، ان ڪري آئون هن جي خلاف آهيان ۽ هن کي صحيح نه ٿو سمجهان. سنڌي چون ٿا ته هو سنڌ جو بهترين حاڪم هو پر آئون انهن جي ڀَالهه سان اختلاف رکان ٿو. جيڪو ماڻهو پنهنجي برادر قوم ۽ پاڙيسريءَ کي تنگ ڪري ٿو، اهو اسان جو ياءُ ٿي نه ٿو سگهي. سامراجي پاڻ ۾ هڪ آهن، اسان عوام هڪٻئي کان الڳ ٿي ويا آهيون. ان ڪري هر گروهه کي پهريان پنهنجي بدمعاشن خلاف ڀَالهائڻ گهرجي. سنڌين کي سنڌي بدمعاشن خلاف ڀَالهائڻ گهرجي، اردو ڀَالهائيندڙن کي پنهنجي بدمعاشن خلاف ڀَالهائڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح پنجابين، پٺاڻن ۽ بلوچن کي پنهنجي پنهنجي بدمعاشن خلاف صف بندي ڪرڻ گهرجي، پوءِ سڀ گڏجي جيڪا سچي ڀَالهه هجي، اها اختيار ڪن، علم حاصل ڪن. علم کان سواءِ اهي وڏا ڪم ناهن ٿيندا. حڪومت ۾ هڪدم اچڻ لاءِ ٻيچين نه ٿين. آئون ٿيهن سالن کان ڪم ڪري رهيو آهيان، مارڪس پنهنجي سڄي حياتي ان ڪم تي لڳائي ڇڏي، پر هو يونين ڪائونسل جو ميمبر به نه ٿيو. حضرت محمد صه لاءِ ماڻهو جانيون ڏيئي رهيا هئا پر قانوني طور تي ڪنهن هن جي مقرري نه ڪئي هئي، ڪو اعلان به نه ٿيو هو ته اڄ کان پوءِ توهان اسان جا حڪمران ٿيندا. مهاتما گانڌيءَ کي ڪهڙي پگ ٻَڌائي وئي هئي؟ اِهي سڀ اُهي ماڻهو هئا جيڪي عهدن جا محتاج نه هئا پر عهدو انهن جو محتاج هوندو هو. سڀ ماڻهو سڀ ڪم ڪن، ڇا اهو ڪافي نه آهي؟ اسان پلي سادي ماني کائون پر حق ڀَالهه چوڻ ۽ ڪرڻ جا مزا ونون. چالیهه- پنجاهه ماڻهن جي زندگي، سوچ ۽ عمل جو معيار به جيڪڏهن توهان بهتر ٻڌائي سگهيا ته سودو مهانگو نه آهي. انسان دوستيءَ جي ڀَالهه ڪريو. تنگ نظر سنڌين سان اسان جو ڪو واسطو نه آهي. جيڪڏهن اسان جي سنڌين ڪنهن بي قوم سان ڏاڍائي ڪئي آهي ته اسان اهڙن سنڌي ماڻهن جي خلاف مظلوم قوم جو ساڻ ڏينداسين. پٽو صاحب جڏهن يحيٰ خان سان گڏ هو ته

اسان هڪ ڪتاب (جيڪي بنگال سان ٿيو) لکيو هو. جڏهن بلوچن تي چڙهائي ٿي ۽ پنجابي، پشتون ۽ بلوچ سازش ڪيس ۾ چالان ٿيا تہ اسان عدالت ۾ انهن مظلومن جو ساٿ ڏنو. يٽي صاحب کي اها ڳالهہ پسند نہ آئي هن مون کي گرفتار ڪرايو. مون کي چيو ويو تہ سڌري وڃ، مون چيو تہ آئون سڌريل آهيان. مون کان پڇيو ويو تہ ٻاهر نڪري ڇا ڪندين؟ مون چيو تہ وري عدالت ۾ مظلومن جو ڪيس هلائيندس. تہ چوڻ جو مقصد هي آهي تہ اسان پنهنجي اردو ڳالهائيندڙ پائرن جهڙا نہ آهيون جو غلط پاليسين خلاف ڳالهائڻ بدران هوائي توائي ڳالهيون ۽ شاعري شروع ڪري ڇڏيون. اجاين ڳالهين کان مون کي سخت نفرت آهي. اردو ڳالهائيندڙ جيڪي ڪراچيءَ ۾ ويٺا آهن، انهن کي دهشتگردن کي دهشتگرد چوڻ گهرجي. ڇا انهن کي پنهنجين زندگين جو خطرو آهي؟ اسان سنڌ وارن کي بہ تہ سنڌي توڙي غير سنڌي عوام دشمنن کان پنهنجين زندگين جو خطرو هوندو آهي.

سوال: اردو ڳالهائيندڙ تہ جاگيردارن ۽ ڏڪٽيٽرن خلاف ڳالهائيندا رهندا آهن.

پليجو صاحب: ڪٿي ٿا ڳالهائين؟ روز ڊرامو ٿا ڪن تہ اسان فوج جي خلاف آهيون. فوج جا ايجنٽ ٿيو ويٺا آهن. سردارن کي پنهنجن ڪلهن تي ويهارين ٿا، انهن سان عيش ڪن ٿا. اهي ماڻهو منافق اعظم آهن. هاڻي اهي اگهاڙا ٿي چڪا آهن. سڄي دنيا انهن کي سڃاڻي ورتو آهي. روزانو قتل عام ٿي رهيو آهي، سڄي علاقي ۾ انهن تباهي مچائي ڇڏي آهي.

سوال: توهان اردو ڳالهائيندڙن کي غدار چئو ٿا، جيڪي سنڌي وڏيرا ۽ سياستدان ڪرسيءَ جي خاطر ڏڪٽيٽرن جا هٿ مضبوط ڪن ٿا ۽ سنڌ جي حقن جي ڳالهہ نہ ٿا ڪن، انهن کي توهان ڇا ٿا سمجهو؟

پليجو صاحب: آئون اردو ڳالهائيندڙن کي غدار نہ ٿو سمجهان. اردو ڳالهائيندڙ گهڻا ماڻهو اسان جا دوست ۽ عزيز آهن. اسان اردو ڳالهائيندڙ دهشتگردن جي ڳالهہ ڪريون ٿا، انهن کي اردوءَ جي ڪهڙي خبر! اهي مون وٽ اچن ۽ اردوءَ تي ڳالهائين! اردوءَ بابت جيتري اسان کي ڄاڻ آهي، انهن دهشتگردن کي نہ آهي. پلا مير تقي مير جا ڪي چار شعر هو مون کي ٻڌائين! ڳالهہ اها نہ آهي تہ سيني اردو ڳالهائيندڙن کي اسان غدار سمجهون ٿا. اسان جا گهڻا استاد اردو ڳالهائيندڙ هئا. سياست تي پهريون ڪتاب مون اردوءَ ۾ "خون کي آنسو" پڙهيو هو. شاعريءَ ۾ منهنجو پهريون استاد منهنجو دوست نبي احمد هو، جنهن مخدوم محي الدين سان واقفيت ڪرائي. اسان اُهي آهيون جيڪي حافظ، رومي، جامي، خيام، ميران ٻائي، تلسي داس، امير خسرو ۽ عبدالقادر بيدل سان محبت ڪريون ٿا ۽ انهن سيني ماڻهن کي پاڻ سان ڪٽي هلون ٿا. اسان بازاري قسم جا ڪابي ڏر وارا نہ آهيون. اسان جا هي جيڪي وڏيرا آهن، انهن خلاف اسان چوندا آهيون تہ اهي ريڙهي تي پيل اهو مال آهن، جيڪو بن- بن روپين ۾

وکامي ٿو.

سوال: توهان ڳالهيون عالمي سطح جون ڪريو ٿا پر عملي طرح تي توهان جي سياست علائقائي حد تائين محدود آهي؟

پليجو صاحب: توهان هڪ هنڌ ويهي ڪا اهڙي مثالي شيءِ ڪري ويجو، جو اها وطن جي ماڻهن کي ۽ ٻين ملڪن کي روشنيءَ جو مينار نظر اچي، تہ اها ڪا گهٽ ڳالهہ نہ ٿيندي. اسان پاڪستان ۾ هڪ مثالي نظام قائم ڪري رهيا آهيون. منهنجو رابطو هر هنڌ آهي. آئون هاڻي آمريڪا مان آيو آهيان. اسان جا دوست لنڊن ۾ آهن. جڏهن آئون اتي ويندو آهيان تہ انهن سان ملاقاتون ٿيندیون آهن. صبح جو آئون انٽرنيٽ تي گارجين، ماسڪو ٽائيمز، جاپان ٽائيمز ۽ ٻيون گهڻيون ئي اخبارون پڙهان ٿو. آئون اخبارن ۾ لکان ٿو. اسان کي خبر هوندي آهي تہ ڏکڻ آفريڪا ۾ ڇا ٿي رهيو آهي، تائيوان ۽ ويٽنام ڇا ٿا چون. اسان وٽ هڪ سسٽم آهي. اسان مختلف مسئلن تي پاڻ ۾ ڳالهائيندا آهيون. اسان اها رسم شروع ڪئي آهي تہ هينئين سطح تائين تعليم عام ڪئي ويجي. اسان جي پارٽيءَ ۾ جيڪي ماڻهو ڇوڪرين جي سندن مرضيءَ خلاف شادي ڪرڻ چاهيندا آهن تہ اها ڇوڪري اسان وٽ اچي ٿي. اسان انهن ماڻهن کي سمجهايون ٿا تہ اهو غلط آهي، انهن کي ان ڪم کان روڪيو ويجي ٿو. انهن ڇوڪرين مان ڪن جو تعلق اپر سنڌ سان ٻہ هوندو آهي، جيڪي بلڪل وحشي علائقا سمجهيا وڃن ٿا. اهي ڪم اسان وقت سان گڏ گڏ ڪري رهيا آهيون. اسان کي ڪا تڪڙ نہ آهي. تڪڙ اهي ماڻهو ڪندا آهن جن کي ڦرلٽ جي تڪڙ هوندي آهي، پئسو ٽاهڻ جي تڪڙ هوندي آهي.

سوال: توهان گهڻي وقت کان پاڻ پتوڙيو آهي، ڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪنهن ڳالهہ تي پڇتاءُ محسوس ڪيوَ؟

پليجو صاحب: توهان يقين ڄاڻو تہ مون کي ڪو پڇتاءُ نہ آهي. منهنجو نظريو هيءُ آهي تہ تاريخ توهان کي ڏسي رهي آهي. توهان جو انعام هيءُ آهي تہ توهان صحيح هلو. منهنجو بيڪ گرائونڈ ديني مدرسن جو آهي، ان ڪري ڪم ڪرڻ ۽ سماج کي بدلائڻ منهنجي ستيءَ ۾ پيل آهي. آئون عالمي تاريخ جو ماڻهو آهيان، ادب جو ماڻهو آهيان، آئون ڄاڻان ٿو تہ انهن نمائشي شين پنيان ڪهڙي بيهودگي آهي، لکنؤ ۽ ڪلڪتي جي عام هندو پائرن جي گهرن ۾ انهن جي مائرن ڏيئرن سان ڇا پيو ٿئي. آئون سڄيءَ دنيا کي هڪ ٿي- وي جيان ڏسي رهيو آهيان. اسان ڄاڻون ٿا تہ تبديلي آهستي آهستي اچي ٿي. ويٽنام جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري "لي دوآن" جو چوڻ آهي تہ، "دشمن کان طاقت ڦڙو ڦڙو ڪري ڦريو." اقتدار جي معنيٰ ڇا آهي؟ هيءُ پوليس جو ڏنڊو؟ نہ! اقتدار جي معنيٰ هيءَ ٻہ آهي تہ پهريان هو عوام دشمن استيج تي تقريرون ڪندا هئا، اڄ توهان عوام دوست ڪري رهيا آهيو. پهريان رڳو مرد تقريرون ڪندا هئا، اڄ عورتون ٻہ ڪري رهيون آهن.

اسان پنهنجي ميدان تي جيڪو ڪم ڪري رهيا آهيون، ان تي ڪوبہ پڇتاءُ نہ آهي. پهريان هي سڀ ڪٿي ٿيندو هو؟ سنڌ ۾ جتي هي بدمعاش "ڪارو ڪاري" ڪري رهيا آهن، مثال طور: جيڪب آباد، سکر وغيره ۾، اتي اسان جون چوڪريون عملي مظاهرا ڪن ٿيون. اهي اين- جي- اوز جون تہ رڳو نمائش جون شيون آهن.

سوال: توهان جا پٽ ۽ ڏيئرون ڇا ڪندا آهن؟

پليجو صاحب: منهنجو هڪ پٽ ايياز لطيف پليجو هاءِ ڪورٽ ۾ وڪيل آهي، ٻيو هاءِ اسڪول جو استاد آهي. منهنجي زال زرينہ بلوچ جو پهرئين مڙس مان هڪ پٽ آهي، جيڪو پي- ايڇ- ڊي آهي. ان جي ڏيئرن جون شاديون مختلف برادرين ۾ ٿيون آهن. مون انهن ماڻهن کي شاديءَ کان اڳ ڏٺو ہہ نہ هو. منهنجو هڪ پٽ پي- آءِ- اي ۾ آهي. اڃڪلهہ اهو منهنجي ڪري معطل ٿيل آهي. هڪ ڏيءَ وڪالت پڙهي رهي آهي پر اها وڪالت نہ ٿي ڪري. ٻي ڊاڪٽرياڻي آهي. هڪ پٽ سيمينٽ فيڪٽريءَ ۾ چوڪيدار هو، اهو هاڻي رٽائر ٿيو آهي.

سوال: توهان جو هڪ پٽ چوڪيدار ۽ ٻيو هاءِ ڪورٽ جو وڪيل آهي. ٻنهي ۾ ايڏو فرق ڇو؟

پليجو صاحب: لنڊي مان ڏهن روپين جو ڪوٽ خريد ڪري مون وڪالت شروع ڪئي هئي. هڪ وڪيل وٽ آئون 30 روپين تي ملازم ٿيس. هن مون کي يقين ڏياريو تہ آئون ڪڏهن بہ وڪيل نہ بڻجي سگهندس. هن چيو تہ، "تون سردار ٿيو وينو آهين، ماڻهن جا فيصلا پاڻ ڪري رهيو آهين، تون جام يا سردار تہ ٿي سگهين ٿو پر وڪيل نہ ٿيندين." مون کي خوشي آهي تہ منهنجو پٽ چوڪيدار آهي. اها منهنجي لاءِ فخر جي ڳالهہ آهي، ڇوتہ اسان ڏرتيءَ کان الڳ ٿيڻ نہ ٿا چاهيون. توهان مون سان ڇهہ مهينا گڏ رهو، توهان کي نئين دنيا نظر ايندي. اسان پنهنجي ساڻي ڪولهين ۾ رهندا آهيون، انهن سان گڏ ماني کائون ٿا. منهنجي ماني پچائڻ وارو بہ هڪ مينگهواڙ ساڻي آهي، جنهن جو نالو وسند آهي جيڪو وڪالت پڙهي ٿو. ڪراچيءَ ۾ منهنجي رهائش الله آباد جي هڪ خاندان ۾ هئي. سنڌ مدرسي ۾ پڙهڻ دوران آئون گهٽو ڪري پنهنجي دوست صلاح الدين جي گهر ۾ رهندو هئس. پوءِ منهنجي دوستي نبي احمد سان ٿي، جيڪو مزدور ليڊر آهي. آئون سڄي ڄمار اردو سوسائٽيءَ ۾ رهيو آهيان. انجمن ترقي پسند مصنفين ۾ رهيو آهيان. منهنجي سياسي تربيت ڪافي ڏينهن اردو ماحول ۾ ٿي آهي. ائين ڪٽي سمجهو تہ ننڍپڻ کان منهنجو اصل شهر ڪراچي آهي.

سوال: حُسن بابت توهان جو نظريو ڪهڙو آهي؟

پليجو صاحب: آئون سمجهان ٿو تہ اهو تمام زبردست محرڪ آهي. تاريخ بدصورتيءَ کان حُسن ڏانهن سفر ڪيو آهي. حُسن عمل ۾ بہ هوندو آهي. يوناني فلسفي چوندا هئا تہ، "نفرت بدران محبت ڪريو، علم سان ۽ دانائيءَ سان محبت ڪريو." اخلاق بہ حُسن آهي، وفاداري، مرد، عورت ۽ ٻار ۾ بہ حُسن آهي. بدصورتي ۽

حُسن ۾ جهيڙو شروع کان رهيو آهي. حُسن ۾ واڌارو ڪندو رهڻ ئي زندگي آهي.

سوال: فلم ڏسڻ جو به شوق رهيو؟

پليجو صاحب: تمام گهڻو! ڪامني ڪوشل ۽ مڏو بالا جي اداڪاري زبردست آهي. نرگس مون کي ڪڏهن پسند نه آئي. ان ۾ جوش ۽ ولولو نه هو. آئون فلم، آرٽ ۽ ڊرامي جو نقاد به رهيو آهيان. ان تي گهڻو ڪجهه لکيو به اٿم. اردو فلم کان سواءِ آئون انگلش، رشين ۽ بنگالي فلمون به ڏسندو آهيان. هاڻي ايترو وقت نه ٿو ملي پر منهنجي سڀ کان وڏي تفريح فلم ڏسڻ ئي آهي.

سوال: هالي ووڊ جو کهڙو اداکار ۽ اداکاره پسند آهن؟

پليجو صاحب: مون کي سوين ٻين کان سواءِ "گنز آف نيوارون" جي تقريباً سڀني اداکارن به متاثر ڪيو، خاص طور انٿوني ڪوئين جي اداکاري لاجواب هئي. ايلزبيٿ ٽيلر به مون کي پسند آهي.

سوال: ڪتاب کهڙا پسند آهن؟

پليجو صاحب: مون کي هزارين ڪتابن متاثر ڪيو آهي. الف ليلىٰ ڪيترائي ڀيرا پڙهيو اٿم، هاڻي به پڙهندو آهيان. مون وٽ الف ليلىٰ جو فرينچ مان انگريزي ترجمو آهي، جيڪو بهترين آهي. ٽئگور جا بنگالي ناول به پڙهيا اٿم، پر "گيتا نجلي" مون کي متاثر نه ڪيو. چين جي هڪ عورت ناول نگار يانگ مو جو ناول "Song of Youth" (نوجوانن جو گيت) مون کي ڏاڍو وٽندو آهي. اها عورت جڏهن چيني اديبن سان پاڪستان آئي هئي تہ آئون هن سان مليو هئس. ان کان سواءِ روسي ۽ جرمني ناول به ڏاڍا سٺا لڳندا آهن. سردار جعفريءَ جا نظم مون کي ڏاڍا پسند آهن.

سوال: توهان جو وٽندڙ شعر کهڙو آهي؟

پليجو صاحب: سردار جعفريءَ جا ڪجهه شعر، جيڪي مون کي وٽندا آهن:

یہ آب و خاک و باد کا جہان بہت حسین ہے،
اگر کوئی بہشت ہے تو بس یہی زمین ہے۔

دمکتی عارضوں کا رنگ، کاکلوں کی چھاؤں میں،
مہکتی آنچلوں کا رقص، ریشمی ہواؤں میں،
لچکتی قامتوں کی تھرتھراہٹیں فضاؤں میں،

یہ آب و خاک و باد کا جہان بہت حسین ہے،
اگر کوئی بہشت ہے تو بس یہی زمین ہے۔

پاڪستان رڳو نالي ۾ خودمختيار آهي بالادست قوتن جي قبضي ۾ آهي- هي اهو پاڪستان آهي ئي ڪونہ، جيڪو قائداعظم چيو هو ۽ 1940ع جي قرارداد تحت هو

ميزبان: علي قاضي/ڪي ٽي اين ڪچهري مارچ 2006ع

علي قاضي: پليجو صاحب! اي اين پي جي اڳواڻ خان عبدالولي خان جي طبيعت خراب آهي، توهان جا ان بابت ڪهڙا خيال آهن ؟

پليجو صاحب: تمام زبردست ماڻهو آهي. جيتري قدر ممڪن آهي، ايترو اصول پرست ماڻهو آهي. هن تمام فيصلاڪن گهڙين تي اصولي فيصلا ڪيا. اسان جو وفد ڪيڏانهن ويندو هو تہ هن تي گهٽا پيرا تمام گهٽو پريشر پوندو هو تہ وفد جي اڳواڻي کو پيو اڳواڻ ڪري. چوندو هو، نہ! سيڪريٽري جنرل رسول بخش پليجو آهي، وفد جي اڳواڻي اهو ڪندو. هن جي مزاج ۾ شامل هو تہ جنهن ماڻهوءَ کي جنهن جڳهہ تي رکبو، ان کي اهو پروٽوڪول ڏبو، ان ۾ نڱي نہ ڪبي، جيئن هڪڙي ماڻهوءَ کي وڏو آفيسر يا عهديدار ڪري، پوءِ ان جو سر ڪيڏي ڇڏجي، ان کي پڇجي ٻہ نہ، ائين نہ هو. ڪيترين ئي ڳالهين ۾ مون هن کي تمام ڪرو، مڙس ماڻهو، همت وارو ۽ بهادر ماڻهو ڏٺو.

علي قاضي: پاور جي سياست ۾ پٺاڻن ۽ ولي خان وارن جو جيڪو نواز شريف سان گڏ پوءِ سڄو سلسلو آهي ۽ ولي خان اسڪول آف ٿاٽ بابت توهان جو ڇا خيال آهي ؟

حاڪم علي زرداري: ان ٽائيم ۾ ولي خان بيمار هو، اهو نسيم ولي خان ڪيو. پوءِ هن جي پارٽيءَ تي بيگم ولي خان حاوي ٿي وئي ۽ انهن ڳالهين تي ئي مون چيو تہ يا توهان مسلم ليگ سان ناهہ ڪيو آهي جيڪو يُو ٽرن ورتو آهي، تہ پوءِ اسان جو خدا حافظ آهي.

علي قاضي: پليجو صاحب! توهان ٽيون- چوٿون ڏينهن ڪراچيءَ ۾ چيو تہ پختونن، بلوچن ۽ سنڌين جو وري ڪو گڏيل اتحاد ناهڻ جي ضرورت آهي، ڇا اهو هڪڙي زماني ۾ جيئن سنڌ، بلوچ، پختون فرنٽ نهيو، انهيءَ طرز تي ڪا شيءِ اوهان جي ذهن ۾ آهي يا ڪجهہ مختلف آهي ؟

پليجو صاحب: ان ۾ ڪن پارٽين کي پاڻيءَ جي معاملي تي ڪيترين ئي ڳالهين تي شڪايتون هيون. اسان جي پختون دوستن کي شڪايتون هيون. انهن جو خيال هو تہ سنڌ ۽ پنجاب جي پاڻيءَ جي تڪرار نالي ڪا شيءِ آهي ئي ڪونہ.

علي قاضي: پوءِ ڇا آهي ؟

پليجو صاحب: تڪرار آهي. سيني سان ورهاست جو مسئلو آهي. هي پاڻيءَ جو جيڪو هيڏو وڏو مسئلو آهي، پاڻيءَ جو ڏاڙو پيو لڳي، اهو مسئلو ڪونهي، اهو انهن جو نقطءِ نظر هو، خاص ڪري اسان جي محترم پختون اڳواڻ محمود خان اچڪزئيءَ جو. اسان ڪافي وقت تائين گڏ هلياسين. نه هو پنهنجي ڳالهه تان لٿو، نه اسين پنهنجي ڳالهه تان لٿاسين.

علي قاضي: هي توهان ڪهڙي دؤر جي ڳالهه ڪري رهيا آهيو ؟

پليجو صاحب: جڏهن اسين پونم ۾ گڏ هئاسين، تڏهن جي ڳالهه آهي. هاڻي حالتون وري تبديل ٿيون آهن، تنهنڪري جيڪي به ماڻهو جنهن به نموني سان منظم ٿي سگهن ۽ متحد ٿي سگهن، بهتر آهي. اسين اڳي ئي اينٽي گريٽر ٿل ڪئنال ايڪشن ڪميٽي ۾ شامل آهيون، پر نيشنل ليول تي وري هي ڳالهه آهي، ان جو حوالو ٻيو ٿيندو. جن جن طريقن سان ماڻهو ويجهو اچي سگهن، اچڻ ڪپن. وڏيڪ ويجها ٿين، گڏ ٿين.

علي قاضي: اوهين ويجهڙ ۾ اهڙو ڪو اتحاد پٽاڻن، سنڌين، بلوچن جو ڏسو ٿا ؟

پليجو صاحب: اسان جي دوست غلام محمد بلور صاحب جو اخبار ۾ بيان اچي چڪو آهي. هن ساڳي ڳالهه ڪئي آهي. مون هن سان ٽيليفون تي ڳالهايو آهي ته تو اها ڳالهه عاليشان ڪئي آهي. هن چيو ته مون اجان پنهنجن ليڊرن سان اها ڳالهه نه ڪئي آهي، انهن سان ڳالهه ٻولهه ڪنداسين ۽ پاڻ هن ڳالهه کي اڳتي وڌائيندا سين. اها ڳالهه سال- ٻه سال اڳي به ٿي هئي، جڏهن آئون اتي ويو هئس، ته پاڻ کي اتحاد ناهڻ ڪپي. اهي ساڳيا بنياد نه ٿي سگهن ته هينئر بدليل حالتن ۾ ٻين بنيادن تي اتحاد نهڻ ڪپي. اتحاد نهن ٿا، ڪمزور ٿين ٿا، وري طاقتور ٿين ٿا. هاڻي ان کان صورتحال وڏيڪ بهتر پيدا ٿي وئي آهي. ان قسم جو لاڙو آهي ۽ شديد ضرورت آهي ته هر قسم جي بنيادن تي ماڻهن جا اتحاد نهن.

علي قاضي: زرداري صاحب ! هيءَ ستن کان اڻ سالن جي ڳالهه آهي ته ملڪ ۾ هڪڙو تاثر پيدا ٿيو ته هتي به پارٽي سياست مسلم ليگ ۽ پ پ، انهن ڏينهن ۾ مسلم ليگ جي اڳواڻي نواز شريف وٺ هئي، هاڻ ملڪ ۾ جيڪي اشوز سامهون آيا آهن، ننڍن صوبن ۾ پونم جو تڏهن ووٺ بينڪ ايترو نه هو، ته هاڻ جيڪا صورتحال ڏسون پيا، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جا ماڻهو گڏ ٿين پيا، توهان سمجهو ٿا ته ايندڙ ڏينهن ۾ جيڪي نيشنل پارٽيون ملڪي ليول تي ڪم ڪنديون ۽ اشوز کان لاتعلق ٿي ويندیون يا پالينٽڪس کان ؟

حاڪم علي زرداري: اها ڳالهه ڪانهي. بنيادي ڳالهه هيءَ آهي ته جيئن اسين پختونن سان گڏ پهرين به رهيا آهيون، پهرين ڳالهه ته هو پختون آهن، پختون ٿيڻ کان

تہ هو ٻاهر نڪري ڪونہ ٿا سگهن. ان ڪري هو پاڪستان يا ملڪي ليول تي اچي ڪونہ سگهيا. ٻي ڳالهہ تہ هنن ۾ اڳواڻ اڳ ۾ ولي خان هو. حاجي بلور يا اسفند يار ولي انهن سان منهنجي نہ ڳالهہ ٻولهہ ٿي آهي، نہ ملاقات ٿي آهي. جيتري قدر ماڻهو گڏ ٿين، پارٽيون گڏجن، گڏجي جدوجهد ڪن، هڪڙي سني ڳالهہ آهي، پر وري بہ ڳالهہ مشڪل آهي. مون کي ائين ٿو لڳي.

علي قاضي: توهان کي ٿن صوبن جو اتحاد ٺهندي نظر نٿو اچي؟

حاڪم علي زرداري: نہ، اتحاد تہ ٿي سگهي ٿو پر ان ۾ ايجان وڌو ڪم ڪرڻو پوندو. يڪدم ڳالهہ ڪرڻ سان اتحاد تہ ڪونہ ٺهندو.

علي قاضي: منهنجو سوال هو تہ جيڪڏهن اسين ڏسون تہ اهڙو اتحاد ٺهندو ۽ جيڪي اشوز بہ هنن کي هينئر ملن پيا، تہ پوءِ هي جيڪي ملڪي سطح جون پارٽيون آهن، انهن جو ڪردار ڪهڙو هوندو ۽ ڪهڙي فريم ورڪ ۾ ڪم ڪنديون؟

حاڪم علي زرداري: پوءِ اسين ٿن صوبن نہ پر چئني صوبن ڏانهن ويندا سون. سرائيڪين ۽ پنجابين کي بہ پاڻ سان گڏ ونڊاسون، چوتہ پ پ چئني صوبن جي پارٽي آهي. ٿن صوبن جو اسين اتحاد ڪونہ ٺاهيندا سون، پر چئني صوبن جو ٺاهيندا سون.

علي قاضي: پليجو صاحب! هيءَ جيڪا پ پ آهي يا جيڪي ملڪي سطح جون پارٽيون آهن، انهن جو چوڻ آهي تہ اسين ملڪي سطح جون پارٽيون آهيون، توهان سياسي تجزيہ نگار آهيو، توهان جو ڇا خيال آهي تہ ملڪي سطح جون پارٽيون هنن لوڪل اشوز ۾ ڪيترو ۽ جيڪو صوبن جي وچ ۾ تڪرار آهي، ان ۾ اهي پارٽيون ڪيترو بچاءُ ڪري سگهن ٿيون؟

پليجو صاحب: پاڪستان نالي ۾ خود مختيار آهي، پر اصل شيءِ جو بنياد هي آهي تہ ڪو دنيا جي بالادست قوت کي ڪيترو ويجهو آهي، ڪو ڪيترو دادلو آهي، ڪو ڪيترو هن کي پائين ٿو، ڪيترو هن کي خوش ڪري سگهي ٿو. هن ملڪ ۾ جيئن ميرن جو راڄ هوندو هو يا هندستان ۾ نوابن جو راڄ هو. ڪو ماڻهو ٻئي جي پيٽ ۾ انهن کي وڌيڪ ويجهو ٿي سگهي ٿو. اهو انهن جي اکين جو تارو ٿي وڃي ٿو. تنهنڪري هتي مقرر اصول يا بنيادي ڳالهيون نہ آهن ۽ ايجان ڪا صحيح قسم جي بنيادي وات نٿهي ڪانهي. تنهنڪري موجوده حالتن ۾ هي سڀ قوتون ٻين سان گڏ موجود هونديون. ملڪي ليول جون پارٽيون بہ هونديون. نيون نيون قوتون بہ ٺهنديون. نوان نوان ماڻهو بہ ايندا. ايجنسين پاران ٺاهيل ڪوڙا قومپرست، ڪوڙا شيعا، ڪوڙا سني، ڪوڙا اسلام جا علمبردار ۽ ڪوڙن جون وڌيون قطارون هونديون. چڱا بہ هوندا ۽ خراب بہ هوندا. هي گڏيل قصو هلندو.

علي قاضي: ۽ انت ڪٿي وڃي بيهندو؟

پليجو صاحب: انت بهتر ٿيندو، چاڪاڻ جو ڪوڙا وات ۾ رهجي ويندا. چڱا ماڻهو اڳتي هلي، نيٺ ظاهر ٿيندا. مون کي ڪا اڻ لاڳاپيل شيءِ ٿيندي نظر نہ ٿي

اچي. ماڻهو سڀ پنهنجي پنهنجي ليول تي هوندا. ڪي ماڻهو ووٽن ۾ هليا ويندا. ڪي هيٺين سطح تي وڃي ڪم ڪندا. انهن سڀني جي ضرورت آهي، ووٽن وارن جي به ضرورت آهي. هيٺين سطح تي ڪم ڪرڻ وارن جي ضرورت آهي. پڑهڻ لکڻ، گهوڙا گهوڙا ڪرڻ وارن سان گڏ ميڊيا جي به ضرورت آهي. هن ملڪ جي تقدير بدلائڻ لاءِ قوتون تمام گهڻ رخيون ڪپن.

علي قاضي: زرداري صاحب! جيئن پليجو صاحب چوي ٿو ته سڀ قوتون موجود رهنديون، سائين تمام گهڻو پراميد آهي ته انت بهتر ٿيندو، پر هڪڙا جيڪي تڪرار پيدا ٿين ٿا، ان سان خدانخواسته انارڪيءَ واري صورتحال به ٿي سگهي ٿي.

حاڪم علي زرداري: اهو ڏسو ته اصل ڳالهه ڇا آهي؟ جيئن ڪالاباغ ڊيم آهي. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته پنجاب جو پاڻيءَ جو جيڪو اشو آهي، جيڪو ورهاڱو ٿيو، ۾ حصا مليا پاڪستان کي، ٽيون حصو مليو انڊيا کي. انڊيا وارن چيو ته پنجاب وٽ هاڻ پنج درياهه آهن، انهن جو فيصلو ڪريو. زمين جو ورهاڱو ته ٿي ويو، هاڻي پاڻيءَ جو ورهاڱو ڪريو.

اهو انڊين پنجاب ۽ پاڪستاني پنجاب جي وچ ۾ هو. اهو سنڌو درياهه تي نه هو. انڊيا ۽ عالمي بئنڪ وارن چيو ته بابا توهان وٽ وڏو پاڻي آهي. توهان کي پاڻيءَ جي گهرج ئي ڪانهي. توهين تي درياهه اسان کي ڏيو، به درياهه رکو، ٻيو وري ڊيم ناهيو. پاڪستان چيو ته اسان وٽ پئسو ڪونهي. انڊيا چيو ته آئون ٿو پئسا ڏيان. اسي ڪروڙ روپيا ونڊي پنهنجو پاڻي وکرو ڪيو ويو. وري هي ڊيم ناهيائون. وڏ ۾ وڏ هڪڙو درياهه هنن کي ڏيڻ کپندو هو. تي درياهه هنن پاڻ پئسا ونڊي وڪيا. هاڻي سنڌو درياهه تي اچي زور لڳايو اٿن ته اهو پاڻي اسان جو آهي، سمنڊ ۾ ٿو وڃي. بابا سمنڊ ۾ وڃي يا ڪيڏانهن به وڃي، درياهه اسان جو آهي. ان سان اوهان جو ڪهڙو واسطو آهي؟ سنڌو طاس ناهه ٿيو، اسان کان پڇيو به ڪونه ويو. جيڪي مالڪ سنڌو درياهه جا، انهن کان پڇيو ڪونه ويو. ايوب خان جي زماني ۾ اهو ڪري ڇڏيائون. هاڻي جيڪي ڊيم ٺهيا آهن، واريءَ سان پربا وجن. فرنٽيئر کي ته اهو اعتراض آهي ته اسان کي پنجاب تي اعتبار ئي ڪونهي. جيئن پٽي صاحب جي زماني ۾ چشمه-جهلم لنڪ ڪئنال ناهيو ويو، ممتاز ۽ ڪر چيف منسٽر هئا، انهن ناهه تي صحيحون ڪيون. ان ۾ اهو هو ته سنڌ ۾ بارشون پون ۽ سنڌ ٻڏي ته اهو واهه ڪلندو، نه ته ڪونه ڪلندو ۽ سنڌ جي اجازت کان سواءِ اهو نه ڪلندو ۽ اهو چشمه لنڪ ڪئنال سڄو سال کوليو ويو آهي، ويڪرو ڪيو ويو آهي ۽ ڊگهو ڪيو ويو آهي.

علي قاضي: اهو سڀ ٺيڪ آ، پر صدر صاحب چوي ٿو ته ماضيءَ کي وساري ڇڏيو.

حاڪم علي زرداري: وري جيڪو هي ٽل ڪئنال ناهيو اٿن، ٽل ڪئنال سان اوهان واري واري سان زمين آباد ڪريو ٿا. جتي توهان جو هڪ سئو ايڪڙ آباد

ٿيندو، اتي اسان جو هزار ايڪڙ غير آباد ٿيندو. اصل جهڳڙو ته آهي انهن ڳالهين تي. هنن تي اعتبار ڪهڙو؟ ڪالاباغ ڊيم ناهڻ جو مطلب ئي اهو آهي ته هنن جو باراني علائقو آباد ٿئي ۽ اسين سُڪون پيا.

علي قاضي: پ پ تي هڪ تنقيد ته اچي ٿي ته جڏهن اها پاور ۾ هئي ته هن اهڙا قاتل منصوبا رد چو نه ڪري ڇڏيا؟

حاڪم علي زرداري: خير، پ پ جو آئون ڪو صدر ته نه آهيان پر آئون مڃان ٿو، واقعي پ پ غلطيون ڪيون آهن، ان جي سزا پوڳيون پيا. اها به ڳالهه صحيح آهي ته اسان کي 2 دفعا پاور ونڊ جي ضرورت ئي ڪانه هئي. يتي صاحب کي اسان چيو، بابا اپوزيشن ۾ ٿا ويهون، بن صوبن ۾ پنهنجي حڪومت ناهيون ٿا، مجيب پلي حڪومت ڪري. پر نه ٻڌائون. آئون اهي ڳالهيون مڃان ٿو.

پليجو صاحب: بنيادي مسئلو پاڪستان جي اڻ برابري آهي. برصغير هند ۽ پاڪستان جو بنيادي مسئلو هو ته هڪڙي پاسي مستقل اڪثريت هئي هندو پائرن جي، ٻئي پاسي مستقل اقليت هئي مسلمانن جي. هزار حيلا، هزار ڪوششون ڪيون ويون پر ماحول نه ٺهيو. محمد علي جناح پچاڙيءَ جو چيو ته ڪنفيڊريشن ٽائيپ گورنمينٽ ناهيون ٿا، هيترا ڪاتا مرڪز کي ڏيون ٿا، پر الڳ نه ٿيون، گڏ ٿيون، پر هو نه مڙيا. هڪ حد تائين اهو اڄ مسئلو حل ٿيو ۽ اڄ رهيل آهي. اهو هي رهيل آهي ته هندو ۽ مسلمانن جي وچ ۾ جيڪا اڻ برابري هئي، مستقل گهٽائي ۽ مستقل ٿورائيءَ جو مسئلو هو، اهو وري آهي مسلمانن جي اندر هڪڙي ڏر جي مستقل گهٽائي ۽ ٻي مستقل ٿورائي. هڪڙا دائمي اڪثريت ۾، ٻيا دائمي اقليت ۾. جيڪي دليل هندستان جي ورهاڱي لاءِ هئا، اهي ساڳيا دليل اڄ بنگال جي وچڑ کان پوءِ هتي لاءِ پيدا ٿي چڪا آهن. اها ساڳي بيماري، اهو ساڳيو ڪينسر. هڪڙي ڏر ٽوٽل اڪثريت ۾ آهي، پارليامينٽ ان جي ڪيسي ۾، اسيمبلي، فوج، ڳالهائڻ، پريس، اخبار، ميڊيا، مطلب ته سڀ ٽپڙ ان جي هٿ ۾ آهن. ٻئي پاسي ماڻهو چريا آهن، وائڙا ٿيا وينا آهن. "ڀائي پاني نهين دينگلآ، پاني هلآ هي نهين، جاؤ جاؤ، نهين هلآ پاني." هاڻي انهن جي اڳيان ڪهڙي ٻولي ڳالهائجي؟ 1930ع ۾ علامه اقبال چيو ته سڀئي پنجاب سان گڏجون. ان کي ماڻهن رد ڪيو. ان جي بنياد تي سنڌ مان هڪڙي سيٽ ملي، پنجاب مان ٻه سيٽون مليون هيون. پنجابي به راضي ڪونه ٿيا ته بابا هي بلائون نه ڪپن. 1940ع ۾ محمد علي جناح چيو ته بابا سيڪو پنهنجي گهر هجي، سيڪو پنهنجي ڪکن ۾ خوش هجي. سنڌي، بلوچ، پٺاڻ سڀ. انهيءَ بنياد تي اليڪشن ٿي، وڏي اڪثريت سان ڪٽيائون ۽ هاڻ اسان جي حڪمران طبقي جا پاليل چون ٿا ته جناح ڪوڙو هو، اليڪشن ڪٽيائين، ٻئي ڏينهن ڦري ويو. هڪ ڏينهن چيائين ته سڀ الڳ ٿيندا، انهيءَ بنياد تي اليڪشن ڪٽيائين، مينڊيٽ اهو ورتائين ۽ معتبري تڏهن ٿي، مسلم ليگ کي مسلمانانِ هند جي ترجمان جو حق تڏهن مليو، ڪانگريس تڏهن

قبول ڪيو. ٻئي ڏينهن پلٽو هٽي چيائين ته بابا هاڻ هڪڙو ملڪ ٿيندو، سڀ ڇڄي ويو. اهو آهي پنهنجي تاريخ جو وڏو ڪوڙ! هن ائين ڪيو ئي ڪونہ هو.

علي قاضي: معني ته جناح جي سياسي ڪردار کي تباهہ ڪيائون ؟

پليجو صاحب: ها، تباهہ ڪيائون ۽ ان جي باري ۾ غلط ڳالهہ ڪيائون. هن حل ڏئي ڇڏيو. هن چيو ته هاڻي پاڪستان هي ٺهندو ته مرڪز کي ملندا ايائي ڪاتا: ڊفينس، خارجہ ۽ مواصلات جو اڏ. مرڪز پنهنجو آئين الڳ ناهيندو، صوبا پنهنجو آئين الڳ ناهيندا ۽ آئين ناهڻ کان پوءِ هر صوبي سان جيڪڏهن مرڪز وهنوار نہ ڪيو ته هنن کي حق آهي ته اهي الڳ ٿي وڃن، پوءِ ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان اڪثريت وارو عذاب نہ ٿيندو. اڪثريت جي ته مصيبت هتي هئي. محمد علي جناح اها ڳالهہ صاف ڪئي ته اڪثريت جو مطلب اهو ناهي ته هندن ۽ مسلمانن، يهودين ۽ عيسائين جي وچ ۾ اڪثريت جو مسئلو هجي، پوءِ اهو اڪثريت جو مسئلو مصيبت آهي نہ. ٻوليءَ جي بنياد تي، زبان جي بنياد تي، ڪلچر جي بنياد تي، ڪهڙي بہ شعبي جي ڪري، هڪڙا ماڻهو پرمنٽ ميجارٽي ۾ هجن، ٻئي شعبي جا ٻيا ماڻهو دائمي اقليت ۾ هجن، اهو ڪم ڪڏهن بہ نہ هلندو. جناح انهيءَ جي سخت خلاف هو. تنهن ڪري ئي هن اها پوائنٽ رکي. پنهنجي 1940ع واري آئين ۾ بہ اها ڳالهہ ڪيائين ته صوبا جدا ڪريو. نائين اپريل تي فيصلو ٿيو ته هڪڙو ملڪ ٿيندو، پر انهيءَ ملڪ ۾ ڇا هوندو ته، پنجاب کي بيلنس ڪرڻ لاءِ آسام ۽ بنگال هوندا. اهو بيلنس 1970ع ۾ ٽٽي ويو. جيڪا حاڪم علي صاحب ڳالهہ پيو ڪري ته اهو ڪندؤ ته مصيبت ٿيندي، پوءِ ته پاڪستان ۾ بيلنس رهندو ئي ڪونہ.

علي قاضي: هتي ته بنگال واري اڪثريت چڏي وئي.

پليجو صاحب: ان تي پوءِ ٿا اچون. اڪثريت چڏي وئي. هاڻ هتي هڪڙي مستقل اڪثريت آهي. اسيمبليون هنن جون، قصا هنن جا، فوج هنن جي، ڳالهيون جيڪي ڪن ٿا، "ڪيا بولتا هلآ" لڳي پئي آهي، تنهنڪري منهنجي پوائنٽ هيءَ ڪانهي ته هيءَ بي واجبي ڪانهي، پر اصل پوائنٽ هيءَ آهي ته هي پاڪستان اهو آهي ئي ڪونہ جيڪو جناح چيو هو. پاڪستان اهو، جنهن ۾ هڪڙي ڏر مڪمل اڪثريت ۾ نہ هجي، نہ ته هي ملڪ هلندو ئي ڪونہ. جناح کي خبر هئي، تڏهن ئي هن چيو ته اڪثريت هندن جي بہ خراب ۽ اڪثريت ٻئي ڪنهن جي بہ خراب. تنهن ڪري محمد علي جناح 12 مئي 1946ع تي اهو فيصلو ڪري وائسراءِ کي ڪاپي موڪلي ته پاڪستان هاڻي هي هوندو. ان ۾ مرڪز کي ايائي ڪاتا هوندا. اهو قائداعظم جو فرمان آهي، فيصلو آهي. ان کان سواءِ هي ملڪ هلندو ئي ڪونہ ۽ هلي بہ ڪونہ ٿو. هي ته ڏنڊو ڪنيو وينا هوندا، هلڻ ئي ڪونہ ڏيندا. هينئر ڳالهائين پيا ته اسان ننڍڙن صوبن مان، فلاڻن صوبن مان وزيراعظم ڪيوسين پر جيڪي ماڻهو پنجاب کان ڦرندا، سي وزيراعظم ڪونہ ٿيندا. اهائي ڳالهہ جيڪا حاڪم علي

صاحب چئي ٿو تہ اسان کي وزيراعظم ٽيڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. پاڻ پنهنجي صوبن ۾ وينا هجون، مرڪز جي پٽيان ڏوڙڏاسين تہ هي پاڻ کان اهي ڪم ونندا. پاڻي ڪڍي ويندا، ماٽهو ڪڍي ويندا، پاڻ کي پنائي، ڏوڙائي ماريندا. انهن جي چوڻ تي هي جيڪي وزير ٽين ٽا، هاڻي حالت ڪهڙي اٿن؟ شيخ کي ويڙهايو وينا آهن ارباب سان، وري ارباب کي ويڙهايو وينا آهن ٻئي سان. ڏاڙهي پٽ لڳي پئي اٿن. دهشتگردن سان گڏجي حڪومت ناهي سگهن ٽا، سنڌي گڏجي منسٽري نٽا ناهي سگهن. اجازت ئي ڪانهي مٽان. پاڪستان جي شريعت ۾ جائز ئي ڪونهي تہ سنڌي گڏجي منسٽري ناهي سگهن. هي سپ ميجرن، ڪرنلن جي هٿن ۾ آهن. ڇا اوهان جي خيال ۾ اهي آزاد سياست پيا ڪن؟ اهي جيڪي جنرل چوندا، ائين پيا ڪندا. تنهنڪري هي ملڪ هلي سگهي ئي ڪونہ ٿو. جيستائين قائداعظم واري آئين تي عمل نہ ٿو ٿئي. توهان کي خبر آهي تہ جڏهن يحيٰ هارائي آيو. تڏهن بہ آئين پئي ناهيائين ۽ اعلان ڪري ڇڏيائين ۽ پوءِ چيائين، "قهر خداوندي بن کر ٽُوٽ پڙو!" هوڏانهن ملڪ ويو هليو. چيائين، "جنگ ايک سؤ برس تک چلے گی!" هي وڏيون بلائون آهن، قبضا ڪيا اٿن، هنن کي ڪهڙو عقل آهي؟ بنيادي ڳالهہ تہ جيستائين پاڪستان جو توازن نہ ٺهندو، هي ملڪ هلي ڪونہ سگهندو. پلي پنجاهہ هزار ايٽم ناهيو، نہ هلندو. يحيٰ خان جو ٻيو بيان توهان پڙهيو آهي؟ چيائين تہ، "لعنت هجي انهن ماٽهن تي، جن ملڪ جي آبادي۽ کي چيو تہ هي۽ فوج اوهان جي دشمن آهي، جن فوج جي خلاف قوم اٺاري ڪڙي ڪئي آهي. نيپولين بونا پارٽ پنهنجي قوم جي خلاف وڙهي ڪامياب نہ ٿو ٿي سگهي، آئون ڇا آهيان؟ پهرئين ڏينهن جڏهن لڙائي نہ ٿي هئي، اسين هارائي چڪا هئاسين." ڪورٽ ۾ بيان ڏنائين. اڄ بہ سئو روپين ۾ بيان ملي ٿو. باسط جو ڪتاب ڇپايل آهي. هيڏانهن چار ڪروڙ ماٽهو، هوڏانهن ست ڪروڙ ماٽهو. پنجاب جو عوام هنن سان خوش نہ آهي؟ بلڪل نہ. پنجاب ۾ ڪالاباغ ڊيم جي بلڪل سپورٽ ناهي. بہ- ٽي ماٽهو رڳو چُون چُون وينا ڪن، انهن کي پڇي ڪير ٿو؟ پنجاب هنن جي معاملن تي مرڻ مارائڻ لاءِ راضي ناهي. ان جي ابتڙ اسان جا چار ڪروڙ ماٽهو مرڻ مارائڻ لاءِ تيار آهن. رڳو هي مسئلو ناهي. سڻ سالن جي حساب جو مسئلو آهي. سڻ سالن جو حساب ڪپي. نوڪريون ڪٽي آهن؟ ڪراچيءَ جي اندر سنڌين لاءِ نوڪري ناهي. هنن تہ قهر ڪري ڇڏيا آهن. ڇا ٽا سمجهو تہ هي سسٽم هلي سگهندو؟ ڇا هي اهڙا پهلوان آهن جو چار ڪروڙ عوام ماري ڇڏيندا؟

علي قاضي: حاڪم علي صاحب! هينئر اڪبر بگٽي ۽ اختر مينگل وارن جا آن دي رڪارڊ بيان آهن تہ هي ڪالاباغ ڊيم ناهٽو ئي ڪونہ هو، صرف بلوچستان صورتحال جو رخ تبديل ڪرڻ لاءِ اهو شوشو ڇڏيو ويو آهي.

حاڪم علي زرداري: ڪي تہ اهو ٽا چون تہ زلزلي جي قصي کي لڪائڻ لاءِ اهو ڪيو ويو آهي. بلوچن جو پنهنجو رايو آهي. ٽي سگهي ٿو، ائين بہ هجي. ڪالاباغ ڊيم

جو قصو پنجاب کي خوش ڪرڻ لاءِ هلايو ويو آهي. ڏسو نہ، 1947ع کان وٺي سياسي، سماجي، ثقافتي، اقتصادي ڀالهين کان هو انڪاري آهن.

پليجو صاحب: ملڪ تہ آزاد ٿيو ئي ڪونہ.

حاڪم علي زرداري: ها، هي سڄو فراڊ ڪيو اٿن.

پليجو صاحب: سائين! ڪائونسلر بہ هاڻ ميجر وينا چونڊرائين.

علي قاضي: پليجو صاحب! اوهان هن موضوع تي ڪافي دفعا چيو آهي تہ اليڪشن سان مسئلا حل نہ ٿيندا، پر ڪي چون ٿا تہ پ پ ڪي حڪومت ملي وڃي تہ مسئلا حل تي ويندا. توهان ڇا ٿا سمجهو؟ واقعي مسئلو حل تي ويندو؟

پليجو صاحب: آئون چوان ٿو تہ جيڪڏهن اوهين مون کي سياڻي پاڪستان جو بادشاهہ ڪري ڇڏيو تہ مسئلو تہ حل ڪونہ ٿيندو. چوتہ آئون هنن جي مرضيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ ٿي نہ ٿو سگهان. آئون وزيراعظم ٿو ٿيان، مون کي ڪريو، مون کي هلاڻ ئي ڪونہ ڏيندا. جناح کي هلاڻ ڏنائون؟ هن کي ماري ڪٽي، ختم ڪري ڇڏيائون.

علي قاضي: اهو تہ پڇان ٿو تہ ڇا پ پ اقتدار ۾ ايندي تہ سنڌين جو مسئلو حل ٿي ويندو؟

حاڪم علي زرداري: پ پ جو سوال ناهي، ڪير بہ اچي. آزاد اليڪشن 70ع ۾ ٿي، انهيءَ مهل حڪمران ايمانداريءَ سان چون ها تہ بابا تو ڪٽيو آهي، تون حڪومت ڪر، بس ايتري ڀالهہ. انهيءَ ڀالهہ کي هو ڪڏهن عملي جامو پهرائين ئي ڪونہ ٿا. حڪمران ڪڏهن بہ ڪنهن کي حڪومت ڏيڻ لاءِ تيار ئي ڪونہ آهن.

علي قاضي: اوهين چئو ٿا تہ جيڪڏهن صاف شفاف هڪڙو جمهوري عمل ٿئي، تہ پوءِ اهي اشوز حل تي ويندا، ايئن؟

حاڪم علي زرداري: ها!

علي قاضي: ان جو مطلب پوءِ جيڪا پارليامينٽ جي اڪثريت آهي، اها جيڪڏهن فيصلو ڪري تہ ڪالاباغ ڊيم نهي تہ پوءِ؟

حاڪم علي زرداري: پارليامينٽ جي اڪثريت ڇا جي آهي؟ بهاولپور، پنجاب جو حصو نہ آهي. ڪڏهن پنجاب جو حصو هو ئي ڪونہ. هي تہ هٿرادو پنجاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. انڊيا جو جيڪو پنجاب آهي، اتي پنجاب مان 3 صوبا ڪيا ويا آهن. اسان وٽ هيڏو وڏو پنجاب ڪيو وينا آهن.

علي قاضي: هن وقت اهو پنجاب جو حصو آهي.

حاڪم علي زرداري: اسين چئون ٿا تہ پنجاب کي 3 صوبن ۾ ورهايو: سرائيڪي، پوٺوهاري ۽ پنجاب.

علي قاضي: پليجو صاحب! توهين؟

پليجو صاحب: سائين! آئون چوان ٿو تہ بنيادي سوال هي آهي تہ اها وڏي مٽ آهي تہ 1970ع واري اليڪشن آزاد ٿي، اوهان ان جو بيڪ گرائونڈ پڙهيو آهي؟ اربين

روپيا هنن خرچ ڪيا ته هن اليڪشن ۾ ڪوڙي رزلٽ آڻين. هيءُ ڇتا ٿي پيا، پ پ ۽ مجيب کي ڪونہ هارائي سگھيا. 23 سال هنن جنرلن اليڪشنون ڪيون ڪونہ، هڪڙي دفعي ڪيائون، ڪجھ ڪونہ ٿيو. تنھنڪري ٽوٽل فراڊ آھي، گڙٻڙ آھي، سواءِ بنيادي ڍانچي ۾ سڌارن جي، جنھن ۾ ڪنھن بہ ھڪڙي ڏر جي بالادستي نہ ھجي. ھي ڪم نہ ھلندو. بنيادي سوال ھي آھي ته اليڪشنون ته ھتي قيامت تائين نہ ٿيندیون. ھن ملڪ ۾ ٿي بہ سگھن ٿيون ڇا؟ ووٽ توھان وٽ گھٽي ۾ گھٽا ڇو ٿيا آھن؟ مثال طور: پلي سنڌي گھٽائيءَ ۾ ھجن ته بہ ڳالھ ساڳي آھي، يعني ڍانچو اھڙو ٺھيو پيو آھي. جنھن کي بہ تمنا آھي ته آئون وزيراعظم ٿيان، اڳ ۾ ئي طئي ڪري اچي ته مون کي ھيترا ٽپڙ ڪٽي ھنن کي ڏيٽا آھن، چپ رھڻو آھي، اوھين اچي نہ ٿا سگھو، باقي ڇا؟ آئون ٿو وزيراعظم ٿيان، بابا! ھي پاٽيءَ جا فلاٽا درياھ اوھين ڪٽي ويا، اھي واپس ڪريو. اوھان جيڪي درياھ وڪيا، اوھان جيڪي پئسا کائي ويا، اھي واپس ڪريو، ته مون کي ٻئي ڏينھن اچڻ ڏيندا ڇا؟ مون کي ٻاھران ئي ڊوڙائي ڪڍي ڇڏيندا. ناممڪن آھي. اوھان ڪيترائي وزيراعظم ناھيو، پر ھي ڍانچو جيسين آھي، صورتحال ائين ئي رھندي.

علي قاضي: سائين! پليجو صاحب ته راضي ڪونھي ته ڪا آزاد اليڪشن بہ ٿي سگھي ٿي.

حاڪم علي زرداري: ڏسو، پليجو صاحب پنھنجي جڳھ تي صحيح آھي. منھنجي ڳالھ ھيءَ آھي ته 47ع کان وٺي ھنن جي ذھن ۾ آھي ته ماڻھن کي سياسي، سماجي حق ڏيڻا نہ آھن. شروع کان وٺي 9 سال ھي ملڪ بنا آئين جي ھليو. جيڪي انڊيا کان آيا ھئا، وزير، مشير اچي اھي ٿيا ھئا. اڪثريت سڄي انھن جي ھئي. انھن جو ڪو اليڪشني حلقو نہ ھو. جيڪڏھن آئين ٺھي ھا ته جلد اليڪشن ٿئي ھا، ته پوءِ اھي وزيراعظم، ميمبر ڪونہ ٿي سگھيا.

پليجو صاحب: 23 سال جنرل اليڪشن نہ ڪرايائون.

علي قاضي: ھاڻ پاڻ تازي صورتحال تي اچون ته ڪالاباغ ۽ بين اشوز تي سنڌ ۾ ۽ بين ھنڌن تي ردعمل ٿيو ته پوءِ جيڪو اعلان سرڪار ڪيو آھي ته پھرين پاشا ڊيم. معني ھو پنھنجو مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا؟

حاڪم علي زرداري: نہ نہ، ڪامياب ڪڏھن نہ ٿيندا، جيستائين ماڻھن کي پنھنجا حق نہ ٿا ملن. اھي ته ننڍا اشو آھن، اصل ۾ ته ماڻھو غلام ٿيا وينا آھن. مسئلو آھي غلاميءَ جو.

پليجو صاحب: مسئلو آھي غلاميءَ مان چوٽڪارو. ھو ڳالھائين ٿا، توھان انھن جي ٻولي ڏسو ٿا؟ جڙ ته ھي سنڌو درياھ ڌلي‌ءَ مان مٽي تي رکي ڪٽي آيا ھئا.

علي قاضي: پر ھاڻي ھيڏي جدوجھد ٿي، وڏيون ريليز نڪتيون، ڇا توھان ان کي ڪاميابيءَ جو پھريون قدم سمجھو ٿا؟

پليجو صاحب: ضرور، ضرور.

علي قاضي: ڇا ۾ سمجھو ٿا؟

پليجو صاحب: اسين سمجھون ٿا تہ استي ڪيو اٿن. ھاڻي ڪجھ ٽائيم آھي. اسين تہ چوويھ ڪلاڪ جدوجھد پيا ڪريون.

علي قاضي: پاشا ڊيم تي توھان راضي آھيو؟

پليجو صاحب: نہ، بلڪل نہ! پاشا تہ ڇا، پر سنڌو درياھ تي ڪوبہ ڊيم نہ ڪپي.

علي قاضي: سائين! پھرين فيبروريءَ تي ان جو افتتاح ٿيڻ وارو آھي.

پليجو صاحب: سائين! جدوجھد ٿيندي. ھي ملڪ ٽوڙي ڇڏيندا. اسان ھنن کي اڳي ئي ٻڌائي ڇڏيو آھي تہ ھي سسٽم نہ ھلندو، نہ ھلندو.

علي قاضي: سائين! اوھين چئو ٿا تہ ڪوبہ ڊيم نہ ٺھي؟

پليجو صاحب: سائين! ڊيم جي ڳالھہ ناھي. 4/3 حصا اسان جو پاڻي ڪٽي ويا، اھو فيصلو ڪريو، ڇا جا ڊيم؟

ڪلھي ڦاٽو ڪنجرو، مٽو اگھاڙو،
منھنجو ڪجاڙو، پينر ھن پنيور ۾.

اسان جي بيشڪ ڊمانڊ اھا آھي تہ اسان جو جيڪو پاڻي ڪٽي ويا آھيو، پھرين ان جو حساب تہ ڪريو.

علي قاضي: ڪير فيصلو ڪري، اسلام آباد يا لاھور؟

پليجو صاحب: پاڪستان جي سڃي اسٽيبلشمينٽ ڪري، ان ۾ ڪير بہ ماٺھو ھجن، سنڌي ميمبر ننڍڙا ڇوڙا ڇُون ڇُون وينا ڪن، اھي بہ گڏ ھجن، پر پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ اسان سان فيصلو ڪري، نہ تہ تاريخ ھنن سان فيصلو ڪندي. اسين تاريخ جا شاگرد آھيون.

علي قاضي: زرداري صاحب! اوھان جنھن پارٽيءَ سان تعلق رکو ٿا، ان جو ووٽ بينڪ بہ آھي. اھا پارلياماني سياست ڪري ٿي. ھن ملڪ جي اقتداري سياست ۾ پڪ تہ نہ ٿي ھجي تہ صورتحال ڪڏھن ۽ ڪٿي ڦري ٿي. ڇا اوھين ڏسو ٿا تہ 2006ع ۾ اليڪشنون ٿيندیون؟

حاڪم علي زرداري: 2006ع يا 2007ع. آئون سمجھان ٿو تہ سليڪشن ٿيندي، اليڪشن نہ ٿيندي.

علي قاضي: پوءِ بہ؟

حاڪم علي زرداري: سائين! ڏسو، ھي ناظمن جي سليڪشن ٿيل آھي. ڏنبو ڪٽي، نيا ھٽي، سپ پنھنجا چونڊيائون، سو سائين! سليڪشن ٿيندي، اليڪشن نہ ٿيندي.

پليجو صاحب: اليڪشن پاڪستان جي ايجنڈا تي نہ رھي آھي، ھاڻي آھي ڪانہ.

علي قاضي: سليڪشن ۾ جيڪڏھن پ پ اچي وئي، جيئن پليجي صاحب چيو تہ دنيا جا جيڪي چگا مڙس آھن، اھي ڪڏھن پسنديده ٿيندا آھن تہ

محترم سان گا ڊيل ٿئي ٿي.... ؟

حاڪم علي زرداري: اهو ممڪن نہ آهي، ٿي نہ ٿو سگهي. توهان کي هيءَ ڳالهہ سمجهڻ کپي تہ 10- 11 سال افغانستان ۾ آمريڪي ۽ پاڪستان جي انٽيليجنس وارا وڙهندا رهيا، هينئر افغانستان ۾ اوهين ڇا ٿا سمجهو؟ جيستائين هو هتان نہ ٿا نڪرن، تيستائين آمريڪين کي جنرلن جي ضرورت آهي. هينئر ڪابل ۾ وينا آهن. ڪرزئي کي چوڌاري آمريڪي وينا سنياليندا. افغانستان اهڙي جاءِ آهي، جتي ڪوبہ ماڻهو ڪامياب نہ ٿو ٿي سگهي. آمريڪي ڇا بہ ڪن، ڪجهہ ڪونہ ٿيندو، ڪامياب ٿي نہ ٿا سگهن. 10 سال رهندا، اسان لاءِ اها مصيبت ڳچيءَ ۾ رهندي، پر ڪامياب ڪونہ ٿيندا.

علي قاضي: سويلين صدر ڪنهن چوڌري کي ويهاري ڇڏيندا يا سندي ويهاري ڇڏيندا.

پليجو صاحب: سائين! سندي ٿين، مولانا ٿين، علامہ ڪو ويهارين، جيسين هڪڙي ڏر مڪمل پاور ۾ آهي، تيسين ڪجهہ ڪونہ ٿيندو.

علي قاضي: اوهين چئو ٿا اهو صحيح آهي، پر ان سوال جو جواب ڇا آهي ؟

پليجو صاحب: هنن جا هٿ ڏڪندا. ماڻهن ۾ هينئر سمجهہ اچي ويئي آهي.

علي قاضي: اوهين ڇا ٿا سمجهو، بلوچستان ۾ ڪهڙي صورتحال آهي ؟ ڇا هي ڪو سندي ڪريو اشو آهي ؟

پليجو صاحب: هي انٽرنيشنل اشو آهي. آئون قياس آرائي ڪونہ ڪندس، چوتہ مون کي خبر ڪا ڪانهي. هي بلوچستان کي پنهنجي ذاتي ملڪيت ڪريو وينا آهن، جيئن وڏيرا هوندا آهن. هي جنرل وڏيرا آهن، اسين سڀ هاري آهيون، سندي ماڻهو هاري آهن. ڪراچيءَ ۾ نوڪري نہ ملندي، هنن لاءِ گوادر ۾ نوڪري ڪونهي. گوادر بلوچن جو آهي، هو غلط بندوبست ڪندا هوندا. غلط بندوبست سعودي عرب ڪونہ ٿو ڪري، گلف جا ملڪ ڪونہ پيا ڪن. سڀ ٽپڙ وڪٽي، ماڻهوءَ کي ماريو تباهہ ڪريو وينا آهن. بدمعاش آمريڪا ڪونهي. اڄ هنن کي وڏي همدردي ٿي پئي آهي. اصل ڳالهہ اها آهي تہ بلوچستان کي هي پنهنجي ذاتي پراپرٽي سمجهي هلائين ٿا.

علي قاضي: پليجو صاحب ان کي عالمي اشو چوي ٿو، ڇا اوهين پليجو صاحب سان متفق آهيو ؟

حاڪم علي زرداري: سائين! بلوچستان جو مسئلو ڪونهي، سڄي پاڪستان جو مسئلو آهي. بنيادي ڳالهہ بلوچستان ۾ سئي گئس آهي. سڄي پاڪستان ۾ گئس ڏني وئي آهي، پر سالن تائين بلوچستان کي نہ ڏنائون. چيائون وائيبل ناهي، اها آهي هلت. سندڻ مان پيٽرول نڪري پيو، ڪوئلو نڪري پيو، رائلٽي ئي ڪانهي. رڳو جتي ڪوئلو يا گئس وغيره نڪري ٿو، اتي ان زمين جي مالڪ کي مقاطعو ٿا ڏين.

پليجو صاحب: ڪمند جو فصل لهي ٿو، ملون بند ڪرايو ڇڏين. اتي هٿرادو جهيڙو ڪرايو. ليفٽ رائيٽ ڪريو وينا آهن. هي ماڻهو آهن؟ حاڪم آهن؟ مرزا قليچ بيگ چيو آهي:

ٽيڪ جي حاڪم ٿو چاهين، ته دل بہ حاڪمانہ رک،
نہ سردي رک، نہ گرمي رک، طبيعت درميانہ رک.

هي ته ماڻهن کي ڦريو، لٽيو، ماريو وينا آهن. سائين! مرچ لٽا، ٻاهران وري مرچ گهرائي ورتائون. ڪمند وارا واپاري تباهہ ٿي ويا. وري مٽان ڪنڊ گهرائي اٽن. آئون چوان ٿو ته ڪرمنل آهن. ملڪ ۾ عدالت هجي ها ته آئون هنن کي ٽنگائي ڇڏيان ها.

This is the criminal economic war against the people of Sindh.

علي قاضي: اها صورتحال ته آهي پر هينئر ڪالاباغ ڊيم جي حوالي سان ڪراچيءَ ۾ جيڪي ريليون ٿيون، ٻهراڙيءَ جا ماڻهو نڪري آيا، ڪجهہ ته سياسي تنظيمي حوالي سان ۽ ڪجهہ وري جذبي سان ٻاهر آيا، هن اعلان کان پوءِ ته ٻاشا نهي ٿو، ٻاشا تي اهو جذبو ناهي سنڌ ۾ يا توهان سڀ ٿورڙو ٽڏا ٿي ويا آهيو؟

پليجو صاحب: تحريڪون بہ ماڻهن وانگر آهن ۽ تاريخ بہ ائين آهي. تاريخ ۾ لاهيون چاڑهيون، آرام، بيهڻ ۽ ور وڪڙ، اهي سڀ آهن. اسان هن کان اڳ ۾ بہ ڪڏهن لاڳيتو جدوجهد نہ ڪئي آهي. بہ- ٿي مهينا آرام ڪبو، ڪو پاڙو پٽو هٽ ڪبو، ائين قصو پيو هلندو آهي، پر اها ڳالهہ طئي آهي ته جدوجهد سنڌ ۽ پاڪستان جي عوام جي نجات کان اڳ ۾ ختم نہ ٿيندي. هن جا هزارين محرڪ آهن. سٽ سالن جو ماڻهن جو غصو، بيچيني، ماڻهن جو ڏک، ماڻهن جو افسوس، ماڻهن جو پڇتاءُ ظاهر ٿيندو. اها ڳالهہ اتي نہ بيهندي. منهنجي اها ڳالهہ رڪارڊ تي لکي ڇڏيو. هن کان وڌيڪ اسان جو قصو ٿيندو ۽ توڙ تائين هلي پوءِ ختم ٿيندو. باقي جيڪو ايرو سيرو ماڻهو هوندو اسان جهڙو، ڪڏهن چاڪ نہ هوندو، ڪڏهن زڪام هوندس، ڪڏهن متي ۾ سور هوندس، ڪڏهن هن سان وڙهيو وينا هوندا سين، حاڪم صاحب سڀ چانهہ نہ پياري، ناراض ٿي وياسين هليا، ڪڏهن توهان کان ناراض ٿي وياسين، ڪجهہ ڪونہ ڪيائين، ماني ڪونہ کارايائين، اها ڳالهہ جدا آهي، باقي هيءَ شيءِ پنهنجي پوري طاقت سان اڳتي وڌندي. سنڌ جي ماڻهن جو غصو نڪتو ڪٿي آهي؟ هڪڙي ڇوڪري کي چيائون ته بابا! هاڻ هيترو رنو آهين، هاڻ ته ماڻ ڪر. نيٺ پوءِ ماڻ ڪيائين، چيائون ته هاڻ ماڻ ڪئي اٿس. چيائين، ماڻ ڪٿي ڪئي اٿم، سنگهہ ڪيڙي، ساهي ڪٽي، آئون وري ٿو روئان ۽ وري شروع ٿي ويو. هيءَ شيءِ بند ناهي ٿي. ماڻهو غلام ٿي ويا آهن، ذليل ٿي ويا آهن، ماڻهن کي پاٽيءَ جو ڏڪ نٿو ملي. تاريخ ۾ سنڌي ماڻهو ايترا بي عزت نہ ٿيا آهن، جيترا هينئر ڪيا ويا آهن.

حاڪم علي زرداري: ائين آهي. آءِ ايس آءِ وارا ملڪ هلائين پيا. هر ضلعي ۾ ڪرنل، ميجر وينا آهن.

پليجو صاحب: هي نظام ڪرپٽ آهي. هي پنهنجي پيرن تي بيهي نٿو سگهي. هي ڪرنل ۽ ميجر ان کي جهليو بيٺا آهن. هي سڄو نظام ڍهڻ تي بيٺو آهي. هن نظام ۾ سڪت ڪانهي. ماڻهو هن نظام مان بيزار آهن.

علي قاضي: هي ايترا فعال ۽ اثرائتا آهن جو سڄي نظام کي جهليو بيٺا آهن ؟

پليجو صاحب: ڏسو، ايران ۾ ڪيڏو اثرائتو بادشاهه هو، شير هو. 2 لک ماڻهو مارائي ڇڏيائين. ضياءُ نعرا پيو هڻندو هو اسلام! اسلام! آيتن پڙهڻ کان سواءِ ڪوڙ ڳالهائيندو ڪونه هو. اهو به شير هو. هي سدائين ائين ڪندا آهن. يحيٰ پچاڙيءَ تائين "قهرِ خداوندي بن ڪر ٽُوٽ پڙو" ٿيو بيٺو هو. ٽپڙ ويا هليا، نوي هزار فوجي قيدي ٿي ويا، هي قهرِ خداوندي ٿيو بيٺو هو.

علي قاضي: جيڪڏهن 2006ع ۾ اليڪشن ٿي ته نتيجا پ پ جي حق ۾ ايندا يا نه ؟

پليجو صاحب: آئون ڪابه اڳڪٿي نه ٿو ڪري سگهان، پر ٿي سگهي ٿو ته ان جي فائدي ۾ اچن.

علي قاضي: پ پ ۾ اهو لاڙو ڇو آهي ته جيڪي اوهان جي طاقت ٿي سگهن ٿا، انهن کي گڏ نٿا ڪٽي هلن. مثال طور: رسول بخش پليجو توهان وٽ پارليامينٽ ۾ هجي ها ته توهان کي ڪيئن هار ملي ها ؟

حاڪم علي زرداري: هڪڙي ڳالهه اوهان کي ٻڌايان ته پ پ پٽي صاحب کان وڌي ماس پارٽي رهي آهي. هن ۾ اليڪشن ٿي ڪانهي. اسين ولي خان جي پارٽيءَ ۾ به رهيا آهيون. هر سال اليڪشن ٿيندي آهي، ضلعي کان وڌي صوبي تائين ميمبر سازي ٿيندي آهي. اها شيءِ پ پ ۾ ڪانهي. جيستائين پارٽيءَ جي اندر جمهوريت نه ايندي، تيسين اهو قصو ائين هلندو.

علي قاضي: سينيٽ جون اليڪشنون ٽين پيون، سنڌ مان اهڙا چار- پنج ماڻهو وڃن، پلي جيالا نه هجن، سنڌ جو ڪيس رکي سگهن. اوهين چا ٿا سمجهو، ائين ٿيڻ ڪپي ؟

حاڪم علي زرداري: ٿيڻ ڪپي، پر جمهوريت پارٽيءَ ۾ آهي ڪونه. توهان کي ٻڌايان ته جيڪي به- چار ويا آهن، گهٽو ڪري اهي ساڳيا ايندا.

علي قاضي: اشو ته تمام وڏا آهن پر آئون توهان جي ڳالهين کي مختصر ڪريان ته زرداري صاحب! توهان جو رايو آهي ته شيون بهتر تڏهن ٿي سگهن ٿيون، جڏهن مستقل آزاد اليڪشن وارو عمل هلي ۽ پليجو صاحب! توهان جو رايو هي آهي ته وڏو نه ته به ننڍڙو هڪڙو.

پليجو صاحب: آئون چوان ٿو ته شروعات ۾ اهي سڀ ڳالهيون ٿيڻ ڪپن، جيئن زرداري صاحب ٻڌايو آهي، اليڪشنون فيئر ٿين. هي جيڪو ڪراچي دهشتگردن جي حوالي ڪريو ويٺا آهن، سنڌين جي داخلا بند آهي، سنڌي پڙهي نه ٿا سگهن،

نوڪري نٽا ڪري سگھن، اسڪول تباھ ٿي ويا آھن، هي ته تباھي مچايو وينا آھن. اھا غنڊاگردي، دھشتگردي، داداشاھي آھي، اھا ختم ٿيڻ کپي. ڪجھ نہ ڪجھ فضيلت اچي ماڻھن ۾. هي جيڪو سڄو معاملو گڙبڙ آھي، هي نٽو هلي سگھي، جيستائين بنيادي توازن درست نٽو ٿئي.

علي قاضي: مطلب ته توھان چئو ٿا تبديلي؟

پليجو صاحب: هر ملڪ جي پنھنجي ساک آھي. جيئن فرانس جي ٻي آھي، اسان جي ٻي آھي، ته تبديلي ايندي ماڻھن جي روين ۾، هلتن ۾. ماڻھن کي حق ملندا. وڏي ڏماڪي کان سواءِ بنياد تبديل ٿي ويندو. آھستي آھستي يعني اڻ لکي نموني سان وڏيون تبديليون ۽ ننڍڙيون تبديليون ساڳي وقت ايندیون. سال ۾ ڪافي تبديليون ايندیون. ڏماڪا گھٽ ٿيندا. شيون اندر تمام گھڻو بدلجي چڪيون هونديون. مثال طور: ھڪڙو ماڻھو ٻئي کي قتل ڪري، دل ۾ سوچي ته هي ماڻھو مون کي جيئڻ نہ ڏيندو، هن کي کيئن ختم ڪريان. هو ماڻ ڪريو وينو هوندو، ٻہ سال-ٽي سال چپ وينو هوندو، رڳو پلان پيو ڪندو، پيو سوچ ڪندو ته موقعو ملي ته ڏسانس، تيستائين هٿ ٻڌيو بينو هوندو، تنھنڪري ھڪڙو تبديل ڪرڻ جو طريقو اھو آھي. ٻيا ماڻھو هٿ ٻڌيو، چپ ڪريو وينا هوندا، سڀ ڪم پيا ڪٽائيندا، ڪوبہ ڪم صحيح ڪونہ ڪندا. مطلب ته هزارين لکين ننڍيون ڳالھيون ٿيندیون. جڏھن پرامن جمھوري طريقي سان عوام گڏ ٿيندا، تڏھن هنن جا هٿ ڏڪندا. جڏھن ماڻھو اکين مان سمجھي ويندو ته هي ماڻھو منھنجي خلاف آھي. ڪروڙين ماڻھن جو نھارڻ بدلجي ويو آھي. سنڌ اھا ناھي. بابا! مون وٽ ڏنڊو آھي، ٻيو ڪوبہ دليل ڪونھي، ڪجھ ڪونھي. سيني کان پھرين اھا ڳالھ ختم ٿيڻ کپي.

علي قاضي: زرداري صاحب! پليجو صاحب کافي پراميد آھي، اوھين؟

حاڪم علي زرداري: آئون ڪونہ آھيان. آئون ڏسان ٿو ته جيستائين جنرل وينا آھن، هي يا وري ٻيو ڪو جنرل اچي. هي ملڪ ويندو.

پليجو صاحب: بلڪل! آئون چوان ٿو ته جنرل ڪمزور ٿيندا. هن جنرل شاهيءَ جون پاڙون اندر چٽ ٿيڻ شروع ٿيندیون.

حاڪم علي زرداري: جنرل هي ملڪ پيا هلائين؟ ڏسو نہ سائين! تعلقن کي ضلعا ناھبو آھي چا؟

پليجو صاحب: حد ڪري ڇڏي اٿن.

حاڪم علي زرداري: ٽنڊو محمد خان ضلعو، ٽنڊو الھيار ضلعو، مٽياري ضلعو. هيءَ ڪا حڪومت آھي؟ يعني هر شيءِ کي تباھ پيا ڪن.

پليجو صاحب: تباھيءَ جا بادشاھ آھن. تباھي ۽ بربادیءَ جي فن جا بادشاھ آھن.

علي قاضي: ڳالھيون ته گھڻيون آھن، پر ان اميد سان ڳالھ ختم ٿا ڪريون ته حالتون ڳنڀير آھن پر حالتون تبديل ٿيندیون ۽ بھتر ٿيندیون.

آءُ رنگ ۽ نسل جي بنياد تي انسانن جي ورهاست جو مخالف آهيان، عورت منهنجي ڪمزوري نه پر طاقت آهي۔ پاڪستان جي طاقت ۽ سنڌ جي مسئلن جو حل 1940ع جي قرارداد تي عمل ڪرڻ ۾ آهي۔

انٽرويو: آڪاش سنتورائي، امبرين هيسباڻي
روزاني ڪاوش حيدرآباد، 10 مئي 2006ع

ڪاوش: سائين جي- ايم سيد ڪانپوءِ سنڌ جو ڪوبہ قومپرست اڳواڻ پاڻ کي غير تڪراري ثابت نہ ڪري سگهيو آهي، ڇو؟

پليجو صاحب: غير تڪراري هجڻ ڪا سٺي ڳالهہ ناهي. غير تڪراري ماڻهو ڪنهن ڪم جو نہ هوندو آهي. ڇا مهاتما گانڌي غير تڪراري هو؟ ڇا مائوزي تنگ، لينن ۽ هوچي غير تڪراري هئا؟ ڪارل مارڪس غير تڪراري هو؟ غير تڪراري هجڻ معنيٰ ڪنهن ڪم جو نہ هجڻ آهي. جيڪي ماڻهو تاريخ ساز هوندا آهن يا چڱا ۽ ڪنهن ڪم جا هوندا آهن تہ اهي ضرور ڪنهن جي فائدي ۾ يا ڪنهن جي نقصان ۾ هوندا. هيءَ دنيا تضادن تي ٻڌل آهي. هڪڙي پاسي ظالم هجي ۽ ٻئي پاسي مظلوم، ڪيئن ٿيندا اهي غير تڪراري؟

ڪاوش: قومپرستن تي مختلف قسم جا الزام لڳندا رهن ٿا. توهان ڇا چوندؤ؟

پليجو صاحب: مون تي ڪجهہ الزام نٿا لڳي سگهن، ڪجهہ الزام! مثال طور: آئون پٽي خور ناهيان، جو هن پاڪستان مان ڪوبہ ماڻهو نڪري چوي تہ مون هن کان پٽو ورتو آهي. سنڌ جو ڪوبہ ماڻهو چوي تہ مون سنڌين جي قاتلن جو پاسو ورتو، جن سنڌياڻين جي اُرهن تي پنهنجي تنظيمن جا نالا لکيا.

ڪاوش: ڪالاباغ ڊيم خلاف عوامي تحريڪ ۾ جدوجهد ڪئي آهي پر ماڻهو چون ٿا تہ توهان ڪالاباغ ڊيم خلاف وڏي تحريڪ هلائي وري اسلام آباد جو چڪر ڪاٽي اچو ٿا تہ اها تحريڪ خاموش ٿي وڃي ٿي.

پليجو صاحب: اها ڳالهہ سمجهڻ جي آهي. ڪائنات ۾ تسلسل جو نہ ٽُٽڻ تہ تباهي آهي ۽ ڪائنات ۾ هڪ شيءِ تسلسل ۾ هجي، اهو ممڪن ئي ناهي، نہ ئي ڪا فائدي واري شيءِ آهي. تسلسل رجعت پرستي آهي. مثال طور: هڪ ٻار جائو آهي ۽ اهو هميشہ لاءِ مسلسل ٻار هجي تہ پوءِ ڇا ٿيندو!؟

ڪاوش: اها ڳالھ ٺ صحيح آھي پر ڪجھ.....

پليجو صاحب: آئون اچان ٿو توھان جي سوال تي... ٺ تسلسل سڀي شيءِ ناھي. ڪالاباغ ڊيم خلاف ھلو پيا پر توھان تسلسل... آئون چوان ٿو ٺ تسلسل سڀي شيءِ ناھي. ماڻھو تسلسل ۾ ھزار سالن تائين جيئرو رھي ٺ پوءِ ڇا ٿيندو؟ ٺ آئون توھان کي ڪائنات جي فلسفي جي حوالي سان سمجھايان ٿو ٺ اھي جيڪي مفروضا آھن، اھي سڀ غلط آھن. تسلسل سڀي شيءِ آھي، ماڻھو ساڳئي رنگ ۾ ھجي، ڇو ساڳئي رنگ ۾ ھجي؟ ماڻھو پنھنجو پاڻ کي تباھ ڪري ڇڏيندو. ساڳيءَ ريت ماڻھو غير تڪراري ھجي، ماڻھو چوندا واھ سائين واھ، غير تڪراري آھي، پر نہ سڃڻ کي آسرو نہ دشمن کي پؤ واري ڳالھ... "غير تڪراري آھي" اھا سڀ خراب شيءِ آھي ۽ ٻيو "اسلام آباد ويڃڻ خراب ڳالھ آھي" اھا ڳالھ بہ غلط آھي. آئون اسلام آباد ڪٿي ويندو آھيان؟ آئون ٺ آمريڪا ويندو آھيان، لنڊن ويندو آھيان. مون دنيا جي وڏين يونيورسٽين: آڪسفورڊ، سسيڪس ۽ نھرو يونيورسٽين ۾ ليڪچر ڏنا آھن. مون ماسڪو ۾ ليڪچر ڏنا آھن. آئون ٺ ھڪڙو ورلڊ سٽيزن آھيان.

ڪاوش: نواز شريف حڪومت ۾ مشاھد حسين سان توھان جي ملاقات ٿي؟

پليجو صاحب: Exactly.... مشاھد حسين منھنجو دوست آھي. اسين ھينئر ڪونہ ٿا ڳالھايون پر مشاھد جڏھن "مسلم" جو ايڊيٽر ھو، تڏھن کان تعلقات آھن. آئون ۽ مشاھد حسين جڏھن بہ گڏبا ھئاسين، تڏھن ھڪ ئي اشو ھوندو ھو ٺ، "دنيا جي طاقت جو توازن ڪيئن آھي، آمريڪا ڪيئن آھي ۽ ھن پاسي ڪير ماڻھو آھن، ھن پاسي دنيا ٻي آھي." ھميشہ انٽرنيشنل اشوز تي ڳالھايو آھي، جڏھن ٺ آئون ساڻس نھندو ناھيان. ھينئر اسان جو... صحافين جو ابو ٿيو وينو آھي... اھو ڪھڙو... امتياز عالم... اسان جا سخت سياسي اختلاف آھن پر آئون ھينئر ويس لاھور، ان سان ملڻ ويس ٺ دنيا ۾ ڇا ٿيو ٿئي. اسان انٽرنيشنل اشوز تي ڳالھائيندا آھيون. تنھن ڪري آئون سدائين اسلام آباد ويندو رھندو آھيان. منھنجا سوين ھزارين دوست آھن. منھنجا لاھور ۾ دوست آھن. پاڪستان جو ڪھڙو حصو آھي، جتي منھنجا يار دوست ۽ پيارا ناھن؟ اسلام آباد ويڃڻ واري ڳالھ ٺ، ايجا بہ مون وٽ پاڙو ھجي ٺ پانيان اسلام آباد ويجان. قومي جنگ ھڪڙي سائنس آھي. قومي جدوجھد ۾ ايجا ڪيترا ماڻھو آھن، جيڪي پيرن کان پاڻي پڙھايو، "شُون" ڪريو ڇڏين! توھان جي نالي پاڻي پڙھندا، رسول بخش جي نالي پڙھندا، جي- ايم سيد جي نالي، پٽي جي نالي پاڻي پڙھندا، شُ... ابا آھي ڪو عقل، ڪو ڏنڊو، ڪو سائنس، ڪو دماغ؟ ڪجھ نہ! تنھن ڪري ڪالاباغ ڊيم جي ڪنھن بہ پوائنٽ تي مسلسل وڙھي سگھجي ئي نٿو ۽ وڙھڻ خطرناڪ شيءِ آھي. جناح پاڪستان ناھيو ٺ سدائين ساڳي ڳالھ پئي ڪيائين ڇا؟ نوان طريقا اٿو، ھيءَ جنگ آھي نہ! اسين ھاڻي "گھوباٽا خان" ٺ ڪونہ آھيون! اسين ٺ عالمي قومي سياست جي جدوجھد تي 8 پي-

ايچ- ڊيون ڪيل ماڻهو آهيون. اسان وٽ ڪوالیفائيڊ ماڻهو آهن ڪونہ. هي بہ هڪڙو سبجيڪٽ آهي. قومي جدوجهد ۾ طبقاتي جدوجهد بہ هڪڙو سبجيڪٽ آهي.

ڪاوش: ڪالاباغ ڊيم جي حوالي سان ماڻهن کي ڪجهہ شڪ آهن...

پليجو صاحب: (سوال اڌ ۾ ڪٽيندي) آهن ئي ڪونہ، اهي ايجنسيون پيدا ڪن ٿيون، هتي شڪ شبها پيدا ڪيا وڃن ٿا، ماڻهن کي سيڪاريو وڃي ٿو تہ هي شڪ آهن.

ڪاوش: توهان پاڻ کي قومپرست نٿا سڏرايو. ڇا قومپرستي ڪِريل لفظ آهي؟

پليجو صاحب: اسان جا جيڪي عقيدا آهن، قومپرستي (لفظ) انهن جي ترجماني نٿو ڪري. انهيءَ لفظ کي تاريخ ۾ بدنام نموني استعمال ڪيو ويو آهي. آئون لالچي آهيان، مون کان وڌو لالچي ماڻهو هن دنيا ۾ ٿيندو ئي ڪونہ! هيچ وارو! اسين بکيا آهيون، اسان جون مائرون اسان جي سامهون موچڑا ڪائيندیون، اسان جون ڀينرون اسان جي سامهون ڪٽبيون هيون. اسان ان ماحول مان آهيون. اسان کي ٽوٽل لبريشن کپي. .Nothing less than that هن نظام جي تبديلي کپي. آئون رنگ ۽ نسل جي بنياد تي انسانن جي ورهاست جو مخالف آهيان. آئون سنڌ جي پاران انهيءَ کي ٿوروئي ٿو وڙهان تہ ڪو آئون سنڌي آهيان. آئون ويٽنام جي پاران وڙهان ٿو، اسين فلسطين جي پاران وڙهون ٿا. سنڌي قوم سان جيڪو ظلم ٿيو آهي، اهڙو ظلم هن روءِ زمين تي ڪنهن سان نہ ٿيو آهي. اسين گهر آهيون، مظلوم آهيون. آئون جيڪڏهن سنڌي نہ هجان ها تہ ڪونہ وڙهان ها چا؟ "آئون قوم جي پاسي آهيان، پوءِ اها حق تي هجي يا ناحق تي" اهو منهنجو ايمان ناهي، آئون مخالف آهيان. منهنجي قوم ٻئي ڪنهن خلاف قدم کڻندي، آئون انهن سان گڏ هوندس، هنن سان نہ هوندس. مون 50 ڀيرا چيو آهي رڪارڊ تي، تہ سنڌي قوم ڪنهن ٻئي غريب مسڪين سان ظلم ڪندي تہ آئون پهريون ماڻهو هوندس جيڪو سنڌي قوم سان وڙهندس. پنهنجي تاريخ ۾ سنڌ هميشہ مظلوم رهي آهي. سنڌ جي هڪڙي حاڪم، پاڙي واري تي ظلم ڪيو، اهو حڪمران سنڌ جو هيرو آهي پر آئون ان جو مخالف آهيان، غلام شاهہ ڪلهوڙو! هن ڪيچ جو پاڻي بند ڪيو ۽ علائقو ويران ڪري ڇڏيو.

ڪاوش: سنڌ جي قومپرست سياسي اڳواڻن جي ذاتي عملن تي ماڻهن جي سدائين تنقيد رهي ٿي تہ اهي گاڏيون، بنگلا ونڻ ٿا، لگزري لائيف گذارين ٿا. ان عمل کي قوم ۽ ٻوليءَ جي مستقبل لاءِ ڪيترو هاڃيڪار سمجهو ٿا؟

پليجو صاحب: آئون سمجهان ٿو تہ اهي ذاتي الزام ڪونہ آهن پر اهي سياسي معاملا آهن. آئون جيڪڏهن آهيان ئي پاڻيتو ماڻهو، ماڻهن کان پئسا ونڻ شاهوڪار ٿي هلندس تہ ٻيو چا ڪندو؟ اصل ڳالهہ اها ذاتي ناهي پر سياسي آهي. آئون جيڪڏهن اوچتو شاهوڪار ٿي وڃان تہ اها ڪا منهنجي Personal Weakness ڇٻي چا؟ انهيءَ جو مطلب تہ .I am politically dishonest آئون پنهنجي قوم سان سچو

ناهيان، ائين نہ هوندو تہ ماڻهو قومپرست بہ رهندو ۽ شخصيت ناهيو ماڻين بنگلن ۾ ويٺو هوندو، ائين نہ هوندو، جنهن جي گهر ۾ اتو ئي ڪونهي، ٽيو ويٺو آهي بنگلن جو مالڪ، ان کي Personal Weakness ٽوروئي چئبو. اهو تہ سياسي معاملو آهي، اها سياسي Dishonesty آهي.

ڪاوش: چون ٿا تہ توهان جڏهن نئين ڪان حيدرآباد آيا تہ ان وقت ايس- آر- ٽي- سي بس ۾ چڙهي ايندا هئا، پر اڄ 20، 25 سالن ۾ اوهان لڳزري گاڏين ۽ بنگلن جا مالڪ آهيو، ڇا اهو سڀ ڪجهہ سياست جو ڪمال آهي يا اوهان جي محنت ؟

پليجو صاحب: آئون جڏهن نئين مان 1964ع ۾ آيو هئس، آئون جڏهن هتي آيس، تڏهن قتل ڪيسن جو اسپيشلسٽ وڪيل هئس. معمولي ڪيسن جي آئون خلاف هئس. ڇڇ سالن ڪان پوءِ مون هڪڙي سيڪنڊ هينڊ گاڏي ورتي. 68ع ۾ مون کي بابا هڪڙي ٽويوٽا 25 هزارن ۾ ونڊي ڏني ۽ 25 هزار ٻيا ڏئي لطيف آباد پوٽا پنج نمبر ۾ پلاٽ ونڊي ڏنائين ۽ جاءِ ٺهرايائين. منهنجو بابا تپيدار هو، سندس الاهي زمينون هيون، پر اهي باراني علاقي ۾ هيون، زمينون غير آباد هيون. آئون پانيان ٿو تہ 68ع ۾ انهيءَ پاسي انڊسٽريلائزيشن شروع ٿي. بابا جون زمينون گهاري واري پاسي هيون، ان جا اڳهہ وڏي ويا. بابا کي ٻہ- چار لک روپيا ملي ويا، تنهن مان لک روپيا مون مسڪين کي ڏنائون. هي جيڪو پلاٽ آهي (D-10 واري گهر جو) اهو منهنجي پاءُ ونڊي ڏنو، جيڪو ٺيڪيدار آهي ۽ ڪروڙپتي ٺيڪيدار آهي. بابا جون باقي زمينون اسان ورهايون ڪونہ. مون کي خبر هئي تہ اسان کپائي ڇڏينداسين، تنهن ڪري اهي زمينون اسان جي بزنس مائينڊيڊ پاءُ جي حوالي ڪيوسين، باقي اسان جون ضرورتون ٿيون تہ اهي پوريون ڪري ڏيندو. آئون سنڊ جي انڊسٽري ڊپارٽمينٽ ۾ 60 روپيا پگهار تي نوڪري ۾ هئس. پهرين مون پنهنجا ٻائر ۽ ٻينرون پڙهايا. مون پنهنجو سڄو خاندان پڙهايو، خاص ڪري ڇوڪريون. اها پراپرٽي اسان جي گڏيل هئي، سيني کي پاليو مون، تہ جڏهن اهي آيا بزنس ۾، تہ پهريون فرض تہ منهنجو هو نہ! مون کي پلاٽ ونڊي ڏنائون. گاڏي مون کي پاءُ ونڊي ڏني. مون زندگيءَ ۾ پنهنجي آني جي شيءِ ناهي ورتي، ڪجهہ ئي ڪونهي، پر منهنجن ٻائرن وٽ جيڪا پراپرٽي آهي اها منهنجي آهي. منهنجو هيءُ بنگلو ڏس ۽ پاءُ جي پراپرٽي ڏس. انهيءَ جو بنگلو ڏسو، انهيءَ جا ٻٽيوالا مون کان بهتر نموني رهن ٿا. مون وٽ رهڻ لاءِ ننڍڙو ڪمرو آهي، جيڪو ڪتابن سان ڀريل آهي. اهو آفيس بہ آهي. مون وٽ رات جو مٽي رهڻ لاءِ جڳهہ ئي ناهي. مهمانن جي سڄو ڏينهن اڇ وڇ آهي. آئون هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ پوريو ڀيو آهيان، تنهن ڪري آئون تمام ڏکي زندگي گذاري رهيو آهيان. ماني ڪهڙي ٿا کائون، اهو بہ ڏسي سگهو ٿا.

ڪاوش: توهان تي اهي بہ الزام لڳندا رهيا آهن تہ ڪالاباغ ڊيم وارو اشو يا ٻيو... پنهنجي پاءُ کي ٺيڪا ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪندا آهيو.

پليجو صاحب: آئون توهان کان ٿو پڇان تہ ڪالاباغ ڊيم جو نيڪو ڪٽڻ جو خواهشمند چاهيندو تہ ڪالاباغ ڊيم نهي يا نہ نهي؟ جيڪو ماڻهو ان جي حمايت ڪندو، ان کي نيڪو ڏيندا يا مخالفت واري کي؟ هينئر ڪالاباغ ڊيم نهي پيو، مون کي چا مليو...!؟

ڪاوش: توهان جي پارٽيءَ ۾ ڪنهن وقت وڏا وڏا نالا شامل هئا، اهي آهستي آهستي توهان کان موڪلائي ويا. چا اوهان پاڻ انهن کان موڪلايو يا انهن توهان کي "ٽاءِ ٽاءِ" ڪيو؟

پليجو صاحب: ڪامريڊ لينن چوندو هو تہ جيڪڏهن توهان سان ڪو ماڻهو هڪڙي ڪلاڪ لاءِ بہ گڏ ٿئي ٿو ته ڪلاڪ لاءِ هو ڏکيو رستو لنگهي پار ڪري ٿو... سڄي واٽ سياست ۾ ڪوبہ نہ هلندو. توهان جيڪي وڏا وڏا نالا پيا چئو، اهي پهرين چا هئا؟ عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ کان پهرين اهي چا ڪندا هئا؟ اهي زيرو هئا.

ڪاوش: توهانجو مطلب آهي تہ توهانکي جيڪي چڏي ويا....

پليجو صاحب: (سوال اڌ ۾ ڪٽيندي) چڏي ڪونہ ويا. اسان روزانو پهاڙن تي چڙهائي ڪندڙ آهيون، روزانو اسان جو معاملو گرم آهي، تہ چا هو تہ اسان ماڻهن کي پارٽيءَ ۾ شامل نہ ڪندا هئاسين، تڪليف سان ڪندا هئاسين. جيڪي سمجهدار پارٽيون هونديون آهن، اهي سيني کي اچڻ ٽوروئي ڏيندیون آهن! پارٽي پنهنجو گهر آهي، اسان ڪنهن خاص ڪيٽيگريءَ کان گهٽ ماڻهو نہ ڪٽندا هئاسين، پر اهي رولز رليڪس ڪري چڏيا، پوءِ اسان عام پرتي ڪئي. اسان کي سڄي سنڌ ۾ ماڻهن جي ضرورت هئي. ڪيترائي ڊاڪٽر اسان جي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيا، پر پوءِ جڏهن تعليم مڪمل ڪيائون تہ پوءِ پارٽي چڏي ويا.

ڪاوش: پر توهان کان سوال اهو بہ آهي تہ جيڪي ماڻهو توهان کي چڏي وڃن ٿا تہ توهان انهن کي تنقيد جو نشانو بڻايو ٿا؟

پليجو صاحب: جيڪي مون سان گڏ وينا آهن، انهن تي سڄو ڏينهن تنقيد ڪندو آهيان. چڏي ويا انهن تي نہ!؟

ڪاوش: توهان کان جيڪي ماڻهو موڪلائي ويا، انهيءَ جو سبب ڪهڙو هو؟

پليجو صاحب: هڪڙو ماڻهو هڪڙي حد تائين اچي ٿو. هڪڙين حالتن ۾ اهو ان کي سُوٽ ڪري ٿو.

ڪاوش: خدا توهان کي وڏي ذهانت ڏني آهي، چا اوهان ان جو درست استعمال ڪيو؟ توهان جيڪو ٽيڻ چاهيو ٿي، اهو ٽيا يا ڪٽي ڪا غلطي ڪئي آهي؟

پليجو صاحب: منهنجي وهم ۽ گمان ۾ ئي ڪونہ هو تہ آئون جيڪو آهيان، اهو ٽيندس. بنيادي طور آئون گابا چاريندو هوس. اسان جي ڳوٺ ۾ جڏهن آئون وڏو ٽيس تہ اسان جي ڳوٺ ۾ راڳ ۽ راند بند هئي. آئون ٽاڪ منجهند جو لڪي راند ڪندو هوس. ان جي پيٺ ۾ آئون هتي پهتو آهيان. آئون پنهنجي زندگيءَ کي هڪڙو معجزو

سمجهان ٿو ۽ مون جهڙو خوش نصيب ماڻهو صدين ۾ ڪو گهٽ ڄمندو.

ڪاوش: توهان سنڌ جا ڏاها ليکيا وڃو ٿا. ڇا توهان جي ڏاهپ سنڌين جي ڪم آئي آهي يا نه؟

پليجو صاحب: اسان ميدان ۾ نه هجون ها ته سڀ ٽپڙ پورا ٿي وڃن ها. گهٽا ڏينهن اڳ ڪالاباغ ڊيم نهي وڃي ها.

ڪاوش: توهان سدائين اشوز جي سياست ڪئي آهي....

پليجو صاحب: اهو سڀ ڪوڙ آهي. اسان جون حڪمت عمليون آهن، انهن کي Misunderstand ڪيو ويو.

ڪاوش: اهي شيون يا مسئلا اتي جو اتي آهن، توهان ڪالاباغ ڊيم خلاف وڏي جدوجهد ڪئي پر اهو نهي پيو، بيروزگاري آهي.....

پليجو صاحب: اهو سڀ ڪوڙ آهي، مفروضو آهي.

ڪاوش: پر مسئلو ته اتي جو اتي آهي نه!

پليجو صاحب: قطعي ڪونهي. چين ۾ هينئر ماڻهو بکيا ڪونهن ڇا؟ "مسئلا اتي جا اتي آهن!" مائوزي تنگ جي جدوجهد جو فرق نه پيو ڇا؟ بلڪل ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن. اسان 30 سالن کان وڃي ڊيم خلاف نه هجون ها ته ڪالاباغ ڊيم هن کان اڳ نهي ڪونه وڃي ها؟ اسان ان کي روڪيو آهي، اسان سنڌ کي تيار ڪيو آهي.

ڪاوش: هاڻي جڏهن حڪمران ڪالاباغ ڊيم ناهڻ جون تياريون ڪن پيا....

پليجو صاحب: مون 30 سال اڳ اها اڳڪٿي ڪئي هئي ته اهي سنڌ جو پاڻي بند ڪندا، سنڌ جي تعليم تباهه ڪندا. آئون پيشنگوئيون ڪندو آهيان. سنڌ کي جنهن ڏينهن هنن تباهه ڪيو، ان ڏينهن ملڪي سالميت خطري ۾ پئجي ويندي. مون پنجاب وارن کي چيو ته ڏجو ان ڏينهن کان، جنهن ڏينهن سنڌ توهان جي خلاف ٿي ويندي.

ڪاوش: صدر مشرف سان توهان گهٽا پيرا ملايا آهيو؟

پليجو صاحب: 3 يا 4 پيرا ملاقاتون ٿيون آهن.

ڪاوش: سنڌ جي سمورن مسئلن جو حل ڇا ۾ آهي؟

پليجو صاحب: 1940ع واري قرارداد تي مڪمل عمل. قائداعظم چيو ته مرڪز وٽ به ڪاتا هجن.

ڪاوش: توهان گهٽيون شاديون ڪيون؟

پليجو صاحب: چار شاديون ڪيون.

ڪاوش: ماڻهو چون ٿا ته عورت توهان جي ڪمزوري رهي آهي؟

پليجو صاحب: منهنجي وڏي ۾ وڏي طاقت عورت آهي. پهريون پيرو زندگيءَ ۾ منهنجي دوستي منهنجي ماءُ سان ٿي. اسين ننڍا هئاسين، بابا هوندو هو نوڪريءَ ۾. ڳوٺ ۾ چورين جو آزار هو. ٻيا پائر ستا پيا هوندا هئا، آئون جاڳندو هئس. پوءِ امان کي ڪتاب پڙهي ٻڌائيندو هئس. تقرير ڪرڻ، ڪتاب پڙهڻ اتان ئي سکيس.

سياسي طور اسان گڏ هئاسين. پوءِ پيٽون مون سان گڏ ٽيون. آئون مسئلن جي حل لاءِ مردن بدران مائين وٽ ويندو هئس تہ "ماسي! تنهنجو پُٽ هيئن ٿو ڪري." مردن جي پيٽ ۾ مائين ۾ انصاف پسنديءَ جو جذبو وڌيڪ آهي. منهنجي سياست جو بنياد ئي عورت آهي. اڄ ڏينهن تائين ڪيترائي ماڻهو اسان کي چڏي ويا، پر مائيون اسان سان گڏ آهن. منهنجي ڳوٺ ۾ بہ ائين آهي، مرد اسان جي خلاف آهن ۽ مائيون اسان سان گڏ آهن. تنهن ڪري مائيون منهنجي ڪمزوري نہ پر طاقت آهن.

ڪاوش: عشق توهان جي نظر ۾ ڇا آهي؟

پليجو صاحب: عشق کان سواءِ ماڻهو هڪڙي ٽڪي جو بہ ناهي ۽ عشق جي معنيٰ آهي پاڻ کان وڌيڪ ڪنهن ٻئي کي فائدو پهچائڻ. عشق معنيٰ هڪٻئي جا خيال ساڳيا آهن. عشق رڳو بن ماڻهن تائين محدود نہ هجڻ گهرجي، پر ان کي پوري جهان تائين ڪٽي وڃجي. محبت کي بي پناهہ وسعت ڏيڻ گهرجي.

ڪاوش: توهان ڪڏهن عشق ڪيو؟

پليجو صاحب: آئون ڪڏهن بہ عشق کان سواءِ خالي نہ رهيو آهيان. چوندا آهن تہ "جو دم غافل، سو دم ڪافر." تنهنڪري محبت نہ ڪجي.... سهڻائيءَ جي معنيٰ فقط شڪل سهڻي ناهي. مون کي بي پناهہ ماڻهن سان عشق آهي.

اسان جو وڏو مسئلو آمريڪا آهي، جيڪو ٽئين دنيا جي ملڪن کي جاگيرداراڻي نظام جي ڦندي مان ٻاهر نڪرڻ نه ٿو ڏئي.

انٽرويو: عارف عزيز پنهور / اخبارِ جهان جنوري 2007ع

[رسول بخش پليجي کي عام طور هڪ هاري اڳواڻ ۽ هڪ سني مقرر طور سڃاتو وڃي ٿو، پر ان سان گڏوگڏ هن جي شخصيت ۾ شاعري ۽ ادب، تاريخ ۽ قانون، سمجهه ۽ ڄاڻ علم ۽ عمل گڏجندي نظر اچن ٿا. ڇيو وڃي ٿو ته رسول بخش پليجو سنڌ جي انهن سياستدانن ۾ شامل آهي، جن کي نه رڳو مخالف پر مداح به مڪمل طور سمجهڻ کان لاچار آهن. پليجي صاحب کي گهڻ پاسائين شخصيت چئي سگهجي ٿو. هو هڪ ئي وقت شاعر، ڪهاڻيڪار، مترجم، تشريح ڪندڙ، سياسي تجزئي نگار، دانشور ۽ قانوندان هجڻ کان سواءِ اعليٰ پائي جو سياستدان به آهي. هو گهڻيون ئي هوليون ڄاڻي ٿو ۽ هن جي دنيا جي تاريخ ۽ سڄي دنيا جي عوامي تحريڪن تي به گهري نظر آهي. رسول بخش پليجو 20 جنوري 1930ع تي جنگشاهي جي هڪ ننڍي وچولي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. هن ثانوي تعليم ڪراچيءَ جي مشهور تعليمي درسگاهه سنڌ مدرسي مان حاصل ڪئي ۽ قانون جي ڊگري سنڌ لا ڪاليج مان حاصل ڪئي. رسول بخش پليجي سياست جي ميدان ۾ ڪاڏي ڏر جي ترقي پسند قوتن جو پرپور ساٿ ڏنو. سوشلسٽ تحريڪن جي عملي جدوجهد ۾ حصو ورتو ۽ وڏو عرصو قيد ۾ گذاريو آهي. هو عوامي نيشنل پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ۽ ايم آر ڊي جو ڪنوينر به رهيو. پليجي صاحب سياست، ادب، تنقيد ۽ تاريخ جهڙن موضوعن تي 20 کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن. جڏهن ته هن جا ڪافي ترجما به شايع ٿي چڪا آهن. هو ايشيا، يورپ ۽ آمريڪا جي ڪيترين ئي يونيورسٽين ۽ ادارن ۾ سنڌ، خاص طور شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ عالمي تاريخ جي باري ۾ ليڪچر ڏيئي چڪو آهي. اڄڪلهه رسول بخش پليجو عوامي تحريڪ جو چيئرمين، سنڌ پاڻي ڪميٽي جو صدر ۽ اينٽي ڪالاباغ ڊيم ۽ گريٽر ٽل ڪئنال ايڪشن ڪميٽي جو ميمبر آهي. تازو سنڌ جي هرندڙ مسئلن تي هن سان ٽيل خاص ڳالهه ٻولهه پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿي.]

اخبارِ جهان: پليجو صاحب! توهان جي سياست جو محور سدائين سنڌ رهي آهي. اهو ٻڌايو ته توهان جي خيال ۾ سنڌ جو تمام اهم مسئلو ڪهڙو آهي؟

پليجو صاحب: اها غلط فهمي عام طور ڏني وئي آهي، پر منهنجي سياست جو محور ڪڏهن به سنڌ ناهي رهي. اسان جي سياست ۾ سنڌ جي اهميت ٽيڪيڪل

(Tactical) نوعيت جي آهي، نہ ئي استريٽجڪ (Strategic). هاڻ توهان اهو ڏسو تہ جيڪڏهن ڪو عراقي يا فلسطيني اڳواڻ هوندو تہ هو پنهنجي ملڪ جي ئي ڳالهہ ڪندو، نہ جاپان يا جرمنيءَ جي. بدقسمتيءَ سان سڄي جنگ جو محور جيڪو پهريان بنگال هوندو هو، هاڻ سنڌ ٿي ويو آهي ۽ منهنجي خيال ۾ بدترين زيادتيون بہ هتي ئي ٿي رهيون آهن. گهٽ ئي ٻين علاقن جيان سنڌ جو ڪلچر بہ ردِعمل ڪندڙ رهيو آهي. توهان ڏسندؤ تہ هر جاءِ تي ماڻهن جي اڪثريت حڪمرانن جي خدمت ڪندڙ هوندي آهي ۽ هر جاءِ تي تمام ٿورا ماڻهو هوندا آهن، جيڪي ترقي پسند سڏائيندا آهن. اهو سدائين محدود طبقو هوندو آهي. اوپر پاڪستان ۾ تمام وڏا ظلم ۽ زيادتيون ڪيون ويون هيون، جنهن جو نتيجو بنگال جي ڌار ٿيڻ جي صورت ۾ نڪتو. هاڻ بدقسمتيءَ سان باقي بچيل پاڪستان ۾ بہ اهڙي صورتحال پيدا ڪئي وئي آهي، جهڙي پاڪستان جي آزاديءَ وقت هئي، يعني ڪنهن هڪ صوبي جي مڪمل گهٽائي آهي ۽ ان جي ئي بالادستي آهي، جڏهن تہ ننڍا صوبا ان جي هٿ هيٺ آهن. توهان ڏسو تہ پاڪستان کان اڳ ۾ بہ اهائي صورتحال هئي. پنجاب، فوج ۽ يو پي، سي پي کان آيل سول آفيسر هڪ طرف ٿي ويا، جڏهن تہ اوپر پاڪستان، صوبو سرحد، بلوچستان، سنڌ ۽ پنجاب جو عام ماڻهو، جنهن سان عام مهاجر بہ شامل هو، اهي ٻئي طرف ٿي ويا. بهرحال ان صورتحال جو نتيجو ملڪ جي بہ ٽڪرا ٿيڻ جي صورت ۾ نڪتو. هاڻ صورتحال هيءَ آهي تہ جنگ جو محور، جيڪو پهريان اوپر پاڪستان هوندو هو، هاڻ سنڌ ٿي ويو آهي، ڇوتہ سنڌي پنهنجي فطرت مطابق سڀ کان وڌيڪ مزاحمت ڪندا آهن. ٻئي طرف پنجاب جي عوام ۾ ملن جو تمام گهٽو اثر رسوخ آهي. صوبي سرحد ۽ بلوچستان جو عوام بہ مختلف خانن ۾ ورهايل آهي. منهنجي خيال ۾ سنڌ جو سڀ کان وڏو مسئلو زميندارين ۽ وڏيراشاهي آهي، پر اسان هن طبقي کي ختم نٿا ڪري سگهون، ڇوتہ وڏيرن کي ٻاهرين مدد ۽ سرپرستي حاصل آهي. عالمي سامراجي طاقتون، سڌو سنئون جاگيرداراڻي نظام جي سرپرستي ڪن ٿيون. ٻيو تہ ٻهيو پر هاڻ تہ مڊل ڪلاس طبقي ۾ بہ سامراجي قوتن جا ساٿاري پيدا ٿيڻ لڳا آهن. شاعر، اديب، دانشور ۽ ليکڪ بہ ويڪائو مال بڻجي ويا آهن، تنهن ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ عوام جي چوڌاري سامراجي طاقتن جو گهيرو تنگ ٿي رهيو آهي، پر ان سان گڏوگڏ مزاحمت بہ وڌي رهي آهي ۽ عوامي شعور بہ سجاڳ ٿي رهيو آهي.

اخبارِ جهان: توهان سمجهو ٿا تہ وڏيراشاهي سنڌ جو سڀ کان وڏو مسئلو آهي؟

پليجو صاحب: جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ ڏٺو وڃي تہ اسان جو سڀ کان وڏو مسئلو وڏيراشاهي بہ ناهي، پر آمريڪا آهي، جيڪو ٽئين دنيا جي ملڪن کي جاگيرداراڻي نظام ٻاهر نڪرڻ نٿو ڏئي. جاگيرداراڻا نظام ۽ فوجي آمريتون آمريڪا جي ضرورت بڻجي ويون آهن. ٽئين دنيا جي ملڪن ۾ فوجي آمر ۽ بيوروڪريٽ

يعني استيبلشمينٽ جاگيردارن سان ملي عوام جي ڦرلٽ ڪن ٿا. جيڪڏهن وڏيرن کي ٻين عنصرن جي مدد حاصل نه هجي ته انهن جي ڪابه حيثيت نه آهي.

اخبارِ جهان: ڇا توهان اهو چوڻ چاهيو ٿا ته سنڌ ۾ وڏيراشاهي ايتري طاقتور ناهي، جيتري نظر اچي ٿي؟

پليجو صاحب: يقيناً. جيڪڏهن ڪو صوبيدار به اکيون ڪرڻيون ڪري ته وڏن وڏن وڏيرن جا هٿ پير ساٽا ٿي وڃن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن وڏيري جي علائقي ۾ ٽاٽي جو سب انسپيڪٽر بدلي ٿي وڃي ته هو واويلا شروع ڪن ٿا ته هاڻ اسان جي مرضيءَ جو ماڻهو هتي نه آهي، هاڻ اسان ڇا ڪريون؟

اخبارِ جهان: حڪومت پهريان پاڻا ڊيم ناهڻ جو اعلان ڪيو آهي، توهان کي ان تي ڪو اعتراض نه آهي؟

پليجو صاحب: بلڪل اعتراض آهي. اسان سمجهون ٿا ته سنڌو درياهه تي ڪوبه نئون ڊيم ناهڻ جي ضرورت نه آهي. پنجاب جو حڪمران سنڌ کي ان جي حصي جو پورو پاڻي ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن. اسان چاهيون ٿا ته ان ڳالهه جي بين الاقوامي ضمانت ڏني وڃي ته سنڌ کي ان جي حصي جو پاڻي ملندو. ڇوتہ ان کان سواءِ پنجاب جو حڪمران اسان کي پورو پاڻي ڪڏهن به نه ڏيندو. اسان کي وفاقي حڪومت تي بلڪل اعتماد نه آهي. ان کان اسان کي ڪجهه به نه ملندو. اسان کي ته بين الاقوامي ضمانت گهرجي، پلي اها سارڪ تنظيم طرفان هجي، او آءِ سي طرفان هجي يا اقوام متحده ڏئي. پنجاب جو حڪمران چاهي ٿو ته سنڌ کي ان جي حصي جي پاڻيءَ کان محروم ڪري، بکيو اُجيو ماري ڇڏي. پهريان ته ان ڳالهه جو فيصلو ٿيڻ گهرجي ته پنجاب جو حڪمران اڄ تائين سنڌ جي حصي جو جيڪو پاڻي ڦهائيندو رهيو آهي، ان جو حساب ڏنو وڃي ۽ اسان کي اسان جو پاڻي واپس ڏنو وڃي. منگلا ڊيم ۾ جيڪو پاڻي آهي، اهو دراصل اسان جي حصي جو آهي.

اخبارِ جهان: جيڪڏهن ڊيم نه ناهيا ويا ته سنڌ ۽ ملڪ جي ٻين علائقن ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ جي مسئلي کي ڪيئن حل ڪبو؟

پليجو صاحب: جيڪڏهن پاڻيءَ کي صحيح ورهايو وڃي ۽ هر علائقي کي ان جو جائز حصو ڏنو وڃي ته پاڻيءَ جي ڪوٽ جو مسئلو نه رهندو. پنجاب سنڌ جو جيڪو پاڻي غير قانوني طور تي ڪڍي رهيو آهي، جيڪڏهن اهو سلسلو بند ڪري ڇڏجي ته سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ڪابه ڪوٽ نه رهندي. پنجاب جا حڪمران نه رڳو پاڻي چوري ڪن ٿا پر هو پنهنجي سڄي صنعتي گندگي ۽ ٻيون آلودگيون به سنڌو درياهه ۾ وجهي رهيا آهن، جنهن سبب سنڌو درياهه جو پاڻي زهريلو ٿي رهيو آهي ۽ سنڌ ۾ بيماريون ڦهلجي رهيون آهن.

اخبارِ جهان: سنڌ جيڪي وڏيون شخصيتون پيدا ڪيون آهن، انهن مان توهان سڀ کان وڌيڪ ڪنهن کان متاثر ٿيا آهيو؟

پليجو صاحب: منهنجو آئيڊيل شاهہ عبداللطيف ڀٽائي آهي. ان کان سواءِ استاد بخاري ۽ سنڌيءَ جو تمام سنو انقلابي شاعر هو. شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ جيڪو عملي طريقو ڏنو آهي، منهنجي ڪوشش آهي تہ پنهنجي زندگيءَ ۾ ان کي راهہ جي مشعل بڻايان ۽ ان ئي مطابق زندگي گذاريان.

اخبارِ جهان: سياستدانن ۾ توهان کنهن کان متاثر آهيو؟

پليجو صاحب: ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي تمام سنو ليڈر هو. عثمان ڏيپلائي ۽ تمام سنو اڳواڻ هو. هاڻوڪي دور ۾ منهنجو خيال آهي تہ سنڌ نہ ڪو عظيم سياستدان پيدا ڪيو. نہ ڪو وڏو سائنسدان، نہ ڪو سنو جرنيل. وچولي درجي جا گهڻا اڳواڻ ظاهر ٿيا آهن، پر جيڪڏهن سنڌ جي عظيم ترين شخصيت جو ذڪر ڪجي تہ اهو يقيناً شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ئي هو.

اخبارِ جهان: ذوالفقار علي ڀٽو ۽ جي. ايم سيد جي باري ۾ توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

پليجو صاحب: انهن ٻنهي سنڌ کي تمام گهڻو پورائو نہ ٿي سگهجندڙ نقصان پهچايو آهي. انهن ٻنهي جو ڪردار منفي هو. انهن جي سياست سنڌ کي تباهہ ڪري ڇڏيو. اهي ماڻهو جيڪي سنيون ڳالهيون ڪندا هئا، پاڻ انهن تي عمل نہ ڪندا هئا. ڀٽو صاحب ڳالهيون تمام سنيون ڪندو هو پر انهن تي عمل نہ ڪندو هو. اهي سڀ ڳالهيون ناهڻ جا ماهر يعني ڳالهين جا بادشاهہ هئا. ڀٽي جي ذات ۾ هڪ وڏيرو، هڪ موقعي پرست سياستدان، هڪ رومان پسند ۽ هڪ جينيئس گڏ ٿي ويا هئا. جڏهن تہ جي. ايم سيد تہ هڪ بلڪل منفي نوعيت جو ڪردار هو. هن ۾ تہ ڀٽي جهڙيون سنايون ۽ صلاحيتون ۽ نہ هيون. هن جون سرگرميون اينٽي پيپل اينڊ اينٽي سنڌ ثابت ٿيون. هڪ سازش تحت سنڌ جي تعليمي ادارن جو معيار خراب ڪيو ويو ۽ غنڊاگردي کي هٿ ڏني ويئي، جنهن جو نتيجو هي آهي تہ سنڌ جو گريجوئيٽ نوجوان انگريزي ۾ ۽ جملا ۽ صحيح نٿو لکي سگهي. هن وقت صورتحال هيءَ آهي تہ جيڪڏهن تعليم کي معيار بڻايو وڃي تہ سنڌ جا نوجوان شايد ٻين صوبن جي نوجوانن جو مقابلو نہ ڪري سگهن، پر اها ڳالهہ ۽ آهي تہ سنڌ جا ماڻهو رڪور (Recover) ڪرڻ ۾ وڏا ماهر آهن. انگريزن ۽ اسان کي تعليم ۾ تمام پٺتي رکيو، پر ڪجهہ سنڌي دانشورن جي ڪوششن جي نتيجي ۾ اسان ان نقصان جو پورائو ڪري ورتو.

اخبارِ جهان: ڏگهي سياسي جدوجهد باوجود توهان جي پارٽي ۽ ٻين هم خيال پارٽين جو سنڌ ۾ ڪو مضبوط ووٽ بئنڪ ڇو نہ ٺهي سگهيو؟

پليجو صاحب: آئون تہ اهڙي ووٽ بئنڪ تي لعنت وجهان ٿو جيڪو دهشتگرديءَ جي نتيجي ۾ ناهيو ويو هجي. اڄڪلهہ جيڪي ماڻهو ووٽ حاصل ڪري رهيا آهن، انهن کي اختيار ڏيڻين طرفان تحفظ جو مڪمل يقين ڏياريو وڃي ٿو. جيڪڏهن اهڙو ئي يقين آئون ۽ پنهنجي ڪارڪنن کي ڏيان تہ اسان ۽ ايجنسين جي راند ۾ شامل

ٿي ويون ته چونڊن ۾ ڪاميابيون اسان کي به ملي سگھن ٿيون. اسان ايم ڪيو ايم سان جھيڙڻ جي بھاني ڪڏھن به ايجنسين جي غلامي ناھي ڪئي. ايجنسين جا ايجنٽ ٻنھي طرف موجود آھن، جيڪي پنھنجي ماڻھن کي ٻين سان ويڙھائين ٿا ۽ مفاد حاصل ڪن ٿا.

اخبارِ جھان: ڇا سنڌ ۾ قومپرست تنظيمن تي ايجنسين جو پئو ٻڌجي ويڙ جا الزام صحيح آھن ؟

پليجو صاحب: آئون ته سمجھان ٿو ته قومپرستي، جمھوريت ۽ اسلام جي خدمت ڪرڻ جي دعويدار گھڻن ماڻھن ۽ پارٽين جي پٺيان ايجنسين جو ھٿ آھي. ڪجھ تنظيمون ته ايجنسين جي خواھش تي ئي ٺھيون ھيون. ھي ماڻھو حقيقت ۾ آمريڪي سامراج جي ايجنڊا کي اڳتي وڌائي رھيا آھن.

اخبارِ جھان: قومپرستن جي اتحادن، مثال طور پونم ۽ سنڌ قومي اتحاد وغيره جو ڪردار توھان جي نظر ۾ ڪھڙو رھيو آھي ؟

پليجو صاحب: اھي ماڻھو اتحاد ناھي، ڪجھ به نٽا ڪري سگھن، ڇوته انھن جو لاڳاپو صرف پيٽ سان آھي. پھريان آئون سمجھندو ھئس ته حڪومت ۾ لاڳيتو پائيوار رھڻ سبب اردو ڳالھائيندڙ ته ڏاڍا خوشحال ھوندا، پر پوءِ خبر پئي ته صورتحال ان جي ابتڙ آھي. منھنجو پاڻيجو ڪراچيءَ ۾ اردو ڳالھائيندڙن جي وچ ۾ رھي ٿو. ھن مون کي ٻڌايو ته عام مھاجر کي ته ڪجھ به ناھي مليو. ھن ئي مون کي ٻڌايو ته اردو ڳالھائيندڙ بلڪل ئي بدحال ٿي چڪا آھن. ڳالھ ھيءَ آھي ته باھ لڳائڻ لاءِ رڳو ماچيس جي ھڪ تيلي ڪافي آھي، پر جيڪڏھن باھ پڙڪي پوي ته پوءِ سڄي شھر جو پاڻي به ڪڏھن ڪڏھن ان کي اجھائڻ لاءِ پورو نٿو پوي. اسان اھڙي ڪاب جنگ شروع ڪرڻ نٿا چاھيون، جنھن جو انجام تباھي ۽ بربادي‌ءَ کان سواءِ ڪجھ نه ھجي. اسان چاھيون ٿا ته صرف ڏوھاريءَ کي ئي سندس ڏوھ جي سزا ملي، ھن جي سڄي گھر وارن کي نه. اسان جو ايمان آھي ته سنڌ جا حق پرامن جمھوري جدوجھد وسيلي ئي حاصل ڪري سگھجن ٿا. اھي ماڻھو جيڪي قومپرستيءَ جي نالي تي سنڌين کي ٻين قومن يا ٽولن سان ويڙھائڻ چاھين ٿا ۽ ھڪبئي جو رت وھائڻ چاھين ٿا، اسان انھن جي خلاف آھيون ۽ ڪڏھن به انھن جي ڪارروائين جو حصو نه بڻياسين. جيڪي ماڻھو اڄ سنڌي قوم جي بقا لاءِ ھٿيار کڻڻ جي ڳالھ ڪن ٿا، اھي حقيقت ۾ سنڌين جا دشمن آھن. انھن ماڻھن جي نصيب ۾ صرف پادر ڪائڻ لکيل آھي. اھي ماڻھو جڏھن به شرارت ڪندا، سدائين پادر ڪائيندا، ڇوته اھي پنھنجي نه پر ڪنھن ٻئي جي جنگ وڙھي رھيا آھن.

اخبارِ جھان: ڇا توھان سمجھو ٿا ته قومپرست اڳواڻ جي حيثيت ۾ توھان وفاقي سطح جو اڳواڻ بنجڻ جو موقعو وڃائي ڇڏيو ؟

پليجو صاحب: اسان ته وفاق ۽ ٻين صوبن جي لاءِ اھو مثال قائم ڪيو آھي ته اتي جا ماڻھو به پنھنجي پنھنجي علاقن ۾ اسان واري سياست جو طريقو اپنائين ۽ ماڻھن ۾

شعور پيدا ڪن. جيئن اسان ڳوٺ ڳوٺ وڃي عوامي سجاڳيءَ جو ڪم ڪريون ٿا، تيئن ئي پنجاب ۽ ٻين صوبن ۾ ٻيٺ گھرجي ۽ ان ڪم ۾ اسان جيتري مدد ڪري سگھياسين، ضرور ڪنداسين. سنڌ ته اصل ۾ پاڪستان ۾ جمھوري جدوجھد جو مرڪز آھي ۽ ھن صوبي مان سرحد، بلوچستان ۽ پنجاب وارن کي ٻه سکڻ گھرجي.

اخبارِ جھان: شاعري ۽ ادب اسان کي تعصب کان پاڪ ٻڌائي ٿو ڇڏي، اھڙيءَ طرح سوشلزم ٻه لساني ۽ نسلي تعصب کي رد ڪري ٿو. ڇا توھان نٿا سمجھو ته سياستدان پليجي ۽ اديب پليجي جي ڪردارن ۾ تضاد آھي؟

پليجو صاحب: منھنجو خيال آھي ته انھن ٻنھي ڪردارن ۾ نه رڳو ھي ته تضاد نه آھي پر اھڙي مثالي ھم آھنگي آھي، جيڪا ڪنھن ٻئي اديب ۾ نه ھوندي. ماڻھو ادب پڙھن ٿا، لکن ٿا، پر انھن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ ميدان ۾ نڪرڻ پسند ناھن ڪندا ۽ پاڻ کي خطري ۾ ناھن وجھندا. جڏھن ته منھنجو فلسفو ھي آھي ته جيڪڏھن آئون شاعري يا ڪھاڻيءَ ۾ اھو چوان ٿو ته مظلومن جي حق لاءِ ٻاھر نڪرو. ته آئون عملي طور تي ان لاءِ پاڻ ٻه ٻاھر نڪران ٿو ۽ ٻين کي ٻه ان لاءِ اپاريان ٿو. اسان ٻين اديبن جيان رڳو نصيحت ناھيون ڪندا، پر عملي طور اھڙو تي ڏيکاريندا آھيون، جھڙي ادب گھر ڪري ٿو. شاعر ۽ اديب پنھنجون تخليقون ٻڌائي داد وصول ڪن ٿا ۽ گھر ھليا وڃن ٿا. جڏھن ته اسان ان تي عمل ٻه ڪري ڏيکاريون ٿا. مسئلو ھي آھي ته شاعري عام طور تي ماڻھوءَ کي ايترو خيال پسند ٻڌائي ڇڏي ٿي جو ھو رڳو شاعري حوالي ٿي وڃي ٿو ۽ ڪنھن ٻئي ڪم جو نٿو رھي.

اخبارِ جھان: توھان جي خيال ۾ شھري ۽ ٻھراڙيءَ جي ڪوٺا سسٽم سنڌ کي فائدو پھچايو آھي يا صوبي جي عوام کي ورھايو آھي؟

پليجو صاحب: جيڪڏھن ڪوٺا سسٽم کي ان جي حقيقي روح مطابق لاڳو ڪجي ھا ته ان جو فائدو حاصل ٿئي ھا، پر ھنن ڪوٺا سسٽم وڏيرن حوالي ڪري ڇڏيو، جنھن جي نتيجي ۾ پيڙھيل طبقا ان جي فائدن کان محروم رھيا.

اخبارِ جھان: ھڪ دانشور ۽ مدبر جي طور تي توھان پاڪستان جو مستقبل ڪھڙو ڏسو ٿا؟

پليجو صاحب: آئون پاڪستان جو تمام سنو مستقبل ڏسان ٿو. ھن وقت غدارن جي بالادستي آھي، پر آئون سمجھان ٿو ته تمام جلد ختم ٿي ويندي. قائداعظم جو خيال ھو ته مرڪز وٽ رڳو پرڏيھي معاملا، بچاءَ ۽ فوج سان لاڳاپيل مواصلات جو انتظام ھئڻ گھرجي ۽ ٻين معاملن ۾ صوبن کي خودمختياري حاصل ھئڻ گھرجي. منھنجو خيال آھي ته نيٺ پاڪستان ۾ اھڙي طرح جو نظام قائم ٿيندو، جنھن سان ملڪ مضبوط ۽ طاقتور ٻڌجي ويندو. انٽرنيٽ، تي وي ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعن صورتحال بدلائي ڇڏي آھي. پاڪستان جي عوام ٻه گھٽو ڪجھ سکيو آھي ۽ مون کي اميد آھي ته ھتي تمام جلد انقلاب ايندو. آخري فتح نيٺ عوام جي ٿيندي.

دنيا سان گڏجي آمريڪا ۾ رجعت پسندن جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪري سگھجي ٿو.

پينل انٽرويو /فرائيڊي اسپيشل 20 ـ 26 اپريل 2007ع

[دنيا سان گڏ رسول بخش پليجو سندڙ جي سياست جو هڪ اهم نالو آهي. پليجو صاحب رڳو هڪ سياستدان نہ پر انهن دانشورن ۾ ڏهين ماڻهن مان هڪ آهي، جيڪي هاڻي اٽلي ٿي رهيا آهن. عوامي تحريڪ جو سربراهہ پنجاهہ ڪان وڌيڪ ڪتابن جو ليکڪ آهي. هن جي سجاڻپ وطن ۾ عوام دوست سياستدان واري آهي. هن جي نظر نہ رڳو ملڪي صورتحال ۾ ملڪي تاريخ تي آهي، پر عالمي حالتن ۾ واقعن تي بہ ڳوڙهي نظر رکي ٿو. اسان جي خواهش هئي تہ هن گهڻ طرفي شخصيت سان ڳالهہ ٻولهہ ڪجي ۽ هن جا خيال پڙهندڙن تائين پهچائجن، جنهن لاءِ هن سان پهريون ڀيرو رابطو ڪيو تہ اهو طئي ٿيو تہ هو ڪراچي ايندو تہ هن سان ان دوران ملاقات ٿيندي. ان حوالي سان مارچ جي پهرئين هفتي جي تاريخ بہ طئي ٿي پر طبيعت جي ناچاڪيءَ سبب هو ڪراچي اچي نہ سگهيو. اسان ٻيهر هن سان ڳالهايو تہ اي پي سي رڪاوٽ بڻي پر ان دوران ڄاتل ۽ اڻڄاتل سببن جي ڪري اي پي سي ملتوي ڪئي ويئي ۽ اسان هڪ ڀيرو وري هن سان رابطو ڪيو تہ هن جي گهر حيدرآباد ۾ ملاقات طئي ٿي، جتي اسان مقرر وقت کان اڳي ئي پهچي ويا سين. مون سان گڏ رياض احمد هو. جڏهن اسان قاسم چوڪ تي پهتاسون تہ اتي هن جو ڊرائيور اڳ ئي موجود هو ۽ ڪجهہ گهڙين کان پوءِ اسان جي هن سان ملاقات ٿي رهي هئي. هن ويهڻ جو چوندي ئي بنا ڪنهن ڊيگهہ جي "فرائيڊي اسپيشل" جي ڪردار کي ساراهيو ۽ ان دوران هن سان مختلف موضوعن تي ڊگهي ڳالهہ ٻولهہ ٿي. ان دوران ماني بہ کاڌي وئي ۽ جڏهن اسان موڪلايو تہ اسان کي پنهنجو ڪتاب ۽ ماهوار نڪرندڙ "افيئر" ۽ "ڪاپڙي" ڏيئي، موڪلائڻ دروازي تائين آيو. هن سان ٿيل ڳالهہ ٻولهہ، جنهن ۾ هڪ تاريخ بہ آهي ۽ انڪشاف بہ آهن، پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪجي ٿي.]

فرائيڊي اسپيشل: پنهنجي شروعاتي دور، تعليمي ۽ سياسي سفر بابت مختصر ٻڌايو.

رسول بخش پليجو: پهريان تہ آئون دل جي گهرائين سان توهان جو ٿورائتو آهيان جو توهان مون کي موقعو ڏنو تہ آئون "فرائيڊي اسپيشل" جي پڙهندڙن سان پنهنجا خيال وندي سگهان. 20 جنوري 1930ع تي آئون ڪراچي ۽ حيدرآباد جي وچ ۾ هڪ ننڍڙي ڳوٺ نيوات جنگشاهي ۾ پيدا ٿيس. منهنجا استاد اڏو گابرو پڙهيل لکيل هئا. هنن جوڙ ۽ ڪٽ سيکاري هئي. اتي هنن جي رياضي پوري ٿي. پوءِ بہ سال

هو حيدرآباد پڑهڻ ويا تہ جيئن ضرب ۾ وندڻ پڑهائي سگهن. هنن ۾ چار درجا پڑهيا هئا. هنن وٽ آئون چار درجا پڑهيس، پوءِ جنگشاهيءَ ۾ مون پرائمري تعليم پوري ڪئي. تي سال نٽي ۾ پڑهيس. 1943ع ۾ مون کي سنڌ مدرسي اسڪالرشپ ڏني ۽ اتي داخل ٿيس. 1943ع واري جيڪا مشهور ڪانفرنس هئي، ان ۾ آئون شامل ٿيو هئس. قائداعظم جي مشهور تقرير مون ٻڌي هئي. اردوءَ ۾ هن جا مشهور لفظ هئا، "پاڪستان توهان جي پيرن ۾ پيو آهي، توهان هٿ وڌائي ان کي کڻي سگهو ٿا." سيد علي اڪبر شاهہ اسان وٽ ڪڏهن ڪڏهن نماز پڑهڻ ايندو هو، ڇوتہ هن کي نماز صحيح نموني پڑهڻ نہ ايندي هئي. پوءِ اسان نيشنل گارڊ ۾ پرتي ٿياسين. ان جي نقش قدم تي هلندا هئاسين. جڏهن پاڪستان قائم ٿيو، تڏهن ۾ اسان نيشنل گارڊ ۾ هئاسين. اسان جناح هاسٽل ۾ رهياسين، جيڪا گورنر هائوس جي ويجهو هئي، تنهن ڪري اسان هن جي سڃي چرپر ڏسندا هئاسين. مئٽرڪ مون سنڌ مدرسي مان ڪئي ۽ لا سنڌ مسلم ڪاليج مان ڪيو. مون سٺ روپيا مهينو پگهار تي ڪلارڪ جي نوڪري ڪئي. پوءِ اخبارن ۾ آيس. سنڌي پريس ۾ رپورٽر ٿيس. ان دور ۾ لياقت علي خان هو. 1953ع ۾ مون لا ڪيو. ان ئي سال مون جي. ايم سيد جي سنڌي اخبار جوائن ڪئي، جنهن جو آئون ايڊيٽر هئس. ان کان پهرين "نواءِ سنڌ" ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور ڪم ڪيم. مضمون ۾ لکندو رهيس. پوءِ آئون سنڌي ادبي سنگت، جيڪا ترقي پسند تحريڪ جو ادبي مورچو هئي، ان ۾ شامل ٿيس. پوءِ مون ادب تي لکڻ شروع ڪيو. آئون نندپڻ کان بنگالي ۽ هندي ناول پڑهندو هئس ۽ چوڏهن سالن جي عمر ۾ مون انگريزي ناول پڑهڻ شروع ڪيا، پوءِ فرانسيسي ناول ۾ پڑهيم. اسلامي تاريخ منهنجو مضمون هو. آئون مدرسي جو لائبريرين ٿيس، ان وقت مون کي پنج روپيا الائونس ملندو هو. مون عالمي ادب ۾ پڑهيو. سڀ ٻوليون ۾ مون اتي پڑهيون. نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ ۽ رهي چڪو آهيان، جيئي سنڌ ۾ ۽ شاهہ صاحب سان گڏ هئس. آئون قومپرستيءَ جي خلاف هئس، ڇوتہ آئون پورهيت طبقن جي جدوجهد تي يقين رکان ٿو. ان ۾ نسل ۽ ٻوليءَ جو فرق نہ هجڻ گهرجي. اردو ادب جو ۾ آئون شاگرد آهيان. مون کي غالب جي پيٽ ۾ ميرتقي ميرو وڌيڪ پسند آهي. آئون جنهن کي ۾ پڑهندو آهيان، گهرائيءَ ۾ پڑهندو آهيان. آئون سپريم ڪورٽ جو وڪيل آهيان، پر اڄ ڪلهہ ننڊا ڪيس ۾ ڪٽندو آهيان. مون آمريڪا ۾ تصوف تي ۾ ليڪچر ڏنا. 11/9 کان پوءِ آئون اتي ويس ۽ چيم تہ مذهبي هجڻ جي معنيٰ جنوني هجڻ نہ آهي. توهان ماڻهن ظلم ڪيو آهي. هي جيڪي ڏاڙهي وارا ماڻهو آهن، اهي پهرين احتجاج ڪن ٿا ۽ توهان جي بربريت جي خلاف آهن. انسان مذهب جي نالي تي سڻو يا خراب نہ هوندو آهي. آئون هي ڏسندو آهيان تہ ڪم ڪهڙا پيو ڪري. هو آمريت جي خلاف وڙهي رهيو آهي تہ آئون هن سان گڏ آهيان. سڻا يا خراب ماڻهو هر هنڌ هوندا آهن. ڏاڙهي رکڻ سان فرق نہ پوڻ گهرجي. ڏاڙهي تہ گهٽن ماڻهن کي هوندي

آهي. منهنجي وٽندڙ شخصيت حضور اڪرم صلعم آهن.

فرائيڊي اسپيشل: آمريڪا دنيا جي نئين سر تشڪيل جي ايجنڊا ڪٽي سڄي دنيا خاص طور اسلامي دنيا کي غلام بنائڻ جو ارادو رکي ٿو ۽ اهو ڪليو ڪلايو بيان بہ ڪري رهيو آهي. ان آمريڪي منصوبي ۾ پاڪستان جو مستقبل توهان ڪهڙو ڏسي رهيا آهيو؟

رسول بخش پليجو: آئون سمجهان ٿو تہ سڄي جهان جو دارومدار آمريڪي منصوبي تي نہ آهي. جيڪڏهن مسلمان پنهنجو پاڻ کي صحيح ڪن ۽ جيڪي شيون سٺيون آهن، اهي اپنائن، جيڪي تجربي ۾ صحيح نہ آهن، اهي نہ ڪن تہ آمريڪي سامراج جو جيڪو بالادستيءَ جو دور آهي، اهو پورو ٿي ويندو. هڪڙو دور هو، جڏهن آمريڪا سڄي جهان جو مالڪ هو، پر هاڻ ائين ناهي. هاڻي آمريڪا جو زوال شروع ٿي ويو آهي. جيڪڏهن دنيا جا مسلمان ٻن طرفن تي ڪوشش ڪن، هڪ تہ اهي جيڪي روشن خيال آهن، پنهنجو پاڻ کي روشن خيال، ترقي پسند سڏائين ٿا، بوگس روشن خيالي ڇڏين. جيڪڏهن آمريڪي ۽ سامراجي پٺو ٽيڻ، جاگيردار ۽ سرمائيدار ٽيڻ، عوام دشمن ٽيڻ هن جي نظر ۾ روشن خيالي آهي تہ عوام کي گهرجي تہ هن کي گهر موڪلي ڇڏين. سڄي دنيا جو عوام آمريڪي يا ڪنهن بہ قسم جي سامراج جي خلاف آهي. سڄي دنيا جي ماڻهن کي گڏجي آمريڪي منصوبي بلڪ اولهہ جي منصوبي کي رد ڪري ڇڏڻ گهرجي. خود اسان جي خلاف منصوبا اسان جي حڪمرانن، جاگيردارن، سرمائيدارن جا آهن. سڄي دنيا جا اهي ماڻهو، جيڪي عوام دشمن آهن، هڪ طرف آهن، ٻئي طرف ويچارو هٿين خالي عوام آهي. دنيا سان گڏجي آمريڪا، ان جي ساٿين ۽ رجعت پسندن جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪري سگهجي ٿو.

فرائيڊي اسپيشل: پاڪستان جي آزادي ۽ خود مختياري ختم ٿي ويئي آهي. آمريڪا ۽ پارٽ ڇئي ڇڏيو آهي تہ هو پاڻ حملا ڪندا، ان صورتحال کي توهان ڪيئن ڏسو ٿا؟

رسول بخش پليجو: آئون تاريخ جو شاگرد آهيان. هندستان ۽ پاڪستان جي تاريخ جو بہ. پاڪستان هڪ ڏينهن بہ خودمختيار ۽ آزاد ناهي رهيو. جناح کي ڇڏي لياقت علي خان، سر ظفرالله خان، چوڌري محمد علي وغيره اهي سڀ آمريڪا ۽ سامراج جا پٺو هئا. اهي ٽڪي جا ماڻهو هئا. هنن جو آزاديءَ سان ڪهڙو واسطو؟ پاڪستان کي آزاد ۽ خودمختيار بنائڻ جي جدوجهد شروع ئي ناهي ٿي. هتي جي رجعت پسند قوتن سان مقابلي کان سواءِ آزاديءَ جو ڪم نہ ٿو ٿي سگهي. اسان کي گڏجي باطل ۽ انسان دشمن، عوام ۽ مسلمان دشمن قوتن جو مقابلو ڪرڻو پوندو. ان لاءِ حالتون خراب بہ آهن ۽ سٺيون بہ آهن.

فرائيڊي اسپيشل: توهان رجعت پسنديءَ جي حوالي سان جيڪا ڳالهہ

بولھ ڪئي آھي، ان جي ڪھڙي معني آھي ؟

رسول بخش پليجو: جيڪي گاڏيءَ جو ٽيٽو پنتي هلائين ٿا.... جيڪڏھن اُٺ ڪان سواءِ ڪو سواري ڪري ٿو، موٽر ۾ چڙھي ٿو تہ اھا بدعت آھي. هيءَ دوا نہ ڪائڻ گھرجي، ڇوتہ فلاڻي دور ۾ اھا استعمال نہ ٿيندي هئي. ڇوڪرين کي پڙھڻ نہ ڏيو، ڏاڙھي نہ ڪوڙيو. انھن شين کي رجعت پسندي سڏبو آھي. شادي ٿيندي تہ پنھنجي ڪٽنب ۾ ٿيندي. شاديون زبردستيءَ واريون ٿي رھيون آھن، پر عالم سڳورا خاموش آھن، ٻڙڪ نہ ٿا ڪيڻ. اھي سڀ قوتون، وڏيرا، رجعت پسند، ھٽ نوڪيا عالم، ترقي پسند، جيڪي ترقيءَ جي نالي تي نچن ٽپن ٿا، آئون نچڻ ڳائڻ جي حق ۾ آھيان، اھا تعليم تمام سٺي شيءِ آھي پر سڄو ڪم ڇا رڳو نچڻ ڳائڻ آھي؟ ٻيو ڪجھ بہ ناھي ڪرڻو؟ ترقي ناھي ڪرڻي، محنت ناھي ڪرڻي، پڙھڻو ناھي، نيڪيءَ جا ۽ سٺا ڪم ناھن ڪرڻا، ان جي آئون خلاف آھيان، تنھن ڪري جيڪي قوتون انسانذات جي ڀلائي، نيڪي، ان جي ٻڌي ۽ سربلنديءَ جي راھ ۾ رڪاوٽ آھن، اھي رجعت پسند قوتون آھن، ڀلي اھي ڪنھن مذھب يا فرقي سان واسطو رکندیون ھجن. رستو روڪيندڙ سڀ قوتون رجعت پسند آھن. عوام دشمن ۽ انقلاب دشمن آھن.

فرائيڊي اسپيشل: ڪجھ ماڻھن جو خيال آھي تہ فيڊريشن ڪمزور آھي. جيڪڏھن توھان ان خيال سان سھمت آھيو تہ ان جا سبب ڪھڙا آھن ؟

رسول بخش پليجو: پاڪستان ۾ ڪا فيڊريشن آھي ئي ڪانہ. جيئن مون پھريان چيو تہ پاڪستان ھڪ سامراجي ڪالوني آھي، جنھن جو ڪو مرڪز نہ آھي. ھتي ڊڪٽيٽرشپ آھي ۽ صوبائي يا قومي خودمختياري نہ آھي. ماڻھن کي رڳو ڦاسايو ويو آھي. پاڪستان جي نالي تي غلام ٻڌايو ويو. جيئن چنگيز جي حڪومت ھئي، حجاج بن يوسف جي حڪومت ھئي، اھي ڏاڙھي وارا ھيا يا بغير ڏاڙھي وارا. اھي ڊڪٽيٽر آھن، بدمعاش آھن، ڪرمنل آھن، پھرئين ڏينھن کان سامراج جا غلام آھن. اسان جيل جي ھڪ بند وارڊ ۾ واڙيل آھيون. آئون ڏھ سال جيل ۾ رھيو آھيان. جڏھن اسان لاڪ اپ مان سينٽرل جيل ويندا ھئاسين تہ ڏاڍو خوش ٿيندا ھئاسين، پر اسان تہ سينٽرل جيل، جيڪو انڊيا ھو، ان مان نڪري پاڪستاني لاڪ اپ، جنھن کي مملڪتِ خداداد پاڪستان سڏجي ٿو، جي لاڪ اپ ۾ واڙيا ويا آھيون. سينٽرل جيل ۾ ڪليل ھئاسين، دھلي وجي سگھياسين ٿي، لکنؤ وجي سگھياسين ٿي، ڪلڪتي وجي سگھياسين ٿي، ھاڻ تہ ھنن بدمعاشن ۽ ڪرمنلن جي حوالي ٿي ويا آھيون. 1940ع جي قرارداد، جنھن تي اسان متفق ھئاسين، ھي ان جي خلاف آھن. ھي ڊڪٽيٽر آھن، غلام بنائيندڙ آھن. ھنن کي ان جو ڪو اختيار نہ آھي، نہ اخلاقي، نہ سياسي. آئون پاڪستان جي آئين سميت دنيا جي آئينن جو شاگرد آھيان. 1940ع جي قرارداد تي مون تحقيق ڪئي آھي، ڪتاب لکيا آھن، پاڪستان جي تاريخ تي بہ لکي رھيو آھيان، آئون تحقيق ڪندڙ آھيان.

فرائيڊي اسپيشل: توهان 1940ع جي قرارداد جو ذڪر ڪيو، ان بابت پڙهندڙ ڄاڻڻ چاهيندا.

رسول بخش پليجو: مختلف رياستون هيون، جوتہ قائداعظم محمد علي جناح چيو تہ ڪابہ اهڙي رياست، جيڪا مخالف هجي، مخالف رويو رکندي هجي، اها مخالفت مذهب جي بنياد تي، ٻوليءَ جي بنياد تي، تهذيب جي بنياد تي هجي، ان جي سڃاڻپ مذهبي نہ هئي، يعني قائداعظم جا لفظ هي هئا تہ ٿورايون رڳو ان بنياد تي ناهن هوندیون تہ ان جو مذهب الڳ هجي، ٿورايون ان بنياد تي بہ ٿيندیون آهن تہ انهن جو سياسي مخالف هجي. مثال طور: يورپ آهي، جتي سڀ ماڻهو عيسائي آهن، پر هو هڪ ئي رياست ۾ نہ ٿا رهن. نيپال ۽ هندستان هندو آهن، پر هڪ نہ آهن. ترڪي ۽ سڄي عرب دنيا جو هڪ ئي مذهب آهي. هڪ مذهب جا ماڻهو هڪ ئي رياست قائم ڪن، اها بيوقوفيءَ جي ڳالهہ آهي. تاريخ ۾ ائين آهي ئي ڪونہ. هڪ ئي مذهب ۽ هڪ ئي فرقو رکندڙ حڪومتون سدائين وڙهندیون رهيون آهن. ايران، ترڪي، هندستان وغيره وغيره سڄو وقت وڙهندا رهيا آهن، تہ پاڪستان جي الڳ ٿيڻ جو اهو مقصد نہ هو تہ مذهب الڳ هئا. مذهب تہ سڄي دنيا جا الڳ آهن. يورپ جا ماڻهو عيسائي مذهبن جا آهن تہ ڇا يورپ وارا گڏ ٿي ويا؟ هاڻ ٿيا آهن، پهريان تہ جنگيون ڪندا هئا. هتي هڪ صوبو، هڪ فوج مخالف آهي سيني جي ۽ هندستان مان آيل نوڪرشاهي بہ سامراجي پٺو هئي، دشمن هئي. لياقت علي خان جي اڳواڻيءَ ۾ اهي عوام دشمن هئا، قاتل هئا، جلاد هئا. اهي ماڻهو اچي قابض ٿي ويا. هتي اچڻ جو ڪو ناهہ ٿيل نہ هو، يعني پاڪستان جا وڏيرا، پيرن، مير سڀ بدمعاش هئا، ڪرمنل هئا، اڄ بہ ڪرمنل آهن. اها سڄي ڏپ ۽ بدبوءِ سياسي ۽ سماجي هئي. هي عوام دشمن ۽ قابض آهن. هنن کي سامراج جو تحفظ گهرجي. پاڪستان جنهن جو دستور آهي تہ Homeland of the Nations آزاد قومن جو وطن هوندو، خودمختيار وطن هوندو. هيءَ ڪا سلطنت قائم نہ ڪئي ويئي هئي. اسان ڪڏهن بہ پنجاب جي ماتحتي نہ ٿا چاهيون. ڇو پنجاب جي ماتحت هجون؟ اسان ڇو يو- پيءَ جا ماتحت هجون؟ يو- پيءَ وارا اسان جا ماتحت ڇو هجن؟ اسان مسلمان آهيون، تنهن ڪري اسان کي غلام هجڻ گهرجي پنجاب جو، اسان کي غلام هجڻ گهرجي يو- پيءَ جو. اسان کي غلام هجڻ گهرجي بنگال جو يا بنگال کي غلام هجڻ گهرجي يو- پيءَ جو يا اسان کي غلام هجڻ گهرجي انهن پيرن، ميرن، بدمعاش وڏيرن ۽ جاگيردارن جو يا انهن دهشتگرد غنڊن جو، جيڪي ڪراچيءَ ۾ وينا آهن. سنڌ ۾ جيڪي خناس قسم جا جاگيردار وينا آهن، انهن جي غلامي ڪريون، جيڪي عورتن کي قتل ڪن ٿا، جيڪي زبردستيءَ واريون شاديون ڪن ٿا، اهي زنا ڪن ٿا، انهن جو اولاد زاني جو اولاد هوندو. اهو ڪهڙي شريعت ۾ آهي؟ اسان بہ شريعت جا شاگرد آهيون. شريعت اسان جو سبجيڪٽ آهي. هي سڀ ڪتاب (پنهنجي لائبريريءَ ڏانهن اشارو ڪندي)

شريعت جا ڪتاب آهن. هي حديثون آهن، هي تفسير آهن. اسان کان بهتر توهان نہ ٿا ڄاڻو. توهان ڪڏهن چيو آهي تہ هي جيڪي شاديون ڪري رهيا آهن، اهو ظلم آهي؟ هي جيڪي اپر سنڌ ۾ زبردستي شاديون ٿي رهيون آهن، اهو ظلم آهي؟ اهو ڪڏهن چيو تہ هي زنا آهي، هي ڪارو ڪاري غلط آهي؟ آئون تہ انهن کي بہ ڏوهاري سمجهان ٿو جيڪي ڏاڙهي وارا آهن. ڏاڙهي رکڻ سان ڪو سنو ماڻهو ناهي ٿي ويندو. ڏاڙهي رکڻ نہ رکڻ سان ڪو فرق نہ ٿو پوي. انهن سيني رجعت پسند قوتن، عوام دشمن قوتن خلاف جدوجهد ڪرڻ گهرجي.

فرائيڊي اسپيشل: حالتن کي ان هنڌ پهچائڻ جو ذميوار ڪير آهي؟

رسول بخش پليجو: سيئي ذميوار آهن. عالم سڳورن پهريان مسلمانن کي اڻ پڙهيل رکيو، انگريزي پڙهڻ نہ ڏني. هو جاهل رهجي ويا، پنتي رهجي ويا، مقابلي جي دنيا ۾ نہ آيا. اهو تہ سر سيد جو پلو ٽئي جو هن چيو تہ هيءَ (انگريزي) تعليم حاصل ڪريو.

فرائيڊي اسپيشل: سول ادارن ۾ فوج جي مداخلت وڌي رهي آهي. هر هنڌ فوج جا ماڻهو وينا آهن. اهو لاڙو ڪيئن آهي، ڪٿان آيو آهي؟ ان بابت توهان جي راءِ ڪهڙي آهي؟

رسول بخش پليجو: فوج لاءِ ميدان پهريان لياقت علي خان صاف ڪيو. چوتہ اهي سڀ ايجنٽ پاڻ ۾ مليل هئا، پوءِ جيڪي بيوروڪريٽ هئا، خاص طور تي جيڪي يو- پيءَ مان آيا هئا، سي- پيءَ مان آيا هئا، انهن تيار ڪيو، يعني غلام محمد وغيره. پوءِ فوج آئي. اها پنو فوج هئي، پنو فوج آهي، غلام فوج هئي، غلام فوج آهي، ۽ سامراج هميشہ هن کي پنهنجو سڀ کان وڌيڪ ڪم وارو ادارو سمجهيو، تنهن ڪري انهن هن کي استعمال ڪيو. پنو سڀ آهن، عوام دشمن سڀ آهن، انسانيت دشمن سڀ آهن، پر هي وڌيڪ اثرائتا هوندا آهن ۽ وڌيڪ نقصان ڏيندا آهن. فوجي جنرل صاحبن پاڪستان کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. بي شرميءَ سان پنهنجن ماڻهن کي وڪڻي پئسا ۽ خيرات ونڊي رهيا آهن. سامراج جرنيلن وسيلي پاڪستان کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي.

فرائيڊي اسپيشل: 11/9 کان پوءِ جنرل مشرف جي قومي مفاد جي نالي تي اپنايل پاليسيءَ تي توهان ڪهڙو تبصرو ڪندا؟

رسول بخش پليجو: رڪارڊ جي ڳالهہ اها آهي تہ جڏهن سينئر بش جي دور ۾ عراق تي حملو ٿيو هو تہ پاڪستان جي فوج جو ڪمانڊر ان چيف جنرل مرزا اسلم بيگ هو. هن چيو هو تہ اتحادي فوجن کي حملو نہ ڪرڻ گهرجي. آسٽريليا جو جيڪو پاڪستان ۾ فوجي نمائندو هو، جنهن پاڪستان آرميءَ تي ڪتاب لکيو آهي، هن لکيو آهي تہ پرويز مشرف اهو اڪيلو ماڻهو هو، جنهن چيو تہ پاڪستان کي آمريڪا جو ساٿ ڏيڻ گهرجي. پاڪ آرمي کي آمريڪا سان گڏجي حملو ڪرڻ گهرجي، تہ ضياءُ الحق وانگر هي بہ آمريڪي ماڻهو آهي. اها شرمناڪ، غداريءَ واري

۾ عوام دشمن پاليسي هئي، پر ڳالھ هيءَ آهي تہ غداري ۾ عوام دشمنيءَ کان سواءِ انھن ڪيو ئي ڇا آهي؟ ايوب وڏي فخر سان چوندو هو تہ سي آءِ اي جو جيڪو سربراھ آهي، ان جو آئون دوست آهيان. ايجنٽن کي هو دوست سڏين ٿا.

فرائيڊي اسپيشل: توهان سڄي زندگي قوم پرستيءَ جي سياست ڪئي آهي. قوم پرستن جي اڪثريت بابت چيو وڃي ٿو تہ اهي اسٽيبلشمينٽ جي پيداوار آهن.

رسول بخش پليجو: نہ، نہ! مون قوم پرستيءَ جي سياست نہ ڪئي آهي. 1947ع ۾ پاڪستان ٺھڻ کان پوءِ ھڪ- ٻن سالن تائين آئون مذهبي ماڻھو رهيو آهيان ۽ مدرسن ۾ پڙهيو آهيان. سنڌ مدرسي ۾ هئس، جناح صاحب اتي آيو هو ۽ مڪتبن ۾ بہ پڙهيو آهيان. اتي فقہ پڙهائي ويندي هئي. منهنجي سيڪنڈ لينگويج عربي هئي ۽ اسلامي تاريخ ۾ منهنجي اسپيشلائيزيشن هئي. آئون تہ انھن ڏينھن ۾ محمد بن قاسم جي فوج ناھڻ جي فڪر ۾ هئس، پر ان کان پوءِ آئون هاري ڪميٽيءَ ۾ ويس، ادبي سنگت ۾ شامل ٿيس. ان کان پوءِ سنڌ ۾ هارين جي تحريڪ سان لاڳاپيل رهيس. مون کڏهن پنهنجو پاڻ کي قوم پرست نہ سمجهيو آهي. آئون قوم پرستيءَ جي لفظ کي صحيح نہ ٿو سمجهان. پرستش جي آئون خلاف آهيان. پرست جي معنيٰ انڊي پرستش آهي. اسان جيڪو سنو ڪم سمجهنداسين، ڪنداسين. مثال طور: سنڌي جيڪڏهن اردو ڳالهائيندڙن يا بلوچن تي قبضو ڪندا تہ ڇا آئون انھن جي پرستش ڪندس؟ انھن کي صحيح سمجهندس؟ مسلمان جيڪڏهن هندن تي حملو ڪندا، انھن سان ناجائزي ڪندا، آئون انھن جي پرستش ڪندس؟ جيڪڏهن مذهب پرستي ڪندس تہ منهنجي اصولن جو ڪارو منھن ٿي ويندو. هرگز نہ! کڏهن بہ نہ! آئون پرستش نہ ڪندس. آئون قوم پرستي ناهيان ڪندو. ها، جتي اسان مظلومن لاءِ وڙهون ٿا، فلسطيني مظلومن لاءِ وڙهون ٿا، عراق لاءِ وڙهون ٿا، افغانستان ۾ ظلم ٿئي ٿو تہ انھن لاءِ وڙهون ٿا، بربريت جتي بہ هجي، آئون ان جي خلاف آهيان. مسلمان ممبئي ۾ مارجن ٿا يا ويٽنام ۾ عام ماڻھو.... سڄي جهان جو درد اسان جي دل ۾ آهي، تہ آئون قوم پرست نہ آهيان ۽ نہ ئي آئون قوم پرست سڏائڻ پسند ڪريان ٿو. اسان تہ انسان دوست آهيون، انقلابي ۽ وطن دوست آهيون. منهنجي وطن ۾ ظلم ٿيندو، منهنجي ڀاءُ تي ظلم ٿيندو، تہ ظاهر آهي تہ آئون ان لاءِ وڙهندس، پر رڳو ان وقت تائين، جيستائين منهنجو ڀاءُ ظالم نہ بڻجي وڃي. آئون هي نہ ٿو مڃان تہ رڳو سنڌي ماڻھو سڻا آهن، ٻيا ماڻھو خراب آهن. سنڌي هجڻ منهنجي نظر ۾ ڪو گڻ نہ آهي. منهنجا هيرو سڄي دنيا جا ماڻھو آهن. آئون انھن کان روحاني هدايت حاصل ڪندو آهيان. آئون پنهنجو پاڻ کي قوم پرست ناهيان سڏائيندو.

فرائيڊي اسپيشل: منهنجي سوال جو ٻيو حصو هو تہ قومپرست سياستدانن جي باري ۾ چيو ويندو آهي تہ اهي اسٽيبلشمينٽ جي پيداوار آهن.

رسول بخش پليجو: آئون توهان جي سوال جي قطع نظر اهو چوان ٿو تہ تمام گھڻن عالمن سڳورن، جمهوريت پسندن، وطن پرستن، ترقي پسندن تي اهو الزام سچو ثابت ٿئي ٿو، ڇوتہ سڄي معاشري تي سامراج جو غلبو آهي، تنهن ڪري تمام گھڻن ماڻهن کي انهن خريد ڪري ورتو آهي. هي الزام صرف هڪ ٽولي لاءِ نہ آهي، ان ۾ سڀ ٽولا شامل آهن، ان ۾ تمام گھڻا ماڻهو توهان جي تعريف تي پورا لهن ٿا.

فرائيڊي اسپيشل: گلوبلائيزيشن بابت ڪجھ ماڻهن جو خيال آهي تہ اها آمريڪن ۽ يورپين امپريلزم جي نئين شڪل آهي ۽ هڪ نئين ايسٽ انڊيا ڪمپني قوم تي مسلط ٿي رهي آهي، پر گڏوگڏ ڪجھ ماڻهن جو هيءُ بہ چوڻ آهي تہ ترقيءَ جا نوان دروازا کلي رهيا آهن، توهان ڇا ٿا چئو؟

رسول بخش پليجو: واقعي ترقيءَ جا تہ تمام گھڻا دروازا کليا آهن، پر هتي ڪجھ ماڻهو اڃان بہ آهن، جيڪي عورتن کي جيئري دفن ڪرڻ چاهن ٿا. هتان جا وڏيرا، سرمائيدار فائيو استار هوٽلن ۾ وڃن ٿا، پڙهن ٿا، تعليم حاصل ڪن ٿا، يورپ ۾ اسڪالرشپون ملن ٿيون، پر مجموعي طور تي هي هڪ نئون سامراجي نظام آهي، جنهن کي نوان ڪپڙا پهرايا ويا آهن. سُڻا پاسا انگريز سامراج جا بہ هئا. اسلام جي نالي تي بہ سامراج رهيو آهي. ٻين قومن کي غلام بڻايو ويو ۽ اهي ڪنهن بہ طرح انهن کان گهٽ نہ هئا. هڪ قوم، هڪ علائقو ٻئي تي وڃي جڏهن حملو ڪري ٿو، ان کي غلام بڻائي ٿو، تہ ڪيتريون بہ آيتون پڙهي، ورد پڙهي يا اشلوڪ پڙهي پر ظلم تہ ظلم آهي. پهريان ايراني سلطنت ۽ رومي سلطنت پاڻ ۾ وڙهندیون هيون، مسلمانن ٻنهي علائقن تي قبضو ڪيو، صليبي جنگيون لڳيون، هڪ ملڪ سڄي يورپ کي شڪست ڏني، پرتگال ۽ اسپين تي قبضو ڪيو، ترڪ آيا، اڌ يورپ تي قبضو ڪري ورتائون. اهڙيءَ طرح رقابت ٻن قوتن ۾ آهي، يعني اولهہ ۽ مسلمانن جي وچ ۾. ايٽلانٽڪ کان ونڊي پيسفڪ تائين سڄي تاريخ آهي، ان ۾ مسلمان ڪيئن آهن، اسان کي خبر آهي، تنهن ڪري صليبين اسان کي ڄاڻي واڻي پٺتي پيل رکيو. ڄاڻي واڻي وڏيراشاهي مسلط رکي يا پيرن کي رکيو، خانن کي رکيو. ڇا هو انهن کي ختم نہ ٿي ڪري سگهيا؟ هندو علائقن کي انهن جاگيرداريءَ کان آجو ڪرايو، اتي تعليم ڏني، يونيورسٽيون قائم ڪيون. ڄاڻي واڻي هتي نہ ڪيون. پنجاب کي بہ رڳو ان لاءِ بخشيو، ڇوتہ پنجاب آرميءَ ۾ هو ۽ هو رجعت پسند ڪم ڪري رهيو هو. بلوچن ۽ پشتونن کي جاهل رکيو. اڃان بہ اهي جاهل آهن، پراڻي سوچ وارا آهن، دقيانوسي آهن، پڙهن نہ ٿا، تنهن ڪري اهو بہ هڪ سبب آهي تہ مسلمان خاص طور تي گلوبلائيزيشن جو نشانو آهن.

فرائيڊي اسپيشل: يعني توهان اهو چوڻ گهرو ٿا تہ هي تهذيبن جو ٽڪراءُ آهي؟

رسول بخش پليجو: آئون تهذيب جي ڳالهہ نہ ٿو ڪريان. تهذيبون تہ هڪ ٻئي

کان سکن ٿيون، پر سوشل ۽ پوليٽيڪل رقيب قوتن جي وچ ۾ هڪ ٽڪراءُ آهي. تهذيبون ته هڪ ٻئي کان متاثر ٿين ٿيون. مثال طور: تصوف کي ونو، تصوف يهودين وٽ ب آهي، عيسائين وٽ ب آهي، هندن وٽ ب آهي، شنڪر آچاريہ تمام وڏو صوفي هو، جنهن کي اسان وحدت الوجود چئون ٿا، پر فرق هي آهي ته هي ابن العربي کان گهڻيون صديون اڳ آيو هو ۽ هي جيڪي يهودي آهن، انهن جي هڪ وڏي چيو هو ته هي ماڻهو جسم جي عبادت جي ڳالهہ ڪن ٿا، پر دل جي عبادتن جو ذڪر نہ ٿا ڪن. يهودين، عيسائين ۽ مسلمانن جي تهذيب ته بنيادي طور تي هڪ آهي، پر فڪر مختلف آهي. ٻڌ مذهب ۽ هندو مذهب ۾ تمام گهڻيون ڳالهيون مشترڪ آهن، پر جيڪا پوليٽيڪل يا سياسي رقابت آهي، اها صديون پراڻي آهي. گهٽ ۾ گهٽ پندرنهن سئو- سورنهن سئو سالن کان اهي ماڻهو اسان کي رقيب سمجهندا رهيا ۽ جائز طور تي سمجهندا رهيا آهن. هنن کي هاڻ وڏو خطرو مسلمانن مان آهي. جيڪڏهن مسلمان مُلا ٻڌجي وڃن ته هنن کي ڊپ ته لڳندو، پر ايترو نہ لڳندو جيترو مسلمانن جي ماڊرن، سائنس تي هلندڙ، مهذب، عادل، انسان دوست، عوام دوست قوت بنجڻ کان لڳندو، ڇوتہ سامراج ان جو مقابلو نہ ڪري سگهندو، باقي هي عراق ۽ سعودي عرب وارا ڊرامو ڪيو، مذهب جي نالي تي هلي رهيا آهن، انهن کان سامراج کي وڏيڪ خطرو نہ آهي، يا هي جيڪي اسان جون ننڍيون جمهوري قوتون آهن، هو انهن کان ب نہ ٿا ڊڄن.

فرائيڊي اسپيشل: گلوبلائيزيشن جي دور ۾ قوم پرستيءَ جي ڪيتري گنجائش آهي؟

رسول بخش پليجو: قوم پرستيءَ جو جيڪڏهن مطلب هي آهي ته مظلوم قومن جي حقن جي ڳالهہ ڪرڻ ته تمام وڏي گنجائش آهي ۽ ان معنيٰ ۾ توهان سڄي دنيا جي مسلمانن کي قوم پرست چئي سگهو ٿا. جيڪو ب ماڻهو سامراج جو غلام نہ ٿو بنجڻ چاهي، اهو سامراج دشمن آهي.

فرائيڊي اسپيشل: عالمِ اسلام ۾ مسلم عوام جو لاڙو قرمار ڪندڙ قوتن خلاف وڏي شدت اختيار ڪري چڪو آهي، پر ٻئي طرف حڪمرانن جو طريقيڪار قرمار ڪندڙ طاقتن سان گڏ هلندي نظر اچي ٿو، توهان هن صورتحال تي ڇا چوندا؟

رسول بخش پليجو: جيڪو انهن سان گڏ آهي، ڏوهاري آهي. اهو نہ رڳو مسلم دشمن ۽ عوام دشمن آهي ۽ بي حياءُ ب آهي ۽ سڄي انسانيت لاءِ خطرو آهي، ڇوتہ ايترن سارن ملڪن ۾ جيڪڏهن اهي ماڻهو قابض رهيا ته سڄي دنيا جون قوتون ڪمزور ٿي ويندیون.

فرائيڊي اسپيشل: خانگائڻ جو عمل تيزيءَ سان جاري آهي. پُڇڙن مٺ تي غير شفاف عمل وسيلي اثاثا وڪرو ڪيا پيا وڃن. استيل مل جي خانگائڻ ۾ بي

قاعدگيون هاڻ مڃيل آهن. توهان ان تي ڇا چوندا؟

رسول بخش پليجو: خانگائڻ جي نالي تي جيڪي وسيلا هيا، انهن وڪٽي پاڻ ۾ ورهائي هڙپ ڪري ڇڏيا. بدمعاشن جيئن روس کي ڪنگلو بڻائي ڇڏيو هو. هاڻ پيوٽن آيو آهي، نه ته هي ته سڄي روس جا اثاثا هڙپ ڪري چڪا هئا، سڀ شيون وڪٽي پئسو آمريڪا ۾ وڃي گڏ ڪيائون. هتي به اهو ڪجهه ٿي رهيو آهي. هي چيف جسٽس ڇو معطل ٿيو آهي؟ ان لاءِ ته هي خانگائڻ جو عمل، جنهن وسيلي حڪمران بدمعاشي ڪندا هئا، ان ۾ تمام وڏي رڪاوٽ هي هئا. خانگائڻ جو عمل صرف بدمعاشيءَ جو ڏنڈو آهي.

فرائيڊي اسپيشل: خانگائڻ جا ڪهڙا نقصان آهن ؟

رسول بخش پليجو: ڏسو! ان عمل سان توهان جا جيڪي وسيلا آهن، اهي پڳڙن مٽ تي وڪرو ڪيا وڃن ٿا ۽ استيل مل وغيره جهڙا اثاثا، جيڪي توهان گڏ ڪيا آهن، سڀ ختم ٿي ويندا. سرمائيدار نظام چورن جو نظام آهي، پاڻ ۾ گڏجي غريب ملڪن ۾ يتيمن جو مال وڪٽي هڙپ ڪري ويندا. استيٽ به چور آهي، چورن جو قبضو آهي. پاڪستان کي به چورن وڪٽي ڪنگلو ڪري ڇڏيو آهي.

فرائيڊي اسپيشل، قوم پرستيءَ جي تحريڪ هڪ حوالي سان سيڪيولر تحريڪ آهي. ان جي ناڪاميءَ جي پين سببن سان گڏوگڏ هڪ هي به آهي ته اهو پاپولر موقف نه آهي. ڇا توهان ان خيال سان سهمت آهيو؟

رسول بخش پليجو: قوم پرستيءَ جي معنيٰ آهي پنهنجي وطن سان محبت ڪرڻ. پر جيڪڏهن قوم پرستيءَ جي معنيٰ فاشسٽ آهي، جيئن هٽلر ڪيو، يعني پنهنجي قوم جي پلائيءَ لاءِ باقي سڀني کي غلام بڻائي ڇڏيو ۽ دنيا تي قابض ٿي وڃو، اها قوم پرستي نه آهي. آئون وطن دوستيءَ جو لفظ استعمال ڪرڻ پسند ڪندس. مثال طور: توهان جا ماڻهو غلام آهن، توهان انهن کي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ ڪم ڪريو ته اهو سڀ کان وڌيڪ پاپولر آهي، روس ۾ اهوئي هو. چين ۽ ويٽنام ۾ به اهوئي هو، پر پهريان ته عربن ۾ به اهوئي هو. هو ايران جا غلام هئا، روم جا غلام هئا. ان ۾ رڳو مذهب جي ڳالهه نه هئي، اهو هڪ قومي آزاديءَ جو مامرو هو. اهي ماڻهو آمريڪا مان اچي حملو ڪندا هئا، انهن کي غلام بڻائيندا هئا. هي جيڪو حجاز جو علائقو آهي ۽ هي جيڪو يمن وارا حڪومت ڪندا هئا، اتي به قومي آزاديءَ جو معاملو هو ۽ گهٽن ئي علائقن مان اچي ماڻهن کي تنگ ڪندا هئا. اڄ به وطن دوستيءَ جي نالي تي اهوئي ٿي رهيو آهي. مثال طور: مسلمانن فرقن جي اختلافن کان مٿانهون ٿي جيڪي آزاديءَ جون تحريڪون هلايون، انهن ۾ پنهنجي وطن جي ماڻهن سان محبت جو عنصر شامل نه هجي ها ته اهي ڪامياب نه ٿين ها ۽ سيني سنين ڳالهين سان گڏوگڏ هي به هو ته منهنجي ملڪ جو عوام بکيو آهي، انهن جا وسيلا ڦريا پيا وڃن، منهنجو ملڪ غلام آهي، ته جيڪي عظيم جنگيون ٿيون آهن، انهن ۾

پنهنجي وطن جي عوام سان محبت سان گڏوگڏ سڄي دنيا جي عوام سان محبت جو عنصر شامل هوندو هو. پر شروعات ته پنهنجي گهر مان ئي ٿيندي آهي ۽ جيڪي پنهنجي وطن سان محبت ڪندا آهن، اهي مقبول هوندا آهن، هيرو هوندا آهن، انهن سان ماڻهو محبت ڪندا آهن، جيئن مصطفيٰ ڪمال پاشا هو، هن جا عقيدا ڪهڙا به هئا پر ماڻهو هن سان محبت ڪندا هئا ۽ ايان به ڪن ٿا، چوته هن ترڪيءَ کي غلام بنجڻ نه ڏنو. دنيا ۾ ٻيون به چوتڪاري جون وڏيون وڏيون تحريڪون آهن، زمبابوي هو، ڏکڻ آفريڪا هو، ڪجهه آمريڪي انگريزن جي غلاميءَ مان نڪرڻ لاءِ نيشنلسٽ هئا. ابراهيم لنڪن نيشنلسٽ هو، جارج واشنگٽن به نيشنلسٽ هو، پر اهي ماڻهو ته گهٽا مشهور هئا.

فرائيڊي اسپيشل: اسان ڏسي رهيا آهيون ته امپريلزم جي خلاف جيڪا مزاحمت ٿي رهي آهي، اها مذهبي قوتون ڪري رهيون آهن. فلسطين، عراق، افغانستان جو مثال اسان جي آڏو آهي. ڇا ان عالمي منظرنامي ۾ مذهبي قوتون ئي حقيقتاً اسان لاءِ رول ماڊل آهن ؟

رسول بخش پليجو: (سوچيندي) ڏسو! هن دنيا جو نظام اهڙو آهي جو سنو ۽ خراب هڪ ئي شيءِ ۾ هوندو آهي ۽ سني ۽ خراب جي وچ ۾ ٽڪراءُ به هوندو آهي ۽ اتحاد به هوندو آهي. هڪ ئي جاءِ تي گڏ هوندا آهن، هڪ ئي عمل هوندو آهي. ان ۾ ڪجهه پاسا ترقي پسنديءَ جا هوندا آهن ۽ سنا هوندا آهن، ڪجهه پاسا جيڪي ان سان ڳنڍيل هوندا آهن، اهي رجعت پرست هوندا آهن، سنا نه هوندا آهن. سنا ڪم ڪرڻ لاءِ توهان کي ڪجهه خراب ڪم ڪرڻا پوندا. ڪو خراب ڪم ڪرڻ لاءِ توهان کو سنو ڪم ڪريو ٿا. مثال طور: ڪنهن سان فراڊ ڪرڻو آهي ته توهان نماز پڙهندا، ڏاڙهي رکندا. جيڪڏهن توهان کي ملڪ وڪڻڻو آهي ته توهان جينٽل مين بڻجندا، مشرف بڻجندا، روشن خيال، روشن خيال، روشن خيال، جمهوريت، جمهوريت، جمهوريت... اهي سڀ درجا هوندا آهن. اڄڪلهه جنهن کي توهان دهشتگرد چئو ٿا، ان جون تمام گهڻيون علامتون ۽ پاسا سنا نه آهن ۽ ان جي همت وڌائي نه ٿي سگهجي، پر جڏهن هيروشيما ۾ سامراجي بم اڇلن ٿا ته انهن جي مذمت ڇو نه ٿي ڪئي وڃي؟ جڏهن توهان جنگ ڪريو ٿا ته اها ته وحشت ۽ بربريت کان سواءِ ٿي ئي نه ٿي سگهي. هي جيڪي عالم سڳورا وينا آهن، آئون انهن جي سخت خلاف آهيان. جيڪڏهن هي آمريڪا جا پنو نه بڻجن ها، آمريڪا کان ڏوڪڙ وٺي، ضياءُ الحق جهڙن بدمعاشن سان گڏجي، هي جيڪڏهن روس سان جنگ نه ڪن ها، آمريڪا کي آزاد نه ٻڌائين ها ته هو ايڏو وڏو دجال ڪيئن بڻجي ها! هيءَ جيڪا وحشت ۽ بربريت انهن ڪئي، اهي ڪهڙي امت جي اجازت سان آمريڪا جا غازي بڻجي ويا هئا جو ريگن انهن کي غازي سڏي رهيو هو؟ آئون ڪابل به ويو هئس، آئون نجيب الله سان به مليو هئس. هو منهنجو دوست هو. جڏهن به آئون ڪابل دوري تي

ويندو هئس تہ آئون اسڪول ڏسندو هئس. ان وقت عوامي نيشنل پارٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل هئس. هن مون کي آڇ ڪئي تہ توهان انهن ماڻهن کي گهرايو ۽ اسان انهن ماڻهن سان آمريڪا کان سواءِ ٻاهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. مون ولي خان کي ٻڌايو، پر بدقسمتيءَ سان ائين نہ ٿي سگهيو. ان کان پوءِ مون کي روس بہ آڇ ڪئي تہ توهان پاڻ ۾ گڏجي فيصلو ڪريو، سامراج کي ڇڏيو، گڏجي اليڪشن ڪرايون ٿا، جيڪو ڪرڻو آهي، پاڻ ۾ ڪريو، پر ضياءُ جيئن تہ پٺو هو، ان ڪري نہ مڃيائين. مون اها آڇ هن تائين پهچائي. آئون ماسڪو بہ ويو هئس، تہ مون کي خبر آهي تہ اهو سڄو مجرماڻو فعل هو. آمريڪا جي هڪ اعليٰ اهلڪار ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ هن چيو آهي تہ هي جيڪو چون ٿا تہ مجاهدين ويا هئا، چوتہ روس حملو ڪيو هو، ائين نہ هو. روس کو حملو نہ ڪيو، اسان روسين کي ٽريپ ڪيو. پهرين اسان وڃي ان تي حملو ڪيو هو، تہ جيئن روسي اچن تہ اسان انهن کان ويٽنام جو بدلو وٺون، آئون تہ انهن سيني کي ڏوهاري سمجهان ٿو، سڀ ڪرمنل آهن. سڄي دنيا ۾ جتي جيترا مسلمان قتل ٿيا آهن، ان جا ذميوار عالم سڳورا بہ آهن. جيڪڏهن توهان کي سياست جي خبر نہ آهي تہ توهان سياست چو ٿا ڪريو؟ اڄ بہ اهوئي ڪري رهيا آهن. انهن جو هاڻوڪو جيڪو ڪردار آهي، اهو بہ مجرماڻو ڪردار آهي. جيتوڻيڪ آئون اڃڪلهہ جي حوالي سان جماعت اسلاميءَ کي ڪجهہ بهتر سمجهان ٿو، نہ تہ آئون ان جي خلاف رهيو آهيان. مون جماعت اسلاميءَ خلاف ڪتاب لکيا آهن، پر اڃڪلهہ هو ٿوري وڌيڪ ذميواريءَ جو ثبوت ڏيئي رهيا آهن. اهو چوڻ تہ اڄ سامراج آڏو رڳو مُلا آهن، هن وقت صرف ۽ صرف ديني ماڻهو وڙهي رهيا آهن، باقي واندا ويٺا آهن، سڀ مسلمان ڇڻ چپ آهن، اهي ڪجهہ ڪري نہ ٿا سگهن، ادا! جيڪڏهن اهو غلط آهي تہ توهان سنو رستو ڏيکاريو! مزاحمت تہ اهي ڪري رهيا آهن، مري تہ اهي رهيا آهن، ٻار بہ انهن جا مري رهيا آهن، توهان چا پيا ڪريو! جڏهن مون کي اهو ڪير ٻڌائيندو آهي تہ آئون چوندو آهيان تہ توهان چا ڪيو؟ اڄ ڪروڙين مسلمان غلام آهن، اڄ سامراج آڏو ڪير آهي جيڪو چوي ٿو تہ توهان غلام نہ آهيو! اهي ئي ڏاڙهيءَ وارا آهن، اهي ئي عالم آهن. آئون مذاق ۾ چوندو آهيان تہ جيڪڏهن مُلن وٽ بهشت نہ هجي ها ۽ جيڪڏهن ايترا بهشت ۾ ويڙهہ لاءِ آتا نہ هجن ها تہ توهان جو ڇا ٿئي ها! توهان کان تہ هو ڪاڪوس صاف ڪرائين ها. آئون چوان ٿو تہ واقعي ميدان ۾ اهي ئي آهن.

فرائيڊي اسپيشل: توهان اهو مڃيو ٿا تہ پوءِ توهان کي بہ انهن قوتن سان هٿ گهرجي.

رسول بخش پليجو: مون چيو تہ انهن ۾ جيڪي خاميون آهن، آئون انهن جي خلاف آهيان. اڄ بہ آهيان ۽ ڪلهہ بہ هئس. آئون چوان ٿو تہ جيڪي ماڻهو سنا ڪم ڪري رهيا آهن، انهن جو اتحاد ٿيڻ گهرجي ۽ جيڪي عالم سڳورا صحيح ۽

ايمانداريءَ سان وطن جي خدمت ڪن ٿا، انهن جو اسان قدر ڪريون ٿا. انهن تي اسان کي فخر آهي، جيڪي سنا ڪم ڪن ٿا، جيڪي پنهنجي وطن لاءِ، ان جي دفاع لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪن ٿا، اسان انهن جي عزت ڪريون ٿا. اسين انهن کي سلام ڪريون ٿا ۽ انهن سان گڏ آهيون.

فرائيڊي اسپيشل: توهان عالم سڳورن جي حوالي سان چيو ته هو ماڻهن کي پڙهڻ نه ٿا ڏين، تعليم جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿا ۽ پراڻين شين سان واڳيل رهن ٿا، جيتوڻيڪ جيڪي مشهور عالم سڳورا آهن، انهن مان ته ڪوبه ائين نه ٿو چوي ته اسان تعليم جي خلاف آهيون يا جديديت جي خلاف آهيون، پر سنڌ ۾، بلوچستان ۾ وڏيرا، جاگيردار ۽ اهڙيون ٻيون طاقتون موجود آهن، سرحد ۾ به آهن جيڪي تعليم کان روڪين ٿيون، ته هي عالم سڳورن جو مسئلو ته نه آهي ۽ نه ئي مذهب جو مسئلو آهي. هي مسئلو ته ڪو ٻيو آهي، پر فوڪس عالم سڳورا هوندا آهن.

رسول بخش پليجو: توهان بلڪل صحيح چئي رهيا آهيو. جن جو توهان ذڪر ڪيو، اهي سڀ پڙهڻ نه ٿا ڏين، پر انهن سيني سان گڏوگڏ عالم سڳورا به ان ۾ شامل آهن. آئون پنهنجي غلطي تسليم ڪريان ٿو. اڄ به تمام گهڻا علائقا اهڙا آهن، جتي عالم سڳورا بنا ڏاڙهيءَ واري کي برداشت نٿا ڪن. اتي پڙهڻ بند ڪري ڇڏيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح تمام گهڻن علائقن ۾ جاگيردار ۽ وڏيرا به ائين ڪن ٿا، پر هاڻ اڳيان هنن کي سمجهيو وڃي ٿو ۽ ان جي مون کي خبر نه آهي ته ڇو؟ آئون ته ميڊيا جي حوالي سان ڳالهه ڪري رهيو آهيان. عالم سڳورن بابت اهي شڪايتون، مون کي سرحد مان مليون آهن. بلوچستان جي حوالي سان ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي.

فرائيڊي اسپيشل: ڪجهه ماڻهن جو هي چوڻ آهي ته الطاف حسين کي ڪراچيءَ ۾ جماعت اسلامي ۽ سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ اسٽيبلشمينٽ وڌي آئي هئي ۽ هاڻ جڏهن الطاف حسين لنڊن ۾ ويٺو آهي ۽ جنرل پرويز مشرف جو ساڃو هٿ ٻڌيل آهي، ايم ڪيو ايم کي پنجاب ۾ پاپولر ڪيو پيو وڃي، ڪشمير جي سيٽ ان حاصل ڪئي آهي، توهان ان سڄي صورتحال تي ڪهڙو تبصرو ڪندا؟

رسول بخش پليجو: ان حمام ۾ سڀ ننگا آهن. جماعت اسلاميءَ کي تعليمي ادارن ۾ استعمال ڪيو ويو، بنگال ۾ استعمال ڪيو ويو. اڄ سڀ کان وڏو مهرو الطاف آهي. هن کي آمريڪا ۾ ئي پرتي ڪيو ويو هو ۽ هن کي سڄي پاڪستان تي مسلط ڪيو پيو وڃي. خاص طور سنڌ ۽ بلوچستان هن جي حوالي ڪرڻ چاهين ٿا. اڄ به پاڪستان لاءِ سڀ کان وڏو خطرو ڪو آهي ته اهو مشرف ۽ الطاف حسين جو پليٽ اتحاد آهي، جيڪو پاڪستان جون پاڙون کوٽي رهيو آهي. پاڪستان ۾ ڪير آهي جنهن تي ڪيس داخل نه ٿو ٿي سگهي يا ڪيس داخل ٿيڻ تي ختم ٿي سگهي ٿو؟

بينظير گهٽا قتل ڪيا؟ نواز شريف ڪهڙا قتل ڪيا؟ پئسا ئي ڪاڏا هوندائون. هنن تہ هزارين ماڻهن جون ڪلون لاٿيون آهن، قتل ڪيا آهن، انهن جي ڇاتين تي ايم ڪيو ايم لکيو آهي. انهن درندن کي هو بادشاهہ ڪيو وينا آهن، گورنر ٺاهيو وينا آهن. توهان مسولينيءَ کي حڪومت ڏيئي ڇڏي آهي. سڀ کان وڏو جرم مشرف جو اهو بہ آهي تہ سنڌي ۽ بلوچ قومن کي قتل ڪري، تباهہ ۽ برباد ڪري، پنهنجي وقت جو سڀ کان وڏو هلاڪو ٿيو وينو آهي. اهو هن جي ناپاڪ اتحاد سبب آهي.

فرائيڊي اسپيشل: توهان ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪريو ٿا. ڊيم ملڪ ۽ سنڌ جي عوام جي ضرورت آهن، انهن جا توهان مخالف ڇو آهيو؟ ڪٿي اهو پسند ۽ ناپسند جو معاملو تہ نہ آهي؟

رسول بخش پليجو: آئون نہ رڳو ڪالاباغ ڊيم جو مخالف آهيان پر سنڌو درياهہ تي ڪنهن بہ ڊيم ٺاهڻ جو مخالف آهيان. ان جا مون وٽ ٽي سبب آهن: پهريون هي تہ اسلامي ۽ عالمي قانونن مطابق درياهن جي پاڻيءَ جا مالڪ اهي ماڻهو آهن، جن جو دارومدار ان تي آهي. ٽيندو ائين آهي تہ جيڪو پهريان وينو هوندو آهي، ان کي اهو موقعو هوندو آهي تہ هو جيڪڏهن چاهي تہ پاڻي ڪٽي سگهي ٿو. تنهن ڪري قانون ٺهيو آهي تہ مٿين جو حق ايترو آهي، جيترو انهن جو حصو ٿئي ٿو. تاريخي طور تي ان کان وڌيڪ پاڻي نہ ٿو ڪٽي سگهي. جيڪڏهن هو ڪٽندو تہ ان کي سزا ڏني ويندي. ان قانون تي سڄي دنيا متفق آهي. پاڪستان جا ڇهہ درياهہ آهن، انهن مان اڌ پاڻي سنڌو درياهہ ۾ اچي ٿو. بہ درياهہ ڪشمير جي علائقي مان ۽ باقي پنجاب مان اچن ٿا. اهي سڀ سنڌو درياهہ ۾ پنجند وٽ اچي ملن ٿا، تہ اهو سڄي جو سڄو پاڻي سنڌو درياهہ ۾ اچي وڃي ٿو. پنجاب جي حڪمران طبقن 1857ع جي آزاديءَ جي جنگ ۾ انگريزن سان اتحاد ڪيو هو. ان جي انعام طور 1859ع کان هي سلسلو شروع ٿيو تہ پنجاب کي هڪ زرخيز علائقو ٺاهيو وڃي، تنهن ڪري انهن راويءَ تي بند ٻڌي سنڌ جي حصي جو پاڻي روڪيو. پوءِ اهو سلسلو جاري رهيو. 1930ع ۾ سنڌ، بمبئي جي ماتحت هئي، تنهن ڪري بمبئي دلچسپي نہ ونڊندي هئي. هڪ ننڍي مسلمان اقليت هئي. مسلمانن کي ليکي ۾ ئي نہ آڻيندا هئا، خوب لتيندا هئا، جيئن اڇڪلهہ سنڌ کي لٽيو پيو وڃي. 1930ع ۾ گورنمينٽ آف انڊيا هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي، پر ڪو فائدو نہ ٿيو. ان کان پوءِ هڪ بي ڪميٽي يو- پي جي چيف انجنيئر جي ماتحت ٺهي ۽ پوءِ انهن هڪبئي پٽيان ڪٽنال ٺاهيا. ڇهہ ڇهہ ڪٽنال هڪ سال ۾ ٺاهيندا هئا، لٽ مار مچائي ڇڏيائون. 1940ع ۾ ڪميشن ٺهي، جنهن جو سربراهہ بنگال هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس هو. جيڪو پوءِ انٽرنيشنل ڪورٽ جو جسٽس ٿيو. ان 1945ع ۾ فيصلو ڏنو تہ آئندي سنڌ جي اجازت کان سواءِ ۽ مرڪزي گورنمينٽ ۽ وائسراءِ جي حڪمن کان سواءِ پاڻي نہ روڪيو ويندو ۽ جيترو حصو پنجاب ڪٽندو، ايترو سنڌ کي ملندو. اهو سڄو هڪ طريقيڪار ٺاهيو ويو. جيئن ئي 1947ع ۾

پاڪستان ٺهڻ جي خبر آئي، هنن ان فيصلي کي رد ڪري ڇڏيو. پاڪستان ٺهڻ سان ئي لياقت علي خان سيئي درياهه هڪ ڏر حوالي ڪري ڇڏيا، جنهن ۾ سنڌ اڌ پائيوار هئي. سنڌ جو پاڻي هندستان، اولهه پنجاب ۽ اوپر پنجاب جي حوالي ڪري ڇڏيو. لياقت علي خان پاڪستان خلاف جيڪي تمام گهڻا ڏوهه ڪيا، انهن مان پهريون ڏوهه اهو هو. هنن هندستان وڃي، پاڻ ۾ سازش ڪري، ڳجهه ڳوهه ۾ هڪ معاهدو ڪيو. هڪ ٽربيونل هو، جنهن جو سربراهه سر وينس هو، ته جيڪڏهن هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ اختلاف هجي ته هي ٽربيونل انهن جو فيصلو ڪندو. پاڪستان جي درخواست ڪيل هئي ته جيستائين ڪو فيصلو نه ٿئي، انڊيا، پاڪستان جو پاڻي بند نه ڪندو. پاڪستان ۽ انڊيا لياقت علي جي دور ۾ سنڌ جي خلاف ڳجهي سازش ڪري، ان آرڊر جي درخواست واپس وٺي ڇڏي. هڪ هٽرادو گهوٽالو پيدا ٿيو، جنهن ۾ انڊيا کي اهو چيو ويو ته تون چئو ته اسان پاڻي نه ڏينداسين ۽ پاڪستان کي چيو ويو ته هو چوي ته هاءِ! ظلم ٿي ويو! بهرحال 1960ع ۾ ايوب جي زماني ۾ هنن انڊيا کي درياهه وڪڻي ڏنا، جن ۾ اڌ حصو اسان جو هو. پاڪستان ٺهڻ سان ئي سنڌ يتيم ٿي ويئي. ان جي بدلي هنن اربين روپيا ورتا ۽ اهي سڀ جا سڀ پئسا پنجاب ۾ خرچ ڪري ڇڏيا. منگلا ڊيم ۾ اڌ حصو اسان جو هو، ان مان اسان کي پاڻيءَ جو ڦڙو به نه ڏنو ويو ۽ چيو ويو ته اسان وٽ پاڻي نه آهي. ان وقت ورلڊ بئنڪ چيو ته توهان چناب تي ڊيم ناهيو. ايوب چيو ته جيڪڏهن توهان اسان کي سنڌو درياهه تي ڊيم ناهڻ نه ڏنو ته اسان انڊيا سان جنگ ڪنداسين. پوءِ هنن ڪوڙي ڪهاڻي ناهي ته درياهه ۾ پاڻي نه آهي، پاڻي سمنڊ ۾ وڃي رهيو آهي، ته پوءِ ڇا ڪريون!! پوءِ ان جو حل هي ڪڍيو ويو ته جيڪو پاڻي بچي ٿو، ان لاءِ ڪئنال ناهيو. جڏهن پاڻي سنڌ ۾ گهٽو ٿي ويندو ۽ سنڌ ٻڏڻ لڳندي، پوءِ معاهدو ڪري، سازش ڪري پهريان ته اها درخواست واپس ورتي، هٽرادو گهوٽالو پيدا ڪيو، چوته هي آمريڪا جا پٽو هئا. آمريڪا کي ڪوريا ۾ فوجين جي ضرورت هئي، تنهن ڪري هن جي پاڪستان آرميءَ سان ڳڻ جوڙ هئي ۽ پاڪستان آرميءَ ۾ گهڻا ماڻهو پنجاب جا هئا. هنن ملي ورلڊ بئنڪ کان اربين روپين جو قرض ورتو. ڏيڻ وارا اسان هئاسين، خرچ هُتي ڪيائون. منگلا ناهيائون، اسان کي ڪجهه نه ڏنائون. نيون زمينون وڃي آباد ڪيائون. ۽ ڪئنال ڪڍيائون ۽ پوءِ چيائون ته جيڪو پاڻي بچندو، اهو ڏينداسين. هاڻي هي روزانو نيون سازشون ڪن ٿا. اڄ ڪالاباغ ڊيم آهي، پوءِ ست ڊيم ٻيا ناهيا ويندا. هڪ سادي ڳالهه آهي ته اڪوڙي وٽ هڪ هنڌ آهي جتي ڊيم ناهن ته پاڻي سيني کي ملندو. ماهر چون ٿا ته اتي ڊيم ناهيو. آئون ان جي مخالفت نه ٿو ڪريان، پر سازش هيءَ آهي ته سنڌ جو پاڻي بند ڪري، سنڌ جي زمينن کي بنجر بڻائي، اهو پاڻي سرمائيدارن کي وڪڻي ڇڏيو. اسان ماڻهو ڪڪڑيون پالينداسين ڇا؟ اُٽ ۽ ڀڪريون پالينداسين ڇا؟ جيئن اسان جا ابا ڏاڏا ڪندا هئا؟ هي سڀ انهن بدمعاشن

جا کيل آهن، ان ۾ الطاف بہ شامل آهي، يعني زمينون ماڻهن کان ونڻي ڇڏيو، ڇوتہ نئون ورلڊ آرڊر اڃي رهيو آهي ۽ انهن کي نئين ورلڊ آرڊر ۾ ڪيڏي ڇڏيو.

فرائيڈي اسپيشل: الطاف حسين تہ ڪالاباغ ڈيم جي مخالفت ڪري ٿو.

رسول بخش پليجو: الطاف حسين ڇا جي مخالفت نہ ٿو ڪري! ڇا هو شاهہ لطيف جو پيروڪار آهي؟ جيئن ضياءُ الحق ڪوڙ ڳالهائڻ کان اڳ آيتون پڙهندو هو ۽ هي (الطاف حسين) شاهہ لطيف جا شعر پڙهڻ جهڙا سپ ڪم ڪري ٿو. شاهہ لطيف جي تعريف ڪري، جمهوريت جي تعريف ڪري، هي سپ مال ڪٽي ويندو، ملڪ ڪٽي ويندو، باقي هو ڪالاباغ ڈيم جي مخالفت ڪندو. ڪالاباغ ڈيم جي مخالفت ڪري ٿو تہ حڪومت ۾ ڇو وينو آهي؟ هي سمجهن ٿا تہ سنڌ جا ماڻهو بيوقوف آهن، اهي ائين ملڪ هٿان وڃائي ڇڏيندا ۽ ان کان پوءِ دربدر ٿيندا، ڪٿي جڳهہ نہ ملندن، جيئن دربدر آهن، ائين دربدر رهندا. اهي ماڻهو سپ ڪجهہ آمريڪا جي مدد سان ڪري رهيا آهن. حڪمرانن پاڪستان آمريڪا کي وڪڻي ڇڏيو آهي ۽ ان جو سيلزمين الطاف حسين آهي. ڪالاباغ ڈيم اسان جي زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي. هو اسان جو اسي سيڪڙو پاڻي ڪٽي ويا آهن. اڄ جيڪي حالتون آهن، انهن ۾ جيڪڏهن عالمي سطح تي ڪميشن نہ ناهي وئي تہ ماڻهو بک وگهي مرندا. پاڻي آهي ڪونہ ۽ هو ڪالاباغ ڈيم جي ڳالهہ ڪن ٿا. مملڪتِ خداداد ۾ جيئري رهڻ جو حق نہ آهي. ڇا هندستان اسان کي نماز پڙهڻ جي اجازت نہ ڏيندو هو ۽ ڇا انگلينڈ ۾ مسلمان نماز نہ ٿا پڙهن؟ يورپي ملڪن ۾ ۽ آمريڪا ۾ مسلمان نماز نہ ٿا پڙهن؟ ڪروڙين ماڻهن کي جيئري رهڻ جو حق نہ ٿا ڏين، اهي جيڪي قاتل، جلاد ۽ مشرف وينا آهن. ماڻهن وٽ پيئڻ لاءِ پاڻي نہ آهي ۽ هي خوشيون پيا ڪن. انهن پنهنجي ذهن ۾ پاڪستان کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. انهن کي خبر آهي تہ اسين هتي هي سپ ڪجهہ ڪري، پئسا ڪمائي ڀڄي ويندا سين ۽ آمريڪا ۾ وڃي ويهي رهنداسين، ڪير ڇا ڪندو؟ الطاف هتي ڇو نہ ٿو اچي؟ حڪومت تہ هن جي آهي. هن کي خبر آهي تہ هتي اچڻ جو ڪهڙو فائدو! لنڊن ۾ ويهي مزا پيو ماڻي. هي آمريڪا جو ايجنٽ آهي، آمريڪا جو پنو آهي. اهي قتل ڪندا، رتوڇاڻ ڪندا، چونڊن ۾ ڏانڊلي ڪندا. پٽي جي خلاف، بينظير جي خلاف ڪيس داخل ٿين ٿا، پر الطاف جي خلاف نہ ٿا ٿين. اهي ماڻهو پنجاهہ- پنجاهہ قتل ڪندا آهن، پر پوءِ بہ گورنر ٿي ويندا آهن ۽ هرهڪ تي ڪيس ٿئي ٿو پر انهن خلاف ڪيس نہ ٿو ٿئي ۽ ٿئي ٿو تہ بہ واپس ورتو وڃي ٿو، ڇوتہ اهي آمريڪا جا پنو آهن.

فرائيڈي اسپيشل: ملڪ جي ٽن وڏين سياسي پارٽين جا اڳواڻ ملڪ کان ٻاهر آهن. آصف زرداري اوچتو جيل مان نڪري ٻاهر هليو وڃي ٿو، بينظير پٽو جا ڪيس واپس ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن، الطاف حسين برطانوي پاسپورٽ حاصل ڪري ٿو، نواز شريف بہ ملڪ ۾ موجود نہ آهي. هي اسان جا ڪهڙا حڪمران

آهن، جيڪي عوام جي وچ ۾ موجود نہ آهن ؟

رسول بخش پليجو: ان سان ڪوبہ فرق نہ ٿو پوي تہ هُتي ويهي بدمعاشي ڪجي يا هتي ويهي بدمعاشي ڪجي. جڏهن هِتي وينا هئا تہ ڪهڙا نيڪ ڪم ڪري رهيا هئا!! باقي الطاف تہ ماڻهن کي قتل ڪرائي ٿو، قتل ڪرائي انهن جون ڪلون لهرائي، انهن جي لاشن کي بورين ۾ بند ڪرائي ٿو، باقي نواز شريف ۽ بينظير تي اهو الزام نہ آهي تہ اهي قتل ڪرائي، لاش بورين ۾ بند ڪرائي اڇلائي ڇڏين ٿا. انهن کي تہ پنهنجي جان جو بہ خطرو آهي، اصل ۾ حقيقي حڪمران تہ اهو آهي جو لنڊن ۾ وينو آهي. پرويز مشرف تہ رڳو فرنٽ مين آهي. توهان هي ٻڌايو تہ هتي ڪيڏا نہ جڳ مشهور سنڌي جج هوندا هئا، مشرف جي دور ۾ سنڌي جج ان لائق بہ ناهن رهيا تہ هو هاءِ ڪورٽ جا جج ٿي سگهن؟ مشرف ڪيترا سنڌي وفاقي سيڪريٽري رکيا آهن؟ ڪيترا سنڌي آفيسر آهن؟ هيءَ تہ هلاکو ۽ چنگيز خان جي حڪومت آهي. هي پاڪستان جون پاڙون کوٽي نہ رهيا آهن پر کوٽي چڪا آهن. هنن کي خبر آهي تہ اسان پاڪستان ختم ڪري ڇڏيو آهي، ماڻهن جي دلين ۾ نفرت پري ڇڏي آهي. پاڪستان جا ماڻهو مون کان پڇن ٿا تہ جيڪڏهن هندستان هجي ها تہ ڪهڙو نقصان هو؟ ائين پاٽي بند ٿئي ها؟ هندستان جي دور ۾ 1859ع کان پوءِ هڪ سئو سال گذري ويا، ان ۾ انگريز مداخلت ڪندو هو تہ پاٽي بند نہ ڪريو. هنن تہ ايندي ئي درياهہ هنن جي حوالي ڪري ڇڏيا. ماڻهو اجنبي ٿي چڪا آهن، خاص طور تي مشرف تہ ماڻهن کي پاڪستان جي خلاف ڪري ڇڏيو آهي. توهان هن کي هڪ مملڪت چوندؤ؟ هيءَ حڪومت آهي؟ هي اهو پاڪستان ناهي جنهن ۾ هندستان مان مسلمان آيا هئا. ماڻهو تہ اهو سمجهن ٿا تہ هو دشمن جي قيدخاني ۾ آهن.

فرائيڊي اسپيشل: پاڪستان ۾ ماڻهو لاپتا ٿي رهيا آهن، صحافي بہ گم ٿيو وڃن. خبر نہ ٿي پوي تہ ڪٿي آهن! ان تي پروفيسر غفور احمد "فرائيڊي اسپيشل" کي انٽرويو ڏيندي چيو آهي تہ اها تہ روس ۾ ڪي جي بي جي تاريخ آهي. ڇا اسان اهڙي صورتحال ۾ ڦاسي رهيا آهيون ؟

رسول بخش پليجو: پروفيسر صاحب جي پروفيسري ڇو محدود ٿي ويئي؟ ڪيس معلوم نہ آهي تہ هٽلر ماڻهن سان ڇا ڪندو هو؟ هٽلر تہ ماڻهن کي جهلي، انهن جون ڪلون لاهيندو هو. هن تہ انهن ڪارن ڏنڏن لاءِ صرف ڪي جي بي ڪي داد ڏنو. آمريڪا ڇا ڪري رهيو آهي؟ هندستان ڇا ڪري رهيو آهي؟ هو تہ ماڻهن کي جهلي، انهن جا سر قلم ڪري، انهن جي ماءُ پيءُ وٽ پيش ڪن ٿا. ان عمل کي ڪي جي بي تائين محدود نہ رکڻ گهرجي. اهي سڀ حڪمران چور آهن. جيڪي حڪمران هوندا آهن، اهي ظالم هوندا آهن، بدمعاش هوندا آهن، بدمعاشي ڪندا آهن. اسان جا حڪمران بہ اهوئي ڪري رهيا آهن. هي بہ ظالم آهن. آئون رڳو اهو چوندس تہ صورتحال سڄي دنيا ۾ وحشيت ۽ بربريت واري ٻڌجي رهي آهي، پلي اهي سي آءِ اي

وارا هجن، ڪي جي بي وارا هجن، برطانيا جي ايم آءِ 5 هجي يا ڪو ٻيو هجي.

فرائيڊي اسپيشل: اهو تاثر به عام آهي ته سياسي پارٽين ۾ ميڊيا ۾ ايجنسين جا نمائندا آهن ۽ اهي ان جي اثر هيٺ رهندا آهن. ڇا توهان سمجهو ٿا ته اسان جا صحافتي ادارا ۽ سياسي پارٽيون آزاد آهن ؟

رسول بخش پليجو: سڄي دنيا ۾ ائين آهي. آمريڪا ۾ سي آءِ اي کان آزاد ڪير آهي؟ انڊيا ۾ به اهائي صورتحال آهي، پر هتي اها صورتحال بدتر آهي. ان جا سبب هي آهن ته سڄي دنيا غلام آهي. آئون يهودين جي خلاف نه آهيان. منهنجي نظر ۾ مسلمان هجڻ ئي سڀ ڪجهه نه آهي ۽ يهودي هجڻ ئي ڪا خراب ڳالهه نه آهي، يعني هندو ٿيو، يهودي ٿيو يا مسلمان ٿيو ته جنتي ٿي ويو! پر اسان جا جيڪي يهودي پائر آهن، انهن هزارين سالن تائين اذيتون برداشت ڪيون آهن. اڄ هو سڄي دنيا جا مالڪ ٿيو ويٺا آهن. آمريڪا ته هنن جي ڪيسي ۾ پيو آهي ۽ آمريڪا جو صدر ته هنن جو نوڪر هوندو آهي. اُن وسيلي هي سڄي ملڪ تي قبضو ڪريو ويٺا آهن.

فرائيڊي اسپيشل: وزيراعظم شوڪت عزيز ورلڊ بئنڪ جو ملازم آهي، ائين انڊيا جو وزيراعظم من موهن سنگهه به ورلڊ بئنڪ جو ملازم آهي، ته ڇا اهي آزاديءَ سان ملڪ هلائي سگهن ٿا؟

رسول بخش پليجو: ورلڊ بئنڪ جو جيڪو صدر (پال وولفووٹز) آهي، اهو هڪ معزز ماڻهو آهي. اسان جو يهودي پاڻ آهي ۽ هنن جي سهولت لاءِ رکيو ويو آهي، ته جيئن ورلڊ بئنڪ جو سڄو خزانو هنن کي ملي وڃي. ڏکڻ ايشيا ۾ اهي ماڻهو جيڪي سندن به ڪم ڪن، اهو انهن کي ڏيئي ڇڏين. اسان جو سڄو ملڪ سامراج جي قبضي ۾ آهي. اسان جو ڪو اي ايس آءِ به هوندو آهي ته ان جي ٽريننگ آمريڪا ۾ ٿيندي آهي، يا ڪو ڊي سي رکيو ويندو آهي ته اهو به آمريڪا جي چوڻ تي رکيو ويندو آهي، تنهن ڪري آئون هيءَ گذارش ڪري رهيو آهيان ته هن ملڪ کي آزاد ڪرائڻ جي ضرورت آهي، پر رڳو غير ملڪي سامراج کان نه پر ان جي دلالن کان به.

فرائيڊي اسپيشل: تازو ئي انڊيا ۾ بي جي پي ۽ ٻن اهم رياستن ۾ ڪامياب ٿي ۽ ڪانگريس کي شڪست آئي، ته توهان بي جي پي جي ڪاميابيءَ کي علائقائي صورتحال جي حوالي سان ڪيئن ڏسو ٿا؟

رسول بخش پليجو: جيئن اسان وٽ اهو سمجهيو ويندو آهي ته سعودي عرب وسيلي مذهبي انتها پسنديءَ کي وڌايو ويندو آهي، ائين بي جي پي اسرائيل جي ناهيل آهي. اسرائيل انهن جو هيڊ آهي. هو انهن کي تيار ڪري ٿو. آمريڪا ته نوان مذهب به تيار ڪري ٿو، جيئن ڪوريا ۾ ڪو نئون مذهب ايجاد ڪيو آهي. جيڪڏهن هي مذهب نه هجن ها ته آمريڪي سي آءِ اي ڪو ٻيو مذهب ايجاد ڪري ها، ته ملڪن کي غلام رکڻ لاءِ انهن ۾ فتنو، فساد، لڙائي، جهڳڙو، دشمني پيدا ڪرڻ لاءِ هي ڪو نه ڪو ڪم ڪندا رهن ٿا. هن وقت آمريڪا ۾ اولهه جا بهترين دماغ دنيا کي جهنم

بنائڻ ۾ انسان کي انسان سان ويڑهائڻ لاءِ پنهنجون سموريون صلاحيتون استعمال ڪري رهيا آهن. آئون سمجهان ٿو ته بي جي پي جي هيءَ ڪاميابي تمام ننڍڙي ڪاميابي آهي ۽ ان جي خلاف مزاحمت وڌيڪ آهي. ڪانگريس جيئن ته من موهن جي ماتحت آهي ۽ من موهن آمريڪا جو ماڻهو آهي، ڪانگريس جي جيتري جائز مقبوليت هئڻ گهرجي، اها نه آهي، ڇوته هن جي قيادت آمريڪا زبردستي پنهنجي دلال کي ڏيئي ڇڏي آهي، پر هندستان ۾ پاڪستان کان گهڻي وڌيڪ بهتر صورتحال آهي ۽ سمورين برائين باوجود اتي ڪجهه نه ڪجهه روئڻ پٽڻ جي گنجائش آهي، جيڪا هتي پاڪستان ۾ نه آهي.

فرائيڊي اسپيشل: روس ۽ چين جي وچ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ٿي رهيون آهن. آئيندي ان ۾ ايران ۽ پاڪستان جي به شامل ٿيڻ جا امڪان موجود آهن. عالمي سطح تي هن نئين اڀرائيءَ کي ڪيئن ڏسي رهيا آهيو؟

رسول بخش پليجو: اوپر ايشيا کي نه وساريو جو اتي جا ملڪ "آسيان" وسيلي پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. يورپ هڪ ٻيو مخالف آهي، جيڪو آمريڪا جو هر حال ۾ مددگار نه آهي. هن جا پنهنجا ڪجهه مفاد آهن. روس ۽ چين ۾ به گهڻن مامرن ۾ اختلاف آهن. روس چين جي ٻيٽ ۾ انڊيا جي وڌيڪ ويجهو آهي ۽ هي جيڪي صف بنديون ٿي رهيون آهن، وڌيڪ ٽيندڙيون. اڄ جو نعرو آهي "دهشتگرديءَ خلاف جنگ!" ته مزي جي ڳالهه هيءَ آهي ته مخالف قوتون روس، چين ۽ انڊيا وغيره جيڪي اتحادي ٻڌيا آهن ۽ هُتي ايٽلانٽڪ پيڪٽ آهي. هڪڙئي جا مخالف هڪڙئي جي مخالفت ڪري رهيا آهن، پر ڪم ڪئي هڪڙو ئي ٻڌائين ٿا ته اسان دهشتگرديءَ خلاف ڪم ڪري رهيا آهيون، پر دهشتگرديءَ جي ليبل هيٺ هڪ ٻئي خلاف صف آرائي ۾ ڪري رهيا آهن. جپان ۾ تيزيءَ سان بدلجڻ جي عادت آهي. 1860ع ۾ جڏهن آمريڪا جو جهاز زبردستيءَ جپان ۾ گهڙي ويو ته اوچتو هنن جاگيرداري نظام ختم ڪرڻ ۽ مڪمل اولهه جو بنجڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو. هاڻ جپان جون پهريون ڀيرو روس سان ڳالهيون ٿيون آهن. چين وارا ڊپلوميسيءَ جي ميدان ۾ ڏاڍا زبردست آهن ۽ هر قسم جي اشتعال هوندي به جپان سان پنهنجا اختلاف نه ٿا وڌائين. آمريڪا پوري ڪوشش ڪري رهيو آهي ته هنن کي ڦاسائي ۽ اها نئين جڙابندي دنيا جا مسلمان آهن. بظاهر ته مسلمان ملڪ نڪما آهن پر انهن جا هڪڙو- ٻه حڪمران سمجهدار آهن، جيئن مهاتير محمد. عالم سڳورن جو نقطه نظر به محدود آهي، مدي خارج آهي. اهي زماني سان هلي نه ٿا سگهن. جديد قسم جا جيڪي ماڻهو آهن، جيڪي علم ۽ عرفان چاهين ٿا، انهن کي گڏ ٽيڻ گهرجي، پر عالم سڳورن جي اڳواڻيءَ ۾ به ڪم ٽيندو ۽ اهي ٻئي لاڙا رهندا ته اهو اڳتي هلي هڪ وڏو بلاڪ بڻجندو ۽ مسلمان به هڪ سپر پاور جي حيثيت ۾ ايري رهيا آهن. انهن ۾ به سجاڳي اچي رهي آهي. آمريڪا ٻئي پاسي روس، چين ۽ انڊيا، هوڏانهن يورپ ۽

ٻيو سپر پاور مسلمان ملڪ هوندا. اهڙيءَ طرح هڪ نئين جڳابندي ٿي رهي آهي.

فرائيڊي اسپيشل: توهان ايران تي متوقع آمريڪي حملي کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

رسول بخش پليجو: آمريڪا کي ايران تي حملو نہ ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ هن وٽ هاڻ ايتري فوج نہ آهي. آمريڪي عوام ۾ جنگ جي حق ۾ نہ آهي، ان ڪري نہ تہ هو انصاف پسند آهن پر هو موت کان ڊڄن ٿا. آمريڪا وٽ مشينري ۽ پئسو گهڻو آهي پر فوج نہ آهي.

فرائيڊي اسپيشل: تعليم جي حوالي سان نصاب ۾ تبديليون ڪيون پيون وڃن، انهن تبديلين خلاف جيڪو ۽ آواز اٺاريو ويو، شاگرد تنظيمن اٺاريو، انهن مان ۽ اسلامي جمعيت طلبہ جو آواز سڀ کان اوچو آهي، جڏهن تہ سياستدانن يا ڪنهن ٻئي طبقي پاران ڪو آواز نہ اٺاريو ويو.

رسول بخش پليجو: ٽن شين کي آمريڪا ۽ آءِ ايس آءِ ڪرپٽ ڪيو آهي: هڪ تعليمي ادارا، جتي پنهنجا پٽو ويهاري ڇڏيا اٿن. سنڌ ۾ اهي ڪامريڊ سڏجن ٿا. ٻيو ادب، جنهن تي هنن قبضو ڪري ڇڏيو آهي تہ ادب بي مقصد هئڻ گهرجي، شاعري بي مقصد هئڻ گهرجي. ٽيون استادن جون تنظيمون، انهن تي ۽ هنن قبضو ڪري ورتو آهي. تعليم جو ڪوبہ والي وارث نہ آهي. حڪومت تعليم چاهي ئي ڪونہ ٿي. ان جي خيال ۾ نعرا هٽڻ سان ڪم هلي ويندو. ڪجهہ صحافين کي خريد ڪري، ٿي وي چئنل استعمال ڪري، نعرا هنيا ويندا، ماڻهن کي بي وقوف بڻايو ويندو. سنڌ ۾ تہ هي منصوبو ناهيو ويو تہ ڪنهن کي پڙهڻ نہ ڏنو ويندو. اهي پٽو آهن، سرڪار جا ايجنٽ آهن.

فرائيڊي اسپيشل: ماضيءَ ۾ هر آمر خلاف تحريڪون هلنديون رهيون آهن، پر مشرف خلاف ڪا تحريڪ ناهي هلي سگهي. توهان جي خيال ۾ ان جا ڪهڙا سبب آهن؟

رسول بخش پليجو: جيترو مشرف آمريڪا لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي، ايترو ايوب نہ ٿي ڪري سگهيو ۽ نہ ئي هن ڪيو. يحيٰ بہ نہ ڪيو. هن آمريڪا جي سرپرستيءَ جو فائدو کڻي، پاڪستان جو اڌ حصو غرق ڪري ڇڏيو. سدائين سامراج جو پٽو ڪا نہ ڪا غلطي ڪندو آهي، ڇوتہ هو نادان هوندو آهي ۽ ملڪ ۾ عوام خلاف ڪا نہ ڪا بدمعاشي ڪندو آهي، پر جيترا ڪم مشرف سامراج لاءِ ڪيا آهن، ايترا ٻيو ڪو نہ ٿي ڪري سگهيو ۽ سامراج ڪڏهن ائين جوش ۾ نہ آيو هو. ضياءُ الحق بہ افغانستان ۾ روس خلاف سامراج لاءِ جنگ وڙهي، پر جنهن بي حيائيءَ سان مشرف ڪم ڪري رهيو آهي، پنهنجا ماڻهو جهلي، وڪڻي رهيو آهي ۽ چوي ٿو تہ اسان کي Bounty ملي رهي آهي، انعام ملي رهيو آهي، يعني هنن ماڻهن ٽئي ڪپڙا لاهي ڇڏيا، تنهن ڪري هنن خلاف هاڻي تحريڪ نہ ٿي هلي سگهي. هن حمام ۾ سڀ ننگا آهن. ان جي پيٽ ۾ جماعت اسلاميءَ جو رڪارڊ هاڻ بهتر آهي.

جيڪڏهن ڪابه سياسي پارٽي مستقل مزاج هجي، ايم ايم اي جيڪڏهن ڪا استادي وغيره نه ڪري ته پيپلز پارٽي جا سڀ ماڻهو ان پٽيان هليا ويندا. هاڻوڪو گهوٽالو ڏسو، چيف جسٽس صرف هڪ ماڻهو اٿي بيٺو ۽ هن سان گڏ صرف ڪجهه وڪيل اٿي بيٺا ته ڏسو چا ٿي ويو. ائين ڪير اٿي ته بيهي، پوءِ ڏسو چا ٿو ٿئي.

فرائيڊي اسپيشل: هي تاثر عام آهي ته جنرل پرويز مشرف کان پوءِ آمريڪا جي چوائس پيپلز پارٽي آهي. توهان ان تاثر سان سهمت آهيو؟

رسول بخش پليجو: اهو صحيح آهي پر اها هلي نه سگهندي. سنڌ جا ماڻهو ان کي برداشت ئي نه ڪندا. پنجاب به ان کي برداشت نه ڪندو. جيڪڏهن نواز شريف پنهنجيءَ تان نه ڦريو ته پيپلز پارٽي هڪ سال به نه هلندي. مولانا فضل الرحمان بابت ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي. هن جي ساک سڻي نه آهي. جيڪڏهن جماعت اسلامي ۽ نواز شريف هڪ رهيا ته پيپلز پارٽي هلي نه سگهندي. اصل ۾ پيپلز پارٽيءَ ۾ اهي ماڻهو ناهن رهيا. عوام انهن ماڻهن مان بيزار آهي. جيڪڏهن پيپلز پارٽيءَ سنڌ سان ناانصافين جو ازالو نه ڪيو ته سنڌ جا ماڻهو ان کي برداشت نه ڪندا ۽ هي عوام، جيڪو اڃڪلهه توهان کي روڊن تي نظر اچي ٿو، گڏجي ثابت قدم رهن ته فوج، پيپلز پارٽي ۽ آمريڪا ڪجهه نه ڪري سگهندا. جيڪڏهن مولانا صاحب (فضل الرحمان) به هُنن سان ملي ويندو، تڏهن به ڪجهه ڪونه ٿيندو. بچندو اهو، جيڪو بيٺو هوندو.

فرائيڊي اسپيشل: وزيرستان ۽ بلوچستان جي صورتحال کي توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

رسول بخش پليجو: اصل ۾ مشرف جيڪو ڪم ڪري رهيو آهي، انساني غيرت جي خلاف آهي. آمريڪا چوي ٿو ته اهي غير ملڪي آهن، دهشتگرد آهن. آئون چوان ٿو ته اهي غير ملڪي دهشتگرد آيا ڪٿان؟ انهن کي آمريڪا پاڻ تيار ڪيو ۽ هاڻ اهي آمريڪا جي چوڻ تي نه ٿا هلن ته دهشتگرد بڻجي ويا آهن. توهان گهٽ ۾ گهٽ انهن جي عزت ته نه وڪڻو، انهن کي واپس موڪلي ڇڏيو. آمريڪا جي چوڻ تي توهان هينئر ڏيڍ سئو ماڻهو قتل ڪيا، چا ان جا نتيجا پاڪستان کي پوڳٽا نه پوندا؟ چوته توهان هن جا نوڪر هئا، وڪاڻل هئا، تنهن ڪري هي سڀ ڪجهه ٿي رهيو آهي. بلوچستان جا مسئلا گهٽا نه هئا. آمريڪي ڪمپنين کي هن سڀ زمين وڪڻي ڇڏي. بلوچستان جي ساموندي پٽي الطاف ۽ هي ملي ڪائي ويا. هن بلوچستان جا وسيلا وڪڻي ڇڏيا. ان ۾ وڏيرا به شامل آهن، پر اهي ننڍا وڪاڻل آهن. مشرف ماڻهن کي ويڙهائي رهيو آهي. اڪبر بگٽيءَ کي شهيد ڪرائي ڇڏيائين. اهو سڄو شرم جوڳو عمل آهي. مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا، پر هو حل ڪيڏ نه ٿا ڄاڻن، چوته هنن ۾ غرور آهي، تڪبر آهي، فرعونيت آهي، ملڪ سان محبت نه آهي، عوام سان محبت نه آهي. هنن بدمعاشن کي ملڪ کي لٽڻ ڦرڻ جو موقعو مليو آهي. قائداعظم ملڪ لاءِ جان ڏيئي ڇڏي ۽ هي ان کي ڦري لٽي رهيا آهن ۽ ملڪ کي تباهه ۽ برباد ڪري رهيا آهن.

آمريڪا پاڪستان کي اڻ اعلانيل ڪالوني بنائي رکيو آهي، باشعور عوام ان عمل کي ڪڏهن به برداشت نه ڪندو.

انٽرويو: عبدالحفيظ عابد/روزانه امت نومبر 2007ع

[عوامي تحريڪ جو سربراهه محترم رسول بخش پليجو هڪ ڄاڻو سياستدان آهي. بظاهر ته هو روايتي سياستدان لڳندو آهي، پر سياسي جاگيردارن، وڏيرن ۽ دهشتگردن جي خلاف ڪنهن به اگر مگر کان سواءِ صاف ۽ چٽي ڳالهه ڪندو آهي ۽ انهن جي جبر کان مسڪين عوام کي نجات ڏيارڻ لاءِ جدوجهد جو هڪ اٽڪندڙ رکارڊ رکي ٿو. سندس سان واسطو رکندڙ سياستدانن ۾ شايد ئي ڪنهن ٻئي جو نالو ورتو وڃي جيڪو علم، ادب ۽ انتهائي نازڪ حالتن کي سمجهڻ ۾ سندس مقابلو ڪري سگهي. هو هڪ ممتاز قانوندان هجڻ سان گڏ تاريخ تي به تمام ڳوڙهي نظر رکي ٿو. اسان مختلف حوالن سان ساڻس ڳالهه ٻولهه ڪئي، جيڪا پڙهندڙن آڏو پيش ڪريون ٿا.]

امت: توهان جي سياسي حالتن تي گهري نظر آهي، ڇا اسين عام چونڊن ۽ هڪ بهتر جمهوريت طرف وڌون پيا؟ توهان ڇا ٿا سمجهو؟

رسول بخش پليجو: اسين بهتر جمهوريت نه پر وڏي بحران طرف وڌي رهيا آهيون. هاڻ ته اها ڳالهه واضح ٿي سامهون اچي ويئي آهي ته پاڪستان هڪ آزاد ملڪ نه آهي. اخبارن ۾ خبرون پيون هلن ته آمريڪا جا سربراهه، پاڪستان جي سربراهن سان سڏو سنئون ڳالهيون ڪن ٿا. ٻنهي طرفن جي سربراهن جا ايس ايم ايس جي ذريعي رابطا آهن، يعني سڀ حجاب ختم ٿي چڪا آهن. پردن جي پٺيان لڪڻ ۽ ڪڇن ۾ ڇهٽو رهڻ جهڙي ڪا به ڳالهه هاڻ باقي نه رهي آهي. آمريڪا هاڻي پاڪستان کي سڏو سنئون پنهنجي ڪالوني بڻائي رهيو آهي. پاڪستان جو عوام ان کي برداشت نه ڪندو. جهڙيءَ طرح انگريزن جي حڪومت جي خلاف ڪيترن ئي مرحلن ۾ تحريڪ هلي هئي، ائين زبردست تحريڪ هلندي، ته جيئن پاڪستان حقيقي طور آزاد ٿئي، پهرئين دفعا اسين آزاد ۽ خودمختيار ٿيون ۽ قائداعظم واري 1940ع جي قرارداد وارو پاڪستان قائم ٿئي.

امت: حڪومت مسلسل اهو تاثر پئي ڏيئي ته مخالف ڏر عوام کي روڊن تي آڻڻ ۾ ناڪام رهي آهي. ڏنو وڃي ته اهو صحيح آهي. هاڻي آمريت مان نجات حاصل ڪرڻ ڪيئن ممڪن آهي؟

رسول بخش پليجو: عوام جو گهرن مان نڪرڻ هڪ ڏکيو عمل ڪان پوءِ ممڪن

هوندو آهي. حڪمرانن طرفان صبح شام اها پروپيگنڊا ڪئي وڃي ٿي ته عوام گهرن مان نڪرو نڪري، جيڪي ماڻهو حڪومت جا پوليڙيا آهن، جيئن ڪراچيءَ ۾ ايم ڪيو ايم آهي، جنهن کي اشارو ڪرڻ سان ئي هو ڊوڙي اچن ٿا. اها غير سرڪاري فوج آهي، جنهن لاءِ ون ٽو ٽري ئي ڪافي آهي. ان جي ابتڙ عام ماڻهن کي سمجهائڻو ۽ منظم ڪرڻو پوندو آهي. اختلاف هجن ته انهن کي حل ڪرڻو پوندو آهي. ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي سوالن جا جواب ڏيڻا پوندا آهن، تڏهن ئي هو آهستي آهستي اڳيان وڌن ٿا. عوام سرڪاري فورس نه آهي، جيڪا سڏ ڪرڻ سان ڊوڙي اچي. اها ته پاڻ سڀني ڳالهه آهي جو عوام ۾ آمريت خلاف شعور پختو ٿئي ۽ جمهوريت جون پاڙون مضبوط ٿين. اهوئي فطري طريقو آهي.

امت: توهان هڪ قانوندان جي حيثيت سان وڪيلن جي چيف جسٽس افتخار محمد چوڌريءَ جي بحالي واري تحريڪ ۾ سرگرم رهيا، جنهن جي نتيجي ۾ ويهه جولاءِ وارو فيصلو آيو. ان کان پوءِ واري صورتحال توهان ۽ ڏسي رهيا آهيو. آئين ۽ قانون جي حڪمراني ۽ عدليا جي آزاديءَ ڏانهن ڪا پيشقدمي ٿي آهي؟

رسول بخش پليجو: بلڪل! اسين اڳيان وڌون پيا. فطرت جو اهو قانون آهي ته صرف سڌي لڪير ۾ اڳيان وڌڻ ترقي نه آهي. ان ۾ اڳيان وڌڻ، وري ڏڇڪو لڳي ته پويان هٽڻو پوندو آهي. ورن وڪڙن ۽ هيٺ مٿانهين وارن رستن تان گذرڻو پوندو آهي، مجموعي ترقي تڏهن ٿيندي آهي. بقول لينن جي ته هڪ قدم اڳيان ۽ ٻه قدم پويان، اهو عمل ترقيءَ لاءِ ممنوع نه آهي. اسين ائين اڳيان وڌي رهيا آهيون.

امت: بينظير واپس اچي پئي، جمهوريت جون ڳالهيون هلن پيون.

رسول بخش پليجو: پٽي جو دور ۽ جمهوريت! آئون توهان کي ٻڌايان ٿو ته پٽي جي دور ۾ اسين جيل ۾ هئاسين. اسان جي رسالن تي پابنديون هيون، پريس بند هئي. اهو پٽي جو ئي دور هو جڏهن جيلن ۾ اسان کي ماڻهو چوندا هئا ته اسان کي بچايو. نه ته پٽو اسان کي ڪوڙين ضمانتن تي آزاد ڪرائي، مارائي ڇڏيندو. هڪ دفعي پير پاڳاري جو هڪ فقير مون وٽ آيو. چيائين ته سائين! منهنجي ضمانت ٽي ويئي آهي. مون کيس مبارڪون ڏنيون. هن چيو ته سائين! آئون ٻاهر نه ويندس، هي مون کي قتل ڪرائي ڇڏيندا؛ ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو. نواب آف ڪالاباغ ايوب خان کي چيو هو ته جماعت اسلاميءَ وارن کي قتل ڪرائي ۽ انهن مان منهنجي جان ڇڏائي. ماڻهن کي قتل ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا هوندا آهن. پٽو حڪمت عمليءَ جي لحاظ کان تمام گهٽو ڪمزور هو. قانون کي حڪمرانن جي مرضيءَ مطابق هئڻ گهرجي، پٽو ان نظريي کان تمام گهٽو متاثر هو. پٽو صاحب سڄي دنيا ۾ اهي راڳ آلاپيندو رهيو ته جنرل ايوب خان جي انقلاب جي ڪري اسان جو ملڪ بچي ويو. جيڪڏهن هن کي خبر هجي ها ته هو فاطمہ جناح جي مخالفت نه ڪري ها. نيپولين پٽي صاحب جو

آئيڊيل هو، جيڪو حيرت انگيز سپھ سالار هو. بس ان کان سواءِ هو ڪجھ ڪونہ هو، جنھن جو مار ڏاڙ کان سواءِ ٻيو ڪم ئي نہ هو. پٽي صاحب ۾ اعليٰ سياسي سوچ، سمجھ ۽ حڪمت عملي نہ هئي. صرف ڪجھ ننڍين ننڍين ڳالهين ۾ هوشيار هو. وڏن معاملن جي هن کي خبر نہ هئي. بينظير جو حال تمام وڌيڪ خراب آهي. هن جو جمهوريت سان ڪوبہ واسطو نہ آهي.

امت: بينظير پٽو ٻہ دفعا وزيراعظم رهي آهي، ضرور سوچ سمجھہ سان ئي ٿي هوندي؟

رسول بخش پليجو: ٻہ دفعا سوديبازي ڪيائين. هن ملڪ جا اثاثا داءَ تي لڳائي ڇڏيا، ائين ئي جيئن ماڻهو پنهنجي زمين جو ٽڪرو وڪڻي عيش ڪري، نوان نوان ڪپڙا پائي. پنهنجي ساک جي لاءِ ڪجھ بنيادي سرمايو ٽيندو آهي. آمريڪا تہ شاهہ ايران جو بہ دوست هو. هن الله جي ٻانهيءَ کي ڪهڙي خبر تہ آمريڪا جنهن جو دوست هجي، ان کي دشمنن جي ڪهڙي ضرورت آهي. ماڻهو چون ٿا تہ پٽو صاحب شهيد آهي. ضرور آهي پر آمريڪا جي هٿان شهيد ٿيندڙن ۾ هڪ نہ پر ٽي آهن: هڪڙو لياقت علي خان، ٻيو ذوالفقار علي پٽو ۽ ٽيون ضياءُ الحق. پٽو صاحب آمريڪا جي پاليسين تي نہ هليو پر آمريڪا جي ماڻهن جي پاليسين تي هليو، انهن کان هڪ منٽ جي لاءِ بہ الڳ نہ ٿيو. جماعت اسلامي بہ ان ۾ شامل هئي. مون کي صرف اهو افسوس آهي تہ جيڪڏهن سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ بنگال هن وقت گڏ هجن ها تہ هيءَ مصيبت نہ هجي ها. مون آخري ڏينهن ۾ جناح اسپتال ۾ پٽي صاحب کي چيو هو تہ بنگالي الڳ ٿيا تہ اسين يتيم ٿي ويندا سين، ننڍا صوبا تباهہ ٿي ويندا پر هُن نہ مڃيو. ڪوبہ مشورو نہ مڃيندو هو. بس اوهين صرف هن جي ها ۾ ها ملائيندا رهو تہ سڀ ٺيڪ آهي.

امت: پيپلز پارٽيءَ جي سياست جو نعرو ئي عوام ۽ جمهوريت رهيو آهي؟

رسول بخش پليجو: ڪهڙو عوام ۽ جمهوريت؟ جيڪي ماڻهو حڪومت ۾ هئا، اهي ئي پيپلز پارٽيءَ ۾ پرتي ڪرايا ويا. حڪومت وڏي تعداد ۾ پنهنجا ماڻهو پرتي ڪرائي ڇڏيا آهن. اڄ اوهين پسند اچي ويا تہ اوهان جي پارٽيءَ ۾ شامل ڪرايا ويندا. سياڻي کي ٻيو پسند آيو تہ انهن ئي ڪنوارن کي انهن سان شادي ڪرائي پرڻايو ويندو. ائين وڏيون ادليون بدليون ٿين ٿيون، ۽ اسان جي ڪامريڊن جون بہ. اسان جي هڪ ڪامريڊ جي بدلي عمران خان وٽ ٿي، پر ڪجھ وقت کان پوءِ اها واپس ڪئي ويئي. اسين جيڪي قومپرست، ڪاپي ڏر ۽ اسلام پرست آهيون، اسان جون بہ انهن وانگر بدليون ٿين ٿيون. جمهوريت سان پيپلز پارٽيءَ جو ڪهڙو واسطو؟

امت: توهان جمهوري آزاديءَ جي ڳالهہ ڪريو ٿا، موجوده حڪومت بہ جمهوري آزادين جي دعويٰ ڪري ٿي، خاص ڪري ميڊيا جي آزاديءَ جي حوالي سان پاڻ کي چئمپين سمجهي ٿي. توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

رسول بخش پليجو: اها ڳالهه صحيح آهي ته هن دور ۾ ميڊيا جي جهڙي آزادي آهي، اهڙي اڳ نه هئي، پر اها اڻتر ۾ نه هئي. بين الاقوامي طور تي ۾ ماحول اهڙو آهي جو ميڊيا سان لڙائي نه ٿي ڪري سگهجي. جيڪڏهن هي ميڊيا کي آزادي نه ڏين ها ته خود ۾ تمام گهڻا پريشان ٿين ها، پر مختلف طريقن سان ميڊيا سان جيڪو هنن کي ڪرڻو هو، ان ۾ هنن ڪابه ڪوتاهي نه ڪئي آهي، آفيسن تي حملا، روڊن تي صحافين جي مٿان پوليس جو تشدد ان ڳالهه جو اظهار آهي، پر اهو هنن جو نه پر آمريڪا جو فيصلو هو، انهن کان ڏوهه ڪرائڻا هئا. دنيا جا سنگين ڏوهه حڪومت جي ڪاتي ۾ وجهڻا هئا.

امت: چيو وڃي ٿو ته قبائلي علائقن ۽ بلوچستان ۾ حڪومت آمريڪا جي لاءِ وڙهي رهي آهي ۽ پنهنجن ماڻهن جو قتلِ عام ڪري پئي؟

رسول بخش پليجو: ڏسو! سامراج ايترا ته هٿڪنڊا ۽ ايترا ته ادارا ۽ گروهه قائم ڪري ڇڏيا آهن جو ڪن کي هڪڙي ته ڪن کي ٻين خانن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. هي ته اسان کي اهو ٻڌائين ٿا ته بلوچ ترقيءَ جي رستي ۾ رڪاوٽ وجهن ٿا، ترقيءَ جا دشمن آهن.

امت: حڪمران، سياستدان، مولوي، مسٽر ڪامريڊ سڀ وڪامجي وڃن ٿا، ڪنهن وٽ به ضمير زندهه سلامت نه رهيو آهي.

رسول بخش پليجو: (ڪلندي) آمريڪا وڃڻ ۾ ضمير جو مسئلو نه آهي، آئون به وڃان ٿو. اهو صحيح آهي ته سڀ وڪامجن ٿا پر هرهڪ جو اڳهه مختلف آهي. ڪڏهن ڪامريڊ جو اڳهه وڌيو وڃي ته ڪڏهن گهٽ ٿيو وڃي ته مولويءَ جو وڌي وڃي ٿو. هن ماحول ۾ ان جي ابتڙ ڪي ڪردار به پيدا ٿين ٿا. واقعي ڪي ماڻهو سڻا آهن، جيئن چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري، اسان جا وڪيل، (ر) جسٽس وجيهه الدين صاحب. اهڙن ماڻهن کي ڏسي حيرت ٿئي ٿي، حوصلو وڌي ٿو. مون کي ته تصور ۾ به نه هو. رات منهنجي هڪڙي دوست آمريڪا مان فون ڪري مون کان جسٽس وجيهه الدين جو فون نمبر گهريو، مون پڇيس ته خير ته آهي، هو توهان کي ڪيئن ياد پيو؟ چيائين ته ڪيڏو نه زبردست ماڻهو آهي، ڪهڙيون نه حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون لکيون اٿس. اسان جو هڪڙو چريو وڪيل آهي علي احمد ڪرد! ڪيڏيون نه سٺيون ڳالهيون ڪندو آهي! منهنجي دل ته ڪيس چمڙ لاءِ چوندي آهي. هڪ ٻيو دوست آهي روئيداد خان. ڪيڏو نه اعليٰ لکي ٿو، جو حيرانيءَ ۾ وجهي ڇڏي ٿو. ان جو وڏو ڀاءُ خالد خان صاحب اسان جو ويجهو دوست هو.

امت: اسان جا سرڪاري آفيسر ۽ بيوروڪريٽس جڏهن سروس ۾ هجن ٿا ته آمريت جي خدمت ڪن ٿا، پر جڏهن رٽائر ٿين ٿا ۽ اختيارن کان محروم ٿي وڃن ٿا ته جمهوريت پسند ٿي وڃن ٿا، تمام وڏيون ڳالهيون ڪندا آهن.

رسول بخش پليجو: توهان جي ڳالهه صحيح آهي. ڪجهه ماڻهو پوءِ تبديل ٿي

وڃن ٿا، پر گھٽا ماڻھو ته رڪاوٽ ٿيڻ کان پوءِ به چنبڙيل رهن ٿا. اهي ته سنيون ڳالهيون چون ٿا لکن ٿا، نه ته ٻين ۾ ايڏو تعصب ۽ بدبوءِ آهي جو توهان جيڪڏهن ساڻن ڳالهايو ته توهان جو به اندر سڙي رک ٿي وڃي. مون کي لکڻ پڙهڻ ۽ انگريزيءَ جي معاملي ۾ گهٽ رشڪ ايندو آهي، ڇو جو اسان جو واسطو ئي پڙهيل لکيل دنيا جي ماڻهن سان آهي، پر واقعي تمام خوبصورت لکن ٿا ۽ تمام زبردست ڳالهيون ڪن ٿا. پاڪستان تمام گهٽو بدلجي ويو آهي، عدليه بدلجي پيئي، ميڊيا تبديل ٿي رهي آهي. پاڪستان وڏي تيزيءَ سان بدلجي پيو، جو هاڻ انڊيا تي اثرانداز ٿي رهيو آهي. پهرين پاڪستان ۾ جدوجهد نيپال کي متاثر ڪيو. جڏهن آئون اتي هئس ته مون کي ٻڌايائون ته جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسي ڏني ويئي، تڏهن اسان به هتي مظاهرو ڪيو هو، پر ماڻهن تي گوليون هلايون ويون ۽ اتان ئي جمهوري جدوجهد جي شروعات ٿي. پهريون ڀيرو آئون اهو محسوس ڪيو ته اسين ايشيا تي اثرانداز ٿي سگهون ٿا، جيڪڏهن اسين اٿي ڪڙا ٿيون، جيئن سعودي سفير چيو ته هاڻي ماڻهو اسان جي خلاف لکن ٿا، مون کي انهيءَ تي خوشي ٿي آهي. سعودي کي اها خبر پوي ته هاڻي پاڪستاني به اسان کان ناراض ٿي سگهن ٿا ۽ سعوديءَ وارا کي آسماني مخلوق نه آهن، جنهن کي ڏسي اسين بس عش عش ڪندا رهون. جيڪڏهن حضرت عمر رضه تي ڪيس هلي سگهي ٿو ته سعوديءَ جا حڪمران ڪير ٿيندا آهن.

امت: جنرل پرويز مشرف قومي مفاهمتي آرڊيننس جاري ڪيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي سياستدان ۽ بيوروڪريٽس بدعنوانين، ڦرلٽ جي ڪيسن ۽ الزامن کان پاڪ ۽ صاف ٿي ويا، ڇا ان سان مفاهمت پيدا ٿيندي؟ ڇا عوام کي ڪجهه حاصل ٿيندو؟

رسول بخش پليجو: ان تي جيڪا تنقيد ٿئي پئي، ان ۾ هڪڙي ڳالهه نظرانداز ٿئي پئي. ملڪ ۾ سڀ کان وڏو ڪرپشن، ان جي تمام اختيارين ۽ خزاني تي قبضو آهي. سياستدانن تي به ڪروڙ، به ارب کائڻ جو الزام آهي، پر هنن ته سڄي پاڪستان تي قبضو ڪيو. ان کان وڏي ڪرپشن ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ "عزيز هم وطنو" چئي اچن ٿا ۽ سڄي ملڪ جي خزاني جا مالڪ ٿيو وڃن، ان کي ورهائين ٿا ۽ سندن ماڻهن کي ڪارائن پيارين ٿا. چون ٿا ته بينظير هيترا ارب روپيا کائي ويئي. نيڪ آهي، کاڌا هوندائين. نواز شريف به کائي ويو، پر انهن جو ذڪر ته ڪريو جيڪي سڄو پاڪستان کائي ويا! هي ٻاهران پگهارون کڻن ٿا. ٻاهران جيڪي اربين ڊالر اچن ٿا، اهي ڪيڏانهن ويا؟ مون کي ته سڄي پاڪستان جي ماڻهن کان شڪايت آهي ته اهي پاڪستان کائڻ وارن کان به ته پڇن، انهن کان به ته حساب وٺن. مفاهمت جي ڳالهه ٿئي ٿي ته سڀ ماڻهو شريف آهن. مرد مومن پاڻ ۾ ويهي فيصلو ڪن ٿا ته تون به چور آهين ۽ هي به چور آهي، پاڻ ۾ وڙهندؤ ته مالڪ جاڳي پوندا، تنهن ڪري گڏجي هلو. ان مان هنن کي ڪوبه فائدو نه آهي، اهي خوار ٿيندا.

امت: توهان آل پارٽيز ڊيموڪريٽڪ موومينٽ ٺاهي، پر آزمائش صدارتي چونڊون هيون، ان موقعي جي حساب سان سرحد صوبي ۾ جيڪا صورتحال پيدا ٿي ۽ جيڪي اختلاف سامهون آيا، تنهن مان اي پي ڊي ايم ۾ ڪمزوري پيدا ٿي يا مضبوط ٿيو؟

رسول بخش پليجو: آئون سمجهان ٿو ته هتي ملي آهي. اها به طرفي ٿي سگهي ٿي. هڪڙو ائين ته توهان کي سنو کارايو وڃي، جنهن سان توهان جي صحت بهتر ٿئي. ٻيو اهو ته اوهان کي ڪا بيماري هجي، جنهن جي اوهان کي ڄاڻ ئي نه هجي، ۽ پوءِ خبر پئجي وڃي ته توهان جي جسم ۾ ڪهڙي بيماريءَ جا جراثيم آهن ۽ جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ دوا به تجويز ٿئي. اي پي ڊي ايم ۾ به بيماري هئي. ڇا اهو گهٽ آهي ته ابتدا ۾ ئي خبر پئجي ويئي ۽ هاڻي اها بيماري اڳتي نه پکڙبي. جڏهن اسان ايم آر ڊي ۾ هوندا هئاسين ته سڀ کان وڏيون تقريرون اهي ڪندا هئا، جيڪي سرڪار جا ماڻهو هئا. هڪڙي غريب عوام پارٽي به هئي، جيڪا هڪڙي مهيني ۾ نهي هئي، اهي هوندا هئا ۽ ٻيا اسان جا ڪامريڊ هوندا هئا، جن کي آئون چوندو هئس ته جناب! هاڻي توهان اصل موضوع تي اچو. جواب ملندو هو ته اچان پيو. بابا! وقت تمام گهٽو ٿي ويو آهي، توهان اصل موضوع تي نه پهتا آهيو ۽ وري چئو ٿا ته بس اچان پيو. ٻئي ڪنهن کي ڳالهائڻ جو موقعو به نه ملندو هو. سنو ٿيو آهي جو هاڻي کان ئي هتي خبر پئجي چڪي آهي.

امت: جن جراثيمن جو توهان ذڪر ڪيو آهي، تن جي پکيڙ ته تمام وڏي آهي، جن کي ڪيڙ سان باقي اي پي ڊي ايم ۾ ڇا بچندو؟

رسول بخش پليجو: آئون بار بار چوندو آهيان ته هڪ ماڻهو به بيهي رهي ته اهو گهٽو آهي. حضور ﷺ جن سان گڏ پهرين ڏينهن گهٽا ماڻهو هئا؟ مارڪس ۽ لينن به ماڻهو هئا. مارڪس جو ڪوٺ به گروي هوندو هو. سرديءَ ۾ ڪيئن ٻاهر نڪري؟ محمد علي جناح هڪڙو هو. گانڌي به هڪڙو هو. دنيا ۾ وڏا وڏا ڪم ته اڪيلن فردن ڪيا آهن. هينئر ته تمام گهٽا ماڻهو اٿيا آهن. وڪيل به گڏ آهن، ڪي ننڍا وڏا پاڪ باقي بچيا آهن، انهن جي قيمت به وڏي ويئي آهي. عمران خان جيڪي ڳالهيون ڪري ٿو، سي اڳ نه ڪندو هو. پهرين اگر مگر، هيڏانهن هوڏانهن ڪندو هو. ٻين ماڻهن جا رويا به تبديل ٿيا آهن. اڄ ڪلهه توهان کي اجلاسن ۾ اچڻ ڪپي ۽ ڏسو ته ڪيئن نه ماڻهو هڪ ٻئي جي باري ۾ ڳالهائن ٿا. اڳ ۾ ائين نه هوندو هو.

امت: سرحد صوبي ۾ واپڊا جي اڳوڻي چيئرمين شمس الملڪ کي نگران وزيراعليٰ ڪيو ويو آهي. هن ٽريلر کي ڏسي توهان جي ڪهڙي راءِ آهي ته آزاد ۽ انصاف تي ٻڌل چونڊون ٿي سگهنديون؟

رسول بخش پليجو: شمس الملڪ تمام وڏو قيمتي ماڻهو آهي. هي اهو غلام آهي، جنهن چيو هو ته ڪالاباغ ڊيم نهڙ گهرجي، پلي ڪيڏي به تباهي چو نه اچي.

امت: ڇا عام چونڊون ٽي رهيون آهن؟

رسول بخش پليجو: ها، چونڊون ضرور ٿيندیون، ان کان سواءِ هي اڳيان ڪونہ وڌي سگهندا، نہ تہ بحران ناقابل برداشت ٿي ويندو. آئون توهان کي سچ ٻڌايان تہ مون کي جنرل پرويز تي ترس ايندو آهي تہ ان کي احساس ئي نہ آهي تہ هن کي ڪهڙيءَ طرح استعمال ڪيو ويو ۽ هن کان ڪهڙا ڪم ورتا ويا. هاڻي بينظير کان بيان ڏيارايا ويا آهن تہ هوءَ فلاڻي کي اجازت ڏيندي، فلاڻي کي حوالي ڪندي، بابا نوڪري ڪريو، حڪومت ڪريو، پئسا کائو، کارايو، هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون چو ٿي ڪرين، جيڪي تولاءِ ضروري نہ آهن؟ پر توهان هن کي ڏسو تہ هن کي ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح استعمال ڪيو پيو وڃي. آمريڪا پنهنجي ماڻهن کان ائين ڪم ونڊندو آهي، جيئن زرخريد کان ورتو ويندو آهي.

امت: جڏهن جنرل پرويز مشرف صدر هوندو ۽ بينظير پٽو وزيراعظم هوندي، تہ توهان کي ڪهڙو منظرنامو نظر اچي ٿو؟

رسول بخش پليجو: پيپلز پارٽيءَ جي ڪاب مرڪزي حيثيت نہ هوندي. هي رڳو ڳالهيون ڪندا رهندا. ماڻهو باشعور آهن، هنن جي ٻاراڻين ڳالهين ۾ نہ ايندا. حڪومت ۾ هي هوندا پر اصل ۾ ڪم ڪرڻ وارا ڪي ٻيا هوندا.

امت: آل پارٽيز ڪانفرنس اي پي ڊي ايم ۾ توهان ايم ڪيو ايم تي دهشتگردیءَ جو الزام هٽندي فيصلو ڪيو تہ ايم ڪيو ايم سان ڪوبہ مفاهمت نہ ڪندو ۽ هن سان اقتدار جي پائيواري نہ ڪندو. پ پ بہ ان ۾ شامل هئي. هاڻي بينظير پٽو واپس اچي پئي ۽ ايم ڪيو ايم بہ سندس آجيان ڪري رهي آهي. جيڪو منظرنامو نظر اچي ٿو، تنهن مطابق اهي اقتدار ۾ گڏ هوندا. توهان کي سنڌ جي حوالي سان ڪهڙي صورتحال نظر اچي ٿي؟

رسول بخش پليجو: آئون ان کي پاڪستان جي پس منظر ۾ ڏسان ٿو ۽ مون کي نظر اچي ٿو تہ آمريڪا اهو فيصلو ڪيو آهي تہ ايم ڪيو ايم سپ کان وڌي پارٽي هجي. توهان ڏٺو هوندو تہ سامراجي قوتن هميشہ اهو سمجهيو آهي تہ وطن جا اصل ماڻهو تہ ڪنهن بہ صورت ۾ تعاون نہ ڪندا، تنهن ڪري اهي اقليتي ماڻهو ڏسن ٿا، جنهن ۾ سنڌ ماڻهو بہ هوندا آهن پر اهي رڳو منفي سوچ ۽ مزاج جي ماڻهن کي اڳيان آڻين ٿا، جيئن انگريز جڏهن سنڌ ۾ آيا تہ هنن مسلمانن کي پويان ڪري هندن کي اڳيان آندو ۽ هنن کي تمام گهڻو نوازيو. حيدرآباد ۾ سرڪاري اسڪول نہ کوليا ويا، سنڌ کي بمبئي سان شامل ڪرڻ کان پوءِ نوي سالن ۾ ٽيهہ ميل پڪو رستو ناهيو ويو، هڪڙو بہ گورنمينٽ ڪاليج نہ ناهيو ويو. سپ ڪجهہ هندن جي هٿ ۾ هو. يو- پي ۾ انگريزن مسلمانن کي بادشاهہ ڪيو ۽ هندن کي دٻائي ڇڏيو. عراق ۾ آمريڪا ڪردن کي بالادست ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. افغانستان ۾ تاجڪن کي اڳيان آندو پيو وڃي. سامراجي واردات جو طريقو اهو هوندو آهي. هتي ايم ڪيو ايم

جي تربيت يافتہ دهشتگردن کي اڳيان رکندا. هنن کي پاڪستان جي سپ کان وڏي پارٽي ٺاهيندا. پنجاب ۾ ويچارا چوڌري صاحبان ڏمي آهن. سنڌ ۾ بہ ڏمي ماڻهو رکيا ويندا. اصل ۾ تہ وڏي پارٽي ايم ڪيو ايم کي ٺاهيو ويندو. ٽنڊي محمد خان ۾ هنن کي ڪير بہ نٿو سڃاڻي پر اهي آزاد ڪشمير تائين پهچي ويا آهن. توهان شايد آمريڪا جي ادائن کان واقف نہ آهيو. هي سپ کان وڏي مقبول پارٽيءَ ۾ هوا پري، ان کي اڳيان بيهاريو پيو وڃي. هندستان کي چيو ويندو تہ ڏسو! هي توهان جا ماڻهو آهن، اسان هندستان جي خلاف نہ آهيون، اسان توهان سان دوستيءَ جا خواهشمند آهيون، ٻنهي ملڪن جي طاقت ان ۾ آهي تہ پاڻ ۾ وڙهڻ بدران ايمانداريءَ سان والاريل ڪشمير جو مسئلو حل ڪرڻ کپي، ائين نہ جو ڪشمير کي غلام رکي سوديبازي ڪئي وڃي. ٻنهي ملڪن ۾ معقول ۽ باوقار دوستي هئڻ گهرجي، تہ جيئن ڪشمير سميت ٻين مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کي چئي سگهن. بنگالين سان بہ اهڙي دوستي هئڻ گهرجي. موجوده صورتحال ۾ اهو تمام ضروري آهي، پر آمريڪا جو خواب هاڻ پريشان ٿي ويو آهي. پنجاب سڄي صورتحال کان واقف ٿي ويو آهي. هي تہ چاهين ٿا تہ پنجاب ۾ بہ ڏمي حڪومت ٺاهي وڃي، چوڌري صاحب جيءُ حضوري ۾ لڳا رهن ۽ هي مالڪ جي حيثيت سان ڪم ڪن. پنجاب ۾ ڪمزور حڪومت هوندي ۽ انهن کي جيڪو چيو ويندو، اهو ڪندا. سنڌ ۾ جيئن هنن کي حڪم ڏنو ويو تہ توهان چيف جسٽس کي ڪراچي اچڻ نہ ڏيو، ان تي عمل تہ ڪرائي جا ماڻهو تہ ڪري سگهن ٿا، جنهن جي پنهنجي ڪابہ عزت نہ هجي، ان کان ڪوبہ ڪم ونڻي سگهجي ٿو. گهر جو ماڻهو تہ ائين نٿو ڪري سگهي. هو سمجهندو تہ چيف جسٽس آف پاڪستان اچي پيو تہ ان ۾ منهنجي بہ عزت آهي، پر چريو ماڻهو سپ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو.

امت: جنرل پرويز مشرف ترقي پسند ۽ روشن خيال ماڻهن کي پاڻ سان گڏ ڪٽي رهيو آهي، پر توهان جهڙا ترقي پسند پيپلز پارٽيءَ جي خلاف نواز شريف سان گڏ بيٺل نظر اچن ٿا.

رسول بخش پليجو: نواز شريف جڏهن ڪالاباغ ڊيم لاءِ قدم کنيو تہ اسان احتجاج ڪرڻ لاءِ اوباوڙو ۾ گڏ ٿياسين. نواز شريف سمجهي ويو تہ هيءَ ڳالهہ پاڪستان کي ٽوڙڻ جي آهي. ڪي قوتون ڪالاباغ ڊيم جو مسئلو ڪٽي صوبن کي پاڻ ۾ ويڙهائين ٿيون. هن چيو تہ جيڪڏهن سنڌ ۽ ننڍا صوبا راضي نہ آهن تہ انهن جي مرضيءَ جي خلاف ڪالاباغ ڊيم نہ ٺهندو ۽ هو آخر تائين ان ڳالهہ تي قائم رهيو. جنرل پرويز مشرف تہ سنڌ ايم ڪيو ايم جي حوالي ڪري ڇڏي آهي. مسلم ليگ (ق)، پيپلز پارٽي ۽ ٻيا تہ هن جا چوٽو آهن. اسان جي وڏيرن جا بہ گروهہ آهن: هڪڑا پيپلا تہ ٻيا نان پيپلا آهن. پ پ جو ڪم ڪهڙو آهي؟ جيئن مون پهرين بہ چيو تہ هن جو مثال ائين آهي جيئن هڪ پوليس وارو مجرم کي مارڪٽ ڪري رهيو

هجي ۾ ان کي چوي ته سچ ٻُڌاءِ، ته مٿان وري ٻيو پوليس وارو اچي چوندو، ڏس! هي توکي ماري ٿو. هاڻي آئون اچي ويو آهيان، هاڻ توکي کير کجهه ٻه نه چوندو. هو پهرئين پوليس واري کي چوندو ته ڇڏ هن کي، هاڻ هي سچ ٻڌائيندو. پوءِ هو مجرم کي کجهه کارائيندو پياريندو. پيپلز پارٽي سڀي پوليس واري وانگر آهي. اها حڪومت ۾ ايندي ته چوندي هن کي پٽ کارايو. هن کي ٻه هزار روپيا زڪوات جا ڏيو. هن کي نائب قاصد واري نوڪري ڏيو. ڪم اهوئي ٿيندو جيڪو کجهه مٿيان چوندا. هي وڏيرا آمريڪا جا پنو آهن. هي بظاهر پ پ يا مشرف حڪومت ۾ وينا هوندا آهن پر اندر ۾ سڀ مليل هوندا آهن. ڪم انهن جا ٻه ٿيندا آهن، ائين عملي طور ٻنهي طرفن جي وڏيرن جي گڏيل حڪومت هوندي آهي. پيپلا ۾ نان پيپلا وڏيرا اندران گڏيل هوندا آهن، جيئن سرحد صوبي ۾ ماڻهو چون ٿا ته بوگس مخالف ڏر هئي، آئون ته نٿو چوان، مون کي وڏو احترام آهي، پر ماڻهو چون ٿا ته بوگس مخالف ڏر اتي جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي، وقت کان اڳ ۾ اسيمبليون ٽوڙڻ مان کوبه فائدو نه ٿيو. اهو سڀ کجهه اسان جي سامهون ٿيو. اسان وارن مان ٻه هڪڙو نمائندو وڏي گوڙ سان چوندو هو ته تڪڙ ۾ استعيفائون ڏيڻ ۾ اسيمبليون ٽوڙڻ جو فيصلو کيو ويو آهي. تاريخ کي اڳيان وڌڻ گهرجي. مون ان وقت ٻه چيو هو ته تڪڙ جو مطلب اهو آهي ته سڀ کم وقت گذرڻ کان پوءِ ٿيندا. مون ٻئي همراهه کي اشارو ڪندي چيو ته هي ماڻهو اهو آهي جنهن کي پرتي کيو ويو آهي ۽ انهن کي کم سونپيا ويا آهن. سنڌ ۾ اوهين پ پ جي شڪايت ڪنهن سان ڪندا؟ ٻيا وڏيرا ٻه انهن سان مليل هوندا آهن. موجوده حڪمرانن جي سرپرستيءَ ۾ سنڌ جا اصل حڪمران لکين ايڪڙ زمين، اربين روپين جون عمارتون ۽ ڪروڙين روپيا کائي ويا آهن. حڪومتي وزيرن يا ٻين ان جي خلاف کجهه نه کيو آهي. پ پ ايم کيو ايم جي حڪمراني تسليم ڪري ورتي آهي ۽ هاڻي ناٽڪي مخالفت ڇا ڪندي؟ انهن جا ماڻهو قتل ٿيا، پ پ وارن ڪيس ٻه داخل نه ڪرايو. رڳو ڊرامو ڪريو... جهڙيءَ ريت مايون نخرا ڪن ٿيون، پ پ وارا چوندا ته رب ڪري، انهن جي هٿن ۾ ڪينئان پون، پر کابه کارروائي نه ڪندا. هي قيامت تائين ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت جاري رکندا، عملي طور کابه ؟؟؟ کارروائي نه ڪندا. پ پ جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي ته اها پنهنجي مقصد لاءِ ڪنهن ٻه شيءِ جو سودو ڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن انهن کي چون ته هي ناظميءَ جون ٻه سيٽون وٺو، هي ان لاءِ ٻه راضي ٿي ويندا. خريدار وڃي ڪيئن؟ خسيس شيءِ ٻه هٿ چڙهي وڃي ته ٻه ٺيڪ آهي. هنن وڏيرن جو عوام سان کوبه واسطو نه آهي. گهٽا ته پاڻ کي سنڌي سڏائڻ ۾ شرم محسوس ڪندا آهن.

امت: جيڪڏهن اهڙي صورتحال آهي ته ان جي باوجود توهان اينٽي گريٽر ٽل ڪئنال ۽ ڪالاباغ ڊيم ايڪشن ڪميٽي ۽ ٻين اتحادن جي قيادت ته پيپلز پارٽيءَ کي سونپي ڇڏي آهي.

رسول بخش پليجو: هي اسان جا قائد آهن، جيئن چوندا ائين تہ ٿيندو. هيڏانهن اي پي ڊي ايم ۾ اسان جا سڀ کان وڏا قائد آهن، جنهن جي باري ۾ خبر نہ آهي ڇو ماڻهو چون ٿا تہ اهي اتحاد کي تارپيڊو ڪرڻ چاهين ٿا، پر اسان جون پنهنجون مصلحتون آهن، هنن جون پنهنجون مصلحتون آهن، جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ اسين ان مسئلي کي هن وقت تائين زنده رکي نہ سگهون ها، هي مسئلو ختم ٿي ڇڪو هجي ها. جيڪڏهن اسان هنن کي قائد ۽ بزرگ ڪري نہ رکيو وينا هجون ها تہ هي ٻئي ڏينهن نڪري پيڇي وڃن ها. اسين ٻار کهڙي ماءُ جا آهيون؟ مون کي اها ڏمڪي ڏني ويئي تہ جيڪڏهن اسان جي مخالفت ڪندؤ تہ اسين ڪالاباغ ڊيم جي مسئلي تي توهان جي حمايت نہ ڪنداسين. مون چيو تہ ائين نہ ڪجو، ڪاوڙ اسان تي ڪيو، توهان جي ڳالهہ مڃينداسين. ڪالاباغ ڊيم عوام جو مسئلو آهي، حڪومت ۽ وڏيرن جو مسئلو تہ نہ آهي. پ پ ۽ وڏيرن جو مسئلو تہ ڪرسي آهي، پوءِ تہ سنڌي ماڻهو انهن جا غلام آهن، هو تہ ڇا انهن جا پيءُ ٻہ ووٽ ڏيندا. هي تہ سڌو سوال ڪن ٿا تہ جيڪڏهن پ پ کي ووٽ نہ ڏيندؤ تہ پوءِ ڪنهن کي ڏيندؤ؟ تہ پوءِ توهين فلاڻي کي ووٽ ڏيندؤ؟ تہ پوءِ ڇا اهي اسان کان پري آهن؟ اسين انهن کي ٻہ پ پ ۾ شامل ڪري ڇڏيندا سين، تنهن ڪري ضروري آهي تہ سنڌ ۾ ٻي ٻہ ڪا پارٽي هجي. پ پ جي حڪومت جي معنيٰ آهي تہ ايم ڪيو ايم جو دهشتگرد، نادرشاهي رنگ ڍنگ قائم رهي ۽ هر شيءِ کي ڦري لٽي برابر ڪري ڇڏيندا. اهي جيڪڏهن ايان وڏيڪ چار سال رهيا تہ سنڌ کي بنجر ڪري ڇڏيندا، ڪجهہ ٻہ باقي نہ بچندو.

امت: توهان جي، ايم سيد سان ٻہ گڏ ڪم ڪيو. هڪ قوم پرستيءَ واري سياست جو ٻہ دور هو ۽ هڪڙو هاڻي آهي، ان ۾ توهان کهڙو فرق پيا محسوس ڪريو؟

رسول بخش پليجو: مون هڪ دور کي ڇڏي ڪري جي. ايم سيد جي سياست کي ڪڏهن ٻہ صحيح نہ سمجهيو آهي. ان دور جون منهنجون لکٹيون موجود آهن، جن ۾ مون هن سان اختلاف رکيا. هن جو طريقيڪار بينظير ۽ مولانا فضل الرحمان کان مختلف نہ هو. تمام سنو ماڻهو هو. هو سڀني سان گڏجي ڪم ڪندو هو، جيڪو هيئين ۽ مٿين سڀني جي فائدن وٽان هوندو هو. مولانا فضل الرحمان ٻہ تيز آهي، بينظير ٻہ تيز آهي، پر جي. ايم سيد انهن کان ٻہ تيز هو. بينظير ويچاري تہ تمام صاف ڳالهيون ڪري ٿي. هوءَ بظاهر سنڌ جي عظمت لاءِ سڀ ڪجهہ ڪري پئي. ٿيهن سالن کان سنڌ ۾ ڪو پڑهيل لکيل ماڻهو ملي ٿو؟ تعليمي ادارن ۾ غندا ويهاريا ويا آهن. سنڌ ۾ تعليم بند آهي، چوتہ ڪالیجن ۽ يونيورسٽين ۾ تہ سنڌو ديش ناهيو پيو وڃي. اهي بزرگ ٻہ پهتل آهن، تمام وڏا پهتل ماڻهو آهن.

امت: چيو وڃي ٿو تہ توهان کنهن سان گڏجي نہ ٿا هلي سگهو. سنڌ جي لاءِ جيڪي اتحاد نهن ٿا، انهن کي توهان ئي توڙايو ٿا؟

رسول بخش پليجو: توڙي ته توهان نه ٿا چئي سگهو، پر توهان هيئن چئي سگهو ٿا ته مون انهن اتحادن کي چڏيو. جيڪڏهن نه چڏيان ها ته تباهي اچي وجي ها. لينن چيو آهي ته جيڪڏهن کو توهان سان صحيح رستي تي پنج منٽ به هلي ٿو ته توهان ان سان گڏ هلو، جڏهن هو رستو مٽائي ته توهان الڳ ٿي وجو. جڏهن ايم کيو ايم ناهي ويئي، تڏهن جي. ايم سيد صاحب انهن سان گڏجي ويو. هو وڏا سمجهدار ۽ فنڪار ماڻهو هئا. مولانا کان به وڏا فنڪار هئا. بينظير ته سادي آهي، فنڪار نه. هن جي صرف دڪانداري آهي. هوءَ ته پنهنجي پيءُ ۽ ڀاءُ جي شهيد ٿي ويڙ جون ڳالهيون ٿي ڪري، جمهوريت لاءِ ڪجهه به نه پئي ڪري. سياٽي جيڪڏهن نواز شريف ۽ مولانا فضل الرحمان فنڪاري ڪرڻ شروع ڪندا ته اسين انهن سان گڏ نه هونداسين، اسين توهان کي الڳ بينل نظر ايندا سين. جيتري تائين اسان سان ڪير هلي ٿو ته سڀ ڳالهه آهي. اڄ بش ازم، مش ازم ناهڻ وارا پنهنجون پاليسيون درست ڪري وڻندا ته اسين انهن سان گڏ هونداسين، جيئن اڇڪلهه اسان تي ڪيترائي ماڻهو طنز ڪن ٿا ته اسين مولوين سان گڏ آهيون. آئون چوان ٿو ته مولوي ڪڏهن به صحيح نه هجن ها، پر اڄ مولوين کان سواءِ ڪير پيو وڙهي؟ سپ کان وڌيڪ قتل ڪير پيا ٿين؟ سامراج، آمريڪا ۽ دهشتگردن خلاف اڄ سپ کان وڌيڪ ڪير بينو آهي؟ پر اوهان جي وات ۾ زبان ناهي جو به لفظ ڳالهائي سگهو، مذمت ڪري سگهو. جمهوريت پسند بينظير پٽو عراق ۾ ٿيندڙ قتل عام جي باري ۾ ڪڏهن سوال اٺاريو ته چو قتل عام پيو ٿئي؟ هوءَ بائوچر سان روز "هيلو- هيلو" ڪري ٿي، پر ڪڏهن پڇا ڪيائين ته عراق ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟ افغانستان ۾ بمباري ڪري هزارين ماڻهو چو پيا ماريا وڃن؟ جن ماڻهن جيڪي ڪجهه به ڪيو، انهن کي پڪڑيو، پر بيگناهه ماڻهن جو قتل چو پيو ڪيو وڃي؟

امت: اوهان ۽ سنڌ جي بين قومپرستن پارلياماني سياست شروع ڪئي آهي. اوهان جو حدف ڇا آهي؟ اوهين ڇا ٿا حاصل ڪرڻ چاهيو؟

رسول بخش پليجو: اسين پارلياماني سياست نه پيا ڪريون، پر جيڪڏهن اوهين ائين چئو ته وفاق وارو پاڪستان موجود نه آهي ۽ اسين چئون ٿا ته وفاق صحيح معنيٰ ۾ هجڻ گهرجي، پوءِ ته ٺيڪ آهي. وفاق ڪٿي آهي؟ آئون قوم پرست نه آهيان، نه ئي مون پاڻ کي ڪڏهن قوم پرست سڏايو آهي، پر ها، ائين آهي ته جيڪڏهن کو منهنجي وطن تي حملو ڪري ٿو ته منهنجو فرض آهي ته مان ان لاءِ وڙهان. سنڌ سان جيڪڏهن ظلم ٿئي ته ڇا اسين چپ ڪري ويهون؟ سنڌ جي حوالي سان منهنجي دل تي تمام گهرو زخم آهي. حڪمران، بينظير ۽ وڏيرا ڇا پيا ڪن؟ سنڌ کي اسان جي سامهون ڪُرتي کائي ويا آهن. اسين هتي ويٺا آهيون. ايم ڪيو ايم وارا سنڌ جا مالڪ ٿي ويهي رهيا آهن. ڪنهن انهن کي مالڪ ناهيو آهي؟

عالمي سطح تي سامراج مخالف تحريڪ ايري رهي آهي 16 صدي ڪان مغربي سامراج جي غلام دنيا آزادي ضرور ماڻيندي. هندستان مان آيل ڪميونسٽ پارٽي سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي ترجمان نہ هئي، هو عوامي نہ پر ڊرائنگ رومي هئا.

انٽرويو : ذوالفقار واهوچو/روزاني عوامي آواز 13 جولاءِ 2009ع

[عوامي تحريڪ جو باني اڳواڻ رسول بخش پليجو تقريباً گذريل 50 سالن کان سياست ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺي رهيو آهي. پليجو صاحب اديب به آهي ته دانشور به آهي، وڪيل به آهي ته سياسي اڳواڻ به آهي. سندس وڏي خوبي اها آهي جو هو سياست ۾ هميشہ متحرڪ ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. سزائون، قيد ۽ فتوائون سندس مسلسل جدوجهد جو حصو رهيون آهن. حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌي ادبي سنگت ۾ به حصو وٺندو رهيو، ته ون يونٽ جي خلاف پڻ سندس شمار سنڌ جي چوٽيءَ جي اڳواڻن ۾ ٿيندو آهي. پليجو صاحب ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف به آهي ته لاتعداد لکڻين جو مترجم پڻ.

نيشنل عوامي پارٽيءَ جو سياسي پليٽ فارم به استعمال ڪيائين ته سائين جي- ايم سيد، حفيظ قريشي، مير علي بخش ٽالپر ۽ فاضل راهو سميت مختلف اڳواڻن سان پڻ گڏجي سنڌ ۽ سنڌين جي حقن لاءِ وقت بوقت "اتحاد" پڻ جوڙيائين. ملڪي سطح تي عوامي نيشنل پارٽي ناهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري، ان جو سيڪريٽري جنرل به رهيو ته ڪابي ڏر جي مختلف جماعتن سان ترقي پسند اتحاد پڻ جوڙيائين. سنڌ ۽ پاڪستان جي مختلف سرگرم سياسي جماعتن ۽ اڳواڻن توڙي حڪومتن جي باري ۾ سندس راءِ تڪراري هجڻ جي باوجود "نرالي"، "منفرد" ۽ سگهاري آهي.

هن انٽرويو ۾ پليجي صاحب نہ صرف سنڌ ۽ پاڪستان پر پاڙيسري صوبن ۽ ملڪن جي باري ۾ جيڪو ڪجهہ چيو آهي يا گلوبل سطح تي تيزيءَ سان ٿيندڙ تبديلين جي سلسلي ۾ جيڪو ڪجهہ چيو آهي، اهو پڙهندڙ مهربانن لاءِ پيش ڪجي ٿو- ادارو]

عوامي آواز: ڇا اوهان سمجهو ٿا ته پاڪستان ۾ سوشلسٹ انقلاب ۽ ڪابي ڏر جو مستقبل آهي؟

پليجو صاحب: هندوستان مان جيڪا ڪميونسٹ پارٽي آئي هئي، ان سوويت يونين جي نظرئي جي عڪاسي ڪانہ پئي ڪئي. اهي ڪانگريس جو نظريو کڻي آيا

هئا ۾ انهن قومپرستيءَ جون ڳالهيون ب اهي پئي ڪيون، جيڪي ڪانگريسي ڪندا هئا. انهن جو تمام تعصبي رويو هو. تنهن ڪري انهن ڪوشش ڪئي ته پاور فقط پنهنجي اختيار ۾ رکن، تشريحون ب پنهنجون ڪندا هئا. آمريڪا ۾ ڪوياما اعلان ڪيو ته روس جي زوال کان پوءِ تاريخ ختم ٿي وئي، هاڻي انساني تاريخ ۾ سرمائيداري نظام رهندو. تاريخ ثابت ڪيو ته اُها ڳالهه غلط آهي. هندوستان مان جيڪي ڪميونسٽ پاڪستان آيا هئا، انهن جو ڪيترين ڳالهين ۾ هندوستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ سان تعلق نه هو. اهي هٿرادي ڪميونسٽ پارٽي ناهي آيا هئا، مثال طور: يو- پي، سي- پي وارن دوستن چيو ته، "قومي حق ڪا شيءِ ناهن، ماڻ ڪري ويهو، جيسين دنيا ۾ مزدور جي حڪومت قائم ٿئي ۽ ان کان پوءِ پنهنجا قومي حق گهُرجوَ. جمهوري جدوجهد سان ب اوهان جو ڪو حق ڪونهي. سڄو ڏينهن پرولتاري- پرولتاري، مزدور- مزدور ڪريو." اهي ولگر نظريو ڪٽي آيا هئا، جيڪو هڪ طرفو هو. هاڻي ب ڳالهه ٿي آهي. روس جي زوال کان پوءِ ٽراٽسڪائي ليفٽ جا وارث ٿي ويا آهن. بدنامِ زمانہ ٽراٽسڪائي کي هنن سمجهيو آهي ته اها مارڪسزم آهي. جڏهن ڪو ماڻهو مارڪس جي ڳالهه ڪري فقط ترقي پسنديءَ کي مارڪس تائين محدود ڪري ڇڏي، معنيٰ ته اصل ۾ مارڪسزم ترقي ڪئي ناهي، بس ڳالهه اتي ختم ٿي وئي، ته سمجهو ته اهو ٽراٽسڪائي آهي. ٽراٽسڪائي ازم هميشہ سامراج جي پولڙي رهي آهي. انهن ڏينهن ۾ ب ان جون زبردست تشريحون ٿيون هيون ۽ مون ب ان تي ڪتاب لکيو آهي. هينئر ب گلاب جا گل ٿيا وينا آهن ۽ تڙن پيا. هر ڳالهه کي "استالنزم- استالنزم" چئي رد ڪري رهيا آهن. جيئن مذهب ۽ عقيدن ۾ ٿئي ٿو، تيئن کاپي ڏر بابت جيڪي تصور آهن، اهي ب انتهائي بحث طلب آهن، غور طلب آهن. پاڪستان ۾ رڳو ٽراٽسڪائي پئي ٻولي، مارڪسزم، لينن ازم ۽ ايشيا ۾ جيڪي ترقيون ٿيون آهن، انهن جو ذڪر ڪونہ پيو ٿئي. هاڻي اهو دور شروع ٿيندو. مارڪسزم، لينن ازم، فڪرِ مائوزي تنگ، هوچي منهه ۽ خود لاطيني آمريڪا ۾ جيڪي مظاهرا ٿين پيا، اهي رڪارڊ تي ايندا. برسيلرس ۾ دنيا جي ترقي پسند پارٽين جا جيڪي خيال رڪارڊ پيا ٿين، اهي ب ميدان ۾ ايندا. هاڻي ڀرپور نموني ترقي پسند نظريو دنيا ۾ ڦهلجڻ شروع ڪندو.

عوامي آواز: سنڌ جي قومي، معاشي ۽ ثقافتي غلاميءَ جا ڪهڙا سبب آهن ؟

پليجو صاحب: ٽئين دنيا جا سيئي ملڪ غلام آهن، جيئن ئي مغربي سامراج هتي آيو آهي. اڳيئي هتي پٺاڻ، مغل، منگول ۽ ٻيا مقامي سامراج هئا. اولهه پاسي هن دنيا ۾ سدائين سامراج رهيا آهن، غلامي رهي آهي. سورهين صديءَ کان سڄي دنيا تي مغربي سامراج جي غلامي رهي آهي. سڄي دنيا غلام آهي، سنڌ رڳو ناهي. آفريقا، لاطيني آمريڪا ب غلام آهن. هرهڪ ملڪ جي غلاميءَ جا سبب ب پنهنجا آهن، پر انهن ۾ هڪ گڏيل ڳالهه ب آهي ته دنيا ۾ ماڻهو قومي حقن لاءِ ب وڙهيا آهن،

قبائليت ۾ رهي آهي، تمام ننڍا راڄوٽي نظام ۾ رهيا آهن. هندوستان ۾ اڳوٽا نظام ۾ هئا. صدين جون صديون ماڻهو ڳوٺ کان ٻاهر ويا ئي نٿي. سنڌ جي پسماندگيءَ سان گڏ عالمي سبب هئا، جيڪي سيني کي معلوم آهن. ارغونن، ترخانن چڙهائي ڪئي. اسان جا بلوچ پائر وڃي ارغونن کي ونڊي آيا. اهي وبائون اڃي سڀي تي ڪڙڪايائون. انهن کين ڪيڊي ڇڏيو. چاڪر خان پڃي وڃي پنجاب نڪتو. عقلمندي انهن جي هئي، سا ڳڇيءَ اسان جي ۾ پئي. سيني تي ارغونن قبضو ڪري ورتو ۽ اتان پوءِ آيا هِتي. ترخان ۾ هِتي هئا. انهن کان پوءِ مغل آيا، پوءِ مقامي طور ڪلهوڙا ۽ اسان جا پيارا دوست تالپر، تن جي حڪومت آئي. اهي ٻئي رجعت پرست حڪومتون هيون. تالپر دور کان اڳ سنڌ جي وڏي حڪومت هئي، جيڪا پوءِ اچي هيڏڙي ٿي، تنهن کي ۾ انهن ٽن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. شڪارپور کي دروازن ۾ ورهائي ڇڏيائون. هي فلاڻي مير جو ديرو آهي، هي فلاڻي مير جو ديرو آهي، ڇاڪاڻ ته هنن ڪڏهن ان کان اڳ آئيڊيل حڪومت ڏني ئي ڪانه هئي ۽ نه ئي انهن کي حڪومت ڪرڻ جو ڪو فهم هو. هي ننڍڙو قبيلو هئا. هنن کي تجربو نه هو ته حڪومتون ڪيئن ڪجن. انهن جي دور ۾ جيڪي پاليسيون هيون، تن جي نتيجي طور هندن کي سخت احساس رهيو ته اسان سان ظلم ٿيو آهي. ان کان پوءِ انگريزن جڏهن سنڌ تي حملو ڪيو ته انهن پوءِ هندن کي پنهنجو مددگار ڪيو. انهن کي استعمال ڪري، هتي جيڪي مسلمان هئا، انهن کي غلام بڻائي ڇڏيائون. هتي وري مغلن، ترخانن، ارغونن، ڪلهوڙن، تالپرن سان گڏ هاڻي انگريزن ۽ هندن جي بادشاهي قائم ٿي. انهن مسلمانن کي پڙهڻ کونه ڏنو. جيئن هندوستان مان جعلي ڪميونزم آئي هئي، تيئن هتي ۾ ڪوڙي قومپرستي پيدا ٿي. "هي ۾ سنا هئا، هو ۾ سنا هئا، سڀ سنا هئا، تنهن ڪري تنقيد ڪبي ئي ڪانه!" پنهنجي دور تي ۾ تنقيد ڪانه پئي ٿي. اهي ڪٿي سنا هئا؟ انهن تباهيون ڪيون. سنڌ کي جيئن ڪلهوڙن ۽ ميرن تباهه ڪيو، ميرن سنڌ جي سڃي ڪچي کي شڪارگاهه بڻائي ڇڏيو. ميرن صنعت کي تباهه ڪري ڇڏيو، تيئن هندو پائرن ۾ تباهي ڪري ڇڏي، پڙهڻ ئي کونه ڏنائون، تعليم بند ڪري ڇڏيائون، ٽوٽل سنڌ کي پيڙهي برباد ڪري ڇڏيائون. سنڌ جا وڏيرا، جيڪي وڏا قومپرست ٿا سمجهيا وڃن، اهي انهن سان گڏ هئا. انهن گڏجي سنڌ کي ان وقت غلام رکيو. 1947ع ۾ ۾ نالي ماتر آزادي ملي. هندوستان جي يو- پي ۽ سي- پي کان دوست انگريزن ۽ آمريڪا سان صلاح ڪري، هتي گلاب جا گل ٿي آيا هئا. انهن اسان جي ملڪ تي حملو ڪيو آهي، قبضو ڪيو آهي. 60 سالن کان ملڪ تي قبضو آهي. وڏيرا ائين ئي آهن. اهي يَو چو آهن. مغربي سامراج انگريز جو قبضو هو، هاڻي انهن جو اڳواڻ آمريڪا آهي. يورپ ۾ ان سان گڏ آهي. هيءَ خاص ڪري ڪالوني آهي، جنهن تي هنن جمعدار ايم- ڪيو- ايم کي ڪيو آهي. وڏيرا وري انهن جا ڪاروا آهن، سي هلن پيا. آمريڪي سامراج ملڪ جو مالڪ آهي، هي ايم- ڪيو- ايم وارا

۽ اسان جا پوتار ٿوپڑي لاهيو وري پيا پائن. نالو ان جو آهي "مفاهمت!" ان ڪري پسماندگي ٿي آهي، تباهين ۽ بربادين مان جان ڪانءِ ڇُٽي آهي. بلوچستان جي پرسان آهيون، تنهن مان جان ڪانءِ ڇُٽي آهي. بلوچستان پاڻ تہ ترقي نہ ٿو ڪري، جاهلاڻا خيال رکيو وينو آهي، قبائليت ۽ ڪارو ڪاري مان جان نٿو ڇڏائي، ان جا برا اثر سنڌ تي پون ٿا. انهن بہ عذاب پيدا ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري اسان جا پنهنجا جيڪي مقامي برا اثر آهن، اهي بہ پون ٿا ۽ پاسي ۾ جيڪو بلوچستان آهي، ان جا بہ پون ٿا. وري پناڻ دوست هتي اچي قبضو ڪن ٿا. وڏيرو ڪلاس نااهل آهي. مڊل ڪلاس پڑهائي بند ڪري ڇڏي، تعليمي ادارن کي قومپرستيءَ جي نالي ۾ تباهہ ڪيو ويو آهي. قومي اڳواڻن جي تعريف ۾ ماڻهو بيهوش ٿي رهيا آهن. انهن جيڪي قومي ڏوهہ ڪيا آهن، انهن تعليم تباهہ ڪري ڇڏي، اهو تاريخي جرم آهي. قومي اڳواڻن سنڌ جي تعليم کي غندن هٿان جيڪو تباهہ ڪرايو آهي، اهي ست جنم ونڊي وري اچن تہ بہ انهن جو ڏوهہ ختم نہ ٿيندو. هڪڙي ماڻهوءَ کي پنج جملا انگريزيءَ جا بہ نٿا ڳالهائڻ اچن، تنهن ڪري ان جا بنيادي ڪارڻ تمام گهٽا آهن. مڊل ڪلاس اڃان مضبوط نہ ٿيو آهي. اسان وٽ عالمي ليول جا پڑهيل ماڻهو آهن ئي ڪونہ، انهن وٽ ٽڪي جو علم ناهي، تنهن ڪري ٿورو هلن ٿا تہ بيهوش ٿي وڃن ٿا. اسان وٽ جيڪي نظرئيدان هئا، سي اڻ پڑهيل هئا، ليفٽ ڪونہ پڑهيل هئا، ترقي پسند بہ ڪونہ هئا، انهن وٽ عالمي ليول جو مطالعو نہ هو. اسان کي اها خبر هئي تہ اسان عالمي ليول جو مطالعو ڪيو هو. اهي ڀڄي ويا، اسان جا اديبڙا، ترقي پسند درگاهن تي وڃي پيا. هتي جيڪي وڏا ليڊر ٿيو پيا هلن، ترقي پسند پيا سڏائين، اهي ڪونہ هئا، اهي وڏو عذاب هئا. اهي يو- پي، سي- پي وارن ڪوڙن ڪميونسٽن جا دلال ٿيو ويٺا هئا. ڪنهن بہ صورت ۾ اهي ترقي پسند نہ هئا. اڄ بہ اهي زهر ۽ غدار آهن. جڏهن بہ هتي ترقي پسند تحريڪ هلندي هئي تہ گاڏڙا ڪنيو ٻيٺا هوندا هئا. انهن جو تمام وڏو غداريءَ وارو ڪردار هوندو هو. هرهڪ جو رڪارڊ هجڻ گهرجي. رسول بخش پليجو، جي- ايم سيد ۽ يٽي جو رڪارڊ هجڻ گهرجي، پرڳڙيءَ جو رڪارڊ هجڻ گهرجي. جتوئيءَ جو ون يونٽ تي ڪهڙو موقف هو؟ پليجي، شيخ اياز، جي- ايم سيد، يٽي جو موقف ڪهڙو هو؟ اسان جيڪي هتي سورما ٿيو ويٺا آهيون، انهن جو موقف ڪهڙو هو؟ انهن ڏينهن ۾ اسان ڇا پئي ڪيو؟ انهن ڏينهن ۾ دشمن جي پاسي هئاسين يا عوام سان گڏ هئاسين؟ يا تعليم کي ناس ڪرڻ وارن مان هئاسين؟ منهنجن (رسول بخش پليجي جي) ماڻهن تعليمي ادارن کي تباهہ پئي ڪيو يا آڇپي جي نالي ۾ منهنجن ماڻهن سنڌ کي جاهل رکي، انهن جي تباهي پئي ڪئي؟ مان ضياءُ الحق سان گڏ هيس يا ان جي خلاف هيس؟ فاضل راهو جڏهن قتل ٿيو تہ مان قاتلن جي پاسي هيس يا قتل ٿيل جي پاسي هيس؟ يٽي کي جن قتل ڪيو، اسان انهن سان گڏ هئاسين يا مقتولن سان؟ يٽي جون پاليسيون صحيح هيون، جي- ايم سيد

جون پاليسيون صحيح هيون يا رسول بخش پليجي جون پاليسيون صحيح آهن؟ ڳالهيون صاف ٿيڻ گهرجن. رڳو پير پرستي آهي، اکيون بند آهن، رڳو ميائون ميائون پئي ٿئي. هتي اخبار کڻي آهي جنهن ۾ جي- ايم سيد تي صاف ڳالهه ٿيڻ گهرجي، يڻي، پليجي ۽ قادر مگسيءَ تي صاف ڳالهه ٿئي؟ هتي اسان جيڪي سڀ هيرا ٿيو پيا هلون، تن جيڪي واقعي ڪيو آهي سو ڪٽي آهي؟

عوامي آواز: سنڌ جي عوام کي حقِ حڪمراني، قدرتي وسيلن تي مالڪيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڇا سنڌ جي عوام کي ۽ بلوچستان ۽ سرحد جي عوام جيان هٿياربند جدوجهد ڪرڻ گهرجي يا سياسي ۽ عوامي قوت استعمال ڪرڻ گهرجي؟

پليجو صاحب: بلوچستان ۽ سرحد ۾ عوامي جدوجهد ڪانهي. اهي ٻئي آمريڪا جي پنڌيان پيا هلن. مون کي ائين ٿو نظر اچي ۽ ان کي چون ٿا جدوجهد! پنهنجي عوام تي انهن کي اعتبار آهي ئي ڪونہ. عوام کي انهن تعليم نہ ڏني آهي. عوامي جدوجهد آهي ئي ڪانہ. انهن کي بندوقون ڏنيون اٿن، وينا ٿا ڦُش ڦُش ڪن. اندر جيڪا سجاڳي ۽ روشن خيالي ٿئي ٿي، اها بہ نہ ڏني اٿن. رڳو قبائلي نظام آهي. هي قبائليت مان جان ڇڏائڻ چاهين ئي نٿا، مون جيڪي بلوچ سردار ڏٺا آهن. پختون رڳو قبضا گروپ آهن. "ڪراچيءَ تي قبضو ڪريو- هن تي قبضو ڪريو." رڳو قبضا گروپ آهن. هنن کي ماٺهو ٿيڻ گهرجي ها، سنڌين سان اتحاد ڪرڻ گهرجي ها، تنهن ڪري ماٺهو سنڌ ۾ پنهنجي پيرن تي بيهن. ماٺهن ۾ سجاڳي اچي رهي آهي. هتي اسان کي اهڙي خبر ڪپي جنهن ۾ اسين رسول بخش پليجي بابت جيڪي سچ پچ محسوس ڪريون، اها لڳائي ڇڏيون. سنڌ ۾ يڻي جي باري ۾ ڪير ٿو ڳالهائي سگهي؟ فيڪٽس اينڊ فگرس تي ڪنهن ماٺهو ريسرچ ڪئي آهي؟ يڻي فلاڻي تاريخ ڪهڙو بيان ڏنو؟ رسول بخش پليجي ڇا چيو؟ جام ساقيءَ جو موقف ڪهڙو هو؟ جي- ايم سيد ڇا پئي ڪيو؟ اسان رڳو سنڌ تي احسان پئي ڪيا: يڻي جا احسان، رسول بخش پليجي جا احسان، جي- ايم سيد جا احسان، رڳو احسان آهن. اسان جيڪي تباهيون ڪيون، سي ڪٽي آهن؟ بنگالين جي وڇڻ کان پوءِ سنڌ جي جيڪا تباهي ٿي آهي، ان جا ذميوار ڪير هئا؟ اهو سڄو رڪارڊ آهي. رڳو شوشو پيو ٿئي، تنهن ڪري اهو سڄو رڪارڊ اڇڻ گهرجي. اهو آهستي آهستي انشاءَ الله ايندو. سنڌ جي عوام کي حق حڪمراني ۽ قدرتي وسيلن تي مالڪيءَ لاءِ ٻڌي ۽ اتحاد ڪرڻ گهرجي ۽ گڏوگڏ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. عوام دوست ۽ سنڌ دوست نمائندا چونڊي اسيمبليءَ ۾ موڪلڻ گهرجن. هنن ڪوڙن وڏيرن مان جان ڇڏائڻ گهرجي.

عوامي آواز: موجوده ملڪي نظام هوندي سنڌ کي پاڻي، اين ايف سي ايوارڊ ۽ صوبائي خودمختياري ملي سگهي ٿي؟

پليجو صاحب: سنڌ جا ماٺهو اٿن پيا. سنڌ جي داناءَ ترين ماٺهوءَ کي پاڻيءَ بابت خبر ناهي. پنجاب جو سياستدان تہ ٺيڪ آهي، پنجاب جو ڪامورو ڪرمنل آهي.

ان سنڌ جي خلاف جيڪي ڏوهه ڪيا آهن، اسان جي وسيلن تي ڏاڙا هنيا آهن، جنهن بي حيائيءَ سان سامراج سان گڏجي ڪم ڪيو آهي، اسان جي ماڻهن کي ان جي خبر ئي ڪانهي. سنڌ جو وڏيرڪو طبقو سنڌ جي ماڻهن جو قاتل دشمن آهي. هن کي پنهنجي دلاليءَ جي پٽي ملي ٿي. ڪڏهن چونڊيل نمائندو ٿيو وينو آهي، ته ڪڏهن گورنر ٿيو وينو آهي، ڪڏهن چيف منسٽر ٿيو وينو آهي، ڪڏهن چا آهي. هن کي سنڌ جي تباهيءَ مان پٽي ملي ٿي. اهو سنڌ جو ڪڏهن نه ٿيو آهي، نه هوءِ نه رهندو. انگريزي پيو ڳالهائي، سنڌ لاءِ ڳوڙها پيو ڳاڙي. رڪارڊ ته کوليو، انهن چا ڪيو آهي. طالبان کي ڪنهن تيار ڪيو؟ سامراج کي هتي پير کوڙڻ ڪنهن ڏنا؟ گوادر جو بندر آمريڪا کي ڪنهن آڇيو؟ ڪيٽي بندر ۽ ڪراچيءَ کي گڏائڻ جي ڳالهه ڪنهن ڪئي؟ حساب ۾ رڪارڊ ته کوليو!

کُھل جائے بھرم ظالم تیری قامت کی درازی کا،
گر گرہِ پُر پیچ کا ہر پیچ و خم نکلی۔

تنهن ڪري سنڌي ماڻهو سجاڳ ٿيندا، جدوجهد ٿيندي. سمورن صوبن جي گڏيل جدوجهد ٿيڻ گهرجي. رڳو بغاوت جون ڳالهيون پيون ٿين، عوام کي سجاڳ نه پيو ڪيو ويجي، رڳو سامراج کان بندوقون ونڻي نُڻ نُڻ ڪن پيا، اها ئي جدوجهد ٿئي!

عوامي آواز: سنڌ ۾ قومپرست سياست ڪندڙ ڏرين تي عوام اوترو اعتبار ڇو نٿو ڪري، جيترو پ پ ۽ ٻين پارلياماني سياست ڪندڙ پارٽين تي ڪري ٿو؟ ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

پليجو صاحب: اسان قومپرست پٽاخور آهيون. سيني مون کي ڏٺو ته آڱ پٽاخور هيس، نُڻ نُڻ پئي ڪيم، تعليمي ادارن ۾ بندوقون پئي هلايم، باقي رهيو وڏيرو، وڏيرا سدائين دلال رهيا آهن. ماڻهن کي خبر آهي ته هنن دلالن کي ڪاڏي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ملندو، اسان کي به حصو ڏيندا: پٽيوالي، سلائيءَ جي مشين؛ معنيٰ اهي سامراج جا دلال آهن. اهي دلال پنهنجي ڪاڏي لاءِ به ونندا، انهن مان اسان کي به هڏيون ملنديون ۽ اسان انهن مان گذر سفر ڪنداسين. اسان پاڻ پٽاخور آهيون، پٽا ٿا ونون، انهن کي ڪجهه ڪونه ٿا ڏيون. هاڻي ميمبر ۽ سينيٽر ٿيندا سين ته اسان به انهن کي ڪجهه ڏيندا سين ۽ ماڻهو اسان کي به مانُ ڏيندا.

عوامي آواز: اوهان جي پارٽيءَ ۾ عورتن جو وڏو تعداد آهي. عورتن ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جو ڪهڙو خاص مقصد آهي؟ ڇا اوهان سمجهو ٿا ته عورت سماج ۾ تبديلي آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي؟

پليجو صاحب: تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ اهڙو انساني گروپ، جنهن سان ظلم ٿيڻ ڪري سماج وڌي نه سگهيو آهي، جنهن جاءِ تي سُئي اٽڪي بيهي رهي آهي، لکين سالن کان اُها سُئي عورت تي اٽڪي بيٺي آهي. عورت بظاهر جهنگ ۾ ڪم به

نٽي ڪري، ترارون بہ نٽي هٽي، ٻار ڄڻڻ، انهن جي پرورش ڪرڻ عورت جو ڪم آهي. خالد بن وليد جي تربيت پيءُ ڪري ها تہ هو ترارون هٽي ڏيکاري ها تہ مجونس ها! عورت نہ هجي.... رڳو ٻار ڄڻڻ جو مسئلو ناهي، پر مرد، ٻار پالي تہ ڏيکارين! ٻار کي شروعاتي تعليم ماءُ ۽ پيٽ کان ملي ٿي، پيٽ جيڪا ڏني وينِي آهي، اهو ڊپ سماج ۾ چانئيو پيو آهي. سنڌ جا ماڻهو بهادر نٽا ٿين، ڇو جو انهن جون مائرون ماريل ۽ ڪٽيل آهن. بلوچ ترارون نہ هٽي سگهيا آهن. ڇو وڏيون فتحون نہ ٿا ڪن؟ سُسيو، سُڪڙيا ننڍڙي بلوچستان ۾ پيا آهن، ڇوتہ انهن جون دليون ڪاڏيون پيون آهن. انهن جي ڊوڙ عورت کي مارڻ تائين آهي. "مائيءَ کي ماري وڌائين، هل پيٽان! جوان جو پٽ تيار ٿي ويو آهي!" عورت جي ڇاتيءَ ۾ ايٽم پاور لکل آهي. عورت جي ايٽمڪ پاور کي اوهان رليز ڪريو. هوءَ اوهان کي دنيا تبديل ڪري ڏيندي. جيترو غصو عورت جي دل ۾ لکو پيو آهي، ان کي ٻاهر ڪڍڻ جي ضرورت آهي. ماڻهوءَ جي اندر ۾ جيڪو آهي، اهو جيڪو لکين سال اڳ ٿي گذريو آهي، اهو اسان جي جينز ۾ شامل آهي. ٻاڻ Creation (تخليق) آهيون انهن لکن سالن جي. عورت جون لکن سالن کان جيڪي بي عزتيون، ذلتون ۽ قتل ٿي رهيا آهن، اهي لکن سالن جون ذلتون، خوف ٻار ۾ منتقل ٿيل آهي. هر ڊڄڻو ماڻهو، پنهنجي ڊڄڻي ماءُ جي اثر هيٺ آهي. ماءُ جيڪا ڏکندي هئي، اها ڏکڻي اسان جي دل ۾ پئي آهي. اولهہ جا ماڻهو جيڪي ڳاڻ اوچو ڪيو پيا هلن، انهن جون مائرون جوتا ڪونہ پيون ڪائين. ان صورتحال ۾ عورت کي اوهان ماڻهپو ڏيو، پوءِ ڏسو تہ دنيا ڪيئن ٿي تبديل ٿئي. عورت کي جيڪو گهرن ۾ مرون ۽ پولڙو ڪريو بند ڪريو وينا آهيون، اهو اسلام ۽ عالمي قانون جي خلاف آهي. اسان عورت کي (ٻيو) ڪجهہ نٽا ڏيون، اسان ان کي بندر ۽ جانور مان ڦيرائي ماڻهو ڪريون ٿا. هندوستان جون جيڪي تحريڪون آهن، اسان انهن کان ايڊوانس آهيون، اسين انهن کان وڌيڪ پڙهيل آهيون. اتي انهن تحريڪون هلايون آهن، جيڪي فقط روشن خيال هئا، ترقي پسند نہ هئا، عالمي انقلابي تحريڪن جا اسان وانگر عالم نہ هئا. انهن جي جدوجهد فقط روشن خياليءَ تائين هئي. اسان جا خيال انهن کان وڌيڪ آهن، تنهن ڪري اسين ويٽنام، ڪيوبا ۽ ٻين علائقن جي تجربن مان فائدو وٺون ٿا. اسان وٽ سڄي دنيا جي ترقي پسند جهان جي عورتن ۽ ٻارن بابت تجربو آهي. پهرين ۽ ٻي عظيم جنگ ۾ عورتن ڇا ڪيو؟ ويٽنام ۾ عورتون ڪيئن وڙهيون؟ "جڏهن ڊگهن وارن واري فوج ميدان ۾ اچي ٿي، تڏهن وڏي ۾ وڏن جنرلن ۾ تاکوڙا پئجي وڃن ٿا تہ هاڻي ڇا ڪريون!" اسان کي عورت جي باري ۾ سائنٽفڪ ڄاڻ آهي. انهن ترقي پسندن ۽ لبرلن کي ڪابہ خبر ناهي. فرينچ انقلاب ڪيئن آيو؟ انهن کي انقلابي جدوجهد جي خبر ناهي، اهي رڳو نلهيون ڳالهيون ۽ تقريرون ڪندا وتن ٿا. سنڌ جي عورت اڄي ٻيني تہ زمين آسمان هڪ ٿي ويندو.

عوامي آواز: اوهان جي نظر ۾ سنڌ جي زندگي ۽ موت جا مسئلا ڪهڙا آهن ؟

پليجو صاحب: پاٽي، دهشتگردن جو سنڌ مٿان قبضو. جيڪي دهشتگرد ڪراچيءَ ۾ وينا آهن، اهي زندگي ۽ موت جو مسئلو آهن، زهر وانگر سڄي سنڌ ۾ پکڙجي رهيا آهن. بلوچستان مان ڪارو ڪاري، قبائلي سوچ اچي ٿي. جيڪي ڏاڙيل پالين ٿا، اهي آهن چونڊيل نمائندا، يعني جيڪي ڏاڙا هٽائين، ماڻهو مارائين، اغوائون ڪن، اهي وري چونڊيل نمائندا آهن. انهن کوڙو سياسي دين ناهيو آهي، سڀ روايتون کوڙيون، سڀ رپورٽون کوڙيون، انهن جا پير کوڙا، ماڻهن مٿان چڙهيا وينا آهن. ماڻهو سمجهن سڀ ٿا، پٽيوالي ۽ چوڪيداريءَ جي آسري تي خاموش آهن، اهو خطرو آهي. مون چاليهه سال اڳ چيو ته سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. ايم - ڪيو- ايم هڪ طرف سنڌ لاءِ روئي پئي ته سواتي نه گهرايو، ٻئي طرف مطالبو ٿي ڪري ته 60 لک بهاري گهرايو. سنڌ جو وڏيرو غدار آهي، انهن جي طرفان پيو ڳالهائي، سيني غدارين کي سنڌ تي احسانن ۾ پيو تبديل ڪري، اهو زهر آهي.

عوامي آواز: سنڌ ۾ پٽو، سيد ۽ پليجو الڳ الڳ فڪر رکندڙ قدآور شخصيتون آهن، جن مان ٻه هن فاني دنيا مان هليون ويون، اوهان کي تمام وڏو سياسي وڪيوم مليو، پوءِ ڪهڙا سبب هئا جو اوهان منزل نه ماڻي سگهيؤ؟

پليجو صاحب: مون کي ڪوبه وڪيوم ڪونه مليو. ايجنسيون وينيون هيون، جي- ايم سيد جي نالي ۾ تعليمي ادارن ۾ غنڊا ويهاريا ويا هئا. جي- ايم سيد جي معنيٰ هي غنڊا آهن. جي- ايم سيد جا پيا اڳئي سياسي ڏوهه تمام گهٽا هئا. اسان جا ٻه ڏوهه الاهي آهن، اهي ڳالهيون ٽيٽ گهرجن، انهن تي ڊبيٽ ٽيٽ گهرجي. اهي غنڊا ماڻهن کي سُوئا پيا هڻن ۽ چون پيا "جيئي سنڌ!" ماڻهن جي ڏهنن تي هنن قبضو ڪري چڏيو هو. غنڊن ماڻهن کي ڳالهائڻ ئي ڪونه ڏنو. هيرا ٽيو پيا هلن، قتل ڪري ميڙ وٺي ايندا: "سائين، اوهان جو ماڻهو ماريوسين، تڏي تي آيا آهيون، معاف ڪريو!" خون چٽو! تعليمي ادارن ۾ ڪير ڪڇي ٻه نٽو سگهي، غنڊا وينا آهن. سنڌ جو "آجپو - آجپو" پيا ڪن. پٽي بنگال ۾ چا ڪيو ۽ سڪندر مرزا ۽ ايوب خان سان گڏجي سنڌ لاءِ هڪ وڏو عذاب پيدا ڪيو. پٽو صاحب جڏهن حڪومت ڪندو هيو، هڪ ڏينهن ٻه ايمرجنسي ڪانه لٽي. پٽي صاحب جو پهريون دور وڏيرڪي فاشزم جو بدترين دور هيو. ماڻهو اندر ڪريو، وري ضمانت تي چڏي ان کي ماري چڏيندا هئا. ان دور جي تاريخ ته لکو! ان کان اڳ هندو پائرن چا ڪيو؟ ڪلهوڙن سنڌ سان ڪهڙو عذاب ڪيو؟ ٽالپرن چا ڪيو؟ اهو ڪٽي لکيو ويو آهي؟ ڪوڙي تاريخ ۽ ڪوڙا داستان لکيا ويا آهن، تنهن ڪري ان دور ۾ وڪيوم هيو ئي ڪونه. مٿان سامراج وينو هو، اڄ ٻه سامراج وينو آهي. آهستي آهستي تاريخ وڌي پئي، عوام اسان جي ڳالهه سمجهڻ شروع ڪئي آهي.

عوامي آواز: سنڌ ۾ اهو تاثر آهي ته اوهان جيترو وقت سياست کي ڏنو آهي، اوترو وقت ادب کي ڏيو ها ته ادب جي وڏي خدمت ٿئي ها. اوهان نه

وڏا اديب ٿي سگهيؤ، نہ سياستدان، ۽ اهو مقام حاصل ڪري نہ سگهيا آهيو، جيڪو اوهان لهڻو ٿا؟

پليجو صاحب: دنيا ۾ ڪاميابيءَ جي معنيٰ ڇا آهي؟ اوهان اهو ڪم ڪريو ته مان هڪ ڏڪي وڻان، ان ڏڪيءَ جو ڪير وڪٽي، ٽي ڏڪيون ٻيون وڻان، اها آهي اوهان جي ڪاميابي! اوهان ڪامياب ٿي ويا! ٻئي ماڻهو جو خيال آهي ته پنج هزار ڏڪن جو فارم قائم ڪريان، پنج هزار نہ ته هڪ هزار ڏڪا مليس. ڪنهن جو خيال آهي ته قوم تبديل ڪري ڇڏيان، جن ماڻهن اسان جي ڌرتيءَ تي قبضو ڪيو آهي، انهن کي ڪڍي ڇڏيان. توهان ڪم پنهنجي اڳيان ڪهڙو رکيو آهي؟ شاهہ لطيف جيڪو مشن ڏنو، اهو هڪڙي شاهہ لطيف جي وس جي ڳالهہ هئي ڇا، ته اها ڳالهہ شاهہ لطيف پاڻ مڪمل ڪري سگهيو؟ اسان ان ڪم ۾ لڳا پيا آهيون، جنهن ۾ نسلن جا نسل لڳن ٿا. ان جا بنياد اسان رکيا آهن. اهڙا بنياد ٻئي ڪنهن بہ نہ رکيا آهن. ان ۾ ادب بہ شامل آهي، تنقيد، خود تنقيد بہ شامل آهي.

مون ڏري گهٽ سڃو رڪارڊ لکي رکيو آهي، ون يونٽ ۾ ڇا ٿيو، پٽي جي دور ۾ ڇا پئي ٿيو، مون لکيو آهي، تقريباً سڃو رڪارڊ آهي. اوهان ڪنهن کي اخبار تي ويهاري ڇڏيو ۽ ڪيس ڇڪو ته "پُٽ! رسول بخش پليجي ۽ جي- ايم سيد تي پي- ايچ- ڊي ڪر." رڪارڊ تي رکو ته ڇا ٿيو آهي. اسان عالمي تحريڪ جي ڪم ۾ شامل آهيون، اها ختم ٿيندي ئي ڪانہ! ڪارل مارڪس جو پُٽ دوا لاءِ محتاج هو، سڙي مري ويو. جيڪي تمام وڏا ماڻهو هوندا آهن، انهن جو ڪم پنهنجي حياتيءَ ۾ پورو ڪيئن ٿيندو؟ جنهن جو مشن پتڪڙو آهي، اهو ته پورو ٿي ويندو. ڪائونسلر ٿيڻو آهي يا وزيراعليٰ ٿيڻو آهي ته واهہ واهہ ٿي ويندي، پر ڪنهن کي سسٽم تبديل ڪرڻو آهي. هيءَ سڃي سنڌ، جيڪا غلام آهي، ان کي بدلائي، اندران تعليم ڪري، عورتون ۽ مرد سڌاري، پيري مريديءَ وارا پراڻا گند ڪيڏا آهن. انهن جو ڪم ته پورو ٿيڻو آهي ئي ڪونہ! اهو نسل در نسل هلندو. پاڻ ان پلاري ڪم ۾ رڌل آهيون، جنهن سان رڳو گڏ هلڻ بہ وڏي ڳالهہ آهي. لطيف سائينءَ چيو آهي ته:

آءٌ طعنـي سـوڏي تـنـهـنـجـي، تـون طـعـنـو ئـي مـون،
سـو ڪـي سَـريوسون، جـو سـرتـيـون ڪـنـهـن نـہ سَـريـو.

اسان هن دور ۾ جيڪي بنياد وڏا آهن.... اسان ته عالمي دور جا ماڻهو آهيون. منهنجي چوڻ تي جيڪڏهن ولي خان هلي ها ته تاريخ ٻي هجي ها؛ جي- ايم سيد هلي ها ته تاريخ ٻي هجي ها. تنهن هوندي بہ اسان پنهنجي مرضيءَ سان، هنن جيڪو تباهہ پئي ڪيو، انهن کي تباهہ ڪرڻ کان روڪيو آهي. هنن کي مشن مليل هو ته نُش نُش ڪري 50 هزار سنڌي مارايو. "ابا، ڇا پيا ڪريو!" چي: "سنڌ جي آجپي جي تحريڪ پيا هلايون!" هي وڃي مال مليڙا ڪائين ها، آرميءَ کي بُل ڏين ها، 50 هزار سنڌي مرن ها، پر اسان انهن کي روڪيو آهي. هن وقت پنجاب، آمريڪا کي ڏکيو

پيو آهي، مس مس ان ۾ ساهه پيو آهي. هي سڀ گڏجي ان سان وڙهڻ چاهين ٿا ۽ اهو ساهه کڻڻ چاهين ٿا. ايم- کيو- ايم انهن سان ملي پئي آهي، هڪڙي ڏينهن چوي ٿي ته لڙائي ڪري پناڻ ڪيو، ٻئي ڏينهن چوي ٿي ته 60 لک بهاري آڻيو. انهن سيني کي ڪير ٿو سمجهي ۽ بيان ڪري؟ بنيادي نظريا ڪير ٿو فراهم ڪري؟ ان جدوجهد ۾ اسان گڏ آهيون.

عوامي آواز: اوهان لاءِ سراج الحق ميمڻ چيو ته اوهان منا مائوزي تنگ آهيو، شيخ اياز چيو ته هوچي منهه آهيو، اهي ٻئي اڳواڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجين قومن کي آزادي ڏياري ويا، اوهان ۾ ايتريون صلاحيتون هيون، اوهان سنڌ جا نجات ڏيارينڏڙ ثابت نه ٿي سگهيا، ان جا ڪهڙا سبب آهن؟

پليجو صاحب: انهن بن ماڻهن جي چوڻ سان تاريخ جو صحيح فيصلو ٿيو چا؟ ماڻهو سڄو ڏينهن پٽي، جي- ايم سيد ۽ منهنجون تعريفون ڪري آسمان تي چڙهي ويا، پوءِ اهي تعريفون صحيح آهن چا؟ پٽ ۽ مگٽهار ٿيڻ ۽ دوستن جي دوست نوازيءَ واري ڳالهه آهي. چا سنڌ هوچي منهه جي ويٺنام واري ليول تي هن وقت به آهي چا؟ چوڻ سان ٿي پئي چا؟ مون کي ڪنهن مني مائوزي تنگ چيو ته سنڌ ڦري چين ٿي پئي چا؟ ان ۾ سنجت جي تحريڪ اچي وئي چا؟ ان ۾ چيانگ ڪائي شيڪ جي تحريڪ اچي وئي چا؟ ائين ناهي. اسان پنهنجي دور ۾ زبردست ڪم ڪيو. ضروري ناهي ته انهن جي ڪاپي ڪريون، جن جو اوهان نالو ڪنيو. انهن سيني جو استاد مارڪس هو. ان وٽ ڪائڻ لاءِ اٿي لپ به ڪانه هئي، تنهن ڪري اهي مارڪس کان وڌا ٿي پيا چا؟ مارڪس وطن آزاد ڪرائڻ ته نٿيو، پر ان ۾ هن کي پير رکڻ جي به اجازت نه هئي. ڏيءَ خودڪشي ڪئي هئس، پٽ بنا دوا جي ڦٽڪي مري ويو هئس، ان جي اها جيڪا حالت هئي، تنهن هوندي به هو انهن سيني جو استاد نه هو چا؟ مهاتما گانڌيءَ کي گولي هڻي ماريو ويو، هو ڪجهه به نه ٿي سگهيو، ملڪ جي آزاديءَ لاءِ بک هڙتالون ڪيائين. تاريخ جو تناظر ٿيندو آهي. پاڻ تاريخ جي سڀ کان ڏگهي ۽ طاقتور پراسيس جو حصو آهيون، ان ۾ سرگرم آهيون، ان جي پهرين صفن ۾ آهيون، دمي، درمني، سخني شامل آهيون، علمي، ذهني، ادبي، سڀ ڪم ڪري رهيا آهيون، تنهن ڪري اهو ڪونه ڏسبو ته بي- ڊي جا ميمبر ٿياسين يا ڪونه ٿياسين. اهو ڪونه ڏسبو ته هوچي منهه وانگر پنهنجو ملڪ آزاد ڪرايوسين يا نه. مارڪس ۽ اينگلس به پنهنجا ملڪ آزاد ڪونه ڪرائي سگهيا هئا.

عوامي آواز: اوهان هميشه جماعت اسلاميءَ تي تنقيد ڪندا رهيا آهيو، حميد گل، جنهن آمريڪا جي حمايت ۾ مجاهد پيدا ڪيا، افغانستان ۾ روس خلاف ويڙهه ۾ ملوث رهيو. انهن سان گڏ اوهان اي- پي- ڊي- ايم ۾ گڏ وينا، چا اهو اوهان جي نظرئي ۽ پاليسيءَ جي ابتڙ نه آهي؟

پليجو صاحب: لينن چيو آهي ته ڪو ماڻهو پنج قدم به اوهان سان گڏ هلي ته ان

سان هلو. دنيا ۾ جيڪي چوٽيءَ جا سياستدان آهن، انهن مان هڪڙو محمد صلعم ۽ هو. مڪي جا جيڪي بدترين سندس دشمن هئا، انهن سان ناهه ڪيائين. استالن کان وڌيڪ خطرناڪ انقلابي ڪير هو؟ وقت اچڻ تي هن هٽلر سان ناهه ڪيو، وري هٽلر جڏهن حملو ڪيو تہ هن هڪدم فرانس ۽ انگلينڊ سان ناهه ڪيو. سياست ۾ اوهان وڙهندا ۽ نهندا نہ تہ پوءِ ڪهڙو سياستدان آهي؟ اهو تہ چري بلا آهي، بيوقوف آهي.

عوامي آواز: ڇا اوهان جي پارٽي پارليماني چونڊن ۾ حصو ونندي ؟

پليجو صاحب: ايندڙ مڪاني چونڊن توڙي پارلياماني چونڊن ۾ حصو ونڊاسين. اسان کي خبر آهي تہ ان جون لميٽيشنس ڪهڙيون آهن، اسان کي خبر آهي تہ ان تي دشمن ۽ سامراج جو ڪيئن قبضو آهي. سامراج ڪنهن کي اچڻ ئي ڪونہ ٿو ڏئي، ان تي وزن وجهڻ چاهيون ٿا.

عوامي آواز: فلسطينين ۽ ڪشميرين وانگر سنڌي قومپرست گهڻي دير تائين چو نٿا هلي سگهن ؟ انجا ڪهڙا ڪارڻ آهن ؟

پليجو صاحب: فلسطين جا ماڻهو گڏ ناهن. فلسطين جو صدر آمريڪي دلال آهي. ڪشمير ۾ بہ هڪڙي ونگ هندوستان سرڪار سان گڏ آهي. هندوستان ۾ سڀ ماڻهو ڪٽي گڏ هئا؟ مڪي جا سڀ ماڻهو حضور جن سان گڏ ڪٽي هئا؟ گانڌيءَ سان سڀ هندوستاني گڏ هئا؟ سڀ مسلمان جناح سان گڏ هئا چا؟ اهو هڪ مفروضو آهي تہ سڀ ماڻهو گڏ هوندا آهن. جيڪي وڏيون وڏيون تحريڪون ٿيون آهن، انهن ۾ سڀ ماڻهو گڏ ٿوروئي هئا.

عوامي آواز: ملڪ ۾ نوان صوبا ناهڻ جي ڳالهه تي رهي آهي. ان مطالبي کي اوهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

پليجو صاحب: اها ايم- ڪيو- ايم جي شرارت سمجهان ٿو. سنڌ کي ٽڪرن ۾ ورهائي ڦهائڻ چاهين ٿا. سنڌ خلاف جيڪي سازشون ٿي رهيون آهن، هيءَ بہ انهن مان هڪ سازش آهي.

عوامي آواز: سنڌ جو عوام قومي اشوز تي اوهان سان گڏ هوندو آهي، چونڊن ۾ اوهان کي سپورٽ نٿو ڪري، ان جا ڪهڙا سبب آهن ؟

پليجو صاحب: اسان پارلياماني سياست ڪئي ئي ناهي. هتي ايم. آر. ڊي نالي هڪ اتحاد هيو، ان ۾ اسان چيو تہ پارٽي سربراهن خلاف اتحادي اميدوار نہ بيهارينداسين. ان ۾ بينظير پٽو، غوث بخش بزنجو، ولي خان ۽ ٻيا موجود هئا، پر ٻي ڪنهن بہ ڏر جي سربراهه خلاف ڪٽ بہ اميدوار نہ بيهاريو ويو، پر ايجنسين مطالبو ڪيو تہ رسول بخش پليجو اسان کي اعليٰ ايوانن ۾ نہ گهرجي، تنهن ڪري پ پ منهنجي خلاف اميدوار بيهاريو. آءٌ سربراهه هيس، جنهن اهي چونڊون ممڪن بڻايون، 12 سال جيل ۾ هيس، پ پ کي وري طاقت ۾ اچڻ لاءِ سڀ کان وڌيڪ مدد ڏني. آڪاش جو حڪم هو، هي هميشہ آڪاش جو حڪم مڃيندا هئا ۽ منهنجي تڪ ۾ اچي هنن مخالفت ڪئي،

پوءِ بہ مون 12 هزار ووٽ ڪنيا. اسان هن چونڊن ۾ بيهنداسين ۽ رزلٽ ڏسجو تہ اسان جي شريڪ ٽيٽ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي.

عوامي آواز: ڇا سڄي دنيا ۾ هڪ پيرو ٻيهر سوشلزم جي تحريڪ ايڀري رهي آهي؟ جي ها، تہ پوءِ هاڻي ان تحريڪ جو مرڪز ڪهڙو ڪنڊ هوندو؟

پليجو صاحب: جنهن ڏينهن روس جو زوال ٿيو هو، مون بريسلس جي شهر جي- اي سيس يونيورسٽيءَ ۾ تقرير ڪندي چيو هو تہ 40 سالن اندر روس کان بہ وڌيڪ طاقتور قوتون سامراج تي حملا آور ٿيندیون، پر منهنجي توقع کان اڳ ۾ ئي اهو عمل شروع ٿي ويو. هاڻي سامراج جو زوال اچي رهيو آهي، ان جو سج لڪي رهيو آهي. هاڻي ان جو مرڪز هڪڙو نہ هوندو. لاطيني آمريڪا ۾ هوگو شاويز ٻيئو آهي، روس وري اٿي پيو، يورپ جي اندر ڪميونسٽ صدر چونڊيو آهي، آئيس لينڈ ۾ چونڊيو آهي. ضروري ناهي تہ اهي پاڻ کي سوشلسٽ سڏائين. هي دور سامراج مخالفت جو آهي، ايشيا، آفريڪا، يورپ ۽ آمريڪا جي عوام جي اتحاد جو آهي. سامراج جو ماٺهن مٿان جيڪو اقتصادي قبضو آهي، ان خلاف سڄي دنيا ۾ تحريڪ هلي رهي آهي. چين چيو آهي تہ ڊالر جي سربراهي نہ گهرجي، تنهن ڪري عالمگير سطح تي تمام وڏي تحريڪ ايڀرڻ واري آهي، جيئن فرينچ ۾ 1848ع ۾ ٿي هئي ۽ يورپ ۾ ان کان اڳ ۾ ٿي هئي. وڏي سامراج مخالف تحريڪ ايڀري رهي آهي.

عوامي آواز: ڇا اهو درست آهي تہ چين ۾ مائوزي تنگ واري انقلاب جو ڪيپيٽل ازم جاءِ والاري رهيو آهي؟

پليجو صاحب: چين کي روسي انقلاب جي هڪ نقطي تي اختلاف هو تہ روس تمام تڪڙو انقلاب ۾ عنصر وڌيڪ وجهي ڇڏيا آهن. چين چيو هو تہ اوهان سوشلسٽ عنصر وڌيڪ وڌا آهن، سرمائيدار عنصر وڌو ئي ناهي، ٻوڙ خراب ٿيو آهي. چين وري پاڻ کي ايڊجسٽ ڪري رهيو آهي. سرمائيداري جيڪا سترهين صديءَ ۾ هئي، اها اڄ آهي ڇا؟ اسلام جيڪو ٻارهين صديءَ ۾ هو، اهو اڄ آهي ڇا؟ شيون تبديل ٿين ٿيون. اڳي ڪنهن زماني ۾ ڪار هلي هئي، اڄوڪي ڪار اهڙي آهي ڇا؟ ماڊل تبديل ٿين ٿا. چين بنيادي طور تي سوشلسٽ آڊيالوجي کي ڇڏي نہ ڏيو پر ان کي ايجان مضبوط ڪري رهيو آهي.

عوامي آواز: آمريڪا ۽ روس جي تازي ٽاهہ کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

پليجو صاحب: جنگ نہ ٽيٽ کپي ۽ جنگ نہ ٽيٽ عوام جي مفاد ۾ آهي. روس کي ساهہ کڻڻ جو موقعو ملي ۽ عالمي سياست ۾ هٿيارن جي واپارين جي گرفت گهٽجي، اها تمام ضروري آهي.

عوامي آواز: قوم پرستن جو ويجهي مستقبل ۾ اتحاد ٿيندو نظر اچي ٿو؟

پليجو صاحب: قومپرستن کي نہ گڏ ڪريو. آڳ ۾تي خور آهيان، تنهن ڪري سڀ قومپرست ۾تي خور نہ هوندا. آڳ هن وقت "اتحاد! اتحاد!" ڪريان ٿو، اوهان کي

کڍڙي خبر تہ آءٌ سياڻي چوندس تہ ايم- ڪيو- ايم کي وڌي اچو. ڪو سامراج کي وڌي ايندو، تنهن ڪري شين کي تجربن جي بنياد تي بہ پرکبو آهي. مجموعي طور ماڻهو اڳتي وڌي پيو. هندوستان، بنگلاديش، نيپال ۾ بہ وڏيراشاهي ڪانهي. عالمي طرح تبديليءَ جي لهر اچي رهي آهي. هي سپ ڪوڙا قومپرست، وڏيرا اڏري ويندا.

عوامي آواز: نواز شريف ڪيڏي بندر رڃا ختم ڪئي، ڪالاباغ ڊيم جو اعلان ڪيو، هزارين سنڌين کي بيروزگار ڪيو، هو ماضيءَ ۾ مڪمل طور سنڌ دشمن رهيو آهي، ان مان بهتريءَ جي اميد ڪري سگهجي ٿي؟

پليجو صاحب: پنجاب جي پنهنجن مفادن ۾ اها ڳالهہ آهي، جيڪا هو هاڻي وڃي سمجهيو آهي. جيڪڏهن سنڌ سان ظلم ۽ ناانصافيون بند نہ ڪيون ويون تہ پاڪستان نہ هلي سگهندو، پنجاب اها ڳالهہ هاڻي سمجهي آهي. سنڌ جي وڃڻ سان پنجاب اڪيلو ٿي پوندو. ايم- ڪيو- ايم پاڪستان کي تباهہ ڪرڻ چاهي ٿي. سامراج پاڪستان کي ڏسڻ نٿو چاهي، ان کي مريض جي حالت ۾ رکڻ چاهي ٿو، پاڪستان رڳو نالي جو هجي، پنجاب ۾ ڪجهہ ماڻهو بدخواهہ آهن. اهڙا ماڻهو سنڌ ۾ بہ آهن. سنڌ خلاف بدخواهي بند نہ ڪئي وئي تہ "هم تو ڈوبي هين صنم، تم کو بي لي ڈوبين گي." بينظير پٹو ڪالاباغ ڊيم جي خلاف نہ هئي. حميده کهڙو وينو آهي، اسان سپ گڏجي وياسين بينظير پٹو وٹ، اوهان پلي حميده کهڙو کان بہ معلوم ڪريو. اسان بينظير پٹو کي چيو تہ ڪالاباغ ڊيم پيو ٺهي، تہ هن چيو تہ اهو تہ ٺهي ويندو. نيٺ وڏي بحث کان پوءِ هوءَ اسان سان گڏ ٿي، اوپاوڙو ۾ وڃي ڏرٹو هنيوسين، ان کان پوءِ نواز شريف ڪالاباغ ڊيم تان هٹ ڪنيو ۽ چيو تہ جيستائين سپ صوبا متفق نہ ٿيندا، نہ ٺاهينداسين. اڄان تائين ان ڳالهہ تي ٻيٺو آهي. مشرف جا ايجنٹ ان کي روز طعنا ڏين ٿا تہ اسان جو گهر بک پيو مري ۽ نواز شريف پنهنجو نالو ڪيڙ لاءِ سنڌ کي پاڻي پيو ڏئي. مشرف دلالي ڪري پنجاب کي سنڌ جي خلاف استعمال ڪرڻ چاهي ٿو. ان جا ايجنٹ رات ڏينهن باهہ ٻاريو ٻينا آهن. پنجاب جو بيوروڪريٹ خطرناڪ ۽ خنزير آهي، جنهن ڊيم ناهي اربين روپيا کاڌا آهن. اسان جو بيوروڪريٹ سنو آهي پر ان وٹ طاقت ناهي. پاڻي سنڌ جي بيوروڪريٹ بچايو آهي ۽ اسان بہ بچايو آهي. هو روز پنجاب تي آگريون ڪڍي سنڌ ۽ پنجاب کي ويڙهائڻ چاهين ٿا. ايم- ڪيو- ايم سڄي ملڪ تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿي. پنجاب جيڪو هاڻي اسان تي روز حملو نٿو ڪري، ان جو ايم- ڪيو- ايم کي ڏاڍو ڏڪ آهي. "نوان صوبا ناهيو!" "سيني کي حق آهي پنهنجا صوبا ناهڻ جو!" مطلب تہ روز نئون شوشو چڏين ٿا ۽ فساد ڪريو وينا آهن. سنڌ کان سواءِ پاڪستان جو هلڻ ممڪن ئي ناهي. پنجاب شرارتن کي سمجهي، سنڌ سان ظلم بند ڪري، ٻيءَ صورت ۾ پاڪستان نہ هلندو.

عوامي آواز: عورت، گل ۽ ڪتاب اديبن ۽ شاعرن جي ڪمزوري رهيا آهن.

اوهان بہ اديب ۽ شاعر آهيو. انهن تنهي مان اوهان کي کھڻي شيءِ وڌيڪ پسند آهي؟

پليجو صاحب: اينگلس چيو آهي تہ "يا" ٿيندي ئي ناهي. عورتون بہ هجڻ گهرجن، مرد بہ هجڻ گهرجن، جيئن ٻوڙ ۾ لوڻ، مرچ، مصالحا، گوشت، سپ جي ضرورت آهي، تيئن عورت، ڪتاب ۽ گلن جي بہ ضرورت آهي. انهيءَ کان سواءِ سماج ۾ تبديلي ۽ سڌارو نہ ايندو.

قائداعظم جي جدوجهد اسلامي رياست ٺاهڻ لاءِ نه هئي. 1940ع جي قرارداد ۾ به قومي نظريي جو ذڪر به ڪونهي.

انٽرويو: خورشيد عباسي/ هفتيوار اخبارِ جهان 14_20 سيپٽمبر 2009ع

اخبارِ جهان: پارٽ جي اڳوڻي پرڌيهي وزير جسونت سنگهه جي ڪتاب جي حوالي سان هندوستان جي ورهاست ۾ قائداعظم جو ڪردار ۽ سندس نظرين تي اڃڪلهه وري بحث ڪيو پيو وڃي. توهين پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ لاءِ قائداعظم ۽ مسلم ليگ جي ڪردار بابت ڇا چوڻ چاهيندا؟

رسول بخش پليجو: هندوستان جي مسلمانن جي اتفاق راءِ سان پاڪستان جن بنيادن تي ۽ جن مقصدن لاءِ ٺهيو، انهن جي ابتڙ بنيادن تي بلڪل نرالي قسم جي عمارت جي اڏاوت ڪئي ويئي، جنهن جو اصل مقصد سان نالي ماتر تعلق آهي. پهرين ڳالهه هيءَ آهي ته جنهن وقت انگريز سامراج هندوستان تي قابض ٿيو هو، ان وقت پنجاب، سنڌ، سرحد، بنگال ۽ بلوچستان خود مختيار ۽ آزاد رياستون هيون. انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ اهو ڪنهن جي به اختيار ۾ نه هو ته اهي انهن رياستن کي ڪنهن نموني زور زبردستيءَ سان ڪنهن نئين ملڪ جو حصو بڻائين. 1940ع جي لاهور واري گڏيل قرارداد مطابق انهن رياستن کي خود مختيار ۽ آزاد رياستن جي حيثيت ۾ بحال ٿيڻو هو. جيئن سعد خيري پنهنجي ڪتاب "جناح جي ٻيهر تشريح" ۾ لکيو آهي ته لاهور واري 1940ع جي قرارداد ۾ به قومي نظرئي جو ڪٿي به ذڪر ڪونهي. قائداعظم پنهنجي صدارتي تقرير ۾ ان ڳالهه تي تبصرو ڪيو هو. تنهن هوندي به قرارداد ۾ عليحدگيءَ جو مطالبو صرف اقليت ۽ اڪثريت جي اصولي بنياد تي پيش ڪيو ويو آهي. ٻي ڳالهه هيءَ آهي ته ان قرارداد ۾ ڪٿي به پاڪستان جو لفظ استعمال ناهي ڪيو ويو. ان کان سواءِ ڪٿي به شريعت جي حڪمراني يا اسلامي رياست قائم ڪرڻ جو تصور به پيش نه ڪيو ويو هو. نه ئي وفاق يا ڪنفيڊريشن جو ذڪر ڪيو ويو هو. پاڪستان هڪ اهڙو لفظ آهي جيڪو هندن ۽ برطانيا پريس طرفان اسان تي مڙهيو ويو ۽ قائداعظم نه چاهيندي به ان لفظ (پاڪستان) کي قبول ڪيو. 1947ع ۾ ظاهري طرح اسين انگريزن جي غلاميءَ مان آزاد ٿياسين، پر عملي طرح ۽ حقيقت ۾ ائين نه هو. قائداعظم وڏي واڪ چئي ڏنو ته، "پاڪستان مون، منهنجي ٽائيپ رائيٽر ۽ منهنجي سيڪريٽري ٺاهيو آهي." مطلب هي ٿو نڪري ته ڪيس (قائداعظم کي) اڪثر مسلم ليگي اڳواڻن جي نيتن جي ڄاڻ هئي. لياقت علي خان، چوڌري خليق الزمان، اسڪندر مرزا، ايوب خان ۽ ان جهڙا ٻيا انگريزن جا پراڻا

توڙ تائين نيائيندڙ دوست هئا. انهن پنهنجين پاليسين ذريعي ان نئين ڄاول ملڪ کي انگريزن ۽ آمريڪي سامراج جي جهوليءَ ۾ وجهي ڇڏيو.

گذريل 60 سالن جي ڪارڪردگي صاف ڏسڻ ۾ ٿي ته پاڪستان کي ٻيهر سامراج جي ڪالوني بنائڻ جي فيصلي سان گڏ اهو پڻ طئي ڪيو ويو هو ته سندڙ کي نئين طرز سان اينگلو آمريڪي ڪالوني بڻايو وڃي ۽ سندڙي قوم جي سمورن وسيلن ۽ حڪمرانيءَ جي حق سميت سمورا حق ڦري، ان جي قومي وجود جي هر نشان کي آهستي آهستي، ڏاڪي ۽ ڏاڪي ميساريو وڃي. اڄ ۽ پاڪستان جي حوالي سان هر سطح جا فيصلا آمريڪا، برطانيا ۽ انهن جا عرب يار ڪندا آهن. دراصل جيڪو پاڪستان 1940ع واري قرارداد موجب ٺهڻو هو، اهو ته ٺهيو ئي ڪونہ.

اخبارِ جهان: 1973ع جي آئين ۾ صوبن جي حقن ۽ خود مختياريءَ جي مخالفت ڪئي ويئي آهي. ڇا ان تي عمل ڪرڻ سان لاهور واري قرارداد ۽ قائداعظم جي سوچ مطابق پاڪستان جو انتظامي ڍانچو جوڙي نہ ٿو سگهجي؟

رسول بخش پليجو: جڏهن ڪنهن ۽ ملڪ جو آئين ناهيو ويندو آهي ته ان مقصد لاءِ هڪ خاص قانون جوڙيندڙ ادارو چونڊيو ويندو آهي، جنهن کي قانون جوڙڻ لاءِ ڪي خاص اختيار يا مينڊيٽ ڏنو ويندو آهي. پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين جيترا ۽ نالي ماتر آئين جوڙيا ويا آهن، انهن مان ڪنهن هڪ کي ۽ چونڊيل نمائندن ناهي جوڙيو، جنهن کي عوام خاص ڪري ان مقصد (آئين جوڙڻ) لاءِ چونڊيو هجي. 1973ع جي آئين جي تمام گهڻي واکاڻ ڪئي وڃي ٿي، پر جن عزت پرين حاڪمن اهو آئين ناهيو، انهن کي ۽ عوام طرفان هرگز اهو اختيار ڪونہ ڏنو ويو هو ته اهي عالمي سامراج ۽ فوجي آمرن سان ڳٺ جوڙ ڪري، عوام جي مرضيءَ جي بلڪل ابتڙ ڪو ٺلهو نالي ماتر آئين ناهين. بنگال جي الڳ ٿيڻ کان پوءِ نين ۽ بلڪل بدليل حالتن ۾ جيڪڏهن ڪو آئين جوڙڻو هو ته پهرين نيون چونڊون ڪرايون وڃن ها ۽ ان لاءِ باقي بچيل ملڪ جي عوام کان نئون مينڊيٽ وٺڻ گهرجي ها ۽ پوءِ هڪ اهڙو آئين جوڙيو وڃي ها جيڪو نين حالتن ۾ عوام جي گهرجن ۽ مفادن وٽان هجي ها، پر بدقسمتيءَ سان ائين نہ ڪيو ويو. 1973ع جي آئين جوڙڻ لاءِ ڪابہ نئين بااختيار آئين ساز اسيمبلي قائم نہ ڪئي ويئي هئي.

اخبارِ جهان: توهان جي خيال ۾ قائداعظم جي جدوجهد جو اصل مقصد ڪهڙو هو؟

رسول بخش پليجو: مسلم ليگ جي قيام، قائداعظم جي جدوجهد کي اُپارينڊ ۽ مقصدن متعلق پاڪستاني عوام کي هٿ ٽوڪيا قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌايون ويون آهن، مثال طور، فرض ڪري ورتو ويو آهي ته مسلم ليگ قائداعظم ناهي ۽ قائداعظم هڪ اسلامي رياست قائم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي، جتي شريعت لاڳو ڪئي وڃي. هندوستان جي مسلمانن حقيقت ۾ مسلم ليگ جن مقصدن لاءِ قائم ڪئي هئي، اهي

هنن ٽن قراردادن ۾ بيان ڪيل آهن:

قرارداد 1: (الف) هندوستان جي مسلمانن ۾ برطانيا سرڪار سان وفاداريءَ جا جذبا وڌائڻ ۽ برطانوي حڪومت جي پيش قدمي ڪرڻ ۽ ارادن جي حوالي سان جيڪڏهن مسلمانن جي دلين ۾ ڪابه غلط فهمي پيدا ٿي پوي تہ ان کي ختم ڪرڻ.

(ب) هندوستان جي مسلمانن جي سياسي حقن ۽ مفادن جي حفاظت ڪرڻ، انهن کي ترقي ونرائڻ ۽ انهن جي ضرورتن ۽ خواهشن کي ادب ۽ احترام سان حڪومت اڳيان پيش ڪرڻ.

(پ) مسلمانن جي دلين ۾ غير مسلم برادرين جي باري ۾ مخالفت ۽ دشمنيءَ جا جذبا پيدا ٿيڻ کي روڪڻ. (حوالو: "پاڪستان جي مختصر تاريخ"، ليکڪ: آءِ- ايچ قريشي، ص:831)

قائداعظم جو آل انڊيا مسلم ليگ جي قيام سان ڪو تعلق هو، نہ ئي ان جي سياسي جدوجهد جو مقصد شريعت لاڳو ڪرڻ يا ڪا اسلامي رياست قائم ڪرڻ هو. ان وقت عالمي مسلمانن، خاص ڪري هندوستان جي مسلمانن تي انتهائي ڏکيو وقت آيو هو. هي اهو دؤر هو جڏهن 1857ع جي سامراج مخالف ناڪام بغاوت کي 50 سال گذري چڪا هئا. انگريز سرڪار مسلمانن جي جاني دشمن بڻجي چڪي هئي، ديو آنند سرسوتي جي اصلاحي تحريڪ عروج تي هئي، عام مسلمانن کي پٽيوالي جي نوڪري ۽ ڪاڻ پئي ملي، مسلم عالمن جي فتوائن سبب انگريزي پڙهڻ مسلمانن لاءِ حرام هئي، جڏهن تہ هندو نهايت جوش ۽ جذبي سان روشن خياليءَ جي ڇانوَ ۾ انگريزي بوليءَ جي نعمتن مان فائدو ونڊندي اڳتي وڌي رهيا هئا ۽ انگريزي پڙهيل، روشن خيال يورپ کان سکڻ جي لاءِ پريشان هندن جو هڪ اهڙو طبقو پيدا ٿيو، جنهن جو مقابلو مسلمان ڪري نہ سگهيا. اهڙين حالتن ۾ جڏهن عام رواجي ڪوشش ۽ انتها پسندي طريقا ڪارگر ثابت نہ پئي ٿيا، تڏهن ڪنهن اهڙي شخصيت جي ضرورت هئي، جيڪا سياسي ويڑهہ جي فن کان واقف هجي. اهڙي دؤر ۾ ئي اهڙيون دور انديش، ثابت قدم ۽ دلير شخصيتون پيدا ٿيون، جن پراڻن خيالن جي اونداهيءَ ۾ غرق ۽ صدين کان رُلندڙ هندوستاني مسلمانن کي اڳتي وڌڻ لاءِ نئين واٽ ڏيکاري. اهي سرسيد احمد خان، بنگال جو نواب عبداللطيف ۽ سيد امير علي هئا. انهن هندوستان جي مسلمانن جي پراڻن، دقيانوسي، نيم مُلائيت، نيم جاگيردار اڳواڻيءَ جي جاءِ تي هڪ نئين تعليم يافتہ ۽ روشن خيال طبقي جي اڳواڻيءَ جي حوصلاافزائي ڪئي. اڳتي هلي مسلمانن کي محمد علي جناح، علامہ اقبال، رئيس غلام محمد پرڳڙي ۽ سر عبدالله هارون جهڙا دور انديش، ثابت قدم ۽ نج اڳواڻ حاصل ٿيا. سرسيد احمد خان کان محمد علي جناح تائين، انهن سڀني مسلمانن کي جيڪا واٽ ڏني، اها واٽ هيءَ هئي تہ ماضيءَ بدران موجوده حالتن ۽ انهن جي ضرورتن پٽاندر هڪ راءِ تي متفق ٿي، پاڻ کي سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي جهڙي جديد علم سان هٿياربند ڪري اڳتي وڌون. بدقسمتيءَ سان قائداعظم جا ويجها ساٿي، خاص ڪري

لياقت علي خان سندس وات جو سخت مخالف ٿي پيو ۽ پاڪستان کي سامراجي پٺو، نيم مُلائيت، کوکلي نعري بازي ۽ جاگيرداراٽي ۽ سرمائيداراٽي وات تي هلايو، جنهن جي سزا اسين گذريل 60 سالن کان پوڳي رهيا آهيون.

اخبارِ جهان: ڇا توهان کي پاڪستان ۾ غريب دوست نظام قائم ٿيڻ جا کي آثار نظر اچي رهيا آهن ؟

رسول بخش پليجو: هڪ ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته حڪمران گهراٽن کي تبديل ٿيڻ لاءِ به صديون لڳي ويندیون آهن. 1526ع کان 1845ع تائين، تقريباً ساڍا ٽي سؤ سال مغلن جي حڪمراني رهي. جڏهن حڪمرانن جي حڪومتن بدلجڻ ۾ ايترو عرصو لڳي سگهي ٿو ته پوءِ سماجي ۽ اقتصادي نظام جي تبديليءَ لاءِ به صديون لڳنديون.

اخبارِ جهان: توهان کي عام طور سنڌي قومپرست Nationalist **سياسي اڳواڻ سمجهيو وڃي ٿو، پر توهين پاڻ کي قومپرست ڪوٺائڻ پسند نه ڪندا آهيو، ان جو ڪهڙو سبب آهي ؟**

رسول بخش پليجو: اسين "عوامي تحريڪ" جا ڪارڪن عالمي انقلاب، پورهيت طبقي جي جاگيردارن ۽ سرمائيدارن کان ڇوٽڪاري، بين الاقوامي پائيچاري ۽ گڏيل جدوجهد جا قائل آهيون ۽ پنهنجن قومي حقن توڙي وسيلن جي حفاظت ۽ حڪمرانيءَ جو حق قائم رکڻ لاءِ پهرين صفن ۾ وڙهڻ پنهنجو فرض سمجهون ٿا.

اخبارِ جهان: ڇا سنڌ ۾ قومپرست پارٽين جو نئون اتحاد جڙي رهيو آهي ؟

رسول بخش پليجو: سنڌي عوام جو قومي اتحاد جڙي رهيو هو، اسين سڀ گڏ هئاسين، اوچتو مٿان حڪم آيو ته ان اتحاد ۾ ايم- ڪيو- ايم کي به شامل ڪريو. جڏهن ان کي شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ته اسين الڳ ٿي وياسين. وري جڏهن "پونم" اتحاد جڙيو ته ان ۾ به اسين ٻين قومپرست قوتن سان گڏ هئاسين، اتي به حڪم ٿيو ته ايم- ڪيو- ايم کي ان اتحاد ۾ شامل ڪريو. اسان اتان به پنهنجا ٽپڙ گول ڪيا ۽ هلي پياسين. سمورن اتحادن جو انجام اهوئي ٿيندو آهي ته مٿان کان حڪم ملندو آهي ته ايم- ڪيو- ايم کي شامل ڪريو. بهرحال، سمورن سٺن ڪمن ۾ اسين سنڌ جي حقيقي قومپرستن سان گڏ هونداسين. موجوده وقت ۾ سنڌ اندر اتحاد ناهڻ کان وڌيڪ بهتر عملي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

اخبارِ جهان: اوهين شروع کان ئي ايم- ڪيو- ايم جي سخت خلاف ۽ مٿن سخت تنقيد ڪندا رهيا آهيو، ان جو ڪو خاص سبب ؟

رسول بخش پليجو: انهن اسان کان گهر ڦُريا، نوڪريون ڦُريون، سڀ حق زبردستيءَ ڦٻايا. ايم- ڪيو- ايم کي جنرل ضياءُ الحق ناهيو. آمريڪي سرپرستيءَ ۾ هتي حڪومت ۾ اهي ماڻهو ويهاريا وڃن ٿا، جيڪي ايم- ڪيو- ايم جي اشارن تي هلندا آهن. حڪومت ڪنهن جي به هجي، پر هتي قبضو آمريڪا جو هوندو آهي. هتي آمريڪا جي شرطن موجب حڪومتون قائم ٿيندیون آهن. حڪمرانن کي چيو

ويندو آهي تہ پنهنجون اکيون ۾ ڪن بند رکو ۽ اهي ائين ئي ڪندا آهن.

اخبارِ جهان: موجوده حڪومت جي هيل تائين جي ڪارڪردگيءَ کي توهين ڪيئن ٿا ڏسو؟

رسول بخش پليجو: سياسي اڳواڻن جو ڪردار عوام اڳيان وائکو ٿي چڪو آهي. عوام چگيءَ ريت ڇاٽي ٿو تہ اهي ڇا ڪري رهيا آهن. موجوده حڪمرانن ۾ دم ڪونهي. اهي حضرت سامراج وٽ لکي ڏيئي آيا آهن تہ اسان کي رڳو اقتدار جي ڦرندڙ ڪرسيءَ تي ويهڻ ۽ پنهنجي عوام جو رت ست نپوڙڻ جو موقعو ڏيو. باقي ملڪ ۽ عوام سان جيڪو ڪجهہ ڪرڻ گهرو ٿا، سو ڪريو. اهي عوام جا مسئلا حل ڪرڻ نہ بلڪ لطف وٺڻ آيا آهن. اهي ڦرلٽ ڪري، کائي پي، جاوا ڪري هليا ويندا. عوام جا مسئلا اڳي کان وڌيڪ وڌي ويا آهن. ماڻهو گهٽا ڏينهن اها صورتحال برداشت نہ ڪندا. اوهين ڪراچيءَ جي صورتحال ڏسي رهيا آهيو تہ ليارين جو بلوچ عوام موجوده حڪمرانن کان بيزار ٿي چڪو آهي. پيپلز پارٽيءَ وارا عوام جا مسئلا حل ڪرڻ پيا ڪن ۽ وري جيڪڏهن متن تنقيد ڪجي ٿي تہ هڪدم پنهنجن شهيدن کي بچاءَ جي ڍال بڻائين ٿا. سنڌ جو عوام باشعور آهي ۽ اهي موجوده حڪمرانن کان ضرور حساب وٺندا.

اخبارِ جهان: ڇا توهين امن امان جي صورتحال مان مطمئن آهيو؟

رسول بخش پليجو: هرگز نہ. سنڌ ۾ ڪيترائي چونڊيل نمائندا ڏاڙن ۽ ڏوهن جي ٻين وارداتن ۾ شامل آهن. اهي خود اهڙيون وارداتون ڪرائين ٿا، ماڻهو مارائين ٿا. حڪومت ۾ شامل قبائلي سردار پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ قتل عام ڪرائين ٿا، جنهن ۾ ڪيترائي بيگناهہ ماريا ويندا آهن. انهن کي ڪير بہ روڪڻ وارو ڪونهي. هتي ڪابہ مخالف ڏر ڪانهي، جيڪا حڪمرانن جي اهڙي ڪردار جي مذمت ڪري. اهي سڀ هڪئي سان مليل آهن.

اخبارِ جهان: محترمہ بينظير پٽو شهيد جي قتل جي جاچ اقوامِ متحده کان ڪرائي پيئي وڃي. ڇا توهان کي اميد آهي تہ قاتل پڪڑيا ويندا؟

رسول بخش پليجو: دنيا ۾ ڪٿي بہ ڪنهن بہ وڏي شخصيت جي قتل جي جاچ اڄ تائين اقوامِ متحده ناهي ڪئي. سڄي دنيا ۾ قتل جي ڪيسن جي چنڊچاڻ لاءِ پوليس ۽ ٻيا جاچ ڪندڙ ادارا ڪندا آهن، پر هنن بينظير پٽو شهيد جو ڪيس اقوامِ متحده جي حوالي ڪيو. توهان ان کان اڳ ۾ ڪو اهڙو مثال ٻڌو آهي؟ ڪهڙي ڪورٽ آهي جيڪا بينظير پٽو جي قتل جو ڪيس هلائڻ لاءِ تيار نہ هجي؟ مون وٽ اچو. آئون هاڻي ئي بينظير پٽو جو ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ تيار آهيان. بينظير پٽو جو پوسٽ مارٽم بہ نہ ڪرايو ويو. سڀ شاهديون ۽ ثبوت ميساريا ويا. بينظير پٽو جي قتل ۾ سندس آسپاس جا ماڻهو ئي شامل ٿي سگهن ٿا. بينظير پٽو جي قتل جي حوالي سان هڪ اهم ڪردار پرويز مشرف بہ آهي. ائين پيو لڳي تہ

پيپلز پارٽيءَ جي موجوده قيادت قاتلن کي بچائي رهي آهي. پرويز مشرف ۽ ان جي ايجنٽن کي ڪجھ بہ نہ چيو ويندو. پاڪستان ۾ اڄ تائين ائين ئي ٿيندو آيو آهي تہ آمريڪا پنهنجو ڪم ڪيو، ماڻھن کي قتل ڪرائي ڇڏيندو آهي. لياقت علي خان آمريڪا لاءِ ڪيتري نہ محنت ڪئي! ذوالفقار علي ڀٽو سڄي عمر ڪنهن جي خدمت ڪئي؟ هو گوادر جو بندرگاھ ڪنهن کي ڏيڻ پيو چاهي؟ هن ڪنهن جي اشاري تي بنگالين کي جدا ڪيو؟ جنرل ضياءُ الحق ڪنهن جي خدمت پئي ڪئي؟ پوءِ ٿيو هيئن تہ لياقت علي خان ڪشمير مسئلي تي رعايت گهري، ذوالفقار علي ڀٽي ائٽم بم ناهڻ ٿي چاهيو، ضياءُ الحق چيو تہ اسين افغانستان خالي نہ ڪنداسين. اهي ڳالهيون آمريڪا کي نہ وڻيون ۽ توهان ڏٺو تہ اهي سمورا ماڻھو ڪيئن ماريا ويا. محترمہ بينظير ڀٽو جي قتل ڪيس جي جاچ ۾ هينئر تائين ڪابہ اڳپرائي نہ ٿي آهي نہ ئي اڳتي ڪڏهن ٿيندي.

اخبارِ جهان: توهان سائين جي- ايم سيد سان گڏ ڪافي عرصو سياست ڪئي، ان جي باري ۾ ڇا چوندا؟

رسول بخش پليجو: ها، آئون ۽ جي- ايم سيد ڪافي عرصو مختلف سياسي فورمن تي گڏ رهياسين. هو مذهبي انتها پسنديءَ جي خلاف هو، پر قومي فيصلا ذاتي بنياد تي، يعني پنهنجي طريقي سان ڪندو هو. اهم سياسي اشوز تي هن ڪڏهن بہ ڪنهن سان صلاح مشورو ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. هو سڄي عمر ۾ صرف ڏيڍ سال جيل ۾ رهيو، جيتوڻيڪ هن تمام گهڻو عرصو نظربنديءَ ۾ گذاريو، پر ان دوران ڪيس ڪيڏانهن بہ وڃڻ جي ڇوٽ مليل هئي. برگيڊيئر امتياز جي دعويٰ آهي تہ ايم- ڪيو- ايم ۽ جي- ايم سيد کي ملائڻ وارو هو ئي هيو. جي- ايم سيد جي سياست هيءَ هئي تہ هو ضياءُ الحق کي شريف النفس ڪونٿيندو هو، فوج کي صوبن جي وچ ۾ غير جانبدار قرار ڏيندو هو، سنڌين کي نيست و نابود ڪندڙ جي سرپرستي ڪندو هو، دهشتگردن کي جان کان پيارو سمجهندو هو ۽ سنڌ ۾ تعليمي ادارن کي برباد ڪندڙن جي سرپرستي ڪندو هو.

اخبارِ جهان: سنڌ ۾ طالبانائيزيشن جي حوالي سان توهين ڇا چوندا؟

رسول بخش پليجو: ڏاري آبادڪاريءَ خلاف سنڌ ۾ احتجاج ٿيو هو ۽ اسان بہ احتجاج ڪيو هو. ان سلسلي ۾ عوامي نيشنل پارٽي سنڌ جو صدر امين خٽڪ حيدرآباد آيو هو. اسان کيس ٻڌايو تہ سنڌ ۾ ڏاري آبادڪاريءَ جي ٻوڏ آئي آهي، هتي جا ماڻھو اڳيئي پريشان آهن، توهين سوات جي متاثرن کي پنهنجي علاقي ۾ رکو يا پنجاب ۾ رکو، ڇاکاڻ تہ اسان جي پنهنجن ماڻھن جو قومي تشخص اڳيئي خطري ۾ پئجي چڪو آهي.

اخبارِ جهان: سنڌ ۾ گذريل ڪيترن ئي سالن کان زرعي ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جي ڪوٽ آهي، ان جا اصل ڪارڻ ڪهڙا آهن؟

رسول بخش پليجو: پنجاب گذريل ڏيڍ سؤ سالن کان سنڌ جو پاڻي چوري ڪندو رهيو آهي. پنجاب جي حڪمران طبقي 1859ع کان راوي درياهہ وسيلي سنڌ جو پاڻي چوري ڪرڻ شروع ڪيو. 6 درياهہ: جهلم، چناب، راوي، بياس، ستلج ۽ سنڌو درياهہ ۾ پاڻيءَ جو اڌ حصو اسان جو هو. سمورن درياهن جو پاڻي گڏ ٿي اسان کي ملندو هو. جڏهن انهن 6 درياهن جي پاڻيءَ ۾ اڌ حصو اسان جو هو تہ پنجاب کي ڪوبہ حق ناهي تہ اهو اسان جو پاڻي کڻي. ان زماني ۾ سنڌ، بمبئي ۾ شامل هئي ۽ بمبئي وارا اسان جي ڪابہ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئا. نيٺ 1933ع ۾ بمبئي سرڪار، پارت حڪومت کي شڪايت ڪئي. ان کان پوءِ بمبئي ڪاٽن ڪميٽيءَ ڳالهيون ڪرايون. ڪجهہ عرصي تائين قصو ائين ئي هلندو رهيو. وري 1945ع ۾ رائو ڪميشن هڪ ٺاهہ ڪرايو. ٻن سالن کان پوءِ پاڪستان ٺهيو ۽ لياقت علي خان ڳجهہ ڳوهہ ۾ سمورا درياهہ پنجاب جي حڪمرانن حوالي ڪري ڇڏيا. ان کان پوءِ جڏهن پاڻيءَ جي مسئلي تي ڳالهيون ٿيون تہ هڪ سازش تحت سنڌ جي نمائندن کي شامل نہ ڪيو ويو. موجوده حڪومت جي پاڻي ۽ بجليءَ جي وفاقي وزير بيان ڏنو تہ اسين ڪالاباغ ڊيم ناهينداسين. جيڪڏهن ائين ٿيو تہ سنڌي قوم ۽ تاريخ موجوده حڪمرانن کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندي. پوءِ تہ هنن کان مشرف بهتر هو، جنهن ڪالاباغ ڊيم جي اڌاوت جو فيصلو واپس ونڻي ڇڏيو هو.

عورتن تي ظلم خلاف ردعمل منهنجي پهرين بغاوت هئي. مون عورت جي معاملي ۾ ڪڏهن به جوابي ڪارروائي نه آهي.

پنهنجي زباني / ماهوار غازي ڪراچي، آڪٽوبر 2009ع

[رسول بخش پليجو سنڌ جي انهن سپوتن مان آهي، جن پنهنجي ديس لاءِ پنهنجي حصي جو ڪم مڪمل ڪرڻ لاءِ سڄي زندگي جدوجهد ڪئي. اهوئي سبب آهي جو سندن زندگي، ڪم ۽ ڪارنامن سان پريل آهي. 88 ورهين جي عمر هجڻ باوجود رسول بخش پليجو جوانيءَ جي دؤر وانگر پنهنجي Cause، مقصد جي حاصلات لاءِ هر گهڙي، هر پل سرگرم رهي ٿو. جڏهن توهان سندس ذاتي ۽ سياسي زندگيءَ جي باري ۾ هيءَ دلچسپ آتم ڪتا پڙهي رهيا هوندا، ان وقت به هو سنڌ جي مختلف مسئلن جي حل لاءِ ڪنڊڪوٽ کان ڪراچيءَ تائين لانگ مارچ جي اڳواڻي ڪري رهيا هوندا.]

"منهنجي پيدائش هڪ ننڍڙي ڳوٺ "نئين وات" ۾ ٿي جيڪو جنگشاهي ريلوي استيشن جي ڏکڻ ۾ هڪ ميل جي مفاصلي تي موجود آهي ۽ هاليجي ڍنڍ جي اتر ۾ آهي. آئون 20 جنوري 1930ع تي پيدا ٿيس ۽ سنڌ جي هڪ ننڍڙي قبيلي "پليجا" جو فرد آهيان. پليجا اصل ۾ سمات قبيلي سان تعلق رکن ٿا. اسين نهايت غريب ماڻهو آهيون ۽ اسان جي قبيلي جي آبادي به ايتري گهڻي ڪانهي. پليجا سڄي سنڌ ۾ پکڙيل آهن ۽ انهن جي گهڻائي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آباد آهي، پر اهو تعداد به گهڻو ڪونهي. اسان وٽ تمام گهڻن ماڻهن وٽ تمام ٿوري زمين آهي. اسان جي قبيلي جا ماڻهو مالوند رهيا آهن، اهي ڳئون، مينهون پالي پنهنجو گذر سفر ڪندا آهن. اسان جي قبيلي جا ماڻهو جنگشاهي استيشن جي ويجهو هجڻ ڪري استيشن تي ڪير وڪڻندا هئا. 1930ع ۾ غلام محمد بئراج ٺهڻ کان پوءِ سنڌو درياهه مان جيڪو پاڻي اسان جي زمينن ۾ ايندو هو، اهو بند ٿي ويو، يعني پاڻي ڪٻالن ۾ وڃڻ شروع ٿيو. اهڙيءَ ريت اسان وٽ پاڻيءَ جي ڪوٽ پيدا ٿي پيئي ۽ اسان جون زمينون ويران ۽ برباد ٿي ويون. ائين زمينن سان اسان جو رشتو ختم ٿي ويو. جنهن ڪري اسان جي قبيلي جي ماڻهن زمينن تي آسرو ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ مينهن جو ڪير وڪڻڻ ۽ مال ڏارڻ لڳا ۽ پوءِ وري ننڍڙين ننڍڙين نوڪرين سان سلهاڙجي ويا. ڪيترائي ماڻهو ٽيليگراف ڪاتي ۾ قولي بڻجي ويا، باقي ماڻهو مال ڏارينديا هئا. اهي مال لاءِ گاهه به بازار مان خريد ڪندا هئا. اهڙيءَ ريت اهي "پروڊيوسر" يعني هينئين سطح جا ڪاروباري بڻجي ويا."

رسول بخش پليجو گذريل ڏينهن ۾ ماهوار "غازي" جي آفيس ۾ آيو ته ڪانئس

سندس ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ هڪ ڏگهي ڪچهري ٿي، جنهن دوران سندس سياسي زندگيءَ تي پڻ ٽيڪاٽپٽي ٿي. هتي پاڻ "پنهنجي ڪهاڻي- پنهنجي زباني" ٻڌائي رهيا آهن، پڙهو ۽ لطف حاصل ڪريو!

"مون کي زندگيءَ ۾ سڀ کان وڏو ڏک هي آهي ته اسان جي معاشري ۾ عورت سان ناانصافي ٿيندي هئي ۽ اڄان تائين ٿي رهي آهي. سرعام عورتن کي اذيتون ڏنيون وڃن ٿيون، مثال طور: منهنجي والده منهنجي سامهون بيني هوندي هئي ۽ منهنجو چاچو ڏنڊو کڻي کيس ڪُٽڻ شروع ڪندو هو. اهڙي ئي هڪ واقعي دوران مون هڪ پٿر کنيو ۽ پنيان چاچي کي هڻي ڪڍيم. هن پنتي مڙي ڏنو ۽ مون کي چيائين ته اهو چا پيو ڪرين؟ مون چيس ته توکي پٿر پيو هڻان. هن پڇيو ڇو؟ مون چيس، "ان ڪري جو تون منهنجي ماءُ کي مارين پيو. جڏهن به ڪو منهنجي ماءُ کي ماريندو، آئون ان کي ڪونہ ڇڏيندس."

"اها منهنجي زندگيءَ جي پهرين بغاوت هئي، جيڪا مون عورتن جي حقن جي بچاءَ لاءِ ڪئي هئي. ان کان پوءِ سڄي زندگي عورتن جي حقن جو حامي رهيو آهيان."

"منهنجي ننڍپڻ جي زماني ۾ اسان جي ڳوٺ جا ٽي چوڪرا مدرسن ۾ پڙهڻ لاءِ ويا هئا ۽ اهي اتان پاڻ سان جيڪا آئيڊيالاجي کڻي آيا، تنهن کي "وهابي آئيڊيالاجي" چوندا آهن. انهن جي اچڻ کان اڳ ۾ اسان ۾يرن تي تمام گهٽو پروسو ڪندا هئاسين، پر انهن چوڪرن ٻڌايو ته اهو "ڪفر" آهي. انهن نظرياتي طرح ماڻهن تي گهرا اثر ڇڏيا هئا. اهي ٻڌائيندا هئا ته جيڪڏهن چوڪرو ۽ چوڪري پلي کڻي سؤٽ هجن، تڏهن به انهن کي هڪبئي کان پردو ڪرڻ گهرجي. انهن جو چوڻ هو ته شادي وغيره ۾ دُهل وڄائڻ به جائز نہ آهي، جنهن تي ننڍول جُڙي ته جي پليجن جي شاديءَ جو جلوس وڃي رهيو هجي، ته ائين لڳندو ته ڪنهن پليجي جي ميت وڃي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته اسان کي خوشيون ملهائڻ جي اجازت نہ هئي."

"تعليم جي حوالي سان اسان جي انهن وهابي چوڪرن جو چوڻ هو ته عربيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ به پڙهڻ ڪفر آهي، جهڙوڪ: فارسي ۽ انگريزي وغيره. جڏهن ته سنڌيءَ کي "ڪِٽ مِٽ" جي نالي سان سڏيندا هئا. جڏهن اسان جي ڏاڏي، هڪ ڏراڙ کي، جيڪو به درجا پڙهيل هو، ان کي مُلان مڪتب (مدرسو) کولي ڏنو ته اسين اتي پڙهندا هئاسين. انهن وهابي حضرات جي چوڻ تي سنڌي ڇڏي، عربيءَ ۾ سبق پڙهڻ لڳاسين. ان وقت سنڌ جا مسلمان، پارت جي مسلمانن جي پيٽ ۾ انتهائي پنتي پيل هئا، جنهن ڪري پهريائين اسان جي نانيءَ هڪ مدرسو کوليو ۽ ان کان پوءِ وري منهنجي ڏاڏي پڻ مدرسو کوليو ۽ ان ۾ به درجا پڙهيل هڪ شخص، جنهن کي اسين ميان جي طيب چوندا هئاسين، اسان جو استاد بڻجي ويو. هن ٻن سالن تائين اسان کي پڙهايو."

"رياضيءَ ۾ جوڙ، ڪٽ، ضرب ۽ وند جا سوال پڙهڻ لاءِ هو پهريائين حيدرآباد

ويو ۽ ان ۾ مهارت حاصل ڪيائين ۽ پوءِ واپس اچي اسان کي رياضي پڙهايائين. پوءِ هن پنهنجو هڪ نائب ب رکيو. ائين جڏهن ڪو شخص اسان جي اسڪول جي پرسان لنگهندو هو ته اسان هڪدم عربي پڙهڻ شروع ڪندا هئاسين، ته جيئن ڪنهن کي خبر نه پوي ته اسين "ڪِت مِت" (سنڌي) يا غير شرعي قسم جي تعليم پرائي رهيا آهيون، يعني سنڌي ب ان وقت غير شرعي ٻولي تصور ڪئي ويندي هئي. انگريزيءَ جو ته سوال ئي پيدا نه ٿي ٿيو. اسان اتي تعليم حاصل ڪئي، جتي راند کيڏڻ تي ب بندش هئي، ڇاڪاڻ ته راند ب شرعي طرح جائز نه هئي! پوءِ ب اسان ڪڏهن ڪڏهن لڪي لڪي کيڏندا هئاسين."

"آئون ننڍپڻ ۾ پڙهڻ جي سخت خلاف هوس. منهنجو ڏاڏو مون سان تمام گهڻو پيار ڪندو هو. هن جڏهن مون کي مسجد اسڪول ۾ داخل ڪرايو ته مون چيس ته آئون پڙهڻ نه ٿو چاهيان. اصل ۾ آئون ڳئونءَ جي ننڍڙي گابي کي چارڻ پيو چاهيان، ڇاڪاڻ ته آئون ڏسندو هوس ته ڏراڙ جهنگ ۾ مال سان گڏ گهمندا ڦرندا وتندا هئا ۽ اسين مسجد ۾ قيد هوندا هئاسين. مولوي صاحب ڏنبو هٿ ۾ ڪريو وينو هوندو هو، ان ڪري مون چيو ته آئون ڪونه پڙهندس، تنهن تي منهنجي ڏاڏي چيو ته توکي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ نوڪري ملندي. مون پڇيس ته ڪهڙي؟ تنهن تي چيائين ته توکي تپيداري ونڻي ڏيندا سين، تون رڳو ڏهه- پندرهن ڏينهن پڙهائي ڪر، توکي تپيدار بڻائيندا سين، ڇاڪاڻ ته منهنجو پيءُ ب تپيدار هو. بهرحال، ڪجهه ڏينهن پڙهڻ کان پوءِ جڏهن مون کي نوڪري نه ملي ته آئون گهر ۾ ويهي رهيس ۽ اسڪول وڃڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيم. پوءِ ڏاڏو مون کي گهوڙي تي ويهاري ڏٽي ونڻي ويو. ڏٽو اسان جي گهر کان تقريباً تيرهن کن ڪلوميٽر پري آهي. انهن ڏينهن ۾ بسون ڪونه هونديون هيون. اتي وڃي هن مختيارڪار کي شڪايت ڪئي ته منهنجو پوٽو پندرهن ڏينهن لڳاتار پڙهيو، سندس تپيداريءَ جي درخواست ب جمع ڪرائي هئيسون، پر ڪيس تپيداريءَ جي نوڪري نه ملي آهي، تنهن تي مختيارڪار معذرت ڪندي مون کي چيو ته تنهنجا ڪاغذ پَٽ هيڏي هوڏي ٿي ويا آهن، تنهن ڪري ٿورڙا ڏينهن وڌيڪ پڙهائي ڪر، پوءِ توکي نوڪريءَ جو آرڊر ملي ويندو." ائين آئون پڙهندو رهيس، پر آرڊر ڪونه آيو. وري منهنجي والد صاحب جي بدلي ٿي ويئي. ان کان اڳ اسين هِتي ڪراچيءَ ۾ منگهو پير جي علاقي ۾ رهندا هئاسين. هِتي ب مون کيترن ئي مسئلن کي منهن ڏنو، مثال طور: پنهنجي والده کي چوندو هوس ته مون کي هيتري خرچي ڏي، جيڪڏهن پئسا نه ڏيندينءَ ته آئون سامهون واري روڊ تي وڃي سمهي رهندس. هوءَ چوندي هئي ته ڪا ٽرڪ وغيره اچي تنهنجي مٿان چڙهي ويندي، توکي چيپاٽي ماري ڇڏيندي. تنهن تي آئون چوندو هوس ته پلي چيپاٽي ڇڏي، مون کي پرواهه ڪانهي، تون مون کي پئسا جو نه ٿي ڏئين. پوءِ مون ائين ئي ڪيو. آئون وچ روڊ تي وڃي سمهي رهيس. ٽرڪ آئي ته آئون ڊڄي ويس، پر

پوءِ مون سوچيو تہ جيڪڏهن امان کي خبر پئجي ويئي تہ آئون ڀڄي ويس تہ پوءِ منهنجي ڀالهہ ڪڏهن بہ نہ مجيندي، ان ڪري آئون ڊپ وچان ڏڪندو رهيس، پر روڊ تي سُتو رهيس، اُٺيس ڪونہ. ڊرائيور لهي آيو ۽ چيائين تہ پٽ! هي ڇا پيو ڪرين؟ مون امان ڏانهن اشارو ڪندي چيس تہ جيڪڏهن هوءَ مون کي خرچي نہ ڏيندي تہ آئون ڪونہ اٽندس، تنهن تي ڊرائيور چيو تہ جيڪڏهن آئون توکي خرچي ڏيان تہ پوءِ تون اٽندين؟ ان تي آئون هڪدم راضي ٿي ويس. هن مون کي پئسا ڏنا. مون انهن پئسن مان فروٽ وغيره خريد ڪيو ۽ امان کي پري کان ڏيکاريٺ لڳس. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ امان مون کي رات جو ڪير ڏيٺ بند ڪري ڇڏيو. تہ مون وڃي سامهون واري ڪير وڪٽندڙ مڪراني بلوچ سان شڪايت ڪئي تہ امان رات جو مون کي ڪير ڏيٺ بند ڪري ڇڏيو آهي. هن پنهنجي انداز ۾ چيو، "اڙي! هي ڇا؟ هي تہ هن سان ظلم آهي ڙي!" هن همدرديءَ وچان مون کي چانهہ پياري. ائين پوءِ جڏهن بہ آئون اتي ويندو هوس، هو مون کي چانهہ پيارياندو هو."

"ان کان پوءِ اسان جي تعليم وري شروع ٿي ويئي. منهنجو هڪ دوست چوندو هو تہ سيني کان وڏو مڙس ماڻهو آهي تہ اهو جمعو بروهي آهي."

"هو ڇا ڪندو آهي؟"

"چوريون ڪندو آهي. اسان پليجن جون ڳئون مينهون چورائيندو آهي ۽ پوءِ ماڻهو کيس پُنگ ڏيندا آهن ۽ پنهنجو مال واپس ونڻي ويندا آهن."

"تہ پوءِ مون چيو، "آئون ان جمعي بروهيءَ سان مقابلو ڪندس." ان کان پوءِ مون چوريون ڪرٺ شروع ڪيون. هڪ ڏاڙو هو، جيڪو ٻڪريون چاريندو هو. هن جي ٻڪرين جي ڳڇيءَ ۾ خوبصورت ٿلين (ننڍا چڑا) هوندیون هيون، مون اهي لاهڻ شروع ڪيون. ڏاڙو ڪي ان ڳالهہ جي خبر ئي نہ پيئي يا وري آئون ٻڪري ڏهي ان جو ڪير پي ويندو هوس، ان جي بہ هن کي خبر ئي نہ پوندي هئي. اهڙيءَ ريت جمعي بروهيءَ جي مقابلي جي جوش ۾ مون ڪيتريون ئي ننڍيون ننڍيون چوريون ڪيون. انهن ڏينهن ۾ باگڙي ماڻهو گدرا ۽ هنداڻا پوکيندا هئا. آئون انهن جا بہ گدرا ۽ هنداڻا چوريءَ پٽي ويندو هوس. ان کان سواءِ پنهنجي ڳئون ۽ مينهن لاءِ رات جو پراين بَنين مان گاهہ چوريءَ لُڻي ايندو هوس. ان مان اهو ثابت ڪرٺ جي ڪوشش پئي ڪيم تہ چوريءَ ۾ ڪير ماهر آهي. نيٺ مون چورن جو هڪ ٽولو ٺاهيو. انهن سان گڏجي پنهنجي پڻيءَ جي گهران پئسا چورايم. اهي پئسا ڪٽي اسان حيدرآباد هليا وياسين. اها ان زماني جي ڳالهہ آهي، جڏهن آئون اتي پڑهندو هوس. منهنجو خيال هو تہ اسان حيدرآباد ريلوي استيشن تي چوريءَ جو ڪم شروع ڪنداسين، يعني جيڪي ماڻهو رات جو ايندا ۽ جڏهن اهي پليٽ فارم تي سمهي رهندا تہ اسين انهن جي کيسن مان پئسا وغيره ڪڍي ونڻنداسين ۽ پنهنجو ڪاروبار ڪنداسين، پر حيدرآباد پهچڻ کان پوءِ خبر پيئي تہ اتي ماڻهو سمهندا ئي ڪونهن. اسين انهن سان گڏ وينا هوندا هئاسين،

ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين ڪچهري ڪرڻ باوجود اسان ڪنهن کي به سمهندي نه ڏٺو. نيٺ اسين بيزار ۽ مايوس ٿي وياسين ۽ پوءِ اهو ارادو بدلائي ڇڏيوسين."

"هڪ پيري اسان جا امتحان هئا. هڪ هندو اسان جو صاحب (سپروائيزر) بڻجي آيو. ان دؤر ۾ صاحب اڪثر ڪري هندو هوندا هئا. هن مون کان جيڪي به سوال پڇيا، تن جا مون بلڪل صحيح جواب ڏنا. اسان جو هيڊ ماستر محمد شاهه صاحب هو، جيڪو چيف جسٽس سجاد علي شاهه جو مائٽ هو. انهن ڏينهن ۾ پارٽ جي سياست عروج تي هئي. اهڙيءَ ريت محمد شاهه مون کي پنهنجن ڪلهن تي کڻي سڄي اسڪول جو چڪر لڳرايو ۽ چوڻ لڳو ته، "ڏسجو، هڪ ڏينهن هيءُ چوڪرو وڏو ليڊر بڻبو." منهنجو والد صاحب به جڏهن خوش ٿيندو هو ته، "هيءُ آءِ- سي- ايس آفيسر ٿيندو." جڏهن ته منهنجو ڏاڏو چوندو هو ته هي مولوي ٿيندو ۽ اهائي ڳالهه منهنجون پڦيون به چونديون هيون. ان وقت ڳوٺ ۾ مولويءَ جو وڏو رتبو هوندو هو. هو ڪنهن کي به برادريءَ يا ڳوٺ مان ڪڍي ڇڏڻ جو حق رکندو هو ۽ "هي شرعي آهي، هي غير شرعي آهي" اها سڄي معلومات مولوي صاحب وٽ هوندي هئي، جنهن ڪري ئي مولوي صاحب کي ايتري عزت ڏني ويندي هئي. منهنجو والد تپيدار هو، ان لاءِ وري آءِ- سي- ايس آفيسر وڏي شيءِ هوندي هئي، تڏهن ئي هو مون کي چوندو هو ته آءِ- سي - ايس پاس ڪريان. ان ريت ليڊر واري ڳالهه به اچي ويئي. جڏهن مون امتحان ڏنو ته محمد بن قاسم بابت هڪ ڪتاب مون کي انعام طور ڏنو ويو. اهو ڪتاب پڙهي آئون حيران ٿي ويس ته واهه! هيءُ ته جاسوسن کان به اڳتي آهي ۽ جمعي بروهيءَ کان به وڏو مڙس ماڻهو آهي. مون سوچيو ته هاڻي جمعو بروهي ناهي ٿيڻو، شير محمد به ناهي ٿيڻو، بلڪ هاڻي محمد بن قاسم ٿيڻو آهي. ان لاءِ پنهنجي فوج هجڻ گهرجي. مون ڪيترائي دوست ان فوج ۾ پرتي ڪيا ۽ محمد بن قاسم بڻجڻ لڳس."

"اسين ڪير وڪڙ شهر ويندا هئاسين، جنهن لاءِ وڏو مَٽ مٿي تي کڻي ويندا هئاسين. رستي ۾ هڪ پير بخاري هو، جتي پاڻيءَ جو هڪ پريل مَٽڪو پيو هوندو هو. اسين اتي پهچي، مَٽ مان ٿورو ڪير ڪڍي ونندا هئاسين ۽ ان مَٽڪي مان ڪير ۾ پاڻي وجهي ڇڏيندا هئاسين. پوءِ آئون ان ڪير جي چانهه ناهي، پنهنجن ساٿين کي (يعني مون جيڪا فوج ناهي هئي) تن کي پياريندو هوس."

"پوءِ وري تعليم جي سلسلي ۾ نٽي هليو ويس. اتي انگريزيءَ جو وڏو زور هو. هڪ هندو استاد هوندو هو، جيڪو انگريزيءَ جي رسم الخط ۾ غلطي برداشت نه ڪندو هو. آئون لفظ "PRAY" کي درست نه پڙهندو هوس، يعني تڪڙ ۾ "PRY" چوندو هوس، ته هو مون کي ڪلاس کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو هو. ترلا نالي هڪ هندو چوڪري اسان سان ڪلاس ۾ گڏ پڙهندي هئي. اهو هندو استاد ڪيس ڏنڊي سان ماريندو هو. هوءَ دانهون ڪندي رهندي هئي، پر استاد ساڻس ڪابه رعايت نه ڪندو هو. اهو استاد جيئن چوڪرن کي ماريندو هو، تيئن ئي چوڪرين کي به سزا ڏيندو

هو. مون کي انتهائي خراب لڳندو هو، ڇوتہ مون کي ترلا ڏاڍي وڌندي هئي. پوءِ آئون ان ئي اسڪول ۾ ٽيچر بڻجي ويس. منهنجي خيال ۾ اتي ان وقت هيڊ ماستر محمد ابراهيم جويو صاحب هو. اها 1948ع جي ڳالهہ آهي. اتي هڪ ٻيو استاد "مسٽر سوڊا" بہ هو، جيڪو منهنجين ڳالهين کان بيزار ٿيندو هو. هو چوندو هو تہ، "I don't agree with you." (آئون توسان سهمت ناهيان.) آئون تنهنجي عزت ان ڪري ڪريان ٿو جو تنهنجي گرامر درست آهي، جيئن قرآن پاڪ جي هڪ آيت جو ترجمو آهي تہ، "منهنجو اُٺ، نماز پڙهڻ صرف الله جي لاءِ آهي." اهڙيءَ ريت اتي هي معاملو هو تہ سيڪجهہ انگريزي زبان لاءِ هو. ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ ٻيون سڀ ڳالهيون ان ڳالهہ تي دارومدار رکن ٿيون تہ هو ڪيتري انگريزي ڄاڻي ٿو. مطلب تہ اسين ٻئي ۾ ٽئين درجي ۾ ئي انگريزي ڳالهائيندا هئاسون، پلي ڪٽي اها ڪيئن بہ هجي، پڳل ٽٽل انگريزي هئي، پر اسان جي هر ڳالهہ ٻولهہ انگريزيءَ ۾ هوندي هئي. انهن ڏينهن جو هڪ واقعو توهان کي ٻڌايان ٿو، جيترو بہ ياد اٿم:

"اسين سڀ شاگرد پڙهائيءَ دوران هاليجي جي ويجهو برساتي پاڻيءَ جي ڪڍ ۾ وهنجڻ ويندا هئاسين ۽ هڪٻئي سان کيچل ڪندا هئاسين، هڪٻئي کي ڪڍ جي ڪاري مٽي مُنهن تي مَليندا هئاسين. هڪ ڏينهن اسان ڏٺو تہ پري کان ڪي انگريز فوجي اچي رهيا هئا. ان زماني ۾ جنگ هلي رهي هئي. انگريزي تہ اسان کي ڳالهائڻ ايندي هئي، سو انهن جي ويجهو اچڻ تي مون کانئن پڇيو: "What is your father's name?" (تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟) مون کي جيئن تہ انگريزي ڳالهائڻي هئي، ان ڪري ڳالهائيندو رهيس ۽ هو مون کي ڏسي حيران ٿي ويا تہ ڀهراڙيءَ جو ڇوڪرو ڪيئن ڀيو انگريزي ڳالهائي. پوءِ اهي مون کي پاڻ سان گڏ ڀر واري ڳوٺ ۾ وٺي ويا ۽ مون کي چانهہ پياريائون. اها خبر سڄي ڳوٺ ۾ هُلي ويئي تہ رسول بخش کي فوجي پاڻ سان وٺي ويا آهن. آئون جڏهن گهر پهتس تہ ڇا ڏسان تہ سڄو ڳوٺ منهنجي استقبال لاءِ ٻيٺو آهي. انهن فوجين مون کي چيو تہ تون اسان سان گڏ ڪراچي هل، اسين اتي توکي پڙهائينداسين، پر گهر وارن (والدين) مون کي نہ ڇڏيو ۽ اهي فوجي واپس هليا ويا."

"هڪ ڏينهن امان مون کي چيو تہ تون رڳو چوريون ڀيو ڪرين، اسڪالرشپ جو جيڪو امتحان ڏنئي، تنهن ۾ ناپاس ٿيو آهين، تنهنجو پيءُ ايندو تہ توکي ڏاڍو ماريندو، تنهنڪري هي وٺ ڏهہ روپيا ۽ مدرسي ۾ وڃي پڙهہ. مون امان کان ڏهہ روپيا ورتا ۽ پنهنجي دوست حامد کي ساڻ ڪري ڪراچي مدرسي ڏانهن هليو ويس. ڪراچيءَ ۾ مون ڊاڪٽر دائودپوتي جو نالو ٻڌو هو. ماڻهن کان پڇائون ڪندو نيٽ وڃي سندس گهر پهتس. مون ساڻس ڪوڙ ڳالهائيندي چيومانس تہ سائين! آئون بيمار ٿي ڀيو هوس، جنهن ڪري اسڪالرشپ جي امتحان ۾ ناپاس ٿي ڀيو آهيان. هن چيو تہ آئون ڇا ٿو ڪري سگهان؟ مون چيو تہ مون کي اسڪالرشپ ڏيو ۽ سنڌ

مدرسي ۾ داخلا ڏياريو. هن مون کان پڇيو، "تون هوشيار آهين؟" مون چيو، "بلڪل!" هن چيو، "چڱو، ٿوري دير ٻاهر ويهه." تقريباً هڪ ڪلاڪ کان پوءِ ڊاڪٽر دائودپوٽو آيو ۽ منهنجو امتحان ورتائين. انهن ڏينهن ۾ آئون هر وقت غير نصابي لکڻيون پڙهندو رهندو هوس، ڪڏهن جاسوسي ڪتاب ۽ ڪڏهن ڪجهه ته ڪڏهن ڪجهه. ڪتابن پڙهڻ جي پختي عادت هئي، ان ڪري امتحان ونڻ کان پوءِ جڏهن ڊاڪٽر دائودپوٽو مطمئن ٿيو ته مون کي چيائين ته ٺيڪ آهي، توکي اسڪالرشپ ڏيان ٿو. ان وقت ساڍا ٻارهن روپيا اسڪالرشپ مقرر هئي، جيڪا هن مون کي ڏني ۽ ڪپڙا خريد ڪرڻ لاءِ سَٺ روپيا ٻه ڏنائين."

"هتي اوهان کي اهو ٻڌائيندو هلان ته دائودپوٽو صاحب ان وقت ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن هو. ان ڪري اسڪالرشپ سندس هٿ وس هئي. ان وقت سنڌ بورڊ جو سيڪريٽري بئريسٽر حسين علي هو. جيڪو حسن عبدالرحمان جو وڏو پاڻ هو. ان سان جڏهن ٻه منهنجي ملاقات يا ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي ۽ جڏهن ٻه هو ڪيڏانهن وڃي رهيو هوندو هو ته مون کي ڏسندي ئي گاڏي بيهاري، مون کي سنڌ مدرسي وٽ ڇڏيندو هو."

"سنڌ مدرسي ۾ پڙهڻ دوران آئون حسن علي هائوس ۾ رهندو هوس. فجر مهل اتي هڪ پناڻ ايندو هو، جيڪو زور زور سان زمين تي ڏنڊو هڻي چوندو هو ته، "نماز، نماز- اچو نماز جي طرف." ته اسين نماز پڙهڻ وينداسين ۽ پوءِ ناشتو ڪندا هئاسين. پوءِ سُني فقہ جي باري ۾ پڙهندا هئاسين. ان کان سواءِ اتي عربي ۽ ٻين مضمونن جا استاد هوندا هئا."

"چوٿين درجي جا امتحان ٺيڻ کان اڳ ۾ منهنجي دوستن مون کان پڇيو ته تون ڪهڙي پوزيشن ۾ ايندين؟ مون چيو ته آئون پهرئين نمبر تي ايندس. جڏهن امتحان ٺيو ته آئون اَٺيتاليهين نمبر تي پاس ٿيس. پوءِ ته دوستن اڇي مون تي ٽوڪون ۽ چٽرون ڪيون. وري پنجين درجي ۾ اڪثر چوڪرن فارسيءَ جي مضمونن کي اوليت ڏني، پر مون عربيءَ جا مضمون کنيا، چوته ڏکيائين سان مقابلو ڪرڻ منهنجي عادت هئي. جيڪو ڪم ٻين کي ڏکيو لڳندو هو، آئون اهو ڪندو هوس. ان وقت شاگردن کي اهو اختيار هو ته اهي انگريزي يا عربيءَ ۾ پيپر ڏيئي سگهن پيا. مون انگريزيءَ ۾ امتحان ڏنو ۽ پنجين درجي ۾ مون مدرسي جو گذريل رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو، يعني پهرين پوزيشن حاصل ڪيم ته جويو صاحب آيو ۽ پڇيائين، "رسول بخش علي محمد پليجو ڪير آهي؟" مون چيو ته، "آئون آهيان." هن چيو ته، "تون انگريزي جنرل ۽ ٽيڪست، بنهي ۾ پهرئين نمبر تي آيو آهين." پوءِ هڪ ٻيو استاد آيو ۽ پڇيائين، "رسول بخش منگراٽي ڪير آهي؟" مون چيو، "سائين! آئون آهيان." (دراصل منگراٽي منهنجي ڏاڏي جو نالو هو.) آئون جيئن ئي اٽي ٻينس ته ڪلاس جي هڪ شاگرد هڪدم چيو، "سائين! هي ته رسول بخش پليجو آهي ۽ هاٽي منگراٽي بٽجي

ويو آهي. هي ڪوڙ پيو ڳالهائي. منگراٽي ڪو ٻيو آهي." مون چيو، "سائين! آئون ڪوڙ ڪونہ پيو ڪريان، بس پنهنجي نالي سان پليجو ۽ منگراٽي ٻئي ڳنڍيندو آهيان." تنهن تي اُن استاد چيو تہ، هن چوڪري رڪارڊ قائم ڪيو آهي، تنهن ڪري هن کي اڄ اسين پنهنجي "ٽيچرس روم" ۾ هڪ استاد جي حيثيت ۾ ونڊي ويندا سين. اهڙيءَ ريت اهي مون کي استادن (ٽيچرس) جي ڪمري ۾ ونڊي ويا ۽ هڪ ڪرسيءَ تي استاد جي حيثيت سان ويهاريائون. ان کان اڳ آئون زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ استاد جي سامهون نہ ٻيٺو هوس، پر ان ڏينهن آئون سيني استادن سان گڏ ڪرسيءَ تي ويٺو هوس. انهن ڏينهن ۾ منهنجو مضمون هو: "My Home." جيڪو مون استادن ۾ لکيو هو. اهو مون انگريزيءَ ۾ پڙهي ٻڌايو تہ اسان جا گهر ايڏا عاليشان ڇو ناهن؟ مون ان مضمون ۾ اهو شامل ڪيو تہ اسان جا گهر تمام عاليشان ان ڪري ناهن جو اسين غريب ۽ اڻ پڙهيل آهيون. مون انگريزن جي گهرن جي باري ۾ بہ بيان ڪيو. بهرحال، اتي موجود سمورن استادن چيو، "ڏسو هن چوڪري کي! هن جي ڪيڏي نہ زبردست سوچ آهي!" پوءِ هنن ترقي ڏئي، مون کي لائبريريءَ جو لائبريرين مقرر ڪيو ۽ اهڙيءَ ريت منهنجي آمدني سؤ سيڪڙو وڌي ويئي، ڇاڪاڻ تہ گهران مون کي ماهوار پنج روپيا خرچي ملندي هئي ۽ هاڻي پنج روپيا لائبريرين جي پگهار ملڻ لڳي. اهڙيءَ ريت منهنجو پيو اهم مسئلو بہ حل ٿي ويو. اهو هي تہ مون کي ڪتابن پڙهڻ جي عادت هئي. لائبريريءَ ۾ هجڻ ڪري مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي، ڇاڪاڻ تہ سمورا ڪتاب منهنجي هٿ وس هئا. اُن لائبريريءَ ۾ مون محمد بن قاسم، نبي ڪريم صلعم، خالد بن وليد، سليمان ندوي ۽ ٻين جا ڪتاب ۽ ناول پڻ پڙهيا."

"مون محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو هڪ ڪتاب پڙهيو، جنهن ۾ هن لکيو هو تہ، "شاهہ لطيف جو جيڪو صوفياڻو تصور آهي، سو رجعت پرست تصور آهي." هن شاهہ جي ڪجهہ بيتن کي پنهنجي ان ڳالهہ جي دليل طور لکيو هو. وڌيڪ لکيائين تہ، "مسلمانن لاءِ ٻڌي مرڻ جو مقام آهي، هو (شاهہ لطيف) چوي ٿو تہ مونن ۾ منهن ڏيئي، غربت ۾ گذارو ڪريو ۽ جيڪو ڪجهہ آهي، سو توهان جي اندر ئي موجود آهي. اسان ڪنڌ جُهڪائي ڇو ويٺا رهون؟" بهرحال، سندس لکڻيءَ جو مطلب اهو هو تہ لطيف رجعت پرست آهي، ان جو ڪلام نہ پڙهجو، جڏهن تہ علامہ اقبال جي ڪلام پڙهڻ جي تاڪيد ڪيل هئي. پوءِ اقبال جا شعر شروع ٿي ويا، جيئن سندس مشهور شعر آهن تہ:

نہیں تیرا نشیمن قصرِ سلطانی کے گنبد پر،
تو شاہین ہے، بسیرا کر پہاڑوں کی چٹانوں پر۔

***

خودی کو کر بلند اتنا کہ ہر تقدیر سے پہلے،
خدا بندے سے خود پوچھے بتا تیری رضا کیا ہے؟

محمد ابراهيم جويو صاحب استاد بڌجي آيو تہ هن اسان کي انگريزي پڙهائڻ شروع ڪئي ۽ هو جنهن انداز سان انگريزيءَ ۾ شعر پڙهندو هو، آئون سندس عاشق بڌجي ويس. هو انتهائي محنتي هو، پر حڪومت سندس خلاف ٽي ويئي ۽ ڪيس نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيائون. اسان ڪيس نوڪريءَ مان خارج ڪرڻ خلاف هڙتال ڪئي. هن اسان کي ترقي پسنديءَ جون ڳالهيون ٻڌايون. هو هيومن رائيٽس سوسائٽيءَ جو پيروڪار هو. صلاح الدين ان وقت پيپلز پارٽيءَ جي خلاف هو. هن اسان کي جديد خيالن کان روشناس ڪرايو. هن اسان کي مسلمانن لاءِ جيڪي شيون منع ڪيل هيون، انهن جي باري ۾ آگاهي ڏني. هن سان اڪثر ڪري منهنجون ملاقاتون ٿيندیون رهنديون هيون. هڪ ڀيري مون سان مذهب ۽ سوشلزم تي بحث شروع ڪيائين، جنهن مان مون اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اسلام وسيع تر معنيٰ ۾ آهي ڇا؟ وري مون مودودي صاحب جو ڪتاب "جهاد في الاسلام" پڙهيو. مون کي به ٻيا ڪتاب جيڪي مليا، انهن جو سرسري طور تي مطالعو ڪيم. پوءِ مون شيعا عالمن سان به ڳالهيون ڪيون، پر هنن مون کي چڏي ڏنو. اهي چوندا هئا تہ تون ڪفر جون ڳالهيون پيو ڪرين. آئون سمجهي ويس تہ هنن ويچارن کي ڪابہ خبر ڪانهي. جيڪو ڪجهہ صلاح الدين چوي ٿو، سو درست آهي تہ هنن ڏيهي مولوين کي ڪهڙي خبر تہ اسلام ڇاهي؟ هو منهنجو دوست هو. پوءِ هو هڪ حادثي ۾ فوت ٿي ويو."

"آئون هڪ ڏينهن جنگشاهيءَ ۾ وينو هوس تہ فوجي ميس جو ڪئپٽن، جيڪو اردو ڳالهائيندڙ هو، تنهن سان پاڪستان بابت بحث ۾ ڦاسجي ويس. اتي پريان هڪ ٻيو چوڪرو وينو هو، تنهن ڪئپٽن کي چيو تہ، "تون جيڪو ڪجهہ چوين پيو، سو درست ناهي." تنهن تي ڪئپٽن، چوڪري کان پڇيو، "تون ڪٿان جو رهاڪو آهين؟" ان چوڪري چيو تہ، "آئون حيدرآباد دکن جو آهيان." ٻئي هڪٻئي سان ڳالهين ۾ تيز ٿي ويا. آئون سمجهي ويس تہ هي چوڪرو ڪم جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي.

خير، پوءِ ڪئپٽن تہ هليو ويو ۽ آئون ۽ اهو چوڪرو پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين ۽ دوست بڌجي وياسين. هن مون کي ترقي پسند اردو شاعريءَ کان واقف ڪيو. اهو نبي احمد هو، جيڪو هن وقت وڏو ليڊر آهي. هو هن وقت بيمار آهي. زرينا جي بيماريءَ دوران مون وٽ عيادت ڪرڻ آيو هو. ڳالهہ هيءَ آهي تہ دوستن سان ملي نہ سگهندا آهيون، پر ساڻن دوستي اهڙي ٿي جو اهي اڄ بہ دوست آهن. ان شخص مون کي ٻڌايو تہ ترقي پسند تحريڪ ٻي شيءِ هوندي آهي. هي ماڻهو جيڪي نعرا ٻيا هڻن، انهن کي ڪهڙي خبر؟ پوءِ مون ٻيا ڪتاب چڏي شاعريءَ ڏانهن ڏيان ڏيڻ شروع ڪيو. هن مون کي مخدوم محي الدين ۽ سردار جعفريءَ جا نظم ٻڌايا:

یہ آگ خاک بات کر، جہاں بہت حسیں ہے،
اگر کہیں بہشت ہے ، بس یہی زمیں ہے،
دہکتے عارضوں کا رنگ کاکلوں کے،
جنگل میں بھاگتے آنچلوں کا رقص۔

اهي نظم مون تمام گھٽا پڙھيا. اسان جي رهائش جي سامهون هڪ هوٽل هئي، جتي انجمن ترقي پسند مصنفين جون گڏجاڻيون ٿيندیون هيون. آئون ب ڪڏهن ڪڏهن انهن گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو هوس. هڪ ڀيري اتي فيض صاحب ب آيو هو، آئون ان پروگرام ۾ موجود هوس."

"آئون سنڌ مدرسي جي امتحان ۾ پهريون نمبر آيو هوس. حقيقت ۾ اسان ب شاگرد هئاسين. ٻيو بوهري خاندان سان تعلق رکندڙ هو. اسان لاءِ مسئلو هي هو ت امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ اسان وٽ رهائش ڪانه هئي. اسين لکي لکي مدرسي جي مٿان ريسٽ هائوس جي ڇت تي وڃي سمهندا هئاسين. هڪ ڏينهن مدرسي جي چوڪيدار اسان کي پڪڑي ورتو ۽ چوڙ لڳو، "توهين مدرسي جا شاگرد ناهيو، پوءِ لکي وڃي مٿي ڇو ٽا سمهو؟" هن اسان کي اتان ڊوڙائي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. مون اهو ڪڏهن ب نہ سوچيو هو ت منهنجي ڪري والدين کي ڪا تڪليف اچي، سو ب پرائي شهر ۾ رهندي. پوءِ ٿيو هيئن ت اسان جي ڳوٺ جو هڪ همراهہ هو، جيڪو شهر ۾ مزدوري ڪندو هو. هو هڪ جاءِ تي تنبو لڳائي اتي رهندو هو. آئون ب ان سان گڏ تنبوءَ ۾ رهڻ لڳس. بهرحال، مون مٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان اڳ ئي انڊسٽريز ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري حاصل ڪري ورتي. هڪ ڏينهن ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽر (جيڪو ايران جو پارسي هو) مون کي سڏيو ۽ چيائين، "هي ڇاهي؟" مون لفافي کي ڏسندي چيو ت، "هي ليٽر آهي." وري پڇيائين، "هي ڪنهن جي نالي آهي؟" مون چيو ت، "ڊائريڪٽر آف انڊسٽريز ڪراچي سنڌ جي نالي آهي." هن چيو ت، "اکيون کولي ڏس ت ان ليٽر تي بمبئي جي ايڊريس لکيل آهي، اهو ليٽر پارت ويٽو هو، پر تو مون ڏانهن موڪلي ڇڏيو!" وري چيائين، "ليٽر پڙهہ." مون لفافو کوليو ت هن وري پڇيو، "هي ڇا آهي؟" مون چيو ت، "Corrections (درستيون) آهن." پڇيائين، "اهي ڪنهن ڪيون آهن؟" مون وراڻيو، "مون ڪيون آهن." پڇڻ لڳو، "ڇو ڪيون اٽئي؟" مون چيو، "سائين! گرامر غلط هئي." هڪدم چيائين، "اڇا! هاڻي تون منهنجي ب گرامر درست ڪندين! ان جو مطلب آهي ت تون سمورن ليٽرن جي گرامر درست ڪندو رهندو آهين. آئون هاڻي جو هاڻي توکي نوڪريءَ تان لاهيان ٿو. Just go home. يعني نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيائين. اڃان مٽرڪ جي رزلٽ آئي ب ڪانه ت نوڪري ملي ۽ وري هلي ب ويئي."

"پوءِ جڏهن رزلٽ آئي ۽ آئون ڪامياب ٿيس ت مون ريئل ايلوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ آئوٽ ڊور ڪلارڪ جي نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي. آئوٽ ڊور ڪلارڪ کي عام طرح نيچ سمجهيو ويندو هو. اتي منهنجي ملاقات حيدرآباد سان تعلق رکندڙ هڪ سنڌي ڳالهائيندڙ شخص سان ٿي، جنهن منهنجي ملاقات ڊائريڪٽر سان ڪرائي هئي."

"هڪ ڏينهن مون وٽ هڪ عورت آئي ۽ چوڙ لڳي ت هڪ مختيارڪار آهي

جيڪو مون کي چوي ٿو ته مون سان دوستي رک. منهنجي انڪار ڪرڻ تي منهنجي نالي الاٽمينٽ ٽيل زمين رد ڪري ڇڏي اٽس. عورت مون کي چيو، "هي ٽيهه روپيا وٺ ۽ منهنجو ڪم ڪري ڏي، يعني منهنجي زمين واپس ونرائي ڏي." اها منهنجي زندگيءَ جي پهرين رشوت هئي، جنهن ڪري مون هڪ نوٽ لکيو ته جيئن ته هي Serious (گنيير) مسئلو آهي ۽ ان لاءِ مختيارڪار کان رپورٽ گهرائي وڃي، پر جيئن ته مذڪوره عورت کان قبضو ورتو ويو آهي، تنهن ڪري Stay يعني منع نامو جاري ڪيو وڃي ۽ ان ۾ اڃ ئي دير ٿي چڪي آهي. جيڪڏهن مناسب سمجهيو وڃي ته هي آرڊر ٽيليگرام وسيلي موڪليو وڃي. ان جو Draft (متن) به لکي، ان سان چنبڙائي ڇڏيم ۽ اهو به لکيم ته جيڪڏهن مختيارڪار کا گڙبڙ ڪري ته ڪيس نوڪريءَ تان هٽايو وڃي. نوڪريءَ تان هٽائڻ جو اهڙو متن به ان ۾ شامل ڪري ڇڏيم. ان وقت ڊائريڪٽر طفيل صاحب هو، جنهن ڊرافٽ ڏسي ڪري چيو، "Very Excellent! زبردست! نهايت شاندار آهي!" ٽئين ڏينهن تي ڊپٽيءَ مون کي گهرايو ۽ پڇيائين ته، "هي نوٽ توهان لکيا آهن؟" مون چيو، "جي سر!" تنهن تي هن چيو، "توکي خبر آهي ته جنهن مختيارڪار کي نوڪريءَ تان هٽايو ويو آهي، اهو ڪير آهي؟" مون چيو، "خبر ناهي سر!" چيائين، "اهو منهنجو پائيٽو آهي." هن ڪاوڙ منجهان مون ڏانهن نهاريو ۽ چيائين، هليو وڃ، !Get out پي صورت ۾ توکي هاڻي جو هاڻي گرفتار ڪرائي ڇڏيندس." مون ڪيس گهٽيون ئي منٽون ڪيون ته مون کي نوڪريءَ مان نه ڪڍو، پر هن نه مڃيو."

"ان کان پوءِ آئون ڏٽي هليو آيس ۽ اتي مون کي منشيءَ وٽ آئوٽ ڊور ڪلارڪ جي نوڪري ملي ويئي. وڏو منشي دراصل مختيارڪار کان هيٺ وارو عهدو هوندو آهي. اهو ٽرڊ ڪلاس مئجسٽريٽ به هوندو آهي. اتي هڪ شخص فرياد ڪرڻ آيو ۽ ڪن ماڻهن خلاف بيان ڏنائين، جنهن تي منشيءَ انهن ماڻهن خلاف وارنٽ جاري ڪيا. مون اهو آرڊر ڊرافٽ ڪيو ۽ موڪلي ڇڏيو. هڪ هفتي کان پوءِ ساڃيو شخص روئندو آيو ۽ سڏو سيد صاحب (منشي) ڏانهن ويو. صاحب مون کي سڏيو ۽ پڇيائين، "هي ڇا آهي؟" مون چيو ته، "مون کي خبر ناهي." تڏهن هن ٻڌايو ته، "هي ماڻهو فريادي آهي ۽ مون توکي چيو هو ته ان معاملي جي جوابدارن خلاف وارنٽ جاري ڪر، تو وري هن فرياديءَ خلاف وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا آهن!"

"اهڙيءَ طرح اها نوڪري به ويئي. ان کان پوءِ مون ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ (تعليم کاتي) ۾ نوڪري ورتي، جيڪا هتي سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ڪئي هئم. ان دؤر ۾ دين محمد سنڌ جو گورنر هو. انهن ڏينهن ۾ پگهارن ۽ واڌاري لاءِ ٽيچرز (استادن) جي هڙتال هلي رهي هئي، جيڪا ڪيترائي ڏينهن هلي، نيٺ حڪومت مجبور ٿي سندن پگهارن ۾ واڌارو ڪيو هو. هڪ- ٻن مهينن کان پوءِ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مون کي گهرايو ۽ چيائين، "او! ته تون ئي سپرنٽينڈنٽ آهين؟ استادن واري هڙتال سان

تنهنجو تعلق آهي، يعني تو ئي پگهارن جي باري ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو هو؟" ان وقت اسسٽنٽ سيڪريٽري رياض الله هو، اهو بہ آيل هو. هن چيو، "تون پنهنجي سيڪريٽري وٽ وڃ." آئون ان ڏانهن ويس، پر هو پنهنجي ڪرسيءَ تي موجود نہ هو، بلڪ سيڪريٽري هاشم رضا هو. آئون اُن وٽ ويس، پر هن چيو تہ، "هن کي گورنر وٽ وڃي وجو." گورنر مون کي چيو، "منهنجا پاءُ! اسان پگهارون وڌايون، تو گهٽائي ڇڏيون! سڄي سنڌ ۾ ٻيهر طوفان اٿيو آهي، تو تہ ماڻ منيءَ ۾ پگهارون گهٽائي ڇڏيون. هاڻي تون بہ گهر وڃ." ائين اها نوڪري بہ ويئي. هر پاسي واويلا متل هئي. ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين استاد احتجاج ڪري رهيا هئا تہ ڏسو، پگهارون وڌائڻ بدران گهٽايون ويون آهن! اهڙو انڌير، اهڙو ظلم ڪٽي کوڻ ڏنو ۽ نہ ئي ٻڌو!"

"بهرحال ڪراچيءَ مان ٽپڑ ٻڌي، ڪَچ ۾ ڪري، نٽي پهتس، جتي هڪ اسڪول ۾ پاڻ "ماستر" ٻڌجي ويس ۽ پڑهائڻ لڳس. ان دوران ڪيترائي ڪارناما سرانجام ڏنم. اخبارن ۾ ڪم ڪيم، جن ۾ "نئين سنڌ" ۽ "آواز" اخبار شامل هيون. "نواءِ سنڌ" ايوب کهڑو صاحب جي اخبار هئي، جنهن جي مٿان دولتانا صاحب هوندو هو، ان ۾ هڪ ئي وقت ٽي- ٽي ڪالم لکندو هوس."

"منهنجي شادي ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي سوٽ سان ٿي هئي. اسان جي هڪٻئي سان نہ لڳندي هئي. اسان ٻئي ڪجهہ وڌيڪ جذباتي هئاسين. والدين اها شادي زبردستيءَ ڪرائي هئي. شاديءَ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ آئون جنگشاهيءَ کان نٽي پڄي ويس، پر اتان مون کي پڪڑي واپس وٺي آيا ۽ شاديءَ لاءِ تيار ڪري ويهاريائون. بابا مون سان گڏ ويهي رهيو. مولويءَ نڪاح مهل مون کان پڇيو تہ، "فلاڻي چوڪري، فلاڻي جي ڏيءَ توکي زال طور قبول آهي؟" آئون ماڻ رهيس، ڪوبہ جواب نہ ڏنم. وري ٻيهر مولويءَ وڏي آواز ۾ پڇيو، پر مون کونہ ڳالهايو. اهو ڏسي بابا منهنجي ڪن کي پڪڑيو ۽ اهڙو تہ زور سان مروڙو ڏنائين جو نہ رڳو منهنجين اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، بلڪ ڊپ وچان پاڻهي پاڻ منهنجي وات مان "ها" جو آواز پڻ نڪري ويو. ائين شادي ٿي ويئي. ان مان مون کي ڇهن پٽن جو اولاد بہ آهي. (هتي "آف دي رڪارڊ" اهو ٻڌائيندو هلان تہ مون کي پنهنجن ٻارن جا نالا ياد ناهن رهندا. مون کي تمام گهڻي Research (کوجنا) ڪرڻي پوندي آهي، جڏهن ڪوبہ منهنجي اڳيان اهو سوال رکندو آهي يا وري منهنجي پٽ جو نالو ونندو آهي تہ آئون سوچ ۾ پئجي ويندو آهيان. خبر ناهي مون کي پنهنجو نالو الائي ڪيئن ياد آهي، اڪثر ڪري پنهنجو نالو بہ وسري ويندو اٿم!) بهرحال، توهان کي ٻڌائي رهيو هوس تہ Teaching (پڑهائڻ) سان گڏ اخبارن ۾ لکڻ جو ڪم بہ جاري رهيو ۽ قانون جي تعليم بہ حاصل ڪندو رهيس. آئون جڏهن Law (قانون) جا امتحاني فارم پري رهيو هوس تہ مون وٽ فارم جي فيس ڪانہ هئي. مون مختلف دوستن کان ڏهہ - ڏهہ روپيا اُڌارا ونڻي فيس جمع ڪرائي. اهو آئون ان ڪري پيو ٻڌايان تہ مون جوانيءَ کان ئي والدين کي مالي طور ڪابہ تڪليف ڏيڻ نہ پئي چاهي. آئون جيڪڏهن بابا

وارن کي چوان ها تہ اهي اوڏر سوڏر وڃي يا ڪا ڀڳئون، مينهن وڪڙي مون کي کوڙ سارا پئسا موڪلين ها، پر آئون ان قسم جي مزاج جو نہ هوس جيئن ٻيا ڇوڪرا هوندا هئا، جيڪي ڪوڙ بدوڙ يا بهانا ڪري، والدين کان ڏوڪڙ گهرائيندا هئا ۽ فضول خرچيءَ ۾ وڃائيندا هئا. مون کي اهڙي ڳالهہ پسند نہ هئي."

"جڏهن Law (قانون) جو امتحان ڏيئي رهيو هوس تہ انهن ڏينهن ۾ مون کي تپ دق (T.B) ٿي ويئي. منهنجو اهڙو حال هو جو نيٺ خاص اجازت سان ڊاڪٽر دوست کي امتحان هال ۾ وڃي ويس ۽ جڏهن آئون لکندي لکندي ساڻو ٿي ٿي پيس تہ ڊاڪٽر مون کي Injection (سُئي) هڻي سامت ۾ ٿي آندو. ائين وري لکڻ شروع پئي ڪيم. اها محنت مون ان ڪري پئي ڪئي تہ جيڪڏهن خدانخواستہ آئون امتحان ڏيڻ کان سواءِ مري وڃان ها تہ منهنجي والدين کي ماڻهو مهڻا ۽ طعنا ڏين ها تہ توهان رسول بخش کي نہ ئي تعليم ڏياري ۽ نہ ئي تپيدار بڻايو. مون اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ جيڪڏهن ٽي- بي ۾ مرڻو ئي آهي تہ پوءِ گهٽ ۾ گهٽ وڪالت پاس ڪري پوءِ مران. اڳ ائين ٿيندو هو تہ فائنل (ستون درجو) پاس ڪري ماڻهو تپيدار ٿيندا هئا، آئون اهو بہ ٿي نہ سگهيس. وري مئٽرڪ پاس ڪري ڇوڪرا پهريائين ڪلارڪ ۽ پوءِ تپيدار يا مختيارڪار بڻجي ويندا هئا، آئون اهو بہ ٿي نہ سگهيس. مون کي اها غيرت پريشان ڪري رهي هئي، تنهن ڪري مون مرندي مرندي بہ امتحان ڏيڻ چاهيو ۽ پوءِ وڪالت جو پيشو اختيار ڪرڻ جو سوچي ڇڏيم. اها بہ ٻڌائڻ جهڙي ڳالهہ ناهي تہ مون وڪالت ٽرڊ ڪلاس ۾ پاس ڪئي هئي، يعني انهن ڇوڪرن وانگر، جيڪي انتهائي ردي ۽ مڙئي گذاري لائق پاس ٿيندا هئا. مون سڄو سال پڙهائي ڪانہ ڪئي هئي، هونئن بہ نندپڻ کان ئي پڙهائيءَ جي خلاف هوس. آئون ننڍيون ننڍيون چوپڙيون ۽ ڪتابڙا (نوٽيس) پڙهي پاس ٿي ويندو هوس. ان سان گڏ مون سي- ايس- پي جو امتحان بہ ڏنو ۽ ان جي هڪ پيپر ۾ پاس ٿيو هوس. ايئر فورس ۾ پرتي ٿيڻ جي ڪوشش بہ ڪيم، پر اتي چيو ويو تہ، "تنهنجو وزن گهٽ آهي، کائي پي وزن وڌائي، پوءِ اچجانءِ. تنهنجي انگريزي سٺي آهي، پر صحت نيڪ ناهي." پوءِ مون اهي ٻئي امتحان نہ ڏنا. ان کان پوءِ بہ ڪيترائي واقعا ٿيا. مارڏاڙ سان پريل فلم جهڙي زندگي هئي."

"تنهن کان پوءِ ڪراچي، ڏٽي ۽ ميرپورخاص ۾ بہ وڪالت ڪيم ۽ نيٺ حيدرآباد کي مڙهہ مقام بڻايم. هتي معمولي قسم جا ڪيس وڙهيم، جن ۾ (نعپ وارو) حيدرآباد سازش ڪيس بہ هو. ٻيو شيرين سومرو جو ڪيس هو، جيڪو هڪ ميجر جي خلاف هو ۽ جسٽس فخرالدين جي عدالت ۾ هلي رهيو هو. ان کان وڌيڪ حيدرآباد سازش ڪيس زبردست هو، جنهن ۾ 58 مجرم هئا، جن ۾ گورنرز، وزيراعليٰ ۽ ٻيا مٿيئين سطح جا (هاءِ ڪليبر) اڳواڻ ۽ بيوروڪريٽس شامل هئا. بہ سال ڪيس هليا. ان ۾ مون کي بہ ملزم قرار ڏنو ويو، ڇاڪاڻ تہ مٿان ڀٽو صاحب وينو هو، هو پنهنجي مرضيءَ جي خلاف ڪيئن ٿو برداشت ڪري سگهي؟ مون کي لاڪ- اپ ۾

واڙيو ويو تہ ان ڪيس تان هٿ کڻ، پر مون انڪار ڪيو. چيو ويو تہ پوءِ ٺيڪ آ، اتي ئي سَڙ. مون کي جيل موڪليو ويو. منهنجا اصيل آزاد ٿي ويا ۽ وڪيل جيل ۾. پوءِ اهي اصيل منهنجي ملاقات لاءِ ايندا هئا." پليجو صاحب ڪلندي ڳالهہ مڪمل ڪري ٿو.

سوال: جيجي زرينا سان شادي ڪيئن ٿي؟ هوءَ ڪہ مشهور شخصيت هئي؟

رسول بخش پليجو: آئون حيدرآباد هوندو هوس، تڏهن زرينا ريڊيو تي ڳائيندي هئي. منهنجي پيٽ، جيڪا ان زماني ۾ پڙهندي هئي، تنهن سان زرينا جي جاڻ سڃاڻ هئي. منهنجي پيٽ مون کي ٻڌايو تہ ريڊيو تي اها جيڪا زرينا بلوچ ڳائيندي آهي، اها مون سان گڏ هاسٽل ۾ روم پارٽنر آهي ۽ منهنجي دوست آهي. مون ڪيس چيو تہ مون کي ساڻس ملاءِ. جيئن تہ آئون اديب هوس، لکندو هوس ۽ تنقيد نگار ڪہ هوس، سو ريڊيو تي ليڪچر ڏيڻ ويندو هوس. بهرحال، منهنجي ساڻس ملاقات ٿي. هوءَ مون کي ڏهين عورت لڳي تہ مون ساڻس بحث ڪيو تہ توهان هي عام قسم جا ڪلام ۽ گيت ڳائي رهيون آهيو، جن جي ڪابہ اهميت ڪانهي. جيتوڻيڪ فوڪ لور جا گيت، جيڪي عورتون شادين مرادين ۾ ڳائيندڙيون آهن، اهي مون کي بيحد پسند آهن، پر زرينا اهڙا ڪلام ڳائيندي هئي، جن ۾ اهو ذڪر هوندو هو تہ آئون مديني وڃان- ۽ پوءِ اتي ئي مران. اهي ان زماني ۾ نعت ۽ صفت هيون. بهرحال، زرينا سان اهڙيءَ طرح واقفيت ٿي. پوءِ هڪڙي وٽ اچڻ وڃڻ لڳاسين. اسان جي وچ ۾ ڏاڍا بحث ٿيندا هئا. شروع ۾ هوءَ اجايا بهانا ڏيندي هئي، پوءِ جڏهن منهنجون ڳالهيون سمجهہ ۾ آيس، تڏهن بحث ڪرڻ ڇڏيائين. مون ڪيس انقلابي گيتن ڏانهن راغب ڪيو. پوءِ هوءَ پاڻ اهڙي خالص انقلابي عورت ثابت ٿي، جو ڪيس ڪجهہ سمجهائڻ يا ٻڌائڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي هئي. هوءَ هر ڪم، وقت جي گُهرجن کي ڏسي ڪري ونندي هئي. مون کان اڪثر پڇندي هئي تہ نيٺ انقلاب ڪيئن ايندو، ماڻهو ڪيئن گڏ ٿيندا؟ آئون چوندو هوس تہ ائين ماڻهو گڏ ڪونہ ٿيندا، پر اسين بهترين گيت تيار ڪنداسين، پاڻ پنهنجن جلسن ۾ تنهنجي گيتن جا پروگرام رکنداسين. ماڻهو اهي گيت ٻڌڻ ايندا ۽ اسين انهن تائين پنهنجو پيغام پهچائينداسين. ٻيا ماڻهو ڪاڏو ڪارائي ماڻهن کي پنهنجي ڳالهہ ٻڌائيندا آهن. اسان ۾ ڪاڏو ڪارائڻ جي طاقت ناهي، تنهنڪري ماڻهن کي گيت ٻڌائي، انهن جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائينداسين. اصل ۾ آئون نديڻ ڪان ئي اهڙيون اٽڪلون ۽ حرفتون ستيندو رهيو آهيان، جيڪي ظاهري طرح ناممڪن نظر ايندڙيون آهن، پر جڏهن اهي ڪامياب ٿي ويندڙيون آهن تہ ماڻهو حيرت ۾ پئجي ويندا آهن تہ اهو ڪيئن ممڪن ٿي ويو!؟ جهڙيءَ طرح امن ۽ ماڻهن جي خوشحالي ۽ خوشيءَ توڙي سندن حقن جي حاصلات لاءِ جاکوڙيندي منهنجي زندگي گذري ۽ هاڻي بہ گذري رهي آهي. جيڪڏهن منهنجي سڄي زندگيءَ جي جدوجهد سان منهنجي ديس جي ماڻهن کي سندن حق ۽ ٿورڙي بہ خوشي ۽ خوشحالي ملي ٿي تہ آئون سمجهندس تہ منهنجي زندگي رائيگان ناهي گذري.

تعليم جي ڪاروبار بڻجڻ تي مجرمانہ ڪن لاتار ڪري، سنڌ جي تعليم هٿ وٺي خراب ڪئي وئي آهي. پٽي ملڪ کي ڇڏي وزيراعظمي ڏانهن ڏٺو. دوست ئي اقتدار ۾ اچي اسان کي جيل ۾ واڙيندا آهن.

پينل انٽرويو/ماهنامہ غازي ڪراچي، آڪٽوبر 2009ع

سوال: پليجا صاحب! اهو ٻڌايو تہ سنڌ ۾ پٽي صاحب کان پوءِ ٻي اهڙي وڏي اڳواڻ قوت ڇو اپري نہ سگهي؟ خدانخواستہ سنڌ ڏرتي ڪلرائي ٿي ويئي آهي؟

رسول بخش پليجو: نہ، ائين ناهي. سنڌ کي مستقل طور غلام بنائڻ لاءِ ٻہ شيون خاص طور تيار ڪيون ويون، جنهن ۾ هڪ ايم- ڪيو- ايم ءِ ٻي پ پ آهي. جڏهن تہ پاڪارو ليگ تہ ايتري قدر لاتعلق آهي جو اها چوي ٿي تہ سنڌ سان سندس ڪوبہ لڳ لاڳاپو آهي ئي ڪونہ. اهي سڏيءَ ريت جي- ايڇ- ڪيو جا ماڻهو آهن. ان حساب سان سنڌ ۾ ڪا وڏي اڳواڻ قوت ڪيئن ٿي اپري سگهي، جڏهن قومي سطح جي ادارن ۾ سنڌين کي نمائندگيءَ جو حق ملي ئي ڪونہ ٿو؟ مشرف مون کي گهرائي مون سان ملاقات ڪئي ۽ ڏٻي گفتگوءَ دوران جتي ٻيو گهڻو ڪجهہ ان کان پڇيم، اتي مون ڪانئس اهو بنيادي سوال ڪيو تہ چا ڪو سنڌي جنرل آهي؟ هڪ وڏو صوبو، جيڪو سڄي ملڪ کي ڪمائي ڪارائي ٿو، ان مان هڪ بہ جنرل ڪونهي. هن مون کي چيو تہ توهان جيڪي نقطا اٿاريا آهن، انهن جي بنياد تي توهان ئي جي- ايڇ- ڪيو ۾ بريفنگ ڏيو. آئون اهڙو بندوبست ڪريان ٿو. پوءِ هن اهڙو بندوبست ڪيو ۽ مون جي- ايڇ- ڪيو پهچي اتي بريفنگ ڏني. اتي هڪ پناڻ جنرل هو، جنهن سان منهنجي ملاقات ٿي. مون ڪانئس پڇيو تہ فوج ۾ ڪو اهڙو جنرل آهي جيڪو سنڌي آهي. هن جواب ۾ وراڻيو تہ اهڙو ڪوبہ ناهي. مون وري سوال ڪيو تہ پلا اهڙو ڪو جنرل آهي، جنهن جي ماءُ سنڌي هجي؟ ان جو جواب بہ نفيءَ ۾ مليو. جنهن تي مون چيو تہ پوءِ مون کي توهان جي انهن لسٽن ۾ ڪابہ دلچسپي ناهي، جيڪي لسٽون توهان مون کي ڏيکاري رهيا آهيو تہ ڪهڙو ڪهڙو فوجي آفيسر سنڌ مان آهي يا سنڌ جي ڊوميسائيل تي پرتي ٿيو آهي. ان کان پوءِ مون جنرل مشرف صاحب کان پڇيو تہ سنڌ ۾ ڪو سنڌي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس يا چيف سيڪريٽري چو نہ آهي؟ ان تي چوڻ لڳو تہ Competent ناهي. مون چيو تہ بلڪل درست، چاڪاڻ تہ اسان جا تعليمي ادارا غنڊن جي حوالي ڪيا ويا آهن، گورنر تعليمي ادارن جو اهڙو سربراهہ

آهي جنهن کي يونيورسٽيز جا وائيس چانسلر مقرر ڪرڻ جو اختيار آهي. اهڙيءَ ريت تعليمي ادارن جا اهڙا سربراهه مقرر ڪيا وڃن ٿا، جيڪي غلبن کي ڪجهه به نه چوندا آهن، بلڪ ايجان به انهن جي سرپرستي ڪندا آهن. سنڌ ۾ اسڪول ٽيچرز اڪثر ڪري اهڙا آهن جو سال جا ٻارهن ئي مهينا "ويزا" تي هوندا آهن. (هيءَ هڪ نئين ڏکائيندڙ ٽريجڊي آهي جو سرڪاري ٽيچر پنهنجي ڪاتي کي يا مقامي ٽريزري آفيس جي ڪلارڪ يا آفيسر کي پگهار جو ڪجهه حصو ڏيندو آهي، ان جي بدلي ۾ سندس حاضريون لڳايون ويندیون آهن ۽ هو اسڪول کان موڪل ڪري پنهنجو ٻيو ڪو ڪاروبار يا ڏنڊو ڏاڙي ڪندو آهي.) جيڪڏهن ڪو ماستر غلطيءَ سان ئي اسڪول اچي پڙهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته هن کي جوتا هڻي ڀڄايو ويندو آهي ته ٻيا موڪل تي آهن، تون وري ڇو آيو آهين؟ ان حوالي سان مون مشرف کي چيو ته توهان اسان جي تعليم سڌاريو. استادن کي پابند ڪريو ته اهي اسڪول اچن ۽ شاگرد ۽ شاگردياڻين کي چڱي نموني پڙهائين.

سوال: ڪالاباغ ڊيم خلاف توهان جي ڊگهي جدوجهد آهي. ان لحاظ کان ٻڌايو ته ڇا توهان مشرف سان سنڌ جي لاءِ زرعي پاڻيءَ جي مسئلي تي ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي يا نه؟

رسول بخش پليجو: بلڪل ڪئي هئي. مون مطالبو ڪيو ته هو سنڌ کي پنهنجي پاڻيءَ جو حق ڏياري ۽ ان لاءِ او- آءِ- سي جو اجلاس گهرائي فيصلو ڪريو. ڇاڪاڻ ته سنڌ جو پاڻي تقريباً هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصي کان چوري ٿي رهيو آهي، ان جو حساب ڏنو ويجي. 1858ع کان پنجاب سنڌ جو پاڻي ڪڍي رهيو آهي، اهو معاملو حل ڪيو ويجي. ان سان گڏ هي به هڪ وڏو مسئلو آهي ته سنڌ کي جيترو پاڻي ملي ٿو، اهو به ننڍن آبادگارن ۽ هارين کي ملڻ بدران وڏن وڏن وڏيرن کي ڏنو ويجي ٿو ۽ اهي سيني جو حق کائي وڃن ٿا، ان تي به حڪومت کي تحرڪ ونڻي، انصاف جي ورهاست ڪرڻ گهرجي. ان سان گڏ سنڌ جي 50 لک ايڪڙ زمين وفاق ۽ ان جا ڪاتا ڪڍي ويا آهن، ان جو حساب ڏنو ويجي. مطلب ته سنڌ جا جيڪي Burning Issues (ٻرندڙ مسئلا) آهن، انهن تي ڳالهيون ٿيون ۽ آئون سمجهان ٿو ته معاملا اڻاريا ويندا رهڻ گهرجن.

سوال: پٽو توهان جو دوست هو ۽ سندس شروعاتي دؤر ۾ توهان ساڻس ڪافي ساڻ ۾ ڏنو. ان کان پوءِ ڇا ٿيو جو توهان هڪٻئي کان ايڏو پري هليا ويا؟

رسول بخش پليجو: ائين ٿيندو آهي. پهريائين اسان جا دوست اسان سان گڏ هوندا آهن، گڏجي ڪم ڪندا آهن، ڏينهن رات هڪ ڪري اسين ڪين ڪامياب ڪرائيندا آهيون ۽ جڏهن اهي ڪامياب ٿي حڪمرانيءَ جي ڪرسي سنياليندا آهن ته سڀ کان اڳ ۾ اسان کي ئي جيل ۾ واڙيندا آهن. ايوب به ائين ڪيو ۽ پٽي به اهوئي ڪيو. جڏهن اليڪشن ٿي ويئي ۽ شيخ مجيب ۽ پٽو ڪٽي آيا ته ان وقت شيخ

مجيب گڏيل پاڪستان جو وزيراعظم بنجڻ لاءِ تمام گھٽو بيقرار ھو. ھو منھنجو دوست ھو ۽ مون کي چوندو ھو تہ آئون وزيراعظم ٻڌجي حيدرآباد ايندس، تنھنجي گھر اچي رھندس ۽ پورا ڏھ ڏينھن تنھنجي گھر جي ماني کائيندس. ھو بلڪل بہ پاڪستان ٽوڙڻ جو حامي نہ ھو، ھو تہ رڳو سڄي پاڪستان جو وزيراعظم ٿيڻ جو خواھشمند ھو. ان کان اڳ ايوب خان آمريڪا کي ڏيڇاريندو رھندو ھو تہ جيڪڏھن اليڪشن ڪرائي ويئي تہ بنگالي اقتدار ۾ اچي ويندا، جيڪي سڀ جا سڀ ڪميونسٽ آھن. ايوب خان تہ ايترو بہ چئي چڏيو ھو تہ مون ڏاڪا کي Capital (گاديءَ جو ھنڌ) ٻڌائي چڏيو آھي، اھو ڪنھن نہ ڪنھن ڏينھن بنگالين کي ڪم ايندو. ھوڏانھن اھا حالت ھئي. آئون جڏھن بنگلاديش ٺھڻ کان پوءِ ڏاڪا ويس تہ بنگالي روئي رھيا ھئا تہ توھان اسان کي ڪيئي چڏيو.

سوال: پر توھان تہ ان اڳ بہ ڏاڪا ويا ھئا، مجيب کي ميجائڻ لاءِ؟

رسول بخش پليجو: ھا، ان وقت چار وفد جوڙيا ويا ھئا. اھو اليڪشن کان پوءِ جو زمانو ھو. ھڪ وفد ڪوئيٽا ويو، ٻيو وفد پشاور، ٽيون وفد لاھور ۽ آئون ڏاڪا ويو ھوس. اتي آئون شيخ مجيب سان مليس. ھن وٽ ھڪ پٽاڻ بادشاھ گل وينو ھو. ھو ايسٽ پاڪستان نيشنل بئنڪ جو صدر ھو. ھڪ ٻيو شخص بہ ھو، جنھن لاءِ شيخ مجيب ٻڌايو تہ ھو انسپيڪٽر جنرل آف پوليس آھي. مجيب منھنجا ھٿ ڏوئاريا، ماني کارايائين ۽ پٽي لاءِ پيغام ڏنائين تہ وڃي پٽي کي چئو تہ مون کي مارائڻ لاءِ توکي مقرر ڪيو ويو آھي ۽ توکي مارڻ لاءِ ڪو ٻيو مقرر ٿي چڪو ھوندو. آئون ڏاڪا کان واپس آيس ۽ ان مضمون جو ھڪ خط لکي، اھو پٽي کي مير رسول بخش تالپر ھٿان ڏياري موڪليم تہ تون اھو جيڪو ڪجھ ڪرين پيو، سو ٺيڪ ناھي. ٽئين دنيا ۾ سامراج ڪڏھن بہ ڪنھن اڳواڻ کي جيئرو ڪونہ چڏيندو. مير صاحب ڪافي ڏينھن کان پوءِ مون کي اچي ٻڌايو تہ مون (مير صاحب) خط ڏيئي چڏيو آھي، ڳڻتي نہ ڪر، پٽي صاحب کي ڪجھ ڪونہ ٿيندو.

ان کان پوءِ پٽو صاحب آخري پيرو شيخ مجيب سان ملڻ لاءِ ڏاڪا وڃي رھيو ھو تہ مون ڪيس چورايو تہ مجيب منھنجو دوست آھي، مون کي بہ ساڻ وڃي ھل، ھو منھنجي ڳالھ مڃيندو، پر پٽي صاحب چورايو تہ جھاز ۾ سيٽ ڪانھي ۽ ٽڪيٽ بہ ڪونہ ملي سگھندي. سندس ساٿي ايترا تہ سنجيده ھئا جو جڏھن اھي ڏاڪا مجيب سان ڳالھيون ڪرڻ وڃي رھيا ھئا تہ اھي قومي مسئلن يا پائيچاري بابت سوچ ويچار ڪرڻ بدران ھڪبئي سان بحث ڪري رھيا ھئا تہ بوٽ جاپان جا سٺا ھوندا آھن يا سوئيزرلينڊ جا سٺا ھوندا آھن! اھا ھئي سندن حالت! بھرحال، جڏھن اھي وڃڻ لڳا تہ مون آخري پيرو پٽي صاحب کي چيو تہ شيخ مجيب وٽ وڃين ٿو پر ساڻس جھيڙو نہ ڪجانءِ، ٻي صورت ۾ سمورا صوبا اقليت ۾ اچي ويندا. اسان ھي ملڪ ان ڪري ناھيو ھو تہ ھندن جي اڪثريت کان ڪڏھن بہ ڪٽي نہ سگھنداسين، ھاڻي جيڪڏھن

بنگالي الڳ ٿي ويا تہ پوءِ وري ساڳي صورتحال پيدا ٿيندي، پر پٽي نہ مڃيو تہ مون کي روئڻ اچي ويو. هو پڇڻ لڳو تہ، "پليجا! ڇو پيو روئين؟" مون کيس چيو تہ تون وزيراعظميءَ ڏانهن پيو نهارين، ملڪ لاءِ ڪونہ پيو سوچين. تون مڃ ڪٽي ۽ مون کي ساڻ ونڊي هل.... پر هن ساڳي ڳالهہ ورجائي تہ جهاز ۾ جڳهہ ڪانهي. بهرحال، هو هليو ويو ۽ پٽي صاحب ڏاڪا کان واپس اچي اعلان ڪيو تہ شڪر آهي جو پاڪستان بچي ويو!

سوال: ان وقت جيڪي ٻيون پارٽيون هيون، انهن وچ ۾ اچي مداخلت نہ ڪئي؟ ڪوبہ ردعمل ظاهر نہ ڪيو؟

رسول بخش پليجو: نہ.... ٻين سياسي ۽ مذهبي پارٽين تماشائي بنجڻ پسند ڪيو، انهن فقط تماشو ڏٺو. نہ ئي انهن ڪو احتجاج ڪيو ۽ نہ ئي ڪو بيان ڏنو. اصل ۾ جنرل، پٽي سان ملي پڳٽ ڪري، يحيٰ کي گهيري ۾ آندو. يحيٰ خان خلاف Coup ٿي چڪو هو. پٽو ضدي ماڻهو هو. هوڏ تي ٻيٺو تہ ٻيهي ويو. انهن پختو ارادو ڪري بنگالين کي ڇڄايو ۽ ميدان خالي ڪرايو تہ جيئن هو وزيراعظم ٻڌجي سگهي.

سوال: هاڻي ملڪي صورتحال کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

رسول بخش پليجو: هاڻي تہ آمريڪا بهادر کي ڏسي رهيا آهيون. هن جو طريقو هي آهي تہ جنهن کي پنهنجو بنائڻ چاهيندو آهي، تنهن کي ميڙ منٽون ڪندو آهي. ان باوجود پنهنجو نہ ٻڌائي سگهيو تہ ڪنهن ٽئين کي چئي هن کي تنگ ڪندو آهي. آخر ۾ انهن ٻنهي وچ ۾ جهيڙو ڪرائيندو آهي ۽ پوءِ ان جو ئي ساٿ ڏيندو آهي، جنهن کي پنهنجي گهيري ۾ آڻڻ جو مطلب هوندو اٿس. اهڙيءَ ريت پاڪستان ۾ ننڍن صوبن کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ پنجاب کان انهن کي تنگ ڪرايو ويو. پوءِ وري انهن کي چيو ويندو آهي تہ توهان کي پنجاب ماري ٿو، ڇڏيتي نہ ڪريو. اسين ٿا پنجاب کي سڏاريون، پر پنجاب کي ڪجهہ بہ نہ چيو ويندو آهي، ويتر ان کي هُشي ڏني ويندي آهي تہ ايجان مارين، ايجان ناهي سڏريو. اهوئي سبب آهي جو آئون چوندو آهيان تہ پاڪستان جا حڪمران مجرماڻي جهالت ۾ مبتلا رهيا آهن. انهن جا ساٿي بيوروڪريٽس ۽ انهن جي فرمانبرداريءَ ۾ صحافي بہ آهن. ان صورت ۾ ملڪ جو ڇا ٿيندو؟ ڇا ٿو ڪري سگهجي؟

هتان جا سياستدان آمريڪي ايجنٽ آهن، جيڪي هن خطي ڪي مڪمل طور آمريڪي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ آندا ويا آهن.

ميگزين پاڪستان، 16 سيپٽمبر 2017ع

[عوامي تحريڪ جي سربراهه رسول بخش پليجي جو ڳاڻيٽو سنڌ جي اهڙن قومپرست سياستدانن ۾ ٿئي ٿو، جنهن ڪڏهن به عليحدگيءَ جو نعرو هڻڻ بدران هميشه ملڪ جي آئين مطابق پنهنجن حقن جي ڳالهه ڪئي آهي. هن هميشه اڳواڻيءَ واري سياست ڪئي آهي.

هن سنڌ مدرسة الاسلام ۽ سنڌ لا ڪاليج مان قانون جي ڊگري حاصل ڪئي. مطالعي جي شوق ڪيس مختلف ٻوليون سکڻ لاءِ اُتساهيو. انگريزي هندي، عربي، بلوچي، بنگالي، سرائيڪي، پنجابي ۽ فارسيءَ تي عبور رکندڙ رسول بخش پليجو سياستدان هجڻ سان گڏ اعليٰ درجي جو وڪيل، دانشور، مفڪر، عالم، اديب ۽ شاعر پڻ هو. هو عوامي نيشنل پارٽي (اي اين پي) جي باني ميمبرن ۾ شامل هو. عبدالولي خان سان اختلاف ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي پارٽي عوامي تحريڪ ناهيائين ۽ ان جي پليٽ فارم تان سياسي سرگرميون شروع ڪيائين. ضياءَ جي ڪاري دؤر ۾ ايم. آر. ڊي ۽ پٽو بچايو تحريڪ هلايائين ۽ اخبارن تي پابندي مڑهڻ خلاف ڀرپور جدوجهد ڪيائين، جنهن جي نتيجي ۾ يارهن سال قيد جون سختيون سَنائين. 1981ع ۾ ايمنسٽي انٽرنيشنل کين "ضمير جو قيدي" قرار ڏنو. هو چاليهن کان وڌيڪ ڪتابن جو ليکڪ آهي. رسول بخش پليجي سان گذريل ڏينهن ۾ هڪ ملاقات جو پروگرام رڪيو ويو، جنهن جو سربستو احوال پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿو.]

سوال: اوهان لانگ مارچ ذريعي سنڌ ۾ جمهوري انداز ۾ جدوجهد جي لاڙي جي سڃاڻپ ڪرائي، پر هاڻي جمهوريت کي سڀ کان وڌيڪ نقصان به سياستدان پهچائي رهيا آهن، ان جي باري ۾ اوهان ڇا چوندا؟

رسول بخش پليجو: آئون پاڪستان ۾ ڪنهن کي سياستدان مڃان ئي ڪونه ٿو. اهي سياستدان نه بلڪ آمريڪي ايجنٽ آهن، جيڪي هن خطي ۾ آمريڪي قبضو قائم ڪرڻ چاهين ٿا. اهي سمورا آمريڪي دلال آهن ۽ آمريڪا وري اسرائيل جو ايجنٽ آهي. اوهين پاڻ ڏسي سگهو ٿا ته سمورن آمريڪي وسيلن تي يهودي قابض آهن. اهو دؤر ٻيو هو جڏهن جمهوريت جون ڳالهيون ڪيون ويندیون هيون، هاڻي جمهوريت لاءِ نه پر مفادن جي جنگ آهي، جيڪا هر سياستدان پنهنجي حيثيت آهر وڙهي رهيو آهي. جڏهن توهين ملڪ بدران پنهنجي باري ۾ سوچيندا ته

چا جي جمهوريت؟

سوال: توهان ۽ توهان جي پارٽيءَ اولھ پاڪستان ۽ بلوچستان ۾ غير قانوني فوجي آپريشن جي خلاف، جمهوريت جي بحالي، صحافين جي تحريڪ ۽ پٽو بچايو تحريڪ هلائي، توهان يارهن سالن کان وڌيڪ عرصو قيد ڪاٽيو، پوءِ به جمهوريت تي راتاها هنيا ويا، پر توهان انهن جي خلاف آواز نه اٺاريو، ان جو ڪهڙو سبب آهي؟

رسول بخش پليجو: ائين ناهي ته اسان جمهوريت جي لتاڙ ڪرڻ وارن جي خلاف آواز نه اٺاريو هجي. اسان هر دؤر ۾ غير جمهوري عمل جي مخالفت ڪئي. منهنجو ڪو هڪڙو لفظ ٻڌايو، جيڪو مون ڪنهن جابر يا ڪنهن بدڪردار جي حق ۾ چيو هجي. اڳوڻي آمر پرويز مشرف کي به پهرين مون چئلينج ڪيو. ان جي دؤر ۾ مون کي چار ڀيرا گرفتار ڪيو ويو. اسان لانگ مارچ ڪئي. اسان سدائين حق جي جنگ وڙهي ۽ پنهنجن وسيلن آهر ان خلاف آواز به اٺاريو.

سوال: توهان ڪالاباغ ڊيم خلاف آواز اٺارڻ وارا پهريان سنڌي سياستدان آهيو، توهان جي خيال ۾ قومي نوعيت جي ان حساس معاملي جو ڪهڙو حل آهي؟

رسول بخش پليجو: ڪالاباغ ڊيم ڪنهن به لحاظ کان سنڌ جي مفاد ۾ ناهي. اڳ به ڪيترائي معاهدا ڪيا ويا، ان باوجود سنڌ کي پاڻيءَ لاءِ سِڪايو پيو وڃي، ته پوءِ اسين اهو ڪيئن مڃون ته ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ کان پوءِ سنڌ جو پاڻي نه روڪيو ويندو؟ سنڌ کي اڳي ئي ان جي ضرورت پٽاندر پاڻي ڪونہ پيو ڏنو وڃي. پنجاب ڊيمن جي آڙ ۾ پاڻي پاڻ وٽ رکڻ چاهي ٿو، هاڻي وري ڪالاباغ ڊيم اَڏي، پنجاب اسان جي پاڻيءَ تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو. سنڌوءَ جو پاڻي سنڌ واسين جي ملڪيت ۽ حق آهي ۽ اهو اسان کي ملڻ گهرجي. ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ کان پوءِ سنڌ سُڪي ويندي، بنجر بڻجي ويندي، جنهن کي اسين ڪنهن به حالت ۾ قبول نه ڪنداسين. هي ڊيم نه پر سنڌ جي بربادي آهي ۽ اهڙي بربادي اسان کي قبول ناهي. ان ڊيم جي ٺهڻ کان پوءِ ڪو معجزو ئي سنڌ کي پاڻي ڏياري سگهي ٿو.

سوال: توهان پاڪستان جي باني ميمبرن ۾ شامل لياقت علي خان تي پڻ تنقيد ڪئي. توهان جي خيال ۾ ورهاڱو ڪيئن غلط هو ۽ ان ورهاڱي جي ڪارڻ اڄ به ٻئي رياستون انڊيا ۽ پاڪستان، ڪهڙن مسئلن جي ڄار ۾ ڦاٿل آهن؟ ورهاڱي کان پوءِ هندوستان کان سنڌ ۾ مستقل آباد ٿيندڙن کي سنڌ واسي ڇو نه سمجهيو وڃي؟ جڏهن ته سڀ ڄاڻن ٿا ته ثقافتي تبديلي آهستي آهستي ايندي آهي ۽ اهو لازمي سمجهيو وڃي ٿو ته انڊيا کان آيل پنهنجي رهڻي ڪهڻي ۽ طور طريقن جي الڳ سڃاڻپ تان هٽڻ کٽن؟

رسول بخش پليجو: مون اڄ تائين هڪ لفظ به ورهاڱي جي خلاف نه ڳالهايو آهي ۽ نه ئي مون برصغير جي ورهاڱي تي ڪا تنقيد ڪئي آهي. مون هر غلط عمل تي

تنقيد ضرور ڪئي هوندي، پر ورهاڱي جي باري ۾ ناهي چيو ته اهو چو ٿيو ۽ اهو غلط ٿيو- ۽ هڪ ڳالهه اها به ٻڌايان ته ورهاڱو ٿيو ئي نه هو ته سنڌ تي حملو ٿيو. آمريڪا ۽ پارٽ گڏجي دهشتگرد تيار ڪيا، جن پاڻ کي مهاجر سڏايو. "مقدس مهاجرين"- جن هتي ايندي شرط قرلٽ شروع ڪري ڏني. آئون ان قرلٽ خلاف ڳالهائڻ لاءِ جناح وٽ ويس ۽ ڪيس چيمر ته آءِ- جي ڪي چئو ته انهن قورن کي روڪي جيڪي اسان جون نياڻيون اغوا ڪري ڪٽي ٽا وڃن، اسان جون ملڪيتون قريون وڃن ٿيون، پر آءِ- جي به انهن سان ٻڌل هو، هن کوبه ايڪشن نه ڪنيو. جناح به بيوس هو، چاڪاڻ ته انهن ئي ماڻهن جناح کي غير فعال ٻڌائي چڏيو هو. سنڌ ۾ قرلٽ ۽ قبضو ڪندڙن جو اڳواڻ لياقت علي خان هو. سنڌ آزاد نه هئي، ان تي دهشتگردن قبضو ڪيو، ڪن لينن جو وارث ٻڌجي، ڪن مارڪسزم جو وارث ٻڌجي، ته وري ڪنهن مذهب جي آڙ ۾ قبضو ڪيو. ان کان پوءِ آئون هڪ مئجسٽريٽ وٽ ويس ۽ ڪيس چيمر ته، "سائين! هيءَ جيڪا زمين توهان انهن (مهاجرن) کي ڏيئي رهيا آهيو، ان تي هارين جو حق آهي." اهو مئجسٽريٽ مهاجر هو. هن منهنجي درخواست پڙهڻ بدران ان تي نوٽ لکيو: "Your application is rejected." (توهان جي درخواست رد ڪجي ٿي.) ان کان پوءِ مون اها درخواست کٽي مٿئين عدالت ۾ اپيل داخل ڪرائي، چار ڪلاڪ دليل ٻڌڻ کان پوءِ جج مون کي چيو: "Your application is rejected." (توهان جي درخواست رد ڪجي ٿي.) جج مون کي چيو، "شڪر ڪر جو توکي گرفتار ناهي ڪيو ويو." سنڌ تي قبضو ٿيو آهي. اسان ته ان وقت به يتيم هئاسين. جناح کي پري ڏڪيو ويو. آمريڪا، برطانيا ۽ انهن غنڊن ملي پڳٽ ڪري سڄي پاڪستان تي قبضو ڪري ورتو.

سوال: توهان جي خيال ۾ مهاجرن کي سنڌ ۾ برابريءَ جي بنياد تي حق حاصل آهن؟

رسول بخش پليجو: آئون چوان ٿو ته "مهاجر" لفظ ئي غلط آهي. مهاجر اهو آهي جيڪو اسلام جي سربلنديءَ لاءِ هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه تي هجرت ڪري. هي هجرت ڪري نه بلڪ هتي قرلٽ ڪرڻ آيا هئا. انهن هتي نياڻيون اغوا ڪيون، قبضا ڪيا، خونريزي ڪئي، اهي ڪيئن مهاجر ٿيا؟ ۽ برابري وري ڪهڙي ڳالهه جي؟ ائين ته پوءِ افغانستان کان آيل به مهاجر آهن.

سوال: ڇا ڪوٽا سسٽم هتان جي رهواسين جي وچ ۾ نفاق ۽ اردو ڳالهائيندڙن سان ناانصافيءَ جي هڪ شڪل ناهي؟

رسول بخش پليجو: ان متعلق ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي، چاڪاڻ ته مون کي ان باري ۾ مڪمل معلومات ناهي.

سوال: اوهين کاپي ڏر جو نظريو رکو ٿا، جنهن ۾ ظالم ۽ مظلوم کان سواءِ ٻيو کو فرق نه ٿو ڪيو وڃي. ائين توهين قومپرستيءَ واري سياست به ساڻ کٽي هلو ٿا، جيڪا ڳاڙهي نظرئي سان ٽڪراءَ ۾ معلوم ٿئي ٿي.

رسول بخش پليجو: اهو ڪوڙو نظريو آهي ته صرف ظالم ۽ مظلوم کي ڏسو وڃي ٿو، انساني حق نه ٿا ڏسا وڃن ته هي گهر هن جو آهي يا نه. مون کي ڪنهن ٻڌايو ته مظلوم جنهن شيءِ تي هٿ رکي چوي ته اها شيءِ منهنجي آهي- ته اهو ڪاپي ڊر جو بڪواس ۽ ڪوڙو نظريو آهي. مون سڄي دنيا ۾ ان کي چئلينج ڪيو آهي. اهو نظريو آمريڪا ۽ برطانيا ۾ پڻ پيش ڪيو ويو. اهي جٽ هئا، انهن کي ڪاپي ڊر جي نظرئي جي خبر ئي ڪانهي. خود روس ۾ مون اها ڳالهه ڪئي ته انهن (ڪاپي ڊر وارن) کي ڪجهه نه ٿو اچي، اهي ڪوڙا نظريا آهن.

سوال: گذريل سال توهان پنهنجي پٽ ايار لطيف پليجي جي قومي عوامي تحريڪ کان عليحدگي اختيار ڪئي ۽ پنهنجي قائم ڪيل پارٽي عوامي تحريڪ کي بحال ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ان جو پسمنظر ڇاهي؟ اهي ڪهڙا ڪارڻ هئا، جن توهان کي پنهنجي پٽ کان الڳ واٽ اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو؟ توهان جو اهو ٻه چوڻ هو ته ايار لطيف پليجي کي پارٽيءَ جي اڳواڻي ڏيڻ مجبوري هئي، اها ڪهڙي مجبوري هئي، جنهن توهان کي اهو فيصلو ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو؟

رسول بخش پليجو: مون نه ئي پنهنجي پٽ کي صدر مقرر ڪيو ۽ نه ئي ڪڏيو. ان وقت مون کي جيڪو سڀ کان بهتر ماڻهو نظر آيو، تنهن کي رڪيم ۽ جڏهن ڏٺم ته هو غلط ڪري رهيو آهي ته ڪيس ڪڍي ڇڏيم. ايار پليجو کي اڳواڻي حوالي ڪرڻ جي مجبوري اها هئي ته اسان وٽ انگريزي لکڻ ۽ پڙهڻ وارا ماڻهو ڪونهن. هو انڊي منڊي انگريزي ڄاڻي ٿو. اسان سمجهيو ٿي ته هو وڏيڪ پڙهي ڪري سمجهداريءَ سان پارٽي هلائيندو، پر منهنجي اها سوچ غلط هئي. پاڪستان ۾ اهو مسئلو ٻه آهي ته هر هنڌ ايجنسيون پکڙيل آهن، سياست ۾ ٻه انهن جو عمل دخل تمام گهڻو آهي. اسان جي پارٽيءَ ۾ ڏهه هزار ايجنٽ ايندا آهن، وري هليا ويندا آهن. اسان جي پارٽيءَ ۾ اهڙا ماڻهو داخل ڪيائون، جن ايار پليجي جو مٿو خراب ڪيو. نوجوانيءَ ۾ ايجنسين هن کي پٽي پڙهائي ته سوشلزم خراب آهي. ننڍڙو ٻار هو. مون کي چيائين ته، "بابا! آئون سوشلزم جي خلاف آهيان، سرمائيداراڻو نظام سٺو آهي، ڪائو پيئو، موجون ڪريو!"

سوال: توهان جي مخالفن جو چوڻ آهي ته اي- اين- پي کان وٺي اڄ تائين جيڪي ٻه اتحاد توهان ٽوڙيا، ان جو ڪارڻ توهان جي پهرئين صف ۾ هجڻ جي خواهش آهي. اهو ٻه چيو وڃي ٿو ته جيڪڏهن توهان کي ڪنهن ٻه پارٽي يا اتحاد جي صدارت نه ٿي ڏني وڃي ته توهين ان کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيندا آهيو - ۽ ايار پليجي سان ٽيندڙ ڇڪتاڻ ٻه ان ئي اَنا جو ڏيڪ آهي، ان بابت توهان ڇا چوندؤ؟

رسول بخش پليجو: آئون ننڍپڻ کان ئي شين کي گهرائيءَ سان ڏسندو رهيو آهيان، جڏ ته شيون قاعدا ۽ آئين آهن. جيڪي مقدس ۽ صحيح ناهن، خراب آهن،

تن کي ٺيڪ ڪرڻ گهرجي. آئون ننڍپڻ کان سوچ ويچار جو عادي آهيان، جيڪو آئون چئي رهيو آهيان، سو صحيح آهي. انهن مان ڪي شيون سٺيون آهن، ڪي ناهن. جيڪي غلط آهن، تن کي غلط چوڻ گهرجي. اسان جو ڳوٺ سنڌ ۾ شايد واحد ڳوٺ آهي، جنهن ۾ ڳوٺ جو سربراهه فوت ٿي وڃي ۽ هن جو پٽ سندس جاءِ تي پڳدار بنجڻ جي لائق نه هجي يا بيماريءَ ۾ مبتلا هجي ته هن جي ڏيءَ، پيءُ جي جڳهه والاري ٿي. عورت کي اهڙو حق سنڌ ۾ ڪٿي به حاصل ناهي. منهنجي ماءُ جو تعلق اهڙي خاندان سان آهي، جنهن مان اهڙيون عورتون پيدا ٿيون، جن حڪمراني ڪئي. اڄ به اسان جي ڳوٺ ۾ اهڙيون عورتون موجود آهن، جن کي مردن تي برتري حاصل آهي. اهي مردن کان وڌيڪ جاڻ رکندڙ ۽ عقلمند آهن، جيڪي مردن کان وڌيڪ سُلجهيڻين ۽ سيبتيون آهن.

اسان جو ڪوبه ماڻهو ڪنهن وڏيري جو ذاتي غلام ناهي ٿيندو. هو ڪنهن وڏيري جي غلامي ڪرڻ بدران ڪا ڳئون خريد ڪري، ان جو ڪير مکڻ وڪڻي ٻارن ٻچن جو پيٽ گذر ڪرڻ بهتر سمجهي ٿو، پر وڏيري جي غلامي نه ڪندو. ڪنهن به وڏيري جو نوڪر ٿيڻ، اسان وٽ اڄ به عيب سمجهيو ويندو آهي. منهنجي تربيت هيءَ رهي ته جيڪڏهن ڪو گهٽ ذات وارو يا ڪو فقير به اچي ته ساڻس عزت ۽ احترام سان ڳالهائڻ گهرجي، هن کي عزت سان ويهارڻ گهرجي. منهنجي ڏاڏي جا سنڌ جي تقريباً سيني قبيلن سان تمام سٺا لاڳاپا هئا. آئون اتي وڃي رهندو هوس. منهنجي والد عام رواج ٽوڙي سڄي سنڌ ۾ منهنجي ماءُ سان گڏ سفر ڪيو. گهر ۾ لکڻ پڙهڻ جو لاڙو شروع کان ئي هو. مون چوٿين درجي ۾ چارلس ڊڪنز جا ناول پڙهڻ شروع ڪيا. سڄي رات پڙهندو هوس، سڄي رات ترجمو ڪري هڪ ئي صفحو پڙهي سگهندو هوس، پر نيٺ ناول پورو ڪيم. ڪتاب پڙهڻ جي ڪري ئي آئون اکيون ٻوٽي هر ڪنهن جي ڳالهه نه مڃيندو آهيان. ڪنهن ٻئي جي چوڻ تي صحيح يا غلط فيصلو نه ڪندو آهيان. مون هميشه ڪتابن کان رهنمائي حاصل ڪئي آهي. ننڍپڻ کان ئي هر اهو ڪم ڪيو اٿم، جيڪو پاڻ کي سٺو لڳو اٿم. ڪنهن جي به قاعدي قانون کي ناهيان مڃيندو. مون پنهنجي لاءِ پاڻ ئي قاعدا جوڙيا آهن. ٻيا ڪيئن ناهين؟ ڪتابن جي صورت ۾ روءِ زمين جو علم موجود آهي. آئون اڄ به ڳالهيون ائين نه ڪندو آهيان ته اها ڳالهه فلاڻي لکي آهي يا فلاڻي ناهي لکي. سڄي دنيا جا جيڪي علم منهنجي پيٽ ۾ آهن، انهن جي روشنيءَ ۾ جيڪي تجربا حاصل ڪيا اٿم، ان ۾ بهتر ڇا آهي- جيڪڏهن ڪو شخص ان کي منهنجي اَنا يا پهرئين صف ۾ هجڻ جي خواهش قرار ڏئي ٿو ته آئون سندس خيال کي رد ڪريان ٿو. مون کي خبر آهي ته اهي جاهل آهن. اڄ به مون کي جيڪو صحيح نظر ايندو آهي، اهوئي ڪندو آهيان. ائين ناهي ته ماڻهن جي سٺن خيالن کي قبول ناهيان ڪندو. شاهه لطيف سٺو شاعر آهي، پر مون کي اختلاف ان ڳالهه تي آهي ته هن هيرو خود کي بڻايو. عورت کي

نہ. منهنجي خيال ۾ اهو غلط آهي تہ آئون ساڻس متفق ناهيان. مون سڄي زندگي نظرياتي ويڑهہ ڪئي آهي. هي جيڪي نام نهاد مهاجر هندوستان کان آيا هئا، انهن تي نظرياتي لحاظ کان ڪتاب لکيم. مون انهن کي بناوٽي/ مصنوعي چيو. جيل ۾ هوس تہ اتي ڪميونزم جي پرچار ڪندڙن جو ڪلاس ورتم تہ ٻڌايو، توهين پنهنجين تقريرن ۾، پنهنجن بيانن ۾ چئو ٿا تہ لينن هيئن چيو، مارڪس هونئن چيو، اهو ڪهڙن ڪتابن ۾ ۽ ڪٿي لکيل آهي؟ توهان جو لينن سان تعلق ڪهڙو آهي؟ توهين تہ ايجنسين جا ماڻهو آهيو، توهين ڪجهہ نہ ٿا ڄاڻو.

سوال: توهين عوامي نيشنل پارٽيءَ جا باني ميمبر هئا، ان کان عليحدگي ۽ عوامي تحريڪ قائم ڪرڻ جا ڪهڙا بنيادي سبب هئا؟ ڇا توهان کي ائين نہ ٿو لڳي تہ جيڪڏهن توهان اي- اين- پي سان جڙيل هجو ها تہ وفاق ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا هجو ها؟

رسول بخش پليجو: آئون ڪيترين ئي تنظيمن ۾ هوس، ڪيترين ئي تنظيمون ناهيم ۽ ڇڏيم. پهرين تنظيم جي- ايم سيد جي "بزمِ صوفياءِ سنڌ" هئي. آئون صوفي بڻجي ويس. پيپلز پارٽيءَ وارا مون کي چوندا هئا تہ جي- ايم سيد کان پري رهہ، نہ تہ اهو توکي تباهہ ڪري ڇڏيندو. عوامي نيشنل پارٽي ڇڏڻ جو سبب هي هو تہ افغان جنگ دوران آئون اي- اين- پي جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري هوس. انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجو افغانستان وڃڻ ٿيو. اتي منهنجي ملاقات افغان صدر ڊاڪٽر نجيب الله سان ٿي. هو نهايت جوش ۽ جذبي سان مليو ۽ رسمي ڳالهہ بولهہ کان پوءِ مون کي چيائين تہ هاڻي اسين جنگ مان بيزار ٿي پيا آهيون، توهان پنهنجي پارٽيءَ کي چئو تہ ڪو اهڙو طريقو ڪڍي، جنهن سان اسان کي جنگ تان هٽ ڪٽڻ جو ڪو بهانو ملي. اسين جيڪڏهن ائين هٽ ڪٽون ٿا تہ خوار ٿيندا سين. ان جو هڪ طريقو هي آهي تہ توهان ملن ۽ پنهنجي قيادت کي چئو تہ پاڪستان ۽ افغانستان ۾ جمهوريت قائم ڪرڻ جو مطالبو ڪن. جمهوريت لاءِ چوندڙون ڪرائڻ لازمي آهن ۽ عوام اسان کان ايترو تہ بيزار ٿي پيو آهي جو اسان کي ووٽ ڏيندا ئي ڪونہ ۽ اسان کي باعزت طريقي سان ڇڏڻ جي وات ملي ويندي. مون واپس اچي اها ڳالهہ ولي خان کي ٻڌائي تہ هو تمام گهڻو خوش ٿيو. ان کان پوءِ هو پنجن- ڏهن ڏينهن تائين هڪ شخص سان گهمندو رهيو، پر منهنجي ڳالهہ جو ڪو مثبت جواب نہ ڏنائين. مون کانئس پڇيو تہ هي شخص ڪير آهي؟ چوڻ لڳو، ڇا تون هن کي نہ ٿو سڃاڻين؟ مون چيو نہ، آئون نہ ٿو سڃاڻان. چيائين، چرچا نہ ڪر، تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين. هي آمريڪي سفير آهي. ٻئي ڀيري آئون روس ۾ ليڪچر ڏيڻ ويس تہ اتي ڊاڪٽر نجيب وري مون کي چيو تہ ڏسو، لڙائي هلي رهي آهي، توهين بہ بيزار آهيو، اسين بہ بيزار آهيون. جيڪڏهن جنگ بنديءَ لاءِ اسين توهان وٽ هلي اچون تہ اسان جي بدنامي آهي ۽ توهين ايندؤ تہ توهان جي بدنامي ٿيندي. توهان پنهنجي حڪومت کي چئو تہ اسين اولهہ يورپ

جي ڪنهن ننڍڙي ملڪ ۾ ويهي ڳالهه ٻولهه ڪريون ۽ جنگ بند ڪرايون. مون ٻيهر ولي خان کي چيو، پر هن پيري ٻه هن منهنجي ڳالهه تي ڪو ڌيان ئي نه ڏنو. آئون سمجهي ويس ته هنن کي اها جنگ قيامت تائين هلائڻ جو حڪم مليل آهي. هنن کي پاڪستان يا اسلام سان ڪوبه واسطو ڪونهي. هي سڀ آمريڪي ايجنٽ آهن. مون سيني کي ڏٺو، سيني کي چڳيءَ ريت ڏٺم. هيءَ سموري سياست، اسلام ۽ ڪميونزم جي نالي ۾ فريب آهي، ڊونگ آهي.

سوال: پاڪ- چين اقتصادي راهداري (سي- پيڪ) منصوبي کي پاڪستان جي معاشي ترقيءَ جي ضمانت سمجهيو پيو وڃي. سي- پيڪ چين جي "ون بيلٽ- ون روڊ" منصوبي جو هڪ ننڍڙو حصو آهي، جڏهن ته چين ڪجهه ڏينهن اڳ ئي پارٽ کي ون بيلٽ- ون روڊ منصوبي ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏئي چڪو آهي. ڇا اسان جي سياسي قيادت کي ان منصوبي مان حد کان وڌيڪ اميدون رکڻ گهرجن؟

رسول بخش پليجو: پاڪ- چين اقتصادي راهداري منصوبو هن خطي لاءِ نهايت ئي سنو آهي، پر ٿر ۾ زهريلو پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ وڏو ڊيم ناهيو پيو وڃي، ان مان نڪرندڙ زهريلو پاڻي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ بدران واريءَ تي هاريو پيو وڃي، جيڪو ٿر جي زمين کي برباد ڪري ڇڏيندو. اهو ڊيم ناهڻ پاڪ- چين اقتصادي راهداري منصوبي کي ناڪام ڪرڻ برابر آهي. ان منصوبي ۾ هتان جا آمريڪي ايجنٽ شامل آهن. اسان کي ٿر ۾ ڊيم ناهڻ تي ڪوبه اعتراض ناهي، اسان رڳو اهو ٿا چئون ته اهي زهريلي پاڻيءَ کي ٿر جي واريءَ ۾ ڇڏڻ بدران سمنڊ ۾ وهائين. اهو منصوبو پاڪ- چين دوستيءَ کي تارپيڊو ڪرڻ جي برابر آهي.

سوال: سپريم ڪورٽ پاران نواز شريف جي نااهليءَ بابت توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

رسول بخش پليجو: توهان رڳو هڪڙي نواز شريف جي نااهليءَ جي باري ۾ ڳالهائي رهيا آهيو، مون کي رڳو ايترو ٻڌايو ته پاڪستان ۾ اهو ڪهڙو شخص آهي جيڪو اهل هجي؟ ڇا پاڪستان ۾ ڪڏهن ڪو قانون هو؟ جمهوريت هئي؟ هتي آمريڪا بهادر بادشاهه آهي، ڪنهن جرنيل کي آڻي يا ڪنهن سياستدان کي، سڀ مالڪ جي مرضيءَ سان ئي ٿيندو آهي. پٽو صاحب کي سپريم ڪورٽ قتل ڪري ڇڏيو. ڪتابن ۾ لکيو پيو آهي ته سندس ڦاسي غير قانوني هئي، پر آمريڪا بهادر جيئن چاهيو، تيئن ئي ٿيو.

سوال: توهان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ تي تنقيد ڪندا رهندا آهيو. پيپلز پارٽي ٻه سنڌ جي وحدت ۽ صوبائي خود مختياريءَ جي ڳالهه ڪري ٿي ۽ عوامي تحريڪ ٻه ته پوءِ ٻنهي پارٽين ۾ ڪهڙين ڳالهين تي اختلاف آهن؟

رسول بخش پليجو: اسان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ تي ڪڏهن ٻه تنقيد نه ڪئي

آهي، اها سڪٽي پروپيگنڊا آهي. اسين هر ان ڳالهه تي تنقيد ڪندا آهيون جيڪا غلط هجي. اسين پيپلز پارٽيءَ جي خلاف ناهيون، اسين ته رڳو اهو ٿا چئون ته غلط ڪم ڪير به ڪري ته ان جي مذمت ٿيڻ گهرجي، پلي ڪٽي اهو آئون هجان يا منهنجي پارٽي چو نه هجي. پيپلز پارٽيءَ سان اسان ڪيترائي ڀيرا اتحاد به ڪيو آهي. هونئن اتحاد ته اسان سيني سان ڪندا آهيون. اسان جو اختلاف ان ڳالهه تي آهي ته پيپلز پارٽي هن دؤر ۾ سنڌين کي سنڌ ۾ سيني کان وڌيڪ نقصان پهچائي رهي آهي. سنڌ ۾ هنن جي حڪومت آهي، انهن کي ڪوڙي آدمشماريءَ جي خلاف آواز اٺارڻ گهرجي ها، پر انهن ائين نه ڪيو. سنڌ ۾ بلوچ آهن، افغاني آهن، نام نهاد مهاجر آهن، سنڌين کي ختم ڪيو پيو وڃي. سنڌ کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جي سازش ۾ هيءَ حڪومت به شامل آهي.

سوال: توهان پيپلز پارٽيءَ سان گڏجي جمهوريت جي بحاليءَ جي تحريڪ (ايم- آر- ڊي) هلائي، پر پوءِ توهان سياست ۾ ڪرپشن جي شروعات ڪرڻ جو الزام به پيپلز پارٽيءَ تي هنيو. ان باري ۾ توهين ڇا چوندا؟

رسول بخش پليجو: مون اهڙو ڪجهه ناهي چيو. منهنجي ڳالهه کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو ويو. جيستائين ڪرپشن جي ڳالهه آهي ته اها هر جاءِ تي آهي، هتي ته سپ ڪرپٽ آهن. اهو رڳو پاڪستان جو نه بلڪ سڄي ايشيا جو مسئلو آهي. ٻين پارٽين وانگر پيپلز پارٽيءَ به ڪرپشن ڪئي آهي. ان ڏوڙ ۾ هن پنهنجو ڪردار شاندار نموني ادا ڪيو آهي.

سوال: سنڌ اسيمبليءَ ۾ نيب جي قانونن جي خاتمي تي توهان ڇا چوندا؟ ڇا توهين سمجهو ٿا ته ان سان سنڌ ۾ ڪرپشن جي هڪ نئين دؤر جي شروعات ٿيندي؟

رسول بخش پليجو: سنڌ حڪومت کي گهرجي ته پنهنجا قانون ناهڻ لاءِ وفاق تي آڌاري. نيب جو ڪردار به شڪي رهيو آهي، چاڪاڻ ته نيب سنڌ ۾ تمام گهڻن ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي، پر پنجاب ۾ هڪ به گرفتاري نه ڪئي ويئي. جيتري قدر ڳالهه نئين ڪرپشن جي دؤر جي آهي، ته اها شروع کان جاري آهي. نيب خلاف بل پاس ٿيڻ کان اڳ به سنڌ ۾ ڪرپشن بند هئي ڇا؟ اها ته چوويهه ڪلاڪ جاري آهي.

سوال: توهان ڪيترائي ڀيرا چئي چڪا آهيو ته پنجاب هميشه سنڌ جي ليڊرن کي پنهنجن مفادن لاءِ استعمال ڪندو آهي. انهن ذوالفقار علي ڀٽي کي استعمال ڪيو، الطاف کي استعمال ڪيو. ان ڳالهه جو ڪهڙو مطلب آهي؟

رسول بخش پليجو: مون ڪڏهن چيو آهي ته پنجاب ذوالفقار علي ڀٽي کي استعمال ڪيو؟ ها، البت الطاف پاڻ پنجاب کي پنهنجي مفاد ۾ ضرور استعمال ڪيو. الطاف ته خود آمريڪي، هندوستاني دهشتگرد آهي. هن پنجاب کي، سنڌ کي پنهنجن مفادن لاءِ استعمال ڪيو.

سوال: سنڌ جو عوام ظاهري طرح قومپرستيءَ کي تمام گهٽي اهميت ڏئي ٿو، پر ان جي ابتڙ چونڊن ۾ قومپرست پارٽين کي ايتريون سيٽون ڪونہ ٿيون ملن، ان جا ڪهڙا سبب آهن ؟

رسول بخش پليجو: مون ڪڏهن بہ اهو نہ ٻڌو يا ڏٺو آهي تہ سنڌ جي عوام قومپرستيءَ کي ايتري اهميت ڏني هجي. اهي تہ ملن، پيرن ۽ وڏيرن جي پٺيان هلندا آهن. اهو هڪ افسانو آهي تہ سنڌي وڏا قومپرست آهن. رڳو مون جهڙا ٻہ- چار ماڻهو قومپرستيءَ جي ڀالهہ ڪندا آهن. هتي علم ۽ شعور جي ڪوٽ آهي، تعليم تباهہ ڪئي ويئي آهي. انهن کي چڱي مَنيِ جي خبر ئي ڪانهي، نہ ئي ڪنهن ڀالهہ جو شعور آهي، چوتہ اهي سڀ شيون تعليم سان ئي ملنديون آهن. آمريڪا هر ملڪ ۾ پنهنجا ماڻهو پلانٽ ڪري ٿو، جيئن اهي تباهي مچائين. پاڪستان ٺهيو تہ پاڪستان کي تباهہ ڪرڻ لاءِ انهن کي ڪجهہ تہ گهرجي. اهي توهان کي اسلام پرست بڻائيندا، مون کي قومپرست بڻائيندا، اهي ڇا جا اسلام پرست، ڇا جا قومپرست آهن؟ اهو سڀ بوگس آهي. پاڪستان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪريو، چين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪريو. آمريڪا جا هر هنڌ ۽ هر قسم جا ايجنٽ آهن. عوام کي بيوقوف بڻايو پيو وڃي.

سوال: پاڪستان هن وقت توانائيءَ جي بحران، بدامني ۽ انتها پسنديءَ ۾ گهيريل آهي. توهان جي خيال ۾ انهن اشوز تي سياسي پارٽين جو ڪهڙو ڪردار هئڻ گهرجي؟ حڪومتي سطح تي ڪهڙا قدم کڻڻ جي ضرورت آهي ؟

رسول بخش پليجو: اهو تہ ويچارين سياسي پارٽين تي الزام آهي تہ اهي ملڪ جي خدمت ڪن، امن امان قائم ڪن، معيشت بهتر بڻائين ۽ پاڪستان جو تحفظ ڪن. انهن جو ڪم تہ ڏوڪڙ ڪمائڻ آهي، ملڪ کي ڦرڻ لٽڻ، مزا ماڻڻ، آمريڪا جي خوشامد ڪرڻ آهي. اهو بہ انهن تي الزام آهي تہ توهان (سياستدانن) کي پاڪستان بچائڻو آهي. جنهن کي بہ موقعو ملي ٿو، اهو هن ملڪ کي ڦري لُٽي کائي ٿو. ايشيائي ملڪن ۾ سياستدانن جو اهوئي ڪاروبار آهي. انهن کي ڪهڙي ضرورت آهي تہ امن امان، بدامني ۽ انتها پسنديءَ جي لاءِ ڪي قدم کڻن.

سوال: توهان جي پارٽي ٻين قومپرست پارٽين جي پيٽ ۾ ڪيئن مختلف انداز ۾ سنڌ جي عوام جي ترجماني ڪري رهي آهي ؟

رسول بخش پليجو: اسين توهان وٽ وينا آهيون، اسان سڀ کان پهرين ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪئي، جيلن ۾ وياسين. اسان جي پارٽي ڪا ايڏي وڏي سياسي پارٽي ناهي، پر اسان هميشہ سنڌ جي حقن جي ڀالهہ ڪئي، پلي کٽي ڪالاباغ ڊيم هجي يا ٿر ۾ ڪوئلي جو ڊيم، هر اهم مسئلي تي سيني کان پهرين اسان آواز اٺاريو آهي، جن مسئلن تي سنڌ ۾ موجود ٻيون پارٽيون آواز ڪونہ ٿيون اٺارين.

سوال: توهان وڪالت کان وڌيڪ سياست ڪئي، ان جو ڪهڙو ڪارڻ آهي ؟

رسول بخش پليجو: وڪالت ۾ پئسا ملن ها، سڀي زندگي گذري ها، پر ڳالهه هيءَ آهي ته جيڪڏهن ملڪ هليو وڃي ته پوءِ؟ اصل مسئلو هي آهي ته هتي پاڻي هجڻ گهرجي، تعليم هجڻ کپي، عوام کي سندن حق ملڻ گهرجن، پوليس جي غنڊاگردي ۽ دهشتگردن خلاف آواز اٺارڻ گهرجي، ان لاءِ رڳو وڪالت ڪافي ناهي، تنهن ڪري سياست ۾ اچي، عوام لاءِ جدوجهد ڪيم.

سوال: خاص ڪري ڪهڙن موضوعن تي ڪتاب پڙهڻ پسند آهن ؟

رسول بخش پليجو: آئون ڪنهن به هڪ موضوع کي پنهنجي پسند جو موضوع نه ٿو چئي سگهان، ڇاڪاڻ ته هن وقت تائين هزارين ڪتاب پڙهي چڪو آهيان. منهنجي ماءُ اڻ پڙهيل هئي ۽ مان ڪيس ڪتاب پڙهي ٻڌائيندو هوس. پئسا گڏ ڪري ڪتاب خريد ڪندو هوس. ماڻهن کي ايلاز منٽون ڪري ڪتاب ونندو هوس، ڪتاب چوري به ڪيم. اڄ به مون وٽ هزارين ڪتاب موجود آهن. چوٿين درجي ۾ قرآن شريف کي معنيٰ سان پڙهڻ شروع ڪيم. اسڪول ۾ ٻين ٻارن، ٻي ٻوليءَ جي لحاظ کان فارسي پڙهڻ شروع ڪئي، پر مون عربي ٻولي پڙهي، ڇاڪاڻ ته مون کي خبر هئي ته جيڪڏهن عربي نه سکيم ته ملان مون کي چُرڻ به ڪونه ڏيندا. مون اسلام، عيسائيت، هندو مت، ٻڌ ڌرم، يهوديت، مطلب ته هر مذهب جي باري ۾ پڙهيو آهي.

سوال: پسند جو شاعر، پسند جو اديب ڪهڙو آهي ؟

رسول بخش پليجو: شاهه عبداللطيف ڀٽائي، استاد بخاري، شيخ اياز، مرزا غالب، جوش مليح آبادي، مولانا رومي ۽ پنجاب جا سمورا پراڻا شاعر پسند آهن. فارسي، عربي، روسي ۽ انگريزي شاعري به شوق سان پڙهندو آهيان. آئون عالمي شاعريءَ جو عاشق آهيان.

حصو بيو
ادبٍ شاعري

مون ۾ قدرتي طور ظلم خلاف جذبو ننڍپڻ ۾ ئي موجود هو. مون ۾ تحقيق ڪرڻ جو مادو جواني ۾ داخل ٿي چڪو هو. منهنجي لکڻين ۾ ايندڙ وقت جو ادراڪ موجود آهي.

پئنل: مسعود نوراني، فقير محمد لاشاري،
هدايت منگي، عبدالرحمٰن نقاش/ ماهوار نئون نياپو 1987ع

[1966ع وارو سال دم ٽوڙي رهيو هو. مجيب پيرزادو (عبدالحفيظ پيرزادي جو ننڍو پاءُ ۽ هينئر هاءِ ڪورٽ جو برڪ وڪيل) ۽ آئون سنڌ يونيورسٽي جي انجنيئرنگ ڪاليج جي يونين جا ترتيب وار صدر ۽ جنرل سيڪريٽري چونڊجي آيا هئاسين ۽ ڪاليج جون سالياڻيون تقريبون ملهائڻ لاءِ افتتاحي تقريب کان علاوه، آل پاڪستان انٽر ڪاليجيئيٽ ڊبيٽن ۽ لطيف ڊي ملهائڻ جو پروگرام رٿيو هيوسين، پر جيئن ته منهنجي مٿي ۾ سدائين تبديليءَ جو سودو سمايل هوندو هو، ان ڪري مون سوچيو ته روايتي انداز ۾ لطيف سائينءَ جي ورسي ملهائڻ بدران، اهڙو ڪو فنڪشن ڪجي، جيڪو مختلف ۽ نيارو هجي سان گڏوگڏ، سنڌ ۽ سنڌين لاءِ مفيد ۽ ڪجھ وڌيڪ مقصديت رکندڙ هجي. مون پنهنجي دل جو حال پنهنجي هڪ تمام ويجهي دوست رشيد ڪرل (مشهور ڪهاڻيڪار نسيم ڪرل جو ننڍو پاءُ، ان وقت يونيورسٽيءَ جو ليڪچرر ۽ هاڻ فاريسٽ ڊپارٽمينٽ جو وڏو آفيسر) سان اوريو، ته هن صلاح ڏني ته، "سنڌي شام ملهايو." مون هڪ فلڪ شگاف ٿهڪ ڏيندي چيو ته، "مون کي 'سنڌي صبح' جي لڳي پئي آهي ۽ توهان وري ڇالهه پيا ڪريو 'سنڌي شام' جي!" رشيد ڪرل چوڻ لڳو ته، "اهو 'سنڌي صبح' ئي آهي، پر جيئن ته فنڪشن شام جو ٿيندو، تنهنڪري ان کي چئبو ته "سنڌي شام" ئي ۽ هونئن به 'سنڌي شام' ادبي ۽ شاعراڻو لفظ لڳي ٿو، تنهنڪري اهو نالو وڌيڪ سونهين ٿو." امالڪ هو ڪنهن خيال اچڻ تي اداس ٿي ويو ۽ ڏڏو شوڪارو پري چوڻ لڳو. "ڪجھ سال اڳ آئون جڏهن سنڌ لا ڪاليج جو جنرل سيڪريٽري هوس ته مون سنڌي شام ملهائڻ جو فيصلو ڪيو هو، جنهن ۾ شيخ ايياز کي صدارت ڪرڻي هئي، پر سردار علي شاهه، ڊاڪٽر ابراهيم خليل ۽ علي محمد خالديءَ جي سخت مخالفت جي ڪري، شيخ ايياز کي ڪافر، ملحد ۽ پاڪستان دشمن قرار ڏيئي، حيدرآباد جي انتظاميا حيدرآباد بدر ڪري، وين ۾ ويهاري، زوريءَ ڪوٽڙيءَ اماڻي ڇڏيو هو، ان ڪري اسين سنڌي شام ملهائي نه سگهيا هئاسين. ڇا اها سنڌي قوم جي بي عزتي نه هئي؟" هن مون کان تند ۽ تيز لهجي ۾ پڇيو. "جيڪڏهن تون "سنڌي شام" ملهائين ته منهنجي هاڻ تي ڪو چنبو پوي ۽

سنڌي قوم جي بہ کا سرسي ٿئي!" کرل مون ڏانهن پراُميد نگاهن سان نهاريندي چيو. رشيد جي اها ڳالهہ منهنجي دل ۾ ڪنهن خنجر وانگر لهي وئي. مون هن جي ڪلهي تي هٿ رکي، سندس اکين ۾ اکيون ملائي چيو، "سنڌي شام ضرور ملهائبي ۽ شيخ ايياز بہ ضرور ايندو. ڏسان ڪير ٿو مائيءَ جو لال مون کي سنڌي شام ملهائڻ کان روکي!" منهنجي اها ڳالهہ ٻڌي، رشيد کرل ڪنهن گل وانگر ٽڙي پيو.

رشيد کرل جنهن منسوخ ٿيل "سنڌي شام" جي ڳالهہ ڪئي هئي، تنهن بابت شيخ ايياز ويجهڙ ۾ پنهنجي "ساهيوال جيل جي ڊائري" ۾ پنهنجا تاثر بيان ڪندي صفحي 201 تي لکيو آهي تہ، "مون رباني ۽ مولانا گرامي ۽ کي چيو تہ: "اڄ کان سنڌ جي قومي تحريڪ شروع ٿي. اڄوڪي ڪنيل قدم لاءِ ايوب خان جي حڪومت ۽ سنڌ دشمن بيوروڪريسيءَ کي سخت پڇتائڻو پوندو. اڄ تائين مقابلي ۾ عقاب جون اکيون ڪوئي نہ ڪڍي سگهيو آهي." بهرحال، بعد ۾ مون مجيب پيرزادي سان "لطيف ڏينهن" بدران "سنڌي شام" ملهائڻ جي ڳالهہ ڪئي تہ هو بہ ٽوري بحث ۽ تڪرار کان پوءِ "سنڌي شام" ملهائڻ لاءِ تيار ٿي ويو. اتفاق سان، يا تہ شيخ ايياز اسان کي ملي نہ سگهيو، يا ٻي ڪنهن ڳالهہ جي ڪري، جيڪا مون کي ياد نٿي پوي، شيخ ايياز ان سنڌي شام جو خاص مهمان بنجڻ لاءِ دستياب ٿي نہ سگهيو. تنهن جي ڪري خاص مهمان جو مسئلو پيدا ٿي پيو! ان زماني ۾ شيخ ايياز واري منسوخ ٿيل "سنڌي شام" ۽ سندس حيدرآباد مان نيڪالي ۽ جي نتيجي ۾ سنڌي اديبن، دانشورن ۽ معزز ماڻهن ۾ ايڏو تہ خوف، ڏهڪاءُ ۽ حراس پکڙيل هو، جو جنهن بہ مفڪر يا اهم شخصيت کي اسان خاص مهمان بنجڻ لاءِ عرض پئي ڪيو، سو اسان کي ڏسي، اسان کان ائين ٿي پري ڀڳو، جڻ اسين کي هندستاني ايجنٽ يا جاسوس هئاسين! مون پنهنجو اهو مسئلو جڏهن قاضي خادم (ان وقت اخبار "خادمِ وطن" جو اسسٽنٽ ايڊيٽر، سنڌ يونيورسٽيءَ جو شاگرد، هڪڙي ننڍڙي پريس جو مالڪ، قوم پرست ۽ ترقي پسند ڪارڪن ۽ هاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جو پروفيسر ۽ ادیب) سان بيان ڪيو تہ هو مون کي مشهور محقق ۽ ان وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي هيڊ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڏانهن وٺي ويو، جنهن جي آفيس سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس ۾ هوندي هئي ۽ سندس گهر بہ اتي ئي اٽڪل اڌ فرلانگ جي فاصلي تي آفيس جي پٺيان هوندو هو. اسين ڊاڪٽر صاحب جي آفيس تي پهتاسين، پر هو ايڏو تہ مصروف هو جو اسان کي ملاقات جو وقت بہ نہ ڏئي سگهيو! پر اسان بہ مڙڻ وارا ڪونہ هئاسين، اتي ئي ٻينا رهياسين. جڏهن آفيس جو وقت ختم ٿيو ۽ ڊاڪٽر گهر وڃڻ لاءِ ٻاهر نڪتو تہ اسان هن جي پويان پويان هلڻ لڳاسين. ڊاڪٽر صاحب هلڻ جو وري ڪو ايڏو تکو هو، جو هن سان وک ملائي هلڻ لاءِ اسان کي ذري گهٽ ڊوڙڻو پئجي ويو! نتيجي ۾ ٽوري ئي دير ۾ اسان جو ساهہ چڙهي ويو. سندس هڪڙي پاسي آئون ۽ ٻئي پاسي قاضي خادم ڊوڙڻ لڳاسين. هن اسان کان جڏهن اسان جو مقصد پڇيو تہ، مون

سهڪندي ڪيس گذارش ڪئي ته، جيڪڏهن هو "سنڌي شام" جو خاص مهمان بنجڻ قبول ڪري ته اهو اسان پنهنجي لاءِ وڏو اعزاز سمجهنداسين. ان وچ ۾ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي گهر جي دروازي وٽ پهچي ويو هو. هو در کولي اندر ٽيو ۽ اسان ڏانهن مڙندي چيائين ته، "معاف ڪجو، مون وٽ وقت ڪونهي، توهان ڪنهن ٻئي صاحب کي ڏسو." ائين چئي هن در ٻيڪڙي جڙ ته اسان جي اميدن تي اوس وجهي ڇڏي! اتان ناڪام واپس پئي وڃڻ لڳا ته اوچتو قاضي خادم دانهن ڪئي ته، "ارڙي الانا صاحب جو ويٽو آهي! هو بهادر ماڻهو آهي، انڪار ڪونه ڪندو." (جي- اي الانا صاحب، ان وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌالاجي ڊپارٽمينٽ جو انچارج هو ۽ هن وقت علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد جو وائيس چانسلر آهي.) اسين الانا صاحب وٽ پهتاسين ته هن چيو ته، "وطن لاءِ جان ٻه قربان آهي، نوڪري وئي ته ڇا ٿيو! آئون توهان جي فنڪشن تي ايندس."

خاص مهمان جو مسئلو حل ٿي ويو ته وري مقررن ۽ شاعرن جو مسئلو اڇي پيدا ٿيو. صدارت اصول موجب ڪاليج جي پرنسپال ڊاڪٽر اي- ڪيو- ڪي افغان کي ئي ڪرڻي هئي. "سنڌي شام" مان اسان جي مراد هيءَ هئي ته، سنڌ جي مسئلن تي ڪارائتيون تقريرون ٿين، رزميہ ۽ قومي شاعري پڙهي وڃي، قومي گيتن ۽ موسيقيءَ جو پروگرام ٿئي ۽ سنڌ جي مسئلن تي اهم ٺهراءَ منظور ڪرايا وڃن. جڏهن مقالو پڙهندڙن ۽ شاعرن جو مسئلو پيدا ٿيو ته مون وري رشيد ڪرل کي چيو ته، "سنڌي شام جي مصيبت ۾ ته مون کي وڏو اٽئي، پر هاڻ مون کي مقرر ۽ شاعر ڳولي ڏي." رشيد کلي چوڻ لڳو ته، "فڪر نه ڪر، رسول بخش پليجو ۽ نياز همايوني ويٺا آهن. اڄ شام جو رسول بخش پليجي ڏانهن هلنداسين." شام جو اسين ٻئي ڇڻا گڏجي حيدرآباد جي سنڌ لا ڪاليج جي سامهون، گول بلڊنگ ۾ رسول بخش پليجي جي آفيس تي پهتاسين. رشيد ڪرل مون کي ٻڌايو هو ته مسٽر پليجو وڪيل، اديب، نقاد ۽ سياسي ماڻهو آهي، ڪيس سنڌ جي تاريخ تي عبور حاصل آهي ۽ وڏو ڇاڪو ماڻهو آهي. پليجي صاحب جي آفيس ۾ گهڙياسون ته ڏٺم ته ڪارڊ بورڊ يا ڪاٺ جي پارٽيشن سان سندس آفيس ٻن حصن ۾ ورهايل هئي. اندرئين پاسي غالباً هو پاڻ ويٺو هو، جڏهن ته ٻاهرئين پاسي سندس منشي ويٺو هو. منشي، رشيد ڪرل کي سڃاڻندو هو. رشيد ڪرل پڇيس ته، "پليجو صاحب اندر آهي؟" منشيءَ جواب ڏنو ته، "ها آهي، پر اندر هڪ اصيل ويٺو آهي، تنهن ڪري توهان کي ٿورو انتظار ڪرڻو پوندو." مون منشيءَ کان سندس نالو پڇيو ته چوڻ لڳو ته، "مون کي پناهہ جگر سنڌي چوندا آهن." (بعد ۾ پناهہ جگر سنڌ جي شاگرد تحريڪن ۽ پليجي صاحب جي سنڌي عوامي تحريڪ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو هو.) جيستائين اصيل ٻاهر نڪري، تيستائين مون پليجي صاحب جي آفيس جو جائزو ورتو ته چوڌاري بي ترتيبي پکڙيل نظر آيم. ڪٻٽن ۾ پيل ڪتابن تي دز جا ٽها چڙهيل هئا. محسوس ڪيم ته پليجي صاحب کي صفائي سترائيءَ جو مڙئي گهٽ خيال هو. غالباً پناهہ جگر سنڌي منهنجي نگاهن جو مطلب سمجهي ويو ۽ چوڻ لڳو،

"پليجي صاحب کي هاڻ وڪالت جا ڪتاب پڙهڻ جي ضرورت ڪونهي، ڇو جو ڪيس هاءِ ڪورٽن ۾ سپريم ڪورٽ جا سيئي اهم فيصلا ازبر، صفحن سميت ياد آهن. ڪيس هاڻ ڪتابن کولڻ جي ضرورت محسوس ڪونہ ٿيندي آهي، ان ڪري ڪتابن تي دز چڙهي ويئي آهي." ٿوريءَ دير کان پوءِ اصيل ٻاهر نڪتو تہ پناهہ جگر، پليجي صاحب کي اسان جي باري ۾ اطلاع ڪرڻ لاءِ اندر ويو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ ٻاهر اچي، اسان کي اندر وڃڻ جو اشارو ڪيائين. پناهہ جگر سنڌيءَ جي روش مان محسوس ڪيم تہ پليجو صاحب صفائي ستراائيءَ جو قائل هجي يا نہ هجي، پر پروٽوڪول ۽ انتظامي معاملن جو مڙئي ڪجهہ خيال رکي ٿو. اندر گهڙياسون تہ رسول بخش پليجي تي نظر پوندي ئي مون کي سخت ڏهني جهٽڪو لڳو! رشيد کرل جي واتان سندس هيڏي ساري واکاڻ ٻڌڻ کان پوءِ، مون سوچيو هو تہ هو ڪو لحيم و شميم ۽ ٽلهو ٽنپرو شخص هوندو، پر هو ايڏو تہ سنهڙو هو جو جنهن ڪرسيءَ تي ويٺل هو، ان تي جيڪڏهن ڪو ٻيو شخص ساڻس گڏ ويهي رهي ها تہ ٻنهي کي سوڙهہ محسوس ڪونہ ٿئي ها! اسان کي ڏسي، هو اٿي بيٺو. ڏٺم تہ هو قداور هو. سندس چهرو بہ هن وانگر سنهو ۽ ڊگهو هو، جيڪو مڪمل ڪتابي تہ نہ هو، تہ بہ ڪتاب نما ضرور هو. سندس وات ننڍو، چپ سنها هئا، جن تي هڪڙي پراعتماد مرڪ رقصان هئي. سندس اکيون ننڍيون پر نهايت چمڪيليون هيون، جن مان ذهانت ٽپڪي رهي هئي. هن جي پيشاني ويٺل، نڪ سنهو ۽ ستڙو هو. سندس رنگ، مهينن جا مهينا اس ۾ رکيل ڪٽڪ جهڙو هو. هو ڪو خوبصورت شخص ڪونہ هو، پر اجتماعي طرح، هو شڪل جو موچارو هو ۽ سندس چهري ۾ هڪ خاص قسم جي ڪشش هئي. اهائي ڪشش، جيڪا وڏن ليڊرن ۾ هوندي آهي!

رشيد کرل کي هو سچاڻندو هو. هن رشيد کي ڪيڪاريو ۽ هٿ ملائڻ لاءِ هن ڏانهن هٿ وڌايو. سندس هٿ ملائڻ جو انداز ئي نرالو هو! هن پنهنجي پوري ٻانهن ڊگهيري، پنج ئي آڱريون پوريءَ طرح کولي ڇڏيون هيون! ائين ٿي لڳو، جڙ هٿ ملائڻ واري شخص کي هو پنهنجي گهٽو ويجهو اچڻ کان اڳ ۾ ئي پنهنجي چنبي جي گرفت ۾ ونڻ چاهيندو هجي! هٿ ملائڻ وقت سندس چپن تي نچندڙ مرڪ جو رقص ڪجهہ وڌيڪ تکو ٿي ويو هو. رشيد سان پنجو ملائي، هن مون ڏانهن پنهنجو کليل هٿ وڌايو ۽ رشيد ڏانهن سوالیہ نگاهن سان ڏٺو. رشيد سندس نگاهن جو مفهوم سمجهندي، منهنجو تعارف ڪرايو، "مسعود نوراني، انجنيئرنگ ڪاليج جو جنرل سيڪريٽري." پليجي صاحب ساڳئي ئي استائيل سان مون سان هٿ ملايو ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪندي، ڪنڌ کي لوڏيندي چيائين، "اوهان سان ملي خوشي ٿي." سندس آواز صاف، ڇٽو ۽ تکو هئڻ جي باوجود وٽندڙ هو. هن پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو، "اها ڏاڍي سٺي ڳالهہ ٿي آهي جو حيدرآباد جي ڪاليجن ۾ اڇڪلهہ سنڌي شاگرد، يونينن جا عهديدار چونڊجي پيا اچن." سندس ڪنڌ جي لوڏ، ڳالهہ پوري ڪرڻ کان پوءِ بہ جاري هئي. هو مون کي توري تکي رهيو هو! هن جون نگاهون جڙ ايڪسريز

وانگر منهنجي اسڪريننگ ڪري رهيون هيون! پهرين نظر ۾، مون کي هو اديب، وڪيل يا سياستدان کان وڌيڪ ڪو بيحد هوشيار ۽ آڙيڪاپ جاسوس لڳو. منهنجي ذهن ۾ شرلاڪ هومز ۽ پيري ميسن جا ڪردار گهمي ويا. اوچتو سندس ڪنڌ جي لوڏ ختم ٿي وئي ۽ هن رشيد ڏانهن نهاريندي پڇيو، "آئون اوهان جي لاءِ چا ٿو ڪري سگهان؟" هو اجائي ڏيگهه يا گهِل ڪرڻ بدران، سڌو سنئون ڪم جي ڳالهه ڪرڻ جو عادي ٿي لڳو. رشيد پنهنجو گلو صاف ڪندي چيو، "اسين بن مقصدن لاءِ هتي آيا آهيون. نوراني صاحب پنهنجي ڪاليج ۾ "سنڌي شام" ملهائڻ ٿو چاهي، ان لاءِ اسين اوهان کي مکيه مقرر جي طور تي مدعو ڪرڻ لاءِ آيا آهيون. اميد آهي ته مايوس نه ڪندا." سنڌي شام جا لفظ ٻڌندي ئي پليجو صاحب ڪرسيءَ تي سڌو ٿي ويهي رهيو. سندس چمڪيلين اکين جي جوت ائين وڌي وئي هئي جيئن ڪڏهن ڪڏهن وولٽيج وڌڻ جي ڪري، بلبن جي روشني تکي ٿي ويندي آهي. "سنڌي شام!" هن پنهنجو پاڻ سان مخاطب ٿيندي ورجايو. هو مون کي هڪ دفعو وري انهن نندڙين نندڙين جهرمر ڪندڙ اکين سان گهورڻ لڳو. سندس ڪنڌ جي لوڏ، بي خبريءَ ۾ هائوڪار ڪندڙ انداز ۾ بيهر شروع ٿي وئي. اُمالڪ هن ٻانهن جي هڪ ئي سَٽ سان سامهون ڪليل فائيل، پنا، پينون ۽ ڊائريون ٻهاري، ميز جي هڪڙي پاسي تي ڊير ڪري ڇڏيون ۽ رشيد ڏانهن نهارندي پڇياٿين، "موضوع چا آهي؟"

"هونئن ته ڪو خاص موضوع ڪونه رکيو اٿئون، پر خيال اٿئون ته اوهين "سنڌي جوڏا" جي موضوع تي تقرير ڪريو."

"سنڌي جوڏا! واهه واهه! فنتاسٽڪ! زبردست! عاليشان!" هن جذبات کان بي قابو ٿيندي، هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيندي، رشيد ڪرل ڏانهن وري پنهنجو ڪليل پنجو پرجوش انداز ۾ وڌايو، پر هن دفعي سندس نندڙو وات بہ خوشيءَ، حيرت ۽ جذبات جي شدت کان پوريءَ طرح ڪلي ويو هو. "ايڏو نندڙو وات ايڏو وڏو بہ ٿي سگهي ٿو!" مون عجب مان سوچيو. "سنڌي جوڏن" جي لفظن ۾ الائي ڪهڙي ڪرامت هئي، جو پليجي صاحب جي صورت، شڪل، هيئت، لهجو ۽ روَيو يڪسر بدلجي ويو هو! هو هاڻ جڻ ته رس ملائي ۽ چاشني ٿي پيو. سندس رسمي انداز هاڻ مڪمل گرمجوشيءَ ۾ تبديل ٿي چڪو هو. "سنڌي جوڏن" جا لفظ ٻڌندي ئي پليجو صاحب هڪ پختي مرد مان ڦري، اهڙو معصوم ٻالڪ بڻجي ويو هو، جنهن کي جڻ ورهين کان پوءِ ڪو من پسند رانديڪو هٿ اچي ويو هجي! پليجي صاحب ۽ سنڌ يا "سنڌي جوڏن" ۾ ضرور ڪو لڪيل سٻنڌ، ڳجهو لاڳاپو ۽ واسطو هو. هن اوچتو پنهنجو هٿ گهنٽيءَ ڏانهن وڌايو. گهنٽيءَ جي آواز تي پناهه جگر اندر داخل ٿيو. "ٺڏو يا گرم؟" هن واري واري سان مون ڏانهن ۽ رشيد ڏانهن نهارندي پڇيو. "ٺڏو." اسان ٻنهي يڪ وقت چيو. "ڪوڪ، ٺڏيون، يخ." هن هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيندي، پناهه جگر ڏانهن نهاريو. پناهه جگر مؤدبانه انداز ۾ ڪنڌ نمائي هليو ويو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ ڪوڪ جون ٽي بوتلون اسان جي اڳيان رکي، خاموشيءَ سان ورڻ لڳو ته پليجي

صاحب چيس، "ڪنهن کي اندر اچڻ نہ ڏجانءِ." "جي سائين." پناھ وراڻيو ۽ در ٻيڪڙي ھليو ويو.

يخ ڪوڪ جون ڪجھ چسڪيون ھٽڻ کان پوءِ، ماحول ۾ جڏھن ڪجھ ٽڏاڻ پيدا ٿي تہ مسٽر پليجي مون کان انجنيئرنگ ڪاليج بابت ڪجھ سوال ڪيا. ان زماني ۾ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پھريون پھريون دفعو شھرن ۽ ڳوٺن جي بنيادن تي داخلائن لاءِ ڪوٽا سسٽم رائج ڪيو ويو ھو، جنھن جي ردِعمل ۾ غير سنڌين جا اخبارن ۾ مخالفاڻا ۽ تعصب ڀريا بيان اچڻ لڳا ھئا. مسٽر پليجي جو خيال ھو تہ، "اھو سسٽم سنڌين لاءِ ضروري آھي ۽ سنڌي دانشورن کي ان سسٽم جي بچاءَ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ گھرجي." "ڪوٽا سسٽم تان ڳالھ اچي سياست جي نڪتي. ھن سنڌ خلاف مھاجر- پنجابي سامراج جي سازشن تي ھڪڙو ننڍڙو ليڪچر ڏنو. پوءِ اوچتو الائي ڪٿان اچي مائوزي تنگ جي ڳالھ نڪتي! ھن کي پختو يقين ھو تہ سنڌ جي نجات جو راز، مائوءَ جي جنگي حڪمت عملين ۽ تدبيرن ۾ لڪل آھي. جيتوڻيڪ بنيادي طور تي ھو مارڪس وادي ئي ھو. مون کي ان وقت پليجي صاحب جا ٻڌايل مائوءَ جا ھيٺيان چار جنگي اصول ايجا تائين چتيءَ طرح ياد آھن:

(1) The enemy advanced, we retreat. (2) The enemy camps, we harass. (3) The enemy tires, we attack. (4) The enemy retreats, we pursue.

يعني (1) دشمن اڳتي وڌي تہ اسان کي پوئتي ھٽڻ گھرجي. (2) دشمن ڪٽي قيام ڪري تہ اسان کي گھرجي تہ کيس ھراسان ڪريون. (3) دشمن ٽڪجي پوي تہ ھن تي وار ڪرڻ گھرجي. (4) دشمن ڀاڄ کائي تہ سندس پيڇو ڪرڻ گھرجي. پليجي صاحب، مائوءَ جا ٻيا ٻہ ڪيترائي قول ٻڌايا ۽ انھن جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي ان وقت جي صورتحال جو تجزيو ڪيو. ھن نہ صرف مائوءَ جي قولن کي، پر پنھنجي سڀني دليلن کي شاھ جي شعرن سان ٽيڪ ڏيئي ناقابلِ ترديد ڪري ٿي ڇڏيو. اسان جي ھن سان اڌ ڪلاڪ کن ڪچھري ٿي، جنھن ۾ ھن مائوءَ، شاھ، شيخ ايار، علامہ اقبال، غالب، سنڌي توڙي اردوءَ جي اٽڪل ويھارو کن شاعرن جا شعر ٻڌايا، دنيا جي اٽڪل ڏزن فلسفين جا قول ٻڌايا، مارڪس ازم ۽ لينن ازم تي ننڍڙو ليڪچر ڏنو، جماعت اسلاميءَ ۽ سنڌ جي رجعت پسند اديبن ۽ شاعرن جي چڱي لاک لاٿي. ھن جو اندازِ بيان ايڏو تہ سحر انگيز ھو، جو سندس ڳالھيون ٻڌي، اسان ٻئي ڇٽا ڇڻ تہ پٽر جا بت بڻجي ويا ھئاسين! مون سوچيو تہ، "ھيءُ ماڻھو آھي يا ڪو جن!" بقول پناھ جگر سنڌيءَ جي، ھن کي سجو قانون ۽ وڌين ڪورٽن جا اھم فيصلا، صفحن سميت، ازبر ياد ھئا، تہ وري مون ڏٺو تہ ھن کي شاھ جو رسالو، مائوءَ جا چارئي واليوم (ان زماني ۾ فقط چار ئي واليوم آيا ھئا)، اقبال، غالب، ايار ۽ ٻين ويھن- ٽيھن شاعرن جا شعر، اديبن ۽ فيلسوفن جا قول ياد ھئا. سچ پچ تہ مون کي اڳ ۾ ڪوبہ اھڙو ماڻھو ڪونہ ٽڪرايو ھو، جيڪو نہ صرف ايڏو پڙھيل ھجي، پر کيس ايترو ڪجھ ياد ٻہ ھجي! ھو يقيناً ڇاڻ جو ڪو وڏو پئسفڪ يا ائٽلانٽڪ سمنڊ

هو، پر ايتري معلومات هئڻ جي باوجود، هن ۾ ڪابہ ٽرڙائپ، غرور يا تڪبر ڪونہ هو! ڳالهيون ڪندي ڪندي، هو هڪدم اُٿي ڪڙو ٿيو، جڻ تہ هن کي ڪا شيءِ ياد اچي ويئي هجي! چوڻ لڳو، "توهان تقريب جو ڏينهن ۽ وقت پناهہ جگر کي نوٽ ڪرائي ڇڏيو، آئون هلان ٿو." سندس مزاج جو اهو پلٽو مون کي سمجهہ ۾ ڪونہ آيو! رس ملائيءَ مان ڦري هاڻ وري هو ٿوهہ بڻجي پيو هو! سندس طبيعت جي ان تضاد مان سمجهيم تہ هو بلڪل پورالو ۽ پنهنجي مرضيءَ وارو ماڻهو آهي. هن جو پنهنجو ئي ڪوڊ آف ايٽڪس (اخلاقيات جو طور طريقو) هو. وري چوڻ لڳو، "توهان شروع ۾ هڪڙي ٻئي مقصد جي ڳالهہ ٻہ ڪئي هئي، جنهن لاءِ توهان هتي آيا هئا، اهو ڪهڙو مقصد هو؟" هن رشيد ڏانهن نهاريندي چيو. رشيد ڪيس چيو تہ، "سنڌي شام ۾ محفل موسيقيءَ جو اهتمام ٻہ ڪيو اٽئون، ان ۾ توهان جيڪڏهن مهرباني ڪري زرينہ بلوچ کي شرڪت لاءِ چئو تہ ڏاڍو سنو ٿيندو ۽ جيڪڏهن هوءَ پنهنجي معاوضي ۾ ٻہ ڪجهہ رعايت ڪري تہ مهرباني ٿيندي." پليجي صاحب نهايت خشڪ لهجي ۾ چيو تہ، "زرينہ گهٽو ڪري ڪالیج جي فنڪشنن ۾ ڪونہ ويندي آهي، تنهن هوندي ٻہ آئون ان کي چوندس، پر معاوضي جي باري ۾ توهان پاڻ هن سان ڳالهائجو. ان سلسلي ۾ هوءَ منهنجي هڪ ٻہ نہ ٻڌندي." مون کي ڏاڍو اچرج لڳو، "ڏاڍا عجيب زال مڙس آهن!" مون سوچيو، پر پوءِ خيال آيم تہ شايد هنن هڪ ٻئي جي پيشيواراڻن معاملن ۾ مداخلت نہ ڪرڻ جو پاڻ ۾ ڪو معاهدو ڪيو هو!

نيٺ "سنڌي شام" ٻہ اچي پهتي. سيئي پهچي ويا، پر ڏٺم تہ پليجو صاحب ۽ زرينہ بلوچ نہ پهتا هئا. سوچيم تہ شايد گوهي ڏئي ويا! مون محسوس ڪيو تہ "سنڌي شام" جي نالي جي ڪري، حاضرين ۾ عجيب قسم جو جوش ۽ خروش موجود هو. منهنجي خيال ۾ اهو جوش ۽ خروش جي- ايم سيد، حيدر بخش جتوئيءَ، غلام محمد لغاريءَ، قاضي فيض محمد، محمد ابراهيم جويي، شيخ ايازءِ سنڌ جي ٻين اديبن، شاعرن ۽ قومي توڙي ترقي پسند اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي اڻ ٽڪ ڪاوشن ۽ قربانين جو نتيجو هو. جڏهن مون پنهنجي افتتاحي تقرير ۾ دودي، دولهہ دريا خان، هوشو ۽ هيمونءَ جا نالا ورتا تہ شاگردن ۽ ٻين حاضرين ايڏا تہ نعرا هنيا ۽ پرجوش تاڙيون وڄايون جو آئون ٻہ ڪجهہ جذباتي ٿي ويس. مون پنهنجي تقرير قاضي خادم کان لڪرائي هئي، جنهن ۾ قاضي خادم تڪڙ ۾ "هوشو" بدران "شوشو" لکي ويو هو، پر مون جڏهن جوش ۾ اچي تقرير ۾ "هوشو" بدران "شوشو" پڙهيو تہ قومي جذبات سان سرشار حاضرين "شوشوءَ" کي ٻہ ڪو علامتي ڪردار سمجهي بي تحاشا تاڙيون وڄائڻ لڳا! مکيہ مقرر جيئن تہ رسول بخش پليجو هو ۽ جيئن تہ هو اڄان نہ پهتو هو، تنهن ڪري آئون هڪڙي ٻئي مقرر کي تقرير ڪرڻ جي دعوت ڏئي، پاڻ سڌ سماءُ لهڻ لاءِ اسٽيج جي پويان هليو ويس. اهو ڏسي مون کي حيرت ۽ خوشي ٿي تہ رسول بخش پليجو ۽ زرينہ بلوچ ٻئي اتي ئي موجود هئا. رسول بخش پليجي پنهنجي مخصوص انداز ۾ پنهنجي هٿن جون پنج ئي آڱريون وائکيون ڪري مون سان هٿ ملايو ۽ مون

کي منهنجي تقرير تي مبارڪباد ڏني. غالباً هن ب لفظ "شوشوءَ" کي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. هو گهري سليٽي رنگ جي فل سوٽ ۾ ملبوس هو ۽ ڏاڍو جاذبِ نظر لڳي رهيو هو، پر نه ته سندس بوٽ تي پالش ٺيل هئي، نه ٽاءِ صحيح طرح ٻڌل هئي، نه ئي وري سندس جوراب ميچ ڪندڙ هئا. سندس لباس قيمتي ضرور هو، پر هو بلڪل بي ڍنگو! لباس جي اها بي ڍنگائي ۽ بي ترتيبي، پليجي صاحب ۾ اڄ تائين موجود آهي. منهنجي خيال ۾ سوچ، ذهن ۽ دليل بازيءَ کان سواءِ سندس زندگيءَ جي هر شيءِ بي ترتيب، ادڻگي ۽ بي قاعدي آهي. هو پاڻ ب انٽرويوءَ ۾ چوي ٿو ته، "آئون سڄو وقت بي قاعدي رهيو آهيان." شايد اها بي قاعدگي سندس رهٽي ڪهٽيءَ ۾ رسجي وسجي ويئي آهي! وري منهنجي نظر زرينه بلوچ تي پئي، جيڪا رنگ برنگي ساڙهي پائي آئي هئي. بلش آن، لپ استڪ ۽ پائوڈر سندس ڪير جهڙي رنگ کي گلابي بڻائي ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ سندس لباس ۾ اها نفاست ۽ چمڪ ڏمڪ ڪانه هئي، جيڪا بورجوازي خاندانن جي عورتن جي لباس ۾ هوندي آهي، پر تنهن هوندي ب هوءَ بلڪل مڊم بڻيو ويني هئي. زرينه بلوچ ب اسان جي سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم ۽ عجيب و غريب ڪردار آهي، جنهن تي ڪڏهن موقعو مليو ته تفصيل سان لکندس. بهرحال، زرينه بلوچ کي فنڪشن ۾ گيت پيش ڪرڻ بابت رسول بخش پليجو کي هدايتون ڏيئي رهيو هو. زرينه هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏي، اکين ئي اکين ۾ کيس جواب ڏنو، جنهن جو مطلب هيءُ ٿي نڪتو ته، "منهنجو فڪر نه ڪر. تون وڃي پنهنجو مورچو سنڀال، آئون هتي وارا وڃائي ڇڏيندیس." مون پليجي صاحب کي چيو ته، "توهان جو وارو اڇٻو آهي، هلو تقرير ڪريو."

پليجي صاحب پنهنجي تقرير نهايت ئي ٽڏي ۽ ڏيمي لهجي ۾ شروع ڪئي، پر پوءِ آهستي آهستي، هو سڄي پنڊال کي پنهنجي دليلن جي گرفت ۾ سوگهو ڪندو ويو. هن جڏهن دولهه دريا خان، مخدوم بلاول، صوفي عنايت، هوشو ۽ هيمونءَ جا تاريخي پس منظر ۾ ڪارناما بيان ڪيا ته ماڻهن خوب تاڙيون وڄائي ڪيس زبردست داد ڏنو، پر هي ڇا! اوچتو ئي اوچتو هن اهو چئي سيني جا واڌ وڄائي ڇڏيا ته، "محمد بن قاسم سنڌ جو غاصب ۽ راجا ڏاهر مظلوم ۽ سنڌي قوم جو هيرو آهي!" اها ڳالهه ٻڌندي ئي جڙ ته ٽرٽلو مچي ويو. ڪن پاسن کان آواز آيا: "غدار، پکڙيوس، ماريوس، ڪافر ڪواس ٿو ڪري، هيڻ لاهيوس، اسلام جي خلاف ٿو ڳالهائي، پاڪستان دشمن آهي." آئون خود سندس ڳالهيون ٻڌي وائڙو ٿي ويو هوس.

هاڻ مون کي اهو ياد ڪونه ٿو اچي ته مون استيج تي اچي حاضرين کي معزز مقرر کي صبر سان ٻڌڻ جي تلقين ڪئي هئي، يا خود پليجي صاحب ئي اهو چئي اعتراض ڪندڙن کي سندس تقرير ٻڌڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو ته، "آئون تاريخي حوالن سان پنهنجي موقف کي سچو ثابت ڪري ڏيکاريندس، پوءِ ب ڪنهن کي ڪو اعتراض آهي ته هو مائيڪ تي اچي، منهنجي ان دعويٰ کي غلط ثابت ڪري سگهي ٿو." جڏهن پنڊال ۾ وري ماڻ ٿي ته پليجي صاحب

پنهنجي مٿئين موقف جي حق ۾ خود اسلامي محققن ۽ تاريخدانن جا اهڙا ٽه مستند حوالا ڏنا جو سيني جا طاق وڃي ويا! جڏهن هو محمد بن قاسم کي غاصب ۽ راجا ڏاهر کي مظلوم ۽ هيرو ثابت ڪري، پنهنجي تقرير جي اختتام تي هيٺ لٿو ٽه سندس مخالف ڪندڙن مان ڪنهن کي به همت ڪانه ٿي جو هن کي جواب ڏيڻ ۽ ڪيس غلط ثابت ڪرڻ لاءِ اسٽيج تي اچي. اڌ منٽ ڪن لاءِ جڙ ٽه پنڊال ۾ سيني کي نانگ سونگهي ويو هو! پر پوءِ جڏهن تاڙيون وڄڻ شروع ٿيون ٽه تاڙين جي گونجار کان سواءِ ماحول جا ٻيا سڀ آواز معدوم ٿيڻ لڳا. پنهنجي تقرير سان پليجو صاحب ماڻهن جا ذهن، سوچون ۽ فڪر بدلائي چڪو هو. هن پنهنجي انٽرويوءَ ۾ به چيو آهي ٽه، "آئون هميشه تبديلي چاهيندو هوس." هن پنهنجي اها ڳالهه سچ ثابت ڪري ڏيکاري هئي. بلڪل ائين ٿي لڳو ٽه سنڌي ماڻهن هيستائين چچ نامو، تحفة الڪرام يا سنڌ جون ٻيون تاريخون هٿ ۾ ابتيون جهلي پڙهيون. پليجي صاحب سندن هٿن مان اهي تاريخون ڦري، سڌيون ڪري، وري سندن هٿن ۾ ڏيئي چڏيون هيون! پلا اهو به ڪير سوچي ٿي سگهيو ٽه محمد بن قاسم، فاتح سنڌ، اسلام جو علمبردار، اسلامي جوڌو، اسلامي هيرو، سنڌ جو غاصب نڪرندو ۽ راجا ڏاهر، جيڪو هيستائين غدار، ڪافر، عياش، شرابي، ڪبابي ۽ ٻيڻ سان شادي ڪرڻ وارو شڪست کاڌل آمر سمجهيو پئي ويو، سنڌ جو مظلوم هيرو نڪرندو! ابو!

پليجي صاحب جون اهي نت نياريون ڳالهيون ٻڌي يا ماحول جي اثر هيٺ اچي، يا پنهنجي ئي ليکي ڊاڪٽر افغان ۽ جي الانا اهڙيون ٽه وڻي جوشيليون تقريرون ڪيون جو ماڻهن کان دانهون نڪري ويون! مٺان جو وري نياز همايونيءَ پنهنجي دردیلي ۽ منڍي آواز ۾ پنهنجو هيءُ نظم پڙهيو:

سنڌڙي منهنجي ماءُ، او منهنجي جيجل توتان گهور ٿيان،
شال نه ٿيان غدار سندءِ، پل ڊاڪو ٿيان يا چور ٿيان.

ٽه ڪيترائي ڪمزور دلين وارا محبِ وطن فرد پاڻ جهلي نه سگهيا ۽ هٿن ۽ رومالن ۾ منهن لڪائي سڏڪا پرڻ لڳا.

اهي زرينه بلوچ جا منڍا ۽ سريلا گيت هئا، جن حاضرين لاءِ مسڪن دوائن جو ڪم ڪيو. نه ٽه عجب ناهي ٽه قومي جذبن ۽ اڌمن جي شدت کان ڪيترن ئي ماڻهن جا هانءَ ڦاٽي پون ها!

ان سنڌي شام جو سنڌ يونيورسٽي ۽ انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگردن تي ايڏو ٽه گهرو اثر پيو جو نيڪ ٻن مهينن کان پوءِ چوٽين مارچ 1967ع وارو آسمان ڦاڙ ڏماڪو ٿيو ۽ سنڌ جي قومي تحريڪ هلي پئي. شيخ ايياز جي مٿئين پيشنگوئي بلڪل صحيح ثابت ٿي پئي هئي ٽه، "اڄ کان سنڌ جي قومي تحريڪ شروع ٿي." اها ڳالهه ٻي آهي ٽه اها قومي تحريڪ، بقول شيخ ايياز جي، شروع ٽه سنڌ لا ڪاليج واري منسوخ ٿيل سنڌي شام کان ٿي، جنهن ڏينهن ڪيس حيدرآباد مان نيڪالي ڏني ويئي هئي، پر ان تحريڪ جي بم گولي ڦيٽي ڪي تيلي ڏيکاري هئي رسول بخش پليجي، انجنيئرنگ ڪاليج واري سنڌي شام ۾.

هاڻ اهو نڪو چئي سگھجي تہ راجا ڏاهر کي سنڌ جو سورمو قرار ڏيڻ وارو نقطو محترم رسول بخش پليجي جي ذهن جي ايجاد آهي يا محترم جي- ايم سيد جي قومي سوچ جو منطقي نتيجو. ڇاڪاڻ جو سائين جي- ايم سيد، راجا ڏاهر کي سنڌ جي سورمن جو مک قرار ڏنو آهي ۽ محترم پليجي ۽ محترم سيد جو پاڻ ۾ لڳ لاڳاپو ان زماني ۾ تمام ويجهو نظر ٿو اچي، جنهن زماني ۾ پليجي صاحب مٿئين تقرير ڪئي هئي.

بهرحال، ڪيئن بہ هجي، مانوارن پڙهندڙن تي آئون اهو عيان ڪرڻ چاهيان ٿو تہ پليجي صاحب جي زندگي مٿين ٽن ڪردارن، يعني مائوزي تنگ، شاهہ لطيف ڀٽائي ۽ راجا ڏاهر، جن جو ذڪر مون پليجي صاحب سان ٽيل پنهنجي مٿئين ۽ پهرين ملاقات ۾ ڪيو آهي، جي گرد ڦرندي گھرندي رهي آهي. چوٿون ڪردار البت خود جي- ايم سيد آهي، جيڪو پليجي صاحب جي ذهن سان ائين چھٽو پيو آهي، جيئن مٿيان ٽي ڪردار. پليجي صاحب جي ڪا تحرير هجي يا تقرير، مقالو هجي يا ڪچهري، هو مٿين چئن شخصيتن جو ذڪر ضرور ڪندو نظر ايندو. جيڪڏهن اهي چار شخصيتون ڪنهن طريقي سان پليجي صاحب جي زندگيءَ مان ڪڍي ڇڏجن تہ رسول بخش پليجو صرف رسول بخش رهجي ويندو، پليجو ڳولهي ڪونہ لبندو.

مستر رسول بخش پليجي کان هيءُ انٽرويو مختلف قسطن ۾ هنڌن تي "نئين نياپي" جي مختلف پئنلن ورتو. انٽرويو 21، 28 ۽ 29 جولاءِ 1986ع تي ورتو ويو. انٽرويو قسطن ۾ ۽ مختلف هنڌن ۽ پئنلن ذريعي ڇو ٿيو، اهو بذاتِ خود هڪ دلچسپ قصو آهي، جيڪو ايندڙ شمارن ۾ تفصيل سان بيان ڪندس، ان ڪري جو اڻن- ڏٺهن ڏينهن ۾ ورتل انٽرويوءَ جي دوران، ملڪ اندر اهڙا اهم سياسي فيصلا ڪيا ويا، جن جو پانيان ٿو تہ سنڌ جي تاريخ تي اهم اثر پوندو.
مسعود نوراني]

مسعود نوراني: (انٽرويوءَ جي ابتدا ڪندي ۽ رسول بخش پليجي ڏانهن نهارينديِ) اسان کي پهرين اوهان پنهنجي اوائلي زندگيءَ بابت ڪجهہ ٻڌايو. اوهان ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيؤ؟ ڪٿي ڪٿي تعليم حاصل ڪَيَـوَ؟ ڪهڙن ڪهڙن استادن ۽ شخصيتن سان ان عرصي دوران اوهان جو پالو پيو يا متاثر ٿِيَـؤ؟ ان دور جا ڪي خاص واقعا بہ ٻڌايو جن اوهان جي زندگيءَ تي اثر وڌو هجي؟

پليجو صاحب: آئون 20 جنوري 1930ع تي ڄائس. منهنجي ڳوٺ جو نالو نئيوات آهي، جنهن جي پرسان جنگشاهيءَ جو شهر ۽ ريلوي اسٽيشن آهي. اهو ڳوٺ ٺٽي ضلعي ۾ آهي. منهنجي والد صاحب جو نالو علي محمد آهي. منهنجي تعليم هڪ اهڙي مڪتب کان شروع ٿي، جتي رڳو قرآن شريف پڙهائيندا هئا. (ٽوڪ واري لهجي ۾، مطلب انگيز نگاهن سان سيني ڏانهن نهارينديِ) اتي سنڌي پڙهائڻ جائز ڪونہ هئي! سنڌيءَ کي ڪٽ مٽ چوندا هئا، پر منهنجو ڏاڏو، جيڪو پاڻ اڻ پڙهيل

هو، سو وڃي ملا ٻلا وٺي آيو. ٽئي وارو مولوي سڳورو ٻه انهن ۾ شامل هو. پوءِ اڇي ان ڳالهه تي جهيڙو ٿيو ته، "سنڌي پڙهڻ (مذهبي طور) جائز آهي يا نه؟" ڳالهه وڃي فتويٰ تائين پهتي! پوءِ الائي ڪيئن منهنجي ڏاڏي اهو مٺيج ڪيو (بندوبست ڪيو) ۽ فتويٰ ورتي ته، "قرآن شريف سان گڏ "ڪِتْ مِتْ" ٻه پڙهي سگهجي ٿي!" اهڙيءَ طرح اتي سنڌي تعليم شروع ٿي، پر تنهن هوندي ٻه جيڪو مڪتب جو (مهتمم) ميان جي محمد طيب هو، تنهن جو اسان کي حڪم هو ته، "جڏهن ڳوٺ جو ڪو ماڻهو مڪتب جي پرسان لنگهي ته اوهين زور سان قرآن شريف پڙهجو." (زيرِ لب مشڪندي) مثال طور: (اسين) "الف زير اِ ن ي زير نِي اِني." جهڙڪو ڏئي پڙهندا هئاسين ته خبر پوي ته اسين رڳو قرآن شريف پيا پڙهون، "ڪِتْ مِتْ" ڪونہ پيا پڙهون! سنڌيءَ جو مسئلو وري هيءُ هو ته حڪومت (مڪتبن وغيره کي) گرانٽ ڏيندي ئي رڳو سنڌيءَ جي (تعليم) ڪري هئي. ميان طيب رڳو سنڌيءَ جا ٻه درجا پڙهيل هو. (ظرافتي انداز ۾) هن کي حسابن جو جوڙ ۽ ڪٽ ته ايندي هئي، پر ضرب ۽ وند ڪونہ ڄاڻندو هو! ان لاءِ هو حيدرآباد ويو ۽ ضرب ۽ وند سکي آيو ۽ ٻئي سال اڇي اسان کي ضرب ۽ وند سيکاريائين! اهڙيءَ طرح 3 درجا سنڌيءَ جا پڙهيس. تنهن کان پوءِ جنگشاهيءَ ۾ آيس ۽ اتي چوٿون درجو پڙهيس. منهنجي استاد جو نالو محمد شاهه هو. اتان وري اسڪالرشپ جو امتحان ڏيڻ ٽئي ويس ۽ پاس ٿيس. پوءِ ٽئي ۾ ئي پڙهڻ لڳس. اتي آڻون ٽئي جي مشهور گهراڻي عابداڻين جي گهر ۾ رهندو هوس. اتي پڙهيس، پر دل ڪانہ لڳي، ڇو جو جنهن جي گهر ۾ رهندو هوس، ان جو ننڍو پاڻ مون کي چوندو هو ته، "ڀڪريون چار." هو مون کي ٻڪرين جي ڪم سان لڳايو ويٺو هوندو هو، تنهن ڪري مون کي روزانو مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي ٻڪريون چارڻيون پوندیون هيون. انهن ٻڪرين جو ڪير وري مون کي دڪان تي ڏيڻو پوندو هو. مون کي ٻيا ٻه ڪم چوندو هو، ان ڪري آڻون اسڪول وقت تي وڃي نہ سگهندو هوس، ان ڪري اسڪول جو ٽئين درجي جو ماستر صاحب مون کي ٽيوشن ڏيندو هو. پهرئين درجي جو ماستر سائين ٺاڪر داس زبردست ماستر هو. ٻئي درجي تائين ٻه هلياسين، پر ٽئين درجي ۾ گڙٻڙ ٿي پئي....

نوراني: توهان ٻڪريون ڪيتري عرصي تائين چاريون ؟

پليجو صاحب: سال ڪن چاريونسين. ڳئون ته اسين ڳوٺ ۾ چاريندا هئاسين. (مزاحيہ انداز ۾) ائين ئي اسان جي دل چوندي هئي ته ڀڄي وڃي ڳئون ٻئون چاريون، گابا ته اسين ننڍي هوندي کان ئي چاريندا هئاسين. منهنجي ته ڏيوتي هوندي هئي ته گابا چاريان. بهرحال ان ڪري اسڪول ۾ دير ٿي ويندي هئي. اسان جو استاد صالح محمد انهن شاگردن کي چڱيءَ طرح مار ڏيندو هو، جيڪي گسائيندا هئا. اهي چوڪرا وري سائينءَ وٽ ٽيوشن ونندا هئا. (گسائڻ جو) اهوئي چوٽڪارو هو. اهڙيءَ طرح مون ٻه وڃي ٽيوشن ورتي ۽ مار ڪجهه گهٽ ٿي، پر دل ڪانہ لڳي. اسڪالرشپ

جو امتحان ڏنم، پر پڙهيو ڪونہ هوس، ان ڪري فيل ٿي پيس. تمام ردي مارڪون ڪنيم. پوءِ وري ٻڌم تہ ڊاڪٽر علامہ دائودپوٽو اسڪالرشپون ٿو ڏئي ۽ تمام رحمدل ۽ مهربان آهي. (وري ڪجهہ ياد اچڻ تي تلخ لهجي ۾) مون کي پنهنجي ڳوٺ کان سخت نفرت هوندي هئي، ڇاڪاڻ جو روزانو مايون موچڑا پيون کائيندیون هيون ۽ ٻار پيا ڪتبا هئا. چوڪري، ٻار ۽ ڪتي جي ڪيٽيگري (حيثيت) هڪجهڙي هئي، اهي سڄو ڏينهن پيا ماربا هئا. ان ڪري سڄو ڏينهن رڙيون پيون ٿيندیون هيون. بس، سڄو ڏينهن فلاڻي جنيءَ کي مڙس پيو ماري! فلاڻي فاطمہ کي فلاڻو مڙس پيو ماري! مٿي مان رت پيا ڳڙندا هئا. سوٽون، ماساتون، چاچيون پيون ڪٽبيون هيون! امان جي مٿي مان رت پيو ڳڙندو هو! اهو معاشرو اهڙو هو جو ڪنهن چوڪري، زال يا جانور کي ڪير بہ ماري وڃي تہ ان ڳالهہ جو نوٽيس ڪونہ ونبو هو! شرفا يعني شريف ماڻهو ان ڳالهہ کي برو سمجهندا هئا تہ ڪو (شخص) انهن خسيس ڳالهين تي اعتراض ڪري! (چٽريلي نموني ۾) ڪنهن بہ عورت جو پاءُ يا مڙس وينو هوندو هو ۽ ان جي اڳيان زال کي سهرو، سس، ڪو مائٽ يا پاڙي جو ڪو ماڻهو ماري رکندو هو تہ خير هوندو هو! جيڪڏهن اهو مرد ڪچندو ڪونہ هو، تہ اها سندس بردباريءَ جي نشاني ليکي ويندي هئي! مون پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ بہ اها ڳالهہ آندي آهي.

نوراني: ڪهڙي ڪهاڻي؟

پليجو صاحب: "جتي باهہ ٻري." (ڳالهہ جاري رکندي) بدي جا سڱ ٿيندا هئا، پنهنجي ڳوٺ جا تہ ڇا، پر پاڙي ۾، جتي بہ يا ٽي گهر هوندا هئا، اتان شادي ڪرڻ جي اجازت ڪانہ هوندي هئي. منهنجي ماءُ ٻئي پاڙي جي هئي، تنهن ڪري اسان جا سيئي ڏاڏاٽا چوندا هئا تہ، "تون پنهنجن ناناڻن سان نہ مل. اها بي غيرتيءَ جي نشاني آهي، جو تون هنن سان ملين ٿو. اهي پنهنجا دشمن آهن." ۽ گهر وري هوندا هئا ڪل ڏهہ يا پندرهن! تنهن ۾ وري پاڙو ٽن گهرن جو! (پوڳ واري انداز ۾) هڪڙي گهر جو پاڙو! هاڻ گهر- گهر سان لڳو پيو آهي، جنڊو جنڊي سان مليو پيو آهي، پر "هو غير آهن، اسين غير آهيون!" وارين ڳالهين جي ڪري، آئون ڄڻ سڄو وقت بي قاعدي رهيو آهيان. امان ۽ بابا جي شادي بہ بي قاعدي هئي، چو جو چاچي جي ڏيءَ ڪانہ هئي! مامي جي ڏيءَ ڪانہ هئي! ٻئي جي هئي. پاڙو ٽورو ٻيو هو. ناناڻن سان ملڻ بي قاعدي! پڙهڻ بي قاعدي! (ڇاڪاڻ جو ماڻهو چوندا هئا تہ) "عربي نٽا پڙهون، سنڌي ٽا پڙهون." مطلب تہ ٻيو بہ سڄو سسٽم (نظام) بي قاعدي هو. ٻيو تہ مون کي جيڪڏهن ڪو ماريندو هو تہ آئون ٻين ڇوڪرن وانگر وينو ڪونہ هوندو هوس، پر پري وڃي، انهيءَ کي پٽر هڻندو هوس. تنهن جي ڪري، هو وري منهنجي پويان ۽ آئون اڳيان اڳيان ڀڄندو هوس. مطلب تہ آئون (ان زماني ۾) سڄي قانون جي خلاف ورزي ڪندو هوس. جنهن مون کي ڏڪ هنيو، ان کي پري کان ڏڪ هڻندو هوس. ڪير جيڪڏهن ڪنهن مائيءَ ٻائيءَ کي ماريندو هو تہ مون کي سخت ڪاوڙ ايندي هئي. ڪيترا دفعا

ائين ٿيو ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ڪنهن مائيءَ کي ماريو هوندو ته ان کي پاڪر پائي، چهنڀڙيون ڀهنڀڙيون وجهي، رهنڀڙا ٻه هنيا هوندم. جانورن کي ٻه آئون مار ڏيڻ برداشت نه ڪندو هوس. چوندا هئا ته، "جانور ته ڏڳو آهي." پر مون کان جانور جو ڪٽجڻ برداشت نه ٿيندو هو.

نوراني: (مطلب ته) توهان ۾ قدرتي طرح (ظلم خلاف) اهو جذبو موجود هو؟

پليجو صاحب: (جذباتي انداز ۾) مون کي انهن حالتن کان سخت نفرت هئي. منهنجي لاءِ اهو سڄو نظام غلط هو. وري مان ناول ٻه پڙهندو هوس. گل بڪاولي، داستان جانِ عالم ۽ دمساز وغيره. انهن ناولن ۾ دنيا ئي ٻي هئي! پريون هيون، وڏا وڏا بهادر هئا، تير تفنگ، ڪمان، پاڻين جا حوض، حسين نازنيون! ديوَ پيا اچن، پريون اڏامن پيون! جان عالم آيو ۽ تلوار هڻي ديوَ کي ٽڪرا ڪري وڌائين! پر هتي ته ڪابه شيءِ نه پئي بدلي! ڏينهن، مهينا، سال ساڳيا، ماڻهو ساڳيا، ساڳيو روئڻ، ساڳيون ٻاڪارون، ساڳي بک، ساڳيا فاقا، ساڳي بيرحمي، سفاڪي، بيمارين ۽ مرض. چوطرف ساڳيا ماڻهو ۽ ساڳيو ماحول! آئون ڏاڍو حساس هوندو هوس. منهنجي لاءِ اهو (ماحول) جڻ هڪ ظلم ۽ قهر هو. منهنجو خيال هو ته ڪا نئين شيءِ ناهجي، پوءِ جان عالم، دمساز ٻمساز جا گهڻا قصا ڪياسون، پر اها ڳالهه ته ٽيٽي ڪانه هئي! چوٽين درجي ۾ جڏهن آئون پاس ٿيس ۽ سنيون مارڪون ڪنيم، تنهن تي مون کي هڪ ڪتاب انعام ۾ مليو. اهو هڪ اسلامي ڪتاب هو، جنهن جو نالو هو "سنڌ جي فتح." يعني محمد بن قاسم واري سنڌ جي فتح. اهو ڪتاب مون پڙهيو ۽ مون کي ڏاڍو وڻيو. مون فيصلو ڪيو ته هاڻ محمد بن قاسم ٿيڻ کپي. مون دوستن سان صلاح ڪئي ته گهوڙا ٻوڙا ونون، پر گهوڙا ڪونه هئا. پوءِ مون دوستن کي چيو ته، "فوج ناهيون." پر اها فوج ٻه ڪونه نهي. دوست مڙئي منهنجا خيال ٻڌي، مون سان متفق ڪونه ٿيندا هئا. آئون دوستن کي ڪهاڻيون ٻڌائيندو هوس، پر منهنجا دوست مون سان متفق ڪونه ٿيندا هئا. بابا نوڪريءَ تي ويندو هو ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ پڙهڻ ويندو هو، ان ڪري گهر ۾ آئون، منهنجي وڏي ڀيڻ ۽ امان اڪيلا هوندا هئاسون. رات ٿيندي هئي ته اسان وٽ جيڪي ڳئون ٻئون هوندیون هيون، انهن کي ٻڌي ڪري، ڏهي ٻهي، پوءِ ڏيئو ٻاري، ويهي ڪتاب پڙهندو هوس. امان کي مڙئي پڙهڻ جو شوق هوندو هو. سندس چاچو پڙهيل هو، پر وهابي هوندو هو. اسان جي ڳوٺ ۾ وهابيت جو ٻه ٿورو زور هو. بهرحال، آئون ويهي پڙهندو هوس ۽ امان ويهي ٻڌندي هئي. آئون دير تائين پيو پڙهندو هوس، تنهن جي ڪري پڙهڻ جو انداز نيڪ ٿيو. امان وري ٻين پاڙي جي عورتن کي ٻه گڏ ڪيو. اهي ٻه ويهي مون کي ٻڌنديون هيون ۽ مون کي داد ڏينديون هيون. آئون وري ڏاڍو خوش ٿيندو هوس. ماڻهو منهنجي پڙهڻ تي ڏاڍو عجب ڪندا هئا. آئون ان ڪري پاڻ کي هيرو محسوس ڪندو هوس ۽ سمجهندو هوس ته آئون

غير معمولي ماڻهو آهيان ۽ ٻيو ڪو ماڻهو هن ڳوٺ ۾ اهڙو ڪونهي جو ائين پڙهي، جيئن آئون ٿو پڙهان." ماڻهن جون ڪچهريون ٿيندیون هيون، سڀ ماڻهو چوندا هئا ته هيءُ غير معمولي ماڻهو آهي. ان ڏينهن کان ونڊي مون کي احساس ٿيو ته آئون غير معمولي ماڻهو آهيان. ٻيو ته آئون ڪنهن کان ڊڄندو ڪونہ هوس. وڏي ۾ وڏي ماڻهوءَ کي ڏڪ هٽي ڪيندو هوس. منهنجو والد صاحب تمام ضدي طبيعت جو هوندو هو. اهو مون کي ماري ماري رتوڇاڻ ڪري ڇڏيندو هو ۽ چوندو هو ته ان ماڻهوءَ کان معافي ونڻان (جنهن کي آئون ڏڪ هٽي ڪيندو هوس) پر آئون معافي ڪونہ ونڊندو هوس، چوندو هوس، "مون ڏوهہ ڪيو ئي ڪونهي! تنهن جي ڪري آئون معافي ڪونہ ونڊندس." مون کي خبر هوندي هئي ته بابا وڏيڪ ماريندو (چو جو) بابا طبيعت جو ڏاڍو سخت هو، رتورت ڪري ڇڏيندو هو، پر منهنجي وات مان رڳو هڪڙو ئي لفظ نڪرندو هو، "نہ، نہ، نہ، نہ."

نوراني: هو اوهان کي ڪنهن خاص مقصد لاءِ ماريندو هو يا...؟

پليجو صاحب: ان لاءِ ته ماڻهن کان معافي ونڻان.

نوراني: اجتماعي طرح هو اوهان جي ڪيريئر کي ناهڻ يا ڪنهن خاص مقصد لاءِ ته نہ ماريندو هو؟

پليجو صاحب: (جيتوڻيڪ) منهنجي ڏاڏي جو خيال هو ته هيءُ پڙهي مولوي ۽ وڏو عالم ٿيندو، ۽ بابا جو وري خيال هو ته هيءُ آءِ سي ايس ٿئي. ته بابا اها جيڪا مار ڏيندو هو، سا مون کي آءِ سي ايس بنائڻ لاءِ نہ، پر رڳو منهنجي ضد جي ڪري ماريندو هو. بابا منهنجي پڙهڻ کان مطمئن هو، پاڻ چوندو هو ته، "سڄي رات ٿو پڙهين! انڊو ٿي ويندين." پر بابا پورالو ماڻهو هو. ڪڏهن پور آيس ته امان کي مار ڪيي ڇڏيائين! ڪڏهن خيال آيس ته مون کي ڏڪ هٽي ڪييائين! باقي پنهنجي وڏي پاءُ ۽ ڏاڏا کان ڊڄندو هو، پر جيئن ٻڌايم ته مون ۾ ضد جي عادت هئي، جتي به سمجهيم ته ڪا بي واجبي ڳالهہ ٿي آهي ته مقابلو ڪندو هوس. سامهون کڻي ڪيڏو به وڏو ۽ طاقتور ماڻهو ڇو نہ هجي! پر وڙهبو! بهرحال، اوهان کي اڳهارو ٻڌايم ته امان کي ڪهاڻيون پڙهي ٻڌائيندو هوس، جنهن جو مون کي ڏاڍو داد ملندو هو ۽ آئون وري ڏاڍو خوش ٿيندو هوس. ڪهاڻيون ٻڌائڻ جي ڪري مون ۾ پڙهڻ، سمجهائڻ ۽ ماڻهن کي قائل ڪرڻ جي عادت ننڍي هوندي کان ئي پيدا ٿي پئي. ان وچ ۾ جاسوسي ڪتاب پڙهياسون. چيم ته جاسوس ٿو ٿيان، بليڪ جاسوس! شرلاڪ هومز وغيره. پستول ٻستول ڪنيوسون پر مزو ڪونہ آيو. پوءِ چيوسون ته چور ٿا ٿيون، آرسين لوپن وغيره. پوءِ چور بنجڻ جي پريڪٽس ڪئيسون. دوستن سان ملي چورن جو ٽولو ناهيم. اسان جي اها اسڪيم ڪامياب وئي.

نوراني: اوهان چوريون ڪيون؟

پليجو صاحب: ها، ڪيونسون. آئون ڏاڍو ڪتاب چور هوس. اسان جو جيڪو

استاد هو، اهو وڏو ماهر چور هو، پر هو مون کي بہ مڃيندو هو. ڪيئن اٽڪل سان ڪيسي مان پئسا ڪڍي ونجن! بس جيئن ڪتابن ۾ لکيل هوندو هو، آئون اونئن ئي عمل ڪندو هوس.

نوراني: تالا ٻالا بہ ڪڏهن ٻڌو؟ پٽيون ٻٽيون ڪڏهن ٽٻيَـؤ؟

پليجو صاحب: ها، تالا ٻالا ٻڌاسين، پٽيون بہ ٽٻيونسين. هڪ دفعو امان جي ڌهري چورائي استاد کي ڏنم، پر منهنجو استاد جهلجي پيو. پوءِ اها ڌهري هن موٽائي ڏني.

نوراني: اوهان کي چوريون ڪرڻ جو شوق هو يا اوهان کي مهم جوئي پسند هئي؟

پليجو صاحب: (نهايت ئي معصوميت مان) بس ڪتابن ۾ جيئن لکيو پيو آهي، تيئن ڪرڻ گهرجي! اهائي سوچ هوندي هئي، يعني آزمائي ڏسڻ. مثال طور: ڪتاب ۾ لکيو پيو آهي تہ صابڻ ناهڻ گهرجي. تہ صابڻ ناهي ڏسجي! ڪتاب چوي ٿو تہ وڇون ڪيئن پالڻ گهرجن؟ تہ وڇون پالجن! بس ڪجهہ ڪجي. معاشرو ايڏو گندو ۽ ردي هو جو ڪا شيءِ ڪانہ ٽيندي هئي. بس (دل چاهيندي هئي تہ) اهڙو ڪم ڪجي جو نئون هجي، نئين ڳالهہ ڪجي، ڪا شيءِ ناهجي، سو پوءِ چوري ڪئيسون ۽ هڪڙي موٽر سائيڪل چورائيسون. ان کي ڪڪ هنئيسون پر اها هلي ڪانہ! مون سمجهيو هو تہ سائيڪل وانگر هلندي. اها استارٽ جو نہ ٿي تہ ان کي ڪنيوسون، ڌڪيندا ۽ گهِليندا هلياسون، سڃي رات هلياسون. (مزي ۾ اچي) اسان جون ٽنگون ٻنگون مڙي ويون! وڏو ويل پلينڊ آپريشن (چگيءَ طرح سوچيل سمجهيل منصوبو) هو! بس جيئن ڪتابن ۾ لکيل هو، تيئن پئي ڪيوسون، پر اهو ڌنڌو ڪونہ هليو. پوءِ وري آئون ۽ منهنجو هڪ دوست گڏجي حيدرآباد وياسون تہ اتي وڃي چوري ڪنداسون، ڪيسا ڪترينداسون، رهنداسين وري حيدرآباد اسٽيشن جي پليٽ فارم تي!" (مزاحيہ انداز ۾) ڇاڪاڻ جو ڪتابن ۾ ائين لکيل هو نہ! ڪتابن ۾ چور ائين ئي ڪندا هئا. سوچيو هيوسين تہ گهٽا ڏينهن ائين نڪري ويندا، پر مون کي وري شوق هو ڪتابن جو. جاسوسي ۽ ڊيپلائيءَ جا ڪتاب ورتاسون، سيئي پئسا ڪتابن (خريد ڪرڻ) ۾ ختم ٿي ويا، چوري بہ ڪانہ ٿي سگهي، ماڻهو اصل سمهن ئي نہ! اسان سوچيو هو تہ ماڻهو شريف آهن، ضرور سمهندا، پر ماڻهو ويٺا آهن، هڪڙي جي اک لڳي تہ ٻيو وينو آهي! ٻہ- ٽي راتيون اسان هلياسين، پر ماڻهو سمهن ئي نہ! اسين ڏاڍا قابل! ڪتابن ۾ جيڪي قانون لکيل هئا، سي سيئي هلاياسون، پر ماڻهو اصل سمهن ئي نہ! نيٺ اسان جا مائٽ پهچي ويا ۽ اسان کي پکڙي وٺي ويا.

اتان بنا ٽڪيٽ گاڏيءَ ۾ چڙهي پياسين. گاڏيءَ ۾ هڪ انگريز وينو هو. ان سان مون انگريزيءَ ۾ ڳالهايو. (حالانڪ) مون کي انگريزي ڳالهائڻ ڪانہ ايندي هئي. بس ٿوري گهڻي غلط انگريزي ايندي هئي، سو ان انگريز سان انگريزيءَ ۾ بحث ٿي پيو. مون ڪتابن ۾ انگريزن جي باري ۾ پڙهيو هو. چيم، "اوهين غاصب آهيو. You are

.bad people (اوهين ڪنا ماڻهو آهيو.) بس جيڪا بہ انگريزي مون کي (ان زماني ۾) ايندي هئي استعمال ڪيم. بحث بحث ڪري هيٺ لٽاسين، تيسين تي- ٽيءَ اچي پڪڑيو، پر تي- ٽيءَ کان گمهي ڏئي، مڙئي پڄي وياسون. اسان کي مائٽن گهر ۾ بند ڪري ڇڏيو، پر اتان بہ پڄي نڪتاسون، پر پڪڑجي پياسون. آخر وڏو گوڙ ٽي ڀيو. امان مون کي ڏهہ روپيا ڏئي چيو تہ، "تون هيءُ ڳوٺ خالي ڪري وڃ، نہ تہ ماڻهو توکي ماري ڇڏيندا. هتي سڀ ماڻهو تنهنجي خلاف آهن." ڏهہ روپيا کڻي آئون دنيا ۾ نڪري پيس. هاڻ وڃان ڪيڏانهن؟ ٻڌوسون تہ ٽنڊي باگي ۾ ڪو اسڪول آهي، اتي پڙهي سگهجي ٿو. سوچيوسون تہ چور ٽيون. مطلب تہ اهو اچي خيال ٽيو تہ ڏنڊو ڪهڙو اختيار ڪجي؟ منهنجي عمر ان وقت 13 سال ڪن مس هئي. هاڻ آئون ان وقت ڪهڙي ڏنڊي ۾ وڃان؟ سوچيم، پڙهان! مولوي ٽيان! ڇا ٽيان؟ امان بس ڏهہ روپيا ڏئي چيو هو تہ، "هاڻ تون وڃ، جيڏانهن وٽئي وڃ! تون ڄاڻين تنهنجو ڪم ڄاڻي!" هاڻ ڇا ڪريان؟ سڄي دنيا ۾ اڪيلو! نہ خبر نہ چار! پوءِ خيال آيو تہ ڊاڪٽر دائوديوتي کي آزمائجي، جنهن جي باري ۾ ٻڌو هيوسون تہ پاڻ بہ غريب آهي ۽ غريبن تي ڏاڍي مهرباني ٿو ڪري. پوءِ دوست سان گڏجي، ڏهہ روپيا کڻي ڪراچيءَ ۾ آيس، ڊاڪٽر دائوديوتي سان مليس. هن مون کان ڪجهہ سوال پڇيا ۽ ٽيسٽ ورتائين. قصو مختصر تہ هن مون کي اسڪالرشپ ڏني. هن مون کي ڪپڙن لاءِ بہ پئسا ونڊ لاءِ ڇيو، پر مون اهي ڪونہ ورتا، اسڪالرشپ جا پئسا ورتم. پوءِ گهر آيس. اسڪالرشپ جي خوشيءَ ۾ ٽڪيٽ ٻڪيٽ جا پئسا کپائي ڇڏياسون ۽ گاڏيءَ ۾ بنا ٽڪيٽ جي چڙهي پياسين، پر پوليس مون کي جهلي ورتو، پر ڊاهيجي اسٽيشن وٽ پڄي نڪتس. پوليس منهنجي پويان پويان، آئون اڳيان! پوءِ الائي ڪيئن گهر پهتس! بهرحال، بعد ۾ مدرسي ۾ پڙهيس، انگريزيءَ جي چوٽين درجي ۾ داخل ٽيس، امتحان ٽيو، رزلٽ نڪتي تہ آئون 44 نمبر آيس. فيل ٽيندي ٽيندي مس بچيس! مون ہن- ٽن ہين شاگردن سان ضد ڪيو هو تہ پهريون نمبر ايندس. بختيارپور جو هڪڙو چوڪرو، محمد اعظم هوندو هو، تنهن سان بہ شرط رکيو هوم ۽ آيس وري 44 نمبر! چيائين، "اڄان بہ ضد آهي؟" چيم، "آهي!" پچيائين، "اڄان بہ پهريون نمبر ايندين؟" چيم، "ايندس!" چيائين، "سيني کان هوشيار آهين؟" چيم، "ها، سيني کان هوشيار آهيان!" چيائين، "نيڪ آهي، مقابلو ٽيندو." ٻئي سال امتحان ٽيو. آئون سيني ۾ پهريون نمبر آيس. مدرسي جا سيئي رڪارڊ مون توڙي ڇڏيا! سيني سبجيڪٽن ۾ پهريون نمبر آيس. سيني ہولين، عربي ۽ سنڌي وغيره ۾ پهريون نمبر آيس تہ جاگرافي، ارٿميٽڪ ۽ آلجبرا ۾ بہ پهريون نمبر آيس. اعظم کي وڃي چيم، "سلام عليڪم!" هن (شڪست خورده لهجي ۾) چيو، "وعليڪم سلام." پهريون نمبر اچڻ تي مون کي محمد ابراهيم جويو صاحب، جيڪو اسان جو استاد هو، مون کي ہانهن کان جهلي ٽيچرس روم ۾ وٺي ويو. مون کي چيائين، "تو سيئي رڪارڊ توڙي ڇڏيا آهن، تنهن

ڪري توڪي استادن جي ڪرسيءَ تي ويهاريون ٿا.“ هن ماسترن کي گڏ ڪيو، منهنجي لاءِ چانهه گهرايائين ۽ مون جيڪو انگريزيءَ ۾ مضمون لکيو هو، اهو سيني کي پڙهي ٻڌايائين. ان مضمون جو عنوان هو English Home (انگريزي گهر.) مون ان مضمون ۾ لکيو هو ته، ”انگريزن جا گهر ڏاڍا سٺا ٿيندا آهن، پر انهن جا گهر انهيءَ کري سٺا آهن جو اهي آزاد آهن. اسان جا گهر ان کري ڪنا آهن جو اسين غلام آهيون. اسين جڏهن آزاد ٿينداسين، تڏهن اسان جا گهر به اهڙا ئي سٺا هوندا.“ پوءِ لکيو هوم ته، ”آزاديءَ لاءِ قرباني کپي.“ آخر ۾ لکيو هوم ته ” The tree of liberty is watered by the blood of tyrants.“ (آزاديءَ جي وڻ جي آبياري جابرن جي رت سان ٿيندي آهي.) هن مون کي شاباس ڏني ۽ بعد ۾ مون کي انعام طور لائبريرين مقرر ڪيائين، جنهن جو ماهوار الائونس 5 روپيا هو. 5 روپيا آئون اڳيئي اسڪالرشپ کڻندو هوس، 5 روپيا گهران ملندا هئا، 5 روپيا اهي وڏي ويا، پوءِ ته آئون شاهوڪار ٿي ويس! لائبريريءَ ۾ اسلامي ڪتاب ۽ انگريزي ناول هوندا هئا، جيڪي ڪير پڙهڻ ئي ڪونه ايندو هو، پر مون اهي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيا. مطلب ته مون پنجين درجي کان انگريزي ناول پڙهڻ شروع ڪيا. پهريون ناول هو ائنٿوني ٽريلپ جو ”ٽري ڪلاڊس.“ رات جو دير تائين اهو ڪتاب پڙهندو رهيس. آڏيءَ رات تائين رڳو پهرين پئرا پڙهي هئم! سمجهه ۾ ڪجهه نه آيو! پر ضد ڪري پڙهندو رهيس، پوءِ وري اسلامي ڪتاب به پڙهڻ شروع ڪيم. مطلب ته لائبريريءَ جا سيئي ڪتاب پڙهي ڇڏيم.

نوراني: ڪهڙي لائبريري؟

پليجو صاحب: سنڌ مدرسي جي هاءِ اسڪول واري لائبريري. مولانا سليمان ندويءَ جا ڪتاب پڙهيم. خود اسين فقهو مولوي عبدالرزاق وٽ پڙهندا هئاسين. آئون وري ٻنهي، سنين توڙي شيعن جي مسجدن ۾ نمازون پڙهندو هوس، ڇاڪاڻ جو منهنجو دوست شيعو هوندو هو، ان ڪري آئون هن جي ۽ هو منهنجي مسجد ۾ نماز پڙهندو هو. اسان کي تفسير وري مفتي صاحب داد پڙهائيندو هو. صبح جو تفسير پڙهندا هئاسين. جيڪي ديني ڏينهن هوندا هئا، انهن تي آئون تقريرون به ڪندو هوس. معراج شريف (جي موقعي) تي آئون تقرير به ڪندو هوس ته شعر به پڙهندو هوس. ان مهل مون تي گلاب ٻلاب جو عرق به ڇڙڪيندا هئا. ڪاليج جا شاگرد، استاد توڙي شهر جا ٻيا ماڻهو به منهنجون اهي تقريرون ٻڌڻ ايندا هئا، ڇاڪاڻ جو اهي اسلامي تقريرون هونديون هيون. تقريرن جي ڪري آئون ڇگو نالو ڪڍي ويس. اسڪول ۾ انگريزيءَ ۾ ڊبيٽون به ٿيندڙيون هيون. مون وري انگريزي ٻنگريزيءَ ۾ تقريرون ڪرڻ شروع ڪيون. پوءِ وري مسلم ليگ گارڊ جي پريڊ ٿي، آئون ان جو ميمبر ٿي ويس. ان زماني ۾ مون پهريون سياسي ڪتاب ”خون کي آنسو“ پڙهيو. ان ۾ لکيل هو ته هندوستان ۾ مسلمانن سان ظلم آهي. منهنجو هڪ پنجابي دوست فضل الرحمان هوندو هو، جيڪو مون کي اقبال جا شعر ٻڌائيندو هو، پوءِ وري اقبال

کي پڑهيم تہ معلوم ٿيو تہ اسين هندوستان جا مسلمان آهيون.

عبدالرحمان نقاش: اهو ڪتاب ڪنهن لکيو هو؟

پليجو صاحب: الائي ڪنهن لکيو هو! هندوستان جو ڪو ليکڪ هو. پوءِ اهي ڪتاب پڙهياسون تہ خبر پئي تہ مسلم ليگ بہ آهي، بس پوءِ مسلم ليگي ٿي وياسين ۽ وري ايترو مسلم ليگي ٿي وياسين جو ماڳهين اسان چار ڇٽا پاڪستاني مجاهد ٻڌجي وياسين!

نوراني: اهي چار ڇٽا ڪير هئا؟

پليجو صاحب: آئون، دڙي وارو ڊاڪٽر حسين بخش، فضل الرحمان ۽ محمد اعظم قريشي. اسين چارئي ڇٽا پاڪستاني مجاهد ٻڌجي وياسين. ان وچ ۾ بہ واقعا ٿيا. هڪڙو تہ جويي صاحب کي خارج ڪري ڇڏيائون، اهو چئي تہ هيءُ ڪافر آهي.

نوراني: جويو صاحب!؟

پليجو صاحب: محمد ابراهيم جويو صاحب! هن کي ان الزام تحت خارج ڪري ڇڏيائون تہ هيءُ مسلمان نہ آهي. هو اسان کي پڙهائيندو هو. آئون بہ سندس خلاف هوس. مون هن کان پڇيو هو تہ، "روزا نہ ٿو رکين؟" چيائين، "نہ!" پڇيومانس تہ، "توهان مسلمان نہ آهيو؟" چيائين، "آئون مسلمان ناهيان." ان ڪري اسان سيني شاگردن فيصلو ڪيو تہ جيئن تہ هيءُ نماز نٿو پڙهي ۽ روزا نٿو رکي، ان ڪري هن ماستر کي تنگ ڪبو. اسين تہ سڀ نمازون پڙهندا هئاسين، اسان جي ان ڏس ۾ حاضري بہ لڳندي هئي. اسين کيس تنگ ڪرڻ لڳاسون. هو انگريزي ڏاڍي سٺي پڙهائيندو هو.

نوراني: رڳو انگريزيءَ وارو سبجيڪٽ پڙهائيندو هو يا ٻيو ڪو مضمون بہ پڙهائيندو هو؟

پليجو صاحب: فقط انگريزي پڙهائيندو هو ۽ زبردست انگريزي پڙهائيندو هو. بيت ڏاڍا زبردست ٻڌائيندو هو... سو هن کي تنگ ڪندا هئاسون، پر هو تنگ ڪونہ ٿيندو هو! بهرحال، هن کي ان الزام تحت اسڪول مان ڪڍي ڇڏيائون تہ هيءُ ڪافر آهي. پر اسان کان اهو برداشت نہ ٿيو تہ اسان جي استاد کي ڪير ائين اسڪول مان خارج ڪري ڇڏي. پوءِ مدرسي جي تاريخ ۾ پهريون پيرو استرائيڪ ٿي. مون وڃي گهنڊ وڄايو. چيائون، "مدرسو اسلامي آهي، ان ڪري ان ۾ استرائيڪ ڪانہ ٿيندي. مسلمان ڏڙو ڪونہ ڪندا آهن، رڳو تعليم حاصل ڪندا آهن." مون چيو، "ٺيڪ آهي، پر جويي صاحب کي اسين موٽائينداسون." نيٺ جويي صاحب کي واپس آندو ويو. بس پوءِ تہ اسين بادشاهہ ٿي وياسون! پڙهندا ڪونہ هئاسون، رڳو استرائيڪون ڪندا هئاسون.

نقاش: اوهان اڳهارو چيو پئي تہ بہ اهم واقعا ٿيا هئا. ٻيو ڪهڙو اهم واقعو ٿيو هو؟

پليجو صاحب: ها! آخري سال ۾ پئي پڙهيوسين تہ هڪ وڏو ٽڪاءُ ٿيو، وري ٻيو

نڪاءُ ٿيو. وڏو ڏماڪو ٿيو. آئون ان زماني ۾ ٿوري ٿوري اخبار پڙهندو هوس. مون سوچيو، "الائي ڇا ٿيو؟" خبر نہ پئجي سگهي، پوءِ مون کي اوچتو ڪو خيال آيو ۽ ڊوڙي وڃي گهنڊ وڄايم. ڇوڪرا ٻاهر نڪري آيا. گيٽ تي وياسون. ڏسون تہ گاڏيون پيون وڃن، انهن ۾ هڪڙا ماڻهو وينل آهن، جن جي مٿي تي پٽيون ٻڌل آهن. پٽين جو رنگ ڳاڙهو هو. جهڙو رت هاڻو! هو نعرا هڻندا پيا وڃن تہ، "هندوستان زنده باد، آزادي زنده باد." اسين بروبر سمجهي وياسون تہ هي بحري فوج جا باغي سپاهي آهن. اسان اڳ ۾ ئي پڙهيو هو تہ هندستان جا بحري جهاز ايندا، سي اچي انهن باغي بحري فوجين جي جهازن تي حملو ڪندا. سو اسان سمجهي وياسين تہ هي بحري جهازن جا باغي سپاهي آهن، جن کي انهن بحري جهازن وارن ماريو آهي. اهي سپاهي گرفتار هئا. انهن کي اسان جي مدرسي جي گيٽ جي سامهون ٽرڪون ڪٽي پئي ويون.

نقاش: اها هوءَ مشهور جهازن واري بغاوت هئي؟

پليجو صاحب: (بلڪل) اها. اسان سيني شاگردن کي ٻاهر ڪڍيو، چيوسين، "اسين مارچ ڪنداسون." آئون ڏڪيس پئي! سلوار ۾ منهنجون ٽنگون پئي ڏڪيون! پر چيوسين تہ پوئتي هنڌو ناهي، مسلمان آهيون. اسان جو اسلامي جوش حد کان وڌيڪ ۽ سخت هو. بس سوچيوسون تہ غازي ٿيڻو آهي، غازي مصطفيٰ ڪمال پاشا! انور پاشا! بس اهي ڏيپلائيءَ جا ڪتاب پڙهيا هئاسون. اقبال جا ترانا ٻرانا سپ ياد هئا. سوچيوسون تہ بس سر ڏيڻو آهي. پوءِ ٻاهر نڪتاسون. اسڪول جا شاگرد بہ اسان سان گڏ نڪتا. سڪ ريجمينٽ جا ڪي فوجي اسان کي ڦري آيا. اسان ڏڪياسون پئي! اسان اڳ ۾ سپاهي ڪونہ ڏٺو هو، سو بہ اهڙي حالت ۾ جو ان جي هٿ ۾ مشين گن هجي! آئون تہ ننڍي هوندي ئي پوليس وارو ڏسي ڏڪندو هوس. هڪڙي سپاهيءَ اسان کان پڇيو تہ، "ڪير آهيو؟" چيوسين، "اسين شاگرد آهيون ۽ آزادي چاهيون ٿا." تقرير بہ ڪئيسين. دل ۾ تہ ڏڪياسين پئي! سيني کان اڳ ۾ آئون هوس. خير، قصو مختصر، ان سپاهيءَ سان ڳالهايوسون. چيوسون تہ، "آرام باغ تائين ويندا سون، اتي تقرير ڪري موتي ويندا سون." پڇيائين تہ، "پٿر هڻندؤ؟" چيوسون، "نہ، پٿر ڪونہ هڻنداسون." چيائين، "شيشا ڀڃندؤ؟" چيوسون، "نہ، شيشا ڪونہ ڀڃنداسون." پڇيائين، "دڪان ڦرندؤ؟" چيوسون، "دڪان ڪونہ ڦرينداسون." چيائين، "انجام؟" چيوسون، "انجام!" چيائين، "هٿ ملايو." هٿ ملايوسين. چيائين، "هاڻ پلي وڃو." اسين نعرا هڻندا اڳتي وڌياسون. اين- جي- وي هاءِ اسڪول مان هندن جو جلوس پئي آيو، انهن جي اڳواڻي هڪڙي ڇوڪريءَ پئي ڪئي.

نوراني: ڇوڪريءَ!

پليجو صاحب: ها. ڇوڪريءَ پئي ڪئي. هندواڻي هئي. اسان سوچيو تہ شڪر آهي جو اسين پڇي ڪونہ وياسون. اسان مسلمان نمازي! جيڪڏهن اتان پڇي وڃون ها تہ هيءَ ڇوڪري تہ ضرور اڇي سهڙي ها ۽ اسان جو خانو ئي خراب ڪري

چڏي ها. ان واقعي کان اڳ ۾ هڪ ٻيو اهم واقعو ٿي چڪو هو. چار سال کن اڳ ۾ جڏهن آئون ٽيون درجو پڙهندو هوس تہ هڪ دفعو صبح جو اسيمبلي ٿيڻ مهل، هڪڙو حسين هندو ڇوڪرو اسيمبليءَ مان نڪري ٻاهر بيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو، "ريڊيو تي خبر آئي آهي تہ اڄ صبح جو چئين بجي اسان جي دوست، اسان جي ساٿي هيمون ڪالاڻيءَ کي سکر جيل ۾ ڦاهي ڏني وئي آهي، ان ڪري اسيمبلي ڪانہ ٿيندي ۽ مظاهرو ٿيندو." مون دوستن کي چيو تہ، "هيءُ انگريزن خلاف وڙهي رهيو آهي. اسان کي هن جو ساٿ ڏيڻ گهرجي." دوستن چيو، "پاڻ مسلمان آهيون، پاڻ کي انگريزن سان نہ، پر هندن سان وڙهڻو آهي." مون چيو تہ، "هندن کي تہ ماڻهو پاڙيا چوندا آهن. پاڙيا انگريزن سان وڙهن پيا ۽ پاڻ مسلمان غازي مات ڪريو وينا آهيون!" چيائون تہ، "اهي ڪافر آهن، اهي پلي پيا وڙهن." اهي ڇوڪرا جيڪي مون سان گڏ آيا هئا، سي هليا ويا پر آئون اتي ئي بينو هوس. مون کي اهو خيال آيو تہ آئون تہ مسلمان آهيان ۽ مسلمانن سان گڏ آهيان. (منهنجو هندن ۾ ڇا وڃي!) پر ساڻئي وقت مون کي اهو بہ خيال آيو تہ اهي هندو انگريزن سان هندوستان جي آزاديءَ لاءِ وڙهن پيا. اها ڳالهہ ذهن ۾ آيم تہ آئون انهيءَ جلوس جي پويان پويان هلڻ لڳس، جنهن جي اڳواڻي هڪ هندواڻيءَ پئي ڪئي، پر انهن سان مليس ڪونہ، پويان پويان پئي ويس. جلوس جڏهن شهر مان پئي ويو تہ آئون پريان هڪ دڪان تي ويهي رهيس. اتي ئي پوليس جلوس تي لٺ بازي ڪئي. جلوس ۾ جيڪي ڇوڪريون هيون، انهن تي بہ لٺ بازي ٿي. انهن جو رت وهڻ لڳو ۽ اهي پٺ تي ڪِري پيون. شهر جا ڪي غنڊا، جيڪي مسلمان هئا، انهن بہ ڪين ماريو! اهو لڦاءُ ڏسي، مون کي خيال آيو تہ مسلمان پلي ٻهادر ۽ سڻا هجن پر اهي ڪميڻا ۽ ذليل بہ ٿي سگهن ٿا. اهڙو واقعو ڏسي چپ ڪري ويهي ٿا رهن ۽ مٽان وري غنڊا بہ ڇوڪرين کي پيا مارين! اهو واقعو منهنجي ذهن ۾ اڳي ئي هو، ان ڪري اسين پوئتي ڪونہ هتياسين. بهرحال، مئٽرڪ پاس ڪيم. ان دور ۾ هڪ ماڻهو مون کي گڏيو، جنهن چيو تہ مودودي ڏاڍا سڻا ڪتاب ٿو لکي. اهو ٻڌي مودوديءَ جا ڪتاب پڙهيم. وري هڪڙي چيو تہ قادياني تمام سڻا ڪتاب ٿا لکن. وري لڳي ويس قاديانين جي ڪتابن کي. هڪڙو ڇوڪرو صلاح الدين منهنجي هاسٽل جي سامهون رهندو هو. ساڻئي هنڊ چانهہ بہ پيئندا هئاسين. هن وري مون کي نيون ۽ ابتيون سبتيون ڳالهيون ٻڌايون ۽ مون کان ڪئين سوال پڇيائين. مون هن کي قرآن ۽ حديث مان جواب ۽ حوالا ڏنا. هن وري ٻيا ڏڏا ناهيا! وڏو بحث ٿيو. نيٺ هن مون کي سوشلزم جي باري ۾ ڪتاب ڏنا. سوشلزم جي باري ۾ گهٽي خبر هن کي بہ ڪانہ هئي! پر پوءِ ڪئين ڪتاب پڙهياسين. ان زماني ۾ هڪ ترقي پسند مزدور ليڊر نبي احمد گڏيو....

نقاش: نبي احمد، ٽريڊ يونينسٽ ؟

پليجو صاحب: ها، اهو ساڻيو نبي احمد. هندوستان مان مهاجر ٿي منهنجي

ڳوٺ ۾ آيو هو. نهايت ئي خسته، بچڙي ۽ خراب حالت ۾ هو. هن ڏاڍي ڏکي زندگي پئي گذاري. منهنجو اتفاق سان ڳوٺ ۾ ڪنهن ميجر سان بحث ٿي پيو. منهنجو چوڻ هو ته بادشاهه حرامي آهن. هن چيو ته بادشاهن کي حرامي چئي، تون سڏو سنئون وينو اسلام جي بي عزتي ڪرين! بحث ايترو وڌيو جو هو خنجر کڻي ماڳهين مون کي مارڻ ٿي آيو. نبي احمد، جيڪو اتي موجود هو ۽ اسان جو بحث پئي ٻڌائين، سو اڳتي وڌي آيو ۽ ميجر کي کڻي جهليائين. نبي احمد، ميجر کي چيو ته، "هن کي ڇو ٿو مارين؟ هي صحيح ٿو چوي. بادشاهه واقعي حرامي آهن. آئون حيدرآباد دکن مان پيو اچان. دکن جا بادشاهه به حرامي آهن." بس هو ميجر کي بحث ۾ وکوڙي ويو. بعد ۾ نبي احمد ڪراچيءَ ۾ آيو. هن سان منهنجون ملاقاتون ٿيندیون هيون ته هو مون کي اردوءَ جا ڏاڍا شعر ٻڌائيندو هو. هن مخدوم محي الدين جا انقلابي نغما، گيت ۽ سردار جعفري ۽ ڪيفي اعظمي جا شعر ٻڌايا، جيڪي مون کي ڏاڍا سٺا ۽ فرسٽ ڪلاس لڳا. مون ڏيپلائيءَ کي پڙهيو هو. ڏيپلائيءَ شاهه صاحب جي باري ۾ لکيو هو ته، "شاهه جا شعر ماڻهن کي سستي ٿا سيکارين. مثال طور: پائي منهن مونن ۾، غربت سين گذار، وغيره." آئون چاڪاڻ ته ڏيپلائيءَ کان متاثر هوس، ان ڪري چوندو هوس ته هيءُ (شاهه لطيف) بلڪل چٽ شاعر آهي، ان جو نالو به ونڻ نه گهرجي، اقبال ٺيڪ آهي.

پر نظريو (ان وقت) مون کي سمجهه ۾ ڪونه آيو. مارڪس پڙهيم، لينن پڙهيم، پر هڪڙو به اکر مون کي سمجهه ۾ ڪونه آيو. الائي چا لکيو پيو هو! باقي ناول مون کي مزو ڏيندا هئا، خاص ڪري منهنجو محبوب ليکڪ ايليا ايڪبرگ هوندو هو. پوءِ ته وري ڪانسٽيٽين فيليباب ۽ ٻيا پڙهيم. منهنجي ڪٽ سڄي ڪتابن سان ڀري پئي هوندي هئي. ماني (جڙ) آئون ڪائيندو ئي ڪونه هوس، رڳو ڪتاب ونڊندو هوس، تنهن جي ڪري مانيءَ جا پئسا ڪٽي پوندا هئا.

نوراني: عام طرح اوهان جي ڪتابن ۾ ٽيست مذهبي هئي چا؟

پليجو صاحب: نه. 1947ع کان پوءِ آئون مذهبي ڪتاب به پڙهندو هوس، تاريخ به پڙهندو هوس، مطلب ته هر قسم جا ڪتاب پڙهندو هوس. آئون اڃان تائين به مذهبي ڪتاب پڙهندو آهيان. هينئر به مون وٽ حضور جن جي سوانح عمري آهي. بهرحال، اهي ناول پڙهياسون. بعد ۾ انجمن ترقي پسند جي گڏجاڻين ۾ وڃڻ لڳس. اتي فيض احمد فيض ۽ ظهير ڪشميري به ايندا هئا، ممتاز حسن به ايندو هو ۽ تنقيدن ۾ حصو ونڊندو هو. آئون ٻن- ٽن نشستن ۾ ويس. هڪڙي ڏينهن مون پنهنجي طرفان تنقيد شروع ڪري ڏني. ڏکي، ڏکي، ڏکي نيٽ مون فيصلو ڪيو ته آئون به ڪجهه ڳالهايان. روز پاڻ تي لعنت ملامت ڪندو هوس (ته ڳالهايان ڇو نٿو!) بس پوءِ نيٽ ڳالهايم. مقصد ڳالهائڻ ڪونه هو، پر اهو هو ته ڪيئن به ڪري، هنن جهڙو ٿيان. هيءُ سڀ معتبر ٿيو وينا ڳالهائين ۽ آئون نه ڳالهايان! پوءِ (همٽ ڪري) ڳالهايم. فيض احمد فيض ۽ ٻيا به وينا هئا. اهي مون تي ڪليا ٻليا ڪونه، پر منهنجي

تنقيد جو جواب ڏنائون. اهڙيءَ طرح آئون تنقيد ڪرڻ لڳي ويس. پوءِ وري مينارام هاستل ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت ٺهي. اسين مينارام هاستل ۾ هوندا هئاسون. نورالدين سرڪي، ڊاڪٽر انور ۽ حفيظ شيخ به اتي هئا. اها اسان جي چنڊال چوڪڙي هوندي هئي. اتي اسان گڏ ٽيندا هئاسون. ان ئي زماني ۾ مون ايس ايم لا ڪاليج ۾ داخلا ورتي. اجان لا جي پهرئين ئي سال ۾ هوس ته حيدر بخش واري قمبر- شهداد ڪوٽ واري چوندڙ ٽي. اتي ذات وڏيرو، ذات هاري ۽ ورڪر اچي گڏ ٽيو. اسين جهنڊا کٽي ورڪ تي نڪرندا هئاسون، پيرين پيادا! نہ کاڏو نہ پيتو! الله الله، خير صلىٰ. هڪڙي دوست تنيي جي ماءُ هوندي هئي، جيڪا ويچاري اسان لاءِ ماني پچائيندي هئي. بس ديڳڙيءَ ۾ جيڪي آيو، وجهي ڇڏيندا هئاسون. پئسا ٻئسا اسان وٽ ڪونہ هوندا هئا، نہ ئي پاڙو ٻاڙو. ڪڏهن سکر وارو وڪيل شمس الدين شاهہ، وري ڪڏهن نور محمد پليجو ڏهہ- پندرهن روپيا ڏئي ڇڏيندا هئا. ڪجهہ هوندو هو ته کائيندا هئاسون، نہ ته بکيا ئي پيا هلندا هئاسون. (طنزيہ لهجي ۾) ڪڏهن ڪڏهن اسان جا ماٽهو پني ٻني ۾ ايندا هئا. اهڙيءَ ريت ورڪ پئي هلندي هئي. وڏيرن کي خوب گاريون ڏيندا هئاسون. پوءِ وري جڏهن هو پٽ خيرات ڪندا هئا ته اهو کائي ايندا هئاسون. (زيرِ لب مشڪندي) وڏيرا اسان کي ڏسي چوندا هئا ته، "اسان کي گاريون ڏئي ونو ته اوهان کي پٽ کارايون." پوءِ پٽ کائيندا هئاسون. بس پوءِ پيا هلندا هئاسون. سرخ جهنڊا هٿن ۾ هوندا هئا. ٽڪل هوندا هئاسون، پر ڏاڍو مزو ايندو هو. انهن ڏينهن ۾ ورڪ ڪرڻ مهل، اسان هيءُ ترانو ڳائيندا هئاسون. (پليجو صاحب نهايت ئي جوش ۽ جذبي سان، بلند آواز ۾ ترانو ٻڌائي ٿو)

یہ جنگ ہے، جنگِ آزادی،
ہم ہند کے رہنے والوں کی،
مظلوموں کی، محکوموں کی،
مجبوروں کی، دہقانوں کی،
وہ سرخ سویرا آتا ہے،
گلنار ترانا گاتا ہے،
آزادی کا، آزادی کا۔

(ڳالهہ جاري رکندي) اهو ترانو مون کي ايان تائين ياد آهي. خيرپور جو هڪ مهاجر چوڪرو اهو ترانو ڏاڍو سنو ڳائيندو هو. بس جوش هو، تقريرون هيون. قمبر جو هڪ باغ آهي، اتي قاضي فضل الله کي تقرير ڪرڻي هئي. اتي ڏاڍا گهٽا ماٽهو آيا ته ناچو ٻہ. ڪامريڊن چيو ته، "هيڏي وڏي جلوس کي منهن ڪير ڏيندو؟" نيٺ چيائون ته، "رسول بخش پليجو تقرير ڪندو." ڪامريڊن جي اسرار تي مون اٿي تقرير ڪئي. مون چيو ته، "جيڪي ناچو هجن، سي پلي هتي وينا هجن، باقي

جيڪي مڙس هجن، سي اسان سان هليا اچن." بس پوءِ تہ تماشو ٿي ويو! سيئي ماڻهو اسان سان گڏ هليا آيا، سڄو باغ خالي ٿي ويو. مون زبردست تقرير ڪئي. انهن ڏينهن ۾ وري تقريرن تي ماڻهو ڏاڍو اعتبار ڪندا هئا. (چٽريلي انداز ۾) چئون پيا تہ اليڪشن ٿي ويندي تہ سڄو نظام ئي بدلجي ويندو. ڪامريڊ جتوئي چونڊجي ايندو ۽ ڪامريڊ جڏهن هارين جي فائدي ۾ تقرير ڪندو تہ ٽڪاءُ جو ٿيندو تہ سپ وڏيرا ڪلٽي! قانون ئي ٻيو! نيون چونڊون ٿيندیون، اسين سيئي چونڊجي ايندا سين. بس سڄي ملڪ تي قبضو! حڪومت ئي پنهنجي!

نوراني: معاف ڪجو، ايان اوهان جي اوائلي دور بابت ڪجهہ سوال رهجي ويا آهن.

پليجو صاحب: جيءُ.

نوراني: توهان اسڪول وغيره جي زماني ۾ ڊبيٽن وغيره ۾ حصو ورتو؟

پليجو صاحب: ها، ونندو هوس.

نوراني: ڊرامن ۾؟

پليجو صاحب: ها، هڪ- ٻن ڊرامن ۾ حصو ورتم.

نوراني: اوهان کا ٽرافي وغيره کٽي؟

پليجو صاحب: ٽرافي وڏي شيءِ آهي، باقي انعام ٻنام ملندا هئا.

نقاش: راندين ۾ اوهان کي ڇا پسند هو؟

پليجو صاحب: اسپورٽس ۾ مون کي ڪرڪيٽ وٽندي هئي، پر مئچ ۾ اسڪور سڄي ڏينهن ۾ هڪ يا ٻہ رنسون ڪندو هوس. رڳو ٽِڪ ٽِڪ پيو ڪندو هوس. جڏهن اسان جي ٽيم هارائيندي هئي تہ مون کي ۽ منهنجي هڪ دوست عبدالواحد ميمڻ کي بيٽنگ لاءِ موڪليندا هئا. اسين ٻئي ڄڻا سڄو ڏينهن نہ تہ آئوٽ ٿيندا هئاسون، نہ ئي وري اسڪور ڪندا هئاسون، رڳو ٽِڪ ٽِڪ پئي ٿيندي هئي. (ٿورو مشڪندي) سڄي ڏينهن ۾ اسڪور ٻہ، ناٽ آئوٽ! ان ڪم لاءِ اسين هوندا هئاسين.

نقاش: انڈور گيمس؟

پليجو صاحب: پتا ٻتا ڪونہ ايندا هئا، باقي هو جيڪو ڊبو ٿيندو آهي...

نقاش: ڪيرم بورڊ؟

پليجو صاحب: ها، ڪيرم بورڊ کيڏندا هئاسون، پر اسان جي مدرسي ۾ انڈور گيمس ڪونہ هونديون هيون. فٽ بال وغيره بہ ڪندا هئاسون.

نقاش: شطرنج؟

پليجو صاحب: نہ، شطرنج نہ.

نوراني: اوهان ڪهڙن استادن ۽ پرنسيپالن کان متاثر ٿيؤ؟

پليجو صاحب: اسان جو هڪڙو پرنسيپال مسٽر غلام حسين سومرو هوندو هو، ٻيو ايس- ڪي پائيجي ۽ ٽيون مسٽر ٽامس هو. اهي ٽئي پرنسيپال زبردست هئا.

سيئي جدا جدا خوبين جا مالڪ هئا. مدرسي جا استاد بيپناهه خوبين جا مالڪ هوندا هئا. ايس- ڪي پائيجيءَ کان پوءِ آلجبرا ۽ رياضيات ختم هيون. ناصر حسين کان پوءِ گرامر ختم هئي. بااصول ماڻهو هو. مون امتحان ۾ 70 سيڪڙو مارڪون ڪنيون، فرسٽ ڪلاس ۾ آيس، پر جيڪڏهن هوم ورڪ ڪري نه ايندو هوس تہ پوين ٻئنچن تي بيهاري ڇڏيندو هو. بس پوءِ ٻينو هوندو هوس. چوندو هو تہ، "تو اڄ ڪم نہ ڪيو آهي. ڪالهہ پلي سئو سيڪڙو مارڪون ڪنيون هجنئي، ان سان منهنجو واسطو نہ آهي. تنهنجي ڪاپيءَ تي گرامر لکيل آهي يا نہ؟ اڄ ڪم نہ ڪيو اٿئي تہ ٻينو هج."

نوراني: اوهان جي ڪلاس ۾ پوزيشن ڪهڙي ايندي هئي؟

پليجو صاحب: آئون ڇهين ۾ فرسٽ آيو هوس. مئٽرڪ ۾ آئون ۽ هڪ ٻيو ڇوڪرو سڄي مدرسي ۾ پهريون نمبر آيا هئاسين. ان لحاظ کان سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر آيا هئاسين. ٻنهي جون مارڪون هڪ جيتريون هيون.

نوراني: ان زماني ۾ بمبئي يونيورسٽي امتحان وٺندي هئي؟

پليجو صاحب: ها، اسان جي فرسٽ ڊويزن آئي هئي. اسان جون مارڪون 80 سيڪڙو کان ٻہ مٿي هيون. مون عربيءَ ۾ 96 سيڪڙو مارڪون ڪنيون هيون ۽ ڪيترائي رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا هئم.

نوراني: اوهان جو من پسند سبجيڪٽ ڪهڙو هو؟

پليجو صاحب: منهنجو فيوَريٽ (پسنديده) سبجيڪٽ انگريزي هو.

فقير محمد لاشاري: اوهان مئٽمينٽڪس ۾ ڪيئن هُيَـؤ؟

پليجو صاحب: ڇهين درجي ۾ اُن ۾ ٻہ پهريون نمبر آيو هوس، پر وٺندي ڪانہ هئي.

نوراني: بنيادي طرح اوهان جو لاڙو سائنس ڏانهن هو يا آرٽس ڏانهن؟

پليجو صاحب: (منهنجو لاڙو) آرٽس ڏانهن هو. سائنس مون کي ڪونہ وٺندي هئي. ان ۾ ڪنهن زماني ۾ چٽ هوس، پر پڙهي هوشيار ٿي ويو هوس.

نوراني: تاريخ وٺندي هئي؟

پليجو صاحب: تاريخ منهنجو فيوَريٽ سبجيڪٽ آهي، پر ان زماني ۾ ڪونہ هئي، ڇو جو اسان وٽ تاريخ تي ڪتاب ڪونہ هئا، باقي سنڌي، عربي ۽ انگريزيءَ جا سبجيڪٽ مون کي وٺندا هئا. عربي ان ڪري وٺندي هئي جو قرآن شريف پڙهيل هوس. عربيءَ ۾ آئون پنهنجا مضمون، پنهنجون حديثون ۽ آيتون پيو لکندو هوس.

نوراني: اوهان جا ان زماني ۾ سڀا دوست ڪهڙا هئا؟

پليجو صاحب: اسين پنج مجاهد هئاسون: محمد اعظم قريشي بختيارپور جو، جيڪو پوءِ چريو ٿي پيو ۽ حسين بخش...

نوراني: ڇو چريو ٿي پيو؟

پليجو صاحب: ان زماني ۾ ئي جذباتي هو. پوءِ وري شادي ٻاديءَ جو ڪو مسئلو پيدا ٿي پيو. هو سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائيس چانسلر ڊاڪٽر صالح قريشي جو

ويجهو عزيز هو. پيو دوست هو حسين بخش، جيڪو دڙي ۾ ڊاڪٽر آهي. فضل الرحمان به منهنجو سنو دوست هو. تازو پنڊيءَ ۾ مليو هو. چوٽون دوست الله ڏنو شاهه هو. جيڪو هينئر وڪيل آهي. اهو منهنجو بهترين ۾ بهترين دوست هوندو هو ۽ ايجان تائين آهي. اسان جا ماستر به بهترين هوندا هئا، تن ۾ ابراهيم جويو صاحب به هوندو هو.

نوراني: جويي صاحب ۾ ڪهڙي خوبي هئي؟

پليجو صاحب: جويي صاحب جي اها خوبي هئي ته هو قربائتو هوندو هو، انگريزي بهترين پڙهائيندو هو، آزاد خيال هو، ناراض ڪونه ٿيندو هو، شفقت سان پڙهائيندو هو. هن جو انسان ۾ چاهه هو. (رڳو) ڪتابن ۾ چاهه ڪونه هو. ماڻهوءَ کي ماڻهو سمجهي چاهه ڏيندو هو ۽ انسان ناهڻ جي ڪوشش ڪندو هو. هو سراسر شفقت، سراسر نيڪي ۽ سراسر علم هو. هن جي هوندي اهو احساس ٿيندو هو ته، "آئون به ڪو ماڻهو آهيان." اڄي اسين (جڏ ته) رول پارٽي هوندا هئاسين. نانگا، پير اگهاڙا، بکيا ۽ قميص به قاتل هوندي هئي. هن جي هوندي (جڏ ته) اسين پاڻ کي ماڻهو سمجهندا هئاسين.

نوراني: هن اوهان جي ڪڏهن مالي مدد به ڪئي؟

پليجو صاحب: نه، اهڙو ناتو ڪونه هو، باقي اسان کي گهر ونِي وڃي مضمون، ڪتاب ٻتاب پڙهائيندو هو. انگريزيءَ جي هڪ اخبار "ريڊيڪل" به پڙهي ٻڌائيندو هو.

نوراني: توهان کي مارڪسزم ڏانهن مائل ڪنهن ڪيو؟ ابراهيم جويي صاحب يا ڪنهن ٻئي؟

پليجو صاحب: جويي صاحب اسان جي ذهن ۾ اهي خيال وڌا، پر مون اهي قبول ڪونه ڪيا. هو اهڙيون ڳالهيون ڪندو هو، پر ٿوريون. انسانيت وغيره جي ڳالهه ڪندو هو. مسلم ليگ جو مخالف هو. انهن ڏينهن ۾ هن هڪ ڪتاب لکيو هو "سيو سنڌ، سيو سب ڪانٽيننٽ." (Save Sindh, Save Subcontinent) (سنڌ بچايو، ننڍي کنڈ کي بچايو) پر ان جو اسان تي ڪو اثر ڪونه پيو، پر بهرحال، ڪجهه خبر پئي. پاڻ هن جي خلاف هئاسون. (پولپٽي سان) ڇو جو پاڻ پاڪستاني هئاسون نه! تنهن ڪري. انهن ڏينهن ۾ (سندس ڳالهين جو) اثر ڪونه ٿيو، پر اهو ضرور سمجهيوسون ته هيءُ ماڻهو سنو آهي. جويي صاحب جيڪي ڳالهيون ان زماني ۾ اسان سان ڪيون، انهن وري پوءِ وڃي اثر ڪيا. جڏهن ٻيون ڳالهيون سوچيونسون ته خبر پئي ته وڃ! جويو صاحب به اهي ڳالهيون ڪندو هو! سندس ڳالهيون شايد ائين ئي هيون، پر انهن ڏينهن ۾ جويو صاحب انقلابي خيالن ۾ ايم- اين راءِ جي خيالن جو ماڻهو هو. پوءِ جيڪي ڳالهيون مون ڪيون، سي ڪجهه مختلف هيون، پر وڏي ۾ وڏو اثر مون تي جيڪو پيو ۽ جيڪا منهنجي (خيالن ۽ نظرين جي) ٽرننگ پوائنٽ هئي، اهي جويي صاحب جا خيال ئي هئا، جن شروع ۾ ٻج ته پوکيو، پر سلا نه آيا. ٻيو صلاح الدين وڪيل هو، جنهن مون ۾ اهي ڳالهيون پيدا ڪيون ۽ ٿيون هو نبي احمد، جنهن شعر ۽

ادب جي حوالي سان مون ۾ اها تبديلي آندي. صلاح الدين فڪر جي حوالي سان تمام ظالماڻا سوال پڇندو هو. اسان جيڪا پنهنجي خيالي دنيا ناهيو وينا هئاسون، ان کي صلاح الدين پنهنجن سوالن، بلڪ ڪرشنگ (چيپاٽيندڙ) سوالن سان درهم برهم ڪري ڇڏيو. ان سان سوشلزم تي بحث ٿيا، پر هو پاڻ وري سوشلسٽ ٿيو ئي ڪونہ! وڪيل ئي رهجي ويو. اسان وري معاملي کي ٿورو وڌيڪ اڳتي هلايو.

لاشاري: ان جو مطلب اهو ٿيو تہ ترقي پسنديءَ تي پهچڻ کان اڳ ۾، توهان جا ننڍي هوندي کان وٺي جيڪي پريجوڊس (اڳ ۾ ذهن ۾ ويٺل گمان) هئا، اهي جامد نہ، بلڪ متحرڪ هئا، يعني هڪ کان ٻيو، ٻئي کان ٽيون (ٽيندو ويو) ؟

پليجو صاحب: ها.

لاشاري: تہ توهان جي ترقي پسنديءَ ۾ اينٽري (داخلا) لٽريچر جي ذريعي ٿي؟ توهان سياست ۾ پوءِ آيا؟

پليجو صاحب: اينٽري وايا لٽريچر (ادب جي ذريعي ابتدا) ڪانہ ٿي. صلاح الدين سان منهنجا جيڪي بحث ٿيا، سي ادبي ڪونہ هئا. هن کي ادب تي ڪجهہ بہ ڪونہ ايندو هو. هن خالص منطقي ۽ فڪري لحاظ سان ان نظام تي جرح ڪئي، جنهن تي اسان جي تعليم بڌل هئي. هن دنيا جي باري ۾ جيڪي مون پڙهيو هو ۽ منهنجا جيڪي عقيدا هئا، انهن تي هن (فڪري طرح) حملو ڪيو. چوندو هو تہ، "هنن سوالن جا جواب ڏي." تنهن ڪري، فڪري طرح مون کي سمجهائڻو پيو. ڏينهن جا ڏينهن اهي بحث هلندا هئا. مون کي ياد آهي تہ آئون روئندو هوس، جو انهن سوالن جا جواب مون وٽ ڪونہ هئا. هو تمام عجيب و غريب سوال پڇندو هو، جن جا جواب مون وٽ ڪونہ هوندا هئا. تنهن جي ڪري مسئلو پهرين فڪري هو، پوءِ وري ادب بدب پڙهيوسون.

لاشاري: هاڻ سنڌي ادب ۾ جيڪا منظم نموني سان ترقي پسندي آئي آهي، اها سنڌي ادبي سنگت واري عرصي ۾ آئي آهي، ان کان اڳ ۾ آئي آهي يا پوءِ آئي آهي؟ ان سڄي عرصي کي اوهان سهيڙڻ چاهيو تہ ڪيئن سهيڙيندؤ؟

پليجو صاحب: اهو مينارام هاسٽل وارو دور هو، جنهن ۾ شروعاتي اديب پيدا ٿيا. ان کان اڳ ۾ ڪوبہ (سنڌي) ترقي پسند اديب ڪونہ هو. ان دور کان پوءِ ئي مينارام هاسٽل ۾ سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وڌو ويو. ان کان اڳ ۾ سنڌي ادب، ترقي پسند ڪونہ هو.

نوراني: ترقي پسنديءَ جو بنياد ڪنهن وڌو؟

پليجو صاحب: گهٽائي ماڻهو هئا. تنوير عباسي هو، شمشيرالحيدري هو، ٻيا بہ گهٽئي هئا. آئون ڳوٺ ويل هوس. موٽي آيس تہ هيءُ اڳ ۾ ئي ڊڪليشن تي صحيح ڪيو وينا هئا. جتي ماني کائيندا هئاسون، اتي ئي ميٽنگ ٿي هئي.

نقاش: اها ورهاڱي کان اڳ جي ڳالهہ آهي يا پوءِ جي؟

پليجو صاحب: بس ورهاڱي کان ٿورو اڳ يا پوءِ جي ڳالهه آهي، هاڻ مون کي ياد ڪونهي.

نقاش: سنڌي ادبي سنگت جي جيڪا تاريخ ٻڌائي ٿي وڃي، ان مان ته ائين ٿو لڳي ته 1946ع ڌاري سنگت جو بنياد وڌو ويو هو.

پليجو صاحب: اهوئي سال هوندو، ڇو جو مون کي ياد آهي ته آئون هاسٽل ۾ ماني کائيندو هوس، ته ضرور ايجا پڙهندو ۽ هوندس. اپريل 1947ع ۾ مون (پڙهڻ) ڇڏيو. تنهن جي معنيٰ ته سنگت 1946ع ۾ ٺهي هوندي. 1946ع ۾ بغاوت ٿي هئي. ان ئي دور ۾ سنڌي ترقي پسنديءَ جو بنياد پئجي چڪو هو. اردوءَ ۾ ۽ پئجي چڪو هو.

نقاش: توهان جي سنڌيءَ ۾ پهرين طبع زاد ڪهاڻي ڪهڙي هئي؟

پليجو صاحب: پهرين ڪهاڻي 51-1950ع ۾ لکيم. مون اها پنج- ڇهه مهينا پئي لکي، پر اها شايع ڪونه ٿي. هوائي ڪهاڻي هئي، الائجي ڇا هئي! طوفان ميل ڪهاڻي هئي. وڏا وڏا ماڻهو، وڏا شخص ۽ وڏا قصا! پر پوءِ ڇڏي ڏنم.

نوراني: (نقاش ڏانهن نهاريندي) منهنجي خيال ۾ پهرين پليجي صاحب جي وڪالت ۽ صحافت واري دور جو حال ونون، پوءِ وري ادب تي ايندا سين. (نقاش ڪنڌ لوڏي راضپي جو اظهار ڪري ٿو.)

پليجو صاحب: پوءِ وڪالت پڙهيسون. ان وچ ۾ هڪڙي اخبار هوندي هئي "صداقت." قادر بخش نظاماڻي ان جو ايڊيٽر هو. نورالدين سرڪي به ان ۾ سب ايڊيٽر هو. آئون به ان ۾ سب ايڊيٽر هوندو هوس. صحافت اتان شروع ڪيم. تنهن کان پوءِ "نواءِ سنڌ" ۾ سب ايڊيٽر ٿيس. مولانا عبدالغفور سيتائي ايڊيٽر هو. تمام زبردست ايڊيٽر هوندو هو. پرسان "سنڌ آبزرور" جي آفيس هوندي هئي. علي محمد راشدي ان جو ايڊيٽر هوندو هو. وري آئون "نئين سنڌ" جو ايڊيٽر ٿي ويس، جنهن جو ايڊيٽر مشتاق هوندو هو، بعد ۾ آئون خود ايڊيٽر ٿي ويس.

نقاش: ڪهڙي اخبار جو؟

پليجو صاحب: "نئين سنڌ" جو. ان وچ ۾، مون وڪالت پاس ڪئي ۽ پوءِ ايڊيٽريءَ تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏيم.

نوراني: ايڊيٽوريل ته اوهان ايڊيٽر ٿيڻ کان پوءِ لکيا هوندا، پر هونئن اخبار ۾ اوهان کو مضمون ۽ ڪالم لکندا هئا يا بس ائين جنرل ڪم ڪندا هئا، جيئن عام صحافي ڪندا آهن؟

پليجو صاحب: "نواءِ سنڌ" ۾ آئون "چاچا چنيسر" جو ڪالم لکندو هوس. تنهن کان پوءِ مون به زبردست ڪالم لکڻ شروع ڪيا: هڪڙو "تعارف" ۽ ٻيو "پس منظر."

نقاش: اصلي نالي سان يا ڪنهن ٻئي نالي سان؟

پليجو صاحب: نه. اهي ڪالم ڪنهن نالي سان ڪونه لکبا هئا، بس انهن جا نالا اهي ئي هوندا هئا، يعني "چاچا چنيسر" وغيره. ميان افتخارالدين جي اخبار

هوندي هئي "امروز"، ان کان متاثر ٿي، مون اهي ڪالم پنهنجي مقصد ۽ مطلب مطابق لکيا. ممڪن آهي ته هاڻ شايد اهي ڪٿي ملي وڃن. آئون ڳالهين مان وري عوام جي مقصد ۽ ڪم واريون ڳالهيون ڪيندو هوس. هاڻ اخبار ته هئي ايوب کهڙي جي ۽ ممتاز دولتانہ وري هوندو هو ايوب کهڙي جو دوست. (چٽريلي انداز ۾) ايوب کهڙي کي چوندا هئا "قائدِ سنڌ" ۽ ممتاز دولتانہ کي "فخرِ پاڪستان"، بهرحال، ته مثال طور ممتاز دولتانہ صاحب تقرير ڪئي ته، "اسين پنهنجي سرحدن جي حفاظت ائين ڪنداسين، جيئن استالن گراڊ وارن پنهنجي ملڪ جي حفاظت ڪئي." آئون لکندو هوس ته، "فخرِ پاڪستان، جناب ممتاز دولتانہ استالن گراڊ جي ڳالهہ ڪئي آهي، تمام زبردست ڳالهہ آهي پر استالن گراڊ جي لڙائي هيئن ٿي هئي ۽ ان جو پس منظر هيئن هو. جنرل ٽراڪتس جي فوج هيئن وڙهي." يعني دولتانہ جي تقرير جي آڙ ۾، ڪجهہ ڪم جون ڳالهيون لکي ويندو هوس. اسان وٽ جيڪي ڪتاب ان زماني ۾ موجود هئا، اهي پڙهي، پوءِ انهن مان حوالا ڏيندو هوس، جيئن ماڻهن جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿئي. ڪتابن ڏسڻ وارو سسٽم، هتي مون ايجاد ڪيو، يعني تاريخ ۽ جاگرافيءَ وغيره تي لکندو هوس. وري مثال طور: ڪن ماڻهن کا ڳالهہ ڪٿي ڪٿي ته، "هيءُ معاملو جدلي آهي." ته پوءِ جدلي ماديت تي لکندو هوس ته جدلي ماديت جو مطلب اصل هيءُ آهي. رڳو جدلي ماديت تي مون چار ڪالم لکيا. وري جيڪڏهن ڪرشن چندر جو ناول اچي ويو ته (ان تي تبصرو ڪرڻ جي بهاني) لکي ويندو هوس ته، "ڪرشن چندر جي زندگيءَ جو احوال هيءُ آهي. فلاڻي هنڌ ۽ ڏينهن پيدا ٿيو ۽ سندس ڪتاب فلاڻا فلاڻا آهن." اهڙيءَ طرح، آئون کهڙي صاحب جي اخبار ۾ پنهنجون اهي ڪارستانيون ڪندو هوس. سيتائي صاحب درويش هوندو هو. ان جي اڳيان ڳالهائبو ڪونہ هو.

نوراني: مون اوهان جي ڳالهين ۽ لکڻين مان محسوس ڪيو آهي ته اوهان جو لاڙو گهڻو ڪري تنقيد ڏانهن رهيو آهي.

پليجو صاحب: پر انهن ڪالمن ۾ ته تنقيد ڪونہ هئي. اهو دنيا جي بنيادي احوال کي عام فهم ٻوليءَ ۾ بيان ڪرڻ (وارو ڪم) هو.

نقاش: توهان مولانا سيتائيءَ جي ڳالهہ پئي ڪئي؟

پليجو صاحب: سيتائي صاحب هڪڙو نهايت ڪرو ۽ ايماندار ماڻهو هوندو هو. اسين سيئي هن کان ڏڃندا هئاسين. هن جي ڪمري ۾ ڪونہ ويهندا هئاسون. (هن جو هڪڙو تڪيہ ڪلام هو) يعني هو اهو، اهو، اهو، پيو ڪندو هو. چالاڪ ٻالاڪ ماڻهو ڪونہ هو، درويش هو، يعني سنو، ڊڪٽيشن ڏيڻ جو هوشيار. پوءِ وري "نئين سنڌ" ۾ اچي، مون شايد سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون پيرو، روسي ڪهاڻيون ترجمو ڪيون. هڪڙي "متيءَ جي مڻ" اها شايع ڪانہ ٿي. ٻي "پويون ڏينهن" پورسي پاليواءَ جي ڪهاڻين جي مجموعي مان ڪنيم. ان ساڳئي ئي مصنف جي ناول جي ترجمي جو

نالو آهي "چراغ جلتا رها." پهرين کهاڻي، جيئن ٻڌايم ته شايع کانه ٿي، پر "پويون ڏينهن" وري هڪ ماڻهوءَ پنهنجي نالي تي شايع ڪرائي.

نقاش: پلا اوهان کي ياد اچي ٿو ته ڪهڙي مجموعي ۾ يا ڪٿي اهو ترجمو ڇپيو هو؟

پليجو صاحب: اهو ترجمو هڪڙي مجموعي ۾ ڇپيو هو. اهو سنڌي ادب جو پهريون مجموعو هو، بلڪل نئون. محمد قاسم نالي هڪڙو ماڻهو هو، تنهن "پرهه ڦٽي" جي نالي سان شايع ڪيو هو. ٻيو هڪڙو دوست هو، تنهن پنهنجي نالي ۾ منهنجو اهو ترجمو ڇپائي ڇڏيو. نالو ڪونه ٿا ونون، دوست ماڻهو هو. بهرحال، اهي ترجما ڪيم. ترجمن جو مون کي شوق هو. جيڪا شيءِ سٺي ڏسڻ ۾ ايندي هئي، ته پانئبو هو ته ترجمو ڪري، سنڌي ماڻهن اڳيان پيش ڪجي. قصو ڪوتاهه ته نيٺ صحافت ڇڏيم ۽ ڏٽي ۾ وڪالت وڃي ڪيم. سائين مولا ڏني عباسيءَ جو وڃي اسسٽنٽ ٿيس. 35 روپيا مهينو ملندا هئا. ٻه- ٽي مهينا منهنجو ڪم ڏسي، هن چيو، "تون 35 روپين ۾ مهانگو آهين." سو منهنجي پگهار 35 روپين مان گهٽائي ڪيائين 30 روپيا! مون 30 روپين تي ئي ڪم شروع ڪري ڏنو. هڪڙي ڏينهن مون کي ڪورٽ ۾ پنج- ڇهه فائيل ڏٺي، چئي ويو ته، "ڪيسن جو خيال رکجانءِ." ڪورٽ ۾ ڪيس هلندا رهيا. ڪورٽ جو وقت ختم ٿيو ۽ جج صاحب اٿڻ لڳو ته آئون اٿي بيٺس. چيم، "سائين منهنجا ڪيس؟" ڪورٽ سڳوريءَ چيو، "تون ڪير آهين؟" چيم، "رسول بخش پليجو آهيان." "ڪنهن جو جونيئر آهين؟" "سائين آئون عباسي صاحب جو جونيئر آهيان." جج صاحب فائيل ڏسي چيو، "سڌ ته ٿيو هو، پر نه ڪو وڪيل آيو، نه ئي ڪو ماڻهو! ان ڪري مون سڀ ڪيس ڏسمس ڪري ڇڏيا!" مون احتجاجاً چيو ته، "مون کي ته ڪنهن ٻڌايو ئي ڪونه!" "ٻڌائبو آهي ڇا! نالو ونبو آهي. ٽي دفعا وڏي واڪي سڌ ٿيندو آهي. سڌ جو جواب ڪونه مليو، ان ڪري ڪيس ڏسمس ڪري ڇڏيم." جج صاحب ورندي ڏني. ائين سڀ ڪيس ڏسمس ٿي ويا. سول ڪيس هئا ان ڪري منهنجي سينيئر کي پئسا پرٽا پئجي ويا. ان وچ ۾ وري آئون ڪلارڪ وڃي ٿيس. (ترنگ ۾ اچي) منهنجين نوڪرين جو وري هڪ وڏو داستان عظيم آهي. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ، نٽي ۾ هيڊ منشيءَ جو سرشتيدار ٿيس. (ٿورو مشڪندي) ڏاڍي سٺي پوسٽ هئي، چاڪاڻ جو وارنٽ ڪيڊ لاءِ پنج روپيا ملندا هئا. اها وڏي رشوت هئي! ان زماني ۾ وڏي شيءِ هئي! وارنٽ ڪيڊ جا پنج روپيا ته وارنٽ نه ڪيڊ جا ڏهه روپيا ملندا هئا. وڏو ڪم هو! هڪڙي ڏينهن وينو هوس ته پوليس وارا هڪڙي ماڻهوءَ کي جهلي آيا. هو وڏيون رڙيون ۽ دانهون ڪندو پئي آيو. ليلائي چيائين، "سائين مون کي صاحب وٽ وٺي هلو." وٺي ويس سائين ڏي. صاحب پڇيس، "اڙي ڇاهي؟ ڇا جو گوڙ ڪيو اٿئي؟" چيائين، "سائين مون سان سراسر ظلم ٿيو آهي." "ڪهڙو ظلم ٿيو آهي توسان؟" چيائين، "مون کي چيلهه ۾

رسو ڀڏو پيو آهي." صاحب چيو، "تو پڪ بدمعاشي ڪئي هوندي، تو تي ڪيس آهي." گرفتار ٿيل شخص چيو، "سائين، هن ڪورٽ ۾ آڻون فريادي ٿي آيو هوس. پوليس وري ابتو مون کي جهلي، چيلهه ۾رسو ڀڏي، ونڊي آئي آهي! مون ڀئي تي فرياد ڪيو هو، ڀڏجي ٻه وري آڻون آيو آهيان! اهو وري ڪهڙو قلم آهي؟" هيڊ منشيءَ ڪيس چيو، "تون بدمعاش آهين، حرامي آهين. تو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي، تنهن جي ڪري اسان توکي ڀڏو آهي." پوءِ وري مون کي سڏيائين. آهستي پڇيائين، "ڳالهه ڇا آهي؟ ڪاغذ ڪٽي اڇ." آڻون ڪاغذ ڪٽي آيس. مون کي چيائين، "ڏس ڇا آهي؟ هيءُ ماڻهو ڪيئن ڀڏجي آيو آهي؟" چيم، "سائين، توهان چيو هو ته وارنٽ ڪڍ." چيائين، "ڪٿي لکيل آهي؟ ڪاغذ ته ڪڍ!" ڪاغذ ڏنائين ته جوابدار واري ڪالم ۾ فرياديءَ جو ۾ فرياديءَ واري ڪالم ۾ وري جوابدار جو نالو لکيو پيو هو! مطلب ته مون ماڳهين جوابدار بدران فرياديءَ تي وارنٽ ڪڍي ڇڏيو هو! هيڊ منشيءَ مڇرجي مون کي چيو، "انڊا! هيءُ ته فرياديءَ وارو ڪالم آهي. الٽو فرياد ڀڏجي آيو آهي. هاڻ تون ٻه ڪائيندين ٽيپ ته آڻون ٻه!" پوءِ مڙئي فرياديءَ کي ڊهائي سڌائي، ڪنهن طرح سان ان مان جند ڇڏايائين ۾ مون کي چيائين، "خدا جي واسطي استعيفيٰ ڏي، هينئر جو هينئر، نه ته آڻون ٽيپ کائي ويندس." نيٺ اتان جند ڇڏايم. اهڙا واقعا مون سان سدائين ٽيندا رهندا هئا، يعني ماڻهو مون کي پيرن تي هٿ رکي، منٿون ڪري، نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيندا هئا. اڪثر ڪري چوندا هئا، "خدا جي واسطي، الله جي واسطي، بس هينئر جو هينئر اسان جي جند ڇڏ. يڪدم جان ڇڏ. اسين توکي ڪلاڪ ٻه برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون."

نقاش: (مطلب ته) نوڪري ڪرڻ جي معاملي ۾ اوهان بنهه ان فٽ (غير موزون) رهيا؟

پليجو صاحب: ان فٽ جي ڳالهه نه آهي. مون وڏا حادثا ڪيا. هڪ دفعو سنڌ ۾ ماسترن وڏي اسٽرائيڪ ڪئي، وڏا هنگاما ۾ فساد ٿيا. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد ۾ ٻيا اڳواڻ (انهن جي حمايت ۾ نڪري آيا)، راج گڏ ٿيا ۾ ڪاميٽيون ويٺيون. دين محمد ان زماني ۾ سنڌ جو گورنر هوندو هو. نيٺ ماسترن جون پگهارون وڌايون ويون. (ٻولي ٻالي شڪل ناهيندي) آڻون ان زماني ۾ تعليم ڪاتي ۾ هڪ گمنام ۾ يتيم ڊسپيچر هوس، جنهن کي ڪير سڃاڻيندو ٻه ڪونه هو! بس ائين ئي هڪڙو خفقاني هوندو هوس. هڪ ڏينهن آڻون پنهنجي ميز تي ويٺو هوس ته مون کي پٽيوالي اچي چيو ته، "تو کي اسسٽنٽ ٽو گهرائي." اتي ويس. چيائين، "تون ڪير آهين؟" مون چيو، "آڻون ڊسپيچر آهيان." "ڊسپيچر تون آهين؟" هن جڙ ته سهمي چيو، "وڃ، توکي سپرنٽينڊنٽ صاحب گهرايو آهي." ويس سپرنٽينڊنٽ ڏي، پڇيائين، "ڪير آهين؟" چيم، "سائين، ڪلارڪ آهيان." ٻين کان پڇيائين، "بابا، هن کي ڇو موڪليو اٿو؟" ڪنهن جواب ڏنس ته، "هي اهوئي ڊسپيچر اٿو." "هان!" هن

سڏو ٿي ويهندي دانهن ڪئي، "وڃ، جلدي وڃ، توکي اسسٽنٽ سيڪريٽري ٿو گهرائي." وٽي ويا اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ وٽ، جيڪو مرزا فرهاد بيگ هو ۽ مرزا قليچ بيگ جي خاندان مان هو. هن مون کان پڇيو، "ابا، خوش آهين؟ سڀ خير آهي؟" چيم، "سائين مهرباني. آئون نيڪ آهيان." "پلا خبر ڏيو، ڪيئن اچڻ ٿيو؟" هن پڇيو. مون چيو، "سائين، بس ائين ئي ملڻ آيو آهيان." مون کي وٽي اچڻ وارن کان پڇيائين، "ابا، هن کي ڪيئن وٽي آيا آهيو؟" چيائون، "هيءُ ڊسپيچر آهي." "ڊسپيچر تون آهين؟" هن هڪ رڙ ڪري پڇيو. "ها سائين، آئون ئي ڊسپيچر آهيان، پر آخر ڳالهه چا آهي؟" تڪڙ ۾ چيائين، "وڃ، وڃ، توکي اندر سيڪريٽريءَ سڏايو آهي." اندر سيڪريٽري مسٽر راهوجا هو، جيڪو مون کي ڏاڍو پائيندو هو. نوڪري ۾ ان ئي مون کي وٽي ڏني هئي. هن وٽ پهتس تہ مون کي ڏسي قرب مان پڇيائين، "ابا، خوش آهين؟ چگو ٻلو؟" پر اوڏيءَ مهل ٻئي شخص ٻڌايس تہ، "هيءُ ڊسپيچر آهي." اهو ٻڌڻ سان ئي جڙ تہ هن کي ڪرنٽ لڳي ويو. چيائين، "اڙي وٽي وڃوس سيڪريٽري صاحب ڏي." ان زماني ۾ سيد هاشم رضا، سيڪريٽري تعليم هو. مون کي ڪار ۾ هن ڏانهن وٽي ويا. هو ٻاتو هوندو هو، سندس زبان ۾ اٽڪ هئي. چيائونس، "هيءُ اٿو اهو ڊسپيچر." مون کي ڏسي اٽڪ جي ڪري ڳالهائي تہ نہ سگهيو، پر (پليجو صاحب ٻانهون مٿي ڪري، بيزاريءَ منجهان ٻنهي هٿن سان دفع ٿيڻ جهڙو اشارو ڪري ڏيکاري ٿو ۽ چوي ٿو) هيئن ڪندي، جڙ تہ چيائين تہ "جلدي وٽي وڃوس." وري مون کي ڪار ۾ ڪڍي، هڪڙي شاهي ايوان ۾ وٽي ويا. مون (حيرت مان) سوچيو تہ "هيءُ تہ گورنر هائوس آهي!" مون کي اندر گورنر صاحب وٽ وٽي ويا. چيائون، "هز ايڪسيلنسيءَ سان مل." گورنر صاحب کي سلام ڪيم. چيائين، "وعليڪم السلام، ڪير آهين؟" "سائين آئون تعليم کاتي جو ڊسپيچر آهيان." گورنر چرڪ پري چيو تہ، "You are the dispatcher?" (تون آهين ڊسپيچر؟) "Yes." (هائو.) مون چيو. چيائين، "ڇهہ مهينا ماسترن جي استرائيڪ هلي، ماستر اچي گڏ ٿيا. نيٺ وڏين مصيبتن کان پوءِ هڪ فيصلي تي پهتاسون ۽ مون هنن جي پگهار وڌائي، پر تو وري انهن جي پگهار گهٽائي ڇڏي!" مون چيو، "سائين، مون کي تہ خبر ئي ڪانهي!" استاف کي چيائين، "ڪاغذ ڪڍي اچو." "ڪاغذ آيا تہ مون کي ڪاغذ ڏيکاري پڇيائين، "هيءَ صحيح تنهنجي آهي؟" مون چيو، "ها سائين، منهنجي آهي." چيائين، "تو هيءُ چا لکيو آهي؟" مون جواب ڏنو تہ، "سائين، مون لکيو آهي تہ توهان جي پگهار وڌائجي ٿي." چيائين، "پڙهہ!" ان وقت اصل پگهار الائي گهٽي هئي، پر مون جيڪا پگهار داخل ڪئي هئي، اها اڳي کان ۾ گهٽ هئي. چيم، "الائي ڪيئن گهٽ ٿي وئي!" چيائين، "تو ڪونہ ڏنو؟" جواب ڏنم، "سائين! مون ڏنو تہ هو، پر الائي ڪيئن گهٽجي ويئي!" پنهنجي استاف کي چيائين، "ٻيو بنڊل ڪڍي اچو." ٻيو بنڊل ۾ اچي ويو. ڏٺم تہ اهو بنڊل تارن جو هو، جيڪي ماسترن ڪيون

هيون. چيائين، "پڙهه ته چا لکيو اٿن!" پڙهيم ته واقعي ماسترن لکيو هو ته، "اوهان ٽيل معاهدي جي ابتڙ پگهار وڌائڻ بدران ماڳهين گهٽائي ڇڏي آهي. اسين ٻيهر استرائيڪ تي ٽا ويون." مون کي اصل ۾ ٻيٽڻ مهل، الائي چا ٿيو، يا اک ترڪي ويئي، جو جيڪا پگهار اڳ ۾، مثال طور: 110 لکيل هئي، ته اها گهٽائي 90 روپيا ڪري ڇڏي. حڪومت جو جيڪو آرڊر هو، ان کي مون ٻيٽيندي، اهڙي غلطي ڪري ڇڏي جو پگهار وڌڻ بدران گهٽجي ويئي. بس سڄي سنڌ ۾ ڪهرام مچي ويو. گورنر مون کي چيو، "هينئر جو هينئر گهر هليو وڃ، نه ته توکي چالان ڪرائي، ٽيپ ڏياري ڇڏيندس." (اکين ئي اکين ۾ مشڪندي) ته اهڙا ڏنڊا ٽيندا رهندا هئا. الاهي نوڪريون ڪيم، هاءِ ڪورٽ ۾ ٽرانسليٽر رهيو هوس، پوليس کاتي ۾ ڪلارڪي ڪيم، انفارميشن ڊپارٽمينٽ ۾ جونيئر ٽرانسليٽر رهيو هوس. ريهبليٽيشن ڊپارٽمينٽ ۾ به نوڪري ڪيم. اتي حيدرآباد وارو شهواٽي هوندو هو. انهيءَ مون کي ڊسمس ڪري ڇڏيو. هن مون کي پيرن تي هٿ رکي چيو ته، "ٻيلي نڪر. خدا جي واسطي نڪر. اصل هينئر جو هينئر." اتي به مون وڏا وڏا ڪارناما ڪيا. مطلب ته جتي به نوڪري ڪندو هوس، ته اتان مون کي ڪڍي ڇڏيندا هئا. مون کي هرڪو چوندو هو ته، "تون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪجهه ڪونه ٽيندين." اسڪول جو هيڊ ماستر هوندو هو ٽامس، اهو چوندو هو ته، "تون قيامت تائين مئٽرڪ پاس نه ڪري سگهندين. تو جي مئٽرڪ پاس ڪئي ته مون جڙ هيڊ ماستري ڪونه ڪئي." بهرحال، پوءِ مون ايل ايل بي ڪئي. منهنجو سينيئر مولانا عباسي به چوندو هو ته، "زندگيءَ ۾ توکي گڏهه جو ڪيس به ڪونه ملندو." ڇو جو آئون پنهنجن خيالن ۾ گم وينو هوندو هوس نه! وينو وينو ڪيس ڊسمس ٿي ويندا هئا. هن منهنجي پگهار جڏهن 30 روپيا ڪئي، ته مون فيصلو ڪيو ته "هاڻ پنهنجي وڪالت ٿو ڪريان." وڪالت مون کي ايندي ڪانه هئي، غريب به ڏاڍو هوس، مون وٽ پئسا ڪونه هئا. ڪٽ رکي، ان تي پڙچ وڃائي ويهي رهيس. ميز مون وٽ ڪانه هئي، نه هئي ڪا ڪرسيءَ نه ڪو ڪتاب! بس هڪڙو ڪمروءِ اها ڪٽ!

نقاش: وڪالت ڪٿي شروع ڪيوَ؟

پليجو صاحب: نٽي ۾. پر مون وٽ ڪو ماڻهو ئي نه اچي! (حالانڪ) تختي مون لکائي ڇڏي هئي. ٻيو مون وٽ پائي نه ڏهي! هڪ ڏينهن ڪراچيءَ جي هڪڙي جوهريءَ نوٽيس ڏياري موڪليو ته، "تو هيترا ٻيرا اسان وٽ ماني کاڏي آهي، تو وٽ اسان جا 45 روپيا رهيل آهن. اهي ڏي، نه ته تو تي اسين ائڪشن ڪٺنداسون." نوٽيس ۾ لکيل هو:

"Take notice that unless you do that, legal action will be taken against you at your risk and costs."

"نوٽيس ڏجي ٿو ته جيڪڏهن تون ائين نه ڪندين ته تنهنجي خلاف تنهنجي

خرچ ۾ ڏميواريءَ تي قانوني چاره جوئي ڪئي ويندي." (اهو نوٽيس پڙهي) مون چيو، "واهه مولىٰ واهه!" هاڻ مون کي خبر پئي ته نوٽيس ڪيئن ڏبو آهي! پنج روپيا ونندو هوس ۾ نوٽيس ڪيندو هوس. سيني ماٺهن کي نوٽيس ڪيڻ شروع ڪري ڏنم. منهنجي گذر سفر جو ذريعو، اهي نوٽيس ٿي پيا. ائين مون وڪالت شروع ڪئي. هڪڙي پيري شهر مان پئي لنگهيس، ته هڪ فقيرياڻيءَ وڏي سين هٿي چيو ته، "ڙي بندا ڙي، ڏيئي وڃ نالي الله جي." پوءِ وري مون تي نظر پيس. چوڻ لڳي، "اوه! وڪيل صاحب آهين!" هن وٽ جيڪا به ريزگاري هئي، ميڙي منهنجي تريءَ تي ڪٽي رکيائين ۽ چيائين، "هي پئسا ڳڻي ڪڍ، ٻيا پئسا پني، پوءِ توکي آٽي ڏيان ٿي." جيڪي ماٺهو مون سان گڏ هئا، سي حيرت مان ڏسي رهيا هئا. مون الائي هن جو ڪڏهن پنجين يا ڏهين روپئي ۾ ڪيس ڪنيو هو! مون کي ياد نه هو، پر هن فقيرياڻيءَ کي ياد هو. مون سان ائين به ٿيندو هو.

نوراني: مطلب ته سول سائيڊ کان وڪالت شروع ڪيوَ؟

پليجو صاحب: ديواني وڪالت مون کي ايندي ڪانه هئي. مڙئي بک ۾ ڪٽي ڪيس ڪنيم. جيڪي به اچي سو ڪار! (منهنجي) وڪالت ٻڪالت گهٽ هئي، ادبي سنگت گهڻي هئي. اتي هڪ سول جج هوندو هو، حيدر شاهه. انهيءَ، مون ۾ ٻن- ٽن ڇٽن، ڏٽي ۾ ادبي سنگت ٺاهي. اها هلائيندا هئاسون. 1964ع ڌاري حيدرآباد ۾ آيس. اتي هاري ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ وڃڻ ٿيندو هو، ادبي نشستون به ٿيندیون رهنديون هيون. وري ميرپور خاص ۾ وڪالت ڪرڻ ويس، پر اتي هلي ڪانه. جڏهن هلڻ جهڙي ٿي، ته مون ڇڏي ڏني. پوءِ ڪراچيءَ ۾ نئين سر وڪالت سڪڻ آيس. وڪالت مون کي ڪانه ايندي هئي، ڪيس ٻيس ملندا رهندا هئا، پر قانون بابت مون کي خبر هئي، ته اهو مون کي اچي ڪونه ٿو. تنهن جي ڪري، مون نئين سر خالد اسحاق وٽ وڪالت شروع ڪري ڏني. اهو مون کي 100 روپيا پگهار ڏيندو هو. آئون هن وٽ اڃڻ کان اڳ اٽڪل به هزار روپيا مهينو ڪمائيندو هوس. هو مون کي رڳو هڪ دفعو چانهه جو هڪڙو ڪوپ پياريندو هو، ڪم مون کان سخت ونندو هو. رڳو لائبريريءَ ۾ ڪم ڪرڻو پوندو هو، پر صحيح معنىٰ ۾ وڪالت آئون اتي ئي سکيس. بعد ۾ خالد اسحاق کي ڇڏي، نورالعارفين وٽ ويس، جيڪو وري مون کي 150 روپيا مهينو ڏيندو هو. اتي وري وڏا اهم ڪيس (ڊيل ڪرڻ لاءِ) مليا. اي ڪي بروهي صاحب کي اسين اسسٽ ڪندا هئاسين. ڪيس ٺاهڻ ۾ قانون آئون اتي سکيس. پوءِ ته آئون ماهر ٿي ويس. خالد اسحاق به داد ڏيندو هو. منهنجي قانوني مهارت ڏسي عش عش ڪندو هو. چوندو هو ته، "اهڙي قانوني مهارت مون ڪٿي ڪونه ڏٺي! هيءَ نياڳو سنجيدگيءَ سان وڪالت ڪري ته، وڏي شيءِ ٿي پوي."

نوراني: اهو خود خالد اسحاق چيو هو؟

پليجو صاحب: ها، خود خالد اسحاق، ڇاڪاڻ جو مون کي ياد آهي ته هڪ

دفعي هڪڙي ماڻهوءَ کي خرطوم ۾ ٽيڪو ڪڍيو هو...

نقاش: (گرهه ڏيندي) سوڊان ۾؟

پليجو صاحب: ها، سوڊان ۾. ان شخص کي پي آءِ اي ۾ ٽڪيٽ ڪانه ملي. سندس چوڻ هو ته، "مون کي ٽيڪو ملڻو هو. فرم مون کي چيو هو ته "فرسٽ ڪم فرسٽ سرو" جي بنياد تي توکي ٽيڪو ڏيندا سون، پر پي آءِ اي مون کي ٽڪيٽ ڏيڻ بدران هڪ ٻئي شخص کي ٽڪيٽ ڏيئي ڇڏي. ان ڪري آئون وقت تي خرطوم پهچي ڪونه سگهيس. نتيجي ۾ ٻئي ماڻهوءَ کي ٽيڪو ملي ويو. منهنجو تمام گهڻو نقصان ٿيو آهي." مون کان خالد اسحاق پڇيو ته، "هن کي سرڪار کان هرجاڻو ونڻ جو حق آهي يا نه؟" مون کيس چيو ته، "ان نقطي جي صحيح چنڊچاڻ ڪرڻ لاءِ فلاڻا ڪتاب لنڊن مان گهرائڻا پوندا." خالد اسحاق مون کي اهي ڪتاب گهرائي ڏنا. مون اهي ڪتاب پڙهيا. مهينو کن ان کيس تي ڪم ڪندو رهيس ۽ نيٺ مون انهن کيسن تي 16 صفحن جو اوپينين (رايو) لکيو، جنهن جو تت هيءُ هو ته، "هن شخص کي سرڪار کان هرجاڻو ونڻ جو ڪوبه حق ڪونهي." (مون ان اوپينين ۾) جنيوا آبٽا ڪانفرنس 1936ع، سان فرانسسڪو ڪانفرنس وغيره جا حوالا به ڏنا هئا. مون ۾ تحقيق ڪرڻ جو مادو ننڍي هوندي کان ئي هو. مون ان کيس تي باقاعدي تحقيق ڪئي هئي. مون کي ياد آهي، ته هن ماڻهوءَ، ان منفي راءِ تي به 1600 روپيا خالد اسحاق کي ڏنا هئا. حالانڪ اوپينين به نگيٽو هو ته، "ابا تنهنجو چاڙهو ڪونهي."

نقاش: پر چاڪاڻ جو اوپينين صحيح هو، تنهن ڪري ڏنائين؟

پليجو صاحب: پر خالد اسحاق وري مون کي انهن 1600 روپين مان آنو به ڪونه ڏنو! پئسن جي معاملي ۾ ائين هو، پر هو وڪالت سيڪارڻ جي معاملي ۾ بادشاهه هو ۽ رويو به جمهوري هوندو هوس. باقاعدي کيس تي ويهي بحث ڪندو هو. مون کي چوندو هو ته، "هن کيس تي آرگيو (بحث) ڪر."

نقاش: اوهان ان عرصي ۾ خالد اسحاق جي ايترو ويجها رهيا. توهان چا ٿا سمجهو، ته هن جي ايترو پختو ري ائڪشنري (رجعت پسند) هئڻ جا ڪهڙا سبب تي سگهن ٿا؟

نوراني: انهن ڏينهن ۾ ايترو ري ائڪشنري به هو يا هينئر ٿيو هو؟

پليجو صاحب: انهن ڏينهن ۾ ايترو ڪونه ٿيو هو.

نقاش: هن وقت هو تمام گهڻو پرو اسٽيبلشمينٽ (حڪومت جي حق ۾) آهي.

پليجو صاحب: ها، هينئر پرو اسٽيبلشمينٽ آهي، انهن ڏينهن ۾ ڪونه هوندو هو، چڱا خيال هوندا هئس، يعني انقلابي ته ڪونه هو پر اهي خيال برداشت ڪندو هو. سنو، ايماندار ۽ سچو وڪيل هو. وڪالت سمجهي ڪندو هو. اي- ون وڪيل هو. It was a pleasure to be with him. (هن سان گڏ رهڻ ۾ مزو ايندو هو.) ڪيس اسان

سان ويهي آرگيو ڪندو هو، جرح ڪندو هو. مون کي چوندو هو تہ، "تو ڪيس تيار ڪيو آهي، هاڻ آئون تو تي حملو ٿو ڪريان، تون جواب ڏي." پوءِ حملو ڪندو هو. آئون هن جو جونيئر هئس، پر هو مون کي جونيئر نہ سمجهندو هو! پئسن جي معاملي ۾ پڪو هو، پر رويي جي لحاظ کان لکن جو ماڻهو هو. پوءِ وري، جيئن ٻڌايم، تہ ويس نورالعارفين وٽ، جيڪو اڄان بہ بهترين ماڻهو هو. ان سان ملاقات ڪانہ ٿيندي هئي. سندس ڪمري ۾ وڃڻ لاءِ بہ ڏينهن لڳي ويندا هئا! هو ڳالهائيندو ئي ڪونہ هو! هن وٽ ويندا هئاسون، تہ رڳو چانهہ پيارندو هو، پر ڳالهائيندو ڪونہ هو. ان جو مطلب اهو هوندو هو تہ، "پنهنجي ميز تي وينا هجو." اتي مون سان گڏ هڪ ٻيو جونيئر وڪيل بہ ڪم ڪندو هو. عجيب! خفتي! چانهہ جي ڪٽلي چاڙهيو وينو هوندو هو. سڄو ڏينهن چانهہ ڪوسي ڪرڻ ۾ لڳو پيو هوندو هو، نہ ڪم نہ ڪار، رڳو چانهہ ۽ ديواني ڪيس! فوجداري وڪالت هن کي ايندي ڪانہ هئي. مون کان پڇندو هو تہ، "ايترو Irregular (بي قاعدي) ڇو آهين؟" آئون چوندو هوس تہ، "مون کي هن ڪم ۾ دلچسپي ڪونهي." اهو وڪيل جنهن جا ڪپڑا بہ ميرا هوندا هئا، هاڻ سنڈ هاڻ ڪورٽ جو چيف جسٽس آهي! اهو وڪيل ۽ آئون گڏجي بروهي صاحب ۽ ٻين جا ڪيس تيار ڪنداهئاسين. سڄو لا (قانوني حوالا) اسين تيار ڪندا هئاسين ۽ فائيل ناهي، هنن کي وڃي ڏيندا هئاسون. پوءِ اسان مان ڪونہ ڪو وڃي، هنن کي اسسٽ ڪندو هو. مون ڪيترن مشهور ڪيسن ۾ وڃي، بروهي صاحب کي اسسٽ ڪيو هو. اتان وڪالت سکي، وري ٺٽي ۾ موتي آيس ۽ نئين سر وڪالت شروع ڪيم. پر پوءِ مون کي وڪالت وڻي ڪانہ. آئون ايترو (قانون) ڄاڻي چڪو هوس، جو مون کي ٺٽي واري وڪالت ۾ مزو ئي نہ پئي آيو. پر بهرحال، آئون خون جا ڪيس هلائيندو هوس ۽ جلد ئي ناميارو وڪيل ٿي ويس.

نقاش: توهان ڪڏهن، ڪنهن خون جي جوابدار کي چڏائڻ کان پوءِ، اهو محسوس ڪيو تہ، اهو جوابدار نہ چڏي ها تہ سٺو هو؟

پليجو صاحب: (اعتماد سان) نہ! باقي ائين ضرور ٿيو آهي تہ هڪڙي ماڻهوءَ جو مان ڪيس هلائڻ ويس، تہ مون محسوس ڪيو تہ اهو ڪيس مون کان نہ هلندو، ڇو جو، جڏهن ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻ لاءِ ويس، تہ هڪ ننڍي ڇوڪري آئي. مون هن کان پڇيو تہ، "ڪير آهين؟" چوڻ لڳي تہ، "آئون فلاڻي آهيان." پڇيومانس تہ، "ڪنهن ڪيس ۾ آئي آهين ڇا؟" هن جيڪو جواب ڏنو، تنهن مان خبر پئي، تہ هوءَ انهيءَ ساڳئي جوابدار جي ڏيءَ آهي، جنهن جو آئون ڪيس هلائڻ آيو هوس ۽ هن جي بہ شاهدي هئي. مون هن کان پڇيو تہ، "تنهنجي ڪهڙي شاهدي آهي؟" چوڻ لڳي تہ، "بابا مون کي ۽ امان کي جهنگ ۾ ونڻي ويو. پوءِ مون کي پريان هڪڙي وڻ جي هيٺيان ويهاري، منهنجون ٽنگون ٻڌي چڏيائين. بابا، امان کي هڪڙي ٻئي وڻ سان وڃي ٻڌو ۽ ڪهاڙي جو هنيائينس، تہ امان جي سسي وڃي پري ڪِري!" هوءَ هڪ

نندڙي ڇوڪري هئي. مون هن کان آڏي پڇا ڪئي ۽ سمجهي ويس ته هيءَ سچ ٿي ڳالهائي. ايڪا پوليس جوابدار کي وڻي ڪانه آئي هئي. جڏهن هو آيو ته مون هن کي فائيل موٽائي ڏنو ۽ هن کي چيم ته، "منهنجي طبيعت خراب آهي." مون هن کي اهو ڪونه ٻڌايو ته منهنجي دل هن ڪيس تان کڄي وئي آهي. اهو ڪيس مون ڇڏي ڏنو، انهيءَ ڪري جو منهنجي دل چيو ته هيءَ تمام سفاڪانه ڪارروائي آهي.

لاشاري: انهيءَ واقعي تي توهان جي هڪڙي ڪهاڻي بہ "برسات" رسالي ۾ شايع ٿي هئي؟

پليجو صاحب: نہ! اها بي ڪهاڻي هئي. اهو جيل جو هڪ ٻيو سچو واقعو هو.

لاشاري: انهيءَ قسم جو ئي واقعو هو؟

پليجو صاحب: ها، اهڙي ئي قسم جو هڪ انسيڊنٽ (واقعو) هو.

نوراني: ڪيسن جي ڳالهہ نڪتي آهي، ته اهو ٻڌايو ته اوهان جي زندگيءَ جو ڏکئي ۾ ڏکيو ڪيس ڪهڙو هو؟ ۽ ٻيو ته اوهان کي ڪهڙو جج ڏکئي ۾ ڏکيو لڳو؟

پليجو صاحب: ڪيس منهنجا سڀ ڏکيا هوندا هئا. جيڪي بہ لاعلاج ڪيس هوندا هئا، سي مون وٽ ايندا هئا. اوڀويهين ويهين جو فرق هوندو هو. معجزاتي ڪيس بہ مون هلايا. جج بہ ڏاڍا عجيب ۽ غريب هوندا هئا، مثال طور: هڪ جج هوندو هو مسٽر اعواڻ. اهو هر جوابدار کي "توهان" ڪري مخاطب ٿيندو هو، مثال طور: خون جي ڏوهاريءَ کان پڇندو هو، "توهان ڪجهہ چوڻ چاهيندا؟ توهان کي ڪجهہ چوڻو آهي؟" ٽي- ٽي دفعا "توهان- توهان" ڪري، پڇاڙيءَ ۾ ڦاهيءَ تي چاڙهي ڇڏيندس! آئون چوندو هوس تہ، "بابا هن "توهان" ڪري ڳالهايو، ته سمجهو ته سر ويو." بس اعواڻ صاحب جي ڪورٽ ۾ وِيَهُ ته جڻ مٿو ويو! آئون سمجهندو هوس ته فضيلت سان پيو ڳالهائي، سڀ خير آ، پر نہ، مٿو ويو! ٻيو جج وري هوندو هو خواجا صاحب. (پليجو صاحب ڪجهہ سوچي مشڪي ٿو ۽ ٽنگون پساري مزي ۾ اچي، خواجا صاحب جو قصو ٻڌائي ٿو.) هڪ دفعو، خواجا صاحب جي اڳيان هڪڙي اپيل تي پئي بحث ڪيم. الائي چوريءَ ٻوريءَ جو ڪو ڪيس هو! هاڻ منهنجو بحث شروع هو. اوچتو پڇيائين، "تون ڏٺي جو آهين؟" آئون حيران ٿي ويس. چيم، "ها سائين!" چيائين، "ڏٺي جا وڪيل ججن تي درخواستون ڇو ڪندا آهن؟" هاڻ مون وارو بحث ڇڏيو، آرگيومينٽ وئي، جيڪي بہ سبق پڙهيا هئم، سي ويا ختم ٿي، هاڻ ويهي ڏٺي جو جواب ڏيان! نيٺ مون جواب ڏنو ته، "سائين! مون ڪابہ درخواست ڪانہ ڪئي آهي." چيائين، "تون وري شريف آهين چا، جو درخواست ڪونہ ڪندو آهين؟" مون وراڻيو، "سائين! آئون شريف ڪٽي نہ بہ هجان، پر مون ڪابہ درخواست ڪانہ ڪئي آهي." "پر تون ڏٺي ۾ ته رهندو آهين، تنهن ڪري تو ضرور درخواست ڪئي هوندي." هن پنهنجي ڳالهہ تي اسرار ڪيو. مون وري چيو، "سائين، آئون ڏٺي ۾ ضرور رهندو

آهيان، پر درخواستون ڪونہ ڪندو آهيان." چيائين، "چڱو، ٺيڪ آهي، اڳتي هلو." مون وري بحث شروع ڪيو. ذهن تي زور ڏيئي، ڪجھ نقطا گڏ ڪري، وري اصل مقصد ڏانهن ٽي آيس ۽ چيم پئي تہ، "چوريءَ وقت اوندھ هئي، چور جي سڃاڻپ ڪانہ ٿي آهي، وغيره." تہ وري سوال ڪيائين تہ، "تون ڪيڏي آهين؟" منهنجي هٿن مان فائيل ڇڏائجي ويو! ڪٽي چوريءَ جي اپيل، ڪٽي ڪيڏي! چيم، "سائين، آئون ڪيڏي ڪونہ آهيان." چيائين، "چو ڪيڏي ڪونہ آهين؟" "سائين، ان ۾ منهنجو ڏوھ ڪونهي. آئون تہ پليجو آهيان." خواجا صاحب ٽوڪ واري لهجي ۾ چيو، "اڇا! آهيو تہ ڪيڏي، پر ڳالھ کي لڪايو پيا." مون چيو، "سائين! پليجو آهيان، ڪيڏي ڪونہ آهيان." نيٺ وري اڳتي هلياسون، بحث شروع ٿيو. مون چيو تہ، "يور آنر..." "سمنڊ کان گھٽو پري وينا آهيو؟" هن منهنجي ڳالھ ڪٽي، وري اڌ ۾ سوال ڪيو. (وري سڀ کلن ٿا.) مون چيو، "سائين! ويھ يا ٽيھ ميل پري هونداسين." چيائين، "توکي اها بہ خبر ڪونهي تہ سمنڊ کان ڪيترو پري وينا آهيو!" (کلندي) هاڻ آئون کيس ڇا جواب ڏيان! جج کي ناراض بہ ڪرڻو ڪونهي، ڪيس بہ کٽڻو آهي، جوابدار جا مائٽ ٻاهر وينا آهن، ڪيس اڌ ۾ ٿو ڇڏيان تہ پاڙو بہ ڪونہ ملندو! غريب مسڪين وڪيل، هاڻ آئون ڇا ڪريان! نيٺ گھاري کان سمنڊ جي ڪناري جو پنڌ ماپي، اندازو لڳائي چيم تہ، "سائين، اهو 15 ميل کن ٿيندو گھاري کان." چوڻ لڳو، "15 ميل ڪيئن ٿيندو! هيءُ تون واھ جو وڪيل ٿيو آهين! توکي اها بہ خبر ڪونهي تہ گھاري کان سمنڊ جو ڪنارو ڪيترو پري آهي!" اڇي ڦاٽس. هاڻ روئان؟ پٽيان؟ کلان؟ پاڻ ماريان؟ ڇا ڪريان؟ ڪيئن ڪريان؟ بس ٻيا بہ الائي ڪھڙا اونڌا سنوان سوال پئي ڪيائين. نيٺ جيئن تيئن ڪري پنهنجو بحث پورو ڪيم، پر جوابدار جي مائٽن کي چيم تہ، "ابا، هاڻ هن ڪيس جي پڇا ئي نہ ڪجو." (پليجي سميت سيئي وري کلن ٿا.)

لاشاري: (کلندي) شڪارپور جو هو ڇا؟

پليجو صاحب: الائي ڪٽان جو هو، پر خواجو هو. فيصلي مهل آئون آيس ئي ڪونہ. مون سوچيو هو تہ آئون تہ ٽي ويس سمنڊ جي ڪناري ۽ ڪچين جي نظر! پر اهو ٻڌي حيرت ٽيم، تہ جوابدار ڇٽي ويو! ٻئي دفعي هڪ ڪيس جي سلسلي ۾ آيس ۽ ان ڪيس جي فيصلي جي ڪاپي وٺي ڏٺم تہ منهنجي حيرت جي انتها نہ رهي، جڏهن مون ڏٺو تہ هر اها آرگيومينٽ ۽ هر اهو نقطو، جيڪو مون اٿاريو هو، فيصلي ۾ لکيل هو! سڄو بحث نوٽ ٽيل هو ۽ فيصلو بہ ان بحث جي آڌار تي ئي ٽيل هو! بلڪل ٽو دي پوائنٽ! ٻيو هڪڙو عجيب ڪيس آيو. اهو خون جو ڪيس هو. جوابدار چوي تہ، "سائين، مون برابر خون ڪيو آهي." مون ڪورٽ ۾ سندس بچاءَ ۾ بيان ڏنو تہ، "سائين، هيءُ چريو ٽي پيو آهي. هن جي دماغ جي چڪاس ڪرائي وڃي." جج صاحب ڊاڪٽرن جي ذريعي سندس دماغ جي چڪاس جو حڪم ڏنو، پر

ڊاڪٽرن لکي ڏنو تہ، "سندس دماغي حالت بلڪل درست آهي." وري ڪيس هليو. مون جج صاحب کي چيو تہ، "هن جو دماغي توازن بگڙي پيو آهي. ڊاڪٽرن کي خبر پوي ڪانہ ٿي، ان ڪري هن جي پاران آئون بيان ڏيندس." سو مون هن جي پاران بيان ڏيڻ شروع ڪيو تہ، "چاقو هتي ڪونہ پيو هو، هيئن ٿيو، هونئن ٿيو." پر جوابدار وري اٿي بيٺو ۽ جج صاحب کي چوڻ لڳو تہ، "سائين، وڪيل صاحب منهنجو بدخواهہ ڪونهي، منهنجي پٺي لاءِ سڀ ڪجهہ پيو ڪري، مون کي بچائڻ ٿو گهري ۽ هن جو ڏوهہ ڪونهي، پر آئون ڪوڙ ڪونہ ڳالهائيندس، خدا جو ڏينهن رکيو آهي، چاقو هنيو آهي مون. وڪيل صاحب جي ڳالهين تي متان هلين. چاقو بازار مان وٺي آيو هوس مان، اصل بلڪل نئون نڪور. چاقو هڏي زال کي، وڃي سندس مائٽن کي ٻڌايم تہ وڃي ڏيڻين کي ڪٽو. ٻيو آهي خير!" نيٺ جج کي ڪيس ڄاهي ڏيڻي پئي. ڪيس هليو ويو هاءِ ڪورٽ ۾. مون اهو ڪيس وري بئريسٽر عزيزالله کي ڏياري موڪليو، جنهن وري نياپو موڪليو تہ، "هيءَ ڪهڙي هڃان ڏياري موڪلي اٿئي؟" مون پڇيو تہ، "خير؟" جواب مليو تہ، "جج چون ٿا تہ اهڙو سڃار ماڻهو اسان زندگيءَ ۾ ڪونہ ڏٺو! هن کي ڄاسي ڏيڻ ڪونہ ٿا چاهيون." نيٺ هن کي ججن وڌن دماغي ماهرن ڏانهن ٽيسٽ لاءِ موڪليو. انهن هن جي ڇڪاس ڪري چيو تہ، "هيءُ تہ بلڪل تندرست ماڻهو آهي. هن جي دماغي حالت سئو سيڪڙو درست آهي." (سيئي ڪلن ٿا.) پوءِ مجبور ۽ لاچار ٿي، ججن هن کي ڄاهي ڏيئي ڇڏي ۽ هو ڄاسيءَ تي چڙهي ويو. پڇاڙيءَ تائين چيائونس تہ پلا رڳو بيان تان ڦر، پر چيائين تہ، "مري جهان ڇڏڻو آهي، ڪوڙ مان ڪيئن ڳالهايان!" بس اهو هڪ جوابدار هو، جنهن منهنجي سڃي وڪالت واري دور ۾ ڄاهي کاڌي. ٻئي ڪنهن بہ ڄاهيءَ جي سزا نہ کاڌي.

نوراني: اهو ڪهڙو ڪيس هو جنهن ۾ اوهان کي ڊريس ۽ ڪتاب وغيره ڪٽڻ وسري ويا هئا؟ اوهان اڪثر ان ڪيس جو ذڪر ڪندا رهيا آهيو.

پليجو صاحب: آئون بنا وڪالت واري ڊريس جي هاءِ ڪورٽ ۾ ويو هوس. حيدرآباد مان ڪار ۾ ڪراچيءَ آيو هوس. آئون گهٽو ڪري سلوار قميص پائي هلائيندو آهيان. ڪراچيءَ پهتس، چمپل ۽ سلوار قميص پيل هئم. معلوم ٿيو تہ بئگ وساري آيو آهيان، وڪالت واري ڊريس بہ گم هئي، تہ ڪتاب بہ وسري ويا هئا! خون جي ڪيس جي اپيل لڳل هئي. ڪورٽ جو وقت ٿي ويو هو. چيف جسٽس وٽ ڪيس لڳل هو. پوءِ ڪورٽ ۾ ويس. جج صاحب کي وڏي ڪهاڻي ٻڌايم. جج صاحب حيران ٿي ويو، پر پوءِ هن تاريخ ڏيئي ڇڏي ۽ ڪيس رکي ڇڏيو. اهڙا ڪيترائي تماشا ٿيندا رهندا هئا. سڃي زندگي عجيب و غريب ڪيس ايندا رهيا، سڀ ايڪسٽرا آرڊنري. نيٺ حيدرآباد آيس ۽ اچي گاڏي ڪاتي ۾ رهيس ۽ وري اديبن جي حوالي ٿي ويس. ڪورٽ مان ٿي ريڊيو پاڪستان تي ايندو هوس. اتي منهنجا ۽ آغا سليم جا ادب ۽ ترقي پسنديءَ تي بحث ٿيندا هئا. نٽي ۾ مون اڳ ۾ ئي "انڊا

اونڌا ويڄ" لکڻ شروع ڪيو هو.

نقاش: تہ اها ادب جي ڪنٽروورسي ان وقت هلي هئي؟

پليجو صاحب: آئون جڏهن نٿي ۾ هوس، تہ شمشيرالحيدري اچي منهنجي پويان پيو. آئون سدائين هن کي چوندو هوس تہ، "هيءُ جماعت اسلاميءَ وارا ڇا ٿا لکن؟ (انهن جي حيثيت ئي ڪهڙي آهي؟) انهن کي جواب ڏيان تہ سندن ڪم ئي لهي وڃن. مون کي (يارن) چيو تہ، "ايتريون ٻتاڪون هڻين ٿو، تہ پوءِ لکين ڇو نہ ٿو؟" چيم تہ، "آئون لکان تہ، جماعت اسلاميءَ کي تباهہ ڪري ڇڏيان! جواب ڏيڻ جي بہ همت ڪانہ ٿيندن." شمشير روز مون کي چوندو هو تہ، "رڳو ٿو ڳالهيون ڪرين! ڳالهين ڪرڻ مان ڪجهہ نہ ورندو، توکي لکڻو ئي پوندو." پوءِ هو اچي نٿي ۾ مون وٽ ويهي رهندو هو ۽ چوندو هو تہ، "اڄ آرٽيڪل لکي ڏي تہ ڪٽي وڃان." هو اهڙيءَ طرح مون کان آرٽيڪل لکائي ڪٽي ويندو هو. وري ٻئي ڏينهن اچي ٻي قسط لکائي ويندو هو. ان زماني ۾ اخبار "خادمِ وطن" نڪرندي هئي. ان اخبار جا پرچا ئي نڪرندا هئا 200 مس! پر ان ۾ اهي منهنجا مضمون ڇپيا. بعد ۾ اهي مضمون ڪتابي صورت ۾ "انڌا اونڌا ويڄ" جي نالي سان ڇپيا.

نوراني: ايار تازو پنهنجي "ساهيوال جيل جي ڊائري" ۾ لکيو آهي تہ "انڌا اونڌا ويڄ" سندس بچاءَ ۾ لکيو ويو هو.

پليجو صاحب: ها بلڪل. اهو صحيح آهي.

نوراني: تہ پوءِ شمشير وري وچ ۾ ڪٿان اچي ويو؟

پليجو صاحب: شمشير چوندو هو تہ، "ايار ۽ ابراهيم جويي جي پويان مصيبتون لڳيون پيون آهن، بلڪ سيئي اديب وڏي عذاب ۾ آهن. تون ڪجهہ لک ۽ جواب ڏي." تنهن کان اڳ، آئون جڏهن ڪراچيءَ يا نٿي ۾ هوندو هوس، تہ شروع واري دور ۾ مولانا خير محمد نظاماڻيءَ، جي- ايم سيد ۽ ٻين تي گارين جون ناڙيون شروع ڪري ڏنيون هيون. مولانا خير محمد نظاماڻي، اوهان کي خبر هوندي تہ وڏو مشهور گاريال هو، وڏو اهل قلم، شاعر، قلم جو ڌڻي ۽ قلم جو فاتح ليکبو هو. اخبار "ڪاروان" جو ايڊيٽر هو. جي- ايم سيد ۽ ٻين خلاف قسطون لکيائين. اصل تباهي مچائي ڇڏيائين. سوپو گيانچنداڻي انهن ڏينهن ۾ "نئين سنڌ" جو ايڊيٽر هو، تنهن کي مون هڪ آرٽيڪل لکي موڪليو. مون کيس چيو تہ، "منهنجو اهو مضمون شايع ڪر." پر هن شايع ڪونہ ڪيو. پندرهن ڏينهن گذري ويا، وري ويس سوپي وٽ ۽ کيس چيو تہ، "ابا مضمون شايع ڪونہ ڪيئي؟" چوڻ لڳو تہ، "ابا، اهو مضمون ڪکر ۾ ڪڙو هڻندو. مولوي آهي وڏي بلا! تون تہ ويندين ناشتي ۾ گم ٿي! پر هيءُ تہ اسان جا بہ ڪم لاهيندو. تون جي- ايم سيد جي ڳچيءَ ۾ ٻي فلم ٿو وجهڻ چاهين ڇا؟" خير، مون هن تي زور پريو تہ، "شايع ڪر." هن مولويءَ کي فون ڪيو ۽ کيس چيائين تہ، "هتي همراهہ (تنهنجي خلاف) مضمون لکيو وينو آهي ۽ چوي ٿو تہ شايع ڪر. مون توسان

اڳ ۾ بہ ڳالھ ڪئي ھئي." مولويءَ چيس تہ ٽيليفون ڏئينس تہ آئون ٿو ڳالھايانس. مون کي سوپي رسيور کٽي ڏنو. نظاماڻيءَ مون کي چيو تہ، "ابا اڳ ڇڪي ٻڌو اٿئي؟ مون کان چگھيءَ طرح واقف آھين؟" چيم، "نالو ٻڌو اٿم، توھان جا مضمون بہ پڙھيا اٿم." وري چيائين تہ، "ابا، اڳ ڇڪي ٻڌو اٿئي يا نہ؟" چيم تہ، "سائين، مڙئي زور پيا ڏيونس." چيائين تہ، "پوءِ ھمٿ اٿئي تہ پلي منھنجي خلاف مضمون لک. آئون تہ تيار ويٺو آھيان. منھنجو قلم ميدان ۾ آھي. منھنجو قلم فاتح قلم آھي. لک بابڙا، پلي لک." مون کيس جواب ڏنو تہ، "آئون لکندس ڪونہ، مون اڳ ۾ ئي مضمون لکي ڇڏيو آھي. اوھان رڳو سوپي کي موڪل ڏيو تہ ڇپي." ھن سوپي کي چيو تہ، "ابا ڇپيو، ڇپيو، ميدان ۾ اچو." پوءِ سوپي اھو مضمون پنھنجي اخبار ۾ ڇپيو. ان مضمون جو عنوان ھو، "ميان جي خير محمد ۽ سنڌي اديب." ھو ھوندو ھو مولانا خير محمد. مون ھن کي وري "ميان جي" ڪري لکيو ھو.

نقاش: اھو "نئين سنڌ" ۾ ڇپيو ھو؟

پليجو صاحب: اھو "نئين سنڌ" ۾ ڇپيو، پر مولانا جواب ئي ڪونہ ڏنو، پوءِ الائي ڪير، مون کي جي- ايم سيد وٽ وڃي ويو. جي- ايم سيد کي پريان ئي ڪنھن چيو تہ، "سائين، مولويءَ جي خلاف جنھن مضمون لکيو ھو، اھو رسول بخش پليجو ھيءُ اٿئو." حيدر منزل ۾ اھا ملاقات ٿي ھئي. سائين اڳتي وڌي آيو، مون کي پاڪر پائي، منھنجي ٻنھي ڳلن تي چمي ڏنائين ۽ چيائين، "اسان تي سڄي عمر گاريون پيون آھن، ڪنھن اسان جي پاران لٽ ڪانہ ڪنئي!" پوءِ الائي ڇا چيائين، مون کي ياد نہ آھي، پر مون سان ڏاڍي شفقت سان پيش آيو. بھرحال، مولانا مون کي جواب ڪونہ ڏنو. (عاجزيءَ سان) الائي مون تي رحم آيس يا مھرباني ڪيائين. پوءِ "انڌا اونڌا ويج" لکيم، جيئن مون اوھان کي ٻڌايو.

نقاش: "انڌا اونڌا ويج" جنھن زماني ۾ توھان لکيو، انھيءَ ۾ مولانا گراميءَ "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحان" لکيو. اھي ٻئي اسان جي ادب ۾ وڏا ورڪس (تخليقون) آھن، تہ ان زماني ۾ اوھان جي مولانا گراميءَ سان خيالن جي ڏي وٺ يا ڪا گڏيل رٽابندي ٿي ھئي ڇا؟

پليجو صاحب: مولانا گراميءَ سان منھنجي تمام گھڻي محبت ھوندي ھئي. پاڻ جامعہ عربيہ ۾ استاد ھوندو ھو. منھنجو پاءُ محمد حسن اتي پڙھندو ھو. آئون ھن سان ملڻ ويندو ھوس تہ مولانا سان ملاقات ٿيندي ھئي. منھنجو پاءُ چوندو ھو تہ، "ھتي گرامي صاحب آھي، جيڪو زبردست استاد آھي." اتي منھنجي ھن سان واقفيت ٿي، جيڪا بي تڪلفيءَ ۾ تبديل ٿي وئي. اسان جي ادب تي گفتگو ٿيڻ لڳي، پر فلسفي جي حوالي سان، يعني ابن العربي ۽ ٻين جو فلسفو ڇا آھي وغيرہ، مون کي فلسفي جي خبر ڪانہ ھوندي ھئي، مڙئي ٻڌو ھئوسين تہ فلسفو بہ ڪا شيءِ آھي! البت جدلياتي ماديت مون پڙھي ھئي، ڪرافورڊ (Crawford) جا ٽيئي جلد مون

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ کان ونڊي پڙهيا هئا. ڪجهه سمجهه ۾ آيو، ڪجهه نه، پر بنيادي ڳالهيون سمجهه ۾ اچي ويون. تفصيل جي ته پوءِ خبر پئي، ٽلهي ليکي ڳالهه سمجهي ويس. مولانا سان فلسفي تي تفصيل سان ڳالهيون ٿيون، باقي اسان جي وچ ۾ ڪا منصوبي بندي وغيره ڪانه ٿي.

لاشاري: اوهان جي لکڻ ۾ ائگريشن (جارحيت) اڳي به هئي ته هاڻ به آهي. اوهان جي لکڻين ۾ جارحيت نه صرف ساڃي ڏر وارن جي خلاف پوري شدت سان ملي ٿي پر ڪابي ڏر وارن جي خلاف به. ائين ڇو آهي؟ ڇا اهو ڪو فنامنا آهي؟ جيڪڏهن اسين اوهان جي جارحيت کي ڪلاسيفاءِ ڪريون ته ڪيئن ڪريون؟

پليجو صاحب: اصل ڳالهه ڇا آهي، ته آئون شديد محرڪ کان سواءِ لکندو ئي ڪونه آهيان. آئون سست پارٽي آهيان. هڪڙو يا به دفعا ڪا ڳالهه ٿي ويندي آهي ته نظرانداز ڪري ڇڏيندو آهيان ۽ آئون قلم نه کڻندو آهيان. جڏهن ڪا شيءِ هڪڙي حد کان تجاوز ڪري، ڪنهن خطري جي صورت ۾ پيش ٿيندي آهي ۽ محسوس ٿيندو آهي ته هن مان خطرو آهي ۽ هاڻ ماڳهين ڪم کان ٿا ويجون ۽ حدون لنگهي ويو آهي، ته پوءِ آئون ان شيءِ کي مڪمل طرح ختم ڪرڻ لاءِ، پوري قوت سان حملو ڪندو آهيان، جيئن هو جوابي حملو نه ڪري سگهي. اهوئي سبب آهي جو مولانا نظاماڻيءَ جواب نه ڏنو، ڇو جو مون پنهنجي سموري قوت سان وار ڪيو هو. "انڊا اونڊا ويج" به انهيءَ ڪري لکيم، ته پرپور حملو ڪري، مخالفن کي ناس ڪري ڇڏجي. مون کي اها ڳالهه نه وٽندي آهي، ته لکڻ کان پوءِ به بحث براءِ بحث پيو هلي. هو پيو لکي، وري هيءُ پيو لکي، پوءِ جواب ڏيو، وري جواب لکو! (بيزاريءَ مان) انهيءَ پڳت ۾ آئون پوان ڪونه. (نهايت سفاڪانه انداز ۾) جواب ڏيئي، اصل مخالف کي ختم ڪري ڇڏجي، اهڙيءَ طرح جو مخالف وٽ جوابي دليل ئي نه هجي. آئون وڪالت به ائين ئي ڪندو آهيان. (هڪ ٻانهن کي تلوار وانگر ڦيرائيندي) مخالف کي ٽوٽل ۽ مڪمل طرح ختم ڪري ڇڏجي. مان اهو اڳ ۾ ئي سوچي ڇڏيندو آهيان ته مثال طور مخالف مون تي پوري قوت سان جوابي وار ٿو ڪري، ته پوءِ ڇا ڪبو؟ ان ڪري، آئون اڳ ۾ ئي اهڙو پرپور وار ڪندو آهيان جو مخالف وري اٿي ئي نه سگهي. "انڊا اونڊا ويج" جو مثال ئي ونو. آئون سمجهان ٿو ته 12 مهينا ڪن مخالف اسان کي گاريون ڏيندا رهيا، مون ڪونه ڪڇيو، پيا گاريون ڏيندا هئا. مون چيو، "ٺهيو، ڇڏيوس." پر پوءِ، جڏهن هنن چيو ته، "هاڻ حق ۽ باطل جي جنگ آهي. الله جي راهه ۾ جهاد ڪبو ۽ غازي علم الدين ٿبو." ۽ جڏهن اسان کي قتل ڪرڻ جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون، ته مون سمجهيو ته هنن کي ختم ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪابه ڳالهه ممڪن نه آهي. هنن جون پاڙون مڪمل طرح پٽي ڪيڻ گهرجن. تنهنڪري، منهنجي لکڻين ۾ توهان کي جارحيت ملندي. وري "سندي ذات هنجن" جو معاملو به ائين هو. آئون سمجهان ٿو ته پنج سال هنن منهنجي ڇاتيءَ تي مڱ ڏريا. افسانو هجي هڪڙو ننڍڙو ۽ ان تي وري

(ٻانهون کولينديِ) هيڏو ڊگهو تمهيد! لکندا هئا تہ "فلاڻو شاعر ۽ اديب هن ملڪ جو اصل يگانو ۽ برڪ اديب آهي! جنهن روح ۽ اندر ۾ جهاتيون پائي، الائي ڇا لکيو آهي!" (نفرت انگيز لهجي ۾) اصل ۾ هئي ڪهاڻي! اهو مشتاق شورو ۽ اهو سڄو قبيلو هو، جن کي پڙهي پڙهي باهہ ونيو وڃي ۽ دل چوي تہ هينئر ئي قلم کڻي، لکڻ شروع ڪجي! پر پوءِ چيوسين تہ نهيو! اسين سست ماڻهو! پر پنج سال هنن هڪ لغو ۽ واهيات ڪتاب لکي ڪڍيا، تنهن کان بيزار ٿي، نيٺ قلم کنيم ۽ "سنديِ ذات هنجن" لکيم. اڳي "فردوس" نالي هڪ رسالو، هالا مان نڪرندو هو. سليم هالائي ان جو ايڊيٽر هوندو هو. ان ۾ هن قسم جون ڪهاڻيون هوندیون هيون تہ، "هڪڙو عاشق پل تي بينو هوندو هو، ٽرين لنگهندي هئي، تہ ان ۾ ٻہ چوڪريون ويٺل نظر ايندیون هيون، انهن مان هڪڙيءَ جون رڳو ٻہ اکيون نظر ايندیون هيون. اهو پل تي بيٺل صاحب، ان محترما تي عاشق ٿي پوندو هو. نيٺ اهي عشق جا ماريل، وڃي لاهور ۾ ملندا هئا ۽ سندن عشق مڪمل ٿيندو هو." اهو هوندو هو اسان جو سنڌي ادب! اسان ان ادب کي سنواريِ، ناهي ۽ فرسٽ ڪلاس ڪريِ، تنقيد جي ذريعي ڦيرائي ڦيرائي راهہ تي آندو. مثال طور: ڪنهن ماڻهوءَ ڪهاڻي لکي، مون وري ان ڪهاڻيءَ تي ان کان ٻہ وڏو مضمون لکيو، يعني جيئن گلن جي پرورش ڪجيِ، تيئن مون ان دور ۾ سنڌي ادب جي پرورش ڪئي. مثال طور: آئون "نئين سنڌ" جو ايڊيٽر هوس. (ٿورو مشڪنديِ ۽ مذاح ڪنديِ) ايڊيٽر صاحب معنيٰ ملڪ جو مالڪ! اڇي ڪاري جو مالڪ! آئون غريب مسڪين ۽ بکيو ماڻهو، مس وڃي ڪرسيءَ تي ڇڪهي وينس. هاڻ ايڊيٽر ٿيو ڇڪهيو وينو آهيان! اسسٽنٽ اڳيان پويان پيا هلن! علي محمد راشديءَ جهڙو ماڻهو ٻہ ملڻ ايندو هو. وڏي ڳالهہ هئي! بهرحال، مون وٽ هفتيوار اخبارون ٻہ ايندیون هيون. انهن ۾ هڪڙي ننڍڙي اخبار ٻہ آئي. آئون اهي اخبارون ٻہ پڙهندو هوس. انهيءَ ننڍڙيءَ اخبار کي پڙهيم، تہ ان ۾ هڪ مضمون لکيو پيو هو. مون کي اهو مضمون ڏاڍو وڻيو. اخبار ۾ مضمون نگار جو نالو تہ هو پر سندس ائڊريس ڪانہ هئي. مون هن جي ائڊريس هٿ ڪري، هن کي خط لکيو تہ، "تون تمام وڏو افساني نگار آهين ۽ تون جيڪڏهن چاهين تہ سنڌ جي چوٽيءَ جي افساني نگارن مان هڪ ٿي سگهين ٿو. تنهنڪري تون ڪهاڻيون ۽ افسانا لک ۽ اهي مون کي ڏياريِ موڪل." هن جواب ۾ لکيو تہ، "مون ڪڏهن ٻہ افسانو ڪونہ لکيو آهي. اهو ٻہ هڪ تاثر هو، جيڪو اوهان پڙهيو هو، افسانو نہ هو." مون کيس وري لکيو تہ، "تو جيڪو تاثر لکيو آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ تون تمام وڏو افساني نگار آهين." (مسڪينڙي صورت ٻڌائيندي) هن تمام ادب ۽ نوڙت سان لکيو تہ، "توهان وڏا ايڊيٽر آهيو. اوهان جي اها ذرہ نوازي آهي، تہ اسان غريبن جو مضمون هڪ ننڍڙي اخبار ۾ پڙهيو اٿـوَ ۽ وري مون ڏانهن خط ٻہ موڪليو اٿـوَ ۽ همت افزائي ڪئي اٿـوَ. منهنجا هٿ پيا ڏکن، جو اوهان منهنجي ايڏي تعريف ڪئي آهي. هاڻ ٻہ ڪهاڻيون موڪليان پيو. مهرباني

ڪجو، وغيره. "هن ڪهاڻيون ۽ وري موڪليون هيون ننڍڙن پنن تي! اهي ڪهاڻيون مون ڇپيون. (ڊرامائي انداز ۾) انهن ڪهاڻين مان هڪ جو نالو هو "پيراٽي" ۽ بيءَ جو نالو هو "خميسي جو ڪوٽ."

نقاش: (عجب مان) يعني جمال ابڙو!

پليجو صاحب: ها، جمال ابڙو. آئون هاڻ ڪورٽ ۾ ٽرانسليٽر هوندو هوس. هڪ ڏينهن هڪڙو وڪيل اچي پاسي ۾ ويٺو. هڪ ٻئي وڪيل، جنهن جو مون ۾ ڪم هو، مون کي چيو ته، "هن کي سڃاڻين ٿو؟" مون چيو ته، "نه." هن چيو، "هن جو نالو شيخ اياز آهي." هن جو مون ۾ ٽرانسليشن وغيره جو ڪم هو، جيڪو مون ڪيو. اياز مون کي چانهه ٻانهه پياري ۽ ٿورو مجيندي چيو ته، "اوهان جي وڏي مهرباني جو اوهان منهنجو ڪم ڪيو آهي ۽ ٽرانسليشن ڪئي آهي." مون کيس چيو ته، "نقل ڀڻ جي ڳالهه ڪونهي. تون وڏو شاعر آهين." ان وقت هن ۾ اها خود اعتمادي ڪانه هئي، جيڪا هينئر آهيس. چيائين، "الا؟" مون چيو، "زبردست." چيائين، "ڪيئن پلا؟" مون چيو ته، "تو ۾ فن آهي." چيائين، "ڪيئن پلا؟" مونس ساٽس گڏ هو، جيڪو هڪ ترقي پسند پنجابي هو. شراب گهٽو پيئندو هو ۽ نيٽ شراب پي مري ويو.

نقاش: مونس، اياز جي پٽ جو نالو بہ آهي.

پليجو صاحب: ها، ان مونس جي نالي تي، اياز پنهنجي پٽ جو نالو رکيو آهي. بهرحال، اهو مونس هن سان گڏ هو. مون اياز کي سندس هي شعر ٻڌايا. (پليجو صاحب ذهن تي زور ڏئي ٿو ۽ شعر ياد اچڻ تي هلڪي ترنم سان ٻڌائي ٿو.)

جهرمر وارا پيارا پيارا،
نيري گهرائيءَ ۾ تارا.
مون جيئن اک بہ نہ لاتائون ٿي،
پل پل جهاتيون پاتائون ٿي.
آهي نينهن بہ نندِ جو ويري،
جاڳي مون جاڳيا،
هاڻ پرين ياد آيا.

(شعر ختم ڪري، پليجو صاحب ٻڌائي ٿو ته) اهو شعر منهنجو ياءُ عبدالرحمان ڳائيندو هو. اهو شعر هن کي ٻڌايم ته، اياز حيرت مان چيو، "توکي اهو سڀ ياد آهي!" مون چيو، "ها بلڪل ياد آهي." اهو ٻڌي، هو اچي منهنجي پرسان ويٺو ۽ پوءِ ڪچهري ڪئيسين. مون هن تي پوءِ هڪ مقالو لکيو ۽ مولانا عبدالواحد کي "نئين زندگي" ۾ ڇپڻ لاءِ ڏنم. مون اياز تي سيني کان پهرين لکيو هو. رشيد ٻتيءَ بہ پوءِ لکيو هو. منهنجو اهو مقالو پڙهي، مولانا عبدالواحد چيو ته، "زوراور! لطيف تي لک، هيءُ وري ڪنهن تي مقالو لکي آيو آهين؟ اهي وات ڳاڙها پيا هلن، انهن تي پيو مقالو لکين!" مون اهو مقالو وري مولانا سيتائيءَ کي "نواءِ سنڌ" ۾ ڇپڻ لاءِ ڏنو. مولانا چيو ته، "اهو

وري ڪير آهي؟" چيم، "شيخ اياز آهي." "ڇا ڪندو آهي؟" "وڪيل آهي." مون ورندي ڏني. مولانا چيو، "ميان، اهي وڪيلڙا ٻڪيلڙا پيا هلن. اوهان پاڻ عالم ۽ اديب ٿي ڪري، اهڙن واهيات رولاڪن تي پيا لکو! ڪنهن سٺي موضوع تي لکو." مطلب تہ اياز جي ان زماني ۾ اها حيثيت هوندي هئي. پر بهرحال مون اياز تي لکيو. رشيد پٽيءَ بہ جيتوڻيڪ هن تي پوءِ "جوڳيءَ تي جڙاءُ" لکيو هو، پر اياز تي سسٽيميٽيڪلي (ترتيب وار) مون لکيو. غلام رباني‌ءَ کي تنقيد جي ذريعي، پهرين پهرين استيج تي مون آندو. نسيم کرل تي سيني کان پهرين مون لکيو. پهرين پهرين هوءَ جيڪا مغل هئي، ان تي مون لکيو...

لاشاري: روشن آرا؟

پليجو صاحب: نہ، ايجان ڪا ٻي هئي. ڪيترا اهڙا ماڻهو بہ هئا، جن رڳو هڪڙو افسانو لکيو، پر انهن کي مون مٿي کنيو، صرف هڪڙي افساني تي!

نوراني: يعني اوهان ۾ جوهر شناسيءَ جي صفت آهي؟

پليجو صاحب: بس مون مڙيئي سپ ماڻهو گڏ ڪري، جڙ تہ ادب جي پرورش ڪئي. "ٻارن جي ٻاري" ۾ هڪڙي چوڪري کهاڙي لکي. مون "ٻارن جي ٻاري" جي انچارج کي خط لکيو، يعني ان وقت، جڏهن آئون اديب ۽ "رسول بخش پليجو" ٿي چڪو هوس، "انڊا اونڊا ويج" لکي چڪو هوس. هن جيتري کهاڙي لکي هئي، ان کان وڌو مون ڪالم لکيو هو، ۽ ان کي مون مبارڪباد ڏني. ان ٻار جو نالو هو آفتاب چنا، يعني مهتاب چنا جو ٻاءُ، جيڪا هينئر مهتاب راشدي آهي. اهو چوڪرو هاڻ شايد انجنيئر آهي. ڪيترا ماڻهو، جيڪي منهنجا ڄاتل نہ سڃاتل هئا، انهن کي پڙهي، جيڪڏهن ڪا شيءِ پسند آئي، تہ تعريف ڪندو هوس. جنهن ماڻهوءَ خراب شيءِ لکي، تہ ان تي تنقيدي مضمون لکي ڇڏيندو هوس. منهنجو مقصد هيءُ رهيو آهي تہ، "هن خراب شيءِ کي هٽايو، هن چڱي شيءِ کي اڳتي آڻيو." مطلب تہ منهنجي ذهن ۾ اهو منصوبو هو تہ سنڌيءَ ۾ سٺو ادب آڻڻو آهي، جيڪو عالمي معيار جو هجي، ڇاڪاڻ جو آئون عالمي ادب جو شاگرد هوس. آئون انگريزي، فرينچ، روسي، هندي، جرمن، بنگالي ادب وغيره پڙهيو وينو هوس. ٽئگور، بنڪم چيٽرجي، شرت چندر چيٽرجي ۽ سجو هندي ادب پڙهيو وينو هوس. ان ڪري آئون چاهيندو هوس، تہ سنڌي ادب بہ ان ليول جو ٿئي، پر هتي پنهنجن جو ادب پڙهي مون کي الٽي ايندي هئي. شعر بہ هوائي! آئون وري گوئٽي، شيلي، ٽئگور ۽ شيڪسپيئر وغيره ننڍي هوندي ئي پڙهيو وينو هوس. اها منهنجي ٽيسٽ ٿي وئي هئي. اهي "بلنديان"، "مجاهدو بڙهي چلو"، جوش ۽ ٻيا ترقي پسند شاعر بہ مون ارڙهن سالن جي عمر ۾ چٽي ڇڏيا هئا. وڏا ٽياسون تہ وري هي مصيبتون، يعني اسان جا شاعر، ڪچيءَ ۾ پئجي ويا....

نوراني: هيستائين توهان جا ٿي پهلو سامهون آيا آهن، صحافت وارو دور، بلڪ ادب ڪٽي چئجي....

پليجو صاحب: (ڳالهه ڪٿيندي) ادب ٻي شيءِ آهي، صحافت ٻي.

نوراني: ها، صحافت، ادب ۽ وڪالت تي آيا آهيون، پر سياست تي اڃان گفتگو نه ٿي آهي.

پليجو صاحب: (نورانيءَ کي ياد ڏياريندي) هاري ڪميٽيءَ مان ٿي آيا آهيون. ٿورو انٽروڊڪشن (تعارف) ٿي چڪو آهي.

نوراني: مطلب ته ان موضوع تي اڃان پورو بحث نه ٿيو آهي.

پليجو صاحب: ها، پلي شروع ڪريو.

لاشاري: (نوراني ۽ پليجي صاحب ڏانهن نهارينديِ) معاف ڪجو، اڃا منهنجو سوال رهيل آهي. مون ائگريشن جي وضاحت پئي گهري. اوهان هيستائين ساڃي ڏر وارن جي خلاف پنهنجي ائگريشن جي وضاحت ڪندي، انهن جي پاڙ پٽڻ جي ڳالهه ڪئي آهي، پر اوهان جون جيڪي همعصر سياسي ڏريون آهن، يا جيڪي اوهان جي گروپ سان واسطو رکندڙ ماڻهو هئا، انهن جي باري ۾ اوهان جو رويو تمام سخت رهيو آهي....

پليجو صاحب: انهن جو واسطو ادب سان نه آهي.

لاشاري: نه، نه، مان فقط ائگريشن (جارحيت) جي وضاحت چاهيندس.

پليجو صاحب: منهنجو مطلب هيءُ آهي ته آئون تمام ٿورو لکندو آهيان. هڪڙا ماڻهو زود نويس يا بسيار نويس قلم ڪار ٿيندا آهن، پر آئون جڏ ته لکندو ئي ڪونه آهيان. سياست ۾ به ڪو ماڻهو، به يا ٻي پيرا ڪا غلط ڳالهه ڪري يا لکي ڇڏيندو آهي، ته ان جو آئون نوٽيس نه ونندو آهيان. پنج- ڇهه مهينا ڳالهه هلي ۽ ڇڏي ويو ته نيڪ آهي. بلا وئي، مصيبت ٽري. پر جڏهن آئون ڏسندو آهيان ته هيءُ ماڻهو مسلسل انقلاب دشمن ڪم پيو ڪري، سخت نقصان پيو ڪري، ان تي مصر به آهي، جان ئي نٿو ڇڏي ۽ ان تي لڳو پيو آهي، ته پوءِ آئون ائگريسو ٿيندو آهيان، حالانڪ آئون ان شخص کي زباني نوٽيس به پيو ڏيندو آهيان ۽ جڏهن به اهو ماڻهو پيو ملندو آهي ته ان کي چوندو آهيان ته، "بابا، تون ٻيڙي وينو ٻوڙين، خانو خراب پيو ڪرين، تباهي وينو ڪرين، ائين غلط آهي، ائين نه ڪر." بحث ڪري ڪري ساڻا ٿيندا آهيون، پر پوءِ به جيڪڏهن نه ٿو سمجهي، ته پوءِ آئون لکندو آهيان. آئون تمام آخري استيج تي لکندو آهيان. عام طرح تي مون کي لکڻ جو شوق ڪونهي. منهنجي لاءِ لکڻ هڪ وڏو عذاب آهي، وڏو ٽارچر (اذيت) آهي. لکجي، سوچجي، پوءِ وري ناهجي! لکڻ هڪڙي وڏي پڳت آهي، منهنجي لاءِ هڪ وڏي مصيبت آهي. بنيادي طرح، لکڻ جي پيٽ ۾، مون کي ڳالهيون وٽندڙيون آهن. آئون رڳو مجبوريءَ جي حالت ۾ لکندو آهيان، مثال طور: جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪو نقصانڪار مضمون لکي ٿو، ته آئون ان سان بحث ڪندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ته سالن جا سال بحث پيو هلندو آهي ۽ جڏهن ڏسندو آهيان ته هيءُ ماڻهو لاعلاج آهي ۽ لکڻ کان سواءِ

مسئلو حل نہ ٿيندو، تہ پوءِ آئون لکندو آهيان. ادب توڙي سياست ۾ ائين ڪندو آهيان. جيڪي وڏا نقصانڪار مسئلا هوندا آهن، انهن کي منهنجو اهو لکڻ درست ڪندو آهي. انهيءَ لکڻ سان مون وڏا انقلاب آندا آهن. مون لکڻ سان زماني جا دستور بدلايا آهن. مثال طور: اسان جا ڪي دوست هئا، تن قومي حساب سان ڪم ٺيڪ نہ ٿي ڪيو. اسان هنن کي انتباهہ ڏنو تہ، "اوهان جو اقتدار ختم ٿي ويندو، اوهان جي بالادستي ختم ٿي ويندي، توهان پنهنجو پاڻ کي سڏاريو، اوهان قومي مسئلي ۾ گڙٻڙ ڪري رهيا آهيو. اسان جوابي ڪارروائي ڪئي تہ اوهان ختم ٿي ويندؤ. (زور سان) هيءُ جاهہ، هيءُ جلال، هيءَ فرعونيت نہ رهندي." پوءِ مون ان مسئلي تي لکيو ۽ جيئن مون لکيو هو، تيئن ئي ٿيو، ۽ هو ختم ٿي ويا.

نوراني: "سندي ذات هنجن" جي مهاڳ ۾، محترم ابراهيم جويي لکيو آهي تہ، "جيڪڏهن پليجو وڪالت ۾ نہ پوي ها، تہ سندي ادب جو نمائندو ٿي وڃي ها، جيئن روس ۾ ترگنيف هو." شيخ ايياز صاحب وري اوهان لاءِ پنهنجي "ساهيوال جيل جي ڊائري" ۾ لکيو آهي تہ، جيڪڏهن پليجو ادب ۽ سياست ۾ نہ پوي ها تہ پاڪستان جي چوٽيءَ جي وڪيلن مان هڪ هجي ها. اهي ٻئي متضاد حوالا ۽ انداز آهن. اوهان ٻڌايو تہ اوهان جو اصل لاڙو ڪهڙي پاسي آهي؟ سياست ڏانهن؟ ادب ڏانهن؟ يا وڪالت ڏانهن؟

پليجو صاحب: مون کي صحافت ۽ تمام گهڻي وڻندي آهي. هاڻ ۽ آئون صحافت مان مزو وٺندو آهيان، پهرين تہ وڏو عذاب هئي. وڪالت سان مون کي عشق آهي، پهرين تہ وڪالت سور هئي، پر پوءِ جڏهن ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي تہ پوءِ اها منهنجي لاءِ هڪ مزو ۽ تفريح ٿي پئي. جڏهن ۽ آئون وڪالت ڪندو آهيان، تڏهن مون کي خوشي ٿيندي آهي. .I enjoy it thoroughly (آئون ان مان ڀرپور طرح سان لطف اندوز ٿيندو آهيان.) باقي ادب منهنجي لاءِ تمام وڏي ڳالهہ آهي.

نوراني: جويو صاحب ترگنيف کي روسي ادب جو نمائندو قرار ڏيندي، اوهان کي ان سان پيٽيندي، چوي ٿو تہ، اوهان ۽ سندي ادب جا نمائندا بڻجي وڃو ها بشرطيڪ ٻين مصروفيتن ۾ نہ پئو ها، جيئن مون اڳهارو ٻڌايو.

پليجو صاحب: ها، ڇاڪاڻ تہ ترگنيف ٻوليءَ جو ڏاڍي آهي. ٻوليءَ جي ڪفايت ۽ رومانس جو بادشاهہ آهي. (سيني ڏانهن واري واري سان نهاريندي) اوهان ترگنيف جي ڪهاڻين جو مجموعو "فرسٽ لَو (First Love) پڙهيو آهي؟ (خود ئي جواب ڏيندي) اردوءَ ۾ ان جي ترجمي جو نالو آهي "جهونڪي بهار ڪي." فقط شجترين ئي سندس برابري ڪري سگهي ٿو، جنهن جي ڪهاڻي آهي "هوءَ ڇوڪري." هو Pathos پٿاس (گداز) جو بادشاهہ آهي. خير، مون کي انهن ٽنهي شين سان محبت آهي، پر منهنجو سيني کان وڌيڪ، جنهن شيءِ سان پيار آهي، اهو آهي "انقلاب" يعني دنيا کي بدلائڻ. ٻيون سڀ شيون انقلاب آڻڻ جا وسيلا آهن.

نوراني: سڄي دنيا کي بدلائڻ!

پليجو صاحب: (جذباتي انداز ۾ جڙ تہ هڪ هڪ لفظ کي چيپاتيندي) Yes, To change the bloody whole world. (ها، هن سڄي غليظ دنيا کي تبديل ڪرڻ.) To change the whole society totally. (سڄي سماج کي مڪمل طرح تبديل ڪرڻ.)

نوراني: سماج جي تبديليءَ جي ڳالهہ نڪتي آهي، تہ پوءِ اچون سياست تي. ڇا ائين سمجهجي تہ جي- ايم سيد سان پهرين ملاقات ڪرڻ کان پوءِ ئي اوهان عملي سياست ۾ آيؤ؟ يا ان ملاقات کان اڳ ۾ ئي اوهان عملي سياست ۾ اچي چڪا هئا؟

لاشاري: (وڌيڪ وضاحت ڪندي) سياست معني ميچوئر (پختي) سياست.

پليجو صاحب: مون سڄو وقت سياست ڪئي آهي. هاري ڪميٽيءَ ۾ هوس. ون يونٽ لڳو تہ ادب ۾ داخل ٿيس.

نقاش: هاري ڪميٽي ڪهڙي؟

پليجو صاحب: ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ واري هاري ڪميٽي. آئون ان جي ڪائونسل جو ميمبر هوس ۽ ڪامريڊ جتوئيءَ جي اصل تمام ويجهو هوس. بحث ۾ ڪندا هئاسون. ڪڏهن ڪڏهن مون کي ڪن مان جهلي چوندو هو تہ، "لپاٽ هٽندوسانءِ." هڪ دفعي ابراهيم جويي سان بحث پئي ڪيائين، تہ مون چيو تہ، "توهان جي سڄي لائين غلط آهي." ڪامريڊ چيو، "لپاٽ هٽندوسانءِ." مون چيو، "لپاٽ پلي هٽو، پر ڳالهہ ڪبي صحيح. اوهان جي لائين بلڪل غلط آهي." پر هو مون کي تمام گهڻو پائيندو هو.

نوراني: پوءِ اوهان جا ڪامريڊ جتوئيءَ سان اختلاف ڪهڙي ڳالهہ تي ٿيا؟

پليجو صاحب: ڪميونسٽ پارٽيءَ سان واسطو رکندڙ دوستن سان منهنجو ڪيترين ئي ڳالهين تي اختلاف هو. منهنجو خيال هو تہ ڪامريڊ جتوئيءَ جو انهن ڪميونسٽن ڏانهن جيڪو لاڙو هو، سو صحيح نہ هو. مون ان ڪري، ڪامريڊ تي تنقيد ڪرڻ شروع ڪري ڏني، جنهن جي ڪري اسان ۾ اختلاف شروع ٿي ويا.

لاشاري: ڪامريڊ جتوئيءَ جو ڪميونسٽ پارٽيءَ ڏانهن ڪيتري حد تائين لاڙو هو؟

پليجو صاحب: ڪيس لائين ڪميونسٽ پارٽي ئي ڏيندي هئي.

لاشاري: ڪامريڊ انهن جي لائين تي هلندو هو يا نہ؟

پليجو صاحب: ڪامريڊ ڪڏهن انهن جي صلاحن تي هلندو هو، تہ ڪڏهن وري ڪونہ ۾ هلندو هو. مثال طور: ڪميونسٽ پارٽيءَ وارن دوستن چيو تہ، "سڄي ون يونٽ وارن علاقن (مغربي پاڪستان) جي هڪ گڏيل هاري ڪميٽي ٿا ناهيون." پر ڪامريڊ سندن اها ڳالهہ ڪانہ مڃي. ڪڏهن مڃيندو هو، تہ ڪڏهن نہ. گوڙ ڪيو ويٺو هوندو هو، پر ڪميونسٹ پارٽيءَ وارا همراهہ ڪامريڊ کي مڙئي ماريو مڃايو ٻيٺا

هوندا هئا. جنرل لائين هنن جي ئي هلندي هئي. ڪيترا ٻيا دوست سندس خلاف ٻيهاريو ٻيڻا هوندا هئا. نالا ڪونہ ٿو وٺان. مون کان بہ اهي ڪامريڊ جي خلاف تقريرون ڪرائيندا هئا، پر پوءِ مون انڪار ڪري ڇڏيو. هڪڙي پيري مون کي چيائون تہ "تون ڪامريڊ جي خلاف تقرير ڪر." (تہ جيئن هو ون يونٽ جي بنياد تي هاري ڪميٽي ناهي ۽ فيڊريشن جي ٻگاهہ ڪري) پر مون چيو تہ، "ٻيلي، اهو ڏنڊو آئون ڪونہ ڪندس." ٻيا دوست اهي ڏنڊا ڪندا رهندا هئا. سجو وقت ڪامريڊ کي بحث ۾ مصروف رکندا هئا، پر پوءِ هاري ڪميٽيءَ تي بندش پئجي ويئي ۽ ڪم لهي ويا. پوءِ ادب ۾ بہ مون سياسي ضرورت تحت، ادبي تنقيد ڪرڻ شروع ڪئي، تہ جيئن ادب کي ٺيڪ ڪجي. ون يونٽ ۾ جنهن ادب مون کي پهرين انسپائر ڪيو (جذبو ايارپو) اهو "آزاد سنڌ" نالي هڪڙي رسالي ۾ هو. ڪراچيءَ مان نڪرندو هو ۽ الائي ڪير ڪيندو هو! ان جي پهرئين ئي شماري ۾ رشيد پٽيءَ جو هڪ نظم ڇپيو. ان نظم مون کي ڏاڍو انسپائر ڪيو ۽ مون فيصلو ڪيو تہ هاڻ باقاعدي اديب ٽيڻ کپي ۽ لکجي. تنقيد تہ ادب ۾ اڳ ۾ ئي آئون ڪندو هوس. رشيد پٽيءَ جو اهو نظم ڏگهو هو، پر هو زبردست! انهن ڏينهن ۾ اها بندش پئي هئي تہ، "سنڌ جو نالو ڪير بہ نہ کڻي." لفافن تي بہ سنڌ جو نالو لکڻ منع هو! ڪٿي بہ لفظ "سنڌ" لکڻ ڏوهہ هو! مثال طور: اوهان لکو ٿا "حيدرآباد سنڌ" تہ اهو ڏوهہ هو. رڳو "حيدرآباد" لکو يا "حيدرآباد پاڪستان." بهرحال، رشيد جو اهو هڪ وڏو نظم هو، پر هو زبردست. اهو هيئن هو تہ:

سنڌڙي رهي، اسين نہ رهياسين تہ ڇا ٿيو!
جيڪو ڪٽي ڏگر، پنهنجو ڪٽي نگر،
ان لاءِ ٿي قهر، ان جي ونون خبر،
ان راهہ ۾ رفيق مئاسين تہ ڇا ٿيو!
سنڌڙي رهي، اسين نہ رهياسين تہ ڇا ٿيو!

(پليجو صاحب هلڪي ترنم سان اهو نظم ائين پڙهي ٿو، جڏ تہ سندس اڳيان "آزاد سنڌ" جي ان شماري جو اهو ورق کليو پيو آهي، جنهن تي رشيد پٽيءَ جو اهو نظم ڇپيو هو، نظم جو اهو حصو ٻڌائي، پليجو صاحب چوي ٿو،) ان رسالي جا ٻہ يا ٽي شمارا نڪتا، پوءِ اهو بند ٿي ويو، پر ان نظم جو مون تي ڏاڍو اثر ٿيو ۽ باقاعدي لکڻ شروع ڪيم، پر جاٽي واٽي ان خيال کان تہ، "سنڌي ادب ۾ انقلاب آڻجي، ماڻهن جا خيال ڦيرائجن." جيئن ڪانسٽينٽين فيلياب شجترين آهي.

نوراني: وري ادب جي ٻگاهہ نڪتي آهي، تہ پوءِ ٻڌايو تہ اوهان عالمي ادب ڪڏهن پڙهڻ شروع ڪيو؟

پليجو صاحب: عالمي ادب آئون ايڊيٽريءَ واري دور ۾ گهٽو پڙهندو هوس. جيئن تہ مضمون لکڻا پوندا هئا، ان ڪري مون عالمي تاريخ ورتي ۽ پڙهي. پيئرس جي انسائيڪلوپيڊيا ورتم.

نوراني: آتم ڪهاڻيون ؟

پليجو صاحب: نہ! آٿو بايوگرافيون انهن ڏينهن ۾ منهنجي لائبريريءَ ۾ ڪونہ هيون. باقي وڏن ماڻهن جون ننڍيون ننڍيون بايوگرافيون ضرور پڙهيون هيون.

نوراني: اوهان ابراهيم جويي صاحب جي ڪتاب "سيو سنڌ، سيو سڀ ڪانٽيننٽ" کان متاثر ڪونہ ٿيؤ؟

پليجو صاحب: انهن ڏينهن ۾ آئون سنڌ نالي ڪا شيءِ سمجهندو ئي ڪونہ هوس. لطيف کي بہ ڪونہ سمجهندو هوس. چوندو هوس تہ لطيف وري ڇا جو! اسان سوچيندا هئاسين تہ "پاڪستان ناهٽو آهي. اسلامي انقلاب آڻٽو آهي. بهشت ۾ جاءِ ڪرٽي آهي." پوءِ وري سوشلزم جي ڳالهہ ٿي وئي. سوشلزم جو مطلب وري هيءُ ڪيئيو وينا هئاسون تہ، "عالمي انقلاب اچي، آمريڪا کي شڪست ڏيون ۽ ائٽمي جنگ کان بچون." تنهن ڪري، سنڌ جي ڳالهہ مون کي ننڍي پئي لڳي. منهنجي دماغ ۾ وڏيون ڳالهيون هيون، فرينچ انقلاب وغيره. هيءُ صوبا ٻوبا ۽ قوميتون وغيره ذهن ۾ ڪونہ هيون.

نوراني: سنڌي لٽريچر ۾ اوهان ڪنهن کان متاثر آهيو؟ نثر توڙي شاعريءَ ۾؟

پليجو صاحب: سنڌي لٽريچر ۾ مون کي انهن افساني نگارن متاثر ڪيو، جن جي مون تعريف لکي آهي. انهن جا افسانا مون کي وڻيا. شاعرن ۾ مون کي ايياز وڻيو. ايياز مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. ترقي پسند شاعرن بہ مون کي متاثر ڪيو، مثال طور: امداد ۽ تنوير وغيره ۽ ٻيا دوست. پر خاص طرح مون کي ايياز متاثر ڪيو.

نوراني: شيخ ايياز جي ڪهڙي تخليق اوهان کي وڻي ۽ ڇو؟

پليجو صاحب: رومانوي شاعريءَ ۾ مون کي سندس مجموعو "ٻونر ٻري آڪاس" وڻيو. ان مجموعي تي بندش ٻيل آهي.

نوراني: کي ماڻهو چون ٿا تہ، شيخ ايياز جو نثر سندس شاعريءَ کان بهتر آهي. اوهان جو ڇا خيال آهي؟

پليجو صاحب: ايياز لاءِ اهو طئي ڪرڻ ڏکيو آهي تہ هن جو نثر وڌيڪ سٺو آهي يا شعر! سندس "پنهل کان پوءِ" ڪهاڻي تمام زبردست آهي، تمام زبردست! ان کري، هن ماڻهوءَ لاءِ اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي تہ، "هيءُ وڏو شاعر آهي يا وڏو نثرنگار!" پر ايياز جي شاعري ايياز جي نثر کان وڌيڪ پروگريسو آهي، ڇاڪاڻ جو نثر ۾ ايياز کي پنهنجي دل جي سڃي ڳالهہ ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو. هن ۾ جيڪي آئيڊيلستڪ (تصوراتي) ٽرينڊس (لاڙا) ۽ خيال پرستيءَ جا عنصر آهن، اهي سندس نثر ۾ نمايان ٿين ٿا. ڪي مئٽالاجيءَ (ڏند ڪٿا) وارا عنصر ۽ تصوف جو هڪ خاص تصور بہ سندس نثر مان ظاهر ٿئي ٿو. ايياز ۾ جيڪا انفراديت پسندي ۽ ذهن جا منفي لاڙا آهن، خاص ڪري سرمائيداراڻي انفراديت پسندي، اهائي ظاهر ٿئي ٿي، جيڪي

وري سندس نظم ۾ ڪٿي ڪٿي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مثال طور:

آئون اڪيلو سامهون ست،
خنجر خنجر ڪيئي هٿ.

(ڪڙي لهجي ۾) ايئز "آئون" ورجائي ٿو. ڪن حالتن ۾ "آئون" برابر ڏاڍي ترقي پسند ٿيندي آهي، پر ايئز جي "آئون" ايتري پکڙجي وئي، جو ان جو شاگردن تي به اثر ٿيو. بلڪ خود ايئز تي به اثر ٿيو ته "آئون اڪيلو آهيان ۽ پنهنجي دور جو واحد ترجمان آهيان." يعني هو پاڻ کي هڪڙي هيري جي طور تي آئيڊيلائيز ٿو ڪري (پنهنجو پاڻ کي هيرو تصور ٿو ڪري) جنهن جو هو هڪ حد تائين برابر مستحق آهي، پر هن ان تصور کي ائبسوليوٽائيز ڪري ڇڏيو آهي (انتها تائين پهچائي ڇڏيو). خير، مقصد اهو آهي ته نثر ۾ ايئز جون منفي فڪري ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون. اها شيءِ سندس پوئين دور يعني هاڻوڪي شاعريءَ ۾ به ظاهر ٿئي ٿي. ان شاعريءَ ۾ منفي لاڙا به آهن. سندس پهرئين دور جي شاعريءَ ۾ اهي لاڙا ڪونه ٿا ملن. تنهن جي باوجود، سندس شاعري، سندس نثر جي مقابلي ۾ وڌيڪ ترقي پسند آهي.

لاشاري: توهان ڪنهن زماني ۾ شاهه ۽ ايئز جي پيٽ ڪئي هئي. ان ۾ ڪيتري جسٽيفڪيشن (واجبيت) آهي ته شاهه ۽ ايئز کي پيٽجي؟

پليجو صاحب: اهو مون ڪٿي چيو هو؟ مون کي ياد نه آهي.

لاشاري: مون کي ياد ٿو پوي ته 1962ع ۾، حيدرآباد ۾ عبدالله ڇنا صاحب جي جاءِ تي رات جو ڪا گڏجاڻي ٿي هئي. مون مئٽرڪ پاس ڪئي هئي ۽ پنهنجي استاد سان گڏ پهريون دفعو حيدرآباد آيو هوس، جيڪو مون کي اتي وٺي آيو هو. اوهان به اتي هئا ته شيخ ايئز به. اوهان تمام ڊگهي تقرير ڪئي هئي. مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي ته اوهان شاهه ۽ ايئز کي پاڻ ۾ پيٽيو هو ۽ ڪٿي ڪٿي ته اوهان ايئز کي شاهه کان به مٿي کڻي ويا هئا!

پليجو صاحب: ڪن حالتن ۾ شيخ ايئز، لطيف کان به تمام اڳتي آهي. اڄوڪي دور ۾ ڪي جديد ڪنسيپشنس (سوچون، خيال، تصور) اهڙا آهن، جن جي لطيف کي خبر به ڪونه هئي. ڪي اهڙا تصور به آهن، جيڪي ايئز وٽ آهن، پر لطيف وٽ ڪونهن. في الحال ان جي تفصيل ۾ وڃي نٿو سگهجي، چوته ٻنهي جي شاعري سامهون ڪونهي. تنهن هوندي به، ان معنيٰ ۾ ٻنهي جي پيٽ ڪانه ٿي ٿي سگهي، ته هنن جو مجموعي طرح، پنهنجي پنهنجي دور ۽ سماج ۽ هن سموري ڪائنات تي جيڪو اثر آهي، ان ۾ لطيف تمام گهڻو اڳتي آهي. لطيف ايئز تي حاوي آهي. پر ائين چئجي ته ايئز بلڪل ئي ڪنهن ڪئٽيگريءَ (درجي) جو شاعر ڪونهي، ته اها ڳالهه غلط آهي. ٻي ڳالهه ته ايئز کو پير ڪونهي، سيد به ڪونهي، ايئز جا مريد به ڪونهن، ايئز تي گنبذ به ٻڌل ڪونهي، سندس پويان، سندس مجيندڙن جو هڪڙو وڏو لشڪر به ڪونهي. ايئز جيڪي ڏنڊا ڪيا آهن، اهي به ماڻهن جي اڳيان آهن. ايئز وائيس

چانسلر بہ هو. ایاز کي نوڪري بہ ڪپي. لطيف سائينءَ ۾ اهي ڳالهيون ڪونهن. ايان جون اهي ڳالهيون ڪڍي ڇڏجن ۽ نفي ڪجن، تہ ايان تمام وڏو شاعر آهي. ايان پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي. ايان جهڙا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. ممڪن آهي تہ صدين کان پوءِ، ماڻهو ٻيهر ويهي طئي ڪن، تہ ايان جو صحيح مرتبو ڪهڙو آهي؟ ايان کان پوءِ وري شاعري آهي ئي ڪانہ! آهي، پر معمولي درجي جي. ان گريڊ جي شاعري ايجان نہ ٿي آهي. ممڪن آهي تہ اهو خال وارو دور پنجاهہ سال هلي ۽ وري ڪو ٻيو ان پايي جو شاعر پيدا نہ ٿئي! ممڪن آهي تہ اهو دور سئو سال هلي، ڇاڪاڻ جو ايان يونيڪ (يگانو، لاثاني) آهي. ايان جهڙي هماگير فنامنا لطيف کان پوءِ پيدا نہ ٿي آهي. ايان کي گهٽ ڪري نہ سمجهندا ڪريو. هن جي پوئين شاعري تمام هلڪي آهي، پر ان جي بہ شايد ڪنهن ٻئي دور ۾ ڪا وڏي حيثيت ٻڌجي. هن جيڪا "گهوڙا گهوڙا" ڪئي آهي، جيڪا سندس مايوسيءَ واري شاعري آهي، تاريخ جي ڏنڊ ۽ لٽ لهڻ کان پوءِ، ۽ ماڻهن ۾ موجوده آمريت جي خلاف فوري ردعمل ختم ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن ماڻهو توازن سان سوچڻ لڳندا، تہ خود ايان پنهنجي مايوسيءَ جي لمحن جي جيڪا عڪاسي ڪئي آهي، اها بہ شايد اعليٰ ادب ۾ شمار ٿئي! تنهن ڪري ان باري ۾ ڪا مقرر شده يا فڪسڊ ڳالهہ نٿي چئي سگهجي. لطيف جهڙن ماڻهن جي پويان لڳڻ سندن توهين آهي، مثال طور: مون تازو پنڊيءَ ۾ هڪ تقريب ۾ خواجا فريد جو ڪلام ٻڌايو هو، جنهن ۾ هو چوي ٿو تہ:

ميـڈا يـار وي تـون، دلـدار وي تـون

يعني پنهنجي هڪڙي ئي ڪلام ۾ پنهنجي محبوب کي ائين هما رنگي وصف سان ڏسڻ، سموري سنڌي، پنجابي ۽ سرائيڪي شاعريءَ ۾ ڪونهي! اهڙيءَ طرح سراپا جي عالم ۾ هير جي وصف جيڪا وارث شاهہ چٽي آهي، اها پنهنجي سر هڪ يگاني شيءِ آهي! ائين مختلف ڳالهيون ٿين ٿيون، تنهن جي ڪري ان ڳالهہ ۾ ڪا حد فاصل نٿي رکي سگهجي، تہ ڪو شاعر ڪن ڳالهين ۾ ڪنهن ٻئي شاعر کان اڳتي وڃي سگهي ٿو! ممڪن آهي تہ ڪيتريون ڳالهيون ايان ۾ هجن جيڪي لطيف سائينءَ ۾ نہ هجن.

لاشاري: "چند چنبيليءَ ول" کان پوءِ لڳي ٿو تہ ايان پاڻ کي ٻيهر انٽيگريٽ ڪرڻ (سهيڑڻ) شروع ڪيو آهي.

پليجو صاحب: ها، ائين لڳي ٿو، پر ايجان انهيءَ مقام تي پهچي ڪين سگهيو آهي. ايجان اهو انٽيگريشن اچي! اهو پس منظر، اهي جمهوري لاڙا، جيڪي ڪجهہ ٿيو پئي (اهو هاڻ ڪٽي!) هاڻ تمام گهٽو پاڻي وهي چڪو آهي. ايان مايوسين جا وڏا رڙ پٽ جهاڳي، هتي پهتو آهي. هينئر اها اميد، اهو لهجو ۽ اهو يقين ڪٽي! (ذهن تي زور ڏيندي) سندس هي شعر تہ ڏسو!

جـنـهـن جـي چـڱ چـنـبـيـلـيءَ ول،

جيئن سرهي سيج پري،
ڪوئي ڪيئن ڪري!
پل پل تي ٿو پيار ڪمل،
جيئن ڪومل هٿ ڏري،
ڪوئي ڪيئن ڪري!

تہ ايازِ جيڪا رواني ۽ بي ساختگي هئي، اها هاڻ ڪٿي! پر وري بہ ايازِ هڪ غير معمولي فنامنا (مظهر) آهي.

لاشاري: (مشڪندي) ايازِ ڪي توهان ڪڏهن چڏيو بہ آهي؟ پاڻ ڪان پري بہ ڪيو آهي؟

پليجو صاحب: (بيزاريءَ مان) ايازِ مان آئون زمانن جا زمانا بيزار بہ رهيو آهيان. ايازِ اهڙي پٽ ۾ ويو آهي، جو آئون ايازِ جي ويجهو تہ چا، پر گهٽيءَ مان لنگهڻ لاءِ بہ تيار نہ رهيو آهيان! مطلب تہ سندس فڪري معاملي ۽ وائيس چانسلريءَ يا سندس ذاتي رويي جي ڪري، آئون هن ڪان ناراض رهيو آهيان. ايازِ وٽ آئون ائين بہ رهيو آهيان، جو ايازِ مون ڪي ماني بہ نہ ڪارائي هوندي ۽ اٿي هليو آيو هوندس. ڪڏهن تہ ايازِ جا مهمان بہ آيا هوندا، تہ انهن ڪي ماني ڪارائڻ جا پئسا بہ مون ڪيسي مان پري ڏنا هوندا، تہ پنهنجا بہ! منهنجا ايازِ جي ڪمزورين جي باري ۾ جيڪي پرپور تاثر آهن، اهي رڳو ايازِ ئي ٻڌي سگهي ٿو، ٻيو ڪير بہ ٻڌي نہ ٿو سگهي!

لاشاري: هڪ سماجي نقاد جي طور تي، توهان جو اهو بہ فرض ٿئي ٿو تہ ايازِ جهڙي وڏي شاعر کي پاڻ ڪان پري نہ ڪريو، بلڪ ان کي پڪڙي رکو!

پليجو صاحب: نہ، ڪڏهن ڪڏهن، ڪنهن ماڻهوءَ کي پڪڙي رکڻ لاءِ، ان ڪان پري رهڻ ضروري ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي احساس ئي نہ ڏياريو ويجي تہ، "تو هيءُ ڪم صحيح ئي نہ ڪيو آهي" ۽ زندگي خود ان جي تربيت نہ ڪري، تہ ماڻهو ان کي سيکاري نٿو سگهي. ماڻهوءَ کي ڪڏهن ڪڏهن، سندس ڪيتي جو ڦل چکڻ جو موقعو ڏنو ويجي، تہ جيئن هو ڏسي تہ، "منهنجن ڪنيل قدمن جو لازمي نتيجو ڪهڙو نڪتو آهي!" ماڻهوءَ کي زندگيءَ سان اکيون اکين ۾ ملائي ڏسڻ جو موقعو ڏنو ويجي. ايازِ پاڻ ڏٺو تہ، "آئون بلندين تي هوس، (هاڻ نہ آهيان)." (پليجو صاحب، شاهہ جو شعر پنهنجي مخصوص انداز ۾ پڙهي ٿو)

وڏيري هياس، چنيسر جي راج ۾،
دهلين دمامين نقرين، ٿي پل پل پچياس،
ڏولي ڏيلياس، ٿيس ڏهاڳڻ ڏيهہ ۾.

ايازِ پاڻ ڏٺو تہ هن سان ليلا وارو قصو ٿيو، جنهن هار جي هڪ سيٽ يا هڪ مٽيي تي موهجي چنيسر وڃايو. اها ڳالهہ بهرحال جدا آهي، پر ايازِ جي شاعريءَ جي ايجان ڪٽ ڪانہ ٿي آهي. ايازِ ايڏو وڏو شاعر آهي، جو ان تي ڪي پي- ايڇ ڊيون،

کي ٽيسزون، کي قصا ۾ وڌيون پگڻتون ڪپن. ايياز کي پنهنجو نسل، سموئي، پوري ڪٽ ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نہ آهي يا وري توهان ۾ مون جهڙو کو ماڻهو، نانگو ۾ واندو وينو هجي ۾ ٻيو کو ڪم ئي نہ ڪري صرف ايياز تي تحقيق وينو ڪري ۾ سجو ڏينهن ايياز جي پويان لڳو پيو هجي، تہ پوءِ ٻي ڳالهہ آهي، پر:

اور پي دُک هين زماني ۾ محبت کي سوا

هاڻ پاڻ ٻئي پاسي آهيون، باقي ايياز جا پنهنجا جيڪي جوهر آهن، نثر ۾ سندس پنهنجا جيڪي عجيب ۾ غريب خيال آهن، سي اهي ئي آهن، جيڪي پاڻ ڏسون وينا. مولانا مودوديءَ لاءِ ٻہ پاڻ چئون ٿا تہ، "شايد هن ٻہ ٻئي ريسرچ ڪئي!" سو اها جدا ڳالهہ آهي، باقي ايياز شاعر ايڏو وڏو آهي، جو پاڻ ان جو تصور ٻہ ڪري نٿا سگهون!

لاشاري: "پشو پاشا" تي اوهان تنقيد ڪئي هئي. ان سلسلي ۾ هڪڙي راءِ اها آهي تہ "پشو پاشا" جيئن اوهان چئو ٿا تہ، "هڪ خيالي ڪردار هو." پر هڪڙو خيال اهو ٻہ آهي تہ، "اها ڪنهن ڪردار کي ناهڻ جي خواهش ۽ باقاعدي منصوبي بندي هئي، تہ جيئن اهڙو ڪردار ادب ۾ ٻہ پيدا ٿئي، تہ سماج ۾ ٻہ." توهان ڇا ٿا سمجهو تہ اهو ڪردار هڪ خيالي ڪردار ئي رهندو؟

پليجو صاحب: منهنجو اهو اعتراض نہ آهي تہ، "ڪردار خيالي نہ هجن!" آئون تہ پاڻ انهن جو زبردست حامي آهيان. مون اهو "سندي ذات هنجن" ۾ لکيو آهي تہ، "جيڪي شيون اڄان تاريخ ۾ وجود ۾ نہ آيون آهن، جيڪي حالتون وجود ۾ نہ آيون آهن، تن کي فرض ڪري ورتو وڃي، تہ هينئر اچي چڪيون آهن." جيئن جاسوسي ناولن ۾ ٿيندو آهي، تہ اهڙا اوزار جاسوسن وٽ هوندا آهن، جيڪي ايجا ڦهيا ئي ڪونهن! جيئن فئنٽيسيءَ ۾ ايڇ- جي ويلس جي هڪ ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ ٽائيم مشين ٺاهي وئي آهي. ان مشين کي جيڪڏهن اڳتي ڪجي تہ ماڻهو پنج هزار سال اڳتي هليو ٿو وڃي! پر وري مشين کي هيٺ ٿو ڪجي تہ ماڻهو وري ماضيءَ ۾ هليو ٿو وڃي! حالانڪ، اهڙي مشين ايجا ٺهي ڪانهي، جيئن جولس ورن (Jules Vern) جا سائنس فڪشن آهن، جنهن ۾ "ايٽ ڊيز ارائونڊ دي ورلڊ" ۾ هن تصور ٻہ ڪري ورتو تہ اهي ڳالهيون ٿي ويون. ٿهڙيءَ طرح، سماجي طور تي، اسان کي تصور ڪرڻ گهرجي تہ اهڙو معاشرو ٺهي ويو، اهڙا ماڻهو اچي ويا، اهڙيون تنظيمون اچي ويون، جيڪي درحقيقت موجود نہ آهن. پر ماڻهن کي انهن جو جلوو اڳواڻ پسائڻ لاءِ، اڳواڻ ئي انهن جون تصويرون پيش ڪرڻ ضروري آهي، تہ جيئن ماڻهو ان تي موهت ٿي، اڳ ۾ ئي ان کي ڏسي (قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن.) مثال طور: ڪهاڻين ۾ ۽ ناولن ۾ اهڙيون حسين چوڪريون ڏيکاريون وڃن ٿيون، جهڙيون ماڻهو هن معاشري ۾ نٿو ڏسي! اهڙا بهادر ڏيکاريا وڃن ٿا، جيڪي هن معاشري ۾ ڪونهن! (مطلب تہ) اهڙا سنا، نيڪ ۽ انقلاب جا صاحب ڏيکاريا وڃن، اهڙيون تنظيمون ڏيکاريون وڃن، جن جو وجود ڪونهي، پر (بهرحال) اهي اهڙيون هئڻ گهرجن، جن جا پير زمين تي هجن ۽

جيڪي اسان کي ڪپن. "پشو پاشا" ۾ جيڪو ماڻهو پيش ڪيو ويو آهي، اهو ڇيڀگرو آهي، انقلابي ڪونهي، نہ تہ اهو پلو ماڻهو آهي ۽ نہ ڪامياب! ان جي ڪاپي ڪرڻ، پنهنجي تحريڪ کي نقصان پهچائڻ جي برابر آهي. ان جهڙو ماڻهو ٽيڙ سخت نقصانڪار آهي. اهو ماڻهو هيرو نہ پر ائنٽي هيرو آهي. ان کان پاڻ بچڻ گهرجي. جمال تہ هڪڙي اهڙي هچان ناهي وڏي آهي، جيڪا هڪ مصيبت ٿي پئي آهي! (چيندڙ لهجي ۾) اهڙو جي هيرو ٿئي، جيڪو عشق ۾ ڪامياب نہ ٿئي تہ ٽپڙ پيجيو وينو آهي! ڪنهن چوريءَ کي ٻانهن کان جهليو پيو وڃي! ڪنهن کي ماري پيو! ڪنهن کي لٽ پيو هٽي! تہ ڪهڙي ڪم جو! جمال اها چري بلا ڳچيءَ ۾ وجهي چڏي آهي. اهو صحيح مثالي ڪردار نہ آهي. منهنجو اهو اعتراض نہ آهي تہ فئنٽاسي نہ هجي، پر منهنجو مطلب آهي تہ فئنٽاسي صحيح آئيڊيل جي نشاندهي ڪري، يعني نسبتاً صحيح. ظاهر آهي تہ فطرتي طرح، اهو جامع ۽ مڪمل ڪردار ٿي نٿو سگهي.

لاشاري: سائين! سنڌي سماج ترقيءَ جي جنهن ڏاکي تي هو يا آهي، ان ۾ تنقيد اڄا ڪنهن مٿاهين ڏاکي تي ڪونہ پهتي آهي ۽ نظرياتي پختگي اڃان ايتري ڪونہ وڌي آهي، يا ائين ڪٽي چئجي تہ اها مدر آرگنائيزيشن (وڏي تنظيم)، جيڪا انهن سيني ڳالهين کي گڏ ڪري هلائي، اسان وٽ ڪونهي. انهيءَ صورت ۾ اهڙو ڪو تخليقي ڪردار پيش ٿئي ٿو، جيڪو نيڪ آهي، يا رف آهي، يا ائڊوينچرسٽ (مهم جو) يا انهن وانگر ڪم ڪري ٿو ۽ نيٺ ڪيس پريڪٽيڪل (عملي) ٽيٽو آهي، تہ بنيادي طرح ان قسم جو ڪردار هن دور ۾ تخليق ڪرڻ، ڪهاڻيڪار جي ڪاميابي ڪانهي؟ (لاشاريءَ جو مطلب "پشو پاشا" ڏانهن آهي.)

پليجو صاحب: ان دور ۾ دنيا جي استيج تي ۽ ادب جي دنيا ۾ بهترين ڪردار اچي چڪا هئا. جڏهن ترقي يافتہ دنيا جو ادب موجود هجي، اهڙا پروٽو ٽائيپس موجود هجن، جڏهن زبردست هيرا ادب جي دنيا ۾ موجود هئا، تڏهن اهڙي هڪڙي چري بلا پيش ڪرڻ، خود سماج جي لاءِ نقصانڪار اثر پيدا ڪرڻ جي برابر نہ آهي ڇا؟

يعني جڏهن سڄو مال تيار هجي، جنهن مان بهترين هيرا تخليق ڪري سگهجن ٿا ۽ ٿوري محنت سان ماڻهو ڪجهہ ڪري سگهي ٿو، (تيزيءَ سان، تقريري انداز ۾) جڏهن ايتري جاڻ ميسر هجي، سمجهہ هجي، شعور هجي، نظريو ميسر هجي، اتي ماڻهو هڪڙي چلولائي يعني Inaptitude (نااهليءَ)، بي سمجهيءَ، سستيءَ ۽ لاپرواهيءَ کان ڪم وٺي، هڪڙو اهڙو ڪم ڪري، جنهن جي ڪرڻ جا صحيح طريقا موجود هجن، تہ پوءِ ان جي ساراهہ نہ ٿي ڪري سگهجي. دراصل انقلابي ڪردارن جي باري ۾ سنڌي توڙي برصغير جو جيڪو ادب اسان وٽ ميسر آهي، تنهن جا سڀ نتيجا اهڙا ئي آهن، سيئي هيرا منفي آهن. جيڪي بہ انقلابين بابت ڪتاب لکيا ويا آهن، سي رجعت پرست آهن ۽ (افسوس آهي تہ) ماڻهن وري انهن جي تعريف

ڪئي آهي! اردو ادب ۾ به جيڪي مثالي ڪردار پيش ڪيا ويا آهن، اهي به رجعت پرست، منفي ۽ عوام دشمن ڪردار آهن. اهي جاڻي واڻي انقلابي جدوجهد کي بدنام ڪرڻ لاءِ پيش ڪيا ويا هجن تہ به نهيو، حالانڪ ڪي ماڻهو اهڙا به آهن، جن لاءِ ائين نہ سوچجي، پر انهن جي تحت الشعور ۾ اهوئي خيال آهي. مثال طور: "آخري شب ڪي همسفر" ۾ جيڪو انقلابي ڪردار لکيل آهي، سو سخت ۾ سخت موقعي پرست ۽ رجعت پرست آهي، ان ۾ انقلاب جو گڻ ڪونهي. هتي انقلابي ڪردار نگاريءَ ۾ منفي رويو ۽ لاپرواهي اختيار ڪئي ٿي وڃي. اهي ماڻهو (ليکڪ) عام ماڻهن جي بي خبريءَ جو فائدو ونڻي، پاڻ کي وڏا اديب ظاهر ڪريو. اصل ۾ پنهنجو ڇٽپڻو، جهالتپڻو ۽ لاپرواهي لکائين ٿا. انهن ماڻهن کي ڪو پڇڻ ٻڇڻ وارو ڪونهي! هڪڙي تمام محترمہ لکندڙ آهي، حاجره مسرور جي پيڙ خديجا مستور، جنهن ناول "آنگن" لکيو آهي، ان جو انقلابي ۽ موقعي پرست آهي، عين ٽائيم تي پاڙيو ۽ بزدل ٿي، پنهنجي انقلاب کان هٽيو وڃي! ڪرشن چندر جو به مون ذڪر ڪيو آهي، ان جو هڪ ناول آهي، جنهن ۾ ڏکڻ کان ٽوسج اپري. ان جو جيڪو هيرو آهي، ان جو انقلابي هيري سان ڪوبہ تعلق ڪونهي. جيڪي جدوجهدون عام طرح ٽين ٽيون، ان دور ۾ ٽيون. (بلڪ) جيڪي حقيقي طرح ٽيون، انهن سان ان جو ڪوبہ تعلق ڪونهي. اهو هڪ تمام جڏي قسم جو رومانوي ۽ خيالي ڪردار آهي. اها هڪ اهڙي فئنٽاسي آهي، جيڪا انقلاب دشمن ۽ ماڻهو گمراهہ ڪندڙ آهي. هڪ ٻيو به مشهور ۽ معروف ناول آهي، جنهن جا جيڪي هيرا آهن، انهن جو اختتام رجعت پرستيءَ، ابن الوقتيءَ وارو ۽ سڌارڪ آهي، بلڪ موقعي پرست ۽ رفارمسٽ آهي. ان ناول کي ماڻهن زمين تان کڻي آسمان تي پهچائي ڇڏيو آهي!

نقاش: ڪهڙي ناول ۾؟

پليجو صاحب: (نالو ظاهر ڪرڻ کان گريز ڪندي) ناول آهي، جنهن ۾ هيرا مسيتون پيا ناهين، خير ۽ پلي جا ڪم پيا ڪن، گئوشالون ۽ ڏرمشالون پيا ناهين. اهي پچاڙيءَ جو وڃي جدوجهدون ڪري، بلندين تي پهچي، وڃي سڌارڪ ڪم ٿا ڪن! يعني ڪنهن تبليغي انجمن وارا ڪم ٿا ڪن!

نقاش: (اندازو لڳائيندي، تکڙ ۾) يعني "خدا جي بستي" شوڪت صديقيءَ جو؟

پليجو صاحب: (سڌو جواب ڏيڻ بدران ڪجهہ گهڙيون نقاش سان نگاهون ملائيندي، مزاحيہ لهجي ۾) اهي عبدالستار ايڌيءَ وارا ڪردار! (سيئي مشڪن ٿا.)

نقاش: توهان جي نظر ۾ سنڌيءَ جي افسانوي ادب ۾ نسبتاً انقلابي اميج ۽ ڪردار ڪهڙي اديب ڏنا آهن؟

پليجو صاحب: (بلڪل سپاٽ لهجي ۾، بنا تذبذب جي) رسول بخش پليجي.

نقاش: مثال طور ڪهڙا ڪردار؟

پليجو صاحب: (بنا ڪنهن هڪ جي) "بختاور." ٻي به هڪ ڪهاڻي آهي. ان

ڪهاڻيءَ جو نالو الائي ڇا آهي، ان ۾ مهاڻي جي ڳالهه آهي. ان جو پٽ قتل ٿي ويجي ٿو. هو پنهنجو خون بخش ڪري ٿو. ان جي ڪهاڻي ياد آهي، پر نالو وسري ويو اٿم. (پر پليجي صاحب جو اشارو سندس ڪهاڻي "اڄ آڳڙيا آئيا" ڏانهن آهي.)

نقاش: گذريل پنجن سالن کان رسول بخش پليجي يعني توهان جيڪي ڪهاڻيون لکيون آهن، انهن جي باري ۾ هڪڙي تنقيد اها ٻه آهي ته انهن ۾ اتساهه ته گهڻو آهي پر انهن جو آرٽسٽڪ پهلو ڪمزور آهي ۽ اهي مبالغانا ڪهاڻيون لڳن ٿيون. ان تنقيد جو اوهان وٽ ڪهڙو جواب آهي؟

پليجو صاحب: هڪڙو ته آرٽ براءِ آرٽ نه هئڻ کپي. گهڻو زور ابلاغ تي هئڻ کپي، يعني ماڻهن جي ذهنن تائين ڳالهه پهچي. ٻي ڳالهه ته سادگيءَ ۾ ٻه پنهنجو حسن هوندو آهي، مثال طور: ڪا قميص سادي ٻه چڱي لڳندي آهي. قميص تي پرت پرڻ جي ضرورت ڪونه هوندي آهي. قميص سادي آهي، نيڪ آهي ۽ پئي آهي! جهڙو ماڻهو هجي، تهڙو ان جو ميڪ- اپ هجڻ گهرجي. ڳرو ميڪ- اپ ڪرڻ سان ماڻهو حسين نٿو ٿئي، پر هڪ گڏي ٿيو پوي! پنهنجو هڪ اديب آهي جيڪو رڳو هيري جو ميڪ- اپ ڪندو آهي، پر ڳالهه ۾ ڪجهه ئي ڪونه هوندو آهي، رڳو هيوي ميڪ- اپ! ٻيو ٿيو خير! اندر ٽپڙ گمر! ٻولي سبحان الله! لفظ واهه واهه! باقي ڳالهه اول ته رجعت پرست هوندي، يا وري ان ۾ پلاٽ هوندو ئي ڪونه! سنڌ جي ستر سيڪڙو ڪهاڻين جو پلاٽ ئي ڪونهي! ڪهاڻيڪار ڳالهيون ڪٿي ڪهڙيون ٻه ڪري، پلاٽ ۾ ڪانه ڪا شيءِ ٽنگ ڪنيو ٻيني هوندي! يعني Well thought out plot (چڱيءَ طرح سوچيل پلاٽ) هوندو ئي ڪونهي! باقي لفظن جي ڪاريگري ۽ پرت گهڻو هوندو آهي، ڪپڙي جي ماپ غلط! ڪيسو مٿي لڳو پيو آهي، ته شلوار گوڏن تي پئي لڙڪي! پر پائنچن تي پرت سبحان الله! سو اهڙا اديب ٻه اسان وٽ آهن، يا وري ڪي اديب پلاٽ ڪي لاپرواهيءَ سان ڏسندا آهن. اهو ڪونه ڏسندا ته ان پلاٽ جو سماجي اثر ڪهڙو ٿيندو، يا جيڪي ڪجهه چوان پيو، ان جو اثر ماڻهن تي ڪهڙو پوندو. ڪيترن ۾ اها سمجهه ڪانهي ته ڪيترن ۾ وري اهو شعور ئي ڪونهي ته سمجهي سگهن ته ڳالهه ڪٿي ويجي ٿي دنگ ڪري! اسان جي اديبن ۾ اهي نقص آهن.

نوراني: ڇا توهان جو مطلب اهو آهي ته سنڌي ادب ۾ رڳو فارم (شڪل) آهي پر ڪانٽينٽ (مواد) ڪونهي، ۽ توهان جي ڪهاڻين ۾ فارم ڪونهي پر ڪانٽينٽ آهي؟

پليجو صاحب: نه، اها ڳالهه ڪانهي. پنهنجي دور ۾ هڪ احتجاجي قسم جو ادب موجود آهي، يعني ڪنهن خراب شيءِ جي اوگهڙ ڪرڻ، ان جي مذمت ڪرڻ ۽ ان کي بي نقاب ڪرڻ، ان حد تائين سنڌي ادب ڪامياب ويو آهي، پر ان کان مٿانهين استيج تي سنڌي ادب ايڏا پهتو ئي ڪونهي.

نوراني: ان جا ڪهڙا سبب آهن؟

پليجو صاحب: نقادن جي بي سمجهيءَ ڪري ائين ٿيو آهي. نقادن کي خبر ئي ڪانهي ته تنقيد ڪيئن ٿيندي آهي! اسان پنهنجي دور ۾ ادب جي رهنمائي ڪري، ان کي هٿ سان استيج تي پهچائي، امتحان پاس ڪرايو، پر هن دور ۾ ڪوبہ اديب اهڙو ڪونهي، جيڪو موجوده ادب کي هٿي ڏياري، متئين ڏاڪي جي نشاندهي ڪري ته هن شيءِ کي هيئن وٺي وڃو، هيئن ڪريو ۽ هيئن نہ ڪريو. اهڙو اديب ڪونهي جو رهنمائي ڪري. اسان جا اديب رڳو ڪمينٽيٽر (تبصري نگار) آهن، رهبر ڪونهن. تنقيد بہ ائين ئي سطحي آهي. تنقيد بہ هوائي ۽ تنقيد براءِ تنقيد آهي.

لاشاري: سوير قرة العين جي "آخري شب کي همسفر" جي ڳالهہ پئي ٿي، پر سندس ناول "آگ ڪا دريا" جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟

پليجو صاحب: (نوڙت سان) ان ڳالهہ تي اچان ٿو، پر پهرين هيءَ ڳالهہ ڪري وٺان.

لاشاري: نيڪ آهي.

پليجو صاحب: (نوراني ڏانهن نهاريندي) ان ۾ ڇا آهي ته ڪنهن شيءِ جي مذمت ته ڪئي وڃي ٿي، تنقيد بہ ٿئي ٿي ۽ چيو وڃي ٿو ته هيءُ نيڪ آهي يا خراب، پر اهو نٿو ٻڌايو وڃي ته ڇا ٿجي، ڇا ڪجي؟ خراب ڪردارن تي تنقيد ته ٿي ويئي ۽ انهن جي مذمت بہ ڪئي ويئي، پر ڇا ٿيڻ گهرجي، اهو نٿو ٻڌايو وڃي. اديبن کي گهرجي ته ان لاءِ مثالي ڪردار ادا ڪن، جيئن رومانوي ڪهاڻين ۾ هيروئنون هونديون آهن.

مثال طور: هير آهي، ان لاءِ شاعر ٿو چوي ته:

آئي هير سهيليان نال،
ڏار تي آئون سير وچ.

هن چيو ته حسن کپي ته هير وارو کپي، يا وري لطيف چيو آهي ته:

جنهن تڙ ڏوڙون ڏون، چوٽا چندن چڪ ڪيو،
اچن پوئنر پنيولیا، پاٽيءَ تنهن پُون،
راول رتو رُون، ڪو وهہ لڳو واسئين.

يا وري:

جهڙا پانن پن، تهڙيون سالون مٽن سايون.

مطلب ته شاهہ پنهنجا آئيڊيل پيش ڪيا، ته هڪڙو ٿيڻ گهرجي يا ستي مارئي ٿيڻ کپي:

مَر سپني مارئي، مَر ڃائي.

يا:

آڏو ٽڪر تر، متان روهہ رتيون ٽئين.

اِهي سڀ آئيڊيلس آهن يا مثال طور:

جنهن چوريءَ ۾ چوهہ، سا پٽون ٽيندي پير تي.

يعني هن قسم جي چوڪري هئڻ ڪپي. اسين پڇون ٿا تہ هن دور جو انقلابي ڪهڙو هئڻ ڪپي؟ جواب ٿو ملي "آگوٰنو!" ڪوبہ آئيڊيل (مثالي ڪردار) ڪونهي. (هنن کي اها بہ خبر ڪونهي تہ) اڄ جي سهڻي چوڪريءَ جي پيءُ جو ڪردار ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ هڪڙو اڳيون پيءُ هو، جيڪو سهڻيءَ جو پيءُ هو، پر اڄ جي حسين چوڪريءَ جي پيءُ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ترقي پسند عاشق کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ روايتي ميهار تہ هٿ ڪڍيو دڪان تي وينو هو! ان جي پيٽ ۾ اڄ جي ترقي پسند عاشق کي ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي؟ اڄ جي ترقي پسند معشوق جي ترقي پسند ماءُ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ "آخري شب ڪي همسفر" جي هيري جي مقابلي ۾ ڪهڙو هيرو ٽيڻ گهرجي؟ ان جي باري ۾ ڪوبہ افسانو ڪونهي! هتي سڀ ڇٽ وينا آهن!

نوراني: ان خاميءَ جو ڪو خاص سبب آهي يا ڪو نفسياتي مسئلو آهي؟ هتي ادب ۾ ايڏو گند ڇو آهي؟

پليجو صاحب: اهو سمجهڻ لاءِ بحرالعلوم ٽيڻ ضروري آهي. ان لاءِ نظريو اچڻ گهرجي. تاريخ جي ڄاڻ هجي. اها خبر هئڻ گهرجي تہ مثالي شخصيتون ڪهڙيون هونديون آهن؟ انهن جو تصور ڇتو هجي. ويٽنامي، روسي، چيني ۽ فرينچ انقلاب پڙهجي. هتي تہ اڻ پڙهيل ماڻهو وينا آهن! هنن جي سامهون عالمي، تاريخي ۽ گوناگون مثالي ڪردار سامهون ڪونهن، تاريخي سطح تي ڪي بہ تصور ۽ خيال ڪونهن، آئيڊيياز جي ڪوٽ آهي. اميجز ڪونهن، جن تي گوشت چاڙهي، پنهنجي وقت ۽ دور جي ماڻهن جي ڪچي مال کي انهن مثالي ڪردارن ۾ تبديل ڪن.

نوراني: (نقاش ۽ لاشاريءَ ڏانهن اجازت طلب نگاهن سان ڏسندي) پائرو! آئون پليجي صاحب کان ادب تي ٿي سوال ڪندس، باقي ٻيا سوال پلي اوهان ٻيا ڪجو. لاشاري ۽ نقاش: (بيڪ آواز) پلي، پلي.

نوراني: (پليجي صاحب سان مخاطب ٿيندي) سائين! اياز پنهنجي "ساهيوال جيل جي ڊائري" ۾ مائوزي تنگ جي Talks at the Yenan forum on art and literature **بابت لکيو آهي تہ، "اها تقرير وڏي بکواس آهي."[1] آرٽ جي باري ۾ شيخ اياز جا ٽلهي ليکي هيءُ خيال آهن تہ ادب کي آزاد رهڻ جي لاءِ سياست کي ادب جي طابع هئڻ گهرجي.**

پليجو صاحب: (نهايت ڌيان سان ٻڌندي) وري چئو.

نوراني: مان سمجهان ٿو تہ سندس مقصد هيءُ هو تہ ادب آزاد ٿئي، ان لاءِ سياست ڪري، تہ جيئن ادب آزاد ٿئي، يعني مطلب اهو ٿيو تہ سياست، ادب جي طابع هئڻ گهرجي، جيئن اديب آزاد ٿئي. ان راءِ بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟ ٻيو سوال هيءُ آهي تہ عالمي ادب ۾ اوهان کي ڪهڙا اديب وڻيا ۽ ڪهڙين ڳالهين جي ڪري؟ باقي ٽيون سوال آئون پوءِ ڪندس.

پليجو صاحب: سياست اهڙي ٽيڻ ڪپي، جو ادب آزاد ٿئي، اها ڳالهہ جنهن

نموني ۾ ۽ جن لفظن ۾ پيش ڪئي وئي آهي، اهو هڪ تمام بلند خيال آهي. مون اها شيءِ ائين نہ پڙهي آهي، جيئن اوهان پيش ڪئي آهي. اهو خيال مان پهريون دفعو پيو ٻڌان! ۽ وري چوان ٿو تہ اهو زبردست خيال آهي. منهنجي نظر مان اها ڳالهہ نہ گذري آهي. ڪي عام شيون، اتفاق سان نظر ۾ اچڻ ڪان رهجي ويون ٿيون. منهنجي نظر مان اها ڳالهہ ڪانہ نڪتي آهي. مان ان خيال کي وري اپريشيئيٽ ڪريان ٿو تہ سياستدان جو آخري منتها اهو هئڻ گهرجي تہ سياست بلندين تي پهچي. سياست اهڙي ماحول کي جنم ڏئي ۽ مرتب ڪري ۽ اهڙو بندوبست ڪري جو ادب پنهنجي خيالن کي آزاديءَ سان پيش ڪري سگهي، ان تي پابندي نہ هجي، پر سياست اهڙو معاشرو تخليق ڪري، تنهن جي لاءِ ضروري آهي تہ ادب، ان سياست جي حمايت ڪري. سياست مان ڪم ونڊو آهي نہ! ان سياست کي طاقت ڏيارڻي آهي نہ!

نقاش: پر توهان جو خيال تہ جيستائين اهڙو ماحول پيدا ٿئي يا سياست لاءِ اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ، ادب کي سياست جي طابع رهڻ گهرجي؟

پليجو صاحب: اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ، تہ جيئن سياست پنهنجو ڪارج ڪم آڻي سگهي، انهيءَ صحيح سياست کي طاقتور ڪرڻو پوندو.

نوراني: جنهن جو اوهان ذڪر پيا ڪريو، اهڙي ماحول کي اسين ڪميونزم چئي سگهون ٿا؟ يعني اهڙو معاشرو تخليق ٿئي، جنهن ۾ اديب کي جيئن وڻي تيئن پيو لکي؟

پليجو صاحب: ائين ٿي سگهي ٿو. ان معنيٰ ۾، تہ ماڻهو ايڏو باشعور ٿي وڃي ۽ سندس ذاتي ڊسيپلين (نظم ۽ ضبط) ايڏو وڏي وڃي، جو هو جڏهن لکي، تہ هن جو پنهنجو اندروني ضابطو، ان شيءِ کي بلنديءَ تي رکڻ جي لاءِ ڪافي هجي، ڪنهن ٻاهرئين ۽ خارجي ضابطي جي ضرورت نہ پوي، مثال طور: ڪوبہ اهڙو اديب آهي، جنهن جو ادب بندش کان سواءِ هجي ۽ آزاد هجي؟ منهنجو مطلب آزاديءَ جي وسيع تر معنيٰ سان آهي، مثال طور: (ڏڻولي ڪندي) ائين آهي ڇا تہ شيڪسپيئر چوي تہ، "بابا آئون آزاد آهيان، تنهن ڪري هاڻ بحرلڪي تہ بہ ٺيڪ آهي، نہ لڳي تہ بہ ٺيڪ آهي! انگريزي ٻوليءَ جو غلط استعمال ٿيو تہ بہ ٺيڪ آهي!" يا آرٽ جي ميدان ۾ استاد بڙي غلام علي چوي تہ، سُر لڳو تہ بہ ٺيڪ آهي، نہ لڳو تہ بہ ٺيڪ آهي! يا آ جي

(1) اصل ۾ شيخ ايياز "ساهيوال جيل جي ڊائري" ۾ صفحي 106 ۽ 107 تي متئين نڪتي بابت لکي ٿو تہ، "اهو سمجهڻ، تہ شاعري فقط انقلاب جو ذريعو آهي، شاعريءَ جي توهين آهي... انقلابي، آرٽ جي سيلف سفيشنسيءَ جي خلاف آهن. هو چاهين ٿا تہ آرٽ انقلاب لاءِ ڪم اچي ۽ آرٽ پنهنجي ليکي مقصد نہ آهي. آرٽ ذريعو آهي انقلاب جو. آرٽ پنهنجي آزاديءَ لاءِ وڙهي... پنهنجي غلامي پاڻ تي مسلط ڪري! مان ان نظرئي سان متفق نہ آهيان... آرٽسٽ، آرٽ کي انقلاب جو ذريعو بڻائي بہ عظيم آرٽ پيدا ڪري سگهي ٿو، پر آرٽسٽ لاءِ اوليت آرٽ کي آهي. دراصل منهنجي نظر ۾ انقلاب آرٽ لاءِ ذريعو آهي. ذريعو ان اقتصادي پريشانيءَ مان نجات جو، جا آرٽسٽ کي پنهنجي آرٽ جي تخليق لاءِ فرصت ۽ فراغت مهيا ڪري سگهي...." صفحي 107 تي هو لکي ٿو تہ، "مائوءَ جي ينان فورم ۾ ڪيل تقرير بڪواس آهي."

بدران سا لڳي ويو ته بہ ٺيڪ آهي! پيرويءَ ۾ مالڪوس ڳائجي ويو ته بہ ٺيڪ آهي! ڪابہ پابندي ڪانهي! ڇا ائين ممڪن آهي؟ جيئن جيئن اديب وڌو ٿيندو، تيئن تيئن پابندي بہ وڌي هوندي، پر اها ٻاهرين نہ پر اندروني پابندي آهي. گورڪي جڏهن پنهنجا افسانا لکندو هو، ته ويهہ- ويهہ دفعا پنهنجون ستون بدلائي، ٻيون لکندو هو، اها صحيح ڪانہ هوندي هئي! ٻولي صحيح هئي پر هن جو اندروني ضابطو، اندروني آرٽ جو ڊسيپلين، هن کي مجبور ڪندو هو ته هيءَ ڪَٽ، هيءَ لک! هن کي ڪو ايڊيٽر ڪونہ چوندو هو، نہ ئي ڪو پڙهندڙ هن کي ٽوڪيندو هو. فنڪار پنهنجو نقاد پاڻ ٿيندو آهي. هن جي اندر وينل نقاد هن جي رهبري ٿو ڪري ته هيءَ شيءِ غلط آهي. فنڪار جهڙو ڊسيپلين جو ماريل ماڻهو ٻيو ڪو ٿيندو ئي ناهي. سچو فنڪار ته آهي ئي ڊسيپلين جي پيداوار. لفظ، بحر، وزن بلڪل ٺيڪ هجي، گرامر بہ ٺيڪ هجي، ڪميونڪبلٽي بہ اي- ون هجي، لفظن جي پالش بہ اهڙي هجي جڻ جڙاءُ ٿي ويو، لفظ ته اهڙا هجن جو جڻ ماڻهوءَ هار ۾ هيرا پوئي ڇڏيا هجن! آرٽسٽ جي اندر جي پنهنجي پرک ۽ ڪسوٽي آهي، اها پرک تمام ڊسيپلينڊ هوندي آهي، مطلب ته ان معنيٰ ۾ ته فن ۽ ادب آزاد ٿي ئي نٿا سگهن. ادب جي آزاديءَ جو مطلب هيءُ آهي ته اهو ادب جبري نہ هوندو، مطلب ته اديب يا فنڪار رضاڪارانہ طور تي، پنهنجو پاڻ، پنهنجي پسند موجب، اهو ڊسيپلين قبول ڪري، اهائي ادب جي آزادي آهي.

نوراني: پوءِ اهو ته ائين ٿو لڳي ته اهو تصور ۾ ته ممڪن آهي، پر عملي طرح نہ، ته اديب بلڪل آزاد ۽ ڇڙواڳ ٿي وڃي!

پليجو صاحب: بلڪل نہ! ڇڙواڳ ڪونہ ٿيندو، ان معنيٰ ۾ ته ٻاهريون جبر نہ هجي، مثال طور: ماڻهوءَ کي چار ڏوکڙ ملن ۽ مضمون لکي ڇڏي. اديب آزاد هوندو ته ائين ڪونہ لکندو. جيئن ڪنهن شاعر کي ڪو ماڻهو چوي ته، "بابا مون کي کهاڻي ڪپي، شاعري نہ. پئسا کهاڻيءَ جا ملندئي، شاعريءَ جا نہ." پوءِ مجبوراً شاعر کهاڻي ٿو لکي. پر ان ماحول ۾، جنهن جو مون ذڪر ڪيو، اهو جبر نہ هوندو. ان لحاظ کان ڏسجي ته وري هر (ڪنهن) حالت ۾ جبر خراب بہ ڪونهي، مثال طور: ماڻهو پاڻ تي جبر ڪري، صبح جو پاڻ کي ننڊ مان اٿاري ٿو ۽ چوي ٿو ته، (چپن کي گول ڪندي ۽ واڇ ڏسي) "اوهہ! آفيس جو وقت ٿي ويو!" يڪدم اٿي ٿو ۽ ڪپڙا متائي پيجي ٿو وڃي، پر جيڪڏهن نہ وڃي ته نوڪري وئي! پوءِ پيو پني! ته ڪن حالتن ۾ اندروني جبر بہ ضروري ۽ ڪارائتو آهي. لفظن کي قطعي معنائن ۾ بہ نہ ونڊ گهرجي. معنائون نسبتي ۽ مشروط هونديون آهن، مثال طور: هڪڙي شيءِ ڪن شين جي پيٽ ۾ چگي ٿئي ٿي، ته ٻين جي پيٽ ۾ وري خراب! تنهن ڪري سياست انهيءَ معنيٰ ۾ لائق ٿئي، جو ادب کي آزادي ڏئي، تنهن لاءِ وري ضروري آهي ته سياست کي اڳتي وڌائڻ ۽ ڪامياب ڪرڻ لاءِ، ادب سندس ٻانهن ٻيلي ٿئي ۽ سندس رهنما ٿئي. ادب رهنما بہ ٿيندو آهي. جذباتي طرح ادب رهنما بہ ٿئي ٿو ۽ رهنما ٿيڻ کان پوءِ جيڪا سياست

جنم ونڻي ٿي، ان سياست جي ردِعمل طور وري نئون ۽ اعليٰ درجي جو ادب جنم ونڻي ٿو. ان کي Interaction of forces (قوتن جو باهمي ردِعمل) چئبو آهي. هڪڙي شيءِ جڏهن ٻي شيءِ مان پيدا ٿئي ٿي، تہ پيدا ڪندڙ شيءِ تي اثر وجهڻ شروع ڪري ٿي، جيئن ٻيءُ مان پٽ پيدا ٿئي ٿو. تہ وري پنهنجي اعليٰ سطح جي علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان پوءِ، ٻيءُ تي ري ايڪٽ ڪري ٿو (اثر وجهي ٿو) ۽ چوبس ٿو تہ، "بابا! ائين ڪونہ ٿيندو، هيئن ٿيندو. بابا! ماڻهو وينا آهن، تون وري اڳ لڙڪايو وينو آهين!" يا وري چوندو تہ، "بابا! هن ماڻهوءَ سان وري هيئن ڳالهائبو."

نوراني: منهنجو ٿيون سوال...

پليجو صاحب: (نوراني ۽ ڏانهن ڏسي) آئون هيءَ ڳالهہ پوري ڪري وٺان.

نوراني: چگو.

پليجو صاحب: ڪائنات ۾ جڏهن ڪي شيون، ڪن ٻين شين مان پيدا ٿين ٿيون، تڏهن اهي پيدا ٿيڻ کان پوءِ موٽ ۾ پنهنجي پيدا ڪندڙ قوتن تي اثر انداز ٿين ٿيون. انهيءَ دور جي گذري ويڻ کان پوءِ، ٻئي شيون هڪٻئي تي انحصار ڪن ٿيون. ڪائنات جون سڀ شيون هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿيون، هڪٻئي ۾ سمايل آهن، هڪٻئي سان مليل آهن. ڪائنات ۾ شيون چڑوچڙ نہ آهن. جڏهن هڪڙي شيءِ ٻي شيءِ مان پيدا ٿئي ٿي، تڏهن انهن جو هڪٻئي کان متاثر ٿيڻ جو باهمي عمل جاري رهي ٿو. (نوراني ۽ ڏانهن نهاريندي) بس، مون ڳالهہ ختم ڪئي.

نوراني: توهان جيڪا هينئر ڳالهہ ڪئي، اها مارڪسزم تي گفتگوءَ مهل تفصيل سان ڪجي ها، پر خير، ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ لطيف کان وٺي جيڪو ٻہ ادب اڄ تائين سنڌ ۾ پيدا ٿيو آهي، سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ تخليقن جي يا ٻن ٽن شاعرن ۽ اديبن جي، جهڙوڪ شيخ ايازوغيره جي، تن کي ڇڏي باقي ٻئي ادب ۽ اديبن سنڌ ۽ سنڌي قوم کي غلام بنائي رکڻ ۽ قوم جو ستيا ناس ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. اها سنڌ ۾ اسرندڙ هڪ نئين سوچ آهي.

پليجو صاحب: (نهايت شفقت سان) ڪيئن؟ چو؟

نوراني: مثال طور: شاهہ صاحب جي شاعريءَ کي ئي وٺو. اها شاعري گهٽي پاڳي اهڙن بيتن تي مشتمل آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي درگذر ڪرڻ، صبر ڪرڻ، قناعت ڪرڻ، دنيا کي تياڳڻ، دشمن کي پنهنجا ٽپڙ ڪائڻ کان پوءِ ٻہ معاف ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿي ۽ ان کان علاوه مابعدالطبيعات تي گهٽو زور ڏئي ٿي، جنهن جو فائدو سنڌ جي پيرن، ميرن، سيدن ۽ مذهب جي آڙ ۾ عوام جو استحصال ڪندڙ سنڌ جي ٻين طبقن سميت مخالفن کي پئجي رهيو آهي. مطلب تہ شاهہ جي شاعريءَ جو نچوڙ ڪيڏجي تہ اهوئي نڪرندو تہ، "بابا نيڪ آهي، هاڻ ڇڏيو. سڀ پائر آهيون، انسان آهيون، ڪير ٻہ دنيا مان ڪجهہ کڻي نہ ويندو، سڀ نيڪ ٿي ويندو، هاڻ دنياوي شين لاءِ ڪهڙو وڙهڻ!" مثال طور:

سندس بيت، "اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي" يا وري "پائي منهن مونن ۾" وارو بيت يا وري "جي پائين جوڳي ٽيان" وارا بيت، سر ڪليان وارا شروعاتي بيت ۽ پيا ب سوين بيت. باقي ٻين اديبن ۽ شاعرن گھٽو ڪري شاھ جي تقليد ڪئي آھي، جنھن کان شيخ ايياز ب آجو ڪونھي. گھٽو ڪري سيني اديبن، صوفيت ۽ انسانيت وغيره جي ڳالھ ڪئي آھي، جيڪا انھن حلقن جي خيال ۾ درگذر ۽ عفوءَ جو ماحول پيدا ڪري ٿي ۽ ماڻھوءَ کي پنھنجن حقن تان دستبردار ٿي، سڀ ڪجھ رب جي حوالي ڪري، پاڻ وڃي گھر آرام سان سمھي رھڻ وارو جذبو پيدا ڪري ٿي. اھوئي سبب آھي جو اسان جي قوم اڄ ب تمام اٻوجھ، پوئتي پيل، مغلوب ۽ غلام آھي.

پليجو صاحب: (انتھائي ڳنڀيرتا سان) دنيا جون جيڪي ب منظم شيون آھن، جن مان ادب ب ھڪ شيءِ آھي، تن مان پوريءَ طرح مزو تڏھن ايندو، جڏھن ان جي باري ۾ ڪافي واقفيت ھجي. موٽر ھلائڻ مان ڪافي مزو ۽ فائدو تڏھن وٺي سگھبو، جڏھن ڊرائيونگ جي باري ۾ ڪافي واقفيت ھجي. موٽر ھلائڻ ۾ ڪافي مزو آھي، پر پھرين ڊرائيونگ اچڻ گھرجي. ادب ب ائين ئي آھي، يعني ادب کي چڙوچڙ نموني سان پڙھجي يا استعمال ڪجي تہ ممڪن آھي تہ اھڙيون ڳالھيون ب سامھون اچي وڃن، جو ماڻھو واقعي گمراھ ٿي وڃي. ادب خيالن جو منظم سلسلو آھي ۽ اھو گائيڊ لائينس (رھنمائي اصولن) کان سواءِ صحيح طرح سان ڪم ۾ نٿو اچي سگھي. مثال طور: ٽوال آھي، ھاڻ اسان جھڙو اڻ جاڻ ماڻھو وينو ٽوال سان بوٽ صفا ڪري يا بوٽ سميت بستري تي چڙھي وڃجي تہ اھو شيءِ جو غلط استعمال آھي. شيءِ جي صحيح استعمال جي ضرورت پوي ٿي. مثال طور: اوھان جيڪو بيت پڙھيو تہ:

ھو چونئي تون مَ چئو، واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي.

نوراني: يا "صبر جنين جو سير..."

پليجو صاحب: (بيت مڪمل ڪندي) "تير نہ گُسي تن جو." ھاڻ اِھو مسئلو ھيءُ آھي تہ ماڻھن جا پاڻ ۾ تعلق ٻن قسمن جا ھوندا آھن: ھڪڙا تعلق عام ماڻھن جا يعني پاڻ جھڙن ماڻھن جا ھڪٻئي سان ٿيندا آھن، جنھن کي چئبو آھي Relations among the people (ماڻھن جا پاڻ ۾ واسطا)، ٻيا تعلق وري ماڻھن جا سندن دشمنن سان ھوندا آھن. اھي ٻئي لاڳاپا ابتڙ قسم جا آھن. ٻئي ابتڙ قسم جون ڳالھيون آھن. جيڪا ڳالھ ھڪڙي کي سونھين ٿي، سا ٻئي لاءِ نقصانڪار آھي. جيڪا ڳالھ ھڪڙي قسم جي تعلق ۾ ضروري آھي، سا ٻيءَ حالت ۾ نہ رڳو انتھائي غير ضروري ھوندي آھي، پر ماڳھين نقصانڪار ھوندي آھي. علامہ اقبال يا ٻئي ڪنھن شاعر جو ھيءُ شعر آھي تہ:

درِ عشق غنچہ ايم، کہ لرزد بادِ صبا،
درکار ھاءِ زندگي، چون سنگ خار ايم.

يعني، "اسين محبت ۾ ان مڪڙيءَ وانگر آهيون، جنهن کي هِير جو جهوٽو بہ لڳي ٿو تہ ڏکي ٿا ويون، يعني ايڏا نازڪ آهيون جو هير ٿي لڳي تہ بہ ڏکڻ ٿا لڳون! پر زندگيءَ جي معاملن ۾، جتي مڙسيءَ جي ضرورت آهي، اتي ايڏا سخت آهيون، جهڙو ڪارو پٿر." تنهن ڪري پنهنجن ۽ پراون سان تعلقات ۾ فرق ڪبو، تہ پنهنجن سان جيڪي تعلق آهن.... (ڪجهہ دير جي رڪاوٽ کان پوءِ ڳالهہ ٻولهہ جو سلسلو ٻيهر جاري رکندي) تہ مون پڇي چيو تہ پنهنجن سان رويو ڪهڙو ۽ عوام جي دشمنن سان ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ پنهنجن سان رويو جيڪو هئڻ گهرجي، تنهن لاءِ شاهہ صاحب چوي ٿو تہ:

هـو چـونـئـي، تـون مَ چـئـو، واتـان ورائـي،
اڳ اڳـرائـي جـو ڪـري، خـطـا سـو ڪـائـي،
پـانـد ۾ پـائـي، ويـو ڪـيـنـي وارو ڪـيـن ڪـي.

نقاش: يعني نان ائنٽاگونسٽڪ ڪنٽراڊڪشنس (غير مقابلائي تضاد)؟

پليجو صاحب: نہ، ڪنٽراڊڪشنس (تضاد) ڪونهن، پهرين ڊفرنس (نااتفاقيون ۽ موقف ۾ فرق) آهن، پوءِ تضاد ٿا اچن. ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ دنيا ۾ رڳو تضاد آهن. منهنجو هڪڙو دوست آهي، سو هر وقت رڳو تضاد جون ڳالهيون پيو ڪندو آهي. ماڻهن جي وچ ۾ ڪي رشتا تضاد وارا آهن، تضاد برابر آهن پر ماڻهن ۾ اتحاد بہ آهي. شين ۾ ۽ ڪائنات جي باري ۾ ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ رڳو تضاد آهي، جيڪو هماگير آهي پر ائين ڪونهي. ڪائنات ۾ ٻڌي بہ هماگير آهي، يونٽي آف يونيورس (ڪائنات جي ٻڌي) يعني وحدت آهي. سڄي ڪائنات هڪ وحدت بہ آهي. شيون رڳو مختلف شيون نہ آهن، پر اهي هڪ مربوط نظامن جو هڪ سلسلو بہ آهن. ننڍا نظام، وڏن نظامن جو حصو آهن. مطلب تہ هيءَ ڪائنات ڪا چڙوچڙ شين جو مجموعو نہ آهي، پر مربوط نظامن جو هڪ سلسلو بہ آهي، جيڪي هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن، جيڪي هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿا ۽ جيڪي هڪٻئي ۾ سمايل آهن، تنهن جي ڪري سڄي ڪائنات هڪ آهي. مطلب تہ ڪائنات ۾ تضاد هماگير، تہ هيڪڙائي بہ هماگير آهي. عام ماڻهو يا ڪامريڊ ٽائيپ ترقي پسند هيڪڙائيءَ واري ڳالهہ ڪونہ سمجهندا آهن. ڪائنات جي ترقيءَ جو راز تضاد ۾ بہ آهي، تہ وحدت ۾ بہ.

لاشاري: (ٿورو مشڪندي) سائين معاف ڪجو، اوهين ڪامريڊ ٽائيپ نہ آهيو؟

پليجو صاحب: (نهنائيءَ سان) آئون ٽائيپ نہ آهيان، آئون ڪامريڊ آهيان. بهرحال، ڪائنات ۾ تضاد سان گڏ هيڪڙائي بہ آهي. حالتون، ماڻهو ۽ شيون هڪٻئي سان ٽڪر بہ ڪائين ٿيون ۽ اهڙيءَ ريت ترقي بہ ٿئي ٿي، پر گهٽو واڌارو هيئن بہ ٿيو آهي تہ ماڻهن ۽ شين هڪٻئي سان تعاون ڪيو آهي، يعني ملڻ سان، ٻڌي ڪرڻ سان بہ ترقي ٿي آهي. تضاد هڪڙو پاسو آهي، تہ ٻڌي وري ٻيو. مثال طور:

ماڻهن جا پاڻ ۾ جيڪي تعلق آهن، تن ۾ ٻڌيءَ جي ضرورت آهي. ٻڌيءَ تي زور ڏيڻ گهرجي، جنهن لاءِ لطيف مٿيون شعر چيو تہ، "هو چونئي تون مَ چئو" يا وري شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ:

وڃر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهئان ميٺ گهٽو.

يا وري:

پائي ڪان ڪمان ۾، ميان! مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

ائين شاهہ صاحب جا ڪئين شعر آهن، جن جو مقصد آهي تہ ٻڌي ڪيئن ٿئي؟ اها ٻڌي درگذر ڪرڻ سان ٿيندي. سنهن سنهن فرقن ۾ تضادن کي وساري ڇڏڻ سان ٻڌي رهي ٿي، پر دشمن سان رويو ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ تنهن جي لاءِ شاهہ صاحب چوي ٿو تہ:

اڳيان ٽڪر ٽر، متان روهہ رتيون ٿئين.

لطيف کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي انهيءَ ڪري ٿي ٿئي، جو هو پنهنجي تمام وڏي عالمي تاريخي ادراڪ ۾ وجدان يعني انٽيوئيشن (Intuition) (انٽر گيان) جي ذريعي انهيءَ صورتحال کي ڏسي ٿو، جيڪا هن کان پوءِ آئي آهي. مارڪس ۾ اينگلس چيو آهي، خاص طرح يوناني فلسفين لاءِ تہ، "وجدان جي ذريعي انهن شين جي تصديق ڪئي تہ اهي موجود آهن، جن کي ثابت ڪرڻ ۾ سائنس کي پنج- پنج يا ڏهہ- ڏهہ صديون لڳي ويون." هنن، شين کي اوائلي صورت ۾ ڏٺو، پر چئي ڏنو تہ ائين آٿو. هيراڪلائيٽس (Heraclites) چيو تہ، "هرڪا شيءِ متحرڪ آهي." ڪابہ شيءِ اٽل نہ آهي ۽ شين ۾ تضاد آهي. اها ڳالهہ هن حضرت عيسىٰ کان بہ پنج صديون اڳ ۾ چئي هئي، پر ثابت هاڻ ٿي آهي، بلڪ هيگل کان پوءِ ٿي آهي. لطيف جي شاعريءَ ۾ بہ برابر کي شيون اهڙيون آهن، جن جو واسطو خيال پرستيءَ سان آهي، پر ٻيون سندس اهڙيون شيون آهن، جيڪي نہ صرف سندس دور کان اڳتي آهن، پر خود اسان جو دور اهي شيون مس حاصل ڪري سگهيو آهي، جن جي نشاندهي لطيف ڪئي هئي! مثال طور: لطيف جي دور ۾ اهي ماڻهو کهڙا هئا، جن لاءِ هو چوي ٿو تہ:

سڪا سنڌ ڪچن ۾، ڪرڪٽا پيرين،
تمندي نيٽين، آن کي ڪاهوڙي گڏيا؟

اهڙا ماڻهو هاڻ ۽ هن دور ۾ آهن، اڳي ڪونہ هئا. يا وري:

ڏڻ نہ ڪتو ڏوٽئين، جيڪي ڏڻ پرين.

يا:

جت نہ پکيءَ پير، تت ٽمکي باهڙي،
ٻيو ٻارندو ڪير، ڪاهوڙڪيءَ ڪير ري.

اهڑا ماڻهو ان زماني ۾ ڪٿي هئا؟ يا:

ماءُ! ڪاهوڙي لڪيا، گهرين نہ گهارين،
واحد لڱ ولهن ۾، رويو جر هارين،
گوندر گذارين، جہ ڏوٽي ڏٺ گڏ ٽيا.

يا:

سڪا منهن سندن، پيرين پراٽا ڪيٽرا،
سا جوءِ ڏوري آئيا، سونهان جت منجهن،
ڳجها ڳجهيون ڪن، تهان پراهين پنڌ جون.

يا:

وهي منجهين وڱ، ڪٽوري ڏار چري،
ماءُ! منهنجي ڪرهي، پڌر پڱ نہ لڱ،
جڱ سين جهڙو جڱ، هينئين سين هُت چري.

هاڻ ٻڌايو تہ ان قسم جا ماڻهو اڄي ڪٿي هئا؟ هن تہ تصور ۾ آڻي، اهي شيون ۽ اهڑا ماڻهو پيش ڪيا، جيئن:

ڪچين ڪاچوٽي، نانگن ٻڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جڱ ۾، تهڙا ويا موٽي،
اُنين جي چوٽي، پورب ٽيندي پڌري.

اهڑا ماڻهو ان زماني ۾ ڪٿي هئا، جن جي چوٽي پورب ۾ پڌري ٿئي؟ ان زماني ۾ تہ ويچارا جوڳي هوندا هئا، جيڪي پيا هلندا هئا. عالمي تاريخ جي حساب سان، انهيءَ زماني ۾ اهڑا ماڻهو ڪٿي هئا، جن جي چوٽي پورب ۾ پڌري ٿئي؟ اهڑا ماڻهو موجوده دور ۾ آهن ۽ شايد ايندڙ دور ۾ وڌيڪ پيدا ٿين. شاهہ تصور ئي تصور ۾ اهي ماڻهو ڏيئي ڇڏيا، جيڪي هڻڻ ڪپن، پر ان زماني ۾ ڪونہ هئا. ادب جي اعليٰ ترين تصور مطابق شيون، حسن، سونهن، راحتون، بهادريون، مڙسيون، همتون، ان وقت تصور ڪري اڪين سان ڏيڪاري ڇڏڻ، جڏهن سماج انهن کي پيدا ئي ڪري نہ سگهيو هجي، هڪ وڏو ڪمال آهي. باقي جيتري قدر سنڌي ادب جو تعلق آهي تہ ان ظلم، جبر، غلاظت، منافقي ۽ مڪر کي اگهاڙو، ننگو، ايڪسپوز ڪيو آهي، انهن کي ذليل ۽ خوار ڪيو آهي ۽ ان تي وڌا حملا ڪيا آهن. سنڌي ادب سان رڳو مصيبت هيءَ آهي تہ ان جيڪي آئيڊيل پيش ڪيا آهن، سي ننڍا آهن. آئيڊيل ڪهڙا هڻڻ گهرجن؟ سنڌي ادب اهي ڏيڪارڻ ۾ ناڪام ويو آهي. سنڌي ادب جيڪي آئيڊيل ڏنا آهن، سي ننڍڙا ۽ معمولي آهن. ننڍڙين شين جي عڪاسي بہ ٽيڻ گهرجي پر رڳو ننڍڙين شين جي عڪاسي بہ نہ ٽيڻ گهرجي. اسان وٽ وڏين شين جي عڪاسي ڪانهي، قدآور شيون ڪونهن، وڏيون تصويرون ڪونهن جو ماڻهو انهن کي ڏسي، يڪدم دانهن ڪري تہ، "واهہ واهہ، تصوير برابر اهڙي هڻڻ گهرجي." جيئن ڪنهن

چوڪريءَ لاءِ چئجي ٿو، "سائين، پاڻي پئي پيتائين ٿو نڙيءَ مان پئي نظر آيس." اهڙيون چوڪريون ڪونه هونديون آهن، پر اديب ان جو تصور پيش ڪري ڇڏيو، يا چوندا آهن ته، "جهڙي ڪونج!" يا ڪنهن ڳائڻيءَ لاءِ چئبو آهي ته، "جڙ ته بلبل پئي ڳائي." هاڻي اها تشبيهه ته "جهڙي بلبل پئي ڳائي" آئيڊيالائيزيشن آهي، پر نئين دور جا جيڪي هيرا، نظام يا رشتا آهن، انهن جون جهلڪيون ۽ جهاتيون اسان جو اديب اسان کي پَسائي نٿو سگهي ۽ اهو ان ڪري ٿو ٿئي ته هنن وٽ اهو شعور، فڪر ۽ نظريو ڪونهي. جيڪڏهن نظريو اٿن به، ته بلڪل سطحي ۽ بلڪل معمولي. اسان جا اديب نظرئي جي هماگيريت سان ادراڪ ڪونه ٿا ڪن. شين جا تغير پذيريءَ جي حالتن ۾ ڪهڙا رشتا ٿين ٿا؟ اها هنن کي خبر ئي ڪانهي! ڪردارن کي تغير پذيريءَ جي حالت ۾ هٿ گهرجي. اسان جي اديبن جي تخليق ڪيل ڪردارن ۾ تبديلي اچي ئي ڪانه ٿي! سڄو ناول پڙهيو وڃون، ڪردارن جا ٽپڙ اهي ساڳيا! انهن جي اندروني ڪيفيت ساڳي آهي، انهن ۾ تحرڪ گهٽ آهي، ڊائنامڪس (روانيت) گهٽ آهي. ڳالهيون وڌن ٿيون، واقعا وڌن ٿا، پر ماڻهو (اڳتي) نٿا وڌن، اهي ڊِولپ نٿا ٿين. سچوئيشن جو انٽرنل لاجڪ (اندروني منطق) نٿو اسري ۽ وڌي. شين جي اندروني ڊاياليڪٽس (جدليات) جي عڪاسي نٿا ڪري سگهن، ان ڪري اسان جو اديب ايجا هينئين سطح تي آهي، نه صرف سنڌ جو، بلڪ سڄي برصغير جو ادب ائين ئي آهي. اردو اديب به بلڪل ائين ئي هوائي آهن. اهي ڪي به انقلابي ڪارب پيش ڪري نه سگهيا آهن. منهنجو انقلابي نقطهء نگاهه ڪان اهوئي اعتراض آهي ته پنهنجي دور جا انقلابي هيرا ڪهڙا ٿيڻ ڪپن؟ ۽ ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟ انهن جي هنن کي خبر ئي ڪانهي! مثال طور: ڪرشن چندر تشبيهه ٿو ڏئي ته، "چوڪري گلاب جي گل جهڙي هئي." پر هڪ مثالي چوڪريءَ کي گلاب جي گل کان وڌيڪ ٻيو ڇا ٿيڻ گهرجي؟ اها هن غريب کي خبر ئي ڪانهي! انهن کي نه ته انقلاب جي خبر آهي، نه انقلابي نظرين جي تاريخ جي، نه ته انهن کي تاريخ جي خبر آهي ۽ نه بايوگرافين جي! انهن کي اهو لٽريچر ميسر ئي ڪونهي. اهو لٽريچر هاڻ پيو ننديءِ ڪنڊ ۾ اچي.

نقاش: ته پوءِ مجموعي طور تي پنجاهه واري ڏهاڪي کان وٺي اڄ تائين جيڪو ادب آهي، اهو ڪهڙي طبقي جي نمائندگي ٿو ڪري ؟

پليجو صاحب: بورجوا ۽ بورجوازي طبقن جي، جيڪو انقلاب جي گهري شعور جي ادراڪ تي ٻڌل نه آهي.

نقاش: ان کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ ونڻ گهرجن ؟

پليجو صاحب: ان کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ اهڙا ناول پڙهڻ گهرجن، جن ۾ سچا پچا هيرا ڏيکاريا ويا هجن، مثال طور: "چراغ جلتا رها"، "قافلا شهيدون کا"، "The song of youth" (نوجوانن جو گيت) ينگ مو Yang Mo وارو زبردست ڪلاسڪ آهي.

لاشاري: (ياد ڏياريندي) "دار و رسن کي آزمائش."

پليجو صاحب: ها، "دار و رسن کي آزمائش." انهن جو ادراڪ حاصل ڪجي. ٻيو تہ اهو ڏسڻ گهرجي تہ ان دور ۾ ان قسم جا ڪهڙا ماڻهو ٿيندا هئا؟ انهن جي باري ۾ سياسي ادب پڙهڻ گهرجي، مثال طور: هڪڙو ڪتاب آهي "ويٽنام وِل وِن." (Vietnam will win). ان ۾ آئيڊيالائيزيشن ڪونهي، ادبي آڊيسي (Odyssey) (مهم جوئي) ڪانهي. ان جي برو ٽو ٽائيپ نئين آهي. ان ۾ ڏيکاريل آهي تہ عورتون هيئن ڪن ٿيون.....

لاشاري: ڊاڪيومينٽيشن آهي؟

پليجو صاحب: ها بلڪل، ڊاڪيومينٽيشن آهي. اوهين بلڪل صحيح آهيو. وڏو ذريعو تہ واقعي ڊاڪيومينٽيشن آهي، مثال طور: "جي ماريا نہ موت" گهٽو ڪري ڊاڪيومينٽيشن (دستاويزيت) ئي آهي، رڳو ٿوري آئيڊيالائيزيشن آهي، پر بنيادي طرح اها ڊاڪيومينٽيشن آهي يا ائين ڪٽي چئجي تہ فوٽوگرافي آهي.

لاشاري: ويٽنام يا جتي جتي انقلاب اچي ويا آهن، جتي بہ انقلابي جدوجهد ڪامياب ٿي آهي، اتي انقلابي جدوجهد تمام ترقي يافتہ مرحلي ۾ آهي، پر اسان وٽ انقلابي جدوجهد ان ترقيءَ جي مرحلي ۾ ڪانهي. هاڻ ٻنهي هنڌن تي ادبي معيار جو جيڪو فرق يا خال آهي، اهو بهرحال آهي.

پليجو صاحب: (لاشاريءَ ڏانهن نهاريندي) ادبي معيار جو فرق يا انقلابي جدوجهد جي ڏاڪن جو فرق؟

لاشاري: ٻئي فرق. ظاهر آهي تہ اهو سوال ادبي فرق سان ئي لاڳاپيل آهي تہ انقلابي جدوجهد ڪهڙي مرحلي ۾ آهي؟ بهرحال، اها ڳالهہ طئي ٿي وئي تہ هتي پورهيت بہ خود جمالياتي ڪي نظرانداز پيا ڪن. انهن ملڪن ۾، جتي انقلاب تمام ترقي يافتہ مرحلن ۾ آهي، اتي جي ڊاڪيومينٽيشن ٿي ويئي. هتي جيڪو ادب آهي، سو وري پنهنجي دور جي ڊاڪيومينٽيشن آهي، مثال طور: اوهان ناول "آخري شب ڪي همسفر" جو ذڪر ڪيو، اهو برابر آهي تہ ان جي پڙهڻ سان ماڻهوءَ ڪي اهڙي ڊپريشن ٿي ٿئي جو ماڻهو ڳالهائڻ جهڙو ئي نٿو رهي! پر بنگال جي ڪميونسٽ جدوجهد بہ تہ اهڙي ئي صورتحال مان گذري آهي، جهڙي "آخري شب ڪي همسفر" ۾ ڏيکاريل آهي.

پليجو صاحب: قطعاً نہ. ان ناول جو هيرو ئي بوگس آهي. اهڙو هيرو بنگال جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو هڪ منٽ لاءِ بہ ميمبر ٿي نہ ٿو سگهي! هو رازداريءَ بدران بازارن ۾ وينو آهي ۽ سيني سان وينو خبرون ڪري! جهڙي نموني سان هو حالتن کي ٽنڪل پيو ڪري، رازداريءَ جو ڪارو منهن پيو ڪري، اهو تہ سنڊ هاري ڪميٽيءَ جو چٽ ۾ چٽ ميمبر بہ جيڪر نہ ڪري! وري جهڙي نموني هو آرڊر هلائي، اڄ جي جديد قسم جي پارٽي لاڳاپن ۽ اصولن جي خلاف ورزي وينو ڪري ۽ ماڻهن کي پنهنجي منهن گهرائي، حڪم وينو هلائي، ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هن جو شخصي

ذهن آهي. هن ۾ ته پارٽيءَ جي ڪابه رفليڪشن ڪانهي! هن جو پارٽيءَ سان ڪو تعلق ئي ڪونهي!

لاشاري: ته پوءِ اهڙا ڪردار ڪنهن به انقلابي جدوجهد ۾ موجود ڪونهن ؟

پليجو صاحب: بلڪل ڪونهن.

لاشاري: وئسيليٽنگ (قرندڙ گهرندڙ) ڪردار ته آهن ؟

پليجو صاحب: وئسيليٽنگ ڪردارن جي ڳالهه ئي ٻي آهي. اهي بهادريون ڪن ٿا، همت ڪن ٿا، انهن ۾ قابليت آهي. (حقارت سان) "آخري شب ڪي همسفر" جو هيرو بلڪل ڇسو آهي، بلڪل "پشو پاشا" ٽائيپ! هن کي ته ڪا خبر ئي ڪانهي ته انقلابي ڪم ٿيندو ڪيئن آهي! وئسيليٽنگ ڪردار، ايمر- اين راءِ وانگر آهن، جيڪي وئسيليٽ ڪن ٿا پر اڳتي وڌن ٿا، محنت ڪن ٿا، قربانيون ڏين ٿا ۽ پوءِ گاڏي هلائي هلائي، اوچتو ايڪسيڊنٽ ڪن ٿا. هي ته بنيادي طرح ڊرائيور ئي ڪونهي، گاڏي هلائڻ ئي ڪانه ٿي اچيس! جيئن هڪڙي ماڻهوءَ کي گرامر ئي نه اچي ۽ هو لکندو ته پهريون جملو ئي غلط! ليکڪ غلطيون ضرور ڪندا آهن، پر پهرين ليکڪ هوندا آهن، پوءِ غلطيون ڪندا آهن، يا وڪيل به غلطيون ڪندا آهن، پر پهرين وڪيل هوندا آهن. هيءَ ته انقلابي ڪردار ئي ڪونهي، نه ته "آخري شب ڪي همسفر" جو، نه "آنگن" جو، نه ڪو ٻيو. اهي ڪردار قرة العين حيدر يا انهن قسمن جي ويچارن، بي خبر ۽ هوائي ماڻهن جي ذهنن جي پيداوار آهن، رڳو ڏُڪا!

نقاش: اوهان اڄا جيل ۾ ئي هئا ته 1985ع جي شروع ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين هڪ ڪانفرنس ڪرائي. وفدن ۾ اوهان جو نالو به شامل هو، پر اوهان جيل ۾ هئڻ ڪري شامل ٿي نه سگهيا. ساڳئي وقت سنڌ جي وڏن اديبن جا نالا به هئا، پر مون ڏٺو ته سنڌ جي وڏن اديبن جي حاضري تمام گهٽ هئي. اوهان جي خيال ۾ ان قسم جي تقريبن ۾ وڃڻ گهرجي يا وڏن اديبن جو انهن کان ڏار رهڻ يا بي اعتناعيءَ وارو رويو نيڪ هو ؟

پليجو صاحب: ان ۾ به ڳالهيون آهن. هڪڙو ته آرگنائيزرس (انتظام ڪرڻ) وارن طرفان جيڪا پتي جي ٻڌ هئي، ان کي رزسٽ (مدافعت) ڪرڻ گهرجي ها. آرگنائيزرس حسبِ دستور جيڪي پڳتون ڪندا آهن، اهي هنن اُن پيري به ڪيون ۽ سڄي ڳالهه پنهنجي نموني سان هلائي. هنن جيڪو اهو فيصلو ڪيو ته ٻولين جي علائقي وار نمائندگي ٿيندي، اهو تمام هاجيڪار آهي. ان معنيٰ ۾ ته جيڪڏهن ٻوليءَ وار هر ڪنهن صوبي مان نمائندگي ٿيندي ته پنجابي اديب، جيڪو پنجاب مان اچي بدين تي قبضو ڪري ويهي ٿو، اهو اتي وڃي چوندو ته آئون پنجابي ٻوليءَ جو اديب آهيان، پر هن جي نمائندگي ته سنڌ جي ڪوتا ۾ ٿيندي نه! پر اها نمائندگي جيڪڏهن ٻوليءَ جي آڌار تي ٿئي ها ته سنڌ مان هن کي نمائندگي ڪونه ملي ها. منهنجو مطلب هيءُ آهي ته سنڌي علائقو، سنڌي ٻوليءَ لاءِ مخصوص ڪيو وڃي ها ۽ ٻين ماڻهن کي

پنهنجن پنهنجن صوبن مان حصو ملي ها، تہ انهن کي هتان جي نمائندگي ڏيڻ جي ضرورت کانہ پوي ها. (نقاش ڏانهن نهاريندي) اوهان منهنجي ڳالهہ سمجهو پيا؟

نقاش: (هائوکار ۾ کنڌ لوڏيندي) جي ها.

پليجو صاحب: هنن جاڻي واڻي انهن سيٽلرن (ٻاهرين آبادڪارن) کي هتي ادب جي لحاظ کان ليجٽيمائيز (قانوني طرح تسليم) ڪيو آهي، (ورجائيندي ۽ لفظن تي زور ڏيندي) جاڻي واڻي! اصل سازش ڪري! مثال طور: هتي ڪراچيءَ ۾ پناڻ وينا آهن، اهي چون ٿا، "خوچا، اَمر شاعر هي." (هڪ هٿ وات وٽ آڻي، بلند آواز ۾ پناڻ شاعرن جو نقل ڪندي) "بگڙ دي، مايا سي." هاڻ پناڻ وينو شعر پڙهي! هن کي سنڌ مان نمائندگي ڏيئي، اسان جڻ تہ هن کي سنڌي تسليم ڪري ڇڏيو! ان کي جڻ تہ ادبي لحاظ کان اسان ڊوميسائيل ڏيئي ڇڏيو! جيئن جنرل ضياءُ جو ريفرنڊم ٿيو، تہ ان جي لاءِ لکن ماڻهن کي ڪوڙا ڊوميسائيل ڏنا ويا، تہ جيئن اهي ضياءُ کي ووٽ ڏين. جيڪي افغان پڳوڙا هئا، انهن کي بہ ونڻي آيا! هاڻ ادب جي حوالي سان انجمن ترقي پسند مصنفين بہ ڏارين کي سنڌ جو ڊوميسائيل ڏيئي ڇڏيو. اهي نڳيون اهي اديب ڪندا رهندا آهن، انهن جي مزاحمت ڪرڻ گهرجي. ان ڪم ۾ پرپور حصو ونڻي، انهن جو مڙسيءَ سان مقابلو ڪجي.

لاشاري: سائين، اها مان وضاحت ٿو کريان تہ ائين نہ آهي تہ انهن کي ليجٽيمائيز ڪيو ويو هو يا انهن کي هتان نمائندگي ڏني ويئي هئي. عملي طرح سنڌ منجهان جيڪا صورتحال بيٺي آهي....

پليجو صاحب: (لاشاريءَ کي وچ ۾ ٽوڪيندي) نہ، آئون اهو ٿو پچان تہ ٿيوريٽيڪلي يعني اصولي طرح ڪيئن هو؟ عمل کي ڇڏيو.

لاشاري: اهو هيئن هو تہ اها ڪيترن سالن کان پوءِ ڪانفرنس ٿي هئي. انهيءَ ۾ سرائيڪي ۽ پنجابيءَ جو جهيڙو ٿي پيو، انهيءَ جهيڙي جي ڪري اها ڪانفرنس ناڪام ٿي وئي، پوءِ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ عارضي طرح استيئرنگ ڪميٽي انهيءَ ڳالهہ تي اتفاق ڪري تہ في الحال صوبن جي بنيادن تي نمائندگي ٿئي، ان ڪري ائين ٿيو، پر جيڪڏهن صوبن جي بنيادن تي نمائندگي پولين جي بنيادن تي ئي آهي، تہ سنڌ منجهان نمائندگي فقط سنڌي ۽ اردو پولين کي ملي، وري جيڪا صوبائي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي نهي آهي، ان ۾ ڏهہ ماڻهو آهن، جن مان پنج سنڌي آهن ۽ پنج اردوءَ وارا....

پليجو صاحب: ڏسو، عملي طرح چا ٿيو، آئون ان جي ڳالهہ نہ ٿو ڪريان. آئون چوان ٿو تہ اوهان جي ڳالهہ ڪٽي مڃجي بہ، تہ اڄ تہ اهو ڪونہ ٿيو آهي، پر ڪو ماڻهو چوي تہ، بابا آئون پنجابيءَ جو شاعر آهيان." ۽ هو واقعي سنا شعر بہ لکي ٿو، زير زبر درست اٽس ۽ وزن بحر عاليشان! (ڏند پيهندي) پر آهي اهو وڏو مها حرامي، عوام ۽ سنڌي قوم جو دشمن، تہ توهان ان کي بہ نمائندگي ڏيندؤ؟

لاشاري: اول تہ کو پروگريسوِ ماڻهو اهڙو ٿيندو ئي کونہ! پر جيڪڏهن اهڙو اچي بہ ٿو تہ ان کي نمائندگي پنجاب مان ملندي.

پليجو صاحب: ڪيئن؟

لاشاري: هاڻ جيئن ڪراچيءَ ۾ بلوچ شاعر رهن ٿا، انهن جي نمائندگي بلوچستان مان ٿي آهي.

پليجو صاحب: نہ، عملي طرح نمائندگي ڪٿان بہ ٿي آهي، اها ڳالهہ ٻي آهي، پر جيڪو اصول طئي ڪيو ويو آهي، انهيءَ جي لحاظ کان سندن نمائندگي سنڌ مان ٿي آهي. جيڪڏهن هنن کي سنڌ مان نمائندگي نہ ڏني وئي آهي تہ اها طئي ٿيل اصول جي پيڇڙي ڪئي وئي آهي، اها هڪ ٻي ڳالهہ آهي، پر اصول موجب تہ هنن کي نمائندگي هتان ئي ملي، مثال طور: سنڌ صوبي مان ڪو گجراتي اچي ٿو چوي تہ، "آئون گجراتيءَ جو شاعر آهيان، مون کي بہ سنڌ مان نمائندگي ڏيو." اهڙيءَ طرح ڪشميري شاعر آهن، اسان وارا بروهي پاڻر آهن ۽ ٻيا بہ ڪيترا آهن جيڪي شاعري ڪن ٿا، انهن کي بہ سنڌ جي ڪوٽا مان نمائندگي ڏيندؤ؟ افغان پڳوڙا آيل آهن، انهن مان بہ ڪي عاليشان ايراني شعر بہ چوندا هوندا، انهن کي بہ اوهان جي اصول موجب سنڌ مان ٿي نمائندگي ملي. هاڻ عملي طرح اوهان ڪٽي ان اصول تي عمل نہ ڪريو جيڪو اوهان ناهيو هو، پر اصول تہ ناهيو ويو نہ! آئون چوان ٿو تہ اهو اصول خراب آهي ۽ جيڪڏهن اها روايت بڻجي ويئي ۽ ان ڳالهہ جو بنياد پئجي ويو، تہ اڻ سڌيءَ طرح هنن کي سنڌ جي شهريت ملي ويندي ۽ سڄي ڳالهہ خراب ٿي ويندي. (نقاش ڏانهن نهاريندي) توهان جي سوال جو جواب هيءُ آهي تہ اهڙين ڪانفرنسن ۾ سنڌي اديبن کي بلڪل حصو وٺڻ گهرجي. ان قسم جي سازشن کي مڙس ٿي منهن ڏجي. گهر ۾ لڪڻ جي ضرورت ڪانهي.

نقاش: هاڻ ٽورو سياست ڏانهن بہ اچجي.

پليجو صاحب: ٻلي.

نقاش: اڄي اسان وٽ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي نالي سان ترقي پسند ڏرين جو هڪ گڏيل پليٽ فارم هو. هاڻ وري هڪڙو گڏيل پليٽ فارم اوهان عوامي نيشنل پارٽيءَ جي نالي سان ٻيا ناهيو. اوهان کي انهن ٻنهي ۾ ڪهڙا فرق نظر ٿا اچن ؟

پليجو صاحب: نالو ڏري گهٽ ساڄيو اٿن، قومون ساڄيون اٿن، بنگالي لڏو ڪونهي، باقي ٻيو سڄو لڏو هتي وينو آهي. صدر بہ شايد هينئر ولي خان ٿيندو. اڄي بہ ولي خان نعپ جو صدر هو. ٻنهي پارٽين ۾ اهي هڪ جهڙائيون آهن، پر اڄي نعپ ۾ سنڌي ڪڪڙ ٿيو وينا هوندا هئا، ائين هوائي هوندا هئا، في سبيل الله! حفيظ قريشي رڳو پيو رڙيون ڪندو هو. غلام محمد لغاريءَ جي اوچنگارن جو ڦهڪو لڳو پيو هوندو هو، چوندو هو تہ، "پڇن ئي کونہ ٿا! پنهنجي منهن پيا ڪم هلائين، رڳو نڪيءَ جو ناهہ پيا

ڪن. "پوءِ هو وري اسان کي ۽ ڪامريڊ کي پيا مالشون ڪندا هئا ۽ تريون هٽندا هئا.

نوراني: ڪير؟

پليجو صاحب: اسان جا ڪامريڊ، جيڪي اصل ملڪ جا وارث هئا!

نقاش: اُهي تہ نہ، جن کي اوهان پنهنجي تنقيد جو نشانو بڻايو هو؟

پليجو صاحب: ها، بلڪل اُهي.... تہ اُهي ساڻي جيڪي هوندا هئا.....

نوراني: (نهايت سنجيده لهجي ۾) سائين، ڳالهہ ٻڌو، آئون سمجهان ٿيو تہ اوهين انهن جا نالا ظاهر نٿا ڪرڻ چاهيو. ان ۾ اوهان جي خيال ۾ ڪا مصلحت هوندي، پر هيءُ جيڪو انٽرويو ٿيو ٿئي، ان جو هڪ مقصد سنڌي قوم کي انهن واقعن ۽ ماڻهن کان واقف ڪرڻو آهي، جن کان ماضيءَ ۾ ڪيس نقصان پهتو آهي. آئون گذارش ڪندس تہ انهن ڪامريڊن جا نالا ورتا وڃن، جن جي ڪري سنڌي نعپ ۾ ڪڙ ٿيو ويٺا هوندا هئا. آئون پانيان ٿو تہ اها ستر جي ڏهاڪي جي ڳالهہ آهي. سنڌ جي نئين نسل کي انهن ڪامريڊن بابت ڄاڻ ڪانهي. آئون وري گذارش ڪندس تہ انهن جا نالا ورتا وڃن، تہ جيئن اڳتي سنڌي قوم انهن کان هوشيار رهي.

پليجو صاحب: هاڻ انهن سان اسان جو ٻيهر اتحاد ٿيو ٿئي، اهو تہ اسان کي نقصان ٿيا رسايو!

نوراني: اوهان جي نقصان کان، قوم جو نقصان وڌيڪ خطرناڪ آهي.

پليجو صاحب: (هٿيار ڦٽا ڪندي) ٺيڪ آهي. ان وقت نعپ جو جنرل سيڪريٽري محمودالحق عثماني هوندو هو، اهو هينئر سنڌ يونٽي بورڊ جو اڳواڻ آهي ۽ بهارين کي سنڌ ۾ آباد ڪرائڻ لاءِ سرگرمِ عمل آهي. اعزاز نذير هو، عزيزالله بٿريسٽر هو، ٻيا بہ ڪيترائي صاحب هئا، جيڪي اسان جي "رهنمائي" ڪندا هئا. ان زماني ۾ اهي صاحب جيئن چوندا هئا، تيئن ٿيندو هو. سنڌي ماڻهو انهن جي طابع هوندا هئا. پارٽيءَ جا سنڌي فرد سندن حڪم مڃڻ تي مجبور هئا. جيئن هو چاهيندا هئا، تيئن ٿيندو هو. هاڻ اِها صورتحال ڪانهي، هاڻ اسين هنن سان برابريءَ جي بنياد تي ڳالهيون ڪريون ٿا، اڪيون اڪين ۾ وجهي ڳالهائي سگهون ٿا، سوال جواب ڪري سگهون ٿا، پنهنجا نظريا پيش ڪري سگهون ٿا، ماڻهن کي قائل ڪري سگهون ٿا، ماڻهو وڌيڪ داد ڏين ٿا. ڇڪا ٻلا ماڻهو اسان جي پويان هلڻ لڳا آهن، چون ٿا تہ اسين توهان سان آهيون، توهان جي نظرئي تي آهيون. اڳي اسين هنن جي پڻيان ٻيا ڊوڙندا هئاسين. هاڻ هو پاڻ اسان جي پڻيان ٻيا ڊوڙن! اڳي برابريءَ جو مسئلو هو، هاڻ ڪونهي. جيتوڻيڪ مڪمل برابري ايجان بہ نہ آهي پر ڪافي حد تائين، يعني Substantial برابري آهي يا ٿي ويندي. اڳي پارٽيءَ تي جاگيردارن جي هڪ- هٿي هئي، هينئر اها نہ آهي. اڳي نظريا پنجابين ۽ ڪامريڊن وٽان ايندا هئا، هاڻ نظرئي سازيءَ ۾ سنڌي پائر بہ شامل آهن. اڳي نعپ جي سياست جا ڪمزور پهلو ظاهر ٿيل

ڪونہ هوندا هئا پر هاڻ آهن. اڄي پيپلز پارٽيءَ جهڙي پارٽي ڪانہ هوندي هئي جو منٽ ۾ سيني کي تهس نهس ڪري ڇڏي. اڄي مسلم ليگ هوندي هئي يا نعپ، جن جو مقابلو هو، يعني "جيسي ڪوتيسا" هو. هاڻ ته پيپلز پارٽي بہ سامهون آهي ۽ بيا بہ تضاد آهن، جيڪي تمام تيز ٿي ويا آهن، ان ڪري تمام سخت مقابلو آهي. اي- اين- پي ءَ جي نعپ جي مقابلي ۾ ساک بهتر آهي، ماحول بهتر آهي، عالمي صورتحال بهتر آهي. اڄي سنڌي ماڻهو انڌا، گونگا ۽ بوڙا ٿيو ويٺا هئا، کين چيو ويندو هو ته، "اُٺ!" ته اٺبو هو، "ويهہ!" ته ويهبو هو، محتاجي هئي. هو صاحب ٿيو ويٺا هئا. هو سنڌين کي جتي بہ چوندا هئا، اتي سنڌي ووٽ ڪري ايندا هئا. چوندا هئا ته، "وڃي نوراني ءَ جي خلاف ووٽ ڪري اچو!" ته چئبو هو، "حاضر سائين!" وڃي نوراني ءَ جي خلاف ووٽ ڪري اچبو هو. پلي نوراني سڳو پاڻ ڇو نہ هجي! هاڻ سنڌي ماڻهن جون پنهنجون تنظيمون آهن. تنهن ڏينهن ولي خان سان پئي ڳالهايم، ڪيس چيم پئي ته، "اسين سنڌي مسڪين ماڻهو آهيون، ڪنهن بہ حساب ۾ ڪونہ آهيون، پر اوهان جو ملڪ آزاد آهي، باقي ملڪ بہ آزاد ٿيندو. سڄو ملڪ جڙ اوهان جو ملڪ ۽ تڏو آهي." ته ڳالهہ ڪٽي چيائين ته، "اوهان جا ماڻهو نهايت منظم آهن، انهن جي معيار کي ڪير بہ پهچي نٿو سگهي. اسان اهڙا بي خبر نہ آهيون. اوهان جا ماڻهو نظرياتي آهن، اسان جا ماڻهو نہ ته ايترا نظرياتي آهن ۽ نہ منظم، پر تنهن هوندي بہ اسين ڪوشش ڪنداسون ته ڪونہ ڪو معيار ناهيون." اهڙي ڳالهہ اڄي ڪانہ هوندي هئي. آئون سمجهان ٿو ته هاڻ اسان جو معيار بهتر آهي ۽ قوتن جو توازن پنهنجي حق ۾ آهي.

نقاش: لفظ "پنهنجي" مان اوهان جي مراد ڇا آهي؟ فقط سنڌي ماڻهو يا ترقي پسند؟

پليجو صاحب: مراد حقيقي ترقي پسند آهي. سنڌي، بلوچ، پشتون، معنيٰ ته حقيقي ترقي پسند. سڄي ملڪ جي حقيقي ترقي پسندن جي ڳالهہ آهي. جيڪڏهن پنجابي ۽ مهاجر ترقي پسند بہ حقيقي ترقي پسند ڪونهن، ته پوءِ پنجابي ۽ مهاجر عوام کي نقصان ٿا ڏين. حقيقي ترقي پسند هوندا، تڏهن ئي ته فائدو ڏيئي سگهندا! بوگس ۽ فراڊ هوندا ته پوءِ پنهنجي عوام کي ڪيئن فائدو ڏيئي سگهندا؟ پاڻ بہ جيڪڏهن بوگس ۽ فراڊ هجون ۽ قوم جي نمائندگي پيا ڪريون، ته پوءِ قوم کي ڇا ڏيئي سگهنداسون؟

نقاش: اوهان سنڌي عوامي تحريڪ جي نالي سان هڪ تنظيم ناهي هئي، ان کان پوءِ اوهان پاڪستان جي ترقي پسند گروپن سان گڏجي هڪ پارٽي ناهي....

پليجو صاحب: (ڳالهہ ڪٽيندي) اها پارٽي نہ، پر هڪ الائينس (گڏيل محاذ) هو.

نقاش: ها، الائينس هو. ان کان پوءِ توهان عوامي تحريڪ کي اي- اين- پي ۾ مرج ڇيا ڪريو. انهيءَ سڄي عمل ۾ اوهان تي مختلف ماڻهن يا مختلف زاوين کان سوچيندڙ ماڻهن اهو الزام پئي هنيو آهي ته اوهان عوامي تحريڪ جي اصلوڪي

گول (منزل) کان ڦري ويا آهيو. ان الزام جي باري ۾ اوهان جو ڇا خيال آهي؟

پليجو صاحب: مون سويل عرض ڪيو تہ 1947ع کان وٺي منهنجو گول (مقصد) ترقي پسندي آهي ۽ اهو بين الاقواميت جي حوالي سان آهي، يعني بين الاقواميت 1947ع کان وٺي منهنجو گول رهي آهي. مون کي قوميت جي ڳالهہ بعد ۾ سمجهہ ۾ آئي. شروع ۾ آئون قوميت واري معاملي ۾ واضح نہ هوس. دراصل انهيءَ شروع واري دور ۾ مون کي اها خبر ئي ڪونہ هئي تہ سنڌي ماڻهو بہ ڪو مظلوم آهن! آئون سوچيندو هوس تہ اهي مظلوم نہ پر اصل ڄڻ آهن، نڪو شاعري ٿي اچين، نہ ڪا انقلاب جي ڳالهہ ٿا ڪن! اصل بنهہ ڄڻ آهن! آئون سنڌي ماڻهن جو نالو ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ڪونہ هوندو هوس. سنڌ جي ڳوٺن ۾ تہ ڇا، پر حيدرآباد ۾ بہ ڪونہ ايندو هوس. سمجهندو هوس تہ سنڌي ماڻهو صفا ويڳاڻا ۽ منفي قسم جا ماڻهو آهن، نہ انهن ۾ ڪو سردار جعفري آهي ۽ نہ ئي نياز حيدر! هنن جي ڪلام ۾ نہ تہ ڪا خوشبو آهي، نہ زندگي، نہ حرارت ۽ نہ ئي ڪا انقلابيت؛ اصل بيڪار آهن. پوءِ وري اڳتي هلياسين، عبدالقادر جوڻيجي جي هڪ ڪهاڻي "هورو" ۾ اٿ گم ٿي ٿو وڃي پر پوءِ سڃي ڏرتيءَ جي گولي جو چڪر ڏيئي، اٿ واپس ڳوٺ موٽي ٿو اچي. مطلب تہ شعوري طرح پنهنجي ڳوٺ پهچڻ لاءِ بہ ماڻهوءَ کي ڏرتيءَ جو چڪر هڻڻو پوي ٿو! اهڙيءَ طرح سنڌ جي ڳالهہ سمجهڻ لاءِ مون کي سڃي بين الاقواميت جي ڳالهہ سمجهڻي پئي. پوءِ وري لينن جو مضمون "رائيٽ آف نيشنس ٽو سيلف ڊٽرمنيشن" (قومن جو خودارادیت وارو حق) پڙهيم ۽ پوءِ وڃي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي. نيٺ قوميت جي مسئلي تي آياسين، ان ڪري اهي ماڻهو جيڪي اسان تي الزام هڻن ٿا، سي يا تہ سادا آهن يا وري مخالف. "صبح ٿيندو" جو پهريون مضمون بين الاقواميت سان شروع ٿئي ٿو. جيئن عوام کي سياسي تعليم ڏيئي سگهجي. ان ڪتاب جو ٽيون حصو ان ڳالهہ بابت آهي تہ "ماڻهن کي جدلي ۽ تاريخي مادیت ۽ سائنسي تعليم ڏيو. عالمي انقلاب جي مشهور انقلابي ڪردارن تي ڪهاڻيون لکو." معنيٰ تہ پهرين اسان ماڻهن کي بين الاقواميت جي ڳالهہ سيکاريون، پوءِ جون ڳالهيون پوءِ سان. پوءِ اڳتي هلي "صبح ٿيندو" ۽ سنڌي قوم ۽ ان جي مظلوميت جي ڳالهہ ٿيل آهي. قومي ۽ طبقاتي جدوجهد کي گڏ هلائڻ واري ڳالهہ مون 1948ع کان ئي ڪرڻ شروع ڪئي هئي. 1948ع کان ئي اهو منهنجو مطمع نظر رهيو آهي. جڏهن آئون مولانا نظاماڻيءَ وارو مضمون لکي، سائين جي- ايم سيد سان مليو هوس، تہ آئون پنهنجي پر ۾ هڪڙو ترقي پسند شخص اڳيئي هوس، يعني قوم پرستيءَ سان ملاقات کان اڳ ۾ اسين ترقي پسند هئاسين. پوءِ مون 1973ع ۾ هڪ مضمون "سنڌي عوام جو وطن دوست انقلابي نظريو" لکيو. ان ۾ مون ڄاڻايو هو تہ "اسين سنڌي ماڻهو، مهاجر ۽ پنجابي عوام جا هرگز مخالف نہ آهيون. اسين انهيءَ سان تعاون رکو انهيءَ ڪري نٿا ڪري سگهون جو اهڙا ماڻهو اسان کي ان لائق ئي نٿا سمجهن جو اسان سان تعاون ڪن. جيڪڏهن اهڙا ماڻهو ٿيا تہ پوءِ يقيناً تعاون ڪنداسون." (ان

مهل ڪيسٽ جو هڪ پاسو ختم ٿي ويڃي ٿو ۽ ڪيسٽ کي اٽلايو ٿو ويڃي.)

نقاش: (وقت جو احساس ڪندي) اسين اوهان تي ڏاڍو جبر ڪري رهيا آهيون، جو هيترو وقت ورتو اٿئون. اسين ايتري دير ٻه نٽا ڪرڻ چاهيون جو اوهان جو سپاڻ جو شيڊيول متاثر ٿئي.

پليجو صاحب: اوهان پنهنجو ڪم پلي پورو ڪريو. هڻڻا ڪم روز روز ڪونہ ٿيندا آهن. هنن ڪمن جي ٻين ڪمن کان گهٽي افاديت ۽ اهميت آهي. هڻڻيون ڳالهيون (روزانو) ڪونہ ٿيندیون آهن، ان ڪري اوهان کي جيڪي ٻہ سوال پڇڻا هجن، سي پڇي وٺو. (ڳالهہ جي ڪڙي ڪڙيءَ سان ملائيندي) مون پنهنجي هڪڙي مضمون ۾ لکيو آهي تہ، "اسين مهاجرن ۽ پنجابين جي خلاف نہ آهيون. اسين انهن سان پائپي چاهيون ٿا. اسان جو ايمان آهي تہ اسان جا جيڪي ٻہ تضاد آهن، سي عارضي آهن، دائمي ڪونهن. دائمي طرح سيني قومن جي ماڻهن ۽ محنت ڪشن کي پاڻ ۾ اتحاد ڪرڻو پوندو ۽ اهو ضرور ٿيندو." ان مضمون ۾ مون اهو ٻہ چيو آهي تہ، "نہ رڳو سنڌين، بلوچن، پنجابين ۽ مهاجرن جي وچ ۾ اتحاد ٿيندو، پر ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جا عوام پاڻ ۾ ٻڌي ڪندا، بلڪ سڄي دنيا جا عوام پاڻ ۾ ٻڌي ڪندا. اهو اسان جو مقدر آهي ۽ اهو لازمي ٿيڻو آهي." في الحال اڄوڪي اسٽيج تي اسين پنهنجي مهاجر ۽ پنجابي دوستن مان ڪنهن حقيقي اتحاد جي توقع نہ ٿا رکون، ڇو جو حالتون اسان کي حقيقت پسنديءَ جي لحاظ کان اهڙي اجازت نٿيون ڏين، اسين ان ڪري جدوجهد ڪنداسين، تہ اهڙا ڪي ٽولا يا فرد نڪرن، جن سان گڏجي ڪم ڪريون. اها اسان جي وسيلن جي اڻ هوند ۽ اٽاڻ هئي، جنهن جي ڪري اسين رڳو سنڌ ۾ وينا هئاسون. وسيلا نہ هئا، تنهن ڪري اسين سالن جا سال ميرپور ٻٽوري ۾ وينا هئاسون، لاڙڪاڻي ٻہ ڪونہ وڃي سگهياسين! انهيءَ جو مطلب اهو ڪونہ هو تہ اسان لاڙڪاڻي وڃڻ نہ پئي چاهيو. فقط مالي ۽ ٻين انساني وسيلن جي ڪوٽ سبب ائين ٿيو. ٻاهر نڪرڻ جي لائق ٿياسون تہ لاڙڪاڻي ٻہ ويهاسون، سکر ۽ جيڪب آباد ۽ پوءِ اڳتي ٻہ ويهاسون. تنهن جي ڪري اهو الزام غلط آهي تہ اسين پنهنجي مقصد کان هٽي ويا آهيون. منهنجو ننڍي هوندي کان ئي اهو مقصد رهيو آهي تہ هن دنيا کي ٽڪر ۽ پاش پاش ڪري، ٻي هڪ نئين فرسٽ ڪلاس دنيا ٺاهجي. هاڻ رڳو ٽوري گهٽ وڌائي ٿي آهي. (هن) دنيا کي ختم ڪري، ٻي سڻي دنيا ٺاهڻ وارو آئيڊيل ايجان ٻہ جيئن جو تيئن منهنجو آئيڊيل آهي. ان مقصد ۾ ڪو فرق نہ آيو آهي، باقي ڊزائين ۾ ٽورو فرق آهي، يعني دنيا سوشلسٽ هجي وغيره. ان ڊزائين ۾ پاڻ بهتري آئي آهي.

اسان جو ادب مجموعي طرح قومي ۽ طبقاتي جدوجهد جي گڏيل ضرورتن جو آئيني دار رهيو آهي. زندگي جي ٻين شعبن وانگر ادب ۾ به نوان تجربا اٽل ۽ لازم آهن- عوامي سياست ۽ عوامي ادب هڪ ٻئي سان هم آهنگ هجڻ کپي

پينل انٽرويو/پرهه ڦٽي پبليڪيشن سکر 1988ع

پرهه ڦٽي: سنڌيءَ جي سرجندڙ ادب ۾، نون تجربن بابت اوهان جو کهڙو رايو آهي؟ ان جو سنڌي سماج ۽ معاشري تي کهڙو ۽ کيترو اثر پيو آهي؟

پليجو صاحب: منهنجي خيال ۾ هر ٻوليءَ ۾، زندگيءَ جي هر شعبي ۾ نوان تجربا اٽل ۽ لازمي آهن. ان کان سواءِ ڪم وڌندو ئي ڪونہ، تنهن ڪري سنڌي ادب ۾ جيڪي نوان تجربا ٿين ٿا، اهي طبعي واڌاري جو هڪڙو حصو آهن ۽ هميشہ کان ونڊي جيڪي تجربا ٿيندا رهيا آهن، انهن جو تسلسل آهن. باقي جي رڳو تجربي جي ليبل (Label) کي ڏسي ڪو ماڻهو سمجهي تہ هي مثبت يا منفي تجربو آهي، صحيح نہ آهي، ڏسڻو هيءُ آهي تہ ان جو Content ڇا آهي؟ تجربا تہ ماڻهو ڪيميائي هٿيارن تي بہ ڪن پيا، ماڻهو تجربا تہ Wars تي بہ ڪن پيا، ماڻهن کان پڇو ڇا پيا ڪريو، چوندا تجربا پيا ڪريون، سائنس کي پيا وڌايون. ڏسڻو اِهو آهي تہ سائنس کي کهڙي رخ ۾ ٽا وڌائين؟ ماڻهن مارڻ جي رخ ۾ يا ماڻهن جي ٻلائيءَ لاءِ؟ لفظ تجربو Neutral آهي. ڏسڻو آهي تہ اِهو تجربو مثبت آهي يا منفي؟ ڪيترا تجربا انتهائي منفي هوندا آهن، جن جي باري ۾ مون پنهنجي ڪتاب "سندي ذات هنجن" ۾ ذڪر ڪيو آهي، جنهن لاءِ هڪ اديب چيو آهي تہ، "پليجي کي جيڪا ڳالهہ ڏهن ستن يا ٽيهن ستن ۾ ڪرڻ گهربي هئي، سا هن ٽي سئو صفحن ۾ ڪئي آهي." ضرورت بنيادي مسئلن تي غور ڪرڻ جي آهي ۽ ڪنهن بہ شيءِ کي فقط ان جي ليبل جي ڪري نہ ڇڳو سمجهڻ کپي، نہ برو.

پرهه ڦٽي: سنڌ ۾ هيل تائين جيڪو نئون ادب تخليق ڪيو ويو آهي، ان ۾ گهٽو ٽٽو قومي رنگ نمايان نظر اچي ٿو. جڏهن تہ سنڌ ۾ قومي تضاد سان گڏ طبقاتي مسئلو بہ نمايان نظر اچي ٿو. ان جو کهڙو سبب آهي؟

پليجو صاحب: منهنجي خيال ۾ ڪيترن سالن تائين، ون يونٽ جي سڄي دؤر دوران، اسان جو سڄو ادب مجموعي طرح قومي طبقاتي جدوجهد جي گڏيل ضرورتن جو آئيني دار رهيو آهي. منهنجي خيال ۾ سنڌ ۾ جهڙيءَ طرح اسان جي لکندڙن ۽

سياستدانن ۾ ڪجھ ماڻھن قومي، طبقاتي، سامراج دشمن ۽ جمھوري خيالن کي گڏي ھڪ ڪري، ھڪ خوبصورت وحدت (Unity) ٻڌايو آھي، اھو دنيا جي اندر پنھنجو مثال پاڻ آھي. آءٌ جڏھن ٻہ ٻي ٻوليءَ جو ادب پڙھندي، سنڌي ادب پڙھندو آھيان تہ مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي آھي، جو اسان وٽ سيني شين جو سنگم رھيو آھي ۽ ان مسئلي کي ادبي ليول تي نهايت ئي سھڻي نموني طئي ڪيو ويو آھي. اسان جي ادب ۾ ڪڏھن مجرد قوم پرستي، جيڪا بنيادي طرح ٿيندي ئي ڪونہ آھي، جو پرچار ھيستائين ڪونہ ڪيو ويو آھي. آءٌ جيل ۾ ھوس، مون کي اھڙي خبر ڪانہ ھئي، پر ھينئر جنھن حد تائين اھا ڳالھہ ٿئي ٿي تہ اھا قوم پرستي ڪيئن ٿي قوم پرستي ٿئي! جنھن ۾ قوم جي تمام وڏي اڪثريت جي جذبن ۽ مسئلن جي عڪاسي نہ ھجي تہ اھا قوم پرستي، قوم پرستي نہ بلڪ طبقي پرستي آھي. اھو آھي ھڪڙي مخصوص طبقي طرفان قومي مسئلي جو ناجائز استعمال! ماڻھن جي ڏکن ۽ دردن کي فقط ھڪڙي ننڍڙي ٽولي جي مفادن لاءِ مخصوص ڪري ڇڏڻ، باقي گھٽائيءَ کي ڇڏي ڏجي تہ اھي قابل غور نہ آھن، تنھن کي قومي ادب چئبو ئي ڪونہ. جنھن ادب ۾ مظلوم قوم جي، مظلوم عوام جي وسيع اڪثريت جا سنگين مسئلا، مثال طور: وڏيراشاھيءَ جو ظلم، پير پرستيءَ جو عذاب وغيره جي طبقاتي حوالي سان پوريءَ طرح عڪاسي نہ ھجي تہ اھو قومي ادب، قومي ادب ئي ناھي پر اھو جڙتو قومي ادب آھي.

پرھہ ڪٿي: ون يونٽ دوران سنڌي ادب Leading Roll (رھنما ڪردار) ادا ڪيو، ھن وقت سنڌي ادب جي اھا حيثيت ناھي، جو اڳواڻيءَ وارو ڪردار ادا ڪري، ان جا ڪھڑا ڪارڻ آھن ؟

پليجو صاحب: منھنجي خيال ۾ ان جا ٻہ سبب آھن: پھريون تہ تمام گھڻين ڪوششن سان اسان ون يونٽ جي دوران ھڪ قومي ناھہ، قومي سمجھہ ۽ قومي ٻڌي پيدا ڪئي. قومي مان منھنجي مراد آھي تہ قوم جي سمورن وطن دوست فردن، ٽولن ۽ طبقن جو اتحاد، ان ۾ ھر قسم جا ماڻھو گڏ ھئا، جنھن ۾ اديب، شاگرد، ھاري، ورڪر، وڏيرا ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جھڙا ماڻھو ٻہ ھئا. سيني گڏجي ھڪ اتحاد ناھيو. پوءِ ٻہ ڳالھيون ٿيون: پھرين تہ ان اتحاد ۾ جيڪي عوامي حلقا ھئا، انھن کي ٻن-ٽن قوتن ختم ڪيو ۽ آمريڪي C.I.A جي ايجنٽن ھڪ مضبوط گروھہ سنڌ يونيورسٽي جي بلي ڪيو. مون کي خبر آھي، ھينئر ٻہ ھو سرگرم آھن. ان گروھہ باقاعدي تمام وڏي پيماني تي عوامي اتحاد جي جيڪا اصل محرڪ قوت ھئي (عوامي قوتون، جمھوري قوتون ۽ پورھيت قوتون) جيڪا جڙ ڪرنگھي جي ھڏي جھڙي حيثيت رکندي ھئي، ان کان، ان سڄي اتحاد جي قومي ٻڌيءَ کي محروم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ اھو گروھہ ڪامياب ٿي ويو. پوءِ ان اتحاد جي خلاف منظم پروپيگنڊا ڪئي. جيڪي ورڪر وڏيڪ مار سھندا ھئا، قرباني ڏيندا ھئا، گھٽ شھرت گھرندا ھئا، انھن کي گھٽ ڪيو ويو. اھا ھڪ منظم سازش ھئي. انھن کي Elevate ڪرڻ

(اُپارٹ) لاءِ آمريڪي ايجنٽن پنهنجا سمورا وسيلا صرف ڪيا. آمريڪي ايجنٽ انتهائي چالاڪ هيا. وٽن بنگلا، شراب، عورتون ۽ ڳالهائڻ جا عجيب انداز هئا. ان لاءِ جو سندن تعلق وڏيرڪي طبقي ۽ مڊل ڪلاس سان هو، تنهن ڪري ماڻهن کي خراب ڪرڻ لاءِ منجهن خصوصي لياقتون هيون. هو عوامي ٻولي ڳالهائڻ ۽ عوامي چوغو پائڻ لڳا. انهن ڳالهين ان محرڪ قوت کي خراب ڪيو. حڪومت بہ ان ۾ مڪمل طور Conspiracy (سازش) ڪئي. جيڪي ماڻهو اسان اندر ڪمزور هئا، تن کي ڪنڌ ڇڏهيل گوريون کارايون. جن ماڻهن کي خطرناڪ سمجهيو، انهن کي چوٽو وجهڻ شروع ڪيو. کين نوڪريون ۽ پئسا ڏنا. سندن استقبال لاءِ ڊي سي (D.C) ٻيئل هوندو هو. ماڻهن کي Corrupt (خراب) ڪرڻ لاءِ برطانيہ سامراج جي تربيت يافتہ (بيورو ڪريسي) ڪاموراشاهي وسان ڪونہ گهٽايو. هر طريقي سان ڇڪن ماڻهن کي ختم ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا ڪم ڪيا. ٻيو تہ اسين جيڪي نوان ماڻهو هينان آيا هئاسين، ناتجربيڪاري ۽ نااهليءَ سبب آسانيءَ سان سندن شڪار ٿي وياسين. اتحاد جي هر فرد، هر ٽولي سمجهيو تہ آهيان ئي آءٌ، آءٌ جيڪڏهن هتي ويس تہ ٻيو ڪو ٻيهندو ئي ڪونہ. اسان جي اندر ۾ جيڪي لڪل ڪمزوريون هيون، اتحاد جي دشمنن انهن جو پرپور فائدو ورتو. تنهن ڪري انهن ان سڄي شيءِ کي، اتحاد کي درهم برهم ڪري ڇڏيو. ان اتحاد جو پوءِ سمجهان ٿو تہ اسان جي ٻڌيءَ جو چوٽين مارچ 1967ع نقطہء عروج هو. ان ٻڌيءَ ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي هو، شاگرد، هاري ۽ ٻيون سموريون قوتون گڏ هيون، لک بہ لک ماڻهو گڏ ٿيا. ڪهاڙين سان جلوس ڪڍيوسين. ان ٻڌيءَ ۾ اديب، شاعر، اهل قلم ۽ سڄي قوم گڏ هئي. ان لاءِ جو ون يونٽ جو دور هو. ان وچ ۾ تاشقند Pact ٿيو ۽ جڏهن پٽي صاحب حڪومت ڇڏي (ايوب حڪومت) تہ هن جي خلاف گهٽو ڪجهہ ٿيو. اوهان کي خبر آهي تہ جڏهن بہ ڪنهن ماڻهوءَ جي (Importance) اهميت کي ڪٽڻو هوندو آهي تہ ان جي ڳوٺ، شهر يا ان جي علائقي مان مخالف ماڻهو پيدا ڪيو ويندو آهي، جيئن قاضي فضل الله، علي محمد راشدي ۽ ٻيا ماڻهو، پٽي صاحب جي خلاف انهن ماڻهن کي لڳايو ويو. اهو هڪ گروهہ هو، جيڪو گڏجي عمل ڪندو رهيو آهي. ان گروهہ ماضيءَ ۾ مسجد منزل گاهہ جا فساد ڪرايا، الله بخش سومري کي شهيد ڪرايو. اهو بنيادي طرح ليگي گروهہ هيو، جنهن کي ايوب ناهي ورتو ۽ ايوب سان اهو گروهہ ان ڏينهن کان وٺي نهي ويو جڏهن مرحوم پٽي کيس ڇڏيو. هاڻ قومي تحريڪ ۾ بہ ٻہ ڏارائون وهي هليون: هڪ سرڪاري ايوب سان نهيل، فوج سان نهيل، جنهن کي آمريڪي C.I.A جي ماڻهن جي پوري پوري ٽيڪ ۽ پنيرائي حاصل هئي. ٻي ڏارا عوام هو، جيڪو ڇڙوڇڙ، تجربي جي ڪوٽ، خود وٽس ٻڌي نہ هئي، جنهن ۾ معتبريءَ جا لاڙا وڌيڪ هئا، هڪدم ڦوٽ جو شڪار ٿي ويو. آمريڪي فوجي ۽ سرڪاري ڏڙي وارا، جن پاڻ کي وڏا چوغا پارايا هئا ۽ هو واقعي عوامي جدوجهد ۾ هئا، ٽٽي سرڪار، فوج ۽ پنهنجي آمريڪي دوستن سان نهي ويا،

دوکو ڪري الڳ ٿي ويا. پوءِ انهن وار ڪرڻ شروع ڪيا ۽ اسان جي تحريڪ تاب جهلي نه سگهي، ٻڌي ٽڪي وئي. جيئن اتحاد ۾ ٻڌيءَ جي ريل پٽڑيءَ تان لٿي آهي، اها ايا تائين پٽڑيءَ تان لٽل ئي آهي ۽ اسان جي ٻڌي ڪتن جو ڪاج ٿي وئي.

پرهه ڦٽي: هاڻي اسان کي سنڌي ادب کي ان موڙ تي آڻڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

پليجو صاحب: منهنجي خيال ۾ ٻ- ٽي ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. پهرين ته ان ۾ جيڪا قومي جدوجهد ۾ هڪ هٿي آهي، ٽيڪيداري سسٽم آهي، ته هڪڙو خدا، هڪڙو رسول ۽ هڪڙو فلاڻو ٽيڪيدار سنڌي قوم جو گهڻ گهرو آهي ۽ ٻيا سڀ ان کان سرتيفڪيٽ ونڊي، چڱ وڏائي مريد ٿين ۽ جيڪو ڪجهه هو چوي اهو ڪم ڪجي. اِهو خوفناڪ قسم جو رجحان آهي. سنڌي قومي جدوجهد مان وڏيرڪي هڪ هٿي، سرداري، ٽيڪيداري ختم ٿيڻ گهرجي. اهڙيءَ ريت ادب ۾ ٽيڪو ختم ٿيڻ کپي، شاگرد تحريڪ ۾ ٽيڪو ختم ٿيڻ کپي، سوشلزم جو ٽيڪو ختم ٿيڻ کپي، "فلاڻو ماڻهو سوشلزم جو ابو ۽ علمبردار آهي ۽ ٻيا سڀ سنڌس آڏو هيچ آهن." آمريڪي سامراج دشمنيءَ جو ٽيڪو ٻه مخصوص فلاڻي Firm کي مليل آهي، جيڪي سڄو ڏينهن ماڻهن کي چوندا وتن ته توهان آمريڪي سامراج جي خلاف ٿيو. جڏ ته آمريڪي سامراج جا دشمن صرف اُهي آهن، ٻيو ماڻهو آهي ئي ڪونه! ۽ سڄو ڏينهن چوندا وتن، "آمريڪا ڪا جو يار هي- غدار هي غدار هي." انهيءَ قسم جي جيڪا Prostitution (گندگي ۽ فحاشي) ٿي آهي، تنهن هر شيءِ کي، هر پاڪ ۽ مقدس شيءِ کي گندو ٻڌايو آهي. پنهنجي ننڍڙن گروپن جي معاملن ۾ جيڪا والار ٿي آهي، سا والار ختم ٿيڻ گهرجي. ڪنهن ٻه ماڻهوءَ جي ڪنهن ٻه هڪ مقدس شيءِ مٿان هڪ هٿي ختم ٿيڻ کپي. ٻيو ته پاڻ تي ضابطو ڪرڻ کپي ۽ پاڻ ۾ گڏ پيدا ڪرڻ گهرجن، گهڻن کي گڏ ڪرڻ جا، گهڻين قوتن کي منظم ڪرڻ جا، ضابطو، تدبر، فهم، حيا، نيڪ نيتي، ٻئي جو خيال ڪرڻ، ڏکيو سکيو ٿي وقت گذارجي ۽ ٻي کي اڳتي وڌڻ جو موقعو ڏجي ۽ ٻيو جو اڳيان وڃي ٿو، اهو ٻه ڪجهه خيال ڪري، سڄڻ ٿي ڪجهه ڪائبو ۽ ڪجهه ڪارائبو. اهو اهڙو اڪين پور نه هجي، جو هن کي اڳيان ڪجي ته هروپرو معتبر ٿي هڪڙو منٽ ٻه گاڏيءَ جي اڳينءَ سيٽ تان پوئتي نه هٿي.

هڪڙو دور هوندو هو، جنهن ۾ قومي ضرورت پتاندڙ ڪنهن کي پڇ ٻڌي مهري ڪيو ويندو هو. قومن جي تاريخ ۾ ائين ٿيندو آهي. ڪنهن ماڻهوءَ ۾ لياقت هجي نه هجي، جاءِ خالي پئي آهي، بابا هي قوم جو صدر صاحب آهي، ۽ صدر صاحب هجي بي حيا ماڻهو، ۽ اهو وري باقاعدي ڪپ کوڙي ويهي رهي. ست پيڙهيون وينو هجي، چئبس هيڏانهن هوڏانهن ٿيءُ بابا! هاڻي سڄو پڇو مهري اڇي ويو آهي، رکونس ٿا. چي: نه سائين، جاءِ منهنجي! مري پوي، ڏهه- پندرهن غنڊا در تي بيهاري ڇڏي، ته ائين نه ٿئي جو ڪيس هٿايو وڃي ته هو برداشت نه ڪري. ڇوڪرف ڇڏڇوت، رواداري هجي، برداشت هجي ۽ انهن سيني ڳالهين کان پرهيز ڪرڻ گهرجي جيڪي ڳالهيون قومي

اتحاد لاءِ نقصانڪار هجن ٿا انهن کي چڏجي ۽ جيڪي شيون فائديمند آهن انهن لاءِ عزت ۽ احترام هجي ۽ ڪوشش ڪجي ۽ کين همٿايو وڃي.

پرهہ ڏنڻي: ملڪ نديم "نئون سر ڪاموڏ" لکيو آهي، جنهن ۾ ڄام تماچيءَ کي ظالم بادشاهہ سڏيو اٿس. جڏهن ٿہ شيخ اياز ۽ ٻين شاعرن ٻڌائي ۽ سڀل واري خيال کي پيش ڪيو آهي. ملڪ نديم جي ان جدت پسنديءَ کي اوهان ڪهڙي نظر سان ڏسو ٿا؟ ڇا اهو صحيح آهي يا غلط؟

پليجو صاحب: آءٌ گهڻو وقت اڳ سکر ۾ آيو هوس، گهٽا سال ٿيا. هتي ڪانفرنس ٿي هئي، اتي نبي بخش کوسي مضمون پڙهيو هو ٿہ شاهہ لطيف ترقي پسند شاعر نہ آهي. هوڏانهن هو جيڪي اسان جا آقا هئا، تن چيو ٿہ غالب، لطيف کان وڏو شاعر آهي، يعني جيڪو گينگو ٿي لڏن، ان گينگي کي ٻہ انقلابي گينگو ڪري ٿي سڏيو ويو. مون کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، مون ٻہ تقرير ڪئي، سکر ۾ شايد ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال هو. مون ڊگهي تقرير ڪئي ٿہ اها سڄي نڪري آهي، بدمعاشي آهي، پوءِ وري ٻہ کوسو اها اسڪيم هلائي ويو ٿہ "بابا، سنڌي قوم جتي اٽڪي پئي هئي، سا اڄ ٻہ اتي ئي اٽڪي پئي آهي. سنڌي ادب کي وڌڻ ئي نٿي ڏئي ۽ اهو سڄو شاهہ لطيف جي ڪري." پوءِ وري اسان جي دوست سراج چيو ٿہ بابا! هي پنهنجو دوست ملڪ نديم مضمون لکي آيو آهي. هاڻي اڇي لطيف جي پنيان پيو آهي، مون کي مارائيندو! منهنجي هن مان جند چڏاءِ. مون چيومانس ٿہ "بابا، توپ جي منهن ۾ آءٌ ٿہ ڪونہ ويندس، هيءُ توپ آهي توپ! تون ايڊيٽر ٿيو وينو آهين، اديب آهين، جواب ڏئينس. تنهن بعد وري مون وٽ ملڪ نديم پهتو، چيائين ٿہ سراج کي چئو ٿہ مضمون ڇپي. مون چيومانس ٿہ آءٌ سراج کي ڪيئن چوان؟ ٻيلي مون کي چڏ، منهنجي پنيان اڳ ۾ئي گهڻا وينا آهن.

منهنجو نقطہء نظر هي آهي ٿہ لطيف ڇڳي شيءِ ڪئي آهي. هر شيءِ جا ٻہ پاسا، بلڪ تمام گهڻا پاسا هوندا آهن. جيڪي ماڻهو پنهنجي زماني جي عڪاسي ڪن ٿا اهي ٻہ ترقي پسند آهن، يعني ٿہ جيڪي ڀالهيون ماڻهو لکايو وينا آهن، ۽ جيڪي حقيقتون ٻيا ماڻهو پيش نٿا ڪن ٿہ ان جي ابتڙ جو اڳلو اها ڀالهہ کولي ٿو پيش ڪري ۽ وقت جي ترجماني ٿو ڪري، هاڻي اتي پهتاسون ۽ پهريون درجو ٻاراٽو پاس ٿي ويو. پنهنجي وقت جي ترجماني ڪئي سون! هاڻي ٻئي درجي ۾ اڇتي وڌڻ جو مسئلو آهي. اتي ڏسٽو آهي ٿہ وقت جي ڪهڙين ڀالهين جي ترجماني ڪئي وئي؟ ان زماني ۾ ويهہ ڪروڙ ڀالهيون هيون، هو ڪهڙين ڀالهين کي ساراهي ٿو ۽ ڪهڙين ڀالهين جي گلا ڪري ٿو. ممڪن آهي، پنهنجي اها وقت جي ڀالهہ ڪري ٿہ بابا جيڪي سکر ماڻهو آهن، تن کان ڪم ٿيندا، ياڻئي پتي جو ڪم ناهي، مڙس ماڻهوءَ جو ڪم آهي. اها ڀالهہ سچي آهي، ۽ جيڪي سکر ماڻهو وينا آهن، اهي جي هڪل ڪن ٿہ سڄو ملڪ اٽي پوي. فلاڻو خان، فلاڻو خان اٽي پوي، سڄو ملڪ اٽي

پوي، باقي هاري ٻاري ڪا شيءِ نہ آهن، ان ڳالھ ۾ بہ سچائي آهي، پر اها سچائي ڪھڙي ليول جي آهي؟ اها سچائي عام 3rd rate (ٽئين درجي) جي سچائي آهي. ان کي سچائي چئبو، پر آهي اها ٽئين درجي جي سچائي. اها ھڪ غير عوامي ۽ غير انقلابي سچائي آهي. انقلابي سچائيءَ ۾ وري ٻيون ڳالھيون هونديون آهن. ٺيڪ آهي، تو سچائي چئي پر وڏي سچائي اها آهي تہ ماڻھو اصل طاقت آهن. هي سڪر ماڻھو تہ سياڻي ٻڌي ويندا. هو سچائي ڪري ٿو هيترڙي ۽ هو (انقلابي) وري ان جي ابتڙ تمام وڏي سچائي ڪري ٿو. آهي مڙئي سچائي، هِن دور جي يا هُن دور جي. جي بادشاھ ڪنهن تي مهربان ٿئي تہ ان کان وڏي ٻي مهرباني ڪونهي. جام پنهون بہ حاڪم طبقي جو ماڻھو هو. مينڊرو بہ حاڪم طبقي جو، بورجوائي هئا، فيوڊل صاحب هئا. جيڪي بہ Heroes (سورما) آهن، سي گھٽي ڳاڻي حڪمران طبقي جا آهن. عزت بيگ جيڪو ميهار آهي، اهو بہ حاڪم آهي. اها ان وقت جي سچائي هئي تہ اهڙن عشقن ڪرڻ لاءِ، خفتي ٽيڻ لاءِ موقعو ئي حاڪم طبقي کي هيو. غريب تہ موچڙا کائي ها. اها پنهنجي دور جي سچائي آهي ۽ حاڪم طبقي جي پڻيان ڪنهن غريب چوڪريءَ جو چريو ٽيڻ اها ڳالھ بہ ٺيڪ هئي. شهزادي تہ ڪانہ هئي جو چري ٽي نڪرندي. مومل شهزادي هئي، چري ٽي گھر مان نڪتي؟ پر گھر ويڻي هئي.

اُيــي اُيــاريــام، نــكــڻ ســپ لــهــي ويــا،
هڪ ميو، ٻيو مينڊرو، رات سڄي ساريام،
ڳوڙھا ڳل ڳاڙيام، وئي وهامي راتڙي.
(شاھ)

"ڳوڙھا ڳل ڳاڙيام" گھر، اُيي ٻيڻي آهي گھر ۾، چائڻ کان ٻاهر ڪونہ ٽي نڪري. شهزادي آ نہ. سسئي تہ مسڪين ڏوٻيءَ جي ڏيءَ آهي، سونڪتي ميدان ۾:

اڄ ملينديس ماڻُ، ڏاڃا ڪنديس ڪپڑا،
هوت ٻاروچن لاءِ، ڪنجرو ڪلهي نہ پايان.
(شاھ)

سسئي تہ طوفان ميل ٽيو ٻيڻي آهي ۽ شهزادي گھر ويڻي آ. اها پنهنجي وقت جي صحيح عڪاسي آهي، پر اُهي جيڪي رشتا آهن، ان وقت جا رشتا آهن. ان وقت جي عينڪ سان انهن کي ڏسبو تہ اها سپ ترقي پسندي آهي. ان حد تائين جو حڪمران طبقن کي چڏي، پنهنجي غريب ماڻھن سان وفاداري ٿو ڪري، يا عورت پنهنجي حقن لاءِ، عشق لاءِ، يا پنهنجي محبت لاءِ جو وڙهي ٿي، جيڪي ان جي ڳالھ ٿو ڪري، ۽ ان کي Idealize ٿو ڪري، ان کي بلندين تائين پهچائي ٿو، ان مان فلسفيانہ نقطا ڪڍي ٿو، اها ڳالھ بلڪل صحيح آهي. اها ڳالھ پنهنجي جاءِ تي آهي تہ عاشق سڳورو حڪمران طبقي جو ماڻھو آهي ۽ جنهن سان عشق فرمائي ٿو، اها ويچاري مسڪين مهاڻي آهي. ائين تہ نہ آهي تہ مهاڻو هو عاشق ۽ سمي جام سردار

جي ڏيءَ سا هئي محبوبہ. اها ڳالھ ھاڻي ڪجي تہ زبردست، پر لطيف ائين نہ ڪيو. اها شايد حقيقت کان بعيد بہ ٿئي ھا. ماڻھو شايد قبول بہ نہ ڪن ھا، پر بھرحال اھا مثالي ڳالھ تہ ڪانھي تہ شھزادا سدائين عشق ڪندا وتن، اسان جون غريب ڇوڪريون مھاڻيون انھن کي رھايون وينيون ھجن ۽ تماچي ملڪن ۾ پيا ھلن.

ھيٺ جر، مٿي مڇر، پاسي ۾ وڻراءَ،
اڇي وڇي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءَ،
لڳي اتر واءُ، ڪينجھر ھندورو ٿئي.

ان جي پاسي ۾ ملڪ نديم جھڙا ڪي جوان وينا ھجن، ھندورو بہ پيو ھلين ۽ پوءِ بہ ڪي سھڻيون ڇوڪريون شھر جون لفٽ نٽيون ڪرائين. سماج ۾ گنجائش ھجي نہ ھجي پر ھئڻ ڪپي! ان ڪري ملڪ نديم کي خار لڳن ٿا ۽ اسان کي بہ خار لڳن ٿا تہ انھن جي جاءِ تي اسان ھجون! پنھون پيٽسان ڪٽان لٽو؟ ڪِيچَ کان بگو ينيور جي پاسي اچي پھتو، اسين جو ھت وينا ھئاسين، سسئي بہ ھيڏانھن ڪٽي غريبن ڏانھن ڏيان ڪري ھا! اسين بہ اھڙا ماڻھو ھئاسين. ھو پڇي ويو، اسين پڇون ڪونہ ھا. تنھن ڪري ھي ھڪ پرائي حوالي (Wider Context) جون ڳالھيون آھن. نديم جو پنھنجي حساب سان ھڪڙو نقطہء نظر آھي، پر اھم تر ڳالھ ھيءَ آھي تہ اسان ماڻھن جي اندر اخلاقي جرئت پيدا ٿئي ٿي، جو ڪوسي جھڙا ماڻھو اھڙي ڳالھ ڪن ٿا. ان ڪري منھنجو اعتراض ھي آھي تہ اسان جا جيڪي اُڏدو آقا آھن، تن کان متاثر ٿي، جيڪو ماڻھو لطيف جي گلا ڪري ٿو، چوي ٿو تہ غالب عظيم آھي ۽ لطيف گھٽ، تہ آءٌ ان ماڻھوءَ کي ٻين جو ايجنٽ سمجھندس. اُڏين جي اثر ھيٺ اچي فيوڊل لارڊس (Feudal Lords) ۽ ٻيا جنھن جاگيردار کي ھو Glamorize ڪن ٿا، اسان جي شاعرن جون خوبيون گھٽايو ۽ خاميون ڪڍن، اھا ڳالھ غلط آھي. ھونئن اسان جو ماڻھو ڪنھن اڻ ڄاڻائيءَ وچان پنھنجي بي سمجھيءَ وچان، يا بھتر ڄاڻ جي، يا ڪھڙي بہ سبب ڪري، لطيف جھڙي جبل سامھون پنھنجو نقطہء نظر پيش ڪري ٿو تہ ان کي سلام آھي. فڪري طرح توڙي جو ان سان نااتفاقي آھي، تہ بہ ان کي حق آھي تہ پنھنجي ڳالھ پيش ڪري، ۽ ان جي جرئت کي سلام آھي. آءٌ چوندس تہ وڌيڪ ان تي سوچيو وڃي، منھنجو ساڻس اختلاف آھي، اتفاق ڪونھي، پر اسان جي ماڻھن جي سڃاڻپ ان ڳالھ ۾ آھي تہ اسان جي ماڻھن ۾ ايڏو ضمير آھي، اسين اھڙا سچا ماڻھو آھيون، پس و پيش اسان جي قوت اھا سچائي ئي آھي، اھو ضمير ئي آھي. مظلومن وٽ سواءِ سچائيءَ جي ٻيو ھٿيار ٿئي ئي ڪونہ ٿو، ٿي بہ نہ ٿو سگھي. اسان جا ماڻھو اھو ضمير رکن، اھو شعور رکن تہ غلط ھوندي بہ جنھن شيءِ کي غلط سمجھن، پلي کٽي ان سوچ ۾ غلط ھجن، تنھن شيءِ جي خلاف زور آزمائين، ۽ سچي ڳالھ چئي ڏين. بھرحال اھائي تہ اھم ڳالھ آھي. ھن جي غلطي اھا آھي تہ تماچيءَ جي باري ۾ جيڪا ڳالھ ڪري ٿو، اھا ڪيئن آھي؟ اھا وڏي بحث طلب ڳالھ آھي.

بنيادي ڳالهه اها آهي ته هن ايڏي جرئت ڪئي آهي! هو جيڪا ڳالهه ڪري ٿو، ان کي Examine ڪرڻ (جاچڻ) کپي.

پرهه ڦٽي: ننڍي کنڊ ۾ سنڌي ادب ۽ اديبن معاشري ۽ سماج کي تبديل ڪرڻ لاءِ ڪيترو ۽ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو؟ ڇا توهان ان مان مطمئن آهيو؟ جي نه ته ڪين ڪهڙو ۽ ڪيترو ڪردار ادا ڪرڻ گهربو هو؟

پليجو صاحب: منهنجي خيال ۾ هنن ڪافي ڪم ڪيو آهي. هاڻي هو اوترو نڏا ڪن، ڇاڪاڻ جو ادب جي ترجماني ۽ ادب جي رهنمائيءَ جي اوڻائي آهي. گهڻو ڪري گهڻين ئي حالتن ۾ توهان پڙهندؤ ۽ ڏسندؤ ته يورپ جي يا دنيا جي تاريخ ۾ وقت بوقت هڪڙي فڪر جي اٿل پٿل اچي ٿي، تمام وڏي فڪري تبديلي، پراڻي جي جاءِ تي، نئون فڪر اچي ٿو ۽ اهو فڪر جڏهن ڦهلجي ويجي ٿو ته امر ٿئي ٿو. ان جي روشنيءَ ۾ ادب جي هڪڙي نئين ڌارا جنم ونڊي ٿي، مثال طور ابن العربيءَ جي فڪري لهر! اهو تصوف ابن العربيءَ کان ٻين تائين پهتو ۽ ڦهليو. ان کان پوءِ جيڪا صوفي شاعري پيدا ٿي، جهڙوڪ: رومي، حافظ، سعدي، خيام وغيره جي، ته ان ۾ ابن العربيءَ جي فڪر جو سمورو رنگ نظر اچي ٿو. ان کان اڳ ۾ هڪ اختيار ۽ جبر جي فڪري اٿل پٿل آئي، جنهن ۾ وڏا مفڪر پيدا ٿيا، جن فڪري سطح تي سڄي سوچ کي ئي تبديل ڪري ڇڏيو. سنڌ ۾ پڻ ترقي پسنديءَ واري حوالي سان فڪري اُٿل پٿل آئي، اها لهر جيڪا هلي سا ٻيهي رهي. ان جي موت ۾ وري Counter يا رد واري لهر آئي. هندستاني اديبن تي ان جو تمام گهڻو اثر رهيو ۽ سنڌ ۾ گهٽ، ڇاڪاڻ ته هندستان سرمائيداريءَ جو سمنڊ آهي، جيئن ته اسان جي هندو پائرن (سنڌي) جون پاڙون عوام ۾ نه آهن تنهن ڪري اهي انهن طوفانن ۾ جلد ٽٽي پون ٿيون! ان لاءِ جو هو افسانا ته اتي لکن ٿا پر انهن مان گهڻا ڪتاب هتي اچن ٿا، تنهن ڪري اهڙا ماڻهو جن جو طبقاتي مفاد عوام سان نه آهي، جيڪي ڇيڪڙا ۽ هوائي آهن تن لاءِ اهي جڙ ته هڪڙي وڏي نعمت ثابت ٿيا. ان فڪر يا سوچ جو ادب جنهن ۾ مقصديت جي خلاف هڪڙو وڏو سامراجي، سامراج پرست سرمائيداراڻي اٿل ٿي آيو. ان اٿل ۾ هتان جا ماڻهو به گهلجي ويا ۽ سنڌي ادب تمام گهڻو پوئتي ڌڪجي ويو. هاڻي اها ڳالهه آهستي آهستي ٻيهر بحال ڪرڻي پوندي، نئين ويڑهه پئي، اها ايجا مضبوط نه ٿي آهي، جڏهن اها مضبوط ٿيندي ته ٻي لهر ايندي. اڳ ترقي پسنديءَ جي لهر آئي، جيڪا 1950ع کان 1970ع جي ڏهاڪي تائين پهتي ۽ وري 1980ع جي ڏهاڪي ۾ رجعت پسند قوتن قبضو ڪيو. ان لهر جا وڏي ۾ وڏا علمبردار سنڌ ۾ هئا. هندستان ۾ ته اُتم آهي، سندري آهي، موهن ڪلپنا آهي، پر ان جو ڳڙهه سنڌ آهي ۽ سرمائيداري ادب جو ڳڙهه هندستان هو. ان ۾ Exceptions به هيون، ڇوته اتي ٻي پاڙي ول لاءِ سازگار حالتون هيون، جنهن ۾ ٻي پاڙا خيال ايريا. هاڻ وري ٻي لهر ايري پئي، جيڪا بامقصد هوندي.

پرهہ ڦٽي: اوهان لاءِ اڪثر چيو ويندو آهي تہ جي اوهين سياستدان نہ هجو ها تہ ادب ۾ اوهان جو مرتبو ايڏو وڌيڪ هجي ها، ايڏو مٿي هجي ها، اوهان جو ڇا خيال آهي؟

پليجو صاحب: منهنجي خيال ۾ ماڻهو جنهن پاسي گهڻو وقت ڏيندو، (سوال آهي تہ صفا ڇڏ نہ هجي، صفا بيڪار نہ هجي) تہ ان ڏس ۾ واڌارو ڪري سگهي ٿو. ادب ۾ منهنجو ذهن تہ غالب جي شعر "هزارون خواهشين ايسي ڪہ هر خواهش پہ دم نڪلي" جيان آهي. ڪڏهن ڪڏهن آءٌ سوچيندو آهيان تہ تمام گهڻي خواهش اٿم، تہ ناول لکان، ۽ وري ڪڏهن چوندو آهيان تہ ڪهاڻي لکان، تمام گهڻين شين لکڻ جي خواهش آهي- ڪڏهن خواهش ٿيندي اٿم تہ فلم ناهڻ ڪپي. تمام سٺي زبردست فلم هجي. خواهشون تمام گهڻيون آهن. لکڻ جو وقت هجي، تہ لکجي. تمام گهڻو شوق اٿم ۽ ان کي تمام گهڻو Productive (تخليقي) ڪم سمجهان ٿو. جيڪڏهن ڪو سندرو ٻڌي ناول لکي ۽ سٺو لکي تہ جيڪر تقدير بدلائي ڇڏي. هيءُ جيڪو خيالن جو گند ڪچرو آهي، ان کي ماڻهو پنهنجي قلم جي زور تي ڇا ڪري ڇڏي. وري سياست جو معاملو بہ انتهائي اهم آهي. اتي ٿورو فڪر ۽ جدوجهد ڪبي تڏهن ئي اهي سازگار حالتون پيدا ٿيندیون، جيئن اڄتي پنهنجو اهو ڪم ڪري سگهجي، ان لاءِ اها ڳالهہ وڌيڪ ضروري آهي.

پرهہ ڦٽي: سياست ۽ ادب مان اوهان ڇا کي اوليت ڏيو ٿا؟

پليجو صاحب: ٻئي شيون هڪ ٻئي کان الڳ ٿلڳ ناهن. ٻنهي جو هڪ ٻئي تي دارومدار آهي ۽ هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿين ٿيون ۽ هڪ ٻئي ۾ بينل آهن، هڪ ٻئي کان متاثر آهن. زندگيءَ جا بہ ننڍا شعبا آهن. اهو ماڻهن جي لياقتن تي دارومدار رکي ٿو تہ ماڻهو ڪهڙي ڏس ۾ ڪيترو قابل آهي، وقت جي ضرورتن تي منحصر آهي، مثال طور: ڪاليداس جيڪڏهن وڏي ناٽڪ نويس ٿيڻ بدران ان وقت جي روايتي ۽ رجعت پرست سياست ڪري ها تہ دٻو گل ڪري ها ۽ رياست هٿ ڪري ويهي رهي ها، ڪڪڙ ويڙهائي ۽ ماڻهو مارائي وڃي ها.

هميشہ وڌيڪ Productivity (اپت) لاءِ سيڙپ ڪبي آهي، مثال طور: ماڻهو ماچيس جي فيڪٽري کولي سگهي ٿو. جانورن جي ڪوس ڪرڻ لاءِ ڪوس گهر قائم ڪري سگهي ٿو. هاڻي سوال اهو آهي تہ ٻنهي مان اپت وڌيڪ ڪنهن ۾ آهي ۽ اُهو وري دارومدار رکي ٿو حالتن تي ۽ ماڻهن جي لياقتن تي، تہ اهي ڪهڙي ڏنڊي لاءِ سازگار ۽ ڪارگر آهن.

مثال طور: شيخ ايياز وڏو سياستدان ٿيو ويٺو هجي ها ۽ ويٺو نعرا هڻي ها، "مرسون مرسون سنڊ نہ ڏيسون" تہ ايياز انهن ماڻهن جي اڳيان ڇا ڪري ها؟ جيڪي جاڙي باز ۽ لفاظي وينا آهن، انهن جي آڏو ڪجهہ بہ نہ هجي ها. ايياز لاءِ اهوئي ٺيڪ آهي تہ هو وڏو شاعر آهي ۽ ٻيا جيڪي اسان جهڙا عبدلقوڙات ماڻهو ڊوڙندا وتن سي

جيڪڏهن رڳو ويهي هار سينگار ۽ ٽيڙو لکن سو نيڪ ناهي. اسان کان ته ٽيڙو لکيا ٽيندا نه هي بحر وزن فاعلاتن فاعلاتن ڪڇيا ويندا. ان ڏس ۾ به گهڻو ڪجهه ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪن حالتن ۾ ويهي ڪم ڪري سگهجي ٿو. جڏهن مون کي سياست مان ٽائيم ملندو آهي ته لکندو آهيان ڪو شعر، ڪا ڳالهه مڙئي لکبي آهي. اهو طبيعت ۽ روح جو غسل ٿئي ٿو. اسان کي سياست جي جنگ يعني ردي سياست سان ويڙهه ڪندي جيڪا متي ۽ گرد چڙهي ٿي، جيڪي زخم رسن ٿا، انهن جي تلافي وري ادب جي ذريعي ڪري سگهجي ٿي.

پرهه ڦٽي: ادب سياست جي تابع هجڻ گهرجي يا سياست ادب جي ؟

پليجو صاحب: منهنجي خيال ۾ ته سياست مان مراد، جيڪڏهن عوامي سياست آهي ۽ ادب مان مراد عوامي ادب آهي ته ان حالت ۾ ٻنهي کي هڪٻئي جي تابع هئڻ گهرجي. اهو ضروري ڪونه آهي پر وسيع تر انقلابي ڪم ۾ ان ڳالهه جي ضرورت هوندي آهي ته ٻنهي جي وچ ۾ هم آهنگي هجي، ان لاءِ جو عوامي انقلابي سياست سڄي صورتحال کي ڪنٽرول ڪري ٿي، پر ادب هڪ محدود دائري جي اندر رهي ٿو. ادبي فوج ان وڏي فوج جو حصو ٿئي ٿي. تنهن ڪري سياست کي Administratively (انتظامي طور) منظم ڪرڻ جا بهتر موقعا آهن، پر وسيع معنيٰ ۾ عوامي انقلابي ادب ڪڏهن سياست جي رخ موڙڻ ۾ وڏو حصو وني ٿو ته ڪڏهن هي ان لاءِ رستو متعين ڪري ٿو. فرينچ انقلاب کان اڳ جنهن قسم جو ادب تخليق ٿيو، تنهن ان ڳالهه جو تعين ڪيو ته ايندڙ انقلاب ڪيئن ۽ ڪڏهن ايندو، سو ٻئي هڪٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن. ڪنهن وقت ادب جي ڪمانڊ هوندي آهي ته ڪنهن وقت سياست جي.

پرهه ڦٽي: ترقي پسنديءَ مان اوهان جي ڇا مراد آهي ؟ موجوده دور ۾ جيڪو ادب ترقي پسنديءَ جي نالي سان لکجي پيو، ڇا اهو واقعي ترقي پسند آهي ؟

پليجو صاحب: منهنجي خيال ۾ ترقي پسند ادب جا ڪيئي قسم آهن. هڪڙو وڏيرڪو ترقي پسند ادب آهي، جنهن ۾ آهي ته، بابا نياڻين کي ويهاريو نه، زوريءَ شادي نه ڪرايو، ڏڏا نه ڪريو. مثال طور: پير علي محمد راشديءَ جو ادب ترقي پسند وڏيرڪو ادب آهي. انهيءَ ادب ۾ اهو به آهي ته، فلاڻو وڏيرو، سردار سخي هو، دانا هو ۽ ميهر صاحب خيرپور جو عاليشان ماڻهو هو. ان ادب ۾ وڏيرڪي طبقي کي تمام گهڻو پرڪشش بڻايو ويو آهي ۽ ترقي پسند ڳالهيون ڪيون ويون آهن، سو اهو به ترقي پسند ادب آهي. هينئين طبقي جو به ترقي پسند ادب ٿئي ٿو. سرمائيدار ترقي پسند ادب به ٿئي ٿو. ترقي پسند ادب لڪير جو فقير به ٿئي ٿو. طبقاتي ادب به ٿئي ٿو، جنهن کي ٻي ڪا به خدا جي خبر ڪانهي، سواءِ مزدور زنده باد جي. ان ادب ۾ ڪهاڻيون هونديون آهن، غريب جو پيٽ، غريب ماني ڳيي لاءِ بکيو آهي، سرمائيدار موٽر ۾ چڙهيو پيا هلن! هنن جي ڪل فڪري ڪائنات اها آهي ته غريب سان ظلم

آهي، سرمائيدار حرامي آهي. بي شعور طبقاتي ادب بہ ٿئي ٿو. پورهيت ادب پورهيتن جي باري ۾ آهي، پر پورهيت شعور سان آراستہ نہ آهي، هٿياربند نہ آهي. ٻيو صحيح معنيٰ ۾ پورهيت ادب آهي، جيڪو سمجهہ سان هٿياربند آهي، نہ تہ مداريءَ کي ادب جي سمجهہ ڪهڙي؟ ادب جي اندر رچيل سمجهہ ئي فن آهي، نہ تہ فن تہ گهٽا ئي آهن. فن تہ هڪڙي بدمعاش ماڻهوءَ وٽ بہ آهي، وٽس اعليٰ ترين فن ٿئي ٿو. هو جيڪي ساندي جو تيل وڪٽندڙ جاڙي باز وينا آهن، هنن سان ڪهڙو تقرير باز پڄندو؟

ملان وينا زهر اوگاڇين، وار مبارڪ تي بحث وينا ڪن. ٻئي ڏينهن فتنو فساد، پنجاهہ ماڻهو ڇٽ، اسپتالون پرجيو وڃن. اهي فنڪار بدمعاش آهن. پاڻ جهڙو ڪنگهي ڪنگهي ٻگالهہ ڪندو پورهيتو، مزدورو! بہ اڪر ڇئي وري مزدور صاحب ويهي رهندو. ٻگالهہ ڇگي نموني ڪرڻ جو فن ناهي. فن جي آميزش ڪپي، باقي ترقي پسند ادب اهو آهي، جيڪو هن دور جي اعليٰ ترين فن سان هٿياربند هجي. انهن ٻنهي جو جڏهن لنگهہ ٽيندو، پوءِ جيڪا شيءِ پيدا ٽيندي، اصل ٻگالهہ اها آهي. باقي خيال اوچا فني لياقت نہ تہ بہ ٻگالهہ نہ نهي. پر جي فن جو بادشاهہ ۽ خيال گندا ردي تہ اهو ائين ٽيو جو ڳڙ مان ڪا شيءِ ناهي، فرسٽ ڪلاس جا پستا بادام وغيره وجهي، مٽان چانديءَ جا ورق هڻي، جرڪائي، عطر جي ڇٽڪار ڪري، پر جي گيهہ غليظ هوندو ۽ مڪين هاڻو وجهي ۽ جيڪو ڪائي سو ڇٽ، پيٽ جهليو پيو هلي، ترقي پسند ادب لاءِ انهن ٻنهي شين (سمجهہ ۽ فن) جو ٽيڪ هجڻ نهايت ضروري آهي.

پرهہ ڦٽي: ماضيءَ ۾ سنڌي ۽ پنجابي ادب جو گهرو واسطو رهيو آهي. شاهہ لطيف ۽ سچل جي دور ۾ هڪٻئي کان متاثر رهيا آهن، خاص ڪري شاعر موجوده دور ۾ پنجاب ۽ سنڌ جي اديبن جو پاڻ ۾ ايترو تعلق نہ آهي جو هڪٻئي جو اثر قبول ڪن، ڇو؟

پليجو صاحب: سنڌي ادب هر دور ۾ ملڪ گير ادب ٻئي رهيو آهي. سنڌي ادب رڳو پنجابي ادب کان متاثر ڪونہ ٻئي رهيو آهي، پر سڄي برصغير جو ادب هڪٻئي کان متاثر رهيو آ. اسان وٽ سينگار جي صنف، سڄي هندي شاعريءَ تي ٻڌل آهي. دراصل آهي رڳو هندي، سنڌيءَ جو اڪر ڪو ڪو آهي، سو اسان جا سگهڙ رڙ ٻاريو وينا هوندا آهن. اسان جا سمورا شاعر جيڪي ٿي گذريا آهن، سي برصغير ۾ تلسيداس، ميران ٻائي، دادو ديال ڪبير وغيره کان متاثر آهن. هميشہ هڪ ٻوليءَ جو ادب ٻي ٻوليءَ جي ادب کان متاثر يا اثرانداز ٻئي رهيو آهي. بلهي شاهہ، لطيف، ۽ حيدر ملتاني ٽيئي همعصر هئا. شاهہ حسين، شاهہ ڪريم جو همعصر هو. لطيف جي رسالي ۾ شاهہ حسين جو ڪلام آهي ۽ ماڻهو سمجهن ٿا، تہ شاهہ لطيف جو آهي پر لطيف جو ڪونهي. ماڻهن کي وڌيو تنهن ڪري ان ۾ اڇي ويو، تنهن بعد وري اڙدو ادب ۾ تصوف جي بدران رجعت پرست خيال ڇائنجي ويا. پنجاب ۾ (انگريزن جي فتح) کان پوءِ ليفٽيننٽ گورنر هوندو هيو، جنهن پنجاب کي غلام بڻائي ان کي دهليءَ

سان ڳنڍي ڇڏيو. پوءِ دهليءَ جا اثر پنجاب تي پيا (اهي اڳ ۾ پوندا ها.) پنجاب جو صوبو جيڪو دهليءَ تائين پکڙيل هو، جنهن ۾ وڏو علائقو اڙدو يا هندي ڳالهائيندڙن جو هو. وري پنجاب جو اهو علائقو جيڪو اڙدو ڳالهائيندڙن جو هو، اهو وري جاگيردارشاهي ثقافت (Feudal Imperialistic Culture) جي اثر هيٺ اچي ويو. نوڪرين جي حوالي سان، خدمتن جي حوالي سان، جنگ (فوج) جي حوالي سان، سياست جي حوالي سان، ان ڪري اهو رشتو ناتو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ حاڪم جو رشتو ٿي پيو. هنن پنهنجي ماضيءَ جي ورثي کي ڇڏي ڏنو. پنجابي جيڪي انگريز ٿي ويا ۽ ان جي حوالي سان هندستاني ٿي ويا، پنهنجي اقتصادي مقصدن جي ڪري اتي جي حڪمران طبقي (Ruling Class) پنهنجي ماضيءَ سان رشتو ڪٽي ڇڏيو. بلهي شاهه ته خوفناڪ ماڻهو هو، Anti Establishment, Anti Government، تنهن ڪري هنن (پنجابين) چيو ته اهو سياسي فيصلو آهي. توهان کي خبر آهي ته بلهي شاهه سنڌ ۾ ڪيترو مقبول آ؟ شايد ٻئي ڪنهن صوبي ۾ ايترو مقبول نه هجي جيترو سنڌ ۾ آهي. اهي جيڪي ماضيءَ جون روايتون سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ ۾، پنجاب جي وچ ۾ يا سرحد جي وچ ۾ يا هندستان جي وچ ۾ يا ڪچ، ڪاٺياواڙ، مارواڙ، راجستان، بنگال ۽ برصغير جي ٻين حصن ۾ آهن ۽ جيڪي ترقي پسند روايتون آهن، انهن سيني کي وري قائم ڪجي، انهن کي وري زندهه ڪرڻ جي ضرورت آهي، ان مقصد لاءِ ته جيئن هڪڙي نئين ترقي پسند لهر جي واسطي بنياد فراهم ڪن. Revivalism معنيٰ رڳو پراڻي شيءِ کي جيئن جو تيئن مدي خارج يا مئل لاش ڪري کڻڻ کي نه چئبو، پر مراد ته ان کي تخليقي طرح اڳتي وڌائڻ جي خيال کان اهو ڪجهه ماضيءَ کان ونڻون، ماضيءَ کي انهيءَ لاءِ استعمال ڪريون ته جيئن موجوده دور جون تقاضائون پوريون ڪري. منهنجي خيال ۾ ته سڄي پاڪستان جي ترقي پسند ۽ عوامي ادب جي وچ ۾ هڪ طرف ۽ ٻئي طرف سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ خصوصيت سان جيڪي ترقي پسند ۽ عوام دوست ادبي ۽ علمي ناتا آهن، تن کي بحال ٿيڻ کپي. هاڻي اچجي ته اهي ڪهڙا لاڙا آهن؟ قاضي جاويد آهي، ٻيا آهن، پنجابي ٻولي ۾ آهي. انهن ۾ شاؤنزم ۾ آهي، غلط خيال ۾ آهن، ڪيئن ۾ پر تڏهن ۾ اتي گهڻيون اهڙيون شيون ۾ پيدا ٿي ويون آهن جيڪي هنن (سرحد ۽ پنجاب) کي خود معلوم ڪرڻ کپن. پاڪستان ۽ هندستان ٺهڻ سان اسلام ۾ آيو، پاڪستاني ۾ ٿياسون، ترقي پسند ۾ ٿياسون، پر وڏي ۾ وڏو نقصان اهو جو ننڍي کنڊ اندر علمي ۽ خيالن جو سڄو وهڪرو بند ٿي ويو، وچ ۾ ديوار اچي وئي. هاڻي رجعت پرست خيال ته اچي وڃي سگهن ٿا پر عوام جي فائدي وارا خيال هنن بند ڪري ڇڏيا. ون يونٽ جي ڪري جيڪا قومي دشمنيءَ جي لهر هتي پيدا ٿي، تنهن کي هنن ڪتب آندو، ته رڳو سرڪاري خيال پکيڙيا وڃن ۽ ٻين تي مڙهيا وڃن. عوام جي وچ ۾ تعلقات کي قائم ٿيڻ نٿا ڏين. انهن جي دلال وڏيراشاهي ۾ انهن ڳالهين کي کنيو آهي. انهن هڪڙي

وڏي سازش ناهي، هر نقصانڪار شيءِ کي ماڻهن مٿان زوريءَ مڙهي، ماڻهن کي ڳچيءَ کان جهلي، نڱنشا هڻي، اندر ويهاريو. جيڪا عوام جي فائدي جي شيءِ يا ڳالهه ٿي يا ڪجهه ته چوندا: پري! پري!! هلو! هلو!! حرام! حرام!! مسيتن جا بانگا اسان لاءِ ادبي زار ۽ ڊائريڪٽر بڻجي ويا. علم ۽ ادب جو فيصلو بانگن کان ورتو ويو. جيڪڏهن جاڙي باز بانگو آهي ته ملڪ جو مالڪ آهي. اهڙي صورت ۾ اسان جي ادب هٿيار ڦٽا ڪيا. مجهول ماڻهو، جڏن ۽ گمراهه چوڪرن کي گڏ ڪري، تقريرون ڪري، انهن کي مڪمل طرح سان وڏيراشاهي ۽ رجعت پرستيءَ جا انڊا، گونگا ۽ ٻوڙا تابعدار ۽ پوڄاري بنائڻ ۾ ڪامياب ٿيا. اها ڳالهه هاڻي ختم ٿي ويندي ۽ ختم ٿي وئي آهي ۽ ختم ٿيڻ کپي. سنڌي علم ۽ سمجهه کي وطن دوست عوام سان وفادار ٿي، نئين سر استيج تي قبضو ڪرڻو آهي.

پرهه ڦٽي: اوهان سنڌي ادب جا وڏا نقاد آهيو، تنقيد لاءِ ڪي اصول متعين آهن يا نه؟ جي ها ته پڙهندڙن کي ٻڌائيندا؟

پليجو صاحب: اهو Technical (فني) معاملو آهي، پر منهنجي خيال ۾ ته اهميت رڳو فن کي نه ڏيڻ کپي. فن کان سواءِ جي رڳو موضوع کي سڌو سادو پيش ڪبو ته اها ڳالهه بہ غلط آهي. انهن ٻنهي فن ۽ موضوع جو سنگم هڻڻ کپي. پر جيڪڏهن انهن ٻنهي مان ڪنهن کي اوليت ڏيڻي آهي ته ٻئي شيون پنهنجي جاءِ تي اهم آهن. پهرين ڳالهه ته ادب، ادب هڻڻ گهرجي. ان ۾ جي فن ڪونهي ته ادب ئي ڪونه ٿيو. وڪيل کي سند نه هجي ته وڪيل نه سڏبو، پوءِ ڪٽي اهو بروهي (اي ڪي بروهي) چو نه هجي. گهٽ ۾ گهٽ ماڻهوءَ کي وڪالت جي فن جي ڄاڻ هجي. هتي اسين ادب جي ڳالهه پيا ڪريون، غير ادب جي نه. پهريائين ته گهٽ ۾ گهٽ وصف يا لياقت هجي، Minimum Qualification، نه ته فن ته گهٽا ئي آهن. فن ته هڪڙي بدمعاش ماڻهوءَ وٽ بہ آهي، وٽس اعليٰ ترين فن ٿئي ٿو. جيڪي جاڙي وينا هڻن، سانڍي جو تيل وينا وڪڻن، صلاحون پيا ڏين، هنن سان ڪهڙو تقرير باز پڇندو؟

پرهه ڦٽي: هينئر تازو ئي جيڪا سنڌ سڄاڻ سيا نالي سان تنظيم (Sindh Intellectual Forum) **ناهي وئي آهي، ڇا اِها ان سلسلي ۾ ڪو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي؟ ۽ ان جي ناهڻ جا پيا ڪهڙا محرڪ ۽ ڪارڻ ٿي سگهن ٿا؟**

پليجو صاحب: مون ايجان ان جو مطالعو نه ڪيو آهي، خبر ڪانهي. رشيد پٽيءَ (ان وقت پٽي صاحب زنده هو جڏهن هي انٽرويو ورتو ويو هو) جو نالو ٻڌون پيا، جيڪو اسان جو دوست آهي. سڪندر مغل آهي، اهو بہ زبردست ماڻهو آهي. منهنجي خيال ۾ انهيءَ قسم جون ڳالهيون هليون پئي ته سنڌي ماڻهن کي گذريل 40 سالن ۾ صرف اِها ڳالهه ٻڌائي وئي ته توهين اديب آهيو.

ادب تمام سٺي شيءِ آهي، پر قومن لاءِ رڳو ادب پيدا ڪرڻ ڪافي نه آهي. علمي ۽ فڪري ميدان ۾ تمام گهڻين ڳالهين جي ضرورت آهي. ادب ته رڳو ان جو هڪ

حصو آهي. نيڪ آهي، انگلينڊ شيڪسپيئر پيدا ڪيو، پر انگلينڊ رڳو شيڪسپيئر پيدا ڪونہ ڪيو. بائرن، ڪيٽس، شيلي، ورڊس ورٿ، ٽيڪري، ڊڪنس وغيره بہ پيدا ڪيا. اهڙيءَ ريت هزارن جي تعداد ۾ اديب پيدا ٿيا، پر انگلينڊ نيوٽن ۽ سوين ٻيا سياستدان ۽ مفڪر بہ پيدا ڪيا، ايڊم اسمٿ پيدا ڪيا، اقتصاديات ۽ سياست جا ماهر، علمن جي سمورين شاخن، علمن جي سمورن ميدانن، سمورن سمونڊن جا ماهر پڻ پيدا ڪيا! سنڌ ۾ جيڪو وڏي ۾ وڏو اٿي ٿو، رڳو ٽيڙو لکي ٿو ۽ ٽيڙو بابت وڏا وڏا ڪتاب لکيا ويا آهن تہ ٽيڙو ڪيئن لکجي! ٽيڙو تمام ضروري آهي، بيت بہ تمام ضروري آهن، بلڪ صحيح معنيٰ ۾ لکيا ئي نہ ويا آهن. اڄان وڌيڪ ٽيڙن تي ڪتاب لکيا وڃن، اڄان وڌيڪ غزل لکڻ گهرجن، وڌيڪ ڏهوٽا- پنجاهوٽا نظم، غزل، گيت لکڻ کپن، پر ان سان گڏوگڏ جيڪو ٻيو پاسو آهي، فڪري پاسو، علمي پاسو، تحقيق جو پاسو، سائنس جو پاسو، اُهو تہ آهي ئي ڪونہ! ڪنهن زماني ۾ مون هڪڙو مقالو لکيو هو، جڏهن آءٌ جيل ۾ هوس، تہ "سنڌي عوام کي فڪر، علم ۽ سائنس سان مالامال ڪيو وڃي." اُهو مقالو مون "هلال پاڪستان" کي موڪليو هو، واٽ ۾ "پائرن" جي حوالي ٿي ويو ۽ اُتي پهتو ئي ڪونہ، شايع ٿي نہ سگهيو. نقل ٽيل ڪاپي بہ جيل تلاشيءَ ۾ هلي وئي.

گهٽي وقت کان ونې آءٌ فڪرمند آهيان تہ سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو ڪم اِهو ٽيڻ کپي تہ علم جنهن کي سائنس چئجي ٿو، ان کي ڦهلائجي. قومي سطح تي رڳو ادب آهي. ادب نيڪ آهي، "روزا، نمازون، ايءُ پڻ چگو ڪم، پر او ڪو ٻيو فهم" يعني ان لاءِ آءٌ چوندس تہ وقت جي وڏي ۾ وڏي ضرورت آهي تہ سنڌي علم کي، ادب کي، ثقافت کي پنهنجي وسيع ترين معنيٰ ۾ رائج ڪيو وڃي. جيڪڏهن "سنڌ سڃاڻ سيا" جو اهو مقصد آهي تہ آءٌ سمجهان ٿو تہ اها وقت جي اهم ترين ضرورت آهي.

پرهہ ڦٽي: توهان کهاڻين، تنقيد ۽ شاعريءَ تي طبع آزمائي ڪئي، پر ناول، جيڪو ادب جي خاص صنف شمار ٿئي ٿو، ان تي توهان طبع آزمائي نہ ڪئي آهي. ڇا توهان جي خيال ۾ هاڻ ناول جي ڪا اهميت نہ رهي آهي؟

پليجو صاحب: ادا، آءٌ تہ پاڻ ان جي ابتڙ سوچ وارو آهيان. اسان وٽ جيڪا کهاڻي آهي، ان اسان کي Misguide ڪيو (پٽڪايو) آهي. کهاڻيءَ ۾ هڪ بنيادي نقص آهي، پر بنيادي فائدو بہ آهي تہ کهاڻي ننڍڙي ٿئي ٿي. 50 يا 60 ننڍڙيون کهاڻيون پڙهڻ سان زندگيءَ جي مختلف شعبن تي سرچ لائيٽ پوي ٿي. سرچ لائيٽ تي اُهي شيون تمام گهٽيون وڌيڪ صاف، چٽيون نظر ٽيون اچن. سعادت حسن منٽو يا جمال ابڙي جون کهاڻيون پڙهو تہ هڪ ننڍڙي کهاڻيءَ ۾ وڏي ڳالهہ سمجهائي وڃي ٿي. اها ڳالهہ تمام سٺي آهي، پر ان ۾ خطرو هي آهي تہ ماڻهو زندگيءَ جي مختلف حصن کي هڪٻئي کان ڌار Isolation (اڪيلائي) ۾ ڏسي ٿو، جنهن ڪري ماڻهوءَ کي هن سماج جي گهڻ- طرفي حيثيت جي خبر نٿي پوي. ماڻهو شين

کي پنهنجن سمورن لاڳاپن سان نٽو سمجهي. ماڻهو سمجهي ٿو تہ جمال ابڙي جو ڪردار پيراڙي رڳو پيراڙي آهي، اتي ويني آهي، ٻيو ان جو زندگيءَ سان ڪهڙو لاڳاپو آهي، سا ڳالهہ پڙهندڙن کي سمجهہ ۾ نٽي اچي، تنهن ڪري ڪهاڻيءَ اسان جي سنڌ جي ماڻهن کي هڪ طرفو، تنگ نظر، محدود نظر وارو ۽ دنيا کان لاتعلق بڻائي ڇڏيو آهي، مثال طور: جمال ابڙي جي ڪهاڻي رڳو بروهين جي ڳوٺ جي ڪهاڻي آهي، ان کي Generalize (عمومي) ڪري سگهجي ٿو، پر گهٽا دماغ ان کي عمومي نہ ڪري سگهندا.

تنهن ڪري سماج جي تصوير نٽي ٺئي، مثال طور: توهان جي ڪن جو وڏو فوٽو ڪڍي ڇڏيون ۽ چئون تہ، "ادا، هيءَ سارنگ جي اک آهي." پر جڏهن ماڻهن سامهون سارنگ ٻيهندو تہ هو ان کي سجاڻيندا ئي ڪونہ! هنن تہ رڳو هن جو ڪن ڏٺو، تہ ڪنهن جو ڪن، ڪنهن جو نڪ، ڪنهن جي اک، ائين اسان کي سڃي تصوير، سڃو معاشرو، جيئن آهي، تيئن نظر نٽو اچي. جيئن ڪن انڊن هاڻيءَ کي ڏٺو. ڇڇ کان جهلڻ واري ڇيو تہ هاڻي نوڙ جهڙو آهي، ڪنهن ڇيو تہ هاڻي ٻت جهڙو آهي، ڪنهن ڇيو تہ هاڻي ٽنب جهڙو آهي، ڪنهن ڇيو تہ هاڻي ٻکي جهڙو آهي. ڪهاڻي پڙهڻ سان بہ اهو حال ٺئي ٿو. سڃو معاشرو ڪيئن آهي، ان جي ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين پروڙ رڳو ناول مان پوي ٿي. ناول جو نہ هجڻ هن ملڪ، هن سماج جي باري ۾ قطعي اڻ ڄاڻائي آهي. سماج ڪيئن ٿو Workout ڪري، ۽ ناول ۾ جيڪا دلچسپي ۽ دليري آهي، ان ۾ جيڪا پنهنجي گهرائي آهي، ان ۾ پنهنجو مزو آهي، مثال طور: بنگالي ناول آهن، شرت چندر چٹرجي يا ٹئگور جا ناول آهن يا هندي ناول آهن، اهي پڙهي ڏسو.

ناول ۾ جيڪو بي پناهہ قسم جو جذبو ايري ٿو، ان جي پيٽ ۾ افسانو جڙ تہ هڪ چهنبڙي ٿي پوي. ناول دل ۽ دماغ تي ڇانئجي ويجي ٿو ۽ جڏهن ڊڪنس جو ناول "The Tale of Two Cities" پڙهي پورو ڪجي ٿو تہ ماڻهوءَ جي ڪائنات ئي بدلجيو پوي. سنڌي ماڻهو اجا ناول جي اثر هيٺ نہ آيو آهي. سنڌي زندگيءَ جي نقاشي اجا نہ ٿي آهي.

منهنجي زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي تمنا اِها آهي تہ ناول لکان. منهنجي خواهش هئي تہ آءٌ ڪوٽ لکپت جيل ۾ ناول لکان ها، پر اُتي ٻيا ڏنڊا ڪولي وڏاسون، ڊائري لکيسون، شاهہ تي ڪجهہ لکيوسون، ريسرچ ڪيم ۽ اها تمنا اڌ ۾ رهجي وئي. اڄان تائين منهنجي تمنا برقرار آهي تہ ناول لکان، پر ان کان وڌيڪ منهنجي تمنا اها آهي تہ سنڌ جا ماڻهو گهٽي کان گهٽا ناول لکن. سراج ميمڻ ناول لکيو، تنهن تي ڇٽ ماڻهن ونِي گهوڙا گهوڙا ڪئي. اسان وٽ Departmentalization گهٽي آهي. جنهن ماڻهوءَ بہ ڪتاب ڇپايا، اُهو ٿي ويو وڏي ۾ وڏو نقاد! سو جنهن ماڻهوءَ کي جيڪو هٿ ٿو اچي، مثال طور: ڪو رسالو يا ڪتابي سلسلو تہ ونِي فتوائون شروع ڪندو، هٽي پينگ ڪري ڇڏيندو! جيئن هاڻ اوهان کي هي رسالو آهي، جي چاهيو تہ ڪنهن جي ڏاڙهي پَٽي سگهو ٿا، ڇوتہ ٻئي وٽ رسالو ڪونهي، توهان رسالي جا مالڪ آهيو، سو

جيڪي رسالن جا مالڪ هئا، سي وڏا عالم، فاضل، علم جي درياهن ۾ سموندن جا ماهر ٿي ويا! سراج خلاف ونئي باهه ۾ ياريائون ته بابا هيءَ نعري بازي آهي ۾ نعري بازيءَ جي بيماري شروع ٿي وئي. ان نعري بازيءَ جو نعرو هٽندڙ ماڻهن سنڌي علم ۾ ادب کي وڏو نقصان پهچايو ۾ سراج ميمڻ ان نعري بازيءَ کان ڏڃي ويو، سو سراج جو ڪتاب ڪونه وڪيو. انهن فتويٰ باز، نعري باز ماڻهن سنڌي ادب سان وڏي ۾ وڏو ظلم ڪيو ۾ اهي ماڻهو مجرم آهن جيڪي ڀَالهين کي سمجهڻ کان سواءِ انڌا پساري، انڌا ماڻهو، انڌا اوندا ويچ بٽجي ويندا آهن ۾ اهڙن ئي ماڻهن ادب جو خانو خراب ڪيو آهي.

آءٌ سمجهان ٿو ته سنڌ ۾ ناول جي اهميت ۾ افاديت آهي. سراج ميمڻ سنو ناول لکيو آهي ۾ جن ٻين دوستن ناول لکيا آهن، انهن سيني جي همت افزائي ٿيڻ کپي ۾ ناول جي پڙهڻ جو پڻ شوق پيدا ڪيو ويجي، ڇوته افساني جي پيٽ ۾ ناول جي ڀَالهه ئي ٻي آهي.

پرهه ڦٽي: ادب ۾ "جديد"، "قديم" ۽ "پراڻو" محاورن بابت بحث ٿيندو رهي ٿو. ان باري ۾ اوهان جا ڪهڙا ويچار آهن ؟

پليجو صاحب: (اڳيان رکيل پليٽ ۾ رکيل ماکيءَ کي ڏسندي) ماکي قديم ترين شيءِ آهي، پر اها نئين ٻه آهي. هينئر ٻه جيڪو ماڻهو بيماري سيماريءَ ۾ ان کي واپرائي ٿو. قديم ڇا آهي؟ جديد ڇا آهي؟ اهي نسبتي محاورا آهن. ڪيتريون شيون ڪروڙها سال کان ساڳيون آهن. اهي قديم ٻه آهن ته جديد ٻه آهن، مثال طور: انسان کي هومو اريڪٽس مان وجود ورتي ڪيئي لکين سال ٿيا آهن، پورو ڪاٿو معلوم ڪونهي، پر ماڻهو وري ٻه نئون آهي، صفا نئون آهي، تنهن ڪري نئون ۾ پراڻو ٻئي نسبتي شيون آهن. ڏسٽو هيءُ آهي ته ڪهڙي شيءِ هن وقت ڪارآمد آهي، يا مجموعي طرح ڪارآمد آهي، يا وڏي عرصي لاءِ ڪارآمد آهي ۾ ٻيون گهٽيون نيون شيون ڪارآمد آهن. پراڻيون شيون ٻه ڪارآمد ٿيندڙيون آهن. سڄي ڀَالهه نئين ۾ پراڻي جي فرق سان سمجهڻ غلط آهي، سو ان جي افاديت سان ئي ادب ۾ نئين ۾ پراڻي کي پرکي سگهجي ٿو.

پرهه ڦٽي: سامياءَ جو شمار شاهه ۾ سچل کان پوءِ سنڌ اندر ٽئين نمبر تي ٿئي ٿو، پر ڪيس گهٽ پڙهيو ۾ لکيو ويو آهي، ان جو ڪهڙو ڪارڻ آهي ؟

پليجو صاحب: سامياءَ جي باري ۾ ٻه ڀَالهيون آهن. ان تي توهان ڪاوڙجي پوندا ۾ سنڌ جا الاهي ماڻهو ڪاوڙجي پوندا. هڪڙو ته سامياءَ کي انهيءَ ڪري ڪونه پڙهيو ويو آهي جو سامي هندو آهي ۾ هن ملڪ ۾ تعصب آهي. هتي هندو ٽيڪس ونبا آهن، روزانو قرآن مجيد ساڙيا آهن، ٿر ۾ جماعت اسلاميءَ وارا قرآن ساڙي ڪوڙا الزام هندن تي هٽندا آهن. اتي ظالم ۾ ڏاڍا ماڻهو وينا آهن جيڪي جماعت جا ميمبر ٿيو ٽيڪس وصول ڪن ٿا ۾ تمام وڏي بي حيائيءَ سان هندن کي تنگ ڪن ٿا ۾ اهو تعصب ان سازش جو حصو آهي. سنڌيءَ کي شيعو چئي مارجي، هندو چئي مارجي،

احمدي چئي مارجي يا ڪميونسٽ چئي مارجي ۾ ماربو سنڊيءَ کي ٻيو ته هن جي ٻولي ڏکي آهي. هندو دوستن لاءِ ڪٽي اها ڏکي نه هجي، پر اسان لاءِ عربي ۾ فارسيءَ جي جيڪا مصيبت آهي، ان جو اثر گهٽو آهي، ان ڪري ڇپجي ٻه گهٽ ٿو.

آخري ڳالهه هيءَ ٻه آهي ته سامي‌ءَ ۾ جيڪو تصوف جو تصور آهي، سچ پچ ان ۾ جان ناهي. مون سامي ٿورو پڙهيو آهي ۽ موهن ڪلپنا ۽ ٻين هندوستان جي دوستن سان متفق آهيان ته سامي‌ءَ جو تصوف ترقي پسند فلسفو ڪونهي، مثال طور: رڳو "دنيا فاني آهي" يا ٿورڙا Human Values (انساني قدر) وٽس آهن، پر ان جو وڏو سرمايو سچل ۾ آهي. اهو سامي‌ءَ ۾ ان حد تائين نه آهي. آڻ وري سامي‌ءَ کي پڙهندس ۽ پنهنجي ان خيال کي ڏسندس ته ڪيتري قدر صحيح آهي، پر مون کي اها ڳالهه دل سان لڳي ۽ هو مون کي مٽاچرو نظر آيو. وڌيڪ چيڪ ڪبو ته اها ڳالهه صحيح آهي يا غلط.

پرهه ڦٽي: صوفي ازم جو ماضيءَ ۾ جيڪو ڪردار رهيو آهي، ادب جي حوالي سان اهو Negative **(منفي) رهيو آهي يا** Positive **(مثبت)؟**

پليجو صاحب: صوفي پنهنجي دور جا سڀ کان وڏا انقلابي هئا. مذهب جي دائري اندر رهندي، تمام وڏي ۾ وڏا بهادر، وڏي ۾ وڏا انقلابي هئا، وڏي ۾ وڏا سچار هئا، توڙي جو تمام گهٽي عرصي تائين تنگ ڪري ڪين پوئي ڌٽايو ويو. (الائي اتر ۾ پوئي لفظ ماڻهو سمجهندا يا نه!) سواريءَ جي جانور کي هوريان هوريان هيرائي وس ڪبو آهي. (اردوءَ ۾ ان کي "سڌنا" چئبو آهي)، پوءِ ان تي هٿ رکبو آهي ته جيئن ڳهه نه ڪري ۽ ٽپ نه ڏئي. تيئن انقلابين کي به ماڻهو هٿ لائي لائي پوئي ڪندا آهن. ڪامريڊ سنو ماڻهو آهي، "ڪامريڊ! گوشت جو ڏرو ته ڪائجان!" "ڪامريڊ! ٿورڙو بوتل ته پيئجان!" ۽ پوءِ وڏيرن جون تعريفون ٿيندڙيون ۽ ڪامريڊ ٽپ ڪونه ڏيندو ۽ ڪامريڊ وينو هوندو. اهڙيءَ طرح ڪامريڊ کي به هٿ لائي لائي پوئي ڪبو آهي ۽ ان ساڳئي طريقي سان صوفين کي به پنهنجي دور ۾ پوئي ڪبو هو. امام غزالي اها تحريڪ هلائي ته صوفين سان وڙهو نه، ڪين پنهنجو ڪريو، پوئي ڌٽايو. اڳتي هلي حڪمرانن ان تي عمل ڪيو، پوءِ تصوف جون به ڏارائون ٿيون: هڪڙا پهرئين رستي تي هلندڙ هئا، يعني ملامتي، باغي، انسان دوست ۽ پنهنجي ڳالهه تي مضبوط ۽ اٽل رهيا ۽ ٻيا سرڪار سان نهي ويا. قاضي جاويد ۽ ٻين دوستن جو چوڻ آهي ته هتي غوث بهاول الحق يا مخدوم جهانيان جهان گشت يا ٻيا اسان جا صوفياءِ ڪرام، جن مان سرڪار خوش هئي، ان ڪري جو هنن تصوف جي ليلىٰ حڪمرانن جي حوالي ڪري ڇڏي. سو تصوف ۾ اهي به ڏارائون رهيون. هڪڙا اُهي، جن کي اڃوڪي ٻوليءَ جي ادب ۾ سرڪاري صوفي چئون يا سرڪاري مُلو ۽ ٻيا عوامي صوفي. اهي به ڏارائون گڏ رهن ٿيون. هر دور ۾ ۽ هر زماني ۾ اهڙن ابتڙن جو ميلاپ ۽ هڪبئي سان ويڙهه جاري رهي ٿي.

سُر کاموڈ ۾ لطيف انساني گڻن ۽ لياقتن جي ڳالھ ڪئي آھي لطيف تي پڳتي تحريڪ جو ب اثر ھو جنھن برھمڻ شاھي ۽ مذھبي ڪٽرپڻي خلاف بغاوت ڪئي.

انترويو: جامي چانڊيو، خادم ٽالپر/ماھوار ھزار داستان 1991ع

سوال: سُر کاموڈ ۾ نوري ۽ جام تماچيءَ جا ڪردار آھن، جن کي لطيف عشق جي علامت طور پيش ڪيو آھي. اوھان انھن ڪردارن متعلق ڪجھ ٻڌائيندا؟

پليجو صاحب: سڄي دنيا ۾ اھڙا ڪردار تمام گھٽا آھن ۽ اھي دنيا جا محبوب ڪردار آھن. اھو تضاد ماڻھن کي ڏاڍو وڻي ٿو تہ ھڪ پاسي جاھ ۽ جلال، شان شوڪت، ڏبدبو، دليري ۽ بھادري ھجي ۽ ٻئي پاسي ھڪڙي غريب گھر جي نماڻي نار ھجي، جنھن وٽ وسيلا نہ ھجن، جيڪا معمولي ھجي، جنھن جي حيثيت نہ ھجي، پر فقط اھا سھڻي ھجي ۽ ان جي سونھن جو قدر ڪيو وجي ۽ سڄي دولت، جاھ ۽ جلال، شان ۽ شوڪت انھيءَ جي قدمن ۾ پيش پيل ھجي، تہ اھڙا ڪردار غير معمولي آھن ۽ انھن کي سڄي ملڪ اندر عوام وڏيڪ پسند ڪري ٿو. ھن داستان ۾ ھڪ ٻي ب خاص ڳالھ آھي، تہ ھونئن دنيا ۾ انسان جيئن جيئن اڳتي وڌيو آھي، تيئن ان ماڻھن بدران سونھن کي وڌيڪ اھميت ڏني آھي، پر ھن سُر ۾ انساني گڻن ۽ لياقتن جي ڳالھ آھي. ھن داستان ۾ لطيف سائين "نوريءَ" جي شڪل ۾ ھڪ اھڙي ڪردار کي چونڊيو آھي، جنھن ۾ عورتن واريون عام روايتي ڳالھيون آھن ئي ڪونہ، جيئن ھندي شاعريءَ ۾ پدمڻي ۽ ان جا چوڏنھن انداز، سورنھن سينگار، ان جا ڪپڙا، انداز، نخرا... مطلب تہ روايتي، غير معمولي ۽ انوکو ڪردار آھي، لطيف جي خود جيڪا انوکي اک آھي، ھي سر اُن جي خاص عڪاسي ڪري ٿو. حافظ جو ھڪ شعر آھي تہ، "محبوب جي اندر سونھن جي روايتي ڳالھين کان سواءِ ب ٻيو ڪجھ ھجڻ گھرجي." تہ رڳو سونھن ماڻھوءَ جي لاءِ ڪافي ناھي. ٻيو ھي تہ پاڻ حسن چئون ڇا کي ٿا؟ ڪنھن فارسيءَ جي شاعر چيو آھي تہ ماڻھوءَ جو حسن رڳو ان جي ڳلن، اکين ۽ زلفن ۾ ناھي، پر ھي جيڪو ماڻھن جي دلين کسڻ جو ڪاروبار آھي، ان ۾ ھزارين نقطا آھن، رڳو اکيون، ڳل يا زلف ناھن. ھڪڙي ڳالھ تہ لطيف تي ايراني ۽ عربي ثقافت جو تمام وڏو اثر آھي ۽ ھندي، پڳتي تحريڪ جو، جيڪا برھمڻ شاھي ۽ مذھبي ڪٽرپڻي خلاف بغاوت ٿي، لطيف تي ان جو وڏو اثر ھو. سڀ کان وڏي ڳالھ تہ لطيف تي سنڌي روايتن جو ب وڏو اثر ھو، تہ شين جي ٻيٽ ۾، ماڻھن جي ماڻھپي کي وڌيڪ اھميت ڏجي. اھا سنڌ جي خاص روايت آھي تہ ان ۾ اڄ ب ماڻھن جي خاصيتن

۾ ماڻهپي کي بطور هڪ قدر جي اهميت ڏني ويجي ٿي، بجاءِ ان جي ته ان کيترا ملڪ فتح کيا آهن، ان ۾ کيترا ماڻهو ماريا آهن يا ان وٽ کيترو مال ۽ ملڪيت، هيرا جواهر آهن، ماڻهن جي ماڻهپي کي اهميت ڏيڻ، اهو خود اسان جي ڪلچر جي خاص گڻن جي عڪاسي ڪري ٿو.

سوال: هن لوڪ داستان کي سنڌ جي اڪثر شاعرن نظرانداز کيو آهي، پر لطيف هن داستان کي گهڻي اهميت ڏني. توهان جي نظر ۾ لطيف سُر کاموڏ ۾ ڪهڙي فلاسافي پيش ڪئي آهي؟

پليجو صاحب: هن ۾ هڪڙي تار آهي، جيڪا زماني جي مختلف دورن ۾ ماڻهن مختلف انداز سان چيڙي آهي. اها تار قديم آهي، جيڪا مختلف رنگن ۾ ماڻهن بار بار ڪئي آهي، گيتا ۾ به اچي ٿي، اولهه جي شاعريءَ ۾ به آئي آهي، ته محبوب (جنهن ۾ خدا به اچي وڃي ٿو) جي اڳيان غرور ۽ تڪبر جي هلندي ڪانهي.

"جي ڃاڻي ته به نه ڃاڻ، اي در اٻوجهن جو."

اهو تصور جيڪو پراڻو آهي، ابو سعيد ابوالخير چيو آهي:

"ڇا ڪريان، يار لاءِ ڪهڙو تحفو آڻيان؟
بنا درد جي متان اچين،
باقي ٻيو جيڪي آڻيندين،
سو ٻيلو هوندو."

سڀ کان وڏي ڳالهه سچائي آهي. اها وڏي ڳالهه آهي.

ٻئي هنڌ لطيف چوي ٿو:

"مهاڻيءَ جي من ۾، گيرب نه گاءُ."

محبوب وٽ هڪڙو تحفو ئي قابل قبول آهي، اهو آهي خلوص ۽ سچائي. ڃاڻ به نه، "جي ڃاڻي ته به نه ڃاڻ، اي در اٻوجهن جو." ڃاڻ دراصل استعارو آهي، لطيف ان کي سيني روايتي ڳالهين سان تعبير ڪيو آهي. ناز، نخرا، ڪپڙا لتا، انداز، اهي سڀ محبوب کي پرچائڻ جا روايتي طريقا آهن. لطيف انهن کي راڻين ۽ سمين سان ڀيٽيو آهي، پر نوري چوي ٿي:

"تون سمون، آءٌ گندري، مون ۾ عيبن جوءِ،
پسي راڻين روءِ، متان ماڳر مٽيين!"

يعني عيب ته مون وٽ ائين رهيا ڀيا آهن جو ڇڻ اتي جا رهاڪو ۽ باشندا ٿي وبا آهن، يعني هي جيڪو علائقو آهي، اهو رهڻ جي جاءِ ئي عيبن جي آهي. هتي ٻي ڪا شيءِ نه ٿيندي آهي. "پسي راڻين روءِ، متان ماڳر مٽيين." ماڳر مهاڻن لاءِ سڀ کان گهڻ درجي جي شيءِ آهي، پر نوري اهو پنهنجي لاءِ ٿي استعمال ڪري، ته ان جي ڀيٽ ۾ ته آئون ڪجهه ڪونه آهيان، پر مون کي گهڻ نه ڪجانءِ. ٻيو وري ٿورو عورت پڻي جو مسئلو آهي:

"تون تماچي تڙ ڏٽي، آئون مهاڻي مي،
مونکي ڏهاڳ مَ ڏي، آءٌ جا نالي سُيس تنهنجي."

يعني جي مون ۾ کا خوبي نہ هجي، کا خاصيت، چڱائي يا عظمت نہ هجي، پر مون تي نالو تہ تنهنجو رکيل آهي نہ! يعني ماڻهو تہ چوندا تہ هيءَ تماچيءَ جي محبوبہ آهي، ان ڪري انهيءَ نالي جو لحاظ رکي مون کي نہ ڇڏج. جيتوڻيڪ مون کي ڪابہ خبر ناهي تہ آداب ڇا آهن ۽ پيار جا انداز ڇا آهن، پر پنهنجي نالي جي لڄ رکي، مون کي گهٽ نہ ڪج.

"آءٌ طعني سوڏي تنهنجي، تون طعنو ئي مون."

تہ فقط طعني ۾ ئي ماڻهو مري ويندا آهن، تہ ان حساب سان خاص ڳالهہ هيءَ آهي تہ تصوف جا جيڪي تصور آهن تہ خداوند تعالىٰ يا محبوب اهو ڪنهن بہ ظاهري... يا عام طرح اهو تہ هيٺي طبقي جي ماڻهن کي ماڻهو گهٽ سمجهندا آهن، انهن سان رفاقت تہ رکندا آهن، پر ان جو معيار نهايت سطحي ۽ روايتي هوندو آهي. عام طرح اهو فقط جنسي قسم جو هوندو آهي. هن سُر ۾ لطيف سائينءَ جو اهو رويو ناهي. اهو آهي تہ هن سُر ۾ لطيف نوريءَ جي تمام گهٽي نيازمندي ۽ نوڙت ڏيکاري آهي. نوريءَ جي وڏي ڳالهہ آهي ئي اها تہ هوءَ نياز رکي ٿي. هونئن تہ ڪروڙ ماڻهو پيا آهن، پر نوريءَ ۾ ڪهڙي خاص ڳالهہ هئي؟ اها هئي هن جي نوڙت ۽ نهنائي.

تماچي نہ رڳو هن سان محبت ڪري ٿو، هن کي چڏي نہ ٿو. هن کي پاڻ سان رکي ٿو، پر تماچي هن سان لڳي هڪڙو اهڙو درياهہ دل ماڻهو ٿي ويو آهي، يعني تماچيءَ جي اندر هڪڙو انقلاب آيو آهي. هو رڳو روايتي طرح نوريءَ سان پيار نہ ٿو ڪري تہ هوءَ نٽي اچي تہ ماني نٽو کائي، پريشان وينو آهي، نہ! نوريءَ سان عشق جي ڪري تماچيءَ جو زندگيءَ بابت نقطہء نظر ايڏو تہ وسيع تر ٿي ويو آهي، جو هو رڳو نوريءَ سان محبت نٽو ڪري، پر هو تہ نوريءَ جي ڪري، ان جي سڃي ڪڙم سان محبت ٿو ڪري، انهن تي مهربانيون ڪري ٿو، انهن کي نوازي ٿو، پر هو انهن سان ملي هڪ ٿي ويو آهي. اها وڏي تبديلي ۽ غير معمولي ڳالهہ آهي.

مثال طور: هو چوي ٿو:

ککيءَ هاٽيون کاريون، چچيءَ هاٽا چَجَ،
پاند جنين جي پاند سين، لڳو ٿئي لڄ،
سمون جام سهج، اُيو ڪري اُن سين!

هو ائين نٽو ڪري تہ مهاڻيون ميريون ۽ گنديون آهن، ان ڪري هو سميون ۽ راڻيون وٺي هليو ٿو وڃي، نہ! "سمون جام سهج، اُيو ڪري اُن سين!" معنىٰ هو انهن جي پيرن پر بينو آهي، انهن جي مٿان فدا فدا پيو ٿئي، سهج پيو ڪري، انهن سان وڙ پيو ڪري، انهن تي مهربانيون پيو ڪري، انهن سان گڏيو وينو آهي، انهن سان قرب ۽ رهاڻيون پيو ڪري.

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪوڙيون، مُور نہ موچاريون،
وڻي ويٺيون وات تي، ڪِڪيءَ جون ڪاريون،
انين جون آريون، سمي ري ڪير سهي؟

يعني هو رڳو نوريءَ جا آر نٽو ڪٽي، پر انهن سيني جون، جيڪي ان قسم جون آهن، يعني تماچيءَ جي سوچ نوريءَ سان گڏجڻ ڪري ايڏي تبديل ٿي وئي آهي جو ان جا اهي آر ۽ ارڏايون ڪٽي ٿو.

ٿيا تماچي ڄام سين، مهاڻا محروم،
ننڍي وڏي گندري، مٽي ماڻي ڏوم،
چا ڪينجهر، چا روم، سي سڀ انعامي ٿيا.

يعني تماچيءَ کي هيءَ ته ڪينجهر هئي، پر جي روم هجيس ها ته اهو بہ ڏئي ڇڏي ها. هاڻي هي جيڪو پاڻ وٽ انقلاب ۾ تصور آهي ته ملي هڪ ٿيو. هاڻي هو انهن منجهان ٿي ويو آ. ٻيو شعر آهي:

جُلي جُٻيرن وچ ۾، سميون ڪن سينگار،
راءُ ريجهائڻ آئيون، ڄام هٿ ۾ جار.

يعني راڻيون ڄام کي ريجهائڻ آيون، پر ڏسن ته هي ته ڄار هٿ ۾ ڪنيو لڳو پيو آهي، معنيٰ هن جي اندر جيڪا Transformation ٿي، ان ڪري هو ماڻهو ئي ٻيو ٿي ويو ۽ ٻئي هنڌ آهي ته:

ٿڙو ڪينجهر ۾ ڪين ٻيو، جهڙي سونهن سنڌياس،
مڌ، مياڻيون، مڪڙا، مڙيئي معاف ٿياس.

هاڻي لطيف جي جاءِ تي ڪو ٻيو ماڻهو هجي ته گهوڙا وغيره هن جي مائٽن کي جاگير ڏئي ڇڏيائينس، هن کي هيئن ڪري ڇڏيائينس، نہ! لطيف ته آرٽسٽ آهي نہ! لطيف کي خبر آهي ته هن سڄي ڀَالهہ جي اهميت آهي مڏن ۽ مياڻين ۾. گهوڙن کي باهہ ڏيندا، چا ڪندا؟ تنهن ڪري هو چوي ٿو:

مور جَلَ مٽانس، اُيو تماچي تي هٽي.

يعني رڳو ڪم ڪيڻ واري محبت ناهي، مور جَلَ هٽڻ واري آهي، ان جي سڄي ڪائنات کي پنهنجو ڪرڻو آهي، ان ۾ گهڙي وڃڻ آهي، ان جو حصو ٿيڻ آهي. لطيف هن ڀَالهہ کي انتهائي جمالياتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي، پر Sexual انداز ۾ نہ! ان معنيٰ ۾ نہ ته هوءَ جڻ ان جي سُريت ۽ داشتہ آهي، هي حسن، محبت، سکي ۽ لذت پري زندگي گذارڻ جو هڪڙو هم گير تصور آهي.

هيٺ جر، مٽي مجر، ڪنڈيءَ ڪوئنر ترن،
وري واهوندن، ڪينجهر ڪٽوري ٿئي.

—

هيٺ جر، مٽي مجر، پاسي ۾ وٽراءَ،

اچي ويڃي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءَ،
لڳي اتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٽئي.

جمالياتي ماحول ۾ آهي، وسيع ٿيڻ جي ڳالهه ۾ آهي، پنهنجو پاڻ کي پنهنجي محبوب ۾، ان جي مائٽن ۾ ۽ عوام ۾ گم ڪري ڇڏڻ جي ڳالهه ۾ آهي، پر هيءَ خاص ڳالهه ۾ آهي ته نوري ۾ پاڻ کي بدلايو آهي.

"سائي پر پاري، جا گهر سمي جي سپجي."

ٻنهي پاسي Considerations آهن. رڳو ائين ناهي ته تماچيءَ پاڻ کي هيٺ ڪيو آهي ۽ نوريءَ پاڻ کي مٿي ڪيو آهي- نہ! نوريءَ ۾ پاڻ کي تبديل ڪيو آهي. لطيف چوي ٿو:

"نہ وڍي، نہ وڪڻي، نہ ڪٽي ۾ ڪاري،
اُهج سُهج سامهيون، ڏريان نہ ڏاري،
سائي پر پاري، جا گهر سمي جي سپجي."

لطيف تي روميءَ جو وڏو اثر آهي. لطيف جي جيڪا ڳالهه آهي، اها آهي انقلاب جي ڳالهه. انقلاب جي معنيٰ شين جو بلڪل تبديل ٿي وڃڻ. جي تماچي عشق کان پوءِ اهڙو ئي هجي ها ۽ تبديل نہ ٿئي ها، ته هو ڪڏهن ۾ لطيف جو محبوب ڪردار نہ هجي ها. لطيف جو محبوب تڏهن آهي، جڏهن "جلي جهيرن وچ ۾."

پر لطيف جي ڳالهه ۽ ڏسڻ جو انداز پوري برصغير ۾ غير معمولي آهي، اهو روميءَ ۾ آهي پر لطيف ان کي ايڏا ۾ وسيع ڪيو آهي. آئون پيو ان جو پيرو ڪٽان ته اهو آيو ڪٽان آهي؟ يعني اها جيڪا انقلابي سوچ آهي، اها ڪٽان آئي؟ عيسائين جي دور ۾ ڪانہ هئي ۽ يونانين وٽ ۾ ڪانہ هئي. آئون ان تي تحقيق پيو ڪريان، پر منهنجي نظر ۾ روميءَ سان گهٽي مشابهت رکي ٿي. هاڻي هي تصور پراڻو آهي.

ڪوءِ سميون! ٻن سومريون! جي اچن اوچي ڳات،
وَرُ سي ڪينجهر ڄائيون، جن تماچي جي تات،
راڻين ملان رات، ماڻڪ ميءَ پرائيو.

لطيف چوي ٿو ته نوريءَ کي تماچي نوازيو. پر اصل ڳالهه آهي ته نوريءَ ۾ تماچيءَ کي نوازيو ۽ دراصل تماچي ٿيو ئي تماچي ان ڪري، جو ان کي نوريءَ نوازيو. نہ ته تماچي ڪا شيءِ ڪونہ هو. اهڙا ٽڪي جا ٽي بازار ۾ پيا آهن. اها نئين ڳالهه آهي. لطيف چوي ٿو:

نوريءَ جي نوازيو، ٿيو تماچي تي،
گاڏيءَ چاڙهي گندري، ماڙهو ڪيو مي،
ڪينجهر چوندا کي، ته سچ سيائي ڳالهڙي.

هن سُر ۾ لطيف جو سچو انقلابي ضمير اهو آهي.

سوال: سُر ڪاموڏ ۾ تماچي حاڪم طبقي جو ماڻهو هوندي ۽، پنهنجون سڀ

طبقاتي انائون ۾ مفاد ڇڏي، هڪ مهاڻي غريب نوريءَ سان عشق ڪري ٿو، اها سنڌ جي ان وقت جي سماجي ۽ ثقافتي پس منظر ۾ تمام غير معمولي ڳالهه آهي. توهان ان جو ڪجهه پس منظر ٻڌايو ۽ اهو پڻ ته هن لوڪ داستان جا سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت تي ڪهڙا مثبت اثر پيا؟

پليجو صاحب: سنڌ ان وقت پنهنجي ڪلاسيڪل دور ۾ عروج تي هئي ۽ ان وقت سنڌ ٽن تمام وڏن بادشاهن سان ويڙهه ڪائي چڪي هئي. علاؤالدين سان سومرن جي آخري دور ۾ وڙهي هئي، پوءِ محمد تغلق سان وڙهي هئي، پوءِ فيروز شاهه آيو، ان ڪاهون ڪيون، ڄام سنڌ جو حاڪم هو، نٽي جو گورنر هو. پوءِ هنن سمن مان ماڻهو گرفتار ڪرايا. ان ۾ تاريخن جو اختلاف ٿي سگهي ٿو پر اهو معمولي آهي. بنيادي ڳالهه هيءَ آهي ته تماچي هنن سمن ۾ هڪڙو غير معمولي ماڻهو هو. سنڌ وڏي لڙائي ڪري چڪي هئي ۽ ڄام تماچي دهليءَ ويو هو ۽ دهليءَ جي قيد ۾ هو ۽ تمام ڊگهي عرصي کان پوءِ ڄام موتي آيو. ڄام تماچي ۾ ٿي گذريا آهن. ڪن جو خيال آهي ته هي اهو ڄام تماچي ڪونهي، پر تاريخي ثبوت ٻڌائين ٿا ته هي ڄام تماچي اهو آهي جنهن لاءِ مشهور آهي ته:

"سڄي سنڌ ٿي توکي سلام ڪري، ڄام تماچي آءُ!"

تماچي، دهليءَ جي تخت گاهه ۾ جڏهن ويو ۽ اتان ٿي آيو ته هن جو سنڌ بابت تصور محدود، ننڍڙو، مڪاني ۽ قبائلي نه رهيو. هو اتي مختلف تهذيبن ۽ ثقافتن جي ٽڪراءَ مان ٿي آيو هو. هن جو ذهن ڪشادو ٿيو. هن ٻيون دنيائون ڏٺيون، تنهن ڪري اتي جي نقطهء نظر، جيڪو وسيع تر هو، ان کان هو متاثر ٿي آيو ۽ هن جي نظر ۾ سمن ۽ سومرن جي جيڪا آخري ۽ قطعي اهميت هئي، اها نه رهي. مثال طور: سما جيڪي آهن، اهي راجپوت آهن، چندر ونشي ڪل جا اهي هُون آهن، جيڪي چين مان آيا آهن، ته اهي هئا جن ساڳا جي قبيلن کي هٽائي پري ڪيو. چندر گپتا موريا گهراٽا ۽ ٻيون جيڪي شهنشاهيتون هيون، راجپوتن جا گهراٽا تنهن کان پوءِ آيا، ته اهو هُونن جو دور هو جنهن ۾ وحشت تي گهڻو زور هو، جن روم جي شهنشاهن کي زير و زبر ڪيو هو. اُهي هتي اچي راجپوت ٿيا، هت سڄي هندستان تي قبضو ڪيائون ۽ پولينڊ، بلغاريه انهن علاقن تي قبضا ڪيائون ۽ روم کي تباهه ڪيائون. اهي هُون هئا ۽ اهي ڪاسنو گهراٽي جا هئا، چين جي ڪاسنو صوبي جا ويڙل هئا، پوءِ اڳيان جيڪي حملا آور هئا پارٿينسز، سيٿز، سڪا، انهن کي تهس نهس ڪندا، پڇائيندا، سلطنتون زير و زبر ڪندا هتي پهتا هئا. مطلب ته ان زماني جو هڪڙو سڄو دور هو، جنهن ۾ وحشانيت کي وڌيڪ اهميت هئي، پر سمن هتي هڪ نئين Civilization (تهذيب) کي آندو، جنهن ۾ زور رڳو بهادريءَ تي نه هو، پر سخاوت تي هو، قربانيءَ تي هو، هڪڙي Cultured (مهذب) معاشري تي زور هو. ٻين لاءِ ارپڻ، ٻين جون سامون جهلڻ، ٻين لاءِ قربان ٿيڻ، ان ڪري پهرين هُونن ۾ جيڪا وحشت هئي، سا منهنجي

خيال ۾ برصغير ۾ هنن جي بهترين ورائتي نڪتا، جن ۾ محبت، درد، قدر، قرباني ڏيڻ، هيٺئين طبقي کي مٿي کڻڻ، سمن ۾ اها روحاني سخاوت جي Tradition اڳ ۾ ئي گهڻو پئجي چڪي هئي، جنهن ۾:

جـکـرو جـس کـرو، پـيـا مـڙئـي مـيـر،
مـٽـي ان خـمـيـر، اصـل هـئـي ايـتـري.

تہ اهي هُون، جيڪي قاتل ۽ وحشي هئا، اهي سنڌ جي سرزمين ۾ اچي هڪڙي ٻي شيءِ ٿي ويا. گوتم ٻڌ جي فڪر، سنڌ ۾ جيڪا خاص قسم جي سوچ پيدا ڪئي هئي، ان جو ٻہ مٿن اثر هو ۽ سمن ان تي Read ڪيو ۽ ان جي ٻہ عڪاسي ڪئي، تہ مختصر طور تي اهو آهي ان جو تاريخي پسمنظر.

موجوده عالمي ادب جا سڀ قدر مغرب ۾ سامراج پرست آهن۔ مزاحمت ۾ مقابلي کان خالي، رڳو نياز نوڙت سان ڀرپور آهن۔ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي هميشہ غلامانہ واري رهي آهي۔ سامراج رجعت پرستي ۽ انتها پرستي وڌي وئي

مظهر لغاري ۽ تسليم زنئور / روزانہ ڪاوش ايڊيشن 1998ع

[رسول بخش پليجي جو رواجي تعارف اهو آهي تہ هو سياستدان آهي، پر هن جي شخصيت جو هڪ بيحد اهم پاسو ادب آهي، جيڪو سندس سياست هيٺيان چيپاٽجي ويو آهي. ڪجهہ ان قسم جو احساس هن کي پاڻ کي بہ آهي، جنهن جو هن انٽرويوءَ ۾ هن اظهار بہ ڪيو آهي. رسول بخش پليجو هڪ ئي وقت نقاد، ڪهاڻيڪار، شاعر، آرٽ اسڪالر، مقرر ۽ سنو وڪيل آهي. سندس ذهانت جا سندس بدترين مخالف بہ قائل آهن ۽ هو فارسيءَ جي هڪ شعر جي حوالي سان چوندو آهي، "اي منهنجي ذهن جي روشني! تون منهنجي لاءِ عذاب بڻجي وئي آهين!" هو دعويٰ ڪري ٿو تہ سنڌ ۾ ادبي تنقيد کان وٺي نظرياتي سياست ۽ عوامي سياست جو بنياد هن وڌو آهي. شايد ان ڪري ئي هن جي ذهانت جي روشني سندس ئي ناهيل گهٽن خانن ۾ ورڇجي وڃي ٿي. هن انٽرويوءَ ۾ هڪ هنڌ هو اهو تہ مڃيندي نظر اچي ٿو تہ هن کي ڏپ بہ ٿئي ٿو، پر ٻئي هنڌ هو دعويٰ ڪري ٿو تہ هو حيران يا پريشان ٿيندو ئي ناهي. لکڻ ڇڏي ڏيڻ جي ڪارڻن مان هڪ ڪارڻ هو هن ريت بيان ڪري ٿو تہ "آئون تنقيد تي ڪهڙو بہ سنو ڪتاب لکان، پٽيان ڪالاباغ ڊيم اسان جي مخالفت بنا نٿي وڃي، پوءِ تہ مري وياسين!" هو سنڌي ادب جي تباهيءَ جو ذميوار رڳو هڪ شخص کي قرار ڏئي ٿو (۽ ان جو نالو نٿو وٺي.) جڏهن تہ هن کي گهٽي ياڳي هر مسئلي پٽيان سامراج جي سازش نظر اچي ٿي. هن ڊگهي انٽرويوءَ ۾ هاسيڪار هن جي سياسي ڪاروهنوار کي نظرانداز ڪندي رڳو ادبي مامرن تي ئي سوال پڇيا ويا آهن ۽ ڪوشش ڪري ڳالهائڻ جي سندس مخصوص استائيل کي هر ممڪن حد تائين جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو ويو آهي. - مظهر لغاري]

سوال: اسان جي شاعريءَ جي هن وقت صحيح لوڪيشن ڇا آهي؟ اها ڪٿي بيٺي آهي؟

پليجو صاحب: اسان جي شاعري هن وقت پوئتي هٽي وئي آهي. هاٽي اها وري وڃي اي بي سي ڊي تي پهتي آهي. محبت جي شاعري طاقتور ناهي پر ڪمزور

شاعري آهي. شاعر جام آهن، سڀا آهن، پر ٻاراٽي قسم جي شاعري هلي ٿي، جيڪا پهرين اڳي ٿيندي هئي، ساڳي نوعيت تي وڃي بيٺي آهي. ان ۾ سڀا ماڻهو به آهن ۽ بيڪار به آهن. هڪڙي شاعري اها پئي ڪئي وڃي جيڪا شعور جي خلاف آهي يعني ان جو ڪو سينس ناهي. اهو به سامراجي نظريو آهي ته شاعري يا ادب ۾ سينس نه هئڻ ڪپي. تنهن ڪري ڪيترائي شاعر سنڌ ۾ آهن، جن جا آئون نالا نٿو ونان... منهنجي روايت آهي نالو ونڻ پر آئون ان ڪري ڪونه ٿو ونان جو آئون سياست ۾ آهيان. سياست جي ڪري مون کي الاهي نقصان پيو آهي، نه ته آئون ننڍڙي ٻار تي به تنقيد ڪندو آهيان ۽ انهن جي به تعريف ڪندو آهيان جن کي آئون سڃاڻان ڪونه، مون ڏٺا ئي ناهن، تن جي سڃو ڏينهن پيو تعريف يا گلا ڪندو آهيان، سڃو ڏينهن منهنجو ڏنڊو ئي اهو آهي، پر آئون سياست ۾ آهيان سو ماڻهو ناراض ٿي پوندا. هيءَ زوردار شاعري ناهي. اهو نٿو چوان ته هيءَ شاعري ناهي، هيءَ بلڪل شاعري آهي، پر اسان کي حق آهي ته هو جيڪا شاعري ڪن ٿا ۽ جيڪا واقعي به شاعري آهي تنهن تي ڳالهايون. مثال طور: "واهه ڙي تارا گول تارا...." ڇا اها شاعري ناهي؟ "واهه ڙي منهنجي ٻلڙي، جنهن سان اٿم دلڙي، رات رهي ٿي خبردار، ڪوئا ماري بيشمار." اها به عاليشان شاعري آهي. اسان وٽ جيڪي انب هئا تن ۾ رڳو جارو هو، اهي انب نه هليا ۽ سنڌڙي ۽ چونسه به انب آهن، هو به انب آهن. هر شيءِ پنهنجي پنهنجي قسم جي آهي. هيءَ جيڪا شاعري ٿئي پئي، تمام فرسٽ ڪلاس شاعري آهي، عاليشان آهي. جيڪو ماڻهو بهراڙيءَ ۾ ٻاراٽي درجي ۾ الف ب ت پيو پڙهي، اهو به شاگرد آهي ۽ جيڪو پي ايڇ ڊي پيو ڪري، اهو به شاگرد آهي. شاعر "گول تارا" وارو به آهي، لطيف به آهي، هومر به آهي ۽ شيڪسپيئر به آهي. سرڪاري نوڪر پٽيوالو به آهي ۽ مرڪز جو چيف سيڪريٽري به سرڪاري نوڪر آهي ۽ چيف آف دي آرمي اسٽاف به نوڪر آهي. پٽيوالي کان ونئي اهي سڀ ماڻهو نوڪر آهن. سوال اهو آهي ته اوهين ان وچ ۾ ڪهڙي گريڊ تي بيٺا آهيو؟ ائين اسان جو هي ادب به ادب آهي، بلڪل ادب آهي، پر اهو ڪهڙي گريڊ جو آهي؟ هي تمام ابتدائي قسم جو سٺو ادب آهي، جيئن ماڻهو ٻاراٽي درجي ۾ پهريون نمبر اچي ۽ پي ايڇ ڊي ۾ ماڻهو سيڪنڊ گريڊ ڪٽي. هو ٻاراٽي درجي ۾ پهريون نمبر آهي. ڪل شاگرد ئي چار آهن، جن ۾ هو پهريون نمبر آيو آهي ۽ پي ايڇ ڊي لاءِ فرانس مان، جرمنيءَ مان ۽ انگلينڊ مان هو پئي نمبر ۾ آيو آهي.

سوال: ته ڇا اسان جو هاڻوڪو ادب يورپ جي مڊل ايجز جي زماني جي لکيت جهڙو آهي؟

پليجو صاحب: ادب ۽ فن سيني شين کان مختلف آهن. ادب ۽ فن جي عمر ٿيندي ئي ڪانهي. ادب ۽ فن تي پنهنجي دور جا تمام گهرا اثر هوندا آهن. ادب ۽ فن جي مجموعي عالمي فن جي حاصلات ۽ ثمرات ۾ ڪنهن ادبي پيداوار جو ڪهڙو

درجو آهي، ان جو ان ڳالهه سان ڪوبه تعلق ڪونهي ته اهو ڪهڙي صديءَ جي شيءِ آهي، يعني ان ڳالهه جو تعلق ناهي ته ريڊيو جيئن پوءِ جو هوندو تيئن ماڊرن هوندو. تيئن شاعري جيئن پوءِ تيئن سنڌي ٿيندي ويجي، ائين ناهي. ڪهڙي به دور ۾ ڪهڙي به شيءِ بي بها ٿي سگهي ٿي. ان جو تعلق رڳو ان دور سان ناهي. ان جو ان دور سان تعلق هوندي به ان جي سڀني ثمرات جي Hierarchy واري جيڪا ڏاڪڻ بيهندي ۽ هيءَ شيءِ هيٺ ۽ هيءَ مٿي وارو جيڪو تعين ڪبو، سو فقط ان دور جي حوالي سان ڪوبه ٿيندو ته هيءَ نئين شيءِ آهي ۽ هيءَ پراڻي شيءِ آهي. نئين ۽ پراڻي جون سرحدون اتي ڪنهن حد تائين هڪڙي خاص معنيٰ ۾ ختم ٿيو وڃن ٿيون. ادبي ۽ فني شيون، جن ۾ سنگتراشي آهي، فن آهي، ڊانس ۽ رقص آهي، شاعري آهي، ڳائڻ آهي ۽ ٻيا جيڪي به Fine Arts آهن، تن ۾ اهي سرحدون ختم ٿي وڃن ٿيون. تنهن ڪري اسان کي ائين ڪونه چيو ويندو ته اسان پوءِ جا آهيون وغيره، ڇوته اهڙي ڪا ڊڪشنري آئي ئي ڪانهي جنهن ۾ اهو لکيل هجي ته هي فقرو اڳ ۾ هو ۽ هي پوءِ هو. ان جي فارمس (صنفن) تي ڳالهائي سگهجي ٿو پر ان جي ٽوٽل ويليو اسيسمينٽ ان طرح سان ڪانه ٿيندي ۽ پاڻ جديد دور جي تمام ابتدائي قسم تي ٻيڻا آهيون ۽ تمام ٻاراڻي ليول تي آهيون. ان جو سبب اهو آهي ته ضياءُ ۽ ان جي پيروڪارن جاڻي واڻي سازش ڪري ادب مٿان سامراجي نظريا مڙهيا ۽ اهي ننڍڙا ماڻهو جيڪي خسيس هئا، سي ان کان ڊڄي ويا. اسان جهڙا پهاڙن جيڏا ماڻهو نه ڊنا. اسان چيو ته هي هروپرو مٽو ٽا کائين. آئون لنڊن ويس. اتر آفريڪا، نيئر ايسٽ، ڏکڻ اوپر جي اديبن جي ٽرڊ ورلڊ فائونڊيشن پاران ڪونايل ڪانفرنس ۾ مون چيو ته عالمي ادب جا جيڪي قدر رکيا ويا آهن سي سڀ West oriented ۽ سامراج پرست آهن. اوهان جي نظر ۾ اعليٰ ادب اهو آهي جيڪو مزاحمت نه ڪري، جيڪو سامراج کي Suit ڪري، گانڊيءَ وانگر جيڪو سخت مقابلو نه ڪري، جيڪو ادب اوهان سان اکيون اکين ۾ وجهي نه نهاري، تنهن ڪري توهان کي Pro-imperialist منٽائو، Lazy (سست)، لن ترانيون ڪندڙ ادب ڪپي، جنهن ۾ ڪا ڳالهه صاف، چٽي ۽ واضح هجي ئي نه. "اسين الائي ڪٽي رهون ٿا؟" جهڙي Proust جي ٻولي هجي، جنهن ۾ ڪنهن به نشاني تي وار نه ٽيل هجي. ڳالهه ائين هوائي هجي جيئن پوڙهيون مائيون پنهنجي منهن وينيون بڙ بڙ ڪنديون آهن، تيئن وينو ڪو ادب لکي، شاعري ڪري، پنهنجي منهن وينو پاڻ سان ڳالهائي، توهان سان ڳالهائي ئي نه، اهو توهان کي پسند ايندو؟ ته آئون ان ليول تي ڳالهه ڪريان ٿو. مثال طور: اسان جو هڪڙو اديب دوست آهي، تنهن تباهي ڪري ڇڏي آهي. سنڌ جي اديب جي زوال جو وڏو ۾ وڏو سبب اهو آهي ۽ ڪم به سڀني کان ان گهٽو ڪيو آهي. آئون ان جو نالو ڪونه ڪٽندس. ڪم اهو ٿو ڪري، متحرڪ به آهي، پنڌ ڪري ٿو. سڄو ڏينهن اديب آهي، هن ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي آهي. هن سموري تباهيءَ جو باني اهو آهي. توهان لکي شاعري، لکيائين عظيم آهي،

عاليشان آهي. هن لکي شاعري سا بہ ٿي عاليشان، آئون بہ ٿي ويس عاليشان! جيڪي بہ دوست آهيون، کيس ووٽ ڏيون ٿا، ساڻس هلون ٿا، اسين ٿي ويا عاليشان! وڏا فنڪشن ٿيندا، تن ۾ منهنجي شاعري... پوءِ پلي آئون "واهہ ڙي تارا گول تارا" لکان، ان لاءِ منهنجي اعزاز ۾ فنڪشن ٿيندو، چالیهن ڄڻن جو بندوبست ڪندو، اهي پڙهندا مون تي نظم، آئون رات وچ ۾ Instant Coffee وانگر ٿي ويندس هليو. بٽڻ دٻايو، آئون ٿي ويس وڏو اديب! اديب ساز فيڪٽري لڳل آهي. جيئن بهزاد لکنويءَ ڪنهن زماني ۾ لکيو هو تہ، "آئون دڪان کوليندو هئس، غزل ناهي رکندو هوس، پنيان رڳو ٻئي جو نالو لکي ڇڏيندو هوس" تہ مظهر لغاري چوي "هم هين يہ کهني والي!" شعر سڄو تيار ٿيو پيو آهي، پنيان مظهر جو نالو. اها فيڪٽري جنهن ۾ "هي عظيم آهي"، "هو عظيم آهي" وارو مال نهي پيو، تنهن ۾ سڀ عظيم ٿي ويا! Quantity آهي، Quality آهي ئي کانہ، تنقيد آهي ئي کانہ! تنقيد جو باني آئون آهيان، جيڪا صحيح ۽ سچي تنقيد هجي، اها مون ڪئي آهي. ٻيا ماڻهو ڏنا، توکان ڏنا، هاڻي تنهنجي منهن تي ڪيئن چون تہ تون خراب آهين؟ پرپٽ پيا رين رين ڪندا هئا، روبرو چوندا، "سائين! اوهان جو تہ مقام ئي ٻيو آهي!" اها مون شروع ڪئي ۽ رائج بہ ڪيم، پر سوال اهو ٿي پيو تہ مون لاءِ سياست ۽ ون يونٽ جي مصيبت ٿي پئي، تنهن ڪري مون چڏي. مون کي جامي چانڊئي چيو تہ، "تون جڏهن مري ويندين تہ تنهنجي چيل ڳالهين مان اهو مواد نڪرندو تہ فلاڻو وزير حرامي هو، فلاڻو خراب هو! تنهنجي ڪل ڪائنات اها هوندي." اها ڳالهہ مڃيم. منهنجي ذهن ۾ اها ڳالهہ هئي ئي کانہ. ايندڙ سئو سالن کان پوءِ ماڻهن جڏهن پڙهي اهو چيو تہ، "هي آهي رسول بخش پليجو، هي فلاڻي جتوئيءَ جي خلاف هو، فلاڻي جي مخالفت ڪيائين." بس رڳو ڪالاباغ ڊيم ۽ بهارين خلاف بيان پيل هوندا، ٻيو ڇا هوندو؟ سو آئون لکڻ چاهيان ٿو ۽ سڀ شيون منهنجي نظر ۾ آهن. آئون اڳي لکندو هئس ۽ دوستن کي چوندو هئس تہ هي جيڪو جماعت اسلامي لکي پئي، آئون ان کي تباهہ ڪري چڏيندس. هو چوندا هئا، روز چوين ٿو، مٿو پيو کائين تہ لکان پيو، پر ڪڏهن ڪا هڪڙي ست لکي اٿئي؟ وري آئون وڪالت ڪندو هئس ۽ چوندو هئس تہ آئون انهن کي تباهہ ڪري چڏيندس. پوءِ نيٺ مون لکيو، پوءِ اها ڳالهہ سيني کي سمجهہ ۾ آئي. وري آئون هنن کي چوان ٿو تہ آئون سيني کي ٺيڪ ڪري چڏيندس. سو تنقيد ان ڪري آئون ڪونہ ٿو ڪريان جو مون وٽ ٽائيم ڪونهي. مون کي هنن جي ڪهڙي پرواهہ آهي؟ مون کي ڪنهن جي پرواهہ ڪونهي. نيوٽن پنهنجي ٿيوري پيش ڪئي، ان کي ڪهڙي پرواهہ هئي تہ ان زماني جا سائنسدان ڇا ٿا فرمائين؟ ڪهڙي پرواهہ هئي ارسطو کي پنهنجي زماني جي؟ لطيف کي پنهنجي زماني جي ڪهڙي پرواهہ هئي تہ ٻيا ماڻهو ڪهڙي شاعري ٿا ڪن؟ فارسي ڪونہ ڪندا هئا لطيف جي دور ۾؟ هڪڙي Genius ماڻهوءَ کي ڪهڙي پرواهہ؟ مون کي خبر آهي تہ سڀ ماڻهو منهنجا هم

خيال ٿي ويندا. آئون لکان ئي نٿو ته ڏوهه منهنجو آهي. ڪو ماڻهو چگو لکي، توهان هڪڙو سنو شعر لکو، ماڻهن کي کهڙي طاقت آهي جو ان کي قبول نه ڪن يا ان جي خلاف ڪجهه ڳالهائين؟ اياز هيڏو وڏو شاعر، هيڏي مخالفت ڪيائونس، پوءِ ڪيئن ماڻهن هن کي قبول ڪيو. هاڻي وري جماعت اسلامي سڄي پئي اٿارڻ جي ڪوشش ڪريس، پر هو ويچارو اٿي ئي نٿو. تنهن ڪري ان ٽرينڊ جو ڪوبه اثر ڪونه ٿو پوي. منهنجي نه لکڻ جو سبب فقط وقت جي کوٽ آهي. هڪڙا خطرناڪ مسئلا وچ ۾ بيٺا آهن، مثال طور ڪالاباغ ڊيم. آئون تنقيد تي هڪڙو به سنو ڪتاب لکان، پٽيان ڪالاباغ ڊيم اسان جي مخالفت بنا نٿي وڃي، پوءِ ته مري وياسين! آدمشماري پئي ٿئي، اهڙي آدمشماري ڪري ڇڏين جيئن ڪندا، پر اسين گهوڙا گهوڙا ڪنداسين ته من ڪجهه گهٽ ڪن. ته اهي سياسي ضرورتون آهن، انهن جي مجبوري نه هجي ته آئون رڳو وينو لکان. هي دور ته منهنجي نظر ۾ ئي ڪونهي. هن دور جا ماڻهو ته منهنجي حساب ۾ ئي ڪونهن.

سوال: اڄ جي سنڌ ۾ کهڙا ۾ ڪرفيو لڳيو وڃي، ماتليءَ ۾ مذهبي فساد ٿئي ٿو، ڊگهڙيءَ ۾ ڇڪتاڻ ٿئي ٿي، ان کي ڏسندي ڇا اهو نٿو چئي سگهجي ته سنڌ ۾ صوفين ۽ ترقي پسند ماڻهن رواداريءَ جو ماحول جوڙڻ جي جدوجهد ۾ جيڪي حاصلاتون ڪيون هيون، سي سڀ ضايع پيون ٿين ؟

پليجو صاحب: اهي رجعت پسند آهن، جن جي پٽيان سامراج آهي. سامراج ٻين ڳالهين سان گڏ مسلمان ملڪن ۾ مذهب کي استعمال ڪري ٿو. هندستان ۾ ڏسو، بمبئي ۾ اهڙو لڏو ويهاريو وينا آهن. تمام گهڻو مذهبي تعصب سامراج ناهيو آهي. اهي سڀ ڪم سامراج پيو ڪري. سعودي عرب جي معرفت بي پناهه پئسو اچي پيو. سامراج اڻ سڌي طرح مالي طرح مداخلت ڪري پيو. پاڪستان هميشه پرائي مال تي هلندڙ رهيو آهي. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي هميشه غلامانه ۽ سامراج پرست رهي آهي، ان ڪري هيءَ سرزمين هميشه سامراج جي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندي رهي آهي. هينئر به لکها ڪروڙين روپيا هو ڏين ٿا، جن هن ملڪ کي فڪري طرح هڪڙو گند جو ڍير بڻائي ڇڏيو آهي. رجعت پسند، عوام دشمن ۽ مذهب دشمن لڏو هلي پيو. محمدصه جي دين جي خلاف هڪڙا ڪوڙا، فرسوده ۽ واهيات قسم جا فلسفا ايجاد ڪري، سنڌ ۽ پاڪستان جي ماڻهن کي ورغلايو پيو وڃي. پنجاب جو حال ته پاڻ کان به خراب آهي. ان جي خلاف وڏي جنگ ٿيڻ کپي، وڏي انسان دوست جنگ ٿيڻ کپي، وڏو علم پرائڻ کپي. چوتيءَ جا ماڻهو سست ٿي ويهي رهيا آهن، اهي لکن نٿا، اهي گهر ۾ ويهي رهيا آهن. جدوجهد ٿيڻ کپي. انهن ۾ ايجا عمل جي طاقت ناهي. اڳي اسين به- ٽي جٽا هئاسون، پاڻ ۾ ويهي ڪچهري ڪري، ڳالهيون ڪندا هئاسون ته عمل ٿيندو هو. اسين چوندا هئاسين ته رسالو ڪڍنداسين ته اهو رسالو نڪري ويندو هو. "500 روپيا ابا الطاف تون ڏجان، 500

روپيا تنوير تون ڏجان." اسان جهڙي غريب کي چيائون سئو روپيا تہ اسان اهي سئو روپيا ڏنا. ايازنياڳو ڏيندو ئي ڪونہ هو. پر هتان هتان پٽي ستي پورت ڪبي هئي ۽ ڪم ٿي ويندو هو. هاڻي اهو ڪم نٿو ٿئي. ماڻهو Action Oriented ناهن. نئين نسل ۾ هڪڙو ماحول پيدا ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ پچڪ پچڪ اوچنگار لڳي پئي آهي. ماڻهو عملي طرح شين کي تبديل ڪرڻ لاءِ سنيرن ئي نٿا.

سوال: جدوجهد جو اهو رومانس، جنهن جو اوهين اڪثر ڪري ذڪر ڪندا رهندا آهيو، چا هن دور ۾ ختم ٿي ويو آهي؟

پليجو صاحب: اهو بہ سامراج ڪيو آهي. جيئن چئبو آهي تہ بابا ڪنگهہ چو ٿي پئي آهي؟ فلاڻي حرڪت؟ چي: "پوڙهپڻ آهي گار!" چي: "اهو بہ پوڙهپڻ آهي." تيئن سڀ ڳالهيون سامراج جون ڪيل آهن. سامراج اهڙا فلسفا ۽ نظريا ناهيا آهن، اهڙا ڪوڙا ماڻهو ۽ اهڙي ڪوڙي ليڊرشپ ناهي آهي، اهڙي ڪوڙي جدوجهد ڪئي آهي جو ماڻهو غش آهن. ماڻهن کي ايترو علم ڪونهي، ماڻهن کي ايتري سمجهہ ڪانهي تہ هيءَ سڄي بدمعاشي آهي، ان لاءِ ٽرينڈ وسيع ٽيڊ ضروري آهي. اسين وڪيل هڪڙو ڪيس ڪٽندا آهيون، ٽي ٽي سال پيا هلائيندا آهيون. ان ڳالهہ تان اسين لهندا ڪونہ آهيون. ڳالهہ جيڪا اسان کي ڪرڻي هوندي آهي، ان تان لهندا ناهيون. رات ڏينهن هڪڙي ڳالهہ، سالن جا سال ساڳي ڳالهہ! ماڻهو ڳالهائي ڳالهائي ٽڪجي پوي پر اسين ان تي مستقل مزاج رهندا آهيون. ڊاڪٽرن کان بہ اسين وڪيل وڌيڪ مستقل مزاج آهيون. مستقل مزاجيءَ سان هنن جي هر سازش جي مخالفت ڪرڻ، ان جي جوهر کان ڊگهي نظر کان واقف رهڻ وارا، ڊگهي ساهيءَ وارا، يورپي مزاج وارا يا اڳوڻي زماني جا جيڪي مسلمان هئا بو علي سينا جهڙا، ڊگها، محقق طبيعت جا ماڻهو، جنهن ڳالهہ کي ڪٽن، چڇڻ وانگر چهٽا پيا هجن، جان ئي نہ ڇڏين، هٽن نہ، انهن کي نہ عزت جي نہ ذلت جي، نہ ماڻهن جي ڇڄ جي. پوري عزم ۽ يقين وارا ماڻهو پيدا ڪرڻ هن ڌرتيءَ ڇڏي ڏنا آهن. حافظ جو هڪڙو شعر آهي تہ:

آدمي درِ عالم خاکي نمي آيد بدست،
عالمِ ديگر بيابد، ساخت وزنو آدمي.

(هن متيءَ جي جهان ۾ ڪو انسان هٿ نٿو اچي. ڪو ٻيو جهان ناهجي ۽ ڪو ٻيو ماڻهو ناهجي.)

تنهن ڪري هتي ماڻهو نوان ناهڻا پوندا. هي ماڻهو گنل پينل آهن. اهي نئين دور جي تقاضائن تي هلڻ لاءِ تيار ناهن. هنن رڳو روس جي شڪست ڏٺي آهي، روس ڏهي ويو، هي نئين وڌيري جي پويان لڳي پيا آهن. "نئون وڌيرو آمريڪا خان اچي پيو، نئون وڌيرو آمريڪا خان ماني ڏيندو، آمريڪا خان ٻوڙ رڌي ڏيندو، آمريڪا خان مارائي ڇڏيندو، آمريڪا خان لڏائي ڇڏيندو، آمريڪا خان جي اکين ۾ اکيون وجهي متان نهاريو!" آمريڪا، آمريڪا، آمريڪا، آمريڪا... پر جن کي خبر هئي،

سي ٻيڻا رهيا:

ويا اڏامي ڪڪ، پڙ تان پاهـڙ نـ چُري!

جيڪي ڪڪ، خس ۾ خاشاڪ هڻا سي اڏامي ويا، ماڻهو ٻيڻا آهن ۾ وري ٻيا ماڻهو تيار ڪندا.

سوال: اوهان چيو ته ڪوپرنيڪس پنهنجي دور کي لٽ هنيو ويڻو هو، اوهان اهو ب چيو ته هي دور منهنجي نظر ۾ ڪونهي....

پليجو صاحب: آئون اهو ٿو چوان ته آئون ان جو قيدي ناهيان.

سوال: اوهان کي ڇا هن دور سان کي شڪايتون آهن ؟ اوهين سياستدان پلي ٿي وڃو پر اوهين پنهنجو Artistic behavior **نٿا ڇڏيو. ڇا ان حساب سان اوهان کي هن دور سان کي شڪايتون آهن ؟**

پليجو صاحب: عرفي جو هڪڙو شعر آهي ته: "سڀي ڳالهـ ڪرڻ ته وڏي ڳالهـ آهي، پر سڀي ڳالهـ کي سمجهڻ ان کان ب وڏي ڳالهـ آهي." رومي جو هڪڙو شعر آهي ته: "هي جيڪي ڳالهيون آئون توکي ٻڌايان ويٺو، سي ته اُهي آهن جيڪي منهنجي نظر ۾ تون سمجهي سگهندين. آئون ته رڳو تنهنجي سمجهـ وٽان ڳالهيون پيو ڪريان. آئون ته ان ڏينهن جي حسرت ۾ پيو مران جڏهن ڪو اهڙو ماڻهو اچي جيڪو منهنجي اندر ۾ جيڪو ڪجهـ ب آهي سو سڄي جو سڄو سمجهي." هن دور ۾ سمجهـ وارن ماڻهن جو ڏڪار آهي. منهنجي پارٽيءَ جا ماڻهو منهنجون لکيتون پڙهندا ئي ڪونهن. جي پڙهندا آهن ته سمجهندا ئي ڪونهن. بس اهو روبو آهي ته "پليجي لکيو آهي، ٺيڪ آهي، صحيح ڳالهـ ڪئي هوندائين، پلا رسول بخش پليجي غلط ڳالهـ ڪئي هوندي ڇا؟ ضرور صحيح ڪئي هوندائين!" جيئن پيري مرشدي ٿيندي آهي. مرشد سڳوري فرمائي ڇڏيو، اهو ضرور صحيح هوندو. ابا ڇو صحيح هوندو؟ لينن چيو آهي ته، "توهين جيڪڏهن ڪميونزم جي باري ۾ سيني سوالن جا جواب ٻڌو ۽ سيئي جواب صحيح ڏيو ته ب توهين ڪميونسٽ ڪونـ آهيو جيستائين توهين ان سوال جو جواب نـ ڏئي سگهو ته اهي جواب صحيح ته آهن پر ڇو صحيح آهن؟" جيستائين توهان کي اها خبر ناهي تيسين اوهين ڪميونسٽ ڪيئن آهيو؟ هي اسان جا دوست ب ائين آهن. سنڌ ۾ ماڻهو ادب جي اهميت، علم جي اهميت ۽ جاڻ، سمجهـ ۽ ان جي روشنيءَ ۾ عمل ڪري، دنيا کي تبديل ڪرڻ جو حوصلو وڃائي ويٺا آهن، تنهن ڪري ماڻهو نـ پڙهن ٿا نـ سمجهن ٿا، نـ ان تي ڪو بحث ڪن ٿا، نـ ڪو داد ڏين ٿا. مون کي ڪجهـ ماڻهو مليا آهن، مون کي ٻڌايائون ته مون ڪهڙي قهر جي ڳالهـ ڪئي آهي. مون استيتسڪو کي ڪيڏيون ضربون هنيون آهن، ماڻهن نـ سمجهيو. مثال طور: اڳي مون چندر گپت موريا تي لکيو ته هندستان جي جنگِ آزاديءَ جو پهريون سپاهي چندر گپت موريا هو. ماڻهن اها ڳالهـ سمجهي ئي ڪانـ ته آئون ڇا پيو چوڻ چاهيان. هندستان جي پهرين جنگِ آزادي هن پٽ ۾ لڙي وئي هئي.

هندستان جو سڀ کان وڏو ماڻهو، جنهن سڪندر کي شڪست ڏني، سو چندر گپت موريا هو ۽ جيڪو هڪڙو ڏراڙ هو، هينئين طبقي جو هو. ان ڳالهه جي سياسي ۽ تاريخي اهميت ماڻهن سمجهي ئي ڪانه. ماڻهن سمجهيو ته ڪو افسانو ممتاز دمساز هو. اڳي ائين نه هو، اڳي ڪا ست لکبي هئي ته ماڻهو تڙپي ويندا هئا. نه وٽين ته گهوڙا گهوڙا، "ميان، هيئن ڪري ڇڏيئي!" وٽي ته واهه واهه واهه. هاڻي علم، سمجهه، شعور، ادب ۽ فڪر سان واسطو ڪونهي ۽ ماڻهو زندگيءَ جي ڪمن ۾ آهن. اها سڀ ڳالهه آهي، Positive آهي پر:

ڏينهان ڏورين ڏڪ ڪي، راتيان ڪن رهاڻ،
عمر تنين ڪاڻ، منهنجو روح رڙيون ڪري.

هو جيڪا رات جو ۽ شام جو رهاڻ ٽيڻ ڪپي، جيڪي ادبي ڪچهريون ٽيڻ ڪپن، جنهن ۾ شين جي پرک ٽيڻ ڪپي، علم، فن، سڀيون ڳالهيون، بهتر دنيا، بهتر زندگي وغيره، سا ڪونهي. بهتر مستقبل ۽ سيني شين جو Essence آهي سونهن. لطيف چيو آهي ته:

ڪيف ڏاران ڪوءِ، جيئي ڪو مَر جهان ۾.

يعني شل ائين نه ٿئي ته ڪو ماڻهو ڪيف، خوشي ۽ سرمستيءَ کان سواءِ هيءَ زندگي گذاري مري ويجي. هيءَ جيڪا ڪيف بنا زندگي آهي، جنهن ۾ رڳو بس بسان آهي، جنهن ۾ ڪنهن کي اهو خيال به ڪونهي ته هيءَ ڪيف ڏاران زندگي آهي، ان کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو. اجتماعيت وسيلي، اجتماعي سوچ وسيلي دنيا کي بدلائي سگهجي ٿو. دنيا سوچ کي بدلائي ٿي پر سوچ به ته موٽ ۾ دنيا کي بدلائي ٿي. هي جيڪي وڏيون ڳالهيون هيون، تن اڳيان ماڻهو ننڍڙا ٿي ويا آهن. آئون هڪڙي دوست ظفر اڃڻ جي زال فهميده رياض جي گهر ويس، فهميده ڪانه هئي، اتي هڪڙو همراهه وينو هو. مون کي ڏسي ڏڃي ويو. مون کي چيائين ته، "تنهنجي پٽيان پوليس ته ڪانهي!" مون چيو، "تون ڏڃين ٿو؟" چيائين، "ها!" مون کان پڇيائين، "تون نٿو ڏڃين؟" مون چيو، "آئون به ڏڃان ٿو." لاردِ الائي ڪهڙو نالو هئس.... مون چيو ته، "جيڪو ماڻهو ڏڃي نٿو سو يا ته بيوقوف آهي يا ڪوڙ ٿو ڪري. سو آئون نه بيوقوف آهيان ۽ نه ڪوڙو. آئون ڏڃان ٿو، پر اصل ڳالهه آهي ڏپ سان مقابلو." چيائين، "آئون ته ڏڃان ٿو." مون چيو ته، "تون ڇا ٿو چاهين؟" چيائين، "آئون زندهه رهڻ چاهيان ٿو." مون پئي منهن ڏوتو، هيٺ پاڻيءَ جي نالي هئي، ان ۾ ڪينئان پئي وهيا. مون چيو ته، "هي ڏسين ٿو؟" چيائين، "ها!" مون چيو، "ڇا تون هيئن به جيئڻ چاهين ٿو؟" چيائين، "ها!" ته سوال آهي ته ماڻهو جيئڻ ڪيئن ٿو چاهي؟ ڪهڙي ليول تي جيئڻ چاهي ٿو؟ هن زندگيءَ تي ري ايڪٽ ڪري ٿو يا ماڻ ڪريو وينو آهي؟ ماڻهن الزام هنيو ته بيهوش، ماڻهن ڳالهايو ته بيهوش، ماڻهن ڏڪ هنيس ته بيهوش، جيل ۾ پيو ته بيهوش، پروموشن نه ملي ته گهوڙا گهوڙا، عشق ۾ ناڪام ٿيو ته رڙيون ڪوڪون، چتاءِ: "پاڻ

ساڻيو ٿو ماريان!" دنيا ۾ ائين ڪونهي. ٻي جنگِ عظيم جو هڪ مشهور فوٽو آهي، جنهن ۾ ميلن ۾ برف وڇائي پئي آهي. اهو منهنجو آئيڊيل فوٽو آهي. سپاهي ٻينو آهي، متي ۾ ڏڪ اٽس، زخمي آهي، ٻانهن ۾ ڏڪ اٽس. هڪڙي پاسي پستل اٽس، ٻئي پاسي ڪان رائيفل اٽس. ميلن ۾ ماڻهو لاشن جي صورت ۾ پيا آهن ۽ هو اڪيلو تن تنها ٻينو آهي. هيٺ لکيل آهي: "The orders to surrender have not reached him." جنگ ختم ٿي وئي آهي. آردر جاري ٿي ويا آهن ته بابا هٿيار ڦٽا ڪريو، ٻڌي ويجو، هن کي آردر ڪونہ پهتا آهن. هي ويچارو پهري تي ٻينو آهي. ڇا تي؟ ماڻهو سڀ مري ويا، جن جي حفاظت پيو ڪري، تن مان ڪو جيئرو ڪونهي پر هي سنتري آهي. هي رڳو متيءَ تي پهرو پيو ڏئي، ڇوتہ Orders to surrender have not reached him. آردر ناهن پهتا تہ هٿيار ڪيئن ڦٽا ڪري؟ جنگ بند ٿي وئي آهي. ڪوبہ ڪمانڊر ڪونهي. هي اڪيلو آهي ۽ هن جو ضمير، هن جو Sense of duty هن کي پهري تي بيهاريو ٻينو آهي، پوءِ اهو Sense of duty صحيح آهي يا غلط، اها ٻي ڳالهہ آهي. تہ ان قسم جا وڏا ماڻهو رهيا آهن. اسان وٽ ماڻهو پتڪڙا، خسيس، سست ۽ نندڙا ٿي پيا آهن. نعرا جيترا ٿا وڏا هڻن، اوترو ماڻهو پيو نندڙو ٿئي.

آدمي درِ عالم خاکي نمي آيد بدست

(هن متيءَ جي جهان ۾ ڪو انسان هٿ نٿو اچي.)

سوال: ڇا سنڌ ۾ ڪي اهڙا ماڻهو اوهان ڏٺا، جيڪي سرينڈر ڪونہ پيا ڪن؟

پليجو صاحب: ڪيترائي مري ويا آهن. رشيد پٽي هو، سرينڈر نہ ڪيائين. ڊاڪٽر نجم هو، سرينڈر نہ ڪيائين، استاد بخاري هو، سرينڈر نہ ڪيائين. هينئر بہ اهڙا ماڻهو آهن، جيئن آٿم ناٿن شاهيءَ جي شاعري پڙهندو آهيان، ان سرينڈر ڪونہ ڪيو آهي. ٻيا وري اهڙا بہ آهن، جيڪي سرينڈر ڪري هاڻي ٻي شاعري پيا ڪن. هاڻي جيڪا شاعري پيا ڪن تنهن ۾ افعال ئي ڪونهي. هنن کي ٻڌايو ويو آهي تہ هيءَ وڏي شاعري آهي. توهان جيڪا شاعري ڪئي آهي سا ردي شاعري آهي. هاڻي هيءَ جيڪا "اميرن" جي شاعري آهي، سا وڏي شاعري آهي. ان ۾ ڦبن ئي ويچارا ڪونہ ٿا. حال ئي ڪونہ اٿن. اسان جي ڳوٺ جو هڪڙو ماڻهو آهي، ايڏي زبردست شاعري هئس، هاڻي اهڙي واهيات شاعري ڪري ٿو اياز وانگر. اُهي بدبخت ماڻهو آهن. وري ٻيو بہ ايجا آهي. هڪڙو قهر جو ماڻهو هو، هاڻي جيڪا شاعري پيو ڪري، مون ڪالهہ پڙهي تہ ان مان ڪجهہ ڇڳيرڙي هئي پر اها ڳالهہ ئي ڪانهي، جيڪا ان جي ٻي شاعريءَ ۾ هئي. جيڪا عوام جي شاعري آهي ۽ جنهن ۾ وڏو جاهہ ۽ جلال آهي، سا شاعري ئي ٻي آهي. ان همراهہ هينئر جيڪا نئون شاعر ٽيٽ ۽ جديد معيارن تي بلند ٽيٽ جي ڪوشش ڪئي آهي، تنهن ۾ حال تہ ڪونهي پر خير ڇڳي آهي، تنهن ڪري ڪيترائي ماڻهو آهن جن سرينڈر ڪيو آهي. تون نالا ونين تہ آئون توکي ٻڌايان، ڇوتہ مون کي نالا ياد نٿا اچن.

سوال: اوهين جيڪا "اميراٽي" شاعري پيا چئو، اها نيٺ ڪهڙي آهي؟

پليجو صاحب: معنيٰ ته توهان کي اچي نه اچي پر توهان ٽيڙو به چئو. توهان کي اچي نه اچي پر هائيڪو چئو. توهان کي اچي نه اچي پر نثري شاعري چئو. ان ۾ شاعري نه هجي ۽ نه ئي نثر هجي. نثر به غلط، هولي غلط، گرامر غلط پر آئون جيستائين ويٺو آهيان تيستائين ڪوڙ ڪري نثري شاعري ڪيئن هلندي؟ هي نه نثر آهي ۽ نه هن ۾ گرامر آهي. هي سنڌي هوليءَ جو ڪارو منهن وينا ڪن. لفظن جو پنهنجو پاڻ ۾ ميلاپ ڪونهي. اسين پروفيشنل نقاد ڏسون وينا. پلا هولي ته پاڻ ۾ ملي نه! مفهوم ته هڪ ٻئي سان ملي نه! مفهوم ئي نٿو ملي! سو ائين بوگس شاعري ٿئي پئي. مٿان لکندا، "نثري نظم" ۽ ٻيو الائي ڇا لکن ٿا Senseless پيٽسان! منهنجو هڪڙو ڊسيپلين آهي ته آئون ڪنهن به شيءِ بابت ڳالهائڻ کان اڳ ۾ ان کي پنج دفعا پڙهندو آهيان. اهي سڀ قدر مون يورپ مان آندا. هتي اهڙو ڪو قدر آهي ئي ڪونه. يورپ ۾ قدر آهي ته پنهنجي ڪم ۾ ايمانداري ڪجي، هتي قدر ئي ڪونهي. قدر اهو آهي ته مڙئي ڪوڙ ڪري لکي ڇڏجي، جڏن کي خبر ئي کانه پوندي. پر مون لاءِ اهو تارچر آهي. مون تنقيد چو ڇڏي ڏني آهي؟ ڇاڪاڻ جو هي تارچر آئون پوڳي نٿو سگهان، جو هڪڙي شيءِ کي شروع ڪري پنج دفعا پڙهان ۽ مڪمل ڪريان. اهو تارچر مون کان نٿو پوگيو ٿئي، نه ته آئون سڀ پڙهي ڇڏيان ۽ سيني تي لکي ڇڏيان. شاعري هجي ته ان تي تنقيد ڪجي نه! مضمون هجي، شاعري هجي ته تنقيد ڪريون. هي مضمون ئي ڪونهي ته ڪهڙي تنقيد ڪريون؟ هاڻي ان تي ڇا ويهي تنقيد ڪريون؟ ڪا تنقيد جهڙي شيءِ هجي ته ان تي ويهي تنقيد ڪجي. اياز کي هولي نٿي اچي. اياز کي سنڌي هولي لکڻ نٿي اچي.

سوال: اردو ادب ۾ اڇڪلهه هڪڙو اصطلاح وارد ٿيو آهي "نظرياتي بي سمتي" ۽ چيو پيو وڃي ته دنيا ۾ جيئن ته نظرياتي بي سمتي پکڙي ويئي آهي سو ضروري ڪونهي ته ادب جي ڪا سمت يا رخ هجي. اها ڳالهه اوهان کي ڪيئن ٿي لڳي؟

پليجو صاحب: نظرياتي بي سمتي... نظريو معنيٰ ڇا؟ "دنيا ۾ ادب ڪوبه انقلابي نه هئڻ کپي." ڇا اهو نظريو ناهي؟ "عوام جي شاعري نه ٿيڻ کپي." اهو خود نظريو ناهي؟ "ماڻهن کي اهڙي شاعري ڏيو جو ڪنهن کي سمجهه ۾ نه اچي." ڇا اهو نظريو ناهي؟ سو اها بي سمتي ڪيئن ٿي؟ هي ته بلڪل تز وجي پيئي مقصد تي. سڌو سامراج پرست سمت ڏانهن وجي پئي. اها بي سمتي ڪيئن آهي؟ توهان منهنجو پوائنٽ سمجهو پيا؟ هي ته بلڪل عين سامراجي نظريو آهي ته ماڻهن کي وائڙو ڪريو. ادب جيڪو طاقت ڏئي ٿو، جيڪو قوت ڏئي ٿو، جيڪو سهپ ڏئي ٿو، جيڪو حوصلو ڏئي ٿو، جيڪو جگر ڏئي ٿو. اهو ماڻهن جي پيرن هيٺان ڪيري وڌو. نظرياتي بي سمتي ڪيئن آهي؟ هي ته بلڪل سامراج جي سياسي مقصدن پٽاندر

رخ ۾ پئي ويجي.

سوال: اسان وٽ ماڻهو جڻاءُ ڇو نٿا ڪن؟ اوهان جي لفظن ۾ "توڙ تائين وفادار" ڇو نٿا رهن؟ اوهان سان جيڪي ماڻهو گڏ هئا، سي ڏسڻ ۾ ته خاصا وڏا ماڻهو هئا، پوءِ اهي ڇو ٽڪي پيا؟ نيٺ انهن سان جنڪ ڪهڙي ٿي؟

پليجو صاحب: بنيادي طرح ڪچا ماڻهو هئا، جيئن توهان ڪرڙ جو ڪاٽ ڪٽي ان مان فرسٽ ڪلاس پاين واري ڪٽ ناهي چڏيو هالن واري، پلي سڻي هجي، عاليشان، هالا مان ٿي آئي هجي، پر اندر ڪاٽ ته ڪرڙ جو آهي نہ! اڏوهي ڪائي ويجي ته ٽٽي پوندي. هي همراهہ ردي ڪاٽ مان نهيل هالن جي جنڊيءَ جو سامان هئا. ردي، ڪچو، اندران پورو ۽ ڪاڏو پيو هو. هي ماڻهو رواجي هئا، هي آگ مان نہ نڪتا هئا، هنن ڏک نہ ڏٺا هئا، هي ميدانن جا پالیل نہ هئا، هي اونداهين راتين ۾ اڪيلا نہ هليا هئا، هنن تي اوچتو پڻيان وار ڪونہ ٿيا هئا، هنن ظلم ۽ بربريت جو ننگو ناچ ڪونہ ڏٺو هو، هي بهراڙين ۾ رهيا ڪونہ هئا، جتي ظلم آهي، بربريت آهي، جتي ماڻهن جي اکين اڳيان پيٽ ڪسجي ٿي ويجي، ماءُ ڪسجي ٿي ويجي، اهي شيون هنن ڪونہ ڏٺيون، ٻيو ته هنن ۾ اهو بي پناهہ ادراڪ نہ هو. هنن ۾ زمانن جي سمجهہ ڪي پي ويڙ وارو ڪو ماڻهو نہ هو، سواءِ منهنجي. فقط آئون هڪڙو ماڻهو ٽيس جنهن زماني جي علمن ۽ سمجهن ڪي پي چڏيو. مثال طور: بي جنگِ عظيم هئي، هاڻي منهنجو جنگ سان ڪهڙو واسطو؟ پر مون جنگ تي سمورن روسي مارشلن جا ڪتاب پڙهيا. مون ويهي نقشي ڪي بہ ڏٺو. انهيءَ ڪري ته مون کي خبر آهي ته جيڪڏهن انهن شين سان اسين هٿياربند نہ هونداسين ته هڪڙو ڪيپٽن اچي اسان کي دڙڪا ڏيئي پڇي ويندو، اسين ڊڇي ويندا سين. "سائين ڪيپٽن صاحب آهي!" هڪڙو جنرل هو، آئون ۽ فاضل ٻئي وينا هئاسين. مون کي چيائين، "سچ بتاؤ، ڪس ني لڙڪون ڪو برغلايا هي؟" جيئن چورن کان ٽاڻن تي سچي ڪرائبي آهي. اسين هن جي ور چڙهي وياسين. چي: "سچي ڪريو." مون وينِي ٻڌي هن جي ڳالهہ. گهٽو گوڙ ڪيائين، نالو هئس افضل. مون چيو، "برگيڊيئر صاحب! ڪيا مين آپ ڪا قيدي هون؟ آپ مجهي ڪيا سمجهتي هين؟ آپ ني ڪون سان پهاڙ مارا هي جو آپ هم پر رعب جماتي هين؟" هو حيران ٿي ويو. اسان جي ڳوٺ ۾ چوندا آهن، امان چوندي آهي، "ابا هو فلاڻو ويو، سِسي ڪترائي آيو!" اسان وٽ مري ويڙ بہ وڏو عيب سمجهيو ويندو آهي. هي جيڪو لاڙ جو پاڙي ڪلچر آهي، ان ۾ چوندا آهن ته "ميان هو اهڙو بيوقوف هو جو سِسي ڪترائي ويهي رهيو." ائين ڪونہ چوندا ته ڪو بهادر هو يا سر ڏنائين پر چوندا ته "سِسي ڪترائي آيو، پٺ معتبر ٿي ٿيو!" انهن سيني ڳالهين کي يا جيڪڏهن مون نہ پڙهيو هجي ها يا سمورا امڪاني علم منهنجي پيٽ ۾ نہ هجن ها ۽ انهن سيني جي مٿان لطيف بہ نہ هجي ها... توهان کي خبر آهي ته هنن عقيدن ٻقيدن جو آئون ماڻهو ئي ڪونہ آهيان. ٻلا لينن مون کي پٽ ۽ چانور ته ڪونہ ٿو موڪلي، نڪو مارڪس

مون کي انبن جي سوکڙي ٿو موڪلي، جو وينا ساراھ ڪريونس! مھاتما ٻڌ جي ساراھ ڪريون ٿا، اشوڪ جي ب ڪريون ٿا ته انھن سيني شين کي سمجھي پوءِ ڳالھ ڪجي ٿي ته نيڪ ٿئي ٿي. هي ته اٽپڙھيل هئا، اٽڄاڻ هئا. مون ته گھٽا دفعا لکيو آهي ته آئون اياز کي چوندو هئس ته "تون شاعري ٻائري ڇڳي ٿو ڪرين، فرسٽ ڪلاس! پر تون پڙھيو پڙھيو ناھين." پڙھيل جي معنيٰ آهي ورلڊ هسٽري توکي اچڻ کپي، ورلڊ اڪنامڪس هسٽري پڙھيل هجين، ورلڊ جي ليول کان گھٽ ڳالھ سنڌي ماڻھو ڪندو ته ڇت ٿي ويندو. فقط هڪڙي شيءِ آهي جيڪا پٽ ۾ پيئي آهي. اها ڪھاڙين سان گھڙي گھر ڪٽي وڃي رکو. اوهان کي ڪير منع ڪونہ ڪندو. علم پٽ ۾ پيو آهي، تنھن ڪري هي سڀ اڻ پڙھيل هئا، ٿورڙا هئا، ٿورڙي سمجھ هئن، مسئلا وڌا هئا، هنن جي علمي پھچ کان وڌيڪ هئا. اياز ۽ ٻيا هي جيڪي ويچارا وينا آهن، انھن جي علمي، ذهني، فڪري پھچ کان وڌا هئا ۽ ڊگھي عرصي لاءِ روس جي ڪلٽي ٽيڻ لاءِ ب هي تيار ڪونہ هئا. هي ته چڙھيل گاڏيءَ جا سوار هئا. گاڏي هلي پئي، گھو گھو گھو، اياز وينو آهي فرسٽ ڪلاس ۾، ٻيا وينا آهن، هن وينِي ٽرماسن مان پاڻي پيتا، گاڏي ڪلٽي ته ٽي ڪانہ هئي، ايڪسيڊنٽ ۾ ته اياز آيو ئي ڪونہ هو. هي سڄو نسل ايڪسيڊنٽ وقت ڪونہ آيو هو. هي فوجي ماڻھو ڪونہ هئا، هنن مان ڪوب فوجي ماڻھو ڪونہ هو، جنھن جو مٿو ڦاٽي پيو هجي، اڪيلو رڻ ۾ بينو هجي. هنن تنھنجي ڪانہ ڏني هئي. هنن هينئر تنھنجي ڏني آهي ته پڇي ويا آهن ۽ وڃي جماعت اسلاميءَ سان گڏيا آهن. هي اڪيلا ڪونہ وڙھيا آهن، هنن شڪستون ڪونہ کاڌيون آهن، هنن ذلتون ڪونہ ڏنيون آهن. هنن مٽ ڪونہ پيتا آهن. پھراڙيءَ جو ماڻھو ته هتي مٽ ٿو پيئي، اسان مٽ پيتو ناهي پر اسان ڏنو آهي. هي عوام منجھان ئي ڪونہ هئا. هي رڳو نالا آهن، "فلاڻو مضمون اڇي ويو، فلاڻو ڪونہ آيو، فلاڻو ڪٽي ويو، واھ سائين واھ، فلاڻي سنو شعر لکيو." اهي سڀ ننڍيون ڳالھيون آهن، اهي سڀ ننڍڙا راندڪا آهن، اصل شيءِ آهي ته ماڻھو سڀ کان وڏي ڳالھ تي ٻيھن. ڪيئن ٻيھن؟ هنن پڙھيو ڪونہ هو، مڙيئي گڏ ٻيھي پئي ڏٺائون.

سوال: اوهان جا پڙھايل، تربيت ڪيل ماڻھو هميشہ اوهان کي چڏي ويندا آهن، اوهان جو ردِعمل ڇا هوندو آهي؟

پليجو صاحب: منهنجي تعليم ۽ تربيت اهڙي آهي ته جيئن ڪو ڊاڪٽر هجي، آپريشن ۾ ڪا ڪامپليڪيشن ٿي پوي ۽ ڊاڪٽر چوي ته "اڙي پيٽان! ڇت ڪلي ويا، مري وياسين!" پر جنھن ڊاڪٽر جي ٽريننگ ئي اها هجي ته ڇت ڪلي پيا، خير ٿيو، وري ٻڌنداسين، اهو آئون آهيان. توهان کي هڪڙو مثال ٿو ڏيان: ڊين بين ڦو جي لڙائي، آخري لڙائي هئي، جنھن ۾ فرينچن کي ويٽنامين شڪست ڏني هئي. ان علاقي ۾ جيڪا فوج حملي آور ٽيڻ واري هئي، تنھن کي سامان پھچائڻو هو. سامان ويو پئي ٻيلي مان. ويٽنامين پنھنجي فوج کي رسد پھچائڻ لاءِ ريل وڃائي. هنن

(فرينچن) وٽ بي 52 بمبار طيارا هئا. هنن (ويٽنامين) ريل ناهي دنگ ڪئي ته هنن (فرينچن) ٻئي ڏينهن بمباري ڪري ريل ٽوڙي ڇڏي. هنن (ويٽنامين) جي هاءِ ڪمان ڇا ڪيو جو ان ريل جي پٽڑيءَ جي پرسان ريل ناهڻ جو سڄو سامان ڏهن ڏهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي رکي ڇڏڻ جو حڪم ڏنائين. انجنيئر ۽ ڪم ڪندڙ مزدور چوويهه ڪلاڪ چوڪي هنيو وينا هئا ته هو بمباري ڪري ريل ٽوڙي ويندا ۽ هي 10 ڪلاڪن اندر وري ناهي ڇڏيندا. ائين ريل هلي پئي، يعني ذهني طرح هو تيار هئا ته اها نهندي ۽ ڏهندي رهندي. انهن پنهنجو Concept ٽورو ويڪرو ڪيو. اڄي اهو تصور هو ته ريل نهندي، پوءِ گاڏي هلندي. نئون Concept هنن اهو آندو ته ريل روزانو ٽٽندي ۽ روزانو نهندي، مسئلو حل ٿي ويو! ٽينڪون ڪٽي ويڙيون هيون پهاڻن تي، پلا پهاڻن تي ٽينڪون ڪيئن ويندیون؟ اڄي ائين ٿيو آهي؟ دنيا جي پهرئين گوريلا ڪمانڊر هيني بال مٿي هاٿي چاڙهيا هئا، الائي ڪيئن چاڙهيائين، پر چاڙهيائين. هنن ٽينڪون چاڙهيون، ڪيئن ڪيائون؟ ٽينڪن جا سپ پرزا کولي، ماڻهن جي ڪلهن تي رکيائون. ماڻهو مٿي ڪٽي ويا. مٿي انجنيئر ويهاري ڇڏيائون، جن وري فٽ ڪري ٽينڪون تيار ڪري ڇڏيون. اسان اها ريل گاڏي ناهي آهي، جنهن لاءِ اسان کي خبر آهي ته بمباري ٽيندي، اسين وري ناهي ڇڏيندا سين. آئون انجنيئر ئي اهو آهيان جنهن کي اهو ڪم سونپيل آهي ته هي شيون ٽٽنديون، پرزا پيا آهن، نوان فٽ ڪبا، وري ڪم ناهي ڇڏبو. تنهن ڪري مون کي ڪو به- ٽي سال ٽائيم لڳو. هينئر اسان جي تنظيم اڳوٽي تنظيم کان بنهه طاقتور آهي. هي جيڪي گهٽا ماڻهو گڏ هئا، مون تڏهن ئي چيو هو ته اسان جي هيءَ پارٽي ڪم جي ناهي. مهاتما گانڌي 1937ع ۾ چيو هو ته ڪانگريس کي ٽوڙي ڇڏيو... آئون 1857ع کان پوءِ جي هستريءَ جو Expert آهيان. مون ڪيترين ئي شين ۾ Expertise ڪئي آهي. ويٽنام، چين، روس ۽ اسلام، قرآن، حديث سميت، مون ڄاڻي واڻي پڙهيو آهي. انهن شين تي مون وٽ پي ايڇ ڊي جي ڊگرين جيترو علم آهي. اسان کي خبر آهي ته هي سماج اهڙا آهن جو اسان کي ائين هلڻ ئي ڪونہ ڏيندا. مون به- ٽي سال ٽيا آهن ته هندستان جي تاريخ کي باقاعده پڙهڻ شروع ڪيو آهي. جناح ۽ اهڙا ڪردار آئون اڄي ڪٽي پڙهندو هئس؟ پر هاڻي مون سپ پڙهڻ شروع ڪيا آهن ۽ مون Expertise شروع ڪئي آهي.... سو گانڌي انهن ڏينهن ۾ چيو ته بابا هي ڪرپٽ پارٽي ٽي وئي آهي، هن کي بند ڪري ڇڏيو. انهن ڏينهن ۾ آئون ANP جو سيڪريٽري جنرل هئس. مون عالم شاهه کي چئي ڇڏيو هو ته "بابا پاڻ واري هيءَ پارٽي هاڻي ڪونہ هلندي. هيءَ هاڻي ڪم کان وئي هلي آهي." مون سيني کي چيو ته، "بابا توهين پارٽي جي ڪم جا ناهيو رهيا. توهين ڪلف لڳل ڪپڑا ٽا پايو، سياڻي ٽورڙو اوهان کي نيس ايندي، اوهين ڪِري پيا ته ويا ڪم کان. اوهان ANP جا مزا ڏنا آهن، گاڏين ۾ چڙهيو گهمو پيا، رسول بخش پليجو وجي پيو يورپ، سائين ماسکو ۾ استقبال ٿئي

ٿو. جيڪو ڪلڪتي ۾ سرڪاري مهمان آهي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سينٽرل ڪميٽي ان جو استقبال ڪري ٿي، جڏهن اتان موٽي آياسين، آئون اچي گهر ويهندس ۽ پوليس وارا مون کي هٽندا ڏنبا، تہ اوهين تہ پڇي ويندا هليا." اسان جو هڪڙو دوست آهي، تنهن کي مون چيو تہ ڏيپلي ويجي فلاٽن کي ليڪچر ڏيئي اچ. چياٿين، "سائين! ڏيپلي آئون ويندس؟ آئون ؟ پلا ٻيو ڪو ساڻي ڪونهي؟" مون چيو تہ بابا هيءَ اسان واري پارٽي ڪم جي ڪانهي. مون انهن ڏينهن چئي ڇڏيو هو تہ ڳالهہ توهان کان زور آهي. آئون پارٽي ٻي ٺاهيندس. مون انهن ڏينهن استعيفىٰ ڏيئي ڇڏي. مون استعيفىٰ ڪيترائي ڀيرا ڏني ۽ چيم بابا توهان ۾ ڊسيپلين ڪونهي. توهان چئو ٿا تہ گورباچوف اچي ويو آهي، تنهن ڪري ڊسيپلين جي ضرورت ڪائي ڪانهي، پر منهنجي ٽريننگ ئي اها آهي جهڙي وڪالت آهي. آئون پيو خون جا ڪيس هلائيندو آهيان، ڪيس چٽندو ئي ڪونهي. پيو هلندو آهي. اسان کي ٽريننگ آهي مستقل مزاجيءَ جي. اسين لڳا پيا هوندا آهيون. هڪڙي ڏينهن بل ايندو، ان ڏينهن آرگيو ڪري، ڪٽي ونندا آهيون. منهنجي هڪڙي بہ ڪيس ۾ Conviction (سزا) ڪانهي. منهنجي اٽاهہ صبر جو ان ۾ دخل آهي. آئون هينئر راوتي ڪولهي جو ڪيس پيو هلايان. راوتي جي خلاف سڄي دنيا آهي. راوتي ڪولهي جو مون ڪيس پڙهيو آهي. هن کي ڦاسايو ويو آهي. تجربيڪار وڪيل جي حيثيت ۾ اهو Rule out ٿو ڪريان تہ ائين ٿي سگهي ئي نٿو. تڏهن تہ مون هن جو ڪيس ڪنيو آهي، پر اسان وڏي مٿا ڪٽ ڪئي آهي. سنڌياڻي تحريڪ جي ماين چيو تہ اهو ڪيس نہ ڪٽڻ کپي جو ان ۾ هڪ مائيءَ سان وڏو ظلم ٿيل آهي. مون سڄو ڪيس پڙهي ٻڌايو تہ هيءَ شاهدي آهي ڇوڪريءَ جي ۽ هي فرياد آهي. آئون وينو اهي ڏنڊا ڪندو آهيان، سيني کان راءِ ونندو آهيان، Complement ونندو آهيان، سيني جي تربيت ڪندو آهيان تہ پلي خبر پوين تہ ڪيس ڪهڙي شيءِ ٿيندا آهن. خير، تہ اسان جي ٽريننگ اها ٿي آهي تہ ماڻهو ايندا، ماڻهو پڇي ويندا. مون رٿيو آهي تہ هيءَ Pre Party Level آهي. معنىٰ اسان کي خبر هئي تہ اسان وقت کان اڳي ڪم شروع ڪيو آهي. تنهن ڪري اسان شروعات ڪئي آهي، آهستي آهستي قصو هلندو، اسان کي ٽائيم فريم گهٽو ڪپي، روسين جهڙو نہ ڪپي، تہ 1903ع ۾ ڪميونسٽ پارٽي ٺاهيائون، 1917ع ۾ انقلاب اچي ويا، 14 سالن ۾ انقلاب اچي ويا. چين ۾ 1922ع ۾ ٺاهيائون، 1949ع ۾ انقلاب اچي ويو. هنن جي قوم هڪڙي آهي. اسين تہ مختلف قومن جي هڪڙي پوڄڙيءَ ۾ وينا آهيون. اسان جون حالتون مختلف آهن. لينن پليجي وانگر ڪم ڪري ڏيکاري تہ خبر پئيس. مائوزي تنگ جنگشاهيءَ ۾ انقلاب آڻي ڏيکاري تہ خبر پئيس.

سوال: اوهان چيو آهي تہ اوهين هن دور کي هٽيو وينا آهيو، تہ ڇا ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اوهين ڪنهن سڀي وقت جي انتظار ۾ آهيو؟

پليجو صاحب: آئون لطيف جو پوئلڳ آهيان، ان جون هزار قسم جون ڳالهيون آهن. مطلب جا ٻ- ٽي شعر ٻڌايان ٿو جن جو مطلب توهان پاڻ ڪيو. آئون توهان کي ڪونہ ٻڌائيندس.

ڪچي ڪاچوٽي، نانگن ٻڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
اُنين جي چوٽي، پورب ٽيندي پڌري.

ضروري ناهي تہ توهان پاڻ سان ڪجهہ ڪٽي اچو. جيڪڏهن توهين اگهاڙا آيا آهيو تہ پلي اگهاڙا ئي موٽي ويو. ان جو مطلب اهو ناهي تہ توهين ناڪام ٿي ويا. "اُنين جي چوٽي، پورب ٽيندي پڌري." ٻيو بيت آهي تہ:

ڪِ کي ڪڙيان پير، ڪِ ڪڙهان ڪيچ ڏٽين لڱ،
اِيءُ ڏنءُ ڏيئي ڏير، پاٽان پراهان ويا.

محبوب جي وڃڻ جو ماتم ڪريان يا ان جا پير ڪٽان؟ هو ڪم آهي ۽ هي ماتم ٻاتم ٻي ڳالهہ آهي. ان جو جواب لطيف پاڻ ڏنو آهي تہ:

ڪڙهہ پڻ ڪيچ ڏٽين لڱ، ڪڙ پڻ پير سندان،
تنين پر اتان، ايندءِ مُنڊ! پهاڙ ۾.

*

ڪڙهي ۽ ڪڙي، پر ۾ پير پنهونءَ جو،
سڪ ٻڌائين سندرو، جانب لاءِ جڙي،
لانچي لڪ لطيف چئي، مُنڊ جهيڙي ۽ جهڙي،
پٽيءَ تان نہ پَڙي، جي عمر سيءِ ائين ڪري.

ايتريون محنتون ڪري جنهن مقصد لاءِ جدوجهدون پئي ڪري، سسئي ان مقصد جي خاڪ ٻہ ناهي، ڇوتہ مقصد ايڏو وڏو آهي. ٻئي بيت جي پوئين ست آهي تہ:

تہ پڻ ٽي وييون، جي پنهونءَ پير لڪائيو.

جڏهن پنهونءَ جي وڃڻ جا پيرا ۽ پيچرا ئي گم ٿيو وڃن تہ ٻہ پئي وڃي. تہ ٻہ "وڃجي، وڃجي پيو وڃجي." اسان جي روحاني ٽريننگ ان قسم جي آهي "تہ پڻ ٽي وييون، جي پنهونءَ پير لڪائيو!"

عمر سيءِ عشق سين، پنهون جي پڇن،
ريس ريڌاليون تن سين، ڪجاڙي لئہ ڪن؟
مارڳ جي مرن، وڏا طالع تن جا.

يعني فتح ٻتح جو شرط آهي ئي ڪونہ، رڳو رستي تي هجڻ ئي وڏي ڳالهہ آهي.

جان جان هئي جيئري، ورچي نہ وينی،
وڃي پونءِ پينی، سڪندي کي سڃٽين.

*

سڌر سين سڱ ٽيو، پرڪنڊين پياس،
ڪير برهمڻ ڪن جي، ڪير ڄاڻي ڪيڏاس؟
هوند نہ سنڌ سُياس، هُن پُرئين ڪيس پڌري.

اسين ڪير ماڻهو... معمولي ماڻهو، جنگشاهيءَ جا ويڙل، اسان کي هن جدوجهد مان نقصان ڪهڙو؟ هن عظيم مقصد سان اسان جو سڱ ٽيو. هي ملڪ نہ، ٻيا ملڪ نہ، پر ٻين ڪنڊن ۾ بہ وڃي منهنجو نالو پهتو، منهنجي خبر پهتي. هاڻي توهان ڏسو تہ لطيف وٽ ڪٿي بہ ڪو اهڙو پاسو بچي ٿو جنهن ۾ پڇتاءَ جي ڳالهہ هجي؟ "هيئن ٿئي، هونئن ٿئي، هيئن ٿيو ئي ڪونہ، مجبور ٿي وياسين، مري وياسين!" لطيف جي Code of conduct ۾ پڄڻ جي گنجائش ئي ڪانهي. مايوس ٿيڻ ۽ پريشان ٿيڻ جي گنجائش ڪانهي. نڪو حافظ ۾، نہ ڪو رومي ۾، نڪو مارڪس ۾، نڪو لينن ۾، نڪو ويٽنامين ۾، ڪٿي بہ ڪانهي. مايوس ٿيڻ ۽ پريشان ٿيڻ... لينن جي هڪڙي ڏينهن، ويٽنامين جي هڪڙي ڏينهن، هڪڙي بالشويڪ ڏينهن جي اسين برابر آهيون؟ سچي ٻڌايو؟ لينن جي باري ۾ توهان کي خبر آهي تہ جيڪڏهن هو ڪمري مان ٻاهر ئي نہ نڪري ها، رڳو پيو ڪتاب لکي ها تہ بہ دنيا جا پهريان ڏهہ وڏا ماڻهو جيڪي هجن ها، تن مان ٽاپ تي لينن هجي ها- ۽ لينن جيڪڏهن دنيا ۾ هڪڙي ست بہ نہ لکي ها ۽ رڳو اهي ڪم پيو ڪري ها، جيڪي ڪم ڪيائين تہ بہ دنيا جي وڏن ماڻهن ۾ ٽاپ تي هجي ها. يعني لکيائين ايترو جو دنيا جو ٽاپ جو ماڻهو ٿيو. لکڻ کان سواءِ عمل ايترو ڪيائين جو ٽاپ تي پهتو. ان جي سامهون توهان ۽ اسان ڇا آهيون؟ مائوزي تنگ اڳيان ڇا آهيون؟ سنڌ ۾ ماڻهو پڙهيل ڪٿي آهن؟ هي سڀ جٽ آهن، پڙهيل جٽن جو هڪ وڏو لشڪر ۽ هجوم آهي. پڙهيل ماڻهو جو مقابلو ڪيئن ڪجي؟ "پٽيءَ تان نہ پڙي، جي عمر سڀ ائين ڪري!" رسول بخش پليجي جون 500 حياتيون ٽين تہ بہ پاڻ انهن جي برابر ڪٽي آهيون؟ پلا حضور اڪرم صہ جي حياتي ڏسو. حضور اڪرم صہ جنگِ احد تي ٻيڻا هئا، اڪيلو ماڻهو، سامهون رڳو هڪڙي عورت ٻيڻي هئي، مائي ٻيڻي هئي اڳيان تنهن پئي لڙائي ڪئي، تنهن پئي ڏڪ هنيا. تاريخ ۾ اها مائي زندهہ آهي. پاڻ صلعم زخمي هئا، تلوار پڄي پئي هئي. ان اڪيلائيءَ ۾ ڇا محسوس ڪيو هونداڻون؟ ايڏيون لڙايون ڪيائون، جنگِ بدر ڪٽيائون، ٻار ڪهايائون، يار ڪهايائون، ملڪ تباهہ ٿيا، ساٿين مان سڀ ڪونهن، اتفاق سان هڪڙو بہ ڪونهي. هي زالون آهن، زالون پيون لڙائي وڙهن. He was alone and was defended by women! اوهين سوچيو تہ ڇا محسوس ڪيو هونداڻون؟ پڳٽ سنگهہ آخري ڏينهن ڇا محسوس ڪيو هوندو، جڏهن گانڊيءَ ڇيو تہ آئون هن جي آزاديءَ جو مطالبو بہ نٿو ڪريان. گانڊيءَ هن جي آزاديءَ جو مطالبو بہ نہ ڪيو. اسان وٽ چوندا، "سائين! آيو ئي ڪونہ مظهر، اسان اڪيلا ٿي پياسون!" جيل ۾ مون کي هڪڙو همراهہ چوندو هو، "اسان جي چلهہ نٿي ٻري، چوتہ دوست ڪونہ آيا،

اهڙي سنڌي قوم مان ڪهڙو فائدو؟" يعني جيڪڏهن چلهه جو خيال نه رکيائون ته به اسان جي ميار آهي. توهان پنهنجي مرضيءَ سان هڪڙي اعليٰ ترين ڪم ۾ هٿ وڌو آهي، جنهن سان رڳو نالو ٿئي ته به وڌي ڳالهه آهي. لطيف جا Concepts ٻيا آهن. اسان کي نکاريو لطيف آهي:

"مون کي ڏهاڳ نه ڏي، آئون جا نالي سُيس تنهنجي."

ڪنهن ماڻهوءَ جي حوالي سان رڳو نالو ٻڌجي ته هيءَ فلاڻي جي آهي:

"هئي جي نه هئي، ته به ٻانهي ٻاروچن جي."

اسين نالي ٻڌا ويون لينن جي، مائوزي تنگ جي، هوچي منهه جي، ويٽنامين جي، جنگِ بدر جي، اهو اعزاز گهٽ آهي؟ رڳو "بابا هي هن پارٽيءَ جو ماڻهو آهي." رڳو پارٽيءَ جو ماڻهو سڏجڻ واري ڳالهه گهٽ آهي؟ تنهن ڪري ماڻهو ان پاسي رڙهي رڙهندو هلي. نظريو هنن ڏنو آهي، تڪميل لطيف ڪئي آهي، ٻئي ڪنهن به ڪونهي ڪئي. منهنجي Political Guidance ڪنهن ٻئي ايتري نه ڪئي آهي جيتري لطيف ڪئي آهي. آئون هڪڙو لالچي ۽ موقعي پرست ماڻهو به آهيان. مون کي شاعر اهو ڪپي جيڪو مون کي اڄ ڪم اچي. اهو اڄ مون کي لطيف ٿو ڪم اچي. جڏهن اسين اڪيلا هجون، ڪوٺ لکپت جي جيل ۾ ٻيا هجون، ڪو سنڌي ٻولي ڳالهائڻ وارو به نه هجي، اتي لطيف پهچي ويجي ٿو. مون چيو ته منهنجو ته نرواڻ ٿي ويو. جيڪو مون کي وڻي ٿو، سو آئون چوان ٿو. جيڪي وڻيم ٿو سو لکان ٿو. جيڪي نٿو وڻي سو نٿو لکان. جيڪو ماڻهو چوي ٿو تون ڳالهاءِ، مون کي نٿو وڻي آئون نٿو ڳالهايان. ان کان وڌيڪ نرواڻ ٻيو ڪهڙو آهي؟ ڇا ڪپي ماڻهوءَ کي؟ ۽ منهنجو پيشو اهڙو آهي جو اٿو مون کي چوويهه ڪلاڪ ملي ٿو، نه مليو ته خير آهي، اسين ٻکيا ماڻهو آهيون، اسين غريب آهيون، منهنجي گهر ۾ ڪڏهن اهو Concept ڪونه رهيو آهي ته ڪو ڏؤ ڪري ماني کائجي. توهان يقين ڪريو ته اسان جي ڳوٺ ۾ اهو عيب هو ته ڪو ماڻهو اها گهر ڪري ته مون کي ڏؤ تي ماني ڏيو، چوندا "ادا پاڙيو!" اسان وٽ وڌي ۾ وڌي گار آهي پاڙيو! "ادا پاڙيو آ، ماني ڪونه ملي تنهن ڪري روئي وڃائين!" جيڪڏهن پير ۾ ڏڪ لڳو ته ڦٽ جي مٿان پيشاب ڪري ڇڏبو. اسپتال ويو ته خوار ٿي ويو. "ابا ڪنبو لڳس، ماٽس پئي پها رکيس، مڙس جا حال ڏسو، پها پيو رکائي!" گرميءَ ۾ بوٽ پائي هلياسين، خوار ٿياسين، "ابا پاڙيو آهي، جتي پايو پيو هلي." اسين ڏراڙ هوندا هئاسين چوڪرا، آئون وري انهن مان پڙهي پيس. آئون پڙهي ڪراچيءَ مان اچان، بوٽ پايان، مون تان چورا ڪلن. سو ڪراچيءَ مان جنگشاهي اچڻ شرط بوٽ لاهي اچلايان، پيرين پنڊ وڃان تڏهن اتي قبول ٿيان، نه ته چوندا "پاڙيو آهي!" اسان ته اهي امتحان پاس ڪريو وينا آهيون.

سوال: شاهه جو اوهان ذڪر ڪيو آهي ته شاهه وٽ ته سر معذوري به آهي جنهن ۾ جبلن کي پٽون پاراتا آهن، ڪڏهن اهو پيو چوي ته "اي رستا! تون

مون لاءِ عذاب تي پيو آهين." تہ اهڙي مايوسي ۽ آهي. توهان جي هڪ مضمون جو ٽائيٽل هو "هاڻ سنڌين جو ڇا ٿيندو؟" تہ ڪڏهن ڇا اهڙا مايوسيءَ وارا مرحلا ۽ اچن ٿا؟

پليجو صاحب: شاهہ لطيف تي گهڻن جو اثر آهي، شاهہ حسين ۽ بين جو، پر سڀ کان گهڻو اثر بن ماڻهن جو آهي: هڪ رومي جو ۽ بيو حافظ جو. بلهي شاهہ تہ سندس همعصر آهي، ساڳئي سال جا آهن. شاهہ جو ڪمال اهو آهي تہ حقيقتون تسليم ڪري، انهن کي پوريءَ ريت مڃي، انهن کي پوري شد ۽ مد سان بيان ڪري، پوءِ ٿو اڏامي. هي جيڪي رومانوي آهن سي چوندا "ڪجهہ ڪونهي، هيءَ جيڪا گرمي آهي، سا ڪجهہ ڪونهي. هي لڪون ڪا شيءِ ڪونهن." لطيف چوي ٿو تہ "لڪ ڏاڍي آهي." لطيف حقيقت کي پوري شد ۽ مد سان بيان ڪري پوءِ ٿو چوي اها آهي ئي ڪانہ:

اڏر نڏر ايري، غمن گماٽي،
سا ڪيئن ويهي ويسري، جا گهائي گهماٽي،
پئي پيش پنهونءَ کي، اُسن ۾ آٽي،
جا لڪن لُوساٽي، سا سيج چڙهندي سسئي.

حقيقت کي ٻيا شاعر ڪوڙي حقيقت ۽ رومانوي ڪري پوءِ بيان ڪن ٿا. "برو هو ينيور" لاءِ ٻيا شاعر هجن ها تہ چون ها "سنو هو، عاليشان هو، گل تڙيا ٻينا هئا."

برو هو ينيور، آرياڻي اجاريو،
لاڙو سپ لوڪ تان، هاڙهي ڏڻيءَ هور،
چوريون چرڙ سکيون، پنهون ڪيائون پور،
آيو سوا تور، جنهن ڏکيون ڏِک وهاريون.

ڏِک تي انهن کي ڪوبہ ويهاريائين جيڪي متئين طبقي جون هيون، ٻيون هيون چوريون، ماڻُ پيءُ ۽ ڪوبہ هئن. ڏِک معنيٰ سيج، سو ڏکيون ڏِک ويهاريائين. منهنجي ذهن ۾ اهو سڄو Concept آهي تہ سنڌ ۾ Human Material ڪونهي. سنڌ ڪيترين صدين کان وٺي اي ڪلاس جا ماڻهو ٺاهڻ بند ڪري ڇڏيا آهن. 1521ع کان پوءِ لطيف ئي وڏو ماڻهو آهي، ٻيا ڪي Exceptional (غير رواجي) ماڻهو پيدا نہ ڪيائين. مون کي ان ڳالهہ جو احساس آهي تہ سنڌ ۾ ماڻهو آهن ئي ڪوبہ، جيڪي مون سان گڏجي پنڌ ڪري منهنجي قافلي ۾ گڏجي هلن. جيڪو Human Material کپي، تنهن جي پيدا ٿيڻ ۾ ايجا دير آهي، پر ڪيترا ماڻهو پنهنجي وقت کان اڳي ايندا آهن، لطيف آيو، ڪنهن هڪڙي ماڻهو ان کي سمجهيو؟ رڳو ان جا "صوفي اثرات" سمجهيائون، فڪر سمجهيائون؟ مير علي شير قانع جهڙو ماڻهو لطيف لاءِ لکي ٿو تہ، "هي پٽ ۽ ڏيئون ڏئي ٿو، ڪرامتن جو صاحب آهي، شاعر پڻ آهي." مير علي شير قانع چوي ٿو تہ، "شاعر پڻ آهي." پر وڏو زور ڪرامتن تي آهي. (پليجو ڪلي ٿو)

"ماڻهن جو مرجع خلائق آهي." اهو ضروري ناهي، ته جنهن دور ۾ ماڻهو رهي ٿو ان دور ۾ ان کي رفيق ۽ ساٿي به ان جي ليول جا ملن ۽ اهو به ضروري ناهي ته هو ڪامياب به ٿئي. جيڪڏهن سڪندر ڪان اڳ ۾ فلپ اها فوج تيار نه ڪري ها جيڪا پوءِ سڪندر ڪتب آندي ته سڪندر ڇا هجي ها؟ جيڪڏهن روم ڪان اڳ ۾ يونان سڄو مصالحو نه پيدا ڪري ها جيڪو هنن پوءِ ڪم آندو ته رومي جٽ ۽ جاهل هجن ها. پر پاڻ جيڪي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن، انهن جي ماڻهن کي ڪهڙي خبر آهي؟ ڪالاباغ ڊيم گهٽا ڏينهن اڳ ۾ ٻڌي ويجي ها، ون يونٽ جي تحريڪ ۾ عوام کي پهرين مون آندو آهي. ٻئي پاسي ڪٽي هئي موومينٽ؟ باچا خان عوام کي آندو، بلوچستان ۾ قبائلي سردار هئا، سردارن ٿورو ئي عوام ۾ ڪم ڪيو هو. !That`s all هنن ڪو ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪري ٿوروئي اڳتي آندو هو. پنجاب ۾ عوامي تحريڪون ٿوريون گهٽيون هيون، پر گهٽو ڪري مذهبي تحريڪون هيون. اهو رڳو سنڌ کي شرف حاصل آهي ۽ عوامي تحريڪ کي شرف حاصل آهي، جنهن پهرئين ڏينهن کان ونڊ نظرئي جو بنياد رکيو، عوامي نظريو آندو، عوام کي جدوجهد ۾ آندو، وڏيرن خلاف ميدان ۾ اسين آياسون. ون يونٽ جي جدوجهد ۾ جي- ايم سيد ۽ ٻ- ٽي جڙا ٻيا رڳو بيان ٻيا ڏيندا هئا. اسان هتي عوامي تحريڪ شروع ڪئي جنهن ۾ شاگردن کان سواءِ... شاگردن جي باري ۾ توهان ڏسندا ته انهن سان پهرئين پهرئين Intuch ۾ آئون Connection ۾ هئس، ٻيو ڪهڙو ليڊر هو؟ ڪوبه ڪونه هو. يوسف لغاريءَ سان گڏ آئون هئس، هي ٿوروئي هئا. يوسف لغاريءَ وارن جو ڪيس وڙهڻ لاءِ پهرين آئون ويو هئس، هي ٿوروئي هئا. پاڻس جي ياران اسين هئاسين، تنهن ڪري اهي حاصلاتون آهن، يا وري اهو ته جماعت اسلامي اسان کي جيڪڏهن فڪري طرح زير ڪري ڇڏي ها ته پوءِ اسين ڇا وڙهون ها؟ جيڪڏهن اسان ان کي فڪري طرح شڪست نه ڏيون ها ته ڪم ڪيئن هلي ها؟ اهي سڀ ڪم اسان ڪيا آهن، ڪنهن ٻئي ڪونه ڪيا آهن. ايازڪي اسين متي نه ڪٽون ها ته ايازاهڙو ايازٿئي ها ڇا؟ نئين تنقيد اسين نه شروع ڪريون ها ته اها هجي ها ڇا؟ سنڌي ادب جون ڪهاڻيون ڪٽي پيدا ٿين ها جيڪڏهن اسين ردي ڪهاڻين کي رد نه ڪريون ها ۽ هنن کي اڳتي نه آڻيون ها؟ موسيقي ۽ ڪلچر جي وسيلي جدوجهد هلائڻ جي ريت جيڪا اسان وڏي سا ٻين ماڻهن ڪٽي وڌي؟ هيءَ ته اسان آندي آهي. هي جيڪي "جيئي سنڌ- جيئي سنڌ" جا نعرا پڙهو پيا، سي ڪنهن آندا؟ اهي ته مون آندا هئا نه. توهان ڏسندؤ ته الاهي ڪم مون ڪيا آهن. اردوءَ ۾ لکيو هو راشدي صاحب، ٻيو ماڻهو آئون آهيان جيڪو لکان پيو. حالانڪ منهنجي لاءِ اردو ڏکي ٻولي آهي، انگريزي سولي آهي، انگريزي اسان جي مادري زبان وانگر آهي. ان کان بهتر آهي پر آئون اها جيڪا (انگريزيءَ ۾) نيڪي ۽ نالو ٿئي ها، ان کي ڇڏي اردو، جيڪا هنن نياڻن جي ٻولي آهي، ڏکي آهي، تنهن ۾ لکان ٿو. پاڻ هر ڪم غير معمولي ڪندا آهيون. مون

کان انٽر ۾ پڇيائون، تنهنجا سبجيڪٽ ڪهڙا آهن؟ مون پڇيو، ڪهڙا سبجيڪٽ ماڻهو کڻن پيا؟ چيائون هستري، سوڪس، فلاڻو. مون پڇيو، ڏکئي ۾ ڏکيا ڪهڙا آهن؟ چيائون ڏکيا الاهي آهن، تون ڳولي ڪڍ. پوءِ مون ڳولي ڪڍيا. مون ڪنئي منطق، سائيڪالاجي، اڪنامڪس، انهن کان ڏکيا سبجيڪٽ ٻيا هئا ئي ڪونہ. اها هئي مشڪل پسندي، پر ان معنيٰ ۾ تہ مشڪل پسندي براءِ مشڪل پسندي نہ، پر ان ڪري جيئن ماڻهو بدترين حالتن کي منهن ڏئي سگهي. سنڌ ۾ اسان اهي ڪم ڪيا، جيڪي ٻيا ڪن ئي ڪونہ ٿا. نظرياتي ۽ سياسي طرح ماڻهن کي منظم ڪرڻ ۾ اهڙو ڪم آهي. اڳي منظم ڪندا هئا اسان جا اردو دان بزرگ. ڪامريڊ غلام محمد لغاريءَ کي چيم، "پاڻ پارٽي ناهيون؟" چيائين، "هو وڏا استاد اٿئي. پاڻ سنڌي ماڻهو جهڙا تهڙا آهيون، پاڻ کان اهي ڪم ڪونہ ٿيندئي. درويش، وڃي ماڻ ڪري ويهي رهہ." اڄ جيڪي سنڌين وٽ شيون ڏسو ٿا، سي سنڌين لاءِ شجرِ ممنوع هئا ۽ اسان آندا. اسان عوامي سياست آندي. اسان پيپلز پارٽيءَ ۾ ڪونہ وياسين. مون جهڙو ماڻهو، آئون پٽي صاحب جي ڏينهن ۾ ۽ پيپلز پارٽيءَ ۾ ڪونہ ويس. پٽي صاحب جا ڏينهن اهي هئا جڏهن رڳو نور پئي ونو. رڳو انقلاب جون وايون هيون، جنهن ۾ انقلاب جي ڳالهہ ۽ وري اهڙي هئي جو ٻيو ڪو ڪامريڊ ٻامريڊ ڪري ئي نٿي سگهيو. ڇڳا ڇڳا ڪامريڊ ان ۾ اڇي ويا تہ هي ڪم زبردست ٿيندو. اسين ان ۾ ڪونہ وياسون. پٽي صاحب مون کي ليٽر لکيو تہ:

"I would like to see you in the front ranks of the People's Party."

آئون ڪونہ ويس. مون کي چيائين "هلال پاڪستان" جو ايڊيٽر ٿي. قمرالزمان شاهہ چيو تہ پٽو صاحب چوي پيو، پاڻ ڪونہ وياسين. مون کي خبر هئي تہ اهي شيون اڳتي ڪونہ هلنديون، ڪا شيءِ ڪانہ ٿيندي. تہ اسان تمام گهڻو ڪيو آهي ۽ اسان اهو ڪم ڪيو آهي جيڪو پاڪستان جي عوام جي لاءِ مددگار ثابت ٿيندو. آئون عوامي نيشنل پارٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل هئس. اسان پختون دوست ڪيا، اسان اتي ۽ سنڌ جي نقطہء نظر لاءِ تفهيم ۽ سمجهہ پيدا ڪئي. اسان افغانستان وياسين. افغانستان ۾ سنڌي هئا ڪٿي؟ آئون افغانستان ويس، آئون ماسڪو ۾ رهيس، آمريڪا ۾ مون ليڪچر ڏنا. ڪهڙو سنڌي آهي جنهن آمريڪا جي انهن يونيورسٽين ۾ ليڪچر ڏنو جن ۾ پنڊت جواهر لعل نهرو ليڪچر ڏنو هجي، جيڪو 28 ملڪن جي ڪانفرنس ۾ ويو هجي ۽ پچاڙيءَ جو ڪيس چونڊيو ويو هجي تہ هو 28 ئي ملڪن جي پاران ڪانفرنس کي خطاب ڪري؟ جيڪو منيلا ۾ ايشيا پيسفڪ جو باني ميمبر هجي ۽ ان جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جو ميمبر هجي؟ اهي ڳالهيون اسان ڪيون آهن. آئون جهنگ جو ماڻهو آهيان، انهن ماڻهن منجهان آهيان جيڪي چوندا آهن تہ اسان ماني کائي ڪڏهن ڏؤ نہ ڪيو آهي. انهن ماڻهن منجهان اسان دنيا جي ليول تي ويا آهيون. ماسڪو جي Institue of Oriental Studies کي مون خطاب

ڪيو آهي، جتي گينگو وسڪي هو. مون ڪابل جي اڪيڈمي آف سائنسز کي خطاب ڪيو آهي، اجمل خٽڪ ٻه هو. مون وڏين بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ بنيادي مسئلن تي خطاب ڪيو آهي. ان قسم جي سوچ هتي ڪٿي هئي؟ ماٺهو سڀ گهر جا ڪڪڑ ماريو وينا هئا. !That's all اهي سڀ شيون اسان آنديون آهن.

سوال: اوهان شڪستن کي ٻ ويجهي کان ڏٺو هوندو، مثال طور اليڪشن جي شڪست، شڪست ڏانهن اوهان جو رويو ڪهڙو هجي ٿو؟

پليجو صاحب: آئون اليڪشن وڙهيو آهيان نٽي مان. نٽي مان جڏهن مون اليڪشن وڙهي تہ 20 سال آئون نٽي ويو ئي ڪونہ هئس. مون کي چيائون تون نٽي مان اليڪشن وڙهي نٿو سگهين. اليڪشن ۾ بيهڻ، هڪڙي تڪ مان ڪٽڻ جي مون ۾ پهچ ئي ڪانهي، سبب؟ آئون نٽي رهان ۽ جيڪو ماٺهو جيل ۾ پوي تنهن کي ڪڍايان، ڪن ماٺهن کي جيل ۾ وجهايان، اتي جي وڏيرن سان چٽاپيٽي ڪريان. هي بدمعاشي ڪريو، پئسا ڏيو، ووٽ خريد وينا ڪن، آئون ٻه ائين ئي ڪريان تہ آئون ڪٽي سگهان ٿو. جڏهن سڄي سنڌ ۾ ڪافي تعداد ۾ هڪڙي راءِ عامہ پيدا ٿئي، جيئن ڪانگريس ڪتيو هو، هڪڙي تڪ تي مهاتما گانڌي چوندہ نہ ڪٽي پر ٻئي تڪ تي ڪٽي. اها راءِ عامہ هموار ٿئي. سو هر ڪم ۾ پهرين شروعات ڪري ڏٺي آهي. اسان اليڪشن ۾ هڪ دفعو ٻيناسين، ٻيو دفعو ٻيناسين، اسان کي خبر هئي تہ اسين ڪٽي سگهون ئي نٿا. اسان ڪيترائي ڪم ڪيا آهن. اها اسان کي خبر آهي تہ پهرئين ڏڪ سان ڪٽينداسون ئي ڪونہ. اسان کي تاريخ ٻڏايو هو تہ 15 دفعا وڃجي ٿو تڏهن ڪم ٽين ٿا. پهرين جڏهن اسان "تحريڪ" رسالو ڇپرايوسين پئي تہ ڪا پريس اهڙي ڪانہ هئي جيڪا اسان جو رسالو ڇاپي. مون کي ياد آهي تہ اسان هوچي منهہ جو ڪتاب ترجمو ڪيو هو، اهو ڪتاب ڪنهن ٻه پريس ڪونہ ٽي ڇاپيو. ظفر حسن ۽ اسين هڪ دوست وٽ وياسين، تنهن اسان کي ڇاپي ئي نہ ڏنو. هن جي هوندي هئي Perfect Press، ان جي پنيان هلي هلي ستٽون گسي ويون. فقط هڪڙو ڪتاب ڇپرائڻ جي اسان ۾ توفيق نہ هئي. مون پهريون مضمون ايازتي لکيو هو، سو ٻه ڪٽي آئون سڄي جهان ۾ هليو هئس، ڪنهن ڪونہ ٽي ڇاپيو. "نئين زندگي" جيڪو سنڌ جو پهريون سرڪاري رسالو هو، جيڪو زوراور ڪيندو هو، تنهن کي وڃي ڏنم، تنهن چيو تہ سچل ۽ لطيف تي لک، هي الائي ڪهڙا آهن جن تي پيو لکين، ايازڪير آهي؟ مون چيس، "ايازشاعر آهي." چي: "چڏ انهيءَ ايازجي پچر!" پوءِ وري مون اهو ساڳيو مضمون "نواءِ سنڌ" ۾ ڇپائڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪڙو مولوي اسان جو ايڊيٽر هوندو هو، مولوي سيتائي، مون کي چيائين، "هي ايازڪير آهي؟ تون چڏ انهيءَ جي پچر! تون پنهنجي شاعري لک." هلڻ ڪونہ ڏنائين، معنيٰ اسان جا مضمون ڪونہ ڇپجي سگهندا هئا. منهنجو پهريون مضمون "نئي سنڌ" ۾ ڇپيو هو. آئون سڄي رات بينو هئس تہ منهنجو مضمون ڪڍهن ٿو ڇپجي. آئون

ٻيئو هئس رات جو ته اهو ڇپجي ته اهو ڪجو ئي ڪجو ڪٽي وڃان ۽ ماڻهن کي هاسٽل تي ننڊ مان اٿاري پڙهي ٻڌايان. آئون ايڊيٽر هئس، منهنجا سڀ همراهه پڄي ويا. مون اڪيلي "نئين سنڌ" اخبار پئي ڪڍي، بنا ڪنهن مدد جي. هڪڙو گنجو هوندو هو، جيڪو ويٺو هوندو هو، علي محمد مجروح شاعر. رڳو چانهه ويٺي پيتم، ماني هئي ئي ڪانه. مون کي ٽي بي ٽي پئي. مون بکون ڪاٽيون، مون وٽ ڪائڙ لاءِ ماني ڪانه هئي. پگهار هوندي هئي ٻه يا ٽي سئو روپيا. اسان هميشه ائين ڪيو آهي. اليڪشنون ٻه ان جو حصو آهن. اليڪشن ٻه وڙهيا آهيون ۽ پهرين هر ڪا شيءِ اسان شروع ڪئي آهي. مون کي اهو خيال هو ئي ڪونه ته آئون ڪٽي ويندس. مون کي خبر هئي ته آئون ان تڪ ۾ ويو ئي ڪونه هئس، ماڻهن سان مليو ئي ڪونه هئس، ماڻهو مون کي سڃاڻن ئي ڪونه ٿا، ڪيئن ٿيندو؟ اخبارون ٻه انهن ڏينهن ۾ اهڙيون ڪونه هيون جهڙيون هاڻي آهن. هينئر ته ماڻهو اخبارون پڙهن ٿا، تن ڏينهن ۾ ته ماڻهو اخبارون ٻه ڪونه پڙهندا هئا. ڪيترائي ڪم اسين اهڙا ڪندا آهيون جن جي اسان کي خبر هوندي ته اسين ڪامياب ڪونه ٿينداسين، مثال طور: اسين اي اين پي سان شامل ٿياسين، مون کي خبر هئي ته اسان کي ڪڍي ڇڏيندا. مون سڀني دوستن کان قسم کڻايو هو ته جڏهن هو پاڻ کي ڪڍي ڇڏيندا ته پاڻ وري عوامي تحريڪ ناهيندا سين. اهو پروگرام ناهي پوءِ اسين ويا هئاسين. جيترا ڏينهن اسان انهن سان ڪڍي وياسين تن تي اسان کي حيرت ٿي ته هيترا ڏينهن ڪيئن رهياسين. اسان کي خبر هئي ته پناڻ، اسان کي ڇڄائي ڇڏيندا. اسين اهڙن ڪمن ۾ ويندا آهيون جن بابت اسان کي خبر هوندي آهي ته نتيجو ٿورو ملندو. "جي ماسو مليئي مال، ته پوڄارا پُر ٿئين." مون کي ان تي (شڪست تي) ڪاٻه مايوسي ڪانهي. مون جيڪا ان وقت تقرير ڪئي سا ٽيپ ٿي پئي آهي. رزلٽ ظاهر ٿيڻ واري ڏينهن سڀني ماڻهن اڳيان ڪيل منهنجي تقرير ٽيپ ٿي پئي آهي.

سوال: هر ماڻهوءَ جا خيال ٿورو ٿورو تبديليءَ جي عمل مان گذرندا آهن پر ڪڏهن ڪڏهن غير رواجي تبديلي ٻه ايندي آهي ۽ اهو ماڻهو جنهن کي اسين معصوم سمجهندا آهيون تنهن بابت اسان جا رايا سئو سيڪڙو تبديل ٿي ويندا آهن ته هو ڪيڏو خراب نڪتو. ڇا توهان سان ائين ٿيو ته ماڻهن جي باري ۾ اوهان جي نون راين اوهان جي ئي پراڻن راين کي سئو سيڪڙو رد ڪيو هجي؟

پليجو صاحب: (هڪ منٽ تائين خاموش رهڻ کان پوءِ) انفرادي طرح نه، پر گڏيل طرح اسان جي پارٽيءَ ۾ جيڪو Breakdown آيو، ان مون کي حيران ڪيو. پر نه، ڇوته حيرت مون کي ڪانه ٿيندي آهي. پريشان ٻه آئون ٿيندو ئي ڪونه آهيان جو پريشاني ۽ ان پريشانيءَ کي دور ڪرڻ جي وچ ۾ وقفو ٿيندو ئي ناهي. آئون جيڪڏهن پريشان ٿيندو آهيان ته هڪدم جوابي ڪارروائي شروع ڪري ڇڏيندو آهيان. عمل جي ڪري مون وٽ پريشان ٿيڻ لاءِ ٽائيم ئي نٿو هجي. لطيف واري

ساڳي ڳالھ تہ "ڪ ڪي ڪڙيان پير، ڪ ڪي ڪڙھان ڪيچ ڏڻين لئہ؟" ماتم ڪريان؟ يا عمل ڪريان؟ آئون تہ ماتم ڪندو ئي ڪونہ آھيان، ھڪدم ايڪشن ۾ ھليو ويندو آھيان، تنھن ڪري آئون پريشان ڪونہ ٿيس. مون فوري جوابي قدم کڻڻ شروع ڪيا، فوري! اسان جا سيئي ماڻھو ڇڏيو پئي ويا، سوين ماڻھن جو ھڪڙو جم غفير ڇڏيو پئي ويو. مون کي ان جي Conspiracy (سازش) جي پوري خبر نہ پئي، اھا پوءِ پئي، اسان کي خبر ئي نہ پئي، پر پوءِ مون کي سمجھ ۾ آيو، چوتہ مون جنگي تاريخ پڙھي ھئي، ڊيبيڪل، استالن گراڊ، جرمنيءَ جي شڪست، ھٽلر جو پيش پوٽ، الاھي شيون مون پڙھيون آھن، تباھيون، بربادیون، طوفان، جيڪي ڏھني طرح منھنجي لاءِ سڀ ننڍڙيون ڳالھيون آھن، جنھن قسم جو ادب مون پڙھيو آھي، جنھن قسم جو علم مون حاصل ڪيو آھي، تنھن جي پيٽ ۾ جيڪا تبديلي آئي ھئي، سا تمام ننڍڙي ھئي. اھا منھنجو انت ماپي نہ سگھي، اھا منھنجي پاٽيءَ جي گھرائي کَٽي نہ سگھي. ائين ڪونہ ھو جو ماڻھو چوي، "اڙي پيٽسان وچ... مري وياسين!" مثال طور: توھان سان ڪو ماڻھو وڙھي ٿو پئي، توھان جا پئسا نٽو ڏئي، توھين چوندا نھيو، مڙئي خير آھي، يعني اھا شيءِ توھان جو انت ماپي نہ سگھي. باقي مون سمجھيو تہ ڪجھ ڳالھيون مون لاءِ حيرت واريون ھيون، پر مون حيرت کي ٽائيم ئي ڪونہ ڏنو. حيرت ٽي، يڪدم آئون ايڪشن ۾ اچي ويس، تہ مون وٽ حيرت زدہ ٽيڙ لاءِ ٽائيم ئي ڪونہ ھو. جيتوڻيڪ حيران ٽيڙ لاءِ ڳالھيون وڌيون ھيون پر مون پنھنجو پاڻ کي ٽائيم ئي ڪونہ ڏنو تہ آئون حيرت ويھي ڪريان، ڏک ويھي ڪريان، ماتم ويھي ڪريان، افسوس ويھي ڪريان. !So, I didn't have the time

سوال: اوھان ڇا ٿا سمجھو تہ ھن وقت دنيا ۾ ڪھڙي پاسي جو ادب دنيا جي رھنمائي پيو ڪري؟

پليجو صاحب: لينن چيو آھي تہ جڏھن وڏا وڏا حادثا ۽ ڪم ٿيندا آھن، تہ جيئن جانور ويھي پنھنجي ڪاڏي کي اوڳاريندا آھن، تيئن ماڻھو بہ پنھنجي تجربي کي اوڳاريندا آھن، ان کان پوءِ ان جو جواب ۽ حل تيار ڪندا آھن. منھنجي خيال ۾ عالمي طرح سڄي دنيا ھن وقت پنھنجي تجربي کي اوڳاري پئي.

سوال: لينن آمريڪا جي ادب جون سڄي دنيا ۾ رڙيون آھن؟

پليجو صاحب: مون پڙھيو ناھي، ان جو سبب اھو آھي تہ مون کي امپريس نٽو ڪري، وٽي نٽو جو ان کي آئون توڙ تائين پڙھان. مارڪيز جي ڳالھ پئي ھلي، مون ان کي پڙھيو ناھي، تنھن ڪري آئون پنھنجي Judgment (راءِ) ملتوي ٿو رکان. ڪنھن ھڪڙي اڌ شيءِ کي ڇڏي باقي پتاڙ گھٽي آھي. تنھن ڪري آئون انھن جو ڪوبہ ڪتاب ڇيھہ تائين پڙھي سمجھي ڪونہ سگھيو آھيان. مون کي ايجا لينن آمريڪا جي ڪنھن شيءِ امپريس نہ ڪيو آھي. ان جي معنيٰ اھا ڪانھي تہ انھن ۾ فڪري شيءِ ڪانہ ھوندي، ھوندي، پر ايجا آئون ان جي ماپ تي پھتو ناھيان. تنھن

ڪري ان جي باري ۾ منهنجي راءِ محفوظ آهي. پر ان جي باري ۾ في الحال ڪا Positive راءِ ناهي.

سوال: ان سڄي نقشي ۾ سنڌ کي اوهين ڪٿي ٿا بيهاريو؟

پليجو صاحب: سنڌيءَ ۾ لٽريچر آهي، شاعر سيئي آهن، مون کي توهان جا (مظهر ڏانهن اشارو) هڪڙو به ڪلام ڏاڍا وٽندا آهن. مون پڙهيا آهن ۽ هيءَ جيڪا رخسانه پريت چنڙ آهي، ان جا هلڪا هلڪا وٽندا آهن. مطلب ته انهن ۾ Sense هوندو آهي، پوءِ پلي ڪٽي موضوع وڏو ناهي. ڪيترائي شاعر آهن جن جي شاعريءَ ۾ Sense ئي ڪونهي. لفظ لفظن سان ملن ئي نٿا. هن جي ننڍڙي، هلڪڙي ۽ هڪ ٻئي سان ملندڙ شاعري آهي يعني جنهن حد تائين آهي ان حد اندر اپيل ٿي ڪري. ائين ان ليول جا ٻيا به ڪجهه شاعر آهن جن جون ڪجهه شيون ماڻهن کي وٽن ٿيون ۽ مون هينئر تازو آٿم ناٿن شاهي کي پڙهيو آهي، زاهد (شايد زاهد شيخ) کي پڙهيو اٿم، ان جون ڪيتريون شيون آهن، جيتوڻيڪ ان جي اها شاعري ناهي، پر نيڪ آهي، مطلب ته ڪا Break Through حاصلات ناهي ۽ منهنجو سڀ کان وڌيڪ پسنديده شاعر وري به استاد بخاري آهي، جنهن ۾ تمام گوناگون... مون لکيو ڪونهي ايجا تائين، پر آئون سمجهان ٿو ته اهو تمام وڏي شيءِ آهي. مون کي خبر آهي ته ڪيترائي ماڻهو ان کي اصل پسند نه ڪندا، منهنجا دوست به الاهي آهن، منهنجا دوست تمام گهٽا آهن جيڪي ترقي پسند آهن، سٽا شاعر آهن وغيره وغيره، پر هن جي ڀالهه ٻي آهي. ٻين شاعرن شاعري ڇڏي ڏني آهي ۽ ويهي رهيا آهن. منشي وڏو شاعر آهي پر ويهي رهيو آهي، سرويچ ويهي رهيو آهي، زاهد هو، آڪاش سٽو هو، پر ويهي رهيو آهي. سٽيون شيون لکن ڪونه پيا. اڳي اسان جي ٽولي هوندي هئي، ايار هو، آئون هئس، فتو (شايد فتاح ملڪ ڏانهن اشارو) هو، رشيد هو، تنوير هو، اسان جي وڏي گينگ هئي، هينئر اها گينگ ناهي. لطيف جو شعر آهي ته:

ساڻي نه ڏسان سي، جي هٿ هينئين ٽوٽيون،
هاڻي ڪنين جي، ويجي اڳ ابهان؟

سوال: لطيف ڪجهه فقيرن، ڪجهه ڪاموري ٽائيپ اديبن جي نرغي ۾ ڦاٿل آهي، جيڪي ان تي قبضو ڪريو ويٺا آهن ۽ ان تي تنقيد نٿا ڪن ۽ ڪرڻ ڏين. اوهان جو ڇا خيال آهي ته لطيف کي جيڪڏهن ڪجهه فقيرن ۽ ڪجهه ادبي کامورن جي رحم تي ڇڏيو ويو ۽ اهي جڏهن لاڏاٽا ڪري ويا ته لطيف پاڻ به ڇا لڏي ڪونه ويندو؟ ڇا لطيف تي تنقيد نه ٽيڻ گهرجي؟

پليجو صاحب: لطيف تي تنقيد ٽيڻ کپي، پر هي جيڪو لطيف تي تنقيد جو سلسلو آهي سو جماعت اسلامي جو آهي. لطيف جيئرو ڪونهي جو ان کي ائين رشوت ڏيئي خريد ڪن جيئن اياز کي ڊيجاري ڪيو اٿن. لطيف جيئرو هجي ها ته ان جا مائٽ ٻائٽ وٽي کيس وڃي راضي ڪن ها. هاڻي پهچي نٿا سگهن ته انهن اهو سڀ

ڪجھ شروع ڪيو آھي. لطيف تي ڪنھن اعليٰ نقطہ نظر کان تنقيد ڪانہ پئي ٿئي. اھا "لوسي تنقيد" آھي. ھي تنقيد ڪرڻ جا اھل ئي ڪونھن، ھي مڙئي خوار خراب پيا ڪن. جماعت اسلامي سنڌ تي وري ھٿ رکڻ چاھي ٿي، وري بہ 1960ع وارو دور ڌھرائڻ چاھي ٿي، وري بہ ھن ملڪ جي سياھ و سفيد جي مالڪ ٿيڻ چاھي ٿي ۽ شروعات ادبي غنڊہ گرديءَ کان ڪري رھي آھي. لطيف تي حملو ڪري اڳتي اچڻ چاھين ٿا. اھي بلڪل جاھل ماڻھو آھن جيڪي لطيف تي تنقيد پيا ڪن. چندا ڪائيندڙ بدمعاش ائين پيا ڪن.

سوال: پر سائين جيڪڏھن لطيف تي ترقي پسند لڏي تنقيد شروع نہ ڪئي تہ ان جي شروعات رجعت پسند ئي ڪندا.

پليجو صاحب: لطيف تي تنقيد تڏھن ٿئي جڏھن ھن جي تعريف ڪافي ٿي ھجي. لطيف جي تعريف ڪافي ڪٿي ٿي آھي؟ لطيف جي ڪم جو ادراڪ آھي ڪٿي؟ لطيف جي گھرائيءَ ۾ ڪير ويا آھن؟ تنقيد جي گنجائش تڏھن ڪيڻ گھرجي جڏھن چئبو تہ بابا ھي ڪم پورو ٿيو، ھاڻي ھو ٿا ڪريون. اوھين مون کي اھا پوائنٽ ٻڌايو جنھن جي حوالي سان مٿس تنقيد ٿيڻ گھرجي. اوھين ٻڌايو تہ سھي تہ ڪھڑي خيال کان ھن تي تنقيد ٿيڻ گھرجي؟

سوال: ھر نقاد کي خبر ھوندي آھي تہ ڪھڑو شاعر ڪٿي سنو آھي ۽ ڪھڑي جاءِ تي ڇسو آھي، سو ھر شاعر ۾ اھڙيون گنجائشون ھجن ٿيون. جيڪڏھن لطيف جو ڪو بيت ڇسو نڪري پيو تہ ڇا آسمان ڪِري پوندو؟ اڄ جڏھن شيڪسپيئر جي شاعريءَ تي ھزارين ماڻھو تنقيد پيا ڪن تہ اسان وٽ لطيف تي ماڻھو خوف وچان ڪم نٿا ڪن. ھڪڙن کي ڊپ آھي تہ ھو عظيم آھي، تنقيد تي تہ ھو عظيم ڪونہ رھندو. ٻين کي اھو ڊپ آھي تہ جيڪڏھن تنقيد ڪئي وئي تہ ان ۾ جماعت اسلامي جي ڪا سازش ڳولي ويندي. ائين لطيف جي ڪم ۾ ڪو ھٿ وجھڻ لاءِ ئي تيار ڪونھي. ڇا ھر شاعر وانگر لطيف تي بہ تنقيد ڪرڻ لاءِ انيڪ گنجائشون نہ ھجڻ ڪپن ؟

پليجو صاحب: ھڪڙي ڳالھہ سمجھڻ جي ضرورت آھي تہ روءِ زمين تي اھڙو ڪوبہ شاعر پيدا ئي ڪونہ ٿيو آھي جنھن جو ڪلام پنجين يا ڇھين حصي کان وڌيڪ نئون يا روشن ھجي. غزلون ھجن، غزل جو جيڪڏھن ھڪڙو بند سنو ملي ويجي تہ بہ غنيمت آھي. ڇا توھين چوندا تہ غالب جي سڄي جي سڄي شاعري اي-ون آھي؟ توھان جي خيال ۾ ڇا مير تقي مير دھرائي ڪونہ پيو؟ فيض احمد فيض جي شاعري توھان کي Repetition نٿي لڳي؟ حافظ ۽ آتش کي ڏسو، توھان حافظ کوليو، حافظ جي شاعري بلڪل معمولي، رواجي ۽ لتاڙيل شاعري آھي ۽ تمام عجيب و غريب شاعري آھي. ان ۾ سلطانن کي درخواستون آھن تہ "مون کي ڏوکڙ ڏيو." پر ان ڪري حافظ جو درجو ڪِري ڪونہ پوندو. اھا ڳالھہ Understood آھي تہ لطيف،

شيڪسپيئر ۾ ٻين وڏن شاعرن مان توهان کي ڇڱي شاعريءَ جو رڳو هڪڙو حصو ملندو. "جي ماسو مليئي مال، تہ پوڄارا! پُر ٿئين." تنهن ڪري توهان تنقيد ڇا تي ڪندؤ؟ تنقيد تڏهن ڪريو، جڏهن سمجهيو وڃي تہ هن مان سڀ جون سڀ شيون سنيون هونديون، ائين تہ آهي ئي ڪونہ. توهان اخبار ۾ وينا آهيو، ڇا توهان سمجهو ٿا تہ اخبار ۾ جيڪي خبرون پهچن ٿيون، اهي سڀ جون سڀ ڇپجڻ جوڳيون هونديون؟ ائين ممڪن ئي ڪونهي. توهين مضمون پيا لکو، ڇا سڀ جا سڀ شاهڪار هوندا؟ توهان کي Judge ڪيو ويندو، توهان جي لکڻين ۾ هڪڙو خاص Percentage جيڪڏهن اي- ون نہ مليو تہ پوءِ توهان تي تنقيد ٿيندي. ڇا لينن جيڪي بہ ڪم ڪيا، سي سڀ جا سڀ شاهڪار هئا؟ گهوڙو چوري ٿي ويو، وزيراعظم پئي آرڊر جاري ڪيا، تنهن لاءِ لينن چيو تہ "فلاڻي کي ٻڌي جيل ۾ وجهو، هن کي گهوڙو ڪونہ ٿو ملي!" لينن تہ اهڙا آرڊر پئي ڪيا نہ! لينن جون سڀ لکڻيون شاهڪار هيون ڇا؟ !Not at all تہ اها ڳالهہ Understood آهي تہ لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪيتري ئي Repetition آهي، ڪيتري ئي شاعري معمولي آهي، ڪيتري ئي شاعري رواجي آهي. لطيف جي شاعري رجعت پرست آهي تہ اهو سمجهڻ ڪپي تہ ڪهڙي شيءِ ۾ رجعت پرست آهي. ائين آهي. مون اڳ ئي عرض ڪيو تہ لطيف جو طريقہء ڪار، طريقہء واردات هي آهي تہ هو پهرين ننڍيون معمولي ڳالهيون ڪندو آهي، ٻين جهڙيون ڳالهيون ڪندو آهي، پوءِ ان کان مٿي ويندو آهي. مثال طور: لطيف جي رواجي ڳالهہ آهي تہ: (پليجو صاحب اٽڪل ٻن منٽن تائين ماڻ ٿي وڃي ٿو، يادداشت تي زور ڏيندي)

مرج وٽ ميهار، متان موٽين سهٽي!
ساهڙ جا سينگار، مڇ ڏمر ڏيکارئين!

تون جيڪي سهٽا ڪپڙا ميهار کي ڏيکارڻ لاءِ پائي وئي آهين سي ساڳيا ڪپڙا پائي هن ڏمر وٽ اچين، ائين نہ ڪجان. "مرج وٽ ميهار." ان جو وري رواجي ۾ نارمل جواب پاڻ ڏنو اٿس جيڪو هڪڙو آهي ۾ لطيف جو خاص اسپيشل جواب ايجا ٻيو آهي.

چونہ جي هيڪار، متان موٽين سهٽي،
دونهين پاسي دوست جي، گهاريان سڀ جمار،
ساهڙ جا سينگار، هوند نہ ڏمر ڏيکاريان.

سو جي ميهار ائين چوي، چوي بہ نہ! هو چوي ئي نٿو. هاڻي لطيف جي پنهنجي ڳالهہ آهي تہ:

وڃان ڪين وري، هوند ريءَ ڇئي رهي پوان،
دونهين پاسي دوست جي، ماڳهين پوان مري،
پرکنان وصال فراق جي، ٿي سجهي ڳالهہ ڳري،
تنهين لاءِ تري، ٿي موٽيو اچان ماڳ تي.

هُتي اهو آهي تہ مون کي چوي تہ آئون رهان ۾ هتي آهي تہ بنا چوڻ جي رهي

پوان. هاڻي اهي مختلف Levels of Thought آهن، Levels of Reaction آهن، تہ لطيف وٽ اهي Levels آهن سي سيني وٽ آهن. حافظ آهي، رومي آهي، توهان سڀ پڙهو، جيڪا بہ شاعري آهي، کڻي پڙهو، ان جي هميشہ One...Fifth آئون هميشہ لطيف جو هڪڙو بيت پڙهندو آهيان تہ:

سيوا ڪر سمنڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سوين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو ملئي مال، تہ پوڄارا پُر ٿئين.

"سوين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال." ماڻڪ معنيٰ جواهر، اهي آهن پٿر، هاڻي سير ۾ پٿر ڪيئن وهندا؟ هتي وهن پيا! ۽ موتي جيڪي تري ۾ هوندا آهن، سپن ۾ هوندا آهن، سي وهندا ڪيئن هوندا؟ اهي تہ سپن جي پيٽ ۾ هوندا آهن، سپيون ڳريون آهن، تمام ڳريون ٿيندیون آهن، سي پلا ڪيئن وهنديون؟ گهٽو پڙهڻ سان ماڻهوءَ جو ذائقو خراب ٿي ويندو آهي، پر توهان مير پڙهو، داغ پڙهو، سودا پڙهو، انگريزي، جپاني، چيني پڙهو، عربي پڙهو... عربي شاعريءَ ۾ پٽن جو مصيبت خانو آهي. "هتان وياسين، پوءِ منهنجي محبوبا جا وڻاڻ هئا، پوءِ اُنڙي آئي، پوءِ هيئن ٿيو." جيڪڏهن هڪ دفعو پڙهي ڇڏيو تہ توهان کي مزو ڏيندو، ٻيو دفعو مزو ڏيندو، ٽيون دفعو توهان چوندؤ هيءَ تہ Repetition آهي. فارسي شاعريءَ جهڙي Repetition توهان دنيا ۾ ڪٿي ڏٺي هوندي؟ ساڳيا موضوع، ساڳيون شيون، اصل چريو ڪري ڇڏين. حافظ جي شاعريءَ ۾ تمام رواجي شعر ملندا، ٻاراٽا شعر، پر ان ڪري حافظ جي عظمت ڪِري پوندي ڇا؟ توهان کي برغلائين ٿا، ان ڳالهہ تي توهين ڏيان نہ ڏيو تہ لطيف تي تنقيد ٿيڻ گهرجي. اها ڳالهہ Understood آهي. مسئلو اهو آهي تہ لطيف کي سمجهيو نہ ويو آهي.

سوال: اسين رڳو اهو ٿا چئون تہ لطيف تي تنقيد جهڙو اهم فريضو ترقي پسندن جي پيٽ ۾ جيڪڏهن رجعت پسندن شروع ڪيو تہ ترقي پسندن کي سياڻي اوبر ڪائڻي پوندي. لطيف کي سمجهڻ جي جيستائين ڳالهہ آهي تہ جيترو اوهين ان کي سمجهو ٿا، اوترو ٻيو ڪير سمجهي ٿو؟ تنهن ڪري بجاءِ اهو ممنوعي بيان ڏيڻ جي تہ لطيف تي نڪو ڳالهائي سگهجي، ڇو نہ هلڪي قلڪي تنقيد جي شروعات ڪئي وڃي؟

پليجو صاحب: پر ڳالهہ اها آهي تہ اهڙو ماڻهو پهرين لطيف جي Positive ڳالهہ تہ پوري ڪري. پهرين لطيف جي باري ۾ ڳالهہ تہ ٿي وڃي. هڪڙي سدا ملوڪ سهڻي، گلاب جهڙي ڇوڪري هجي، پهرين ان جي سونهن جي ڳالهہ ئي نہ ڪئي وڃي ۽ اهو چئجي تہ والي خراب هئي، قميص سڻي پاتل ڪانہ هئس. سو پهرين هوءَ ڳالهہ تہ ڪجي جيڪا Main ڳالهہ آهي. ڏسڻو اهو آهي تہ Main شيءِ ڇا آهي؟ لطيف ۾ خوبي آهي يا خامي آهي؟ اياز آهي تہ ان ۾ Main شيءِ ڇا آهي؟ اياز جيڪي هاڻي

دعائون شعائون پيو لکي، گند بلا پيو ڦڪي، پر ايياز جي جيڪا عظيم شاعري آهي، ان کي پاڻ ڪيئن نظرانداز ڪنداسين؟ پهرين ايياز جي سني شاعريءَ جو ذڪر ڪري پوءِ انهيءَ تي ايناسون. ته اهو ماڻهو پهرين لطيف جي چڱائين کان ته واقف هجي، جو هن جي تعريف ۽ تنقيد ڪري. اصل ڀالهه هيءَ آهي ته ماڻهن وٽ انهن ڀالهين لاءِ پنج منٽ به تائيم ڪونه آهي، ڪجهه ڪونهي، ماڻهو ڪٽي ٽا ائين ڪن؟ ماڻهو ٿوري عرصي ۾ De-generate ٿي ويا آهن. هيءَ عارضي Phenomena آهي. سامراج جي سازش، ضياءُ الحق جي سازش.... ضياءُ الحق جا جيڪي نقاد پيدا ٿيا، انهن جي سازش ۽ ماڻهن جي سهل پسندي اهي رنگ ڏيکاريا آهن. ماڻهو نندڙي، معمولي ڀالهه ۾ ڦاسي ويا، ٽڪي جي ڀالهه ۾ ڦاسي ويا. هي ته ڪم جو مسئلو آهي، قرباني‌ءَ جو مسئلو آهي، شوق جو مسئلو آهي، ترقيءَ جو مسئلو آهي. اهو آهي ئي ڪونه، اهو پيدا ڪريو.

سوال: لطيف جو هڪ بيت آهي ته:

"جنين ڏاند نه ٻج، تن پڻ تنهنجو آسرو،
پوءِ ايارين سج، اول ڏين انهن کي."

هن بيت ۾ رب جي ساراهه پنهنجي جاءِ تي، پر هاريءَ لاءِ ته ان ۾ اهو نياپو آهي ته هن کي نه ڏاندن جي ضرورت آهي ۽ نه ٻج جي، هو پلي ستو پيو هجي، ڪيس سڀ ڪجهه پاڻهي ملندو. رڳو اهو هڪ بيت ڪونهي پر لطيف جي شاعريءَ ۾ اهڙيون ڪافي گنجائشون موجود آهن جن تي ڀالهائي سگهجي ٿو.

پليجو صاحب: نٿو ڀالهائي سگهجي! نٿو ڀالهائي سگهجي! جنهن کي شعر جي خبر آهي سو انهن تي ڪونه ڀالهائيندو. اهو چوندو ته هي شين تي شاعراٽي Stress ٿو ڪري، Over Stress ٿو ڪري:

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت نانگ سڃڻ نيلا،
اتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪليون حيلا.

هاڻي جتي نيلا نانگ پيا گهمن، اتي هيڪليون وڃن ٿيون. ڇا نيلا نانگ رستن تي پيا آهن؟ توهان جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ اڃيان ڀالهه کي Literally (لفظي طرح) ونندؤ ته ان جو ته ساهه ڪڍي ڇڏيندؤ! شعر فهميءَ جي تقاضا اها آهي ته شاعر کي شاعراٽو Allowance ته ڏيندؤ. هرڪو سمجهي ٿو ته لطيف Over Exaggerate پيو ڪري، رڳو اثر وڌيڪ پيدا ڪرڻ لاءِ. توهان جيڪڏهن شاعراٽي وڌاءَ کي ڪڍي ڇڏيندؤ ته شاعري ڪٽان ايندي؟ "هوائون نه روڪيو!" (مظهر جو هڪ نظر) توهان جي اها ڀالهه کو جيڪڏهن Literally ونڻي ته پوءِ چوندو ته "ابا اتي هوا ڪٽي روڪيل هوندي؟ اتي ته گيٽ کليا پيا آهن، دريون به آهن، جيل جي سيخن مان هوا اچي ٿئي، هي درويش آهي، هن ڪڏهن جيل ڏٺو ئي ڪونهي سو چئي ٿو "هوائون نه روڪيو!" هوا ڪنهن روڪي آهي؟ توهان ڪڏهن جيل ۾ ڪنهن کي هوائون

روڪيندي ڏنو آهي؟" شاعريءَ کي ڪو جيڪڏهن Literally ونندو ته ٻيڙي ٻوڙي ڇڏيندو. جيڪڏهن لفظن کي ونجي ته قهر ٿي وجي. حافظ چيو آهي ته "هن خاڪي جهان ۾ ڪوبہ انسان آهي ئي ڪونہ، ڪو ٻيو جهان ناهيون ۽ ان ۾ انسان بہ آڻيون." هتي ته هڪ لک 24 هزار نبي بہ آيا آهن، اهي ڪهڙي حساب ۾ آهن؟ ڇا اهي ماڻهو آهن ئي ڪونہ؟ جيڪڏهن لفظي معنائون ونون ته پوءِ پينگ ٿي ويندي. فارسيءَ جو هڪ شعر آهي ته، "هن نيري آسمان هيٺ اهڙا بہ مرد پيا آهن جن وٽ فرشتا قيد ٿيا پيا آهن ۽ پيغمبر (نعوذبالله) انهن جا شڪار ٿيا پيا آهن ۽ جيڪي "يزدان گر" آهن يعني يزدان کي گلي مان جهليو بيٺا آهن." ان شاعريءَ جي پاڻ ڪهڙي معنيٰ ونندا سين؟

الله اوري ڇڏي، پاڻان پري ويا،
بنا نالي سپرين، ايا کي ٻيا،
واچيندي ويا، صادق ٻڌي سندرا.

جيڪڏهن شاعريءَ کي ان قسم جي ڇوٽ نہ هجي ته پوءِ پينگ ٿي ويندي.

سوال: لطيف هڪ بيت جو ڇيهہ ان ست تي اچي ڪري ٿو ته "انهيءَ ۾ آهي، ڪا اونهي ڳالهہ اسرار جي." ان جو مطلب ته اسرار جي ڪا اونهي ڳالهہ ڪيس سمجهہ ۾ ڪانهي آئي.

پليجو صاحب: سڄو شعر پڙهو.

سوال: ياد ڪونهي.

پليجو صاحب: لطيف پنهنجي دور جون سڀ روايتي ڳالهيون ڪري ٿو. هو وڏو شاعر هجي ئي ڪونہ ها جيڪڏهن پنهنجي دور جون روايتي ڳالهيون نہ ڪري ها. اهي سڀ ڳالهيون ڪري پوءِ چوي ٿو ته هيءَ آهي نارمل ڳالهہ. هاڻي منهنجي ڳالهہ ٻڌو. نارملي ته هيئن ٿيندو آهي پر آئون چوان ٿو ته هيئن ٿيڻ کپي. هڪڙي ليول جي ڳالهہ، ٻي ليول جي ڳالهہ، ٽئين ليول جي ڳالهہ. اوهين هن جا ڪيترائي شعر پڙهندؤ، بنهہ معمولي شعر آهن، وري پڙهندؤ ته ان کان بهتر آهن، وري پڙهندؤ ته قهر جا آهن. ڪجهہ ڏينهن اڳ مون لطيف جو هڪ شعر پڙهيو، آءُ ته تڙپي ويس. آئون برطانيا جي شهر سسيڪس ۾ سڄي رات ويٺو هئس، مينهن پئي پيو. مون جپاني شاعريءَ جي اينٿالاجي کولي، ان مان سنڌي ترجمو پئي ڪيو. منهنجو دوست باري حيران هو ته ڇا پيو ڪريان! اوندهہ ٿي وئي ته ڏيئو ٻاري آئون ڪم کي لڳو پيو هئس. پڇيائين، "ڇا پيو ڪرين؟" چيم، "جپاني شاعري سنڌيءَ ۾ ترجمو پيو ڪريان." چيائين، "چريو ته ڪونہ ٿي ويو آهين؟" مون چيو، "چرين کي ٻيا سڳ ٿيندا آهن ڇا؟" چي: "مينهن پيو اچي، زلزلو پيو اچي، جايون لڏن پيون." مون چيو، "مڙئي خير آهي، مون کي شاعري پڙهڻ ڏي." شاعري ڪا هئي ڇا! تنهن ڪري اهو مسئلو ڪونهي ته اسين انهن شين کان واقف ناهيون، We are fully aware of. رڳو لطيف، لطيف ڪونہ ٻيا ڪريون، پر اسان کي زماني جي خبر آهي. فردوسيءَ جا ڪيترا شعر توهين پڙهندا،

توهان کي نہ وٹندا. شاعرن جي سڄي شاعري هڪڙي ليول جي نہ ٿيندي آهي، انهن مان بنهہ ٿورڙيون شيون اي- ون هونديون آهن. اوهين پلي روءِ زمين جي شاعري پڙهو.

سوال: اوهين اياز جي استاد سان پيٽ تہ ڪريو ٿا پر اوهان لطيف جي پيٽ فريد، بلهي شاهہ ۽ سندس ٻين همعصر شاعرن سان ڪئي آهي؟

پليجو صاحب: اياز ڪيترين ئي شين ۾ منفرد آهي، ڪيترين ئي شيون آهن جيڪي استاد بخاري لکي ئي نٿو سگهي. اوهان لطيف جي ڳالهہ ڪئي تہ لطيف تي تنقيد ڪرڻ واري جيڪا ڳالهہ اوهين ڪريو ٿا، آئون ان جي Spirit سان متفق آهيان. لطيف کي جيڪڏهن غلط سمجهيو ويو تہ پوءِ پينگ ٿي ويندي. آئون چوندو آهيان تہ "ميڊا يار وي تون، دلدار وي تون، من موهن تون، منار وي تون." هن جو هڪڙو اهو ڪلام ڪٽو، لطيف جا 15 بيت ڪٽو، هن جو مقابلو آهي ئي ڪونہ! فريد جي ان ڪلام جو جواب ئي ڪونهي! محبوب کي جيڪو ان ڪلام ۾ خراج ڏنل آهي، سو ڳالهہ ئي ٻي آهي. پناڻو خان ڳائيندو آهي، ڳائڻ جو مسئلو ناهي، ان ڪلام جو مسئلو آهي. "ميڊا يار وي تون، ميڊا ڪٽيا وٽيا....." اهو جيڪو تصور آهي، ان تصور جو برصغير ۾ ڪوبہ مثال ڪونهي. توهان سنسڪرت، فارسي، هندي شاعري، سڀ پڙهو، ختم آهي بس ان هڪڙي شعر تي! يا هير جو مثال ونو، سينگار ڏسو:

لي ڪي سڻ سهيليان نال آئي،
هير رتڑي روپ گمان دي وچ.

رتڑي رتل آهي، پر ڇا ۾؟ روپ ۽ غرور ۾. "روپ گمان دي وچ." سهڻي بہ آهي ۽ پنهنجي سونهن تي غرور ۽ تڪبر بہ اٿس ۽ ان ۾ ڳاڙهي ٿي وئي آهي، لال ٿيو ٻيئي آهي. لطيف وٽ "سون ورنيون سوڍيون، رپي راندين ڪن." ۽ ٻي گهٽي شاعري آهي، پر هيءَ ڳالهہ ٻي آهي. ان شاعريءَ ۾ جيڪا Frankness (بي حجابي) آهي، اها شيءِ ئي ٻي آهي. ساڳيءَ ريت اياز ڪٽي ڪٽي بي مثال آهي، بي مثال آهي! پر عوامي شاعري، جيڪا هن جي (استاد بخاريءَ جي) آهي، سا اياز کان گهڻو مٿي آهي. اها وسيع بہ آهي، اها گهري بہ وڌيڪ آهي. اياز جي رينج ننڍي آهي. توهان ڪيٽس، بائرن، شيلي پڙهيو هوندو، پر هن شخص (استاد بخاريءَ) جي فڪر جي دنيا وسيع ترين آهي، وڌيڪ عوامي آهي، ٻوليءَ تي وڌيڪ ڪنٽرول اٿس، وڌيڪ گهرو آهي، استاد، لطيف کي وڌيڪ ويجهو آهي، هي (اياز) ڪونهي.

سوال: اوهان انهن شين کي وڌيڪ اهميت ڏيو ٿا جيڪي عوام کي ويجهيون هجن، سارتر جون لکڻيون پلي ڪٽي اوهان جي نقطہء نظر کان عوام کي ويجهيون نہ هجن ۽ اوهان پنهنجي ڪتاب "سندي ذات هنجن" ۾ هن تي چتي تنقيد ڪئي آهي، پر اها ڳالهہ بہ ظاهر آهي تہ سارتر کي جيترو اوهان انجواءِ ڪيو هوندو، اوترو ڪنهن ٻئي ڪونہ ڪيو هوندو. اياز لاءِ بہ اوهين چئو ٿا تہ هن جي رينج ننڍي آهي، تہ ڇا ائين سمجهجي تہ شاعر تہ هو وڏو آهي

پر هو اوهان واري "عوامي معيار" تي پورو نٿو لهي، تنهن ڪري اوهين ان کي اها اهميت نٿا ڏيو؟

پليجو صاحب: ايئن جون ڪيتريون ئي شيون بي مثال آهن، بلڪل بي مثال آهن، يعني اهي شيون فيض وٽ بہ ناهن. ٿوريون، سنيون ۾ هڪڙي محدود دائري اندر عاليشان ۾ پنهنجو مثال پاڻ! مثال طور: اوهان جو نظم آهي "هوائون نہ روڪيو!" ان جهڙي شيءِ جا ڪنهن ٻئي شاعر چئي آهي؟ استاد بخاري چئي آهي؟ اهو آئيڊيا ڪنهن کي آيو آهي؟ قيدي اندر وينا آهن، تن سان ملويا نہ ملو پر هوا جو آئيڊيا ونو. ٻين شاعرن جون بہ اهڙيون شيون آهن، مثال طور: زاهد هڪڙيون اهڙيون شيون چيون آهن جيڪي ڪنهن ٻئي چيون ئي ڪونهن، يا اسان جو اثر آهي. درويش شاعر، جنهن کي چيو اٿن تہ تون وڏو شاعر تہ ٿي ويو آهين پر تون چرين وانگر شعر چوندين تہ تون وڏو شاعر ٿي ويندين، حالانڪ هن جيڪا اڳي شاعري ڪئي آهي، ان جو مٽ ڪونهي. مثال طور:

پوري منڊ اڃاڻ، ڪڻ ڇڏيو تهہ ميڙئين؟
ور سين وجهيو پاڻ، ڪر سين ڪليو پائيين.

"پوري منڊ اڃاڻ، ڪڻ ڇڏيو تهہ ميڙئين؟" هاڻي هو حقيقي شاعري ڇڏي لن تراني پيو ڪري، جيڪا بلڪل Useless شاعري آهي. تہ آئون ان ڪري ڪونہ ٿو چوان تہ عوام جي ويجهو... اسان جو عوام بنيادي طرح ڳوٺن ۾ رهي ٿو. اسان جي مستند ٻولي شهرن ۾ ناهي، ٻهراڙين ۾ آهي. اسان جن ماڻهن جا Concerns (مسئلا) ٻهراڙين ۾ آهن. اسين جن کي سنڊي قوم جا Problems چئون، Concerns چئون، معيار چئون ۾ ٻولي ڳالهائڻ جي لياقت چئون، سي ٻهراڙين ۾ آهن. اسان جي ٻولي ٻهراڙين ۾ رهي ٿي، شهر وارن کي ٻولي ڳالهائڻ ايندي ئي ناهي. ٻيا ماڻهو اها ڳالهہ چوندي هيڪندا پر آئون جيئن تہ رسول بخش پليجو آهيان تنهن ڪري مون کي ان جي پرواهہ ناهي تہ مون ڪجهہ چئي وڏو تہ ماڻهو چا چوندا. آئون چوندو آهيان تہ هنن کي ٻولي اچي ئي نٿي. They do not know how to talk. بامحاوره ٻولي هتان جي قلعہ مولیٰ جي سند آهي. يو- پي جي ٻولي قلعہ مولیٰ جي سند آهي. اسان جي ٻولي جيڪا واندين ۾، واهڻ ۾ ڳالهائجي ٿي، اها سند آهي. هيءَ ٻولي جيڪا حيدرآباد، نوشهري فيروز ۾ سکر ۾ هلي ٿي، اها اسان جي سند ناهي. اها اسان جي سرڪاري ۾ State Language ناهي. تنهن ڪري اسان جي ماڻهن جي جذبن جي عڪاسي ايئن نٿو ڪري. ايئن اسان جي انهن جذبن جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪي اسان جا جذبا هڻڻ تہ ڪپن پر ايئن ڪونہ ٿيا آهن. مٿئين ۾ مڊل ڪلاس، Superficial ڪلاس جي Layer جا جيڪي جذبا هڻڻ ڪپن، اهي هي پيش ڪري ٿو. سنا، خوبصورت ۾ تز، پر اسان جي سياڻي جا، اسان جي مستقبل جا جذبا پيش ڪري ٿو. اسين جڏهن هي ڏاڪا چڙهي مٿئين ڏاڪي تي ويندا سين..... بورجوا پر خراب سينس ۾ نہ پر پروگريسو

سينس ۾ ٿا چئون. بورجوا جو هڪڙو پاسو پروگريسو آهي، ٻيو Reactionary آهي. هي (ايازَ) بورجوا سينس ۾ اڳتي وڌي ٿو. نيڪ آهي، پر اسان جو بورجوا ايجا ايترو اڳتي ناهي جو اسان جي قوم جا سڀ کان تيز، سڀ کان سڻا، سڀ کان اوچا خيال ان ۾ ادا ٿين. اسان جي بهترين خيالن جو ترجمان ايجا تائين بہ سنڌي بورجوا ناهي، ايجا تائين بہ هو پسمانده بورجوا آهي، رجعت پرستن سان گڏيل آهي، وڏيري جو ڳيجهو آهي، انهيءَ جي پڻيان هلندڙ آهي، ان جا خيال اهي ناهن جيڪي فرينچ بورجوا جا هئا يا جيڪي انگلش بورجوا جا خيال آهن. هي اسان جو ترجمان ايجا تائين ناهي. اسان جو ترجمان ايجا بہ اهو پيٽي بورجوا آهي، جيڪو انقلابي خيالن سان آراسته آهي، اهو اسان جي ترجماني ڪري ٿو. هو بورجوا ٿو ڪري:

اسين نندِ جا نيٺ آهيون پرين،
ستي ساهہ جاڳي وجي دور دور،
ستارا لتاڙي اسان جو شعور،
سوين چندِ ساڻي،
ڪتين جا سوين قافلا رهگذر ۾،
سفر ۾ سوين ڪائناتون،
نہ آغاز جن جو، نہ انجام جن جو،
زمان ۽ مڪان کان مسلسل نجاتون،
ازل کان ابد تائين سڪ جون براتون،
جڏهن موٽ کائون،
سوين راز آڻيون،
سوين ساز جي لئہ آواز آڻيون،
سوين چندِ چايون، ستارا تڳايون،
انهن سان اسين جڳ سڄو جڳمڳايون،
اسين جاڳ جا پاڳ آهيون پرين،
اسين نندِ جا نيٺ آهيون پرين. (شيخ ايازَ)

هاڻ اهو جيڪو تصور آهي، اسان جي هن دور جو ناهي. اسين انٽيليڪچوئل ۽ سياڻي جا خواب لهندڙ ماڻهن جا تصور پيش ڪريون، اهو Advanced Thought آهي. اهو ضرور هڪ ڪپي پر اسان جو جيڪو موجوده سماجي ڍانچو آهي، انهيءَ اندر هزارها اهڙا موضوع آهن جن کي ايازَ Touch نٿو ڪري. هن ۾ Social Capability ناهي. هو ان دور مان گذريو ڪونهي، تنهن ڪري جيڪي ڪم استاد ٿو ڪري، تن جو هن تي پاڇو ڪونہ پيو آهي. مون نظم ان ڪري پڙهيو تہ جيئن توهان کي خبر پوي تہ ايازَ ڪٽي ٻيئل آهي.

سوال: مشهور عورتن، پلين گاڏين، پلن شهرن، پلن شرابن جا ذڪر ايازَ

جي ڊائريءَ ۾ پريا پيا آهن ۽ هر شيءِ Perfect ڏيکاري اٿس، تہ ڇا اياز بورجوا طبقي جي اهڙي کٿاڻي کٽيو وينو آهي، جيڪا جان عالم جي کٿاڻيءَ وانگر هر پاسي کان Perfect آهي ۽ کٽان ٻہ کٽل کانهي؟

پليجو صاحب: بلڪل! هاڻي ڏسو:

هيءَ سئين نہ ڏيندءِ چين، اُٽي ڏس کوئي آيو آ پيارا،
هي شايد ساڳيو رمتو آ، اڳ جيئن اچايو آ پيارا.
جنهن وقت اسان جي تند تپي ۽ ساز ٽپي آواز جهپي،
تنهن وقت پلي کو کنڊ کپي، جو آيو ڳايو آ پيارا.
کنهن کاريءَ ڇڳ تي رات ڪٽي، کنهن ڳاڙهي ڳل تي باک ڦٽي،
ائين وقت ڪٽيو، ائين عمر لٽي، سڀ سانگ سجايو آ پيارا.

ائين وغيره وغيره... مطلب آهي تہ انهن سيني شين جي بيهڪ کي سمجهندي، جن ۾ تمام زبردست شاعري آهي، پر هن (استاد) جي رينج وڌيڪ آهي، هن جو ڪٽي مٿي گهرائيءَ ۾ ويڙ... هو هينئين ۾ ڇڪ ٿو هڻي. هي فرسٽ ڪلاس، عاليشان ڊرائنگ روم ۾ وينل، سٺن ماڻهن سان ڪچهرين واريون ڳالهيون آهن، پر هو (استاد) جيڪي هينئين ۾ ڇڪ ٿو هڻي، تنهن سان جيڪي درد جون دانهون اٿن ٿيون، جيڪي ڪيفيتون پيدا ٿين ٿيون، سا ڳالهہ ئي ٻي آهي.

"ٻانهن وجهي وات، آئون نہ جيئندي ان ريءِ."

اهڙيون ڪيفيتون جو ماڻهو ٻانهون وات ۾ وجهي، دانهن ڪري نڪري اچي. ان جي ترجماني ڪرڻ جي ايازَ وٽ پهچ ناهي. هن وٽ سماجي طرح اهي احساس آهن ئي ڪونہ. هي ان دور مان ڪونہ گذريو آهي تنهن ڪري هن (ايازَ) جي شاعري بلڪل نيڪ، سٺي ۽ باعزت نموني جي شاعري آهي، سٺي آهي، گهري آهي، عوام جي آهي، سٺا لفظ آهن، سٺيون ٻوليون آهن، اسان کي هن جي ضرورت آهي، اعليٰ درجي جي شاعري آهي، فخر ڪرڻ جوڳي شاعري آهي، اسين سڀ ان جا ترجمان آهيون، اهو سڀ آهي ۽ هن سان کنهن ٻہ ٻئي شاعر جو مقابلو ئي ڪونهي، پر پنهنجي جاءِ تي هوءَ شيءِ (استاد جي شاعري) وڌيڪ گهري، وڌيڪ جاندار، وڌيڪ طاقتور ۽ وڌيڪ سمجهہ واري، وڌيڪ عوامي شعور، انقلابي شعور، تبديليءَ جي ضرورت ڏيکاريندڙ آهي. جيڪو استيٽسڪو آهي تنهن کي هو (استاد) وڌيڪ سمجهي ٿو، هي (ايازَ) ڪونہ ٿو سمجهي. سنڌ ۾ آهي ڇا؟ ان کي تبديل ڪيئن ڪجي؟ ان "آهي ڇا؟" جي خبر ٻہ هن (استاد) کي آهي. هن (ايازَ) وٽ سڄو تصور ۽ تخيل آهي، هن (استاد) وٽ ان جي جاڙ آهي. هو جاڻي ٿو جو ان دور مان لنگهي ٿو. هي رڳو تصور ٿو ڪري تہ هيئن ٿيندو. هي وڪيل ڪورٽ ۾ وينو آهي، پري کان منظر پيو ڏسي، ڪڏهن ڪڏهن نڪري وڃي ٿو، سمنڊ جي ڪناري تي مايون وينيون آهن، پلو جهلين پيون. هي (ايازَ) تصور جي پيداوار آهي، هن جو شاعر اٿو ڪمال... هن (استاد)

سان جيڪو وهيو واپريو آهي، هو ان کي ڏسي ٿو، هو ان جو پاڻ ڪردار بہ آهي، ڪردارن جو موضوع بہ پاڻ آهي ۽ ڪردارن جي معروضي حالت بہ پاڻ آهي. سڀ مٿس وهيو واپريو آهي. سنڌ جا جيڪي بيوَس انسان آهن، ايائ انهن مان هڪ ڪونهي، هو (استاد) انهن مان هڪ آهي. پرائمري ماستر، ٽڪي پئسي جو ماستر، ان جون مجبوريون، ان جا رنگ، ان جي محبتن جا جيڪي انداز آهن، ايائ جي محبت ۾ اهو انداز ئي ڪونهي. ايائ کي هن (استاد) جي حساب سان محبت جي خبر ئي ڪانهي. چئي ٿو:

"جيئن عمر وڌي ٿي، تيئن تنهنجا تجلا وڌن ٿا."

هي تصور اسان وٽ روايتي شاعريءَ ۾ ڪٿي هوندا آهن؟ هي تہ گهرائيءَ ۾ وڃي شين کي سمجهي ٿو. استاد تي ڪم نہ ڪيو ويو آهي.

ہزاروں خواہشیں ایسی کہ ہر خواہش پہ دم نکلے،
بہت نکلے میرے ارمان لیکن پھر بھی کم نکلے۔

منهنجي وڏي خواهش آهي تہ استاد تي آئون لکان، ماڻهن کي استاد سمجهايان، استاد تي ليڪچر ڏيان. هتي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ادبي حصو ڪونهي، لطيف چيئر بہ ڪانهي. لطيف چيئر ۾ الائي ڪير وينا آهن! استاد چيئر هئڻ کپي.

سوال: جيئن وليم ورڊس ورٿ ۽ ايس- ٽي ڪالرج جو ذڪر ڪنهن حوالي سان هميشہ گڏ ٿيندو آهي، توهان جو چا خيال آهي تہ اوهين مستقبل ۾ جيڪو ڪتاب لکندؤ يا ليڪچر ڏيندؤ تہ ان ۾ ايائ ۽ استاد جو ذڪر ائين ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان گڏ هوندو؟

پليجو صاحب: نہ نہ، ايائ پنهنجي سر آهي. هڪڙئي سان پيٽڻ سان ٻنهي تي تنقيد جا پهلو نڪري ايندا، سو ائين ناهي. ايائ پنهنجي سر مڪمل آهي، پوءِ جيڪو گند ڪيو اٿس، سو گند آهي. منهنجو چوڻ آهي تہ ايائ کي شاعري تہ نهيو، سنڌي ٻولي لکڻ نٿي اچي. هن کي پٽ لڳي وئي آهي. هاڻي هن کي پنهنجي ٻولي لکڻ نٿي اچي. توهان ڪڍهن هن جي ٻولي پڙهي آهي تہ لکي چا ٿو؟ هن کي گرامر نٿي اچي. "شبد ڪوش ۾ لفظ نہ آهن." .... ۽ الائي چا! جيئن ماڻهوءَ کي پٽ پاراتو ملي وڃي، تيئن هن کي ڪنهن پٽ ڏني آهي ۽ هو پنهنجي ٻولي، مادري ٻوليءَ جا پنج اکر نٿو لکي سگهي. تنهن ڪري گڏ ڪونهي ڪو. ممڪن آهي تہ ٻيا شاعر استاد کان تمام اڳتي نڪري وڃن. اسان ڪن شين کي ديوتا ڪري ڪونہ ٿا ميجون، پر پاڻ رڳو اهو چئون ٿا تہ استاد بحر بي پايان آهي، ان کي سمجهو. ان ڪري مون چيو آهي تہ لطيف کان پوءِ وڏو شاعر استاد بخاري آهي. سچل پنهنجي حساب سان تمام وڏو آهي، پر جيڪا اپروچ جي وسعت آهي... هر ڪنهن وٽ پنهنجو شعبو آهي، ان ۾ هو (سچل) بي مثال آهي. هو بلهي شاهہ کان پوءِ وري ٻيون پوائنٽون ۽

جهتون ڳولي ٿو، پر جنهن کي اسين شاعري چئون، وسيع تر معنيٰ ۾، جنهن کي شاعري چئون، اهو لطيف کان پوءِ شاعر هي (استاد) پيدا ٿيو آهي. جيئن مثال طور: خليفو نبي بخش لغاري آهي، جنهن "کرڙي کائي رت" لکيو، بي مثال شاعر آهي، حمل بي مثال آهي، ٻيا به بي مثال آهن پر Totality ۾ هن دور کي جيئن Depict هي (استاد) ٿو ڪري، تنهن جا گهٽا رنگ آهن، عام ماڻهو سمجهندو ئي ڪونه، ان تي ورڪ ٿيو ئي ڪونهي، ڪنهن ٻڌايو ئي ڪونهي. مون کي ٽائيم مليو ته آئون چاهيان ٿو ته هن (استاد) تي لکان به، ڳالهايان به، پڙهايان به، سيڪاريان به. شاهه لطيف چيئر هجي، ڪا هيءَ (استاد بخاريءَ جي) چيئر هجي، ايياز تي ڪم ڪٽي ٿيو آهي؟ ايياز تي به ائين مڙئي ڏکي استارٽ ڪم ٿيو آهي. پاڻ وٽ ڪم ٿئي ڪٽي ٿو؟ پاڻ وٽ ڪم ٿئي ئي ڪونه ٿو. ايياز بي مثال آهي. اسين منيلا ۾ هئاسين، چيائون، "اڄ ڪلچرل نائيٽ آهي، سو توهان سيني ماڻهن کي جيئن چئبو، تيئن ڪندؤ." ڪنهن کي چيائون، تون هڪ ٽنگ تي نچ! ڪنهن کي چيائون، ڊانس ڪر! مون ڊانس سکي ڪانهي، مون کي ڊانس اچي ئي ڪانه! آئون ڊانس ڪرڻ جي حق ۾ آهيان، پر اچي به نه! سو سڀ مون کي ڦري آيا ته تون ڊانس ڪر! مون چيو ته آئون ڊانس ڪونه ٿو ڪري سگهان. چيائون ته تون مڙئي پيو ٽپا ڏي! مون چيو ته آئون اهڙا ٽپا ڪونه ڏئي سگهندس، آئون سنڌي آهيان، صفا چريو ماڻهو! خير، گهٽي ٽي، پوءِ مون ڏٺو ته بدمزگي ٿيندي، ڳالهه خراب ٿيندي، هتي پوڙهيون به نچن پيون ۽ جن جا آواز ڪرخت آهن، سي به پيا ڳائين، پاڻ حصو نه ورتو ته سڄي ڳالهه خراب ٿيندي ۽ آئون هتي ليڊر ٿيو پيو هلان ۽ وري حڪم ۽ ڊسيپلين جي خلاف ورزي ڪريان، اهو خراب ٿيندو. آئون هميشه نيون ڳالهيون ڪندو آهيان، تنهن ڪري آئون ويس پنهنجي ڪمري ۾ ۽ مون وڃي ايياز جي ڪلام "هڙڪ هلو، ڊيما هلو" جو ترجمو انگلش ۾ ڪيو. آئون سمجهان ٿو ته مون کي ڪلاڪ- به لڳا هوندا، ڪلچرل نائيٽ هلي پئي... پوءِ اهو مون وري هتي اچي لاهور ۾ ڇپرايو به هو. جڏهن اهو گيت هليو ته سائين سڪتو ڇائنجي ويو. ڪانفرنس ۾ 500 کن Delegates هئا، اٽڪل ٽيهن ملڪن جا ماڻهو هئا، نيوزيلينڊ، جپان، سائوٿ ڪوريا، انڊيا، رشيا، ترجمي ۾ "هڙڪ هلو" واري وراٽي هئي: !March on هڙڪ هلو هو، ڊيما هلو هو....

Slowly, if necessary,

Quickly, if possible,

March on! March on!

هڪڙو ماڻهو اٿيو، ان ليفٽ رائيٽ ڪيو، پوءِ ته سائين سڀ جا سڀ ماڻهو اٿيا ۽ انهن مارچ ڪرڻ شروع ڪيو، سڄي هال مارچ ڪرڻ شروع ڪيو. مون جڏهن چيو ٽي: "!March on" ته مون ڏٺو ٽي ته ماڻهو ڊسيپلين سان بلڪل وجد جهڙي ڪيفيت ۾ ليفٽ رائيٽ ڪندا پئي ويا. سو ايياز بي مثال شيءِ آهي. هاڻي ته هو گند بلا پيو

ڪري. هاڻي تہ He is not only dead but پر هاڻي هن مان تہ ... ٿي اچي، پر اُهو اياز جيڪو هو، سو ڪوبہ نہ ٿيندو. اهو پنهنجي جاءِ تي آهي، هُو ڏار شيءِ آهي، هيءَ ڏار شيءِ آهي، انهن کي ڀيٽبو ڪونہ. اوهان رومي ۽ حافظ کي ڪيئن ڀيٽيندؤ؟ هِن جي فيلڊ ئي ٻي آهي، هُن جي فيلڊ ئي ٻي. هڪڙو ورلڊ اولمپڪ چئمپين پيچري ڪٽي ٿو، ٻيو ڊوڙ پائي ٿو. هاڻي پيچري ڪٽڻ واري کي ڊوڙ واري سان ڪيئن ڀيٽبو؟ هڪڙو تري ٿو، ٻيو هاءِ جمپ ڪري ٿو. ٻنهي کي ڪيئن ڀيٽيندؤ؟ ٻنهي جي فيلڊ پنهنجي آهي.

مون پنهنجين لکٹين کي تبديلي آڻڻ لاءِ هڪ هٿيار طور استعمال ڪيو آهي-پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي بوگس ۽ ڪانگريس جي پيدا ڪيل هئي، جيڪا ڊرائنگ روم کان ٻاهر نه نڪتي.

انٽرويو: غلام مصطفيٰ سولنگي ۽ علي سنديلو/ماهوار پرهه آگسٽ 2010ع

[رسول بخش پليجي صاحب ياران انٽرويوءَ جو ٽائيم صبح جو يارهين وڳي رکيو ويو هو. اسان پندرنهن منٽ کن اڳ سندس حيدرآباد واري جاءِ تي پهتاسين. هڪ سادي سودي هال ۾ ويهاريو ويو. جتي ورهيه پراڻو فرنيچر ۽ ڪجهه ٻيون شيون ٻڌائي رهيون هيون ته هتي مالي لحاظ کان ڪو وڏو ماڻهو ناهي رهندو پر سياسي، انساني ۽ علمي حوالي سان اهو شخص رهائش پذير آهي، جنهن جي برابر هن وقت پاڪستان ۾ ٻيو ڪو ماڻهو ڪونهي. گهڙيال يارنهن وڄايا، سادا ۽ سفيد ڪپڑا ۽ پيرن ۾ رٻڙ جي پراڻي چپل پايو، رسول بخش پليجو صاحب مسڪرائيندو هال ۾ داخل ٿيو. تمام گهٽي پيار ۽ پاڻهه سان مليو. پنهنجي مصروفيتن Schedule باوجود پليجي صاحب شام جو سادي چئين بجي تائين اسان سان ڪچهري ڪئي. ڪچهريءَ دوران ماني به کاڌي ويئي ۽ ٿر کان آيل هڪ نوجوان دوست شيخ ايار ۽ استاد بخاريءَ جا گيت به جهونگاري ٻڌايا. ڪچهري ڪري موڪلايوسين. تيز گرميءَ ۽ اُس جي باوجود پليجو صاحب اسان کي دروازي تائين ڇڏڻ آيو ۽ تيستائين هٿ لوڏيندو رهيو، جيستائين اسان جي گاڏي سندس نظرن کان اوجهل نه ٿي ويئي. اسان "پرهه" جي پڙهندڙن لاءِ پليجي صاحب سان ڪيل ڪچهري هن پرچي ۾ شايع ڪري بيحد خوشي پيا محسوس ڪريون. اوهان به هيءَ ڪچهري پڙهو، هن ۾ ڪافي اهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي اوهان جي ذهنن کي به لوڏي ڇڏيندیون.]

پرهه: سائين! ڪچهريءَ جي شروعات هڪ روايتي سوال کان ڪنداسين. سياسي حوالي سان، ادبي حوالي سان ۽ علمي حوالي سان اوهان جي جيڪا حيثيت آهي، سا ڪنهن Legend **کان گهٽ ناهي. اوهان جون خدمتون ۽ قومي** Cause **لاءِ** Contribution **هڪ مڃيل حقيقت آهي، پر اسان جا جيڪي عام پڙهندڙ دوست آهن، تن جي معلومات لاءِ اسان اوهان کان ان ماحول ۽ ان ڪلچر بابت ڄاڻڻ چاهيندا سين، جنهن مان اوهان جهڙو هڪ قدآور ۽ تاريخ تي گهرا اثر ڇڏيندڙ شخص ايري آيو. اوهان مهرباني ڪري اهي سڀ** Memories **اسان سان**

Share **ڪريو، جيڪي اسان جي ڄاڻ ۾ واڌارو ڪري سگھن.**

رسول بخش پليجو: منھنجون Memories ايتريون آھن جو ھوند ڪتاب لکجن. تمام گھڻيون يادگيريون آھن. ڪافي دوستن جو ضد آھي تہ مان اھي يادگيريون لکي ونان ۾ انھن کي ڪتابي شڪل ڏيان. مان پاڻ بہ چاھيان ٿو تہ اھي يادگيريون ضرور لکان. جنگشاھي اسٽيشن جي ڏکڻ ۾ ھاليجي ڍنڍ آھي. ان اسٽيشن ۾ ڍنڍ جي وچ تي اسان رھندا آھيون. اسان جو سمات جو ھڪ قبيلو آھي "پليجا." ڄام انڙ جو سؤٽ ڄام ھالو ھو، ڄام ھالي جو پٽ ھو پلي. ان مان ٽياسين اسان پليجا. سماٽن ۾ جيڪي عادتون ۾ جيڪو مزاج آھي، سو اسان ۾ بہ آھي. اسان جي ننڍي ھوندي ھوليءَ جي ڏينھن تي ڳئون ۾ ٻين ڍورن کي يا انھن جي سڱن کي ڳاڙھو رنگ ھنيو ويندو ھو. محرم وارن ڏينھن ۾ حشر بہ ٻڌبو ھو. پير پرستي بہ گھڻي ھئي. اسان جا ابائي پير آھن، جيڪي ھن وقت بہ موجود آھن. اسان جا بہ- چار ھمراھہ وري مدرسن ۾ پڙھي آيا. انھن کي اڇکلھہ وھابي سڏجي ٿو. اسان جي ڳوٺ ۾ ھڪڙو وڏو واقعو ٿيو، جو منھنجي ڏاڏي سنڌي پڙھائڻ شروع ڪئي. انھن ڏينھن ۾ عربيءَ کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ پڙھڻ حرام ھوندي ھئي. اھو خلافت تحريڪ وارو زمانو ھو. گانڌي صاحب جي مھرباني ھئي جو عالمن سڳورن سان گڏجي ترڪيءَ کي ترقي پئي ڏياريائين. خلافت تحريڪ جي نتيجي ۾ اھو ڇيو ويو تہ سڀ عربي ٻولي پڙھو ۽ ٻيو ڪجھہ بہ نہ پڙھو. ھڪ ترڪِ موالات واري تحريڪ بہ ھئي، جنھن جو مطلب ھو تہ انگريزن سان ڪوبہ تعلق نہ رکو، انگريزي نہ پڙھو، سنڌي نہ پڙھو ۽ ٻيو ڪوبہ علم نہ پڙھو. ان دؤر ۾ ھڪ مڪتب کوليو ويو، جنھن ۾ عربيءَ سان گڏ ڏاڏي سنڌي بہ پڙھائڻ شروع ڪئي. اھا شروعات اسان جي ڳوٺ کان ٿي ھئي. ھڪڙو ڏراڙ ھو، جيڪو بہ درجا پڙھيل ھو، ان کي منھنجو ڏاڏو ونڻي آيو. اھو وڏو واقعو ھو، جو مڪتب ۾ لکي لکي سنڌي پڙھبي ھئي. ان کي جوڙ ۾ ڪٽ بہ ايندا ھئا. جڏھن وري ضرب ۽ ونڊ جو مسئلو ٿيو تہ ھو حيدرآباد ھليو آيو. بہ سال اتي ضرب ۽ ونڊ سکيو، پوءِ وري اچي مڪتب ۾ پڙھايائين. سکر بئراج انگريزن ٺاھي، جنھن جي ڪري سنڌ جي ھيناھين علائقي ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ پيدا ٿي ۽ ٻنيون ويران ٿي ويون. ھاليجي ڍنڍ واريون زمينون اسان پليجن جون ھيون. ننڍا ننڍا ٽڪر ھئا، پنج- اٺ ايڪڙ يا وڌ ۾ وڌ ڏھہ ايڪڙ ھوندا ھئا. گذر سفر گھڻو ڪري مال ڍڳي تي ھوندو ھو. مينھون نہ پر عام ڪري ڳئون پاليون ويندیون ھيون. مينھن کي تہ پاڻي گھڻو ڪپي ۽ پاڻي اچي ڪٺان؟ تنھن ڪري ڳئون ڏاريون ويندیون ھيون يا وري ڪنھن وٽ ھڪ اڌ مينھن بہ ھوندي ھئي. زراعت جو دارومدار برساتي نالن تي ھو. جيڪڏھن پنجين- انين سال ڪا نئن وھي ايندي ھئي تہ ماڻھو جشن ملھائيندا ھئا ۽ ھڪبئي کي پيا مبارڪون ڏيندا ھئا.

ميرن جي وئي کان پوءِ انگريز آيا ۽ تبديليءَ جو ھڪ نئون سلسلو شروع ٿيو. 1860ع ۾ جنگشاھي واري ريلوي اسٽيشن قائم ڪئي ويئي ۽ اھڙيءَ طرح اتي ڪجھہ

ماڻهو پرتي ٽيا. اسان جي پاسي ۾ جوکيا رهندا آهن. جوکيا ملير جي جامن جو هڪ وڏو قبيلو آهي. اهي ۽ اسان پليجا پاڙ ۾ گهڻو ڪونہ ڏهندا هئاسين. اسان وٽ گذر سفر جو ڪو وسيلو ئي ڪونہ هو. ڳئن جو ڪير ڏهي وڪڻندا هئاسين. گاهہ پڻو بہ تمام گهٽ هو، ڇو جو مينهن تہ پوندو ئي ڪونہ هو. تنهن ڪري بازار مان ڪڙ ونڻي ڳئن کي کارائيندا هئاسين. اهو جڙ تہ ڳئن جو چارو هو. ڪير گهٽ وڪڻبو هو، هونئن بہ اسان وٽ سڄي سنڌ ۾ لسي وڪڻڻ جو ڪو رواج ئي ڪونهي، رڳو مکڻ وڪڻڻ جي گنجائش آهي. لسي مفت ڏبي هئي. ڪنهن کي ڪير جي ضرورت هوندي هئي تہ اهو بہ مفت وندي ڇڏبو هو، پر اسان جا ماڻهو جنگشاهيءَ جي بازار ۾ ڪير ۽ لسي وڪڻندا هئا. اهي ڇا ڪندا هئا جو ڪير ۾ بہ پاڻي وجهي مڙئي بہ- چار ڏوڪڙ ڪمايو گذارو ڪندا هئا.

مون ڳالهہ پئي ڪئي جنگشاهي ريلوي استيشن جي، جڏهن اها نهي تہ ان ۾ ڪجهہ ماڻهو وڃي قليءَ طور پرتي ٽيا. اڳتي هلي هڪ ماڻهو وري هيڊ قلي ٽيو، اها وڏي ڳالهہ هئي. هو جڏهن هڏائيندو هو تہ مان هيڊ قلي آهيان تہ ماڻهو وات پٽيو پيا ڪيس ڏسندا هئا. اسان وٽ وڏي ۾ وڏو اعزاز اهو هوندو هو تہ اسان ڪم بنهہ ڪونہ ڪندا آهيون، سو هو هڏائيندو هو تہ جڏهن استيشن ماسٽر صاحب هليو ويندو هو تہ پوءِ هو لت ڏيئي سمهي پوندو هو، يعني ستل ماڻهوءَ کي وڏي اعزاز وارو ۽ معتبر سمجهيو ويندو هو، معنيٰ تہ جيڪو ڪم نہ ڪري سو اعزاز وارو آهي. ڪنهن کان پڇبو هو تہ، "اوهان جو وڏو ڇوڪرو ڇا ڪري؟" تہ جواب ملندو هو تہ، "اسان وڏي کان ڪم ڪار ٽوروئي ڪرائيندا آهيون." يعني ماڻهو ڪم نہ ڪري تہ اهو ٽيو معتبر ۽ مهانڊو! اهوئي ڪلچر اسان وٽ هو. ٻاهران سگهابندي کانہ ڪبي هئي. ڇوڪري پاڙي کان بہ ٻاهر کانہ ڏبي هئي. اسان جي مٽان اهو بہ هڪڙو عذاب هو. پاڙي کان ٻاهر سگهابندي ڪرڻ کي وڏو عيب سمجهيو ويندو هو. اسان جي امان ٽورو پريرو رهندي هئي، يعني منهنجي ناناڻن جو گهر اسان جي گهر کان بہ- ٽي گهر پري هو، سو جڏهن ڪاوڙبي هئي تہ چوندي هئي تہ، "ابا! مان تہ ڏاري ڏيءَ آهيان، مان تہ اوهان ڏارين ۾ آئي آهيان. اوهان منهنجو ڪو قدر نٿا ڪريو!" امان مرندي مري ويئي پر ان کان اها ڏاريائپ واري ڳالهہ ڪونہ وسري سگهي. هوءَ اسان کي هميشہ ڏاريو سمجهندي هئي. اسان کي بہ ڏاڏاڻن طرفان اهو سبق ملندو هو تہ اهي جيڪي توهان جا ناناڻا آهن سي ذليل ماڻهو آهن ۽ ظالم آهن، پاڙ مڙس ماڻهو آهيون، اهي پاڙيا ۽ گيدي آهن. انهن ۾ زالن جو ڪوبہ احترام ڪونہ هوندو هو. اسان عورتن کي سدائين مارڪٽ ۽ ڏنڊا پيا هڻندا هئاسين. جيڪڏهن زال کي مڙس مار نٿو ڏئي سگهي تہ پوءِ چاچا وينا آهن، ساهرا وينا آهن ۽ ڏير وينا آهن. اها سوچ هوندي هئي تہ جيڪڏهن مرد زال کي ڏينهن ۾ بہ- چار دفعا نٿو ماري تہ معنيٰ هو پاڙيو ۽ بيغيرت آهي. مردن کي بہ اهو اختيار هوندو هو تہ اهي پرائي مائيءَ کي مارين تہ پلي مارين، بہ- ٽي ڏنڊا وهائي

ڪين ته بہ خير آ. چڱائي منائيءَ تان ڪنهن کي مار ڏيئي ڇڏڻ سيني جو فرض هوندو هو. ٻارن کي بہ گهٽ وڌائيءَ تان ڪُٽي ناڻ ڪبو هو. مال ۽ ڍڳي کي بہ مارون ملنديون هيون. ان مار تي ڪوبہ Mind نہ ڪندو هو. مان اهي سڀ ڳالهيون ان ڪري ٿو ڪريان جو منهنجي سڄي زندگيءَ تي انهن جو اثر پئي رهيو آهي. مان اهڙي ڪلچر مان نڪري ايندڙ سنڈ جو هڪ خاص ماڻهو آهيان، ان ڪري اهي ڳالهيون اوهان سان Share ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان.

اسان وٽ هڪ ٻيو ڪلچر بہ هو ته اسان جي ڳوٺ ۾ جيڪڏهن وڏيرو مري ويندو هو ۽ ڪيس پٽ جو اولاد نہ هوندو هو ته ان جي ڏيءَ کي وڏيري ڪبو هو. وڏيري کي ارباب چوندا هئا ۽ ان جي ڏيءَ کي اربابياڻي سڏبو هو. اها اربابياڻي Dummy نہ پر باقاعدي اربابياڻي هوندي هئي. منهنجو ڏاڏو وڏي فخر سان ٻڌائيندو هو ته سندس ڏاڏو، يعني اسان جو تڙ ڏاڏو ان اربابياڻيءَ جو صلاحڪار هوندو هو. ان جا مشهور فيصلا آهن. اها سخت قدم بہ ڪٽندي هئي. هڪڙو ماڻهو ڪوڙ ڪندو هو، يعني اٽڪلون ڪري ماڻهن کي بيوقوف بڻائيندو هو. جتيءَ ۾ هڪڙو روپيو وجهي ڇڏيندو هو ۽ ماڻهن کي چوندو هو ته مان روپين واري ڪوڻيءَ ۾ ويو هوس ۽ پير ۾ روپيا پئجي ويا. ڏٽا سٽا هٽي پيو هلندو هو. هڪڙي پيري ڪجهہ ماڻهن چيو ته هي ته حرامپائي ڪيو وينو آهي ۽ چوي ٿو ته مان هڙو آهيان، اچو ته ڏسون ته اهو آهي ڪهڙو؟ سڀ صلاح ڪري ويا ان ڪوڙي جي ڳوٺ. همراهہ پريشان ٿي ويو ۽ روئندو آيو اربابياڻيءَ وٽ. ڪيس ٻڌايائين ته مون ته سڄي عمر ڪوڙ ڪيا آهن، هاڻي ته اهي سڀ حرامي اچي ڪنا ٽيا آهن، مان ته صفا تباهہ ٿي ويس. اربابياڻيءَ ڪيس دڙڪا داٻا ڏنا. ان ڪوڙي جو نالو هيو "گيدن." اربابياڻيءَ سيني ماڻهن کي پاڻ وٽ گهرايو. چا ڪيائين جو ڳوٺ جي سڀڻين کان سهڻين ماين کي گيدن جي گهر ۾ موڪليائين. ڪنهن ماني ٿي پچائي ته ڪنهن صفائي ٿي ڪئي. ڪنهن کير ٿي ڏڏو ته ڪنهن وري ڪپڙا ٿي ڌوتا، يعني اهي هيون گيدن جون زالون، حالانڪہ هن کي ته زال هئي ئي ڪانہ. مال بہ چڱو ڪاهي اچي ان جي در تي ٻڌائون. چيائون ته هي سڀ گيدن جو مال آهي. پوءِ گيدن کي گهر موڪليائين ۽ اربابياڻي ماين کي چيو ته هي جيئن ئي گهر پهچي ته مار ڏيوس. گيدن جو هڏ گڏ هڪ ڪري ڇڏيائون. پوءِ گيدن کي ڳوٺ نيڪالي ڏني ويئي. اسان وٽ اهو ماحول ۽ اهي روايتون هيون. اسان وٽ عورتون مار بہ ڪائيندڙيون ويندڙيون هيون ۽ پِٽَ پاراتا بہ ڏيندڙيون ويندڙيون هيون. عورت مڙس کان مار ڪائيندي هئي ته بہ ساڻس بحث ڪندي ويندي هئي. زال ڪيس چوندي هئي ته تون غلط آهين. هوءَ چئلينج ڪري ڇاڻندي هئي، ڪڪڙ ٿي ڪونہ ويهندي هئي. اهڙي ماحول ۾ جڏهن مولوي آيا ته انهن چيو ته اهو سڀ ڪجهہ غلط آهي. اهو بہ چيائون ته پير فقير بہ غلط آهن، راند بہ غلط آهي، راندڙيون ڪرڻ شريعت ۾ جائز ناهي. مرد بہ مٿو ڍڪين. اسان جي ڳوٺ ۾ راندڙيون بند ٿي ويون. تاش بہ بند ٿي ويئي. مولوي کٽي ويا.

ٻيو گابا چاربا هئا. گابا چارڻ وڃي عياشي هوندي هئي. ملان ته مڪتب ۾ ٻڌيو وينو هوندو هو. گابا چارڻ معنيٰ ملان کان آزادي. منهنجي ڏاڏي مون کي چيو ته پڙهه. مون کتو جواب ڏنومانس ته مان ڪونه پڙهندس. مان سندس دادلو هوندو هئس، چوندو هُيومانس ته مون کي پڙهڻ هرگز نڻو وڻي. بابا تپيدار هو ۽ پوءِ ڏاڏو چوندو هو ته توکي به پڙهين وانگر نوڪري ملندي. مان چوندو هيس ته نوڪري ملندي ته ڇا ٿيندو؟ چوندو هو ته پڙهين کي جيڪي گدرا ۽ سوکڙيون پاکڙيون ملنديون آهن سي توکي به ملنديون. پڇيومانس ته نوڪري ڪڏهن ملندي؟ چوندو هو ته جلدي ملندي. پوءِ نوڪريءَ جي لالچ ۾ اچي ڪجهه عرصو مڪتب ويس ۽ نيٺ پوءِ ڇڏي آيس. ڏاڏي کي اچي ٻڌايم ته نوڪري ته ڪونه ٿي ملي باقي ڇو پڙهان. پوءِ منهنجي ڏاڏي مون کي گهوڙي تي چاڙهيو ۽ نٽي وني ويو. ان دؤر ۾ بسون ڪونه هلنديون هيون. هو مون کي مختيارڪار وٽ وٺي آيو ۽ ڪيس چيائين ته مان پوتي جي نوڪريءَ جي درخواست ڏيئي ويو هوس، ان جو ڇا ٿيو؟ هاڻي ته پڙهي ئي ڪونه ٿو، ڪا نوڪري وٺي ڏيوس ته جان ڇٽي. هن چيو ته ڪاغذ مٽي ويا آهن، جلد ايندا. جڏهن آئون نٽي ۾ پڙهندو هئس ته سوچيندو هئس ته جيڪر ماستر مون کي پئسا ڏئي. ماستر جنهن ڏينهن پئسا نه ڏيندو هو ته آءٔ چوندو هئس ته آئينده اسڪول نه ايندس. پوءِ بابا ان کي پئسا ڏئي ويندو هو. ٻيو اهو ته ڪنهن کان پڇبو هو ته گابي کي ڇو ٿو مارين؟ ته چوندو هو ته منهنجو گابو آهي، ماريندس. ڪنهن کان پڇبو هو ته هن مائيءَ کي ڇو ٿو مارين؟ ته چوندو هو ته منهنجي مائي آهي. هڪ ڀيري منهنجي چاچي منهنجي ماءٔ کي پئي ڏڪ هنيا ٽين جي ڊبي تي چڙهي چاچي کي مڪون هنيم. پڇيائين، "ڇا ٿو ڪرين چورا؟" ڇيومانس ته، "توکي مڪون ٿو هڻان." پڇيائين، "ڇو ٿو هڻين؟" ڇيومانس، "امان کي ڇو ٿو هڻين؟" ڇيائين، "هڻندس ماڻهين کي مڪون، تون ڇا ڪندين؟" ڇيومانس، "آءٔ توکي پٿر هڻندس." ننڍي هوندي آئون سدائين پٿر ڪٽي ماڻهن کي هڻندو هئس ۽ پوءِ وڃي لڪي پوندو هئس. مون کي هٿ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو هو. آءٔ ماڻهن کان ويڑ ونندو هئس. ڪو ماريندو هو ته چوندو هومانس ته پلي اڄ مون کي مار، سياڻي توکان ضرور پلاند ڪندس ۽ توکي پٿر هڻندس. پلي ڏهه ڀيرا مار، پر آءٔ ڏهه ئي ڀيرا توکي پٿر هڻندس. منهنجو هٿيار پٿر هوندو هو. اسان جي ڳوٺ جا پليجا پهرين ٽيا قلي، پوءِ وري ٽيا هيبڙ قلي. اوچتو خبر پيئي ته هڪ همراهه ريلوي ۾ لائين مين ٿي ويو آهي. منهنجو هڪ سوٽ هو، ان جي زال هئي مائي چتان. اها نوان ڪپڑا وٺي اسان جي گهر جي اڳيان لنگهي ته مون ڪنهن کان پڇيو ته، "ڇا ٿيو آهي مائي چتان کي؟" ٻڌايائين ته هن جو مڙس ريلوي ڪاتي ۾ لائين مين ٿيو آهي. پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي ٽي- چار ڀيا به لائين مين ٿي ويا. ماڻهن جا نٽ ٿي ويا. اهڙي نوڪري ڪٽان ٿي آئي! اهي همراهه ٽريننگ تي ڪلڪتي ويا. ڪي وري جبل پور ويا ۽ ڪجهه وري ٻين علائقن ۾. اهي ته لائين مين ٽيا، ڪي وري فون وارا ٽيا. ٽنهين تي چڙهي

ڳالهائيندا هئا: "هيلو هيلو... دادو، سيوهڙ... دادو، ڪوٽڙي..." وري سائين لاهور ڳالهائيندا هئا. مطلب ته اهي فون ڊپارٽمينٽ ۾ هئا. هڪ ته انسپيڪٽر به ٽي ويو.

توهان کي ٻڌايم ته آئون ننڍي هوندي ملان مڪتب ۾ پڙهيو هئس. اتان پڄي ايندو هئس. ملان ناهوکو پيري هو، يعني پير ڪٽي ڇاڏيندو هو، سو چا ڪندو هو جو منهنجا پير ڪٽي اچي اتي ٽڪاءُ ڪندو هو، جتي آءُ لڪو پيو هوندو هئس. آءُ ڪنهن ڪڏ يا ڪامي ۾ لڪو پيو هوندو هئس ۽ هو چا ڪندو هو جو مون کي وارن کان جهلي ٻاهر ڪڍندو هو ۽ لتون، مڪون هڻندو مڪتب ۾ وڃي ويندو هو. خميس تي اسان پنندا هئاسون. "خميس خيرات سانگي جمعي جي رات" جو هوکو ڏينداهئا گهٽين ۾ گهمندا هئاسين. اتي ڪتا ڏاڍا حرامي هوندا هئا. اسان جي مٿان اچي ٻاهوڙ ڪندا هئا. آئون سدائين ڳالهيون وڌيون ڪري ڇڏيندو هئس ۽ پوءِ ضد ڪري ٻيهندو هئس ۽ مون اها ضد ڪئي ته مڪتب ضرور ڇڏيندس ۽ نيٺ اهو ڇڏيم. مون مان ضد جي عادت اڃان تائين ناهي ويئي. ڪنهن دؤر ۾ مون اها به ضد ڪئي هئي ته سنڌي ادب کي ٺيڪ ڪندس. سڀ ادب بيڪار ۽ فضول آهي، ان کي صحيح ڪرڻو آهي. اها ضد ڪري ته وينس پر اها پوري ٿئي ڪيئن ۽ ڪڏهن؟ هڪ ڀيري چا ٿيو جو جماعت اسلاميءَ وارن لکيو ته سنڌي اديب ڪافر آهن. مون شمشير کي چيو ته جيڪر آءُ قلم کڻان ته انهن کي تباهه ڪري ڇڏيان. هاڻي سائين منهنجا، روز شمشير ٻينو آ در تي، "هيتريون ٻتاکون ته هنيئي، هاڻي ڪجهه لکي به ته ڏيکار!" مون چيو، "ضرور لکندس، ضرور لکندس!" چيائين، "ڪڏهن لکندين؟ ٻارنهن مهينا ته ٽي ويا آهن!" نيٺ مون کيس ٻ- ٽي ڪالم لکي ڏنا، تڏهن وڃي شمشير منهنجي جان ڇڏي.

مون ۾ اها عادت هوندي هئي ته اعلان ته ڪري ڇڏيندو هئس ته هيئن ڪري ڇڏبو، هونئن ڪري ڇڏبو، پر عمل گهٽ ٿيندو هو. وري هاڻي ڳوٺ جي ڳالهه ڪبي. ڳوٺ ۾ چوريءَ جو آزار وڌي ويو هو. مون چيو ته آئون انهن چورن کان وڌيڪ چوري ڪري سگهان ٿو. چيائون ته فلاڻو چور ته وڌيڪ آ. آءُ چوندو هئس ته آئون ان کان به وڌيڪ چور آهيان. پوءِ چوريون هوريون ڪرڻ شروع ڪيم. هڪ موٽر سائيڪل به چورائي آيس. اهڙيءَ طرح آءُ چور ٽي ويس. ٻڪرين جي واڙن ۾ ڪيئن وڃجي ۽ انهن جا رسا ڪيئن کولجن، اهي اٽڪلون به مون کي معلوم هيون. ماڻهو فصل جو لابارو ڪندا هئا ته آءُ وري وَل ۽ اَن چوري ڪري گهر ڪٽي ايندو هئس. امان چيو ته، "چوري چو ٿو ڪرين چورا؟ پٽهين اهڙي مار ڪيندئي جو ڏينهن جا تارا نظر اچي ويندئي. چگو اٽئي ته ڪيڏانهن پڄي وڃ، هي ڏهه روپيا اٽئي، ٽنڊي باگي ۾ مدرسو آ، اتي وڃي پڙهه. هِتي ماڻهو توکي ماري ڇڏيندا." سڀ ماڻهو منهنجي خلاف هوندا هئا. ماڻهن کي پٿر هڻندو هئس. پنجيتاليهه هزار منهنجا ڪم هوندا هئا. هڪ ڀيري اسان جي هڪ چوڪريءَ جي شادي پئي ٿي. مون اعتراض ڪيو ته اها ڏارين کي چو ڏنئو؟ مون چا

ڪيو جو گھوٽيتن جي گھر زائفاٽا ڪپڙا پائي ماين سان ويهي ڳيچ چوڙ شروع ڪيم. ڪا مهل ڪا مائي منهنجي مٿي تي هٿ رکي اٿي تہ ڏنائين تہ هي تہ مرد آهي. سڀ مايون هيڏي هوڏي ڀڄڻ لڳيون. مون انهن کي ڀڃائڻ ٿي چاهيو. "گھوڙا... گھوڙا... ايلي گھوڙا... ياحسين!" ڪوڪرا مچي ويا. ان کان سواءِ ٻارن کي ٻہ چيم تہ ماين جي مٿان ٻہ گاھ وجهي ڇڏيو. رستي ۾ ڪاڪوس ڪري ڇڏيو. ماين کان ميندي ٻہ ڪسي ڀڄي ايندو هئس. مطلب تہ ننڍيءَ عمر ۾ مون کان جيڪي ڪارروايون پُڄنديون هيون سي ڪندو هئس. ڪنهن جو ڊپ ڊاڻ ڪونہ ٿيندو هو.

امان مون کي صلاح ڏني تہ، "ڳوٺ ڇڏي ڪيڏانهن هليو وڃ، ماٺهو ڪچو ڪائي ڇڏيندءِ." مان ٽنڊي باگي تہ ڪونہ ويس پر ڪراچيءَ هليو آيس. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائوديوٽي سان اچي مليس. ڇيومانس تہ، "اسڪالرشپ ڏي تہ آئون پڙهان." پڇيائين تہ، "ڇوڪرا! تون هوشيار آهين؟" ڇيومانس تہ، "ها! مان هوشيار آهيان، پلي منهنجو امتحان وٺ." پوءِ منهنجو امتحان ورتائين. عام طور تي آءٌ ڏهين هئس. اسان تہ ٽئين درجي ۾ انگريزي ٻہ ڳالهائيندا هئاسين. سائڊا ٻارنهن روپيا ماهوار اسڪالرشپ ملڻ لڳي. سنڌ مدرسي ۾ پڙهائي شروع ٿي. وري منهنجي اهائي عادت تہ آءٌ سيني کان هوشيار آهيان ۽ پهريون نمبر ايندس، پر آئون اوٽيتاليهون نمبر آيس. شاگردن پڇيو تہ، "واهہ جو ٿو پهريون نمبر اچين! هاڻي ٻہ ڊاڙ هڻندين؟" ڇيومانِ تہ آءٌ پهريون نمبر ايندس. پڇيو ويو تہ ڪهڙا مضمون پڙهندين؟ مون ٻڌايو تہ اهي مضمون پڙهندس جيڪي ٻيا شاگرد نٿا پڙهن. شاگرد فارسي ڪٽن ٿا تہ آءٌ عربي ڪٽندس. ان کان پوءِ مون ڇا ڪيو جو پنجين درجي ۾ جيڪي مضمون هئا، سي مون انگريزيءَ ۾ رکيا. جاگرافي ٻہ انگريزيءَ ۾ ڏنم، تاريخ ٻہ انگريزيءَ ۾ ڏنم، سواءِ عربيءَ جي. اهڙو رڪارڊ اڳ ۾ ڪنهن ٻہ شاگرد قائم نہ ڪيو هو. مون کي سدائين اهو فڪر هوندو هو تہ ڪا اهڙي ڳالهہ ڪريان جيڪا ٻيو ڪو نہ ڪري سگهي ۽ اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪرڻ منهنجي وس ۾ هوندي ئي ڪونہ هئي. ڇئي تہ ويهندو هئس پر پوءِ ڏکندو هئس. انگريزيءَ ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ چيو ويندو هو تہ سڀ چوڪرا ماڻ ڪيو بينا هوندا هئا. آءٌ چوندو هئس، "آئون ڪندس تقرير، هي ڇا ڪندا؟" ۽ پوءِ جڏهن تقرير ڪرڻ لڳندو هئس تہ ٽنگون ڏکنديون هيون. هڪڙي پيري انگريزيءَ ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ چيو ويو تہ منهنجون ٽنگون ڏکڻ لڳيون. ٻئي ڏينهن وڏي سڙڻ پائي آيس. ٽنگون ڏکيون پئي پر خبر ڪنهن کي ٻہ نہ پئي. سمجهيائون ٿي تہ منهنجي سڙڻ ڦڙڪي رهي آهي. جهڙي تهڙي تقرير ڪيم ۽ پنهنجو ضد پورو ڪيم.

پنجين درجي ۾ محمد ابراهيم جويي صاحب مون کي ٽيچر بڻائي ٽيچرس ڪامن روم ۾ ويهاريو. ڇو جو امتحان ۾ آءٌ سيني مضمونن ۾ پهريون نمبر آيو هئس. ٽيچر سان گڏ لائبريريءَ جي ذميواري پڻ واڌاري ڏنائون. مون کي پنج روپيا پگهار ملڻ لڳي. هاڻي تہ سؤ سيڪڙو آمدنيءَ ۾ واڌ ٿي ويئي، ڇو جو مون کي گھران پنج روپيا

ملندا هئا ۾ هاڻي ڏهه روپيا ٿي ويا.

مدرسي ۾ رهندي خيال ٿيو ته مون سنين جي فقه ته پڙهي آهي پر هاڻي شيعن جي به پڙهڻ گهرجي. ماڻهو ته قرآن معنيٰ سان پڙهندا هئا پر مون کي ته عربي ايندي هئي. مدرسي ۾ رهي ڪري راندين باندين به جام ڪندا هئاسين ۽ حرڪتن جو ته شمار ئي ڪونه هوندو هو. آئون هر شيءِ ۾ غير معمولي هوندو هئس. ننڍي هوندي کان ئي ڳالهيون ابتيون، قصا ئي ابتا. جويو صاحب هڙتال تي ويو ته ڪيس مدرسي مان ڪڍي ڇڏيائون. مدرسي ۾ ته هڙتال ٿيندي ئي ڪانه هئي. مون چيو ته آئون هڙتال ڪري ڏيکاريندس. استاد چوندا هئا ته بابا هتي مدرسي ۾ هڙتال جي منع آهي. مون کين چيو ته پلي هجي پر آءُ استرائيڪ ضرور ڪندس. نيٺ ضد ڪئيسين. مدرسي ۾ انگريزن جي فوج آئي. اسان چار ڇٽا هئاسون پاڪستاني مجاهد. هڪ حسين بخش هو، ٻيو فضل الرحمان ۽ ٽيون به ڪو پاڪستاني مجاهد هو. اسان مدرسي جا سمورا در دروازا ٻڪا ۽ آرميءَ جي سامهون وڃي بيناسون. اسان ته اسلامي مجاهد هئاسون! ڪو ڊپ ته ڪونه هو، شهادت جو شوق به ڏاڍو هو، ڇو جو شهيد ٿي سڌو بهشت ۾ وڃبو آهي. اسلام لاءِ قرباني پئي ڏنيسين. فوجن کي چيوسين ته ڪجهه به ٿي پوي پر نه مڙنداسين. اسان مسلم ليگي هئاسين، ته جناح صاحب جا نيشنل گارڊز به هئاسين. جناح صاحب سان به ڏاڍي مذاق ڪندا هئاسين. هيڏانهن هوڏانهن ڦِري گهري وري ساڻس بار بار پيا هٿ ملائيندا هئاسين. هن غريب کي خبر ئي نه پوندي هئي ته اسان چا پيا ڪريون. جيڏانهن جناح صاحب، تيڏانهن اسان. نيشنل گارڊ ته هئاسين، ائين پيا هلندا هئاسون.

مدرسي ۾ رهي جويي صاحب اسان کي ايم- اين راءِ جي باري ۾ ٻڌايو. انگريزي پڙهڻ جو شوق هن وڌايو. منهنجي زندگيءَ جو پل پل غير معمولي آهي. هڪ ڏينهن هڪ شيءِ هوندو آهيان ته ٻئي ڏينهن ٻي شيءِ هوندو آهيان، سو مدرسي ۾ به رنگ پيا بدلائيندا هئاسين. جويو صاحب ته ڪمال جو شخص هو. انگريزي چا پڙهايائين جو سپ انگريز ٿي وياسين. سائين شير محمد سنڌ مدرسي ۾ سنڌي پڙهائيندو هو. هڪ پيري لطيف جو هڪ شعر پڙهيائين، چيومانس ته، "سائين! شعر غلط ٿا پڙهايو." چيائين، "هان! چا ٿو چوين؟ ائين ڳالهائبو آ استادن سان؟" مون چيو، "سائين! توهان شعر غلط پڙهيو آهي." "ضد ڪري بينس ته ٻ- ٽي لڪ وهائي ڪڍيائين ۽ پوءِ پڇيائين ته، "مان غلط ٿو پڙهان؟" چيومانس، "ها سائين! توهان غلط ٿا پڙهو." پڇيائين ته، "ڪيئن؟" ٻڌايومانس ته، "اسان جي لاڙ ۾ انهن لفظن جو اُچار هيئن آهي. لطيف جا اچار لاڙي اچار آهن. مان لاڙ جو آهيان، مون کي خبر آهي، توهان کي ڪهڙي خبر؟" ٻئي ڏينهن آيو ۽ چيائين: "I beg your pardon." تو ڪالهه صحيح ٿي چيو." پاڻ زبردست استاد هو. ٻيا استاد به انتهائي ذهين ۽ غير معمولي هئا. ان زماني جي استادن جي چا ڳالهه ڪجي! هزار ڳالهيون هيون. ڪو استاد مون کي وڙهندو هو

ته ماني ڪونہ ڪائيندو هئس يا وري ڊسيپلين جي خلاف ورزي ڪندو هئس.

مدرسي جي هاسٽل ۾ هڪڙي رات انگريزيءَ جو هڪڙو ناول پڙهڻ شروع ڪيم. اڌ رات تائين رڳو هڪ باب پڙهيم. پوءِ وري ٻين انگريزي ڪتابن کي پڙهڻ شروع ڪيم. ان کان پوءِ وري سوشلزم طرف آيس. مذهب کي به تمام گهٽو پڙهيم. مولانا مودوديءَ جا ڪتاب به پڙهيم. مذهب جي باري ۾ جويي صاحب ۽ ٻين جيڪو ڪجهہ ٻڌايو، تنهن ڏاڍو پريشان ڪري ڇڏيو. ان ڪري سوچيندو رهندو هئس. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو جو مدرسي جي ٻاهران روڊ تي جيڪي دڪان هوندا هئا، انهن جي هينان سمهي پوندو هئس ۽ روئندو هئس ته، "يااللہ! مون کي هدايت ڏي. آئون جيڪي ڳالهيون ڏسان پيو، سي ته غلط آهن." دوستن کي چوندو هئس ته نماز پڙهو. هڪ دوست چيو ته، "چو نماز پڙهان؟" مون چيو ته، "قرآن شريف ۾ لکيل آهي." چيائين ته، "قرآن شريف تو لکيو آهي؟" چيومانس ته، "نہ." وري پڇيائين، "پلا تنهنجي روبرو لکيو ويو هو؟" چيم ته، "نہ." پوءِ چيائين، "بس ڪر، مٿو نہ کاءُ، چپ ڪري ويهہ، ڪجهہ ڪونهي." پوءِ وري ڪجهہ مولوين وٽ ويس ۽ ساڻن بحث مباحثا ڪرڻ لڳس. مودوديءَ جو ڪتاب "الجهاد" هٿ آيو، اهو به پڙهيم. مودوديءَ جا سڀ ڪتاب پڙهي ورتم. وري شيعن وٽ ويس ۽ ساڻن بحث ڪيم. اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ عالم سڳورو رهندو هو. جڏهن ڳوٺ ويس ته ان سان مليس ۽ پڇيومانس ته، "مولوي صاحب! ماڻهو چون ٿا ته مذهب صحيح ڪونهي؟" منهنجي هٿ کي کار مان جهٽڪو ڏئي اٿيو. چيومانس، "مولوي صاحب! آءٌ توهان کان پڇان ٿو، مون کي مطمئن ڪريو نہ!" هو اٿي هليو ويو. ان وقت مون محسوس ڪيو ته مذهب صحيح آهي يا غلط پر هنن کي ڪا خبر ئي ڪونهي مذهب جي. ان کان پوءِ مون ملن جا لکيل جيڪي به ڪتاب پڙهيا، سي مون کي غير اهم لڳا. اهي يادگيريون لکڻ جهڙيون آهن، ٽائيم ملي ته انهن کي سهيڙي ونبو.

پرهہ: اوهان ڳالهہ پئي ڪئي محمد ابراهيم جويي صاحب جي، جڏهن پاڻ سنڌ مدرسي ۾ هئا ته ڪين مدرسي مان برخاست ڪيو ويو. اسان کي ياد ٿو اچي ته هن هڪ ڪتاب يا پمفليٽ لکيو هو: "Save Sindh- Save Subcontinent" ته ڇا سندس برخاستگيءَ جو سبب اهوئي ڪتابڙو هو يا ٻيا کي سبب هئا؟ توهان اتي موجود هئا، توهان کي ته خبر هوندي ؟

رسول بخش پليجو: جويي صاحب اهو ڪتاب 1946ع ۾، يعني ورهاڱي کان هڪ سال اڳ لکيو هو. هو انتهائي متحرڪ ماڻهو ۽ Practical شخص آهي. مون کي چڱيءَ طرح ياد نٿو اچي ته جويي صاحب کي مدرسي مان ڇو فارغ ڪيو ويو هو. ممڪن آهي ته ڪيس ان ڪتابڙي تي فارغ ڪيو ويو هجي، پر هو جيترو عرصو به مدرسي ۾ رهيو ته هڪ مثالي استاد جي حيثيت ۾ هن شاگردن جي ذهن سازي ڪئي ۽ ڪين مطالعي ڏانهن لاڙو ڪرايو.

پرهہ: اوهان جويي صاحب تي گفتگو ڪرڻ کان اڳ ۾ پنهنجي ماحول ۽ ڪلچر جو هڪ عمومي جائزو اسان سان Share ڪيو. اسان هاڻي ڇاڻڻ چاهينداسين تہ اوهان سياست طرف ڪيئن آيا؟ ڪو خاص واقعو؟ ڪو خاص سبب، جنهن اوهان کي مجبور ڪيو تہ اوهان سياست ۾ اچو؟ سياست سان اوهان جو تعلق ڪيئن جڙيو؟

رسول بخش پليجو: ماڻهن جو روپو روايتي قسم جو هوندو آهي. منهنجو روپو روايتي ڪونهي، ڇو جو آءٔ روايتي ماڻهو ناهيان. مون Statusquo کي بدلائڻ ٿي چاهيو ۽ هاڻي بہ ان کي بدلائڻ جي جدوجهد ڪري رهيو آهيان. منهنجي سياست اها آهي تہ جيڪو Existing Order آهي، ان کي Question ڪجي. رڳو Question ڪرڻ سياست ناهي، پر ان جي خلاف جدوجهد ڪرڻ ئي سياست آهي. منهنجي سياست گهر کان شروع ٿي. آڻون ننڍڙو هوندو هئس. امان مون کي ٽچ پيارڻ بند ڪئي. آءٔ ايائي سالن جو هئس. گهر جي سامهون هڪ مڪراڻيءَ جو هوٽل هو، مون ان کي دانهن ڏني تہ امان کير نٿي پياري. هن رڙ ڪري چيو، "اڙي ياحسين! اسان جي دوست کي امڙ کير نٿي پياري... وارو ڪيو... وارو ڪيو... اسان جي دوست کي کير نٿو ملي تہ چانهہ پياريوس." مون چانهہ پيتي ۽ گهر اچي امان کي چيم تہ جي آئينده کير نہ پياريندينءَ تہ پوءِ آءٔ مڪراڻيءَ جي هوٽل تان چانهہ پيئندس. هڪ ڏينهن امان کان آنڪ گهريم، نہ ڏنائين، چيومانس تہ جيڪڏهن آنڪ نٿي ڏئين تہ پوءِ وڃي هينئر ئي روڍ تي سمهي ٿو پوان. ان وقت منگهي پير وٽ رهندا هئاسون. بابا جي تپيداريءَ جي Posting ان پاسي هئي. امان انڪار ڪيو ۽ مان روڍ تي ويس ۽ واقعي روڍ تي پٽارجي سمهي پيس. آڻون جيڪا بہ ڳالهہ ڪندو آهيان سا هڪدم پوري ڪندو آهيان، پر دل ۾ ڊپ بہ ضرور ٿيندو آهي. روڍ تي وڃي سُتس تہ سهي پر ڏڪيس پئي تہ متان ڪا گاڏي مٿان چڙهي نہ وڃي. اٽڪ بہ مناسب نہ هو، ڳالهہ خراب ٿي وڃي ها ۽ منهنجو ضد بہ پورو نہ ٿئي ها. ان ئي گهڙيءَ هڪ گاڏي زُون ڪري اچي منهنجي مٿان بيني. هڪ ماڻهوءَ گاڏيءَ مان منهن ڪڍي پڇيو، "ڇاهي بابا؟" ٻڌايومانس، "او هُتي جيڪا در تي مائي بيني آهي، سا مون کي آنڪ نٿي ڏئي." چيائين، "جي توکي پئسا ڏيان تہ تون هتان اٺندين؟" "ها، ڏي پئسا، ڇو نہ اٺندس!" پڇياٸين، "گهٽا پئسا ڪپن توکي؟" چيومانس، "رڳو هڪ آنڪ ڪپي." همراهہ هڪ آنڪ ڏئي هليو ويو. پاسي ۾ توتن جا وڻ هئا، اوڏانهن ويس ۽ آنڪ جا توت ورتم ۽ امان کي پريان ئي توت ڏيکاري سڪائيندو رهيس. ائين ننڍي هوندي مون قدم قدم تي سياست ڪئي. ڏاڏو جڏهن مون کي نٿي ۾ پڙهڻ لاءِ چڏي آيو تہ اتي پاڙي ۾ هڪ مائي رهندي هئي. ان کي اسان ماسي ڪري سڏيندا هئاسين. ان ماسيءَ جي ماءٔ کي طلاق ملي ۽ ہارن کي سندس مڙس ونڊي ويو هو. مائي ويچاري ہارن لاءِ روئندي رڙندي وتندي هئي. امان کي ڳالهہ ڪيم تہ چيائين، "هيئن ڪر جو ہارن کي ونڊي ماءٔ سان ملاءِ، پر خيال ڪجانءِ، متان

مار نہ ملئي." امان کي چيم، "مار ملي تہ پلي ملي."

آءٌ ہارن کي وڃي ايندو هئس ۽ وڃي اچي ماءٌ سان ملائيندو هئس. هڪ پيري هنن جي پيءٌ ڏسي ورتو ۽ دڙڪا ڏنا. مون چيومانس، "چو ٿو جهلين ہارن کي؟ اهڙا پٿر هٽندوسانءِ جو ہوٽ سڃائي ڇڏيندوسانءِ." اها سياست هئي. ڳوٺ ۾ ہ جيڪڏهن ڪو گابيءَ کي ماريندو هو تہ چوندو هوسانس تہ، "چو ٿو ويچاري گابيءَ کي مارين؟" جواب ملندو هو، "اها تہ منهنجي گابي آ... تنهنجو ڇا وڃي؟" چوندو هوسانس، "پر گابيءَ کي نہ مار، نہ تہ توکي ماري ڇڏيندس." ڪو پنهنجي پيٽ کي ماريندو هو تہ چوندو هوسانس، "چو ٿو مارينس؟" چوندو هو، "منهنجي پيٽ آ، تنهنجو ڇا وڃي؟" تہ آءٌ ہ چوندو هوسانس، "نہ مارينس، پٹرن سان تباهہ ڪري ڇڏيندوسانءِ." مطلب تہ هر ڪم ۾ آئون مداخلت ڪندو هئس. سڄو ڏينهن مارون پيو کائيندو هئس. ماڻهو مون کي مارڻ لاءِ پنيان هوندا هئا. جيڪي ڪجهہ ۽ جتي ہ هو، سو مون کي قبول نہ هو. Statusquo کي مون ڪڏهن ہ پسند ناهي ڪيو. ماڻهو چوندا هئا تہ جيڪي ڪجهہ هلي ٿو، هلڻ ڏيوس، ائين ٿيندو آ. آءٌ چوندو هئس تہ، "آءٌ هلڻ واري معاملي سان ہڪ ناهيان، Statusquo کي قبول ناهي ڪرٹو." مطلب تہ سياست منهنجي ستيءَ ۾ پيل هئي.

پرهہ: اوهان کي شروع کان وڃي لکڻ پڙهڻ جو شوق هو ۽ جڏهن توهان سنڌ مدرسي ۾ آيا تہ اهو شوق اڃا ہ وڌيو. ادب توهان پڙهي ورتو ۽ اتي توهان کي مثالي استاد ہ مليا. لکڻ وارو سلسلو ڪيئن شروع ٿيو؟ شروع ۾ جڏهن اوهان لکيو تہ اوهان جون Priorities ڪهڙيون هيون؟

رسول بخش پليجو: اسان وٽ سنڌ مدرسي ۾ هڪ وال پيپر هئي، جيڪا ہ- تي ڇڻا گڏجي ڪيندا هئاسين. اها اخبار هاسٽل جي نوٽيس بورڊ تي يا ديوار تي هٽندا هئاسين. ان وال پيپر ۾ مون هڪ ننڍڙي تحرير لکي انگريزيءَ ۾. ان جو عنوان هو: "Oh! I am sorry.... Allah Akbar!" ميهڙ جو علي اڪبر شاهہ صاحب مسلم ليگ سنڌ ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو. جڏهن جناح صاحب ڪراچيءَ هوندو هو، تڏهن هو ان کي وڃي هتي مدرسي ۾ ضرور ايندو هو ۽ اهڙي ٽائيم تي وڃي ايندو هو جڏهن نماز جو وقت ٿيندو هو. پاڻ شاهہ صاحب تہ ملان ماڻهو هو، چوندو هو تہ قائداعظم کي ہ مسجد ۾ وڃي ويجان. هڪڙي پيري هن کي مسجد ۾ وڃي آيو ۽ چيائينس تہ هلي نماز پڙهو. قائداعظم نماز پڙهي، آءٌ سندس پاسي ۾ بيٺو هوس. مون کي اوچتو محسوس ٿيو تہ ڪا گڙبڙ آهي. مون ڏٺو تہ جناح صاحب ڪنڌ متي ڪٹي هيڏي هوڏي نهارڻ لڳو ۽ چيائين: "Oh! I am sorry... Allah Akbar!" پوءِ وري ہيهر نماز پڙهڻ لڳو. اتان مون هڪ مضمون لکيو ۽ سيني کي ہڏايم تہ جناح صاحب کي تہ نماز پڙهڻ ئي ڪونہ ٿي اچي. آءٌ جناح صاحب جون اَهلون ہ خوب ڪندو هئس، مثال طور: "پاڪستان ٺماري قدمون مين پڙها هي... ٽم هاٹ بڙا ڪر اسي لي سڪتي هو..." هن ويچاري کي تہ اردو ہ ڳالهائڻ ڪونہ ايندي هئي. ہيو هو نواب بهادر يار جنگ. تقريرن جو ماهر

هو. آءُ ان جي بہ پيروڊي ڪندو هئس. ان کان پوءِ مون "عبرت" اخبار ۾ هڪ آرٽيڪل لکيو، عنوان هو: "ڪشمير اسان جو آهي." انهن ڏينهن ۾ اسان سڀ اسلامي مجاهد هئاسين، ڪشمير جي تمام گهڻي ڳڻتي هئي. اهو آرٽيڪل ڪٽي اخبار جي آفيس ويس. چيم تہ هاڻي اهو هر صورت ۾ ڇپرائڻو آهي. ڇيائون تہ اخبار تہ رات جو ڇپبي آهي. مان رات تائين ويٺو رهيس ۽ جڏهن اخبار ڇپي تہ اڌ رات جو اها ڪٽي هاسٽل تي آيس ۽ سيني کي ننڊ مان اٿاري چيم تہ منهنجو مضمون پڙهو. سيني ڇيو تہ صبح جو پڙهنداسين. چيم تہ نٿا پڙهو تہ مان ٿو پڙهي ٻڌايانءِ. پوءِ مون هڪ هڪ کي وڏي جوش خروش سان اهو مضمون پڙهي ٻڌايو.

پرهہ: يعني ائين ڇئي سگهجي ٿو تہ اوهان جو صحافتي سفر ان مضمون لکڻ کان پوءِ شروع ٿيو. صحافت وارو اوهان جو اهو تجربو ڪيئن رهيو؟

رسول بخش پليجو: سليم هالائي "نئين سنڌ" اخبار ۾ ڪم ڪندو هو، منهنجو دوست بہ هو. مون ۾ اها پِڻَ آهي تہ آءُ تنقيد ڪندو آهيان. هر ڳالهہ تي تنقيد ڪندو آهيان. ڏٺم تہ دوستن هڪ مضمون جو ترجمو پئي ڪيو. مون ڇيو، "هي ترجمو آهي؟ انگريزي ائين لکبي آهي؟ توهان کي ڏوڙ ٿي اچي انگريزي!" ڪنهن ڇيو، "غلط انگريزي آ ڇا؟" ڇيومانِ، "ها! غلط ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟ انگريزي تہ اچي ئي ڪانہ ٿي توهان کي." مون کان پڇيائون، "اسان کي نٿي اچي تہ توکي ايندي آ؟" ڇيومانِ، "ها! رڳو مون کي ئي انگريزي ايندي آ." پوءِ همراهن ترجمي لاءِ ڇيو، مون ترجمو ڪري ڏنو. سٺو ترجمو ٿي ويو. خوش ٿي سليم هالائي صاحب پٽيوالي کي ڇيو تہ پليجي صاحب کي اڄ ڪڙڪدار چانهہ پيار. پوءِ تہ روزانو اخبار جي آفيس جا پنڌ پيا ٿيندا هئا. ڪم ڪار ۾ بہ هٿ وندائيو هو ۽ سليم صاحب خوش ٿي چوندو هو تہ اڄ پليجي صاحب کي ملائيءَ واري چانهہ پياريو. اهڙيءَ طرح کين ڪجهہ شيون ترجمو ڪري ڏيندو هئس. سليم هالائي صاحب تعريف ڪندي چوندو هو تہ، "واهہ واهہ! رسول بخش پليجي جهڙو ماڻهو تہ آهي ئي ڪونہ دنيا ۾!"

ان کان علاوه "نواءِ سنڌ" اخبار بہ نڪرندي هئي. ان اخبار جو ايڊيٽر هو مولانا عبدالغفور سيتائي. وٽس اسسٽنٽ ايڊيٽر جي جاءِ خالي هئي. مان ويس ۽ نوڪريءَ لاءِ چيم. هن ڇيو تہ، "تون ڇڪي ويندين، توکي ڪيئن رکون؟" مون کيس پڪ ڏياراٸي تہ آئون ڪونہ ڇڏندس. نيٺ مولانا صاحب مون کي پنهنجي اخبار ۾ رکيو. اتي بہ- ٽي ڪالم لکندو هئس. هڪ هو "پس منظر"، ٻيو هو "چاچو خميسو" ۽ ٽيون هو "تعارف." انهن عنوانن هيٺ ٽي ڪالم باقاعدگيءَ سان لکندو هئس. اتي ڪجهہ ٻيون بہ کارروايون ڪندو هئس. مولوي صاحب ويچاري کي تہ ملڪ جهان جي ڪا خبر ئي کانہ پوندي هئي. آئون تيستائين Leftist ٽي چڪو هئس. خبرون ماسکو جون، پر لنڊن جي هيڊنگ ڏئي هلائي ڇڏيندو هئس. ڳالهيون سڀ صحيح هوندیون هيون، پر هن ويچاري کي خبر ئي نہ پوندي هئي تہ آئون ڇا پيو ڪريان. هڪ ڀيري

چا ٿيو جو مون کي نائيٽ ايڊيٽر ڪري رکيائون. اڌ رات جو Stop Press ٿي، يعني هاڻي خبرون نہ ايندیون. اخبار جو اڌ صفحو خالي پيو هو. مان پريشان ٿيس تہ اهو اڌ صفحو خالي ڏسي مولوي تہ منهنجي کل ابتي لاهي ڇڏيندو، هاڻي آئون چا ڪريان؟ مون هڪ خبر ٺاهي ورتي. انهن ڏينهن ۾ راڻي ايلزبيٿ آسٽريليا جي دوري تي ويئي هئي ۽ پويان سندس پيءُ گذاري ويو هو. آسٽريليا جي گاديءَ جو نالو لکي اها خبر لکيسين تہ، "راڻيءَ کي پنهنجي پيءُ جي وفات جو ڏاڍو صدمو رسيو، هن جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا، بکنگهم محل جي آڏو ماڻهن جا هجوم مچي ويا." سڄو منظرنامو مون چٽي ورتو. صبح جو مولوي صاحب آيو ۽ چيائين، "اها خبر تہ ڪنهن بہ اخبار ۾ ڪونهي." پر هن جي وات مان نڪري ويو تہ شايد بي- بي- سي چيو هو. مون چيو، "ها سائين... ها سائين، بي- بي- سي چيو آ." هن ويچاري کي خبر ئي ڪانہ هئي تہ سڄي بي- بي- سي آئون پاڻ هئس. اهڙيءَ طرح جيڪي خبرون آئون صحيح سمجهندو هئس، سي اخبار ۾ ڏيئي ڇڏيندو هئس. هن کي خبر ئي ڪونہ پوندي هئي.

هڪ دفعي ممتاز دولتانہ تقرير ڪندي چيو تہ، "اسان ائين وڙهنداسين جيئن استالن گراڊ وڙهيو آ." مون پنهنجي ڪالم "پس منظر" ۾ استالن گراڊ جي جدوجهد تي پرپور لکيو. مولوي صاحب کي پتو ئي ڪونہ ٿي پيو تہ مان ڪميونسٽ پروپيگنڈا ڪري رهيو هئس. ان کان پوءِ جدلياتي ماديت (Dialectical Materialism) تي بہ ڪالم لکي ورتم. مولوي صاحب ويچارو بي خبر هو ۽ آءُ پنهنجي ڪارروائيءَ ۾ مصروف هوندو هئس. هر هنڌ آئون رڳو Dummy ٿيو وينو ڪونہ وينو هوندو هئس. جتي بہ ويندو هئس، اتي آئون پنهنجي ڪارروائي ڪندو هئس.

پرهہ: توهان جي تخليقي شخصيت جي شروعات ڪالم نگاريءَ سان ٿي. اوهان انهن بہ اخبارن ۾ ڪجھ عرصو ڪم ڪيو. چا صحافت کان پوءِ اوهان جو لاڙو افساني طرف ٿيو؟ يا صحافت واري دؤر ۾ اوهان افساني طرف اچي ويا هئا؟

رسول بخش پليجو: آئون ننڍي هوندي کان ونڊي افسانا پڙهندو هئس. ڇهين درجي انگريزيءَ ۾ هئس جو ستين درجي جا ڪتاب، خاص ڪري لٽريچر پڙهي ڇڏيو هئم. افساني کان اڳ ۾ مون مضمون لکڻ شروع ڪيا هئا. مون تمام گهڻا مضمون لکيا. ان دؤر ۾ ڪنهن رسالي ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جو مضمون پڙهيم ۽ ان کي خط لکيم تہ تو ۾ لکڻ جي تمام گهڻي صلاحيت آهي، تون مضمون لک ۽ پنهنجا افسانا بہ موڪلي ڏي. هن مون کي پنهنجا افسانا موڪليا. ان ماڻهوءَ جو نالو هو جمال ابڙو. هو ڏاڍو خوش ٿيو تہ منهنجا افسانا توکي وڻيا آهن. پوءِ مان پنهنجي اخبار ۾ سندس بہ تاريخي ۽ مشهور افسانا "پيراڻي" ۽ "خميسي جو ڪوٽ" ڇپيا. سنڌ جا جيڪي بہ وڏا وڏا اديب آهن، تن کي پهريون دفعو مون ڇپيو آهي. نجم عباسي هوندو هو، آءُ تن ڏينهن ۾ نٽي ۾ هوندو هئس، چيائين تہ، "يار، بہ- ٽي افسانا لکيا اٿم پر ٻڏائڻ جهڙا ڪونهن." دڙڪو ڏيئي چيومانس تہ، "تنهنجو دماغ خراب آهي... ...

لک." هن لکيو ۽ زبردست لکيو. حيدرآباد جو سيد حيدر شاهہ صاحب هو، سندس پاءُ شاعر ۽ پاڻ اديب هو. انهن کي بہ مون ڏاڍو همٿايو. منهنجي جاءِ تي ادبي گڏجاڻيون ٿيندیون هيون. اتي کيس پڙهڻ لاءِ چوندو هئس. چوندو هو، "مون کي تہ شرم ٿو اچي." مون چيو، "پڙهہ! شرم جي کهڙي ڳالهہ آ." مون ۾ عادت آهي پنهنجي وڏائي ٻڌائڻ جي. نقاد تہ آئون آهيان ئي، بلکہ عالمي ادب جو نقاد آهيان، روسي ادب جو نقاد آهيان. اهڙيءَ طرح هنن کي همت ڏيارينڊو رهندو هئس. بي تڪلف هوندا هئاسين، ياري دوستي هوندي هئي. علڻ فقير کي بہ مون اڳتي کيو. هک ڀيري اسان جي گهر آيو. زرينا چيو تہ، "هي ڳائڻو آهي." چيومانس تہ، "کجهہ ڳائي ٻڌاءِ." ان ڏينهن روح رهاڻ ڪو پروگرام هو، چيائين تہ، "اتي ڳائيندس." چيومانس، "هتي ڳاءِ تہ خبر پئي نہ." ويچارو علڻ ماڻ ٿي ويو. فنڪشن ۾ حميد سنڌيءَ کي چيم تہ، "هن کي بہ چانس ڏجانءِ." چيائين، "اچيس ٿو کجهہ؟" وراڻيم، "مون کي تہ خبر ڪونهي، نياڳي زرينا چيو آهي. متان ايندو هجيس کجهہ." علڻ کي موقعو مليو ۽ هن ڳايو: "هُما هُما... هو هو... گجر ڌي هُو." (علڻ فقير وانگر ڳائيندي) واهہ واهہ ٿي ويئي. علڻ فقير محفل لٽي ورتي. اهڙيءَ طرح ڪافي ماٺهو اهڙا هئا، جن کي زبردستيءَ ۽ ضد ڪري چوندو هئس تہ لکو. گهٽا لکندا هئا، ڪي تہ لنوائي بہ ويندا هئا. جويو صاحب "مهراڻ" ۾ هوندو هو. "مهراڻ" ۾ مون مضمون لکيو: "سنڌي ادب ۾ ترجمن جي اهميت." ان کان پوءِ افسانو لکيم. پهريون افسانو "پسي ڳاڙهو گل" هو. ان کان اڳ ۾ هک افسانو شروع ڪيو هئم، ان کي لکندي ڇهہ مهينا لڳي ويا. لکندي لکندي ان ۾ ڪو نہ ڪو نقص نظر ايندو هو. بهرحال، اهو افسانو مڪمل ڪونہ ٿيو. پوءِ وري "پسي ڳاڙهو گل" لکيم. ائين افساني لکڻ جي شروعات ٿي.

پرهہ: توهان جيڪي افسانا لکيا، تن ۾ ڪهڙا ڪهڙا موضوع اوهان زيرِ بحث آندا؟ يا ائين ڪٽي چئجي تہ اوهان جي افسانن جي فڪري سطح ڇا هئي؟ خاص طور تي اوهان جي افسانن جو جيڪو مجموعو "پسي ڳاڙهو گل" آهي، ان جي تناظر ۾؟

رسول بخش پليجو: آءٌ پهرين بنگالي ادب پڙهندو هئس، پوءِ وري محمد عثمان ڏيپلائيءَ کي پڙهيم. منهنجو پهريون استاد ڏيپلائي صاحب آهي. ان وقت جيڪا وهابي تحريڪ ٿي هلي، تنهن کان آئون ڏاڍو متاثر هئس. اها تحريڪ پير پرستيءَ جي خلاف هئي. اها اسلام کي Re-define ڪرڻ جي تحريڪ هئي. جمال الدين افغاني تہ بعد ۾ آيو. اسان چاهيوسين پئي تہ Progressive قسم جو اسلام هجڻ گهرجي. مون کي ڪنهن امتحان ۾ سٺن نمبرن ڪٽڻ تي انعام طور محمد بن قاسم تي لکيل ڪتاب مليو هو، اهو بہ پڙهيو هئم. عثمان ڏيپلائي ۽ نسيم حجازيءَ جا ڪتاب بہ جام پڙهيم. مون تي جيڪو اثر هو گهر جو، امان جو، نانيءَ جو، ڏاڏي جو، ڳوٺ جي سماج ۽ ماحول جو، اهو تمام گهڻو شديد هو. عورتن سان جيڪا ڏاڍائي ٿيندي هئي،

تنهن ۾ گهرا اثر ڇڏيا. ان کان سواءِ قبائلي سسٽم ۾ هو، تنهن کي ۾ رد ڪرڻ واري سوچ هئي. اسان جا ٻين قبيلن سان اختلاف هئا، تن کي ختم ڪرڻ وارو ذهن ۾ هو، پر آئون ڪنهن کي ۾ ڪونہ مڃيندو هئس، چوندو هئس، "هرڪو پنهنجي گهران ٿو ڪائي، هرڪو خاني خان آهي. فلاڻو وڏيرو ملڪ جو مالڪ ٿوروئي آهي." معنيٰ تہ اختلاف ئي اختلاف هوندو هو. مڙسيءَ جي سڃاڻپ اسان وٽ اها هوندي هئي جو ڪنهن جي ۾ ڳالهہ نہ مڃبي هئي. ٻيو اهو تہ ٽاڻي تي ۾ نہ ويجبو هو. نہ روئبو هو ۽ نہ دانهبو هو، پنهنجو فيصلو پاڻ ڪندا هئاسين. پنج روپيا ڏئي وڃي معاملو ٺيڪ ڪندا هئاسين، پر ٽاڻي تي وڃڻ عيب سمجهيو ويندو هو. نہ ٽاڻي تي ويجبو، نہ فرياد ڪبي، نہ ٽاڻيدار سان ڳالهائبو ۽ نہ ان سان ڪو واسطو رکبو. مطلب تہ اسان جي هڪ ننڍڙي رياست قائم هئي. خون ٿي پوندو هو تہ ۾ فرياد ڪونہ ڪندا هئاسين. ان سموري ڪلچر جو مون تي تمام گهڻو اثر پيو.

ان کان پوءِ مون مغربي تهذيب جو مطالعو ڪيو. مغربي ادب، روسي ادب، فرينچ ادب ۽ پوءِ جڳ جهان جو ادب پڙهي ورتم. چارلس ڊڪنز جو مون تي تمام گهڻو اثر هو. هندي ۽ عربي ادب ۾ مون کي متاثر ڪيو. ماڻهو چوندا آهن تہ وهابي طريقو جدا آهي، اسلام جدا آهي، ڪميونزم جدا آهي، اهي سڀ جدا ناهن، پر انهن ۾ گهڻيون شيون Common آهن. اسلام ۾ جيڪي بغاوت واريون شيون هيون، تن مون کي Socialism لاءِ تيار ڪيو. حقيقت ۾ اسان کي عالمي سطح جو تہ اسلام ٻڌايو آهي. اسان جي نظر ۾ حضرت عمر رضی اللہ عنہ ۾ هو. جمهوريت جو جيڪو تصور آهي، سو اسان حضرت عمر رضی اللہ عنہ کان ورتوسين. "سڀ انسان برابر آهن" وارو تصور اسان کارل مارڪس کان سکيوسين، پر اهو اسلام اسان کي اڳ ۾ ئي سيکاريو هو. ڳوٺ ۾ پليجن کان خودداري سکيسين ۽ اهو پڻ سکيوسين تہ ڪنهن جي ۾ ڪاڻ ناهي ڪيڏي. اسان پاڙيا ناهيون، مڙس ماڻهو آهيون. امان ڪنهن جي بي واجبيءَ واري ڳالهہ ڪونہ مڃيندي هئي، بابا جي ۾ نہ مڃيندي هئي. مزاحمت تہ مون پنهنجي ماءُ کان سکي سگهندي ڪرڻ وقت اسان جون مايون مردن جي ڳالهہ ڪونہ مڃيندیون هيون. ڪنهن مرد کي چونديون هيون، "تون پيٽسان نوڙهہ نڪر جي... بس ڪري ويهہ، توکي ڪهڙي خبر... سگهندي اسان پاڻهي ڪنديونسين. تون آهين ڏور. اها چوڪري ڏيندا سين تہ ويچاري تباهہ ٿي ويندي. توکي ماڻهو چوندا تہ تون ڪاري گڏهہ تي چڙهيو ٻينو هوندين." تہ پوءِ مرد ڏند ڪيڏي وينو ڪلندو هو. منهنجو مامو هو روز ۾- چار مهمان وٺيو ايندو هو. مايون ماني پچائي اڇي ٽڪيون، چيائونس، "اهي روز روز مهمان ڇو ٿو وڃي اچين؟ سو ۾ مانيءَ جي مهل تي؟" چوندو هو، "قرآن جو قسم! پاڻ ٽا اچن، مان نٿو وڃي اچان. پڇ رسول بخش کان." وڏي جٽ ٽيڻ کان پوءِ کيس ماني ملندي هئي. اهي ماين جا روبا هئا. انهن مزاحمتي روين ذهن تي گهرا اثر ڇڏيا. اسان وٽ هڪ ماڻهو الائجي ڪاڏي پڄي ويو هو. ٽيهن سالن کان پوءِ وري الائي

ڪٽان اڇي ظاهر ٿيو. ماڻهو حيران ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا تہ، "اڇي ويو حاجي قادو... اڇي ويو حاجي قادو!" حاجي قادوءَ اڳڻ شرط اعلان ڪيو تہ، "توهان جي قرآن پڙهڻ جو طريقو غلط آ، اوهان جي بسم الله ئي غلط آ." چوندو هو (اهل ڪندي) "بِي سِم لا" ائين پڙهو. ائين نٿا پڙهو تہ پوءِ غلط آهيو." خبر پيئي تہ هو بغداد ۾ رهيو هو ۽ عربي ٻوليءَ ۽ عربن جو مٿس اثر هو. اسان سندس عربي لهجي کي قبول نہ ڪيو. سو اهو سڄو ماحول، روايتون، رويا ۽ مزاج مون تي اثر ڇڏيندا رهيا ۽ آءٌ انهن جو اظهار پنهنجن افسانن ۾ ڪندو رهيس.

پرهہ: ڳالهہ افساني جي هلي پيئي، ان حوالي سان اوهان پنهنجو هڪ سگهارو پس منظر اسان سان Share **ڪيو. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ، خاص ڪري ٻہ ڏهاڪا، يعني 60 ۽ 70 وارا ڏهاڪا سنڌي افساني جي حوالي سان مثالي سمجهيا وڃن ٿا. انهن ٻن ڏهاڪن دوران اسان جا ڪيترائي ترقي پسند افسانا نويس ايري آيا ۽ انهن افساني جي فيلڊ ۾ تمام گهڻو** Contribute **ڪيو. ڇا توهان سهمت ٿيندا تہ ان سطح جا افسانا لکيا ويا؟ ۽ انهن جو ڪو فڪري پس منظر ٻہ هو؟**

رسول بخش پليجو: مان گهڻي تفصيل ۾ ويندس. هندوستان ۾ ڪلڪتو هڪ وڏو علمي مرڪز هو. اتي نوان نوان ڪاليج کوليا ويا، نيون نيون ٻوليون رائج ٿيون ۽ سکيون ٿي ويون. ڪلڪتو اردو ٻوليءَ جو هيڊ ڪوارٽر هو. انگريزي ٻولي پڙهائي ٿي ويئي. نئين قسم جو ادب، يعني مغربي ادب ٻہ گهڻو ترجمو ٿي هتي آيو. ٻن ماڻهن ان ڏس ۾ بنيادي ڪم ڪيو. هڪ هو "راجا موهن راءِ" جنهن هندن ۾ ڪم ڪيو. سنسڪرت ۽ عربيءَ جي ترقيءَ لاءِ هندوستان جي سرڪار لک لک روپيا رکيا. ڇيو ويو تہ عربي پڙهو. حرامپائي اها ڪيائون تہ جيئن مسلمان عربي ٻوليءَ تائين محدود ٿي وڃن ۽ نيون ٻوليون ۽ نئون ادب پڙهن ئي نہ. هندوستان جا مسلمان تہ ويچارا عربيءَ کان ايترو مانوس ئي ڪونہ هئا. هندو وڃي سنسڪرت پڙهن ۽ مسلمان عربي پڙهن. پوءِ وري فورٽ وليم ۾ جيڪو ڪاليج قائم ڪيو ويو، اتي هڪ نئون دؤر آيو، نئين جاڳرتا شروع ٿي، نئون ادب شروع ٿيو، اردو ادب وڌڻ ويجهڻ لڳو. علي قطب شاهہ ۽ ولي دکني پڙهائجڻ لڳا. اردو ٻولي ترقيءَ جي واٽ تي اچي ويئي، نئون مزاج پيدا ٿيڻ لڳو، دنيا ليول تي هڪ نئين قسم جي Understanding ٿيڻ لڳي، ان ڪري Modernization آئي. روسي ادب مڪيہ ادب هو. ان کان اڳ ۾ فرينچ لٽريچر گهڻو ٿي پڙهيو ويو. چارلس ڊڪنز ۽ گوئٽي گهڻو Dominant رهيا. انهن جون تخليقون "افسوس ڪرڻ" تائين محدود هيون. ڳالهہ اها آهي تہ ادب جا ڪارج بدلبا رهن ٿا. ڏسڻو اهو آهي تہ ادب مان ڪهڙو ڪم ٿو ورتو وڃي. ادب ۾ پهرين اهو هو تہ پاڻيءَ جي تعريف ڪريو، ڇو جو اهو ديوتا آهي، آسمان ديوتا آهي، هنومان ديوتا آهي. اهي سڀ ديوتا طور مڃيا ٿي ويا، انهن جي ساراهہ ڪبي تہ اهي خوش ٿيندا ۽ اهڙيءَ طرح انهن جي

تڪليفن کان بچجو. شيطان جي گلا ڪرڻ جي ترغيب ڏني ويندي هئي. ان کان پوءِ اهو چيو ويو تہ بادشاهن، شهنشاهن ۽ راجائن جي واکاڻ ڪريو. پوءِ وري مذهبي ادب پيدا ٿيو. مذهبي ادب ۾ وري نصيحتي ادب تي گهڻو زور ڏنو ويو. رحم وارو ادب تخليق ڪرڻ لاءِ چيو ويو. جيئن اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ڪشنچند بيوس جي شاعري آهي تہ، "الا! جهري مَ شال، غريبن جي جهوپڙي." اهي ڏاڪي ۽ ڏاڪي مزاج نهندا پئي آيا آهن. ادب نالي دنيا ۾ ڪابہ Permanent شيءِ ٿيندي ئي ناهي. هن ڪائنات ۾ ڪابہ مستقل Category ڪانهي. هر شيءِ جو نالو ساڳيو آهي، پر ان جو روح تبديل ٿيندو رهندو آهي. ٻيو اهو تہ ماڻهن جو اهو خيال آهي تہ هر شيءِ اڳتي وڌي ٿي. شيون صدين تائين اڳتي وڌي ٻيهي رهنديون آهن. پوءِ وري صدين تائين اهي ٻيئيون رهنديون آهن. هيءَ ڌرتي جڏهن پيدا ٿي تہ 70 هزار سالن تائين ان تي مينهن اُنا، تڏهن وڃي اها رهڻ لائق ٿي. تنهن ڪري ڪائنات جو بنيادي اصول اهو آهي تہ شيون زيرو مان نهنديون آهن، مٽي ويندیون آهن، پوءِ جوان ٿيندیون آهن، پوءِ شڪل بدلائيندیون آهن يا وري مري ويندیون آهن، معنيٰ تہ شيون اڳتي وڌنديون آهن، روپ بدلائيندیون آهن، ٻيهي رهنديون آهن ۽ پوئتي موٽنديون آهن. شين جو پوئتي موٽڻ، هڪ هنڌ ٻيهي رهڻ يا سڪي وڃڻ ۽ دنيا جي وڌڻ ويجهڻ جي هڪ نشاني آهي. شيون دنيا ۾ سڪي سڙي ختم نہ ٿين ها تہ دنيا ۾ نين شين جي جاءِ ڪيئن پيدا ٿئي ها؟ اسان وٽ اڳئين زماني جو راڄوٽي سسٽم برقرار آهي. ماڻهو چون ٿا تہ، "ادا! راڄوٽي سسٽم ويو تہ تباهي ٿيندي." "يار! وڃي ٿو تہ وڃڻ ڏيوس، ان مان جان تہ ڇڏايو! قبائلي سسٽم مان ويچاري بلوچستان جي جان ڪونہ ٿي ڇڏائجي. اهو سڀ ڪجهہ اسان تي انگريزن مڙهيو. ننڍي کنڊ جي مسلمانن ۽ دنيا جي ٻين مسلمان ملڪن ۾ جيڪي روايتون برقرار آهن، سي انگريزن ئي شروع ڪيون ۽ انهن کي انگريزن ئي زور ونرايو. انهن هڪڙي منصوبي هيٺ اهو طئي ڪيو تہ مسلمانن کي انهن بيمارين مان ڇڏائڻو ئي ڪونهي. جيڪي بہ لعنتون ۽ بڇڙايون انهن ۾ آهن، سي نہ رڳو برقرار رکجن پر وڌائجن پڻ. مان ڪو مومن ڪونہ آهيان، مان تہ هڪ عام رواجي مسلمان بہ ڪونہ آهيان، پر تاريخي حقيقتون تہ پنهنجي جاءِ تي آهن نہ! ماڻهو چوندا آهن تہ مسلمانن تي جيڪو ظلم ٿئي ٿو، ان جو احساس توهان کي ڪونهي جو توهان ڪامريڊ آهيو. ان ڳالهہ جو ٻلا مذهب سان ڪهڙو واسطو؟ اسان کي انساني سطح تي وڃي سوچڻو آهي. جيڪو بہ مظلوم آهي، ان جي مدد ڪرڻ کپي. هندن جي جيڪڏهن سنڌ ۾ تباهي ٿئي تہ پوءِ ماڻ ڪري ويهجي؟ جيڪڏهن اولهہ ۾ عيسائي حرامي آهن ۽ هِتي اهوجهہ آهن، تہ انهن تي ظلم برداشت ڪبو ڇا؟ تنهن ڪري مذهب کي وچ ۾ آڻڻ سياڻپ ڪونهي. مذهب کي مذهبي بلنديءَ يا ٻين انسانن کان نفرت ڪرڻ لاءِ استعمال نہ ڪرڻ گهرجي. ماڻهو مون کي چوندا آهن تہ، "تون مذهب جي ڳالهہ ٿو ڪرين." "مان چوندو آهيان، "منهنجو ڏاڏو سجو ڏينهن نماز پڙهندو هو.

جيڪڏهن ڪو منهنجي ڏاڏي جي ناهيل مسجدن کي ڍاهيندو ته ڇا مان وات ڦٽيو ڏسندو رهندس؟ مٺو ته خراب نہ ٿيو اٿو!" مان کين چوندو آهيان ته اسان هندو آهيون. ظاهر آهي ته بنيادي طور تي اسان هندو هئاسين. هاڻي جيڪڏهن مندرن کي ڍاهيندؤ يا انهن جي بيعزتي ڪندؤ ته ماڻ ڪري ويهنداسين ڇا؟ توهان جي پيءُ جي بادشاهي آهي ڇا؟ تنهن ڪري مذهبن کي هيئن به استعمال نہ ڪجي ۽ هونئن به استعمال نہ ڪجي. انهن سيني مذهبي ڳالهين، تجربن ۽ مزاجن کان سکي پوءِ هندوستان ۾ ادب لکجڻ لڳو. راجا رام موهن راءِ هڪ توازن پيدا ڪيو. پوءِ 1917ع ۾ روسي انقلاب آيو. ان انقلاب اهو سيکاريو ته ادب کي دنيا ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ ڪيئن استعمال ڪجي. مون پاڻ به ادب جي ان پاسي تي لکيو آهي. روس جا اديب انقلابي اڳواڻ بڻجي ويا. انهن جيڪي ڪجهہ لکيو، سو وڏي تبديليءَ جو بنياد بڻيو. دنيا جي ادب جي تاريخ انهن کان سواءِ اڳتي وڌي نٿي سگهي. فرينچ انقلاب جو مثال ونو. اديب اڳتي نہ اچن ها ته اهو انقلاب اچي ئي ڪونہ ها. پوءِ وري اهي اديب آيا، جيڪي سپاهي به هئا. انهن به وڏو ڪم ڪيو. ٻيو اديب اهو هو جيڪو مخدوم محي الدين وانگر اهل قلم به هو. ڪارڪن به هو. لنيون به ڪائيندو هو. موچڑا به ڪائيندو هو ۽ ميدان به ملهائيندو هو. سجاد ظهير اديب هو. عملي ماڻهو هو. ميدان ملهائڻ وارن مان هو. آئون اديب آهيان، ويڑهاڪ آهيان، مهل اچڻ تي ميدان ملهائڻ کان نہ ڪيڻائيندس. شيخ ايياز زبردست اديب ۽ شاعر هو. هو جنگ جي ميدان ۾ ڪونہ آيو. ڪارڪن ڪونہ هو. چپ ڪري ويهي رهيو. تاريخ سدائين اڳتي ناهي ويندي، اها صديون به اچي ويندي آهي. اسلامي تاريخ جو مثال ڪٿو: حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي وفات کان هڪدم پوءِ ڇا ٿيو؟ ماڻهن کي خبر هجڻ کپي ته ڇا ٿيو؟ ماڻهو ته اسلام پڙهن ئي ڪونہ ٿا. مان ته اسلام جو Advanced Student آهيان. ماڻهو اسلام کي رڳو ثواب لاءِ ٿا پڙهن. مان ته تاريخ جي هڪ شاگرد طور اسلام کي پڙهندو آهيان. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي وفات کان پوءِ ماڻهو ڦري ويا ۽ پنهنجي دين تي موتي ويا، نوان نوان پيغمبر پيدا ٿيا. مان سمجهان ٿو ته ٽيهہ کان چاليهہ سيڪڑو مسلمان نبي سڳوري صلي الله عليہ وسلم جن جي وفات کان پوءِ پنهنجي اصل دين ڏانهن موٽي ويا. خالد بن وليد جي هٿ ۾ تلوار هوندي هئي. هن لنيون هڻي ماڻهن کي وري مسلمان ڪيو. ماڻهو تاريخ پڙهن ئي ڪونہ ٿا، رڳو ڪوڙي تاريخ پڙهن ٿا. اسلام جي تاريخ پڙهندي ماڻهن کي ٽيڙ تپ ٿو چڑهي! ان ۾ جيڪي تاريخي ۽ سائنسي حقيقتون آهن، سي سندن ناهيل بتن کي ٽوڙين ٿيون. هڪڑو هندو بت آهن ۽ ٻيا وري مسلمان بت آهن. ظاهر آهي ته اسلامي تاريخ پڙهڻ سان اهي بت ڍهي پوندا. هڪڑي پاسي اُم المومنين حضرت بيبي عائشہ رضي الله تعالىٰ عنها بيني آهي ته ٻئي پاسي حضرت علي ڪرم الله وجهہ بيٺو آهي. ٻنهي جي هٿن ۾ تلوارون آهن، جنگ هلي ٿي پئي، اهائي جنگ، جنهن کي "جنگِ جمل" يا "اُٺن واري جنگ" چيو ويندو

آهي. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جو ڏوهتو سوليءَ تي چڙهيو ٻيٺو آهي، هيٺان ماڻس ٻيٺي آهي ۽ پڇي ٿي تہ، "هيءُ شهہ سوار گهڙو وقت گهوڙي تي سوار هوندو؟" مسلمانن هڪٻئي جي خون جون ندين وهائي ڇڏيون. مسلمانن مديني تي حملا ڪيا. اها تاريخ ڪنهن کي ياد ئي ڪونهي. هاڻي تہ مسلمان رڳو "شو- شو" (شوڪارا پرينديِ) تائين محدود ٿي ويا آهن، رڳو ڦوڪون ٿا وينا ڪن. هاڻي توهان مون کي رڳو اهو ٻڌايو تہ تاريخ اڳتي وڌي يا پوئتي هٽي؟ ترڪيءَ ۾ مٿي تي پوتي رکڻ منع آهي. وزيراعظم جي زال کي ٻہ اختيار ناهي تہ هوءَ پوتي پائي سگهي. هنن وٽ جيڪو Secularism رائج آهي، سو کين ائين ڪرڻ نٽو ڏئي. هندوستان ۾ تاريخ پوئتي هٽي ويئي. انگريزن چيو تہ مسلمانن سان چيڑچاڙ نہ ڪجي، هنن کي پوئتي رکجي. هنن مسلمانن جا Sects (فرقا) ناهيا، مسلمانن کي ورهايو ۽ ويڑهايو. مسلمانن جا ڳيا ٽڪر ڪيا. سعودي عرب جي مسلمانن جو فرقو هڪڙو ٿيو. تہ وري وچ اوپر جي ملڪن جو ٻيو. هاڻي ٻہ جيڪي بندوقون کڻيو وينا آهن، سي ٻہ تہ آمريڪا جي ڪارخانن مان نڪتل آهن. تنهن ڪري ان دؤر ۾ جيڪو Progressive دؤر هو، روسي ادب آيو، اهو وڌيو ويجهيو. يورپي ادب آيو، تنهن کي ٻہ پذيرائي ملي. فرينچ ادب ٻہ پڙهيو ويو. اهو سمورو ادب تخليق ڪندڙ انقلابي ماڻهو هئا. لکندا ٻہ هئا تہ وڙهندا ٻہ هئا، جنگين تي ٻہ ويندا هئا، خونريز لڙايون ٻہ ڪندا هئا.

پرهہ: يعني توهان جي خيال ۾ اهي تخليقڪار گهڙو پريڪٽيڪل هئا؟

رسول بخش پليجو: ها... صحيح ٿا چئو. ان دؤر ۾ تاريخ Advance ٿي آئي. جيڪو رڳو گهر ۾ ويهي لکي، تنهن کي اديب مجبو ئي ڪونہ. ظاهر آهي تہ وينل ماڻهو خراب ٿي ويندو نہ! شيخ اياز ڪيئن خراب ٿي ويو. جيڪو ماڻهو ويهي لکي ۽ هوڏانهن وري ميدان ۾ فوجون وڙهن ۽ هي پويان ويهي رڳو "شو- شو" ڪري تہ پوءِ ميدان ۾ شريڪ تہ نہ رهيو نہ! ون يونٽ جي لڙائي جڏهن ميدان تي وڙهي ٿي ويئي تہ مون کي ٻڌايو تہ ڪهڙا ڪهڙا ميدان تي لڳا؟ حميد سنڌي ادب ۾ وڏو ڪم ٿي ڪيو، پر جيل ۾ تہ ڪونہ ويو هو نہ! تنهن ڪري ان ۾ رڳو اهي اديب ٻيهي ٿي سگهيا، جيڪي رڳو جنگ ڪري ٿي سگهيا. اسان وٽ جيڪي اديب هئا، تن کي رڳو پنهنجي محنتن جو معاوضو ڪپندو هو. ٻيو اهو تہ انهن کي ڪنهن دنيا جي تہ خبر ئي ڪونہ هئي. مثال طور: هڪ ڊاڪٽر آهي، انجيڪشن هڻي ٿو. اها انجيڪشن گڙٻڙ ڪري ٿي، ان کي ڪائونٽر ڪرڻ جي خبر ناهي تہ پوءِ مريض تہ ويو نہ الله ڄاڻي! هتي جو سنڌي اديب ۽ شاعر رڳو "آئون" يا "مان" جي چڪر ۾ ڦاٽو پيو آهي. شاعر رڳو چئي ٿو تہ، "مجاهدو! فلاڻو! رڳو وڙهو!" هاڻي ٻڌايو تہ ميدانِ جنگ ۾ گڙٻڙ ٿي پيئي، شڪست ٿي پيئي، موچڑا ملن، گهيرو ٿي وڃي ۽ بظاهر ڪو حل نظر نہ اچي تہ پوءِ ڇا ڪجي؟ اسان جو اديب رڳو "شو- شو" ۾ پورو آهي. انقلابي ماڻهو عملي ماڻهو هوندو آهي. انقلابي ماڻهو جنگ جو ميدان ملهائيندوآهي، هو گهر ناهي ويهي رهندو، هو

قرباني ڏيندڙ هوندو آهي. حضرت خالد بن وليد ڪنهن مهم تي ويو. ان علائقي ۾ پاٽي ڪونہ هو، رڳو رڙ پٽ هو. ڪين جيڪو پاٽي ملي ٿي سگهيو، سو اُنن کي پياري ٿي ڇڏيائون ۽ پوءِ جڏهن ڪين ضرورت پوندي هئي تہ اُنن کي ذبح ڪري اهو پاٽي ڪڍي ونندا هئا. تصور تہ ڪريو! لينن گراڊ تي جرمنن حملو ڪيو، اندر سامان آيو ئي ڪونہ ٿي. شهرين آڙ مجڙ کان انڪار ڪيو. ڪي عورتون هيون جن جا پٽ کاڌو ۽ پاٽي نہ ملڻ ڪري مري ويا هئا. هڪ عورت ٻيءَ عورت کي چيو تہ، "ٻک تي پاڻ ٻہ مري ويندينسين، هيئن ڪر جو مان پنهنجو پٽ نٽي کائي سگهان، اڄ تہ هڪٻئي جا پٽ کائون." هنن ائين ئي ڪيو. جرمنيءَ جي ان حملي دوران ڪافي اهڙا ٻہ ڊاڪٽر هئا، جيڪي بک ۽ اڄ وگهي مري ويا پر ميدان نہ ڇڏيائون. هاڻ ڪمانڊر ٻہ Surrender نہ ڪيو. ائين وڙهندي وڙهندي سڀ مارجي ويا، صفا تباهہ ٿي ويا. اهڙيءَ طرح سڄو يورپ هٽلر جي حوالي ٿي ويو. هٽلر کي تہ هنن همراهن تيار ڪيو هو. هٽلر آمريڪين، فرينچن ۽ انگريزن جو تيار ڪيل هو. مان محقق آهيان، مون وٽ سڄي تاريخ پيئي آهي. مون کي ڏري پرزي جي خبر آهي. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ سوچيو ويو تہ هاٽي دنيا کي ڪيئن بدلائجي. انهن وٽ هڪڙو Vision هو، پر اسان وٽ ڪجهہ ٻہ ڪونهي. اسان ڏهني طرح ڪورا ۽ ڪوڪلا ماڻهو آهيون. اسان کي تہ اها ٻہ خبر ڪانهي تہ سنڌ قبضي هيٺ اچي ويئي آهي. هنن سنڌ کي آمريڪا کي وڪڻي ڇڏيو آهي. سنڌين وٽ هن وقت سنڌ ڪونهي. توهان ويجهڙ ۾ منهنجو هڪ مضمون اخبار ۾ پڙهيو هوندو. مون لکيو آهي تہ اسان جي بزرگن، اولهائن سنڌ تي ايترا احسان ڪيا آهن جو اسان جا جسم، هڏا، ڪلون ۽ ٻار ٻچا انهن جي ملڪيت آهن، هاٽي جي اهي سنڌ کي وڪڻي ڇڏين تہ ڪهڙو ٿو فرق پوي؟ اسان سنڌي ماڻهن جي مقدر ۾ جيڪو لکيل آهي سو ٿيندو. هنن تي اسان جي ڪابہ ميار ڪانهي، اهي آزاد آهن. ان سوچ اسان کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. بس ويهي رهبو، ڪجهہ ٻہ نہ ڪبو، رڳو دل جي ڏڍ تي چوڙ تہ، "اسان بهادر آهيون!" اها بهادري ٿوروئي آهي. سنڌي ماڻهن ۾ ڪهڙي بهادري رهي آهي؟ اها ڪهڙي بهادري آهي جنهن ۾ سمجهہ ڪونهي، عقل ڪونهي ۽ Vision ڪونهي؟ سنڌ جا سڀ سورما اهي هئا جيڪي سر ڏئي سرها ٿيا. توهان سنڌ جي تهذيب تي ٻہ اچو نہ! سنڌ جي تهذيب جي ٻيڙي صفا ٻڏل رهي آهي. اها تهذيب هئي تہ رڳو سر ڏئي سرهو ٿبو؟ راڻ سهاسي ٻيو ايرانين سان وڙهيو ۽ سر ڏئي سرهو ٿيو. اهڙي ڪا حڪمت عملي ڇو نہ پئي ناهيائين تہ ايران تي Attack ڪريان تہ اهي وري سنڌ اچڻ جو ست ساري نہ سگهن؟ وري راجا ڏاهر شهيد ٿيو. اسان جي همراهن رڳو شهادتون ماڻيون آهن. ڇا ڪو اهڙو جوان ٻہ پيدا ٿيو هو، جيڪو سنڌ جي دشمنن ڏانهن وڃي ڪين پادر هڻي اچي ها؟ هرگز نہ! سنڌ تي علاؤالدين ڪاهہ ڪئي، لڙائي ٿي، سومرا وڙهيا، رڳو سر ڏئي ڇڏيائون، بس! مون سر چارلس نيپئر جي ڊائري پڙهي آهي. نوشهري فيروز کان واپس حيدرآباد ٿي موٽيو.

مان توهان کي وچ ۾ اهو به ٻڌائيندو هلان ته آئون جنگ جو شاگرد رهيو آهيان. سڄي دنيا جي جنگي حڪمت عملين ۽ گوريلا جنگ جي به مون کي خبر آهي. مون انهن موضوعن تي لکيو به آهي. سر چارلس نيپئر جڏهن ٻيلن وٽان لنگهيو ته لکي ٿو ته، "اتي مون کي خيال ٿيو ته هتي جيڪڏهن وٽن ۾ سنڌي لڪا وينا هجن ۽ مون تي حملو ڪن ته پوءِ ڇا ٿيندو؟" اڳتي لکي ٿو ته، "شيطان! مون کي ڏيڃار نہ! سنڌين ۾ ته اهڙو عقل ئي ڪونهي."

حقيقت اها آهي ته جيڪڏهن سنڌين کي جنگ جي فن جي خبر هجي ها ته انگريز ڪٿي وڃي سگهن ها! سنڌ ۾ جنگ جو فن هُيو ئي ڪونہ. سنڌين گڏهہ پڻي جي ڳالهين جون تعريفون پئي ڪيون آهن. ڪرڙيءَ جي جنگ ۾ پناڻ الور جي ٽڪرين تي توپون کنيو وينا آهن، اسان جا سنڌي بي عقل هٿن ۾ تلوارون لهرائيندا اڳتي هليا، هڪڙو به ڪونہ بچيو. شاعرن وري انهن جي تعريف ڪئي آهي، ائين ڪونہ لکيو اٽائون ته اهي ڪورا ڇٽ هئا، جنگ جي ڪابہ خبر نہ هُين. رڳو تعريف... رڳو تعريف... ڪٽڻ ته سنڌ ۾ عيب آهي. ڪٽڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ، وڍڻ ۽ پوئتي هٽڻ واري ڳالهہ ته اسان ۾ رهي ئي ڪونهي. جيڪو پوئتي نٽو هتي، اهو اڳتي به نٽو وڃي سگهي. وڍندو تڏهن جڏهن پڪ هجي ته ڪٽنداسين، نہ ته وڍهبو ئي ڪونہ! جنگ جو فن ته سنڌين کي سيکاريو ئي ڪونہ ويو آهي.

پرهہ: پر ان جا ڪارڻ ڇا ٿي سگهن ٿا؟ اسان وٽ سنڌ ۾ Defence Strategy يا War Strategy ڪڏهن به Develop نہ ٿي سگهي، ان جا ڪي تاريخي يا نفسياتي ڪارڻ به آهن ؟

رسول بخش پليجو: مون کي تاريخي يا نفسياتي ڪارڻن جي خبر ناهي، باقي اها خبر ضرور اٿم ته سنڌ ڪن ڳالهين ۾ حيران ڪندڙ حد تائين Develop ڪيو آهي، پر ڪن مخصوص حالتن ۽ گهرجن ۾. گوريلا Warfare ۾ سنڌ جو پنهنجو Contribution آهي. گوريلا جنگ گهٽو ڪري سمنڊ جي ڪنارن، ڪنارن، ٻيلن ۽ جبلن ۾ ٿيندي آهي. سنڌين ڇا ڪيو جو ڪليل ميدانن ۾ گوريلا جنگ ڪئي اٽائون. "تاريخ نواءِ معارڪ" ۾ ڏسندا ته مغلن سان جيڪا لڙائي ٿي هئي، سا ميدانن ۾ ئي ٿي هئي. سيوهڻ جي پهاڙن کي همالياہ جبل ته نٿا چئي سگهو نہ! انهن پٽن ۾ سنڌي وڙهيا آهن. جبلن ۾ ماڻ ڪيو وينا هوندا هئا ۽ اتان حملو ڪندا هئا، مڪر ڪندا هئا. اها سنڌ جي تاريخ جي زبردست گوريلا لڙائي هئي. رات جو سنڌي چور بڻجي انهن جا اوزار ۽ ٽپڙ چورائيندا هئا. انهن اها گوريلا لڙائي وڙهي. سنڌين رڳو گوريلا لڙايون ڪيون آهن. هڪ ٻي ڳالهہ... توهان انترويو ڪرڻ کان اڳ ڳالهہ پئي ڪئي Stanley Wolpert جي. آءٌ هندوستان جي تاريخ ۽ آزاديءَ جي هلچل جي اٿارتي آهيان. فلاڻي تاريخ تي گانڊيءَ ڇا ڪيو؟ گانڊيءَ ڪهڙا ڏنڊا ڪيا؟ آءٌ وڪيل آهيان، مون کي خبر هوندي آهي ته چور ڪهڙي وقت نڪتو ۽ ڪهڙي چوري ڪيائين. مون کي

آزاديءَ واري ڪيس جي سڃي خبر آهي. گانڌيءَ ڇا چيو، جناح صاحب ڇا چيو، اها سڀ ڄاڻ آئون رکان ٿو. ان سڃي هلچل ۾ هڪ ئي ذهين ماڻهو هو، هڪڙو ئي ماڻهو ايماندار هو، هڪڙو ئي ماڻهو سيڪيولر هو، هڪڙو ئي نيشنلسٽ هو، هندوستان رڳو هڪ ئي ماڻهو پيدا ڪيو، جنهن جو نالو آهي قائداعظم محمد علي جناح. هن ويچاري جو ڏوهہ رڳو اهو هو جو هو سنڌي هو. سنڌين کي اها پِڇَ پيل آهي تہ اهي پنهنجي ماڻهوءَ کي برداشت ناهن ڪندا ۽ پوئتي ڏکي ڇڏيندا آهن. جناح صاحب ويچارو سنڌي ماڻهو ۽ مٿان وري خواجو، تنهن کي ڪٿي ٿي قبوليائون! اسان جا سنڌي تہ ويا سينئين جي پنيان. هندوستان ۾ جيڪا سنڌي ٿا لکن، اها پڙهو. مون وٽ ڪتاب رکيل آهن. هتي سنڌي هندن جيڪا سنڌي ايجاد ڪئي آهي، سا ڏسي توهان کي وحشت اچي ويندي، توهان جو مٿو چڪرائجي ويندو. اها سنڌي- هندي نہ پر سنسڪرت- سنڌي آهي. هي پاڻ وارا ملان جيڪا ٻولي ٿا لکن، اتي تہ ان کان بہ ڳالهہ چڙهيل آهي.

اسان جي ڪميونسٽ پارٽي بوگس هئي، ڪانگريس جي پيدا ڪيل هئي. اها انٽيليجنس ناهي هئي. ان ۾ چيائون تہ، "قومپرستيءَ جي ڳالهہ ٿيندي ئي ڪانہ! قوم جي ڳالهہ نہ ڪريو، مزدور جي ڳالهہ ڪريو، هاريءَ جي ڳالهہ جائز ئي ڪونهي." رڳو مزدور جو انقلاب جائز قرار ڏنو ويو. اهو بہ بوگس انقلاب هو. مان توهان کي هڪڙو ڪتاب ٿو ڏيان "Hatred to Defence"، اهو پڙهجو. ان ۾ لکيل آهي تہ ايشيا ۾ انقلاب شرعي طور آڻڻ ضروري ڪونهي، عالمي انقلاب اچڻ کپي. سڃي دنيا تي پهرين سرمائيداريءَ جو قبضو ٽيڻ کپي، پوءِ انقلاب آڻبو. ان کان اڳ آڻيندا سين تہ انقلاب نہ ايندو. تنهن ڪري علم ڪُٽي ويو، تاريخ بدلجي ويئي نہ! ناولن وارو دؤر ويو گذري، هنن جي بولتي بند ٿي ويئي. سڀ ماڻ ڪري ويهي رهيا، هنن جو ڏوهہ نہ هو.

پرهہ: توهان سوير سر چارلس نيپئر جي ڳالهہ پيئي ڪئي. 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ هن جو هڪ جملو، جنهن کي سنڌ جي تاريخ ۾ گهڻو Quote **ڪيو ويندو آهي،** "I have sinned." **(مون گناهہ ڪيو آهي.) ان جملي جو ڇا پس منظر آهي؟ ڇا اهو جملو اهو اعتراف آهي تہ انگريزن سنڌ فتح ڪري غلطي ڪئي يا ان جو رخ ڪو ٻيو ٿي سگهي ٿو؟**

رسول بخش پليجو: سر چارلس نيپئر اسڪاچ ماڻهو هو. بنيادي طور تي هو هڪ درويش صفت شخص هو. انگريزن ميرن سان ڪجهہ اتڪلون ڪيون، ڪي نڱيون ڪيائون. هنن جي اها خواهش هئي تہ سنڌ کي فتح ڪجي ۽ سڃي دنيا ۾ سرمائيداري نظام آڻجي. دراصل سنڌ ۾ سماجي انقلاب آندو ئي سر چارلس نيپئر. هڪ پيري کيس اطلاع مليو تہ فلاڻي هنڌ هڪ هندو مائيءَ کي ساڙين ٿا. پاڻ اتي ويو، "ابا! هي ڇا ٿا ڪريو؟ ڇو ٿا مائيءَ کي جيئرو ساڙيو؟" چيائون، "اهو اسان جي مذهب ۾ آهي." ڏهين ۽ ڏاهو ماڻهو هو، چيائين، "نيڪ آهي، مائيءَ کي ساڙي ونو." ٿورو

اڳتي هليا تہ ڪجھ ماڻھن کي ڪاھي ٿي ڏني ويئي، پڇيائين، "هي ڇا پيا ڪريو توهان؟" جواب ڏنائون، "مذهب تي هلڻ جي ڪوشش پيا ڪريون." ڇيائين، "ٺيڪ آ، ڏئي ونو ڪاھيون تہ پوءِ اسان بہ ڪريون ڪارروايون." بيگناھہ ماڻھن کي ڪاھيون ڏيڻ تي ڪيترن ئي وڏيرن کي ڪاھيون ڏيئي ڇڏيائين. ھڪ مرد پنھنجي بيگناھہ زال کي ماري وڌو. هي بہ اتي پھتو. ان مائيءَ جا والدين بہ اتي ھئا، تن چيو، "ابا! پنھنجي شيءِ هُيس، سندس مرضي!" چارلس چيو، "اڇا! Sorry، پلا اهو ٻڌايو تہ توهان تي حاڪم ڪير آ؟" ڇيائون، "انگريز." پڇيائين، "انگريز جو نمائندو ڪير آ؟" وراڻيائون، "صاحب! توهان." وري ڇيائين، "توهان جو مالڪ ڪير آ پلا؟" جواب ڏنائون تہ، "توهان." چارلس چيو تہ، "مان مالڪ آهيان تہ پوءِ هي مرد بہ منھنجي شيءِ آهي... هن کي ونڻي وڃو ھڪدم ڪاھيءَ تي چاڙھيوس."

حقيقت ۾ چارلس ترڪتالون ڪونہ ڇاڻندو هو. جيڪو صحيح هو سو ڪري ڇڏيندو هو. خبر پيس تہ ڪجھ ڳڻن ۾ مايون خودڪشي ٿيون ڪن. ڇيائين تہ ضرور ڪا ڳالھہ هوندي، ڪو جبر، ڪو ڏاڍ هوندو، تنھن ڪري ڪيترن ئي وڏيرن کي ڪاھيون ڏيئي اهي برايون ۽ لعنتون ڪيڻ ڇڏيائين.

پرھہ: توهان وليم فورٽ جي ڳالھہ ڪئي تہ اها جيڪا Movement **هئي، تنھن هندوستاني معاشري کي** Modernize **ڪيو. ٻئي پاسي وري سر سيد احمد خان جي تحريڪ کي بہ ڏسون ٿا. ڇا سر سيد احمد خان جو بہ ڪو** Input **رهيو هندوستاني معاشري کي** Change **ڪرڻ جي ڏس ۾؟ مسلم** Psyche **بدلائڻ ۾ هن ڪھڙو ڪردار ادا ڪيو** Intellectual **سطح تي؟ تعليمي سطح تي؟**

رسول بخش پليجو: سر سيد احمد خان ھڪ Giant هو. هن پاڻ کي هيڻ رکي مسلمانن کي مٿانھون ڪيو. هو ظاهري طور انگريزن جو چمچو هو. تمام ردي ۽ گھٽيا قسم جو Part ادا ڪري، هن مسلمانن لاءِ اڳتي وڌڻ جا رستا پيدا ڪيا. ان زماني ۾ سرسيد احمد خان نہ هجي ها تہ تباهي اچي وڃي ها. ھڪ بنگالي مسلمان جسٽس بہ هو. مولانا الطاف حسين حالي بہ هو. اهي نہ هجن ها تہ مسلمان صفا برباد ٿي وڃن ها. ان دؤر ۾ رڳو عربي ۽ فارسي رائج هئي. انگريزي پڙھڻ ڪونہ ٿي ڏنائون. هتي ۾رون وينا هئا. انگريزيءَ کي "گٽ- بٽ" واري ٻولي ٿي سمجھيائون. مدرسن وٽان لنگھندا هئاسين تہ انگريزي پڙھڻ کان روڪيندا هئا، رڳو "الف زير اِ، بي زير بِ ۽ اِني بِني" لڳي پيئي هوندي هئي. سر سيد احمد خان جھڙن اِني بِنيءَ مان اسان جي جان ڇڏائي.

پرھہ: ايجوڪيشنل سطح تي سرسيد احمد خان پاڻ ملهايو. پلا سياسي سطح تي جناح صاحب جي ڪردار کي ڪيئن ٿا ڏسو توهان؟

رسول بخش پليجو: جناح صاحب جو ڪردار اهو آهي جيڪو پنھنجي دؤر ۾ سلطان صلاح الدين ايوبيءَ جو هو. جناح صاحب اڪبرِ اعظم، ڪمال اتاترڪ ۽ جمال عبدالناصر جي سطح جو هو. دنيا ۾ پنج- اٺ مسلمان پيدا ٿيا آهن، جن مذهبي

حوالي کان سواءِ دنيا ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. اهي وڏا آرٽسٽ هئا. انهن کي خبر هئي ته تاريخ کي ڪيئن بدلائجي، ڪيئن پوئتي ٽڃي ۽ ڪيئن اڳتي وڌجي. جيئن وڏا گويا هوندا آهن، ڪڏهن او... او ڪري هيٺ ويندا آهن ته ڪڏهن وري آ... آ ڪري مٿي ويندا آهن. .Jinnah Sahib was the only man, master of his art هو بهادر، ببر شير ۽ دلير شخص هو. ڏسجي ته ڪڏهن آسمان تي وينو آ ته ڪڏهن وري پٽ تي وينو آهي. اصولن خاطر ڪانگريس کي ڇڏي هليو ويو. اهي ٽيندا آهن تاريخ کي پنهنجي حساب سان بدلائيندڙ ماڻهو. توهان اسان جي اديبن جي ڳالهه ٽا ڪريون، اسان جا ماڻهو ته اديب ۽ دانشور ٽيا، مان انهن کي چوندس ته جيڪڏهن توهان بلندين تي نٽا پهچي سگهو ته پوءِ پٽ تي ويهي ببر شير ٽيڙ جو توهان کي ڪوبه حق ناهي. ڪي پٽيوالا ٽيا ته ڪي وري وائيس چانسلر. پاڻ کي وڪٽي ڇڏيائون، پنهنجي ذات جو ملهه ڳڏائون. "ها! وائيس چانسلر کان ڪيئن هيٺ لهجي!" جناح صاحب ته پٽ تي ويهي رهندو هو. پٽ تي ويهڻ ئي ته عظيم ماڻهوءَ جي نشاني هوندي آهي.

پرهه: جناح صاحب جا هتي پاڪستان ۾ جيڪي مخالف آهن، سي چون ٽا ته جناح صاحب کي برطانوي سامراج پنهنجن مفادن لاءِ ڪتب آندو هو، هو برطانيا جي هٿن ۾ هڪ Tool هو. ڇا اها راءِ درست آهي؟

رسول بخش پليجو: ڪهڙو ماڻهو آهي جيڪو پنهنجي دشمن جي هٿن ۾ Tool ناهي ٽيو؟ يا جنهن کي Tool ڪري نه چئجي؟ حديبيہ جي صلح نامي ۾ ڇا ٽيو؟ مڪي جي ماڻهن اهو ايگريمينٽ ڪيو ته جيڪڏهن اسان جو ماڻهو اوهان وٽ ايندو ته اوهان موٽائيندؤ، پر جيڪڏهن اوهان جو ماڻهو اسان وٽ آيو ته ڪونہ موٽائينداسين. اهو صلح آهي؟ اها برابري آهي؟ اها اسلام جي فتح آهي؟ قريشن حضرت محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن کي رسول بہ ڪونہ ٿي مڃيو. هن صلح نامي ۾ محمد رسول الله بدران محمد بن عبدالله لکيو ويو، پر اهو صلح نامو اسلامي تاريخ جو هڪ شاندار صلح نامو هو، جيڪو مڪي جي فتح جي ڏاکڻ ٻڌيو. ان صلح نامي جي بنياد تي ٻين سان بہ ناهه ٿي ويو، هڪ زبردست فضا پيدا ٿي ويئي. اسان Tool آهيون. جيڪڏهن مخالفن سان ڳالهائڻو پوندو ته انهن جو Tool ٻڌجڻو پوندو.

پهرين مهاياري لڙائيءَ کان پوءِ جرمنن روس کان وڏا مطالبا ڪيا. ناهه دوران وفد جو اڳواڻ ٽراٽسڪي هو. هنن ٻہ- ٽي علائقا روس کان گهريا ٿي، پر ٽراٽسڪيءَ انڪار ڪيو. پوءِ وري جاپاني حملا ڪندا رهيا. لينن چيو ته جيڪي وڃين سو ڏيون. عالمي معاملن ۾ مصلحت کان بہ ڪم ونبو آهي. اهي جيڪي قائداعظم جي مخالفت ڪن ٿا، سي ڪانگريسي آهن ۽ جڏ آهن. انهن کي ڪهڙي خبر ته حڪومت ڇا ٽيندي آهي؟ اهي ٻڌائين ته انهن گهڻين حڪومتن جو احوال پڙهيو آهي؟ ڇا انهن جرمنيءَ جي تاريخ پڙهي آهي؟ انهن فرانس جي تاريخ پڙهي آهي؟ انهن کي خبر آهي ته حڪومتون ڪيئن Deal ڪنديون آهن؟ انهن کي خبر آهي

کا ملک جهان جي؟ اهي چانهه جو ڪوپ پيئڻ وارا آهن. انهن کي ڪهڙي خبر دنيا جي تاريخ جي!

حضور صلي الله عليه وسلم جن عظيم انسان ۽ عظيم اڳواڻ هئا، جن انساني تاريخ کي بدلائي ڇڏيو. لينن وڏي انقلابي شخصيت هئي. اڪبرِ اعظم کان وڏيڪ Deal ڪرڻ وارو ماڻهو ڪير هو؟ اورنگزيب ته هندوستان جي تاريخ جو احمق ترين حڪمران هو. هن جهڙو ڪو بيو بيوقوف ٿيندو ئي ڪونه. سيني کان وڏيڪ هوشيار، لبرل ۽ سيڪيولر اڪبر ئي هو. غازي صلاح الدين جي ڳالهه ڪريو. انگلينڊ ۾ "غازي صلاح الدين ٽيڪس" لڳل هوندي هئي. انگلينڊ وارن عوام کي چيو ته غازي صلاح الدين سڄي يورپ کي فتح ڪري انگلينڊ ايندو، هينئر ئي ٽيڪس ڏيو ته تياري ڪري ويهون. رچرڊ شيردل تي الزام هنيو ويو ته تون غازي صلاح الدين جو چاڙتو آهين. مٿس ڪيس هليو. هن چيو ته يورپ جو ڪهڙو ماڻهو آهي جنهن مون جهڙو ڏوهه نه ڪيو آهي؟ سڀ غازي صلاح الدين جا چاڙتا آهن. بيمار ٿيندا آهن ته غازي صلاح الدين حڪيم موڪليندو اٿن، ڪاڏا پيتا موڪليندو اٿن. اسان جي سار سنيال لهڻ وارو ته اهوئي هو. سڄو يورپ هڪ پاسي ۽ مسلمان ٻئي پاسي. پوڻا ٻه سؤ سال لڙايون هليون، ست زبردست حملا ٿيا، يورپ جي چيلهه چپي ٿي ويئي، يورپ کي شڪست ملي. ڪا ته ڳالهه هئي نه!

توهان ننڍي کنڊ تي ڳالهايو ٿا ته مان ايترو ضرور چوندس ته ننڍي کنڊ ۾ برطانوي دؤر ۾ هڪ ئي قومپرست اڳواڻ پيدا ٿيو، جنهن جو نالو قائداعظم محمد علي جناح آهي. مسلمانن جا جيڪي وڏي ۾ وڏا ماڻهو پيدا ٿيا آهن، تن مان هڪ هيءُ ٻه هو، باقي جيڪي ڪانگريسي آهن، سي ننگ ۽ ڪوڙا آهن. ڪميونسٽ ٻه ڪوڙا هئا. اهي ڪانگريس جا ايجنٽ هئا. ڪميونسٽ پارٽي اصل ۾ ڪانگريس پارٽي ئي هئي.

پرهه: هندوستان جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ۽ خاص ڪري مسلمانن ۾ Awareness جي حوالي سان علامه اقبال ڪٿي ٿو بيهي؟ ان جون ٻه ڪي خدمتون Matter ڪن ٿيون؟

رسول بخش پليجو: هو سؤ سيڪڙو مٿي بيهي ٿو. هن هڪ ڪتاب لکيو آهي "Reconstruction of religious thought in Islam." ان ڪتاب ۾ ته هن قهر جي ڳالهه ڪئي آهي. هن مذهب جي Reconstruction جي ڳالهه ڪئي آهي. اها ڳالهه ته هي همراهه ڪندا ئي ڪونهن، هرو ڀرو چڙهي ويندو اٿن. اقبال جي شاعري ڪمال جي شاعري آهي. آءٌ چوندو آهيان ته اقبال کي فقط آئون سمجهان ٿو. هڪ پيري ڪراچيءَ ۾ هئاسون. ڊاڪٽر منظور احمد، ڪراچي يونيورسٽيءَ جو اڳوڻو وائيس چانسلر ٻه وينو هو. چوڻ لڳو، "اقبال کی تشریح جو پلیجو صاحب کر رہے ہیں، وہ تشریح مجھے نہیں چاہئے۔" مون ٻه چيومانس، "نہیں چاہئے تو نہیں چاہئے، لیکن اقبال تھا یہ۔۔۔" تارا ڦوٽاري ڏسڻ

لڳو. چيومانس، "عالمی ادب پر میرے ساتھ بات کریں۔" ماڻ ٿي ويو. اقبال جا ٻہ- ٿي شعر ٻڌايامانس، طبيعت ٺري ويس. هتي ڪا علمي جاءِ ئي ڪونهي جتي ويهي ڪا علمي ڳالهه ڪجي. ڪوچڙا وينا آهن. عالمي ادب جي ڳالهه ڪريو ته پوءِ گذريل ڏهه هزار سالن جي پس منظر جي خبر هجي. .Iqbal was a giant poet اختلاف پنهنجي جاءِ تي، پر هو عالمي سطح جو شاعر هو. رڳو وينا ٿا ٽلهيون ڳالهيون ڪريون. حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي ڪرامتن جي ڳالهه آهي، سندن ڏاهپ جي ڳالهه ڪٿي آهي؟ نبي پاڪ صلي الله وسلم جهڙو ڏاهو ۽ سچو انسان ڪو ٻيو آهي ڇا تاريخ ۾؟ صلح حديبيہ ۾ ڪيس ڏاڍي پريشاني ٿي پيئي. پنهنجي گهرواريءَ حضرت بيبي حفصہ رضي الله تعالیٰ عنها کي چيائون، "منهنجي قوم مجي ئي ڪونہ ٿي، مان ڇا ڪريان، ڪيڏانهن وڃان؟" بيبي صاحبہ فرمايو ته، "ڪوبہ نہ مجيندا تنهنجي ڳالهه. تون جيڪو چوندين نہ مجيندا، پر جيڪو ڪندين سو مجيندا." پچيائون، "پوءِ ٻلا ڇا ڪريان؟" بيبي پاڪ جن فرمايو ته، "تون احرام لاهي ڇڏ. قرباني‌ءَ جا ٻڪرا ڪُهي ڇڏ، ته جيئن سيني کي خبر پوي ته ٻاڻ حج ڪرڻ ڪونہ ٿا ويجون."

مڪي جي پرسان ڪجين وارو هڪ خوبصورت شهر آهي "طائف". ڪنهن شاعر واهہ جو چيو آهي ته، "خدايا رحم ڪر طائف کي مڪينون پر." ان شهر ۾ نبي پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي رتو رت ڪيو ويو. پوءِ جڏهن طائف فتح ٿيو ته فاتح لشڪر سڄي شهر جون عورتون ۽ مال ملڪيت پنهنجي قبضي ۾ آڻي ورتو. هڪ نينگري نبي پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن وٽ آئي ۽ ٻڌايائين ته، "مان حليمان جي پوٽي آهيان." حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ فرمايائون، "هان...! تون منهنجي دائي امان جي پوٽي آهين؟" ان ڇوڪريءَ ٻڌايو، "ها... لشڪر اسان جو مال ملڪيت ڪٽي ويو آهي، عورتون بہ قيد ڪيون اٿائون، توهان واهر ڪريو." لشڪر مال ملڪيت ۽ عورتون موٽائڻ کان انڪار ڪيو. لشڪر حضرت محمد ﷺ جن جي ڳالهه ڪونہ مجي. نيٺ گهٽي بحث مباحثي کان پوءِ ڳالهه وڃي بيني ته ٽپڙ ۽ مال ملڪيت ڪٽو ۽ عورتون ڇڏي ڏيو. اهي ملڪيت ڪٽي وبا، عورتون آزاد ڪيائون پر حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي ڳالهه نہ مجيائون. اها نبي پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي ڪيڏي مصلحت ۽ ڏاهپ هئي. سياست ۾ Backward ڪيئن ٽيڙ ڪپي، ان جو اهڙو مثال تاريخ ۾ نٿو ملي. هيڏانهن وري اچون ٿا قائداعظم جي ڳالهه تي. سياسي اختلافن ۾ جيڪڏهن قائداعظم گهوڙا گهوڙا ڪري ها ته دشمن خوش ٿين ها... تاڙيون وڄائين ها... (تاڙيون وڄائيندي) هندو ۽ انگريز ننوليون ڪن ها ته، "هي جٽ مسلو آ... سياست ڪونہ ٿو ڄاڻي." سندس پيٽ فاطمہ جناح چيو، "منهنجو ڀاءُ خاموشيءَ سان سهندو رهيو ۽ خاموشيءَ سان وڙهندو رهيو." جناح صاحب کي بريءَ طرح ماريو ويو، پر هن ٻاڦ ٻاهر نہ ڪڍي... اُف بہ نہ ڪئي... سياستدان هو... ڏاهو هو... Visionary هو.

پاڻ سان ٿيندڙ ڏاڍايون ۽ بي واجبيون ظاهر ڪري ها تہ نهرو خوش ٿئي ها. ايڏي لڙائي ڪيائين، ايڏا مخالف هئس، هو مرندي مري ويو پر ٻڙڪ نہ ڪيچيائين. ڪجھ ڪچي ها تہ مسلمان ذليل ٿين ها... مھٽي هاب ٿين ها... هن مسلمانن کي لڄايو ڪونہ، نہ تہ ڪارو منهن ٿئين ها.

پرھ: اسان وٽ سنڌ ۾ جيڪي ترقي پسند شاعر ۽ اديب آهن، سي اڪثر ڪري علامہ اقبال جي مخالفت ڪن ٿا. جڏهن ڪائنس مخالفت جا سبب پڇيا آهن تہ اهي چوندا آهن تہ اقبال پنهنجي Approach **۾** Extremist **هو. ڇا اها** Sweeping Judgment **ناهي يا ان ۾ ڪا صداقت آهي؟**

رسول بخش پليجو: اقبال ۾ ٻہ ٻالهيون هيون: هڪ طرف هو روايتي ماڻهو هو ۽ ٻئي پاسي وري Reconstruction جي ٻالهہ ٿي ڪيائين. سندس خيال هو تہ اڳوڻا مجاهدن وارا ڪم ٿين. هن ٻہ- ٿي دوائون پئي استعمال ڪيون. هڪ اڳوڻو جذبو پيدا ڪريو، يعني خالد بن وليد وارو جذبو... مرد ٿيو... مجاهد ٿيو... بهادر ٿيو. ٻئي پاسي وري هن اسلام کي Reconstruct ڪرڻ پئي چاهيو. هن چاهيو پئي تہ مسلمان ڪجھ فضيلت ۾ اچن، رڳو "نعرهء تڪبير" تي نہ هلن. اقبال جي جيڪا Interpretation آهي، سا تہ آئي ئي ڪونهي. اقبال تي لکيو ئي نہ ويو آهي. "يہ مشتِ خاک ايي رهہ گذر مين هي." مطلب تہ قدرت جي وس ۾ جيڪو هو سو قدرت ڪيو، هاڻي انسان جو ڪم آهي تہ قدرت کان جيڪو نہ ٿي سگهيو آهي سو انسان ڪري. قدرت تہ الائي ڪيتري ڊيوٽي ڏني آهي. هاڻي ڊيوٽي ڏيڻ جو وارو انسان جو آهي. آءٌ اقبال کي پڙهي ٻڌايان تہ هوند پنجابي بيهوش ٿي ويجن. هو Extremist واقعي هو، بلڪل صحيح ٿا چئو، پر هو تمام وڏي ليول جو شاعر هو. هاڻي تہ شاعر وينا "ٻي... ٻي" ڪيا ڪن. پنهنجي صوفي شاعرن جي ٻالهہ ٻہ ڪجي:

الله اوريان ڇڏي، پاڻان پري ويا،
بنا نالي سپرين، اجا ڪي ٻيا،
واڪيندا ويا، صادق ٻڌي سندرا.

سچل ۽ پاڻ وارا ٻيا شاعر ٻہ گهٽ ڪونہ هئا. سو اقبال وڏي شيءِ هو. توهان کو ٽائيم رکو تہ اقبال جي شاعريءَ ۾ فڪر تي ٻالهايون. آڻون هڪ پيري ڪراچيءَ ويس. ابرار قاضيءَ جي پيٽ لطيف جي حوالي سان هڪ پروگرام رکيو. مون لطيف تي ٻالهايو. سڀ معزز اتي وينا هئا، پڇڻ لڳا، "لطيف اهو آهي؟" مون چيو، "اهوئي لطيف آٿو." چيائون تہ، "پوءِ اهو لطيف اسان کي نہ ڪپي." مون چيو تہ، "ائين ناهي تہ پوءِ مون سان بحث ڪريو.... اٿو اهو، هاڻي توهان کي وڻي يا نہ وڻي."

پرھ: ترقي پسند تحريڪ جي شروعات ننڍي کنڊ ۾ 1936ع ۾ ٿي ۽ ان تحريڪ ننڍي کنڊ جي پوري فڪري فضا ۽ روين کي بدلائي ڇڏيو ۽ ننڍي کنڊ جي سياسي ٻولين کي پڻ متاثر ڪيو. هڪ ڏاهي، اديب ۽ دانشور جي حيثيت

سان توهان جو ڇا خيال آهي تہ اها تحريڪ ڪجھ خوش فڪر، تعليم يافتہ ۽ مغرب پسند جوشيلن جوانن جو اختراع هئي يا ان جو اسان جي فڪري ۽ تھذيبي روايتن سان ب ڪو ڳانڍاپو هو؟

رسول بخش پليجو: ٻئي ڳالهيون هيون. ان جو تعلق روايتن سان ب هو تہ نوجوانن جا شوق ب هئا. اهي انقلابي ب هئا. شيون اڪيليون ناهن هونديون. اها تحريڪ اصل ۾ هڪ Mixture هئي. ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا تي ڪانگريس جا ۽ تصوف جا اثر ايترا پيا جو ڪميونسٽ پارٽيءَ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جھڙو نظريو ناهي ورتو. هن ۾ مائوزي تنگ جھڙو ڪو زبرو ماڻھو ڪونہ پيدا ٿيو. جيڪو ان وقت جي حالتن کي بدلائي. ايم- اين راءِ هو، آواره گرد ۽ چريو ماڻھو هو. هن جي حيثيت اها آهي جو لينن سان گڏ هن جو نالو ٿيو. هن کي چين ۾ سفير ڪري موڪليو هئائون، اتي ب هن چرئي گڙٻڙ ڪري ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي. ڪميونسٽ پارٽيءَ کي ب وڏا ماڻھو پيدا نہ ڪيا، پر جيڪي هئا سي سڀ ترقي پسند تحريڪ سان سلهاڙيل هئا. هتي جيڪا ترقي پسند تحريڪ آئي، سا بوگس هئي.

پرھ: ڪجھ ليڪڪن جي اها راءِ آهي تہ جيڪڏهن ترقي پسند تحريڪ نہ اچي ها تہ ب ادب ۾ نوان خيال ضرور اچن ها ۽ دنيا جنهن رخ ڏانهن وڌي رهي هئي، تنهن جي نتيجي ۾ نوان لاڙا ۽ نوان خيال اچڻ ضروري هئا. ان راءِ جي پس منظر ۾ اوهان جو تجزيو ڇا هوندو؟ ڇا ترقي پسند تحريڪ نوان خيال ڏنا يا نون خيالن کي منظم ڪيو؟

رسول بخش پليجو: نون خيالن کي اچڻ کان ڪوب روڪي نٿو سگھي. پل ڪوب ماڻھو نہ اچي يا تحريڪ شروع نہ ٿئي، پر نوان خيال ضرور ايندا آهن. حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن تمام وڏي ترقي تہ آندي، پر جيڪڏهن پاڻ نہ اچن ها تہ ڇا عرب اتي ئي ٻيئا هجن ها؟ انهن ۾ Change تہ اچي ها، پلي اها Change مثبت نہ ب هجي ها. Change تہ صبح شام ايندي رهندي آهي. جيڪڏهن جناح صاحب پاڪستان نہ ناهي ها تہ سڄي عمر اتي هندوستان ۾ پادر ويٺا ڪائون ها ڇا؟ ڪا تہ تبديلي اچي ها نہ!

پرھ: اسان جا ليڪڪ ترقي پسنديءَ جي ڳالھ ڪن ٿا. اوهان جو ان حوالي سان ڇا خيال آهي تہ جڏهن ترقي پسنديءَ جي ڳالھ ٿئي ٿي تہ ان مان ڇا مراد ونڊ گھرجي؟

رسول بخش پليجو: ان زماني جي ليڪڪن جي ڪهڙي ترقي پسندي هئي؟ انهن جو نظريو ٻين ناهيو هو، خورشيد حيدر يا مخدوم محي الدين ڪونہ ناهيو هو، جوش مليح آبادي ڪونہ ناهيو هو. اديبن جو ڪنهن نظرئي سان ڪو تعلق ئي ڪونہ هو. اهي تہ نظرياتي هئا ئي ڪونہ. انهن کي نظريو ٻين ناهي ڏنو ۽ اهي ويچارا ان تي هليا پئي، مثال طور: تصوف جو نظريو هنن ڪونہ ناهيو هو. تصوف جون جيڪي ڳالهيون

هيون، سي ٻيا ناهي ويا هئا. صوفي ٻيا هئا. اها ماڻهن کي خبر کانهي ته تصوف کا مسلمانن جي شيءِ ناهي. مذهب، تصوف، ملان ۽ پادريءَ جي جيکا ڳالهه آهي، تنهن بابت گهڻو گوڙ هتان جي هندن کيو هو. شنڪر آچاريا وحدة الوجود جو قائل هو. هڪ يهودي صوفي به هو، جنهن چيو ته روزا، نمازون ۽ ٻيون عبادتون ته جسم سان تعلق رکن ٿيون، روح جي عبادت ڪٽي آ؟ عيسائي صوفي ته قهر جا صوفي هئا. تصوف مسلمانن جي ملڪيت ناهي. مذهبي تنگ نظريءَ جي خلاف بغاوت Universal آهي. هر دؤر ۾ اها بغاوت ٿي آهي. هن وقت تصوف تي پاڻڙ انتهائي خطرناڪ آهي. صوفي ملن جي خلاف آهن، رڳو ملان نه ڪپن. سنڌ تي قبضو کيو ويو آهي، سنڌ وڪامجي ويئي آهي، ڪراچي هٿن مان کسڪي ويئي آهي. رڳو وينا آيتون پڙهن سڃل جون:

"ايجها ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ بٽيجي."

اِها اُن دؤر جي شاعري هئي، هاڻي جي ناهي. هن دؤر جون گهرجون ۽ پيڇيدگيون الڳ آهن. رڳو "الله آپ بٽيجي" جي ڳالهه ڪونه هلندي. هزارين پاسن کان لڙائي ڪرٽي آهي، چوڌاري محاذ کليا پيا آهن. تصوف جو استعمال ڏاڍو غلط پيو ٿئي، جنهن جو نتيجو "پيرن" جو نهڙ آهي. پيرن جو عذاب تصوف مان نهيو آهي. راج ماڻهو وينا آهن درگاهن تي، ينگ ۽ چرس جا دور پيا هلن. ينگ پي اسان جي قوم ڪهڙو جنگ جو ميدان ملهائيندي؟ ٻيو ته نهيو، چا اهي اسلام تي هلن ٿا؟ انهن پيرن جو تعلق اسلام سان آهي؟ ظلم ۽ ڏاڍ سان وڙهن ٿا؟ ڪفر سان جنگ جوٽين ٿا؟ غريب ۽ بي پهچ جي دادرسي ڪن ٿا؟

پرهه: هن وقت جيڪو تصوف رائج آهي، سو اصولي تصوف ناهي يا تبديليءَ جو ذريعو ڪونهي. اسان وٽ سنڌ ۾ تصوف جي صورت ۾ هڪ اهڙو ڪلچر پيدا ٿيو آهي، جنهن ماڻهن کي عملي طور ناڪاره ڪري ڇڏيو آهي، ته اهو جيڪو ڪلچر نهيو آهي يا جيڪي لاڙا Develop **ٿيا آهن، سي ڏاڍا هاجيڪار آهن. عام ماڻهو چون ٿا ته ڪين درگاهن تي وڃي** Peace of Mind **ملي ٿو. اسان وٽ جيڪا صوفي** Tradition **رهي آهي، جيئن شاهه لطيف آهي يا سچل سرمست آهي، جن تبديليءَ جو گس ٻڌايو آهي، ته چا ان گس کي اسان ڇڏي ڏنو آهي؟ ان صورتحال ۾ هاڻوڪو رائج تصوف اسان کي ڪيڏانهن ٿو وٺي وڃي؟**

رسول بخش پليجو: شاهه ۽ سچل جي ڇڏيل فڪر ۽ روايت تي عقلي انداز ۾ بحث ٿيڻ کپي ۽ ڏسجي ته اهي Traditions ۽ لاڙا هن وقت ڪيترو Valid آهن. توهان ٻڌايو ته اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا دشمنن استعمال ناهي ڪئي؟ اسلام کي استعمال ناهي ڪيو ويو چا؟ الله ۽ سندس رسول صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ڳالهين کي پنهنجن مفادن لاءِ استعمال نه ٿو ڪيو وڃي چا؟ ڪميونزم کي استعمال ڪونه ڪيو ويو آهي؟ هر شيءِ استعمال ٿي آهي. تصوف به استعمال ٿيو آهي ۽

هاڻي بہ پرپور نموني ٿئي پيو. تصوف کي وڏو انقلابي نظريو يا منصوبو ڪونهي، ان جا رڳو ڪجھ Aspects هئا جيڪي Progressive هئا، باقي تہ تصوف رڳو منجھيل ۽ پيچيده نظريو رهيو آهي. تصوف بہ بيماريءَ لاءِ هڪ ڏڪي هئي، پر اها هاڻي زهر ٿي ويئي آهي. لطيف جا شعر پڙھڻ سان ڪو دشمن ختم تہ نہ ٿي ويندو نہ! دشمن حملو ڪري اچي تہ چا رڳو "اول الله عليم" جو ورد ڪرڻ سان دشمن واپس موٽي ويندو؟

پرھ: توهان هڪ پرپور زندگي گذاري آهي. توهان ايشيا جي انهن ڏاهن مان آهيو، جن زندگيءَ جو مشاهدو ئي ناهي ڪيو پر زندگيءَ جي ڏکن سکن ۽ پيڙائن کي پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ پڻ لهندي محسوس ڪيو آهي. توهان انسان پاران انسان جو استحصال ڏٺو آهي ۽ ان خلاف اوهان آواز بلند ڪيو آهي ۽ جاکوڙ ڪئي آهي. توهان ننڍي کنڊ جي ماڻهن کي نون آدرشن سان سونهون ڪرايو آهي. توهان پنهنجي تحريرن ۽ تقريرن وسيلي انهن آدرشن کي بيان ڪري انساني عظمت کي بحال ڪرڻ ۾ سڄي عمر جاکوڙيو آهي. توهان قلم ڪنيو تہ پنهنجي سياسي تحريرن ذريعي هڪ نئين سوچ ڏني، مطلب تہ زندگيءَ کي هڪ نئين انداز ۽ نئين فڪر سان ڏسڻي ڇڏيو. توهان انهن سمورن تجربن مان ڪهڙا نتيجا ڪڍيا آهن؟

رسول بخش پليجو: مون هڪ نتيجو اهو ڪڍيو آهي تہ جيڪو اسان ڪريون سو صحيح آهي. اهو مزاج اسان وٽ Develop ٿيو آهي. ڪي اهڙا ماڻهو بہ هجن جيڪي پنهنجي دؤر ۾ حالتن مان سکي انهن جي پيٺ عالمي تاريخ جي پس منظر ۾ پيش منظر سان ڪري نتيجا ڪڍن ۽ پوءِ انهن نتيجن مان پنهنجا مقصد حاصل ڪن. انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جي جدوجهد منظم ۽ سائنسي انداز جي هجڻ گهرجي. سائنس، عقل، دماغ، روشني ۽ اڳتي وڌڻ جا خيال- اهي شيون هجڻ گهرجن. جيڪو ماڻهو جنهن دؤر ۾ هجي ۽ جن حالتن ۾ هجي، انهن ۾ رهي پنهنجو Input ڏئي. منهنجو ننڍي هوندي کان اهو خيال رهيو آهي تہ انسان جي مان ۽ مرتبي کي بلند ڪجي ۽ ڪيس استحصال کان بچائجي. هن وقت مذهب جو غلط استعمال ٿئي پيو. انسانيت خلاف هن وقت جيڪو وڏو Intellectual ظلم آهي، سو آهي مذهب جو غلط استعمال. مون اهو نتيجو بہ ڪڍيو آهي تہ سماجي طور وڏي ۾ وڏي ڏاڍائي آهي عورت کي اڻ پڙهيل رکڻ. جيڪا بہ قوم Fastest ترقي ڪرڻ چاهي ٿي تہ ان کي عورت کي اڳتي آڻڻ کپي. جيڪڏهن عورت آزاد ناهي ۽ هوءَ سماجي طور تي پابند، لولي لنگڙي، هراسيل ۽ ڊنل آهي، تہ پوءِ ان جا پٽ وري ڪهڙا ڪاڙها مارينداڻ؟ ڪهڙا اَڪ ڪارا ڪندا؟ تنهن ڪري مذهب جو غلط استعمال وڏي تباهي آهي. سامراج ڪڏهن بہ نہ چاهيندو تہ مذهب جي نالي ۾ بدمعاشيون بند ٿين. سامراج تہ ملائيت کي هٿي ڏني آهي. سندس ۾ بہ آمريڪا پاران نوان نوان ملان پرتي ڪيا ڀيا وڃن. مذهبي پنڊتن کان علاوه هتي ڪوڙا صوفي ۽ مرشد بہ جام وينا آهن،

جيڪي سامراج جي پيداوار آهن، تنهن ڪري مغرب يا سامراج جو جيڪو انسان دشمن ۽ آدم خور ڪردار آهي، تنهن کي اسان جا ڇٽ ماڻهو سمجهن ئي ڪونہ ٿا. اسان جو ماڻهو تبديلي پسند آهي ئي ڪونہ. صدين کان وڻي هو جاهل ۽ بيوقوف رهندو پئي آيو آهي. جيڪو ماڻهو گهر ۾ تبديلي نٿو آڻي، سو معاشري ۾ وري ڪهڙي تبديلي آڻيندو؟

پرهہ: عوامي تحريڪ هڪ Cause بہ آهي. ان Cause کي حاصل ڪرڻ ۾ اوهان پنهنجي سموري زندگي ڏني آهي. ان حوالي سان اوهان پنهنجين خدمتن کي ڪيئن Sum-up ڪندا؟ سياست کان علاوہ عوامي تحريڪ جون ڪهڙيون ڪهڙيون سرگرميون پئي رهيون آهن؟

رسول بخش پليجو: عوامي تحريڪ لاءِ هر شيءِ هڪ Goal آهي، هڪ مقصد آهي. اسان کي هڪ نئون جهان ٺاهڻو آهي. اسان جي هر ڳالهہ ۽ هر Activity جو تعلق ان نئين جهان سان آهي. اسان سڄي پاڪستان جي فضا کي Change ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ هر سطح تي. اسان سياڻي فيض احمد فيض جي حوالي سان هڪ پروگرام ڪريون پيا. اسان جو ڇا وڃي فيض سان؟ پر اسان پنجاب وارن کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا تہ اسان توهان کي Lead ڪرڻ جاڻون ٿا ۽ اوهان کي Beat ڪري سگهون ٿا. اسان کي اڳواڻي ڪرڻي آهي، اڳواڻي ان ڪري نہ تہ اسان سنڌي آهيون، پر اڳواڻي ان ڪري تہ اسان کي خبر آهي ۽ اسان وڌيڪ Knowledgeable آهيون. اسان ماڻهن کي Political ۽ Intellectual سطحن تي Aware ڪيو آهي. اسان کي ڪابہ پرواهہ ڪونهي. اسان الزامن جي پرواهہ هرگز ناهي ڪئي، اسان ڪوڙ جي پرواهہ ناهي ڪئي. اسان ماڻهن جي ذهنن کي صاف ڪيو آهي. اسان ڪوبہ شڪ ناهي ڇڏيو. هڪ بہ شيءِ کي اسان شڪ ۾ ناهي ڇڏيو. مذهبي ماڻهن ڇيو تہ سوشلزم ڪوڙو آهي، آءُ اهي سڀ ڪتاب وڻي آيس جيڪي ثابت ڪري رهيا هئا تہ سوشلزم ڪوڙو آهي. مون وٽ هيڏو وڏو ڪتاب پيو آهي، جنهن ۾ لکيل آهي تہ سوشلزم بکواس آهي. هيڏو وڏو ڪتاب پيو آهي، جنهن ۾ لکيل آهي تہ لينن پهرئين نمبر جو بدمعاش هو ۽ مائوزي تنگ ڇوڪرين جو شوقين هو ۽ هر وقت ڇوڪريون ويهاريو ويٺو هوندو هو ۽ چوتيءَ جو لچ لوفر هو. مخالف جيڪو بہ لکي، سو پڙهڻ گهرجي. لينن ڇيو آهي تہ جڏهن کي انقلابي تبديليون اچن ۽ اهي تبديليون اوهان جي عقيدي ۽ Statusquo کي چئلينج ڪن، تہ پوءِ توهان انهن تبديلين جي خلاف نہ ٿي وڃو. پر انهن جي مختلف رخن کي جاچي ۽ بحث ڪري پوءِ نتيجا ڪڍو ۽ ڪا راءِ ڏيو. جيئن هڪ مينهن اوڳر ورائيندي آهي، تيئن توهان بہ سوچن کي ذهن ۾ ولوڙي ولوڙي پوءِ ڪا راءِ ڏيو. اسان سائنسي سوچ Develop ڪئي آهي. اسان جي Intellectual سطح تي Performance عالمي ليول تي مڃيل آهي. اسان انسان دوستيءَ ۽ انقلاب دوستيءَ جهڙن Causes کي اڳتي وڌايو آهي. اسان ڪامريڊشپ کي هڪ

نظريو ناهي بڌايو. ڪامريڊن تہ ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي آهي، هنن غلط ڪم ڪيا، اهي پلجي ويا.

پرهہ: اوهان جا افسانا سنڌي افسانوي ادب ۾ اهم جاءِ والارين ٿا. افسانن ۾ اوهان ڇا Depict **ڪيو آهي؟**

رسول بخش پليجو: مون پنهنجين لکڻين کي هڪ هٿيار سمجهيو آهي. ان هٿيار کي مون پنهنجي جاکوڙ ۽ جدوجهد ۾ ڪتب آندو آهي. منهنجا سڀ افسانا عورتن تي ٽيندڙ ڏاڍ ۽ استحصال بابت آهن. هتي عورتن کي غلام رکيو ويو آهي. راڄوٽي سسٽم تباهي مچائي ڇڏي آهي. اهو سسٽم قاتل ۽ جلاد آهي. ان سسٽم اسان جو منهن ڪارو ڪري ڇڏيو آهي. ماڻهو چوندا آهن تہ اسان راڄوٽي آهيون. ڪارو منهن ٽئي انهن جو! پلي هڪ عورت راضي نہ هجي، پر ان کي راڄ جي هڪ لوفر ۽ بدمعاش سان پرڻائڻو آهي، ڇا اهو ڏاڍ ۽ انياءُ ناهي؟

پرهہ: سنڌي قوم اوهان کي تاريخ جي ڪهڙي موڙ تي بيٺل ٽي نظر اچي؟ ڇا اهو....

رسول بخش پليجو: (ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي) سنڌي قوم موت جي سامهون بيٺي آهي. ماڻهو مرن پيا، ماڻهن سان ڏاڍ ٽئي پيو. آمريڪا ظالم ۽ سفاڪ آهي، هتي ان جا ايجنٽ ويٺل آهن، جيڪي پڻ سفاڪ آهن ۽ جيڪي سنڌي قوم جا دشمن آهن. عوام جا پئسا ڪائي لٽي ڦري جنيوا ۾ گهر پيا ناهين. سنڌي قوم تباهيءَ تي پهتي آهي، غلام ٽي ويئي آهي. ڪراچي ڏار پيئي ٽئي، اها وڪامجي چڪي آهي. اسان کي ٽڪي جي بہ خبر ڪونهي تہ ڇا ٽي رهيو آهي. اهو سڀ ڪجهہ ڪهڙن طريقن سان ٽي رهيو آهي، تنهن جي اسان کي ڄاڻ ئي ڪونهي. سنڌي قوم لاءِ هڪ ئي شيءِ آهي، موت... موت... موت!

پرهہ: هاڻي Water Crisis **تي ڪجهہ ڳالهائبو. تازو ئي انڊيا ۽ پاڪستان** International Court of Justice **۾ پنهنجا ڪيس فائيل ڪيا آهن. انڊيا پاران** Water Exploitation **کي** Water Terrorism **جو نالو ڏنو پيو وڃي. ان علائقائي پس منظر ۾ اوهان جو تجزيو ڇا آهي؟**

رسول بخش پليجو: انڊيا جي Water Terrorism کان اڳ ۾ پنجاب جو Water Terrorism آهي. 1959ع کان هنن راوي دوآب ڪئنال سنڌ جي مرضيءَ کان سواءِ ڪڍيو، ان جي هڪ تاريخ آهي. توهان منهنجو ڪتاب ضرور پڙهو، سنڌ جي ٻچي ٻچي کي اهو ڪتاب پڙهڻ گهرجي. اهو انگريزيءَ ۾ لکيل آهي، هاڻي سنڌيءَ ۾ ان جو ترجمو ڪرايون پيا. ان ڪتاب ۾ پاڻيءَ جي مسئلي کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.

پرهہ: پاڻيءَ جي مسئلي تي پنجاب آخر ايترو بضد ڇو رهيو آهي؟ ڇا ائين ڇئي سگهجي ٿو تہ پنجاب اهو سڀ ڪجهہ ڪري ٻين صوبن جي حق تلفي ۾

ڪري ٿو تہ So-called وفاق کي ٻہ نقصان پهچائي ٿو؟

رسول بخش پليجو: حق تلفي تہ ظاهر ظهور آهي. پنجاب تہ ڪڏهن ٻہ پاڪستان کي قبول ناهي ڪيو. هن ڪڏهن سنڌ جي وجود کي قبول ناهي ڪيو. پنجاب ڪڏهن ٻہ جناح صاحب کي قبول ناهي ڪيو. منهنجو ڪتاب "جيل جي ڊائري" ٻہ ضرور پڙهو، خبر پئجي ويندي تہ پنجاب ڪهڙا ڪهڙا ڪرتوت ڪيا آهن ۽ ڪهڙا ڪهڙا ويل وهايا آهن. پنجاب وارا پاڻ کي چا ٿا سمجهن؟ چا اهي قدرت جي ڏمر کان بچي ويندا؟ منهنجو انگريزي ڪتاب ڏاڍو جامع ۽ Facts and figures سان پريل آهي. پنجاب جي خلاف اهو ڪتاب هڪ ڪيس آهي. مون پنجاب جي هڪ جنرل کي چيو تہ هي ڪتاب پڙهہ، همراهہ پڄي ويو. غلام مصطفیٰ کر کي ٻہ اهو ڪتاب ڏنو هئم، جنرل مشرف کي ٻہ ڏنو هئم. چيم "بحث ڪندس..." وراٽيائين، "ها! مان بحث ڪندس." مشرف بحث نہ ڪري سگهيو. کر ڪتاب پڙهيو ۽ چيو تہ، "توهان صحيح آهيو، توهان جو پاڻي اسان ڏي آهي. اسان توهان جا پاڻيءَ جا قرضي آهيون." اسان پنهنجو Issue بين الاقوامي سطح تي پيش ٿا ڪريون، اهو اسان جو حق آهي. گذريل ڏيڍ سؤ سالن کان اسان جو پاڻي کنيو ٿو وڃي. پنجاب روزانو اسان جو 33 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڪڍي ٿو. هنن اسان جي خلاف نيون سازشون ڪيون آهن. انهن سازشن مان هڪ سازش ٽل ڪٽنال ٻہ آهي. فوجين جي زمينن لاءِ ريٽي ڪٽنال ٻہ ڪيڻ جو پلان آهي. اهو ڪٽنال ٺهيو تہ پوءِ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو ٻہ ڪونہ ويندو. ڪالاباغ ڊيم کان وڌيڪ خطرناڪ تہ ريٽي ڪٽنال آهي. اسان سان ظلم ٿئي پيو. ڪنهن ٻہ حڪومت کي پنهنجن شهرين تي ظلم ڪرڻ جو اختيار ناهي. مون ويجهڙ ۾ سنڌي اخبارن ۾ Water Crisis تي گهڻو ڪجهہ لکيو آهي، اهو اوهان کي ضرور پڙهڻ گهرجي. مون پنجاب وارن کي چيو آهي تہ اسان کي چوتيو ۽ هارايل جواري نہ سمجهو. اسان کي خبر آهي تہ توهان ڪجهہ ٻہ ناهيو، افغانستان وانگر Land-locked آهيو. پاڻيءَ جو هڪ ڏُهو ٻہ ڪونهي توهان وٽ. سمنڊ اسان وٽ آهي. سنڌ کي هروپرو ايترو تنگ نہ ڪريو.

پرهہ: هڪ پيو Issue اهو ٻہ آهي تہ نوان صوبا ناهيا وڃن. اوهان ماهر قانوندان آهيو. چا آئين ۾ نون صوبن ناهڻ جي گنجائش آهي؟ ۽ نوان صوبا جيڪڏهن ٺهن تہ پوءِ وفاق مضبوط ٿيندو؟

رسول بخش پليجو: ملڪ تہ ايجان 1940ع واري قراردادِ پاڪستان مطابق ٺهيو ئي ڪونهي. ملڪ ٺهي تہ پوءِ صوبن جي ڳالهہ ڪريو نہ! پاڪستان ڪٽي ٺهيو آهي؟ پاڪستان جا آئين تہ Illegal آهن. پهرئين ڏينهن کان وٺي سڀ آئين غير قانوني آهن. هي سڀ حڪومت تي زوريءَ قبضو ڪريو وينا آهن. 64 سال گذرڻ باوجود 1940ع جي ٺهراءَ تي عمل ناهي ٿيو، اها زيادتي ناهي؟

پرهہ: چا اسان جي سنڌي ادب ۾ آفاقيت آهي؟

رسول بخش پليجو: ڪنهن حد تائين چئي سگهو ٿا. اسان وٽ جيڪي صوفياڻا لاڙا رهيا آهن، سي آفاقيت جو ڏس ڏين ٿا. لطيف آفاقي شاعر آهي. لطيف ائين ئي آفاقي شاعر ناهي ٿيو، پر ان جي پويان هڪ وڏي تحريڪ آهي. رومي، جامي، سعدي وغيره، انهن سيني جي فڪر جو لطيف تي تمام گهڻو اثر آهي.

جان جان هئي جيئري، ورچي نه وينئي،
وجي يونءِ پينئي، سڪندي ڪي سڃڻين.

اهو آفاقي فڪر آهي. شاهه لطيف باهه لڳائي ٿو، پر هجي ڪو لطيف کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ وارو.

پرهه: توهان جو هڪ ڪتاب آهي "انقلابي جدوجهد ۾ ادب ۽ فن جو ڪردار." ان بابت ڪجهه ٻڌائيندؤ ته انقلابي جدوجهد ۾ ادب ۽ فن جو ڪهڙو ڪردار آهي؟

رسول بخش پليجو: اهو ڪتاب منهنجو ناهي، پر مون اهو ترجمو ڪيو هو. اهو مائوزي تنگ جو ڪتاب آهي. اصل ۾ انقلابي جدوجهد جا تي پاسا آهن. ڪهڙا مقصد آهن؟ ڇو آهن؟ ڇا ڪرڻو آهي؟ اهو آهي جسماني پاسو. ٻيو پاسو اهو آهي ته انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترو پريڪٽيڪل ٿيڻو آهي. ٽيون آهي رويي جو پاسو. ادب ۽ فن توهان کي هڪ رويو يا Behavior ناهي ڏين ٿا، اهي قدر ناهي ڏين ٿا، Values ڏين ٿا. لطيف جو مثال ڏيندس ته:

مَر مَرين، آئون روئان، موتي آءٔ مَ ڪانڊ!

يلي تون مرين ۽ مان روئان، پر توکي همت ناهي هارڻي، پوئتي ناهي هٽڻو. اهو هڪ رويو آهي، هڪ قدر آهي. ان ۾ ڪو جوش ڪونهي، اهو ڪجهه ڪونهي، پر هڪ نهايت مٿانهون قدر ضرور آهي.

منهن مٿانهان جن جا، سي ٻٽيو ڪين پار،
جيڏيون! ان جهونجهار، اجاري اچا ڪيا.

پرهه: اوهان جي گهڻي رفاقت شيخ اياز سان به رهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اياز هڪ وڏي فڪري تبديلي آڻيندڙ شخص هو. وٽس نوان خيال، نوان تصور ۽ نوان لاڙا وڌيڪ چٽيءَ شڪل ۾ نظر اچن ٿا. مشرقي ۽ مغربي ادب جو مطالعو سندس پونئيرن ۽ همعصرن جي پيٽ ۾ گهڻو وڌيڪ هو. دنيا ۾ جيڪي Intellectual **سطح تي تبديليون اچي رهيون آهن، تن کان به باخبر هو ۽ نئين سامراجي ۽ سرمائيداراڻي استحصال تي پڻ نظر هئس. اها صورتحال سندس شاعريءَ ۾ هڪ هاڪاري رويي جي طور تي نظر اچي ٿي، پر بعد ۾ سندس لاڙو مذهب ڏانهن ٿي ويو. هو پنهنجي دعائيہ يا مذهبي شاعريءَ وسيلي ذهن ۽ عمل کي ماضيءَ ڏانهن گهڻو وٺي وڃي ٿو، ته توهان جي خيال ۾ اهو رويو سندس فڪري تضاد کي ظاهر ڪري ٿو؟**

رسول بخش پليجو: پهرين ڳالهه اها ته ايياز تمام وڏو شاعر هو. سندس ڪو مَٽ ئي ڪونهي. شاعريءَ جي جن جن صنفن ۾ لکيو اٿس، سو ڪمال ڪيو اٿس. هو حقيقي ڏات ڏٽي هو. شاعريءَ ۾ سندس ڏات بکي رهي آهي. ڪافي اهڙيون شيون شاعريءَ ۾ آنديون اٿس، جيڪي بظاهر ممڪن ئي ناهن. هي ڳالهه ته ايياز پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ڪونه هو. توهان منهنجي هوليءَ کي Misunderstand نه ڪجو. فلسفي ۾ هن جي استبدي ڪانٽ کان وڌيڪ ڪونه هئي. ڪانٽ هڪ منجهيل ۽ Idealistic فلاسافر هو. روسي انقلاب، فرانسيسي انقلاب، چيني انقلاب ۽ دنيا جي ٻين انقلابن بابت ايياز جو مطالعو بنهه گهٽ هو. جنگ جي فن جي هن کي ڪا خبر ڪانه هئي. Renaissance جي خبر هئس. هي عالمي جنگ بابت هن جي ڪا استبدي ڪانه هئي، ڪجهه نه ايندو هئس، صفا اڻ پڙهيل هو، زيرو هو. هن جا رويا Revolutionary ڪونه هئا، رڳو هن جا احساس Revolutionary هئا. جيستائين روسي انقلاب هو، تيستائين هو ان سان گڏ هو. انقلاب جو زوال ٿيو ته ايياز به پنهنجو پاسو مٽايو. هن کي انقلاب جي ڪابه ڄاڻ ڪونه هئي. ايياز جي واهه واهه گهٽي ٿي، واهه واهه ۾ سندس ڪم ئي لهي ويو.

انٽرويو ڪندڙن نامياران صحافين جا رايا...

هو آئيڊيياز جو هميشہ پرجندڙ پندار آهي ۽ سندس اهو وهڪرو ڏاڍو تکو ۽ ڪک پن ۾ لوڙهي ويندڙ آهي. سماجي اڏاوت ۾ اسان وٽ ايترو سامان ڪونهي، جو سندس انهن آئيڊيياز کي پنهنجي ڪم ۾ آڻيون، ان ڪري سندس ذهانت جو وڏو حصو زيان ٿئي پيو.

فقير محمد لاشاري (ايڊيٽر)

هن صدين جي ان تاثر کي ٽوڙي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو آهي تہ سنڌي ماڻهن جي سياسي قيادت فقط وڏيرو، سيد ۽ پير ڪري سگهي ٿو. سنڌ کي پنهنجي بچاءَ لاءِ جيڪا آخري تاريخي ويڙهہ ڪرڻي پوندي، تنهن ۾ سنڌ کي پليجي جي صلاحيتن حڪمت عملين ۽ طريقن جي پڻ شديد ضرورت پوندي.

جي اين مغل (صحافي)

پليجو صاحب سان گذريل ويهن سالن ۾ ڪيئي ملاقاتون رهيون، هر دفعي علم ۽ منطق جو ڳرو بار کڻي واپس وڃڻو پوندو هو. مون کي ايم آر ڊي واري دور ۾ برطانوي اخبار دي گارجين جو شايع ٿيل هڪ تجزيو ياد اچي ٿو تہ "ضيا لاءِ پيپلز پارٽي نہ پر عوامي تحريڪ خطرو آهي". پليجو صاحب سنڌ ۾ عوامي تحريڪ ۽ عوامي تحرڪ کي جوڙڻ وارو هو....

وسعت الله خان (ڪالم نگار)

تمام گهڻيون ملاقاتون...خوبصورت اردو ۽ انگريزي گفتگو ۾ ايندڙ سنهري دور جون خوشخبريون ۽ هيون تہ درپيش خطرن جون گهنٽيون ۽.... هن ۾ مطالعي جي بيقراري، ماضي جي تحريڪن جو چيد ۽ مستقبل جو ادراڪ نمايان هو.

محمود شام (ايڊيٽر)

پليجي صاحب سان علمي ۽ فڪري دليلن سان گفتگو ٿيندي هئي. سياست جي مجوده منظرنامي ۾ پوري ملڪ ۾ ڪوئي اهڙو سياستدان موجود ڪونهي جنهن جي فڪري ۽ تنظيمي جدوجهد عوام جي ايتري وڏي تعداد جي سوچ ۽ شعور کي متاثر ڪيو هجي.

غازي صلاح الدين (تجزيہ نگار)

پليجو سنڌ جي حقن وارين سمورين تحريڪن جي هر دور ۾ اڳئين مورچي جو جنرل رهيو آهي. هو زيرڪ دانشور، يگانو سياستدان، هر فن مولا اديب، فن موسيقي جو ڄاڻو ۽ مشتاق، بهادر ۽ بي خوف قانوندان، شاه لطيف جو جديد شارح آهي.

حسن مجتبيٰ (ڪالم نگار)

رسول بخش پليجو جي سياست ۾ مزاحمتي رنگ واضع هيو. هن ون يونٽ جي خاتمي، بنگلاديش ۾ فوجي ڪاروائي، بلوچستان ۾ فوجي ڪاروائي، ۽ ايم آر ڊي جي تحريڪن ۾ پرپور حصو ورتو.

علي حسن (صحافي بي بي سي)

Rs. 1300/-